ائين چيو الله جل جلاله

قرآن مجيد جي آيتن جي سولي سنڌي سمجھاڻي

شارح

علامه علي خان ابڙو

Sindhica
سنڌيڪا

كتاب نمبر

136

چپائيندڙ جا سيڀي حق ۽ واسطا محفوظ

نئون چاپو:	2014ع
ڪتاب جو نالو:	ايئن چيو الله
شارح:	علامہ علي خان ابڙو
چپيندڙ:	آزاد ڪميونيڪيشنز، ڪراچي
چپائيندڙ:	سنڌيڪا اڪيڈمي ڪراچي
پاران	ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، جامشورو.

"Aien Chayo Allah"
(Sindhi Explanation of Holy Quran)
Translated by: Kalyan Adwani
Published by: Sindhica Academy,
B-24, National Auto Plaza, Marston Road, Karachi-74400
Phone: 021-32737290, **www.sindhica.org**
Email: sindhica_academy@yahoo.com

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

سنڌيڪا اڪيڈمي B-24، نيشنل آٽو پلازہ مارسٽن روڊ ڪراچي74400. فون: 021-32737290

سنڌيڪا بوڪ شاپ، جتوئي منزل حيدر چوڪ حيدرآباد فون: 03453581901-03352233802

سنڌيڪا بوڪ شاپ، ١٩ بلڊيو پلازہ گھنٽا گھر چوڪ سکر فون: 03013431537-03352233803

العماد بوڪ سيلرز، اردو بازار، ڪراچي فون: 0212214521، 0300-343115

ڪائياواڙ بوڪ اسٽور اردو بازار ڪراچي- ڪتاب مرڪز فريئر روڊ، عزيز ڪتاب گھر بٹراج روڊ، بخاري ڪتاب گھر، قادري بوڪ اسٽور، مھراڻ بوڪ اسٽور، مجاھد بوڪ اسٽور نيم ڪي چاڙھي سکر- سنڌي ادبي بورڊ بوڪ شاپ، تلڪ چاڙھي حيدرآباد- شاھ لطيف بوڪ شاپ، پٽ شاھ- عثمانيہ لائبريري، چنيھاٽي ڪنڊيارو، - نيشنل بوڪ اسٽور، نوراني بوڪ ڊپو بندر روڊ، رابيل ڪتاب گھر اسٽيشن روڊ، رھبر بوڪ اڪيڈمي رابعا سينٽر بندر روڊ لاڑڪاڻو- مدني اسلامي ڪتبخانو، نئون چوڪ دادو- حافظ بوڪ اسٽور مسجد روڊ، خيرپور ميرس - المھراڻ ڪتاب گھر، زاھد بوڪ ڊپو، سانگھڙ- سيد ماس ميگا اسٽور، جيڪب آباد- ميمڻ بوڪ اسٽور، شاھي بازار نوشھروفيروز- حافظ اينڊ ڪمپني، لياقت مارڪيٽ، نواب شاھ- ديدار بوڪ ڊپو، ٽنڈوالھيار- رفعت بوڪ ھاؤس، ماتلي- مرچو لال پريمي، بدين- مڪتبہ يوسفيہ، ميرپورخاص. فون. 0300-3319565، عطار ڪتاب گھر، بدين، مھراڻ ڪتاب گھر، عمر ڪوٽ، حافظ ڪتاب گھر، ڪپرو، سنڌ ڪتاب گھر، مورو، عباس ابڙو شڪارپور فون: 03362870897 وسيم ڪتاب گھر لکي در. سعيد بوڪ اسٽور، شڪارپور.
ساحر ڪتاب گھر، ڪوندي ميھڙ 0346-8948535، مڪتبہ امام العصر گھوٽڪي، 03033695037

لکڻ لاءِ
سنڌيڪا اڪيڈمي
B-24، نيشنل آٽو پلازہ مارسٽن روڊ ڪراچي74400

وڏي عظمت وارو ۽ برڪتون بخشيندڙ آهي اهو الله جنهن پنهنجي بانهي (حضرت محمد ﷺ) تي حق ۽ باطل ۾ تميز ڪرڻ وارو قرآن مجيد نازل ڪيو انهيءَ لاءِ ته سڀني انسانن کي (باطل ۽ برن ڪمن جي تباهه ڪندڙ نتيجن کان) خبردار ڪري.

(الفرقان-1)

اسان تو تي هي ڪتاب نازل ڪيو آهي (دين جي) سڀني ڳالهين کي چٽو ڪري بڌائڻ لاءِ ۽ هن لاءِ ته مسلمانن جي لاءِ رهنمائي، رحمت ۽ خوشخبري ٿئي.

(النحل-89)

فهرست

پبلشر نوٹ نور احمد میمڻ 6
ڪجھ علامہ علي خان ابڙي جي متعلق جمال الدين
علي خان ابڙو 8
سورت فاتحہ 9
سورت البقرة 9
سورت آل عمران 53
سورت نساءِ 78
سورت المائدة 105
سورت الانعام 124
سورت الاعراف مكي 148
سورت انفال 175
سورت توبہ يا 184
سورت يونس 203
سورت هود 217
سورت يوسف 232
سورت رعد 246
سورت ابراهيم 252
سورت الحجر 259
سورة نحل 265
سورت بني اسرائيل 280
سورت الكهف 291
سورت مريم 304
سورت طٰه 311
سورت الانبياءَ 321
سورت الحج 330
سورت المؤمنون 340
سورت النور 348
سورت الفرقان 357
سورت الشعرآءِ ـ شعرا ۽ شاعِرَ 364
سورت النمل 376
سورت القصص 385
سورت العنڪبوت 396
سورت الروم 405
سورت لُقمٰن 412
سورت السّجدةِ 416
سورت الاحزاب 419
سورت سَبَا 429
سورت فَاطِر 436
سورت يٰسٓ 441
سورت الصافات 447
سورت صٓ 453
سورت الزُّمَرِ 460
سورت المؤمن 468
سورت حٰمٓ السجدة 477
سورت الشوريٰ 484
سورت الزخرف 490
سورت الدُّخَانِ 496
سورت الجاثية 499
سورت الاحقاف 503
سورت مُحَمّد 508
سورت الفتح 512
سورت الحُجُرٰتِ 517
سورت قٓ 519
سورت الذريٰت 522
سورت الطّورِ 526
سورت النّجمِ 529

سورت القَمَرِ 532
سورت الرّحمٰنِ 535
سورت الواقعة 538
سورت الحَدِيدِ 542
سورت المجادلہ 546
سورت الحشر 549
سورت الممتحنہ 552
سورت الصف 554
سورت الجمعہ 556
سورت المنافقون 557
سورت التغابن 558
سورت الطلاق 560
سورت التحریم 562
سورت الملک 564
سورت القلم 566
سورت الحاقہ 569
سورت المعارج 572
سورت نوح 574
سورت الجن 576
سورت المزمل 578
سورت المدثر 579
سورت القیمہ 582
سورت الدھر 584
سورت المرسلات 586
سورت النبا 588
سورت النازعات 589
سورت عبس 591
سورت التکویر 592
سورت الانفطار 594
سورت المطففین 595
سورت الانشقاق 596
سورت البروج 597
سورت الطارق 598
سورت اعلیٰ 599
سورت الغاشیہ 600
سورت الفجر 601
سورت البلد 602
سورت الشمس 603
سورت الیل 604
سورت الضحیٰ 605
سورت الانشراح 606
سورت التین 606
سورت العلق 607
سورت القدر 608
سورت البینہ 608
سورت الزلزال 609
سورت العدیٰت 609
سورت القارعہ 610
سورت التکاثر 610
سورت العصر 611
سورت الھمزہ 611
سورت الفیل 612
سورت القریش 612
سورت الماعون 613
سورت الکوثر 613
سورت الکافرون 614
سورت النصر 614
سورت اللھب 615
سورت الاخلاص 615
سورت الفلق 615
سورت الناس 616

پبلشر نوٽ

ايامن کان اسان جي سنڌ علم ۽ عرفان جو مرڪز رهندي آئي آهي. ڏيڍ سؤ سالن جي انگريزن واري غلاميءَ کان پوءِ پاڪستان ٺهيو تہ هتي پنهنجو مقامي اقتدار ساڳي طرح ختم ٿيل هو ۽ پاڪستان جي صورت ۾ جبري الحاق جو ڳٽ ڳڇيءَ ۾ هو. ٽيڻ ايٽن گهربو هو تہ آزاديءَ کان پوءِ ابتريءَ کان بچائڻ لاءِ رياستي اختيار اسان جي واهر ڪري پر هتي اهو رياستي اقتدار مورڙن سنڌي سماج جي تباهيءَ جا جتن ڪندو رهيو. ساڳي سماجي ڇڙواڳيءَ جي اثر ۾ ستر جي ڏهاڪي ۾ هتي اهڙو واءُ گهليو جو اسان جي علمي ادبي ۽ فڪري حلقن جو سڀنڈ عوام جي اڪثريت دين جي قرآني روايتن سان ڪٽجندو ويو. ائين نوي جي ڏهاڪي تائين اسان جا ٽي نسل ان سيلاب جي ور چڙهي ويا. پوءِ ڏسندي ڏسندي جتي اخلاقي زوال جا ڏڪائيندڙ منظر سامهون ايندا ويا اتي علمي، نفسياتي ۽ سماجي ڏيوالپٽي جون انتهائي حدون ب اورانگهڻ لڳيون. نوي جي ڏهاڪي ۾ اسان سنڌيڪا جو قيام عمل ۾ آڻي انهيءَ مشن سان اشاعتي ڪم جو آغاز ڪيو تہ سنڌين جي علمي ادبي شعوري، نفسياتي، سائنسي ۽ سماجي ترقيءَ لاءِ پنهنجي حصي جون ڪوششون سرانجام ڏجن ۽ ان سلسلي ۾ اهڙو مواد مهيا ڪجي جيڪو نہ صرف اسان جي تهذيبي روايتن جو امين هجي، بلڪ اسان کي ايڪويهين صديءَ ۾ هڪ باوقار قوم طور وٺي هلڻ جو ضامن هجي. اسان کي يقين هو تہ هينئر روايتي موضوعن بجاءِ خالص علمي، شعوري ۽ تحقيقي مواد جي اشاعت سان هتي علمي ترقيءَ جي ماحول کي مچائي سگهجي ٿو. ساڳي وقت اسان محسوس ڪيو تہ اسان جي نوجوانن کي مسخ ٿيل اسلام جي آڙ ۾ دين کان بيزار ڪرڻ جو ڪوششون ڪيون پيون وڃن، جنهن سان زندگيءَ جي لاءِ ڪنهن ب ضابطي جي منڪر هجڻ ڪري سماج ۾ انارڪي پيدا ٿي رهي آهي ۽ ان جا اثر بدترين ويڳاٽپ ۽ ڇڙواڳيءَ جي صورت ۾ ظاهر ٿيندا پيا وڃن. ان ڪري حقيقي اسلام جي ترويج سان اسان سنڌ جي ان روح جي آبياري ڪيون جيڪو ڪڏهن ب اجهاڻو ناهي ۽ جنهن جي آبياري اسان جي عالمن بزرگن ۽ ڏاهن ڪئي.

اسان پنهنجي پوري شعور ۽ ادراڪ سان هي ڳالهہ محسوس ڪئي تہ، هن قوم جي نوجوانن کي قرآن جي اصل معرفت کان يا تہ پري رکيو ويو آهي يا ٽاهيو ويو آهي ۽ جيستائين هيءَ قوم قرآن جي ويجهو نہ ايندي تيستائين پنهنجي تشخص ۽ زندگيءَ جي باري ۾ منجهس تڙپ ۽ اُمنگ پيدا نہ ٿيندي. اهو مقصد سامهون رکندي اسان شاهہ عبداللطيف ڀٽائي، شاهہ ولي الله رحمتہ الله، مولانا عبيدالله سنڌي، ابوالڪلام آزاد، مولانا تاج محمود امروٽي ۽ علامہ علي خان ابڙي جي قرآني فڪر کي قرآن مجيد جي ترجمن ۽ مختلف ڪتابن جي صورت ۾ ڏڙاڏڙ ڇاپڻ شروع ڪيوسين. ان سان مسخ ٿيل اسلام جي تقابل ۾ سنڌ جي نوجوانن آڏو حقيقي اسلام جي صورت چٽي ٿيندي وئي. سنڌيڪا جي ڪتابن کي سنڌ جي عالمن، شاگردن، اديبن، وڪيلن، صحافين، استادن ۽ سماج جي ٻين طبقن اکين تي رکيو ۽ ڪتابن جا هڪ ٻئي پٽيان ايڊيشن ڇپبا رهيا. ايستائين جو 1996ع کان وٺي 2002ع تائين ستن سالن جي عرصي ۾ سنڌيڪا کي ٻاويهہ هزار قرآن مجيد ترجمي سان ڇپائي

سنڌ جي ماڻهن تائين رسائڻ جي سعادت نصيب ٿي. اهو خاص الله تعاليٰ جو فضل هو ۽ مشيت ايزديءَ جي تقاضا هئي تہ سنڌيڪا جي انهن اشاعتي ڪوششن ۽ اهڙن ڪجهہ ٻين ادارن جي سرگرمين سان سنڌ ۾ ديني ڪتابن کي ڇپڻ ۽ پڙهڻ جي هڪ نئين بهار موٽي آئي آهي. تان جو سنڌ ۾ فيشن ايبل ماده پرستي پنهنجي موت پاڻ مرڻ لڳي آهي ۽ سوچ ۽ فڪر جون ڌارائون بدلجڻ لڳيون. هينئر اهو سنڌ جي عالمن، ڏاهن، اديبن ۽ ٻين سڃاڻ ماڻهن جو فرض آهي تہ سنڌ جي عام ماڻهوءَ کي قرآن جي فڪر ۽ تعليمات سان سلهاڙڻ جو سرگرميءَ سان ڪوششون وڌن تہ جيئن هتي عوامي سطح تي ديني بيداري جا مقصد حاصل ڪري سگهجن. انهيءَ ۾ ڪو شڪ ناهي تہ سنڌ جي عالمن، ديني ادارن ۽ تبليغ جي ذريعي عوام کي ديني سوچ سان سلهاڙي رکڻ جون اڃ ميون خدمتون سرانجام ڏينون آهن. ليڪن جديد دور جي تقاضائن جي مطابق حڪمت عمليون اختيار نہ ڪرڻ جي ڪري ۽ قرآن فهميءَ جي اصولي ڪوشش نہ ٿيڻ ڪري هينئر ٻہ جهالت ۽ ويڳاٽپ جو عوام تي غلبو دين سان وابستگيءَ جي مقابلي ۾ تمام گهٽو آهي. ان ڪري ايندڙ دور ۾ جيڪڏهن قرآن فهميءَ کي بٽياد بڻائي ديني فڪر جي ترويج جون ڪوششون ورتيون ويون تہ عوام ۾ بيداريءَ جي نسبتاً بهتر نتيجا سامهون ايندا.

اسان سنڌيڪا اڪيڊميءَ جي پاران هيستائين قرآن مجيد جا ٽي ترجما ۽ ٽي تفسير اشاعت هيٺ آڻي چڪا آهيون ۽ ٽي ترجما ۽ ٽي تفسير اشاعت هيٺ آهن. سنڌي ٻوليءَ ۾ قرآن مجيد جو پهريون مقبول عام ترجمو مولانا سيد تاج محمود امروٽيءَ رحہ جو هو جيڪو 1934ع ۾ پهريون ڀيرو ٻنا عربي متن جي شايع ٿيو هو. ان جو مقصد هو تہ سنڌ جا مسلمان هن ڪتاب سان پنهنجي انسيت هرحال ۾ قائم رکن ۽ سفر ۾ توڙي ڪم ڪار وارن هنڌن تي ٻہ ان کي گڏ رکن ۽ ان مان فيض حاصل ڪندا رهن. گڏوگڏ سنڌ ۾ رهندڙ غيرمسلم ٻہ قرآن جي هدًي للناس واري هدايت مان بهره ور ٿين. بعد ۾ اهو ترجمو لاهور جي انجمن خدام الدين جي پاران مولانا احمد علي لاهوري رحمتہ الله عليہ ان کي متن سان گڏ ڇپرايو ۽ ان کان پوءِ تاج ڪمپني ان کي مسلسل ڇاپيندي پئي اچي.

قرآن مجيد جو "تفسير المنير" جي نالي سان سمجهاڻي وارو ترجمو ۽ تفسير علامہ علي خان ابڙي 1953ع ڌاري مڪمل ڪيو هو جنهن کي 1996ع ۾ سنڌيڪا ڇپي منظرعام تي آندو ۽ ان کي بيحد مقبوليت نصيب ٿي. سنڌيڪا اڪيڊمي 1998ع ۾ رڳو سمجهاڻي وارو ترجمو الڳ ڪري ٻہ ڇپايو ۽ تفسير المنير ٻہ پنهنجي جاءِ تي ڇپجندو رهيو. انهن اشاعتن جا هيستائين هڪ ٻئي پٺيان ڪيترا ڇاپا ڇپجي سنڌي ٻوليءَ جي پڙهندڙ وٽ مقبوليت ماڻي چڪا آهن. هينئر اسان علامہ علي خان ابڙي جي قرآن مجيد جي آيتن بابت سمجهاڻي "ائين ڇيو آلله" جي نالي سان ڇپائي هڪ اهڙي ايڊيشن جو اضافو ڪري رهيا آهيون جيڪا سنڌ جي ماڻهن لاءِ سفر ۽ ڪم ڪار ۾ پاڻ سان گڏ رکڻ ۽ ان مان استفادو حاصل ڪرڻ لاءِ مددگار ٿئي. اسان کي اميد آهي تہ اسان جي هي ڪوشش ٻہ سنڌيڪا جي طرفان قرآن فهميءَ جي گهٽ رخي اشاعتي ڪوششن ۾ هڪ اهم اضافو ثابت ٿيندي ۽ سنڌي ٻوليءَ جا پڙهندڙ سيني طبقن جا ماڻهو هن مان استفادو حاصل ڪري سگهندا.

نوراحمدميمڻ

چيئرمين

سنڌيڪااڪيڊمي

ڪجھ علامہ علي خان ابڑي جي متعلق

جناب علي خان ولد عمر خان ابڑو 1888ع ڌاري تعلقي ميهڙ ضلع دادو، (تنهن وقت ضلعي لاڑڪاڻي) جي هڪ ننڍي ڳوٺڑي سانگي تپو منگواڻي ۾ پيدا ٿيو. سندس والد ڪيس سنڌ مدرسة السلام ڪراچيءَ ۾ داخل ڪرايو. هو ايڏو تہ ذهين ۽ هوشيار هو جو سڄي بمبئي يونيورسٽيءَ ۾ يعني سنڌ، گجرات، مهاراشٽر، راجستان ۽ پونا ۾ مئٽرڪ ڪان وڌي بي ـ اي، ايم ـ اي تائين هندن توڙي مسلمانن ۾ پهريون نمبر آيو. ڪيس بمبئي ۾ يونيورسٽيءَ جو فيلو مقرر ڪيو ويو. پوءِ تہ مشهور تعليمدان ۽ استاد ٿيو. بالجتيءَ ڪان پنج وقتو نمازي ۽ خدا ترس بزرگ هو. عربي، فارسي ۽ انگريزي علوم جو ماهر هو. جيتوٽيڪ انگريزي ادب جا شاهڪار ڪتاب هميشہ پاڻ سان گڏ رکندو هو پر سندس والهانہ محبت هئي حضور اڪرم ﷺ جي سيرت ۽ قرآن حڪيم سان. قرآن حڪيم جو ڪو اهڙو ترجمو يا تفسير نہ هو جيڪو سندس مطالعي ۾ نہ آيو. پاڻ مولانا تاج محمود امروٽيءَ ڪان گهڻو متاثر هئا ۽ اڪثر وٽن حاضري ڀريندا هئا. پاڻ گهٽ ۾ گهٽ چاليهہ سال مستقل لکندا رهيا. انهن مان ڪيترائي ڪتاب قرآن، سيرت ۽ اسلامي اخلاق ۽ معاشري بابت لکيائون جي تمام مقبول ٿيا ۽ اسلامي سوچ جي جديد لهر سڄي سنڌ ۾ گونججي اٿي. جديد معاشيات تي هڪ ڪتاب "اسلام ۽ ڪميونزم" بہ لکيائون. محترم محمد عثمان ڏيپلائي ڪانئن گهڻو متاثر هو ۽ اڪثر وٽن ايندو هو. مولانا عبدالحق نصرپور وارو ۽ مولانا محمد اسماعيل لغاري، مسڻ وارو، جي وڏا انقلابي سوچ رکندڙ عالم هئا سي بہ وٽس ايندا هئا. باقي مولانا محمد صادق ڪڏي واري وٽ پنهنجي سر وڃي علم جو فيض حاصل ڪندا هئا.

هي موجوده تفسير هن ويهين صديءَ جي پر آشوب ۽ اٿل پٿل واري دؤر ۾ ترتيب ڏنو يا لکيو ويو. سڄي عمر روزانو قرآن مجيد جو يا تفسير جو مطالعو ڪندي ڪيس محسوس ٿيو تہ ڪيس عوام الناس لاءِ سليس ترجمو ۽ تفسير لکڻ کپي. سو ڪيترن عالمن سڳورن سان تبادلۂ خيالات ڪندي، هيءُ تفسير 1945ع ڌاري لکڻ شروع ڪيائين. جيڪي ڪجھ لکندو رهيو سو عالمن سڳورن کي وقت بوقت ڏيکاريندو ۽ ان متعلق تبادلۂ خيالات ڪندو رهيو. مولانا ابوالڪلام آزاد ۽ علامہ يوسف علي‌ءَ جا تفسير سندس پسنديده هئا پر سندس دلي ۽ روحاني لاڙو مولانا تاج محمود امروٽي ڏانهن هو. تفسير مڪمل ٿيڻ ڪان پوءِ اهو مولانا غلام محمد گرامي ۽ علامہ غلام مصطفيٰ قاسمي صاحب بہ نظر مان ڪڍيو. هي ترجمو ۽ تفسير مڪي معظم جي قاري سعيد احمد صاحب کي بہ نظر مان ڪڍڻ لاءِ ڏنو ويو. هو، جنهن لکي ۾ پنهنجي پسنديدگيءَ جو اظهار ڪيو.

مون کي بابا جو (علي خان ابڑي صاحب جو) آخر خط ٿيهين جون 1954ع ۾ مليو جنهن ۾ لکيو هئائين تہ تفسير مڪمل ٿيڻ سان سندس زندگيءَ جو مقصد پورو ٿي چڪو هو. پاڻ سورهين جولاءِ 1954ع تي وفات ڪيائون. چاليهہ سالن جي لمبي عرصي ۾ اهو ناقابل تلافي نقصان ٿيو جو آخري ٽي پارا ۽ آخري وعظ ضايع ٿي ويا. الله معاف فرمائيندو. اهي ٽي پارا 1996 ۽ 1997ع جي پهرئين ۽ ٻئي چاپي ۾ مولانا محمد مدنيءَ جي چپيل ترجمي تان ڪنيا ويا هئا جيڪي هنيئر پڑهندڙن جي اصرار تي سنڌيڪا جي نور احمد ميمڻ جي ڪوششن سان منڊ وارن ستاويهن سيپارن جي سولي تفهيم وانگر ڪري شامل ڪيا ويا آهن. الله تبارڪ و تعاليٰ جيڪو رئوف، رحيم ۽ ڪريم آهي، شال پنهنجي پياري نبي سرور ڪائنات ﷺ جي صديق مڙني کي اجر ڏئي، هدايت ڏئي ۽ دنيا توڙي آخرت جون چڱايون نصيب ڪري.

جمال الدين علي خان ابڑو

سورت فاتحہ

بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي.

رکوع ۱ آيت ۱ - تا - ۷

سيني جهانن جو پالڻهار الله آهي. پاڻهپ ۾ ان جي آهي ۽ مدد ۾ ان کان گهرو

(۱) خاص سارا الله جي لاءِ آهي (يعني سڀڻين ۽ چگين صفتن سان ڪامل طرح موصوف آهي) جو سيني جهانن جو پالڻهار آهي. (۲) ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي. (۳) انهي ڏينهن جو مالڪ آهي، جنهن ڏينهن ماڻهن کي سندن ڪمن جو بدلو ملندو. (٤) (اي خدا! اسان فقط تنهنجي پاڻهپ ڪريون ٿا ۽ فقط تو کان مدد گهرون ٿا. (٤) (اي خدا!) اسان کي (سعادت) جي سڌي واٽ ڏيکار. (٦) انهن ماڻهن جي واٽ (ڏيکار) جن تي تو نعمتون ڪيون. (۷) نہ انهن جي واٽ جن تي غضب پيو، ۽ نہ انهن جي راهہ جي گمراهہ ٿيا ۽ واٽ پلجي ويا.

سورت البقرة (ڳئون)

بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي.

رکوع ۱ آيت ۱ - تا - ۷

متقين ۽ ڪافرن جو بيان. متقي غيب جي حقيقت تي ايمان رکن ٿا.

(۱) الف لام ميم (۲) هيءُ (خدائي) ڪتاب آهي ان ۾ ڪوبہ شڪ شبهو ڪونهي. (خدا کان) ڊڄندڙن پرهيزگارن لاءِ (سعادت جي) راهہ ڪولي ڏيکاريندڙ آهي. (۳) جيڪي غيب (جي حقيقتن) تي ايمان رکن ٿا ۽ نماز تي محڪم رهن ٿا. ۽ جيڪو رزق اسان کين ڏنو آهي ان کي (نيڪي جي راهہ ۾) خرچ ڪن ٿا. (٤) ۽ جيڪي توتي نازل ٿيل وحي تي ايمان آڻين ٿا ۽ پڻ انهن تي جي تو کان اڳي (پين رسولن تي) نازل ٿيا ۽ ان سان گڏ آخرت جي زندگي جو بہ دل ۾ يقين رکن ٿا. (۵) يقيناً اهي ئي ماڻهو پنهنجي پالڻهار جي (ڏيکاريل) رستي تي (هلندڙ) آهن، ۽ اهي ئي (دنيا ۽ آخرت جي) ڪاميابي ۽ نعمتون ماڻيندا. (٦) پر اهي ماڻهو جي (ڄاڻي ٻجهي بغض، مفادن يا خود غرضي سببان حقيقتن کان) انڪار ٿا ڪن تہ پوءِ تون انهن کي (حق کان انڪار ڪرڻ جي نقصانن ۽ برن نتيجن کان) ڊيڄارين ۽ خبردار ڪرين يا نہ ڪرين، هو هرگز کين مڃيندا. (۷) انهن جي دلين ۽ ڪنن تي الله تعاليٰ مهر هڻي ڇڏي آهي (هو نہ سمجهندا نہ ٻڌندا) ۽ هنن جي اکين تي پردا چڙهي ويا آهن. انهن لاءِ سخت عذاب (تيار ڪيل) آهي.

رکوع ۲ آيت ۸ ـ تا ـ ۲۰
منافقن جو بيان ۽ سندن محرومي

(۸) ڪي ماڻهو اهڙا به آهن جي چون ٿا ته اسان الله تي ۽ آخرت جي ڏينهن تي ايمان رکون ٿا، مگر سچ پچ هو مؤمن ناهن.(۹) اهي الله کي ۽ ايمان وارن کي ڏوکو ڏيڻ ٿا چاهين پر حقيقتاً هو پاڻ ئي ڏوکي ۾ آهن، پر هو (ناداني ۽ هٺ سبب) ڏسن ۽ سمجهن نٿا. (۱۰) هنن جي دلين ۾ (ڪفر ۽ هٺ جو) مرض آهي، پوءِ خدا هنن جي مرض کي وڌائي ٿو ۽ هنن تي سخت عذاب ڪيو ويندو ڇو ته هو ڪوڙ ٿا ڳالهائين. (۱۱) جڏهن انهن ماڻهن کي چيو وڃي ٿو ته زمين تي بگاڙ ۽ فساد نه مچايو (بدعمليون نه ڪيو) تڏهن هو چون ٿا ته اسان سڌارو ڪرڻ وارا آهيون. (۱۲) ياد رکو ته اهي ئي ماڻهو آهن جيڪي خرابيون پکيڙين ٿا، پر هو (ناداني سبب) ڏسن ۽ سمجهن نٿا. (۱۳) ۽ جڏهن انهن ماڻهن کي چيو وڃي ٿو ته جيئن ٻين ماڻهن ايمان آندو آهي تيئن توهان به ايمان آڻيو، تڏهن هو چون ٿا ته ڇا اسان به اهڙيءَ طرح ايمان آڻيون، جهڙيءَ طرح هنن بيوقوفن ايمان آندو آهي؟ ياد رکو ته هو پاڻ بيوقوف آهن مگر (ناداني ۽ هٺ سبب) اها ڳالهه نه ٿا ڄاڻن. (۱٤) جڏهن هي ماڻهو انهن ماڻهن سان ملن ٿا جن (حق جي دعوت تي) ايمان آندو آهي تڏهن چون ٿا ته اسان به ايمان آندوآهي، پر جڏهن پنهنجي شيطانن سان اڪيلا ويهن ٿا، تڏهن چون ٿا ته اسان توهان سان شامل آهيون ۽ اسان (هنن وٽ پاڻ کي مؤمن سڏائي ساڻن) مسخري ٿا ڪريون. (۱۵) (حقيقتاً) خود هنن سان مسخري ٿي رهي آهي جو الله تعاليٰ کين ڍڳهو رسو ڏنو آهي جنهن ڪري پنهنجي سرڪشيءِ ۾ انڌا ٿي هيڏي هوڏي ٽڪي رهيا آهن. (۱٦) يقين ڪريو ته اهي ئي ماڻهو آهن جن هدايت وڪٽي گمراهي خريد ڪئي آهي، پر نڪي هنن جو سودو فائديمند نڪتو آهي نه ڪي هدايت تي قائم رهيا آهن. (۱۷) انهن ماڻهن جو مثال اهڙو آهي جهڙو هڪڙي ماڻهو (رات جي اونداهيءَ ۾ وات ٻلجي) باهه ٻاري، پر جڏهن (باهه جي شعلن سان) آسپاس روشني ٿي ويئي تڏهن الله تعاليٰ اها باهه وسائي ڇڏي ۽ روشني هلي ويئي ۽ هنن کي اهڙي اوندهه ۾ ڇڏو ڪياٿين جو ڪجهه به ڏسي نه سگهيا. (۱۸) ٻوڑا گونگا ۽ انڌا ٿي ٻيا، تنهن ڪري هو (منافقي ۽ ڪفر جي اوندهه مان) موٽي نٿا سگهن. (۱۹) يا وري انهن ماڻهن جو مثال آسمان ۾ برسات سان ٻريل ڪڪر وانگر آهي جنهن سان گڏ اونداهيءَ جا تهه، گجگوڙ ۽ ڪوڙ جا تجلا هوندا آهن. اهي منافق (ان وقت برسات جي رحمت کان خوش ٿيڻ جي بدلي) ڪڪرن جي گجگوڙ کان موت جو ڊپ سمجهي ڌهلجي وڃن ٿا ۽ ڪنن ۾ آڱريون وجهن ٿا پر الله تعاليٰ ته (هر حال ۾) ڪافرن کي گهيرو ڪيون ٻيٺو آهي. (۲۰) بجليءَ جي چمڪ ڏري گهٽ هنن جي ٻينائي (يعني ڏسڻ جي طاقت) کڌي وڃي ٿي. جڏهن اها چمڪ هنن کي روشني ڏئي ٿي تڏهن هو اڳتي هلن ٿا ۽ جڏهن وري اوندهه ٿي وڃي ٿي تڏهن بيهي ٿا رهن جيڪڏهن خدا چاهي ها ته سندن ٻڌڻ ۽ ڏسڻ جي طاقت کسي وٺي ها. بيشڪ الله تعاليٰ کي هر شيءِ تي قدرت آهي (۽ سڀ ڪجهه ڪري ٿو سگهي.)

رکوع ۳ آيت ۲۱ ـ تا ـ ۲۹

توحيد، خالقيت ۽ ربوبيت، رسالت ۽ وحي، آخرت جي زندگيءَ متعلق دليل

(۲۱) اي انسانؤ! پنهنجي پالڻهار جي عبادت ۽ فرمانبرداري ڪيو، جنهن اوهان کي خلقيو ۽ انهن کي خلقيو جيڪي اوهان کان اڳي ٿي گذريا آهن. (ان ڪري مهربان، رحيم، پالڻهار خالق جي عبادت ۽ فرمانبرداري ڪيو) تہ من گناهن کان بچي نيڪيءَ جي راهہ وڃو. (۽ دنيا ۽ آخرت جون نعمتون ماڻيو). (۲۲) (انهيءَ پالڻهار جي پاڻهپ ڪيو). جنهن اوهانجي لاءِ زمين کي فرش وانگر وڇايو، ۽ آسمان کي ڇت وانگر بلند ڪيو، ۽ جو آسمان مان مينهن وسائي ٿو، جنهن جي وسيلي طرحين طرحين جا ميوا توهانجي کائڻ لاءِ اپاري ٿو. پوءِ (سندس خالقيت، ربوبيت ۽ رحمت ڏسي ڪري) ائين نہ ڪيو جو الله سان ٻين هستين کي بہ شريڪ ڪريو (۽ انهن کي پوڄيو) جڏهن تہ توهان ڄاڻو بہ ٿا (تہ خالق ۽ رب فقط هڪ الله آهي). (۲۳) ۽ جيڪڏهن توهان کي هن وحي جي سچائيءَ ۾ شڪ آهي جو اسان پنهنجي ٻانهي (حضرت محمد ﷺ) تي نازل ڪيو آهي تہ (ان جو فيصلو آسان آهي، توهان بہ انسان آهيو، وڏيڪ نہ) هڪڙي سورت انهن سورتن جهڙي ٺاهي ڪٽي اچو. ۽ الله کان سواءِ جن کي توهان حمايتي سمجهيو آهي انهن سيني کي بہ مدد لاءِ سڏي اچو جيڪڏهن توهان پنهنجي خيال کي سچو ٿا سمجهو. (۲٤) پوءِ جيڪڏهن اوهان ائين نہ ڪري سگهو (هڪڙي بہ اهڙي سورت نہ ٺاهي سگهو.) يقيناً ۽ هرگز ٺاهي بہ ڪين سگهندؤ تہ انهي باهہ جي عذاب کان ڊڄو جنهن ۾ انسان ۽ پٿر ٻاريا ويندا، جا باهہ حق جي منڪرن لاءِ تيار آهي. (۲۵) (پر) جن ماڻهن (انڪار جي بدران) ايمان آندو ۽ ڪم بہ چڱا ڪيائون تن لاءِ (باهہ جي بدران دائمي خوشين واري) باغن جي خوشخبري آهي، جن باغن ۾ نهرون وهي رهيون آهن. جڏهن جڏهن انهن باغن جا ميوا کين کارايا ويندا (يعني بهشتي نعمتن مان ڪابہ نعمت ماڻيندا) تڏهن چئي ڏيندا تہ هي اهائي نعمت آهي جا اڳئي اسان کي ڏني ويئي هئي. ان کان سواءِ هنن کي نيڪ ۽ پاڪ بيبيون ملنديون ۽ هو هميشہ ان راحت ۽ نعمتن واري باغ ۾ رهندا. (۲٦) الله تعاليٰ (انسانن کي سندن فهم مطابق سمجهاڻيون ڏيڻ لاءِ) تمام خسيس شين جهڙوڪ مڇر يا ان کان بہ وڏيڪ خسيس شين جو مثال ڏيڻ کان بہ نٿو پاسو ڪري، پوءِ ايمان وارا (غور ۽ فڪر ڪري) ڄاڻي وڃن ٿا تہ بيشڪ هي اسان جي پالڻهار وٽان حق (سچي، دائمي حقيقت) آيل آهي، پر حق جا منڪر چوندا تہ ڀلا اهڙن مثالن ڏيڻ ۾ الله جو ڪهڙو مقصد ٿي سگهي ٿو. گهٽائي انسان انهن (مثالن) جي ڪري گمراهي ۾ پوندا ۽ گهٽن ئي تي سعادت جي راهہ کُلي پوندي (سرڪشيءَ جي نتيجي وارو خدا جو قانون آهي تہ) هو فقط انهن کي گمراهہ ٿو ڪري جيڪي (هدايت جون حدون ڇيڙي فسادي) فاسق ٿي ويا آهن. (۲۷) فاسق اهي آهن جيڪي الله جي حڪمن جي تابعداري جو عهد اقرار ڪري پوءِ ان عهد کي ٽوڙين ٿا، ۽ جن لاڇاپن ڳنڍيڻ جو حڪم خدا ڏنو آهي تن کي ختم ڪري ٿا ڇڏين، ۽ (پنهنجي بدعملي ۽ هٺ

سان) ملڪ ۾ فساد مچائي ٿا ڏين. اهي ئي نقصان ۽ مصيبتن ۽ بربادي ۾ ڪرندا. (۲۸) (اي انسانو!) اوهان ڪهڙي طرح الله (۽ ان جي عبادت) کان انڪار ڪري ٿا سگهو (ڏسو نٿا ته) ڪڏهن توهان موجود ئي ڪونہ هئو، هن توهان کي زندگي ڏني، پوءِ توهان کي ماريندو ۽ وري زندگي ڏيندو ۽ آخر سندس حضور ڏانهن موٽندؤ. (۲۹) (ڏسو) هن ئي (پروردگار) اوهان جي لاءِ زمين جون سڀ شيون پيدا ڪيون آهن (ته انهن کي پنهنجي فائدي لاءِ ڪم آڻيو) پڻ الله تعاليٰ آسمان ڏي متوجہ ٿيو ۽ ست آسمان درست ڪيائين (انهن کي حسن ۽ سَيارن جو نظام ڏنائين ۽ انهن مان طرحين طرحين جا فائدا اوهان کي ملن ٿا) ۽ هو هر شيءِ جو علم رکي ٿو.

رکوع ٤ آيت ۳۰ ـ تا ـ ۳۹

آدم کي پيدا ڪرڻ ۽ علم سيکارڻ، ملائڪن جو ڪيس سجدو ڪرڻ.

(۳۰) ۽ اي پيغمبر! (هن حقيقت تي غور ڪر ته) جڏهن تنهنجي پالڻهار فرشتن کي چيو ته مان زمين تي هڪ خليفو پيدا ڪرڻ وارو آهيان. تڏهن فرشتن عرض ڪيو ته ڇا اهڙي هستي پيدا ڪري رهيو آهين جا زمين تي فساد مچائي ۽ خونريزي ڪري. حالانڪ اسان تنهنجي حمد ۽ ثنا ڪندي تنهنجي پاڪائي ۽ قدوسيءَ جو اقرار ٿا ڪريون. الله تعاليٰ فرمايو ته جيڪا حقيقت مان ڄاڻان ٿو تنهن جي خبر توهان کي ناهي. (۳۱) (جڏهن آدم پيدا ٿيو) تڏهن الله تعاليٰ کيس سڀني شين جا نالا ۽ حقيقتون سيکاريون، پوءِ اهي شيون ملائڪن جي اڳيان پيش ڪري حڪم ڪيائين ته جيڪڏهن اوهان سچ تي آهيو ته هنن جا نالا ۽ حقيقتون ته ٻڌايو. (۳۲) فرشتن عرض ڪيو ته اي خدا سڀ پاڪايون ۽ وڏايون تنهنجي لاءِ آهن. اسان ته فقط ايترو ڄاڻون ٿا جيترو تو اسان کي سيکاريو آهي. تون ئي آهين جو علم ۾ حڪمت ۾ ڪامل آهين. (۳۳) (جڏهن فرشتا عاجز ٿيا) تڏهن الله تعاليٰ فرمايو ته اي آدم تون هنن حقيقتن جو بيان ڪر. جڏهن آدم ٻڌائي ويو تڏهن الله تعاليٰ فرمايو ته، ڇا مون توهان کي چيو ڪين هو ته مان زمين ۽ آسمانن جا سڀ ڳجهہ ڄاڻان ٿو ۽ جيڪي توهان ظاهر ڪيو ٿا سو ب ڄاڻان ٿو ۽ جيڪي لڪايو ٿا سو ب ڄاڻان ٿو. (۳٤) ۽ (ڏسو) اسان ملائڪن کي حڪم ڪيو ته آدم جي اڳيان نوڙو. هو جهڪيا ۽ ابليس نہ جهڪيو. هن نہ مڃيو ۽ تڪبر ڪيائين ۽ منڪرن منجهان ٿي پيو. (۳۵) پوءِ اسان آدم کي چيو ته تون ۽ تنهنجي زال ٻئي جنت ۾ رهو ۽ ان مان جيئن ۽ جيڪي وٽيوَ سو کائو ۽ پيئو پر هن وڻ جي ويجهو نہ نڱهجو. (جيڪڏهن ويجهو لنگهندو تہ) انهن ظالمن مان ٿيندو جي حدون لتاڙي ٿا وجن. (۳٦) پوءِ ڇا ٿيو جو شيطان هنن ۾ وسوسا وجهي هنن جا قدم ترڪائي ڇڏيا (يعني هو ان وڻ کي ويجها ويا ۽ ان جو ميوو چکيائون) ۽ نتيجو هي ٿيو جو بهشتي نعمتن ۽ خوشين واري حالت مان نڪري ويا. پوءِ اسان ب (سندن نافرماني سبب) کين حڪم ڪيو ته هيٺ لهو ۽ هتان نڪري وڃو.

توهان ۾ هڪڙا ٻين جا دشمن آهن. هاڻي توهان کي زمين تي رهڻو آهي ۽ ڪنهن خاص وقت تائين ان مان فائدو وٺڻو آهي. (۳۷) پوءِ آدم پنهنجي پالڻهار وٽان روحاني تعليم ملڻ سان ڪجهه چگا ڪلما (چگيون دعائون وغيره) سکيون (جن جي وسيلي) پوءِ الله تعاليٰ هن جي مٿان مِهر ڪئي. بيشڪ هو بار بار توبہ قبول ڪندڙ ۽ بي انتها رحمت وارو آهي. (۳۸) اسان حڪم ڪيو ته هاڻ توهان سڀ (بني آدم) هتان نڪري وڃو ۽ (ياد رکو ته) جڏهن اسان جي طرفان توهان لاءِ حق جي راهہ ڪولي وڃي ته پوءِ (توهان جي لاءِ ٻه واٽون آهن) پوءِ جيڪو ڏنل هدايت تي هلندو تنهن لاءِ نڪو هوندو خوف نڪو غم. (۳۹) پر جيڪي انڪار ڪندا ۽ اسان جي نشانين کي ڪوڙو سمجهندا، اهي دوزخي جماعت مان هوندا ۽ هميشہ عذاب ۾ رهڻ وارا هوندا.

رڪوع ۵ آيت ۴۰ ـ تا ـ ۴۶

بني اسرائيل (يهودين) جي حالت ۽ اسان لاءِ عبرت جا سبق

(۴۰) اي بني اسرائيل! منهنجي اها نعمت ياد ڪيو جا مون اوهان تي ڪئي. (اوهان کي دنيا ۾ سرفراز ڪيو) ۽ جيڪو عهد مون سان ڪيو هو (ته تنهنجي هدايتن ۽ حڪمن تي عمل ڪنداسين) سو پاڙيو ته مان ٻه توهان سان ڪيل عهد پاڙيان (اوهان کي ڪاميابي ۽ نعمتون ڏيان) ۽ فقط مون کان ڊڄو (ڇو ته مون کان سواءِ ٻيو ڪوبہ معبود ڪونهي). (۴۱) ۽ ان (قرآن) تي ايمان آڻيو جو مون نازل ڪيو آهي ۽ جو انهيءَ ڪلام (تورات) جي تصديق ٿو ڪري جو توهان وٽ موجود آهي. (توهان کي ته سڀني کان اڳي قرآن تي ايمان آڻڻ گهرجي ائين نہ ٿئي جو اڻلندو) سڀني کان اول توهان ئي (ان جي سچائي قبول ڪرڻ کان) انڪار ڪيو. متان منهنجون آيتون خسيس قيمت تي (دنيائي خسيس فائدن لاءِ) وڪڻي ڇڏيو. (توهان کي گهرجي ته) فقط منهنجي فرمانبرداري ڪيو ۽ مون کان ئي ڊڄو. (۴۲) ۽ سچ کي ڪوڙسان ڍڪي يا ملائي نہ ڇڏيو، نڪي سچ کي لڪايو جڏهن ته توهان ڄاڻوبہ ٿا (ته حقيقت ڇا آهي). (۴۳) ۽ نماز قائم ڪيو ۽ زڪوات ادا ڪيو ۽ الله جي حضور ۾ جهڪڻ وارن سان گڏ توهان بہ نياز جو سر جهڪايو. (۴۴) ڇا توهان ٻين ماڻهن کي ته نيڪيءَ جو حڪم ڏيو ٿا، پر پاڻ کي وساري ٿا ڇڏيو (ته توهانجي عملن جو ڪهڙو حال آهي) حالانڪ خدا جو ڪتاب (تورات) پڙهندا رهو ٿا. ڇا (اهڙي صاف ڳالهہ بہ) توهان سمجهي نٿا سگهو؟ (۴۵) ۽ (ڏسو) صبر ۽ نماز جي وسيلي (پنهنجي تربيت ۽ سڌاري ۾) مدد وٺو. پرنماز (آرام طلب ماڻهو لاءِ) ڏاڍي ڏکي آهي، نہ انهن لاءِ جيڪي الله جي حضور ۾ نماڻا ۽ جهڪيل آهن. (۴۶) ۽ جيڪي سمجهن ٿا تہ ڪين پنهنجي پروردگار سان ملڻو آهي ۽ آخر سندس حضور ڏانهن موٽڻو آهي.

رکوع ٦ آيت ٤٧ ـ تا ـ ٥٩

بني اسرائيل جي تاريخ ۽ اسان لاءِ عبرت جا سبق

(٤٧) اي بني سرائيل! منهنجون نعمتون ياد ڪيو جن سان مون اوهان کي سرفراز ڪيو ۽ دنيا جي قومن تي اوهان کي فضيلت ڏنم. (٤٨) ۽ انهيءَ ڏينهن جي عذاب کان ڊڄو جنهن ڏينهن ڪوبه انسان ٻئي جي ڪم نه اچي سگهندو. (دنيا ۾ ڪيل ڇڙن ڪمن جي نتيجن کان ڪوبه بچائي ڪونه سگهندو) نڪي ڪنهن جي سفارش قبول پوندي، نڪي ڪنهن به قسم جو عيوضو وٺي ڇڏي ڏنو ويندو، نڪي ڪٽان به ڪنهن طرح جي مدد ملندي. (٤٩) ۽ (اهو وقت ياد ڪريو) جڏهن مون اوهان کي فرعون جي خاندان کان جنهن اوهان کي نهايت سخت عذابن ۾ ظلمن ۾ پيڙي ڇڏيو هو، ڇوٽڪارو ڏنو. اهي اوهان جي پٽن کي بي رحميءَ سان ڪهندا هئا. (ته اوهان جو نسل ختم ٿئي) ۽ اوهان جي نياڻين کي جيئرو ڇڏيندا هئا (ته مصري ماڻهن جون ٻانهيون ٿي رهن) ۽ في الحقيقت هن حال ۾ اوهان جي پالڻهار جي طرف کان اوهان لاءِ وڏي آزمائش هئي. (٥٠) ۽ (پوءِ اهو وقت ياد ڪيو) جڏهن (توهان مصر ملڪ مان نڪتؤ ۽ فرعون لشڪر سميت اوهان کي پڪڑڻ لاءِ پوئتان آيو) اسان سمنڊ جو پاڻي هيڏي هوڏي ڪري ڇڏيو ۽ اوهان وچئون لنگهي ويو، مگر فرعون کي لشڪر سميت غرق ڪري ڇڏيوسين ۽ توهان پاڻ ڏٺو. (٥١) ۽ (پوءِ اهو واقعو به ياد ڪيو جو) جڏهن (سينائي اپٻيٽ ۾) حضرت موسيٰ سان اسان چاليهه راتين جو واعدو ڪيو هو. (اوهان کان جدا ٿي طور جبل ڏي هليو ويو تہ) اوهان هن جي وڇوٽ بعد سندس پرپٺ (مصرين وانگر) گابي جي پوڄا شروع ڪري ڏني ۽ اهو وڏو ظلم ڪري ڇڏيوَ (جو حق جي راهه کان هٽي ويؤ.) (٥٢) پر تڏهن به اسان (پنهنجي رحمت سان) هن (وڏي غلطي ۽ گناهه) بعد به اوهان کي معاف ڪيو تہ من الله جي بخششن جو قدر ڪيو. (٥٣) ۽ (اهو واقعو به ياد ڪيو جو) اسان (چاليهه راتين جو واعدو پورو ڪيو) ۽ موسيٰ کي ڪتاب (تورات) ۽ فرقان (حق ۽ باطل ۾ فرق ڪرڻ واري قوت يا نشانيون ۽ معجزا) عطا فرمايا، انهيءَ لاءِ تہ توهان ٽي (سعادت ۽ فلاح جي) راهه ڪلي پوي. (٥٤) ۽ (وري اهو وقت به ياد رکو) جڏهن حضرت موسيٰ (تورات سان طور جبل کان موٽي آيو ۽ اوهان کي گابي جي پرستش ۾ گرفتار ڏٺائين). اوهان کي چيائين تہ، اي منهنجي قوم افسوس! اوهان گابي جي پوڄا ڪرڻ سان پاڻ تي پاڻ ظلم ڪيو آهي. هاڻي پنهنجي خالق ڏانهن رجوع ٿيو ۽ (گابي جي پوڄا جي بدلي ۾) پنهنجي جانين کي قتل ڪيو. انهيءَ ۾ اوهان جي خالق وٽ اوهان جي لاءِ بهتري آهي، پوءِ اوهان جي توبه الله تعاليٰ قبول ڪئي. بيشڪ هو بار بار توبه قبول ڪندڙ ۽ رحم وارو آهي. (٥٥) ۽ (اها ڳالهه به ياد ڪيو جو) توهان چيو تہ، اي موسيٰ اسان ڪڏهن به توتي يقين نہ رکنداسين، جيستائين الله کي ظاهر ظهورهنن اکين سان ڏسون، پوءِ (اوهان جي انهيءَ گمراهيءَ جي دليريءَ جو نتيجو هي ٿيو جو) توهان کي بجلي ۽ گجگوڙ وکوڙي ويئي ۽ توهان نهاري رهيا

هيؤ. (٥٦) پوءِ اسان توهان کي اوهان جي موت بعد وري اٿاري بيهاريو تہ جيئن خدا جي نعمتن جي قدر شناسي ڪيو. (٥٧) ۽ (سينا جي رڻ پٽ ۾ جتي سخت اس هئي ۽ نہ هو پاڻي نہ پوک اتي) اسان اوهان تي ڪرن جي ڇانو ڪئي ۽ اوهان جي لاءِ من ۽ سلويٰ جي غذا نازل ڪئي سون ۽ چيوسون تہ جيڪي پاڪ شيون اسان توهان جي ڪائڻ لاءِ عطا ڪيون آهن سي مزي سان کائو. (تڏهن بہ هنن بي شڪري ۽ بد عملي ڪئي). هنن (پنهنجي بي شڪري ۽ بدعمليءَ سان) اسان کي نقصان ڪونہ پهچايو، پر پنهنجو ئي نقصان ڪندا رهيا. (٥٨) ۽ ياد رکو تہ اسان توهان کي حڪم ڪيو تہ هن سامهون واري شهر ۾ (فتح ڪري) گهڙي پؤ ۽ جيئن وڻيو تيئن مزي سان کائو پيئو ۽ خوش زندگي گذاريو، پر دروازي کان اندر گهڙڻ وقت الله جي حضور ۾ جهڪي وڃو ۽ (بخشش گهرندا ۽ استغفار چوندا هلجو تہ (جيڪڏهن اڳين ڪندؤ تہ) اسان توهان جون خطائون معاف ڪري ڇڏيندا سين ۽ (پنهنجي قانون مطابق) نيڪ عمل انسانن جي عملن ۾ برڪت ڏيندا سين ۽ انهن جي اجر ۾ واڌارو ڪندا سين. (٥٩) پر پوءِ ڇا ٿيو جو اوهان مان انهن ماڻهن، جن جي راهہ ظلم ۽ شرارت جي راهہ هئي، تن خدا جي ٻڌايل ڳالهہ بدلائي پي ڳالهہ ڪئي (عاجزي ۽ بندگي جي بدران غفلت، هٺ ۽ وڏائيءَ ۾ پئجي ويا) نتيجو هيءُ نڪتو جو اسان ظالمن تي آسمان مان عذاب نازل ڪيو هن ڪري جو هو بي فرماني ڪندا رهيا.

رڪوع ۷ آيت ٦٠ ـ تا ـ ٦١

بني اسرايل جون فرمائشون ۽ نافرمانيون

(٦٠) ۽ (اهو واقعو بہ ياد ڪيو) جڏهن حضرت موسيٰ پنهنجي قوم لاءِ پاڻي جي واسطي دعا گهري تڏهن اسان کيس حڪم ڪيو تہ پنهنجي لٺ سان پٿاڙ جي چپ کي ڏڪ هڻ (حضرت موسيٰ حڪم جي تعميل ڪئي) تہ ان چپ منجهان ٻارهن چشما ڦٽي نڪتا ۽ سيني قبيلن (جيڪي ۱۲ قبيلا هئا) پنهنجو پنهنجو پاڻي ڪٽڻ جو هنڌ معلوم ڪري ورتو. (ان وقت اوهان کي چيو ويو تہ) الله تعاليٰ جي رزق مان کائو ۽ پيئو ۽ زمين تي جهگڙا فساد نہ ڪريو. (٦١) ۽ (ڏسو) توهان حضرت موسيٰ کي چيو تہ، اي موسيٰ اسان رڳو هڪ ئي طعام کائڻ تي صبر نٿا ڪري سگهون. تنهن ڪري پنهنجي پروردگار کان دعا گهر تہ اسان جي لاءِ اهي سڀ شيون پيدا ڪري جي زمين مان اپڙنديون آهن، (يعني) سبزي، (پاڇيون)، ڪيرا، ڪڪڙ، دال، بصر، ٿوم وغيره (جي مصر ۾ سيئي کائيندا هئا). حضرت موسيٰ فرمايو تہ، ڇا خير ۽ برڪت واري شيءِ جي بدران خسيس شيءِ ٿا گهرو. ڇگو هتان نڪرو، وڃو شهر جي راهہ. اتي اهي سڀ شيون اوهان کي ملنديون جي شوق سان گهريون اٿو. بهرحال هنن تي خواري ۽ نامرادي ۽ جي مار پئي ۽ خدا جي غضب جا لائق ٿيا. اهي مصيبتون (خواري نامرادي ۽ خدا جو غضب) مٿن ان ڪري ڪڙڪيون جو هو خدا جي آيتن (نشانين) کان انڪار ڪندا هئا ۽ سندس نبين کي ناحق قتل ڪندا هئا. اها (گمراهي ۽ شرارت هنن ۾ انهيءَ

ڪري هئي جو فرمانبرداريءَ بدران) هنن ۾ سرڪشي ۽ بغاوت گهر ڪري ويٺي هئي ۽ سڀ حدون لتاڙي شتر بي مهار ٿي پيا هئا. (نتيجو ٿيو، ذلت ۽ خدا جو غضب).

رڪوع ٨ آيت ٦٢ ـ تا ـ ٧١

بني اسرائيل جون بدخصلتون، پنهنجي عهد تان ڦري وڃڻ ۽ عذر بهانا ڪرڻ

(٦٢) بيشڪ جن ماڻهن (حضرت محمد ﷺ) تي ايمان آندو آهي ۽ اهي جي يهودي آهن، اهي جي نصارا آهن يا صابي آهن (ڪير به هجن ۽ ڪهڙي به جماعت ۾ هجن) پر جنهن به خدا تي، آخرت جي ڏينهن تي ايمان آندو ۽ صالح عمل ڪيا تنهن کي (پنهنجي ايمان ۽ چگن ڪمن جو) اجر پنهنجي پروردگار وٽان ملندو. اهڙن ماڻهن لاءِ ڪنهن به طرح جو نه خوف هوندو ۽ نه وري ڪنهن به قسم جي غمگيني. (٦٣) ۽ (اهو وقت به ياد ڪيو) جڏهن اسان توهان کان عهد ورتو هو ۽ ان وقت طور جبل جون چوٽيون اوهان جي مٿان بلند ڪيون ويون هيون. (۽ توهان کي چيو ويو هو ته) جيڪو ڪتاب توهان کي ڏنو ويو آهي ان تي مضبوطيءَ سان قائم رهو ۽ جيڪي ان ڪتاب ۾ بيان ڪيل آهي ان کي هميشه ياد ڪندا رهو انهيءَ لاءِ ته من خدا جي نافرمانيءَ کان بچو. (٦٤) پر وري به اوهان پنهنجي عهد کان ڦري ويو، پوءِ جيڪڏهن الله تعاليٰ اوهان تي پنهنجو فضل ۽ رحمت نه ڪري ها ته (اوهان جي بدعملين سبب) اوهان هڪدم تباهه ٿي وڃو ها. (٦٥) ۽ يقيناً اوهان کي معلوم آهي ته اوهان منجهان جيڪي سبت (يعني موڪل ۽ عبادت جي پاڪ ڏينهن) بابت (خدا جي حڪمن جي) حدن کان لنگهي ويا تن کي اسان چيو ته ذليل ۽ خوار باندرن جهڙا ٿي پؤ. (انسانن وٽان ڏڪار ۽ نفرت سان تڙي ڪڍيا ويندو). (٦٦) (ٿيو به ائين) پوءِ اسان انهيءَ حالت کي انهن سيني لاءِ جن جي اڳ اها حالت ٿي ۽ پڻ پوين لاءِ عبرت جو سبق بنايو ۽ متقين جي لاءِ ان ۾ نصيحت ۽ دانائي رکي. (٦٧) ۽ (اهو معاملو به ياد ڪريو جو) حضرت موسيٰ پنهنجي قوم کي چيو ته، خدا جو حڪم آهي ته هڪڙو ڏور ذبح ڪيو (هو عمل ڪرڻ بدران اجايا سوال ۽ عذر بهانا ڪرڻ لڳا) چوڻ لڳا ته تون اسان سان چرچا ٿو ڪرين؟ حضرت موسيٰ فرمايو ته، اعوذبالله (خدا پناه ڏئي) انهيءَ کان جو (خدا جي حڪمن بابت مسخري ڪري) پاڻ کي جاهل ۽ بيوقوف بنايان. (٦٨) هنن چيو ته، پلا پنهنجي پروردگار کي اسان جي پاران عرض ڪر ته ڪولي ٻڌائي ته ڪهڙي قسم جو ڏور ذبح ڪيون. حضرت موسيٰ چيو ته، خدا جو حڪم آهي ته اهو ڏور نڪي ڪراڙو هجي، نڪي ٻچڙو هجي. درميان عمر وارو هجي، هاڻي ته پلا حڪم جي تعميل ڪيو. (پر هنن ٻيو سوال ڪري ڇڏيو). (٦٩) چوڻ لڳا ته، وري پنهنجي پرودگار کي اسان جي لاءِ عرض ڪر ته، ڪولي ٻڌائي ته ان جو رنگ ڪهڙو هجي. حضرت موسيٰ چيو ته، الله تعاليٰ ٻڌائي ٿو ته ان جو رنگ پيلو هجي، خوب گهرو پيلو، جو ڏسندڙن جي دل خوش ڪري. (٧٠) (مونجهارو پيدا ڪرڻ لاءِ) وري چوڻ لڳا ته پنهنجي رب کي وري به اسان جي پاران استدعا ڪر ته وڌيڪ ڪولي ٻڌائي ته ڪهڙي قسم جو ڏور

قربان ڪجي؟ چو تہ اسان جي لاءِ ڏور مڙيئي ڏورن جھڙا آھن. (تنھن ڪري وڌيڪ تفصيل جي ضرورت آھي). انشاءَ الله اسان پوءِ ضرور سمجھي وٺنداسين. (۷۱) تنھن تي حضرت موسيٰ چيو تہ، الله تعاليٰ فرمائي ٿو تہ، اھڙو ڏور ھجي جو نہ ڪڏھن ھر ھ جوتيل ھجي ۽ نہ نار ھ وھايل ھجي. پوري طرح صحيح سالم ھجي، داغ ۽ عيب کان صاف ۽ پاڪ ھجي. پوءِ (عاجز ٿي) چيائون تہ ھاڻي پوري پوري پڳاھ ٻڌايئي. نيٺ اھو ڏور ذبح ڪيائون، پر ائين ڪرڻ ٿي ھنن جي دل نہ ٿي وري.

رڪوع ۹ آيت ۷۲ ـ تا ـ ۸۲

بني اسرائيل جون ڪجھ ٻيون بدخصلتون

(۷۲) ياد رکو تہ، توھان ھڪڙو ماڻھو قتل ڪيو، پوءِ ان متعلق پاڻ ھ جھگڙو ڪرڻ ۽ ھڪ ٻئي تي ڏوھ ڏرڻ لڳؤ. پر جيڪا پڳاھ توھان لڪائڻ پئي گھري سا الله تعاليٰ ضرور ظاھر ڪرڻ وارو ھو (۽ انھيءَ عظيم گناھ لاءِ سزا ڏيڻ وارو ھو). (۷۳) (ٿيو ٻہ ائين) اسان حڪم ڏنو تہ ھن شخص تي (جيڪو سچ پچ خوني ھو) خون ٿيل جي گوشت مان ڪجھ ٽڪرو ھڻو. (جڏھن ائين ڪيو ويو تڏھن حقيقت معلوم ٿي وئي خوني ليپي ويو) الله تعاليٰ اھڙيءَ طرح مئلن کي جيئرو ڪري ٿو ۽ اوھان کي پنھنجون (قدرت ۽ حڪمت جون) نشانيون ڏيکاري ٿو، انھيءَ لاءِ تہ سمجھ ۽ عقل ڪم آڻيو. (۷٤) پوءِ توھان جون دليون (بار بار گناھن ۽ نافرمانين ڪرڻ سبب) سخت ٿي پيون، اھڙيون سخت جھڙو پٿر. نہ نہ، اجا ٻہ وڌيڪ سخت. چو تہ پٿرن ھ اھڙا پٿر ٻہ آھن جن مان نھرون وھي ھلن ٿيون. ڪي وري اھڙيون ڇپون آھن جي ڦاٽي ٻہ ٽڪر ٽين پيون تہ انھن منجھان پاڻي نڪري ٿو پوي. ڪي تہ وري اھڙيون ٻہ آھن جي خدا جي خوف کان ڏکي ڪري پون ٿيون. (مگر افسوس اوھان جي دلين تي! جن جي اڃيان پٿر جي سختي ڪجھ ٻہ نہ آھي.) ياد رکو تہ الله تعاليٰ اوھان جي عملن ٻہ نسبت غافل ناھي (ھو اوھان جا عمل ڄاڻي ٿو ۽ اوھان کي سخت عذاب ڏيندو). (۷۵) (اي مؤمنو!) اوھان اميد رکو ٿا ڇا تہ (ھي مديني جا يھودي) اوھان جي پڳاھ مڃي (حضرت محمد ﷺ تي) ايمان آڻيندا؟ ۽ حالت ھيءَ آھي جو ھنن مان ڪي الله جو ڪلام ٻڌندا ٻہ آھن ۽ ان جو مطلب ٻہ سمجھندا آھن، پر تڏھن ٻہ ڄاڻي ٻجھي ان جي لفظن ھ مٽ ست ڪري مطلب ڦيرائي ڇڏيندا آھن. (۷٦) ۽ ڏسو ھنن جا حال جڏھن ھو ايمان وارن سان ملن ٿا تڏھن چون ٿا تہ اسان ٻہ ايمان آندو آھي، پر جڏھن اڪيلا پاڻ ھ پڳاھيون ڪن ٿا تڏھن چون ٿا تہ توھان کي خدا جيڪو (تورات) جو علم ڏنو آھي سو ھنن (مسلمانن) کي ڇو ٿا ٻڌايو؟ ڇا انھيءَ لاءِ ٿا ٻڌايو تہ ھو اوھان جي خلاف اوھان جي پروردگار وٽ دليل وڻن؟ (يعني تورات مان ڏي توھان جي خلاف دليل پيدا ڪن) ڇا اھڙي ظاھر پڳاھ ٻہ نٿا سمجھو؟ (۷۷) (افسوس ھنن جي حال تي!) ڇا ايترو ٻہ نہ ٿا ڄاڻن تہ (معاملو انسانن سان ناھي پر الله سان آھي) ۽ الله تہ سڀ ڪجھ ڄاڻي ٿو جيڪي ھو لڪائين ٿا سو ٻہ ڄاڻي ٿو ۽ جيڪي ظاھر ڪن ٿا سو ٻہ ڄاڻي ٿو. (۷۸) ۽ انھن يھودين ھ اھڙا

ماڻهو ۾ آهن جيڪي اڻ پڙهيل آهن ۽ پنهنجي ڪتاب تورات بابت سواءِ پنهنجي خواهشن ۽ اميدن جي ٻيو ڪجهه نٿا ڄاڻن ۽ رڳو پنهنجن وهمن ۽ گمانن سان ٻرپور آهن. (۷۹) پوءِ ويل آهي انهن لاءِ جيڪي پنهنجي لاءِ هٿن سان ڪتاب ٺاهي چون ٿا تہ هي خدا وٽان آهي (يعني اهي خدا جا حڪم آهن، حالانڪ پنهنجي مطلبن ۽ فائدن لاءِ ڪوڙا مطلب ٿا ان ۾ لکن) اهو انهيءَ لاءِ ڪن ٿا تہ ان جي وسيلي دنيائي فائدن جي خسيس قيمت تي دين کي وڪٽي ڇڏين. پوءِ افسوس آهي انهيءَ تي جيڪي سندن هٿ لکن ٿا، افسوس آهي انهن تي جيڪي هو اهڙيءَ طرح ڪمائن ٿا. (۸۰) ۽ هي يهودي چون ٿا تہ جهنم جي باهه اسان کي ڪڏهن ۽ ڪيترا ڏينهن (چو تہ اسان ڏي خدا جي پياري نجات يافتہ قوم آهيون) جيڪڏهن ڪٽي باهه ۾ پئون ۽ تہ ٿورن ڳڻيل ڏينهن لاءِ (پوءِ جنت ۾ داخل ٿيندا سين، اي پيغمبر! انهن ماڻهن کي) چئو تہ اها ڳالهه جا چئو ٿا سا (پن حالتن ڪان خالي ناهي يا تہ) توهان خدا ڪان عهد لڪائي ورتو، هاڻي ڪو عهد جي خلاف وڃي نہ سگهندو يا تہ خدا جي باري ۾ اهڙي ڳالهه چئو ٿا جنهن لاءِ توهان ڪي ڪجهه ۽ علم ڪونهي. (۸۱) هرگز نہ، (جنت ڪنهن خاص گروهه ۽ نسل جي ميراث ناهي) خدا جو قانون تہ هي آهي تہ جن ۽ ماڻهن پنهنجي بدعملين سان برائي ڪمائي ۽ سندن گناهن هن کي گهيري ورتو سي دوزخي آهن ۽ هميشہ دوزخ ۾ رهندا. (۸۲) جن ۽ ماڻهن (سچو) ايمان آندو ۽ صالح عمل ڪيا، اهي جنتي جماعت ۾ هوندا ۽ هميشہ جنت ۾ رهندا.

رڪوع ۱۰ آيت ۸۳ ـ تا ـ ۸۶

بني اسرائيل جا عظيم ڏوهه

(۸۳) ۽ (ياد اهو وقت ياد ڪيو) جڏهن اسان بني اسرائيلن کان عهد ورتو هو تہ الله کان سواءِ ٻئي ڪنهن جي ۽ بندگي نہ ڪندؤ، ماءُ پيءُ سان احسان (چگايون) ڪندؤ ۽ پٽ ماٽڻ يتيمن ۽ مسڪينن سان نيڪيون ۽ مددگاريون ڪندؤ، سيني انسانن سان تمام سهڻي نموني گفتگو ڪندؤ ۽ نماز قائم ڪندؤ ۽ زڪوٰت ادا ڪندؤ (ايمان ۽ عمل اهوئي آهي) پر توهان انهيءَ عهد تي قائم نہ رهيو ۽ سواءِ ڪن ٿورن جي، ابتڙ چال هليؤ ۽ (سچ هي آهي تہ) توهان هدايت ڪان قطعي منهن موڙي ڇڏيو آهي. (۸۴) ۽ (ياد هي ۾ ياد ڪيو تہ) اسان توهان کان عهد ورتو هو تہ هڪ ٻئي جو خون نہ وهائيندؤ ۽ نہ پنهنجي ماڻهن کي ملڪ نيڪالي ڏيندؤ. توهان اهو اقرار ڏنو هو ۽ توهان هاڻي ۾ اها ڳالهه قبول ڪيو ٿا (تہ توهان برابر اهو عهد اقرار ڪيو هو.) (۸۵) پر وري ڏسو تہ سهي تہ اوهان اهي ئي ساڳيا (جن عهد اقرار ڏنو، هاڻي ان عهد اقرار جي خلاف) هڪ ٻئي کي قتل ٿا ڪيو ۽ هڪڙي ڏر وارا ظلم ۽ گنهگاري جي ڪم لاءِ ٻڌي ۽ مددگاري ڪري ٻيءَ ڏر وارن مان ڪن کي پنهنجي وطن مان نيڪالي ٿا ڏيو. پر وري جڏهن اهي ئي جلا وطن ڪيل ماڻهو (دشمن جي هٿ چڙهي) قيدي ٿي توهان وٽ اچن ٿا تہ توهان فديہ (عيوضو) ڏيئي انهن کي ڇڏايو ٿا (۽ چئو ٿا

تہ اسان جي شريعت موجب ائين ڪرڻ ضروري آهي) حالانڪ (جيڪڏهن شريعت تي هلڻ جو اوهان کي اونو آهي تہ شريعت موجب) اوهان لاءِ هيءَ ڳالهہ بہ حرام هئي جو اوهان هنن کي جلاوطن ڪيو. (ڇا پنهنجي مطلبن حاصل ڪرڻ لاءِ) ڪتاب جي ڪن پاڳن تي ايمان آڻيو ٿا ۽ ڪن پاڳن کان انڪار ٿا ڪيو. پوءِ ٻڌايو تہ اوهان مان جن جا افعال اهي آهن تن کي انهن بدافعالن جي بدلي ۾ هن کان سواءِ ٻيو ڇا حاصل ٿي سگهندو تہ دنيا ۾ ذلت ۽ خواري ٿئي ۽ قيامت جي ڏينهن سخت ۾ سخت عذاب ملي ۽ ياد رکو تہ الله تعاليٰ اوهان جي عملن کان غافل ناهي (هو ضرور عملن جي جزا ڏيندو). (۸۶) اهي ئي ماڻهو آهن جن آخرت جي زندگي ڏيئي (پاڻ کي برباد ڪري) هن دنيا جي مفادن واري (ذلت جي) زندگي خريد ڪئي آهي هنن جي عذاب ۾ ڪجهہ بہ گهٽتائي نہ ڪئي ويندي ۽ نہ هنن کي ڪا مدد ئي ملندي.

رڪوع ۱۱ آيت ۸۷ ـ تا ـ ۹۶

يهودين جون ٻيون بدخصلتون ۽ بدعمل، موت کان ويڳاٽائپ

(۸۷) ۽ يقيناً اسان حضرت موسيٰ کي ڪتاب (تورات) ڏنو. حضرت موسيٰ کان پوءِ هڪ پئي پٺيان رسول موڪلياسين ۽ حضرت عيسيٰ ابن مريم کي (سندن پيغمبري جي سچائي ۽ ثبوت جون) چٽيون نشانيون ڏنيوسين ۽ روح القدس (حضرت جبرائيل يا پاڪ وحي) جي ڪيس تائيد ڏني سين، پر توهان جي هميشہ اهائي عادت رهندي ڇا جو جڏهن ڪوبہ رسول توهان وٽ اهڙا حڪم ڪٽي اچي جي توهان جي نفساني خواهشن جي خلاف هجن تڏهن توهان تڪبر ڪيو، ڪن کي ڪوڙو ڪوٺيو تہ ڪن کي قتل ڪيو. (۸۸) ۽ هي ماڻهو چون ٿا تہ اسان جي دلين تي غلاف (پردو) چڙهيل آهي (ڪا نئين ڳالهہ اسان جي دلين تائين ڪين پهچندي اها اعتقاد جي پڪائي ناهي، پر حق کان انڪار ڪرڻ جي تعصب جي لعنت آهي). سو الله تعاليٰ سندن انڪار سبب متن لعنت وڌي آهي. تنهن ڪري هو بلڪل نٿا مڃن. (۸۹) جيئن تہ جڏهن الله تعاليٰ وٽان هنن وٽ ڪتاب (قرآن) آيو آهي، جنهن انهن جي ڪتاب (تورات) کي سچو ليکيو آهي جو وٽن اڳ ۾ ئي موجود هو تڏهن (تورات ۾ حضرت محمد ﷺ ۽ قرآن مجيد جي پيشنگوئي هوندي بہ) توڙي جو اڳي ان جي وسيلي ڪافرن تي فتح حاصل ڪرڻ لاءِ دعائون گهرندا هئا، تڏهن بہ جڏهن اهو (قرآن مجيد) نازل ٿيو ۽ ان کي سڃاتائون بہ تہ پوءِ بہ (تڪبر ۽ مفادن سبب) ان جا منڪر ٿيا، پوءِ اهي ماڻهو جي جاڻي ٻجهي حق کان انڪار ڪن تن تي الله تعاليٰ جي لعنت آهي (يعني اهڙن تي فلاح ۽ سعادت جي وات ڪڏهن بہ نہ ٿي ڪلي). (۹۰) (افسوس هنن جي بدبختيءَ تي!) ڪهڙي نہ خسيس قيمت تي هنن پنهنجي ضمير ۽ نفس کي وڪٽي ڇڏيو آهي! جو الله تعاليٰ جي نازل ڪيل سچائي کان انڪار ٿا ڪن سو بہ رڳو حسد جي ڪري جو الله تعاليٰ پنهنجي فضل سان پنهنجي بندن مان جيڪو وڻيس ٿو تنهن تي پنهنجو وحي نازل ڪري ٿو. (پوءِ اڳين بدعملين ۽

هنن ئئين انڪار سبب) غضب مٿان غضب هنن تي ڪڙڪيو. (خدا جو قانون آهي تہ) حق کان انڪار ڪرڻ وارن (سرڪشن) لاءِ هميشہ خوار خراب ڪندڙ عذاب آهي. (۹۱) ۽ جڏهن کين چيو وڃي ٿو تہ جيڪي خدا نازل ڪيو آهي تنهن تي ايمان آڻيو، تڏهن چون ٿا تہ اسان فقط انهيءَ تي ايمان آڻيندا سين جو اسان تي نازل ٿيو آهي. ان کان سواءِ جو ڪجھ آهي، تنهن کان هنن کي انڪار آهي، توڙي جو اهو خدا جو سچو ڪلام آهي ۽ خود سندن ڪتاب جي تصديق ٿو ڪري. اي منهنجا پيغمبر! تون انهن کي چئو تہ (جيڪڏهن توهان فقط تورات کي مڃڻ ٿا چاهيو تہ پوءِ انهن نبين کي ڇو نہ ٿا مڃيو جن تورات تي عمل ڪرڻ لاءِ توهان کي سمجهايو) ڇو اڳلندو توهان الله جي نبين کي قتل ڪيو؟ جيڪڏهن توهان سچ پچ مؤمن هيئو. (يعني توهان کي خود تورات تي بہ ايمان ۽ عمل ڪونہ هو). (۹۲) (ان جا مثال ٻڌو) اوهان وٽ حضرت موسيٰ سچائي جي روشن دليلن سان آيو، پوءِ توهان هن جي پرپٺ گابو ڪاهي ان جي پوڄا ڪرڻ لڳو ۽ ائين ڪرڻ سان توهان وڏو ظلم ڪري ڇڏيو. (۽ حق کان هٽي ويئو.) (۹۳) ۽ (اهو واقعو بہ ياد ڪيو) جڏهن اسان توهان کان عهد ورتو. ان وقت طور جبل جون چوٽيون اوهان جي مٿان بلند ڪيون ويون هيون تہ جيڪو ڪتاب توهان کي ڏنو ويو آهي تنهن کي مضبوطيءَ سان جهليو ۽ ان تي عمل ڪيو. توهان (زبان سان تہ) چيو تہ ٻڌوسين، پر (دل سان چيو تہ) نٿا مڃيون. پوءِ ڇا ٿيوجو اوهان جي ڪفر سبب اوهان جي دلين ۾ گابي جي پوڄا اثر ڪري ويئي. اي پيغمبر! انهن ماڻهن کي چئو تہ جيڪڏهن توهان جو ايمان اهو آهي تہ ڪهڙي نہ برائي آهي، اها جو توهان جو (منافقاڻو ڪوڙو) ايمان اوهان کي ڏَسي ٿو. (۹٤) (اي پيغمبر! انهن يهودين کي) چئو تہ جيڪڏهن آخرت جو گهر (بهشت) خدا وٽان خالص طور توهان جي لاءِ آهي، نہ ٻين لاءِ (جيئن توهان دعويٰ ڪيو ٿا) تہ پوءِ جيڪڏهن انهيءَ دعويٰ ۾ سچا آهيو تہ موت لاءِ خواهش ڪو. (۹۵) پر هو هرگز موت جي تمنا نہ ڪندا ڇو تہ هنن جي هٿن گهٽن ئي گناهن جو ثمر اڳواٽ موڪلي ڏنو آهي (سزا کان ڊڄن ٿا، پر مؤمن جيڪي چگا عمل ڪن ٿا سي موت کان ڪونہ ٿا ڊڄن) الله تعاليٰ ظلم ڪرڻ واري کي چگي طرح ڄاڻي ٿو. (۹٦) نہ رڳو ايترو پر توهان ڏسندؤ تہ وڏي حياتيءَ لاءِ حرص هنن کي سيني ماڻهن کان وڌيڪ آهي. مشرڪن کان بہ وڌيڪ حرص اٿن. هنن مان هرهڪ چاهي ٿو تہ شال هڪ هزار سال جيئرو هجان پر ڊگهي حياتي هنن کي آخرت جي عذاب کان ڪونہ ڇڏائيندي. جيڪي هو ڪن ٿا سو الله تعاليٰ چگيءَ طرح ڄاڻي ٿو.

رڪوع ۱۲ آيت ۹۷ ـ تا ـ ۱۰۳

يهودين بابت وڌيڪ حقيقتون

(۹۷) (اي پيغمبر!) چئو تہ جيڪو (مَلَڪ) جبريل سان دشمني رکي ٿو انهيءَ ڪري جو هو الله جي حڪم سان تنهنجي قلب تي وحي نازل ڪري ٿو ۽ اهو وحي تصديق ڪري ٿو انهيءَ وحي جي جو

اڳي نازل ٿيو آهي ۽ مؤمنن جي لاءِ حق جي راهه ڪولينڊڙ ۽ خوشخبري ڏيندڙ آهي. (۹۸) (پوءِ جيڪو الله جو ۽ ملائڪن جو ۽ رسولن جو ۽ جبريل ۽ ميڪائيل جو دشمن آهي (يعني وحي جي سلسلي جو مخالف آهي) تہ پوءِ الله تعاليٰ بہ اهڙن حق جي منڪرن جو دوست ناهي. (۹۹) (اي پيغمبر!) اسان توتي سچائي جا روشن دليل نازل ڪيا آهن ۽ انهن کان ڪوبہ انڪار نٿو ڪري سگهي، سواءِ انهن ماڻهن جي جيڪي سچائي ۽ نيڪ عملن کي ڇڏي) گمراهه ٿي ويا آهن. (۱۰۰) جڏهن بہ هنن يهودين (حق جي تابعداري جو ڪو) عهد ڪيو تڏهن انهن مان ڪنهن نہ ڪنهن ٽولي‌ءَ انهي‌ءَ عهد کي اڇلائي ڏنو ڪيو. حقيقت هي‌ءَ آهي تہ هنن مان گهڻا اهڙا آهن جن جون دليون ايمان کان خالي آهن. (۱۰۱) ۽ جڏهن هنن وٽ الله وٽان هڪڙو رسول انهي‌ءَ ڪتاب (تورات) جي تصديق ڪندي آيو جو وٽن اڳ ۾ موجود هو تڏهن انهن يهودين جن کي ڪتاب ڏنو ويو هو، تن مان هڪ ٽولي انهي‌ءَ الله جي ڪتاب (تورات) کي پنهنجي پٺئين پاسي اڇلائي ڇڏيو. جڙ تہ ان کي سچاڻيندا بہ نہ هئا. (حضرت عيسيٰ عليہ السلام ۽ حضرت محمد ﷺ کي نہ مڃڻ تورات کي نہ مڃڻ جي برابر هو، ڇو تہ تورات ۾ پنهي جي سچائي‌ءَ جون پيشنگويون آهن). (۱۰۲) ۽ هو ان (جادوءَ) جي پٺيان لڳي پيا جو حضرت سليمان (عليہ السلام) جي بادشاهي‌ءَ جي زماني ۾ شيطان (يعني شرير ماڻهو) پڙهندا هئا، پر حضرت سليمان عليہ السلام ڪڏهن بہ اهو ڪفر جو ڪم نہ ڪيو (جادو نہ سيکاريو) مگر انهن ئي شيطانن جو ڪفر هئو جو ماڻهن کي جادوگري سيکاريندا هئا، نڪي اهو جادو بابل ۾ هاروت ۽ ماروت ملڪ تي نازل ٿيو هو. حقيقت هي‌ءَ آهي تہ جيڪي بہ هو سيکاريندا هئا سو هيئن چوڻ کان سواءِ نہ سيکاريندا هئا تہ يقيناً اسان اوهان جي لاءِ فتنو (آزمائش) آهيون. پوءِ توهان ڪفر جو ڪم نہ ڪيو، پر تنهن هوندي بہ ماڻهو شيطانن کان اهڙا ڪم سکندا هئا جن جي وسيلي مڙس ۽ زال جي وچ ۾ جدائي وجهڻ گهرندا هئا پر هو ڪنهن بہ انسان کي نقصان پهچائي ڪونہ سگهندا هئا، پر خدا جي حڪم سان هونئن ئي ڪنهن کي نقصان پهچڻو هوندو تہ پوءِ اهو پهچندو. ۽ اهي ماڻهو اهڙيون ڳالهيون سکن ٿا جي هنن کي نقصان ٿيون پهچائين نہ فائدو. هنن کي خبر بہ آهي تہ جيڪو بہ (پنهنجو دين ايمان وڪٽي) جادوگري خريد ڪندو تنهن کي آخرت جي پلاين مان ڪجهہ بہ نہ ملندو. ڪهڙي نہ خراب شيءِ (خسيس مفادن) جي واسطي هنن پنهنجا ضمير ۽ نفس وڪٽي ڇڏيا. ڪهڙو نہ چگو ٿئي ها جيڪڏهن هو اها حقيقت ڄاڻن ها. (۱۰۳) جيڪڏهن اهي ماڻهو (خدا جي حڪمن تي) ايمان آڻين ها ۽ نافرماني کان بچن ها تہ هنن کي الله وٽان بهتر اجر ملي ها. ڪهڙو نہ چگو ٿئي ها جيڪڏهن هو اها حقيقت ڄاڻن ها!

رڪوع ۱۳ آيت ۱۰۴ ـ تا ـ ۱۱۲

بيفائدي بحثن کي ڇڏي معافي ۽ درگذر جو رستو وٺو

(۱۰۴) ايمان وارؤ! راعنا (اسان ڏي ڏيان ڏي) جو لفظ ڪم نہ آڻيو (جڏهن پيغمبر ﷺ جو ڏيان پاڻ

ڏي چڪائڻ چاهيو، جو ته اهو لفظ به معناڻون ٿو رکي) پر انظرنا (اسان ڏي ڏيان ڪر) چئو ۽ (پوءِ جيڪي پاڻ سڳورا فرمائين سو) خيال سان ٻڌو. اهڙن حق جي منڪرن کي ته دردناڪ عذاب ملڻو آهي. (۱۰۵) اهل ڪتاب مان جن ڪفر جي وات ورتي آهي ۽ پڻ عرب ملڪ جا مشرڪ نٿا چاهين ته تنهنجي رب وٽان توتي خير (۽ سعادت وارو وحي) نازل ٿئي. پر الله ته جنهن کي چاهي تنهن کي پنهنجي رحمت لاءِ چونڊي ڪڍي ٿو ۽ الله وڏي فضل ۽ ڪرم وارو آهي. (۱۰۶) اسان وحين مان ڪوبه وحي بدلايون يا وسارائي ٿا ڇڏيون ته ان کان بهتر يا ان جهڙو نازل ڪيون ٿا. ڇا توهان نٿا ڄاڻو ته الله تعاليٰ سڀ ڪجهه ڪري ٿو سگهي؟ (۱۰۷) توهان نٿا ڄاڻو ته زمين ۽ آسمانن جي بادشاهت فقط الله تعاليٰ جي آهي ۽ هن کان سواءِ ڪوبه ڪونهي جو توهان جو دوست ۽ مددگار ٿئي. (۱۰۸) ڇا توهان چاهيو ٿا ته پنهنجي رسول کان به ائين اجايا سوال پڇو جيئن اڳي حضرت موسيٰ عليه السلام کان يهودين پڇيا هئا. (ياد رکو ته) جيڪو به ايمان جي نعمت حاصل ڪري وري ان جي بدلي ڪفر اختيار ڪندو سو يقيناً سڌي وات کان پلجي گمراهه ٿي ويندو (ڪاميابيءَ جي منزل کوڻ پهچندو.) (۱۰۹) (ياد رکو ته) اهل ڪتاب مان هڪ وڏو تعداد چاهي ٿو ته اوهان کي ايمان مان ڪيڙي، وري ڪفر ۾ موٽائين ۽ توڙي جو حق هنن لاءِ ظاهر ٿي پيو آهي ته به حسد کان ائين ڪرڻ ٿا گهرن. پوءِ (بي فائده بحثن کي ڇڏي) معافي ۽ درگذر جو رستو وٺو، جيستائين ڪ الله تعاليٰ جو فيصلو ظاهر ٿي وڃي، (يعني حق جي فتح ٿيندي ته ثابت ٿي ويندو ته هو باطل تي آهن) بيشڪ الله تعاليٰ هر شيءِ تي قادر آهي. (۱۱۰) ۽ نماز قائم ڪيو ۽ زڪوات ڏيو (ياد رکو ته) جيڪا به چگاين جي موڙي پنهنجي لاءِ گڏ ڪيو ٿا ان جو چگو نتيجو الله تعاليٰ وٽ ڏسندؤ، (يعني ايندڙ وقت ۾ انهن جا فائدا ظاهر ٿيندا) جيڪي جيڪي اوهان ڪيو ٿا سو الله تعاليٰ چگيءَ طرح ڏسي ٿو. (۱۱۱) يهودي چون ٿا ته جنت ۾ ڪوبه ماڻهو نه گهڙندو، جيستائين يهودي نه ٿيندو. ساڳيءَ طرح عيسائي به چون ته جنت ۾ ڪوبه نه ويندو جيستائين عيسائي نه ٿيندو. (اي منهنجا پيغمبر!) اهي هنن جون اجايون خواهشون ۽ اميدون آهن، تون کين چئو ته جيڪڏهن اوهان جو خيال سچو آهي ته اها دعويٰ دليلن سان ثابت ڪيو. (۱۱۲) (ائين ناهي ته جنت فقط هڪ خاص گروهه کي ملندي) جنهن به خدا جي اڳيان سر جهڪايو ۽ چگايون ڪيائين تنهن کي پنهنجي پروردگار وٽان ضرور اجر ملندو. هن کي نڪو خوف رهندو ۽ نه غمگيني.

رکوع ۱۴ آيت ۱۱۳ - تا - ۱۲۱

اهل ڪتاب ۽ مشرڪن جون گمراهيون، سچي حقيقت ڇا آهي؟

(۱۱۳) يهودي چون ٿا ته عيسائين جو دين ڪجهه به نه آهي ۽ عيسائي چون ٿا ته يهودين وٽ رکيو ڇا آهي. حالانڪ هو ساڳيو ئي ڪتاب پڙهندڙ آهن (۽ اصل دين ٻنهي جو ساڳيو آهي) ساڳي ئي ڳالهه اهي به ڪندا آهن جن کي (الاهي ڪتابن جو) علم ڪونهي، (يعني عرب جا مشرڪ ائين ئي

چوندا آهن تہ رڳو اسان جو طريقو سچو آهي،) پر قيامت جي ڏينهن الله تعاليٰ هنن جي وچ ۾ جج ٿيندو ۽ جن ڳالهين ۾ اختلاف رکن ٿا تن جو فيصلو ڏيندو. (۱۱٤) ۽ ڏسو تہ انهيءَ کان وڌيڪ ظالم ڪير ٿو ٿي سگهي جو الله تعاليٰ جي عبادتگاهن ۾ سندس نالو ياد ڪرڻ کان ٻين کي روڪي ٿو، بلڪ ٻين جا عبادتگاهه ڊاهڻ گهري ٿو؟ يقيناً هو انهيءَ جا لائق ئي ناهن تہ عبادت گاهن ۾ رڳو اندر وڃن، تڏهن وڃن جڏهن خدا جو خوف دل ۾ رکن. مٿي بيان ڪيل ظالمن لاءِ هن دنيا ۾ بہ خواري آهي تہ آخرت ۾ بہ تمام سخت عذاب ملندن. (۱۱۵) مشرق توڙي مغرب يعني ساري دنيا الله جي ئي آهي. پوءِ ڪاڏي بہ منهن ڦيرايو تہ اوڏانهن الله تعاليٰ (حاضر ناظر) آهي. بيشڪ الله تعاليٰ هر هنڌ آهي ۽ سڀ ڪجهہ ڄاڻندڙ آهي. (۱۱٦) ۽ (ڏسو تہ سهي عيسائي) چون ٿا تہ الله تعاليٰ پٽ (عيسيٰ) ڄڻيو. حالانڪ. الله تعاليٰ اهڙين ڳالهين کان پاڪ آهي. (هن کي پٽن جي ڪهڙي ضرورت آهي جڏهن تہ) زمين ۽ آسمانن ۾ جو ڪجهہ آهي سو سندس قانون ۽ حڪم جا تابعدار آهن. (۱۱۷) ۽ (هي بہ خيال ڪيو) تہ الله تعاليٰ تہ زمين ۽ آسمانن جو ڌاهيندڙ آهي. جڏهن هو ڪنهن بہ ڪم جو فيصلو ڪري وڌي ٿو تڏهن (مددگارن ۽ وسيلن کان سواءِ ئي) هو فقط حڪم ڪري ٿو تہ ٿي پئو تہ پوءِ ائين ٿي (هي شيون ۽ جانور) ظهور ۾ اچي وڃن ٿا. (۱۱۸) ۽ جيڪي ماڻهو (خدائي ڪتابن جو) علم نٿا رکن سي چون ٿا تہ الله تعاليٰ چو نہ ٿو اسان سان سنئون سڌو ڳالهائي يا ڪا نشاني (معجزو) موڪلي؟ اهي بہ هوبهو اهائي (بيهودي) ڳالهہ ٿا ڪن جيڪا هنن کان اڳيان ڪندا هئا. (مذهب جي باري ۾) اڳين ۽ پوين جون دليون هڪ جهڙيون پئي رهيون آهن، سچ هي آهي تہ اسان گهٽيون ئي نشانيون ظاهر ڪري ڇڏيون آهن، پر اهي نشانيون انهن لاءِ ڪافي آهن، جيڪي مڃڻ وارا آهن (نہ انهن لاءِ جي هرو پرو انڪار ڪرڻ لاءِ تيار آهن جيئن مصري ماڻهن ظاهر ظهور معجزا ڏٺا تہ بہ حضرت موسيٰ کي نہ مڃيائون). (۱۱۹) اي پيغمبر! اسان تو کي حق ۽ هدايت جي راهہ ڏيکارڻ لاءِ موڪليو آهي ۽ انهيءَ لاءِ تہ ماڻهن کي (چڱن عملن جي برڪتن جي) خوشخبري ٻڌائين ۽ حق کان انڪار جي بدلي ۾ عذابن بہ نسبت) خبردار ڪرين. پوءِ جيڪي ماڻهو (انڪار ۽ بدعملن جي ڪري) دوزخي ٿيندا تن بہ نسبت تو تي جوابداري ڪانهي (تنهنجو ڪم آهي فقط حق جو پيغام پهچائڻ). (۱۲۰) (چا بہ ڪرين) اهي يهودي ۽ عيسائي تو کان راضي ڪڏهن بہ نہ ٿيندا جيستائين تون هنن جي (هٿرادو ٺاهيل) جماعت جي پيروي ڪرين، هنن کي چئو تہ هدايت جي راهہ تہ اها آهي جا الله تعاليٰ ڏسي آهي ۽ ياد رک تہ جيڪڏهن تو هنن جي خواهشن جي پيروي ڪئي اگرچہ تو وٽ اڳئي سچو حقيقي علم اچي چڪو آهي تہ پوءِ الله تعاليٰ جي دوستي ۽ مددگاري تو کي حاصل نہ ٿيندي. (۱۲۱) جن کي (خدائي) ڪتاب ڏنو ويو آهي ان کي (اخلاص سان ۽ غور ۽ فڪر ڪري حقيقت پروڙڻ لاءِ) ائين پڙهن ٿا جيئن ان کي پڙهڻ گهرجي. اهي پوءِ ضرور ان تي ايمان آڻيندا، پر جيڪڏهن کو (سڌي راهہ وڃڻ کان) انڪار ڪندو تہ پوءِ انهن ئي لاءِ تباهي ۽ نامرادي آهي.

رکوع ۱۵ آيت ۱۲۲ ـ تا ـ ۱۲۹

حضرت ابراهيم عليہ السلام ٿنهي دينن جو ڏاڏو آهي، يهودين ۽ عيسائين جي عمل بجاءِ گروهہ بندي ڪري هاڻي اسماعيلي قوم کي دنيا جي هدايت لاءِ چونڊيو ويو.

(۱۲۲) اي بني اسرائيلو! منهنجون اهي نعمتون ياد ڪيو جي مون اوهان تي ڪيون ۽ مون اوهان کي سڄي دنيا ۾ ممتاز ۽ سرفراز ڪيو. (۱۲۳) ۽ ڊڄو انهيءَ ڏينهن کان جنهن ڏينهن ڪوبہ انسان ڪنهن ٻئي انسان کي ڪم نہ ايندو (نڪي پنهنجي ڪنهن پيشوا جو ٿالو وٺي عذاب کان ڇڏي وڃبو) نہ ڪنهن طرح جو عيوضو قبول پوندو (يعني فديو ڏئي جان کوبہ ڇڏائي سگهي) نہ ڪنهن جي ڪوشش ۽ سفارش فائدو ڏيندي ۽ نہ گنهگارن کي ڪٿان بہ مدد ملندي. (۱۲٤) ۽ (اها ڳالهہ ياد رکو تہ) جڏهن حضرت ابراهيم کي سندس پروردگار ڪن ڳالهين ۾ آزمايو تڏهن هو آزمائش ۾ پورو نڪتو. پوءِ الله تعاليٰ ڪيس فرمايو تہ مان تو کي ماڻهن لاءِ امام بنائڻ وارو آهيان (يعني ماڻهو تنهنجي پيروي ڪندا) تڏهن حضرت ابراهيم عرض ڪيو تہ منهنجي اولاد تي بہ اهڙو فضل ڪجئي. الله تعاليٰ جواب ۾ فرمايو تہ هائو، پر جيڪي ظالم ۽ گنهگار ٿيندا تن سان منهنجو عهد لاڳو نہ ٿيندو (رڳو نسل ۽ خانداناڻي ڪجهہ بہ فائدو نٿي ڏئي.) (۱۲۵) ۽ وري ڏسو تہ اسان هن گهر (ڪعبي) کي ماڻهن جي اڇاڻ جو مرڪز ۽ امن امان جي جاءِ ڪئي ۽ حڪم ڏنوسين تہ حضرت ابراهيم جي بيهڻ واري جاءِ کي (هميشہ جي واسطي) نماز پڙهڻ جي جاءِ بنايو وڃي ۽ اسان حضرت ابراهيم ۽ حضرت اسماعيل کي حڪم ڪيو تہ هن منهنجي گهر کي طواف ڪرڻ وارن لاءِ، عبادت لاءِ منجهن رهڻ وارن لاءِ ۽ رڪوع ۽ سجدو ڪرڻ وارن لاءِ پاڪ رکو. (۱۲٦) ۽ پوءِ چا ٿيو جو حضرت ابراهيم دعا گهري تہ اي منهنجا رب! تون هن شهر کي امن امان وارو شهر ڪر ۽ ان جي ماڻهن مان جيڪي الله ۾ ۽ آخرت جي ڏينهن ۾ سچو ايمان رکن تن جي گذران لاءِ هر طرح جا ميوا وغيره عطا ڪر. تنهن تي خدا جو حڪم آيو تہ هائو، پر جيڪو ڪفر ڪندو تنهن کي بہ ڪجهہ وقت تہ رزق جو فائدو ڏينداسين پر جلد ڪيس باهہ جي عذاب ڏانهن گهليندا سين اهو (دوزخ جو) هنڌ ڪهڙو نہ مصيبت وارو هوندو! (۱۲۷) ۽ هي عظيم واقعو بہ ياد رکو جو حضرت ابراهيم خدا جي گهر جي پيڙهہ وجهي رهيو هو ۽ سندس پٽ حضرت اسماعيل بہ ساڻس شريڪ هو، (پٽر ڪٽندي هو دعا گهري رهيا هئا) اي پروردگار! اسان جي هيءَ خدمت ۽ عمل قبول پوي. بيشڪ تون دعائن جو ٻڌندڙ ۽ سڀ ڪجهہ ڄاڻندڙ آهين. (۱۲۸) اي اسان جا پروردگار! اسان ٻنهي کي سچو مسلم (تنهنجي حڪمن جو فرمانبردار) ڪر ۽ اسان جي اولاد مان بہ اهڙي امت پيدا ڪر جا تنهنجي حڪمن جي فرمانبردار هجي. اي خدا! اسان کي اسان جي عبادت جا طريقا سيکار ۽ اسان جا قصور معاف ڪر. بيشڪ تون ئي وري وري معاف ڪندڙ ۽ بي انتها رحم وارو آهين. (۱۲۹) ۽ اي اسان جا پروردگار! (پنهنجي فضل ۽ ڪرم سان) جيڪي ماڻهو (مڪي ۾ اسماعيل جو اولاد) پيدا ٿيندا تن ڏانهن انهن ئي منجهان هڪڙو رسول موڪلجانءِ جو تنهنجون آيتون ماڻهن کي

پڑهي پڌائي. الله جو ڪتاب ۽ عقل ۽ دانائيءَ جون ڳالهيون سيکاري ۽ (پنهنجي تربيت ۽ صحبت سان) هنن جون دليون پاڪ ڪري ڇڏي. اي پروردگار! بيشڪ تون ئي آهين جو وڏي شان ۽ قدرت وارو ۽ وڏي حڪمت وارو آهين.

رڪوع ۱۶ آيت ۱۳۰ ـ تا ـ ۱۴۱

حضرت ابراهيم جو دين

(۱۳۰) (حضرت ابراهيم جو طريقو اهو هو جو بيان ڪيو ويو) پوءِ ڪير حضرت ابراهيم جي اهڙي سهڻي دين کان قري ويندو؟ سواءِ انهيءَ جي جنهن پاڻ کي جاهل ۽ بيوقوف بنائي ڇڏيو آهي ۽ بيشڪ اسان حضرت ابراهيم کي دنيا ۾ ۽ چوندي ممتاز ڪيو ۽ آخرت ۾ ۽ هو صالحن جي جماعت ۾ هوندو. (۱۳۱) ۽ ڏسو جڏهن حضرت ابراهيم جي پروردگار کيس حڪم ڪيو ته منهنجي اڳيان سر جهڪائي پورو پورو فرمانبردار ٿي وڃ. تڏهن حضرت ابراهيم هڪدم چئي ڏنو ته مون سڀني جهانن جي پالڻهار اڳيان پنهنجو سر جهڪايو. (۱۳۲) حضرت ابراهيم ۽ سندس پوٽي حضرت يعقوب پنهنجي اولاد کي اهائي ساڳي وصيت ڪئي (ته الله جي اڳيان سر جهڪائي سندس حڪمن جي فرمانبرداري ڪيو) ته انهن فرمايو ته اي منهنجا فرزندو! الله تعاليٰ توهان جي لاءِ هيءُ سچو دين (اسلام) پسند فرمايو آهي، پوءِ خبردار متان اسلامي فرمانبرداري جي حالت ۾ اڇڻ کان اڳ ئي مري وڃو. (۱۳۳) پوءِ ڇا توهان انهيءَ وقت حاضر هئو، جڏهن موت اچي حضرت يعقوب جي مٿان ٻيٺو؟ انهيءَ مهل حضرت يعقوب پنهنجي پٽن کان پڇيو ته مون کان پوءِ ڪنهن جي عبادت ڪندؤ؟ هنن جواب ڏنو ته اسان انهيءَ هڪ خدا جي عبادت ڪنداسين جنهن جي تو ڪئي آهي ۽ تنهنجي وڏن حضرت ابراهيم، حضرت اسماعيل ۽ حضرت اسحاق ڪئي آهي ۽ اسان ۾ انهيءَ خدا جا فرمانبردار ٻانها آهيون. (۱۳۴) (بهرحال) اها هڪڙي قوم هئي جا گذر ڪري ويئي، انهن کي اهوئي پلئه پوندو جيڪي هنن عملن سان ڪمايو ۽ اوهان کي ۾ اهو ئي پلئه پوندو جيڪي توهان پنهنجي عملن سان ڪمائيندؤ، توهان کان اهو ڪين پڇيو ويندو ته هنن ڪهڙا عمل ڪيا. (نڪي توهان هنن جي ڪمن لاءِ جوابدار آهيو، نڪي هو اوهان جي ڪمن لاءِ نڪي هڪ ٻئي کي قيامت ڏينهن ڇڏائي سگهندؤ). (۱۳۵) يهودين چيو ته يهودي ٿيو، هدايت وارا ٿيندؤ، پر (اي پيغمبر!) تون چئي ڏي ته (گروهه بندي ۾ ڇا رکيو آهي! اها عالمگير سچائي اختيار ڪيو جا سڀني نبين سيکاري) حضرت ابراهيم جي راهه اختيار ڪيو. هو الله تعاليٰ جو سچو ۽ مخلص فرمانبردار ٻانهو هو، شرڪ ڪرڻ وارن منجهان نه هو. (۱۳۶) (اي مسلمانو!) توهان چئو ته اسان ته الله تي ايمان آندو آهي ۽ قرآن مجيد تي ايمان آندو آهي جو اسان تي نازل ٿيو آهي ۽ انهيءَ سڀني تعليم تي ايمان آندو آهي جا حضرت ابراهيم، حضرت اسماعيل، حضرت اسحاق حضرت يعقوب ۽ سندس اولاد تي نازل ٿي. اسان انهن ڪتابن تي ۽ ايمان آندو آهي جي حضرت

موسيٰ ۽ حضرت عيسيٰ تي نازل ٿيا ۽ انهن سيني هدايتن تي ايمان آندو آهي، جي ٻين نبين کي سندن پروردگار وٽان مليون. اسان انهن نبين مان ڪنهن ۾ هڪڙي کي جدا نه ٿا ڪيون (جو ان کي نه مڃون ۽ ٻين کي مڃيون. سيني جي هدايت هڪ ئي هئي ۽ انهيءَ موجب) اسان فقط هڪ خدا جا فرمانبردار ٻانها آهيون. (١٣٧) پوءِ جيڪڏهن هي ماڻهو اهڙيءَ طرح ايمان آڻين جهڙيءَ طرح اوهان ايمان آندو آهي تہ پوءِ (جهڳڙو ختم). هنن هدايت جي واٽ ورتي، پر جيڪڏهن هو منهن موڙي هٽي وڃن تہ پوءِ سمجهو تہ هو ضد ڪري مخالف پارٽي ٿا ٺاهين. پر (پنهنجي ڪم ۾ لڳو رهہ) الله تعاليٰ جي مدد تو ڪي هنن جي مخالفتن جي مقابلي ۾ بلڪل ڪافي ٿيندي ۽ هو سڀ ڪجهہ ٻڌندڙ ۽ ڄاڻندڙ آهي. (١٣٨) اهو آهي الله تعاليٰ جو رنگ ڏيڻ ۽ الله تعاليٰ کان بهتر رنگ ڏيڻ وارو ڪير ٿي سگهي ٿو؟ ۽ اسان سندس ئي ٻانهپ ڪرڻ وارا آهيون. (١٣٩) اي پيغمبر! تون انهن ماڻهن کي چئي ڏئي تہ (اسان جي راهہ تہ خدا پرستي جي راهہ آهي) پوءِ ڇا توهان خدا جي باري ۾ اسان سان جهڳڙو ٿا ڪيو؟ (يعني خدا پرستي جي ئي خلاف آهيو ڇا؟) حالانڪ اسان جو ۽ اوهان جو پروردگار اهوئي آهي. اسان جي لاءِ اسان جا عمل آهن ۽ اوهان جي لاءِ اوهان جا عمل! اسان تہ فقط انهيءَ جي بندگي سچائي ۽ اخلاص سان ڪندڙ آهيون. (١٤٠) يا توهان هيئن ٿا چئو ڇا تہ حضرت ابراهيم، حضرت اسماعيل، حضرت اسحاق، حضرت يعقوب ۽ حضرت يعقوب جو اولاد يهودي ۽ نصراني هئا؟ (اي پيغمبر!) تون هنن کان پڇ تہ توهان وڌيڪ ڄاڻندڙ آهيو يا الله؟ (جيڪڏهن الله تعاليٰ وڌيڪ ڄاڻندڙ آهي تہ سندس شاهدي اوهان جي خلاف اوهان جي ڪتاب ۾ موجود آهي) پوءِ ڪير وڌيڪ ظالم آهي انهيءَ کان جو خدا جي شاهدي لڪائي؟ ۽ الله تعاليٰ اوهان جي عملن کان هرگز غافل ناهي. (هو ضرور اوهان کي تباهہ ڪندو). (١٤١) اها ٻہ هڪ امت هئي جا گذري چڪي جن لاءِ اهوئي هو جو هنن پنهنجي عملن سان ڪمايو ۽ توهان جي لاءِ اهوئي هوندو جو اوهان پنهنجي عملن سان ڪمائيندؤ. توهان کان هُنن بابت پڇاڻو ڪونہ ٿيندو تہ هنن جا عمل ڪهڙا هئا؟

حصو ٻيو

رکوع ۱۷ آيت ۱۴۲ - تا - ۱۴۷

ڪعبة الله ڪي نماز لاءِ قبلو بنايو ويو.

(۱۴۲) بي سمجھ ماڻھو چوندا تہ ڪھڙي ڳالھ جي ڪري مسلمان جنھن طرف منھن ڪري نماز پڙھندا ھئا سو ڦيرائي ٻئي طرف منھن ڏاڪن. اي پيغمبر! چئو تہ، مشرق ۽ مغرب (سڀ طرف) الله ئي جي لاءِ آھن. (ھو ڪنھن خاص جاءِ تي محدود ناھي) ھو جنھن ڪي چاھي ٿو تنھن ڪي سڌي واٽ ڪولي ڏيڪاري ٿو. (۱۴۳) ۽ اي مسلمانو! جھڙيءَ طرح بيت المقدس جي بدران ڪعبة الله ڪي قبلو بنايو ويو آھي تھڙي طرح اسان توھان ڪي سينڌي ڪان وڌيڪ نيڪ امت ڪيو آھي،. انھيءَ لاءِ تہ توھان سڄي دنيا جي انسانن ڪي سچي دين جي شاھدي ڏيڻ وارا ٿيو ۽ اوھان ڪي ھيستائين بيت المقدس جي قبلي تي قائم رکيو ويو ھو سو فقط ھن لاءِ تہ ھن موقعي تي معلوم ٿي وڃي تہ ڪھڙا ماڻھو رسول ڪريم جي تابعداري ۾ پڪا آھن ۽ ڪھڙا پٺئين پير ڦرڻ وارا آھن ۽ سچ ھي آھي تہ جن ڪي الله تعاليٰ ھدايت ڪئي آھي تن کان سواءِ ٻين لاءِ ھي معاملو سخت آزمائش وارو ھو، پوءِ يقين ڪيو تہ الله تعاليٰ توھان جو پڪو ايمان ضايع نہ ڪندو (اوھان ڪي وڏو اجر ڏيندو) بيشڪ الله تعاليٰ سراسر شفقت ۽ رحمت وارو آھي. (۱۴۴) اي پيغمبر! اسان ڏسي رھيا آھيون تہ تنھنجو منھن مبارڪ بار بار آسمان جي طرف ڪڇي رھيو آھي (يعني تو ڪي شوق آھي تہ قبلي متعلق ڪو حڪم اچي) سو اسان تمام جلد تنھنجو منھن اھڙي قبلي ڏي ڪنداسين جنھن ۾ تون خوش ٿيندين. ھاڻي تون پنھنجو منھن مسجد الحرام (ڪعبة الله) ڏانھن ڦيراءِ ۽ جتي بہ تون ۽ تنھنجا اصحاب ھجن اتي ڪعبة الله ڏي منھن ڪري نماز پڙھو ۽ جن ماڻھن ڪي ڪتاب ڏنو ويو آھي (يعني يھودي ۽ نصاريٰ) سي پڪ سان ڄاڻن ٿا تہ بلاشڪ ھي (قبلي جو ڦيرائجڻ) حق آھي جو سندن پروردگار وٽان آيو آھي (ڇو تہ سندن ڪتابن ۾ اھا پيشنگوئي ڪيل آھي) الله تعاليٰ سندن عملن جي باري ۾ ھرگز غافل ناھي. (۱۴۵) جيڪڏھن تون اھل ڪتاب وارن اڳيان سڀ نشانيون ۽ سھٽا دليل پيش ڪرين تہ بہ ھو ھرگز تنھنجي قبلي جي پيروي نہ ڪندا، نڪي تون ھنن جي قبلي جي پيروي ڪندين. ھو تہ (اڳئي اھڙا چڙوچڙ ٽيل آھن جو) پاڻ ۾ ئي ڪنھن ھڪڙي قبلي تي متفق ناھن. (ياد رکو تہ) جيڪڏھن اوھان ھنن جي خواھشن جي پيروي ڪندؤ، جڏھن تہ توھان وٽ سچو علم ۽ ھدايت اچي چڪي آھي تہ پوءِ توھان يقيناً نافرماني ڪندڙن منجھان ٿي پوندؤ. (۱۴۶) جن ماڻھن ڪي اسان ڪتاب ڏنو آھي (يعني تورات ۽ انجيل جا عالم) سي اسلام جي پيغمبر ڪي اھڙوئي چگيءَ طرح سڃاڻن ٿا جھڙو پنھنجي اولاد ڪي سڃاڻن ٿا. (يعني) ھنن ڪي پڪ آھي تہ اھوئي آخري رسول آھي، انھن متعلق سندن مقدس ڪتابن ۾ اھجاڻ ڏنل آھن) تنھن ھوندي بہ ھنن ۾ ھڪ ٽولي اھڙي آھي جا ڄاڻي ٻجھي بہ حق ڪي لڪائي ٿي. (۱۴۷) يقين ڪيو تہ

(هي قبلي ڦيرائڻ وارو حڪم) اوهان جي پروردگار جي طرف کان حق جو امر آهي. پوءِ متان شڪ آڻڻ وارن منجهان ٿيو.

رکوع ۱۸ آيت ۱۴۸ - تا - ۱۵۲

رسول پاڪ جي تعليم قرآن مجيد ۽ حڪمت سيکارڻ ۽ مسلمانن جون دليون پاڪ (تربيت) ڪرڻ

(۱۴۸) سڀ ڪنهن جماعت جي لاءِ هڪ طرف آهي جاڏي هو (عبادت جي وقت) پنهنجو منهن ڪن ٿا. (انهي ۾ حق ۽ باطل جو معيار رکيل ڪونهي. اصلي مقصد آهي نيڪ عملي) سو توهان نيڪين ڪرڻ ۾ هڪ بئي کان اڳتي وڌڻ جي ڪوشش ڪيو. جتي به توهان هوندؤ تِتَان الله تعاليٰ اوهان سيني کي هڪ هنڌ آڻيندو. بيشڪ الله تعاليٰ هر شيءِ تي قادر آهي ۽ سڀ ڪجهه ڪري ٿو سگهي. (۱۴۹) ۽ (اي پيغمبر!) توهان ڪٿان به نڪرو ۽ ڪٽي به هجو تہ (نماز ۾) پنهنجو منهن ڪعبي جي طرف ڪيو ۽ يقين ڪيو تہ هيءُ حڪم اوهان جي پروردگار وٽان حق جو امر آهي ۽ يقين سان ڄاڻو تہ الله تعاليٰ اوهان جي عملن کان غافل هرگز ناهي. (۱۵۰) ۽ ڏسو توهان ڪٿان به نڪرو ۽ ڪٽي به هجو تہ (نماز ۾) پنهنجو منهن ڪعبي جي طرف ڪيو ۽ (اي مسلمانو توهان ڪٽي به هجو تہ نماز ۾) پنهنجو منهن ڪعبي جي طرف ڦيرايو. (قبلي جي مقرري تي هيترو تاڪيد جو ڪيو ويو آهي سو) انهيءَ لاءِ تہ ماڻهن کي اوهان جي خلاف ڪوبہ دليل نہ رهي (۽ سيني کي هيءَ حقيقت چٽيءَ طرح معلوم ٿي وڃي تہ حضرت ابراهيم عليہ السلام جو عبادتگاهہ توهان جي لاءِ قبلو مقرر ٿي ويو) پر انهن ماڻهن جيڪي ظالم آهن سي تہ ڪنهن به حالت ۾ مخالفت ڪندا. پوءِ انهن کان بلڪل نہ ڊڄو. فقط مون کان ڊڄو ۽ اهو (حڪم قبلي وارو) هن لاءِ پڻ ڏنو ويو آهي تہ مان (الله تعاليٰ) اوهان تي پنهنجي نعمت پوري ڪيان ۽ پڻ انهيءَ لاءِ تہ توهان سڌيءَ راهہ تي هلو. (۱۵۱) جيئن (مون اڳئي اوهان تي وڏي نعمت ڪئي آهي جو) اوهان مان هڪڙي ڪي اوهان ڏانهن رسول ڪري موڪليو اٿم. هو اوهان کي اسان جون آيتون پڙهي ٻڌائي ٿو، اوهان جي دلين کي صاف ۽ پاڪ ڪري ٿو، اوهان کي ڪتاب ۽ حڪمت ٿو سيکاري ۽ اهي ڳالهيون سيکاري ٿو جي توهان اڳي بلڪل ڪونہ ڄاڻندا هئو. (۱۵۲) تنهن ڪري مون کي هر وقت ياد ڪندا رهو (۽ منهنجي حڪمن تي عمل ڪندا رهو) مان به توهان کي نہ وساريندس (اوهان کي اجر ۽ ڪاميابي ڏيندس) ۽ منهنجي نعمتن جو (عملاً) قدر ڪريو ۽ بي شڪر نہ ٿجو.

رکوع ۱۹ آيت ۱۵۳ - تا - ۱۶۳

مسلمانن کي عمل، صبر، ثابت قدمي ۽ قرباني ۽ جي دعوت

(۱۵۳) اي ايمان وارؤ! صبر ۽ نماز جي وسيلي (ڪاميابي حاصل ڪرڻ لاءِ) مدد وٺو ۽ يقين ڪريو تہ الله تعاليٰ صبر ڪرڻ وارن سان آهي. (۱۵۴) ۽ جيڪي ماڻهو الله جي راهہ ۾ قتل ٿين ٿا تن به

نسبت ائين نہ چئو تہ هو مري ويا آهن، نہ نہ هو زندهہ آهن، پر توهان هنن جي زندگي ڏسي ۽ سمجهي نٿا سگهو. (۱۵۵) (۽ ياد رکو تہ) توهان کي ضرور خطرن ۽ خوفن ۽ بک جي تکليفن جان ۽ مال ملکيت جي نقصانن ۽ فصلن جي تباهي سان آزمائيندا سين، پوءِ جيکي ماڻهو صبر ۽ ثابت قدمي اختيار ڪندا انهن کي (فتح ۽ ڪامرانيءَ جي) بشارت (خوشخبري) ڏي. (۱۵۶) اهي (صبر ڪندڙ) اُهي آهن جيکي جڏهن کا مصيبت مٿن اچي ڪڙکي ٿي تہ (بي قرار ٿيڻ جي بدران الله کي ياد ڪري پاڻ ۾ وڏي قوت پيدا ڪن ٿا ۽ روحاني جذبي سان) چون ٿا تہ اسان ۽ اسان جو سڀ ڪجهہ الله جي لاءِ آهي ۽ اسان کي آخر ڏانهنس ئي موٽڻو آهي. (۱۵۷) يقيناً اهڙن ئي ماڻهن تي سندن پروردگار جو لطف ۽ ڪرم آهي ۽ مٿن رب جي رحمت ٿي وسي ۽ اهي ئي ڪاميابيءَ جي راهہ تي آهن. (۱۵۸) بيشڪ صفا ۽ مروه (جون ٽڪريون) الله تعاليٰ جي (حڪمت ۽ رحمت جون) نشانيون آهن، پوءِ جيکو شخص حج يا عمري جي نيت سان اتي وڃي ۽ ڪعبة الله جو طواف ڪري تہ ڪا گناهہ جي ڳالهہ ڪانهي، جيکڏهن انهن ٻنهي (ٽڪرين) جي وچ ۾ ڦيرا ڏئي. جيکڏهن ڪوبہ شخص (دل جي خوشيءِ سان) نيڪي جو ڪو ڪم ڪري ٿو تہ الله تعاليٰ ان جو قدر ڪرڻ وارو (اجر ڏيڻ وارو) آهي ۽ سڀ ڪجهہ ڄاڻندڙ آهي. (۱۵۹) جيکي ماڻهو (ڪنهن نقصان يا تڪليف جي خوف ڪان يا ڪنهن لالچ سبب) اسان جي نازل ڪيل سچائي جي روشن دليلن ۽ هدايتن کي لڪائين ٿا جيتوڻيڪ اسان انهن کي انسانن لاءِ ڪتاب ۾ چگي طرح بيان ڪيو آهي تن تي يقيناً الله تعاليٰ لعنت ڪري ٿو (اهي رحمت کان محروم رهجي وڃن ٿا) ۽ لعنت ڪرڻ وارا بہ هنن تي لعنت ٿا ڪن. (۱۶۰) پر جيکي ماڻهو گناهن کان توبہ ڪن ٿا ۽ پاڻ کي سڌارين ٿا ۽ (حق لڪائڻ بدران) حق کي ظاهر ڪن ٿا تہ پوءِ مان سندس توبہ قبول ڪيان ٿو. بلاشبہ مان توبہ قبول ڪندڙ ۽ رحم وارو آهيان. (۱۶۱) پر جن ماڻهن حق کان انڪار ڪيو ۽ ڪفر جي حالت ۾ مري ويا (۽ سڌرڻ جو وجهہ وڃائي ڇڏيائون) انهن تي الله تعاليٰ جي، ملائڪن جي ۽ انسانن جي، سڀني جي لعنت پئي. (۱۶۲) هميشہ لعنت جي حالت ۾ رهندا، نڪي هنن جي عذاب ۾ هلڪائي ڪئي ويندي، نڪي کين مهلت ملندي. (۱۶۳) ۽ (ياد رکو تہ) اوهان جو معبود هڪ ئي معبود آهي، هن جي ذات کان سواءِ ٻيو ڪوبہ معبود ڪونهي جنهن جي عبادت ڪري سگهجي ۽ هو ڏاڍو مهربان ۽ وڏي رحم وارو آهي.

رکوع ۲۰ آيت ۱۶۴ ـ تا ـ ۱۶۷

خدا پرستيءَ تي قائم رهڻ، عقل کان ڪم وٺڻ، ڪائنات تي غور ۽ فڪر ڪرڻ. قومن جي تباهيءَ جو بنيادي سبب ڪوڙن رهبرن جي تابعداري.

(۱۶۴) يقيناً زمين ۽ آسمان جي حيرت انگيز خلقت ۾ ۽ رات ۽ ڏينهن جي هڪ ٻئي پٺيان اچڻ ۾، جهازن ۾ جيکي انسان جي نفع وارين شين سان سمنڊ ۾ هلن ٿا ۽ برسات ۾، جا الله تعاليٰ

آسمان مان نازل ڪري ٿو جنهن جي برڪت سان مئل ڌرتي کي جيئرو ڪري ٿو ڇڏي (يعني زمين سرسبز ٿئي ٿي) ڳالهه ۾ ته زمين تي هر قسم جي جانورن کي پکيڙي ٿو ڇڏي ۽ هوائن کي هيڏي هوڏي ڦيرائڻ ۾ ۽ ڪڪرن ۾ جي زمين ۽ آسمان جي وچ تي (مقرر حدن اندر) حڪم هيٺ ٻڌل رهن ٿا، (انهن سيني ۾) انهن ماڻهن لاءِ جيڪي عقل هلائين ٿا (الله تعاليٰ جي هستي ۽ هيڪڙائي ۽ سندس رحمت جي قانونن جون) وڏيون نشانيون موجود آهن. (۱٦٥) ڪي انسان اهڙا به آهن جيڪي خدا سان ٻين هستين کي شريڪ ۽ پائيوار ڪن ٿا ۽ انهن سان اهڙي محبت رکن ٿا جهڙي فقط الله سان رکڻ گهرجي، پر اهي جيڪي الله تي ايمان رکن ٿا تن جي دلين ۾ الله جي حب سيني کان زيادهه آهي. جا ڳالهه ظالم انهيءَ وقت سمجهندا ۽ محسوس ڪندا جنهن وقت عذاب هنن جي اڳيان اچي ويندو (سا ڳالهه هن وقت محسوس ڪن ته ڪهڙو نه چگو ٿئي. انهيءَ ڏينهن هو چگي طرح ڏسندا ته) بلاشبه هر قسم جي قوت فقط الله کي آهي ۽ (حق جي قانونن پيڇ وارن لاءِ) الله تعاليٰ جو عذاب تمام سخت آهي. (۱٦٦) ياد رکو ته، (ڪوڙا ليڊر ۽ پيشوا) جن جي پيروي ڪئي ويئي هئي، پنهنجهي پيروي ڪندڙن کان بيزاري ظاهر ڪندا (يعني چوندا ته اسان جو هنن سان ڪوبه واسطو ڪونهي) چو ته هو پنهنجي اکين سان عذاب ڏسندا ۽ هنن جا هڪ ٻئي سان لاڳاپا ۽ وسيلا ٽٽي ويندا (ڪوبه ڪنهن جي مدد يا فڪر نه ڪندو). (۱٦٧) پوءِ اهي ماڻهو جن (ڪوڙن پيشوائن جي) پيروي ڪئي هئي، سي پڪاريندا ته، هاڻ اسان کي هڪ دفعو وري دنيا ۾ موٽايو وڃي ته اسان هنن (ڪوڙن پيشوائن) کان اهڙي طرح بيزاري ظاهر ڪيون جهڙيءَ طرح هو هاڻي اسان کان بيزاري ظاهر ڪري رهيا آهن. ڏسو اهڙي طرح الله تعاليٰ هنن کي سندن عمل ڏيکارينڊو جو هو حسرت ۽ ارمان ۾ غلطان ٿي ويندا. هو انهيءَ باهه مان ڪڍهن به باهر نه نڪرندا.

رکوع ۲۱ آيت ۱٦۸ - تا - ۱۷٦

ڪهڙيون شيون ڪائڻ حرام آهن، حق کي لڪائڻ جي عيوض دنيا جا خسيس فائدا خريد ڪندڙ پنهنجي اندر ۾ باهه کان سواءِ ٻيو ڪجهه به نٿا وجهن.

(۱٦۸) اي انسانؤ! زمين تي جيڪي به حلال ۽ پاڪ شيون موجود آهن سي بيشڪ شوق سان کائو (پاڻ تي اجايون رکاوٽون وجهڻ شيطاني وسوسا آهن) توهان شيطان جي نقش قدم تي نه هلو، هو اوهان جو کليو ڪلايو دشمن آهي. (۱٦۹) شيطان اوهان کي برائين ۽ بيشرميءَ جي ڳالهين جو حڪم ڏيندو ۽ (پڻ هيءَ تعليم ڏيندو ته) الله جي طرف اهڙيون ڪوڙيون ڳالهيون منسوب ڪيو جن متعلق حقيقت ۾ اوهان کي علم ئي ڪونهي. (۱۷۰) ۽ جڏهن هنن ماڻهن کي چئجي ٿو ته جيڪا هدايت الله تعاليٰ فرمائي آهي تنهن جي پيروي ڪريو تڏهن هو چون ٿا ته، نه نه اسان ته انهيءَ طريقي تي هلنداسين جنهن تي پنهنجي وڏن کي هلندي ڏٺوسين. (انهن کان پڇو ته)

جيڪڏهن اوهان جا وڏا عقل ۽ هدايت کان محروم رهيا هجن تہ توهان بہ عقل ۽ هدايت کان انڪار ڪندؤ ڇا؟ (۱۷۱) جن ماڻهن حق کان انڪار ڪيو آهي انهن جو مثال اهڙو آهي (يعني انهن کي انڌي تقليد جي بجاءِ عقل ۽ هدايت جي دعوت ڏيڻ اهڙو آهي) جهڙو هڪڙو ڏنار ڏورن ڏيڪن جي اڳيان رڙيون ۽ واڪا ڪري جي رڙيون ڏور بلڪل ڪونہ ٿا سمجهن، سواءِ انهيءَ آواز جي جيڪو هنن کي سڏڻ لاءِ ڪم آڻيو آهي. اهي ڪافر ٻوڑا گونگا ۽ انڌا ٿي ويا آهن تنهن ڪري هو عقل نہ هلائيندا نہ کي ڪجھ سمجهندا. (۱۷۲) اي مؤمنو! جيڪڏهن توهان فقط الله جي بانهپ ڪرڻ وارا آهيو (۽ جاڻو ٿا تہ حلال ۽ حرام بہ نسبت سندس ڏي حڪمن تي هلڻو آهي) تہ پوءِ اهي سڀ پاڪ شيون کائو جي الله تعاليٰ اوهان جي کائڻ لاءِ پيدا ڪيون آهن ۽ جيڪڏهن توهان فقط خدا جي عبادت ڪرڻ چاهيو ٿا تہ پوءِ (توهان ان جي ڏنل نعمتن کي چگيءَ طرح ڪم آڻي) سچي شڪر گذاري ڪيو. (۱۷۳) اوهان لاءِ حرام ڪيل شيون فقط هي آهن، مردار جانور، جانورن جو رت، سوئر جو گوشت ۽ اهو جانور جو الله کان سواءِ ڪنهن ٻئي هستيءَ جي نالي وٺڻ سان ذبح ڪيو ويو هجي، پر لاچاري حالت ۾ (جڏهن حلال شيون نہ ملي سگهن) کو کائي تہ مٿس گناهہ ڪونهي، بشرطيڪ شريعت جي حڪمن کان باغي ٿيڻ جي نيت نہ هجيس ۽ انهيءَ انداز کان زيادهہ نہ کائي جيترو حياتي بچائڻ لاءِ ضروري هجي. بيشڪ الله تعاليٰ خطائون معاف ڪندڙ ۽ رحمت وارو آهي. (۱۷٤) جيڪي ماڻهو انهن حڪمن کي لڪائين ٿا جي الله تعاليٰ پنهنجي ڪتاب ۾ نازل ڪيا آهن ۽ انهيءَ (حق کي لڪائڻ) جي عيوض ۾ دنيا جا خسيس فائدا خريد ٿا ڪن اهي ماڻهو پنهنجي اندر ۾ باهہ کان سواءِ ٻيو ڪجھ بہ نٿا وجهن. قيامت جي ڏينهن الله تعاليٰ انهن سان ڳالهائيندو بہ ڪين، نڪي هنن کي گناهن کان آجو ڪندو ۽ هنن کي سخت عذاب ۾ وڌو ويندو. (۱۷۵) اهي ئي ماڻهو آهن جن هدايت وڪٽي گمراهي خريد ڪئي ۽ خدائي بخشش جي بدلي ۾ عذاب خريد ڪيو. ڪهڙو نہ عجيب آهي (جو باهہ ۾ ٽپي پوڻ جي دليري ٿا ڏيکارين) جو عذاب سهڻ جو حوصلو ٿا سنيارين. (۱۷٦) اهو هن ڪري ٿيو جو الله تعاليٰ ڪتاب (تورات) سچائي سان نازل ڪيو هو (جڏهن وحي ٿو اچي تڏهن پنهنجن وهمن ۽ گمانن تي هلڻ جي ضرورت ئي ڪانهي، پر هي اهل ڪتاب اختلافن ۾ پئجي ويا) بيشڪ پوءِ جن ماڻهن الله جي حڪمن بابت مختلف واٽون ڪڍيون سي تفرقہ بازي ۽ اختلافن ۾ گمراهہ ٿي ويا.

رڪوع ۲۲ آيت ۱۷۷ ـ تا ـ ۱۸۲

نيڪي جي راهہ، قصاص، مرڻ وقت وصيت ڪرڻ

(۱۷۷) نيڪي ۽ بزرگي انهيءَ ۾ ناهي تہ توهان (نماز جي وقت) پنهنجو منهن مغرب يا مشرق ڏي ٿا ڦيرايو (يا اهڙيون ظاهري رسمون بجا ٿا آڻيو) پر سچ پچ نيڪ ماڻهو اهي آهن جيڪي الله تي، آخرت جي ڏينهن تي، فرشتن تي، خدائي ڪتابن تي ۽ خدا جي سڀني نبين تي پورو ايمان رکن ٿا، خدا جي محبت وچان پنهنجو مال مائٽن، يتيمن، مسڪينن، مسافرن ۽ سوال ڪندڙن

کي ڏين ٿا ۽ غلامن کي آزاد کرائڻ لاءِ خرچ کن ٿا، نماز قائم کن ٿا ۽ زکوٰت ڏين ٿا، جڏهن کو عهد اقرار کن ٿا تہ اهو پورو کن ٿا، تنگي ۽ مصيبت جي حالت ۾ يا خوف ۽ هراس جي وقت ۾ صبر کرڻ وارا (۽ پنهنجي فرض ادا ين ۾ ثابت قدم) ٿين ٿا. بيشڪ اهي ئي ماڻهو نيکيءَ جي راهہ ۾ سچا آهن ۽ اهي ئي متقي آهن. (۱۷۸) اي مؤمنو! قتل جي حالت ۾ اوهان کي قصاص (يعني بدلي وٺڻ جو) حڪم ڏنو وڃي ٿو (پر انسان سپ برابر آهن) جيڪڏهن آزاد ماڻهو کنهن آزاد ماڻهو کي قتل کيو آهي تہ ان جي بدلي ۾ اهوئي قتل کيو وڃي (ائين نہ تہ مقتول وڏي پوزيشن وارو ماڻهو هجي يا وڏي خاندان ۽ نسل جو هجي تہ ان جي عيوض ۾ ٻہ ماڻهو قتل کيا وڃن، جيئن اڳي عربن جو دستور هو) جيڪڏهن غلام قاتل آهي تہ غلام ئي قتل کيو ويندو (ائين نہ تہ مقتول آزاد هجي تہ بدلي ۾ وري ٻہ غلام قتل کيا وڃن) ۽ عورت قاتل هجي تہ عورت ئي قتل ڪئي ويندي پوءِ جيڪڏهن قاتل کي مقتول جو وارث پاڻ معافي ڏئي (۽ خون بها وٺڻ تي راضي ٿئي) تہ پوءِ قاتل کي ڇڏي سگهجي ٿو. ان حالت ۾ وارث انصاف طور مناسب خون بها گهري ۽ قاتل سهڻي نموني سان ڏئي (جيئن صلح ۽ ياڪپي قائم رهي) هي (جو عدل ۽ مساوات جو اصول قائم کيو ويو آهي ۽ معافي ۽ خون بها جائز ٺهرائي ويئي آهي سو) توهان جي پالڻهار وٽان (اڳوٽن سخت قانونن جي) هلڪائي آهي ۽ وڏي رحمت آهي، هاڻي هن کان پوءِ جيڪو زيادتي ڪندو تنهن کي سخت عذاب ملندو. (۱۷۹) اي سمجهہ وارؤ! قصاص واري حڪم ۾ اوهان جي لاءِ زندگي آهي (چو تہ جيڪڏهن قاتل کي ڇڏي ڏبو تہ خونريزيون گهٽيون ٿيندیون) هي حڪم انهيءَ لاءِ آهي تہ توهان پاڻ تي ضابطو رکو ۽ پرهيز کرڻ سکو. (۱۸۰) (هي حڪم ٻہ) توهان کي ڏجي ٿو تہ جڏهن کنهن ماڻهو کي موت اچي ويجهو پوي ۽ مال متاع ڇڏي وڃڻ وارو هجي تہ ڪيس گهرجي تہ پهنجي ماءُ پيءُ ۽ مائٽن لاءِ انصاف واري وصيت ڪري. متقي ماڻهن تي حق آهي تہ ائين ڪن. (۱۸۱) پوءِ جيڪو ماڻهو وصيت ٻڌڻ بعد ان ۾ ڦيرڦار ڪري تہ پوءِ گناهہ انهيءَ تي آهي جيڪو اهڙي ڦيرڦار ڪري. (وصيت تي ان جو اثر ڪونہ پوندو وصيت جيئن اصل ڪيل هئي، ان جي تعميل ائين ڪرڻي آهي) بيشڪ الله تعاليٰ سڀ ڪجهہ ٻڌندڙ ۽ ڄاڻندڙ آهي. (۱۸۲) پر جيڪڏهن وصيت ڪرڻ واري کان پاسخاطري يا گناهہ جو اندیشو هجي تہ پوءِ جيڪڏهن ڪو ماڻهو (وصيت ڪندڙ کي سمجهائي يا وارثن کي سمجهائي) انهن ۾ ناهہ ڪرائي ڇڏي تہ ائين ڪرڻ ۾ هن تي ڏوهہ ڪونهي. بيشڪ الله تعاليٰ غلطيون بخشيندڙ ۽ رحم وارو آهي.

رکوع ۲۳ آيت ۱۸۳ ـ تا ـ ۱۸۸

روزن جو حڪم ۽ مسئلا ۽ انهن جا روحاني فائدا

(۱۸۳) اي مؤمنو! جهڙيءَ طرح اڳين ماڻهن تي روزا فرض کيا ويا هئا، تهڙيءَ طرح اوهان تي ٻہ

فرض کيا ويا آهن، انهيءَ لاءِ تہ توهان پاڻ تي ضابطو رکڻ ۽ برابين کان بچڻ سکو. (۱۸٤) ڳڻيل ڏينهن (روزا رکڻا آهن، گهٽا ڪونہ آهن) جيڪڏهن اوهان مان ڪو بيمار هجي ۽ سفر ۾ هجي تہ ٻين ڏينهن ۾ (رمضان جا) باقي روزا رکي عدد پورو ڪري ۽ جيڪي ماڻهو روزي جي تڪليف بلڪل برداشت ڪري نہ سگهن (مثلاً نهايت پوڙها ماڻهو يا دائم المريض) اُهي روزي جي بدران هڪ مسڪين کي ماني کارائين، پر جيڪڏهن ڪو پنهنجي خوشيءِ سان وڌيڪ مسڪينن کي کارائي تہ هن جو اجر وڌيڪ ٿيندو پر جيڪڏهن سمجهہ اٽوَ تہ پوءِ سمجهي وٺو تہ روزو رکڻ اوهان جي لاءِ بهتر آهي. (۱۸۵) اهو رمضان جو مهينو اهو آهي جنهن ۾ قرآن مجيد نازل ڪيو ويو. ان ۾ ماڻهن لاءِ هدايت جي واٽ ڏيکاريل آهي. هدايت جا روشن دليل ڏنل آهن، حق ۽ باطل الڳ الڳ ڪري ڏيکاريل آهن، پوءِ اوهان مان جيڪو به هن مبارڪ مهيني ۾ حاضر هجي اهو روزا رکي، ڪو بيمار هجي يا سفر ۾ هجي تہ پوءِ رمضان بعد ٻين ڏينهن ۾ باقي روزا رکي عدد پورو ڪري. الله تعاليٰ توهان جي واسطي آساني ٿو چاهي نہ ڪہ تڪليف (روزن قضا ڪرڻ جو حڪم انهيءَ لاءِ ڏنو ويو آهي تہ) روزن جو عدد پورو ڪري پوري برڪت حاصل ڪيو، الله تعاليٰ جا توهان کي سنئين واٽ ڏيکاري آهي، تنهن تي سندس وڏائي ۽ شان بيان ڪيو ۽ پڻ (سندس نعمتون چڱيءَ طرح ڪم آڻي) ان جي شڪر گذاري ڪيو. (۱۸٦) ۽ (اي پيغمبر!) جڏهن منهنجو ڪو ٻانهو تو کان منهنجي بہ نسبت پڇي (تہ ڪهڙيءَ طرح مون وٽ پهچي سگهي ٿو) تہ تون ڪيس ٻڌاءِ تہ مان تہ ڪيس ويجهڙو آهيان، هو جڏهن مون کي سڏي ٿو تڏهن هن جو سڏ ٻڌان ٿو ۽ قبول ڪيان ٿو، پوءِ (جيڪڏهن هو سچ پچ منهنجي طلب رکن ٿا تہ) کين گهرجي تہ منهنجي سڏ جو جواب ڏين ۽ مون تي ايمان رکن انهيءَ لاءِ تہ سنئين واٽ تي هلي ڪاميابي حاصل ڪن. (۱۸۷) توهان جي لاءِ حلال آهي تہ روزن جي ڏينهن ۾ رات جي وقت پلي پنهنجي عورتن سان همبستر ٿيو. هو اوهان جي لاءِ لباس آهن ۽ اوهان هنن جي لاءِ (يعني اوهان جي زندگي هڪ ٻئي سان ڳنڍيل آهي ۽ هڪ ٻئي لاءِ سينگار ۽ حفاظت آهيو) الله تعاليٰ کي معلوم آهي تہ توهان (رات جو زالن سان همبستر ٿيڻ کي ناجائز سمجهي بہ لڪ ڇپ ۾ اهو ڪم ڪري) پنهنجي ضمير سان خيانت ڪري رهيا آهيو، پوءِ الله تعاليٰ توهان جي توبہ قبول ڪئي ۽ اوهان جي خطا معاف ڪئي، هاڻي بيشڪ پنهنجي زالن سان رات جي وقت همبستر ٿيو ۽ جيڪي الله تعاليٰ اوهان جي لاءِ جائز ٺهرايو آهي سو طلب ڪيو ۽ ماڻيو ۽ (رات جي وقت) بيشڪ کائو پيئو جيستائين صبح جي سفيد ڌار رات جي ڪاري ڌار کان نکري نروار ٿئي (يعني پرڀات ٿي، تنهن کان اڳي کائڻ پيئڻ بند ڪيو) پوءِ (پرهہ ڦٽيءَ کان وٺي) رات تائين يعني سج لهڻ تائين روزو پورو ڪيو. پر جيڪڏهن توهان مسجدن ۾ اعتڪاف ڪري رهيا آهيو تہ پوءِ (رات جو بہ) پنهنجي زالن سان همبستر نہ ٿيو. اهي الله جون ٺهرايل حدون آهن، تنهن ڪري (انهن حدن کان ٻاهر وڃڻ لاءِ حدن کي رڳو ويجهو بہ نہ وڃو. الله تعاليٰ اهڙيءَ طرح پنهنجون هدايتون چٽيون ڪري ٻڌائي ٿو، انهيءَ لاءِ تہ ماڻهو خدا

جي نافرماني ۽ کان بچن. (۱۸۸) ۽ هڪ ٻئي جو مال ناجائز طريقن سان نہ کائو، نڪي مال ۽ دولت کي حاڪمن جي دلين تائين پهچڻ جو وسيلو بنايو (رشوت رسائي نہ ڏيو) انهيءَ لاءِ تہ ٻين جي مال مان ڪجهہ حصو ناحق طور کائي وڃو اگرچہ ڄاڻو ٻہ ٽا (تہ اهو وڏو ظلم آهي رشوت ڏيڻ ۽ پرائو حق کائڻ ڪبيرا گناهہ آهن).

رکوع ۲۴ آيت ۱۸۹ - تا - ۱۹۶

حج ۽ عمري سان گڏ جهاد جو حڪم ۽ الله تعاليٰ جي راهہ ۾ پنهنجو مال خرچ ڪرڻ.

(۱۸۹) اي پيغمبر! ماڻهو تو کان پهرين تاريخ جي چند بابت سوال ڪن ٿا، کين ٻڌاءِ تہ اهڙا چند ماڻهن جي لاءِ وقت جو حساب آهن ۽ پڻ حج جي مهيني جي مقرري ان سان ٽئي ٽي ۽ (باقي ماڻهن جا وهم ۽ سنسا ۽ رسمون اجايون آهن) هي ڪا نيڪي جي ڳالهہ ناهي تہ پنهنجي گهرن ۾ (دروازا چڏي) پٺئين پاسي کان داخل ٿجي (جيئن عرب ڪندا هئا) نيڪي تہ هن ۾ آهي تہ خدا جو خوف رکي گناهن کان پرهيز ڪجي. تنهن ڪري (وهم سنسا چڏي) پنهنجي گهرن ۾ دروازي کان گهڙو ۽ خدا کان ڊڄي گناهن کان پري پڃو تہ من ڪامياب ٿيو. (۱۹۰) ۽ جيڪي ماڻهو توهان سان اڳرائي ڪري لڑائي ڪن تن سان الله جي راهہ ۾ بهادريءَ سان وڙهو، پر ڪنهن ٻہ طرح ضرورت جي حد کان ٻاهر نہ وڃجو. الله تعاليٰ انهن کي پسند نٿو ڪري جيڪي حدن کان ٻاهر ٿا وڃن (خود لڑائي جي حالت ۾ ٻہ دو کي بازي، بي رحمي، قرلٽ ٻارن ۽ زالن کي قتل ڪرڻ وغيره وغيره حرام آهن). (۱۹۱) (مکي وارن جنگ جو اعلان ڪيو آهي، توهان ٻہ جنگ جو اعلان ڪيو) ۽ جتي ٻہ کين ڏسو اتي کين قتل ڪيو ۽ جنهن جاءِ تان هنن اوهان کي تڙي ڪڍيو آهي اتان هنن کي ٻہ وڙهي ڪڍي چڏيو ۽ فتنو فساد خوريزيءَ کان ٻہ وڌيڪ خراب آهي. (ڪعبة الله ۾ وڙهڻ عربن ۾ اڳي ٻہ ناجائز هو) هو پاڻ توهان سان ڪعبة الله جي حدن ۾ نہ وڙهن تيستائين توهان ٻہ اتي هنن سان نہ وڙهو. پوءِ جيڪڏهن هو پاڻ لڑائي ڪن تہ پوءِ توهان ٻہ بيشڪ لڑائي ڪيو، حق جي منڪرن لاءِ سندن ظلم جو بدلو اهوئي هئڻ گهرجي. (۱۹۲) پر جيڪڏهن هو وڙهڻ بند ڪن (تہ توهان ٻہ بند ڪيو، چو تہ) بيشڪ الله تعاليٰ بخشيندڙ ۽ رحم وارو آهي. (۱۹۳) ۽ انهن ماڻهن سان ايستائين لڑائي ڪندا رهو جيستائين فتنو بند ٿي وڃي (۽ ظلم ۽ مذهبي دشمني قائم ختم رهي) ۽ دين فقط الله جي لاءِ هجي، پوءِ جيڪڏهن اهي ماڻهو لڑائيءَ کان باز اچن (تہ پوءِ توهان ٻہ باز اچو چو تہ) فقط ظالمن سان ئي مقابلو ڪرڻو آهي. (۱۹۴) جيڪڏهن ڪافر مقرر مهينن (مثلاً ذوالحج ۽ محرم) جي حرمت ڪري لڑائي نہ ڪن تہ توهان ٻہ نہ ڪيو، پر جيڪڏهن لڑائي ڪن تہ مجبوراً توهان کي ٻہ ڪرڻي آهي، ساڳيءَ طرح ٻين بين الاقوامي قانونن ۾ ٻہ جهڙي روش مخالف ڏر اختيار ڪري تهڙي توهان کي ٻہ ڪرڻي پوندي، پوءِ جيڪڏهن اوهان جي خلاف کو زيادتي ڪري تہ او تري قدر توهان ٻہ انهيءَ معاملي ۾ ڪيو ۽ هر حال ۾ خدا کان ڊڄي پاڻ تي ضابطو رکو ۽

پڪ ڄاڻو تہ الله تعاليٰ انهن سان آهي، جي سپ ڪنهن ڳالهہ ۾ پرهيزگار آهن. (۱۹۵) ۽ الله تعاليٰ جي راهہ ۾ پنهنجو مال خرچ ڪيو. (ائين نہ ٿئي جو جهاد لاءِ پئسا وغيره نہ ڏيڻ سان) پنهنجي هٿن سان پاڻ کي پاڻ برباد ڪري ڇڏيو. (يعني دشمن غالب پوندو تہ اوهان جو مال ملڪيت بلڪ اوهان جون جانيون بہ ڇٽ ٿي ويندیون) ۽ هميشہ چڱايون ڪندا رهو. بيشڪ الله تعاليٰ انهن سان حب ٿو رکي جيڪي چڱايون ٿا ڪن. (۱۹۶) جڏهن حج ۽ عمري جي نيت ڪيو تہ ان کي پورو ڪيو پر جيڪڏهن وات تي گهيرجي وڃو يعني (لڙائي يا ڪنهن ٻئي سبب ڪان روڪجي ٻئو) تہ پوءِ هڪڙو جانور قربان ڪيو، جهڙو ملي سگهي ۽ تيستائين وار نہ ڪٽايو (حج بعد احرام لاهڻ وقت وار ڪٽائبا آهن) جيستائين قرباني جو جانور پنهنجي جاءِ تي نہ پهچي. جيڪڏهن ڪو شخص بيمار هجي يا متي ۾ ڪو ايذاءُ هجيس تہ وارن ڪٽائڻ جي بدلي ۾ روزا رکي يا صدقو ڏئي يا جانور جي قرباني ڪري. پوءِ جڏهن امن امان جي حالت قائم ٿئي ۽ ڪو شخص چاهي تہ عمرو ۽ حج ملائي ٻنهي جو ثواب هڪ ئي سفر سان حاصل ڪري تہ انهيءَ لاءِ بہ جانور جي قرباني ڪرڻي آهي، جهڙو جانور ملي سگهي پر جيڪڏهن ڪو جانور هٿ ڪري نہ سگهي تہ پوءِ حج جي ڏينهن ۾ ٽي روزا رکي ۽ ست روزا گهر پهچڻ بعد. اهي پورا ڏهہ روزا ٿيا. (پر ياد رکو تہ) هي حڪم (عمري ۽ حج ملائڻ وارو) انهيءَ لاءِ آهي جنهن جو گهر بار مڪي ۾ نہ هجي ۽ ياد رکو تہ هر حال ۾ الله کان ڊڄي چڱا ڪم ڪيو ۽ يقين ڪيو تہ (نافرماني ڪرڻ وارن لاءِ) الله تعاليٰ جي سزا سخت آهي.

رڪوع ۲۵ آيت ۱۹۷ ـ تا ـ ۲۱۰

حج جو بيان، دنيا ۽ آخرت جي چڱائيءَ جي طلب ڪريو.

(۱۹۷) حج جا مهينا سپ ڪنهن کي معلوم آهن، پوءِ جنهن ماڻهو انهن مهينن ۾ حج ڪرڻ پاڻ تي لازم ڪيو تہ پوءِ (حج جي حالت ۾ اچي چڪو) نڪي عورتن ڏانهن رغبت ڪري نڪي ڪو گناهہ جو ڪم ڪري، نڪي جهيڙو جنگ ڪري ۽ ياد رکو تہ جيڪي بہ چڱايون توهان ڪيو ٿا سي الله تعاليٰ ڄاڻي ٿو ۽ توهان (حج لاءِ) ٽمر ڪٽندا ڪريو، پر سپ کان چگو ٽمر آهي تقويٰ (يعني ٽمر ۽ گهربل سامان تہ ڪٽڻ گهرجي پر پرهيزگاري جهڙي ٻي ڳالهہ ئي ڪانهي) تنهن ڪري اي سمجهہ وارؤ! هر حال ۾ خدا کان ڊڄي گناهن کان پرهيزگاري ڪندا رهو. (۱۹۸) جيڪڏهن توهان (حج جي موقعي تي) پنهنجي پالڻهار جي فضل (واپار، ڏنڊي دولت ڪمائڻ وغيره) جي تلاش بہ ڪريو تہ انهيءَ ۾ بہ توهان جي لاءِ ڪو گناهہ ڪونهي، پوءِ جڏهن عرفات جي ٽڪري ۽ ميدان کان وڏي هجوم ۾ موٽو تڏهن پاڪ يادگار (يعني مزدلفہ) ۾ ڪجهہ وقت رهي الله جو ذڪر ڪيو ۽ اهڙيءَ طرح ذڪر ڪيو جهڙيءَ طرح توهان کي الله تعاليٰ هدايت ڪئي آهي، ياد رکو تہ هن کان اڳ اوهان بہ انهن ماڻهن منجهان هئو جيڪي راهہ ڀلجي ويا هئا. (۱۹۹) پوءِ

اوهان (مكي جا ماڻهو) ۾ انهيءَ جاء تي وڃي پوءِ موٽو جتان پيا ماڻهو انبوهه ڪري موٽن ٿا ۽ الله کان پنهنجي گناهن جي بخشش گهرو. بيشڪ الله تعاليٰ معاف ڪرڻ وارو ۽ رحم وارو آهي. (٢٠٠) پوءِ جڏهن حج جا سڀ ارڪان پورا ڪري رهو تڏهن الله تعاليٰ جو ذڪر ڪيو جهڙيءَ طرح اڳي پنهجي ابن ڏاڏن جو شان بيان ڪندا هئو. بلڪ ان کان گهڻو وڌيڪ الله تعاليٰ جي پاڪائي ۽ صفتن جو بيان ڪيو (حج جي ارڪانن جو اصل مقصد اهوئي آهي) پوءِ ڪي ماڻهو اهڙا آهن جي چون ٿا تہ اي اسان جا پروردگار! اسان کي دنيا ۾ ئي (چگهائي) ڏي. انهن کي آخرت جي چگهائي مان ڪو حصو نہ ملندو. (٢٠١) پر ڪي اهڙ ۾ آهن جي چو ٿا تہ اي اسان جا پروردگار! اسان کي دنيا ۾ ۾ چگهائي ڏي ۽ آخرت ۾ ۾ چگهائي ڏي ۽ دوزخ جي عذاب کان بچائي وٺجانءِ. (٢٠٢) (يقين ڪيو تہ) اهڙن ئي ماڻهن کي سندن چگن عملن مطابق دنيا ۽ آخرت جي سعادت مان حصو ملندو ۽ الله تعاليٰ عملن جي حساب جانچڻ ۾ بلڪل تڪو آهي (هر انسان کي هن جي عملن موافق جلد نتيجا ڏيڻ وارو آهي. (٢٠٣) حج جي ڳٽيل ڏينهن (ايام تشريق ١٠، ١١، ١٢، ١٣ ذوالحج) ۾ الله جي ذڪر ۾ لڳا رهو پر جيڪڏهن ڪو (موٽڻ ۾ تڪڙ ڪري ۽) ٻن ڏينهن ۾ روانو ٿي وڃي تہ مٿس گناهہ ڪونهي، جيڪڏهن ڪو وڌيڪ ڏينهن رهي تہ ۾ مٿس گناهہ ڪونهي اها (جلدي يا دير جي) اجازت انهيءَ ماڻهوءَ لاءِ آهي جو تقوي وارو آهي. (اصل مقصد تقويٰ آهي) تنهن ڪري هر حال ۾ خدا جو خوف دل ۾ رکي پرهيزگاري ڪريو ۽ ياد رکو تہ يقيناً اوهان کي (ڪنهن ڏينهن مرڻو) ۽ خدا جي حضور ۾ گڏ ٿيڻو آهي. (٢٠٤) کي ماڻهو اهڙا آهن جن جي گفتگو دنياءِ زندگي بابت اوهان کي ڏاڍي وڻي ٿي ۽ اهي ماڻهو پنهنجي دل جي پاڪائيءَ تي الله تعاليٰ کي شاهد ڪن ٿا (يعني خدا جو قسم ٿا کڻن) پر حقيقت ۾ هو دشمني ۾ تمام سخت آهن. (٢٠٥) ۽ جڏهن هنن کي حڪومت ٿي ملي تڏهن ملڪ ۾ اهڙيون ڪوششون ڪن ٿا جن ان سان ملڪ ۾ فساد ۽ خربيون پيدا ڪن ۽ پوڪن ۽ ٻي پيدائش کي ۽ نسل کي برباد ڪري ڇڏين، پر الله تعاليٰ نٿو پسند ڪري تہ آبادي ۽ زندگي جي بدران ويراني ۽ تباهي ٿئي. (٢٠٦) ۽ جڏهن اهڙن ماڻهن کي چيو وڃي ٿو تہ خدا کان ڊڄو (۽ ظلم ۽ فساد ڇڏي ڏيو) تڏهن هنن جو هٺ ۽ تڪبر هنن کي وڌيڪ گناهن ۽ ظلمن لاءِ آماده ڪري ٿو. (هو ڪڏهن ۾ باز نہ ايندا (هنن کي فقط جهنم ئي ڪافي ٿيندو. اهو هنڌ ڪهڙو نہ خراب آهي! (٢٠٧) (انهن جي ابتڙ) کي ماڻهو وري اهڙا ۾ آهن جي الله تعاليٰ جي راضپي جي طلب ۾ پنهنجون جانيون ۾ قربان ڪرڻ لاءِ تيار آهن، الله تعاليٰ بيشڪ اهڙن ٻانهن تي ڏاڍو شفيق ۽ مهربان آهي. (٢٠٨) اي ايمان وارؤ! (اعتقاد ۽ عمل جي سيني ڳالهين ۾) پوريءَ طرح (نہ رڳو نالي طور) مسلمان (فرمانبردار) ٿيو ۽ خبردار! متان شيطاني وسوسن جي پيروي ڪريو. شيطان تہ اوهان جو ظاهر ظهور دشمن آهي. (٢٠٩) (اي مؤمنو!) توهان وٽ هدايت جا چٽا دليل اچي چڪا آهن، پوءِ ۾ جي توهان حق جي راهہ کان لڏي ويندؤ تہ ياد رکو (سزا جي قانون کان ڪونہ بچي سگهندؤ) الله تعاليٰ وڏي طاقت وارو سيني تي غالب ۽ وڏي حڪمت

وارو آهي. (۲۱۰) پوءِ هي (منڪر) چاجي لاءِ ترسيا ويٺا آهن؟ چا انهيءَ لاءِ تہ خود خدا ڪڪرن جي چبوترن ۾ وٽن لهي اچي ۽ ملائڪ بہ صفون ٻڌي سندس چوڌاري بيٺا هجن ۽ اهڙيءَ طرح جيڪو فيصلو ٿيڻو هجي سو ٿي وڃي. (پر ائين نہ ڪڍهن ٿيو آهي نہ ٿي سگهي ٿو اهڙو انتظار نہ رکن. الله تعاليٰ پنهنجي ئي رٽن موجب کين سيکٽ ڏيندو) سيني ڪمن جو سرشتو الله تعاليٰ جي هٿ ۾ آهي.

رکوع ۲۶ آيت ۲۱۱ ـ تا ـ ۲۱۱

سڀ انسان هڪ امت آهن، خود پرستي ۽ تڪبر جي ڪري اختلاف پيدا ڪيائون.

(۲۱۱) بني اسرائيلن کان پڇو تہ اسان هنن کي سچائي جون ڪيتريون نہ چٽيون نشانيون ڏنيون هيون ۽ جيڪڏهن ڪوئي هنن وانگر خدا جي ڏنل نعمت (صحيح هدايتن) کي مٽائي (باطل ۽ برائي جي واٽ) وٺي ٿو تہ پوءِ خدا جو جزا ۽ سزا وارو قانون بہ سزا ڏيڻ ۾ تمام سخت آهي. (۲۱۲) ڪافرن کي هن دنيا جي (عيش عشرت واري) زندگي تمام سهڻي ۽ وٽندڙ ٿي لڳي. هو ايمان وارن جي (هاڻوڪي مسڪينائي جي حالت ڏسي) مسخري ٿا ڪن، پر اهي پرهيزگار مسڪين قيامت جي ڏينهن هنن (ڪافرن) جي پيٺ ۾ وڏي مرتبي وارا هوندا. (حق جا منڪر ايترو بہ نٿا چاڻن تہ اهي مسڪين خدا جي فضل سان سياڻي مالدار ٿي سگهن ٿا) الله تعاليٰ جنهن کي چاهي ٿو تنهن کي بي حساب گهٽو رزق ڏئي ٿو. (۲۱۳) شروعات ۾ سڀ انسان هڪ ئي قوم هئا. (پر پوءِ پاڻ ۾ ضد ۽ اختلاف ڪري جدا جدا ٽوليون ٺاهيائون) تنهن ڪري الله تعاليٰ (هڪ ٻئي ڏانهن) نبي موڪليا جيڪي کين (ايمان ۽ عمل جي برڪتن جي) خوشخبري ڏيندا هئا ۽ (انڪار ۽ بدعملن جي نتيجن کان) خبردار ڪندا هئا ۽ پڻ انهن سان گڏ هن حق جي واٽ ڏيکاريندڙ ڪتاب نازل ڪيا، انهيءَ لاءِ تہ جن ڳالهين ۾ هو اختلاف کڙڪ لڳا هئا تن بہ نسبت فيصلو ڏئي (۽ سيني کي حق جي راهہ تي اتحاد ۾ آڻي) ۽ انهن ماڻهن جو هڪ ٻئي کان اختلاف ڪيو، کو سو تہ انهيءَ ڪري تہ نہ هو هدايت ۽ حقيقت کان بي خبر هئا. الله جي هدايت جا چٽا حڪم هنن جي اڳيان هئا، پر تڏهن بہ رڳو هڪ ٻئي سان ضد ۽ دشمني جي ڪري اختلاف کڙڪ لڳا هئا. آخرڪار الله تعاليٰ (پنهنجي فضل واري حڪم سان) ايمان وارن کي (يعني حضرت جن جي امت کي) اها حق جي واٽ ڏيکاري جنهن بہ نسبت اڳين قومن ۾ اختلاف پئجي ويا هئا (۽ هڪ ٻئي کي ڪوڙو ۽ غلط سمجهندا هئا) بيشڪ الله تعاليٰ جنهن کي چاهي ٿو تنهن کي دين جي سڌي واٽ ڏيکاري ٿو.

(۲۱۴) (اي مسلمانو!) چا توهان ائين سمجهيو آهي تہ (رڳو زباني طرح ايمان جي دعويٰ ڪري) توهان جنت ۾ داخل ٿي ويندؤ؟ حالانڪ اڃا تہ توهان انهن آزمائش مان نہ لنگهيا آهيو جي اڳين ماڻهن کي پيش آيون ۽ وڏن مشڪلاتن ۽ هراسن ۾ هنن جون دليون دهلجي ويون. تان جو الله جي رسول ۽ ايمان وارن پڪاريو تہ اي الله سائين! تنهنجي مدد ڪڍهن پهچندي. (جواب آيو تہ)

دل نہ لوڑهيو بيشڪ خدا جي مدد ويجهي آهي. (۲۱۵) اي پيغمبر! توکان ماڻهو پڇن ٿا تہ کهڙي خيرات ڪن ۽ کهڙيءَ طرح ڪن. انهن کي چئو تہ، جيڪي توهان پنهنجي مال مان بچائي سگهو سو خدا جي راهہ ۾ خرچ ڪيو. ان لاءِ حقدار آهن ماءُ پيءُ، مٽ مائٽ، يتيم مسڪين ۽ مسافر ۽ ياد رکو تہ جيڪا ب ڇگائي توهان ڪيو ٿا سا الله تعاليٰ ڇگيءَ طرح ڄاڻي ٿو (۽ ان جو اجر ڏئي ٿو). (۲۱۶) توهان کي لڙائيءَ جو حڪم ڏنو ويو آهي، اهو توهان کي نٿو وٺي، پر ممڪن آهي تہ جيڪا شيءِ توهان کي ناپسند آهي سا توهان جي لاءِ فائدي واري هجي ۽ جيڪا توهان پسند ڪيو سا توهان جي لاءِ نقصانڪار هجي. الله تعاليٰ ڄاڻي ٿو، پر توهان نٿا ڄاڻو.

رکوع ۲۷ آيت ۲۱۷ - تا - ۲۲۱

جهاد، هجرت، شراب، جوا. شراب ۽ جوا ۾ انهن جي فائدن کان انهن جو نقصان وڌيڪ آهي.

(۲۱۷) (اي پيغمبر!) توکان ماڻهو پڇن ٿا تہ حرمت واري مهيني ۾ لڙائي ڪرڻ ب نسبت حڪم ڪيئن آهي، هنن کي چئو تہ، ان ۾ لڙائي ڪرڻ وڏي برائي آهي. پر انسانن کي الله جي راهہ کان روڪڻ حق کان انڪار ڪرڻ، ڪعبة الله ۾ وڃڻ کان منع ڪرڻ ۽ پڻ مڪي جي مسلمانن کي مڪي مان تڙي ڪيڻ الله وٽ سيني گناهن کان وڏو گناهہ آهي ۽ فتنو (يعني ظلم ۽ فساد خصوصاً مذهبي تعصب کان ڪيل ظلم) قتل ۽ خونريزيءَ کان ب وڌيڪ خراب آهي ۽ (ياد رکو) تہ هي ماڻهو توهان سان لڙائي ڪندا رهندا جيستائين (جيڪڏهن ٿي سگهي) توهان کي توهان جي دين کان ڦيرائي ڇڏين، پر توهان مان جيڪو شخص پنهنجي دين کان ڦري ويندو ۽ ڪفر جي حالت ۾ مري ويندو تہ پوءِ ياد رکو تہ هن جو شمار انهن ماڻهن ۾ ٿيندو جن جا عمل دنيا خواهہ آخرت ۾ ضايع ٿي ويا. اهڙا ماڻهو دوزخي آهن ۽ هميشہ دوزخ جي عذاب ۾ هوندا. (۲۱۸) پر جن ماڻهن ايمان آندو (۽ ثابت قدم رهيا) ۽ پنهنجو پيارو وطن (دين خاطر) ڇڏيو ۽ الله جي راهہ ۾ جهاد ڪيو. اهي بيشڪ الله جي رحمت ۾ (سچي) اميد رکن ٿا ۽ الله ب اهڙن لاءِ بخشيندڙ ۽ رحم وارو آهي. (۲۱۹) (اي پيغمبر!) کي ماڻهو توکان شراب ۽ جوا بابت سوال پڇن ٿا. هنن کي چئو تہ انهن ۾ نهي شين ۾ نقصان تمام وڏو آهي ۽ انسان لاءِ فائدا ب آهن پر انهن جو نقصان انهن جي فائدن کان گهٽو وڏو آهي ۽ توکان پڇن ٿا تہ حق جي راهہ ۾ ڇا خرچ ڪيون؟. انهن کي چئو تہ جيڪي توهان جي ضرورتن کان وڌيڪ هجي سو خرچ ڪيو. ڏسو تہ ڪيئن الله تعاليٰ پنهنجون نشانيون ۽ هدايتون چٽيون ڪري ٿو ٻڌائي. انهيءَ لاءِ تہ دنيا ۽ آخرت جي مسئلن ۽ مصلحتن جي باري ۾ غور ۽ فڪر ڪيو. (۲۲۰) ۽ ماڻهو توکان يتيمن متعلق سوال ڪن ٿا. انهن کي چئو تہ، جنهن ڳالهہ ۾ هنن جو سڌارو ۽ فائدو هجي اها ئي بهتر آهي، ۽ جيڪڏهن توهان هنن سان گڏ رهو ۽ پنهنجي گهر ۾ شامل ڪري ڇڏيو تہ بهرحال هو اوهان جا ڀائر آهن. الله تعاليٰ ڄاڻي ٿو تہ ڪير سڌاري ڪرڻ وارو آهي ۽ ڪير بگاڙو ۽ خرابي ڪرڻ وارو آهي. (توهان جي نيت چگي آهي تہ

يتيمن جي مال سنيالڻ کان نہ نڻايو) جيڪڏهن الله تعاليٰ چاهي ها تہ (يتيمن جي نازڪ معاملي ۾) اوهان کي تڪليف ۾ وجهي ها (يعني سخت پابنديون وارا حڪم ڏئي ها) بيشڪ الله تعاليٰ وڏي طاقت وارو ۽ وڏي حڪمت وارو آهي. (۲۲۱) مشرڪ عورتن سان جيستائين هو مسلمان نہ ٿين نڪاح نہ ڪيو. هڪ مشرڪ عورت اوهان کي ظاهري طرح ڪيترو ٻہ وٽي تہ ٻہ مؤمن عورت هن کان گهٽو بهتر آهي. ساڳئيءَ طرح مشرڪ مرد جيستائين ايمان نہ آڻي ڪيس مؤمن عورت نڪاح ۾ نہ ڏني وڃي. يقيناً خدا جو مؤمن ٻانهو هڪ مشرڪ مرد کان بهتر آهي، اگرچہ اهو مشرڪ ظاهر ۾ اوهان کي پسند اچي. اهي مشرڪ اوهان کي (پنهنجي دين کان ڦيرائڻ چاهين ٿا) ۽ دوزخ جي طرف سڏين ٿا ۽ الله تعاليٰ پنهنجي حڪم سان اوهان کي (حق جو دين سيکاري) جنت ۾ مغفرت جي طرف سڏي رهيو آهي. (اهڙيءَ طرح) الله تعاليٰ ماڻهن جي رهنمائيءَ لاءِ پنهنجون نشانيون ۽ هدايتون چٽيون ڪري ٿو ٻڌائي تہ خبردار ٿين ۽ نصيحت تي عمل ڪن.

رڪوع ۲۸ آيت ۲۲۲ ـ تا ـ ۲۲۸

زالن کي حيض اچڻ ۽ زال مڙس جا تعلقات ۽ حڪم جو بيان

(۲۲۲) اي پيغمبر! ماڻهو تو کان عورتن جي حيض (ماهانہ ڪپڙا اچڻ) بابت پڇن ٿا، انهن کي ٻڌاءِ تہ اهو ايذاءُ جو وقت آهي تنهن ڪري انهن ڏينهن ۾ عورتن سان همبستر نہ ٿيو ۽ انهن کان پري رهو جيستائين حيض جي حالت کان پاڪ ۽ صاف ٿين. پوءِ جڏهن صاف ۽ پاڪ ٿين تڏهن ويل توهان هنن سان اهڙيءَ طرح ميل جول رکو جهڙيءَ طرح الله تعاليٰ حڪم ڪيو آهي (يعني الله تعاليٰ جي فطرتي قانونن موجب عمل ڪيو) بيشڪ الله تعاليٰ انهن کي حب ٿو ڪري جيڪي الله تعاليٰ جي حڪمن ڏي رجوع ٿا ٿين ۽ گناهن کان پناهہ ٿا گهرن ۽ انهن کي حب ٿو ڪري جيڪي (ظاهري توڙي باطني) صفائي ۽ پاڪائي رکندڙ آهن. (۲۲۳) اوهان جون عورتون اوهان جي لاءِ پوک وانگر آهن، پوءِ جيئن توهان چاهيو تيئن (فطرت جي تقاضا موجب) ٻنيءَ ۾ پوک پوکيو ۽ پنهنجي لاءِ ايندڙ وقت جو بندوبست ٻہ ڪري ڇڏيو (يعني جيڪو اولاد پيدا ٿيندو تنهن لاءِ سامان تيار رکو) ۽ هر حال ۾ خدا جو خوف رکي پرهيزگاري ڪيو ۽ ياد رکو تہ توهان کي (هڪ ڏينهن مرڻو آهي) ۽ الله جي حضور ۾ حاضر ٿيڻو آهي ۽ سچو ايمان رکندڙن کي (دائمي سعادت جي) خوشخبري ڏي. (۲۲٤) ائين نہ ڪيو جو ڪنهن سان ڇگائي ڪرڻ يا ڪو پرهيزگاريءَ جو ڪم ڪرڻ يا ماڻهن جي وچ ۾ صلح ڪرڻ جي خلاف قسم کڻي پوءِ الله جي نالي کي نيکيءَ جي ڪم کي ڇڏي ڏيڻ لاءِ بهانو بنايو. (يعني پهريائين تہ چگي ڪم جي خلاف قسم کڻو ۽ پوءِ عذر ڏيو تہ مان خدا جو قسم کنيو آهي تنهن ڪري هي ڪم ڪونہ ڪندس) ياد رکو تہ الله تعاليٰ سڀ ڪجهہ ٻڌندڙ ۽ ڄاڻندڙ آهي. (۲۲۵) توهان جي قسمن مان جيڪي خسيس ۽ بي معنيٰ آهن انهن ٻہ نسبت الله تعاليٰ توهان تي سختي ڪانہ ڪندو، پر انهن قسمن لاءِ سزا ڏيندو

جي سمجهي سوچي دل ۾ دماغ سان برائي لاءِ ڪنيا ويا آهن (يا جائز ڪمن لاءِ قسم ڪٽي پوءِ انهن جي خلاف عمل ڪيو آهي) الله تعاليٰ هر حال ۾ بخشيندڙ ۽ تحمل وارو آهي. (۲۲۶) جيڪي ماڻهو پنهنجي زالن ڏي وڃڻ کان قسم ڪٽي ٿا ويهن تن لاءِ چئن مهينن جي مهلت آهي. پوءِ جيڪڏهن انهيءَ مدت جي اندر پنهنجيءَ زال ڏي وڃن ته بيشڪ الله تعاليٰ بخشيندڙ ۽ رحم وارو آهي. (اها طلاق نه چئبي). (۲۲۷) پر جيڪڏهن (ائين نه ٿي سگهي) اهي مرد طلاق جو پڪو ارادو ڪن (ته پوءِ طلاق ٿي چڪي) پر يادرکو ته الله تعاليٰ سڀ ڪجهه ٻڌندڙ ۽ ڄاڻندڙ آهي (يعني الله تعاليٰ طلاق کي پسند نٿو ڪري). (۲۲۸) جن عورتن کي سندن مڙسن طلاق ڏني هجي انهن کي ٽن ماهانه حيض تائين پاڻ کي (ٻئي نڪاح ڪرڻ کان) روڪڻ گهرجي (يعني ٽن مهينن اندر عورت ٻيو نڪاح ڪري نٿي سگهي.) ۽ جيڪڏهن اهي عورتون الله ۽ آخرت جي ڏينهن تي ايمان رکن ٿيون ته هنن لاءِ جائز ناهي ته جا شيءِ الله تعاليٰ هنن جي پيٽ ۾ خلقي آهي سا لڪائي ڇڏين (ڇو ته جيڪڏهن ٻار پيٽ ۾ آهي ته پوءِ عدت ٽيستائين هلندي جيستائين ٻار جمي ممڪن آهي ته ٻار ڏي زال مڙس جي ڏهڻ جو سبب ٻڌجي وڃي) ۽ انهن جي مڙسن کي حق آهي ته جيڪڏهن انهي عدت جي اندر صلح ۽ ناهه لاءِ تيار ٿي وڃن ته پوءِ طلاق ڏنل زال کي پنهنجي زال ڪري ڏسن. عورتن کي به مردن تي اهڙائي حق آهن جهڙا مردن کي عورتن تي ته هڪ ٻئي سان چگي هلت هلن. البت مردن کي عورتن تي هڪڙو درجو وڌيڪ ڏنو ويو آهي. (ڇو ته عورت نازڪ ۽ ضعيف آهي. مرد ڪيس سنياليي ۽ حفاظت ڪري ٿو) الله تعاليٰ وڏي شان وارو ۽ حڪمت وارو آهي.

رڪوع ۲۹ ت آي ۲۲۹ ـ تا ـ ۲۳۱

طلاق جا مسئلا

(۲۲۹) طلاق (جنهن کان پوءِ وري رجوع ڪري سگهجي ٿو) به ڀيرا ٿي سگهي ٿي. پوءِ مرد يا ته انصاف ۽ چگيءَ سلوڪ سان زال کي پاڻ وٽ زال ڪري رکي يا ته (ٽيون ڀيرو طلاق ڏيئي) سهڻي سلوڪ سان هن کان جدا ٿئي ۽ توهان جي لاءِ جائز ناهي ته جيڪي توهان پنهنجي زالن کي (مهر ۽ ڀيون سوڪڙيون، زيور، ڪپڙا وغيره) ڏيئي ڇڏيو آهي تنهن مان ڪجهه طلاق ڏيڻ وقت موٽائي وٺو. پر جيڪڏهن ٻنهي کي انديشو ٿئي ته الله جا ٺهرايل حق ۽ واجب ادا ٿي نه سگهندا ته پوءِ هڪ ٻئي سان انهن ڏنل شين بابت راضي نامون ڪري سگهن ٿا. پوءِ توهان کي سچ پچ اهڙو انديشو هجي ته الله جا ٺهرايل حق ۽ واجب ادا ٿي نه سگهندا ته پوءِ ٻنهي تي ڪو گناهه ناهي، جيڪڏهن زال (پاڻ کي آزاد ڪرائڻ لاءِ) عيوضي ۾ ڪجهه ڇڏي ڏئي. (۽ مڙس اهو وٺي جدا ٿيڻ تي راضي ٿي وڃي) ۽ يادرکو ته اهي الله جون مقرر ڪيل حدون آهن پوءِ متان انهن کان ٻاهر قدم کڻو. جيڪو به الله تعاليٰ جي ٺهرايل حدن کان ٻاهر ويندو ته پوءِ اهڙا ئي ماڻهو آهن جي ظلم ڪندڙ آهن. (۲۳۰) پوءِ جيڪڏهن ڪنهن شخص ٽئين طلاق به ڏني ته پوءِ ان کي اها زال جائز

ناهي جيستائين ڪنهن ٻئي مرد سان نڪاح نہ ڪري پوءِ جيڪڏهن ٻيو مڙس ٻہ (پنهنجي خوشيءِ سان) ڪيس طلاق ڏيئي ڇڏي (۽ اڳيون مڙس ۽ زال پاڻ ۾ راضي ٿي وڃن) تہ پوءِ هڪ ٻئي ڏانهن رجوع ٿي سگهن ٿا. ان ۾ انهن لاءِ ڪو گناهہ ڪونهي بشرطيڪ ٻنهي کي اميد هجي تہ الله تعاليٰ جي ڏهرايل حدن تي قائم رهي سگهندا، اهي الله جون ڏهرايل حدون آهن جن کي الله انهن ماڻهن لاءِ چٽيون ڪري ٿو، جيڪي (زندگيءَ جون مصلحتون) ڄاڻن ٿا. (۲۳۱) جڏهن توهان پنهنجي زال کي طلاق ڏيو تڏهن يا تہ عدت جي اندر هنن کي چگي طريقي سان پاڻ وٽ زال ڪري رهايو يا تہ (آخري طلاق بعد) چگي طريقي سان هن کي اماڻي ڇڏيو. اڻين نہ ڏيئي جو هنن کي نقصان پهچائڻ لاءِ روڪي رکو ۽ مٿس ظلم ڪيو. (نڪي زال ڪري وهاريو، نڪي وڃڻ ڏيوس جيئن اڳي بت پرست عرب ڪندا هئا) جيڪو اڻين ڪندو سو پنهنجو ئي نقصان ڪندو. اڻين نہ ڪيو جو الله جي حڪمن کي کيل تماشو بنائي ڇڏيو (اڄ نڪاح ڪيو سياڻي طلاق ڏني) پاڻ تي الله جون نعمتون ياد ڪيو. الله تعاليٰ ڪتاب ۽ حڪمت مان جو ڪجهہ نازل ڪيو آهي ۽ جنهن سان اوهان کي چگيون نصيحتون ڏئي ٿو (سي ڪڏهن نہ وسارجو) ۽ الله کان ڊجو ۽ پڪ ڄاڻو تہ بيشڪ الله تعاليٰ کي هر شيءِ جو علم آهي.

رکوع ۳۰ آيت ۲۳۲ ـ تا ـ ۲۳۵

طلاق جا مسئلا ۽ ٻيواهہ زال جا حق

(۲۳۲) ۽ جڏهن اوهان عورتن کي طلاق ڏيئي ڇڏي آهي ۽ هنن پنهنجي عدت پوري ڪئي آهي تہ پوءِ جيڪڏهن اهي مناسب طريقي سان ڪنهن سان نڪاح ڪرڻ چاهين، جڏهن تہ ٻئي ڏريون پاڻ ۾ راضي آهن، (تہ اهڙيءَ صورت ۾) توهان هنن کي هرگز نہ روڪيو، توهان منجهان جيڪو ٻہ الله ۽ آخرت ۾ ايمان رکي ٿو، تنهن کي هن حڪم جي وسيلي نصيحت ڪئي وڃي ٿي. انهيء ۾ توهان جي لاءِ وڌيڪ برڪت ۽ پاڪائي آهي. الله تعاليٰ ڄاڻي ٿو پر توهان نٿا ڄاڻو. (۲۳۳) ۽ (جيڪڏهن طلاق ڏنل عورت کي ٻار ڄاول هجي) تہ ٻار کي پورا ٻہ سال ٽج پياري، ٻار جي انهيءَ پيءُ تي لازم آهي تہ انهيءَ عرصي لاءِ ٻار جي ماءُ کي کاڌو پيتو، لٽو ڪپڙو مناسب طرح ڏئي. ڪنهن ٻہ شخص کي سندس وسعت کان وڌيڪ تڪليف ڏيڻي ناهي، نہ ماءُ کي سندس ٻچي سبان کو نقصان پهچايو وڃي، نہ پيءُ کي انهي ٻچي سبان. پر جيڪڏهن والد فوت ٿي وڃي تہ سندس وارث انهيءَ عورت جي کاڌي پيتي ۽ لٽي ڪپڙي وغيره جو اهڙيءَ طرح انتظام رکي جهڙيءَ طرح پيءُ کي مناسب آهي، پر جيڪڏهن ٻئي پيءُ ۽ ماءُ پاڻ ۾ راضي ٿي صلاح مصلحت سان ٽج (مدت کان اڳي) ڇڏرائين تہ پوءِ مٿن گناهہ ڪونهي ۽ جيڪڏهن اوهان چاهيو تہ پنهنجي ٻچن لاءِ ڪنهن ٻي عورت جي ٽج جو انتظام ڪيو تہ ان ۾ ٻہ اوهان تي ڪو گناهہ ڪونهي، بشرطيڪ جيڪي ماءُ کي ڏيڻو ڪيو هو سو دستور موجب انصاف سان ان جي حوالي ڪيو.

(وڏي ڳالهه هيءُ آهي ته هر حال ۾) الله تعاليٰ جو خوف رکو ۽ يقين ڪيو ته جيڪي به توهان ڪيو ٿا سو بلاشبہ الله تعاليٰ چڱيءَ طرح ڏسي ٿو پيو. (۲۳٤) ۽ توهان مان ڪي ماڻهو فوت ٿي وڃن ۽ بيوهه زالون ڇڏي وڃن ته انهن بيوهه زالن کي گهرجي ته چار مهينا ۽ ڏهه ڏينهن (وفات جي عدت ٿائين) پاڻ کي (ٻئي نڪاح کان) روڪي رکن. پوءِ جڏهن اها عدت پوري ڪن تڏهن جيڪي جائز طريقي سان پنهنجي لاءِ ڪن (يعني ٻئي نڪاح جي تياري ڪن) ته ان لاءِ توهان تي ڪو ڏوهه ڪونهي. (يعني انهن کي نڪي ٻئي نڪاح کان منع ڪيو. نڪي وڏيڪ سوڳ ڪرڻ تي مجبور ڪيو) ۽ جيڪي توهان ڪيو ٿا الله تعاليٰ ان جي خبر رکندڙ آهي. (۲۳۵) ۽ جن بيوهه عورتن سان نڪاح ڪرڻ چاهيو تن کي جيڪڏهن اشاري طور پنهنجو ارادو ٻڌايو يا پنهنجي دل ۾ نڪاح جو ارادو لڪائي رکو ته ان ۾ اوهان جي لاءِ گناهه ڪونهي. الله تعاليٰ ڄاڻي ٿو ته ان جو خيال توهان جي دل ۾ ايندو. پر اڻين نه ٽئي جو لڪي ڇپي انهن کي (نڪاح جو) وعدو ڏيئي ڇڏيو. مگر دستور موجب مناسب ڳالهه ٻوليه ڪري سگهجي ٿي ۽ جيستائين عدت جي مقرر مدت پوري نه ٽئي تيستائين نڪاح جي ڳنڍ ٻڌڻ جو پڪو ارادو نه ڪيو (چو ته عدت جي اندر نڪاح جي تياري به جائز ناهي) ۽ يقين ڪيو ته جو ڪجهه اوهان جي دلين ۾ آهي سو الله تعاليٰ ڄاڻي ٿو. تنهن ڪري سندس خوف رکو ۽ ڄاڻو ته بيشڪ الله تعاليٰ بخشڻ وارو ۽ تحمل وارو آهي.

رکوع ۳۱ آيت ۲۳٦ - تا - ۲٤۲

مهر يا ڪابينو ڏيڻ ۽ فوت ٿيل مڙس جي زال کي هڪ سال گهر ۾ رهائڻ

(۲۳٦) ۽ جيڪڏهن اهڙي حالت پيش اچي جو توهان عورت کي اڃا هٿ به نه لاتو هجي نڪي اڃا مهر مقرر ڪيو هجي ۽ طلاق ڏيئي ڇڏيو ته توهان تي ڪو گناهه ڪونهي، پر ان حالت ۾ (جو مائٽي جون ڳالهيون پڪيون ڪري وري ٽوڙڻ سان عورت کي صدمو يا نقصان پهچي ٿو، تنهنجي عيوض ۾ ضروري آهي ته) عورت کي ڪجهه ڏيو ايترو ڏيو جيترو حالتن موجب مناسب هجي شاهوڪار پنهنجي وسعت آهر ڏئي ۽ مسڪين پنهنجي وسعت آهر ڏئي، نيڪ عمل انسائن تي حق آهي ته اڻين ڪن. (۲۳۷) پر جيڪڏهن عورت کي هٿ لڳائڻ کان اڳي طلاق ڏيو ۽ مهر مقر ڪيو هجيو ته انهيءَ حالت ۾ مقرر ڪيل مهر جو اڌ عورت کي ڏيڻ گهرجي، مگر اڻين ٿي سگهي ٿو ته عورتون پنهنجي خوشيءِ سان معاف ڪري ڇڏين يا مرد جنهن جي هٿ ۾ نڪاح جو رشتو آهي سو پاڻ اڌ رقم باز رکڻ جي بدران سڄو مهر زال کي ڏئي، توهان مرد جيڪڏهن اڻين ڪندؤ (يعني اهڙي حالتن ۾ به سڄو مهر پري ڏيندؤ) ته اها پرهيزگاري ۽ نيڪ عملي جي ڳالهه آهي، پاڻ ۾ هڪ ٻئي سان احسان ۽ ڀلائي ڪرڻ ڪڏهن نه وساريو ۽ ياد رکو ته جيڪي جيڪي عمل اوهان ڪيو ٿا سي بيشڪ الله تعاليٰ ڏسي ٿو. (۲۳۸) پنهنجي نمازن جي حفاظت ۾ ڪوشش ڪندا رهو خصوصاً اهڙي نماز جا (ظاهر ۽ باطن ۾) بهترين نماز هجي (ٽپهري يا عصر جي نماز کي به صلوٰة

الوسطي وچئين نماز چئبو آهي) ۽ الله جي حضور ۾ اهڙيءَ طرح نماز ۾ بيهو جو گويا ادب ۽ نياز ۾ مستغرق ٿي ويا آهيو. (۲۳۹) پر جيڪڏهن دشمن جو خوف خطرو هجي تہ پيادا هجو يا سوار هجو، هلندي جيئن بہ ٿي سگهي تيئن نماز پڙهي وڃو. پوءِ جيڪڏهن امن امان جي حالت قائم ٿئي تہ اهڙيءَ ئي طرح نماز پڙهو. جهڙيءَ طرح توهان کي سيکاري ويئي آهي، جنهن جي اڳي اوهان کي خبر ڪانہ هئي. (۲۴۰) ۽ توهان منجهئون جيڪي فوت ٿين ۽ پنڀان ٻيوهر زالون ڇڏي وڃن تہ (مرڻ کان اڳي) وصيت ڪرڻ گهرجين تہ هنن کي (ڪم از ڪم) هڪ سال تائين کاڏو پيتو ڪپڙو وغيره ڏنو وڃي ۽ گهر مان نہ ڪڍيو وڃي، پر جيڪڏهن پاڻ سال گذرڻ کان اڳي گهر ڇڏي هليون وڃن ۽ (چار مهينا ڏهہ ڏينهن عدت گذرڻ بعد) نڪاح وڃي ڪن تہ اوهان تي ڏوهہ ڪونهي (يعني پوءِ کاڏو پيتو وغيره پهچائڻ جو اوهان تي بار ڪونهي نہ ڪي کين روڪي هروپرو هڪ سال تائين سوڳ ڪرائڻ گهرجي) ياد رکو تہ الله تعاليٰ وڏي طاقت ۽ شان واروءَ حڪمت وارو آهي. (۲۴۱) ۽ ياد رکو تہ جن عورتن کي طلاق ڏني ويئي آهي تن کي مناسب طريقن سان فائدو پهچايو. پرهيزگار ٻانهن تي حق آهي تہ ائين ڪن. (۲۴۲) اهڙيءَ طرح الله تعاليٰ اوهان جي لاءِ پنهنجون آيتون ۽ حڪم چٽا چٽا ڪري ٿو ٻڌائي، انهيءَ لاءِ تہ عقل کان ڪم وٺو.

رکوع ۳۲ آيت ۲۴۳ ـ تا ـ ۲۴۸

جهاد، موت کان ڊڄڻ وارن لاءِ سچ پچ موت (ذلت) آهي، ڪير آهي جيڪو الله کي سهڻو قرض ڏئي.

(۲۴۳) اي پيغمبر! چا تو انهن ماڻهن جي حالت تي نظر نہ ڪئي آهي، جيڪي پنهنجن گهرن مان نڪري ويا ۽ اگرچہ هزارن جي تعداد ۾ هئا تہ بہ (ڊڄڻا) موت جي خوف کان پڄي هليا ويا. الله جو حڪم آيو تہ (موت کان پڄي رهيا آهيو تہ ڏسو) هاڻي سچ پچ توهان جي لاءِ موت آهي. (ڊڄڻن تي ضرور دشمن غالب پوندو ۽ قرلت ۽ قتل عام ڪندو) پر الله تعاليٰ (مٿن رحم ڪري) کين زندهہ ڪيو (يعني منجهن ثابت قدميءَ جو روح ڦوڪيو ۽ هو مقابلو ڪري فتحياب ٿيا) بيشڪ الله تعاليٰ انسانن تي وڏا فضل ڪندڙ آهي، مگر افسوس! جو گهڻائي انسان الله تعاليٰ جي نعمتن جو قدر نٿا ڪن. (۲۴۴) ۽ (جيڪڏهن لڙائي ڪرڻي پوي تہ بهادر ٿي) خدا جي راهہ ۾ لڙائي ڪريو ۽ يقين ڄاڻو تہ الله تعاليٰ سڀ ڪجهہ ٻڌي ۽ ڄاڻي ٿو. (۲۴۵) ڪير آهي جو الله تعاليٰ کي خوشيءَ سان سهڻو قرض ڏئي جو قرض الله تعاليٰ ڪيس موٽائي ڏئي (جهاد لاءِ يا ٻيءَ طرح خدا جي راهہ ۾ خرچ ڪرڻ آهي خدا کي سهڻو قرض ڏيڻ، جنهن جي عيوض بي شمار برڪتون ۽ نعمتون حاصل ٿين ٿيون) ۽ (تنگدستيءَ کان نہ ڊڄو) الله ئي تنگدستي ۽ ڪشادو رزق ڏيندڙ آهي ۽ آخر تہ انهيءَ جي طرف موٽڻو اٿوَ. (۲۴۶) اي پيغمبر! چا تو بني اسرائيلن جي سردارن جي انهيءَ واقعي تي غور نہ ڪيو جو واقعو حضرت موسيٰ کان پوءِ هنن کي پيش آيو. سردارن پنهنجي وقت جي نبي

کي چيو ته، اسان خدا جي راهہ ۾ جنگ ڪنداسين اسان جي لاءِ بادشاهہ مقرر ڪيو. نبي سڳوري فرمايو ته ممڪن آهي ته جيڪڏهن توهان کي لڙائيءَ جو حڪم ڏنو وڃي ته توهان لڙڻ کان انڪار ڪندؤ. سردارن چيو ته جنهن صورت ۾ اسان پنهنجي گهرن مان تڙيا ويا آهيون ۽ اولاد کان جدا ڪيا ويا آهيون تنهن صورت ۾ ائين ڪيئن ٿي سگهندو جو اسان خدا جي راهہ ۾ نہ وڙهنداسين پر پوءِ جڏهن لڙائي ڪرڻ جو حڪم ڏنو ويو تڏهن ڪن ٿورن کان سواءِ سڀني پٺيرائي، پر الله تعاليٰ بي فرمانن جي (دلين جي ڪوٽ کان) بي خبر ناهي. (۲۴۷) پوءِ هنن جي نبي سڳوري کين چيو ته، الله تعاليٰ توهان جي لاءِ طالوت کي بادشاهہ مقرر ڪيو آهي، (ان جي فرمانبرداري ڪيو ۽ جنگ لاءِ تيار ٿيو) هنن چيو ته، ائين ڪيئن ٿيندو جو هن کي اسان تي حڪمراني ملي ڇو جو حڪمراني لاءِ هن کان وڌيڪ ته اسان پاڻ حقدار آهيون. ازان سواءِ هن کي مال ۽ دولت جي ڪشادگي ب ڪانهي. نبي سڳوري فرمايو ته، الله تعاليٰ طالوت کي ئي (حڪمرانيءَ جي لياقتن سبان) توهان تي ترجيح ڏيئي چونڊيو آهي ۽ ڪيس گهٽي علم ۽ وڏي جسماني طاقت عطا ڪئي آهي. الله تعاليٰ جنهن کي چاهي ٿو (۽ لائق سمجهي ٿو) تنهن کي بادشاهي ڏئي ٿو، بيشڪ الله تعاليٰ وڏي وسعت رکڻ وارو ۽ سڀ ڪجهہ ڄاڻندڙ آهي. (۲۴۸) ۽ وري انهن جي نبيءَ سڳوري کين فرمايو ته ڏسو ته هن جي حاڪم ٿيڻ جي (لائقي جي) نشاني هيءَ آهي ته، توهان جو پاڪ تابوت (جو هاڻي دشمنن جي قبضي ۾ آهي) ملائڪ اتان کڻي ايندا. انهيءَ تابوت ۾ توهان جي پروردگار جي طرف کان اوهان جي لاءِ (فتح جي) تسلي آهي ۽ جيڪي حضرت موسيٰ ۽ هارون جو خاندان ڇڏي ويا آهن، ان جو باقي حصو آهي. جيڪڏهن توهان مڃڻ وارا آهيو ته هن ۾ توهان لاءِ وڏي نشاني موجود آهي.

رڪوع ۳۳ آيت ۲۴۹ ـ تا ـ ۲۵۲

بادشاهہ طالوت جي فتح ۽ الله جي رسولن بابت ڪجهہ حقيقتون

(۲۴۹) پوءِ جڏهن طالوت لشڪر سان روانو ٿيو تڏهن هن چيو ته وات تي (هڪ ندي ايندي ۽) الله تعاليٰ ان نديءَ جي پاڻيءَ سان توهان جي (صبر ۽ فرمانبراريءَ جي) آزمائش ونڊندو. ياد رکو ته جنهن به ان نديءَ جو پاڻي پيتو تنهن سان منهنجو واسطو ڪونهي (انهيءَ کي لشڪر مان ڪڍي ڇڏيندس) پر جيڪو اهو پاڻي نہ پيئندو سو ئي مون سان اڳتي هلندو. پر جيڪڏهن ڪنهن ماڻهو (مجبوري جي حالت ۾) هٿ سان ڪجهہ پاڻي ڪٽي هڪڙو ڏڪ پيتو ته فڪر ناهي. پوءِ (جڏهن لشڪر نديءَ وٽ پهتو تڏهن) ڪن ٿورڙن کان سواءِ سڀني پاڻي پيتو، (صبر ۽ فرمانبرداري ۾ پورا نہ نڪتا) پوءِ جڏهن طالوت ۽ هن سان گڏ اهي ماڻهو جيڪي سچا ايمان وارا هئا نديءَ کان پار لنگهيا، تڏهن انهن ماڻهن (جن پاڻي پي حڪم جي انحرافي ڪئي هئي) چيو ته اسان کي اها طاقت ناهي ته اڄ جالوت سان (جو فلسطيني لشڪر جو راکاس جهڙو سردار هو) ۽

سندس لشڪر سان وڙهي سگهون. پر اهي ماڻهو جن سمجهيو ٿي تہ (هڪ ڏينهن) الله جي حضور ۾ حاضر رهڻو آهي تن بي ڏڙڪ چئي ڏنو تہ (وڏي لشڪر کان ٿا ڊڄو؟) ڪيتريون ئي ننڍيون ٽوليون خدا جي حڪم سان وڏن لشڪرن تي غالب پئجي ويون ۽ الله تعاليٰ هميشہ صبر ۾ ثابت قدمي رکڻ وارن جو ساٿي آهي. (۲۵۰) ۽ جڏهن هو جالوت ۽ سندس لشڪر جي سامهون ٿيا تڏهن هنن دعا گهري تہ اي اسان جا رب! اسان جي مٿان صبر ۽ ثابت قدمي جو پيالو پر ٿاءِ ۽ اسان جا قدم جمائي رک ۽ اسان کي انهن جي خلاف مدد ڪر جيڪي حق جا منڪر آهن. (۲۵۱) پوءِ هنن الله جي حڪم سان دشمنن کي پڇاڙي ڏيو ۽ حضرت داؤد جالوت کي قتل ڪري وڌو. پوءِ الله تعاليٰ حضرت داؤد کي بادشاهي ۽ دانائي ڏني ۽ جو علم ڪيس سيکاريٽ چاهيائين سو ڪيس سيکاريائين. جيڪڏهن الله تعاليٰ (ظالم) ماڻهن کي (نيڪ) ماڻهن هٿان دفع نہ ڪرائي ها تہ دنيا ۾ ظلم ۽ فساد ۽ تباهي زور وڌي ها، پر الله تعاليٰ انسانن تي رحم ۽ فضل ڪندڙ آهي، (نيڪن کي ظالمن جي مقابلي ۾ مدد ڪري ٿو). (۲۵۲) اي پيغمبر! اهي الله تعاليٰ جون آيتون آهن جي تو کي برحق پڌرايون ٿا ۽ بيشڪ تون سچن رسولن منجهان آهين.

حصو ٽيون

(۲۵۳) اهي سڀ پيغمبر آهن، انهن مان ڪن کي ٻين کان افضل (بهتر) ڪيوسين (يعني اگرچ پيغمبريءَ جي لحاظ کان سيني جو درجو هڪ آهي پر هر ڪنهن جون خصوصيتون پنهنجون پنهنجون آهن) انهن مان ڪي ته اهڙا آهن جن سان الله تعاليٰ ڪلام ڪيو (يعني انهن تي ڪتاب نازل ڪيو) ۽ ڪي اهڙا آهن جن جا درجا (ان وقت جي حالتن مطابق ٻين ڳالهين ۾) بلند ڪيا ويا. ۽ حضرت عيسيٰ ابن مريم کي هدايت جا روشن دليل ڏناسين ۽ روح القدس (پاڪ وحي) جي تائيد سان سرفراز ڪيوسين. جيڪڏهن الله تعاليٰ چاهي ها (سندس قدرت ته سڀ ڪجهه ڪري ٿي سگهي) ته جي ماڻهو انهن پيغمبرن کان پوءِ پيدا ٿيا سي هدايت جي روشن دليلن ملڻ بعد وري پاڻ ۾ اختلاف ڪري وڙهن ڪونه ها، پر (جنهن صورت ۾ الله تعاليٰ انسان کي ارادي ۽ فعل جو اختيار ڏنو آهي) انهن ماڻهن (خود غرضين ۽ تڪبر سببان) پاڻ ۾ اختلاف ڪيو، ڪن ايمان جي واٽ اختيار ڪئي ته ڪن وري ڪفر جو رستو پسند ڪيو، جيڪڏهن الله چاهي ها ته هو ڪونه وڙهن ها، پر الله تعاليٰ پنهنجي رٿ ۽ ارادي موجب عمل ڪري ٿو. (سندس رٿ اها آهي ته انسان پنهنجو عقل ۽ ٻيون قوتون ڪم آڻي.)

رڪوع ۳۴ آيت ۲۵۳ ـ تا ـ ۲۵۷

خدا جي راهه ۾ خرچ ڪرڻ، شفاعت. الله تعاليٰ جي عظمت، دين ۾ جبر ڪونهي.

(۲۵۴) مؤمنؤ! جيڪو رزق اسان توهان کي ڏنو آهي سو (رڳو پنهنجي نفساني خواهشن پورين ڪرڻ لاءِ نه پر الله جي راهه ۾ به) خرچ ڪيو، انهيءَ کان اڳي جو زندگي پوري ٿي وڃي ۽ اهو ڏينهن اچي وڃي جنهن ڏينهن نڪي خريد فروخت ٿي سگهندي (جو پيسا ڏيئي جنت خريد ڪيو) نڪي ڪنهن دوست جي ڪوشش ۽ مددگاري ڪم ايندي، نڪي ڪنهن جي سفارش سان ڪم ڪيي سگهبو. (ان ڏينهن فقط چڱا عمل ڪم ايندا) ۽ ياد رکو ته جيڪي ماڻهو (هن حقيقت جا) منڪر آهن سي ئي پاڻ تي پاڻ ظلم ڪري رهيا آهن. (۲۵۵) الله کان سواءِ ڪوبه معبود ڪونهي (جنهن جي ٻانهپ ڪجي) هو "الحي" آهي (يعني ازخود زنده آهي ۽ هن جي زندگيءَ کي فنا ۽ زوال ڪونهي) هو "القيوم" آهي (يعني سڀ ڪجهه هن جي حڪم سان قائم آهي ۽ پنهنجي قيام لاءِ ڪنهن جو به محتاج ناهي) هن کي نڪو ڏڪر ٿو اچي، نڪي ننڊ. آسمانن ۽ زمين ۾ جو ڪجهه آهي سو سڀ سندس ئي آهي ۽ سندس ئي حڪم سان آهي. ڪير آهي جو هن جي اڳيان هن جي اجازت کان سواءِ ڪنهن جي لاءِ سفارش ڪري سگهي؟ جيڪي جيڪي انسان جي اڳيان آهي سو به الله تعاليٰ ڄاڻي ٿو ۽ جيڪي جيڪي پٺيان اٽس سوبه ڄاڻي ٿو. انسان هن جي علم مان ڪجهه به پروڙي نٿو سگهي، پر اوترو جيترو الله تعاليٰ پاڻ عطا ڪرڻ چاهي ٿو ۽ ڏئي ٿو. هن جو تخت

(حڪومت) آسمانن ۽ زمين کي گهيرو ڪيون ٻيٺو آهي ۽ انهن جي حفاظت ڪرڻ ۾ هن کي ڪو ٽڪ ڪونہ ٿو ٽئي هو بي انتها بلند ۽ بي انتها وڏو آهي. (اها آهي مشهور آية الكرسي) (۲۵۶) دين جي باري ۾ زور زبردستي جائز ناهي، يقيناً هدايت جي واٽ گمراهي کان الڳ ۽ چٽي ڪئي ويئي آهي. (ٻئي واٽون ماڻهن جي سامهون آهن، جنهن کي جيڪا وٽي سان اختيار ڪري) پوءِ جنهن طاغوت (شيطان) کان انڪار ڪيو (يعني فساد ۽ سرڪشيءِ کان ٻيزار ٿي ويو) ۽ الله تي ايمان آندو تنهن (سعادت واريءَ) پروسي جهڙي ٽاريءَ کي مضبوط جهليو. جا ٽاري ٽٽڻ واري ناهي (جنهن ان کي جهليو سو سلامت رهيو) ۽ ياد رکو تہ الله تعاليٰ سڀ ڪجهہ ٻڌندڙ ۽ ڄاڻندڙ آهي. (۲۵۷) الله تعاليٰ انهن ماڻهن جو محافظ ۽ مددگار آهن جي ايمان جي راهہ اختيار ڪن ٿا. هو انهن کي هر قسم جي اوندهين مان ڪڍي روشنائيءَ ۾ آڻي ٿو، پر جن ماڻهن ڪفر جي واٽ ورتي آهي تن جا دوست ۽ مددگار اهي سرڪش ۽ مفسد شيطان آهن، (جن کي هنن معبود بنايو آهي) اهي شيطان هنن کي روشنائيءَ مان ڪڍي اوندهين ۾ وڌي وڃن ٿا. اهي ماڻهو آهن جيڪي دوزخي جماعت جا ساٿي آهن ۽ هميشہ ان باهہ ۾ رهندا.

رکوع ۳۵ آيت ۲۵۸ ـ تا ـ ۲۶۰

حضرت ابراهيم عليہ السلام جو الله تعاليٰ متعلق دليل، بيت المقدس جو ويران ٿيڻ ۽ وري آباد ٿيڻ

(۲۵۸) اي پيغمبر! تو انهيءَ شخص جي حالت تي غور ڪونہ ڪيو چا؟ جنهن حضرت ابراهيم سان سندس پروردگار جي باري ۾ بحث ڪيو. چو تہ الله تعاليٰ کيس بادشاهي ڏني هئي (يعني بادشاهيءَ جي فخر کان خود خدا بابت حجتون ڪرڻ لڳو) جڏهن حضرت ابراهيم فرمايو تہ، منهنجو پروردگار اهو آهي جو جيئاري ۽ ماري ٿو، تڏهن هن بادشاهہ چيو تہ، مان بہ جيئاريان ۽ ماريان ٿو (يعني پنهنجي بادشاهيءَ ۾ جنهن کي وٽيم تنهن کي ماراڻي ڇڏيان ۽ جنهن کي وٽيم تنهن کي ڇڏي ڏيان) حضرت ابراهيم تنهن تي فرمايو تہ الله تعاليٰ سج کي اوپر کان اپاري ٿو، تون اولهہ کان اپاري ڏيکار. هي جواب ٻڌي حق جو منڪر واڙڻو ٿي ويو. الله جو قانون آهي تہ هو ظالمن کي حق جي راهہ نٿو ڏيکاري. (۲۵۹) وري انهيءَ شخص جو مثال وڻو جو هڪڙي اهڙي ڳوٺ جي پرسان لنگهيو جنهن جي گهرن جون ڇتيون ڪري پيون هيون ۽ انهن جي مٿان درن ۽ ڀتين جو ڍير لڳي ويو هو، (هي حال ڏسي) هن چيو تہ، الله تعاليٰ هن ڳوٺ کي موت بعد وري زندهہ ڪندو (يعني ڪيئن ويران ڳوٺ کي وري آباد ڪندو!) پوءِ الله تعاليٰ هن شخص کي سؤ سال جو موت ڏنو ۽ پوءِ اٿاري ڪڍو ڪيائين ۽ پڇيائين تہ، ڪيترو وقت انهيءَ حالت ۾ رهين؟ هن چيو تہ، هڪڙو ڏينهن يا ڏينهن جو ڪجهہ حصو. الله تعاليٰ فرمايو

تہ، تون هڪ سؤ سال انهيءَ حالت ۾ رهئين. هاڻي پنهنجي طعام ۽ پاڻيءَ تي نظر ڪر. انهن ۾ هيترا سال گذرڻ جي ڪا نشاني ۽ ڪاندهي (بلڪل تازا پيا ڏسجن) ۽ پنهنجي سواريءَ جي گڏهه ڏانهن نهار (تہ ڪهڙي حالت ۾ آهي) هي سڀ انهيءَ لاءِ ڪيو ويو تہ توکي ماڻهن جي لاءِ (حق جي) هڪ نشاني ٺهرايون ۽ وري هڏين ڏانهن نهار ڪيئن اسان انهن کي کڙو ڪيون ٿا ۽ ڪيئن انهن تي گوشت چاڙهيون ٿا، پوءِ جڏهن انهيءَ شخص کي اها حقيقت سمجهه ۾ آئي تڏهن هن چيو تہ، هاڻي مان يقين سان ڄاڻان ٿو تہ، بيشڪ الله تعاليٰ سڀ ڪجهه ڪري سگهي ٿو. (۲۶۰) ۽ وري ڏسو جڏهن حضرت ابراهيم چيو تہ اي منهنجا رب! مون کي ڏيکار تہ ڪهڙيءَ طرح تون مئلن کي زندهه ٿو ڪرين؟ تڏهن الله تعاليٰ فرمايو تہ، توکي ان جو يقين ناهي ڇا؟ هن عرض ڪيو تہ يقين تہ آهي پر هي انهيءَ لاءِ عرض ٿو ڪريان تہ منهنجي دل کي آرام اچي. (يعني هي جا مايوس ڪندڙ حالت ڏسان ٿو ۽ دل ڏڙڪي ٿي سا دل جي مايوسي لهي وڃي). الله تعاليٰ جو حڪم ٿيو تہ هيئن ڪر جو پکين مان کي ۽ چار پکي هٿ ڪريو ۽ انهن کي پاڻ وٽ رکي پاڻ سان هيرائي ڇڏ، پوءِ انهن مان هرهڪ کي جدا جدا جبلن جي چوٽين تي وهار ۽ پوءِ هنن کي سڏ ڪر، هو (تنهنجو آواز ٻڌي) تنهنجي طرف اڏامي ايندا ۽ يقين ڪر تہ بيشڪ الله تعاليٰ وڏي شان ۽ طاقت وارو ۽ حڪمت رکندڙ آهي.

رکوع ۳۶ آيت ۲۶۱ ـ تا ـ ۲۶۶

صدقا ۽ خيراتون

(۲۶۱) جيڪي ماڻهو پنهنجو مال الله جي راهه ۾ خرچ ڪن ٿا (انهن جي نيڪي ۽ نيڪيءَ جي برڪتن جو) مثال اهڙو آهي جهڙو هڪ ٻج جو داڻو. جو جڏهن پوکيو وڃي ٿو تڏهن هڪ داڻي مان ست سنگ پيدا ٿين ٿا ۽ هرهڪ سنگ مان سؤ داڻا نڪري اچن ٿا. (يعني هڪڙي داڻي خرچ ڪرڻ سان سوين داڻا ملن ٿا) ۽ الله تعاليٰ جنهن جي لاءِ چاهي ٿو تنهن کي ٻيڻو يا وڌيڪ ڪري ڏئي ٿو. بيشڪ الله تعاليٰ وڏي وسعت وارو (ڪشادو رزق ڏيندڙ) ۽ سڀ ڪجهه ڄاڻندڙ آهي. (پر افسوس! جو اسان گمراهن کي الله جي هن قول تي ايمان ڪونهي، تنهن ڪري ٻين کي ڏيڻ بدران ٻين کان قرڻ تي سندرو ٻڌي ٻيٺا آهيون.) (۲۶۲) جيڪي ماڻهو الله جي راهه ۾ خرچ ڪن ٿا ۽ اهڙيءَ طرح خرچ ڪن ٿا جو نڪي ونڊڻ تي ٽورو ٽڻن ٿا ۽ نہ وري وري احسان جي يادگيري ڏيارين ٿا، نڪي احسان ڪرڻ بعد ڪنهن ۾ نموني سندن دل ڏکائڻ يا ڪين ايذاءُ پهچائڻ ٿا انهن ماڻهن کي الله تعاليٰ وڏان سندن عمل جو اجر ملندو هنن کي نڪي ڪنهن قسم جو خوف خطرو رهندو نہ غمگيني. (۲۶۳) منو ۽ وٽندڙ ٻول ۽ (رحم ۽ شفقت سان) معافي ڏيڻ انهيءَ صدقي يا خيرات کان بهتر آهي جنهن جي پٺيان خدا جي ٻانهن لاءِ ڪو ايذاءُ رٽيل هجي. (ياد رکو تہ سخاوت ۾ خود اوهان جي چگائي آهي.) الله تعاليٰ تہ بي پرواهه ۽ تحمل وارو آهي. (۲۶۴)

اي ايمان وارو! ماڻهن تي ٿورو ٿڦڙ سان يا ايذاءُ پهچائڻ سان پنهنجي خيرات کي برباد نہ ڪري ڇڏيو. جهڙيءَ طرح اهو ماڻهو پاڻ کي برباد ڪندو آهي جو ماڻهن کي ڏيکارڻ لاءِ پنهنجو مال خرچ ڪندو آهي ۽ الله ۽ آخرت ۾ ايمان ڪونهيس. اهڙن ماڻهن جو مثال اهڙو آهي جهڙي پٿر جي هڪ ڇپ. ان ڇپ تي مٽي پئجي ويئي آهي (۽ ان ۾ بج ڇٽيو ويو آهي) جڏهن زور سان مينهن وسيو تڏهن مٽي بج سميت وهي هلي وئي ۽ فقط هڪ صاف سخت ڇپ وڃي رهي. (اهوئي حال آهي ڏيکاءُ ۽ ناموس لاءِ خيرات ڪندڙن جو) انهن (خيرات ڪري) جو ڪجهہ بہ ڪمايو سو (رياڪاري سببان) ضايع ٿي ويو. هن ڪي ڪجهہ بہ هٿ نہ آيو ۽ حقيقت هيءَ آهي تہ الله تعاليٰ انهن کي سنئين واٽ نٿو ڏيکاري جيڪي ڪفر جي واٽ ٿا وڻن. (۲۶۵) (ان جي ابتڙ) جيڪي ماڻهو الله جي راضپي جي لاءِ ۽ پنهنجي دل جي خوشي ۽ ثبات سان پنهنجو مال خرچ ڪن ٿا انهن جو مثال اهڙو آهي جهڙو هڪڙي آڪٽي تي لڳايل باغ، انهيءَ تي ڇگو مينهن وسيو تہ ٻيٽا ڦل ڦول پيدا ٿي ويا ۽ جيڪڏهن زور سان مينهن نہ وسيو تہ هلڪيون بوندون بہ هن کي آباد ڪرڻ لاءِ ڪافي آهن ۽ ياد رکو تہ جيڪي جيڪي اوهان ڪيو ٿا الله تعاليٰ ڇگيءَ طرح ڏسي ٿو. (۲۶۶) ڇا توهان مان ڪوبہ ماڻهو هيءَ ڳالهہ پسند ڪندو تہ هن کي ڪارڪن جي وٽن ۽ انگورن جي منهن جو هڪڙو باغ هجي ان ۾ نهرون وهندڙ هجن ۽ پڻ ان ۾ هن لاءِ ٻيا بہ طرحين طرحين جا ڦل ڦول هجن ۽ پوءِ ڇا ٿئي جو ٻڍاپ اچي وڃي ۽ ٻار هجنس ننڍڙا ۽ ضعيف ۽ اوچتو ئي اوچتو ساڙيندڙ هوا لڳي ۽ باغ کي ساڙي اڄڙ ڪري ڇڏي؟ الله تعاليٰ اهڙن ئي مثالن سان توهان جي لاءِ حقيقت جون نشانيون چٽيون ڪري ٿو ڇڏي انهيءَ لاءِ تہ غور ۽ فڪر ڪن ڪم وٺو.

رکوع ۳۷ آيت ۲۶۷ ـ تا ـ ۲۷۳

شيطان توهان کي سڃائيءَ ڪان ڊيڄاري ٿو ۽ دولت لاءِ برايون ڪرڻ جو حڪم ٿو ڪري

(۲۶۷) اي مؤمنو! جيڪي توهان ڪمايو ٿا ۽ جيڪي اسان توهان لاءِ زمين مان پيدا ڪيون ٿا انهن مان پاڪ ۽ چگيون شيون خدا جي راهہ ۾ خرچ ڪيو. ائين نہ ڪيو جو ڪا ردي ۽ خراب شيءِ خدا جي نالي تي خيرات ڪيو، اهڙي شيءِ جيڪر اوهان کي ملي تہ ڪڏهن بہ نہ وٺو. پرڇاڻي ٻجهي اکيون بند ڪري وٺو تہ پوءِ پي ڳالهہ آهي. ياد رکو تہ الله تعاليٰ بي نياز ۽ سيني چگين صفتن سان ڪامل طرح موصوف آهي. (هن کي اوهان جي ڪنهن بہ شيءِ جو احتياج ڪونهي، چگين شين جي خيرات ڪرڻ مان توهان کي سعادت ۽ نجات ملندي). (۲۶۸) شيطان توهان کي سڃائيءَ ڪان ڊيڄاري ٿو (توهان ۾ وسوسا ٿو وجهي تہ خيرات ڪندؤ تہ سڃا ٿي ويندؤ) ۽ دولت ڪمائڻ لاءِ برائيون ڪرڻ جو حڪم ٿو ڪري، پر الله تعاليٰ توهان کي اهڙيءَ راهہ ڏي سڏي ٿو جنهن ۾ سندس بخشش ۽ فضل ۽ ڪرم جو واعدو آهي ۽ ياد رکو تہ الله تعاليٰ ڪشادو رزق ڏيندڙ ۽ سپ ڪجهہ ڄاڻندڙ آهي. (۲۶۹) هو جنهن کي چاهي ٿو تنهن کي حڪمت ڏئي ٿو ۽ جنهن کي

حڪمت ملي تنهن کي يقيناً تمام وڏي چڱائي ۽ برڪت ملي ويئي، نصيحت فقط اهي ونڊندا جي سمجهه ۽ عقل وارا آهن. (۲۷۰) ياد رکو ته جنهن به قسم جي خيرات تي خرچ ٿا ڪيو يا خدا جي نالي تي باسيل نذر ڏيو ٿا ته الله تعاليٰ کي ان جي خبر پوي ٿي (۽ ان جو اجر ڏئي ٿو) ۽ جيڪي ماڻهو ظلم ۽ گناهه ڪن ٿا تن کي (عذاب کان بچائڻ لاءِ) کوبه مددگار نه لبندو. (۲۷۱) جيڪڏهن توهان (ڏيکاءُ ناموس جي نيت کان سواءِ) کليو کلايو خير خيرات ڪيو ته به چڱي ڳالهه آهي ۽ جيڪڏهن لڪي ڇپي ڪيو. اهڙن محتاجن کي ڏيو جن کي ڪجهه به ناهي ته توهان جي لاءِ سپ کان چڱو آهي. اهڙي خيرات توهان جي گناهن کي اوهان کان پري ڪري ڇڏيندي ۽ جيڪي جيڪي عمل توهان ڪيو ٿا تن جي الله تعاليٰ کي پوري پوري خبر رهي ٿي. (۲۷۲) اي پيغمبر! هنن ماڻهن جي هدايت جي ذميواري توتي ناهي (انهن کافرن کي به پلي خيرات ڏيو. پر نه انهيءَ نيت سان ته لالچ تي مسلمان ٿين) پر الله تعاليٰ ئي آهي جو جنهن کي چاهي تنهن کي هدايت ڪري. (پوءِ ماڻهن کي چئو ته) جيڪي توهان نيڪي جي راهه ۾ خيرات ڪندؤ سا خود اوهان جي فائدي لاءِ آهي، توهان جو خرچ ڪرڻ فقط انهيءَ لاءِ آهي ته خدا جي راضپي جي طلب ٿا رکو ۽ جيڪي جيڪي توهان نيڪي جي راهه ۾ خرچ ڪندؤ ان جو بدلو توهان کي تمام چڱو ملندو ۽ توهان سان بي انصافي ڪانه ڪئي ويندي. (۲۷۳) خيرات انهن گهرج وارن کي ڏيڻي آهي، جيڪي خدا جي راهه ۾ گهيرجي مجبور ٿي ويٺا آهن ۽ هنن کي اها طاقت ڪانهي جو گذاران جي تلاش ۾ ملڪ ۾ هيڏي هوڏي نڪري پون. (هو بک يا گهرج هوندي به شرم يا خودداريءَ کان سوال نٿا ڪن) تنهن ڪري اڻ واقف ماڻهو سمجهن ٿا ته هنن کي ڪابه گهرج ڪانهي. توهان هنن جو چهرو ڏسي هنن جي حالت سمجهي سگهو ٿا. پر هو ماڻهن جي پوئتان لڳي ڪڏهن به سوال ڪرڻ وارا ناهن ۽ ياد رکو ته توهان جيڪي به نيڪيءَ جي راهه ۾ خرچ ڪندؤ سو بلاشبه الله تعاليٰ چڱيءَ طرح ڄاڻي ٿو.

رکوع ۳۸ آيت ۲۷۴ - تا - ۲۸۱

صدقو ۽ وياج. الله تعاليٰ وياج مان کوٽ ۽ تباهي ڏئي ٿو.

(۲۷۴) جيڪي ماڻهو رات جو يا ڏينهن جو ڳجهي طرح يا ظاهر ظهور نيڪيءَ جي راهه ۾ پنهنجو مال خرچ ڪن ٿا تن کي يقيناً پنهنجي پرودگار وٽان اجر ملندو. هنن کي نه کو خوف خطرو هوندو، نڪا غمگيني. (۲۷۵) جي ماڻهو (گهرج وارن جي مدد ڪرڻ بدران اڻلندو انهن کان) وياج وٺي پيٽ پالن ٿا اهي (انهيءَ ظلم جو نتيجو ڏسندا) ۽ اٿي بيهي به ڪين سگهندا پر جي بيهندا ته انهي ماڻهو وانگر جنهن کي شيطان جي ڇهڻ سان چريائي ٿي وئي هجي (يا مرگهيءَ جي بيماريءَ ۾ گرفتار هجي.) هي انهيءَ ڪري ٿيندو جو هنن (وياج کي ناجائز نه سمجهيو ۽) چيائون ته واپار به وياج وڻڻ وانگر آهي، پر الله تعاليٰ واپار ڪري نفعو ڪمائڻ کي

حلال ٺهرايو آهي ۽ وياج کي حرام ڪيو. (پنهي ۾ زمين آسمان جو تفاوت آهي) سو هاڻي جنهن ماڻهو کي پنهنجي رب وٽان هي حڪم پهچي ته آئندہ وياج وڻڻ بند ڪري، تنهن کي اڳيون ورتل وياج وٽس ئي هجي ۽ هن جو معاملو الله وٽ آهي پر جيڪڏهن آئندہ به ڪو ماڻهو (وياج وڻڻ کان) باز نہ ايندو ته پوءِ هو دوزخي جماعت منجهان آهي ۽ هميشہ عذاب ۾ رهندو. (۲۷۶) الله تعاليٰ وياج مان کوٽ ۽ تباهي ڏئي ٿو ۽ خيرات لاءِ برڪت ۽ واڌارو ٿو ڏئي ۽ ياد رکو ته الله تعاليٰ انهن کي ناپسند ٿو ڪري جي الله تعاليٰ جا بي شڪر ۽ نافرمان آهن. (۲۷۷) جي ماڻهو الله تي سچو ايمان رکن ٿا ۽ سندن عمل به چگا آهن پڻ نماز قائم ڪن ٿا ۽ زڪوٰت ڏين ٿا تن کي يقيناً سندن پروردگار وٽان اجر ملندو، نڪي هنن کي ڪنهن به قسم جو خوف خطرو رهندو، نڪي ڪا غمگيني. (۲۷۸) اي مؤمنو! جيڪڏهن توهان کي سچ پچ ايمان آهي ته خدا جو خوف رکو ۽ جيڪو وياج قرضدارن وٽ رهجي ويو آهي سو چڏي ڏيو. (۲۷۹) جيڪڏهن توهان ائين نہ ڪيو ته پوءِ الله ۽ ان جي رسول سان جنگ ڪرڻ لاءِ تيار رهو. (الله جي حڪمن جي خلاف عمل ڪرڻ آهي الله ۽ رسول سان جنگ ڪرڻ) پر جيڪڏهن انهي ڪم کان توبہ ڪري باز اچو ته پوءِ توهان جي لاءِ هي حڪم آهي ته پنهنجي اصلي رقم وڻو ۽ وياج چڏي ڏيو نڪو توهان ڪنهن تي ظلم ڪيو، نڪي توهان تي ظلم ڪيو وڃي. (۲۸۰) ۽ جيڪڏهن قرضي تنگ حالت ۾ آهي (۽ هڪدم قرض ڏيئي نٿو سگهي) ته هن کي آساني جي حالت ٿيڻ تائين مهلت ڏيڻ گهرجي پر جيڪڏهن سمجهہ رکو ٿا ته يقين رکو ته توهان لاءِ بهتري هن ۾ آهي ته اهڙي مسڪين کي قرض (مور ٻ) صدقي طور بلڪل معاف ڪري چڏيو. (۲۸۱) ۽ انهيءَ ڏينهن جي حساب کان ڈڄو جنهن ڏينهن الله تعاليٰ جي حضور ۾ موٽي ويندؤ. پوءِ ڇا ٿيندو جو هر نفس (پنهنجي عملن سان) جيڪي ڪمايو هوندو ان جو پورو پورو بدلو هن کي ملندو ڪنهن سان ٻ بي انصافي نہ ٿيندي.

رکوع ۳۹ آيت ۲۸۲ ـ تا ـ ۲۸۳

ڏيتي ليتي واڌو غيره کي لکپڙهہ هيٺ آڻڻ

(۲۸۲) اي مؤمنو! جڏهن ڪنهن خاص مدي لاءِ اوڌر (پيسا يا ٻيو ڪجهہ) ڏيو يا وڻو ته پوءِ ان کي لکپڙهہ هيٺ آڻيو ۽ هڪڙو لکڻ وارو اوهان جي وچ ۾ هجي جو عدل ۽ ايمانداريءَ سان دستاويز لکي. لکي ڇاڻندڙ کي گهرجي ته لکڻ کان انڪار نہ ڪري، جو ته الله تعاليٰ ئي هن کي لکڻ سيکاريو آهي، تنهن ڪري ضرور لکي. هيئن ڪجي جو جنهن کي رقم يا شيءِ (مقرر مدي تي) ڏيڻي آهي سو چوندو وڃي (ته ڪاتب لکندو وڃي) ۽ چوڻ وقت پنهنجي پروردگار جو خوف دل ۾ رکي ۽ جو ڪجهہ هن کي ڏيڻو آهي تنهن کان ذرو ٻ گهٽ نہ لکائي، پر جيڪڏهن ذميوار بي سمجهہ هجي يا ضعيف هجي ۽ لکائڻ جي قابليت نہ هجيس ته پوءِ ان جي پاران سندس خير خواهہ دوست يا سنياليندڙ عدل ۽ ايمانداريءَ سان چوندو لکائيندو وڃي ۽ (جيڪو دستاويز لکيو وڃي) تنهن

تي پنهنجي ماڻهن مان ٻن مردن کي شاهد ڪري چڏيو. جيڪڏهن ٻہ مرد نہ هجن تہ هڪ مرد ۽ ٻہ عورتون جيڪي پسند هجن سي شاهد ڪري چڏيو. انهيءَ لاءِ تہ جيڪڏهن هڪ عورت کان ڀُلائہ وسري وڃي تہ ٻي هن کي يادگيري ڏياري ۽ جڏهن شاهدن کي سڏيو وڃي تڏهن هلي وڃڻ ۽ شاهدي ڏيڻ کان نہ نٽائين ۽ معاملو ننڍڙو هجي توڙي وڏو هجي پر ميعاد پيل هجي تہ دستاويز لکڻ ۾ ڍرئي نہ ڪيو. هن ڀُلائہ ۾ الله تعاليٰ جي نظر ۾ توهان جي لاءِ انصاف جي زياده مضبوطي آهي، شاهديءَ لاءِ وڌيڪ پڪائي آهي ۽ وڌيڪ امڪان آهي تہ شڪ شبهي ۾ ڪونہ پوندو، پر جيڪڏهن سودو ڪرڻ وقت هٿئون هٿ ڏيئي وڻي ڪم لاهي چڏيو تا (اوڏر ڪانہ رهي) تہ پوءِ اوهان تي ڏوهہ ناهي، جيڪڏهن اهو سودو لکپڙهہ هيٺ نہ آڻيو، پر تڏهن ٻہ (وڏن تجارتي معاملن ۾) سودي ڪندي شاهد ڪري چڏيو (تہ پوءِ ڪو جهڳڙو نہ ٿئي. مثلاً ڪٿون يا ڀڪري خريد ڪيو ۽ پوءِ ڪو چوي تہ توهان چوراڻي آيا آهيو تہ ڪيڏو نہ خلل ٿي پوي) (هي ڀُلائہ ٻہ ضروري آهي تہ) لکندڙ ۽ شاهد کي ڪوبہ نقصان نہ پهچي (يعني غرض وارو هنن تي دٻاءُ نہ وجهي تہ شاهدي گهٽ وڌ ڏي. پر ممڪن آهي تہ هي معنيٰ ٻہ آهي تہ لکندڙ يا شاهد کي جيڪڏهن لکڻ يا شاهدي ڏيڻ ۾ مالي نقصان ٿيندو هجي تہ انهن کي عيوضو ڏيڻ گهرجي) جيڪڏهن توهان هنن کي نقصان هيٺ آڻيندو تہ توهان جي لاءِ گناهہ جو ڪم آهي ۽ توهان کي گهرجي تہ هر حال ۾ خدا جو خوف رکندا رهو. هو اوهان کي (ضروري ڀُلائيون) سيکاري ٿو ۽ هو هر شيءِ جو علم رکندڙ آهي. (۲۸۳) ۽ جيڪڏهن توهان سفر ۾ هجو ۽ (دستاويز لکڻ لاءِ) ڪاتب نہ لهي تہ پوءِ ڪا شيءِ گروي طور قبضي ۾ ڏني وڃي، پر جيڪڏهن توهان مان هڪڙو ماڻهو ٻئي تي اعتبار رکي تہ پوءِ جنهن تي اعتبار رکيو ويو هجي سو (وقت اچڻ تي) امانت واپس ڪري ۽ پنهنجي پروردگار الله جو خوف رکي (ضرور امانت واپس ڏئي) ۽ خبردار! شاهدي ڪڏهن ٻہ نہ لڪايو (ڪهڙو ٻہ خوف خطرو هجي، ڪهڙي ٻہ لالچ ملي تہ ٻہ سچي شاهدي ڏيو) جيڪو شاهدي لڪائيندو سو پنهنجي دل ۾ گنهگار ٿيندو (سندس دل ڪاري ٿيندي) ۽ ياد رکو تہ جيڪي جيڪي عمل توهان ڪيو ٿا تن کان الله تعاليٰ بي خبر ناهي (هو ضرور باز پرس ڪندو).

رکوع ۴۰ آيت ۲۸۴ ـ تا ـ ۲۸۶

ماڻهوءَ لاءِ اهوئي ڪجهہ آهي جيڪا هو ڪمائي ڪري ٿو. الله تعاليٰ ڪنهن ٻہ نفس تي سندس طاقت کان ٻاهر بوجهہ نٿو رکي.

(۲۸۴) آسمان ۽ زمين ۾ جيڪي ٻہ آهي سو سڀ ڪجهہ الله جو آهي، جيڪي توهان جي دلين ۾ آهي سو ظاهر ڪيو، توڙي لڪايو (اهو الله تعاليٰ چگيءَ طرح ڄاڻي ٿو) ۽ اوهان کان ضرور ان جو حساب وٺندو، پوءِ (اها ڀُلائہ سندس اختيار جي آهي تہ) جنهن کي وڻيس تنهن کي بخشي چڏي ۽ جنهن کي وڻيس تنهن کي عذاب ڏئي. الله هر شيءِ تي قادر آهي. (۲۸۵) الله جو رسول انهيءَ

(وحي) تي ايمان رکي ٿو جو ان جي پروردگار وٽان مٿس نازل ٿيو آهي ۽ سچا مسلمان ٻه ان تي ايمان رکن ٿا. انهن سيني، الله تي سندس ملائڪن تي، سندس ڪتابن تي ۽ سندس رسولن تي ايمان آندو آهي. (هو ايمان سان چون ٿا تہ) اسان الله جي رسولن جي وچ ۾ ڪوبہ فرق نٿا ڪريون (سيني کي سچو ٿا سمجهون) انهن ماڻهن کي جڏهن حق جي دعوت ملي تڏهن) هنن چئي ڏنو تہ اي خدا! اسان تنهنجو حڪم ٻڌو ۽ تابعداريءَ سر جهڪايوسين، شال تنهنجي مغفرت نصيب ٿئي. اسان سيني کي آخر تو ڏانهن ئي موٽڻو آهي. (٢٨٦) الله تعاليٰ ڪنهن ٻه نفس تي سندس طاقت کان ٻاهر ذميواري نٿو رکي. سڀ ڪنهن کي اهوئي ملندو جيڪي هن ڪمايو آهي ۽ اوتروئي لوڙيندو جيترو هن بدعملي ڪئي آهي. (پوءِ ايمان وارا هميشہ هي ئي صدا ڪند آهن تہ) اي اسان جا پروردگار! اسان کان پل چڪ ۽ خطا ٿي وئي تہ ان لاءِ پڪڙ نہ ڪجانءِ (۽ بخشي چڏجانءِ) اي خدا! اسان تي اهڙا بار نہ وجهجانءِ جهڙا اڳوڻن تي وڌا ويا. اي خدا اسان تي اهڙا بار نہ وجهجانءِ جن جي سهڻ جي طاقت اسان (ضعيفن) ۾ نہ هجي. اي خدا تون اسان کي معاف ڪر. اسان جا گناهہ ڍڪي چڏ. اسان تي رحم ڪر، تون ئي اسان جو مالڪ ۽ آقا آهين. پوءِ ظالم ڪافرن جي مقابلي ۾ اسان جي مدد ڪر.

سورت آل عمران

بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي.

رکوع ١ آيت ١ ـ تا ـ ٩

وحي جي حقيقت ۽ محڪمات ۽ متشابهات

(١) الف ـ لام ـ ميم (٢) الله کان سواءِ ڪوبہ معبود ڪونهي (جنهن جي ٻانهپ ڪجي) هو "الحي" (سدائين زندهہ) ۽ "القيوم" آهي (جنهن جي ئي وسيلي هر شيءِ قائم آهي ۽ پاڻ پنهنجي قيام لاءِ ڪنهن جو ٻه محتاج ناهي). (٣) هن (الله تعاليٰ) تو تي ڪتاب قرآن مجيد نازل ڪيو آهي، جنهن ۾ حقيقت ۽ سچائي آهي ان کان اڳي جيڪي ٻه ڪتاب نازل ٿي چڪا آهن تن جي تصديق ڪندڙ آهي. تورات ۽ انجيل نازل فرمايو. (٤) ۽ الله تعاليٰ اڳين ماڻهن جي هدايت وانگر پڻ فرقان (يعني نيڪ ۽ بد ۽ حق ۽ باطل جي وچ ۾ فرق ڪرڻ واري سمجهہ ۽ قوت) نازل ڪيو. جيڪي ماڻهو الله جي آيتن کان انڪار ٿا ڪن (حق کي چڏي باطل سان شامل ٿا ٿين) انهن کي (سندن ڏانهن عملن جي عيوض) سخت عذاب ملڻو آهي ۽ الله تعاليٰ سيني تي غالب آهي ۽ (گنهگارن کي) سزا ڏيڻ وارو آهي. (٥) بلاشبہ الله تعاليٰ کان ڪابہ شيءِ ڳجهي ناهي اها شيءِ زمين ۾ هجي، توڙي آسمان ۾ (تہ ٻه الله تعاليٰ کي ان جو علم آهي). (٦) اهوئي آهي جو جهڙيءَ طرح چاهي ٿو تهڙيءَ طرح ماءُ

جي پيٽ ۾ اوهان جي صورت (جسم عضوا اکيون وغيره) بنائي ٿو. يقيناً هن کان سواءِ کوبه معبود کونهي. هو غالب ۽ طاقت وارو آهي، (جنهن جي حڪم سان سپ ڪجھ ظهور ۾ اچي ٿو) ۽ وڏي حڪمت وارو آهي (جو پار جي پيدا ٿيڻ کان اڳي پيٽ ۾ ئي ان جا سپ عضوا بنائي تيار ڪري ٿو). (۷) اي پيغمبر! اهوئي (حي ۽ قيوم) آهي، جنهن توتي ڪتاب قرآن مجيد نازل ڪيو آهي. ان ۾ ڪي آيتون محڪم آهن (جن جي معنيٰ ظاهر ۽ چٽي آهي) اهي آيتون قرآن مجيد جو اصل ۽ بنياد آهن. ٻيون آهن متشابهات (جن جي معنيٰ اسان لاءِ چٽي ٿي نہ ٿي سگهي). پوءِ جن ماڻهن جي دلين ۾ ڏنگائي ڦڏائي آهي، اهي (محڪم آيتن کي ڇڏي) انهن آيتن جي پٺيان پون ٿا جي الله جي ڪتاب ۾ متشابہ آهن. هن غرض سان تہ فتنو پيدا ڪن ۽ انهن جي حقيقت ڳولي لهن، پر انهن جي حقيقت الله کان سواءِ کوبہ کونہ ٿو ڄاڻي، پر جيڪي ماڻهو علم ۾ پڪا آهن، اهي (متشابهات جي پوئٺا نٺا پون اهي) چون ٿا تہ، اسان انهن تي ايمان رکون ٿا، ڇو تہ اهي سپ اسان جي پروردگار جي طرف کان آيل آهن. حقيقت هيءَ آهي تہ (حق جي تعليم مان) نصيحت اهي ٿا وٺن جي عقل ۽ سمجھ وارا آهن. (۸) (اهي عقل وارا هميشہ هيئن چوندا آهن تہ) اي اسان جا پروردگار! اسان کي جو سنئين رستي تي لڳايو اٽئي سو ائين نہ ڪجانءِ جو اسان جون دليون وري بگڙي پون ۽ اسان کي پاڻ وٽان رحمت عطا ڪر، يقناً تون ئي سيني کان وڏو نعمتون ڏيندڙ آهين. (۹) اي اسان جا پروردگار! اسان کي هن ۾ ڪجھ بہ شڪ کونهي تہ تون يقيناً هڪڙي ڏينهن سيني ماڻهن کي جمع ڪرڻ وارو آهين. يقيناً الله تعاليٰ پنهنجي واعدي جي خلاف نٿو وڃي.

رکوع ۲ آيت ۱۰ ـ تا ـ ۲۰

ڪافرن جي هلت ۽ نتيجو، مؤمنن جي حالت ۽ نتيجو

(۱۰) جن ماڻهن (سچائي ۽ نيڪيءَ جي واٽ ڇڏي) ڪفر جي واٽ ورتي آهي سي (ياد رکن تہ) کين الله جي پڪڙ کان نڪي سندن دولت ڇڏائي سگهندي، نڪي اولاد (جي دنيا ۾ تہ ڪجھ نہ ڪجھ مدد ڪن ٿا) اهي عذب جي باهہ جو ٻارڻ ٿيندا. (۱۱) انهن ماڻهن جو بہ اهوئي رستو آهي جو فرعون جي جماعت جو هو ۽ انهن کان اڳوٽن ماڻهن جو هو، انهن الله تعاليٰ جي آيتن کي ڪوڙو ڪوٺيو، تنهن ڪري الله تعاليٰ سندن گناهن ۽ بدعملن جي ڪري کين بہ پڪڙ ڪندو. بيشڪ الله تعاليٰ گناهن جي سزا ڏيڻ ۾ تمام سخت آهي. (۱۲) (اي منهنجا رسول!) جن ماڻهن ڪفر جي واٽ ورتي آهي تن کي چئو تہ توهان بہ مغلوب ٿيندؤ ۽ جهنم ڏانهن ڌڪجي ويندؤ. اهو ڪهڙو نہ خراب هنڌ آهي. (۱۳) بيشڪ يقيناً اوهان لاءِ انهن ٻن لشڪرن ۾ (حق جي فتح جي) وڏي نشاني هئي جي (بدر جي ميدان ۾) هڪ ٻئي جي سامهون ٿيا هئا. هڪ طرف اها (ننڍڙي) جماعت هئي جا الله جي راهہ ۾ وڙهي رهي هئي. ٻي ٽولي حق جي منڪرن جي هئي جن کي مسلمان پنهنجي اکين سان ڏسي رهيا هئا تہ ڪائنس ٻيڻا آهن، (تنهن هوندي بہ حق جي منڪرن کي سخت

شڪست آئي) الله تعاليٰ جنهن کي چاهي ٿو تنهن کي مدد پهچائي ٿو. بيشڪ جن ماڻهن کي ڏسڻ جون اکيون آهن (۽ سمجهه اٿن) انهن لاءِ هن معاملي ۾ وڏي عبرت (۽ نصيحت) رکيل آهي. (۱٤) انسان جي لاءِ مرد ۽ عورت جي لاڳاپي ۾، اولاد ۾، سون چاندي جي دولت ۾، چونڊ گهوڙن ۾، ڍورن ڍڳن ۾، پوکن ۽ باغن ۾ دل جي خوشي زينت آهي (فطرتاً توهان کي به انهن جي خواهش آهي ۽ ان ۾ گناهه ڪونهي) پر هي سڀ دنيوي زندگيءَ جو متاع آهي ۽ بهتر مڪان ته الله تعاليٰ وٽ آهي. (۱۵) (اي پيغمبر!) هنن کي چئو ته مان توهان کي ٻڌايان ته زندگيءَ جي انهن فائدن کان به بهتر اوهان جي لاءِ ڇا آهي؟ ياد رکو ته جي ماڻهو متقي آهن انهن جي لاءِ الله تعاليٰ وٽ (دائمي نعمتن جا) باغ آهن جن وٽان نهرون وهي رهيون آهن (تنهن ڪري سڪندا ڪونہ) هو هميشه انهن باغن ۾ رهندا. پاڪ زالون هنن سان گڏ هوندیون ۽ (سيني کان وڌيڪ هي ڳالهه ته) الله جو راضپو هنن کي حاصل ٿيندو ۽ ياد رکو ته الله تعاليٰ پنهنجي بندن جو حال ڏسي رهيو آهي. (۱٦) (متقي انسان اهي آهن) جي چون ٿا ته اي اسان جا پروردگار! اسان توتي ايمان آندو آهي، پوءِ اسان جا گناهه بخش ۽ جهنم جي عذاب کان اسان کي بچائجانءِ. (۱۷) اهي (تڪليفن ۽ مصيبتن ۾) صبر ڪرڻ وارا، (قول ۽ عمل ۾) سچا، نياز نوڙت سان بندگي ڪندڙ، نيڪيءَ جي راهه ۾ خرچ ڪرڻ وارا ۽ رات جي پوين گهڙين ۾ (جڏهن دنيائي ماڻهو مزي جي ننڊ ۾ الوٽ هوندا آهن) الله جي حضور ۾ نماز لاءِ اٿي بيهڻ وارا ۽ ڪائنس بخشش گهرڻ وارا آهن، (اهي آهن متقين جون خصلتون). (۱۸) الله تعاليٰ هن ڳالهه جي شاهدي ڏني آهي ته الله کان سواءِ ڪوبه معبود ڪونهي هو يگانو آهي ۽ (ڪائنات ۾) عدل سان انتظام رکڻ وارو آهي فرشتا به اها ئي شاهدي ٿا ڏين ۽ علم وارا (جي غور ۽ فڪر ڪندڙ آهن سي) به ساڳي شاهدي ٿا ڏين. بيشڪ هن کان سواءِ ڪوبه معبود ڪونهي. هو طاقت ۽ قدرت وارو ۽ وڏي حڪمت وارو آهي. (۱۹) بلاشبہ اصلي دين الله وٽ فقط اسلام آهي ۽ هي جو اهل ڪتاب سڇي علم ۽ وحي اچڻ بعد به اختلاف ڪيا آهن ۽ فرقا ٺاهيا آهن سو رڳو پاڻ ۾ ضد ۽ دشمني ڪرڻ ڪري. (حقيقت ۾ انهن وٽ هڪ ئي دين اسلام جو علم ۽ وحي آيل هو. فرقا پوءِ ٺاهيائون) ۽ ياد رکو ته جيڪڏهن هو الله تعاليٰ جي آيتن کان انڪار ٿو ڪري (۽ هدايت جي بدران گمراهي پسند ٿو ڪري) ته پوءِ الله به حساب وٺڻ ۾ ڍرو ناهي. (۲۰) پوءِ جيڪڏهن اهي ماڻهو تو سان بحث جهڳڙو ڪن ته (اي پيغمبر) تون چئي ڏي ته منهنجو ۽ منهنجي پيروي ڪندڙن جو طريقو ته هي آهي ته اسان الله تعاليٰ جي اڳيان اطاعت جو سر جهڪايو آهي (يعني اسان جي راهه خدا پرستيءَ کان سواءِ پي ڪابه ڪانهي) ۽ اهل ڪتاب وارن ۽ عرب جي اڻ پڙهيل مشرڪن کان پڇ ته توهان به الله جي اڳيان جهڪو ٿايا نہ؟ جيڪڏهن هو به جهڪن ته (سڇو جهڳڙو ختم ٿيو ۽) هنن هدايت جي واٽ ورتي پر جيڪڏهن منهن موڙين ته پوءِ تنهنجو فرض آهي فقط حق جو پيغام پهچائڻ ۽ الله تعاليٰ پنهنجي بندن جي حال کان غافل ناهي، هو سڀ ڪجهه ڏسي رهيو آهي.

رکوع ۳ آيت ۲۱ ـ تا ـ ۳۰

گروهه بندي ۽ خانداني فوقيت نه پر ايمان ۽ عمل ڪم ايندو

(۲۱) جيڪي ماڻهو الله جي آيتن کان انڪار ڪن ۽ سندس نبين کي ناحق قتل ڪن ۽ انهن کي به قتل ڪن جيڪي حق ۽ عدل جو حڪم ڏين انهن کي (اي پيغمبر) ٻڌائي ڇڏ ته هنن لاءِ دردناڪ عذاب تيار رکيو آهي. (۲۲) اهي ئي ماڻهو آهن جن جا سڀ عمل ضايع ٿي ويا، نه دنيا ۾ ڪم آيا نه آخرت ۾. ۽ ڪوبه هنجو مددگار ڪونه ٿيندو. (۲۳) (اي پيغمبر!) ڇا تو انهن ماڻهن جي حالت نه ڏٺي جن کي خدائي ڪتاب جي علم مان ڪجهه حصو مليو آهي. (يعني يهودين جا علماء) انهن کي خدا جي ڪتاب ڏانهن سڏيو ويو ته اهو ڪتاب انهن جي وچ ۾ فيصلو ڪري. تڏهن به انهن مان هڪڙيءَ ٽوليءَ منهن ڦيرائي ڇڏيو ۽ حقيقت هي آهي ته خود خدائي ڪتاب کان ئي هنن سيني جو رخ ڦريل آهي. (۲٤) هنن جي اها حالت هن ڪري ٿي آهي جو هو (بيوقوف سمجهن ٿا ته اسان الله جي پياري قوم آهيون) تنهن ڪري دوزخ جي باهه اسان کي ڪڏهن به نه ڇهندي، ڇو ته اسان نجات يافته قوم آهيون) ۽ جي ڇهندي ته به ڪي ٿورا ڳڻيل ڏينهن (پوءِ صاف ۽ پاڪ ٿي جنت ۾ داخل ٿيندا سين) هي جو (خدا تي) هٿراڏو ناهيل ڪوڙ ٿا هڻن تنهن ڪوڙ هنن کي دين جي باري ۾ دوکي ۾ وڌو آهي (۽ پاڻ کي پاڻ نڱي گمراهه ڪري ڇڏيو اٿن.) (۲۵) پر انهيءَ وقت جو ڇا حال ٿيندو جڏهن قيامت جي ڏينهن جنهن جي اچڻ ۾ ڪوبه شڪ ناهي. اسان هنن کي پاڻ وٽ گڏ ڪنداسين، پوءِ هر نفس جيڪي جيڪي عمل ڪيا هوندا انهن جي مطابق ڪيس پورو پورو بدلو ملندو ۽ ڪنهن سان به ظلم ڪونه ٿيندو. (۲٦) اي پيغمبر! (تون پنهنجو معاملو الله جي حوالي ڪر ۽) چؤ ته اي منهنجا خدا! جهان جا مالڪ، جنهن کي وٺئي تنهن کي بادشاهي ڏئين ۽ جنهن کان وٺئي تنهن کان ڪسي وٺين، جنهن کي وڏائي تنهن کي عزت ڏئين ۽ جنهن کي وڏائي تنهن کي ذليل (خوار خراب) ڪرين. سڀ چڱائي تنهنجي ئي هٿ ۾ آهي. بيشڪ تون هر شيءِ تي قادر آهين. (۲۷) تون ئي رات کي ڏينهن ۾ (رفته رفته) گم ٿو ڪرين ۽ ڏينهن کي رات ۾، جانورن کي بي جان شين مان ٻاهر ڪڍين ٿو ۽ بي جان شين کي جانورن مان ٻاهر آڻين ٿو ۽ جنهن کي چاهين ٿو تنهن کي (پنهنجي ڪرم جي خزاني مان) بي حساب رزق ڏئين ٿو. (۲۸) ايمان وارن کي ائين ڪرڻ نه گهرجي جو مؤمنن کي ڇڏي حق جي منڪرن کي پنهنجو دوست ۽ مددگار بڻائين، جيڪو ائين ڪري ٿو سو ياد رکي ته پوءِ هن کي الله تعاليٰ وٽان ڪابه مدد ڪانه ملندي، پر جيڪڏهن اهڙي حالت پيش اچي وڃي جو هنن جي شرارت کان پاڻ بچائڻ پوي ته پوءِ ان حالت ۾ ائين ڪري سگهو ٿا. ياد رکو ته الله تعاليٰ به اوهان کي (پنهنجي پڪڙ ۽ سزا کان) خبردار ڪري رهيو آهي ۽ آخر ته توهان کي الله ڏانهن ئي موٽڻو آهي. (۲۹) (اي پيغمبر!) انهن ماڻهن کي چئو ته جيڪي توهان جي دلين ۾ آهي سو لڪايو، توڙي ظاهر ڪيو، هر حال ۾ الله تعاليٰ ان کي چگيءَ طرح ڄاڻي ٿو، بلڪ جيڪي زمين ۽ آسمان ۾ آهي سو به ڄاڻي ٿو. الله تعاليٰ هر شيءِ تي قادر آهي. (۳۰) (انهيءَ

ڏينهن کي نه وساريو) جنهن ڏينهن هر هڪ انسان ڏسندو ته جيڪي نيڪ عمل هن دنيا ۾ ڪيا هئا سي سندس اڳيان موجود آهن. (يعني انهن جو اجر ملي رهيو آهي) ۽ جيڪي برا عمل ڪيا هئائين اهي به هن جي اڳيان آيا آهن، انهيءَ ڏينهن هو چاهيندو ته هاءِ! جيڪڏهن انهن برن عملن ۽ هن ڏينهن جي وچ ۾ وڏي مدت پئجي وڃي ها ته ڪهڙو نه چڱو ٿئي ها! (پر مقرر وقت هٿي نه ٿو سگهي) الله تعاليٰ اوهان کي (پنهنجي پڪڙ ۽ سزا بابت) خبردار ٿو ڪري (انهيءَ لاءِ ته سندس نافرمانيءَ کان بچو) بيشڪ الله تعاليٰ پنهنجي بندن تي ڏاڍو مهربان آهي.

رکوع ٤ آيت ٣١ ـ تا ـ ٤١

بي بي مريم جو تولد، زڪريا کي پٽ يحيٰ جو پيدا ٿيڻ

(٣١) (اي پيغمبر! انهن ماڻهن کي) چئو ته، جيڪڏهن توهان سچ پچ الله سان محبت رکو ٿا ته پوءِ منهنجي پيروي ڪيو. (يعني جيڪي الله جا حڪم توهان کي ٻڌايان ٿو تن جي تعميل ڪيو، جيڪڏهن ائين ڪندؤ) ته الله به اوهان سان محبت ڪندو ۽ اوهان جون خطائون معاف ڪندو، الله تعاليٰ وڏو بخشيندڙ ۽ رحم وارو آهي. (٣٢) (اي پيغمبر!) تون چئو ته، الله ۽ سندس رسول جي فرمانبرداري ڪيو، پوءِ جيڪڏهن هو پٺي ڏين ۽ منهن موڙين (يعني فرمانبرداري نه ڪن) ته پوءِ الله تعاليٰ به ڪفر ڪرڻ وارن کي پسند نٿو ڪري. (٣٣) انهيءَ ۾ شڪ ناهي ته الله تعاليٰ آدم کي، نوح، کي ابراهيم کي ۽ عمران جي گهراڻي کي سڄي دنيا ۾ چونڊي وڏيڪ سرفراز ڪيو. (٣٤) اهو هڪڙو خاندان هو جنهن ۾ هڪڙا پين مان پيدا ٿيا ۽ الله تعاليٰ (دعائون) ٻڌندڙ ۽ (مصلحتن جو) ڄاڻندڙ آهي. (٣٥) ڇا ٿيو جو عمران جي زال دعا گهري ته، اي منهنجا پروردگار! منهنجي پيٽ ۾ جيڪو ٻار آهي تنهن کي (دنيا جي ڏنڊن ۽ والدين جي خدمت کان) آزاد ڪري تنهنجي (ديول جي خدمت) لاءِ نذر ٿي ڪريان، سو تون منهنجي طرف کان هي نذر قبول فرماءِ. بيشڪ تون (دعائون) ٻڌندڙ (دل جو حال) ڄاڻندڙ آهين. (٣٦) پوءِ جڏهن (پٽ جي بدران) ڏيءُ ڄڻيائين تڏهن چيائين ته، اي منهنجا پروردگار! مون کي ته ڏيءُ ڄائي، (هاڻي مان ڇا ڪريان؟) الله تعاليٰ ته بهتر ڄاتو ٿي ته ڇا ڄائو. ڇوڪرو ڪو ڇوڪري وانگر ناهي (عمران جي زال الله تعاليٰ جي حضور ۾ عرض ڪيو ته) مان هن جو نالو مريم رکيو آهي ۽ مان کيس ۽ سندس اولاد کي تنهنجي پناهه ۾ ڏيان ٿي ته ڌڙيل شيطان (جي وسوسن) کان سلامت رهن. (٣٧) پوءِ مريم کي سندس پروردگار سهڻي قبوليت سان قبول ڪيو ۽ سندس نيپاج ۽ پرورش اهڙي سهڻي ۽ سٿي ڪيائين جو پاڪائيءَ ۾ وڏي ٿي ۽ زڪريا کي (جو ديول جو مجاور هو) سندس سنياليندڙ ڪيائين. جڏهن به زڪريا وٽس محراب ۾ ويندو هو (جتي هوءَ عبادت ۾ مشغول هوندي هئي) تڏهن هن وٽ ڪجهه کائڻ جون شيون ڏسندو هو. تنهن تي کانئس پڇندو هو ته، اي مريم! تو کي هي شيون ڪٿان مليون؟ هوءَ چوندي هئي ته، خدا وٽان ٿيون ملن. بيشڪ الله تعاليٰ جنهن کي چاهي ٿو تنهن کي بي حساب رزق ڏئي ٿو. (٣٨)

اتي ڏي زڪريا پنهنجي پروردگار کان دعا گهري تہ، اي منهنجا پروردگار! تون پنهنجي خاص فضل سان مون کي پاڪ اولاد عطا ڪر (جو هن مريم وانگر نيڪ ۽ عابد هجي) بيشڪ تون دعائون ٻڌندڙ ۽ قبول ڪندڙ آهين. (۳۹) پوءِ جڏهن زڪريا محراب ۾ بيهي نماز پڙهي رهيو هو، تڏهن ملائڪن کيس پڪاري چيو تہ، الله تعاليٰ تو کي يحيٰ جي پيدا ٿيڻ جي خوشخبري ڏئي ٿو (يعني تو کي پٽ ڄمندو جنهن جو نالو يحيٰ رکيو وڃي) هو (يحيٰ) خدا جي حڪم سان هڪ پيدا ٿيڻ واري (حضرت عيسيٰ) جي تصديق ڪندڙ، جماعت جو سردار، پارسا (دیندار) ۽ خدا جي صالح ٻانهن مان هڪڙو نبي ٿيندو. (۴۰) زڪريا اهو ٻڌي چيو تہ، اي منهنجا رب! مون کي ڪيئن پٽ ڄمندو، مان تہ ٽيئ پوڙهو ٿي ويو آهيان ۽ منهنجي زال بہ ٻارن جڻڻ جي حالت کان لنگهيل آهي؟ الله تعاليٰ فرمايو تہ، انهيءَ حالت ۾ بہ پٽ ڄمندو. الله تعاليٰ جيڪي بہ چاهي ٿو سو ڪري ٿو سگهي، (کابہ ڳالهہ سندس طاقت کان ٻاهر ناهي). (۴۱) تنهن تي زڪريا عرض ڪيو تہ اي منهنجا رب! هن بابت منهنجي لاءِ ڪا نشاني ڏي؟ حڪم ٿيو تہ، نشاني هي آهي تہ ٽن ڏينهن تائين نہ ڳالهاءِ، رڳو اشارا ڪم آڻ (يعني روزا رک جيئن ان زماني ۾ دستور هو) ۽ پنهنجي پروردگار کي گهڻو ياد ڪر ۽ صبح توڙي شام سندس حمد و ثنا ڪرڻ ۾ مشغول رهہ.

رکوع ۵ آيت ۴۲ ـ تا ـ ۵۴

حضرت عيسيٰ جو پيدا ٿيڻ ۽ نبوت ملڻ بابت سندس والده کي بشارت ملڻ

(۴۲) (جڏهن حضرت مريم وڏي ٿي تڏهن ڪنهن ڏينهن) فرشتن ڪيس اچي چيو تہ، اي مريم! تو کي الله تعاليٰ چونڊي سرفراز ڪيو آهي (برابن جي گندگيءَ کان) پاڪ ڪيو آهي ۽ سڄي دنيا جي عورتن کان وڌيڪ پلارو ڪيو آهي. (۴۳) اي مريم! هاڻي تون پنهنجي پروردگار جي عبادت وڏي نياز ۽ نماڻائيءَ سان ڪر ۽ رکوع ۽ سجدو ڪرڻ وارن سان گڏ تون بہ رکوع ۽ سجدو ڪندي رهہ. (۴۴) (اي پيغمبر!) هي خبرون غيب جي خبرن منجهان آهن جي اسان تو کي وحي جي وسيلي ٻڌايون ٿا، (نہ تہ تو کي ڪيئن خبر پوي ها) تون تہ انهيءَ وقت انهن ماڻهن وٽ ڪونہ هئين، جڏهن (ديول جا مجاور) پنهنجا پنهنجا قلم اڇلائي رهيا هئا تہ (ڪٽا وجهي فيصلو ڪن تہ) ڪير مريم جو سنياليندڙ ٿئي. نڪي تون انهيءَ وقت موجود هئين جڏهن (مريم جي سنيال ڪرڻ لاءِ) پاڻ ۾ جهڳڙو ڪري رهيا هئا. (۴۵) پوءِ چا ٿيو جو فرشتن اچي چيو تہ، اي مريم! بيشڪ الله تعاليٰ تو کي پنهنجي ڪلام جي وسيلي (پٽ جي) خوشخبري ٿو ڏئي. هن جو نالو ٿيندو عيسيٰ مسيح ابن مريم. هو دنيا ۽ آخرت ۾ نيڪ بخت هوندو ۽ الله تعاليٰ جي خاص مقربن (ويجهڙن) مان هوندو. (۴۶) هو ننڍپڻ توڙي وڏي عمر ۾ ماڻهن کي واعظ ۽ نصيحت ڪندو ۽ خدا جي صالح ٻانهن مان هوندو. (۴۷) مريم (هي ٻڌي عجب ۾ اچي) چيو، اي منهنجا رب! مونکي ڪنهن مرد ڇهيو بہ نہ آهي. الله تعاليٰ فرمايو تہ (اهڙي طرح) الله تعاليٰ جيڪي چاهي ٿو سو پيدا

ڪري ٿو. هو جڏهن ڪنهن شيءِ کي پيدا ڪرڻ جو فيصلو ڪري ٿو تڏهن ان بابت رڳو حڪم ڪري ٿو ته "ٿي ڀئ"، ته پوءِ اها شيءِ ظهور ۾ اچي وڃي ٿي. (٤٨) ۽ (اي مريم! الله تنهنجي انهيءَ پٽ کي) ڪتاب ۽ حڪمت سيکاريندو ۽ پٽ تورات ۽ انجيل جو علم ڏيندو. (٤٩) ۽ ڪيس بني اسرائيلن جي لاءِ رسول ڪري موڪليندو (هو کين چوندو) ته مان توهان جي پروردگار جي نشاني وٺي توهان ڏي آيو آهيان. مان توهان جي لاءِ مٽيءَ مان پکيءَ جي صورت جهڙي شيءِ ٺاهي پوءِ ان ۾ ڦوڪ ڏيان ته اها الله جي حڪم سان پکي ٿي پوندي ۽ الله جي حڪم سان انڌن ۽ ڪوڙهين کي چگو ڀلو ڪري ڇڏيان ۽ مردن کي زندهه ڪري ڇڏيان ۽ جيڪي جيڪي توهان کائو ٿا ۽ پنهنجي گهرن ۾ گڏ ڪري رکو ٿا اهو سڀ توهان کي ٻڌائي ڇڏيان ۽ جيڪڏهن سچ پچ توهان ايمان وارا آهيو ته پوءِ يقيناً هنن ڳالهين ۾ اوهان جي لاءِ وڏي نشاني آهي. (٥٠) ۽ (مان انهيءَ لاءِ اوهان تي رسول ڪري موڪليو ويو آهان ته) تورات جيڪو منهنجي اڳيان موجود آهي تنهن جي تصديق ڪيان ۽ ڪي شيون جيڪي توهان تي حرام ٿي ويون آهن، انهن کي اوهان لاءِ حلال ڪيان ۽ ڏسو مان توهان جي پروردگار جي نشاني وٺي توهان ڏي آيو آهيان، (جنهن جي خبر پاڪ ڪتابن ۾ ڏنل آهي) انهيءَ لاءِ ته توهان الله جو خوف رکو ۽ منهنجي فرمانبرداري ڪيو. (٥١) الله منهنجو ۽ اوهان سڀني جو پروردگار آهي تنهن ڪري فقط انهيءَ جي بندگي ڪريو. اهوئي دين جو سڌو رستو آهي. (انهيءَ خوشخبريءَ موجب حضرت عيسيٰ پيدا ٿيو ۽ هن بني اسرائيلن ۾ اهو واعظ ۽ نصيحت شروع ڪري ڏني). (٥٢) پوءِ جڏهن حضرت عيسيٰ بني اسرائيلن ۾ (سندس دعوت جي خلاف) ڪفر محسوس ڪيو تڏهن پڪاري چيائين ته، ڪير آهي جو الله جي راهه ۾ منهنجو مددگار ٿيندو؟ تنهن تي حوارين (جن مٿس سچو ايمان آندو هو) چيو ته، اسان الله جي ڪم ۾ مددگار رهنداسين. اسان مٿس ايمان ٿا آڻيون ۽ (اي حق ڏانهن سڏيندڙ) تون شاهد رهه ته، اسان سندس فرمانبرداريءَ ۾ سر جهڪائيندڙ آهيون. (حواري بلڪل ٺورا ۽ مسڪين حال هئا.) (٥٣) (هنن هي به چيو ته) اي اسان جا پروردگار! جيڪي تو نازل ڪيو آهي تنهن تي اسان جو ايمان آهي ۽ اسان تنهنجي رسول جي پيروي ڪئي آهي، پوءِ تون اسان کي به انهن ماڻهن ۾ شمار ڪر جي حق جي شاهدي ڏيڻ وارا آهن. (٥٤) (۽ پوءِ يهودين حضرت عيسيٰ جي خلاف) مڪر ڪيا (يعني مخفي ۽ باريڪ طريقا مخالفت جا ڪم ۾ آندا) ۽ خدا به اهڙائي طريقا ڪم آندا (يعني مسيح جي حفاظت لاءِ لڪل وسيلا پيدا ڪيا) ۽ بيشڪ (الله تعاليٰ ڪنهن کي بچائڻ گهري ته) مخفي طريقا ڪم آڻڻ ۾ ڪائنس بهتر ڪوبه ڪونهي.

رڪوع ٦ آيت ٥٥ ـ تا ـ ٦٣

حضرت عيسيٰ جي خدا جي طرفان حفاظت، عيسائين جو اعتقاد ته حضرت عيسيٰ خدا جو پٽ آهي.

(٥٥) ڏسو الله تعاليٰ فرمايو ته، اي عيسيٰ! مان تنهنجا ڏينهن پورا ڪندس، تو کي پنهنجي طرف

ڪٽي وڌندس، تنهنجي منڪرن (جي تهمتن) کان توکي پاڪ ڪندس ۽ جن ماڻهن تنهنجي پيروي ڪئي آهي تن کي قيامت تائين تنهنجي منڪرن کان بلند ۽ بالا رکندس ۽ آخر سڀني کي منهنجي ئي طرف موٽڻو آهي، پوءِ انهن ۾ ڳالهين جو فيصلو ڪندس جن ۾ ماڻهو هڪ ٻئي سان اختلاف ڪندا رهيا آهن. (٥٦) پوءِ جن ماڻهن ڪفر جي واٽ ورتي آهي تن کي دنيا توڙي آخرت ۾ سخت عذاب ڪندس ۽ (الله جي عذاب کان بچائڻ ۾) کوبہ هنن جو مددگار ڪونہ ٿيندو. (٥٧) پر (ان جي ابتڙ) جن ماڻهن ايمان آندو آهي ۽ صالح عمل بہ ڪيا اٿن، ان کي انهن جو پورو پورو اجر ملندو ۽ الله تعالي ظلم ڪندڙن کي پسند نٿو ڪري. (٥٨) (اي پيغمبر!) اهي الله تعاليٰ جون آيتون ۽ وڏي حڪمت وارا حڪم ۽ پيغام آهن جي اسان توکي پڌائي رهيا آهيون. (٥٩) الله وٽ حضرت عيسيٰ جو مثال اڻين آهي جيئن حضرت آدم جو، جنهن کي الله تعاليٰ متيءَ مان پيدا ڪيو ۽ پوءِ حڪم ڪيائين تہ ٿيءُ تہ پوءِ (جيئن الله تعاليٰ جو ارادو هو تيئن) ٿي پيو. (٦٠) (اي پيغمبر! حضرت عيسيٰ جي انسان هجڻ بابت جيڪي توکي چيو ويو آهي سو) تنهنجي پروردگار جي طرف کان حق آهي. تنهن ڪري متان شڪ آڻيندڙن منجهان ٿئين. (عيسائي حضرت عيسيٰ کي خدا ڪري مڃن ٿا، پر هو انسان هو.) (٦١) پوءِ جيڪي (عيسائي) توسان هن باري ۾ جھڳڑو ڪن هن کان پوءِ بہ جڏهن تہ علم ۽ يقين تو وٽ اچي چڪو آهي، تہ پوءِ انهن کي چئو تہ، (مونکي حضرت عيسيٰ جي انسان هجڻ جو علم اچي چڪو آهي، پر جيڪڏهن توهان کي سندس خدا هئڻ جو يقين آهي تہ) اچو (هيئن فيصلو ڪريون). اسان ٻئي ڏريون (ميدان ۾ نڪرون ۽) پنهنجي پنهنجي پٽن ۽ عورتن کي سڏيون ۽ اسان پاڻ بہ شريڪ ٿيون. پوءِ عجز ۽ نياز سان خدا جي حضور ۾ التجا ڪريون تہ، (اسان ٻنهي ڏرين مان جنهن جي دعويٰ ڪوڙي هجي تن) ڪوڙن تي خدا جي لعنت هجي. (٦٢) (اي پيغمبر!) هي جو بيان ڪيو ويو سو بلاشڪ حق جو بيان آهي ۽ ڪوئي معبود ڪونهي سواءِ هڪ الله جي ۽ يقيناً اهوئي آهي جو سپ طاقت رکندڙ ۽ وڏي حڪمت وارو آهي. (٦٣) پوءِ جيڪڏهن اهي (عيسائي مباهلہ واروفيصلو بہ) قبول نہ ڪن تہ پوءِ الله تعاليٰ يقيناً مفسد (خرابيون ڪندڙن) جو حال چڱيءَ طرح ڄاڻندڙ آهي.

رڪوع ٧ آيت ٦٤ - تا - ٧١

اهل ڪتاب کي حق جي دعوت ۽ سندن هلتون

(٦٤) (اي پيغمبر!) تون (يهودين ۽ عيسائين کي) چئو تہ، اي اهل ڪتاب (اختلاف واريون ڳالهيون ڇڏي ڏيو) هن ڳالهہ تي اچو جا توهان ۽ اسان وٽ هڪجهڙي قبول پيل آهي، تہ الله کان سواءِ ڪنهن جي بہ ٻانهپ نہ ڪيون ۽ ڪنهن بہ هستيءَ کي ساڻس شريڪ نہ ٺهرايون ۽ اسان مان هڪڙو انسان ڪنهن ٻئي انسان سان اهڙي هلت نہ هلي جو گويا خدا کي ڇڏي ان کي پنهنجو رب بڻايو اٿس. پوءِ جيڪڏهن اهي ماڻهو (انهيءَ ڳالهہ تي عمل ڪرڻ کان بہ) ڦري وڃن تہ پوءِ توهان

(مسلمان) کين چئي ڏيو تہ شاهد رهو تہ (توهان ئي انڪاري آهيو) اسان تہ خدا جي اڳيان سر جهڪائڻ وارا آهيون. (٦٥) اي اهل ڪتاب! توهان حضرت ابراهيم بنسبت جو جهڳڙو ڪري رهيا آهيو؟ (تہ هن جو طريقو يهودين جو طريقو هو يا نصرانيت جو طريقو هو) حالانڪ تورات ۽ انجيل (جن جي نالي ۾ اهي جماعتون يهودين ۽ عيسائين جون ڏهيون سي) حضرت ابراهيم کان گهٽو پوءِ نازل ٿيا. (پوءِ جنهن گروهہ بنديءَ جو انهي وقت وجود ئي ڪونہ هو، تنهن جو پيروي ڪندڙ هو ڪيئن ٿي سگهي ٿو) ڇا توهان (اهڙي سولي ڳالهہ ۾) سمجهي نٿا سگهو؟ (٦٦) ڏسو توهان اهي ماڻهو آهيو، جن انهن ڳالهين متعلق ئي جهڳڙا ڪيا جن بابت (اوهان کي ڪجهہ نہ ڪجهہ) علم هو، پر هن ڳالهہ بابت ڇو ٿا جهڳڙو ڪيو جنهن بابت توهان کي ڪجهہ ۾ علم ڪونهي. الله تعاليٰ سڀ ڪجهہ ڄاڻي ٿو، توهان ڪجهہ ۾ نٿا ڄاڻو. (٦٧) حضرت ابراهيم نڪي يهودي هو، نڪي نصراني (عيسائي) (نڪي ڪنهن ٻئي گروهہ بندي جو پيروي ڪندڙ هو) بلڪ (پنهنجي زماني جي سڀني گمراهين کان) پاڪ، حق تي هلندڙ خدا جو فرمانبردر ٻانهو هو. يقيناً هو مشرڪين منجهان نہ هو. (٦٨) حقيقتاً حضرت ابراهيم کي ويجها ماڻهو تہ اهي آهن جن سندس پيروي ڪئي ۽ پڻ هي نبي (حضرت ﷺ) ۽ جن مٿس ايمان آندو آهي (سي حضرت ابراهيم کي ويجها آهن، نہ اهي جن خدائي دين کي ٽڪرا ٽڪرا ڪري فرقا ٺاهيا آهن ۽ توحيد جي راهہ کان هٽي ويا آهن) ۽ ياد رکو تہ الله انهن جو مددگار ۽ محافظ آهي، جيڪي سچو ايمان رکن ٿا. (٦٩) (اي ايمان وارؤ) اهل ڪتاب ۾ هڪڙي ٽولي اهڙي آهي جا چاهي ٿي تہ اوهان کي حق جي راهہ کان هٽائي ڇڏي پر ياد رکو تہ، هو توهان کي گمراهہ ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ سان توهان کي نہ پر خود پاڻ کي گمراهيءَ ۾ وجهي رهيا آهن، اگرچہ (جهل ۽ نفسانيت سببان) اها ڳالهہ نٿا ڏسن ۽ سمجهن. (٧٠) اي اهل ڪتاب! ڇو ٿا الله جي آيتن کان انڪار ڪيو، جڏهن تہ اهي نشانيون ظاهر ظهور ڏسي رهيا آهيون. (٧١) اي اهل ڪتاب! ڇو حق کي باطل جي لباس سان ڍڪي مشتبہ ڪري ٿا ڇڏيو ۽ حق کي لڪايو ٿا اگرچہ توهان کي خبر ۾ آهي تہ حقيقت ڇا آهي.

رکوع ٨ آيت ٧٢ ـ تا ـ ٨٠

اهل ڪتاب جي متعلق وڌيڪ حقيقتون

(٧٢) اهل ڪتاب ۾ هڪڙي ٽولي آهي جا چوي ٿي تہ (مسلمانن کي گمراهہ ڪرڻ لاءِ) هيئن ڪيو جو صبح جي وقت هنن جي ڪتاب تي ايمان آڻيو ۽ شام جي وقت وري انڪار ڪيو. اهڙيءَ طرح ممڪن آهي تہ هو (ماڻهن کي اسلام کان ڦرندي ڏسي پاڻ ۾) ڦري وڃن. (٧٣) ۽ (هو پاڻ ۾ چون ٿا) تہ خبردار! انهن ماڻهن کان سواءِ جي توهان جي دين جي پيروي ڪندڙ آهن، ٻئي ڪنهن جي ۾ ڳالهہ نہ مڃو (اگرچہ اها چگي ڳالهہ هجي) تون (اي پيغمبر) انهن ماڻهن کي چئي ڏي تہ سچي هدايت تہ اها آهي جا الله جي هدايت آهي (اها ڪنهن خاص ٽوليءَ يا خاندان جي ميراث ناهي) (۽

هو هڪ ٻئي کي چون ٿا تہ، هيءَ ڳالھ ٻہ نہ مڃو) تہ جھڙو دين اوھان کي ڏنو ويو آھي اھڙو ڪنھن ٻئي انسان کي ٻہ ملیو ھجي يا ھي تہ توھان جي پروردگار جي حضور ۾ اوھان جي خلاف ڪنھن جي ٻہ حجت ھلي سگھي ٿي. (اي پيغمبر!) تون کين چئو تہ، بيشڪ فضل ۽ ڪرم تہ الله تعاليٰ جي ھٿ ۾ آھي ۽ جنھن کي چاھي تنھن تي پنھنجو فضل ۽ ڪرم ڪري. ھو وڏي وسعت رکڻ وارو ۽ سيني (لائقن ۽ نالائقن کي) ڄاڻڻ وارو آھي. (٧٤) ھو جنھن کي چاھي ٿو تنھن کي پنھنجي رحمت (وحي) جي نزول لاءِ چونڊي ٿو. بيشڪ الله تعاليٰ تمام وڏي فضل ۽ ڪرم وارو آھي. (٧٥) ۽ اھل ڪتاب مان کي تہ اھڙا ايماندار آھن جو جيڪڏھن سون چانديءَ جو وڏو ڍير انھن وٽ امانت رکو تہ ھو امانت باسلامت موڪلائي ڏيندا. پر انھن ۾ اھڙا ٻہ آھن جن وٽ رڳو ھڪ رپيو امانت رکو تہ ٻہ ڪڏھن واپس نہ ڪندا، جيستائين ڪ ھميشہ ھنن جي مٿان بيھي (سخت طلبي ڪندا) رھو، اھو ھن ڪري ٿيو آھي جو ھو سمجھن ٿا تہ اميين (اڻ پڙھيل يعني عربن) سان وھنوار ڪندي (ڪھڙي ٻہ بي ايماني ڪريون تہ) اسان کي پڪڙ ڪانہ ٿيندي. ھو ڄاڻي ٻجھي الله تعاليٰ تي اھو ڪوڙ ٿا ھڻن. (٧٦) ھا (ھنن کي ضرور پڪڙ ٿيندي، ڇو تہ خدا جو قانون آھي تہ) جيڪو ٻہ پنھنجو قول سچائيءَ سان پاڙيندو ۽ ڈيتي ليتيءَ ۾ اگرچہ غير مذھب وارن سان ھجي) پرھيزگار رھندو تہ پوءِ بيشڪ الله تعاليٰ انھن کي حب ٿو ڪري جيڪي پرھيزگار آھن. (٧٧) ياد رکو تہ، اھي ماڻھو جيڪي دنيائي خسيس قيمت واري فائدي لاءِ الله تعاليٰ سان ڪيل عھد (نيڪ عمليءَ ايمانداري جو) ۽ خود پنھنجا ڪنيل قسم وکٽي ڇڏين ٿا (۽ ايمانداري جي عيوض ٻي ايماني ڪن ٿا) انھن کي آخرت ۾ ڪجھ ٻہ نصيب نہ ٿيندو، نڪي الله تعاليٰ قيامت جي ڏينھن ھنن سان ڳالھائيندو، نڪي ھنن ڏي نھاريندو، نڪي ھنن کي گناھن جي گندگيءَ کان پاڪ ڪندو (بلڪ) ھنن کي سخت عذاب ڏنو ويندو. (٧٨) اھل ڪتاب ۾ (انھن جي عالمن جي) ھڪ ٽولي آھي جا الله جو ڪتاب پڙھندي ان ۾ مروڙ سروڙ ڪري (۽ ان جو مطلب ڦيرائي) ٿا ڇڏين. انھيءَ لاءِ تہ توھان ائين سمجھو تہ جيڪي ھو پڙائي رھيا آھن، سو الله جي ڪتاب مان آھي. حالانڪ اھو الله جي ڪتاب مان ھرگز ناھي ۽ ھو ماڻھن کي چون ٿا تہ ھي الله جي طرف کان آھي، حالانڪ اھو الله جي طرف کان ناھي، ھو الله تي ڪوڙ ٿا ھڻن ۽ ڄاڻن ٻہ ٿا تہ ڪوڙ ٿا ھڻون. (٧٩) ڪنھن ٻہ انسان کي ائين نڙو جڳائي تہ الله تعاليٰ ھن کي ڪتاب ۽ حڪومت ۽ نبوت عطا فرمائي ۽ پوءِ ماڻھن کي چوي تہ خدا کي ڇڏي منھنجا ٻانھا ٿيو (يعني خدا جي حڪمن جي عيوض منھنجا ٻانھا ٿيو. (يعني خدا جي حڪمن جي عيوض منھنجا حڪم مڃو)، بلڪ گھرجي تہ رباني انسان ٿيو (يعني ماڻھن کي حق جي وات ڏيکاريو ۽ سندن مربي ٿيو، يعني سندن مددگاري ڪري کين چگي درجي تي رسايو) اھو ھن ڪري جو توھان الله جو ڪتاب سيکاريو ٿا ۽ پڙھڻ پڙھائڻ ۾ مشغول رھو ٿا. (٨٠) ۽ ھو (رباني انسان يا نبي) ڪڏھن ٻہ اوھان کي اھو حڪم نہ ڏيندو تہ ملائڪن کي ۽ نبين کي پنھنجو رب بنايو، (يعني جھڙيءَ طرح رب جي اڳيان جھڪو ٿا تھڙيءَ طرح ھنن جي

اڳيان جهڪو). چا ائين ٿي سگهي ٿو ته هو اوهان کي ڪفر ڪرڻ جو حڪم ڏئي؟ حالانڪ توهان مسلم (يعني خدا جي فرمان جا تابعدار) ٿي چڪا آهيو.

رڪوع ۹ آيت ۸۱ ـ تا ـ ۹۱

اصل دين سيني انسانن ۾ قومن جو هڪ ئي آهي، يعني فطرت جي قانون جي اطاعت

(۸۱) ۽ ياد رکو ته، اسان نبين جي باري ۾ (بني اسرائيلن کان) عهد ورتو هو ته اسان توهان کي ڪتاب ۽ حڪمت عطا فرمائي آهي، پوءِ جيڪڏهن ڪو پيو رسول انهيءَ ڪتاب جي تصديق ڪندي توهان وٽ اچي جو ڪتاب اڳئي توهان وٽ آيل آهي، ته توهان ان رسول تي ايمان آڻيو ۽ سندس مدد ڪيو. (الله تعاليٰ) فرمايو ته چا، توهان هن ڳالهه جو اقرار ڪيو ٿا ۽ ان جو ذمو کٽو ٿا؟ انهن چيو هو ته، هائو! اسان اقرار ڪيون ٿا. (تنهن تي الله تعاليٰ) فرمايو ته انهيءَ تي شاهد ٿيو ۽ مان پاڻ به اوهان سان گڏ انهيءَ تي شاهد آهيان. (۸۲) تنهن ڪري هاڻي جيڪو به اهڙي عهد اقرار ڪرڻ بعد ڦري ويندو (۽ الله جي رسول کي نه مڃيندو) پوءِ يقيناً اهڙا ماڻهو فاسق آهن (يعني حق پرستيءَ کان ٻاهر نڪري ويا آهن). (۸۳) پوءِ اهي ماڻهو ائين ٿا چاهين چا ته الله جو دين ڇڏي ٻي کا وات ڳولي ڪڍن؟ حالانڪ زمين ۽ آسمان ۾ جيڪي به ساهه وارا ۽ بي جان شيون آهن، سڀ خوشي ناخوشيءِ سندن ئي قانون ۽ حڪمت جا تابعدار آهن (سڄي ڪائنات خدائي قانونن تي هلندڙ آهي) ۽ آخر سيني کي خدا ڏي ئي موٽڻو آهي. (۸٤) (اي پيغمبر!) تون چئي ڏي ته اسان ته الله تي ايمان آندو آهي ۽ جيڪي اسان تي نازل ڪيو ويو آهي ۽ جيڪي ابراهيم، اسماعيل، اسحاق ۽ يعقوب ۽ يعقوب جي اولاد تي نازل ٿيو تنهن تي به ايمان رکون ٿا ۽ پڻ جيڪي به موسيٰ عيسيٰ ۽ ٻين سيني نبين کي خدا جي طرف کان مليو آهي، تنهن تي به اسان جو ايمان آهي اسان انهن نبين مان ڪنهن به هڪڙي کي ٻين کان جدا نٿا ڪيون (يعني سيني کي ٿا مڃون) ۽ اسان خدا جا فرمانبردار ٻانها آهيون. (۸۵) ۽ جيڪو به دين اسلام کان سواءِ (جو سيني نبين جي تصديق ۽ پيرويءَ جو دين آهي) ٻئي ڪنهن دين جي طلب رکندو ته اهو دين ڪڍهن به قبول نه پوندو ۽ آخرت ۾ هو انهن ماڻهن ۾ هوندو جي تباهه ۽ نامراد ٿيا. (۸٦) الله تعاليٰ ڪيئن اهڙي قوم کي ڪاميابيءَ جي راهه ڏيکاريندو جن ايمان آڻي وري ڪفر جي وات ورتي، حالانڪ هنن شاهدي به ڏني هئي ته، الله جو رسول برحق آهي ۽ (حقيقت جا) چٽا دليل و ثبوت اڳي ويا هئا. (الله جو قانون آهي) ته هو ظلم ڪرڻ وارن لاءِ (سعادت جي) راهه نٿو کولي. (۸۷) انهن ماڻهن کي (انهن جي ظلم ۽ شرارت جو) جيڪو بدلو ملندو اهو هي آهي جو انهن تي الله جي، فرشتن جي، انسانن جي ۽ سيني جي لعنت پئجي رهي آهي. (۸۸) انهيءَ حالت ۾ هميشه گرفتار رهندا، نڪي هنن جو عذاب هلڪو ڪيو ويندو، نڪي هنن کي مهلت ڏني ويندي. (۸۹) پر جن ماڻهن انهيءَ حالت کان پوءِ به توبه ڪئي ۽ پاڻ کي سڌاريائون (يعني جيڪي ماڻهو بدعمل ڇڏي نيڪ عملي جي

راھ اختيار ڪندا تن کي الله تعاليٰ پنھنجي فضل سان اڳيان گناھ معاف ڪندو ۽ آڻنده لاءِ لعنت واري حالت مان ڪڍي رحمت ۾ داخل ڪندو). (۹۰) پر جن ماڻھن ايمان کان پوءِ ڪفر اختيار ڪيو ۽ پنھنجي ڪفر (جي شرارتن) ۾ وڌندا رھيا تہ پوءِ اھڙن ماڻھن جي پشيماني قبول ڪانہ پوندي. (ڇو تہ سچي توبہ انھن کي نصيب ٿي نہ ٿيندي) ۽ اھي ئي ماڻھو آھن جي سڄ پڄ گمراھ آھن. (۹۱) جن ماڻھن ڪفر جي واٽ ورتي ۽ مرڻ گھڙيءَ تائين ڪفر تي قائم رھيا تن مان ڪوبہ (قيامت جي ڏينھن) سڄي ڌرتي جيترو سون فديي طور ڏٽي تہ بہ اھو فديو قبول نہ پوندو (۽ ھن کي پنھنجي بدعملن جي ڪري) سخت عذاب ٿيندو ۽ ڪوبہ (عذاب کان بچائڻ ۾) ھنن جو مددگار ڪونہ ھوندو.

حصو چوٽون

رکوع ۱۰ آيت ۹۲ ـ تا ـ ۱۰۱

مسلمانن کي يهودين جي گمراهين بابت خبردار ڪرڻ

(۹۲) توهان نيڪيءَ جي درجي کي ڪڏهن به پهچي نٿا سگهو، جيستائين توهان (خدا جي راهه ۾) خرچ نه ڪيو ان مان جنهن سان توهان کي محبت آهي. جيڪي جيڪي توهان (خدا جي راهه ۾) خرچ ڪيو ٿا سو بلاشبہ الله تعاليٰ ڄاڻي ٿو (۽ ان جو اجر ڏيڻو ٿو). (۹۳) کائڻ جون سڀ شيون بني اسرائيلن لاءِ حلال هيون، سواءِ انهن شين جي جيڪي تورات جي نازل ٿيڻ کان ۾ اڳي بني اسرائيل پاڻ تي پاڻ حرام ٺهرايون هيون (انهن شين کي خدا حرام ڪونه ڪيو هو. اي پيغمبر! جيڪڏهن هن باري ۾ يهودي توسان بحث ڪن ته کين) چئو ته جيڪڏهن توهان پنهنجي خيال ۾ سچا آهيو ته تورات کڻي اچو ۽ ان کي کولي پڙهو. (۹٤) پوءِ جيڪي هن (اعلان) بعد ۾ (ساڻئي خيال تي قائم رهندا) ۽ الله تعاليٰ تي بهتان ٻڌندا، اهي ئي ظالم (گنهگار) آهن. (۹۵) (اي پيغمبر! انهن ماڻهن کي) چئو ته الله تعاليٰ حق جي ڳالهه ٻڌائي آهي. (توهان بني اسرائيلن کي جيڪڏهن سچائي قبول ڪرڻي آهي ته) توهان حضرت ابراهيم جي طريقي جي پيروي ڪيو (جنهن جي مان دعوت ڏئي رهيو آهيان). اهو طريقو آهي غير کي ڇڏي فقط الله جو ٿي رهڻ، ۽ يقيناً حضرت ابراهيم مشرڪن منجهان نه هو. (۹٦) يقيناً پهريون پهريون گهر (عبادت گاهه) جو انسانن جي لاءِ ٺاهيو ويو، اهو اهوئي آهي جو مڪي معظم ۾ آهي، جو گهٽي برڪت وارو ۽ سڀني انسانن جي لاءِ هدايت جو مرڪز آهي. (۹۷) ان ۾ حق جون چٽيون نشانيون موجود آهن، (جن ان مان هڪ آهي اها) جاءِ جتي حضرت ابراهيم بيهي نماز پڙهي هئي. (مقام ابراهيم اڄ تائين موجود ۽ مشهور آهي. پي نشاني هيءَ آهي ته) جيڪو به ان جي حدن ۾ داخل ٿيو سو امن امان ۾ رهيو ۽ (هي به نشاني آهي ته) الله جي طرف کان ماڻهن لاءِ هي ڳالهه به ضروري مقرر ڪئي ويئي ته جيڪو به ان تائين پهچڻ جي طاقت سنياري سو ان گهر جو حج ڪري، پوءِ جيڪو به (هن حقيقت مڃڻ کان) انڪار ڪندو (سو پاڻ کي ئي گمراهه ڪري خساري هيٺ آڻيندو) بيشڪ الله تعاليٰ سڄي دنيا کان بي نياز ۽ بي پرواهه آهي. (ڪنهن جي به عبادت وغيره جو محتاج ناهي).
(۹۸) (اي پيغمبر انهن کي) چئو ته اي اهل ڪتاب! توهان (ڄاڻي ٻجهي) الله تعاليٰ جي آيتن کان انڪار ڇو ٿا ڪيو؟ جيڪي جيڪي توهان ڪيو ٿا تنهن کي الله تعاليٰ ڏسي رهيو آهي. (۹۹) اي اهل ڪتاب! توهان ايمان آڻيندڙن کي خدا جي راهه کان ڇو ٿا روڪيو ۽ کين ڏنگي ڏڍي واٽ ونڊائڻ ڇو ٿا چاهيو؟ حالانڪ توهان (حقيقت) ڏسي رهيا آهو. (ياد رکو ته) جيڪي جيڪي عمل توهان ڪيو ٿا، تن بنسبت الله تعاليٰ غافل ناهي. (۱۰۰) اي ايمان وارؤ! جيڪڏهن توهان اهل ڪتاب مان ڪنهن ٽوليءَ جي ڳالهين تي عمل ڪندؤ ته اهي اوهان کي حق جي راهه تان ڦيرائي ڇڏيندا ۽ ايمان آڻڻ بعد وري ڪفر ۾ پڄي ويندؤ. (۱۰۱) ۽ ائين ڪيئن ٿي سگهي ٿو جو توهان

وري ڪفر ڏي موتي وجو، جڏهن تہ الله جون آيتون اوهان کي پڙايون وڃن ٿيون ۽ سندس رسول (اوهان جي رهنمائيءَ لاءِ) اوهان ۾ موجود آهي ۽ ياد رکو تہ جيڪو مضبوطيءَ سان الله تعاليٰ ۾ پکو ايمان رکي ٿو تنهن کي يقيناً سڌيءَ واٽ تي هلڻ جي هدايت ملي ويئي. (ان جي ٽڙکي وڃڻ جو انديشو ڪونهي).

رکوع ۱۱ آيت ۱۰۲ ـ تا ـ ۱۰۹

مؤمنن جي پاڻ ۾ پائپي ۽ محبت ۽ هڪ ٻئي کي حق جي دعوت ڏيڻ

(۱۰۲) مؤمنؤ! الله کان ڊجو، اهڙو ڊجو جهڙو سچ پچ ڊجڻ ڄاڻجي ۽ دنيا مان رحلت ڪري وڃو تنهن کان اڳي پڪا مسلمان ۽ خدا جي فرمانبرداريءَ تي ثابت قدم ٿي وڃو. (۱۰۳) ۽ (اي مؤمنؤ!) سڀ ملي هڪ ٿي الله جي رسيءَ کي مضبوط جهليو ۽ جدا جدا نہ ٿيو ۽ الله تعاليٰ جي اوهان تي اها نعمت ياد رکو جو ڪڏهن تہ پاڻ ۾ هڪ ٻئي جا دشمن هئو، پر (هاڻي) الله تعاليٰ اوهان جون دليون محبت ۾ ڳنڍي ڇڏيون آهن ۽ سندس فضل ۽ ڪرم سان هڪ ٻئي جا پائر ٿي ويا آهيو. توهان جي حالت تہ هي هئي جو توهان باهہ سان ڀريل اونهيءَ کڏ جي ڪناري تي بيٺا هئو (ذرو بہ پير ترکيو تہ ڏو باهہ ۾). پر الله تعاليٰ توهان کي ان کان بچائي ورتو. اهڙيءَ طرح الله تعاليٰ پنهنجون آيتون (حڪم ۽ نشانيون) چٽيون ڪري پڌائي ٿو، انهيءَ لاءِ تہ من توهان (سعادت جي) راهہ وڻو. (۱۰٤) ۽ ڏسو تمام ضروري ڳالهہ هيءَ آهي تہ توهان ۾ هڪ جماعت (هرهڪ ڳوٺ ۽ هرهڪ محلي ۾) اهڙي هجي جا نيڪيءَ جي راهہ جي دعوت ڏيندڙ هجي، نيڪ ڪمن ڪرڻ جو حڪم ڏئي ۽ برائين کان روڪي يقيناً اهي ئي ماڻهو ڪامياب ٿيندا (دنيا ۾ توڙي آخرت ۾). (۱۰۵) (اي مؤمنو! متان انهن ماڻهن (يهودين) وانگر ٿيو جي (خدا جي دين تي هڪ ٿي رهڻ بدران) جدا جدا ٿيا ۽ اگرچہ وٽن (الهي ڪتابن جا) روشن دليل اچي چڪا هئا، تڏهن بہ هڪ ٻئي سان اختلاف ڪيائون. يقين ڪيو تہ اهي ئي ماڻهو آهن جن جي لاءِ وڏو سخت عذاب آهي. (۱۰٦) انهيءَ ڏينهن ڪيترائي چهرا نور سان چمڪندا ۽ ڪيترائي ڪارا ٿي ويندا (يعني نيڪ ماڻهو نعمتن ۾ هوندا ۽ بدڪار مصيبتن ۽ عذاب ۾ گرفتار هوندا) پوءِ جن ماڻهن جا چهرا ڪارا ٿي ويندا انهن کي انهيءَ ڏينهن چيو ويندو تہ، ڇا توهان ايمان آڻي پوءِ وري ڪفر جي واٽ ورتي؟ چگو هاڻي (پنهنجي ڪفر جي بدعملن جي عيوض ۾) عذاب جو مزو چکو. (۱۰۷) ۽ جن ماڻهن جا چهرا چمڪندا، اهي الله جي رحمت جي ڇانو ۾ هوندا ۽ هميشہ الله جي رحمت هيٺ رهندا. (۱۰۸) (اي منهنجا پيغمبر!) اهي الله جون آيتون (نشانيون ۽ حڪم) آهن جي اسان حق سان توکي پڌائي رهيا آهيو ۽ الله تعاليٰ دنيا جي ماڻهن تي ظلم ڪرڻ نٿو چاهي (بلڪ سچي حڪمت ٿو سيکاري ۽ مفيد حڪم ٿو ڏئي تہ انهن جي تعميل ڪري دنيا ۽ آخرت ۾ خوشحال ۽ ڪامياب ٿين). (۱۰۹) ۽ جيڪي بہ آسمان ۽ زمين ۾ آهي سو سڀ الله ئي جو آهي ۽ سڀ ڳالهيون آخر الله تعاليٰ ڏي موٽڻ واريون آهن (۽ هوئي مناسب فيصلا ڪندو ۽ جزا ۽ سزا ڏيندو).

رکوع ۱۲ آیت ۱۱۰ ـ تا ـ ۱۲۰

بهترين قوم اها هي جيڪا نيڪين جو حڪم ڏئي ۽ برائين کان روڪي.

(۱۱۰) (اي مسلمانو) توهان سڀني امتن کان بهتر امت آهيو، جو توهان ماڻهن جي (سڌاري) لاءِ نڪري نروار ٿيا آهيو ۽ توهان نيڪيءَ جو حڪم ڏيڻ وارا ۽ برائين کان روڪڻ وارا آهيو ۽ الله تي (سچو) ايمان رکڻ وارا آهيو ۽ جيڪڏهن اهل ڪتاب به (مخالفت جي عيوض) ايمان آڻين ها ته سندن لاءِ وڌو فائدو ۽ چگائي ٿئي ها (۽ هوئي جهان جي سڌاري جو ڪم ڪن ها) انهن ۾ اهڙا به آهن جي ايمان وارا آهن، پر وڌو تعداد انهن ماڻهن جو آهي جي بي فرمان ۽ حق جي راهه کان ٻاهر ويندڙ آهن. (۱۱۱) هو (اهل ڪتاب ڪيتري به اوهان جي مخالفت ڪن ته به) ٿوري ايذاءُ پهچائڻ کان سواءِ توهان کي ڪو وڌو ضرر پهچائي ڪونه سگهندا ۽ جيڪڏهن هو توهان سان لڙائي ڪندا ته پٺي ڏيئي ڀڄندا ۽ ڪڏهن به فتح مند نه ٿيندا. (۱۱۲) هنن (يهودين) تي جتي به هجن ذلت ۽ خواري ٿي وسي، سواءِ هن (حالت) جي جو خدا جي عهد يا انسانن جي عهد سان ڪين پناهه ملي هجي. (ٻين جي رحم تي زندگي بسر ڪرڻ به درحقيقت وڏي ذلت آهي) خدا جو غضب پاڻ تي آندائون ۽ محتاجي ۽ بدحالي ۾ گرفتار ٿيا. اهو هن ڪري ٿيو جو هو الله جي آيتن (نشانين ۽ حڪمن) کان انڪار ڪندا هئا ۽ نبين کي ناحق قتل ڪندا هئا. اها (حالت) هن ڪري ٿين جو هو نافرماني ۽ سرڪشي ڪرڻ لڳا هئا ۽ (شرارتن ۾) حدون لتاڙي چڪا هئا. (۱۱۳) (ائين به) ناهي ته سڀ اهل ڪتاب هڪ جهڙا آهن انهن مان هڪڙي ٽولي اهڙن ماڻهن جي آهي جي هدايت جي وات تي قائم آهن، هو رات جو الله جون آيتون پڙهن ٿا ۽ سندس اڳيان سجدو ڪن ٿا. (۱۱٤) هو الله تي ۽ آخرت جي ڏينهن تي (سچو) ايمان رکن ٿا، نيڪيءَ جو حڪم ڏين ٿا ۽ برائين کان روڪين ٿا، چگائين ۽ چگن ڪمن ڪرڻ ۾ تڪڙا قدم کڻن ٿا ۽ سڀ پڇ صالح ٻانهن منجهان آهن. (۱۱۵) (سو ياد رکو ته) اهي ماڻهو نيڪ عملن مان جيڪي ڪجهه ڪن ٿا تنهن جو قدر ڪيو ويندو (هنن کي نيڪ عملي جو اجر ضرور ملندو) ۽ جيڪي ماڻهو متقي آهن (يعني خدا جو خوف رکي گناهن کان پرهيز ڪندڙ آهن، اگرچه يهودي عيسائي وغيره هجن) تن جي حال کان الله تعاليٰ بي خبر ناهي. (۱۱٦) پر بيشڪ جن ماڻهن ڪفر ۽ نافرمانيءَ جي راهه اختيار ڪئي تن کي سندن مال متاع ۽ آل اولاد، خدا جي عذاب کان بچائي ڪونه سگهندا. اهي دوزخ ۾ پوندا ۽ هميشه ان ۾ رهندا. (۱۱۷) دنيا جي هن زندگيءَ ۾ هي ماڻهو جيڪي خرچ ڪن ٿا ان جو مثال اهڙو آهي جهڙو ان هوا جو لڳڻ جنهن ۾ پارو هجي. انهيءَ پاري واريءَ هوا انهن ماڻهن جي ڪيتيءَ کي ساڙي ناس ڪري ڇڏيو، جن ماڻهن (تڪليفون ڪري پوڪ ته پوکي پر) هڪ ٻئي تي ظلم ڪيا ۽ گناهن جا ڪم ڪيا. (سي تباهه ٿي ويا) الله تعاليٰ مٿن ظلم ڪونه ڪيو پر پاڻ پنهنجي هٿن سان پاڻ تي ظلم ڪيائون. (۱۱۸) مؤمنؤ! پنهنجن ماڻهن کان سواءِ ٻين کي پنهنجو همراز ۽ حال محرم نه بنايو، (نڪي ٻين تي پروسو ۽ اعتماد رکو). هنن ماڻهن جو (يعني دشمنن جو) حال هيءُ آهي جو توهان

جي خلاف فتنہ انگيزيءَ ۾ گھٽتائي ڪرڻ وارا ناھن. جنھن ڳالھ ۾ اوھان کي نقصان پھچي سا ھنن کي وڌي ٿي. ھنن جي دشمني ھنن جي ڳالھين مان ئي ظاھر آھي پر جيڪي ھو دلين ۾ لڪائين ٿا سو ان کان بہ وڌيڪ آھي. جيڪڏھن توھان کي ڪجھ بہ عقل آھي (تہ ڏسي سگھندؤ) تہ اسان توھان جي لاءِ پنھنجون نشانيون چٽيون ڪري چڏيون آھن. (۱۱۹) ڏسو توھان جو حال تہ ھي آھي جو توھان ھنن (دشمنن) سان حب ۽ دوستي ٿا رکو پر ھنن جو حال ھي آھي جو توھان کي (ھڪ گھڑيءَ لاءِ) حب نٿا ڪن. توھان الله تعاليٰ جي سيني ڪتابن تي ايمان آڻيو ٿا (ھنن جي ڪتابن جي بہ عزت ڪيو ٿا پر ھنن جي حالت ابتر آھي) ھو جڏھن اوھان سان ملن ٿا تڏھن چون ٿا تہ اسان بہ ايمان آندو آھي، پر جڏھن اوھان کان پري اڪيلا ٿين ٿا تڏھن توھان جي خلاف ڪاوڙجي جوش ۾ ڏند ڪرٽڻ لڳن ٿا. (غور ڪيو تہ اھڙن دشمنن کي ڪيئن ھمراز بنائڻ جائز ٿي سگھي ٿو. اي پيغمبر! تون انھن دشمنن کي) چئو تہ، (رڳو ڏند نہ ڪرٽيو پر) ڪاوڙ جي جوش ۾ پاڻ کي ماري وجھو (تہ بہ جيڪي ٿيڻو ھوندو سوئي ٿيندو) ۽ ياد رکو تہ جيڪي سينن ۾ لڪل آھي سو بہ الله تعاليٰ ڄاڻي ٿو (۱۲۰) (اي مؤمنؤ!) توھان کي چڱائي رسي ٿي تہ ھنن کي ڏک ٿو ٿئي ۽ توھان کي ڪا تڪليف پھچي ٿي تہ ھو ان تي خوشيون ٿا ڪن، (پر ياد رکو تہ) جيڪڏھن توھان (مصيبتن ۽ مشڪلاتن ۾ بہ) صبر ڪندو (يعني خدا جا حڪم بجا آڻيندا رھندؤ) تہ پوءِ ھنن (دشمنن جا) فريب ۽ حيلا اوھان کي ڪجھ بہ ضرر نہ پھچائيندا. جيڪي بہ ھو ڪن ٿا تنھن کي الله جي قدرت گھيريون بيٺي آھي.

رکوع ۱۳ آيت ۱۲۱ ـ تا ـ ۱۲۹

بدر ۽ احد جي جنگين جي نتيجن مان نصيحت.

(۱۲۱) ۽ (اي پيغمبر اھو وقت ياد ڪر) جڏھن تون صبح جو سويل پنھنجي گھر مان نڪتو ھئين ۽ (احد جي ميدان ۾) لڙائي جي لاءِ مؤمنن کي مورچن ۾ وھاري رھيو ھئين ۽ الله تعاليٰ سڀ ڪجھ ٻڌندڙ ۽ ڄاڻندڙ آھي. (۱۲۲) پوءِ (چا ٿيو جو) اوھان مان (يعني مسلمانن مان) ٻن ٽولين ارادو ڪيو تہ ھمت ھاري چڏين (۽ موٽي وڃن) حالانڪ الله تعاليٰ سندن مددگار ھو. ايمان وارن کي تہ گھرجي تہ (ھر حال ۾) الله تعاليٰ تي ڀروسو رکن. (۱۲۳) (ياد رکو) تہ بيشڪ الله تعاليٰ بدر جي جنگ ۾ اوھان کي فتح ڏني ھئي اگرچہ توھان تمام ڪريل حالت ۾ ھئا. تنھن ڪري توھان خدا کان ڊڄو (۽ سندس نافرماني کان بچو) تہ توھان سندس نعمتن جو قدر ڪيو. (۱۲٤) (اي پيغمبر! اھو وقت ياد ڪر) جڏھن تون (جنگ جي ميدان ۾) مؤمنن کي چئي رھيو ھئين تہ ڇا اوھان جي لاءِ ھي ڪافي ناھي تہ الله (ٽي ھزار دشمن جي مقابلي ۾) ٽي ھزار فرشتا موڪلي اوھان جي مدد ڪري. (۱۲۵) ھا بيشڪ! جيڪڏھن توھان صبر ۽ ثابت قدمي ڏيکاريو ۽ تقويٰ جي راھ اختيار ڪيو ۽ دشمن انھيءَ دم توھان تي تکڙا ڪاھي پون تہ اوھان

جو پروردگار (رڳو ٽن هزارن ملائڪن سان نہ پر) پنج هزار نشان رکندڙ ملائڪن سان اوهان جي مدد ڪندو. (۱۲٦) ۽ ياد رکو تہ هي ڳالھ جا ڇئي ويئي سا فقط هن لاءِ تہ توهان جي لاءِ (فتح جي) خوشخبري ٿئي ۽ توهان جي دلين کي ان جي وسيلي تسلي ۽ ڏڻ اچي. مدد ۽ فتح فقط الله وٽان ملي ٿي جو سڀني تي غالب ۽ وڏي حڪمت وارو آهي. (۱۲۷) ۽ پڻ هن لاءِ تہ ڪافرن جي طاقت جو ڪجھ حصو وڍي بيڪار ڪيو وڃي يا هنن کي اهڙو ذليل ۽ خوار ڪيو وڃي جو هو مراد حاصل ڪرڻ کان سواءِ پٺئين پير موٽي هليا وڃن. (۱۲۸) (اي پيغمبر!) هن معاملن ۾ (يعني حق جي دشمنن کي بخشڻ يا نہ بخشڻ ۾) تو کي ڪوئي دخل ڪونهي. (تنهنجو ڪم آهي ماڻھن کي حق جي دعوت ڏيڻ ۽ ڪنهن بہ حالت ۾ مايوس نہ ٿيڻ) هي الله جي هٿ آهي تہ جنهن کي وٽيس تنهن کي معاف ڪري ۽ جنهن کي وٽيس تنهن کي عذاب ڏئي، ڇو تہ يقيناً هو ظالم آهن. (۱۲۹) جيڪي زمين ۽ آسمان ۾ آهي سو سڀ ڪجھ الله جو آهي، جنهن کي وٽيس تنهن کي بخشي ۽ جنهن کي وٽيس تنهن کي عذاب ڪري (ڪوبہ ڪيس روڪي نٿو سگھي ۽ ياد رکو تہ) الله تعاليٰ بخشيندڙ ۽ رحم وارو آهي.

رڪوع ۱٤ آيت ۱۳۰ ـ تا ـ ۱٤۳

وياج جي منع، متقي اهي آهن جيڪي آسودگي توڙي سڃائيءَ جي حالت ۾ خدا جي راھ ۾ مال خرچ ڪن ٿا.

(۱۳۰) مؤمنؤ! وياج نہ ڪاڏو جو (مور ۾ گڏجي ٽو تہ اصل رقم) پيٽي چوٽي ٽي وڃي ٽي. الله کان ڊڄو (۽ سندس نافرمانيءَ کان بچو) انهيءَ لاءِ توهان ڪاميياب ٿيو (۽ نعمتون حاصل ڪيو). (۱۳۱) ۽ انهيءَ باھ جي عذاب کان ڊڄو (۽ ان کان بچڻ لاءِ احتياط رکو) جا باھ ڪافرن جي لاءِ تيار رکي ويئي آهي. (۱۳۲) ۽ الله ۽ سندس رسول جي فرمانبرداري ڪيو، انهيءَ لاءِ تہ الله جي رحمت جي لائق ٿيو. (۱۳۳) پنهنجي پروردگار جي مغفرت (بخشائش) ڏانهن تڪڙا ڊوڙو ۽ پڻ انهيءَ جنت ڏانهن ڊوڙو جنهن جي پکيڙ ايڏي آهي جيڏي آسمانن ۽ زمينن جي (يعني سڃي ڪائنات جي) ۽ جا جنت متقي انسانن لاءِ تيار رکي آهي. (۱۳٤) اهي متقي اهي انسان آهن جيڪي آسودگي توڙي سڃائي جي حالت ۾ (خدا جي راھ ۾) مال خرچ ڪن ٿا ۽ ڪاوڙ کي ضابطي هيٺ رکن ٿا ۽ ماڻھن جا قصور معاف ڪري ڇڏين ٿا. (اهي نيڪ عمل ڪندڙ آهن) ۽ الله تعاليٰ نيڪ عمل ڪندڙن سان محبت ٿو رکي. (۱۳۵) ۽ اُهي متقي انسان اُهي آهن جيڪي جڏهن ڪو سخت خراب ڪم ڪري ٿا ويهن يا ڪو گناھ جو ڪم ڪري پنهنجي جانين کي مصيبت ۾ وجهن ٿا تڏهن هڪدم خدا جي يادگيري ڪن ٿا (۽ پنهنجي ضمير جي ملامت محسوس ڪن ٿا) ۽ خدا کان پنهنجي گناهن جي معافي گهرن ٿا ۽ جيڪي گناھ جا ڪم هنن کان ٿي ويا آهن تن تي جاڻي ٻجهي قائم نٿا رهن. (بلڪ گناهن کان باز اچن ٿا) ۽ خدا کان سواءِ

ڪير آهي جو گناهہ بخشي ڇڏي. (١٣٦) انهن ئي جي واسطي انهن جي پردگار جي طرفان معافي ۽ بخشش جو اجر آهي ۽ (دائمي نعمتن جا) باغ آهن جن جي هيٺان نهرون وهي رهيون آهن. اهي هميشہ انهن باغن ۾ رهندا ۽ (ڏسو تہ) ڪهڙو نہ عمدو اجر آهي جو نيڪ عمل ڪندڙن کي ملندو. (١٣٧) (۽ ڏسو تہ) توهان کان اڳي بہ دنيا ۾ (قومن جي ترقي ۽ تنزل جون) واڻون ۽ قانون ظاهر ٿي چڪا آهن (جن چگا عمل ڪيا تن ترقي ڪري نعمتون ماڻيون ۽ جن بدعمل ڪيا تن تي مصيبتون نازل ٿيون) پوءِ توهان دنيا جو سير ڪري پنهنجي اکين سان (ڪنڊر ۽ نشان) ڏسو ۽ معلوم ڪريو تہ جن خدا جي حڪمن کي ڪوڙو ڏهرايو (۽ ابتڙ عمل ڪيائون) تن جي پڇاڙي ڪهڙي نہ خراب ٿي (۽ بدعملن جي بدلي ۾ ڪهڙيون نہ مصيبتون ڏسي برباد ٿي ويا.) (١٣٨) هي ماڻهن جي (بصيرت) لاءِ هڪ چٽو بيان آهي ۽ متقي ماڻهن لاءِ هدايت ۽ نصيحت آهي. (١٣٩) ۽ (ڏسو مشڪلاتن ۽ شڪست جي حالت ۾ بہ) همت نہ هاريو، نڪي غمگين ٿيو. جيڪڏهن توهان سچا مؤمن آهيو تہ سيني کان مٿانهان هوندو. (١٤٠) جيڪڏهن توهان کي (احد جي لڙائيءَ ۾) زخم لڳو آهي تہ (غمگين ۽ ملول نہ ٿيو) پوءِ تحقيق پي ڏر کي بہ اهڙو زخم رسيو آهي. اهي (فتح شڪست جا) موقعا اسان انسانن ۾ هيڏي هوڏي ڦيرائي رهيا آهيون (توهان همت نہ هاريو جو هن حادثي ۾ گهٽيون ئي مصلحتون رکيل آهن) ۽ (اهو سڀ هن لاءِ ٿيو تہ هن ڳالهہ جي) آزمائش ٿئي تہ ڪير سچا مؤمن آهن (۽ ڪير سچا نہ آهن) ۽ هن لاءِ تہ توهان مان ڪن کي (واقعن جي نتيجن جو) شاهد (ڏسندڙ ۽ سمجهندڙ) ڪجي. الله تعاليٰ ظلم ڪندڙن کي نٿو پسند ڪري. (١٤١) ۽ (هن حادثي ۾ هي بہ) مصلحت هئي تہ الله مؤمنن کي (ڪن ڪمزورين کان) پاڪ ڪري ۽ حق جي منڪرن کي (ڪمزورين کان پاڪ ٿيل طاقتور مؤمنن هٿان) آخر برباد ڪري ڇڏي. (١٤٢) (مسلمانو!) توهان ائين ٿا سمجهو چا تہ (خالي ايمان جي دعوي ڪري) جنت ۾ داخل ٿي ويندؤ (۽ ايمان ۽ عمل جي آزمائش ئي ڪانہ ٿيندي؟) (اڃا تہ اهڙو موقعو ئي) ڪونہ آيو آهي جنهن سان الله تعاليٰ اوهان کي آزمائي ظاهر ڪري ڏيڪاري تہ ڪهڙا ماڻهو حق جي راهہ ۾ پوري پوري ڪوشش ڪندڙ آهن ۽ ڪهڙا مشڪلاتن ۾ بہ ثابت قدم رهڻ وارا آهن. (١٤٣) ۽ هي حقيقت آهي تہ جيستائين توهان کي موت جي سامهون اچڻو ڪونہ پيو هو تيستائين حق جي راهہ ۾ مرڻ جي خواهش رکندا هئو (۽ ضد ڪيو هو تہ مديني کان ٻاهر نڪري دشمن جو مقابلو ڪريون) پر پوءِ جڏهن موت توهان جي سامهون اچي ويو تڏهن ڏسندي ڏسندي بيهي رهيو.

رکوع ١٥ آيت ١٤٤ ـ تا ـ ١٤٨

احد جي جنگ ۾ شڪست کائڻ مان وڏيڪ عبرتون ۽ نصيحتون.

(١٤٤) (حضرت) محمد (ﷺ الله ناهي) فقط الله جو رسول آهي، ڪائنس اڳي بہ الله جا رسول ٿي

گذريا هن، (جيڪي حق جي دعوت ڏيئي دنيا مان هليا ويا) پوءِ جيڪڏهن هو (حضرت محمد ﷺ) هن دنيا مان لاڏاٽو ڪري (هڪ ڏينهن نيٺ ته رحلت ڪرڻ وارو آهي) يا لڙائيءَ ۾ شهيد ٿئي ته پوءِ توهان حق جي راهه کان پٺئن پير ڦري ويندؤ ڇا؟ جيڪوحق جي وات کان پٺئين پير ڦري ويندو اهو (پنهنجوئي نقصان ڪندو) خدا جو ڪجهه به بگاڙي نه سگهندو. جي ماڻهو شڪر گذار آهن (يعني حق جي نعمتن جو قدر ڪندڙ آهن) تن کي الله تعاليٰ ان شڪر گذاريءَ جو اجر عطا فرمائيندو. (١٤٥) ۽ (ياد رکو ته) خدا جي حڪم کان سواءِ ڪوبه مري نٿو وڃي. هر انسان جي لاءِ هڪ خاص وقت مقرر ڪيل آهي، (موت جي خوف کان توهان جا قدم ڇو پوئتي هٽڻ گهرجن) ۽ جيڪو به ماڻهو دنيا جو فائدو چاهي ٿو تنهن کي اهو ملندو. اسان (حق جي نعمتن جي) ڪندڙن کي (هنن جي نيڪ عملي جو) اجر ضرور ڏينداسين. (١٤٦) ۽ (ڏسو) ڪيترائي نبي سڳورا ٿي گذريا آهن جن لڙايون ڪيون ۽ هنن سان شامل ٿي ڪيترن ئي ربائي نيڪ ماڻهن به جنگيون ڪيون. پر ائين نه ٿيو جو خدا جي راهه ۾ جيڪي سختيون هنن کي پيش آيون تن جي سبب کان بي همت ٿيا ۽ نه ائين ٿيو جو ڪمزوري ڏيکاريون، نه ڪي (دشمن جي اڳيان) عاجزي ۽ بيوسي ظاهر ڪيائون. الله تعاليٰ ته انهن کي حب ٿو ڪري (جي سخت مشڪلاتن ۽ مصيبتن ۾ به) ثابت قدم رهن ٿا. (١٤٧) ۽ (سختين ۽ مصيبتن ۾ به) هنن جي زبان منجهان هن کان سواءِ ڪو لفظ نه نڪرندو هو ته، اي خدا اسان جا گناهه معاف ڪر، اسان کان اسان جي ڪمن ۾ جيڪي زيادتيون ٿي ويون هجن سي درگذر ڪري ڇڏ. اسان جا قدم حق جي راهه ۾ ڄمائي رک ۽ حق جي منڪر قوم تي اسان کي فتح ڏي. (١٤٨) پوءِ جڏهن ته هنن جي ايمان ۽ عمل جي اها اعليٰ حالت هئي تڏهن (الله تعاليٰ هنن کي دنيا جو به فائدو ڏنو (جو هو فتح مند ٿا، حاڪم ٿيا ۽ آسوده حال ٿيا) ۽ آخرت جو گهٽو وڏو ۽ سنو فائدو به ڏنو (جو دائمي نعمتن جا حقدار ٿيا) ۽ بيشڪ الله تعاليٰ انهن کي ئي محبت ڪري ٿو جي نيڪ ڪم ڪندڙ آهن.

رکوع ١٦ آيت ١٤٩ ـ تا ـ ١٥٥

جلدئي اسان حق جي منڪرن جي دلين ۾ اوهان جي هيبت وجهنداسين

(١٤٩) مؤمنو! جيڪڏهن توهان ڪافرن جي چوٽ تي لڳندؤ (جي توهان کي دشمن جي گهٽائي ۽ طاقت کان ڊيڄارين ٿا) ته (پوءِ ياد رکو ته) هو اوهان کي حق جي راهه کان پوئين پير ڦيرائي ڇڏيندا ۽ اوهان (سعادت جي وات ڇڏي) نقصان ۽ تباهي هيٺ ايندؤ. (١٥٠) سو (دشمنن جي گهٽائي ۽ طاقت کان ڊڄي جنگ ڪرڻ کان متان هٿو) توهان جو نگهبان ۽ محافظ الله آهي ۽ هو بهترين مدد ڪندڙ آهي. (١٥١) جلدئي اسان حق جي منڪرن جي دلين ۾ اوهان جي هيبت وجهنداسين، ائين هن ڪري ٿيندو جو هنن الله سان پين هستين کي شريڪ ٺهرايو آهي جن لاءِ الله تعاليٰ ڪابه سند نازل نه ڪئي آهي. انهن جي جاءِ آخر دوزخ آهي، ظالمن جي آخري جاءِ

(دوزخ) کھڙي نہ خراب آهي.! (۱۵۲) ۽ بيشڪ الله تعاليٰ پنهنجي مدد ۽ فتح جو واعدو اوهان کي سچو ڪري ڏيکاريو، جڏهن توهان سندس حڪم سان دشمنن کي (خدا جي ميدان ۾) ماري ماري پڃاڻي رهيا هئو (فتح توهان جي هٿي) پر جڏهن اسان توهان کي (فتح جو جلوو) ڏيکاريو جو توهان کي تمام گهٽو وڻي ٿو تڏهن توهان پاڻ ڪمزوري ڏيکاري ۽ جنگ جي باري ۾ هڪ ٻئي سان جهڳڙو ڪرڻ لڳؤ، (هڪڙي تير اندازن جي ٽولي ڇيو ته هاڻي مورچي تي بيهڻ ضروري ڪونهي، ٻئي ڇيو ته ضروري آهي) ۽ آخر (پنهنجي سردار الله جي رسول جي حڪم جي) نافرماني ڪئي. اوهان ۾ ڪي اهڙا هئا جي دنيا جا طالب هئا (دولت جي مال جي پٺيان پيا) ۽ ڪي اهڙا هئا جي آخرت جا طالب هئا (جنگ ۾ ثابت قدم رهيا ۽ شهيد ٿيا) پوءِ اسان ڪ اوهان جو رخ دشمن جي طرف کان ڦيرائي ڇڏيو، انهيءَ لاءِ ته اوهان کي (هن حادثي سان) آزمايون (اهڙيءَ طرح توهان جي فتح بعد اوهان کي شڪست آئي). پر يقيناً الله تعاليٰ توهان جو قصور معاف ڪيو ۽ بيشڪ الله تعاليٰ جو مؤمنن تي وڏو فضل آهي. (۱۵۳) (اهو وقت ڪ ياد ڪيو) جڏهن (جنگ مان پڃي) مٿاهين ڏانهن چڙهي رهيا هيؤ ۽ (حراس ۾ ايتري قدر گرفتار ٿي وبا جو) رڳو هڪ ٻئي ڏي منهن ڦيرائي نهاريو ڪ ڪين ٿي ۽ الله جو رسول اوهان کي پٺيان پڪاري رهيو هو. (سو جڏهن توهان جو حال اهو هو) تڏهن الله ڪ اوهان کي غم پٺيان غم ڏنو. انهيءَ لاءِ ته (هن حادثي مان عبرت وٺو ۽ آئيندہ) نڪي انهي لاءِ غم ڪيو، جيڪي اوهان جي هٿن مان هليو ويو هجي، نڪي انهيءَ مصيبت تي غم ڪيو جا اوهان جي مٿان ڪڙڪي. جيڪي جيڪي اوهان ڪيو ٿا تنهن جي الله تعاليٰ خبر رکندڙ آهي. (۱۵٤) پوءِ الله تعاليٰ غم بعد اوهان مان هڪ جماعت تي ٻي خوفي جي ننڊ آندي (يعني دلين کي تسلي ۽ آرام اچي ويو) پر ٻي ٽولي اوهان ۾ اهڙي هٿي جن کي انهيءَ وقت ڪ رڳو پنهنجي سر جي اچي لڳي ۽ الله تعاليٰ بابت جاهليت جي زماني وارا غلط ۽ ٻي جا وهم ۽ گمان ڪرڻ لڳا، اهي ماڻهو چوڻ لڳا ته هن معاملي ۾ اسان کي ڪو اختيار هو ڇا؟ (يعني اسان جي راهہ تي عمل ٿئي ها ته اهڙي حالت نہ ٻڌجي ها. هنن کي) چئو ته (نہ رڳو هي معاملو) پر سيڻي ڳالهيون الله ئي جي اختيار ۾ آهن. (پر الله تعاليٰ جو قانون آهي ته جهڙا عمل ۽ سبب تهڙا نتيجا نڪرن ٿا) (حقيقت هي آهي ته) جيڪي هنن ماڻهن جي دلين ۾ آهي سو توکان لڪائين ٿا. (هنن جي ائين چوڻ جو اصل مطلب هي آهي) هو چون ٿا ته جيڪڏهن هن معاملي ۾ اسان جي لاءِ فتح هجي ها ته هن طرح هتي اسان جي ماڻهن جو اهڙو قتل نہ ٿئي ها. (اي پيغمبر! انهن کي) چئي ڏي ته جيڪڏهن توهان پنهنجي گهرن ۾ وينا هجو ها ته ڪ جن کي قتل ٿيڻو هو سي ضرور گهرن مان نڪرن ها ۽ پنهنجي مارجڻ جي جاءِ تي پهچي وڃن ها ۽ هي (سڀ) انهيءِ لاءِ ٿيو ته جيڪي توهان جي دلين ۾ لکل آهي، تنهن جي لاءِ الله تعاليٰ اوهان کي آزمائش ۾ وجهي ۽ جيڪي (خراب خيال) اوهان جي دلين ۾ پيدا ٿيا هئا اهي ڪڍي ڇڏي ۽ جيڪي دلين ۾ لکل آهي سو سڀ ڪجهہ الله تعاليٰ ڄاڻي ٿو. (۱۵۵) اوهان مان جن ماڻهن انهيءَ ڏينهن لڙائي ۾ پٺي ڏني

هئي، جنهن ڏينهن ٻنهي لشڪرن هڪ ٻئي جو مقابلو ڪيو هو، تن جي انهيءَ غلطيءَ جو سبب هيءُ هو جو جيڪي خطائون هنن ڪيون هيون تنهن مان ڪن خطائن سبب شيطان هنن جا قدم منجهائي ڇڏيا. (ائين نہ هو تہ هن جي ايمان ۾ خلل هو) الله تعاليٰ هنن جي غلطي معاف ڪئي. يقيناً الله تعاليٰ معاف ڪندڙ ۽ تحمل وارو آهي.

رڪوع ۱۷ آيت ۱۵۶ ـ تا ـ ۱۷۱

الله جي رستي ۾ ڏنل قرباني کي نہ جتايو، مصلح نرم ۽ مهربان هجو، سخت مزاجي ۽ سنگدلي ماڻهن کي ڇڄائي ٿي.

(۱۵۶) اي ايمان وارؤ! اوهان انهن وانگر نہ ٿيو جن ڪفر جي واٽ ورتي آهي ۽ جڏهن سندن ڀائر ڪنهن سفر تي وڃن ٿا يا لڙائي ڪن ٿا ۽ اهي مري يا مارجي وڃن ٿا تہ پوءِ اهي چوڻ لڳن ٿا تہ جيڪڏهن هو اسان وٽ هجن ها تہ نڪي مرن ها، نڪي مارجن ها. (خدا پرستن جي دلين ۾ اهڙا غلط خيال خطرا نہ ٿا اچن ۽ هي ڳالهہ جا توهان کي چئي وئي سا هن لاءِ تہ) انهيءَ ڳالهہ کي (يعني اوهان جي بي خوفي ۽ ايمان جي مضبوطيءَ کي) الله تعاليٰ ڪافرن جي دلين لاءِ حسرت ۽ ارمان بڻائي (تہ ڪنهن بہ حالت ۾ اوهان کي بي همت نہ ڪري سگهن. ياد رکو تہ) الله ئي زندهہ رکندڙ ۽ ماريندڙ آهي ۽ جيڪي جيڪي توهان ڪيو ٿا سو سڀ ڪجهہ الله تعاليٰ ڏسي ٿو. (۱۵۷) ۽ جيڪڏهن توهان الله جي راهہ ۾ مارجي ويو يا پنهنجي موت مري ويو تہ پوءِ الله تعاليٰ وٽان جيڪا رحمت ۽ بخشش اوهان کي ملندي سا انهن سيني شين کان گهڻو بهتر آهي جي ماڻهو ميڙي گڏ ڪري رهيا آهن. (۱۵۸) ۽ (ياد رکو تہ) توهان پنهنجي موت مري وجو يا مارجي وجو هر حال ۾ آخر اوهان کي الله وٽ آڻي گڏ ڪيو ويندو. (۱۵۹) (اي پيغمبر!) هي الله جي رحمت آهي جو تون هنن ماڻهن سان هيتري قدر نرم ۽ مهربان آهين، جيڪڏهن تون سخت مزاج ۽ سنگدل هجين ها تہ ماڻهو تو وٽان ڇڄي هليا وڃن ها (پر تنهنجي نرميءَ ۽ محبت جي ڪري هنن جي دلين کي ڪشش ٿئي ٿي ۽ وڏي شوق ۽ محبت سان تو وٽ اچي ويهن ٿا) پوءِ انهن جا قصور معاف ڪري ڇڏ ۽ الله کان بہ انهن لاءِ مغفرت گهر ۽ پڻ وڏن معاملن ۾ هنن سان مشورو ڪر. پوءِ جڏهن ڪو فيصلو ڪري پڪو ارادو ڪيو تہ خدا تي پروسو رکو (۽ ان ڪم تي ثابت قدم رهو) بيشڪ الله تعاليٰ انهن سان محبت ٿو رکي جيڪي مٿس پروسو رکن ٿا. (۱۶۰) (مسلمانو!) جيڪڏهن الله تعاليٰ اوهان جي مدد ڪندو تہ ڪوبہ توهان تي غالب نہ پوندو ۽ جيڪڏهن هو اوهان کي ڇڏي ڏيندو تہ پوءِ ڪير آهي جو هن جي ڇڏي ڏيڻ بعد اوهان جي مدد ڪري سگهندو؟ تنهن ڪري مؤمنن کي گهرجي تہ فقط الله تعاليٰ تي پروسو رکن (۽ حق جي راهہ تي ثابت قدم رهن). (۱۶۱) ۽ (ڏسو خدا جي) ڪنهن بہ نبيءَ کان هيءَ ڳالهہ ٿي نٿي سگهي جو (نبوت جي فرض ادا ڪرڻ ۾) ڪنهن بہ طرح جي خيانت ڪري. جيڪو بہ پنهنجي فرض ادا ين ۾ خيانت ٿو ڪري سو

اها خيانت قيامت جي ڏينهن پاڻ سان کڻي ايندو. پوءِ هرهڪ نفس کي سندس عملن جو پورو پورو بدلو ملندو، کنهن سان بہ بي انصافي کانہ ڪئي ويندي. (١٦٢) پوءِ ڇا جنهن ماڻهو الله جي راضپي واري راهہ اختيار ڪئي آهي (ﷺ اهي ڪم ڪري ٿو جي الله کي پسند آهن) سو انهيءَ ماڻهو وانگر ٿي سگهي ٿو جو (پنهنجي بدعملن سان) الله جو غضب پاڻ تي آڻي ٿو ﷺ جنهن جو ٺڪاڻو جهنم جهڙو برو ٺڪاڻو آهي؟ (١٦٣) (نہ نہ ائين هرگز ٿي نٿو سگهي) الله وٽ ماڻهن جا (جدا جدا) درجا آهن ﷺ جيڪي عمل هو ڪن ٿا سي الله تعاليٰ چگيءَ طرح ڏسي ٿو. (١٦٤) يقيناً الله تعاليٰ مؤمنن تي وڏو احسان ڪيو آهي. جو هنن ﷺ هڪڙو رسول موڪليو اٽس جو هنن منجهان ئي آهي، هو ڪين الله جون آيتون پڙائي ٿو، (براين کان) ڪين پاڪ ڪري ٿو ﷺ ڪتاب ﷺ حڪمت سيکاري ٿو، حالانڪ هن کان اڳي هو ظاهر ظهور گمراهي ﷺ قاڻل هئا. (١٦٥) جڏهن (احد جي جنگ ﷺ) اوهان تي مصيبت اچي ڪڙڪي، انهيءَ کان ٻيڻي مصيبت تہ اوهان جي هٿان (بدر ﷺ) اوهان جي دشمنن تي پيئي هئي، تڏهن توهان چئي ڏنو تہ هيءَ مصيبت اسان تي ڪٿان آئي؟ (اي پيغمبر! ڪين چئو تہ) اها مصيبت خود توهان جي هٿئون توهان تي ڪڙڪي (جيڪڏهن توهان همت نہ هاريو ها ﷺ خدا ﷺ رسول جي پوري فرمانبرداري ڪيو ها تہ هرگز هي مصيبت نہ ڏسو ها) يادرکو تہ الله تعاليٰ هر شيءِ تي قادر آهي. (١٦٦) جيڪا مصيبت اوهان تي انهيءَ ڏينهن آئي جنهن ڏينهن (احد ﷺ) ٻنهي ڌرين جو مقابلو ٿيوسا مصيبت الله جي حڪم سان آئي (جيئن فتح ﷺ شڪست لاءِ سندس قانون ٺهرايل آهن ﷺ اها مصيبت انهيءَ لاءِ آئي) تہ ظاهر ٿي پوي تہ سچي ايمان وارا ڪهڙا آهن؟ (١٦٧) ﷺ منافق ڪهڙا آهن (سچ پچ منافق هن موقعي تي پوريءَ طرح ظاهر ٿي پيا) ﷺ (جڏهن) کين چيو ويو تہ اچو، الله جي راهہ ﷺ (ٻاهر نڪري) جنگ ڪيو يا (مديني ﷺ رهي) دشمنن جي حملي کي روڪيو. (تڏهن) چوڻ لڳا تہ جيڪڏهن اسان کي خبر هجي ها تہ لڙائي ضرور لڳندي تہ اسان (پاڻ کي تيار ڪيون ها ﷺ) توهان سان ضرور شامل ٿيون ها (اهو ڪوڙو بهانو هو). (يقين ڪيو تہ جنهن وقت هنن ائين چيو) تنهن وقت هو ايمان کي اهڙا ويجها نہ هئا جهڙا ڪفر کي ويجها هئا. اهي ماڻهو جيڪي زبان سان چون ٿا سو درحقيقت هنن جي دلين ﷺ ناهي، جيڪي هو دلين ﷺ لڪائين ٿا سو الله تعاليٰ کي چگيءَ طرح معلوم آهي. (١٦٨) اهي ماڻهو پاڻ تہ گهرن ﷺ ويهي رهيا پر پنهنجي ڀائرن جي باري ﷺ (جي جنگ ﷺ مارجي ويا) چون ٿا تہ جيڪڏهن اسان جي چوڻ تي لڳن ها تہ ڪڏهن بہ نہ مارجي وڃن ها. (اي پيغمبر! تون کين) چئو تہ جيڪڏهن توهان سچ پچ (پنهنجي هن خيال ﷺ) سچا آهيو تہ جڏهن موت توهان جي مٿان اچي پوي تڏهن پاڻ تان موت ٽاري ڇڏيو (ﷺ پنهنجي چالاڪين ﷺ دور انديشن سان هميشہ زندهہ رهو.) (١٦٩) ﷺ (اي پيغمبر!) جيڪي ماڻهو خدا جي راهہ ﷺ قتل ٿيا آهن، تن بابت ائين نہ سمجهہ تہ هو مري ويا، نہ نہ هو جيئرا آهن ﷺ پنهنجي پروردگار وٽ پنهنجي روزي حاصل ڪري رهيا آهن. (١٧٠) الله تعاليٰ پنهنجي فضل ﷺ ڪرم سان جيڪي کين عطا ڪيو آهي تنهن تي فرحتن ﷺ خوشين ﷺ

آهن ۽ جيڪي ماڻهو انهن جي پٺيان (دنيا ۾) رهجي ويا آهن ۽ اڃا ساڻن نه وڃي مليا آهن، تن بابت ۾ خوشيون ٿا ڪن جو (جاڻن ٿا ته) انهن لاءِ ۾ نڪي ڪو خوف آهي، نڪا غمگيني آهي. (۱۷۱) هو الله تعاليٰ جي نعمتن ۽ فضل تي ڏاڍو خوش آهن ۽ پڻ هن ڳالهه تي ته بيشڪ الله تعاليٰ ايمان وارن (جي عملن) جو اجر ضايع نٿو ڪري.

رڪوع ۱۸ آيت ۱۷۲ ـ تا ـ ۱۸۰

اسان جو ڪافرن کي مهلت ٿا ڏيون تنهن مان ائين نه سمجهن ته هنن جو خير آهي

(۱۷۲) جن ماڻهن الله ۽ سندس رسول جي سڏ تي لبيڪ چئي (۽ جنگ لاءِ وري تيار ٿيا) جيتوڻيڪ (هڪ سال اڳي احد وارو) زخم کائي چڪا هئا تن بابت ياد رکو ته انهن مان جيڪي ۾ چگا عمل ڪندڙ ۽ متقي (پرهيزگار) آهن تن جي لاءِ تمام وڏو اجر تيار رکيل آهي. (۱۷۳) هي اهي ماڻهو آهن جن کي ڪن چيو ته توهان سان (جنگ ڪرڻ لاءِ) دشمن وڏو لشڪر گڏ ڪيو آهي تنهن ڪري خوف رکجو (۽ باهر نڪري ساڻن مقابلي ڪرڻ لاءِ نه وڃجو) پر (اها ڳالهه پڌڻ تي ڏڃي وڃڻ بدران) هنن جو ايمان اڃا ۾ وڌيڪ مضبوط ٿيو ۽ هو (بي خوف ٿي) چوڻ لڳا ته اسان جي لاءِ الله ڪافي آهي ۽ جنهن جو ڪارساز الله پاڻ هجي تنهن جو ڪهڙو نه چگو ڪارساز آهي. (۱۷٤) پوءِ (اڃا ٿيو جو مسلمان بي خوف ٿي مقابلي لاءِ نڪتا ۽) الله جي نعمت ۽ فضل سان مالامال ٿي واپس آيا. ڪوبه ايذاءُ ڪين ڇهي ۾ نه سگهيو. هنن الله جي راضپي واري راهه ۾ قدم کنيو (اهو الله جو فضل هو) ۽ الله وڏي فضل وارو آهي. (۱۷۵) (۽ هيءَ جو دشمن جي ڇاڙتي توهان کي وڏي لشڪر جي ڪوڙي خبر ٻڌائي ڊيڄارڻ ٿي چاهو) اهو شيطان هو جنهن پنهنجي ساٿين بابت توهان کي ڊيڄارڻ ٿي چاهيو. پر جيڪڏهن توهان سچ پچ سچا مؤمن آهيو ته شيطان جي ساٿين کان نه ڊڄو ۽ مون کان ئي ڊڄو. (۱۷٦) (اي پيغمبر!) جيڪي ماڻهو ڪفر جي واٽ تي دوڙي رهيا آهن (انهن جي حالت ڏسي) غم نه ڪريو. يقين ڪريو ته هو خدا (جي ڪمن کي) هرگز نقصان پهچائي نه سگهندا. (هو پاڻ پنهنجو نقصان ڪري رهيا آهن) الله تعاليٰ چاهي ٿو ته آخرت ۾ هنن جي لاءِ (هنن مان) ڪجهه به حصو نه رکي ۽ هنن جي لاءِ تمام وڏو عذاب آهي. (۱۷۷) جن ماڻهن ايمان وڪٽي ڪفر خريد ڪيو آهي سي الله (جي ڪمن) کي ڪجهه به ضرر نه پهچائي سگهندا ۽ هنن جي لاءِ دردناڪ عذاب تيار رکيل آهي. (۱۷۸) ۽ اسان جو ڪافرن کي (زندگي ۽ مال متاع ۾) مهلت ٿا ڏيون تنهن مان ائين نه سمجهن ته (ان مهلت ۾) هنن لاءِ چگائي آهي. اسان هنن کي انهيءَ لاءِ مهلت ٿا ڏيون ته (جيڪڏهن بدعملين کان باز نه اچن ته) پنهنجي گناهن ۾ اڃا به وڌيڪ واڌارو ڪن ۽ آخر هنن کي وڌيڪ ذليل ۽ خوار ڪندڙ عذاب ملندو. (۱۷۹) ائين ٿي نٿو سگهي ته الله تعاليٰ ايمان وارن کي انهي ئي حالت ۾ ڇڏي ڏئي جنهن حالت ۾ توهان هاڻي آهيو. الله تعاليٰ ضرور ائين ڪندو جو پليتن (منافقن) کي پاڪن (مؤمنن) کان الڳ ڪري ڏيکاريندو (ته آئينده لاءِ

سجاڻپ ٿئي) ۽ خدا جي سنت اها ناهي ته (هن باري ۾) غيب جي خبر ڏيئي ڇڏي (يعني منافقن جا نالا ٻڌائي) پر بيشڪ الله تعاليٰ پنهنجي رسولن مان جن کي وٽيس تنهن کي هن ڳالهه لاءِ چونڊي ٿو (يعني جيڪي الله تعاليٰ هن باري ۾ چاهيندو سو پنهنجي رسول ﷺ کي ٻڌائيندو) پوءِ (اي منافقو! توهان جي سڌاري لاءِ هي آخري مهلت آهي) الله تي ۽ سندس رسول تي سچو ايمان رکو. جيڪڏهن توهان (هاڻي ٻ) ايمان آڻيندؤ ۽ گناهن ۽ بدعملن کان پري رهندؤ ته توهان جي لاءِ وڏو اجر آهي. (۱۸۰) جن ماڻهن کي الله تعاليٰ پنهنجي فضل سان رزق ڏنو آهي ۽ هو اهو مال خرچ ڪرڻ ۾ ڪنجوسائي ڪن ٿا سي ائين نه سمجهن ته ائين ڪرڻ سان هنن کي ڪا چڱائي رسندي. (نه نه) بلڪ ان مان هنن لاءِ وڏي برائي آهي. جلد قيامت جي ڏينهن اهو مال متاع جنهن کي گڏ ڪري روڪي رکڻ لاءِ ڪنجوسائي ڪن ٿا، تنهن مان (عذابن جو) ڳٽ ٺاهي هنن جي ڳچين ۾ وڌو ويندو ۽ ياد رکو ته آسمان ۽ زمين ۾ جيڪي به آهي سڀ الله جي ميراث آهي ۽ اوهان جيڪي ٻ ڪيو ٿا، تنهنجي الله تعاليٰ کي پوري پوري خبر آهي.

رکوع ۱۹ آيت ۱۸۱ ـ تا ـ ۱۸۹

مسلمانن لاءِ سبق ته صبر ۽ تقويٰ رکندؤ ته ڪاميابي توهان جي آهي.

(۱۸۱) بيشڪ الله تعاليٰ انهن ماڻهن (منافقن) جو قول ٻڌو آهي، جن چيو ته الله محتاج آهي ۽ اسان دولت مند آهيون (جو هر هر اسان کان سندس نالي تي لڙائي وغيره لاءِ مال گهريو وڃي ٿو) اسان جلد سندس اهو قول لکي ڇڏينداسين (يعني هي جو الله جي انهيءَ حڪم تي مسخريون ٿا ڪن ته، "خدا جي راهه ۾ خرچ ڪيو"، سو جلد کين محتاج ۽ تباهه ڪنداسين) ۽ پڻ سندن هي عمل لکي ڇڏينداسين جو ناحق نبين کي قتل ڪندا هئا، پوءِ (جڏهن هن قول ۽ عمل جو بدلو پيش ايندن تڏهن) چونداسين ته هاڻي جهنم جي عذاب جو مزو چکو. (۱۸۲) توهان جيڪي پنهنجي هٿن سان ڪري اڳتي موڪليو آهي تنهن جو ئي اهو نتيجو آهي، الله تعاليٰ ڪڏهن به پنهنجي ٻانهن تي ظلم ڪرڻ وارو ناهي. (۱۸۳) هي ماڻهو (يهودي) چون ٿا ته الله اسان کان عهد ورتو آهي ته اسان کنهن به رسول تي ايمان نه آڻيون جيستائين هو اسان وٽ اهڙي قرباني نه آڻي جنهن کي باهه کائي وڃي، تون کين چؤ ته مون کان اڳي الله جا ڪيترائي رسول سچائيءَ جي روشن دليلن سان اوهان ڏي آيا ۽ انهيءَ ڳالهه سان آيا جا چئي رهيا آهيو (يعني باهه ۾ ساڙڻ واري قرباني سان آيا) پوءِ جيڪڏهن توهان پنهنجي قول ۾ سچا آهيو ته چو توهان (انهن تي ايمان آڻڻ بدران) هنن کي قتل ڪندا رهيؤ؟ (۱۸٤) (اي پيغمبر!) هي ماڻهو جيڪڏهن تو کي ڪوڙو چئي رهيا آهن (ته رڳو توسان اها روش نه ورتي اٿن) توهان کان اڳي ڪيترائي رسول وٽن آيا جن کي ساڳيءَ طرح ڪوڙو ڪوٺي سندن منڪر ٿيا. اگرچه اهي رسول چٽن دليلن ۽ (حڪمت وارن خدائي) ڪتابن ۽ (شريعت جي) روشن حڪمن سان وٽن آيا هئا. (۱۸۵) (مسلمانو! ياد رکو

تہ) هر هڪ نفس کي آخر موت جو مزوچکڻو آهي ۽ اوهان جي عملن جو بدلو اوهان کي قيامت جي ڏينهن پورو پورو ملندو. انهيءَ ڏينهن جيڪو بہ دوزخ جي باهہ کان بچايو ويندو ۽ جنت ۾ داخل ڪيو ويندو انهيءَ ئي ڪاميابي ۽ نعمتون حاصل ڪيون. ياد رکو تہ هن دنيا جي زندگي (عيش عشرت جو سامان) فقط فريب جو سامان آهي. (۱۸۶) يقيناً توهان پنهنجي مال ملڪيت ۽ جانين جي باري ۾ آزمائش ۾ وڌا ويندو ۽ يقيناً اهل ڪتاب ۽ عرب مشرڪن کان گهڻيون ئي ڳالهيون ٻڌندؤ جي ٻڌي توهان کي ڏک ٿيندو. پر جيڪڏهن توهان صبر اختيار ڪندؤ (۽ مشڪلاتن ۽ مصيبتن ۾ بہ حق جي راهہ تي ثابت قدم رهندؤ) ۽ تقويٰ کي نہ ڇڏيندؤ (يعني حق جي حڪمن جي نافرمانيءَ کان بچندؤ) تہ پوءِ بيشڪ وڏن اهم ڪمن ۾ هيءَ وڏي عزم ۽ همت جي ڳالهہ ٿيندي. (۱۸۷) ۽ ياد رکو تہ الله تعاليٰ اهل ڪتاب کان عهد ورتو هو تہ اهو ڪتاب (۽ ان جا حڪم) ماڻهن کي چٽا ڪري ٻڌائجو ۽ هرگز نہ لڪائجو. پر هنن (اهو عهد پورو نہ ڪيو) ۽ الله جي ڪتاب کي پٺئين پاسي اڇلائي ڇڏيائون (يعني خسيس وقتي فائدي لاءِ دائمي وڏا فائدا وڃائي ڇڏيائون) پوءِ ڪهڙي نہ خراب اها قيمت آهي جا (حق فروشي جي بدلي ۾) حاصل ڪيائون. (۱۸۸) جيڪي ماڻهو پنهنجي ڪرتوتن تي خوش ٿي رهيا آهن ۽ پسند ٿا ڪن تہ انهن ڪمن لاءِ سندن ساراهہ ٿئي ڪيا ئي ڪونہ اٿن تن بہ نسبت ائين هرگز نہ سمجهو تہ ايندڙ عذاب کان بچي ويندا. بلڪل نہ، يقيناً هنن جي لاءِ دردناڪ عذاب آهي. (۱۸۹) (انهن ماڻهن کي ياد رکڻ گهرجي تہ) آسمان ۽ زمين جي بادشاهي فقط الله جي آهي (نہ سندن) ۽ الله ئي هر شيءِ تي قادر آهي.

رکوع ۲۰ آيت ۱۹۰ ـ تا ـ ۲۰۰

اعليٰ روحاني جذبا پيدا ڪرڻ لاءِ اعليٰ تعليمات.

(۱۹۰) بيشڪ آسمان ۽ زمين جي خلقت ۾ ۽ رات ڏينهن جي هڪ ٻئي پٺيان اچڻ ۾ سمجهہ وارن لاءِ (حق جي سچاڻپ جون) وڏيون نشانيون موجود آهن. (۱۹۱) (انهن سمجهہ وارن لاءِ وڏيون نشانيون موجود آهن) جي بيهندي، ويهندي، ليٽندي هر وقت الله کي ياد رکن ٿا ۽ آسمان ۽ زمين جي خلقت تي غور ۽ فڪر ڪن ٿا (انهيءَ غور ۽ فڪر جو نتيجو اهو ٿئي ٿو جو هنن تي حقيقتن جي سچاڻپ جو دروازو کلي پوي ٿو ۽ هو بي اختيار چئي ٿا ڏين تہ) اي اسان جا پروردگار! هي سڀ جيڪو پيدا ڪيو اٿيئي سو هرگز بيڪار ۽ اجايو نہ آهي (ضرور ڪو مقصد ۽ حڪمت رکيل آهي) بيشڪ تون پاڪ آهين (ان ڳالهہ کان جو بيڪار ڪم تنهنجي هٿان ٿين) اي خدا! اسان کي دوزخ جي عذاب کان بچائجانءِ. (۱۹۲) اي اسان جا پروردگار! جنهن کي تون دوزخ ۾ وجهندين سو بيشڪ وڏي خواري خرابيءَ ۾ پيو (ان ڏينهن) ظالمن جي لاءِ ڪوبہ مددگار ڪونہ هوندو. (۱۹۳) اي اسان جا پروردگار! اسان سڏ ڪندڙ (رسول ﷺ) جو سڏ ٻڌو جو ايمان جي طرف سڏي رهيو هو.

(هو چئي رهيو هو تہ (اي انسانو!) پنهنجي پروردگار تي ايمان آڻيو. اي پروردگار! اسان جا گناهہ بخش، اسان جون بچڑايون اسان مان ڪيڊي ڇڏ ۽ اسان کي انهن سان گڏ مار (۽ موت بعد انهن جي سنگت ۾ رهاءِ) جي پرهيزگار ۽ نيڪ هجن. (يعني اسان کي نيڪ ڪر تہ نيڪن ۾ شمار ٿيون.) (١٩٤) اي اسان جا پروردگار! اسان کي اهو سڀ ڪجهہ عطا فرماءِ جنهن جو وعدو اسان سان پنهنجي رسولن جي معرفت ڪيو هو ۽ قيامت جي ڏينهن اسان کي ذليل ۽ خوار نہ ڪجانءِ. بيشڪ تون ڪڏهن بہ پنهنجي وعدي جي خلاف نٿو وڃين. (١٩٥) پوءِ هنن جي پروردگار هنن جون دعائون قبول ڪيون ۽ فرمايائين تہ بيشڪ آءٌ ڪنهن بہ عمل ڪندڙ جو عمل ضايع نٿو ڪيان، مرد هجي توڙي عورت. توهان سڀ هڪ ٻئي جي جنس آهيو (عملن جي نتيجن جو قانون سيني لاءِ هڪ جهڙو آهي) پوءِ جن (خدا جي راهہ ۾) هجرت ڪئي، پنهنجي گهرن مان تڙي ڪيڊيا ويا، منهنجي راهہ ونڊ جي ڪري ايذايا ويا ۽ حق جي راهہ ۾ لڙايون ڪيائون ۽ قتل ٿيا تن جون خطائون هنن مان يقيناً ميساري ڇڏيندس ۽ کين (ابدي نعمتن جي) باغن ۾ داخل ڪندس جن جي هيٺان نهرون وهندڙ هونديون. هي الله جي طرف کان (هنن جي نيڪ عملن جو) اجر ۽ انعام هوندو ۽ الله ئي آهي جو بهترين اجر ۽ انعام ڏئي ٿو. (١٩٦) (اي پيغمبر!) جن ماڻهن ڪفر جي وات ورتي آهي انهن جو ملڪ ۾ (تجمل ۽ وڏائي سان) هيڏي هوڏي گهمڻ ڦرڻ تو ڪي دوکي ۾ نہ وجهي. (١٩٧) اهو ٿورڙو دنياءِ فائدو آهي. آخر انهن جو ٺڪاڻو جهنم آهي. اهو ڪهڙو نہ برو ٺڪاڻو آهي. (١٩٨) پر جن ماڻهن خدا جو خوف رکيو (۽ نيڪ عمل ڪيا) تن جي لاءِ (ابدي نعمتن جا) باغ آهن جن جي هيٺان نهرون وهي رهيون آهن. هو هميشہ ان (ابدي خوشين جي) حالت ۾ رهندا. هيءُ هنن لاءِ الله تعاليٰ جي طرف کان مهماني ٿيندي. جيڪي الله تعاليٰ وٽ آهي سو نيڪ عمل ڪندڙن لاءِ وڏي ڇگائي ۽ نعمت آهي. (١٩٩) ۽ بيشڪ اهل ڪتاب ۾ ڪي اهڙا بہ آهن جيڪي الله تي سچو ايمان رکن ٿا ۽ جيڪي توتي نازل ٿيو آهي ۽ جيڪي متن نازل ٿيو آهي تنهن تي بہ هنن جو ايمان آهي ۽ سندن دليون الله جي اڳيان جهڪيل آهن، اهي ائين نٿا ڪن جو خدا جون آيتون خسيس قيمت تي وڪڻي ڇڏين. بيشڪ اهي ئي ماڻهو آهن جن جي لاءِ سندن پروردگار وٽان اجر ملندو. يقيناً الله تعاليٰ حساب ونڊ ۽ (بدلو ڏيڻ) ۾ سست رفتار ناهي. (٢٠٠) اي ايمان وارؤ! (جيڪڏهن ڪامياب چاهو ٿا تہ هنن سيني ڳالهين جو جوهر هي آهي تہ) صبر ڪيو، هڪ ٻئي کي صبر ڪرڻ جي ترغيب ڏيو، هڪ ٻئي سان ڳنڍجي هڪ ٿي وجو ۽ (هر حال ۾) خدا کان ڊڄندا رهو تہ (پنهنجي مقصد ۾) ڪامياب ٿيو.

سورت نساءِ (عورتون)

بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي.

رکوع ۱ آيت ۰۱ ـ تا ـ ۱۰

صلاءِ رحمي جا حق خدا جا ڏهرايل حق آهن، يتيمن جي سنڀال، فوتي جي مال جي وراثت، عورتن کي به ملکيت مان حصو ملڻ

(۱)اي انسانو! پنهنجي پروردگار کان ڊڄو (سندس حڪمن ۽ قانونن جي تعميل ڪيو ورنه تباهه ٿيندؤ. انهيءَ پروردگار کان ڊڄو) جنهن توهان کي هڪڙي نفس مان پيدا ڪيو ۽ ان مان ئي سندس جوڙو (يعني عورت) پيدا ڪئي. پوءِ انهن ٻنهي مان مردن ۽ عورتن جو وڏو تعداد دنيا ۾ پکيڙيو (هڪ نفس مان قبيلا، قومون، شهر ۽ ملڪ ٿي وبا ۽ مائٽي جو وڏو حلقو ٺهيو) پوءِ الله کان ڊڄو، جنهن جي نالي ۾ هڪ ٻئي کان (پيار ۽ ڳانڍاپي جي) طلب ڪيو ٿا ۽ پڻ مائٽيءَ جي معاملن ۾ (خصوصاً عورتن جي معاملن ۾) خبرداري رکجو. يقين ڄاڻو ته الله تعاليٰ اوهان تي ۽ (اوهان جي عملن تي هر وقت) نظر رکيون ويٺو آهي. (۲) ۽ يتيمن جو مال (ايمانداريءَ سان) سندن حوالي ڪيو (جڏهن هو وڏا ٿين). ائين نه ڪيو جو هنن جي ڪنهن چگي شيءِ جي بدران پنهنجي ڪا ردي شيءِ هنن کي ڏيو ۽ هنن جو مال پنهنجي مال سان ملائي کائي ڇڏيو. يقيناً ائين ڪرڻ (يتيمن جو مال هضم ڪرڻ) تمام وڏي گناهه جي ڳالهه آهي. (اڄ ڪلهه وڏا ڀائر يا چاچا ڳڏيل ملڪيت مان پاڻ لاءِ وڏا وڏا خرچ ڪن ٿا، حالانڪ صغيرن جي ملڪيت مان رڳو هڪ ٻئسو خيرات ڏيڻ ۾ جائز ناهي.) (۳) ۽ جيڪڏهن توهان کي انديشو هجي ته يتيم چوڪرين سان (نڪاح ڪري) انهن سان انصاف نه ڪري سگهندؤ (ته انهن سان نڪاح نه ڪيو بلڪ ٻين) عورتن مان جي پسند اچن تن سان نڪاح ڪيو، ٻن يا ٽن يا چئن سان (بشرطيڪ انهن ۾ انصاف ڪري سگهو، يعني سيني کي سپ حق هڪ جهڙائي ڏئي سگهو ۽ سيني سان هڪ جهڙي هلت ڪري سگهو) جيڪڏهن توهان کي انديشو هجي ته انصاف نه ڪري سگهندؤ ته پوءِ فقط هڪ سان نڪاح ڪيو يا انهن عورتن سان نڪاح ڪيو جي (لڙائيءَ ۾ قيد ٿي) اوهان جي هٿ ۾ آيون آهن. بي انصافيءَ کان بچڻ لاءِ ائين ڪرڻ بهتر آهي (ان کان جو يتيم چوڪرين سان نڪاح ڪري انهن جي حقن متعلق الله وٽ ڏوهاري ٿيو). (٤) عورتن کي مهر دل جي خوشيءِ سان ڏيئي ڇڏيو (اگرچه اهي يتيم ۽ لاوارث هجن) پر جيڪڏهن هو پاڻ خوشيءِ سان ڪجهه ڇڏي ڏين (نه وٺن) ته پوءِ پلي مزي سان ان کي پنهنجي ڪم آڻيو. (۵) اوهان جو مال متاع جنهن کي الله تعاليٰ اوهان جي لاءِ گذران جو وسيلو بنايو آهي سو بي سمجهه ماڻهن جي حوالي نه ڪري ڇڏيو (متان اجايو برباد ڪري ڇڏين) (يعني ننڍي عمر وارن نادان چوڪرن جي حوالي نه ڪيو) مگر هيئن ڪيو جو هنن جي مال مان هنن کي ڪارايو پيئاريو ۽ لٽو ڪپڙو ڏيو ۽ چگيون ڳالهيون هنن کي سمجهايو (تعليم ۽

تربيت ڏيو). (٦) ۽ يتيمن جي سنيال ڪندي انهن کي آزمائيندا رهو (ته هنن جي سمجھ ڪيتري قدر آهي) جيستائين ڪه هو نڪاح جي عمر کي پهچن، پوءِ جيڪڏهن انهن ۾ قابليت ۽ سڌارو ڏسو ته انهن جو مال سندن حوالي ڪري ڇڏيو ۽ متان وڏا اجايا خرچ ڪري جلد جلد انهن جو مال کائي کپائي ڇڏيو. انهيءَ خيال کان ته وڏا ٿيندا (ته مال موٽائي ونڏندا. اوهان سنياليندڙن مان) جيکو غني يعني آسودو هجي تنهن کي گهرجي ته (هنن جي مال مان پنهنجي لاءِ ڪجھ به خرچ ڪرڻ کان) پرهيز ڪري، پر جيکو مسڪين محتاج هجي سو ان مان ڪجھ پاڻ لاءِ ڪم آڻي، پر انصاف سان مناسب حدن اندر. پوءِ جڏهن هنن جو مال سندن حوالي ڪيو تڏهن ان تي ماڻهن کي شاهد ڪيو ۽ ياد رکو ته الله تعاليٰ چگيءَ طرح پورو حساب ونڈندڙ آهي. (٧) ماڻُ پيءُ ۽ ويجهن مائڻن جي ڇڏيل ملڪيت ۾، ٿوري هجي توڙي گهٽي، چوڪرن جو حصو آهي ۽ اهڙيءَ طرح ماڻُ پيءُ ۽ ويجهن مائڻن جي ترڪي ۾ چوڪرين جو به حصو آهي ۽ اهو حصو (خدا جو) ٺهرايل حصو آهي. (٨) ۽ جڏهن ترڪي جو مال ورهائڻ وقت ٻيا کي مائٽ (جن کي ورثي ۾ ڪجھ به ملڻو ناهي) ۽ (خاندان جا) ۽ يتيم ۽ مسڪين حاضر هجن ته انهن کي به (مال جي گهٽائي يا ٿورائي تي نظر رکي) ڪجھ ٿورو گهڻو ڏيو ۽ (جيڪڏهن راضي نه ٿين ته) هنن کي چڱن وٽندڙ لفظن سان سمجهائي خوش ڪيو. (٩) ۽ ترڪو ورهائيندڙن کي ڊڄڻ گهرجي (ته متان ڪنهن حقدار سان بي انصافي ٿئي) جيڪڏهن هو پاڻ ضعيف اولاد ڇڏي وڃن ته کين انهن بنسبت ڪيڏو نه انديشو رهي. (ساڳيءَ طرح ٻين جي اولاد لاءِ به خيال رکن) تنهن ڪري کين گهرجي ته خدا کان ڊڄن ۽ اهڙا لفظ زبان مان ڪڍن جي مناسبت ۽ وزندار هجن. (١٠) جيڪي ماڻهو بي انصافيءَ سان يتيمن جو مال هڙپ ڪري ٿا وڃن سي (ياد رکن) ته هو پنهنجي پيٽن ۾ باھ جا ٽانڊا وجهي رهيا آهن ۽ جلد ئي هو دوزخ جي سخت ڇيي ڪندڙ باھ ۾ اڇلايا ويندا.

رکوع ٢ آيت ١١ ـ تا ـ ١٤

ترڪي ۾ وارثن جا حصا

(١١) توهان جي اولاد جي باري ۾ الله تعاليٰ اوهان کي حڪم ٿو ڏئي ته چوڪر لاءِ ٻن چوڪرين جي برابر حصو هجي (يعني چوڪر جو حصو چوڪريءَ جي حصي کان ٻيڻو هئڻ گهرجي) پر جيڪڏهن (چوڪر نه هجي) ٻه يا وڌيڪ چوڪريون هجن ته انهن جو حصو ٿيندو ٢/٣ يعني ٽن مان ٻه حصا ۽ فقط هڪ چوڪري هجي ته هن کي ترڪي جو اڌ ملندو. ۽ ميت جي ماڻُ پيءُ مان هر هڪ کي ڇهون حصو ملندو. جيڪڏهن ميت اولاد ڇڏيو هجي. جيڪڏهن اولاد نه ڇڏيو هجيس ۽ وارث فقط ماڻُ پيءُ هجن ته ماڻُ کي ٽيون حصو ملندو (باقي پيءُ کي). جيڪڏهن (ماڻُ پيءُ جي علاوه) ميت هڪ کان وڌيڪ ڀائر يا ڀينر ڇڏي وڃي ته ماڻُ جو حصو ڇهون ٿيندو. پر ياد رکڻ گهرجي ته ميت جيڪا وصيت ڪئي هجي يا جيڪو قرض مٿس رهجي ويو هجي (۽ ڪفن دفن جو خرچ) انهن سيني جي ڏيڻ بعد اهي حصا وارثن کي ورهائي ڏجن. توهان کي خبر ناهي ته توهان جا ماڻُ

پيءُ (ڏاڏو ڏاڏاي) نفع پهچائڻ جي لحاظ کان توهان کي وڌيڪ ويجها آهن يا توهان جو اولاد (۽ پوٽا پوٽيون) وڌيڪ ويجها آهن. (کنهن جو حق وڌيڪ آهي، کنهن جو گهٽ، الله جي حڪمت ئي ان جو فيصلو ڪري ٿي سگهي، تنهن ڪري) الله تعاليٰ حصا مقرر ڪيا آهن ۽ هو (پنهنجي بندن جي مصلحتن کي) ڄاڻڻ وارو ۽ (پنهنجي سڀني حڪمن ۾) حڪمت رکندڙ آهي. (۱۲) جيڪڏهن زال ترڪو ڇڏي وڃي ۽ اولاد نه هجيس تہ مڙس کي ملندو اڌ. پر جيڪڏهن اولاد ڇڏي وڃي تہ مڙس کي چوٿين پتي ملندي، پر اهو ورهاڱو وصيت جي تعميل ۽ قرض ادا ڪرڻ بعد باقي ملڪيت مان ڪيو ويندو ۽ جيڪڏهن مڙس ترڪو ڇڏي وڃي ۽ اولاد نہ ڇڏي تہ زال کي ملندي چوٿين پتي، پر جيڪڏهن اولاد هجيس تہ اٺين پتي ملندس. اهو ورهاڱو (بلڪ سڀ کو ورهاڱو) وصيت جي تعميل ۽ قرض لاهڻ بعد ڪيو ويندو ۽ جيڪڏهن کو مرد يا عورت ترڪو ڇڏي وڃي ۽ ڪلالہ هجي (يعني نڪي پيءُ ماءُ، ڏاڏو ڏاڏاي، نانو نائي هجيس، نڪي اولاد يا اولاد جو اولاد هجيس) ۽ (مائيتو) ڀاءُ يا ڀيڻ هجيس تہ ڪيس ڇهون حصو ملندو، پر جيڪڏهن (ڀائر ۽ ڀينر) هڪ کان وڌيڪ هجن تہ اهي ٽيون حصو پاڻ ۾ ورهائي ڪڍندا. (باقي ۾ حصا ڀين ڏي ويندا سڳا ڀائر ڀينر يا ساڻئي پيءُ جا اولاد موجود هوندا تہ مائيتي ڀائرن ۽ ڀينرن کي ڪجھ نہ ملندو) پر اهو ورهاڱو وصيت جي تعميل ۽ قرض ادا ڪرڻ بعد ڪرڻو آهي، بشرطيڪ حقدارن کي نامناسب طور نقصان نہ پهچي. هي الله جي طرفان حڪم آهي ۽ الله تعاليٰ چڱي طرح ڄاڻندڙ آهي (تہ سندس بندن جي ڇگائي ڇا ۾ آهي) ۽ (انهن جي غلطين جي باري ۾) ڏاڍو بردبار آهي. (۱۳) (ياد رکو تہ) هي الله تعاليٰ جون (ٺهرايل) حدون آهن. پوءِ جيڪو به الله ۽ سندس رسول جي فرمانبرداري ڪندو تنهن کي الله تعاليٰ اهڙن ٻاغن (جنت) ۾ داخل ڪندو جن جي هيٺان نهرون وهي رهيون آهن هو انهيءَ (نعمتن واري حالت) ۾ هميشہ رهندا ۽ اها تمام وڏي ڪاميابي آهي. (۱٤) پر جيڪو الله ۽ سندس رسول جي نافرماني ڪري ٿو ۽ سندس ٺهرايل حدن کان ٻاهر ٿو وڃي تنهن کي ٻاهہ جي عذاب ۾ وجهندو ۽ هميشہ ان حالت ۾ رهندو ۽ هن جي لاءِ ذليل ۽ خوار ڪندڙ عذاب هوندو.

رکوع ۳ آيت ۱۵ ـ تا ـ ۲۲

عورتن سان ڪهڙي هلت ڪجي ۽ نڪاح ڪنهن سان جائز آهي.

(۱۵) جيڪي عورتون فاحش ڪم ڪن تن بنسبت پنهنجي ماڻهن مان مٿن چئن جي شاهدي وٺو. جيڪڏهن (چار شاهد) شاهدي ڏين تہ پوءِ اهڙين عورتن کي گهرن ۾ بند رکو، جيستائين مٿن موت اچي وڃي يا الله تعاليٰ انهن جي لاءِ ڪا ٻي راهہ پيدا ڪري. (۱٦) ۽ جيڪي ٻہ مرد توهان مان بدچالي جو گناهہ ڪن تن کي ايتري مار ڏيو جو ايذاءُ اچين، پوءِ جيڪڏهن هو ٻئي توبہ ڪن ۽ پاڻ سڌارين تہ هنن کي ڇڏي ڏيو. بيشڪ الله تعاليٰ توبہ قبول ڪندڙ ۽ رحمت وارو آهي. (۱۷) الله تعاليٰ فقط انهن جي توبہ قبول ٿو ڪري جيڪو برائي جو ڪم نادني ۽ ٻي خبريءَ ۾ ڪري ٿا ويهن ۽ پوءِ هڪدم (پشيمان ٿي ارمان ڪن ٿا ۽) توبہ ڪن ٿا، بيشڪ اهي ئي ماڻهو آهن جن

ڏانهن الله تعاليٰ (پنهنجي رحمت سان) موڻي ٿو٘ يقيناً هو سڀ ڪجهہ ڄاڻندڙ ۽ وڏي حڪمت ڪندڙ آهي. (۱۸) پر انهن ماڻهن جي توبہ (سچي توبہ) ناهي جي سڄي عمر بڇڙايون ڪندا رهن جيستائين انهن مان ڪنهن جي مٿان موت اچي بيهي ۽ پوءِ چوي تہ هاڻي مون توبہ ڪئي. اهڙيءَ طرح انهن ماڻهن جي توبہ بہ ڪم جي ناهي جي ڪفر جي حالت ۾ مرن ٿا. انهن سڀني ماڻهن لاءِ (يعني گناهہ ڪندڙ مسلمانن توڙي ڪافرن لاءِ) اسان دردناڪ عذاب تيار ڪيو آهي. (۱۹) مؤمنؤ! توهان جي لاءِ هيءَ ڳالهہ جائز ناهي تہ عورتن کي (فوتيءَ جي) ميراث سمجهي (فوتيءَ جي مال سان گڏ) انهن تي زور سان قبضو ڪيو. نڪي اوهان کي ائين ڪرڻ گهرجي جو جيڪو (مهر يا مال متاع) انهن کي ڏنو هجيو ان مان ڪجهہ کانئن وٺڻ لاءِ مٿن سختي ڪيو ۽ انهن کي روڪي ويهاريو. سواءِ ان حالت جي جڏهن هو ظاهر ظهور فاحش ڪم ڪندڙ هجن ۽ هنن سان گڏ گذارڻ ۾ انصاف ۽ مهرباني جي هلت ڪيو، پر جيڪڏهن توهان کي هو ناپسند هجن (تہ بگڙجي نہ وڃو) ممڪن آهي تہ توهان ڪنهن ڳالهہ کي ناپسند ڪا ڪريو، پر الله تعاليٰ ان ۾ اوهان جي لاءِ وڏي چڱائي رکي هجي. (۲۰) ۽ جيڪڏهن توهان ارادو ڪيو تہ هڪڙيءَ زال کي ڇڏي ٻي آڻيو ۽ جيڪڏهن پهرئين زال کي سون ۽ چاندي جو ڍير (مهر ۾) ڏنو هجيو تڏهن بہ ائين ڪرڻ نہ گهرجي جو هن کان ان مان ڪجهہ واپس وٺو، ڇا توهان بهتان لڳائي ۽ ظاهر ظهور ظلم ڪري مال کسي وٺندؤ؟ (۲۱) ۽ ڪيئن مال کسي وٺندؤ، جڏهن تہ زال مڙس ڏي رهيا آهيو ۽ اوهان جي زالن نڪاح جي وقت (پنهنجي حقن جو) عهد اقرار اوهان کان ورتي ڇڏيو آهي. (۲۲) ۽ انهن عورتن کي پنهنجي نڪاح ۾ نہ آڻيو جن کي توهان جي والد نڪاح ۾ آندو هو (عرب اڳي ائين ڪندا هئا) هن کان اڳي جو ڪجهہ ڏي چڪو سو ڏي چڪو. (ائنده لاءِ ياد رکو تہ) اهو وڏو فاحش ڪم هو، نفرت جهڙو ڪم هو ۽ ڪنو بڇڙو دستور هو.

رکوع ٤ آيت ۲۳ ـ تا ـ ۲۵

جن عورتن سان نڪاح حرام آهي، جن سان جائز آهي

(۲۳) هنن عورتن سان نڪاح ڪرڻ اوهان لاءِ حرام ٺهرايو ويو آهي، اوهان جون مائر، اوهان جون ڌيئر، اوهان جون ڀينر، اوهان جون ڦڦيون، اوهان جون ماسيون، اوهان جون ڀائٽيون، اوهان جون ڀاڻيجيون، اوهان کي ٽڇ پيارڻ واريون مائرون، ٽڇ واريون ڀينر، توهان جي زالن جون مائر، توهان جي زالن جي اڳين مڙسن جون ڌيئر جي توهان جي سنڀال هيٺ آيون آهن، جيڪڏهن توهان پنهنجي زالن سان همبستر ڏي چڪا آهيو، پر جيڪڏهن (نڪاح جو عقد ٽٽل آهي پر) زالن سان اڃا همبستر نہ ٿيا آهيو، ۽ (انهن کي طلاق ڏيئي) انهن جي ڌيئرن کي نڪاح ۾ آڻيو تہ اوهان تي گناهہ ڪونهي، توهان جي حقيقي پٽن جون زالون (بہ اوهان کي حرام آهن) ۽ (ٻہ هي ڳالهہ بہ حرام ڪيل آهي تہ هڪ ئي وقت ۾) ٻن ڀينرن کي نڪاح ۾ آڻيو. (هن حڪم جي نازل ٿيڻ کان) اڳي جيڪي ٿيو سو ٿيو، الله تعاليٰ بيشڪ بخشيندڙ ۽ رحمت وارو آهي.

حصو پنجون

(٢٤) ۽ اهي عورتون ب (اوهان تي حرام آهن) جيڪي ٻين جي نڪاح ۾ هجن سواءِ انهن جي جيڪي (لڙائيءَ ۾ قيد ٿي) اوهان جي قبضي ۾ آيون هجن (چو ت انهن جي اڳئين نڪاح متعلق تحقيقات ڪري نه ٿي سگهجي). هي الله جي طرف کان توهان جي لاءِ قانون مقرر ڪيو ويو آهي، جن عورتن جو مٿي ذڪر ڪيو ويو تن کي ڇڏي ٻيون سڀ عورتون توهان جي لاءِ حلال ڪيون ويون آهن. بشرطيڪ پاڪدامن رهڻ لاءِ نه شهوت پرستيءَ لاءِ. مهر وغيره ڏيئي (انهن سان نڪاح ڪيو) پوءِ جن عورتن سان توهان نڪاح جو فائدو ورتو آهي تن کي مقرر ڪيل مهر ڏئي ڇڏيو. ۽ مهر مقرر ڪرڻ بعد جيڪڏهن هڪ ٻئي جي رضامندي سان ڪا ڳالهه ٺهرايو (يعني زال مهر مان ڪجهه معاف ڪري ڇڏي) ت پوءِ اڻين ڪري سگهو ٿا. ان لاءِ توهان تي ڏوهه ڪونه رکيو ويندو. بيشڪ الله تعاليٰ سڀ ڪجهه ڄاڻندڙ ۽ وڏي حڪمت وارو آهي. (٢٥) ۽ جيڪڏهن اوهان مان ڪنهن کي اها طاقت نه هجي جو آزاد مؤمن عورتن سان نڪاح ڪري سگهي ت پوءِ انهن عورتن سان نڪاح ڪري سگهي ٿو، جيڪي (لڙائيءَ ۾ قيد ٿي) توهان جي قبضي ۾ آيون هجن ۽ مؤمن هجن. (غلام عورت سان نڪاح ڪرڻ ۾ ڪوبه عيب يا گهٽتائي ڪانهي. اصل ڳالهه آهي ايمان) سو الله تعاليٰ اوهان جي ايمان جي حقيقت بهتر ڄاڻندڙ آهي (ممڪن آهي ت هڪ مؤمن ٻانهي ايمان جي لحاظ کان بهتر درجو رکندڙ هجي، هڪ شريف زادي کان جا ايماني خصلتن کان محروم هجي) ۽ توهان سڀ هڪ ٻئي سان هڪ جنس آهيو. (ٻانها ۽ ٻانهيون ب ٻين وانگر انسان آهن) پوءِ ٻلي اهڙين غلام عورتن کي انهن جي مالڪن جي اجازت سان پنهنجي نڪاح ۾ آڻيو ۽ دستور موجب انهن کي مهر ڏيو. هيءَ ڳالهه ضروري آهي ت اهي (ٻانهيون) نڪاح جي قيد اندر پاڪ دامن ٿي رهن، بدڪار نه ٿين نه ڪي لڪي ڇپي بدچالي ڪندڙ هجن. پوءِ جيڪڏهن نڪاح ۾ اچڻ بعد انهن مان ڪا فاحش ڪم ڪري ت هن لاءِ انهيءَ سزا جو اڌ آهي جا آزاد عورتن لاءِ مقرر آهي. هي حڪم انهن ماڻهن لاءِ آهي جن کي اندیشو هجي ت (نڪاح نه ڪرڻ جي ڪري) نقصان يا گناهن ۾ پئجي ويندا. ۽ جيڪڏهن توهان صبر ڪيو (۽ بهتر حالتن لاءِ ترسو) ت توهان جي لاءِ بهتر آهي ۽ الله تعاليٰ بخشيندڙ ۽ رحم وارو آهي.

رڪوع ۵ ت آي ٢٦ ـ تا ـ ٣٣

الله تعاليٰ چاهي ٿو ت توهان ڏانهن پنهنجي رحمت جي موٽ ڪري ۽ سختين ۽ رڪاوٽن جي بدران اوهان جي لاءِ هلڪائي ۽ آساني ڪئي وڃي.

(٢٦) الله تعاليٰ چاهي ٿو ت توهان کي انهن (ڪامياب) ماڻهن جا طريقا چٽا ڪري ٻڌائي جي اڳي ٿي گذريا آهن، ۽ انهن جي طريقن تي توهان کي ب هلائي ۽ پٽ اوهان ڏانهن پنهنجي رحمت سان

موتي ۽ الله تعاليٰ (توهان جي مصلحتن جو) ڄاڻندڙ ۽ (پنهنجي سڀني حڪمن ۾) حڪمت رکندڙ آهي. (۲۷) ۽ الله تعاليٰ ته چاهي ٿو ته توهان ڏانهن (پنهنجي رحمت جي) موٽ ڪري (۽ توهان انهن گناهن کان تائب ٿيو جن ۾ گرفتار هئو) پر جيڪي ماڻهو پنهنجي نفساني خواهشن جي پوئتون لڳي پيا آهن، سي چاهين ٿا ته توهان حق جي راهه کان هٽي تمام پري هليا وڃو. (۲۸) الله تعاليٰ چاهي ٿو ته (سختين ۽ رڪاوٽن جي بدران) اوهان جي لاءِ هلڪائي ۽ آساني ڪئي وڃي، ڇو ته (هي حقيقت آهي ته) انسان (طبيعت ۾) ڪمزور خلقيو ويو آهي. (۲۹) مؤمنؤ! هڪ ٻئي جو مال پاڻ ۾ ناحق (ناجائز طور بيهودين ڳالهين ۾) نه کائي ڪپائي ڇڏيو، پر جيڪڏهن گڏيل ڏنڊو واپار هجي ته پوءِ هڪ ٻئي جي رضامنديءَ سان (مناسب طور) کائي سگهو ٿا. متان پنهنجي جانين کي برباد ڪري ڇڏيو. الله تعاليٰ توهان تي رحم ڪندڙ آهي. (۳۰) ۽ جيڪو دشمني ۽ ظلم سان ائين ڪندو تنهن کي اسان جلد دوزخ جي باهه ۾ وجهنداسين ۽ الله جي واسطي اها ڳالهه بلڪل سولي آهي. (۳۱) ۽ جن ڪبيرن گناهن کان توهان کي منع ڪئي ويئي آهي تن کان جيڪڏهن توهان پاڻ کي بچائيندؤ ته (اسان جي فضل ۽ رحمت جو قانون هي آهي ته) اسان توهان جي ننڍين اوڻاين ۽ غلطين جا اثر توهان مان ميساري ڇڏينداسين ۽ توهان کي عزت (۽ نيڪيءَ) جي درجي تي پهچائينداسين. (۳۲) الله تعاليٰ توهان مان ڪن کي وڌيڪ رزق (۽ ٻيو ڪجهه) ڏنو آهي. پوءِ ان بابت ريس يا لالچ يا حسد نه رکو (خصوصاً جيئن) مرد کي پنهنجي عملن ۽ ڪمائي جي ڦل تي حق ۽ حصو آهي (تيئن) عورت کي به پنهنجي عملن ۽ ڪمائي جي ڦل تي حق ۽ حصو آهي. (هڪ ٻئي سان ريس ۽ ساڙ نه ڪيو، نڪي هڪ ٻئي ۾ لالچ رکو بلڪ) خدا کان سندس فضل ۽ نعمتون گهرو. بيشڪ الله تعاليٰ هر شيءِ جو علم رکندڙ آهي. (۳۳) ۽ (ڏسو) جيڪو ترڪو ماڻُ پيءُ ۽ مائٽ ڇڏي وڃن تنهن ۾ هر هڪ جي لاءِ اسان حقدار وارث ٺهرائي ڇڏيا آهن ۽ پڻ جن عورتن سان توهان جو عهد اقرار (نڪاح) ٿيل آهي، (تن جو به اسان حصو ٺهرائي ڇڏيو آهي) تنهن ڪري انهن جو حصو انهن کي ڏيئي ڇڏيو ۽ ياد رکو ته الله تعاليٰ هر جاءِ حاضر ناظر آهي (۽ ڪائنس ڪابه شيءِ لڪل ناهي).

رڪوع ٦ آيت ٣٤ ـ تا ـ ٤٢

نيڪ زالن جو فرض، زالن سان انصاف ڪرڻ ۽ نباهڻ.

(۳٤) مرد عورتن (جي گذران ۽ حفاظت) لاءِ بندوبست ڪرڻ وارا آهن، هن ڪري جو الله تعاليٰ ڪن کي ڪن کان (ڪن ڳالهين ۾ مثلاً طاقت ۾) بهتر ڪيو آهي ۽ پڻ هن ڪري جو مرد پنهنجو مال (عورتن تي) خرچ ڪن ٿا. پوءِ جيڪي عورتون نيڪ آهن، سي (الله جون) فرمانبردار رهن ٿيون ۽ جيئن الله تعاليٰ کين حفاظت ۾ رکيو آهي، تيئن پاڻ به (ظاهر توڙي باطن ۾) غيب ۾ به (خدائي قانونن جي) حفاظت ڪنديون رهن ٿيون. ۽ جن زالن کان توهان کي بغاوت جو انديشو هجي تن

کي (پهريائين نرمي ۽ محبت سان) سمجهايو پوءِ کين خواب گاهه ۾ پاڻ کان الڳ رکو (پوءِ به نه مڃن ۽ کين (کجهه قدر) بدني سزا ب ڏيو. پوءِ جيڪڏهن توهان جو چوڻ مڃن ته (سختي بند کيو) ۽ ائين نه کيو جو (متن الزام رکڻ لاءِ) واٽون ۽ حيلا ٻهانا ڳوليو. ياد رکو ته الله تعاليٰ سيني کان اعليٰ ۽ سيني کان وڏو آهي. (۳۵) ۽ جيڪڏهن اوهان کي انديشو ٿئي ته زال مڙس پاڻ ۾ ڦٽي پوندا ته پوءِ هڪڙو امين مڙس جي مائٽن مان ۽ هڪڙو امين زال جي مائٽن مان مقرر کيو جيڪڏهن ٻئي امين (دل سان) چاهيندا ته صلح ڪرائي ڇڏيون ته الله تعاليٰ ضرور زال مڙس جي وچ ۾ موافقت پيدا ڪري ڇڏيندو. بيشڪ الله تعاليٰ سڀ ڪجهه ڄاڻندڙ ۽ سڀ ڪنهن ب شيءِ کي ساڻس شريڪ نه ڪيو ۽ اوهان کي گهرجي ته ماءُ پيءُ سان، مائٽن سان، يتيمن ۽ مسڪينن سان، پاڙيسرين سان، اهي پاڙيسري مائٽ هجن توڙي ڌاربا هجن، (مسافريءَ ۾ يا هونئن) ۽ پرسان ويٺل سنگتين سان، مسافرن سان ۽ انهن سان جي توهان جي قبضي يا زيردستيءَ ۾ آهن، انهن سيني سان احسان (خير خواهي ۽ مددگاري) ڪندا رهو. الله تعاليٰ انهن ماڻهن کي پسند نٿو ڪري جيڪي آڪڙيل ۽ پٽاکي آهن. (۳۷) جيڪي پاڻ ب ڪنجوسائي ٿا .ڪن ۽ ٻين کي ب ڪنجوسائي ڪرڻ جو حڪم ٿا ڏين ۽ جيڪي الله تعاليٰ پنهنجي فضل سان کين ڏنو آهي سو لڪائي ٿا رکن (ياد رکو) ته انهن بي شڪري ڪندڙن لاءِ اسان خوار خراب ڪندڙ عذاب تيار رکيو آهي. (۳۸) ۽ (انهن ماڻهن کي ب الله تعاليٰ پسند نٿو ڪري) جيڪي رڳو ماڻهن کي ڏيکارڻ لاءِ (نالي ماتر ناموس لاءِ) مال خرچ ڪن ٿا، اهي حقيقت ۾ الله ۽ آخرت جي ڏينهن تي ايمان ڪونه ٿا رکن. (الله تي ايمان هجين ته ماڻهن کي ڏيکارڻ لاءِ مال ڇو لٽائين). سو جنهن جو سنگتي شيطان آهي تنهن جو اهو ساٿي ڪهڙو نه خراب آهي. (۳۹) ۽ انهن ماڻهن کي ڪهڙو نقصان ٿئي ها جيڪڏهن هو الله ۽ آخرت جي ڏينهن تي ايمان رکن ها ۽ جيڪي خدا هنن کي ڏنو آهي ان کي (سندس راهه ۾) خرچ ڪن ها؟ الله تعاليٰ سندن حالت چگيءَ طرح ڄاڻي ٿو. (٤٠) يقيناً الله تعاليٰ (عملن جي بدلي ڏيڻ ۾) هڪ ذرو ب ڪنهن تي ظلم نٿو ڪري، جيڪڏهن ڪنهن هڪ رتيءَ جيتري ب نيڪي ڪئي آهي ته الله تعاليٰ ان کي ٻيٽو ڪندو ۽ وڏيڪ پنهنجي طرفان اهڙو بدلو ب ڏيندو جو تمام وڏو بدلو هوندو. (٤١) ۽ پوءِ (اي پيغمبر!) ڪهڙو حال ٿيندو انهيءَ (قيامت جي) ڏينهن جڏهن اسان هرهڪ امت مان هڪڙو شاهد ڪنداسين (يعني ان امت جي پيغمبر کي آڻيندا سين جيڪو پنهنجي امت جي عملن بابت شاهدي ڏيندو) ۽ اسان توکي هنن ماڻهن جي مٿان شاهدي ڏيڻ لاءِ آڻيندا سين. (٤٢) انهيءَ ڏينهن جن ماڻهن ڪفر جي وات ورتي آهي ۽ (الله جي) رسول جي حڪمن جي نافرماني ڪن ٿا سي(ارمان ۽ پشيمانيءَ ۾) خواهش ڪندا ته مٽيءَ سان ملي هڪ ٿي وڃن، پر (ائين ٿي ڪين سگهندو) هو انهيءَ ڏينهن الله تعاليٰ کان ڪابه ڳالهه لڪائي نه سگهندا.

رکوع ۷ آيت ۴۳ ـ تا ـ ۵۰

نماز ۽ نشو، عمل ۽ تيمم، يهودين جو ڪفر ۽ شرارتون، شرڪ. مؤمنن لاءِ انعام، عدل ۽ انصاف ڪرڻ جو حڪم

(۴۳) مؤمنؤ! نشي جي حالت ۾ نماز جو ارادو نہ ڪيو. (تڏهن نماز پڙهو جڏهن) جيڪي زبان سان (نماز ۾) چئو، سو چگيءَ طرح سمجهو ۽ جنهن کي تڙ پيل هجي سو به جيستائين غسل نہ ڪري تيستائين نماز جو ارادو نہ ڪري. وات ويندڙ مسافر هجي (۽ پاڻي نہ مليس تہ تيمم ڪري) نماز پڙهي سگهي ٿو ۽ جيڪڏهن توهان بيمار هجو يا سفر ۾ هجو يا توهان مان کو پائخاني مان فارغ ٿي نڪري يا توهان عورت سان همبستر ٿيا هجو ۽ (وضو ۽ غسل جي لاءِ) پاڻي نہ ملي تہ پاڪ زمين کان ڪم وٺو (زمين تي هٿ لڳائي) منهن ۽ هٿن جي مٿان گهمايو. بيشڪ الله تعاليٰ معاف ڪندڙ ۽ بخشيندڙ آهي. (۴۴) ڇا توهان انهن ماڻهن جي حالت نہ ڏٺي جن کي الله جي ڪتاب (جي علم مان) ڪجهہ حصو ڏنو ويو هو؟ ڪيئن هو (هدايت وڪٽي) گمراهي خريد ڪري رهيا آهن ۽ چاهين ٿا تہ توهان به سڌي راهہ ڇڏي گمراهہ ٿي وڃو. (۴۵) ۽ الله تعاليٰ اوهان جي دشمنن کي چگيءَ طرح ڄاڻي ٿو (توهان جي لاءِ) الله جي دوستي ۽ مددگاري ڪافي آهي. (۴۶) (اي پيغمبر!) يهودين مان ڪي اهڙا آهن جيڪي لفظن کي انهن جي اصلي جاءِ تان ڦيرائي ڇڏين ٿا ۽ (جڏهن توهان سان ملن ٿا تڏهن) حق جي دين تي طعنہ زني ۽ بدنامي ڪرڻ جي خيال سان زبان کي وٽ ڏيئي لفظ کي بگاڙي ڇڏين ٿا. (مثلاً) چون ٿا سَمِعنا وَ عَصَينا ۽ اِسمَع غير مُسمَع ۽ راعنا. جيڪڏهن اهي ماڻهو (شرارت ڇڏي) سمعنا و اطعنا ۽ اسمع ۽ انْظُرنا چون ها تہ هنن لاءِ چگو ٿئي ها ۽ صحيح حقيقت کي پهچن ها. پر سندن ڪفر سببان مٿن الله تعاليٰ جي لعنت پئجي ويئي، سو ڪن ٿورن کان سواءِ ٻيا سڀ ايمان کان محروم آهن. (۴۷) اي اهل ڪتاب! جيڪو ڪتاب اسان (حضرت محمد ﷺ تي) نازل ڪيو آهي ۽ جو انهيءَ ڪتاب (تورات) جي تصديق ٿو ڪري جيڪو توهان وٽ موجود آهي، ان تي ايمان آڻيو. انهيءَ وقت کان اڳي (ايمان آڻيو) جڏهن اسان ماڻهن جي چهري جي شڪل مٽائي پٺيءَ جي پاسي ڦيرائي ڇڏينداسين (يعني کين ذليل ۽ خوار ڪنداسين) يا مٿن اهڙي لعنت وجهنداسين جهڙي سبت وارن تي وڌي هئي سين ۽ (ياد رکو تہ) الله تعاليٰ جيڪو فيصلو ڪري ڇڏيو آهي اهو ضرور ائين عمل ۾ ايندو. (۴۸) الله تعاليٰ هي ڳالهہ هرگز نہ بخشيندو تہ ساڻس ڪنهن ٻيءَ هستيءَ کي شريڪ ڪيو وڃي. (جيئن يهودي ۽ نصاريٰ پوپ، پادرين ۽ راهبن جي فرمانبرداريءَ ۾ هر حڪم جي تعميل ڪندا هئا ۽ کين خدا سان شريڪ ڪندا هئا). پر ان کان سواءِ ٻيا گناهہ جيڪڏهن چاهي تہ بخشي ڇڏي. جيڪو الله سان ڪنهن کي شريڪ ڪري ٿو، اهو وڏو گناهہ ڪري ٿو ۽ خدا تي جڙتو کوڙ هٽي ٿو. (۴۹) (اي پيغمبر!) ڇا تو انهن ماڻهن جي حالت تي نظر نہ ڪئي جيڪي پنهنجي پاڪائيءَ تي وڏو فخر ڪن ٿا (اهل ڪتاب چون ٿا تہ آخرت جو چوٽڪارو فقط اسان جي لاءِ آهي، حالانڪ پاڪائي جو مدار نيڪ عملن

تي آهي نہ يهودي يا عيسائي سڏائڻ تي) هي الله تعاليٰ جي هٿ ۾ آهي تہ جنهن کي چاهي تنهن کي (براين کان) پاڪ ڪري ۽ هو (عملن جي بدلي ڏيڻ ۾) تر جيتري بہ ڪنهن سان بي انصافي نٿو ڪري. (۵۰) ڏس تہ هي ماڻهو ڪيئن نہ الله تعاليٰ تي ظاهر ظهور ڪوڙو بهتان هڻن ٿا (تہ پاڪائي ۽ چوٽڪاري جو مدار يهودين جي جماعت ۾ اچڻ تي آهي.) هنن جي ظاهر ظهور گنهگار هڻڻ لاءِ هيءَ هڪ ئي ڳالهہ ڪافي ثابتي آهي.

رڪوع ۸ آيت ۵۱ ـ تا ـ ۵۹

عدل ۽ انصاف ڪرڻ جو حڪم. الله ۽ سندس رسول جي حڪمن موجب فيصلا ڪرڻ

(۵۱) (اي پيغمبر!) ڇا تون انهن ماڻهن جو حال نٿو ڏسين جن کي الله جي ڪتاب (جي علم مان) ڪجهہ حصو ڏنو ويو هو. (ڪيئن نہ) هو بتن ۽ شيطاني قوتن جا معتقد ٿي ويا آهن ۽ ڪافرن (بت پرست عربن) جي باري ۾ چون ٿا تہ اهي (بت پرست) هنن مؤمنن کان زياده سڌيءَ واٽ تي هلندڙ آهن. (۵۲) (يقين ڪيو تہ) اهي ئي ماڻهو آهن جن تي الله جي لعنت پئي ۽ جنهن تي بہ الله جي لعنت پئي تنهن لاءِ ڪوبہ مددگار نہ ڏسندؤ. (۵۳) ڇا انهن جي قبضي ۾ طاقت ۽ بادشاهيءَ جو ڪجهہ حصو اچي ويو آهي؟ جو هاڻي چاهين ٿا تہ ماڻهن کي ڪوڏي بہ نہ ڏيون. (۵۴) يا وري الله تعاليٰ پنهنجي فضل سان ماڻهن کي جيڪي عطا ڪيو آهي تنهن تي هنن کي حسد ٿو ٿئي ڇا؟ (هو نٿا چاهين تہ جنهن نعمت يعني هدايت کان پاڻ محروم ٿي چڪا آهن، سا نعمت ٻين کي ملي) جي ائين آهي تہ (هنن کي هن ڳالهہ کان بي خبر نہ هڻڻ گهرجي تہ) اسان حضرت ابراهيم جي خاندان کي ڪتاب ۽ حڪمت ڏني هئي ۽ ان سان گڏ وڏي سلطنت بہ ڏني هئي. (۵۵) پوءِ انهن مان ڪن ان ڳالهہ تي ايمان آندو ۽ ڪن ان کان منهن موڙي ڇڏيو ۽ (جنهن منهن موڙيو تنهن جي لاءِ) دوزخ جي ساڙيندڙ باهہ ڪافي آهي. (۵۶) (ياد رکي تہ) جن ماڻهن اسان جي آيتن کان انڪار ڪيو (يعني انهن کي ڪوڙو ڏهرايو ۽ شرارتن سان مقابلو ڪيو) تن کي اسان جلد (قيامت جي ڏينهن) دوزخ جي باهہ ۾ ڏڪي وجهنداسين. جڏهن جڏهن هنن جي هڪڙي کل سڙي ويندي تڏهن ان جي بدران ٻي کل پيدا ڪنداسين، انهيءَ لاءِ تہ عذاب جو مزو چکيءَ طرح چکي وڃن. بيشڪ الله تعاليٰ سيني تي غالب آهي (۽ جيڪي ڪري ٿو سو) حڪمت سان ڪري ٿو. (۵۷) ۽ جيڪي ماڻهو (اسان جي آيتن تي ايمان آڻين ٿا ۽ ڪم بہ چڱا ڪن ٿا تن کي (خوشين جي) اهڙن باغن ۾ داخل ڪنداسين جن جي هيٺان نهرون وهنديون هونديون. اهي انهن باغن ۾ هميشہ رهندا. انهن ۾ سندن سنگت لاءِ پاڪ زالون هونديون ۽ پڻ اسان کين (پنهنجي رحمت جي) وڏي ۽ چڱيءَ ڇانو ۾ رهائينداسين. (۵۸) مؤمنؤ! خدا توهان کي حڪم ٿو ڪري تہ جيڪا جنهن جي امانت هجي سا ان جي حوالي ڪندا ڪريو ۽ جڏهن ماڻهن جي وچ ۾ فيصلا ڪريو تڏهن عدل ۽ انصاف سان فيصلا ڪريو. خدا توهان کي ڪهڙي نہ چڱي نصيحت ٿو ڏئي، بيشڪ هو سڀ ڪجهہ

پڌندڙ ۽ ڏسندڙ آهي. (۵۹) مؤمنؤ! الله جي فرمانبرداري ڪيو، الله جي رسول جي فرمانبرداري ڪيو ۽ (انهن ماڻهن جي فرمانبرداري ڪيو) جيڪي اوهان ۾ حاڪم ۽ اختيار رکندڙ هجن، پوءِ جيڪڏهن ڪنهن ڳالهه بابت اختلاف ۽ جهڳڙو ڪيو تہ الله ۽ رسول ڏي رجوع ڪريو (۽ جيڪو فيصلو اتان ملي ان کي قبول ڪري ان جي تعميل ڪريو) جيڪڏهن توهان سچ پچ الله ۽ آخرت جي ڏينهن تي ايمان ٿا رکو (تہ ضرور ائين ڪيو) انهيءَ ۾ توهان جي لاءِ وڏي چڱائي آهي ۽ (ان جي پڇاڙي چڱي آهي) ۽ ان مان نتيجو تمام سهڻو نڪري ٿو.

رکوع ۹ آيت ۶۰ ـ تا ـ ۷۰

منافقن جي حالت. سچو ايمان آهي الله ۽ رسول جي حڪمن جي سچيءَ دل سان پيروي ڪرڻ

(۶۰) ۽ (اي پيغمبر!) تو انهن ماڻهن (منافقن) جي حالت تي نظر نہ ڪئي ڇا، جن جي دعويٰ هيءَ آهي تہ جيڪي تو تي نازل ٿيو آهي ۽ جيڪي تو کان اڳي نازل ٿيو آهي تنهن تي هو ايمان رکن ٿا پر (سندن عملن جو حال هي آهي جو) هو چاهين ٿا تہ پنهنجا تڪرار ۽ معاملا هڪ شرير ۽ سرڪش (انسان) وٽ (فيصلي لاءِ) ڪٽي وڃن. اگرچہ هنن کي حڪم ڪيو ويو آهي تہ هن (شيطان) کان انڪار ڪن (۽ فقط الله ۽ سندس رسول جي پيروي ڪن) حقيقت هي آهي تہ شيطان چاهي ٿو تہ هنن کي اهڙو گمراهہ ڪري جو سنئين راهہ کان بلڪل پري وڃي پون. (۶۱) ۽ (اي پيغمبر!) جڏهن انهن ماڻهن کي الله جي حڪم جي طرف جو هن نازل ڪيو آهي ۽ رسول جي طرف (جنهن جي فرمانبرداريءَ جو حڪم ڪيو ويو آهي) سڏيو وڃي ٿو تڏهن تون منافقن کي ڏسين ٿو تہ تو کان منهن موڙين ٿا (۽ هنن جا قدم رکجي وڃن ٿا.) (۶۲) پوءِ جيڪڏهن سندن ٿي بدعملن سبب هنن تي ڪا مصيبت اچي ڪڙڪي تہ ان وقت انهن ماڻهن جو ڪهڙو حال ٿيندو؟ انهيءَ وقت هو تو وٽ اچي خدا جو قسم کڻندا ۽ چوندا تہ (اسان کي تنهنجي فيصلي مڃڻ کان انڪار ڪونهي) اسان جيڪي ڪيو تنهن جو مقصد فقط چڱائي هو ۽ هي ٻہ مقصد هو تہ پاڻ ۾ ٻڌي ۽ ميلاپ قائم ٿئي. (۶۳) (اي پيغمبر!) هي اهي ماڻهو آهن جن بابت الله تعالیٰ چگيءَ طرح ڄاڻي ٿو تہ سندن دلين ۾ ڇا لکل آهي، تنهن ڪري تو کي گهرجي تہ هنن جي (شرارتن کان) پاسو ڪر ۽ ڪين نصيحت ڪندو رهہ ۽ انهن کي سمجهاڻيءَ لاءِ اهڙيون ڳالهيون ٻڌاءِ جو هنن جي دلين تي چگو اثر پوي. (۶۴) ۽ (اي پيغمبر! نہ رڳو تو کي پر) جنهن کي ٻہ اسان دنيا ۾ رسول ڪري موڪليو، سو هن لاءِ تہ اسان جي حڪم سان سندس فرمانبرداري ڪئي وڃي. ۽ جڏهن هنن ماڻهن (تنهنجي نافرماني ڪري) پاڻ تي پاڻ ظلم ڪيو ۽ نقصان پهچايو تڏهن جيڪر تو وٽ اچن ها ۽ خدا کان معافي گهرن ها ۽ پڻ خدا جو رسول هنن جي معافيءَ لاءِ خدا کان دعا گهري ها تہ هي ماڻهو ڏسن ها تہ خدا بيشڪ توبہ قبول ڪندڙ ۽ رحم وارو آهي. (۶۵) (اي پيغمبر!) تنهنجو پروردگار هن ڳالهہ تي شاهد آهي تہ اهي ماڻهو ڪڏهن بہ مؤمن ٿي نہ سگهندا جيستائين ڪہ تو کي پنهنجن جهيڑن ۽

معاملن ۾ حاڪم ۽ منصف ڪن (پڙ هنن جي دلين جي حالت ۾ اهڙي ٿئي جو) جيڪو فيصلو تون ڪرين ان جي خلاف هنن جي دلين ۾ ڪو ڪڪو پيدا نہ ٿئي ۽ اهڙيءَ طرح مڃن جنهن کي پورو پورو مڃڻ چئي سگهجي. (٦٦) ۽ جيڪڏهن اسان انهن ماڻهن کي حڪم ڏيون ها ته پاڻ کي قتل ڪيو (يعني لڙائيءَ ۾ شريڪ ٿي جانيون قربان ڪيو) يا حڪم ڏيون ها ته پنهنجي گهرن مان (هجرت ڪري) ٻاهر نڪري پئو ته، ڪن ٿورن کان سواءِ ٻيا ان حڪم جي تعميل ڪونہ ڪن ها، ۽ (سچ هي آهي ته) جنهن ڳالهہ جي ڪين نصيحت ڪئي وڃي ٿي ان تي جيڪڏهن عمل ڪن ها ته هنن جي لاءِ وڏي چڱائي ۽ ٿئي ها ۽ (حق جي راهہ تي) پوريءَ طرح ثابت قدم ۽ رهن ها. (٦٧) ۽ ان صورت ۾ اسان ضرور پنهنجي طرفان (سندن عملن جي بدلي ۾) تمام وڏو اجر عطا ڪيون ها. (٦٨) ۽ ڪين (سعادت واري) سڌيءَ واٽ تي لڳائي ڇڏيون ها. (٦٩) ۽ جيڪو ۽ الله ۽ سندس رسول جي فرمانبرداري ٿو ڪري سو ضرور انهن پلارن سان گڏ هوندو جن تي الله تعاليٰ پنهنجون نعمتون ڪيون، اهي (پلارا) آهن، نبي، صديق، شهيد ۽ صالح. ۽ (جن جا سنگتي اهڙا ماڻهو آهن) تن جا اهي سنگتي ڪهڙا نہ سٺا سنگتي آهن. (٧٠) اهو فضل الله جي طرفان آهي ۽ (انسان جو حال معلوم ڪرڻ لاءِ) الله جو علم بلڪل ڪافي آهي.

رڪوع ١٠ آيت ٧١ ـ تا ـ ٧٦

جهاد متعلق منافقن جي روش. مسلمانن کي الله جي راهہ ۾ لڙڻ جو حڪم

(٧١) مؤمنؤ! پنهنجي حفاظت ۽ تياريءَ ۾ لڳا رهو، پوءِ (جڏهن ضرورت پوي تڏهن دشمن جي مقابلي لاءِ نڪرو) جدا جدا ٽولين ۾ نڪرو يا گڏجي لشڪر ڪري نڪرو (جيئن مناسب سمجهو). (٧٢) ۽ ڏسو توهان ۾ ڪو ڪو ماڻهو اهڙو ۽ آهي جو (جنگ جي سڏ ٽيڙ تي) پٺتي هٽي وڃي ٿو ۽ جيڪڏهن (لڙائيءَ ۾) اوهان تي ڪا تڪليف اچي وڃي ته (خوش ٿئي ٿو ۽) چوي ٿو ته، خدا مون تي وڏو احسان ڪيو جو مان انهن سان نہ هوس. (٧٣) ۽ جيڪڏهن توهان تي خدا جو فضل ٿئي ٿو ته (حسد ۽ ساڙ ۾) چوي ٿو، ڄڻ ته توهان جي ۽ هن جي وچ ۾ محبت جو ڪو تعلق ئي ڪونهي، ته "هاءِ هاءِ! جيڪر انهن ماڻهن سان گڏ هجان ها ته ڪيڏو نہ وڏو فائدو حاصل ڪيان ها"! (٧٤) سو جن ماڻهن آخرت جي نعمتن لاءِ دنيا جي زندگي (الله وٽ) وڪٽي ڇڏي آهي تن کي گهرجي ته (اهڙن منافقن وانگر جهاد کان نہ ٿهن ۽) الله جي راهہ ۾ جنگ ڪن ۽ جيڪو الله جي راهہ ۾ جنگ ٿو ڪري سو قتل ٿي وڃي يا غالب پوي (هر حال ۾) اسان کيس وڏو اجر ڏينداسين. (٧٥) ۽ (مسلمانو) توهان ڇو نہ ٿا الله جي راهہ ۾ جنگ ڪيو، جڏهن ته ڪيترائي ويچارا، بيوس مرد ۽ عورتون ۽ ٻار آهن جي (ظالمن جي ظلم کان تنگ ٿي) فرياد ڪري رهيا آهن ته، اي اسان جا پروردگار! اسان کي هن شهر مان، جنهن جا ماڻهو (اسان تي) ظلم ڪري رهيا آهن، اسان کي سلامت ٻاهر ڪڍ. (يعني مڪي مان ڇڏاءِ) ۽ پنهنجي طرف کان اسان جي لاءِ ڪو حفاظت ڪندڙ

بناءِ ۾ کو مددگار اسان ڏي موڪل. (۷۶) جي ماڻهو ايمان رکن ٿا سي الله جي راهه ۾ لڙن ٿا (حق ۾ انصاف لاءِ، نہ ڪ پنهنجي نفساني خواهشن لاءِ) ۽ جن ماڻهن ڪفر جي واٽ ورتي آهي سي طاغوت (شيطانيت) جي راهه ۾ لڙن ٿا. سو (جيڪڏهن توهان ايمان وارا آهيو تہ) شيطان جي مددگارن سان لڙو (انهن جي طاقت ۽ گهٽائين جي پرواهه نہ ڪريو) شيطان جو مڪر يا عملي تجويز (ظاهري ڪيتري بہ مضبوط هجي پر حق جي مقابلي ۾) بيشڪ ضعيف آهي.

رڪوع ۱۱ آيت ۷۷ ـ تا ـ ۸۷

ضروري سببن کان سواءِ جنگ ۽ خونريزي عظيم ترين گناهه آهي، جيڪڏهن هي قرآن ڪنهن ٻئي جي طرف کان هجي ها تہ ضرور ان جي ڳالهين ۾ اختلاف ڏسو ها.

(۷۷) (اي پيغمبر!) تو (انهن ماڻهن جي حالت تي) نظر نہ ڪئي ڇا، جن کي حڪم ڏنو ويو تہ (جنگ ۽ خونريزيءَ کان) پنهنجا هٿ روڪيو. (ضروري سببن کان سواءِ جنگ ۽ خونريزي عظيم ترين گناهه آهي) ۽ نماز قائم ڪيو ۽ زڪوات ڏيو (ان وقت پنهنجي وحشانيت ۽ خود غرضين جي ڪري لڙندا هئا پر) پوءِ جڏهن (حق جي راهه ۾) وڙهڻ مٿن فرض ڪيو ويو تڏهن هڪ ٽولي انسانن کان اهڙو ڊڄڻ لڳي جهڙو خدا کان ڊڄڻ گهرجي. بلڪ ان کان بہ وڌيڪ ڊڄڻ لڳي. اهي چوڻ لڳا تہ، اي خدا! جنگ ڪرڻ اسان تي ڇو فرض ڪيئي، ڇو نہ اسان کي ٿورا ڏينهن ٻيا بہ مهلت ڏنئي. (اي پيغمبر!) تون انهن ماڻهن کي چئو تہ (جنهن دنيا جي محبت ۾ توهان موت کان پڇو ٿا انهيءَ) دنيا جي موڙي ۾ فائدو تہ تمام ٿورڙو آهي. ۽ جيڪو (انسانن کان نہ پر) الله کان ڊڄي ٿو ان جي لاءِ آخرت ئي (جي موڙي ۽ فائدو) تمام گهڻو آهي، اتي توهان سان رتيءَ جيتري بہ بي انصافي نہ ٿيندي. (۷۸) توهان ڪٿي بہ هوندو تہ بہ موت اوهان کي ڳولي لهندو. جيڪڏهن توهان بلند ۽ مضبوط برجن يا قلعن جي اندر هوندؤ، (تہ بہ ان کان بچي ڪين سگهندؤ) ۽ جڏهن انهن ماڻهن کي ڪا چگائي ملي ٿي تڏهن چون ٿا تہ هيءَ چگائي خدا جي طرف کان (اسان جي ڪوششن جو بدلو) آهي. پر جڏهن ڪين کي نقصان پهچي ٿو تڏهن توکي چون ٿا تہ هي تنهنجي طرف کان آهي. (يعني رسول الله جي طرف کان) تون ڪين چئو تہ، جيڪي بہ ٿئي ٿو سو سڀ الله جي طرفان آهي (سندس قانونن موجب نتيجا نڪرن ٿا) پوءِ (افسوس هنن جي حالت تي!) انهن ماڻهن کي ڇا ٿي ويو آهي جو ڪنهن بہ ڳالهه کي سمجهڻ لاءِ عقل جي ويجهو بہ نٿا وڃن؟ (۷۹) (اي انسان!) جيڪا بہ چگائي توکي ملي ٿي سا خدا جي طرفان ملي ٿي ۽ جيڪو نقصان توکي پهچي ٿو سو خود تنهنجي طرف کان آهي. (تنهنجي ئي بدعملن جو نتيجو آهي) ۽ (اي پيغمبر!) اسان توکي ماڻهن ڏانهن پنهنجو پيغمبر ڪري موڪليو آهي. (پيغمبر جو ڪم آهي پيغام پهچائڻ تون ماڻهن جي بدعملن لاءِ ذميوار نہ آهين) ۽ (تنهنجي پيغمبر هڻڻ بہ نسبت) الله جي شاهدي ڪافي آهي. (۸۰) جنهن رسول پاڪ جي فرمانبرداري ڪئي تنهن في الحقيقت الله جي اطاعت ڪئي ۽ جيڪڏهن

ڪنهن (تنهنجي فرمانبرداريءَ کان) منهن موڙيو تہ پوءِ (اي پيغمبر!) اسان توکي مٿس نگهبان ڪري ڪونہ موڪليو آهي (جو تون هن کي زور سان پنهنجي فرمانبرداري ڪرائين). (٨١) هو (زبان سان تہ) توکي چون ٿا تہ تنهنجو حڪم اسان کي اکين تي آهي، پر جڏهن تو وٽان اٿي ٻاهر وڃن ٿا تڏهن انهن مان کي رات جي وقت گڏ ٿين ٿا ۽ جيڪي جيڪي تون چوين ٿو تنهن جي خلاف مشورو ڪن ٿا. جيڪي هو رات جي وقت مجلسن ۾ ڪن ٿا سو الله کان لکل ناهي ۽ هو ان کي (سندن اعمال نامن) ۾ لکي ٿو ڇڏي. پوءِ هنن جو ڪجھ بہ خيال نہ ڪر ۽ الله تي ڀروسو رک ۽ ڪارسازيءَ لاءِ الله تعاليٰ ڪافي آهي. (٨٢) پوءِ ڇاهي ماڻهو قرآن (جي مطلبن) تي غور ۽ فڪر نٿا ڪن؟ (۽ خدا جي ڏنل عقل کان ڪم نٿا وٺن؟) جيڪڏهن هي قرآن ڪنهن ٻئي جي طرف کان هجي ها، الله جي طرف کان نہ هجي ها تہ، هو ضرور ان جي ڳالهين ۾ گهٽوئي اختلاف ڏسن ها. (٨٣) ۽ جڏهن هنن ماڻهن وٽ امن جي يا خوف جي ڪابہ خبر اچي ٿي تڏهن هڪدم ان کي ماڻهن ۾ مشهور ڪن ٿا. جيڪڏهن هو ان (ماڻهن ۾ مشهور ڪرڻ بدران) الله جي رسول ۽ اختياريءَ وارن وٽ پيش ڪن ها تہ پوءِ جيڪي انهن مان ان ڳالهہ جو اڳ پوءِ جاچيندڙ آهن سي سڀي حقيقت سمجهي وٺن ها (۽ عوام ۾ اجايو هراس يا غلط فهمي پيدا نہ ٿئي ها) ۽ (ڏسو) جيڪڏهن اوهان تي الله جو فضل ۽ رحمت نہ هجي ها تہ (توهان جي ڪمزورين جو حال تہ هي هو جو) ٿورن ماڻهن کان سواءِ ٻيا سڀ شيطان جي پوئتان لڳي پئو ها (۽ سندس تابعداري ڪيو ها.) (٨٤) پوءِ (اي پيغمبر!) تون اهو خيال نہ ڪر تہ هي منافق توسان جنگ ۾ شامل ٿيندا يا نہ) تون بيشڪ الله جي راهہ ۾ لڙائي ڪر جو تو تي رڳو پنهنجي ذميواري آهي نہ ڪنهن ٻئي جي ۽ مؤمنن کي بہ لڙائي لاءِ آماده ڪر. عجب ناهي تہ الله تعاليٰ جلد حق جي منڪرن جو زور ۽ ظلم اوهان کان روڪي ڇڏيندو ۽ الله جو زور سڀني کان وڌيڪ آهي ۽ سزا ڏيڻ ۾ سڀني کان وڌيڪ سخت آهي. (٨٥) جو انسان ٻئي انسان سان چڱي ڪم ۾ شامل ۽ مددگار ٿئي ٿو، تنهن کي ان عمل (جي اجر) ۾ حصو ملندو ۽ جيڪو برائي ۾ ٻئي سان شامل ۽ مددگار ٿئي ٿو، تنهن کي ان لاءِ ان برائي (جي نتيجي) مان حصو ملندو. (هو ۽ هر هڪ شيءِ جو سنياليندڙ ۽ نگهبان آهي. هو هر عمل جي مطابق بدلو ڏئي ٿو) ۽ بيشڪ هو هر (ڪم ڪرڻ جي) طاقت رکندڙ آهي. (٨٦) ۽ (اي مؤمنؤ) جڏهن توهان کي دعا جو سلام ڪيو وڃي تڏهن توهان ان کان بہ بهتر دعا جا الفاظ جوابي سلام ۾ ڪم آڻيو يا (ڪم از ڪم) ساڳيا لفظ موٽائي ڇڏو. بيشڪ الله تعاليٰ هر شيءِ جو حساب وٺندڙ آهي. (٨٧) (ياد رکو تہ) الله تعاليٰ هڪ آهي ۽ هن کان سواءِ ڪو بہ معبود ڪونهي (جنهن جي ٻانهپ ڪجي) هو ضرور اوهان کي قيامت جي ڏينهن گڏ ڪندو ان ۾ ڪجھ بہ شڪ شبهو ڪونهي (اهو خود الله جو قول آهي) ۽ قول ۾ الله کان وڌيڪ سچو ڪير ٿي سگهي ٿو؟

رکوع ۱۲ آيت ۸۸ ـ تا ـ ۹۱

کھڙي حالت ۾ جنگ ڪجي ۽ کھڙي حالت ۾ جنگ نہ ڪجي.

(۸۸) (مسلمانو!) پوءِ توهان کي ڇا ٿي ويو آهي جو توهان منافقن بہ نسبت بہ ٻولين ٿي پيا آهيو. (هڪڙي ٻولي هڪڙي راءِ ٿي ڏئي تہ ٻي وري مخالف راءِ ٿي ڏئي) حالانڪ الله تعاليٰ کين سندن بدعملين سبب اونڌو ڪري ڇڏيو آهي. ڇا توهان چاهيو ٿا تہ اهڙن ماڻهن کي هدايت ڪيو جن کي خدا گمراهہ ڪيو آهي ۽ ياد رکو تہ جنهن کي بہ خدا (جي قانون موجب بدعملين سبب) گمراهي حاصل ٿي تنهن لاءِ توهان کابہ هدايت جي واٽ لهي نہ سگهندؤ. (۸۹) اهي منافق تمام سخت چاهنا رکن ٿا تہ جهڙيءَ طرح پاڻ ڪفر جي واٽ اختيار ڪئي اٿن تيئن توهان بہ ڪيو تہ سڀ هڪ جهڙا ٿي پئو. پوءِ جيستائين اهي ماڻهو (مڪي جا منافق) الله جي راهہ ۾ هجرت نہ ڪن (۽ دشمنن کي ڇڏي توهان وٽ نہ اچن) تيستائين توهان هنن مان ڪنهن کي بہ پنهنجو دوست ۽ مددگار نہ بنايو، پر جيڪڏهن هو هجرت ڪرڻ قبول نہ ڪن تہ (جنگ جي حالت ۾ دشمنن جو ساٿي بہ دشمن آهي تنهن ڪري) جتي بہ کين ڏسو اتي کين گرفتار ڪيو يا قتل ڪيو ۽ انهن مان ڪنهن کي بہ پنهنجو دوست نہ بنايو، نڪي پنهنجو مددگاربنايو. (۹۰) (اهو حڪم انهن لاءِ ناهي) جي دشمنن کان جدا ٿي ڪنهن اهڙي قوم ۾ وڃي ملن جن سان اوهان جو صلح ۽ عهد نامون ٿيل هجي يا اهڙا ماڻهو هجن جي لڙائي کان بيزار ٿي توهان وٽ هليا اچن. نہ توهان سان لڙائي ڪن نہ (توهان جي پاران) پنهنجي قوم سان لڙائي ڪن (انهن جي خلاف اوهان لڙائي نہ ڪيو.) جيڪڏهن خدا چاهي تہ انهن ماڻهن کي توهان تي زبردستي ڏئي ۽ هو اوهان سان وڙهندا رهن. پوءِ جڏهن هو اوهان کان پاسو ڪري ويا ۽ جنگ نٿا ڪن ۽ پڻ صلح جو پيغام موڪلي رهيا آهن تہ پوءِ الله تعاليٰ توهان جي لاءِ کابہ اهڙي راهہ يا سبب نہ ڇڏيو آهي جو اهڙن ماڻهن سان لڙائي ڪيو. (۹۱) انهن کان سواءِ کي وري اهڙا ماڻهو ڏسندؤ جي (لڙائيءَ جا خواهشمند نہ آهن) توهان کان بہ امن ۾ رهڻ چاهين ٿا ۽ پنهنجي قوم کان بہ امن ۾ رهڻ چاهين ٿا پر جڏهن فتني ۽ فساد جي طرف ڌڪيا وڃن تہ اونڌا ٿي ان ۾ ڪري پون (۽ پنهنجي امن واري خواهش ٿي محڪم رهي نہ سگهن) سو جڏهن اهڙا ماڻهو توهان کان پاسو نہ ڪن ۽ توهان ڏي صلح جو پيغام نہ موڪلن ۽ نہ لڙائي کان هٿ روکن تہ پوءِ انهن کي بہ گرفتار ڪيو ۽ جتي بہ کين ڏسو اتي قتل ڪيو، هي اهي ماڻهو آهن جن جي خلاف (جنگ ڪرڻ لاءِ) اسان توهان کي چٽي سند يا اختياري ڏني آهي.

رکوع ۱۳ آيت ۹۲ ـ تا ـ ۹۶

ڄاڻي واڻي ڪنهن کي خون ڪرڻ وارن لاءِ جهنم آهي، سيني کان وڏي ۾ وڏي نيڪي آهي جان ۽ مال سان جهاد ڪرڻ

(۹۲) ڪنهن بہ مؤمن کي نٽو ڇڪائي تہ ڪنهن مؤمن کي قتل ڪري سواءِ ان حالت جي جڏهن

پل چڪ کان ائين ٿي وڃي. جنهن ۾ هڪڙي مؤمن کي غلطيءَ کان (شڪ شبهي ۾) قتل ڪيو هجي تنهن کي گهرجي ته هڪ مؤمن ٻانهو آزاد ڪري ۽ مقتول جي وارثن کي خون بها (عيوضو) ڏئي پر جيڪڏهن مقتول جو وارث خون بها معاف ڪري ته ڪري سگهي ٿو. ۽ جيڪڏهن مقتول انهيءَ قوم مان آهي جي توهان جا دشمن آهن (۽ توهان سان لڙائي اٽن) پر هو آهي مؤمن (۽ ڪو ائين سمجهي ته هي ۾ دشمنن مان آهي ان کي قتل ڪيو هجي) ته گهرجي ته هڪ مسلمان غلام آزاد ڪيو وڃي. (خون بها ڏيڻ جو ضرور ڪونهي ڇو ته هن جي وارثن ۽ سنگتين جي مسلمانن سان لڙائي آهي) ۽ جيڪڏهن مقتول انهن ماڻهن مان آهي جن سان اوهان جو صلح جو عهدنامو ٿيل آهي ته گهرجي ته قاتل مقتول جي وارثن کي خون بها ۾ ڏئي ۽ هڪ مسلمان غلام آزاد ۾ ڪري. ۽ جيڪڏهن قاتل هڪڙو غلام نه لهي (يعني ڪيس ايتري وسعت ناهي جو ڪو غلام خريد ڪري ان کي آزاد ڪري ڇڏي) ته پوءِ ۾ مهينا لاڳيتا روزا رکي، هن لاءِ جو الله جي طرف کان اها (هن جي گناهه جي) توبه آهي. ۽ الله سڀ ڪجهه ڄاڻندڙ ۽ وڏي حڪمت رکندڙ آهي. (۹۳) ۽ جيڪو مسلمان ڪنهن مؤمن کي ڄاڻي ٻجهي قتل ڪري تنهن جي سزا جهنم آهي، جنهن ۾ هو هميشه رهندو ۽ متن الله جو غضب پيو ۽ لعنت پئي ۽ هن جي لاءِ تمام وڏو عذاب تيار رکيل آهي. (۹٤) مؤمنؤ! جڏهن توهان الله جي راهه ۾ جنگ ڪرڻ لاءِ ٻاهر نڪرو تڏهن (توهان کي گهرجي ته جن ماڻهن سان مقابلو هجي تن بابت) چڱيءَ طرح تحقيقات ڪريو (ته اهي دشمنن مان آهن يا دوستن مان) ۽ جيڪو ۾ توهان کي سلام ڪري (۽ ٻاڻ کي مسلمان ظاهر ڪري) تنهن کي ائين نه چئو ته تون مؤمن نه آهين (اسان توسان وڙهنداسين) ڇا توهان دنيا ۽ دولت جا طلبگار آهيو؟ (جو ڇاهيو ٿا ته جيڪو ۾ ملي تنهن سان وڙهي ڦرلٽ ڪري مال دولت هٿ ڪيون) (توهان کي خبر ناهي ڇا ته) الله وٽ توهان جي لاءِ وڏيون (جائز) نعمتون موجود آهن، (ظلم جي روش ڇو ٿا ونو؟) اوهان جي حالت ۾ اڳي اهڙي هئي. پوءِ الله تعاليٰ اوهان تي احسان ڪيو (جو توهان کي هدايت ۾ نصيب ٿي ۽ قومي زور ۾ حاصل ڪيو) تنهن ڪري توهان ضرور تحقيقات ڪريو (۽ فقط دشمنن جو مقابلو ڪيو) بيشڪ الله تعاليٰ توهان جي عملن جي خبر رکندڙ آهي. (۹۵) مؤمن ۾ جيڪي بنا عذر گهر ويهي ٿا رهن (يعني لڙائيءَ ۾ شريڪ نٿا ٿين) سي انهن جي برابر هرگز ٿي نٿا سگهن، جيڪي پنهنجي مال ۽ جان سان الله جي راهه ۾ جهاد ڪرڻ وارا آهن. الله تعاليٰ مال ۽ جان سان جهاد ڪرڻ وارن کي ويهي رهندڙن جي ٻيٽ ۾ وڏو درجو ۽ فضيلت ڏني آهي (هونئن ته) الله تعاليٰ جو چڱو واعدو سڀني (نيڪ مسلمانن) لاءِ آهي پر مجاهدن کي ويهندڙن کان گهڻو وڏو اجر ملندو. (۹٦) اهي هن جي طرف کان (ڏهرايل) درجا آهن ۽ سندس بخشش ۽ رحمت آهي ۽ هو وڏو بخشيندڙ ۽ رحمت رکندڙ آهي.

رکوع ١٤ آيت ٩٧ ـ تا ١٠٠

ڪافرن جي غلاميءَ هيٺ رهڻ جي ذلت ۽ ان کان بچڻ لاءِ جتن

(٩٧) جي ماڻهو (دشمنن سان رهي) پاڻ تي ظلم ڪري (پنهنجو نقصان ڪري) رهيا آهن تن جو روح قبض ڪرڻ بعد فرشتا انهن کان پڇندا تہ، توهان ڪهڙي حال ۾ هئو؟ (توهان ڪهڙو جهاد ڪيو ۽ ڪهڙا چگا ڪم ڪيا؟) هو جواب ۾ چوندا تہ (اسان چا ڪري سگهون ها؟) اسان ملڪ ۾ دٻايل ۽ هيٺا هئاسين. تنهن تي فرشتا کين چوندا تہ (جيڪڏهن توهان پهنجي ملڪ ۾ بيوس هئو تہ) چا خدا جي زمين ڪشادي نہ هئي جو توهان کنهن ٻئي پاسي هجرت ڪري وڃو ها؟ اهڙن ماڻهن جو ٺڪاڻو دوزخ آهي، اهو دوزخ ڪهڙي نہ بري جاءِ آهي. (٩٨) سواءِ انهن مردن، عورتن ۽ ٻارن جي، جيڪي سچ پچ اهڙا لاچار ۽ هيٺا هئا جو هنن لاءِ ڪوبہ حيلو وسيلو ڪونہ هو ۽ (هجرت ڪرڻ لاءِ) ڪابہ واهہ ڪانہ هئي. (٩٩) انهن لاءِ امڪان آهي تہ الله تعاليٰ (هنن جي معذوري ڏسي) هنن کي معاف ڪندو ۽ هو معاف ڪندڙ ۽ بخشيندڙ آهي. (١٠٠) ۽ جيڪو الله جي راهہ ۾ پنهنجو گهر ٻار ڇڏي هجرت ڪندو تنهن کي خدا جي زمين ۾ گهڻيون ئي رهڻ جون جايون ملنديون ۽ ڪشادگي ڏسندو ۽ جيڪو بہ پنهنجي گهر مان نڪري الله ۽ سندس رسول جي طرف هجرت ڪري ۽ پوءِ (واٽ تي) موت اچي وجينس تنهن کي يقيناً الله تعاليٰ وٽان اجر ملندو ۽ الله تعاليٰ بخشيندڙ ۽ وڏي رحم وارو آهي.

رکوع ١٥ آيت ١٠١ ـ تا ـ ١٠٤

لڙائي ۾ سفر جي حالت ۾ قصر نماز. نماز کنهن بہ حالت ۾ نہ ڇڏڻ

(١٠١) ۽ جيڪڏهن (جنگ ڪرڻ لاءِ) سفر تي نڪرو ۽ اوهان کي انديشو هجي تہ ڪافر توهان کي کنهن تڪليف ۾ نہ وجهن تہ پوءِ توهان تي گناهہ ڪونهي. جيڪڏهن نماز گهٽائي پڙهو (يعني چار رڪعتون فرض جي بدران ٻہ رڪعتون). بلاشبہ ڪافر توهان جا ظاهر ظهور دشمن آهن (نماز جي وقت بہ حملو ڪري ڏيندا). (١٠٢) ۽ (اي پيغمبر!) جڏهن تون مسلمانن ۾ هجين (جنگ هلندڙ هجي) ۽ تون هنن جي لاءِ نماز قائم رکين تہ گهرجي تہ (فوج جو) هڪ حصو (مقتدي ٿي) تنهنجي پٺيان توسان گڏ (نماز لاءِ) اٿي بيهي ۽ هٿيار بہ کڻي بيهي، پوءِ جڏهن (اهو حصو) سجدو ڪري رهي تہ پوئتي هٽي وڃي ۽ ٻيو حصو جو نماز ۾ شريڪ نہ هو سو توسان شريڪ ٿئي ۽ کين گهرجي تہ پوري خبرداري رکن ۽ هٿيار کڻي بيهن. (ياد رکو تہ) جن ماڻهن ڪفر جي واٽ ورتي آهي سي چاهين ٿا تہ توهان پنهنجي هٿيارن ۽ جنگ جي سامان کان غفلت ڪيو تہ هو هڪدم اوهان جي مٿان ڪاهي پون ۽ جيڪڏهن توهان کي برسات جي ڪري ڪجهہ تڪليف ٿئي يا توهان بيمار هجو تہ، پوءِ توهان تي گناهہ ڪونهي، جيڪڏهن هٿيار لاهي رکو. پر پنهنجي بچاءُ ڪرڻ کان غافل ٿيڻ نہ گهرجي (يقين رکو تہ) الله تعاليٰ ڪافرن جي لاءِ خوار خراب ڪندڙ عذاب

تيار رکيو آهي (هو اوهان تي فتح حاصل نہ ڪندا). (۱۰۳) پوءِ جڏهن توهان نماز پڙهي چڪؤ. تڏهن بہ گهرجي تہ بيني ويني ليٽندي هر حال ۾ الله کي ياد ڪندا رهو. پوءِ جڏهن توهان کي (دشمن جي طرف کان) خطرو نہ رهي ۽ تسلي هجي تڏهن (هميشہ جي دستور موجب) نماز پڙهو. بيشڪ نماز مسلمانن تي وقت جي پابنديءَ سان فرض ڪئي ويئي آهي. (۱۰٤) ۽ دشمنن جي پوئتان پوڻ ۾ همت نہ هاريو. جيڪڏهن توهان کي (جنگ ۾) تڪليف پهچي ٿي تہ جهڙيءَ طرح توهان کي تڪليف ٿي ٿئي تهڙيءَ طرح هنن کي بہ تڪليف ٿي پهچي، پر توهان کي الله وٽان (فتح ۽ اجر جون) اهڙيون اميدون آهن جي هنن کي بلڪل نہ آهن (چو تہ توهان حق ۽ انصاف لاءِ وڙهي رهيا آهيو ۽ هو ظلم ۽ فساد جي راهہ ۾ لڙي رهيا آهن). الله تعاليٰ سڀ ڪجهہ ڄاڻندڙ ۽ وڏي حڪمت رکندڙ آهي.

رکوع ۱٦ آيت ۱۱۲-۱۰۵

رسول جي اطاعت، هر حال ۾ انصاف ڪرڻ

(۱۰۵) (اي پيغمبر!) اسان تو تي سچائي سان پريل ڪتاب نازل ڪيو آهي انهيءَ تہ جيڪي الله تعاليٰ (ان ۾) ڏيکاريو آهي تنهن موجب ماڻهن جي وچ ۾ فيصلا ڪرين. ۽ خيانت ڪرڻ وارن جي طرفداريءَ ۾ جهڳڙو نہ ڪر. (۱۰٦) ۽ الله کان بخشش گهر (جو فيصلن ڪرڻ جو ڪم تمام اهم ۽ نازڪ آهي) بيشڪ الله تعاليٰ بخشيندڙ ۽ رحم وارو آهي. (۱۰۷) ۽ جيڪي ماڻهو پنهنجي اندر ۾ خيانت رکن ٿا تن جي طرفداريءَ ۾ تون جهڳڙو نہ ڪر. الله تعاليٰ اهڙن ماڻهن کي هرگز پسند نٿو ڪري جي خيانت ڪندڙ ۽ ڏوهہ گناهہ ڪندڙ آهن. (۱۰۸) اهڙا ماڻهو انسانن کان (پهنجي خيانت) لڪائين ٿا پر خدا کان ڪو نہ ٿا لڪائين جڏهن هو رات جي وقت گڏ ٿي اهڙين ڳالهين جو مشورو ڪن ٿا جي خدا کي پسند ناهن تڏهن هو هنن وٽ موجود آهي. ۽ جيڪي هو ڪن ٿا تنهن کي الله جو علم گهيريون ٻيئو آهي. (۱۰۹) ڏسو توهان ماڻهو اهي آهيو جن دنيا جي زندگيءَ ۾ تہ ڏوهارين جي طرفان جهڳڙو ڪيو پر قيامت جي ڏينهن الله وٽ انهن جي طرفان ڪير جهڳڙو ڪندو، يا ڪير آهي جو (انهيءَ ڏينهن) هنن جي وڪالت ڪندو. (۱۱۰) ۽ جيڪو ماڻهو ڪو برو ڪم ڪري ٿو ويهي يا پاڻ کي نقصان ڪري ٿو چڏي ۽ پوءِ (ان کان توبہ ڪري) الله جي بخشش ٿو گهري، سو ڏسندو تہ بيشڪ الله تعاليٰ بخشيندڙ ۽ رحم وارو آهي. (۱۱۱) ۽ جيڪو (بدعملي ڪري) برائي ڪمائي ٿو سو پنهنجي ئي جان لاءِ برائي ڪمائي ٿو (نتيجو ڪيس ئي لوڙهو پوندو) ۽ الله تعاليٰ سڀ ڪجهہ ڄاڻندڙ ۽ وڏي حڪمت رکندڙ آهي. (۱۱۲) ۽ جنهن ڪا ڄاڻائي ۾ خطا ڪري وڏي يا ڄاڻي ٻجهي ڪو ڏوهہ ڪيو ۽ پوءِ ڪنهن بي ڏوهيءَ تي ان ڏوهہ جي تهمت ڏرپائين تہ (يادرکو تہ) هن بهتان ۽ کليل ڏوهہ جو بار پنهنجي گردن تي وڌو.

رکوع ۱۷ آيت ۱۱۳ ـ تا ـ ۱۱۵

جيڪي سنئين راهہ چڏي ٿو ڏئي اهو پنهنجو نقصان پاڻ ٿو ڪري

(۱۱۳) ۽ (اي پيغمبر!) جيڪڏهن توتي الله جو فضل ۽ رحمت نہ هجي ها تہ (هي ماڻهو توکي برغلائي سگهن ها ۽ تون يهوديءَ جي خلاف فيصلو ڪرين ها). هنن ماڻهن مان هڪ جماعت توکي پلاڻڻ جو پڪو ارادو ڪيو هو. اهي ماڻهو فقط پاڻ کي پلائي گمراهہ ڪري رهيا آهن (جو حق جي حمايت ڪرڻ بدران ڪوڙي ماڻهو جي حمايت ڪري رهيا آهن) اهي (پنهنجن ئي چالاڪين سان) توکي ڪجهہ بہ نقصان نہ پهچائي سگهندا چو تہ الله تعاليٰ توتي ڪتاب ۽ حڪمت نازل ڪئي آهي ۽ جي ڳالهيون توکي معلوم نہ هيون سي توکي سيکاري چڏيون اٿس ۽ توتي الله تعاليٰ جو تمام وڏو فضل آهي. (۱۱٤) هنن ماڻهن جي مخفي مشورن مان گهٽن ۾ ڇگاڻي ڪانهي پر جيڪڏهن ڪو (مخفي طرح) خيرات ڪرڻ لاءِ يا ڪنهن نيڪي جي ڪم ڪرڻ لاءِ حڪم ڪري يا ماڻهن جي وچ ۾ صلح ڪرائڻ چاهي (تہ پوءِ مخفي مشورا ڪرڻ ۾ بہ ڇگاڻي آهي) ۽ جيڪو خدا جي راضپي جي طلب ۾ ائين ڪري ٿو تنهن کي اسان وڏو اجر ڏينداسين. (۱۱۵) ۽ جنهن شخص لاءِ هدايت ۽ حق چٽو ڪيو وڃي ۽ پوءِ بہ هو الله جي رسول جي مخالفت ڪري ۽ مؤمنن جي واٽ ڇڏي ٻي واٽ تي هلي، تنهن کي اسان انهيءَ ئي طرف وڃي ويندا سين جنهن طرف وڃڻ هنن پسند ڪيو آهي ۽ هنن کي دوزخ ۾ پهچائي ڇڏيندا سين. دوزخ ڪهڙي نہ بري جاءِ آهي.

رکوع ۱۸ آيت ۱۱٦ ـ تا ـ ۱۲٦

الله تعاليٰ شرڪ نٿو بخشي، اصل شيءِ آهي ايمان ۽ عمل، رڳو يهود ين، عيسائين يا مسلمانن ۾ نالي ماتر شامل ٿيڻ ڪجهہ بہ ناهي.

(۱۱٦) الله تعاليٰ هيءَ ڳالهہ هرگز نٿو بخشي تہ ساڻس ڪنهن کي شريڪ ڪيو وڃي، ان کان سواءِ جيڪي بہ گناهہ آهن اهي جنهن کي چاهي بخشي چڏي ۽ جنهن بہ الله سان ڪنهن کي شريڪ ٺهرايو سو سڌي راهہ گم ڪري تمام پري وڃي پيو. (۱۱۷) (اهي مشرڪ) الله کي چڏي ديوين کي پڪارين ٿا ۽ مردود شيطان کي پڪارين ٿا. (۱۱۸) الله تعاليٰ ان (مردود شيطان) تي لعنت ڪئي آهي. جنهن خدا کي چئي ڏنو تہ مان تنهنجي بندن مان هڪ مقرر حصو پاڻ سان شامل ڪري ڇڏيندس. (۱۱۹) ۽ ضرور انهن کي گمراهہ ڪندس ۽ ضرور (چگن عملن بدران ڪوڙين) اميدن ۾ ڪين (خوش) رکندس ۽ ضرور ڪين (مشرڪانہ رسمن ۽ وهمن جا) حڪم ڏيندس، پوءِ هو جانورن جا ڪن ضرور چيريندا (۽ انهن کي پيرن ٻتن جي نالي ڪري چڏي ڏيندا ۽ انهن کان ڪم نہ وٺندا) ۽ مان ڪين ضرور حڪم ڏيندس ۽ هو (ان حڪم موجب) خدا جي خلق (شين) جي شڪل ضرور بگاڙي چڏيندا (سو اهي مشرڪ شيطان جي هدايتن تي هلن ٿا) ۽ جيڪو بہ الله کي چڏي شيطان کي پنهنجو دوست ۽ مددگار بنائي ٿو سو يقيناً چٽي تباهي ۾ پيو. (۱۲۰) شيطان هنن

سان (ڪوڙا) واعدا ڪري ٿو ۽ ڪين (ڪوڙين) اميدن ۾ وجهي ٿو ۽ شيطان جيڪي واعدا هنن سان ڪري ٿو سي نڱڻي ۽ فريب کان سواءِ ڪجھ بہ نہ آهن. (۱۲۱) اهي ئي ماڻھو (يعني مشرڪ شيطان جا تابعدار) آهن، جن جي جاءِ (آخر) دوزخ آهي ۽ هو ان مان پڃي نڪرڻ جي واٽ نہ لهندا. (۱۲۲) ۽ جن ماڻھن ايمان آندو ۽ صالح عمل ڪيا تن کي اسان جلد اهڙن (دائمي نعمتن وارن) باغن ۾ داخل ڪنداسين جن جي هيٺان نهرون وهي رهيون آهن. هو هميشہ انهن باغن ۾ رهندا، اهو الله جو واعدو برحق آهي. ۽ قول ۾ الله کان ڪير وڌيڪ سچو ٿي سگهي ٿو؟ (۱۲۳) (مسلمانو! نجات ۽ سعادت) نڪي اوهان جي خواهشن ۽ اميدن تي مدار رکي ٿي، نڪي اهل ڪتاب جي خواهشن ۽ اميدن تي (اها تہ ايمان ۽ عمل تي مدار ٿي رکي) جيڪو بہ (مسلم هجي توڙي غير مسلم) برائي ڪندو تنهن کي ان جو (خراب) بدلو ملندو ۽ هن کي الله کان سواءِ نہ ڪوئي دوست ملندو، نہ مددگار! (۱۲٤) ۽ جيڪو بہ چگا ڪم ڪندو، مرد هجي توڙي عورت، ۽ هو (خدا تي سچو) ايمان رکندڙ بہ هوندو تہ اهڙائي ماڻھو آهن جيڪي جنت ۾ داخل ٿيندا ۽ هنن سان (عملن جي جزا ملڻ ۾) رتيءَ جيتري بہ بي انصافي نہ ٿيندي. (۱۲۵) ۽ انهيءَ ماڻھو کان بهتر دين رکندڙ ڪير ٿي سگهي ٿو، جنهن الله جي اڳيان فرمانبرداريءَ جو سر جهڪايو ۽ نيڪ عمل ڪندڙ بہ آهي ۽ جنهن حضرت ابراهيم عليہ السلام جي طريقي جي پيروي ڪئي جو ايمان ۾ خالص ۽ سچو هو ۽ الله تعاليٰ حضرت ابراهيم عليہ السلام کي پنهنجو مخلص دوست بنايو هو. (۱۲٦) ۽ (ياد رکو تہ) جيڪي بہ آسمان ۽ زمين ۾ آهي سو سڀ الله جو آهي ۽ الله تعاليٰ (پنهنجي علم ۽ قدرت سان) سڀني شين کي گهيريون ٻيٺو آهي.

رکوع ۱۹ آيت ۱۲۷ ـ تا ـ ۱۳٤

يتيمن ۽ عورتن سان چگو سلوڪ، زالن جي ملڪيت زور سان نہ کسڻ گهرجي

(۱۲۷) ۽ (اي پيغمبر!) ماڻھو تو کان عورتن جي باري ۾ فتويٰ گهرن ٿا. تون چئو تہ، الله تعاليٰ اوهان کي ان باري ۾ (هاڻي) حڪم ٻڌائي ٿو ۽ پڻ يتيم عورتن متعلق حڪم ڏئي ٿو جو توهان کي (هاڻي) قرآن ۾ ٻڌايو وڃي ٿو. (اڳي بہ حڪم نازل ڪيل آهي تہ ساڻن بي انصافي نہ ڪيو) اهي يتيم عورتون (توهان جي سنيال هيٺ آهن) ۽ جن کي توهان سندن حق (ورثي جو)، جو انهن جي لاءِ ٺهرايو ويو آهي سو نٿا ڏيو ۽ چاهيو ٿا (تہ سندن مال تي قبضو ڪرڻ لاءِ پاڻ) انهن سان نڪاح ڪيو (اهو ظلم نہ ڪيو) ۽ پڻ جيڪي بيوس (يتيم) ڇوڪرن بنسبت قرآن ۾ ٻڌايو ويو آهي (۽ اڳئي نازل ٿيل آهي) تنهن باري ۾ بہ خدا توهان کي حڪم ٿو ڏئي (تہ انهن جا حق نہ ماريو). ۽ حڪم ٿو ڪري تہ يتيمن جي معاملي ۾ (ڇوڪريون هجن توڙي ڇوڪرا ۽ توهان جي سنيال هيٺ هجن، توڙي نہ، هر حال ۾) حق ۽ انصاف تي قائم رهو ۽ (ياد رکو تہ) جيڪا بہ نيڪي توهان ڪيو تا سا الله تعاليٰ چگيءَ طرح ڄاڻي ٿو. (۱۲۸) ۽ جيڪڏهن ڪنهن عورت کي پنهنجي مڙس جي طرف کان

اندیشو هجي ته ساڻس سختي کندو يا همبستريءَ کان پري رهندو ته پوءِ مٿن گناهه کونهي، جيڪڏهن (عورت خوشيءِ سان پنهنجي مال مان کجهه مڙس کي ڏئي ۽) پاڻ ۾ صلح ڪن. (بي اتفاقيءَ کان) صلح وري به بهتر آهي ۽ (طبيعتاً) انسان کي مال جي لالچ رهي ٿي، پر توهان کي گهرجي ته (لالچ کي روڪي هڪ ٻئي سان) چڱايون ڪيو ۽ (بي انصافيءَ کان) پاڻ کي بچايو. توهان جيڪي به ڪيو ٿا تنهنجي الله تعاليٰ خبر رکندڙ آهي. (۱۲۹) توهان (هڪ کان وڌيڪ) زالن جي وچ ۾ ڪامل طرح عدل ڪري نه سگهندؤ، اگرچه توهان عدل ڪرڻ جي خواهش رکو (ڇو ته قدرتي محبت ۽ توهان جي دل توهان جي وس ۾ ناهي) پر تڏهن به ائين نه ڪيو جو ڪنهن هڪ جي طرف گهٽو جهڪي پئو ۽ ٻي کي اڌريءَ طرح ڇڏي ڏيو جو جڙ ته معلق آهي (يعني نڪي مڙس کيس زال ڪري ڏسي، نڪي طلاق مليس، جو وجي پنهنجو انتظام رکي، وچ ۾ لٽڪيل آهي) پر توهان جيڪڏهن (عورتن سان) چڱائي چاهيو ۽ (بي انصافي ڪرڻ کان) پاڻ بچايو ته پوءِ الله تعاليٰ بيشڪ بخشيندڙ ۽ رحم وارو آهي. (۱۳۰) ۽ جيڪڏهن (زال مڙس بلڪل نه ڇهن ۽) جدا ٿي وڃن ته الله تعاليٰ پنهنجي (فضل جي) ڪشادگيءَ سان پنهي کي غني (آسودو ۽ بي پرواهه) ڪري ڇڏيندو، ۽ الله تعاليٰ وڏي وسعت وارو ۽ وڏي حڪمت وارو آهي. (۱۳۱) ۽ (ياد رکو) ته آسمان ۽ زمين ۾ جيڪي به آهي سو الله جو آهي ۽ الله جي واسطي آهي. يقيناً اسان انهن ماڻهن کي جن کي اوهان کان اڳي ڪتاب ڏنو ويو ۽ پڻ اوهان کي حڪم ڪيو ته الله (جي نافرماني جي نتيجن) کان ڊڄو ۽ خدا جي حڪمن جي پيروي ڪيو، ۽ جيڪڏهن (سندس حڪم) نه مڃيندؤ ته (خدا کي ڪا پرواهه ڪانهي، نقصان اوهان جو ٿيندو) يقيناً جيڪي به آسمان ۽ زمين ۾ آهي سو سڀ الله جي لاءِ آهي ۽ الله تعاليٰ بي نياز آهي ۽ سيني ڇڱين صفتن سان ڪامل طرح موصوف آهي. (۱۳۲) ۽ (بيشڪ) الله ئي جي لاءِ آهي جيڪي به آسمان ۽ زمين ۾ آهي ۽ هو (پنهنجي فرمانبردارن لاءِ) ڪافي ڪارساز آهي. (۱۳۳) اي انسانؤ! جيڪڏهن هو چاهي ته توهان کي (اقبال ۽ سعادت جي حالت مان ڪڍي) پست حالت ۾ آڻي يا برباد ڪري ڇڏي ۽ (اوهان جي جاءِ تي) ٻين کي آڻي هو بيشڪ ائين ڪرڻ لاءِ قادر آهي. (۱۳٤) جيڪو دنيا جو فائدو چاهي ٿو، تنهن کي (ياد رکڻ گهرجي ته) الله وٽ دنيا ۽ آخرت ٻنهي جون نعمتون موجود رکيون آهن. هو سڀ ڪجهه ٻڌندڙ ۽ ڏسندڙ آهي (۽ ڇڱن عملن ڪندڙن کي دنيا ۽ آخرت جون نعمتون بخشيندو).

رکوع ۲۰ آيت ۱۳۵ ـ تا ـ ۱٤۱

عدل ۽ انصاف ڪرڻ ۽ سچي شاهدي ڏيڻ، توڙي جو پنهنجي خلاف هجي

(۱۳۵) مؤمنؤ! انصاف تي پوري مضبوطيءَ سان قائم رهڻ وارا ۽ الله جي واسطي (سچي) شاهدي ڏيڻ وارا ٿيو. اگرچه اها (سچي) شاهدي خود توهان جي خلاف يا اوهان جي پيءُ ماءُ ۽ ويجهن مائٽن جي خلاف هجي (ته به سچي شاهدي ڏيڻ کان نه ڪيڀايو) جيڪو ڪو شاهوڪار آهي يا

مسڪين آهي تہ الله (اوهان کان) وڌيڪ انهن تي مهربان آهي) (توهان کي ائين ڪرڻو ناهي جو دولتمند جي دولت ۾ لالچ رکي يا مسڪين جي حال تي رحم کائي سچي ڳالھ ڪرڻ کان هٿي وجو) پوءِ خبردار ائين نہ ٿئي جو نفساني خواهشن جي ڪري انصاف کان هٿي وجو ۽ جيڪڏهن توهان (شاهدي ڏيڻ ۾) آڏيون ڦڏيون ڳالهيون يا شاهدي ڏيڻ کان انڪار ڪندو تہ (ياد رکو) تہ توهان جيڪي ٻہ ڪيو تا تنهن جي الله تعاليٰ خبر رکندڙ آهي. (١٣٦) مؤمنؤ! الله ۽ سندس رسول تي ايمان آڻيو ۽ انهيءَ ڪتاب تي ايمان آڻيو جو پنهنجي رسول تي نازل ڪيو اٿس ۽ پڻ انهن ڪتابن تي ايمان آڻيو جيڪي ان کان اڳي (پين پيغمبرن تي) نازل ڪيا هئائين ۽ (ياد رکو تہ) جنهن ٻہ الله تي سندس ملائڪن ۽ ڪتابن ۽ رسولن تي ۽ آخرت جي ڏينهن تي ايمان نہ آندو سو سنئين وات ڇڏي تمام پري هٿي ويو. (١٣٧) جن ماڻهن ايمان آندو پوءِ ڪفر ۾ پيا، وري ايمان آندائون ۽ وري ڪفر ۾ پئجي ويا ۽ پوءِ ڪفر ۾ وڌندا ويا (تہ في الحقيقت هنن جو ايمان سچو ايمان نہ هو) الله تعاليٰ کين ڪوبہ بخشيندو. نڪي کين سڌي وات ڏيکاريندو. (١٣٨) (اي پيغمبر!) تون منافقن کي هي خوشخبري ٻڌائي ڇڏ تہ بلاشڪ هنن جي لاءِ دردناڪ عذاب تيار (ڪيو ويو) آهي. (١٣٩) (اهي منافق) مسلمانن کي ڇڏي ڪافرن کي پنهنجو دوست ۽ مددگار بنائين ٿا. ڇا هو ائين ٿا چاهين تہ هو (مسلمانن جي دشمنن) وٽ عزت لهن (جيڪڏهن عزت چاهين ٿا تہ کين ياد رکڻ گهرجي) يقيناً سڀ عزت فقط الله جي لاءِ آهي (۽ جنهن کي وٺيس تنهن کي فقط هوئي عزت ڏئي ٿو). (١٤٠) ۽ الله تعاليٰ پنهنجي ڪتاب ۾ اوهان جي لاءِ حڪم نازل ڪيو آهي تہ جڏهن توهان ڏسو ۽ ٻڌو تہ خدا جي آيتن کان (شرارت طور) انڪار ڪيو وڃي ٿو ۽ انهن تي کل مسخري ڪئي وڃي ٿي، تڏهن هنن جي مجلس ۾ نہ ويهو جيستائين ان ڳالھ کي ڇڏي ٻيون ڳالهيون ڪرڻ لڳن (پوءِ ڀلي انهن سان ويهو) جيڪڏهن هنن سان گڏ (آيتن سان مسخري ڪرڻ وقت) ويهندؤ تہ توهان ٻہ هنن جهڙا ٿيندؤ. (ياد رکو تہ) خدا اهڙن منافقن ۽ ڪافرن کي جهنم ۾ گڏ ڪرڻ وارو آهي. (١٤١) اهي (منافق) توهان جي تاڪ ۾ آهن ۽ موقعي جو انتظار ڪري رهيا آهن. جيڪڏهن توهان کي الله جي طرف کان فتح ملي ٿي تہ توهان کي چون ٿا تہ، ڇا اسان توهان سان شامل نہ هئاسين؟ جيڪڏهن ڪافرن جي فتح ٿئي تہ، کين چون ٿا تہ، ڇا اسان (يعني مسلمانن جو لشڪر) توهان کي شڪست ڏيئي توهان تي غالب کين پياسين، پر پوءِ اسان (منافقن چالاڪيون ڪري) اوهان کي مسلمانن کان بچائي وڌو. پوءِ (يقين رکو تہ) الله تعاليٰ قيامت جي ڏينهن توهان (سڀن مسلمانن) ۽ هنن (منافقن) جي وچ ۾ فيصلو ڪري ڇڏيندو. (هو ڪيترو ٻہ اوهان جي دشمنن سان شامل ٿين تہ ٻہ) الله تعاليٰ ڪڏهن ٻہ ڪافرن کي مسلمانن تي (غالب پوڻ جي) وات نہ ڏاهيندو.

رکوع ۲۱ آيت ۱۴۲ ـ تا ـ ۱۵۲

منافقن جون خصلتون، ۽ين جون برايون ظاهر ڪرڻ کان منع

(۱۴۲) منافق (پنهنجي دورنگي چال ڪيڏي سمجهن ٿا تہ هو) خدا کي (۽ مؤمنن کي) ڏوکو ڏئي رهيا آهن، پر حقيقت هي آهي جو هو پاڻ کي ڏوکو ڏئي رهيا آهن. (الله تعاليٰ کين مهلت ڏئي، کين ڏوکو ڏئي رهيو آهي ۽ هو منافقيءَ ۾ وڌندا وڃي ڪڏ ۾ ڪرندا) ۽ جڏهن هو نماز لاءِ اٿن ٿا تڏهن سستيءَ سان اٿن ٿا رڳو ماڻهن کي ڏيکارڻ لاءِ نماز ٿا پڙهن ۽ الله کي ياد ڪونہ ٿا ڪن، پر ناڀي طور. (۱۴۳) هو (ڪفر ۽ ايمان جي) وچ ۾ منجهيا ٻيڻا آهن، (تہ هتي رهون يا هتي رهون) نڪي هنن (مسلمانن) جي طرف آهن، نڪي هنن (ڪافرن) جي طرف آهن ۽ حقيقت هي آهي تہ جنهن کي الله (پنهنجي قانون موجب) گمراهہ ٿو ڪري تنهن جي لاءِ توهان ڪابہ راهہ نہ لهي سگهندؤ. (۱۴۴) مؤمنؤ! متان مؤمنن کي ڇڏي ڪافرن کي (جي توهان سان لڙائيءَ ۾ آهن ۽ اوهان کي برباد ڪرڻ چاهين ٿا) پنهنجو دوست ۽ مددگار بنايو، ڇا توهان چاهيو ٿا تہ خدا جو ڇٽو الزام پاڻ تي کڻو. (۱۴۵) بلاشبہ منافق دوزخ جي سڀ کان هيٺيئن تري ۾ پوندا ۽ توهان هنن جي لاءِ ڪوبہ مددگار ڪونہ ڏسندو. (۱۴۶) سواءِ انهن (منافقن) جي جن توبہ ڪئي (ڏنگي واٽ ڇڏي سڌي راهہ ورتي) پنهنجا عمل سيکاريا ۽ الله (جي حڪمن) تي مضبوطيءَ سان جمي رهيا ۽ پنهنجي دين ۾ خالص خدا ڪاڻ سچا رهيا، پوءِ اهي مؤمنن سان گڏ هوندا ۽ جلد الله تعاليٰ مؤمنن کي وڏو اجر عطا فرمائيندو (دنيا ۾ بہ جلد ڪاميابي ڏيندو ۽ آخرت ۾ بہ جنت نصيب ڪندو). (۱۴۷) (اي انسانو!) جيڪڏهن توهان خدا جي نعمتن جو قدر ڪيو ۽ مٿس ايمان رکو تہ خدا کي توهان کي عذاب ڏئي ڇا ڪرڻو آهي (يعني ڇو اوهان کي عذاب ڏيندو) الله تعاليٰ تہ (انسانن جي ڇگن عملن جو) قدر ڪندڙ ۽ (هنن جي حالت جو) علم رکندڙ آهي.

حصو ڇهون

(۱٤۸) خدا پسند نٿو ڪري تہ توهان (ٻين جون) برايون وڏي آواز سان ٻڌائيندا وتو، سواءِ ان حالت جي جو ڪنهن سان ظلم ٿيو هجي (ڀلا هو ظالم جي ظلم جو بيان ڪري) ۽ (ياد رکو تہ) خدا ٻڌندڙ ۽ ڄاڻندڙ آهي. (۱٤۹) توهان کو نيڪيءَ جو ڪم ظاهر ڪيو يا لڪائي ڪريو يا ڪنهن جي بچڑائي معاف ڪري ڇڏيو تہ (هر حال ۾ اوهان کي اجر ملندو) ۽ الله تعاليٰ قدرت رکندڙ ۽ (برايون) معاف ڪندڙ آهي. (۱۵۰) جيڪي ماڻهو الله ۽ سندس رسولن کان انڪار ڪن ٿا ۽ چاهين ٿا تہ الله ۽ ان جي رسولن جي وچ ۾ فرق ڪيون ۽ چون ٿا تہ اسان انهن مان ڪن کي مڃون ٿا ۽ ڪن کي نٿا مڃون ۽ اهڙيءَ طرح چاهين ٿا تہ ايمان ۽ ڪفر جي وچ ۾ ڪا (ٽين) راهہ اختيار ڪريون. (۱۵۱) اهڙا ماڻهو سچ پچ ڪافر آهن ۽ (اهڙن) ڪافرن لاءِ اسان خوار خراب ڪندڙ عذاب تيار رکيو آهي. (۱۵۲) ۽ جيڪي ماڻهن الله ۽ سندس رسولن ۾ ايمان رکن ٿا ۽ انهن جي وچ ۾ ڪوبہ فرق نٿا ڪن تن کي اسان جلد اجر ڏينداسين ۽ الله تعاليٰ بخشڻهار ۽ رحم وارو آهي.

رکوع ۲۲ آيت ۱۵۳ ـ تا ـ ۱٦۲

يهودين جو رسولن کي نہ مڃڻ، سندن شرارتون

(۱۵۳) (اي پيغمبر!) اهل ڪتاب (يهودي) تو کان گهرن ٿا تہ آسمان مان ڪو ڪتاب وٽن لهي اچي (تہ هنن کي يقين ٿئي تہ تون خدا جو رسول آهين. اهڙو سوال رڳو تو کان ڪونہ ٿا گهرن) هنن انهيءَ کان بہ وڏيءَ ڳالهہ جو سوال حضرت موسيٰ (عليہ السلام) کان (بہ) ڪيو هو. هنن (يعني سندن وڏن سينا جي ميدان ۾ حضرت موسيٰ کي) چيو هو تہ، اسان کي خدا ظاهر ظهور ڏيکار، پوءِ انهيءَ شرارت سبب مٿن بجلي ڪڙڪي، پوءِ ڇٽن دليلن اچڻ بعد بہ هنن گابي جي پرستش ڪئي، اسان کين اها شرارت معاف ڪري ڇڏي ۽ حضرت موسي کي اسان ظاهر ۽ ڇٽي اختياري ۽ اقتدار ڏنو. (۱۵٤) ۽ اسان (يهودين کان) عهد اقرار وٺڻ لاءِ سندن مٿان طور جبل جي چوٽي بلند ڪئي (هنن فرمانبرداريءَ جو عهد اقرار ڪيو) ان کان پوءِ اسان کين حڪم ڏنو تہ شهر جي دروازي ۾ (خدا جي اڳيان) جهڪي داخل ٿيو (۽ فتح بعد ظلم نہ ڪجو) ۽ اسان کين حڪم ڪيو تہ سبت جي ڏينهن (لاءِ ڏنل حڪمن بابت) حدن کان ٻاهر نہ وڃجو. اسان هنن کان (انهن سيني ڳالهين تي) پڪو عهد اقرار وٺي ڇڏيو هو. (۱۵۵) پوءِ انهن جي انهيءَ عهد اقرار ٽوڙڻ سببان، الله جي آيتن نہ مڃڻ سببان، نبين کي ناحق قتل ڪرڻ سببان ۽ پڻ هنن جي هن قول سببان تہ اسان جي دلين تي پردو چڙهيل آهي (هنن ۾ حق کي قبول ڪرڻ وارو مادوئي نہ رهيو) بلڪ سندن ڪفر سببان الله تعاليٰ هنن جي دلين تي مهر لڳائي ڇڏي آهي. تنهن ڪري ڪن ٿورن کان سواءِ ٻيا سڀ (يهودي) ايمان نہ آڻيندا. (۱۵٦) ۽ هنن

(يهودين) جي ڪفر سببان ۽ هن ٻالهه سببان جو هنن حضرت مريم جي خلاف وڏو بهتان ٻڌو هو. (۱۵۷) ۽ پڻ سندن هن قول سببان ته اسان عيسيٰ بن مريم الله جي رسول کي قتل ڪيو (الله تعاليٰ هنن جي دلين تي مهر لڳائي ڇڏي) حالانڪ هنن (حضرت عيسيٰ کي) نڪي قتل ڪيو، نڪي سوريءَ تي چاڙهيو، پر سچي حقيقت هنن کي معلوم ٿي نه سگهي، (هنن سمجهيو ته اسان ڪيس سوريءَ تي چاڙهيو ۽ هو مري ويو پر ائين نه هو) ۽ جن ماڻهن هن ٻالهه بابت اختلاف ڪيو (يعني جن عيسائين چيو ته اسان ڪيس سوريءَ تي چاڙهيو ۽ هو مري ويو پر ائين نه هو) ۽ جن ماڻهن هن ٻالهه بابت اختلاف ڪيو (يعني جن عيسائين چيو ته، مسيح قاسيءَ تي چاڙهيو ويو پرپوءِ زندهه ٿيو) اهي به (پليل آهن ۽) شڪ شبهي ۾ پيل آهن. شڪ ۽ گمان پڻيان لڳڻ کان سواءِ ڪو (حقيقت جو) علم هنن وٽ ڪونهي، يقيناً يهودين حضرت عيسيٰ کي قتل ڪونه ڪيو هو. (۱۵۸) بلڪ الله تعاليٰ ڪيس پنهنجي طرف کڻي ورتو ۽ الله سيني تي غالب پوڻ وارو ۽ (پنهنجي ڪمن ۾) حڪمت رکڻ وارو آهي. (۱۵۹) ۽ اهل ڪتاب مان (يعني يهودين مان جن حضرت عيسيٰ کي نه مڃيو) ڪوبه نه هوندو جو پنهنجي موت کان اڳي (حقيقت کي نه ڄاڻيندو ۽) هن تي (يعني حضرت عيسيٰ جي سچائيءَ تي) ايمان نه آڻيندو. (ڇو ته مرڻ وقت شرارت جو پردو هٽي ٿو وڃي) ۽ قيامت جي ڏينهن هو (الله جي حضور ۾) هنن تي شاهدي ڏيندو. (۱۶۰) مطلب ته يهودين جي هن ظلم سببان اسان کي چگيون شيون به هنن لاءِ حرام ٺهرائي ڇڏيون جي (پهريائين) حلال هيون ۽ پڻ هن سبب جي ڪري جو هو ماڻهن کي الله جي راهه کان گهڻو روڪڻ لڳا هئا. (۱۶۱) ۽ پڻ هن سبب ڪري جو هو وياج وٺڻ لڳا، اگرچه کين ان کان منع ڪيل هئو ۽ ناجائز طريقن سان ماڻهن جو مال کائڻ لڳا، (اگرچه کين سيني انسانن سان ديانتدار ٿي هلڻ جو حڪم ڏنل هو) ۽ (يادرکو ته) جي ماڻهو (اهڙيءَ طرح حق جي حڪمن جا) منڪر ٿيا تن جي لاءِ اسان (سندن بدعملن جي بدلي ۾) دردناڪ عذاب تيار رکيو آهي. (۱۶۲) پر انهن مان جيڪي ماڻهو (الله جي ڪتاب جي) علم ۾ پڪا آهن سي ۽ مسلمان (انهن گمراهين کان پري رهن ٿا ۽) انهيءَ ڪتاب تي ايمان رکن ٿا جو توتي (اي پيغمبر!) نازل ٿيو آهي ۽ پڻ انهن ڪتابن تي جي توکان اڳي نازل ٿيا آهن. اهي ۽ جيڪي نماز قائم ڪرڻ وارا آهن. زڪوٰت ادا ڪندڙ آهن ۽ الله ۽ آخرت جي ڏينهن تي ايمان رکن ٿا تن سيني کي اسان تمام وڏو اجر ڏينداسين.

رکوع ۲۳ آيت ۱۶۳ - تا - ۱۷۱

دين ۾ روڌاڻ ڪرڻ وڏي گمراهي آهي

(۱۶۳) (اي پيغمبر!) بيشڪ اسان توڏي وحي اهڙي ئي طرح موڪليو آهي جهڙيءَ طرح نوح تي ۽ ڪائنس پوءِ آيل نبين تي موڪليو هو ۽ جهڙيءَ طرح ابراهيم، اسماعيل، اسحاق، يعقوب، يعقوب

جي اولاد، عيسيٰ، ايوب، يونس، هارون ۽ سليمان تي موڪليو هو ۽ داؤد کي زبور ڏنوسين.
(١٦٤) ۽ پڻ انهن رسولن (تي وحي موڪليوسين جن) جو احوال اسان (قرآن ۾) اڳئي تو کي ٻڌايو آهي ۽ پڻ انهن رسولن تي جن جو احوال سان تو کي ڪونہ ٻڌايو آهي ۽ (ساڳيءَ طرح) الله تعاليٰ موسيٰ سان ڳالهايو (جيئن سچ پچ طور جبل تي ڳالهائڻ ٿيو هو). (١٦٥) اهي سڀ پيغمبر (خدا پرستي ۽ نيڪ عملن جي نتيجن جي) خوشخبري ٻڌائڻ وارا ۽ (حق جي انڪار جي نتيجن بابت) خبردار ڪرڻ وارا هئا. (۽ انهيءَ ڪي لاءِ موڪليا ويا هئا تہ) انهن جي اڇ (۽ نيڪي بدي ظاهر ڪري ڏيکارڻ) بعد ماڻهن کي ب ڪابہ حجت باقي نہ رهي جا هو خدا وٽ پيش ڪري سگهن (يعني هي عذر نہ ڏيئي سگهن تہ اسان کي حق جي واٽ ڪنهن نہ ڏيکاري) ۽ الله تعاليٰ سيني تي غالب پوڻ وارو ۽ وڏي حڪمت وارو آهي. (١٦٦) (اي پيغمبر هي ماڻهو انڪار ڪن تہ يلي ڪن) پر خود خدا تو تي وحي نازل ڪري (تنهنجي سچائي جي) شاهدي ٿو ڏئي ۽ هن پنهنجي علم سان تو تي وحي نازل ڪيو آهي. ۽ ملائڪ ب ان جي شاهدي ڏين ٿا. ۽ الله جي شاهدي تہ بلڪل ڪافي آهي. (١٦٧) جي ماڻهو (حق جا) منڪر ٿيا ۽ ماڻهن کي خدا جي راهہ کان روڪيائون سي بيشڪ (سڌي واٽ کان) پلجي ويا ۽ اهڙا پلجي ويا جو دور دراز ڏنگين واٽن ۾ گم ٿي ويا. (١٦٨) جن ماڻهن ڪفر ڪيو (مرڻ تائين) ظلم ڪندا رهيا تن کي خدا ڪڏهن ب نہ بخشيندو، نڪي کين (ڪاميابيءَ جي) ڪا واٽ ڏيکاريندو. (١٦٩) سواءِ انهيءَ واٽ جي جا جهنم ڏي ٿي وڃي جتي هو هميشہ رهندا، ۽ الله جي لاءِ ائين ڪرڻ بلڪل آسان آهي. (سنڊس قانونن جي عمل کي ڪوب روکي نٿو سگهي). (١٧٠) اي (سيئي) انسانو! بيشڪ الرسول (پيغمبر اسلام) اوهان جي پروردگار جي طرف کان سچائي ڪٽي اوهان ڏي آيو آهي. تنهن ڪري توهان مٿس ايمان آڻيو جو (ان ۾) اوهان جي ئي لاءِ بهتري آهي، پر جيڪڏهن توهان انڪار ڪندؤ تہ پوءِ آسمان ۽ زمين ۾ جيڪي ب آهي سو سڀ الله ئي جي لاءِ آهي (توهان جو انڪار ۽ ظلم توهان کي ئي نقصان پهچائيندو) ۽ (ياد رکو تہ) الله سڀ ڪجهہ ڄاڻندڙ ۽ وڏي حڪمت وارو آهي. (١٧١) اي اهل ڪتاب! پنهنجي دين ۾ غلو نہ ڪيو (يعني حقيقت ۾ اعتدال کان ٻاهر نہ وڃو) ۽ الله جي باري ۾ حق کان سواءِ ٻيو ڪجهہ نہ چئو، عيسيٰ مسيح ابن مريم فقط الله جو رسول ۽ سندس (بشارت جي) ڪلمي جو ظهور آهي. جو ڪلمو (سندس والده) مريم تي القا ڪيو ويو هو ۽ پڻ هو هڪ روح آهي جو الله جي طرفان موڪليو ويو، پوءِ اوهان کي گهرجي تہ الله تي ۽ سندس رسولن تي ايمان آڻيو ۽ ائين نہ چئو تہ خدا ٽي آهن. (اهڙيءَ ڳالهہ کان باز اچو تہ توهان لاءِ وڌي چڱائي آهي. حقيقت هي آهي تہ فقط الله ئي هڪ معبود آهي (ان کان سواءِ ٻيو ڪوب معبود ڪونهي) هو هن ڳالهہ کان پاڪ آهي، جو هن کي ڪو پٽ هجي (جڏهن تہ) آسمان ۽ زمين ۾ جو ڪجهہ آهي سو سندس ئي آهي (تہ پوءِ ڪيس ڪهڙي محتاجي آهي جو ڪنهن کي پٽ بنائي دنيا ۾ موڪلي) ڪارسازيءَ لاءِ خدا جو ڪارساز هئڻ ڪافي آهي.

رکوع ٢٤ آيت ١٧٢ ـ تا ـ ١٧٦

جيڪي شخص منهنجي ٻانهپ کي عار سمجهن ۽ وڏائي ٿا ڪن انهن جي لاءِ دردناڪ عذاب آهي.

(١٧٢) مسيح هن ڳالهه کان عار نٿو ڪري ته ڪيس الله جو ٻانهو سمجهيو وڃي، نڪي مقرب ملائڪ اهڙو عار ٿا ڪن ۽ جيڪو خدا جي ٻانهپ کان عار ڪري ۽ تڪبر ڪري ٿو (سو ويندو ڪاڏي، اهو وقت پري ناهي جڏهن) خدا سڀني کي (قيامت جي ڏينهن) پنهنجي حضور ۾ گڏ ڪندو. (١٧٣) (انهيءَ ڏينهن) جا ٿيندو جو جن ماڻهن ايمان آندو آهي ۽ چڱا ڪم ڪيا آهن تن کي هو سندن چگن ڪمن جو پورو پورو بدلو ۽ ڏيندو. ۽ پنهنجي مهرباڻيءَ سان انهن کي وڌائي ۽ ڏيندو. پر جن ماڻهن (خدا جي) بندگيءَ کي تنگ ۽ عار سمجهيو ۽ هٺ وڌائي ڪئي تن کي (ان ڏوهه جي عيوض ۾) اهڙو عذاب ڏيندو جو دردناڪ عذاب هوندو. ۽ هنن کي خدا کان سواءِ ڪوبه رفيق يا دوست نه لبندو، نڪي ڪو مددگار لبندو. (١٧٤) اي انسانو! توهان وٽ توهان جي پروردگار وٽان برهان (يعني دليل ۽ حجت) اچي ويئي آهي ۽ اسان اوهان ڏانهن چمڪندڙ روشني موڪلي آهي. (١٧٥) پوءِ جن ماڻهن الله تي ايمان آندو ۽ ان جي سهاري کي مضبوط جهليو تن کي هو جلد پنهنجي رحمت جي ڇانو ۾ داخل ڪندو ۽ مٿن پنهنجو فضل ڪندو ۽ ڪين پاڻ تائين پهچڻ جي واٽ ڏيکاريندو (اها واٽ ڏيکاريندو) جا سڌي واٽ آهي. (١٧٦) (اي پيغمبر!) ماڻهو تو کان ڪلالہ جي باري ۾ (يعني اهڙي ماڻهو جي ميراث جي باري ۾ جنهن کي نه پيءُ ماءُ هجي، نه اولاد) فتوي گهرن ٿا. کين چئو ته، الله تعاليٰ توهان کي ڪلالہ جي باري ۾ (هيءُ) حڪم ڏئي ٿو. جيڪڏهن اهڙو (ڪلالہ) مرد مري وڃي جنهن کي اولاد نه هجي (نڪي پيءُ ڏاڏو) ۽ ڪيس هڪ ڀيڻ هجي ته جيڪي فوتي ڇڏي ويو آهي، تنهن جو اڌ ڀيڻ کي ملندو. پر جيڪڏهن (ڪلالہ) عورت مري وڃي ۽ ڪيس اولاد نه هجي (نڪي پيءُ ڏاڏو) ته هن جي سڀ مال جو وارث سندس ڀاءُ ٿيندو، ۽ جيڪڏهن به ڀينر هجن (يا ٻن کان وڌيڪ) ته انهن (٢/٣ يعني) ٽن حصن مان ۾ حصا ترڪي مان ملندا ۽ جيڪڏهن ڀائر به هجن ۽ ڀينر به ته، پوءِ هرهڪ ڀاءُ کي هرهڪ ڀيڻ کان ٻيڻو ملندو. الله تعاليٰ اوهان جي لاءِ حڪم چٽا ڪري ٿو ڇڏي، انهيءَ لاءِ ته گمراهه نه ٿيو ۽ الله تعاليٰ سڀني ڳالهين جو علم رکندڙ آهي.

سورت المائدة (دسترخوان)

بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي.

رکوع۱ آيت ۱ ـ تا ـ ۵

پنهنجا معاهدا پورا ڪيو ۽ پنهنجا سڀ فرض بجا آڻيو. اسلام ڪامل دين آهي

(۱) مؤمنو! پنهنجا معاهدا پورا ڪيو (پنهنجا سڀ فرض بجا آڻيو). توهان جي لاءِ ڍڳن ڍورن (جو گوشت کائڻ) حلال ڪيو ويو آهي، سواءِ انهن جي جن بابت (اڳي بيان ڪيل آهي ۽ اڳتي) حڪم ٻڌايو ويندو، پر جڏهن احرام جي حالت ۾ هجو تڏهن شڪار ڪرڻ حلال ناهي، بيشڪ الله تعاليٰ جيڪي چاهي ٿو تنهن جو حڪم ڏئي ٿو. (۲) مؤمنو! خدا جي شعائرن جي (يعني خدا پرستي جي مقرر ڪيل نشانين ۽ رسمن جي) بي حرمتي نه ڪريو، نڪي انهن مهينن جي (بي حرمتي ڪريو) جي حرمت جا مهينا آهن (ذي قعد،ذي الحج، محرم ۽ رجب مهينن ۾ جنگ ڪرڻ جائز ناهي ڇو ته انهن مهينن ۾ حاجين جي آمدرفت رهندي هئي) نڪي (حَج جي) قرباني جي (بيحرمتي ڪريو) ۽ نه انهن جانورن جي جن جي ڳچين ۾ (نشانيءَ طور) ڪنڌيون پاتل آهن ۽ پڻ انهن ماڻهن جي (بي حرمتي نه ڪيو، نڪي ڪين روڪيو نڪي نقصان پهچايو) جي بيت الحرام جو قصد ڪن ٿا ۽ پنهنجي پروردگار جو فضل ۽ راضپو ڳولين ٿا، ۽ جڏهن توهان احرام جي حالت کان ٻاهر اچو تڏهن شڪار ڪيو، ۽ (خبردار) ائين نه ٿئي جو هڪ قوم جي (اوهان سان) دشمني اوهان کي هن ڳالهه تي آماده ڪري جو توهان ۾ زيادتي ڪرڻ لڳو. ڇو ته هنن اوهان کي ڪعبة الله کان روڪي ڇڏيو هو. (توهان جو دستور ته هي هئڻ گهرجي ته) نيڪي ۽ پرهيزگاريءَ جي ڪمن ۾ هڪ ٻئي جي مدد ڪريو، مگر گناهه ۽ ظلم جي ڪمن ۾ مدد نه ڪيو، ۽ (خبردار!) الله کان ڊڄندا رهو، جو يقيناً (بدعملن لاءِ) سخت سزا ڏيندڙ آهي. (۳) (مسلمانو!) توهان تي (هي شيون) حرام ڪيون ويون آهن، مردار جانور، رت، سوئر جو گوشت، اهو جانور جنهن تي خدا کان سواءِ ڪنهن ٻئي جو نالو ونڊجي، گردن گهٽي ماريل، ڏڪ هڻي ماريل، مٿاهين جاءِ تان ڪري مئل، ڪنهن جانورن جي سڱن سان مريل، جنهن کي ڪنهن ڦاڙيندڙ جانور چيري، ڦاڙي کاڌو هجي، پر اهي (حرام ناهن) جن کي توهان (انهن جي مرڻ کان اڳي) ذبح ڪري ونو. اهو جانور به حرام آهي جو ڪنهن غير الله جي پوڄا جي جاءِ تي ذبح ڪيو وڃي، ۽ جيڪي (گوشت يا ٻيون شيون ڪٽن جي نموني يا جوا طور) تيرن سان پاڻ ۾ ورهايو (جيئن عرب جا مشرڪ ڪندا هئا سو به حرام آهي). اها گناهه جي ڳالهه آهي. (مسلمانو!) جن ماڻهن ڪفر جي وات ورتي هئي اهي هاڻي اوهان جي دين بابت نااميد ٿي ويا آهن (يعني ڏسن ٿا ته اسلام پکي پايي تي قائم ٿي ويو آهي ۽ مسلمان زور ونڊي ويا آهن) پوءِ توهان هنن کان بلڪل نه ڊڄو ۽ فقط مون کان ڊڄو (۽ منهنجي

حڪم جي تعميل ڪيو) اڇو ڪي ڏينهن مون توهان جي لاءِ توهان جو دين ڪامل ڪري ڇڏيو ۽ پنهنجي نعمت اوهان تي پوري ڪيم ۽ توهان جي لاءِ دين اسلام پسند ڪيم، پر جيڪڏهن ڪو ماڻهو بک کان لاچار هجي، ائين نہ تہ (ڄاڻي ٻجهي) گناهہ جو ڪم ڪرڻ چاهي (۽ لاچاري حالت ۾ ڪا حرام شيءِ کائي) تہ پوءِ الله تعاليٰ بخشڻهار ۽ رحمت رکندڙ آهي. (٤) (اي پيغمبر!) ماڻهو تو کان پڇن ٿا تہ ڪهڙيون ڪهڙيون شيون ڪين حلال آهن؟ تون چئو تہ، جيڪي ٻہ چگيون شيون آهن، سي سڀ توهان جي لاءِ حلال ڪيون ويون آهن ۽ شڪاري جانور جن کي توهان شڪار ڪرڻ لاءِ تربيت ڏني آهي ۽ (شڪار جو طريقو) جيئن خدا توهان کي سيکاريو آهي (يعني خدا جي ڏنل عقل ۽ ڏهن سان توهان ڳولي ڪڍيو آهي) انهن شڪاري جانورن کي سيکاريو تہ پوءِ جيڪو شڪار هو پڪڑين ۽ توهان جي لاءِ رکن تہ اهو توهان بيشڪ کائو، پر گهرجي تہ (شڪاري جانور کي شڪار تي ڇڏڻ وقت) خدا جو نالو وٺو (جيئن ذبح ڪرڻ وقت وٺندا آهيو) ۽ (هر حال ۾) الله کان ڊڄندا رهو (ياد رکو تہ) الله تعاليٰ (عملن جو) حساب وٺڻ ۾ بلڪل تيز آهي. (٥) اڄ سڀ چگيون شيون توهان جي لاءِ حلال ڪيون ويون آهن، جن ماڻهن کي ڪتاب ڏنو ويو آهي تن (اهل ڪتاب) جو تيار ڪيل طعام توهان جي لاءِ حلال آهي ۽ اوهان جو طعام هنن لاءِ حلال آهي. پڻ اوهان جي لاءِ مسلمان ٻيبيون ۽ اهل ڪتاب جون ٻيبيون حلال آهن، بشرطيڪ انهن جو مهر انهن کي ڏيو ۽ مقصود نڪاح ۾ آڻڻ جو هجي، نڪي نفس پرستيءَ لاءِ بدڪاري ڪئي وڃي، نڪي لڪي ڇپي بدچالي ڪئي وڃي. ۽ (ياد رکو تہ) جيڪو ٻہ ايمان کان منڪر ٿيو تنهنجا عمل ضايع ٿي ويا ۽ آخرت ۾ هو انهن منجهان هوندو جي تباهہ حال هوندا.

رکوع ٢ آيت ٦ ـ تا ـ ١١

وضو ۽ تيمم جو حڪم. حق جي حمايت ڪرڻ ۽ سچي شاهدي ڏيڻ

(٦) مؤمنؤ! جڏهن نماز جي لاءِ تياري ڪيو تڏهن پنهنجو منهن ۽ هٿ ڪُنڌين تائين ڌوئيندا ڪريو ۽ متي تي (پاڻي سان آلو ڪيل) هٿ گهمايو ۽ پنهنجا ٻئي پير مرن تائين ڌوئي ڇڏيو، ۽ جيڪڏهن تڙ جي ضرورت هجي تہ وهنجي صاف ۽ پاڪ ٿيو ۽ جيڪڏهن توهان بيمار هجو ۽ (پاڻيءَ جو استعمال نقصانڪار هجي) يا سفر ۾ هجو (۽ پاڻيءَ جي ڳولا ڪرڻ ۾ تڪليف هجي) يا توهان مان ڪو پائخاني مان ٿي آيو هجي يا عورت کي هٿ لاتو هجيس (همبستر ٿيو هجي) ۽ پاڻي نہ ملي تہ پوءِ (وضو ۽ غسل لاءِ پاڻيءَ بدران) پاڪ متيءَ کان ڪم وٺو. (تيمم جو طريقو هي آهي تہ) پاڪ متيءَ تي هٿ لڳائي هٿن کي منهن ۽ ٻانهن تي (ڪُنڌين تائين) گهمايو. الله تعاليٰ نٿو چاهي تہ توهان کي ڪنهن ٻہ قسم جي تڪليف ۽ تنگيءَ ۾ وجهي، بلڪ هو چاهي ٿو تہ توهان کي (اهڙن عملن جي وسيلي) صاف ۽ پاڪ رکي ۽ پڻ چاهي ٿو تہ توهان تي پنهنجي نعمت (هدايت) پوري ڪري تہ توهان شڪرگذار رهو (يعني الله جي نعمتن جو قدر ڪريو). (٧) الله

تعاليٰ جا نعمت اوهان تي ڪئي آهي، سا ياد رکو ۽ سندس عهد اقرار نہ وساريو جو مضبوطيءَ سان اوهان کان ونڊي ڇڏيو اٿس، جڏهن توهان (اسلام قبول ڪندي) چيو هو تہ، اسان تنهنجو حڪم ٻڌو ۽ اسان فرمانبرداري ڪئي (۽ ڪندا رهنداسين) ۽ (جڏهن تہ اهڙو عهد اقرار ڪري چڪا آهيو، تڏهن هر حال ۾) خدا (جي نافرمانيءَ جي نتيجن) کان ڊڄندا رهو، جيڪي جيڪي (اوهان جي) دلين ۾ لڪل آهي سو يقيناً الله تعاليٰ کي معلوم آهي. (۸) مؤمنؤ! خدا (جي سچائيءَ) جي لاءِ مضبوطيءَ سان قائم رهڻ وارا ۽ انصاف جي لاءِ (سچي) شاهدي ڏيڻ وارا ٿيو، ۽ (خبردار) ائين نہ ٿئي جو ڪن ماڻهن جي (اوهان سان) دشمني اوهان کي هن ڳالهہ لاءِ اڀاري تہ توهان (ساڻن) انصاف نہ ڪيو. (هر حال ۾) انصاف ڪيو. ڇو تہ ائين ڪرڻ تقويٰ کي ويجهو آهي ۽ الله (جي نافرماني جي نتيجن) کان ڊڄو، توهان جيڪي بہ ڪيو ٿا تنهن جي الله تعاليٰ خبر رکندڙ آهي. (۹) جن ماڻهن ايمان آندو ۽ صالح عمل ڪيا تن سان الله تعاليٰ جو واعدو آهي، تہ انهن جي لاءِ مغفرت ٿيندي ۽ کين وڏو اجر ملندو. (۱۰) پر جن ماڻهن ڪفر ڪيو ۽ اسان جي آيتن کي ڪوڙو ڪوٺيو سي دوزخي آهن. (۱۱) مؤمنؤ! پاڻ تي الله جي اها نعمت ياد ڪيو جو جڏهن هڪ قوم پڪو ارادو ڪري ورتو هو تہ توهان تي (جنگ ۽ تباهي جو) هٿ وڌائي. تڏهن خدا (پنهنجي ڪرم ۽ فضل سان) هنن جا هٿ اوهان کان روڪي ڇڏيا (۽ توهان بنا وڌي نقصان جي غالب رهيؤ) ۽ الله کان ڊڄندا رهو، مؤمنن کي گهرجي تہ فقط الله تي ئي پروسو رکن.

رکوع ۳ آيت ۱۲ ـ تا ـ ۱۹

يهودين ۽ عيسائين فرمانبرداريءَ جو عهد ٽوڙيو.

(۱۲) ۽ هيءَ حقيقت آهي تہ الله تعاليٰ بني اسرائيلن کان (فرمانبرداريءَ جو) عهد ورتو هو ۽ هنن ۾ ٻارهن سردار مقرر ڪيا هئا ۽ الله تعاليٰ (کين) فرمايو هو تہ مان توهان سان آهيان (يعني منهنجي مدد اوهان سان آهي) جيڪڏهن توهان نماز قائم رکي، زڪوٰت ڏيندا رهيؤ، منهنجي سيني رسولن تي ايمان آندو ۽ انهن جي مدد ڪيو ۽ الله کي چگو قرض ڏيندا رهيؤ (يعني حق جي راهہ ۾ پنهنجو مال خرچ ڪندا رهيؤ) تہ پوءِ مان ضرور توهان مان توهان جون برايون کڏي ڇڏيندس ۽ توهان کي ضرور (نعمتن جي) باغن ۾ داخل ڪندس جن جي هيٺان نهرون وهنديون، پوءِ توهان مان جنهن هن کان پوءِ بہ ڪفر جي واٽ اختيار ڪئي، تنهن يقيناً (ڪاميابيءَ واري واٽ) سڌي راهہ گم ڪري ڇڏي. (۱۳) پوءِ هنن ماڻهن فرمانبرداري جو عهد ٽوڙيو، تنهن سبب اسان مٿن لعنت ڪئي ۽ سندن دلين سخت ڪيون سين. (ڇو تہ خدا جو قانون آهي تہ جيڪو حق ۽ اطاعت کان قري ٿو وڃي تنهن جي دل ۽ دماغ سمجهہ ۽ هدايت جي لائق نٿا رهن) جيئن تہ هو (خدا جي) لفظن کي سندن اصلي جاءِ تان ڦيرائي ٿا ڇڏين (۽ پنهنجي دنيائي مطلبن حاصل ڪرڻ لاءِ پنهنجون معنائون ٿا ڏاهين) تنهن ڪري جنهن ڳالهہ جي کين

نصيحت ڪئي ويئي هئي تنهن مان ڪو فائدو وٺڻ، هنن جي حصي ۾ نہ آيو ۽ ان کي بلڪل وساري ويهي رهيا، ۽ توهان (مسلمان هاڻي ب) هنن جي (اهڙي) ڪنهن نہ ڪنهن خيانت جو اطلاع حاصل ڪندا رهو ٿا (يعني ڏسو ٿا تہ هو پنهنجي خدائي ڪتابن جا لفظ متائي ٻڌائين ٿا) اهي تمام ٿورا آهن جي ائين نٿا ڪن پوءِ (اي پيغمبر!) تون هنن جي (خيانتن ڪان) درگذر ڪر ۽ هنن کي ڏيان نہ ڏي. بيشڪ الله تعاليٰ انهن کي حب ڪري ٿو جي نيڪ عمل ڪندڙ آهن. (١٤) ۽ جيڪي ماڻهو پاڻ کي نصاريٰ (عيسائي) سڏائين ٿا، تن کان ب اسان (ايمان ۽ عمل جو) عهد ورتو هو (پر) پوءِ (چا ٿيو جو) جنهن ڳالهہ جي کين نصيحت ڪئي ويئي هئي تنهن مان ڪوب فائدو وٺڻ هنن جي حصي ۾ نہ آيو ۽ ان کي بلڪل وساري ويهي رهيا. (هو فرقا ٺاهي جدا جدا ٿي ويا) پوءِ اسان هنن جي (مختلف فرقن جي) وچ ۾ قيامت تائين دشمني ۽ بغض جي باهہ ڀڙڪائي ڇڏي. (فرقا ٺاهڻ جو اهو قدرتي نتيجو آهي.) اهو وقت پري ناهي جڏهن الله تعاليٰ سندن ڪرتوتن جي حقيقت کين ٻڌائيندو. (١٥) اي اهل ڪتاب! هيءَ حقيقت آهي تہ اسان جو رسول اوهان ڏي اچي چڪو آهي خدائي ڪتاب (يعني تورات ۽ انجيل) جون گهڻيون ئي ڳالهيون جن کي توهان (نفساني خواهشن پورين ڪرڻ لاءِ) لڪائيندا رهيا آهيو، سي هو اوهان کي چٽيون ڪري ٻڌائي ٿو ۽ گهڻيون ئي ڳالهين کان درگذر ڪري ٿو (جن جي بيان ڪرڻ جي ضرورت نٿو ڏسي). الله جي طرف کان اوهان وٽ (حق جي) روشني اچي ويئي آهي ۽ چٽايون ڪندڙ روشن ڪتاب (قرآن مجيد) اچي چڪو آهي. (١٦) خدا ان (ڪتاب) جي وسيلي انهن ماڻهن لاءِ جي (نفساني خواهشن جي بجاءِ) خدا جي راضپي (وارن حڪمن) جي تابعداري ڪن ٿا، سلامتيءَ جون واٽون ڏيکاري ٿو (۽ ڪولي ڪولي ظاهر ڪري ٿو ڇڏي) ۽ پنهنجي حڪم سان (يعني پنهنجي مقرر قانون موجب) هنن کي اونداهين مان ڪڍي ٿو ۽ روشنائيءَ ۾ آڻي ٿو ۽ (ڪاميابيءَ جي) سڌي راهہ تي لڳائي ڇڏي ٿو. (١٧) يقيناً انهن ماڻهن ڪفر ڪيو جن چيو تہ الله آهي مسيح بن مريم. (اي پيغمبر!) تون انهن ماڻهن کي چئو تہ (هي ڪهڙي نہ ٻي عقليءَ جي ڳالهہ ٿا ڪيو؟) جيڪڏهن خدا مسيح پٽ مريم کي ۽ سندس ماءُ کي بلڪ روءِ زمين تي جيترا ب انسان آهن تن سيني کي فنا ڪرڻ چاهي تہ ڪير آهي جو هن جي بادشاهيءَ ۾ دخل ڏيڻ جي جرئت ڪري سگهي. آسمان ۽ زمين جي ۽ جيڪي ب منجهن آهي تنهن سڀ جي بادشاهي فقط الله کي آهي. هو جيڪي ب چاهي ٿو سو خلقي ٿو ۽ هو هر شيءِ تي قدرت رکندڙ آهي. (١٨) يهودي ۽ عيسائي چون ٿا تہ اسان خدا جا پٽ ۽ سندس پيارا آهيون (اسان ڪجهہ ب ڪيون تہ ب اسان لاءِ نجات آهي) تون کين چئو تہ جيڪڏهن ائين آهي تہ پوءِ خدا توهان جي بدعملين سبب اوهان کي (وقت ب وقت) ڇو عذاب ڏيندو رهيو؟ (اها ڳالهہ توهان پاڻ ب قبول ڪيو ٿا ۽ توهان جا ڪتاب خدا جي ملامتن ۽ عذابن جي واقعن سان ڀريا پيا آهن) بلڪ حقيقت هي آهي تہ سندن پيدا ڪيل انسانن مان توهان ب انسان آهيو. (نجات الله جي هٿ ۾ آهي) هي جنهن کي چاهي

تنهن کي بخشي ڇڏي ۽ جنهن کي چاهي تنهن کي عذاب ڏئي. آسمانن جي، زمين جي ۽ انهن سيني جي جيڪي انهن ۾ آهن مالڪي ۽ سلطاني فقط هن جي لاءِ آهي ۽ سيني کي آخر ڏانهنس ئي موٽڻو آهي. (۱۹) اي اهل ڪتاب! اهڙيءَ حالت ۾ جو رسولن جو ظهور ڪيتريءَ ئي مدت کان وڻي بند هو، اسان جو رسول (پيغمبر اسلام) اوهان وٽ آيو. هو اوهان جي لاءِ (منهنجا حڪم) چٽا ڪري ٻڌائي رهيو آهي ته توهان ائين نه چئي سگهو ته، اسان ڏي ڪو بشير (هدايت جي خوشخبري ڏيندڙ) ۽ نذير (گمراهيءَ کان خبردار ڪندڙ) ڪونه آيو (هاڻي ڏسو ته) توهان وٽ بشير ۽ نذير اچي ويو آهي. (يعني هاڻي توهان جي لاءِ ڪوبه عذر باقي ڪونه رهيو آهي) الله تعاليٰ هر شيءِ تي قادر آهي.

رکوع ٤ آيت ۲۰ ـ تا ـ ۲٦

يهودين جي بزدلي ۽ ڪم همتي ۽ جنگ ڪرڻ کان ٽهڻ. انهيءَ بزدليءَ جو نتيجو

(۲۰) ۽ (اهو واقعو ياد ڪيو) جڏهن حضرت موسيٰ پنهنجي قوم کي چيو هو ته، اي منهنجي قوم! الله جو پاڻ تي احسان ياد ڪيو، (جو هن اوهان تي وڏيون مهربانيون ۽ نعمتون ڪيون ۽) هن اوهان ۾ نبي پيدا ڪيا، توهان کي آزاد ۽ حاڪم قوم بنايائين ۽ توهان کي اها (نعمت) عطا ڪيائين جا (اڳي) دنيا ۾ ڪنهن کي به نه عطا ڪيائين (يعني نبوت ۽ بادشاهي ٻئي گڏ اڳي ڪنهن به قوم کي نه مليا هئا). (۲۱) اي منهنجي قوم! (هاڻي) پاڪ زمين (فلسطين) ۾ داخل ٿيو جا زمين خدا توهان جي لاءِ لکي ڇڏي آهي. (يعني جنهن بابت اوهان کي واعدو ڏنل آهي ته اهو اباڻو ملڪ وري اوهان کي ملندو). متان (ڊپ ۾) پٺئين پير پٺي ڏئي هٽي وجو ۽ (فتح ڪرڻ بدران) نقصان ۽ تباهي هيٺ اچي وجو. (۲۲) (تنهن تي) هنن جواب ڏنو ته اي موسيٰ! ان ملڪ ۾ وڏي طاقت وارا زبردست ماڻهو رهن ٿا (اسان کي هنن سان وڙهڻ جي طاقت ڪانهي). سو جيستائين اهي ماڻهو ان ملڪ مان پاڻهي نڪري نه وڃن تيستائين اسان ان ملڪ ۾ پير به نه پائينداسين. پر جيڪڏهن هو اتان نڪري ويندا ته پوءِ اسان ضرور داخل ٿي وينداسين. (۲۳) تنهن تي ٻن ماڻهن جيڪي فقط خدا کان ڊڄڻ وارا هئا ۽ جن کي الله تعاليٰ (ايمان جي) نعمت عطا فرمائي هئي، تن انهن ماڻهن کي چيو ته، (اهڙا ڊڄڻا ڇو ٿيا آهيو همت ڪري انهن ماڻهن جي مٿان ڪاهي پئو ۽) دروازي کان داخل ٿي وجو. جيڪڏهن توهان داخل ٿيندؤ ته يقيناً توهان غالب پوندؤ ۽ (فتح حاصل ڪندؤ) ۽ جيڪڏهن توهان سچ پچ ايمان وارا آهيو ته خدا تي پروسو رکو. (۲٤) تنهن تي هنن (ڊڄڻن) چيو ته، اي موسيٰ! جيستائين هو (زبردست) ماڻهو اتي موجود آهن تيستائين اسان ڪڏهن به داخل ٿيڻ وارا ناهيون. (۽ جيڪڏهن تون اوڏاهين وڃڻ لاءِ اهڙو شائق آهين ته) تون پاڻ هليو وڃ ۽ تنهنجو خدا به توسان وڃي. اوهان ٻئي وڃي وڙهو. اسان ته هتي ئي ويهي ٿا رهون. (۲۵) (هيءَ حالت ڏسي حضرت) موسيٰ چيو ته، اي منهنجا رب! مون کي پنهنجي جان ۽

پنهنجي پاءُ (هارون) کان سواءِ ٻئي ڪنهن تي ٻہ اختيار ڪونهي. تنهن ڪري تون اسان ۽ هنن بي فرمان ماڻهن جي وچ ۾ (پنهنجي حڪم سان) فيصلو ڪري ڇڏ. (٢٦) الله جو حڪم ٿيو تہ (جنهن صورت ۾ هي ماڻهو اهڙا ڍڄٽا ۽ بي فرمان ٿيا آهن تنهن صورت ۾) هاڻي هنن تي اهو پاڪ ملڪ چالهين سال تائين حرام ڪيو ٿو وڃي. (يعني چاليهن سال تائين اهو ملڪ ڪين نہ ملندو). هو هن ٿي بيابان ۾ رلندا ڦرندا وتندا. تنهن ڪري (اي موسيٰ!) تون هنن بي فرمان ماڻهن جي حالت تي غمگين نہ ٿيءُ.

رڪوع ٥ آيت ٢٧ ـ تا ـ ٣٤

يهودين ۾ فساد ۽ خونريزيءَ جي عادت گهر ڪري ويئي

(٢٧) ۽ (اي پيغمبر!) انهن ماڻهن کي آدم جي ٻن پٽن جو حال سچائيءَ سان ٻڌائي ڇڏ، جڏهن هنن (خدا جي قبوليت لاءِ) قرباني پيش ڪئي، تڏهن انهن مان هڪڙي (يعني هابيل) جي قبول ٻئي ۽ ٻئي جي قبول نہ ٻئي (يعني قابيل جي قبول نہ ٻئي، تنهن تي قابيل حسد ۽ ساڙ ۾ سڙي) چيو تہ، مان توکي ضرور قتل ڪندس، (هابيل) چيو الله تعاليٰ فقط متقي ماڻهن جي قرباني قبول ٿو ڪري. (جيڪڏهن خدا تنهنجي قرباني قبول نہ ڪئي تہ ان ۾ منهنجو ڪهڙو قصور!) (٢٨) جيڪڏهن تون مون کي قتل ڪرڻ لاءِ هٿ ڪٽندين تہ (ڪڍ) پر مان توکي قتل ڪرڻ لاءِ ڪڏهن ٻہ هٿ نہ ڪٽندس. مان الله کان ڊڄان ٿو جو سڄي جهان جو پروردگار آهي. (٢٩) مان تہ چاهيان ٿو تہ (زيادتي تنهنجي طرف کان ٿئي تہ ٿئي، پر منهنجي طرف کان نہ ٿئي، ۽) تون منهنجا گناهہ ۽ پنهنجا گناهہ پنهنجي سر تي کڻين ۽ دوزخين منجهان ٿئين جو ظلم ڪرڻ وارن کي اهوئي بدلو ملڻو آهي. (٣٠) پوءِ ڇا ٿيو جو) قابيل جي نفس کيس پنهنجي پاءُ جي قتل لاءِ تيار ڪيو. هن هابيل کي قتل ڪري وڌو. نتيجو هي نڪتو جو هو انهن منجهان ٿيو جي نقصان ۾ تباهي ۾ پيل آهن. (٣١) پوءِ الله تعاليٰ هڪڙي ڪانو کي موڪليو ۽ هو زمين کوٽڻ لڳو، انهيءَ لاءِ تہ کيس (يعني قابيل کي) ڏيکاري تہ ڪيئن پنهنجي پاءُ جو لاشو (زمين ۾) لڪائي ڇڏي. (اهو ڏسي قابيل) چيو تہ افسوس! منهنجي حال تي جو مون کان ايترو ٻہ ٿي نہ سگهيو جو ڪانو وانگر (زمين کوٽي) پنهنجي پاءِ جو لاش لڪائي ڇڏيان. مطلب تہ هو ڏاڍو پشيمان ٿيو. (٣٢) انهيءَ حالت جي مدنظر، اسان بني اسرائيلن جي لاءِ حڪم لکي ڇڏيو تہ، جنهن ٻہ ماڻهوءَ سواءِ ان حالت جي جڏهن قصاص ونڊو هجي يا ملڪ ۾ ڦرمار ۽ خونريزي ڪرڻ وارن کي سزا ڏيڻي هجي، ڪنهن ٻئي ماڻهو کي قتل ڪري وڌو، تنهن ڇڻ تہ سڀني انسانن جو خون ڪيو، ۽ جنهن ٻہ ٻئي ڪنهن جي حياتي بچائي تنهن ڇڻ تہ سڀني ماڻهن کي حياتي ڏني، ۽ پوءِ هنن ڏي اسان جا رسول (هڪ ٻئي پٺيان) روشن دليلن سان ايندا رهيا (۽ ظلم ۽ خونريزيءَ کان) کين منع ڪندا رهيا) تنهن هوندي ٻہ انهن مان گهڻا اهڙا هئا جي ملڪ ۾ زيادتيون ڪندا هئا. (٣٣) بيشڪ انهن ماڻهن لاءِ جيڪي الله ۽

سندس رسول سان جنگ ڪن ٿا ۽ ملڪ ۾ فساد مچائڻ لاءِ ڊڪ ڊوڙ ڪن ٿا، (يعني رهزن ۽ ڏاڙيل آهن تن جي) سزا هيءَ آهي ته هنن کي قتل ڪيو وڃي يا قاسيءَ تي لٽڪايو وڃي يا هنن جا هٿ پير مخالف طرفن کان وڍيا وڃن يا هنن کي ملڪ نيڪالي ڏني وڃي (جيئن هر حالت ۾ مناسب ڏسڻ ۾ اچي). اها سزا هن لاءِ دنيا ۾ خوار خراب ڪندڙ آهي ۽ آخرت ۾ به هنن جي لاءِ وڏو عذاب آهي. (٣٤) سواءِ انهن جي جيڪي توهان جي هٿ چڙهي وڃن ۽ توهان هنن کي گرفتار ڪريو تنهن کان اڳ ئي هو پشيمان ٿي (ظلم ۽ فساد کان) باز اچن. (اهڙن سان نرميءَ جي هلت ڪيو ۽ الله تعاليٰ به کين بخشيندو يقين ڪريو ته الله تعاليٰ بخشيندڙ ۽ رحم ڪندڙ آهي.

رڪوع ٦ آيت ٣٥ ـ تا ـ ٤٣

چور جا هٿ وڍڻ، ڪوڙ جي لاءِ ڪن لڳائڻ ۽ بچڻ طريقن سان پرائو مال کائڻ وارا يهودي آهن

(٣٥) مؤمنؤ! الله (جي نافرمانين جي نتيجن) کان ڊڄندا رهو ۽ وٽس پهچڻ لاءِ حيلا وسيلا ڳولیندا رهو ۽ سندس راهه ۾ ڪوشش ۽ جهاد ڪندا رهو، انهيءَ لاءِ ته توهان ڪاميابي حاصل ڪيو. (٣٦) جن ماڻهن ڪفر جي واٽ ورتي آهي، تن جي قبضي ۾ جيڪڏهن روءِ زمين جو سڀ (مال متاع) موجود هجي ۽ اوترو ٻيو به کين ملي وڃي ۽ پوءِ اهو (سڀ مال متاع) قيامت جي ڏينهن جي عذاب کان بچڻ لاءِ عيوضي طور ڏيئي ڇڏين تڏهن به اهو فديو قبول نه ڪيو ويندو، انهن جي لاءِ دردناڪ عذاب آهي. (٣٧) هو چاهيندا ته دوزخ جي باهه مان ٻاهر نڪري اچن، پر هو ڪڏهن به ٻاهر نڪري نه سگهندا، هنن جي لاءِ قائم رهڻ وارو عذاب هوندو. (٣٨) ۽ جيڪي چور هجن مرد خواهه عورتون تن جا هٿ وڍي ڇڏيو. اها هنن جي ڪيئي جي سزا آهي ۽ الله جي طرف کان عبرت جي نشاني آهي (جنهن کي ڏسي ٻيا چوري نه ڪندا) الله تعاليٰ (سيني تي) غالب ۽ (پنهنجي سيني حڪمن ۾) حڪمت رکندڙ آهي. (٣٩) پوءِ جنهن اهڙي ظلم (يعني چوري) ڪرڻ بعد توبه ڪئي (يعني چوري ڪرڻ کان هميشه لاءِ باز رهيو) ۽ پاڻ کي سڌاريائين، تنهن ڏانهن الله تعاليٰ به (پنهنجي رحمت جي) موٽ ڪندو، بيشڪ هو بخشيندڙ ۽ رحمت رکندڙ آهي. (٤٠) (اي انسان! تون خدا جي بخشش ۽ رحمت تي عجب نه ڪاءُ) ڇا تو کي خبر ناهي ته آسمان ۽ زمين جي سڄي بادشاهي فقط الله جي آهي، جنهن کي وٽيس تنهن کي عذاب ڏئي ۽ جنهن کي وٽيس تنهن کي بخشي ڇڏي ۽ هو هر شيءِ تي قادر آهي. (٤١) اي پيغمبر! انهيءَ ٽولیءَ مان جن زبان سان ته چيو ته، اسان ايمان آندو پر هنن جون دليون ايمان کان خالي هيون ۽ پڻ انهيءَ ٽولي مان جي يهودي آهن، جيڪي به ڪفر جي واٽ تي تڪڙا ڊوڙيا تن جي حالت تو کي غمگين نه ڪري. اهي ماڻهو ڪوڙ جي لاءِ ڪن ڏيئي ٻڌڻ وارا آهن (۽ هن لاءِ) ڪن ڏئي ٻڌندڙ آهن ته انهن ٻين ماڻهن کي (تنهنجون) ڳالهيون وڃي ٻڌائين جيڪي تو وٽ نه آيا آهن. اهي ماڻهو (تورات) جي لفظن کي

باوجود انهن جو صحيح مطلب موقعن سان مناسب ثابت ٿيو هجي پنهنجي صحيح معنيٰ کان ڦيرائي ڇڏين ٿا. هو (ماڻهن کي) چون ٿا تہ (جيڪو حڪم تورات) جو اسان توهان کي ٻڌايو اهڙوئي حڪم (حضرت ﷺ وٽان اوهان کي) ڏنو وڃي تہ قبول ڪيو، نہ ڏنو وڃي تہ پاسو ڪيو. (اي پيغمبر! اهڙن فاسق ماڻهن جي حالت تي غم نہ ڪر) جنهن ۾ شخص لاءِ الله تعاليٰ چاهي ٿو تہ آزمائش ۾ پوي (۽ سندس ڪوٽ ظاهر ٿي پوي) تنهن لاءِ تون خدا کان ڪجهہ ۾ (هدايت) حاصل ڪري نٿو سگهين. (يقين ڪر تہ) اهي ئي ماڻهو آهن، جن جي دلين کي الله تعاليٰ پاڪ ڪرڻ نٿو چاهي. (ڇو تہ سندس قانون آهي تہ جيڪو گندگي پسند ٿو ڪري تنهن جي لاءِ پاڪائي جي وات بند ٿي وڃي ٿي) انهن جي لاءِ دنيا ۾ ۾ خواري خرابي آهي ۽ آخرت ۾ ۾ وڏو عذاب آهي. (٤٢) (اي پيغمبر!) هي ماڻهو ڪوڙ جي لاءِ ڪن لڳائڻ وارا ۽ بڇڙن طريقن سان (پرائو) مال کائڻ وارا آهن، پوءِ جيڪڏهن اهي تو وٽ اچن (۽ پنهنجو ڪيس پيش ڪن) تہ (توکي اختيار آهي تہ) انهن جي وچ ۾ فيصلو ڪرين يا هنن کان پاسو ڪرين. جيڪڏهن پاسو ڪندين تہ هو توکي ڪجهہ ۾ نقصان پهچائي نہ سگهندا، پر جيڪڏهن فيصلو ڪرين تہ پوءِ هنن جي وچ ۾ بلڪل انصاف سان فيصلو ڪر (اهو خيال نہ ڪر تہ هو شرير يا ڪافر آهن) بيشڪ الله تعاليٰ انصاف ڪندڙن کي حب ٿو ڪري. (٤٣) ۽ هي ماڻهو ڪيئن ٿا توکان فيصلا ڪرائين جڏهن تہ تورات هنن وٽ موجود آهي ۽ خدا جو حڪم ان ۾ موجود آهي. (ان جي مطابق پاڻ ڇو نہ ٿا فيصلا ڪن؟) هو تورات هوندي ۾ پنهنجو منهن (ان کان) موڙين ٿا ۽ حقيقت هي آهي تہ (ان تي) ايمان ئي ڪونهين (ظاهري تہ ايمان هون، پر اسان مسلمانن وانگر عمل ڪونہ ڪندا هئا).

رکوع ۷ آيت ٤٤ ـ تا ـ ٥٠

خدا پرستي ۽ صالح عمل سيني قومن ۾ هجن تہ دنيا جا سڀ ماڻهو هڪ ٿي وڃن.

(٤٤) بيشڪ اسان تورات نازل ڪيو. ان ۾ هدايت ۽ روشني آهي، خدا جا نبي جيڪي (خدا جي حڪمن جا) فرمانبردار هئا، انهيءَ (تورات) جي مطابق يهودين کي حڪم ڏيندا هئا ۽ پٽ ربي ۽ احبار (يعني يهودين جا علماء ۽ مشائخ) انهيءَ (تورات) تي عمل ڪندا هئا. ڇو تہ هو انهيءَ الله جي ڪتاب جا محافظ ٺهرايا ويا هئا ۽ ان (جي حڪمن ۽ هدايتن) تي شاهد هئا، پوءِ (اي يهودين جي جماعت وارؤ! حق جي تابعداري ڪرڻ ۾) ماڻهن کان نہ ڊجو. مون کان ڊجو ۽ منهنجي آيتن کي (دنيائي فائدي جي) ٿورڙي بَها تي وڪٽي نہ ڇڏيو. (ياد رکو تہ) جيڪڏهن ڪوبہ خدا جي نازل ڪيل ڪتاب مطابق حڪم نہ ڏيندو تہ اهڙائي ماڻهو آهن، جي ڪافر آهن. (٤٥) ۽ اسان (يهودين جي لاءِ تورات ۾) هي حڪم ڏنو هو تہ جان جي عيوض ۾ جان، اک جي عيوض ۾ اک، نڪ جي عيوض ۾ نڪ، ڪن جي عيوض ۾ ڪن، ڏند جي عيوض ۾ ڏند ۽ زخمن جي عيوض ۾ اهڙائي زخم. پوءِ جيڪو بدلو وٺڻ معاف ڪري ڇڏي تنهن لاءِ اها (معافي سندس

گناهن جو) ڪفارو ٿيندي ۽ جيڪڏهن ڪو خدا جي نازل ڪيل ڪتاب موجب حڪم نہ ڏيندو تہ اهڙائي ماڻهو آهن جي ظلم ڪندڙ آهن. (٤٦) ۽ پوءِ (انهن نبين جي پٺيان) انهن ئي جي نقش قدم تي اسان عيسيٰ ابن مريم کي پيغمبر ڪري موڪليو، ۽ تورات جو سندس سامهون موجود هو، تنهن جي تصديق ڪندڙ ڪري کيس موڪليوسين. ۽ اسان کيس انجيل ڏنو، جنهن ۾ هدايت ۽ روشني آهي ۽ تورات جيڪو اڳيئي موجود هو تنهن جي تصديق آهي، ۽ پڪ متقي ماڻهن لاءِ (سعادت جي) راهہ ڪولي ڏيکارڻ وارو ۽ (اعليٰ نصيحتن سان ڀريل آهي.) (٤٧) انجيل وارن (عيسائين) کي گهرجي تہ جيڪي انجيل ۾ الله تعاليٰ نازل ڪيو آهي تنهن موجب حڪم ڏين، ۽ جيڪڏهن ڪو خدا جي نازل ڪيل ڪتاب موجب حڪم نہ ڏيندو تہ پوءِ اهڙائي ماڻهو آهن جي فاسق آهن. (٤٨) ۽ (اي پيغمبر اهڙيءَ طرح) اسان توڏي سچائيءَ سان ڀريل ڪتاب موڪليو جو انهن ڪتابن جي تصديق ڪندڙ آهي، جيڪي اڳ ئي موجود آهن ۽ انهن تي نگهبان آهي، تنهن ڪري تون خدا جي نازل ڪيل ڪتاب مطابق ماڻهن جي وچ ۾ فيصلا ڪر، ۽ جيڪا سچائي تو وٽ اچي چڪي آهي، تنهن کي ڇڏي ماڻهن جي خواهشن جي پيروي نہ ڪجانءِ. اوهان مان هرهڪ قوم لاءِ اسان هڪ "شرع" ۽ "منهاج" ٺهرايو (يعني مذهبي زندگيءَ جو طريقو مقرر ڪيو) جيڪڏهن خدا چاهي ها تہ اوهان سڀني کي هڪ امت بنائي ها (يعني سڀ قومون هڪ حالت ۾ هجن ها ۽ مختلف طريقن جي ضرورت نہ پوي ها) پر (الله تعاليٰ هن ڪري ائين نہ ڪيو) تہ جيڪي (توهان جي حالتن ۽ ضرورتن مطابق وقت بہ وقت) اوهان کي ڏنو ويو آهي، تنهن ۾ توهان کي آزمائي. (۽ توهان جي لاءِ ترقيءَ جون واٽون پيدا ٿين). پوءِ توهان نيڪيءَ جي راهہ ۾ هڪ ٻئي کان اڳتي وڌڻ جي ڪوشش ڪيو (جو سڀني شريعتن جو اصل مقصد اهوئي آهي) توهان سڀني کي آخر الله ئي ڏي موٽڻو آهي، پوءِ هو اوهان کي ٻڌائيندا تہ جن ڳالهين ۾ توهان هڪ ٻئي سان اختلاف ڪندرهيا هئو تن جي حقيقت چا هئي. (٤٩) ۽ (اي پيغمبر!) اسان توکي حڪم ڏنو تہ جيڪي الله تعاليٰ تو تي نازل ڪيو آهي تنهن مطابق ماڻهن جي وچ ۾ فيصلا ڪر ۽ هنن جي خواهشن جي پيروي نہ ڪر ۽ پڪ هنن بنسبت خبردار رهہ، جو ائين نہ ٿئي تہ جيڪي خدا نازل ڪيو آهي، تنهن جي ڪنهن بہ حڪم (جي تعميل) ۾ تنهنجا قدم هو هٽائي ڇڏين، پوءِ جيڪڏهن اهي ماڻهو منهن موڙين (۽ الله جا حڪم نہ مڃن) تہ پوءِ يقين ڪر تہ خدا کي اهائي ڳالهہ منظور آهي تہ هنن جي ڪن گناهن سببان مٿن مصيبت پوي، ۽ حقيقت هيءَ آهي تہ گهڻائي انسان (حق جي حڪمن جا) نافرمان آهن. (٥٠) پوءِ (جيڪي ماڻهو الله جا حڪم نٿا پسند ڪن سي چا ٿا چاهين؟) اهي جاهليت واري زماني جا حڪم ٿا چاهين چا؟ (جڏهن ماڻهو علم ۽ بصيرت کان محروم هئا ۽ پنهنجي وهمن ۽ بيوقوفين تي عمل ڪندا هئا) پر انهن ماڻهن جي لاءِ جي يقين رکندڙ آهن الله کان بهتر حڪم ڏيڻ وارو ڪير ٿي سگهي ٿو؟

رکوع ۸ آيت ۵۱ ـ تا ـ ۵۶

ديني دشمنن سان دوستيون نہ رکو، سچن مسلمانن جون خصلتون

(۵۱) مؤمنؤ! يهودين ۽ عيسائين کي (جيکي توهان جي خلاف اٿي ڪڙا ٿيا آهن) پنهنجو رفيق ۽ مددگار نہ بنايو. هو (اوهان جي مخالفت ۾) هڪ ٻئي جا مددگار آهن ۽ (هاڻي) توهان مان جيکو هنن کي پنهنجو رفيق ۽ مددگار بنائيندو سو انهن مان سمجهيو ويندو. الله تعاليٰ انهيءَ قوم کي (کاميابي ۽ سعادت) جي واٽ نٿو ڏيکاري جيکا ظلم ڪندڙ آهي. (۵۲) پوءِ (اي پيغمبر!) تون ڏسندين تہ جن ماڻهن جي دلين ۾ (نفاق جو) مرض آهي سي انهن (يهودين ۽ نصاريٰ) ڏي ڊڪ ڊوڙ ڪري رهيا آهن ۽ چئي رهيا آهن تہ اسان ڊڄون ٿا تہ متان (انهن ماڻهن کان الڳ ٿي وڃڻ ڪري) کنهن مصيبت جي گهيري ۾ نہ اچي وڃون. (يقين رک تہ) جلد الله تعاليٰ (اوهان کي) فتح ڏيندو يا سندس طرف کان (کاميابي ۽ غلبي جي) کا ٻي ڳالهہ ظهور ۾ ايندي ۽ پوءِ اهي (منافق) ماڻهو ان ڳالهہ تي شرمندا ٿيندا جيکا پنهنجي دلين ۾ لڪائي هئاڻون. (۵۳) ۽ (ان وقت) ايمان وارا چوندا تہ، ڇا هي اهي ئي ماڻهو آهن جي زوردار نمونن سان الله جا قسم کڻي چوندا هئا تہ اسان توهان سان شامل آهيون. (حالانڪہ اهي منافق دشمن عيسائين ۽ يهودين سان شامل هئا) پوءِ(ڏسو تہ) هنن جا سڀ عمل (انهيءَ نفاق سببان) ضايع ٿي ويا ۽ آخر تباهہ ۽ نامراد رهجي ويا.

(۵۴) مؤمنؤ! اوهان مان جيکو بہ پنهنجي دين کان ڦري ويندو سو (اڻين نہ سمجهي تہ سندس ڦري وڃڻ جي ڪري دين کي ڪو نقصان پهچندو) ممڪن آهي تہ پوءِ الله تعاليٰ هڪ اهڙي قوم (سچن مؤمنن جي) پيدا ڪندو جن کي خدا حب ڪندو ۽ جيکي خدا سان حب رکندا ۽ اهي مؤمنن سان نهايت نرم ۽ نماڻا هوندا، پر دشمنن جي مقابلي ۾ نهايت سخت هوندا. هو الله جي راهہ ۾ جهاد ڪندا ۽ ڪنهن بہ ملامت ڪندڙ جي ملامت کان نہ ڊڄندا. اهو الله جو فضل آهي جو جنهن کي چاهي تنهن کي ڏئي. ۽ الله تعاليٰ (فضل ڏيڻ ۾) وڏي وسعت رکندڙ (سيني جو حال) ڄاڻندڙ آهي. (۵۵) (مسلمانو!) اوهان جو مددگار ڪو آهي تہ الله آهي، سندس رسول آهي ۽ پڻ اهي اوهان جا مددگار آهن، جيکي ايمان وارا آهن. (جن جون خصلتون هي آهن) جو هو نماز قائم رکن ٿا، زڪوٰت ادا ڪن ٿا ۽ (هر حال ۾) الله جي اڳيان جهڪيل رهن ٿا. (۵۶) ۽ (ياد رکو تہ) جنهن بہ الله کي، سندس رسول کي ۽ ايمان وارن کي پنهنجو رفيق ۽ مددگار بنايو، سو (الله جي جماعت ۾ داخل ٿيو ۽) بيشڪ الله جي جماعت غالب رهڻ واري جماعت ٿيندي.

رکوع ۹ آيت ۵۷ ـ تا ـ ۶۶

الله وٽ جزا ۽ سزا جي لحاظ کان اهي ماڻهو وڏيڪ ڀڄڙا ٿيا جن نافرمانيءَ سان گڏ آکڙ ۽ ٺٺوليون ڪيون، الله انهن تي لعنت ۽ غضب نازل ڪري، کين سوئرن ۽ بادرن جهڙو ڪري ڇڏيو.

(۵۷) مؤمنؤ! جن کي اوهان کان اڳ ۾ ڪتاب ڏنو ويو آهي (يهودين ۽ نصارن) ۽ (مڪي جي)

ڪافرن مان جيڪي اوهان جي دين تي ٺوڪون مسخريون ڪري رهيا آهن، تن ڪي توهان پنهنجو رفيق ۽ مددگار نہ بنايو ۽ الله (جي نافرمانيءَ جي نتيجن) کان ڊڄو، جيڪڏهن توهان سچ پچ ايمان وارا آهيو. (٥٨) ۽ جڏهن توهان نماز جي لاءِ سڏيو ٿا (يعني آذان ڏيو ٿا) تڏهن اهي ماڻهو ان کي کيل تماشو بنائن ٿا ۽ ان تي کل مسخري ڪن ٿا، اهو هن ڪري ٿا ڪن جو هو هڪ اهڙي جماعت آهي جا بلڪل بي سمجهہ آهي. (٥٩) (اي پيغمبر! تون انهن يهودين کي) چئو تہ، اي اهل ڪتاب! اسان کان فقط هن ڳالهہ لاءِ ويرٿا وڌو چا جو اسان الله تي ايمان ٿا رکون ۽ ان ڪتاب تي ايمان ٿا رکون جو اسان تي نازٿيو آهي ۽ پڻ انهن ڪتابن تي ايمان رکون ٿا جي اڳي نازل ٿيا هئا؟ ۽ پڻ هن ڪري (ويرٿا وڌو چا جو اسان چئون ٿا) تہ توهان مان گهڻا (تورات جي حڪمن جا) نافرمان ٿي ويا آهن؟ (٦٠) (اي پيغمبر تون کين) چؤ تہ، مان توهان کي بڏايان تہ الله وٽ جزا ۽ سزا جي لحاظ کان ڪير وڌيڪ بچڑا ٿيا؟ اهي ماڻهو (وڌيڪ بچڑا ٿيا) جن تي خدا لعنت ڪئي ۽ پنهنجو غضب نازل ڪيو ۽ انهن مان ڪيترن ئي کي باندرن ۽ سوئرن جهڙو ڪري ڇڏيو ۽ هي جي شيطاني طاقتن کي پوڄڻ لڳا، اهي ئي ماڻهو آهن جيڪي سيني کان بدتر درجي ۾ آهن ۽ سيني کان وڌيڪ، سڌي واٽ کان پري نڪري گمراهہ ٿي ويا آهن. (٦١) ۽ (ڏسو تہ) جڏهن اهي ماڻهو اوهان وٽ اچن ٿا تڏهن چون ٿا تہ، اسان ايمان آندو آهي، حالانڪ هو ڪفر ڪٽي توهان وٽ آيا هئا ۽ ڪفر ڪٽي واپس ويا، ۽ جيڪي هو پنهنجي دلين ۾ لڪائين ٿا، تنهن کي خدا بهتر ڄاڻڻ وارو آهي. (٦٢) ۽ توهان (مسلمان) انهن مان گهڻن کي ڏسندؤ تہ گناهہ، ظلم ۽ حرام جي مال کائڻ ۾ تڪڑا آهن. (افسوس! هنن جي ايمان جي دعويٰ تي) ڪهڑا بچڑا ڪم آهن جي (رات ڏينهن) هو ڪندا رهن ٿا! (٦٣) هنن جي عالمن ۽ بزرگن کي ڇا ٿي ويو آهي جو هنن کي ڪوڙن ۽ گناهہ جي لفظن چوڻ کان ۽ حرام جي مال کائڻ کان نٿا روڪين؟ ڪهڑا تہ اهي برا ڪرتوت آهن، جيڪي هو ڪري رهيا آهن! (٦٤) ۽ يهودين چيو تہ، الله جو هٿ (بخشش کان) بڏو پيو آهي. (حقيقت هيءَ آهي تہ) سندن ئي هٿ بڏا پيا آهن ۽ جيڪي جيڪي هنن چيو تنهن سببان هنن تي لعنت پئجي ويئي آهي. خدا جا تہ بئي هٿ ڪليل آهن. جيئن هو چاهي ٿو ٽيئن (پنهنجو فضل ۽ ڪرم) خرچ ڪري ٿو ۽ (توهان ڏسندؤ تہ) خدا جي طرف کان جيڪي اوهان تي نازل ٿيو آهي سو هنن مان گهڻن کي سرڪشي ۽ ڪفر ۾ اڃا بہ وڌيڪ وڌائيندو. ۽ (انهيءَ ئي سرڪشيءِ جي ڪري) اسان منجهن دشمني ۽ بغض وجهي ڇڏيو آهي جو قيامت تائين ميٽجڻ وارو ناهي. جڏهن بہ هو لڑائي لاءِ باهہ ڪائين ٿا تڏهن الله تعاليٰ ان کي وسائي ٿو ڇڏي. اهي ماڻهو ملڪ ۾ خرابي ۽ فساد پکيڑڻ لاءِ ڪوششون ڪن ٿا، پر الله تعاليٰ فساد ۽ خرابي پيدا ڪندڙن کي بلڪل پسند نٿو ڪري. (٦٥) ۽ جيڪڏهن اهل ڪتاب ايمان آڻين ها ۽ پرهيزگار ٿين ها تہ اسان ضرور هنن تان هنن جون خطائون (يعني خطائن جو اثر محو ڪري) ميساري ڇڏيون ها. ۽ ضرور کين نعمتن جي باغن ۾ داخل ڪيون ها.

(پر هو نافرمان ٿيا ۽ نعمتن کان محروم ٿي ويا.) (٦٦) ۽ جيڪڏهن اهي ماڻهو تورات ۽ انجيل کي ۽ جيڪي مٿن سندن پروردگار وٽان نازل ٿيو آهي تنهن کي (سچائيءَ سان) قائم رکن ها تہ ضرور هن کي مٿان (يعني آسمان مان) ۽ هيٺان (يعني زمين مان) نعمتون ملن ها. (پر هنن تورات جي تعليم ۽ حڪمن تي عمل نہ ڪيو). (ايترو سو آهي تہ) هنن ۾ هڪ جماعت بيشڪ وچون رستو (يعني چگو رستو) ونڊڻ آهي پر گهڻا هنن ۾ اهڙا آهن جي جيڪي ڪن ٿا سو سراسر بچڑائي آهي.

رکوع ۱۰ آيت ٦٧ ـ تا ـ ٧٧

اهل ڪتاب سان خطاب. ڪين تورات، انجيل ۽ قرآن جي حڪمن تي هلڻ جو تاڪيد.

(٦٧) اي پيغمبر! تنهنجي پروردگار جي طرف کان جيڪي توتي نازل ٿيو آهي، تنهن کي (خدا جي بندن تائين) پهچاءِ (۽ دشمنن جي پرواھ نہ ڪر) جيڪڏهن ائين نہ ڪيو تہ پوءِ تو خدا جو پيغام نہ پهچايو (يعني رسالت جي فرض ادا ڪرڻ ۾ ڪوتاهي ڪئي) ۽ الله توکي ماڻهن (جي شرارتن) کان بچائيندو هو انهيءَ ڳولي تي (ڪاميابي جي) وات نڏو کولي، جنهن ڪفر جي وات ورتي آهي. (٦٨) (اي پيغمبر!) انهن ماڻهن کي چئو تہ، اي اهل ڪتاب! توهان وٽ ڪابہ شيءِ ڪانهي (جنهن تي بيهي سگهو) جستائين ڪہ تورات ۽ انجيل تي ۽ ان تي جيڪي اوهان جي پروردگار وٽان اوهان تي نازل ٿيو آهي، قائم رهو. ۽ (اي پيغمبر! تون ڏسندين تہ) جيڪي تنهنجي پروردگار وٽان توتي نازل ٿيو آهي سو (هنن کي هدايت ۽ نصيحت جو سبب ٿيڻ بدران) هنن کي سرڪشي ۽ ڪفر ۾ وڌائيندو (چو تہ، ڪين توسان حسد ۽ ساڙ آهي). پوءِ تون انهيءَ انڪار ڪندڙ قوم جي حالت تي افسوس نہ ڪر. (٦٩) بيشڪ! جن ماڻهن (قرآن مجيد تي) ايمان آندو آهي يا اهي ماڻهو جيڪي يهودي ۽ صابي ۽ عيسائي آهن، ڪير بہ هجن پر انهن مان جيڪو بہ الله تي ۽ آخرت جي ڏينهن تي ويساھ رکندو ۽ صالح عمل ڪندو تنهن جي لاءِ نڪي ڪنهن قسم جو خوف خطرو هوندو، نڪا غمگيني هوندي. (٧٠) هيءَ حقيقت آهي تہ اسان بني اسرائيل کان (ايمان عمل ۽ فرمانبرداريءَ جو) عهد اقرار ورتو ۽ (ان تي ڪين قائم رکڻ لاءِ) رسول موڪليا، پر جڏهن بہ ڪو رسول هنن وٽ اهڙو حڪم ڪٽي آيو جو سندن نفساني خواهشن جي خلاف هو تڏهن هنن ڪن رسولن کي ڪوڙو ڪوٺيو ۽ ڪن کي قتل ڪري ڇڏيو. (٧١) هنن سمجهيو تہ ڪا آزمائش (عذاب) کونہ ايندو، تنهن ڪري (جِهل، هٺ ۽ ساڙ ۾) انڌا ٿي پيا. پوءِ خدا تعاليٰ (رحم ڪري) سندن توبہ قبول ڪئي، پر وري بہ انهن مان گهڻا انڌا ۽ ٻوڑا ٿي ويا ۽ (هاڻي بہ) الله تعاليٰ سندن عمل چگيءَ طرح ڏسي رهيو آهي. (٧٢) يقيناً اهي بہ (حق جا) منڪر ٿيا جن چيو تہ، خدا تہ اهوئي مسيح مريم جو پٽ آهي ۽ (پاڻ حضرت عيسيٰ تہ ائين بلڪل کونہ سيکاريو) هن تہ چيو تہ، اي بني اسرائيلو! خدا جي بندگي

ڪيو جو منهنجو ۽ اوهان جو (يعني سيني جو) پروردگار آهي. يقيناً جنهن ب خدا سان ڪنهن ٻئي کي شريڪ ڪيو تنهن تي الله تعاليٰ بهشت حرام ڪري ڇڏيو، انهيءَ جو مڪان دوزخ جي باهه آهي ۽ ظالمن جي لاءِ ڪوب مددگار ڪونه هوندو. (٧٣) يقيناً اهي ماڻهو (حق جا) منڪر ٿيا جن چيو ت، خدا ٽن خدائن مان ٽيون آهي (يعني هڪ خدا، پيو خدا جو پٽ عيسيٰ ۽ ٽيون روح القدس آهي، ٽيئي خدائون آهن) حالانڪ هڪ معبود خدا کان سواءِ پيو ڪوب معبود ڪونهي ۽ (ڏسجو) جيڪي ڪجهه هي چون ٿا تنهن کان جيڪڏهن هو باز نه ايندا ت پوءِ انهن مان جن ماڻهن حق کان انڪار ڪيو تن کي سخت دردناڪ عذاب پيش ايندو. (٧٤) هنن کي چا ٿي ويو آهي جو الله تعاليٰ ڏي نٿا موٽن ۽ ڪائنس بخشش نٿا گهرن؟ حالانڪ هو بخشيندڙ ۽ رحم ڪندڙ آهي. (٧٥) مريم جو پٽ مسيح هن کان سواءِ ڪجهه ب نه آهي ت هو الله جو هڪ رسول آهي. هن کان اڳي ب ڪيترائي رسول ٿي گذريا ۽ سندس والده صديقہ هئي. (يعني تمام سچي هئي) اهي ٻئي (سيني انسانن وانگر) کائيندا پيئندا هئا، (تنهن ڪري ظاهر آهي ت هو انسان هئا نه خدا) ڏسو ت ڪيئن نه اسان انهن ماڻهن (عيسائين) لاءِ دليل چٽا ڪري ٿا ڇڏيون ۽ وري ڏسو ت اهي ماڻهو ڪاڏي جو ڪاڏي ڦيرا کائي رهيا آهن، (جو اهڙي چٽي ڳالهه ب نٿا سمجهن). (٧٦) (اي پيغمبر! انهن ماڻهن کي) چيو ت، توهان خدا کي ڇڏي اهڙين هستين جي بندگي ڪيو ٿا جا، جي نڪي توهان کي نقصان پهچائي سگهن ٿا، نڪو ڪو فائدو ڏئي ٿا سگهن؟ ۽ فقط الله ئي آهي جو سڀ ڪجهه ٻڌندڙ ۽ سيني ڄاڻهين جو علم رکندڙ آهي. (٧٧) (اي پيغمبر!) تون چؤ ت، اي اهل ڪتاب! پنهنجي دين ۾ حقيقت جي خلاف حد کان ٻاهر نه وڃو ۽ انهيءَ ٽوليءَ جي خواهشن جي پيروي نه ڪيو، جيڪي توهان کان اڳي گمراهه ٿي چڪا آهن ۽ گهڻن ئي کي گمراهه ڪري ڇڏيو ائٽن ۽ حق جي سڌيءَ واٽ کان پري هٽي ويا آهن.

رکوع ١١ آيت ٧٨ ـ تا ـ ٨٦

غلط عقيدن تي جمي رهڻ ۽ بدعملين تي قائم رهڻ ڪري دلين تي مهر لڳي وڃي ٿي ۽ سڌارو ناممڪن ٿي پوي ٿو.

(٧٨) (جيئن ڏسو ت) بني اسرائيلن مان جيڪي ماڻهو (حق جا) منڪر ٿيا هئا تن تي (پهرياڻين) حضرت داؤد ۽ (پوءِ) حضرت عيسيٰ بن مريم پنهنجي زبان سان لعنت ڪئي هئي، چو ت هو (خدا جي) نافرماني ڪندا هئا ۽ حدن کان ٻاهر نڪري ويندا هئا. (٧٩) هو (هڪ ٻيرو) براين ۾ پڻجي ويندا هئا ت وري باز نه ايندا هئا (ضدي هئا). بيشڪ اها وڏي خرابي هئي جا هو ڪندا هئا. (٨٠) (اي پيغمبر!) تون ڏسندين ت انهن ۾ گهڻا ماڻهو اهڙا آهن جي ڪافرن (مشرڪ عربن) سان دوستي ۽ مددگاريءَ جو رستو رکن ٿا. ڪهڙي نه وڏي برائي هنن پنهنجي آئندہ لاءِ تيار ڪئي جو متن خدا جو عذاب آيو ۽ هميشہ ان عذاب ۾ رهڻ وارا آهن! (٨١) ۽ جيڪڏهن هو الله تي ۽ (پنهنجي) نبي

(موسيٰ) تي ۽ جيڪي مٿس نازل ٿيو (يعني تورات)تي ايمان رکندڙ هجن ها تہ هو ڪڏهن بہ (مسلمانن جي خلاف) مشرڪن جا دوست ۽ مددگار نہ بنجن ها. پر هنن مان گهڻا اهڙا آهن جي سچائيءَ جي حدن کان گهڻو پري نڪري ويا آهن. (٨٢) (اي پيغمبر!) تون مسلمانن سان دشمني ڪرڻ ۾ يهودين کي وڌيڪ سخت ڏسندين ۽ پڻ (عرب جي) مشرڪن کي ۽ مسلمانن سان دوستي رکڻ ۾ سيني کان ويجهو انهن ماڻهن کي ڏسندين جي چون ٿا تہ اسان عيسائي آهيون، هن ڪري جو هنن ۾ ڪي پادري آهن (جيڪي علم ۾ مشغول آهن) ۽ ڪي راهب (درويش) آهن (جي زهد ۽ عبادت ۾ مشغول آهن) ۽ هن ڪري جو هنن ۾ هٺ وڏائي ڪانهي.

حصو ستون

(۸۳) ۽ جڏهن اهي (عيسائي) اهو ڪلام ٻڌن ٿا جو الله جي رسول تي نازل ٿيو آهي، تڏهن توهان ڏسو ٿا ته هنن جي اکين مان ڳوڑها وهي هلن ٿا، ڇو ته هنن (هن ڪلام جي) سچائي سڃاتي آهي ۽ هو (پي اختيار) چئي ڏين ٿا ته، اي خدا! اسان (هن ڪلام تي) ايمان آندو آهي. تنهن ڪري اسان جا نالا به انهن ماڻهن سان گڏ لکي ڇڏ. جي (تنهنجي سچائيءَ جي) شاهدي ڏيڻ وارا آهن. (۸٤) ۽ (هو چون ٿا ته) اسان کي ڇا ٿي ويو آهي جو اسان الله تي ۽ انهيءَ ڪلام تي جو سچائيءَ سان اسان وٽ آيو آهي، ايمان نه آڻيون ۽ پنهنجي پروردگار ۾ اها اميد نه رکون ته هو اسان کي صالح ماڻهن جماعت ۾ داخل ڪري ڇڏي. (۸۵) پوءِ الله تعاليٰ هنن کي ائين چوڻ ۽ مڃڻ جي اجر ۾ (دائمي نعمتن جا) باغ عطا فرمايا جن جي هيٺان نهرون وهي رهيون آهن، هو هميشہ انهن جنتن ۾ رهندا اهوئي بدلو آهي جو نيڪ عمل ڪندڙن لاءِ مقرر ڪيل آهي. (۸٦) پر جن ماڻهن انڪار ڪيو ۽ اسان جي آيتن کي (تڪبر ۽ حسد سببان) ڪوڙو ٺهرايو سي دوزخي آهن.

رڪوع ۱۲ آيت ۸۷ ـ تا ـ ۹۲

رهبانيت يعني دنيا کي ترڪ ڪرڻ ۽ جائز نعمتون نه ماڻڻ جي روين کان منع. بچڙي ڪم لاءِ جيڪو قسم کڻجي تنهن جو پابند نه ٿيڻ گهرجي پر ٽوڙي ڪفارو ڏيڻ گهرجي.

(۸۷) مؤمنؤ! الله تعاليٰ جيڪي چگيون شيون اوهان جي لاءِ حلال ڪيون آهن، انهن کي پاڻ تي حرام نه ڪيو ۽ (پاڻ کي روڪڻ ۾) حد کان ٻاهر نه وڃو. الله تعاليٰ انهن کي حب نٿو ڪري جي حدن کان ٻاهر نڪري وڃن ٿا. (۸۸) ۽ جيڪي جيڪي الله تعاليٰ اوهان کي ڏنو آهي تنهن مان چگيون ۽ حلال شيون بيشڪ کائو ۽ انهيءَ الله (جي نافرمانيءَ جي نتيجن) کان ڊڄو جنهن تي اوهان ايمان آندو آهي. (۸۹) الله تعاليٰ اوهان کان انهن قسمن بابت پڇاڙو يا سختي نه ڪندو جي خالي ٻڪواس ۽ بي معنيٰ آهن، پر انهن بابت باز پرس ڪندو جي جاڻي ٻجهي ڪنيا اٿو، پوءِ (جيڪڏهن اهڙو قسم ٽوڙڻو پوي ته) ان جو ڪفارو (عيوض) آهي ڏهن مسڪينن کي ماني کارائڻ درمياني ماني جهڙي پنهنجي ٻارن ٻچن کي کارايو ٿا، يا (ڏهن مسڪينن کي) ڪپڙا پهرائڻ يا هڪڙو غلام آزاد ڪرڻ ۽ جيڪڏهن (انهن ٽن مان) ڪابہ حاصل ٿي نه سگهي ته پوءِ لاڳيتا ٽي ڏينهن روزا رکجن. اهو توهان جي قسمن جو ڪفارو آهي، جي توهان (جاڻي ٻجهي) ڪنيا آهن. پر توهان کي گهرجي ته پنهنجي قسمن جي پوري نگهباني ڪيو (جيئن ٽوڙڻا نه پون) اهڙيءَ طرح الله تعاليٰ پنهنجون آيتون اوهان جي لاءِ چٽيون ڪري ٿو ڇڏي، انهيءَ لاءِ ته شڪرگذار رهو (۽ سندس هدايتن جو قدر ڪري انهن تي عمل ڪيو.) (۹۰) مؤمنؤ! بيشڪ شراب، جوا، باطل ديوتائن جا نشان (مثلاً پٿر) ۽ تيرن سان فال وجهڻ يا قسمت آزمائي ڪرڻ اهي سڀ شيطاني عملن جي گندگي آهن، تنهن ڪري

انهن کان پري پڇو انهيءَ لاءِ تہ ڪامياب ٿيو. (۹۱) شيطان تہ اهوئي چاهي ٿو تہ شراب ۽ جوا جي وسيلي اوهان ۾ دشمني ۽ بغض پيدا ڪري ۽ اوهان کي خدا جي يادگيري ۽ نماز کان روڪي ڇڏي. پوءِ (ٻڌايو تہ اهڙين ڀڃڙائين کان) باز ايندؤ يا نہ؟ (۹۲) ۽ (ياد رکو) الله جي فرمانبرداري (ضرور) ڪيو ۽ الله جي رسول جي فرمانبرداري ۽ ڪيو ۽ ڀڃڙاين کان بچندا رهو. پوءِ جيڪڏهن (ائين ڪرڻ کان) هٿي ويندؤ تہ يقين ڄاڻو تہ اسان جي پيغمبر جو ڪم تہ اهي فقط پيغام پهچائڻ (عمل ڪرڻ اوهان جو ڪم آهي. جهڙا عمل ڪندؤ تهڙا نتيجا ڏسندؤ). (۹۳) جن ماڻهن ايمان آندو ۽ چگا ڪم ڪيائون انهن (حرام ٿيڻ جي حڪم کان اڳي) جيڪي (حرام شيون) کاڌيون تن بنسبت متن گناهہ ڪونهي، جڏهن تہ هو (آئنده جي لاءِ) پرهيزگار ٿيا، ايمان آندائون ۽ صالح عمل ڪيائيون ۽ جڏهن ڪنهن ڳالهہ کان کين روڪيو ويو تہ رکجي پيا ۽ (الله جي حڪم تي) ايمان آندائون ۽ چگا ڪم ڪيائون، پوءِ ۽ پرهيز ڪندا رهيا ۽ چگايون ڪيائون (پوءِ بيشڪ هو صالح عمل ڪندڙ آهن) ۽ الله تعاليٰ چگايون ڪندڙن کي حب ٿو ڪري.

رکوع ۱۳ آيت ۹۳ ـ تا ـ ۱۰۰

احرام جي حالت ۾ شڪار ڪرڻ کان منع

(۹٤) مؤمنؤ! شڪار بابت جنهن (جانور) تائين توهان جا هٿ ۽ نيزا (هٿيار) پهچن، خدا ضرور اوهان جي (فرمانبرداريءَ جي) هڪ حد تائين آزمائش ونڊندو، انهيءَ لاءِ تہ معلوم ٿئي تہ ڪير الله تعاليٰ کان غائبانہ ڊڄي ٿو (۽ جهنگلن ۽ ميدانن ۾ جتي کوبہ انسان ڪيس ڪونہ ٿو ڏسي تہ بہ پنهنجو هٿ روڪي ٿو ۽ ڪير هٿ نٿو روڪي) پوءِ جيڪو بہ هن (حڪم ملڻ) کان پوءِ بہ حد کان ٻاهر ويندو تنهن جي لاءِ دردناڪ عذاب آهي. (۹۵) مؤمنؤ! جڏهن توهان احرام جي حالت ۾ آهيو تڏهن شڪار جي جانور کي نہ ماريو، ۽ جيڪو توهان مان ڄاڻي ٻجهي ماري وجهي تنهن کي گهرجي تہ ان جو عيوضو ڏئي. (۽ اهو عيوضو هي آهي تہ) جهڙو جانور ماريو اٽس ان جهڙو گهرو جانور (ٻڪري، ڍڳو ۽ اٺ وغيره) ڪعبي ۾ پهچائي قرباني ڪري ۽ بہ انصاف ڪندڙ امين فيصلو ڪن تہ کهڙو جانور قربان ڪيو وڃي، يا ڪفارو ڏئي (۽ اهو هي آهي تہ) مسڪينن کي (اوتري قيمت وارو) طعام کارائي يا وري انهن مسڪينن جي عدد جيترا روزا رکي، انهيءَ لاءِ تہ پنهنجي ڪئي جي جزا چکي. هن (حڪم) کان اڳي جيڪي ٿي چڪو سو الله تعاليٰ معاف ڪري ڇڏيو آهي، پر جيڪو (آئنده) وري ائين ڪندو تنهن کان الله تعاليٰ (سندس نافرمانيءَ جو) بدلو ونڊندو ۽ الله تعاليٰ (پنهنجي ڪمن ۾) قادر ۽ (هر عمل جو) بدلو ونڊندڙ آهي. (۹٦) اوهان جي لاءِ درياهہ ۽ سمنڊ جو شڪار ۽ کائڻ جون شيون (جي بنا شڪار جي هٿ اچن مثلاً مڇي، جا پاڻيءَ مان نڪري آيل هجي احرام جي حالت ۾ بہ) حلال آهن، انهيءَ لاءِ تہ توهان کي بہ فائدو پهچي ۽ قافلو بہ فائدو وٺي. پر خشڪيءَ جو شڪار تيستائين توهان جي لاءِ حرام آهي جيستائين احرام جي حالت ۾

آهيو. پوءِ الله (جي نافرمانيءَ جي نتيجن) کان ڊڄو، ڇو تہ (آخر) انهيءَ ڏانهن اوهان کي جمع ڪري آندو ويندو. (۹۷) الله تعاليٰ ڪعبي کي جو حرمت جو گهر آهي ماڻهن جي لاءِ (امن امان ۽ گڏ ٽيڙ کي) قائم رکڻ جو وسيلو ٺهرايو آهي، ۽ حرمت جي مهينن کي ۽ (حج جي) قرباني کي ۽ (قرباني جي) انهن جانورن کي جن جي ڳچين ۾ (نشاني طور) کنڊيون وجهندا آهن (سو ڪعبي جي حرمت قائم رکو ۽ ڪعبي متعلق سيني رسمن ۽ آدابن جي بہ حرمت قائم رکو) هي (سڀ) انهيءَ لاءِ آهي تہ توهان کي معلوم ٿئي تہ آسمانن ۾ ۽ زمين ۾ جيڪي بہ آهي سڀ جو حال الله تعاليٰ ڄاڻي ٿو ۽ هر هر شيءِ جو علم رکندڙ آهي. (۹۸) (يقين سان) ڄاڻو تہ الله تعاليٰ (بدعملن لاءِ) سخت سزا ڏيندڙ آهي، ۽ (ان سان گڏ) بخشيندڙ ۽ رحمت وارو بہ آهي. (۹۹) خدا جي رسول جي ذمي فقط هيءَ ڳالهہ آهي تہ هو (سندس) پيغام (ماڻهن کي) پهچائي. (عمل ڪرڻ يا نہ ڪرڻ اوهان جو ڪم آهي) ۽ جيڪي توهان ڪليو ڪلايو ڪيو ٿا يا لکي لکي ڪيو ٿا سو سڀ خدا (چگيءَ طرح) ڄاڻي ٿو. (۱۰۰) (اي پيغمبر! انهن ماڻهن کي) چئو تہ، پاڪ شيون ۽ گندين شيون هڪ ٻئي جي برابر ٿي نہ ٿيون سگهن اگرچہ اوهان کي گندي شيءِ جو گهڻو هئڻ پسند اچي. پوءِ اي سمجهہ واروٙ! الله (جي نافرمانيءَ جي نتيجن) کان ڊڄو، انهيءَ لاءِ تہ (نقصان ۽ تباهيءَ جي بدران) ترقي ۽ ڪاميابي حاصل ڪيو.

رکوع ۱۴ آيت ۱۰۱ ـ تا ـ ۱۰۸

دين ۾ اجايا سوال ڪرڻ منع آهي

(۱۰۱) مؤمنو! (اجايا ۽ اونها خيال پچائي) انهن شين بابت سوال نہ پڇو جي اوهان کي ظاهر ڪري ڏاڪڻ تہ توهان کي تڪليف ٿئي، جيڪڏهن انهن شين بابت سوال پڇو جن بابت جڏهن قرآن نازل ٿي رهيو آهي تہ پوءِ توهان کي ظاهر ڪري ڏايو ويندو (پر توهان جي لاءِ چگو نہ ٿيندو هاڻي تہ) الله تعاليٰ (اهو قصور) معاف ڪيو آهي (پر آئندہ خيال رکو) ۽ الله تعاليٰ بخشيندڙ ۽ بردبار آهي. (۱۰۲) اوهان کان اڳي هڪڙي قوم (بني اسرائيل) اهڙا سوال پڇيا هئا، جنهن جو نتيجو اهو نڪتو هو جو هو (خدا جي حڪمن جا ئي) منڪر ٿي پيا. (۱۰۳) بحيره ۽ سائبہ ۽ وصيلہ ۽ حام مان ڪابہ ڳالهہ خدا ڪا نہ ٺهرائي آهي، پر جن ماڻهن ڪفر جي وات اختيار ڪئي آهي تن الله تي ڪوڙ هڻي ٺهرايون آهن. ۽ انهن ۾ گهڻا ماڻهو اهڙا آهن جي بلڪل بي سمجهہ آهن. (۱۰۴) ۽ جڏهن انهن ماڻهن کي چيو وڃي ٿو تہ انهيءَ ڳالهہ تي اچو جا خدا نازل ڪئي آهي ۽ پڻ الله جي رسول طرف رجوع ڪيو تڏهن هو چون ٿا تہ اسان جي لاءِ تہ اهو طريقو ڪافي آهي، جنهن تي پنهنجي ابن ڏاڏن کي هلندي ڏٺوسين. (انهن کان پڇو تہ) جيڪڏهن اوهان جا ابا ڏاڏا علم کان محروم هئا ۽ سڌيءَ وات تي هلندڙ نہ هئا (تڏهن بہ اوهان انهن جي اندي تقليد ڪندا رهندا ڇا؟) (۱۰۵) مؤمنؤ! (ياد رکو) توهان تي فقط پنهنجي جان جي ذميواري آهي. (نڪي توهان

پين جي ڪمن جا ذميوار آهيو نڪي ٻيا اوهان جي ڪمن جا) جيڪڏهن اوهان پاڻ سڌي رستي تي قائم رهندؤ تہ ڪنهن ٻئي جو گمراهه هجڻ اوهان کي ڪجهہ بہ نقصان پهچائي نہ سگهندو (ھ آخر) اوهان سيني کي الله ئي جي طرف موٽڻو آهي ھ (انهيءَ ڏينهن) هو اوهان کي ٻڌائيندو تہ اوهان ڪهڙا ڪهڙا ڪم (هن دنيا ۾) ڪيا. (۱۰۶) مؤمنؤ! جڏهن اوهان مان ڪنهن تي موت جي گهڙي اچي وڃي (ھ وصيت ڪرڻ چاهي) تہ وصيت جي وقت شاهديءَ لاءِ اوهان مان ٻہ معتبر عادل ماڻهو شاهد ٺيڻ گهرجن، پر جيڪڏهن اوهان سفر ۾ هجو ھ موت جي گهڙي پيش اچي وڃي (ھ مسلمان شاهد نہ ملي سگهن) تہ (مسلمان شاهدن جي بدران) غيرمسلم شاهد ٻہ ٿي سگهن ٿا. (پوءِ جيڪڏهن انهن شاهدن جي سچائيءَ ۾ ڪنهن طرح جو شڪ پئجي وڃي تہ) انهن کي نماز بعد (مسجد ۾) روڪيو. هو الله جو قسم کڻي چون تہ، اسان پنهنجو قسم ڪنهن بہ عيوضي لاءِ ڪونہ وڪيو آهي. اگرچہ (فائدو ونڊڻ) اسان جو ويجهو مائٽ هجي (تہ بہ اسان ڪوڙ ڳالهائي قسم ڪونہ ڀڃنداسين) اسان خدا کارڻ سچي شاهدي ڏهن بہ نہ لڪائينداسين، جيڪڏهن اسان ائين ڪيون تہ گناهه اسان تي آهي. (۱۰۷) پوءِ جيڪڏهن معلوم ٿئي تہ انهن ٻنهي شاهدن گناهه جو ڪم ڪيو آهي (ھ ڪوڙ ڳالهايو اٿن) تہ پوءِ انهن جي جاءِ تي ٻيا ٻہ شاهد انهن ماڻهن مان اٿي کڙا ٿين جن جو حق (پهرين) شاهدن مان هرهڪ دٻائڻ چاهيو هو، ھ اهي (ٻيا) شاهد انهن مان هجن جي (مظلوم ڏر سان) ويجهڙائي رکندڙ هجن، پوءِ اهي ٻئي خدا جو قسم کڻي چون تہ اسان جي شاهدي پهرين شاهدن جي شاهديءَ کان وڌيڪ سچي آهي. اسان شاهدي ڏيڻ ۾ ڪنهن بہ قسم جي زيادتي کانہ ڪئي آهي. جيڪڏهن زيادتي ڪيون تہ ظلم جو گناهه اسان جي گردن تي آهي. (۱۰۸) هن طرح جي قسم مان وڌيڪ اميد رکي سگهجي ٿي تہ شاهد سچي شاهدي ڏيندا يا (گهٽ ۾ گهٽ) هنن کي هن ڳالهہ جو انديشو ٿيندو تہ متان اسان جي قسمن کي ٻي ڏر جي قسمن بعد رد نہ ڪيو وڃي. (بهرحال) الله (جي نافرماني جي نتيجن) کان ڈڄو ھ سندس حڪم ٻڌو ھ (ياد رکو تہ) الله تعاليٰ نافرمانن لاءِ هدايت واري واٽ نٿو کولي.

رکوع ۱۵ آيت ۱۰۹ ـ تا ـ ۱۱۵

حضرت عيسيٰ جا معجزا، سندس حوارين يا صحابن جو عرض

(۱۰۹) جنهن ڏينهن الله تعاليٰ سيني رسولن کي جمع ڪندو ھ پڇندو تہ، توهان کي (توهان جي قومن وٽان حق جي دعوت متعلق) ڪهڙو جواب مليو (يعني هنن ڪيتري قدر ان تي عمل ڪيو؟) تنهن ڏينهن هو چوندا تہ اسان کي تہ ڪجهہ بہ خبر ناهي، فقط تون ئي آهين جو غيب جون خبرون چگيءَ طرح ڄاڻندڙ آهين. (۱۱۰) جڏهن (انهيءَ ڏينهن) الله تعاليٰ فرمائيندو تہ، اي عيسيٰ بن مريم! مون توتي ھ تنهنجي ماءُ تي جيڪي نعمتون ڪيون سي ياد ڪر، ڏس مون روح القدس (پاڪ روح يا پاڪ فرشتي) جي وسيلي تو کي قوت ڏني. تون ماڻهن سان ننڍي عمر ۾ پينگهي ۾

ٻ ڳالهائيندو هئين ۽ وڏي عمر ۾ ٻ (ماڻهن کي وعظ نصيحت ڪندو هئين) مون تو کي ڪتاب ۽ حڪمت (عقل) ۽ تورات ۽ انجيل سيکاريو هو. تون منهنجي حڪم سان مٽي کٽي پکيءَ جي شڪل جهڙي شيءِ ٺاهيندو هئين ۽ ان ۾ ڦوڪ ڏيندو هئين ۽ اها منهنجي حڪم سان پکي ٿي پوندي هئي. تون منهنجي حڪم سان انڌن ۽ ڪوڑهين کي چگو ڀلو ڪندو هئين. منهنجي ئي حڪم سان تون مئلن کي موت جي حالت مان ٻاهر آڻيندو هئين. مون بني اسرائيلن جون شرارتون جي تنهنجي خلاف ڪندا هئا تو کان روڪي ڇڏيون (۽ تو کي نقصان پهچائي نه سگهيا) اهو زمانو اهو هو جڏهن تو (سچائيءَ جا) روشن دليل هنن جي آڏو پيش ڪيا هئا، ۽ انهن مان جن ڪفر جي راهه اختيار ڪئي هئي تن چئي ڏنو ته (اهي معجزا ناهن) اها ظاهر ظهور جادوگري آهي. (۱۱۱) ۽ (اهو وقت ٻ ياد ڪر) جڏهن مون تنهنجي حوراين (مجيندڙن) تي الهام موڪليو هو ته مون تي ۽ منهنجي رسول (مسيح) تي ايمان آڻيو تڏهن هنن چيو ته، اسان ايمان آندو آهي ۽ (اي خدا!) تون شاهد رهه ته اسان مسلمان (يعني فرمانبردار ٻانها) آهيون. (۱۱۲) (۽ ڏسو جڏهن هيئن ٿيو هو جو) حوارين چيو هو ته، اي عيسيٰ ابن مريم! ڇا تنهنجو پروردگار ائين ڪري سگهي ٿو ته آسمان مان اسان ڏي هڪڙو دسترخوان نازل ڪري (يعني اسان جي غذا جي واسطي آسمان مان غيبي سامان پيدا ڪري ڏئي) تڏهن حضرت عيسيٰ فرمايو ته، خدا کان ڊڄو (اهڙي طلب نه ڪريو) جيڪڏهن توهان ايمان رکندڙ آهيو. (۱۱۳) هنن چيو ته، (اسان جو مطلب اهو ناهي ته الله جي قدرت جو امتحان وٺون پر) اسان چاهيون ٿا ته (اسان کي غذا ملي ۽) اسان ان مان کائون ۽ اسان جي دلين کي آرام اچي، ۽ اسان کي معلوم ٿئي ته تو جيڪي ٻڌايو سو سچ هو ۽ اسان ان تي شاهد ٿيون. (۱۱٤) (تنهن تي) عيسيٰ بن مريم دعا گهري ته اي الله سائين! اسان جا پروردگار! هڪڙو دستر خوان موڪل جو اسان جي لاءِ ۽ اسان جي اڳين ۽ پوين لاءِ عيد ٿئي ۽ تنهنجي طرف کان (تنهنجي فضل ۽ ڪرم جي) هڪ نشاني ٿئي. (اي خدا!) اسان کي رزق ڏي، تون سڀني کان بهتر روزي ڏيندڙ آهين. (۱۱۵) الله تعاليٰ فرمايو ته، مان توهان جي لاءِ دسترخوان موڪليندس، پر جيڪو شخص ان کان پوءِ ٻ (حق جي راهه کان) انڪار ڪندو تنهن کي مان (بدعملن جي عيوض ۾) عذاب ڪندس ۽ عذاب ٻ اهڙو جهڙو سڄي دنيا ۾ ڪنهن ٻ ماڻهوءَ کي نه ڏنو ويندو.

رکوع ۱٦ آيت ۱۱٦ ـ تا ـ ۱۲۰

حضرت عيسيٰ ماڻهن کي ائين نه چيو هو ته منهنجي عبادت ڪيو

(۱۱٦) ۽ (پوءِ ڇا ٿيندو جو) الله تعاليٰ فرمائيندو ته، اي عيسيٰ ابن مريم! تو ماڻهن کي چيو هو ڇا ته، الله کي ڇڏي مون کي ۽ منهنجي والده کي خدا سمجهو ۽ (اسان جي عبادت ڪيو). حضرت عيسيٰ (جواب ۾) عرض ڪندو ته، پاڪائي هجي تنهنجي مون کان ائين ڪيئن ٿي سگهندو جو اهڙي ڳالهه چوان جنهن جي چوڻ جو مون کي حق ئي ڪونهي. جيڪڏهن مان ائين چوان ها ته

ضرور تو کي خبر پوي ها. تون منهنجي دل جون ڳالهيون ۽ ڄاڻين ٿو، پر مون کي تنهنجي ضمير جو علم ڪونهي، تون ئي آهين جو غيب جون سڀ ڳالهيون ڄاڻندڙ آهين. (۱۱۷) مان ته هنن کي فقط اها ڳالهه چئي جنهن جي چوڻ جو تو حڪم ڏنو هو، يعني ته الله جي بندگي ڪيو جو منهنجو ۽ اوهان جو پروردگار آهي، جيستائين مان انهن سان هيس تيستائين ته انهن جي حالت ڏسندو رهيس، پر جڏهن تو مون کي انهن مان کڻي ورتو تڏهن تون ئي انهن جو نگهبان هئين ۽ تون هر شيءِ کي ڏسندڙ ۽ ان جي نگهباني ڪندڙ آهين. (۱۱۸) جيڪڏهن تون انهن ماڻهن کي عذاب ڏئين ته (تنهنجو ئي اختيار آهي ڇو ته) هو تنهنجا ئي (خلقيل) ٻانها آهن، ۽ جيڪڏهن هنن کي بخشي ڇڏين ته (اها بخشش ضرور مناسب هوندي ڇو ته) تون ئي سيني تي غالب ۽ سيني ڪمن ۾ حڪمت رکندڙ آهين. (۱۱۹) (پوءِ) الله تعاليٰ فرمائيندو ته اڄ اهو ڏينهن آهي جڏهن سچن انسانن کي انهن جي سچائي ڪم ايندي. انهن جي لاءِ باغ هوندا جن جي هيٺان نهرون وهي رهيون آهن، هو هميشه انهن باغن ۾ رهندا. الله تعاليٰ هنن کان راضي هوندو ۽ هو به الله تعاليٰ (جي رحمت) کان خوش هوندا. اهائي آهي (انسان جي لاءِ) سيني کان وڏي ڪاميابي. (۱۲۰) آسمانن جي ۽ زمين جي ۽ جيڪي به منجهن آهي تنهن سڀ جي بادشاهي فقط الله جي لاءِ آهي، ۽ هو هر شيءِ تي قادر آهي.

سورت الانعام (انعام - ڏور ڏيڻ)

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

شروع ٿا ڪيون الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي.

رڪوع ۱ آيت ۱ - تا - ۱۰

قومون جن غرور ۽ تڪبر ڪيو ۽ ايمان ۽ عمل ڇڏي ڏنا، سي برباد ٿي ويون.

(۱) سڀ ڪامل ساراهه خاص الله جي لاءِ آهي، جنهن آسمانن ۽ زمين کي پيدا ڪيو ۽ اونداهيون ۽ روشني پڌري ڪئي، تنهن هوندي به (جي ماڻهو پنهنجي پروردگار کان) منڪر ٿي وڃا آهن، سي (اوندهه ۽ روشني جي وچ ۾ فرق ڪري نٿا سگهن ۽ پين هستين کي) خدا جي برابر ٿا سمجهن (۲) اهوئي (خالق) آهي جنهن توهان کي مٽيءَ مان پيدا ڪيو ۽ پوءِ اوهان جي لاءِ (هن دنيا جي زندگيءَ جو) هڪ مدو ٺهرايو (عملن ڪرڻ لاءِ) ۽ هڪ ٻيو مدو به سندس علم ۾ مقرر ڪيل آهي (يعني قيامت جو وقت جڏهن دنيا ۾ ڪيل عملن جي نتيجن جو فيصلو ٿيندو)، تڏهن به توهان (حقيقتن تي غور نٿا ڪيو ۽ ان ۾) شڪ ٿا آڻيو. (۳) اهوئي الله آهي آسمانن ۾ به ۽ زمين ۾ به، توهان جون سڀ ڪنهن قسم جون ڳالهيون لکل توڙي ظاهر سڀ ڇگيءَ طرح ڄاڻي ٿو. توهان جيڪي به (چڱا يا برا ڪم) ڪيو ٿا سي به بخوبي ڄاڻي ٿو. (٤) ۽ (ڏسو) هنن جي پروردگار جي

نشاني مان کا بہ نشاني کانهي جا هنن وٽ پهتي هجي ۽ هنن ان کان منهن نہ موڙيو هجي. (۵) جيئن تہ جڏهن سچائي وٽن آئي (يعني قرآن جي دعوت کين ملي) تڏهن هنن ان کي کوڙو سمجهي رد کيو. سو جنهن ڳالهہ تي هو ٹوکون ڪري کلي رهيا آهن، تنهن جي حقيقت هنن کي جلدئي معلوم ٿي ويندي. (٦) ڇا اهي ماڻهو نٿا ڏسن تہ کانئن اڳي قومن جا کيترائي دور گذري چڪا آهن، جن کي اسان تباهہ ڪري ڇڏيو، اِهي اُهي قومون هيون جن کي اسان اهڙو طاقتور ڪري ملکن ۾ مضبوط کيو هو جهڙو توهان کي کونہ کيو اٿئون. اسان هنن لاءِ آسماني برسات اهڙيءَ طرح موڪلي هئي جو هڪ ٻئي پٺيان وسندي رهندي هئي ۽ سندن آبادين جي هيٺان نهرون وهائي ڇڏيون هيون، پر تہ بہ اسان (پنهنجي قانون موجب) انهن گناهن سببان کين برباد ڪري ڇڏيو ۽ انهن کان پوءِ ٻين قومن جا دؤر آنداسين. (۷) ۽ (اي پيغمبر!) جيڪڏهن اسان توتي هڪ ڪتاب ڪاغذ تي لکيل نازل کيون ها ۽ هي ماڻهو ان کي هٿ لائي ڏسن ها (تہ سچ پچ ڪتاب آهي) تہ بہ جن ماڻهن ڪفر جي وات اختيار ڪئي آهي، سي چون ها تہ هي کلي ڪلائي جادوگريءَ کان سواءِ ٻيو ڪجهہ بہ نہ آهي. (۸) هيئن بہ چيائون تہ، (جيڪڏهن هي شخص پنهنجي دعويٰ ۾ سچو آهي تہ) هن وٽ فرشتو ڇو نٿو اچي (جنهن کي اسان پنهنجي اکين سان ڏسون) پر جيڪڏهن اسان فرشتو موڪليون ها تہ پوءِ سيني ڳالهين جو فيصلو ٿي وڃي ها ۽ پوءِ هنن کي (ايمان آڻڻ يا نہ آڻڻ لاءِ) مهلت ئي ڪانہ ملي ها. (۹) ۽ جيڪڏهن ڪنهن فرشتي کي پيغمبر ڪري موڪليون ها تہ ان کي بہ تہ انسان جي صورت ۾ موڪليون ها. (ڇو تہ فرشتا پنهنجي ملکوتي حقيقت ۾ انسانن کي ڪيئن ڏسڻ ۾ ايندا) پوءِ جيئن هاڻي شڪ شبها آڻي رهيا آهن تيئن پوءِ بہ شڪن شبهن ۾ گرفتار ٿي وڃن ها (يعني هو چون ها تہ هي تہ ڏسڻ ۾ اسان جهڙوئي انسان آهي.) (۱۰) ۽ (اي پيغمبر!) سچ آهي تہ توکان اڳين رسولن تي بہ ٽوکون کيون ويون هيون، (جيئن تو تي ٽوکون کيون وڃن ٿيون) پوءِ جن ماڻهن ٽوکون کيون هيون تن تي انهيءَ ڳالهہ جي ٽوڪ اچي مٿئون پئي، جنهن ڳالهہ جي ٽوڪ ڪندا هئا، (يعني هو هن ڳالهہ تي ٽوکون ڪندا هئا تہ بدعملن جو نتيجو نيٺ بد آهي، سو نيٺ پنهنجي بدعملن جي سزا پاتائون.)

رکوع ۲ آيت ۱۱ ـ تا ـ ۲۰

ڪائنات جي خلقت ۽ خود انسان جي فطرت خدا جي وجود جي شاهدي ڏئي ٿي.

(۱۱) (اي پيغمبر! انهن ماڻهن کي) چئو تہ، زمين تي گهمو ڦرو ۽ سير سفر کيو (اڳين قومن ۽ شهرن جا کنڊر ڏسو) ۽ معلوم کيو تہ (پيغمبرن کي) کوڙو سمجهي رد ڪرڻ وارن جي پڇاڙي نيٺ ڪهڙي ٿي چکي. (۱۲) (اي پيغمبر! انهن ماڻهن کان) پڇ تہ آسمانن ۽ زمين ۾ ۽ جيڪي بہ آهي سو ڪنهن جو آهي ۽ ڪنهن جي لاءِ آهي؟ چئو تہ الله جي لاءِ آهي. هن پاڻ تي لازم ڪري ڇڏيو آهي تہ رحمت ڪري. (خلقت ۾ ڏسو تہ ظاهر ظهور سندس رحمت ڪم ڪري رهي آهي) هو

يقيناً اوهان کي قيامت جي ڏينهن هڪ هنڌ گڏ ڪندو. ان ۾ ڪجھ به شڪ ڪونهي، پر جيڪي ماڻھو پنھنجو پاڻ کي تباھ ڪري رھيا آھن، سي ايمان ڪونہ آڻيندا. (۱۳) ۽ (ڏسو) ته جيڪي به رات (جي اونداھيءَ) ۾ ۽ ڏينهن (جي روشنيءَ) ۾ رھندڙ آھي، سو سڀ سندس (يعني الله جي) لاءِ آھي، ۽ ھو سڀ ڪجھ ٻڌندڙ ۽ ڄاڻندڙ آھي. (۱٤) (اي پيغمبر! انهن ماڻھن کي) چئو ته ڇا، جو خدا آسمان ۽ زمين جو پيدا ڪندڙ آھي تنهن کي ڇڏي ڪنهن ٻئي کي پنھنجو نگھبان ۽ ڪارساز بنايان؟ اھوئي سيني کي روزي رسائي ٿو، پر کوبہ ڪونهي جو کيس روزي ڏيندڙ ھجي (کيس ته روزي يا طعام جي ضرورت ٻه ڪانهي) تون چئو ته، مون کي ته ھي حڪم ڏنو ويو آھي ته خدا جي اڳيان جھڪڻ وارن ۾ پھريون جھڪڻ وارو ٿي ۽ مون کي چيو ويو آھي ته اٿين نه ڪر جو مشرڪن مان ھڪڙو ٿي پوين. (۱۵) (اي پيغمبر!) تون چئو ته مان ڪيئن خدا جي نافرماني ڪيان؟ مان ته انهيءَ ڏينهن جي عذاب کان ڊڄان ٿو جو تمام وڏو ڏينهن آھي. (۱٦) انهيءَ ڏينهن جنهن جي سر تان عذاب ٽري ويو تنهن تي خدا وڏو ئي رحم ڪيو ۽ (انسان جي لاءِ) وڏي ۾ وڏي ڪاميابي اھائي آھي. (۱۷) ۽ (اي انسان) جيڪڏھن خدا توتي مصيبت آڻي ته ان کي ٽارڻ وارو کوبہ ڪونهي، سواءِ سندس ذات جي ۽ جيڪڏھن ھو توتي پلائي ڪري ته (ڪيس روڪڻ وارو کوبہ ڪونهي) ھو سڀ ڪنهن ڀَالھ تي قادر آھي. (۱۸) ۽ اھو ئي آھي جو پنھنجي سيني بندن تي غالب آھي ۽ اھو ئي آھي جو حڪمت وارو ۽ سڀ خبر رکندڙ آھي. (۱۹) (اي پيغمبر! تون انهن ماڻھن کان) پڇ ته، اھا ڪھڙي شيءِ آھي جنهن جي شاھدي سيني کان وڏي شاھدي آھي؟ تون چئي ڏي ته (الله جي شاھدي وڏي آھي.) الله منھنجي ۽ اوھان جي وچ ۾ شاھد آھي، مون تي ھي قرآن انهيءَ لاءِ وحي طور نازل ڪيو ويو آھي ته ان جي وسيلي مان اوھان کي ۽ انهن کي جن وٽ اھو پھچي خبردار ڪيان. (ھاڻي توھان کي ڇا چوٽو آھي؟) ڇا توھان شاھدي ڏيو ٿا ته خدا سان ٻيا ديوتائون به شريڪ آھن؟ (اي پيغمبر!) تون چئو ته، مان ته اھا شاھدي ڪونہ ٿو ڏيان، ۽ چئو ته، فقط اھوئي اڪيلو معبود آھي (ھن سان کوبہ شريڪ ڪونهي) ۽ جن کي توھان (خدا سان) شريڪ ڪيو ٿا تن کان مان بيزار آھيان. (۲۰) جن ماڻھن کي مون ڪتاب ڏنو آھي (يعني يھودي ۽ نصاريٰ اھي حقيقت کان ٻي خبر ناھن) سي سندس سڃاڻي (يعني اسلام جي پيغمبر جي سڃاڻي) اھڙيءَ طرح سڃاڻن ٿا جھڙيءَ طرح پنھنجي اولاد کي سڃاڻن ٿا (پر) جن ماڻھن پنھنجو پاڻ کي تباھ ڪيو آھي سي ڪڏھن به ايمان آڻڻ وارا ناھن.

رکوع ۳ آيت ۲۱ ـ تا ـ ۳۰

عيسائين رڳو ضد ۽ دشمنيءَ سبب ايمان نہ آندو

(۲۱) ۽ (ڏسو) جنهن الله تعاليٰ تي ڪوڙ ٻاھيو ۽ سندس آيتن کي ڪوڙو سمجھي رد ڪيو تنهن کان وڌيڪ ظلم ڪندڙ ڪير ٿي سگھي ٿو؟ يقين آھي ته ظلم ڪندڙ (يعني غلط راھ تي

هلندڙ) کڏهن بہ کامياب کين ٿيندا. (٢٢) ۽ انهيءَ ڏينهن (جو اچڻ وارو آهي) اسان هنن سيني کي اٹاري هڪ هنڌ گڏ ڪنداسين، پوءِ جن ماڻهن خدا سان ٻين کي شريڪ ڪيو هوندو تن کي اسان (يعني خدا) چونداسين، تہ ٻڌايو تہ ڪٿي آهن، توهان جا اهي (هٿراڏو ٺهرايل ديوتائون) شريڪ، جن بابت توهان اهو باطل عقيدو رکندا هئو؟ (٢٣) پوءِ انهيءَ وقت هو ڪابہ پي شرارت نہ ڪري سگهندا سواءِ هن جي جو چوندا تہ قسم آهي الله جو جيڪو اسان جو پروردگار آهي تہ اسان مشرڪ (شرڪ ڪندڙ) ڪونہ هئاسين. (٢٤) ڏس تہ ڪيئن نہ پنهنجو پاڻ تي ڪوڙ هٽڻ لڳا آهن ۽ جيڪي ناهہ (هن دنيا ۾) ناهيا هئاڻون سي ڪيئن نہ ڪانئن ڇڄي ويا آهن. (٢٥) ۽ (ڏسو) هنن ۾ ڪي ماڻهو اهڙا آهن جيڪي (ظاهري طرح، حق جي ڪلام) ٻڌڻ لاءِ تنهنجي طرف ڌيان ڏين ٿا، پر (حقيقت هيءَ آهي تہ) اسان هنن جي دلين تي اهڙا پردا چاڙهي چڏيا آهن، جو ان ڳالهہ کي سمجهي نٿا سگهن ۽ هنن جي ڪنن ۾ اهڙو روڳ پيل آهي جو پڌي بہ نہ ٿا سگهن، (ضد ۽ تعصب ڪرڻ وارن جو حال اهوئي ٿيندو آهي تنهن ڪري) اگرچہ هو (سچائي جي) هرهڪ نشاني ڏسن تڏهن بہ هو ان ۾ ايمان آڻڻ وارا ناهن، ايتري قدر (ضدي آهن) جو جڏهن هو تو وٽ اچن ٿا تڏهن توسان جهگڙا ۽ بحث ڪن ٿا، پوءِ جن ماڻهن ڪفر جي واٽ ورتي آهي سي چوڻ لڳن ٿا تہ هي تہ اڳين ماڻهن جون (پراڻيون) آکاڻيون آهن (جي هميشہ ٻڌندا آيا آهيون.) (٢٦) ۽ اهي ماڻهو قرآن مجيد (جي ٻڌڻ) کان ٻين کي بہ روڪين ٿا ۽ پاڻ بہ پري پچن ٿا ۽ هو (ائين ڪرڻ سان ٻين جو نقصان ڪونہ ٿا ڪن پر) پاڻ کي ئي ٿا تباهہ ڪن، پر ڇا (ڳالهہ آهي) جو (نياڳن کي) اها خبر ئي نہ ٿي پوي. (٢٧) ۽ (اي انسان!) تو ڪي ڏاڍو جيڪر عجب لڳي جيڪڏهن تون ڪين ان وقت ڏسين جڏهن هو دوزخ جي ٻاهہ جي ڪناري تي ڪڙا ڪيا ويندا ۽ پوءِ چوندا تہ هاءِ هاءِ! شال ائين ٿئي جو وري دنيا ۾ اسان کي موڪلايو وڃي ۽ اسان پنهنجي پروردگار جي آيتن کي رد نہ ڪيون ۽ انهن مان ٿيون جي ايمان وارا آهن. (٢٨) (اهو سچي دل جو ارمان نہ هوندو) بلڪ (هن ڪري هوندو جو) جيڪي هو اڳي لڪائيندا هئا، (يعني دل جو روڳ) تنهن جو بدلو هنن تي ظاهر ٿي پيو (۽ ان کان بچڻ لاءِ پشيماني ظاهر ڪرڻ لڳا) جيڪڏهن هنن کي وري دنيا ۾ موڪلائي آندو وڃي تہ وري بہ انهيءَ (ڪفر ۽ بدعملن) ۾ پڄجي ويندا، جنهن کان هنن کي روڪيو ويندو هو ۽ هن ۾ شڪ ئي ڪونهي تہ هو (پشيماني ظاهر ڪرڻ ۾) ڪوڙا هوندا. (٢٩) ۽ هو چون ٿا تہ، زندگي اهائي آهي جا هن دنيا جي زندگي آهي ۽ اسان (مرڻ بعد) وري اٹڻ وارا ناهيون. (٣٠) ۽ (اي انسان!) تو ڪي ڏاڍو جيڪر عجب لڳي جيڪڏهن تون ڪين انهيءَ حالت ۾ ڏسين جڏهن هو (قيامت جي ڏينهن) پنهنجي پروردگار جي سامهون ڪڙا ڪيا ويندا. ان وقت خدا ڪافرن پڇندو تہ، هي (مرڻ کان پوءِ وري اٹڻ) پر حق ناهي؟ هو چوندا تہ، قسم آهي اسان کي پنهنجي پروردگار جو تہ بيشڪ (وري اٹڻ) برحق آهي، تنهن تي الله تعاليٰ فرمائيندو تہ توهان جو (دنيا ۾ قيامت متعلق) انڪار ڪندا رهيؤ، تنهن ڪري هاڻي ان جي بدلي ۾ عذاب جو مزو چکي ونو.

رکوع ٤ آيت ٣١ ـ تا ـ ٤١

جيڪي حقيقتون ۽ نشانيون ڏسي نٿا سگھن سي مئل آھن

(٣١) يقيناً اھي ماڻھو نقصان ۾ تباھيءَ ۾ پيا جن (مرڻ بعد) خدا وٽ پيش ٿيڻ کي کوڙ سمجھيو، تان جو جڏھن (موت جي) گھڙي اوچتو انھن تي اچي پوندي، تڏھن چوندا تہ، افسوس! انھيءَ تي آھي جيڪو ھن باري ۾ اسان جو قصور ٿيو، اھي انھيءَ وقت پنھنجي گناھن جو بار پٺين تي کٹي ھلندا. سو ڏسو تہ کھڙو نہ بچڙو بار آھي، جو ھو (پنھنجي پٺين تي) وڄھي رھيا آھن. (٣٢) ۽ دنيا جي زندگي تہ کجھ بہ ناھي، پر (ھک طرح جو) کيل ۽ تماشو آھي (پو تہ ان ۾ مھلت ٿوري آھي) جيڪي ماڻھو پرھيزگار ۽ نيڪ عمل ڪندڙ آھن تن جي لاءِ آخرت جو گھر بھتر آھي. (افسوس!) توھان (ايتري ڳالھ بہ) نٿا سمجھو. (٣٣) (اي پيغمبر!) اسان کي معلوم آھي تہ توکي ھن ڳالھ جو ڏاڍو غم ۽ ڏک آھي جو ھو (انڪار ۽ دشمني جون) ڳالھيون چئي رھيا آھن، حقيقت ھيءَ آھي تہ ھو توکي کوڙو نہ ڪوڙائي رھيا آھن، پر اھي ظالم (ڄاڻي ٻجھي) الله جي آيتن کي کوڙو ڪوڙائي رھيا آھن. (٣٤) (ھيءَ حقيقت آھي تہ) توکان اڳي بہ رسولن کي کوڙو ڪوڙايو ويو ۽ ھنن کي جو ماڻھن کوڙو ڪوڙايو ۽ ايذاءَ ۽ تڪليفون ڏنيون، تنھن تي ھنن صبر کيو ۽ (پنھنجي کم ۾ ثابت قدم رھيا). تانجو اسان جي مدد کين پھچي وئي، ۽ (ياد رکو تہ الله تعاليٰ جو ھي قانون آھي تہ) کوبہ کونھي جو سندس (ڪوڙايل) لفظن ۽ حڪمن کي بدلائڻ وارو ھجي، ۽ توکي تہ رسولن جي خبرن مان گھڻيون ئي ڳالھيون پھچي بہ چڪيون آھن. (٣٥) ۽ (اي پيغمبر!) جيڪڏھن ھنن ماڻھن جو منھن موڙڻ (ايمان نہ آڻڻ) توکي ڏکيو ٿو لڳي تہ (جيڪي ڪري سگھين سو ڪر، ھو ڪڏھن بہ ايمان نہ آڻيندا) جيڪڏھن توکان ٿي سگھي تہ زمين جي اندر سرنگھ ڳولي لھ (۽ ان ۾ گھڙي وڃ) يا آسمان ۾ ڏاڪڻ ڳولي لھ (۽ ان تي چڙھي وڃ) ۽ اھڙيءَ طرح ھڪڙي نشاني آڻي ھنن کي ڏيکار (تہ بہ ھو کونہ مڃيندا). جيڪڏھن خدا چاھي ھا تہ سڀني کي حق جي دين تي جمع ڪري ھا (پر خدا جو قانون اھو ناھي) تنھن ڪري تون انھن منجھان نہ ٿيءُ جن کي (حقيقت جو علم کونھي ۽) جاھل آھن. (٣٦) تنھنجي سڏ جو جواب فقط اھي ڏيئي سگھندا جي (دل سان) ٻڌندا، پر جيڪي مئلن وانگر آھن (تن ۾ ٻڌڻ جي اميد نہ رک) انھن کي تہ الله تعاليٰ (قبرن مان) اٿاريندو ۽ اھي (نيٺ) الله تعاليٰ ڏانھن موٽايا ويندا. (٣٧) ۽ ھو چون ٿا تہ ڇو ھن (رسول ﷺ) تي سندس پروردگار وٽان ڪا نشاني (معجزو) نازل نہ ٿيو آھي؟ (اي پيغمبر!) تون کين چئو تہ خدا کي بيشڪ اھا قدرت آھي جو ڪا نشاني نازل ڪري، پر گھڻا ماڻھو اھڙا آھن جو (اھا حقيقت) نٿا ڄاڻن. (٣٨) ۽ زمين ۾ کوئي بہ چرندڙ جانور ۽ ھوا ۾ پرن سان اڏامندڙ کوبہ پکي اھڙو کونھي جو توھان وانگر جماعتون يا ٽوليون رکندڙ نہ ھجي، (يعني اھي بہ گڏجي رھن ٿا ۽ گڏجي گذران جو بندوبست ڪن ٿا) ڏسو اسان پنھنجي ڪتاب

ڀر کابہ شيءِ ڇڏي نہ ڏني آهي ، (يعني هر مخلوق جي لاءِ جيڪي بہ هٿ گهرجي سو سڀ اسان لکي ڇڏيو آهي، يعني ڏهرائي ڇڏيو آهي). پوءِ سيني کي (آخر) پنهنجي پروردگار جي حضور ڀر گڏ ڪيو ويندو. (۳۹) ۽ (ڏسو) جن ماڻهن اسان جي آيتن کي کوڙو ڏهرايو سي (گويا) ٻوڙا گونگا اوندهين ڀر گم آهن، خدا جنهن بہ انسان متعلق چاهي تنهن کي (کاميابي جي) واٽ کان پري ڪري ڇڏي ۽ جنهن لاءِ چاهي تنهن کي کاميابي جي سڌي واٽ تي لڳائي ڇڏي. (الله تعاليٰ هن باري ڀر جو قانون ڏاهيو آهي ان کي کوبہ بدلائي نٿو سگهي. اهو قانون هي آهي تہ جيڪو پنهنجو عقل ۽ سمجهہ نٿو هلائي ۽ تڪبر ۽ ضد کان حق جو ڪلمون ٻڌڻ کان انڪار ٿو ڪري سو ڪڏهن بہ سڌي واٽ تي نہ اينڊو.) (۴۰) (اي پيغمبر! انهن ماڻهن کي) چئو تہ، ڇا توهان هن ڳالهہ تي بہ غور ڪيو آهي تہ جيڪڏهن توهان تي خدا جو عذاب اچي وڃي يا (موت جي) گهڙي مٿئون اچي بيهي، تہ ان وقت بہ توهان خدا کان سواءِ ٻين کي (مدد لاءِ پڪاريندؤ؟ (جواب ڏيو) جيڪڏهن توهان سچا آهيو. (۴۱) نہ نہ! توهان انهيءَ ئي الله کي پڪاريندؤ ۽ جيڪڏهن هو چاهيندو تہ توهان جي مصيبت لاهي ڇڏيندو ۽ ان وقت انهن کي وساري ڇڏيندؤ جن کي توهان (خدا سان) شريڪ ڪندا هئو.

رکوع۵ آيت ۴۲ـتا ـ۵۰

جاهل پنهنجي پيغمبرن ۽ پلارن ماڻهن کي الوهيت جي درجي تي پهچائيندا آهن

(۴۲) ۽ (اي پيغمبر هي حقيقت آهي تہ) بيشڪ جيڪي امتون توکان اڳي ٿي گذريون آهن تن ڏي اسان (پنهنجا رسول) موڪليا ۽ انهن کي (پنهنجي ڏهرايل قانون موجب) سختي ۽ تڪليف ڏني، انهيءَ لاءِ تہ (بدعملي ڇڏي ڪن ۽ خدا جي درگاهہ ڀر) عاجزي نياز ۽ زاري ڪن. (۴۳) پوءِ (غور ڪيو تہ) ائين ڇو نہ ٿيو جو جڏهن اسان جي طرف کان هنن تي سختي آئي تڏهن توبہ زاري ڪن؟ هن ڪري جو هنن جون دليون سخت ٿي ويون هيون، ۽ جيڪي بدعمليون هو ڪندا هئا سي شيطان هنن جي نظر ڀر وٽندڙ ۽ سهڻيون ڪري ڏيکاريندو هو. (۴۴) پوءِ جڏهن هيئن ٿيو جو جيڪا نصيحت هنن کي ڏني ويئي هئي تنهن کي وساري ڇڏيائون، تڏهن اسان (ظاهر ظهور) هنن لاءِ هر طرح (جي خوشحالين) جا دروازا کولي ڇڏيا. ايتري حد تائين جو اسان جي ڏنل نعمتن تي خوشيون ملهائڻ لڳا، تڏهن اوچتوئي اوچتو اسان هنن کي (سندن بدعملن سبب) پڪڙ ڪئي ۽ ڏسو هو نا اميدين ڀر رهجي ويا. (۴۵) پوءِ ڏسو تہ جنهن قوم ظلم ڪيا تنهن جون اسان پاڙون ئي پٽي ڇڏيون، بيشڪ سڀ ساراهہ انهيءَ الله جي لاءِ آهي جو سڀني جهانن جو پروردگار آهي. (۴۶) (اي پيغمبر! انهن ماڻهن کي) چئو تہ، اوهان ڪڏهن هن ڳالهہ تي بہ غور ڪيو آهي تہ جيڪڏهن الله تعاليٰ اوهان جا ڪن ۽ اکيون کسي وٺي ۽ اوهان جي دلين تي (يعني عقل ۽ سمجهہ تي) مهر لڳائي ڇڏي تہ پوءِ سواءِ هن جي ٻيو ڪهڙو معبود آهي جو

اوهان کي اهي موٽائي ڏئي سگهي؟ ڏسو ته کيئن اسان قسم قسم جي نمونن سان پنهنجون آيتون چٽيون کري ٻڌايون ٿا. تڏهن به اهي ماڻهو منهن ڦيرائي ڇڏين ٿا. (٤٧) (کين) چئو ته، توهان ڪڏهن هن ڳالهه تي به غور کيو آهي ته جيڪڏهن اوهان تي خدا جو عذاب اوچتو اچي ڪڙکي يا (اطلاع بعد) ظاهر ٿي اچي ته پوءِ ظالم قوم کان سواءِ ٻي به ڪا قوم ٿي سگهي ٿي، ڇا جا تباهه ڪئي ويندي؟ (يعني فقط ظالم قوم کي تباهه کيو ويندو) (٤٨) اسان پنهنجي رسولن کي فقط هن لاءِ موڪليندا آهيون ته (ايمان ۽ عمل جي برڪتن جي) خوشخبري ٻڌائين ۽ (انڪار ۽ بدعملي جي بد نتيجن کان) خبردار ڪن. پوءِ جنهن به ايمان ۽ يقين آندو ۽ پاڻ کي سڌاريائين تنهن جي لاءِ نڪي کنهن طرح جو انديشو هوندو، نڪي کنهن طرح جو غم هوندو. (٤٩) پر جن ماڻهن اسان جي آيتن کي کوڙو سمجهي رد کيو تن کي سندن نافرماني ۽ بدعملن سببان عذاب وکوڙي ويندو. (٥٠) (اي پيغمبر! تون انهن ماڻهن کي) چئو ته، مان توهان کي ائين کونه ٿو چوان ته، غيب جو علم رکندڙ آهيان. مان هيئن به کونه ٿو توهان کي چوان ته مان (انسان ناهيان پر) فرشتو آهيان، منهنجي حيثيت ته فقط هيءَ آهي ته مان انهيءَ ئي ڳالهه تي عمل کيان ٿو جا خدا مون کي وحي جي وسيلي ٻڌائي آهي. (۽ انهيءَ ئي طرف اوهان کي به سڏيان ٿو پوءِ) انهن کان پڇ ته، ڇا اهو جو انڌو آهي (حقيقت ۽ وحي کي نٿو سڃاڻي) ۽ اهو جو ڏسندڙ آهي (جو وحي جي روشنيءَ کي ڏسي ٿو) اهي ٻئي برابر ٿي سگهن ٿا؟ ڇا توهان غور ۽ فڪر ئي نٿا کريو؟

رکوع ٦ آيت ٥١ ـ تا ـ ٥٥

رهبرن کي گهرجي ته سڌاري لاءِ وعظ ۽ نصيحت جو ڪم گهٽي قدر انهن ماڻهن ۾ ڪن جيڪي ايمان ڏي مائل هجن، توڙي جو هو مسڪين ۽ بي طاقت هجن.

(٥١) (اي پيغمبر!) تون (انهن منڪرن کي جيڪي مڃڻ وارا ناهن ڇڏي ڏي ۽) انهن ماڻهن کي خبردار ڪر جيڪي (آخرت جي زندگيءَ ۾ ايمان رکن ٿا ۽) ڊڄن ٿا ته سندن پروردگار جي حضور ۾ کين حاضر کيو ويندو (۽ ايمان ۽ عمل جي نه هڻڻ جي حالت ۾ کين عذاب کيو ويندو) ۽ انهيءَ ڏينهن سواءِ الله جي هنن جو نه کوئي مددگار هوندو، نه سفارش کرڻ وارو. (اهڙن ئي ماڻهن کي واعظ نصيحت ڪر) عجب ناهي ته هو متقي (پرهيزگار ۽ نيڪ ڪردار) ٿي پون. (٥٢) ۽ (اي پيغمبر!) انهن ماڻهن کي جي صبح شام خدا کي پڪارين ٿا ۽ ڪائنس دعا گهرن ٿا ۽ سندس راضپو چاهين ٿا تن کي پاڻ وٽان تڙي نه ڪ. انهن جي ڪمن جي جوابداري تنهنجي ذمي ناهي، نڪي تنهنجي جوابداري هنن جي ذمي آهي، جو (انهيءَ خيال کان) هنن کي تڙي ڪيين. جيڪڏهن ائين ڪندين ته ظلم ڪندڙن منجهان ٿيندين. (٥٣) ۽ (ڏسو) هن طرح اسان (ماڻهن کي مختلف حالتن ۾ رکي) کن ماڻهن کي ٻين ماڻهن متعلق آزمايون ٿا جو کي ماڻهو

(شاهوڪار ۽ طاقت وارا غريبن کي ڏسي) چوڻ لڳا آهن تہ چا هي (حقير) ماڻهو اهي آهن جن کي خدا پنهنجي انعامن ۽ نعمتن لاءِ اسان مان چونڊيو آهي؟ (اي تڪبر ڪندڙ شاهوڪارؤ!) چا خدا (توهان کان) بهتر ڄاڻندڙ ناهي؟ تہ ڪهڙا ماڻهو (سندس نعمتن، خصوصاً هدايت جو) قدر ڪندڙ آهن. (٥٤) ۽ (اي پيغمبر!) جڏهن اهي ماڻهو تو وٽ اچن جن اسان جي آيتن تي ايمان آندو آهي، تڏهن تون (مٿن مهربان ٿي ۽) چئو تہ اوهان تي سلام هجي، توهان جي پروردگار پنهنجي مٿان رحمت لازم ڪري ڇڏي آهي. توهان منجهان جيڪڏهن ڪوئي اڻ ڄاڻائيءَ ڪان ڪا برائي ڪري وجهي ۽ پوءِ توبہ ڪري (يعني آئندہ اها برائي نہ ڪري) ۽ پاڻ کي سڌاري تہ پوءِ (خدا جي رحمت کان نااميد نہ ٿيو) بيشڪ هو غفور ۽ رحيم آهي. (٥٥) ۽ (ڏسو) اسان اهڙيءَ طرح کولي کولي پنهنجون آيتون بيان ڪيون ٿا ۽ هن لاءِ (بيان ڪيون ٿا تہ) گنهگار جي واٽ چٽي ظاهر ٿي پوي (۽ سچن جي راهہ جهڙي ڏسڻ ۾ نہ اچي).

رکوع ۷ آيت ۵۲ ـ تا ـ ٦٠

منڪر رڳو وهم ۽ گمان تي هلن ٿا، پر رسولن جي تعليم دليلن سان آهي.

(٥٦) (اي پيغمبر! حق جي منڪرن کي) چؤ تہ، مون کي هن ڳالهہ کان منع ڪيل آهي تہ مان انهن (ديوتائن) جي بندگي ڪيان جن کي توهان خدا کي ڇڏي پڪاريو ٿا. (پڻ ڪين) چؤ تہ مان ڪڏهن بہ اوهان جي نفساني خواهشن تي ڪوبہ هلندس. جيڪڏهن مان ائين ڪيان تہ پوءِ تہ گمراهہ ٿي ويس ۽ انهن ۾ نہ رهيس جي سڌي واٽ تي هلڻ وارا آهن. (٥٧) چئو تہ، بلاشڪ مان پنهنجي پروردگار وٽان مليل روشني ۽ دليل تي آهيان، ۽ اوهان ان (حقيقت) کي ڪوڙو سمجهي رد ڪيو آهي. (هاڻي فيصلو الله تعاليٰ جي هٿ ۾ آهي. توهان چئو ٿا تہ فيصلو هڪدم ڇو نٿو ٿئي سو) جنهن فيصلي لاءِ توهان تڪڙ لڳائي ڏني آهي، سو منهنجي اختيار ۾ ناهي. حڪم فقط الله جو آهي. اهوئي حق جون ڳالهيون بيان ڪري ٿو ۽ اهوئي سڀني کان بهتر فيصلو ڪندڙ آهي. (٥٨) تون چئي ڏي تہ جنهن ڳالهہ جي توهان تڪڙ مچائي ڏني آهي سا منهنجي هٿ ۾ هجي ها تہ منهنجي ۽ اوهان جي وچ ۾ فيصلو ڪڏهن جو ٿي وڃي ها. (پر الله تعاليٰ پنهنجي قانون مطابق سڀ ڪنهن ڳالهہ لاءِ وقت ٺهرايو آهي) ۽ الله تعاليٰ ظلم ڪندڙن جي حالت چگيءَ طرح ڄاڻندڙ آهي. (غافل ناهي پاڻهي جلد اوهان جو فيصلو ڪندو). (٥٩) هن وٽ ئي غيب جون ڪنجيون آهن (يعني غيب جي خزانن جو مالڪ آهي) ان کي خود خدا کان سواءِ ٻيو ڪوبہ ڪونہ ٿو ڄاڻي. جيڪي خشڪيءَ تي آهي ۽ جيڪي سمنڊن ۾ آهي تنهن سڀ جو علم رکندڙ آهي، وڻن مان ڪو پن بہ نٿو ڪري ۽ زمين جي اندر گهپ اوندهين ۾ ڪو داڻو بہ نہ ٿو ڦٽي جنهن کي هو نٿو ڄاڻي. ڪوئي آلو تازو يا سڪل ميوو نٿو ڪري جو سندس ڪتاب ۾ چٽو لکيل ناهي. (٦٠) ۽ (ڏسو) اهوئي خدا آهي جو رات جي وقت اوهان کي (ننڊ جو) موت ڏئي ٿو ۽ جيڪي جيڪي خيال اوهان

ڏينهن جي وقت پچايا سي ب چگيءَ طرح جاڻي ٿو. پوءِ (صبح جو) ڏينهن ٽيڙ تي اوهان کي اٿاري ڪڙو ڪري ٿو، انهيءَ لاءِ ت (زندگيءَ جو) ٻهرايل مدو پورو ٿئي، پوءِ (نيٺ) توهان سڀ خدا طرف موٽايا ويندؤ، جيڪي جيڪي (عمل) توهان ڪيا آهن انهن جي حقيقت هو اوهان کي ٻڌائيندو.

رکوع ٨ آيت ٦١ ـ تا ـ ٧٠

انسان جي هيءَ فطرت آهي ت مصيبت ۾ خدا کي پڪاري ٿو ۽ مصيبت لهڻ بعد وري گمراهه ٿي ٿو وڃي.

(٦١) ۽ هو (الله تعاليٰ) پنهنجي بندن تي غالب آهي ۽ هو اوهان تي حفاظت ڪندڙ (قوتون) موڪلي ٿو. تانجو جڏهن اوهان مان ڪنهن تي موت اچي ٿو تڏهن سندس موڪليل (فرشتا) هن جو ساهه ڪڍن ٿا ۽ هو (اسان جي حڪمن جي تعميل ڪن ٿا ۽ ان ۾) ڪنهن ب طرح جو قصور نٿا ڪن. (٦٢) پوءِ سڀ بندا خدا جي طرف موٽايا ويندا جو سندن حقيقي مالڪ آهي. ياد رکو ت حڪم سندس ئي آهي ۽ حساب ونڊڻ ۾ ڪوب ڪانئس تڪڙو ڪوٺهي. (٦٣) (اي پيغمبر! انهن ماڻهن کان) پڇ ت اهو ڪير آهي جو اوهان کي بيابانن ۽ سمنڊن جي اونداهين مان ڇوٽڪارو ڏئي ٿو ۽ جنهن جي درگاهه ۾ آهي ۽ زاري ڪيو ٿا ۽ دل جو دل ۾ مخفي طرح دعائون گهرو ٿا. (۽ چئو ٿا ت) جيڪڏهن خدا اسان کي هن مصيبت مان ڇوٽڪارو ڏئي ت پوءِ اسان (ڪڏهن ب خدا کي نه وساريندا سين) ضرور شڪر گذار بندا ٿي رهنداسين. (٦٤) (اي پيغمبر!) تون چئو ت، الله ئي آهي جو اوهان کي انهيءَ بلا کان ۽ هر طرح جي مصيبت کان ڇوٽڪارو ڏئي ٿو، پر توهان تنهن هوندي ب ساڻس (ٻين کي) شريڪ ڪيو ٿا. (٦٥) (اي پيغمبر! کين) چئو ت، هن کي اها قدرت آهي جو اوهان تي مٿان (آسمان مان) ڪو عذاب پيدا ڪري يا هيئن ڪري جو توهان پارٽيون بنجي هڪ ٻئي سان وڙهي ٻئو ۽ هڪڙي پارٽي ٻئي پارٽيءَ جي ڏاڍائي ۽ ظلم جو مزو چکي. سو ڏسو ت اسان ڪهڙيءَ طرح قسمن قسمن جي طريقن سان پنهنجون آيتون بيان ٿا ڪيون ت من هو سمجهن. (٦٦) ۽ (اي پيغمبر!) تنهنجي قوم ان (قرآن مجيد) کي ڪوڙو سمجهي رد ڪيو آهي، حالانڪ اهو بلڪل حق آهي. (پوءِ کين) چئو ت، (پلي رد ڪيو، نقصان توهان جو آهي) مان ڪو توهان تي نگهبان ڪونه آهيان. (٦٧) سڀ ڪنهن خبر جي واسطي هڪ ٻهرايل وقت آهي (۽ ان وقت ان جي حقيقت معلوم ٿي وڃي ٿي) توهان کي ب جلد ئي معلوم ٿي ويندو. (٦٨) ۽ جڏهن توهان اهڙن ماڻهن کي ڏسو جيڪي اسان جي آيتن بابت (شرارت ڪري) بيهودي بڪواس ڪن ٿا تڏهن توهان انهن کان پاسو ڪري هليا وڃو، جيستائين هو ڪنهن ٻيءَ ڳالهه تي غور ۽ خوض ڪرڻ لڳن (پوءِ پلي وٽن ويهو ۽ بحث ۾ شامل ٿيو) ۽ جيڪڏهن شيطان اوهان کان هيءَ (ڳالهه) وسارائي ڇڏي ت يادگيري اچڻ بعد اهڙي قوم (جي مجلس) ۾ نه ويهو جا ظلم ڪندڙ آهي. (٦٩) ۽ جيڪي ماڻهو پرهيزگار آهن تن تي اهڙن ماڻهن جي ڪمن جي ڪابه ذميواري ڪانهي، جيڪي

انهن جي ذمي آهي سو هي آهي تہ پاڻ نصيحت وٺن، انهيءَ لاءِ تہ (برابن کان) بچن. (يا انهن کي واعظ ۽ نصيحت ڪندا رهن تہ من اهي پرهيزگار ٿين.) (۷۰) ۽ (اي پيغمبر!) جن ماڻهن پنهنجي دين کي کيل تماشو ڪٽي بنايو آهي ۽ دنيا جي زندگي کين ڦاڪي ڇڏيو آهي، تن کي سندن حال تي ڇڏي ڏي ۽ قرآن مجيد جي وسيلي واعظ نصيحت ڪندو رهہ. ائين نہ ٿئي جو ڪوئي انسان پنهنجي بدعملي سببان تباهيءَ ۾ ڇڏيو وڃي. (چو تہ جيڪڏهن بدعملن سببان تباهيءَ ۾ پوندو تہ) پوءِ الله کان سواءِ ڪوبہ ڪونهي جو سندس مددگار ٿئي، يا سندس سفارش ڪري هن کي بچائي وٺي جيتروبہ عيوضو ٿي سگهي ٿو، اهو سڀ ڏئي تہ بہ ان کان نہ ورتو ويندو، (چو تہ فديو يا عيوضو بدعملي جي نتيجن کان بچائي نٿو سگهي) هي اهي ماڻهو آهن جي پنهنجي بدعملين سببان تباهيءَ ۾ وڌا ويا آهن، هنن کي ٿهڪندڙ پاڻي پيئڻ لاءِ ملندو ۽ ڪفر ڪرڻ جي سزا ۾ کين دردناڪ عذاب ملندو.

رڪوع ۹ آيت ۷۱ ـ تا ـ ۸۲

فطرت ۾ نظام، ترتيب، عدل ۽ جمال آهي.

(۷۱) (اي پيغمبر! انهن ماڻهن کان) پڇ تہ ڇا اسان خدا کي ڇڏي انهن (ديوتائن يا بتن) کي پڪاريون جي (پاڻ بيوس آهن ۽) نڪي اسان کي فائدو پهچائي سگهن ٿا، نڪي نقصان؟ ۽ توڙي خدا اسان کي (حق پرستيءَ جي) سڌي واٽ ڏيکاري آهي تڏهن بہ (گمراهيءَ جي طرف) پٺئين پير ڦري هليا وڃون؟ ۽ اسان جو مثال انهيءَ ماڻهو جهڙو ٿي پوي جنهن کي شيطان بيابان ۾ واٽ ڀلائي ڇڏي هجي ۽ حيران پريشان ٿي (هيڏي هوڏي ڀٽڪي) رهيو هجي ۽ سندس سنگتي هن کي واٽ جي طرف سڏيندا رهن (۽ چوندا هجن تہ ڪاڏي گم ٿي ويو آهين) هيڏي اسان ڏي اچ؟ (اي پيغمبر!) تون چئو تہ، فقط خدا جي ڏسيل واٽ ئي حق جي واٽ آهي ۽ اسان کي حڪم ڏنو ويو آهي تہ سيني جهانن جي پروردگار جي اڳيان فرمانبرداريءَ جو سر جهڪايون. (۷۲) اسان کي هي پڻ حڪم ڏنو ويو آهي تہ نماز قائم ڪيو ۽ (هر حال ۾) خدا (جي نافرماني جي نتيجن) کان ڊڄندا رهو ۽ آخر انهيءَ ئي جي طرف توهان کي جمع ڪري موڪليو ويندو. (۷۳) ۽ اهوئي (خدا) آهي جنهن آسمانن کي ۽ زمين کي علم ۽ حقيقت سان پيدا ڪيو (يعني مصلحت ۽ حڪمت سان بنايو) ۽ (سندس قدرت تہ ڏسو جو) جنهن ڏينهن هو چئي ڏيئي تہ ٿي پؤ تہ (سندس مرضي موجب) ائين ئي ٿي پوي ٿو. سندس قول حق آهي (يعني علم، حقيقت ۽ حڪمت وارو آهي) ۽ جنهن ڏينهن صور ۾ ڦوڪ ڏني ويندي (۽ قيامت جو اعلان ٿيندو) تنهن ڏينهن (ڳلي‌ءَ طرح) سندس ئي بادشاهي هوندي (يعني انهيءَ ڏينهن انسان يا شيطان ڪجهہ بہ ڪري نہ سگهندو) هو ئي ڳجهہ ۽ ظاهر جو ڄاڻندڙ آهي ۽ هوئي حڪمت وارو ۽ سڀ خبر رکندڙ آهي. (۷۴) ۽ (ڏسو) حضرت ابراهيم پنهنجي پيءُ آزر کي چيو تہ ڇا توهان (پٿر جي) بتن کي معبود ڪري ٿا مڃو؟ مان يقين سان

سمجهان ٿو ته تون ۽ تنهنجي قوم کليل ۽ چٽي گمراهي ۾ مبتلا آهيو. (۷۵) ۽ اهڙيءَ طرح اسان ابراهيم کي آسمانن جي ۽ زمين جي بادشاهت جا جلوا ڏيکاري ڇڏيا، انهيءَ لاءِ ته هو يقين رکڻ وارن مان ٿي پوي. (۷۶) پوءِ جڏهن هن تي رات جي اونداهي اچي ويئي تڏهن هن هڪڙو تارو (زهرو آسمان ۾ چمڪندو) ڏٺو. هن چيو ته، هي منهنجو پروردگار آهي، (جنهن جي بندگي سپ ماڻهو ڪن ٿا) پر جڏهن اهو تارو لهي ويو تڏهن چيائين ته مان انهن شين کي پسند نٿو ڪريان جي گم ٿي ٿيون وڃن. (۷۷) پوءِ جڏهن چنڊ چمڪندو ايريو تڏهن ابراهيم چيو ته هي منهنجي پروردگار آهي، پر جڏهن اهو به لهي ويو تڏهن چيائين ته جيڪڏهن منهنجو پروردگار مون کي واٽ نه ڏيکاري هجي ها ته مان ضرور انهيءَ قوم منجهان ٿيان ها جي سڌي واٽ پلجي پري نڪري ويا آهن. (۷۸) پوءِ جڏهن (حضرت ابراهيم) سج ايرندو ڏٺو تڏهن چيائين ته هي منهنجو پروردگار آهي، هي سيني کان وڏو آهي. پر جڏهن اهو به لهي ويو تڏهن چيائين ته اي منهنجي قوم! توهان جن کي خدا سان شريڪ ٺهرايو تا تن کان مان بيزار آهيان. (۷۹) مون هر طرف کان منهن موڙي فقط انهيءَ هستيءَ ڏي پنهنجي رخ ڪيو آهي جو (بنايل ناهي پر) آسمان ۽ زمين جو بنائيندڙ آهي (۽ جنهن جي حڪم ۽ قانون تي آسمان ۽ زمين جي سپ مخلوقات هلي رهي آهي) ۽ مان انهن مان نه آهيان جي ساڻس شريڪ ٺا ٺهرائين. (۸۰) ۽ (پوءِ) حضرت ابراهيم سان سندس قوم بحث مباحثو ڪيو. حضرت ابراهيم فرمايو ته، ڇا توهان مون سان الله جي باري ۾ رد ڪد ٿا ڏيو. هن ته پاڻ مون کي حق جي واٽ ڏيکاري آهي. (توهان مون کي باطل ديوتائن جو ڊپ ٿا ڏياريو پر ياد رکو) ته جن کي توهان خدا جو شريڪ ٺهرايو آهي تن کان مان بلڪل ڪونه ٿو ڊڄان. مان ڄاڻان ٿو ته منهنجو پروردگار جيستائين مون کي نقصان پهچائڻ نه چاهي تيستائين مون کي کوبه نقصان پهچائي نٿو سگهي. منهنجي پروردگار پنهنجي علم سان سيني شين کي گهيرو ڪيون ٻيٺو آهي. پوءِ ڇا (ايتري چٽائي هوندي به) نصيحت نٿا وٺو. (۸۱) ۽ (ڏسو) مان انهن کان ڪيئن ڊڄندس جن کي توهان خدا سان شريڪ ٺهرايو آهي. جڏهن ته توهان هن ڳالهه کان نٿا ڊڄو جو خدا سان ٻين کي شريڪ ٺا ڪيو جنهن لاءِ توهان تي ڪابه سند يا دليل نازل نه ٿيو آهي. (ٻڌايو ته) اسان ٻنهي فريقن (جماعتن) مان ڪنهن جي واٽ امن امان واري واٽ آهي. (ٻڌايو) جيڪڏهن توهان کي ڪجهه به علم آهي. (۸۲) جن ماڻهن (خدا تي) ايمان آندو ۽ پنهنجي ايمان کي ظلم (شرڪ) سان ڀگاڙي نه ڇڏيو تن جي لاءِ ئي امن امان آهي ۽ اهي ئي صحيح راهه تي آهن.

رکوع ۱۰ آيت ۸۳ ـ تا ـ ۹۰

خدا اهڙا سچا مؤمن پيدا ڪندو جيڪي انهيءَ راهه جي پيروي ۽ حفاظت کي پنهنجي ذمي ڪٽندا

(۸۳) ۽ (ڏسو) هيءَ اسان جي حجت (دليل) آهي جا اسان حضرت ابراهيم کي سندس قوم لاءِ ڏني

هئي. اسان جنهن جو درجو ۽ مان بلند ڪرڻ چاهيون ٿا تنهن کي (علم ۽ دليل جي معرفت سان) بلند ڪري ڇڏيون ٿا ۽ يقيناً تنهنجو پروردگار حڪمت ڏيڻ وارو ۽ علم عطا ڪرڻ وارو آهي. (٨٤) ۽ اسان ابراهيم کي اسحاق ۽ (اسحاق جو پٽ) يعقوب ڏنا. اسان انهن سيني کي سڌي واٽ ڏيکاري ۽ ابراهيم جي نسل مان داؤد، سليمان، ايوب، يوسف ، موسيٰ ۽ هارون کي بہ (اسان اهائي سڌي واٽ ڏيکاري) اسان اهڙيءَ طرح سان نيڪ عمل ڪندڙن کي (سندن نيڪ عملن جو) بدلو ڏيون ٿا. (٨٥) ۽ زڪريا، يحييٰ، عيسيٰ ۽ الياس کي (بہ اسان سڌي واٽ ڏيکاري) جو اهي سڀ صالح انسانن منجهان هئا. (٨٦) ۽ پڻ اسماعيل، اليَسَعَ، يونس ۽ لوط کي، جو اسان انهن سيني کي دنيا وارن تي بهتري ۽ فضيلت ڏني. (٨٧) ۽ سندن ابن ڏاڏن، سندن اولاد ۽ سندن ڀائرن مان بہ ڪيترن ئي کي (اسان انهيءَ ئي راهہ تي هلايو) انهن سيني کي اسان شرف لاءِ چونڊيو هو ۽ (فلاح ۽ سعادت جي) سڌي واٽ تي انهن کي لڳايو هو. (٨٨) اها الله جي هدايت آهي پنهنجي بندن مان جنهن کي چاهي تنهن کي ان جي وسيلي روشني ڏيکاري ٿو ڇڏي. جيڪڏهن هي ماڻهو (توحيد جي راهہ ڇڏي ڪري) شرڪ ڪن ها تہ سندن ساري ڪئي ڪمائي ضايع ٿي وڃي ها. (٨٩) (اي پيغمبر!) اِهي اُهي ماڻهو آهن جن کي اسان ڪتاب ۽ حڪومت ۽ نبوت عطا فرمائي، پوءِ جيڪڏهن هي (عرب جا مشرڪ) انهيءَ نعمت کان انڪار ٿا ڪن (تہ پلي ڪن، سندن انڪار مان ڪجهہ ڪين بگڙندو) اسان ان جي (پيروي ۽ حفاظت) اهڙي جماعت جي حوالي ڪئي آهي جا سچائيءَ کان انڪار ڪرڻ واري ناهي، (يعني مهاجر ۽ انصار). (٩٠) (اي پيغمبر!) هي اهي ماڻهو آهن جن کي خدا حق جي واٽ ڏيکاري ڇڏي، پوءِ تون بہ انهن جي راهہ جي پيروي ڪر، تون چئي ڏي تہ مان هن (رهنمائي) لاءِ ڪوئي بدلو ۽ فائدو ڪونہ ٿو گهران. اها (رهنمائي) سواءِ هن جي ڪجهہ ناهي تہ سڄي دنيا جي لاءِ نصيحت آهي.

رڪوع ١١ آيت ٩١ ـ تا ـ ٩٤

وحي جي منڪرن کي جواب

(٩١) ۽ جڏهن انهن ماڻهن چيو تہ خدا ڪنهن بہ انسان تي ڪجهہ بہ نازل نہ ڪيو آهي، تڏهن هنن خدا جي خدائيءَ جو اهو قدر نہ ڪيو جو ڪرڻ گهرجي. (اي پيغمبر!) تون چئو تہ، پلا ڪنهن اهو ڪتاب نازل ڪيو جو حضرت موسيٰ ڪٽي آيو ۽ جو ڏيڳ بنائي ماڻهن کي ڏيکاريندا آهيو ۽ (انهيءَ جي حڪمن مان) گهڻيون ئي ڳالهيون لڪائيندا آهيو ۽ پڻ (جنهن ڪتاب جي وسيلي) توهان کي اهي ڳالهيون سيکاريون ويون جي توهان اڳي نہ ڄاڻندا هئو نہ توهان جا ابا ڏاڏا، تون کين چئو تہ الله (نازل ڪيو) ۽ پوءِ انهن کي سندن باطل خيالن ۾ ڇڏي ڏي تہ پلي (پنهنجي اجاين ڳالهين ۾) کيل تماشو ڪندا رهن. (٩٢) ۽ (ڏسو) هي ڪتاب (قرآن) آهي، جنهن کي اسان (تورات وانگر) نازل ڪيو ۽ برڪت وارو آهي ۽ جيڪو (ڪتاب) اڳي (نازل ٿيو آهي) تنهن جي تصديق

ڪندڙ آهي ۽ اهو (قرآن) هن لاءِ اسان نازل ڪيو تہ تون مڪي جي ماڻهن کي ۽ انهن کي جي ان جي چوگرد آباد آهن، خبردار ڪرين، سو جيڪي ماڻهو آخرت ۾ يقين رکن ٿا سي ان تي ايمان ۽ آڻين ٿا ۽ پنهنجون نمازون ۽ قائم ڪن ٿا. (۹۳) ۽ انهيءَ کان وڌيڪ ظالم ڪير آهي جو خدا تي ڪوڙ هڻي هٿراڏو ٻڌائه ٺاهي يا چوي تہ مون تي وحي آيو آهي ۽ حقيقت ۾ هن تي ڪو به وحي نہ آيو آهي، ۽ پڻ انهيءَ کان (وڌيڪ ظالم ڪير آهي) جو (وحي جي مخالفت ڪري) چوي تہ، مان به اهڙي ٻڌائه نازل ڪري ڏيکاريندس جهڙي خدا نازل ڪئي آهي ۽ (اي پيغمبر!) تون جيڪر عجب کائين جيڪڏهن ظالمن کي انهيءَ حالت ۾ ڏسين جڏهن هو موت جي سڪرات ۾ هوندا ۽ ملائڪ (هنن جو ساهه ڪيڻ لاءِ) هٿ ڊگها ڪندا (۽ چوندا تہ) پنهنجا روح (پنهنجي جسم مان) ٻاهر ڪيو. اڄ جو ڏينهن اهو ڏينهن آهي جو جيڪي تهمتون توهان خدا تي ڏرينداهئو ۽ سندس آيتن کي تڪبر سببان رد ڪندا هئو، تنهن جي عيوض ۾ توهان کي خوار خراب ڪندڙ عذاب ڏنو وڃي. (۹٤) ۽ (پوءِ خدا فرمائيندو تہ) ڏسو آخر توهان مون وٽ اڪيلا اچي ويؤ، جهڙيءَ طرح توهان پهريائين اڪيلا پيدا ڪيا ويا هئو، ۽ جيڪي جيڪي (رزق) توهان کي (دنيا ۾) ڏنو هوم اهو سڀ پٺيان ڇڏي ڪري آيا آهيو. (اڄ) اسان توهان وٽ اهي هستيون نٿا ڏسون جن کي توهان شفاعت جو وسيلو سمجهيو هو ۽ جن متعلق اوهان جو خيال هو تہ اوهان جي ڪمن ۾ هو خدا جا شريڪ آهن. اوهان جا سڀ لاڳاپا ٽٽي ويا ۽ جيڪي جيڪي خيال توهان رکندا هئو سي سڀ اوهان کان پري پڃي ويا.

رکوع ۱۲ آيت ۹۵ ـ تا ـ ۱۰۰

فطرت مان وحي ۽ الله تعاليٰ جي ربوبيت جو دليل

(۹۵) (ڏسو) هي الله ئي (جي ڪارسازي) آهي، جو هو (بج جي) داڻي ۽ کارڪ جي ڪڪڙيءَ کي (جا زمين ۾ پوي ٿي) ڦوڙي وجهي ٿو (۽ هڪ خشڪ داڻي يا ڪڪڙيءَ مان جيئرو ۽ ڦل ڏيندڙ وڻ پيدا ٿي پوي ٿو) هو زندهه کي مئل مان ڪڍي ٿو ۽ اهوئي آهي جو مئل کي زندهه مان ڪڍندڙ آهي. اهوئي (پروردگار ۽ حڪيم) خدا آهي پوءِ (افسوس! اوهان جي عقل تي) توهان ڪاڏي جو ڪاڏي پٺڪي رهيا آهيو. (۹٦) (رات جي پردي کي ڦاڙي چاڪ ڪري) صبح کي ظاهر ڪندڙ (اونداهيءَ کي روشنيءَ ۾ بدلائيندڙ، اهوئي پروردگار آهي) جنهن رات کي (اوهان جي لاءِ) آرام ۽ فرحت جو سامان بنايو، ۽ سج ۽ چنڊ (جي اپرڻ لهڻ ۽ گردش مان وقت، ڏينهن، مهينا ۽ سال جو) حساب جو معيار بنجي ويا. (ممڪن ناهي جو هڪ منٽ يا سيڪنڊ جي به گهٽتائي يا وڌائي ٿئي) هي انهيءَ ئي جو ٺهرايل اندازو آهي، جو سيني تي غالب آهي ۽ سڀ علم رکندڙ آهي. (۹۷) ۽ هو اهوئي (پروردگار) آهي، جنهن اوهان جي لاءِ تارا بنايا تہ بيابانن ۽ سمنڊ جي اونداهين ۾ انهن جي نشانين سان وات لهو، بيشڪ اسان انهن ماڻهن جي لاءِ جي علم رکندڙ

آهن پنهنجي (ربوبيت ۽ رحمت جون) نشانيون کولي کولي بيان ڪيون آهن. (۹۸) ۽ (وري ڏسو) اهوئي (پروردگار) آهي، جنهن اوهان کي هڪ نفس (جان) مان پيدا ڪيو (۽ وڌايو) پوءِ توهان جي لاءِ قرار (يڪجا بيهڻ) جي جاءِ آهي (يعني ماءِ جو پيٽ) ۽ حوالي ڪرڻ جي جاءِ آهي (يعني مرڻ واري جاءِ) بيشڪ جي ماڻهو سمجهه رکن ٿا تن جي لاءِ اسان پنهنجون نشانيون کولي کولي بيان ڪيون آهن. (۹۹) ۽ (ڏسو) اهوئي (پروردگار) آهي جو آسمان مان پاڻي وسائي ٿو ۽ پوءِ ان سان هر طرح جا گاهه ٻوٽا پيدا ڪري ٿو. پوءِ انهن ٻوٽن مان سايون سايون ٽاريون نڪري اچن ٿيون ۽ ٽارين مان داڻا ظاهر ٿين ٿا. هڪ داڻي سان ٻيو داڻو ملیو پيو آهي ۽ (اهڙيءَ طرح) انگورن، زيتونن ۽ ڏاڙهن جا باغ پيدا ڪيائين، شڪل ۾ هڪ جهڙا ۽ هڪ ٻئي کان مختلف ۽ الڳ الڳ ٻ. انهن جي ميون کي ڏسو ته جڏهن وڻ ميوو ڪري ٿو (تڏهن ڪيئن نه ٽارين مان ۽ پور مان عجب نمونن سان نڪري ٿو ۽ مقرر انتظار سان درجي بدرجي وڌي ٿو ۽ پڇي ٿو) ۽ وري انهن جي پڇ کي ڏسو (ته ڪيئن شڪل، رنگ، خوشبو ۽ ذائقي ۾ عجيب عجيب قسم جا اختلاف پيدا ٿين ٿا) بيشڪ جيڪي ماڻهو يقين رکندڙ آهن، انهن جي لاءِ هن ڳالهه ۾ (ربوبيت جون) وڏيون نشانيون موجود آهن. (۱۰۰) ۽ (ڏسو ته تنهن هوندي ٻ) هنن ماڻهن خدا سان جنن کي (طاقت ۽ تصرف ۾) شريڪ ٺهرايو آهي، اگرچه (هو مڃن ٿا ته سڄي مخلوقات وانگر) هنن کي ٻ خدا تعاليٰ ئي پيدا ڪيو آهي ۽ هنن ماڻهن علم جي روشني نه هڻڻ سببان خدا جي لاءِ پٽ ۽ ڌيئرون ٻ ٺهرايون آهن. پاڪائي هجي خدا جي! سندس ذات ته انهن سيني ڳالهين کان پاڪ آهي جي ڳالهيون سندس متعلق بيان ڪن ٿا.

رکوع ۱۳ آيت ۱۰۱ ـ تا ـ ۱۱۰

ماڻهن جي ديوتائن کي گاريون نه ڏيو، متان هو ٻ بي سمجهيءَ کان خدا کي گهٽ وڌ ڳالهائين.

(۱۰۱) هو (الله) آسمانن ۽ زمين جو ايجاد ڪندڙ آهي (يعني بنا ڪنهن اڳوٽي مثال جي ۽ بنا ڪنهن ٻ شيءِ جي موجود هڻڻ جي پنهنجي خالص علم ۽ قدرت سان زمين ۽ آسمان پيدا ڪيائين) هي ڪيئن ٿو ٿي سگهي جو هن کي ڪوئي پٽ هجي، جڏهن ته هن کي ڪا زال ئي ڪانهي. هن ئي سڀ شيون پيدا ڪيون ۽ هو هر شيءِ جو علم رکندڙ آهي. (۱۰۲) اهوئي الله اوهان جو پروردگار آهي، ڪوبه ٻيو معبود ڪونهي، پر هو پاڻ سيني شين جو پيدا ڪندڙ آهي. تنهن ڪري فقط انهيءَ جي بندگي ڪيو ۽ هر شيءِ سندس حوالي آهي. (۱۰۳) هن کي نگاهون نظرون نه ٿيون ڏسي يا لهي سگهن، پر هو سيني نگاهن کي ڏسي رهيو آهي، هو تمام باريڪ شيون ٻ ڏسي سگهي ٿو ۽ ڪامل طرح باخبر آهي. (۱۰۴) (ڏسو) توهان جي پروردگار وٽان توهان وٽ علم ۽ دليل جون روشنيون اچي ويون آهن، (جهل اڻ ڄاڻائي جو ڪوبه عذر هاڻي باقي

نہ رهيو) پوءِ جيڪو ڏسندو ۽ سمجهندو تہ (ان جو فائدو) خود انهيءَ لاءِ ئي آهي، ۽ جيڪو (اکين هوندي) انڌو ٿي ويندو تہ ان جو وبال انهيءَ جي سر تي پوندو. ۽ (اي پيغمبر! تون چئي ڏي تہ) مان توهان تي نگهبان ڪونہ آهيان (جو زور سان اوهان جون اکيون کوليان). (۱۰۵) ۽ (ڏسو) اسان اهڙيءَ طرح قسمن قسمن جي طريقن سان آيتون بيان ڪيون ٿا (انهيءَ لاءِ تہ حجت ۽ دليل پورو ٿئي) ۽ هن لاءِ تہ تو ڪي هو چئي ڏين تہ تو (حق جي بيان ڪرڻ ۾ ڪابہ گهٽتائي نہ ڪئي سڀ ڪجهہ) پڙهي پڌايو ۽ پڻ هن لاءِ جيڪي ماڻهو علم وارا آهن تن جي لاءِ (حق جا دليل) روشن ڪري ورتا. (۱۰۶) (اي پيغمبر!) تنهنجي پروردگار جي طرف کان جيڪو وحي تو تي نازل ٿيو آهي، تنهن جي پيروي ڪر، ڇو تہ ڪائنس سواءِ ڪوبہ معبود ڪونهي (تنهن ڪري فقط سندس ئي حڪمن جي تعميل ڪر ۽ سندس حڪمن جي خلاف ڪنهن جي بہ ڀاڪ نہ مڃ) ۽ مشرڪن کي سندن حال تي ڇڏي ڏي. (۱۰۷) ۽ جيڪڏهن الله تعاليٰ چاهي ها تہ (بيشڪ ڪيس هيءَ قدرت هئي ۽ آهي تہ سيني انسانن کي اهڙي طرح خلقي ها جو سڀ هڪ ئي راهہ تي هلڻ وارا هجن ها ۽) هي ماڻهو شرڪ نہ ڪن ها (پر الله جي مرضي هيءَ هئي تہ سڀ ڪو پنهنجي سمجهہ هلائي ۽ پنهنجي سمجهہ موجب عمل ڪري تنهن ڪري تنهنجو ڪم آهي فقط نصيحت ڏيڻ ۽ راهہ ڏيکارڻ تون زور سان ڪين راهہ تي هلائي نٿو سگهين) اسان نڪي تو ڪي هنن تي نگهبان ڪري رکيو آهي. نڪي هنن جي ذميواري تنهنجي حوالي آهي (جو هنن جي نہ مڃڻ ۽ عملن نہ ڪرڻ لاءِ پاڻ کي ذميوار سمجهين). (۱۰۸) ۽ (اي مسلمانو!) جيڪي ماڻهو خدا کان سواءِ ٻين کي پڪارين ٿا تن (جي ديوتائن) کي گاريون نہ ڏيو جو وري هو بہ حد کان ٻاهر لنگهي بي سمجهيءَ کان خدا کي گهٽ وڌ ڳالهائڻ لڳن. اسان اهڙيءَ طرح هر ڪنهن قوم لاءِ سندس عمل چڱا ۽ سهڻا بنايا آهن (يعني جيڪي ماڻهو غلط ۽ بد ڪم ڪن ٿا تن کي بہ پنهنجا ڪم صحيح ۽ سڻا ڏسڻ ۾ اچن ٿا) پوءِ آخر سيني کي پنهنجي پروردگار ڏانهن موٽڻو آهي. ان وقت هو انهن سيني کي سندن عملن جي حقيقت کولي ڏيکاريندو جيڪي عمل هو (دنيا ۾) ڪندا رهيا آهن. (۱۰۹) ۽ اهي (حق جا منڪر) خد جا سخت قسم کٽي چون ٿا تہ جيڪڏهن ڪا نشاني (يا معجزو) ڪين ڏيکاريو وڃي تہ پوءِ هو ضرور ان تي ايمان آڻيندا. (اي پيغمبر!) تون ڪين چئي ڏي تہ نشانيون تہ فقط الله وٽ آهن (ڪنهن بہ بندي جي اختيار ۾ ناهن) ۽ (اي مسلمانو!) توهان کي (انهن ماڻهن جي حال جي) ڪهڙي خبر؟ جيڪڏهن ڪين نشانيون بہ ڏيکاريون وڃن تہ بہ هو هرگز ايمان ڪين آڻيندا. (۱۱۰) اسان هنن جي دلين ۽ اکين کي اونڌو ۽ ابتو ڪري ٿا ڇڏيون (ڇو تہ سمجهہ نہ هلائڻ وارن لاءِ اسان جو اهوئي قانون آهي) جو هنن اول کان ئي (هٺ ۽ دشمنيءَ سبب) قرآن (جي پڌڻ ۽ سمجهڻ) کان انڪار ڪيو ۽ اسان هنن کي ڇڏي ٿا ڏيون تہ پلي پنهنجي سرڪشيءَ ۾ ٽٻڪندا رهن.

حصو اڻون

رکوع ١٤ آيت ١١١ - تا - ١٢١

هروپرو ائين ناهي تہ جيڪڏهن گهٽا ماڻهو ڪنهن راءِ يا راهہ تي قائم آهن تہ اهي حق تي آهن.

(١١١) ۽ (يقين ڄاڻو تہ) جيڪڏهن اسان هنن (ڪافرن) ڏي فرشتا موڪليون ۽ (قبرن مان) مردا (اٿي) ساڻن ڳالهائين ۽ جيتريون بہ شيون (دنيا ۾) آهن، اهي سڀ سندن اڳيان ڪڙيون ڪيون تڏهن بہ هو اهڙا ناهن جو ايمان آڻين، سواءِ هن جي جو خود خدا جو اهڙو حڪم يا مرضي هجي، پر هنن مان گهٽا جاهل آهن جي (اها حقيقت) نٿا ڄاڻن. (١١٢) ۽ (اي پيغمبر!) اهڙيءَ طرح اسان هرهڪ نبيءَ جي لاءِ (جڏهن هن ماڻهن کي حق جي دعوت ڪئي) انسانن ۽ جنن مان جيڪي شيطان هئا تن کي (انهيءَ نبي جو) دشمن ڪيو. جي شيطان پاڻ ۾ هڪ ٻئي کي خالي ڏيکاءُ جون سهڻيون ڳالهيون سيکاريندا هئا، انهيءَ لاءِ تہ ماڻهن کي ڦڪي گمراهہ ڪن ۽ جيڪڏهن تنهنجو پروردگار چاهي ها تہ (ائين ڪري سگهي ها جو) هو دشمني نہ ڪن ها (پر الله جي حڪمت جو فيصلو ئي اهو آهي تہ هتي دنيا ۾ روشنيءَ سان گڏ اونداهي ۽ حق سان گڏ باطل بہ هجي) پوءِ (اي پيغمبر! هنن جي مخالفت کان دل شڪستو نہ ٿيءُ ۽) کين سندن ڪوڙن ڌاهڙ جي مشغولين ۾ ڇڏي ڏي. (١١٣) ۽ (اهي دشمن اهڙيون ڳالهيون هن لاءِ سيکارين ٿا) تہ جيڪي ماڻهو آخرت ۾ يقين نٿا رکن تن جون دليون (ڏڪيندڙ ڳالهيون ٻڌي) انهن جي طرف جهڪي پون ۽ انهن جون ڳالهيون پسند ڪن ۽ جهڙا بدعمل اهي (شيطان) پاڻ ڪن ٿا تهڙا هوبہ ڪرڻ لڳن. (١١٤) (اي پيغمبر! انهن ماڻهن کان پڇ تہ) ڇا (توهان هي ٿا چاهيو تہ) مان (اوهان جي ۽ پنهنجي وچ ۾) فيصلو ڪرڻ لاءِ خدا کان سواءِ ٻيو جج ڳوليان؟ حالانڪ اهوئي آهي جنهن اوهان تي هي ڪتاب نازل ڪيو آهي. جو ڪولي ڪولي (ڳالهيون) ٻڌائڻ وارو آهي، ۽ (ڏسو) جن ماڻهن کي (توهان کان اڳي) اسان ڪتاب ڏنو آهي (يعني يهودي ۽ نصاريٰ) سي چڱيءَ طرح ڄاڻن ٿا تہ قرآن اوهان جي پروردگار جي طرف کان سچائيءَ سان نازل ٿيو آهي. پوءِ انهن ماڻهن مان نہ ٿيو جي (خدا جي فيصلي بابت) شڪ آڻيندڙ آهن. (١١٥) ۽ (ياد رکو تہ) توهان جي پروردگار جو قول سچائي ۽ عدل سان پورو ٿيندو. سندس قول (يا قانون) کي بدلائڻ وارو ڪوبہ ڪونهي. هو سڀ ڪجهہ ٻڌندڙ ۽ ڄاڻندڙ آهي. (١١٦) ۽ (اي پيغمبر!) جيڪڏهن تون انهن ماڻهن جو چوڻ مڃين جي اڄ روءِ زمين تي سڀني کان گهٽا آهن تہ اهي تو کي خدا جي راهہ کان ڀٽڪائي ڇڏيندا (ڇو تہ اهي سڀ گمراهہ ٽيل آهن.) اهي فقط گمان جي پيروي ڪري رهيا آهن ۽ فقط شڪ ۽ گمان ۾ ڪوڙيون ڳالهيون ۽ خيال ڌاهي رهيا آهن. (١١٧) بيشڪ تنهنجو پروردگار ئي هي ڳالهہ بهتر ڄاڻندڙ آهي، تہ ڪير سندس راهہ کان هٽي گمراهہ ٿي ويو آهي ۽ ڪير آهن جن حق جي واٽ لڌي آهي. (١١٨) پوءِ (گمراهن جي وهمن ۽ گمانن جي پيروي نہ ڪيو ۽ جنهن (جانور) تي خدا

جو نالو ورتو ويو آهي، سو بيشڪ ڪائو جيڪڏهن توهان خدا جي آيتن تي ايمان رکو ٿا. (۱۱۹) ۽ توهان کي ڪهڙي ڳالهه روڪي ٿي ته جنهن (جانور) تي خدا جو نالو ورتو ويو آهي، سو نه ڪائو (۽ مشرڪن جي وهمن جي اثر هيٺ اچو)؟ حالانڪ جيڪي اوهان لاءِ حرام ڪيو ويو آهي سو خدا ڪولي ڪولي بيان ڪري ڇڏيو آهي، پر مجبوريءَ جي حالت توهان کي ڪجهه (حرام) ڪائڻ تي مجبور ڪري ته پوءِ توهان تي گناهه ڪونهي، ۽ گهٽا ئي ماڻهو اهڙا آهن جي علم کان سواءِ فقط پنهنجي نفساني خواهشن کان ماڻهن کي پلائين ٿا. (تون اي پيغمبر ! ڄاڻ ته) تنهنجو پروردگار انهن کي چگيءَ طرح ڄاڻي ٿو جي (حدن کان ٻاهر لنگهي) زياد تي ڪندڙ آهن. (۱۲۰) ۽ (ڏسو) ظاهري گناهه هجي توڙي لڪل گناهه هجي، هر حال ۾ گناهه جون ڳالهيون ۽ عمل ترڪ ڪري ڇڏيو. جيڪي ماڻهو گناهه ڪمائين ٿا سي (ماڻهن کان ڪٽي ڪيترو بہ لڪائين پر) جيڪي بہ ڪن ٿا تنهن جو بدلو ضرور کين ملندو. (۱۲۱) ۽ جنهن جانور تي خدا جو نالو نه ورتو ويو آهي، تنهن جو گوشت نه ڪائو. ان مان ڪائڻ بيشڪ نافرماني آهي. ۽ (ڏسو) شيطان ته پنهنجي ساٿين جي دلين ۾ وسوسا وجهندا رهن ٿا، انهيءَ لاءِ ته توهان سان ڪج بحثي ڪن (يعني ڏنگا ڏڏا دليل ڏين) جيڪڏهن توهان انهن جو چوڻ مڃيو ته پوءِ سمجهو ته توهان شرڪ ڪرڻ وارن سان ٿي پيؤ.

رکوع ۱۵ آيت ۱۲۲ ـ تا ـ ۱۲۹

ايمان زندگي آهي ۽ علم ۽ بصيرت جي روشني آهي.

(۱۲۲) پوءِ ڇا اهو ماڻهو جو مئل هو ۽ اسان هن کي جيئرو ڪيو ۽ اسان هن جي لاءِ نور ٺهرايو جنهن جي روشنيءَ سان ماڻهن ۾ (بي ڊپائيءَ سان) گهمي ڦري، سو انهيءَ ماڻهو جهڙو ٿي سگهي ٿو، جو اونداهين ۾ غلطان آهي ۽ انهن مان ٻاهر نڪرڻ جي واهه ئي ڪانهيس؟ (هرگز هڪ جهڙو ٿي نٿو سگهي. سو ڏسو ته جهڙيءَ طرح هڪ شخص اونداهين ۾ غلطان هوندي پنهنجي حالت تي راضي رهي ٿو) تهڙيءَ طرح ڪافرن جي نظر ۾ اهي ئي ڳالهيون سهڻيون ۽ چگيون لڳن ٿيون جيڪي هو ڪندا رهن ٿا (دلين تي مهر ۽ ڪنن تي پردو ائين ٿو چڙهي). (۱۲۳) ۽ (ڏسو جهڙيءَ طرح مڪي جا سردار حق جي دعوت جي مخالفت ڪن ٿا) تهڙيءَ طرح هرهڪ ڳوٺ ۾ ان ڳوٺ جي بدڪار ماڻهن جا سردار بنايا ويا آهن، انهيءَ لاءِ ته اتي اهي مڪر ۽ فريب جو ڄار پکيڙين. (يعني اسان جي ٺهرايل قانون مطابق سوسائٽي يعني گڏجي رهندڙ ماڻهن جي حالت ئي ائين آهي) ۽ حقيقت ۾ اهي سردار پاڻ سان ئي مڪر ۽ فريب ڪن پر کين اها خبر ڪانه ٿي پوي. (۱۲٤) ۽ جڏهن هنن وٽ (سچائي جي) ڪا نشاني اچي ٿي تڏهن چون ٿا ته اسان هرگز تيستائين ايمان نه آڻيندا سين جيستائين اسان کي اهڙي ئي ڳالهه (معجزو) نه ملي جهڙي الله جي رسولن کي ملي هئي. (حالانڪ) الله ئي بهتر ڄاڻندڙ آهي ته ڪٿي ۽ ڪهڙيءَ طرح پنهنجا پيغمبر موڪلي ۽ ڪهڙيءَ طرح اهي رسالت جا فرض ادا ڪن. جي ماڻهو (حقيقت

کان منهن موڙڻ جو) گناهه ڪن ٿا تن کي جلد خدا جي حضور ۾ خواري ۽ ڏکار نصيب ٿيندي ۽ جيڪي مڪاريون هو ڪندا رهيا آهن تن جي عيوض ۾ ڪين سخت عذاب ملندو. (۱۲۵) پوءِ جنهن جي لاءِ خدا چاهي ٿو تہ ڪيس (سعادت ۽ ڪامراني جي) راهہ تي لڳائي تنهن جو سينو اسلام جي لاءِ کولي ٿو ڇڏي. ۽ جنهن لاءِ (سچائيءَ جي) واٽ گم ڪرڻ چاهي ٿو، تنهن جي سيني کي اهڙيءَ طرح تنگ ۽ بند ڪري ٿو ڇڏي جو جڻ تہ اڀ ڪپري مٿاهينءَ ڏي چڙهي رهيو آهي (۽ دم گهٽجي رهيو اٿس) اهڙيءَ طرح الله تعاليٰ انهن ماڻهن کي عذاب ڪري ٿو جي (خد جي سچائيءَ تي) ايمان نٿا رکن. (۱۲۶) ۽ هي (اسلام جي راهہ) توهان جي پروردگار جي (ڏيکاريل) سڌي راهہ آهي. بيشڪ اسان انهن ماڻهن جي لاءِ جي نصيحت تي ڌيان ڏيڻ وارا آهن (حق جي راهہ جون) نشانيون کولي کولي بيان ڪري ڇڏيون آهن. (۱۲۷) انهن ئي ماڻهن جي لاءِ (جن خدا جي ڏيکاريل سڌي واٽ تي قدم کنيو) سندن پروردگار وٽ سلامتي ۽ عافيت جو گهر آهي، ۽ جيڪي (نيڪ) عمل هو ڪري رهيا آهن ۽ ڪندا رهندا تن سببان هو (الله تعاليٰ) هنن جو مددگار ۽ رفيق آهي. (۱۲۸) ۽ (ڏسو) جنهن ڏينهن خدا هنن سيني کي (پاڻ وٽ) گڏ ڪندو (تڏهن فرمائيندو تہ) اي جنن (يعني شيطانن) جي ٽولي توهان تہ انسان مان وڏو تعداد (پنهنجي وسوسن وجهڻ سان پاڻ سان شامل ڪري ورتو، ۽ انسانن مان جيڪي ماڻهو سندن ساٿي ٿيا ۽ شامل ٿي رهيا سي (انهيءَ ڏينهن حقيقت ڏسي مجبور ٿي) چوندا تہ اي پروردگار! (دنيا ۾) اسان هڪ ٻئي کان (گمراهي ۽ شرارت جي ڪمن ۾) فائدو وٺندا رهياسين. (يعني گمراهہ انسانن شيطانن جو هٿ ورتو ۽ شيطانن انسانن جو هٿ ورتو) ۽ (آخر) ميعاد (اجل) جي انهيءَ منزل تائين پهچي وياسين جا تو اسان جي لاءِ مقرر ڪئي هئي (هاڻي فيصلو تنهنجي هٿ ۾ آهي) خدا تعاليٰ فرمائيندو تہ توهان جو ٺڪاڻو دوزخ جي باهہ آهي، انهيءَ ۾ هميشہ رهندؤ، سواءِ ان جي جيڪي الله تعاليٰ چاهي. بيشڪ تنهنجو پروردگار وڏي حڪمت رکندڙ ۽ سڀ ڪجهہ ڄاڻندڙ آهي. (۱۲۹) ۽ (ڏسو تہ) اهڙيءَ طرح اسان ڪن ظالمن (گنهگارن) کي ٻين ظالمن تي غالب (۽ ظلم ڪندڙ) ڪيون ٿا ڇو تہ هو (پنهنجي بدعملين سان) بدي ڪمائيندا رهيا آهن.

رکوع ۱۶ آيت ۱۳۰ ـ تا ـ ۱۴۰

مشرڪن جا غلط عقيدا، بدعمل، پرم، سنسا ۽ وهم.

(۱۳۰) (قيامت جي ڏينهن اسان پڇنداسين تہ) اي جنن ۽ انسانن جي جماعت! (توهان جو پنهنجون گمراهيون اڄ قبول ڪري رهيا آهيو سو) ڇا توهان وٽ توهان ئي منجهان اسان جا پيغمبر ڪونہ آيا هئا؟ هنن توهان کي اسان جون آيتون ڪونہ ٻڌايون هيون؟ ۽ اڄ جو ڏينهن، جو توهان جي پيش آيو آهي، تنهن کان ڪونہ ڊيڄاريو ۽ خبردار ڪيو هو؟ ”هو عرض ڪندا تہ اي خدا! اسان پنهنجي خلاف شاهدي ڏيون ٿا (تہ برابر رسول آيا هئا ۽ اسان کي سڀ ڪجهہ ٻڌايو هئائون پر اسان سندن چوڻ نہ مڃيو. حقيقت هيءَ آهي تہ) دنيا جي (ٿورن ڏينهن جي) زندگيءَ

هنن کي فريب ۾ وجهي ڇڏيو هو ۽ هاڻي هو پاڻ پنهنجي خلاف شاهدي ڏيئي رهيا آهن ته بيشڪ اسان سچائيءَ کان انڪار ڪرڻ وارا هئاسين. (۱۳۱) (اي پيغمبر!) هيءُ (پيغمبرن جو ظهور ۽ حق جي دعوت جو اعلان) هن ڪري ٿيو جو تنهنجي پروردگار جو هي دستور ناهي ته هو بي انصافيءَ سان ڳوٺن کي تباهه ڪري ڇڏي، جڏهن اتي جا رهندڙ (حق جي راهه کان) بي خبر هجن. (۱۳۲) ۽ (الله جي قانون مطابق) سيني جا درجا سندن ڪمن مطابق (الڳ الڳ) آهن (۽ انهن درجن موجب هنن کي نتيجا ملن ٿا) ۽ جيڪي جيڪي عمل انسان ڪن ٿا تن کان تنهنجو پروردگار غافل ناهي (ماڻهن جي سيني عملن جي خبر کيس پوي ٿي ۽ انهن موجب جزا ۽ سزا ڏئي ٿو.) (۱۳۳) توهان جو پروردگار بي نياز (ڪنهن جو به محتاج نه آهي) ۽ رحمت وارو آهي. (سندس رحمت جي تقاضا آهي ته ظلم ۽ فساد قائم نه رهي) جيڪڏهن هو چاهي ته توهان (ظالمن ڪافرن) کي هٽائي ڇڏي ۽ اوهان جي پٺيان جنهن (جماعت) کي چاهي تنهن کي اوهان جو جانشين بنائي، جهڙيءَ طرح هن اوهان کي هڪ ٻيءَ قوم جي نسل مان اٽاري ڪڍو ڪيو آهي. (۱۳٤) جنهن ڳالهه جو توهان کي واعدو ڪيو وڃي ٿو اها ڳالهه يقيناً اچڻ واري آهي ۽ توهان جي وس ۾ ناهي جو (خدا کي) مجبور ڪيو (۽ ان ڳالهه کي روڪي ڇڏيو). (۱۳۵) (اي پيغمبر! انهن ماڻهن کي) چئو ته، اي منهنجي قوم! (جيڪڏهن توهان جهل ۽ انڪار کان باز نٿا اچو ته منهنجو ۽ اوهان جو فيصلو خدا جي هٿ ۾ آهي) توهان پنهنجي جاءِ تي ڪم ڪندا رهو ۽ مان به (پنهنجي جاءِ تي) ڪم ڪندو رهان ٿو. جلدئي اوهان کي معلوم ٿي ويندو ته آخرڪار ڪهن جي پڇاڙي چگي آهي. يقيناً ظلم ڪرڻ وارا ڪڏهن به ڪامياب ڪونه ٿيندا (هيءَ پيشنگوئي جلد ئي پوري ٿي هئي.) (۱۳٦) ۽ (ڏسو ته) جيڪي به خدا پوکن ۽ جانورن مان پيدا ڪيو آهي، تنهن مان هڪ حصو هي (مشرڪ) پنهنجي غلط خيال موجب خدا جي واسطي ڏهرائين ٿا ۽ چون ٿا ته، هيءُ حصو الله جي لاءِ آهي ۽ (هڪ حصو بتن جي لاءِ ڏهرائي چون ٿا ته) هي حصو انهن لاءِ آهي جن کي اسان خدا سان شريڪ ڏهرايو آهي، پوءِ جيڪي سندن ڏهرايل شريڪن جي لاءِ آهي، سو خدا جي طرف نڏو پهچي (يعني ان مان خدا جي لاءِ خرچ نٿا ڪري سگهن) پر جيڪو حصو خدا جي لاءِ آهي سو انهن جي (ڏهرايل) شريڪن جي طرف پهچي وڃي ٿو. (يعني خدا جي ڏهرايل حصي ۾ بتن جي لاءِ خرچ ٿئي ته ڪجهه به فڪر ڪونهي) اهو فيصلو جو اهي ماڻهو ڪن ٿا سو ڪهڙو نه برو آهي! (۱۳۷) ۽ (ڏسو ته) اهڙيءَ طرح گهٽائي مشرڪ آهن جن جي (ڏهرايل) شريڪن، هنن مشرڪن جي نظر ۾ اولاد جي قتل (جهڙو وحشي ڪم به) سهڻو ۽ چگو ڪري ڏيکاريو آهي. انهيءَ لاءِ ته ڪين (يعني مشرڪن کي) تباهيءَ ۾ وجهن ۽ سندن دين جي وات مونجهاري واري ڪري ڇڏين. (اي پيغمبر!) جيڪڏهن خدا چاهي ها ته هو اهي ڪم نه ڪن ها. (يعني هنن جي طاقت کسي وٺي ها، پر سندس حڪمت جو فيصلو اهوئي آهي ته هر طرح جون واٽون ۽ عمل هجن) تنهن ڪري تون ڪين ۽ سندن ڪوڙن ڏاهڻ کي سندن حال تي ڇڏي ڏي (هو تنهنجي چوڻ سان ايمان ڪونه

آڻيندا). (۱۳۸) ۽ هو چون ٿا تہ هي جانور ۽ هي پوک منع ڪيل آهن. انهن کوبہ کائي (ڪم آڻي) نٿو سگهي، سواءِ انهيءَ ماڻهو جي جنهن کي اسان پنهنجي خيال مطابق کارائڻ چاهيون. (يعني جن بتن جو نذر ڪري ڇڏيون تن جا مجاور کائي سگهن ٿا. ٻين لاءِ جائز ناهن) ۽ (اهڙيءَ طرح) کي جانور آهن جن جي پٺي (تي سوار ٿيڻ يا بار کڻڻ سندن خيال موجب) حرام آهي، ۽ کي جانور اهڙا آهن جن تي الله جو نالو نٿا وٺن، چو تہ خدا تي کوڙ ٻاهي هنن اهو طريقو ڪيو آهي. سو جيڪي افترا پردازيون (کوڙ ٻاهڻ) هو ڪن ٿا تن لاءِ خدا کين جلد ئي سزا ڏيندو. (۱۳۹) ۽ (مشرڪ) چون تا تہ هنن ڏورن جي پيٽ مان جيڪو جيئرو قر ڄمندو سو اسان جي مردن لاءِ حلال آهي، پر اسان جي عورتن لاءِ حلال ناهي ۽ جيڪڏهن مئل هوندو تہ پوءِ (ان جي کائڻ ۾ مرد ۽ عورتون) سڀ شريڪ آهن. (کهڙي نہ بي وقوفيءَ جي ڳالهہ آهي جا هو چون ٿا). اهو وقت ويجهو آهي جڏهن خدا کين سندن هنن (بي اصول) ورهاڳن جي سزا ڏيندو، بيشڪ الله تعاليٰ حڪمت وارو ۽ سڀ ڪجهہ ڄاڻندڙ آهي. (۱٤۰) يقيناً اهي ماڻهو تباهہ ۽ برباد ٿيا جن جهالت سببان پنهنجو اولاد (پنهنجي هٿن سان) قتل ڪيو، ۽ جيڪو رزق خدا هنن جي لاءِ پيدا ڪيو آهي تنهن کي خدا تي کوڙ ٻاهي حرام ٺهرايو، بيشڪ هو گمراهہ ٿي پيا ۽ سڌي واٽ تي هلڻ وارا نہ هئا.

رکوع ۱۷ آيت ۱٤۱ ـ تا ـ ۱٤٤

فصل لهڻ وقت ڪجهہ خدا جي راهہ ۾ ٻہ ڏيڻ گهرجي

(۱٤۱) ۽ (ڏسو تہ) اهو خدا ئي آهي جنهن (طرحين طرحين وڻن جا) باغ پيدا ڪيا، کي منهن تي چڙهايل (جيئن ڊاک جون وليون) ۽ کي بنا مَنَهِ جي (جيئن عام وڻ آهن) ۽ پڻ ڪجيءَ جا وڻ ۽ پوکون پيدا ڪيائين جن جا ميوا جدا جدا قسمن جا ٿين ٿا، پڻ زيتون ۽ ڏاڙهن جا وڻ پيدا ڪيائين جن مان ڪي صورت شڪل ۾ هڪ جهڙا تہ ڪي وري مختلف ، سو (خدا جا پيدا ڪيل) ميوا شوق سان کائو، جڏهن اهي وڻن ۾ پيدا ٿين ۽ پچن، ۽ اوهان کي گهرجي تہ جڏهن فصل ڪٽو تڏهن هن جو (يعني خدا جو) حق ٻہ ڏيندا ڪريو، (يعني خدا جي راهہ ۾ صدقو ۽ زڪوٰت ڏيندا ڪريو) ۽ اسراف نہ ڪيو، خدا انهن کي پسند نٿو ڪري جيڪي اسراف ڪندڙ آهن. (۱٤۲) ۽ (ڏسو تہ) انهيءَ ئي خدا (اوهان جي لاءِ) ڏورن مان کي بار کڻڻ لاءِ پيدا ڪيا، (جيئن گڏهہ، خچر ۽ اٺ) ۽ کي زمين سان لڳل (يعني ننڍي قد وارا جي سواري ۽ بار کڻڻ جي ڪم نٿا اچي سگهن جهڙوڪ رڍون ۽ ٻکريون) سو جيڪي جيڪي خدا توهان جي روزيءَ لاءِ پيدا ڪيو آهي سو (بي ڏڙڪ) کائو ۽ شيطان جي قدمن تي نہ هلو. بيشڪ هو اوهان جو کليو دشمن آهي. (۱٤۳) ڏورن مان (جن جو گوشت کائجي ٿو) اٺ قسم پيدا ڪيائين، رڍن مان ٻہ قسم (يعني نر ۽ مادي) ۽ ٻکرين مان ٻہ ٻہ قسم (يعني نر ۽ مادي) (اي پيغمبر! تون انهن ماڻهن کان) پڇ تہ (توهان جو پنهنجي وهم ۽ خيال منجهان حلال ۽ حرام جا قاعدا ٺاهيا آهن سو ٻڌايو تہ) خدا انهن مان

ڪهڙو جانور حرام ڪيو آهي؟ ٻنهي قسمن جي نرن کي يا مادين کي؟ يا وري انهيءَ ڦر کي (حرام ڪيو آهي) جنهن کي ٻنهي قسمن جي مادين پيٽ ۾ سانڍيو آهي. جيڪڏهن توهان سچا آهيو تہ مون کي علم سان جواب ڏيو (يعني ان لاءِ ڪو اصل يا سند پيش ڪيو.) (١٤٤) ۽ (ڏسو تہ ساڳيءَ طرح) اٺ جا ٻہ قسم آهن ۽ ڳائي مال جا ٻہ قسم آهن، (يعني نر ۽ مادي) تون هنن کان پڇ تہ ڇا انهن مان نر کي (خدا) حرام ڪري ڇڏيو آهي يا مادين کي يا ان ڦر کي جو انهن ٻنهي جي مادين جي پيٽ ۾ آهي؟ پوءِ توهان (جو علم کان سواءِ خدا جي حلال ڪيل شين کي حرام ٺهرائي رهيا آهيو سو) ڇا توهان انهيءَ وقت خدا وٽ حاضر هيؤ، جڏهن هن اوهان کي هن باري ۾ حڪم ڏنو هو؟ پوءِ ٻڌايو تہ انهيءَ ماڻهو کان وڌيڪ ظلم ڪندڙ ڪير آهي جو ماڻهن کي گمراهہ ڪرڻ لاءِ خدا تي الزام تراشي ڪري (ڪوڙ ٺاهي ٻڌائي) ۽ وٽس (ان باري ۾) ڪو علم ٻہ نہ هجي، بيشڪ خدا انهن ماڻهن لاءِ (ڪاميابيءَ جي) راهہ نٿو کولي جيڪي ظلم ڪندڙ آهن (۽ خدا تي ڪوڙ ٺاهيندڙ آهن.)

رکوع ١٨ آيت ١٥٠-١٤٥

سڀ شيون حلال آهن سواءِ انهن جي جيڪي قرآن مجيد ۾ حرام ٻڌايل آهن.

(١٤٥) (اي پيغمبر!) تون چئي ڏي تہ جيڪو وحي مون ڏي موڪليو ويو آهي، تنهن ۾ مان ڪائي شيءِ حرام نٿو ڏسان جنهن جو ڪائڻ ڪائيندڙن لاءِ حرام هجي، سواءِ ان جي جو مردار (ڏونڊ) هجي يا وهندڙ رت هجي يا سوئر جو گوشت هجي، ڇو تہ بيشڪ اهي شيون غليظ ۽ گنديون آهن. اها شيءِ ٻہ حرام آهي جا گناهہ ۽ نافرمانيءَ جو سبب ٻڌجي ٿي جو مٿس خدا کان سواءِ ڪنهن ٻئي جو نالو ورتو وڃي ٿو. ۽ جيڪڏهن ڪو ماڻهو (حلال شيءِ نہ ملڻ سبب) مجبور هجي، نافرمانيءَ جي نيت نہ هجيس ۽ ضرورت جي حد کان ٻاهر نہ وڃي (۽ هو جان بچائڻ لاءِ انهن حرام شين مان ڪجهہ ڪائي) تہ پوءِ بيشڪ تنهنجو پروردگار بخشيندڙ ۽ رحمت ڪندڙ آهي. (١٤٦) ۽ يهودين لاءِ اسان ڏنهن (سُنبن) وارا جانور حرام ڪري ڇڏيا هئا ۽ ڳئيون ۽ ٻڪريءَ جي چربي ٻہ حرام ڪئي هئي، پر اها چربي نہ، جا انهن جي پٺيءَ تي لڳل هجي يا آنڊن ۾ يا هڏين سان مليل هجي. اها اسان هنن جي سرڪشيءِ جي سزا ڏني هئي. (اهي شيون درخود حرام نہ هيون) ۽ بيشڪ اسان (بيان ڪرڻ ۾) سچا آهيون. (١٤٧) پوءِ (اي پيغمبر!) جيڪڏهن اهي ماڻهو توکي ڪوڙو سمجهي تنهنجي ڳالهہ نہ مڃين، تہ تون کين چئي ڏي تہ اوهان جو پروردگار وڏي وسيع (ڪشادي) رحمت رکندڙ آهي (تنهن ڪري ڪي مهلتون ڏئي ٿو) پر گناهہ ڪندڙن کان سندس عذاب هرگز ٽري ڪونہ ويندو. (١٤٨) جن ماڻهن شرڪ جي وات ورتي آهي سي چوندا تہ جيڪڏهن الله چاهي ها تہ اسان جا ابا ڏاڏا شرڪ نہ ڪن ها، نڪي ڪنهن شيءِ کي (پنهنجي راءِ سان) حرام ٺهرائين ها. سو (ڏسو تہ) اهڙيءَ طرح انهن ماڻهن ٻہ (سچائيءَ کي)

ڏکرايو هو جي کائنءِ اڳي ٿي گذريا آهن، تان جو (آخر) کين اسان جي عذاب جو مزو چکڻو پيو. (اي پيغمبر!) تون چؤ تہ، ڇا توهان وٽ (هن باري ۾) کا علم جي روشنائي آهي جا اسان جي اڳيان پيش ڪري سگهو؟ (جيڪڏهن آهي تہ پيش ڪيو) حقيقت هيءَ آهي تہ، توهان فقط وهمن ۽ اٽکلن جي پيروي ڪري رهيا آهيو ۽ توهان (پنهنجي ڳالهين ۾) سواءِ هن جي ڪجهہ ناهيو تہ بنا سمجهڻ جي ڪوڙيون ڳالهيون ٺاهڻ وارا آهيو. (١٤٩) (اي پيغمبر!) تون چئي ڏي تہ پکو دليل جو (ماڻهن جي دلين کي) پهچندڙ هجي سو فقط الله جو آهي. جيڪڏهن هو چاهي ها تہ سيني کي (سچيءَ) راهہ تي لڳائي ڇڏي ها (ڇو تہ سندس قدرت کان ڪابہ ڳالهہ ٻاهر ناهي، پر هن ائين نہ چاهيو ۽ اهوئي سندس حڪمت جو فيصلو آهي.) (١٥٠) (اي پيغمبر!) کين چؤ تہ، (جيڪڏهن توهان پنهنجي گهڙيل قاعدن سان انهن جانورن کي حرام ٺهرايو ٿا تہ) پنهنجي شاهدن کي (يعني حڪم ڏيڻ وارن کي) وٺي اچو تہ انهيءَ ڳالهہ جي شاهدي ڏين تہ خدا (سچ پچ) اها شيءِ حرام ڪري ڇڏي آهي. پوءِ جيڪڏهن سندن (ڪوڙا شاهد) اهڙي شاهدي بہ ڏين تہ بہ تون انهن سان شامل ٿي اهڙي شاهدي نہ ڏجانءِ (ڇو تہ اها حقيقت جي بلڪل خلاف آهي) تون انهن ماڻهن جي خواهشن جي پيروي نہ ڪر جن اسان جي آيتن کي ڪوڙو سمجهي رد ڪيو آهي ۽ جي آخرت تي يقين نٿا رکن ۽ پين هستين کي پنهنجي پروردگار جي برابر ٺهرائين ٿا.

رکوع ١٩ آيت ١٥١ ـ تا ـ ١٥٤

سچائي ۽ حقيقت جي سڏي وات هڪ آهي، گهٽين واٽن تي جدا جدا هلي گمراهہ نہ ٿيو

(١٥١) (اي پيغمبر!) انهن کي چؤ تہ، اچو تہ مان اوهان کي (الله جو ڪلام) پڙهي ٻڌايان، تہ توهان جي پروردگار توهان جي لاءِ ڇا ڇا حرام ڪري ڇڏيو آهي. خدا سان ڪنهن بہ شيءِ کي شريڪ نہ ٺهرايو. پنهنجي ماءُ پيءُ سان چگي هلت وٺو ۽ چگايون ڪيو. پنهنجي اولاد کي سڃائي جي خوف کان قتل نہ ڪيو، اسان ئي توهان کي روزي ڏيون ٿا ۽ انهن (يعني اوهان جي اولاد) کي بہ روزي اسان ڏينداسين ۽ بي شرمي جي ڳالهين ۽ ڪمن کي رڳو ويجهي بہ نہ وڃو. اهي (بي شرميءَ جا ڪم ۽ ڳالهيون) کليل هجن توڙي لڪل هجن (ڪنهن بہ حالت ۾ انهن جي ويجهو نہ وڃو) ۽ ڪنهن بہ جان (انسان) کي قتل نہ ڪيو، جنهنجي (قتل) کي خدا تعاليٰ حرام ٺهرايو هجي، سواءِ هن جي جو ڪنهن حق جي بنا تي هن کي قتل ڪرڻو پوي (مثلاً قصاص ۾ يا جج جي فيصلي موجب) اهي آهن اهي ڳالهيون جن جي خدا توهان کي وصيت ڪئي آهي، انهيءَ لاءِ تہ توهان عقل ۽ سمجهہ کان ڪم وٺو. (١٥٢) ۽ (اهڙيءَ طرح) يتيمن جي مال ملڪيت کي بہ ويجهو نہ وڃو. (يعني ان تي قبضو ڪرڻ يا ان مان ڪجهہ هضم ڪرڻ جو ارادو بہ نہ ڪيو) سواءِ هن جي جو چگي طريقي (۽ نيت) سان (ان جو انتظام رکو) (يعني يتيمن جي فائدي ۽ سنيال لاءِ سندن مال ملڪيت جي نگهباني ڪرڻ چاهيو) سو بہ تيستائين جيستائين اهي يتيم پنهنجي (سمجهہ ۽ طاقت

جي) عمر کي پهچي وڃن، ۽ (هي ڳالهه ب٘ه ياد رکو ت٘) انصاف ۽ ايمانداريءَ سان تور ۽ ماپ پوري کريو. اسان ڪنهن ب٘ه جان (انسان) تي سندس طاقت کان ٻاهر بار نٿا رکون (پنهنجي طاقت آهر انصاف ۽ ايمانداريءَ جي ڪوشش کريو) ۽ جڏهن ڪا٘ ڳالهه چؤ ت٘ حق ۽ انصاف جي چئو، اگرچه معاملو پنهنجي مائٽن سان تعلق رکندڙ هجي (۽ فيصلو سندس خلاف وڃي) ۽ الله سان جيڪو عهد اقرار ڪيو اٿو سو پورو ڪيو ۽ چگيءَ طرح پاڙيو. اهي ڳالهيون آهن جن جو خدا اوهان کي حڪم ڏنو آهي، انهيءَ لاءِ ت٘ من نصيحت وٺو (۽ صالح عمل ڪيو). (۱۵۳) ۽ (الله تعاليٰ ٻڌايو ت٘ خدا پرستي ۽ نيڪ عمليءَ جي) اهائي واٽ منهنجي (ٻهرايل) سڌي واٽ آهي، سو انهيءَ ٿي (واٽ) تي هلو. (ٻين) واٽن تي نه هلو، متان اهي واٽون اوهان کي خدا جي سڌيءَ واٽ کان جدا ڪري ڇڙوڇڙ ۽ گمراهه ڪري ڇڏين. اها ڳالهه آهي جهن جو خدا اوهان کي حڪم ڏنو آهي، انهيءَ لاءِ ت٘ توهان پرهيزگار ٿي پئو. (۱۵٤) وري (ڏسو ت٘) اسان موسيٰ کي ڪتاب ڏنو، انهيءَ لاءِ ت٘ جيڪو نيڪ عمل ڪندڙ ٿئي تنهن تي پنهنجي نعمت پوري ڪيون، ۽ هرهڪ ڳالهه کي کولي کولي بيان ڪيون ۽ ماڻهن جي لاءِ (اهو ڪتاب) هدايت ۽ رحمت ٿئي ت٘ من پنهنجي پروردگار جي ملاقات (يعني قيامت جي ڏينهن خدا جي حضور ۾ حاضر ٿيڻ) تي ايمان آڻين.

رکوع ۲۰ آيت ۱۵۵ ـ تا ـ ۱٦۵

سڀ انسان هڪ آهن ۽ اصل دين سڀني لاءِ هڪ آهي، جن دين ۾ فرقو وڌو ۽ جدا جدا ٽوليون ٺاهيون تن سان تنهنجو ڪوب٘ه واسطو ڪونهي.

(۱۵۵) ۽ (اهڙيءَ طرح) هي ڪتاب (قرآن مجيد) آهي، جنهن کي اسان نازل ڪيو آهي جو برڪت وارو آهي (يعني جيڪي ان جي پيروي ڪندا تن لاءِ برڪت واري راهه کولي ڇڏيندڙ آهي). پوءِ توهان کي گهرجي ت٘ ان (قرآن مجيد) جي پيروي ڪيو ۽ پرهيزگاريءَ جو ڍنگ اختيار ڪيو ت٘ توهان تي رحم ڪيو وڃي. (۱۵٦) (اي اهل عرب! اسان هي قرآن مجيد هن لاءِ نازل ڪيو ت٘) توهان ائين نه چئي سگهو ت٘ خدا فقط ٻن جماعتن (يهودين ۽ عيسائين) تي ڪتاب نازل ڪيو جي اسان کان اڳي ٿي گذريا ۽ اسان کي هنن جي پڙهڻ ۽ پڙهائڻ جي خبر ڪانه هئي. (۱۵۷) يا چئو ت٘، جيڪڏهن اسان تي ڪتاب نازل ٿئي ها ت٘ اسان انهن جماعتن کان (جن تي ڪتاب نازل ٿيو) زياده هدايت وارا ٿيون ها، سو (ڏسو) تحقيق توهان ڏي ب٘ه توهان جي پروردگار وٽان هڪ چٽو دليل ۽ رحمت اچي وئي آهي، پوءِ (ٻڌايو ت٘) انهيءَ کان وڌيڪ ظالم انسان ڪري آهي جو خدا جي نشانين کي ڪوڙو ڏهرائي ۽ انهن کان منهن موڙي. (ياد رکو ت٘) جي ماڻهو اسان جي نشانين کان منهن موڙين ٿا تن کي اسان ان جي بدلي ۾ جلد سخت عذاب ڏيندا سين. (۱۵۸) پوءِ اهي ماڻهو (جيڪي سچائي جي نشانين ڏسڻ بعد ب٘ه سرڪشيءِ کان باز نٿا اچن) ڪهڙيءَ ڳالهه جي انتظار ۾ ترسيا ويٺا آهن؟ هن ڳالهه جي انتظار ۾ ت٘ (آسمان مان) فرشتا هنن وٽ هلي اچن يا خود تنهنجو پروردگار انهن جي سامهون اچي بيهي يا وري تنهنجي پروردگار جون ڪي نشانيون (معجزا)

ظهور ۾ اچن (يا قيامت جا آثار ظاهر ٿين؟) پوءِ (جيڪڏهن اهي ماڻهن انهيءَ ڳالهه جي وات تڪي رهيا آهن تہ کين معلوم ڪرڻ گهرجي يہ) جنهن ڏينهن تنهنجي پروردگار جون ڪي نشانيون ظهور ۾ ايندیون تنهن ڏينهن ڪنهن بہ انسان کي جنهن اڳ ئي ايمان نہ آندو هوندو يا پنهنجي ايمان (جي حالت) ۾ نيڪي نہ ڪمائي هوندي تنهن جو (پوءِ) ايمان آڻڻ ڪيس فائديمند ڪونہ ٿيندو. (اي پيغمبر!) تون چئي ڏي تہ (جيڪڏهن توهان کي انتظار ئي ڪرڻو آهي تہ پلي) انتظار ڪندا رهو. اسان بہ (حق ۽ باطل جي فيصلي جو) انتظار ٿا ڪيون. (۱۵۹) (اي پيغمبر!) جن ماڻهن پنهنجي دين ۾ تفرقو وڌو (يعني اختلاف ڪري جدا جدا فرقا ۽ مذهب بنايا) ۽ جدا جدا ٽوليون ٺاهيائين تن سان تنهنجو ڪوبہ واسطو ڪونهي. (تنهنجي راهہ حقيقي دين جي راهہ آهي جا سيني کي ڳنڍڻ ۽ هڪ ڪرڻ واري آهي تنهنجي وات اها ناهي جا ماڻهن جي ٺاهيل ٽولين بنائڻ واري آهي) انهن جو معاملو الله جي حوالي آهي، پوءِ اهوئي ٻڌائيندو تہ جيڪي هو ڪندا رهيا آهن. تنهن جي حقيقت چا هئي؟ (۱۶۰) (ياد رکو تہ) جيڪو بہ (الله جي حضور ۾) نيڪي (صالح عمل) آڻيندو تنهن کي سندس نيڪ عملن کان ڏهوڻو ثواب ملندو ۽ جيڪو برائي آڻيندو سو ان برائيءَ جي بدلي ۾ اوتري ئي سزا کائيندو جيتري برائي ڪئي هوندائين (يعني نيڪيءَ جي اجر ۾ واڌارو ڪيو وڃي ٿو پر برائي جي سزا ۾ واڌارو ڪونهي) ۽ائين ڪونہ ٿيندو جو (عملن جي بدلي ۾) ماڻهن سان ڪجهہ بہ بي انصافي ڪئي وڃي. (۱۶۱) (اي پيغمبر!) چئي ڏي تہ، منهنجي پروردگار مون کي سڌو رستو ڏيکاريو آهي. اهوئي درست ۽ صحيح دين آهي. (اهو آهي) حضرت ابراهيم جو طريقو تہ فقط خدا جي لاءِ ٿي وڃو (ٻيو ڪوبہ مقصد يا مطلب نہ رکو) ۽ حضرت ابراهيم مشرڪين مان هرگز نہ هو. (۱۶۲) چؤ تہ، منهنجي نماز، منهنجو حج (قرباني) منهنجو جيئڻ ۽ منهنجي مرڻ سڀ ڪجهہ فقط الله جي لاءِ آهي، جو سڄي جهان جو پروردگار آهي. (۱۶۳) هن جو ڪوئي شريڪ ڪونهي، مون کي انهيءَ ئي ڳالهہ جو حڪم ڏنو ويو آهي ۽ مان مسلمانن ۾ (يعني خدا جي فرمانبردارن ۾) پهريون فرمانبردار آهيان. (۱۶۴) تون (هنن ماڻهن کان) پڇ تہ چا (توهان هي چاهيو ٿا تہ) مان خدا کان سواءِ ڪو ٻيو پروردگار ڳوليان؟ حالانڪ فقط اهوئي هر شيءِ جي پرورش ڪندڙ آهي؟ ۽ (ڏسو) هرهڪ ماڻهو پنهنجي عملن سان جيڪي ڪمائي ٿو سو انهيءَ جي ذمي ٿئي ٿو. (ڇڪا عمل مندو تہ پاڻ ڪي ئي فائدو پوندس ۽ بدعمل ڪندو تہ پاڻ ڪي ئي نقصان رسندس) ڪوبہ بار ڪٽندڙ ٻئي جو بار نٿو ڪٽي، پوءِ (آخر) اوهان سيني ڪي پنهنجي پروردگار ڏي موٽڻو آهي ۽ (جڏهن وٽس حاضر ٿيندو تڏهن هو) ٻڌائيندو تہ جن ڳالهين ۾ اوهان اختلاف ڪندا هئو تن جي حقيقت چا هئي. (۱۶۵) ۽ اهوئي (خدا) آهي جنهن اوهان کي (هڪ ٻئي جو) زمين ۾ جانشين بنايو ۽ توهان مان ڪن کي ڪن مٿان (عملن جي لحاظ کان) مرتبا ڏنا، انهيءَ لاءِ تہ جيڪو (اختيار) اوهان کي ڏنو ويو آهي تنهن ۾ توهان کي آزمائي (۽ طلب ۽ ڪوشش جو موقعو ڏئي. اي پيغمبر!) بيشڪ تنهنجو پروردگار جلد (بدعملين جي) سزا ڏيڻ وارو آهي، ۽ بيشڪ هو بخشيندڙ ۽ رحمت وارو آهي.

سورت الاعراف مكي (اعراف ـ مٿاهيون جايون)

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي.

رڪوع ١ آيت ١ ـ تا ـ ١٠

وحي جو مقصد آهي بيدار ڪرڻ ۽ نصيحت ڏيڻ ۽ بدعملين جي نتيجن کان خبردار ڪرڻ

(١) الٓمّٓصٓ (٢) (اي پيغمبر! هي) ڪتاب آهي جو توتي نازل ڪيو ويو آهي. پوءِ ان (ڪتاب) جي ڪري تنهنجي سيني ۾ ڪجھ بہ تنگي ۽ تڪليف نہ هڻڻ گھرجي (۽ نہ ٿيندي) انهيءَ لاءِ تہ تون هن (ڪتاب) جي وسيلي (انڪار ۽ بدعملي جي نتيجن کان) خبردار ڪرين. (۽ هي ڪتاب) ايمان وارن لاءِ بيداري ۽ نصيحت ٿئي. (٣) (اي انسانو!) توهان جي پروردگار وٽان جيڪي اوهان ڏي موڪليو ويو آهي (يعني جيڪو منهنجو وحي اوهان کي منهنجو رسول پڌائي ٿو) تنهن جي پيروي ڪيو (ان تي عمل ڪيو) ۽ خدا کي ڇڏي اوليائن (جن کي توهان خدا سان شريڪ ٺا ڪيو ۽ سمجھو ٺا تہ خدا وٽ هنن جي رسائي آهي ۽ اسان جي مدد ڪندا اهڙن خيالن) جي تابعداري نہ ڪريو. (افسوس جو) توهان (اهڙي سولي ڳالھ نٿا سمجھو ۽) تمام ٿورا آهيو جو نصيحت حاصل ڪيو ٿا. (٤) ۽ (اي انسانو! عبرت وٺو. ڏسو تہ) ڪيترا نہ شهر اسان تباھ ڪري ڇڏيا (هن ڪري جو انهن جي ماڻهن تڪبر ۽ ظلم ڪيو ۽ خدا جي حڪمن جي نافرماني ڪئي) اسان جو عذاب هنن تي رات جي وقت (اوچتو) اچي ڪڙڪيو يا ڏينهن جي وقت جڏهن (منجهند واري مٽي) ننڊ ۾ هئا. (٥) جنهن وقت هنن جي مٿان اسان جو عذاب اچي ڪڙڪيو تنهن وقت هنن جي وات ۾ فقط اهائي وائي هئي تہ بيشڪ اسان سچ پچ ظالم هئاسين. (٦) پوءِ (قيامت جي ڏينهن) اسان انهن ماڻهن کان ضرور پڇاڙو ڪنداسين جن ڏي اسان رسول موڪليا هئا ۽ رسولن کان بہ پڇا ڪنداسين (تہ توهان پنهنجي ماڻهن کي اسان جا ڪهڙا حڪم پهچايا ۽ انهن کيتري قدر اسان جي حڪمن جي تعميل ڪئي). (٧) (پر) پوءِ جيئن تہ اسان کي (اڳيئي) سڀ ڪجھ معلوم آهي سو اسان سڀ حالتون کين پڌائينداسين، ڇو تہ اسان ڪٿي بہ (۽ ڪنهن بہ وقت هنن کان پري) غائب يا غير حاضر ڪونہ هئاسين (۽ اسان نہ رڳو سندن عمل پئي ڏٺا پر سندن دل جا خيال بہ معلوم پئي ڪيا.) (٨) انهيءَ (قيامت جي) ڏينهن (عملن جي) تور بلڪل ٺيڪ ٺيڪ ڪئي ويندي پوءِ جن ماڻهن جي (نيڪ عملن جو) پڙ ڳورو ٿيندو سي ئي ڪامياب ٿيندا (۽ بهشت جون نعمتون ماڻيندا). (٩) ۽ جن ماڻهن جي (نيڪ عملن جو) پڙ هلڪو ٿيندو تن جون جانيون هلاڪت ۾ پوندڙيون، ڇو تہ هنن اسان جي آيتن ۽ حڪمن بنسبت بي انصافي ڪئي هئي (۽ انهن تي عمل ڪرڻ بدران مخالفت ڪئي هئائون). (١٠) ۽ (اي انسانو!) اسان توهان کي زمين تي (پنهنجي پنهنجي حد اندر) حڪمراني ڏني آهي (يا سلامتيءَ سان رهايو آهي) ۽ ان زمين ۾ توهان جي زندگيءَ ۽ گذران جو سامان ۽

وسيلا ڏاهيا آهن (پر افسوس!) توهان ماڻهو گهڻي قدر بي شڪري ڪيو (جو خدا جي نعمتن خصوصاً وحي جي نعمت جو پورو فائدو نٿا وٺو.)

رڪوع ٢ آيت ١١ ـ تا ـ ٢٥

بني آدم لاءِ ٻه واٽون ٿيون هڪ آدم واري، جو پل ٿئي تہ توبہ ڪري ۽ ٻي ابليس واري يعني قصور ڪرڻ بعد ٻہ سرڪشي ڪري.

(١١) ۽ (اي انسانو! ڏسو تہ) اسان ئي توهان کي پيدا ڪيو ۽ (نہ رڳو پيدا ڪيو پر پيدا ڪرڻ بعد ظاهري توڙي معنوي طور سهڻي) صورت ڏني (۽ علم سيکاريو ۽ فرشتن کان ٻہ مٿاهون درجو ڏنو) پوءِ اسان فرشتن کي حڪم ڪيو تہ آدم جي اڳيان جهڪو. پوءِ سيئي فرشتا (آدم جي اڳيان تعظيم لاءِ) جهڪيا ۽ نوڙيا، پر ابليس نہ جهڪيو ۽ جهڪڻ وارن سان شامل نہ ٿيو. (١٢) (تنهن تي الله تعاليٰ ابليس کان) پڇيو تہ، جڏهن مان توکي سجدي ڪرڻ جو حڪم ٻہ ڏنو تڏهن ڪهڙي ڳالهہ توکي روڪيو جو سجدو نہ ڪيئي؟ ابليس ورندي ڏني تہ مان هن (يعني آدم) کان بهتر آهيان ڇو تہ مون کي باهہ مان پيدا ڪئي ۽ هن کي مٽيءَ مان پيدا ڪئي. (١٣) الله تعاليٰ (تنهن تي) حڪم ڪيو تہ (اي ابليس!) جنت مان نڪري وڃ مناسب ناهي تہ تون هن حالت ۾ رهي تڪبر ڪرين. نڪري وڃ ٻاهر. يقيناً تون ذليلن خسيسن مان آهين. (جيڪي هميشہ خوار خراب رهن ٿا). (١٤) ابليس چوڻ لڳو تہ (اي خدا!) مون کي انهيءَ ڏينهن تائين مهلت ڏي، جنهن ڏينهن (جزا ۽ سزا لاءِ) ماڻهن کي وري اٿاريو ويندو. (١٥) الله تعاليٰ فرمايو تہ توکي مهلت آهي. (١٦) (حاسد ابليس مهلت وٺي) چيو تہ (اي خدا!) جيئن تہ تو مون کي بي راهہ ڪري ڇڏيو آهي، تنهن ڪري مان ٻہ ماڻهن کي تنهنجي سڌي (راهہ کان پلاڻي گمراهہ ڪري ڪڍ ۾ ڪيرائڻ لاءِ) وات تي (لڪي ڇپي) ويهي رهندس. (١٧) ۽ پوءِ يقيناً انهن ماڻهن جي اڳئين پاسي کان پئٹين پاسي کان انهن جي ساڄي پاسي کان ۽ پٺ ڪاپي پاسي کان (يعني هر طرف کان ۽ هر حيلي ۽ نڪيءَ سان) وٽن ايندس (۽ گمراهہ ڪندس، تان جو) تون ڏسندين تہ هنن مان گهڻا تنهنجي (نعمتن جي) شڪرگذاري نہ ڪندا (۽ تنهنجي نافرماني ڪري ظلم ڪندا. (١٨) الله تعاليٰ (تنهن تي) فرمايو تہ، (اي ابليس) هتان خوار خراب ۽ تڙيل ٿي نڪري وڃ. بيشڪ (ائين ٿيندو جو) جيڪو ٻہ ماڻهن منجهان تنهنجي پيروي ڪندو تنهن سان ۽ اوهان سڀني سان (يعني تون، تنهنجا سنگتي شيطان ۽ تنهنجي پيروي ڪندڙ انسانن سان) دوزخ کي پري ڇڏيندس. (١٩) ۽ (الله تعاليٰ فرمايو تہ) اي آدم! تون ۽ تنهنجي اهليہ (بي بي حوا) جنت ۾ رهو ۽ جيڪي ٻہ وٹيؤ سو مزي سان کائو. پر هن وڻ کي ويجهو ٻہ نہ وڃجو. جيڪڏهن ويجهو ويندؤ تہ (خدا جي نافرماني سببان) ظالمن ۾ گنهگارن ۾ شمار ڪيا ويندؤ. (٢٠) پوءِ شيطان هنن (آدم ۽ حوا) جي دلين ۾ وسوسو وڌو انهيءَ لاءِ تہ انهن (جي فطرت) ۾ جيڪو ستر يا شرمگاهہ کانئن لڪل هو سو کين کولي ڏيکاري. سو کين

شيطان چيو تہ، اوهان جي رب اوهان کي هن وڻ کان ٻڌي ڪنهن بہ سبب نہ روڪيو آهي، سواءِ هن (سبب جي تہ) توهان ٻئي (ان وڻ جي ويجهو وڃڻ سان) فرشتا نہ بنجي پئو يا جنت ۾ هميشہ رهڻ وارن منجهان نہ ٿي پئو. (٢١) ۽ شيطان هنن کي قسم کٹي چيو تہ مان سچ پچ اوهان ٻنهي جو خير خواهہ آهيان ۽ چگيءَ ۽ سچي نصيحت ڏيندڙ آهيان. (٢٢) پوءِ اهڙيءَ طرح شيطان ٻنهي کي فريب ڏئي ڦاسايو. پوءِ هنن اڃا وڻ کي چکيو مس تہ هنن جي (فطرت ۾ رکيل) شرمگاهہ يعني اوگهڙ جا عضوا ڏسڻ ۾ اچڻ لڳا (سو چا ڪيائون جو شرم کان) باغ جي پنن سان پنهنجي جسم کي ڍڪڻ لڳا ۽ سندس پروردگار کين پڪاري چيو تہ، مان توهان ٻنهي کي انهيءَ وڻ (کي ويجهو وڃڻ) کان منع کين ڪري ڇڏي هئي؟ ۽ توهان کي ٻڌائي کين چڏيو هوم تہ شيطان اوهان جي کليو کلايو دشمن آهي؟ (٢٣) (تڏهن هڪدم) ٻنهي چئي ڏنو تہ، اي اسان جا پروردگار! اسان پاڻ تي پاڻ ظلم ڪيو (۽ پاڻ کي نقصان پهچايو) ۽ جيڪڏهن تون اسان کي نہ بخشيندين ۽ اسان تي رحم نہ ڪندين تہ اسان ضرور تباهہ ٿي ويندا سين. (٢٤) الله تعاليٰ (کين) فرمايو تہ هيٺ لهي وڃو (يعني جنت مان نڪري زمين تي رهو ۽ ملڪي زندگيءَ مان نڪري حيواني حالت ۾ اچو) توهان (سيني انسانن) ۾ هڪ ٻئي لاءِ دشمنيءَ جو مادو هوندو ۽ (آئنده) اوهان جي لاءِ زمين تي رهڻ جي جاءِ آهي ۽ ڪنهن (مقرر) وقت تائين اتي رهي (دنياڪي) فائدا ۽ نعمتون ماڻيندؤ. (٢٥) (الله تعاليٰ کين هيئن پڻ) فرمايو تہ انهيءَ ئي زمين تي رهي زندگي گذاريندؤ ۽ انهيءَ زمين تي مرندؤ ۽ پوءِ (آخر) انهيءَ ئي زمين مان (ٻيهر جيئاري قيامت جي ڏينهن) اوهان کي (قبرن مان) اڀاري ٻاهر ڪڍيو ويندو.

رکوع ٣ آيت ٢٦ ـ تا ـ ٣١

تقويٰ روح جي لاءِ حفاظت ۽ زينت آهي

(٢٦) اي آدم جا اولاد! تحقيق اسان توهان جي لاءِ لباس نازل ڪيو (يعني ڪپڑا مهيا ڪيا) انهيءَ لاءِ تہ توهان جي شرمگاهن کي ڍڪي ۽ پڻ زينت جو سامان مهيا ڪياسين. (پر ياد رکو تہ) تقويٰ (يعني الله جي نافرمانيءَ کان بچڻ) جو لباس ئي بهترين لباس آهي. (۽ پڻ ياد رکو تہ) هي الله تعاليٰ جي نشانين منجهان آهن (جي انهيءَ لاءِ نازل ڪيون ويون آهن) تہ من ماڻهو نصيحت وٺن. (٢٧) اي آدم جا اولاد! (خبردار) متان شيطان اوهان کي ٻلائي وجهي. جهڙيءَ طرح هن اوهان جي ڏاڏي ۽ ڏاڏيءَ (آدم ۽ حوا) کي ٻلائي جنت مان ٻاهر ڪڍائي ڇڏيو ۽ هنن جو (الله تعاليٰ جي فرمانبرداريءَ جو) لباس لهارائي ڇڏيائين، انهيءَ لاءِ تہ هنن کي سندن شرمگاهہ کولي ڏيکاري. (ياد رکو تہ) اهو شيطان ۽ سندس لشکر (هر وقت) اهڙيءَ طرح توهان کي نظر ۾ رکيو ويٺو آهي، جي توهان انهن کي ڏسي نٿا سگهو. (هو توهان کي ٻلائڻ لاءِ اهڙا موقعا ۽ وجهہ تاڙي ٿا وٺن جو توهان کي پتوئي نٿو پوي. تنهن ڪري هر وقت خبردار رهو ۽ فقط خدا ۾ ايمان رکي سندس ئي

حڪمن تي عمل ڪيو) يقين ڄاڻو تہ جيڪي ماڻهو (خدا تي) ايمان نٿا رکن (اهي ئي پلجن ٿا ۽) انهن ئي لاءِ اسان شيطان کي سندن دوست بنايون ٿا. (۲۸) ۽ جڏهن هي (ڪافر) ڪو بي شرميءَ جو ڪم ڪن ٿا تڏهن چون ٿا تہ اسان پنهنجي ابن ڏاڏن کي انهيءَ طريقي تي هلندو ڏٺو ۽ خدا بہ اسان کي اهوئي حڪم ڏنو آهي. (الله تعاليٰ (ڪڏهن بہ) بي شرميءَ جي ڪمن ڪرڻ جو حڪم نٿو ڏئي. ڇا (خود) خدا تي اهڙيون (ڪوڙيون) ڳالهيون ٿا مڙهيو جن بنسبت توهان کي ڪجهہ بہ علم ڪونهي؟ (۲۹) (اي پيغمبر! تون انهن ماڻهن کي) چئو تہ منهجي پروردگار (هر حالت ۾) اعتدال جي راهہ اختيار ڪرڻ جو حڪم ڏنو آهي (پڻ حڪم ڪيو آهي تہ) نماز جي هر وقت تي ۽ هر هنڌ پنهنجا منهن بلڪل سڌا رکو (يعني پوريءَ طرح الله جي اڳيان نياز جو سر جهڪايو) ۽ الله کي سچي دل سان ۽ ڪامل فرمانبرداريءَ جي نيت سان پڪاريو (ياد رکو تہ) جهڙيءَ طرح الله تعاليٰ اوهان کي پهريائين پيدا ڪيو تهڙيءَ طرح اوهان (موت کان پوءِ ڏانهنس) موٽندؤ. (۳۰) الله تعاليٰ هڪڙيءَ ٽوليءَ کي (سندن اخلاص سبب ڪاميابي ۽ سعادت جي) راهہ وٺائي آهي ۽ بي ٽوليءَ تي گمراهي (حق ۽ انصاف سان) واجب ٿي آهي، ڇو تہ هنن الله کي ڇڏي شيطانن کي پنهنجو رفيق ۽ مددگار بنايو آهي ۽ (پلجي) سمجهن ٿا تہ اسان سچي هدايت جي واٽ ورتي آهي. (۳۱) اي آدم جا اولاد! نماز جي هر وقت ۽ هر هنڌ سڻائي ۽ سينگار رکو ۽ (بيشڪ) کائو پيئو، (يعني الله تعاليٰ جون ڏنل نعمتون ماڻيو) پر حد ڪان ٻاهر نہ وڃو. (حد ڪان ٻاهر وڃڻ ۾ اوهان جو ئي نقصان آهي) بيشڪ الله تعاليٰ انهن کي پسند نٿو ڪري جيڪي حد ڪان ٻاهر ٿا وڃن.

رکوع ٤ آيت ۳۲ ـ تا ـ ۳۹

اسلام خدا جي ڏنل نعمتن کي ڪم آڻڻ جو حڪم ٿو ڏئي.

(۳۲) اي پيغمبر تون) ماڻهن کان پڇ تہ الله تعاليٰ زينت جو جيڪو ساز سامان پنهنجي بندن لاءِ پيدا ڪيو آهي، تنهن کي ۽ کائڻ پيئڻ جي صاف ۽ سٿڻ شين کي ڪنهن حرام ٺهرايو آهي؟ کين ٻڌاءِ تہ اهي سڀ شيون دنيا ۾ ئي ايمان وارن لاءِ آهن، قيامت جي ڏينهن تہ خالص طور (دنيائي تڪليفن کان پاڪ) فقط، مؤمنن لاءِ آهن (ڏسو) اهڙيءَ طرح اسان پنهنجون آيتون (سمجهاڻيون ۽ حڪم) کولي کولي بيان ڪيون ٿا انهن ماڻهن لاءِ جيڪي علم ۽ سمجهہ رکن ٿا. (۳۳) (اي پيغمبر! تون ماڻهن کي) ٻڌاءِ تہ منهنجي پروردگار تہ بي حيائيءَ جون ڳالهيون ۽ ڪم حرام ڪيا آهن، پوءِ اهي ظاهر هجن توڙي لڪل هجن ۽ پڻ گناهہ جا ڪم ۽ زيادتي وارا ڪم جي حق ۽ انصاف جي خلاف هجن (حرام ڪيا اٿس ۽ هيءَ ڳالهہ بہ حرام ٺهرائي اٿس تہ) اوهان الله سان ڪنهن کي شريڪ ٺهرايو جنهن لاءِ ڪابہ سند نازل ڪانہ ڪئي اٿس ۽ (هيءَ ڳالهہ بہ حرام ٺهرائي اٿس جو) خدا تي اهڙيون (ڪوڙيون) ڳالهيون مڙهيو جن بابت توهان کي ڪوبہ علم ڪونهي. (۳٤) ۽ هرهڪ قوم لاءِ هڪڙو وقت ٺهرايل آهي (جنهن وقت هن تي عذاب ايندو يا بربادي

ٿيندي) پوءِ جڏهن هنن تي اهو وقت اچي ويندو تڏهن نڪي هڪ گهڙي (ان عذاب يا تباهي کي) دير ڪرائيندا نڪي هڪ گهڙي ان کي اڳي آڻي سگهندا. (۳۵) اي آدم جا اولاد! جڏهن جڏهن اوهان ڏي اوهان منجهان رسول اچن جي اوهان کي منهنجون آيتون پڙهي ٻڌائين تڏهن جيڪو ٻه تقويٰ اختيار ڪندو (يعني گناهن کان پاڻ بچائيندو) ۽ نيڪ عمل ڪندو تہ پوءِ اهڙن ماڻهن لاءِ نڪو ڪو خوف هوندو نڪي هو غمگين ٿيندا. (۳۶) ۽ اهي ماڻهو جن اسان جي آيتن کي ڪوڙو سمجهي رد ڪيو ۽ تڪبر ڪري انهن جي خلاف عمل ڪيائون سي دوزخي آهن ۽ هميشہ دوزخ ۾ رهندا. (۳۷) پوءِ اهڙي شخص کان ڪير وڌيڪ ظالم ٿي سگهي ٿو جو الله تي ڪوڙ مڑهي ۽ سندس حڪمن کي ڪوڙو ڏهرائي رد ڪري. انهن ماڻهن جي نصيب ۾ جيڪي لکيل آهي، سو کين (هن دنيا ۾) ملندو. تان جو جڏهن اسان جا موڪليل (موت جا ملائڪ) سندن جانيون قبض ڪرڻ لاءِ وٽن پهچي ويندا، تڏهن کين (اهي ملائڪ) چوندا تہ توهان الله کي ڇڏي جن (ديوتائن) کي پڪاريندا هئو سي ڪٿي آهن؟ هو (ڪافر) جواب ۾ چوندا تہ اسان کي ڇڏي گم ٿي ويا ۽ اهي ڪافر پاڻ پنهنجي خلاف شاهدي ڏيندا تہ سچ پچ اسان ڪافر هئاسين. (۳۸) (پوءِ الله تعالیٰ جو) حڪم ٿيندو تہ جيڪي (منڪر) ٽوليون جنن ۽ انسانن مان توهان کان اڳي گذريون آهن تن سان گڏ توهان بہ دوزخ ۾ داخل ٿيو. جڏهن بہ ڪا ٽولي دوزخ ۾ داخل ٿيندي تڏهن اڳي داخل ٿيل ٽوليءَ تي لعنت ڪندي (چو تہ انهن وڏن ننڍن کي سنئين وات نہ ڏيکاري). تان جو جڏهن اهي سڀ ٽوليون ان ۾ گڏ ٿي ويندیون تڏهن پويون ٽوليون اڳين ٽولين بنسبت چوندیون تہ اي اسان جا پروردگار! هنن ماڻهن اسان کي گمراهہ ڪيو هو، تنهن ڪري هنن کي دوزخ جي باهہ جو ٻيٽو عذاب ڏي. الله تعالیٰ فرمائيندو تہ، توهان سڀني (اڳوڻن توڙي پويين) لاءِ ٻيٽو عذاب آهي، پر توهان نٿا ڄاڻو (جيئن اڳوڻن اوهان کي گمراهہ ڪيو، تيئن اوهان بہ ننڍن کي گمراهہ ڪيو). (۳۹) ۽ پهريون ٽوليون پوئين ٽولين کي چوندیون تہ اوهان اسان کان بهتر ڪونہ آهيو. سو توهان بہ جيڪي عمل ڪمايا آهن، تن جي بدلي ۾ عذاب چکو.

رکوع ۵ آيت ۴۰ ـ تا ـ ۴۷

بهشت وارن جون دليون بغض ۽ ساڙ کان پاڪ هوندیون.

(۴۰) يقين ڄاڻو تہ جن ماڻهن اسان جي آيتن کي ڪوڙو ڏهرائي رد ڪيو ۽ تڪبر ڪري انهن جي مخالفت ڪئي تن جي لاءِ آسمان جا (يعني معافي ۽ رحمت جا) دروازا نہ کيوليا ويندا، نڪي اهي جنت ۾ داخل ٿيندا جيستائين ڪہ اٺ سئيءَ جي سوراخ مان لنگهي وڃي. (يعني نڪي اُٺ سئيءَ جي سوراخ مان لنگهي سگهندو نڪي هو جنت ۾ داخل ٿي سگهندا) اهڙيءَ طرح اسان گنهگارن کي (بدعملن جو) بدلو ڏيون ٿا ۽ ڏيندا سين. (۴۱) انهن (منڪرن) لاءِ باهہ بسترو ٿيندي (يعني باهہ تي ليٽايا ويندا) ۽ سندن مٿان بہ باهہ جي چادر يا سوڙ هوندي، ظالمن کي اسان اهڙيءَ

طرح (سندن ظلم جو) بدلو ڏيندا آهيون. (٤٢) ۽ جن ماڻهن ايمان آندو ۽ نيڪ عمل ٻه ڪيا (ياد رکڻ گهرجي تہ) اسان ڪنهن ٻہ شخص کي سندس طاقت کان ٻاهر (نيڪ عملن ڪرڻ جي) تڪليف نٿا ڏيون. اهي ماڻهو جنتي آهن ۽ هميشہ جنت ۾ رهندا. (٤٣) ۽ انهن (نيڪ ماڻهن) جي سينن ۾ جيڪو ڏک يا ڪينو (انهن بنسبت جن کين دنيا ۾ ايذاءَ ڏنا هئا) هوندو، سو اسان ڪڍي ڇڏينداسين. (انهيءَ لاءِ تہ هنن جي هيڻان نهرون وهندڙ هوندیون ۽ هو (ٻي اختيار) چئي ڏيندا تہ حمد (يعني سپ ساراهہ) آهي الله جي، جنهن اسان کي (ڪاميابي ۽ سعادت جي) سڌي واٽ تي هلايو. ۽ (ان واٽ تي هلڻ سببان) اسان کي هن (جنت) ڏانهن آندائين. جيڪڏهن الله تعاليٰ اسان کي سڌي واٽ تي نہ لڳائي ها تہ اسان پنهنجو پاڻ ڪڏهن ٻہ اها واٽ نہ لهي سگهون ها. اسان جي پروردگار جا رسول سچ پچ حق ۽ صداقت ڪٽي اسان وٽ آيا هئا. پوءِ انهن (نيڪ ماڻهن) کي پڪاري چيو ويندو تہ ڏسو اها اٿوَ جنت جا اوهان جي (نيڪ) عملن سبب اوهان کي ورثي ۾ ڏني وئي آهي. (٤٤) ۽ جنت وارا ماڻهو دوزخ وارن کي سڏي چوندا تہ جنهن ڳالهہ جو واعدو اسان جي پروردگار اسان سان ڪيو هو سو اسان جي حق ۾ سچو نڪتو (۽ اسان جنت ۾ داخل ٿيا آهيون) (هاڻي اوهان ٻڌايو تہ) جيڪو واعدو (دوزخ ۾ وجهڻ جو) اوهان جي پروردگار اوهان سان ڪيو هو سو ٻہ اوهان جي حق ۾ سچو نڪتو آهي يا نہ؟ اهي چوندا تہ هائو (اهو واعدو ٻہ سچو نڪتو ۽ اسان دوزخ جو عذاب پيا ٿا چکون) پوءِ هڪڙو آواز ڏيندڙ انهن ۾ آواز ڏيندو تہ ظالمن تي خدا جي لعنت آهي. (٤٥) (انهن ظالمن تي خدا جي لعنت آهي) جي ماڻهن کي الله جي راهہ (تي هلڻ) کان روڪيندا هئا ۽ ان (واٽ) ۾ ڏنگائي ڳڙائي (۽ عيب) ڳوليندا هئا (۽ ماڻهن کي گمراهہ ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا هئا) ۽ هو آخرت جا منڪر هئا. (تنهن ڪري ئي هو بي باڪ ٿي اهي ڪم ڪندا هئا). (٤٦) ۽ جنتي ماڻهن ۽ دوزخي ماڻهن جي وچ ۾ پردو هوندو. پر اتاهين جاين تي (پيغمبر ۽ پيا صالح) ماڻهو هوندا جيڪي بهشتين ۽ دوزخين کي سندن نشانين منجهان سڃاڻي وٺندا ۽ جنتين کي سڏي چوندا تہ اوهان تي سلامتي هجي (اوهان اجهو ٿا جنت ۾ داخل ٿيو). اهي اڃا (جنت ۾) داخل ڪونہ ٿيا هوندا پر کين اميد ۽ آسرو هوندو (تہ اجهو ٿا داخل ٿيون). (٤٧) ۽ (وري) جڏهن (انهن صالحن جون) اکيون دوزخين تي پونديون تڏهن هو چوندا تہ، اي اسان جا پروردگار! اسان کي ظالمن جي سنگت ۾ نہ موڪلجانءِ.

رکوع ٦ آيت ٤٨ ـ تا ـ ٥٤

اتي مسڪينن جي سامهون ظالم وڏيرن کي پشيمان ۽ ذليل ڪيو ويندو

(٤٨) ۽ مٿاهين جاين وارا (دوزخي) ماڻهن کي، جن کي سندن نشانين جي ڪري سڃاڻي وٺندا، سڏ ڪري چوندا تہ، توهان جو وڏو لشڪر (يا گڏ ڪيل ناڻو ۽ سامان) ۽ توهان جو تڪبر توهان کي ڪنهن ٻہ ڪم نہ آيو. (اهو توهان کي توهان جي بدعملن جي نتيجن کان بچائي نٿو سگهي.)

(٤٩) (پوءِ مٿاهين جاين وارا صالح ماڻهو تڪبر ڪندڙ دولت مند دوزخي ماڻهن کان پڇندا تہ) هي جنتي اهي ٿي (مسڪين) ماڻهو ناهن جن بنسبت توهان (ڏڪار ۽ نفرت سان) قسم کٽي چوندا هئو تہ، انهن تي الله تعاليٰ هرگز رحمت نہ ڪندو؟ (هاڻي تہ اکيون کولي ڏسي سگهو ٿا). (الله تعاليٰ انهن مسڪينن کي خطاب ڪري فرمائي رهيو آهي تہ) جنت ۾ داخل ٿيو اوهان تي ڪوبہ خوف خطرو ڪونہ هوندو ۽ نڪي توهان غمگين ٿيندؤ. (٥٠) ۽ دوزخ وارا ماڻهو جنت جي ماڻهن کي سڏي چوندا تہ اسان تي ڪجھ پاڻي ڇڻڪايو (يا پرتايو، جو گرمي اسان کي بي تاب ڪري وڌو آهي.) ۽ جيڪي الله تعاليٰ اوهان کي کائڻ لاءِ ڏنو آهي، تنهن مان اسان کي بہ ڪجھ ڏيو. اهي جنتي ماڻهو جواب ڏيندا تہ الله تعاليٰ اهي ٻئي شيون حق جي منڪرن لاءِ حرام ٺهرايون آهن. (تنهن ڪري اوهان کي ڪونہ ملي سگهنديون.) (٥١) (اهي ڪافر انهن نعمتن کان محروم رهندا) جن پنهنجي دين کي کيل تماشو بنائي رکيو هو ۽ جن کي هن دنيا جي زندگيءَ (جي حرص هوسن) فريب ڏنو. تنهن ڪري اڄ (قيامت جي ڏينهن) اسان هنن کي (ڇاڪي واڪي) وساري ڇڏينداسين جو هنن بہ هن پنهنجي ڏينهن تي اسان وٽ حاضر ٿيڻ (جي حقائيت) کي وساري ڇڏيو هو ۽ (پڻ هن ڪري اسان کين وساري ڇڏينداسين جو) هنن اسان جي آيتن (۽ حڪمن) کي نہ مڃيو هو (۽ انهن جي ابتڙ عمل کيا هئا.) (٥١) ۽ اسان هنن (سيني ماڻهن) ڏانهن هڪ ڪتاب (قرآن مجيد) آندو آهي ۽ اسان ان ڪتاب ۾ (پنهنجي ڪامل) علم (۽ حڪمت) سان تفصيل سان روشن هدايتون ڏنيون آهن. (اهو ڪتاب) ايمان آڻيندڙ ماڻهن لاءِ (ڪاميابيءَ جي) راهہ ڏيکاريندڙ ۽ (سراسر) رحمت آهي. (٥٣) ڇا اهي (منڪر) ماڻهو فقط انهيءَ لاءِ ترسيا وينا آهن تہ ڏسون تہ کيئن ۽ ڪڏهن خدا جو واعدو ۽ حڪم (عذاب بنسبت) سچو ٿو ٿابت ٿئي؟ (اهي بيوقوف ايترو بہ نٿا سمجهن تہ) جڏهن اهو ڏينهن ايندو جنهن ڏينهن خدا جو واعدو سچو ثابت ٿيندو (تڏهن ايمان آڻڻ ۽ عمل ڪرڻ جو وقت گذري ويو هوندو ۽ عذاب کي هو ٽاري ڪونہ سگهندا ۽) جن (ڪافرن) ان (قيامت جي) ڏينهن کي اڳي خيال ۾ ئي ڪونہ آندو هو سي پوءِ چوندا تہ بيشڪ اسان جي پروردگار جا رسول سچائي سان آيا (۽ سچ ٻڌايائون تہ منڪر دوزخ ۾ پوندا) ۽ پڻ چوندا تہ ڪي شفاعت ڪرڻ وارا هجن جيڪي اسان جي لاءِ (خدا وٽ) سفارش ڪن. يا (شال هيئن ٿئي جو) اسان کي (دنيا ۾) موڪليو وڃي تہ جيڪي (بد) عمل اسان کيا هئا تن جي ابتڙ (نيڪ) عمل وڃي ڪيون. (پر نڪو هوندن کو سفارش ڪرڻ وارو، نڪي دنيا ڏانهن موڪليا ويندا). حقيقت هي آهي تہ هنن پاڻ کي پاڻ نقصان هيٺ آندو ۽ جيڪي ڪوڙ ٺاهيا هئائون ۽ ڪوڙا ديوتائون ٺهرايا هئائون سي ڪائن گم ٿي ويا.

رکوع ٧ آيت ٥٤ ـ تا ـ ٥٨

خدا جي رحمت نيڪ عمل ڪندڙن کي ويجهي آهي ۽ اهي ڪامياب ٿيندا.

(٥٤) (اي انسانو!) بيشڪ توهان جو پروردگار الله ئي آهي، جنهن آسمانن کي ۽ زمين کي ڇهن

ڏينهن ۾ خلقيو ۽ (ڪائنات جي) تخت تي قائم ۽ محڪم رهيو (يعني دنيا جي نگهباني ڪندو ٿو رهي.) اهوئي الله تعاليٰ رات سان ڏينهن کي ڍڪي ٿو (يعني رات جو پردو ڏينهن تي پوي ٿو) ۽ رات ڏينهن جي پٺيان چهٽي ملي اچي ٿي ۽ هن سج، چنڊ ۽ تارا بنايا جي سندس فرمان هيٺ آهن. (ياد رکو تہ) خلق ۽ حڪم هلائڻ فقط الله تعاليٰ جو ئي ڪم آهي. (نہ ڪنهن ٻئي جو) وڏي برڪت واري آهي ذات الله جي جو سڄي جهان جو پروردگار آهي. (۵۵) (اي انسانو!) خدا کي نماڻائي ۽ آهہ زاريءَ سان ۽ خلوت ۾ (اکيلائي ۾ آهستہ آهستہ، (نہ وڏي واڪي سان) پڪاريو. (ياد رکو تہ الله تعاليٰ دل جا خيال بہ ڄاڻي ٿو. ظاهري ڏيک ويک ڪرڻ ۽ هٿ وڌائي رکڻ واري دعا يا نماز گهربل اخلاقي بلنديءَ روحانيت پيدا نہ ڪندي اٿلندو خدا کان دور ڪندي) يقين ڄاڻو تہ الله انهن کي حب نٿو ڪري جي حدن کان ٻاهر وڃن. (۵۶) (اهڙي دعا زمين تي سڌارو ۽ امن امان پيدا ڪندڙ آهي) ۽ توهان (اي انسانو!) متان درستي انتظام ۽ امن امان بعد زمين تي فساد ۽ خرابيون پيدا ڪيو (ان لاءِ ضروري آهي تہ) الله تعاليٰ کي خوف ۽ اميد جا جذبا رکي پڪاريو. (خوف اهو رکو تہ متان اوهان کان خدا جي نافرمانيءَ جو ڪو ڪم ٿي وڃي ۽ اميد اها رکو تہ چگن ڪمن لاءِ توهان کي برڪتون نصيب ٿيندیون) بيشڪ الله جي رحمت نيڪيون ڪندڙن کي بلڪل ويجهي آهي. (۵۷) ۽ اهوئي (الله) آهي جو هوائن کي پنهنجي رحمت (يعني برسات کان اڳي برسات) جي خوشخبري ڏيڻ لاءِ هوائيون موڪلي ٿو، تان جو جڏهن اهي هوائون (مينهن سان پريل) ڳورن ڪرن کي کڻي هلن ٿيون تڏهن اسان انهن (هوائن ۽ ڪرن) کي مئل (يعني خشڪ ۽ غيرآباد) ملڪن ڏانهن هڪاليون ٿا ۽ انهن ملڪن تي (برسات جو) پاڻي انهن ڪرن مان وسايون ٿا، پوءِ اسان ان پاڻيءَ جي وسيلي هر قسم جا ميوا ۽ ڦل پيدا ڪيون ٿا. (ياد رکو تہ) اهڙيءَ ئي طرح اسان مئلن کي (وري زندهہ ڪري) ٻاهر آڻيون ٿا، انهيءَ لاءِ تہ من توهان غور ۽ فڪر ڪريو ۽ نصيحت وٺو. (۵۸) ۽ جيڪا زمين پلي ۽ سٺي آهي تنهن جي (ڪارائتي) سبزي خدا جي حڪم سان خوب ايڙي ٿي، پر جيڪا زمين خراب آهي تنهن مان ڪجهہ نٿو ايڙي سواءِ بيڪار ٻوٽن جي. اهڙيءَ طرح اسان انهن ماڻهن لاءِ جي خدا جي نعمتن جو قدر ڪندڙ آهن ۽ انهن مان فائدو وٺن ٿا، پنهنجون آيتون کولي کولي طرح طرح سان بيان ڪيون ٿا.

رکوع ۸ آيت ۵۹ ـ تا ـ ٦٤

اسان کي پنهنجن گمانن ڌاهڻ بدران رسولن تي ويساهہ ڪرڻ گهرجي

(۵۹) بيشڪ اسان حضرت نوح کي سندس قوم ڏانهن (پيغمبر ڪري) موڪليو، سو هن پنهنجي قوم کي (همدردي ۽ محبت وچان) چيو تہ اي منهنجي (پياري) قوم! الله جي بندگي ڪريو (شيطان جي بندگي ڇڏي ڏيو، يعني ٻين تي ظلم ڪرڻ ۽ ٻيا گناهہ جا حڪم ڏٺي ڪيو. ياد رکو تہ) الله کان سواءِ توهان جو ڪوبہ معبود ڪونهي (جنهن جي ٻانهپ ڪيو. خدا جي حڪمن جي

خلاف ڪنهن جي ۽ حڪم جي تعميل ڪرڻي ناهي) بيشڪ مون کي اوهان جي بنسبت ڏاڍو خوف آهي ته متان اوهان تي وڏي ڏينهن جو عذاب اچي ڪڙڪي. (٦٠) سندس قوم جي سردارن چيو ته، (اي نوح) اسان تو کي يقيناً ڪلي ۾ چٽي گمراهيءَ ۾ ڏسي رهيا آهيون. (٦١) حضرت نوح فرمايو ته، اي منهنجي قوم! مون ۾ ته ڪابه گمراهيءَ جي ڳالهه ڪانهي، بلڪ مان ته سڄي جهان جي پروردگار وٽان (اوهان ڏي) رسول ٿي آيو آهيان. (٦٢) مان اوهان کي پنهنجي پروردگار جا پيغام ۽ حڪم پهچايان ٿو ۽ مان توهان کي اخلاص سان چگيون نصيحتون ٿو ٻڌايان (۽ اوهان جو پلو ٿو ڇاهيان. مان توهان کي حقيقت ٿو ٻڌايان ته) مون کي الله تعاليٰ وٽان انهن ڳالهين جو علم ٿو ملي جن ڳالهين جي اوهان کي ڪجهه ۽ خبر ڪانهي. (٦٣) توهان کي هن ڳالهه تي عجب ٿو لڳي ڇا ته توهان مان هڪڙي شخص جي وسيلي توهان جي پروردگار وٽان توهان ڏي پيغام ۽ نصيحت اچي انهيءَ لاءِ ته توهان کي (نافرماني ۽ بدعملن جي نتيجن کان هو خبردار ڪري ۽) خوف ڏياري ۽ انهيءَ لاءِ ته توهان خدا جو خوف ڪري صالح عمل ڪيو ته من توهان تي رحمت ٿئي. (٦٤) پوءِ (اهڙين سهڻين هدايتن ملڻ بعد ۽) هنن (منڪرن) حضرت نوح کي ڪوڙو ٺهرايو (۽ ڏمڪيون ڏنيون) پر اسان کيس ۽ جيڪي ساڻس (دين ۾) شامل هئا پيڙيءَ ۾ (چاڙهي ٻوڏ کان) بچايو. پر جن ماڻهن اسان جي آيتن کي ڪوڙو ٺهرايو تن کي (ٻوڏ جي پاڻي ۾) غرق ڪري ڇڏيوسين. يقيناً اهي (منڪر) ماڻهو (دل ۽ دماغ جا) انڌا ٿي ويا هئا.

رڪوع ٩ آيت ٦٥ ـ تا ـ ٧٢

گمراهه ماڻهو حق جو سڏ ڏيڻ تي پنهنجي خاندائي ۽ نسلي وڏڙن جو بهانو وٺن ٿا.

(٦٥) ۽ (ساڳيءَ طرح) اسان قوم ڏي (جا عربستان جي ڏکڻ ۾ رهندي هئي) سندن ڀاءُ حضرت هود کي رسول ڪري موڪليو. هن کين چيو ته، اي منهجي قوم! الله جي بندگي ڪيو. ڪائنس سواءِ ٻيو ڪوبه اوهان جو معبود ڪونهي (جنهن جي عبادت ڪيو) پوءِ توهان (سندس نافرمانيءَ جي نتيجن ۽ سزا کان) نٿا ڊجو ڇا؟ (٦٦) پر سندس قوم مان جن مڃڻ کان انڪار ڪيو تن جي سردارن چيو ته اسان ڏسون ٿا ته تون حماقت (يعني بي وقوفي) ۾ پيل آهين ۽ تو کي اسان يقيناً ڪوڙو ٿا سمجهون. (٦٧) (حضرت هود کين جواب ۾) چيو ته، اي منهنجي قوم! مون ۾ ته تر جيتري حماقت ۽ ڪانهي، بلڪ مان ته سڄي جهان جي پروردگار جي طرفان رسول ٿي آيو آهيان. (٦٨) آءٌ اوهان کي پنهنجي پروردگار جا پيغام ۽ حڪم پهچايان ٿو ۽ ايمانداريءَ سان توهان کي چگيون نصيحتون ٿو ٻڌايان ۽ اوهان جو سچو خيرخواهه آهيان. (٦٩) توهان کي هن ڳالهه تي عجب ٿو لڳي ڇا ته توهان مان هڪڙي ماڻهو جي معرفت توهان جي پروردگار وٽان پيغام ۽ نصيحت آئي آهي؟ (حضرت هود اوهان ڏي رسول ڪري موڪليو ويو آهي) انهيءَ لاءِ ته توهان کي (گناهن ۽ ظلمن جي بدلي ۾ ايندڙ عذابن کان) خبردار ڪري (هيءَ حقيقت) ياد ڪريو

تہ الله تعاليٰ نوح جي قوم کان پوءِ اوهان کي سندن جانشين ڪيو ۽ قد، بت ۾ طاقت ۾ (پين قومن کان) وڌيڪ ڪيو. سو (اها ڳالهہ ياد رکو تہ) الله تعاليٰ جي نعمتن کي نہ وساريو (۽ سندس نعمتن جو قدر ڪري سندس حڪمن جي پيروي ڪريو) انهيءَ لاءِ تہ ڪاميابي ۽ سعادت حاصل ڪيو. (۷۰) هو (هٿيلا) چوڻ لڳا تہ ڇا تون اسان وٽ هن لاءِ آيو آهين تہ اسان فقط هڪ الله جي بندگي ڪيون ۽ جن جي بندگي اسان جا ابا ڏاڏا ڪندا آيا آهن تن کي ڇڏي ڏيون؟ جيڪڏهن تنهنجي ڳالهہ سچي آهي (تہ اسان تي عذاب ايندو) تہ پلا جنهن عذاب جو اسان کي ڊپ ڏيارين ٿو سو آڻ. (اسان کي تہ يقين آهي تہ تون ڪوڙو آهين ۽ اسان تي عذاب ڪونہ ايندو). (۷۱) حضرت هود جواب ۾) فرمايو تہ، (جيڪڏهن توهان ايمان نٿا آڻيو تہ ڏسو) توهان جي پروردگار جي طرف کان توهان تي عذاب ۽ غضب اچي ڪڙڪيو آهي. ڇا توهان مون سان (ديوتائن جي سڪٽن) ناڻن جي باري ۾ بحث ۽ جهيڙا ٿا ڪيو جي نالا توهان ۽ توهان جي وڏن پاڻ هٿراڏو ناهيا آهن جن بابت الله تعاليٰ کابہ سند نازل نہ ڪئي آهي؟ (جيڪڏهن توهان فلاح ۽ سعادت جي بدران عذاب ٿا گهرو تہ) پوءِ (عذاب جو) انتظار ڪيو، مان بہ توهان سان گڏ انتظار ڪندڙن مان آهيان. (ترسو تباهي اڃا ٿي اچي). (۷۲) پوءِ (ٿيو بہ ائين) اسان حضرت هود کي ۽ انهن کي جي ساڻس (دين ۾) شامل ٿيا هئا. (ايندڙ تباهيءَ کان) پنهنجي رحمت سان بچايو. پر جن اسان جي آيتن کي ڪوڙو ٺهرايو ۽ ايمان نہ آندائون تن جون پاڙون بہ وڍي پٽي ڇڏيون سين.

رکوع ۱۰ آيت ۷۳ـ تا ـ۸٤

حضرت صالح ۽ حضرت لوط جي پنهنجي قومن کي گناهن تي تنبيهہ

(۷۳) ثمود جي قوم ڏي بہ اسان سندن ڀاءُ حضرت صالح کي (پيغمبر ڪري) موڪليو. حضرت صالح (عليہ السلام) کين چيو تہ، اي منهنجي قوم! الله جي بندگي ڪيو. اوهان جي لاءِ ڪائنس سواءِ ڪوبہ معبود ڪونهي (جو بندگيءَ جو لائق هجي) توهان جي پروردگار وٽان توهان ڏي روشن دليل اچي چڪو آهي. هيءِ (جا ڏسو ٿا) خدا جي (موڪليل) ڏاچي آهي جا توهان لاءِ نشاني آهي، ان ڏاچيءَ کي چوٽ ڇڏيو تہ خدا جي زمين تي چرندي وتي ۽ برائي جي نيت سان ان کي رڳو هٿ بہ نہ لائجو. (جيڪڏهن ان کي ڪو نقصان رسائيندؤ تہ) پوءِ اوهان تي سخت عذاب اچي ڪڙڪندو. (۷٤) ۽ اهو وقت ياد ڪريو جڏهن الله تعاليٰ اوهان کي عاد قوم کان پوءِ زمين تي سندن جانشين ڪيو ۽ زمين تي توهان کي (چگيون) رهڻ جون جايون ڏنيون. توهان ان زمين جي ميدانن تي محلاتون ناهيو ٿا ۽ جبلن کي ٽڪي ٽڪي گهر ناهيو ٿا (يعني جبلن ۾ اندر غار ناهي تراشي سهڻا گهر بنايو ٿا) پوءِ الله تعاليٰ جي (اهڙين) نعمتن کي ياد ڪريو (۽ سندس نعمتن لاءِ شڪر گذار ٿي ڪري صالح عمل ڪيو) ۽ زمين تي فتنا فساد نہ ڪندا وتو. (۷۵) تنهن تي (حضرت صالح جي) قوم جي هٿيلن سردارن انهن مسڪينن ضعيفن کان جن

(حضرت صالح تي) ايمان آندو هو (ٿوڪ طرح) پڇيو تہ، توهان کي خبر آهي ڇا تہ صالح سچ پچ پنهنجي پروردگار جي طرفان موڪليل مرسل آهي؟ هنن (مسڪين مؤمنن) وراڻي ڏني تہ، بيشڪ اسان انهن (سچين حقيقتن ۽ حڪمن) تي ايمان آندو آهي جن سان هن کي خدا موڪليو آهي. (٧٦) هنيلن سردارن تنهن تي چيو تہ، جن ڳالهين کي توهان (چگيون سمجهي) ايمان آندو آهي تن کان اسان انڪار ٿا ڪريون (جو اسان کي اها تعليم ڪانہ ٿي وڻي. يا خودغرض ظالمن کي اها تعليم ڪيئن وڻندي تہ مسڪينن سان عدل ۽ احسان ڪيو ۽ خدا جي زمين تي تڪبر سان نہ گهمو). (٧٧) (پوءِ ڇا ڪيائون جو) انهيءَ ڏاڇيءَ کي زخمي ڪيائون ۽ هنيلائيءَ سان پنهنجي پروردگار جي حڪم جي مخالفت ڪيائون. ۽ (آکڙ ۾ پرجي) چيائون تہ اي صالح! جيڪڏهن تون مرسلن (موڪليلن) منجهان آهين تہ يلا آڻ اهو عذاب جنهن جو اسان کي خوف ڏيارينڊو آهين. (اسان کي تہ يقين آهي تہ نڪي تون سچو رسول آهين، نڪي اسان تي ڪو عذاب ايندو). (٧٨) پوءِ (نيٺ خدا جو غضب منڪرن تي اچي ڪڙڪيو ۽) سخت زلزلي (يعني ڏرتيءَ جي ڏڦ) هنن کي اوچتو گهيري ورتو جنهن جي ڪري هو پنهنجي گهرن ۾ ڪريل ۽ ليٽيل حالت ۾ (دٻجي پورجي) فنا ٿي ويا (صبح جي وقت اونڌي منهن پيا هئا). (٧٩) ان وقت (حضرت صالح) هنن کان پنهنجو منهن ڦيرايو ۽ فرمايو تہ، اي منهنجي قوم! مون تہ پنهنجي پروردگار جو پيغام اوهان کي پهچائي ڏنو ۽ توهان جي خيرخواهي ڪري اوهان کي چگيون نصيحتون ٻڌايم، پر (افسوس !جو) توهان خيرخواهن ۽ نصيحت ڪندڙن کي پسند نٿا ڪيو (هاڻي چکو خدا جو عذاب). (٨٠) ۽ لوط کي ب اسان هڪڙي قوم ڏي پيغمبر ڪري موڪليو) هن پنهنجي قوم کي چيو تہ، (وڏي شرم جي ڳالهہ آهي) ڇا توهان اهڙي بي شرميءَ جو ڪم ٿا ڪيو جو اوهان کان اڳي سڄي جهان ۾ ڪنهن ب نہ ڪيو. (٨١) (يعني) توهان عورتن کي ڇڏي مردن ڏي شهوت راني ڪرڻ لاءِ ويندا آهيو ڇا؟ بلڪ (افسوس ۽ شرم!) توهان ماڻهو (فطرت جي) حدن کان ٻاهر نڪري ويا آهيو. (٨٢) پر هن جي قوم جو جواب ٻيو ڪوب ڪونہ هو، سواءِ هن جي جو چوڻ لڳا تہ هنن (يعني حضرت لوط ۽ ايمان وارن) کي پنهنجي شهر مان لوڏي ٻاهر ڪيو. اهي ماڻهو (ڏسو جو) اڇي پاڪ ۽ صاف ٻڌيا آهن! (٨٣) پوءِ اسان حضرت لوط کي ۽ سندس ماڻهن کي (ايندڙ مصيبت کان) بچايو (يعني شهر مان ٻاهر آندو) سواءِ سندس زال جي جا پٺتي رهيل (عذاب چکڻ وارن منڪرن) ماڻهن ۾ رهجي ٿئي. (٨٤) ۽ پوءِ اسان انهن منڪرن تي پٿرن جو مينهن وسايو، پوءِ ڏسو تہ گنهگارن جي پڇاڙي ڪهڙي (نہ خراب) ٿي.

رکوع ١١ آيت ٨٥ ـ تا ـ ٩٣

حضرت شعيب جي تبليغ تہ ماپ تور پوري ڪريو، امن رکو ۽ فساد نہ پکيڙيو

(٨٥) ۽ الله تعالي! مدين وارن ڏي سندن ڀاءِ شعيب کي پيغمبر ڪري موڪليو. هن کين چيو

تہ، اي منهنجي قوم! فقط الله جي بندگي ڪيو. ان کان سواءِ ٻيو ڪوبہ اوهان جو معبود ڪونهي (جنهن جي عبادت ڪيو) توهان وٽ توهان جي پروردگار جي طرف کان روشن دليل اچي چڪو آهي. سو آئيندہ توهان ماپ ۾ تور پوري ڪندا ڪريو ۽ ماڻهن کي سندن شيون گهٽ ڪري نہ ڏيو ۽ ملڪ ۾ صلح امن امان ۽ انتظام هئڻ بعد وري فساد نہ پکيڙيو. توهان ۾ جيڪڏهن ايمان هجي تہ ان ۾ (يعني مڃين حڪمن مڃڻ ۾) توهان جي لاءِ گهٽي چگائي ۽ بهتري آهي. (٨٦) ۽ ائين نہ ڪيو، جو هرهڪ رستي تي ويهي ماڻهن کي دڙڪا ڏيو ۽ ڊيڄاريو ۽ الله جي راهہ (سچي دين) کان انهن کي روڪيو جي الله تي ايمان ٿا آڻين. ۽ ان سچي راهہ ۾ ڏنگائي ڦڏائي ڳولڻ لڳو ۽ اهو وقت ياد ڪيو جڏهن توهان ٿورڙا هئو. ۽ الله تعاليٰ اوهان کي تعداد ۾ وڌايو ۽ اکيون کولي ڏسو تہ فساد ڪندڙن جي پڇاڙي ڪهڙي نہ (خراب) ٿي! (٨٧) ۽ جيڪڏهن هڪ ٽولي اهڙي آهي جا توهان مان هن پيغام تي ايمان رکي ٿي جنهن جي پهچائڻ لاءِ الله تعاليٰ مون کي (رسول ڪري) موڪليو آهي ۽ هڪ ٽولي اهڙي آهي جا ان تي ايمان نہ ٿي آڻي تہ (ان حالت ۾) صبر ڪريو، جيستائين الله تعاليٰ اسان جي وچ ۾ فيصلو ڪري ۽ (يقين ڄاڻو تہ) اهوئي بهترين فيصلو ڪندڙ حاڪم آهي.

حصو نائون

(۸۸) (حضرت) شعيب جي قوم جي هٿيلن سردارن چيو تہ، اي شعيب! اسان توکي ۽ تنهنجي ساڻين کي جن توتي ايمان آندو آهي، يقيناً پنهنجي ڳوٺ مان کڍي ڇڏينداسين، يا تہ اوهان اسان جي (ابن ڏاڏن جي) مذهب ۾ موٽي اچو (تہ پوءِ اسان اوهان کي ملک نيڪالي کونہ ڏينداسين). حضرت شعيب فرمايو تہ، جيڪڏهن اسان (توهان جو غلط مذهب ۽ ظالم طريقا) ڏکاريون ٿا تہ به (توهان جو مذهب ۽ طريقا) اختيار ڪريون چا؟ (۽ روشنائيءَ کي ڇڏي اونداهي اختيار ڪريون چا؟) (۸۹) حضرت شعيب وڌيڪ فرمايو تہ) جيڪڏهن اسان توهان جي دين ۾ موٽي اچون تہ پوءِ اهو موٽي اچڻ ٽيو الله تعاليٰ تي ڪوڙ ۽ بهتان مڙهڻ. (چو تہ حقيقتاً اهو غلطين ۽ گناهہ جا ڪم الله تعاليٰ کونہ سيکاريا آهن ۽ اسان کيئن غلط دين ۾ موٽي سگهون ٿا). جڏهن تہ اسان کي الله تعاليٰ ان مان ڇڏايو آهي ۽ اسان جي لاءِ هي هرگز مناسب ناهي تہ اسان ان (غلط دين) ۾ وري اچي داخل ٿيون، سواءِ هن جي جو (توهان جو دين سچو هجي ۽) اسان جو پروردگار پاڻ ائين چاهي. اسان جي پروردگار جو علم هر شيءِ تي پهچي ٿو (يعني الله تعاليٰ کي سڀ ڪجهہ معلوم آهي). اسان تہ الله تي توڪل ڪري آهي (توهان ظالمن کان هرگز ڊڄڻ وارا ناهيون) اسان جي صدا تہ هيءَ آهي تہ) اي اسان جا پروردگار! اسان (مؤمنن) جي ۽ اسان جي (منڪر) قوم جي وچ ۾ حق ۽ صداقت سان فيصلو ڪرڻ فرماءِ ۽ تون ئي بهترين فيصلو ڪندڙ آهين. (۸۹) ۽ قوم مان جن (حضرت شعيب تي) ايمان آڻڻ کان انڪار ڪيو تن جي سردارن (قوم جي مؤمنن توڙي منڪرن کي) چيو تہ، جيڪڏهن توهان شعيب جي پروي ڪئي تہ يقيناً نقصان هيٺ ايندؤ (يعني اسان توهان کي پنهنجي ظالم ڪارروائين سان تباهہ ڪري ڇڏيندا سين.) (۹۱) (تنهن تي الله تعاليٰ جو غضب منڪرن تي آيو ۽) پوءِ هنن کي ڏرتيءَ جي زلزلي اچي پڪڙ ڪئي. جنهن جي ڪري هو پنهنجي گهرن ۾ ڪريل ۽ ليٽيل حالت ۾ (ڏڄي پورجي) فنا ٿي ويا (صبح جي وقت اونڌي منهن پيا هئا). (۹۲) (ڏسو تہ) جن ماڻهن شعيب کي ڪوڙيو سمجهي نہ مڃيو سي (اهڙا تہ فنا ٿي ويا جو) گويا هو ڪڏهن انهن گهرن ۾ رهيائي کونہ هئا (جن ۾ دنيائي نعمتون ماڻيون هئائون ۽ ڏسو تہ اهي منڪر مؤمنن کي ڪوبہ نقصان پهچائي کونہ سگهيا اٽلندو) اهي ئي تباهہ ٿي ويا جن حضرت شعيب کي ڪوڙو سمجهي مٽس ايمان نہ آندو. (۹۳) پوءِ حضرت شعيب انهن منڪرن کان منهن موڙي هليو ويو ۽ چيائين تہ، اي منهنجي قوم! مون تہ بيشڪ پنهنجي پروردگار جا موڪليل پيغام ۽ حڪم اوهان کي پهچائي ڏنا ۽ اوهان جي خيرخواهي ڪري چڱيون نصيحتون ڏنم. (مون پنهنجو فرض بجا آندو) پوءِ چو منڪر قوم (جي برباد ٿيڻ) تي اجايو ويهي افسوس ڪيان.

رکوع ۱۲ آیت ۹۴ ـ تا ـ ۹۹

جڏهن رسول ڪٽي اچي ٿو تڏهن سردار ۽ شاهوڪار مخالفت ڪن ٿا.

(۹۴) اسان جتي به ۽ جڏهن به ڪنهن بستيءَ ۾ نبي موڪليو تڏهن اتي جي رهندڙن کي تڪليف ۽ تنگيءَ ۾ مبتلا ڪيوسين، انهيءَ لاءِ ته هو نماڻائي سکن. (۹۵) پوءِ وري اسان ان تڪليف ۽ تنگيءَ جي جاءِ تي راحت ۽ آسودگي آندي ايتري قدر جو هنن خوب ترقي ڪئي ۽ وڌيا. پر پوءِ چوڻ لڳا ته اسان جي ابن ڏاڏن کي به ساڳيءَ طرح (پهربائين) سختي ۽ (پوءِ) راحت ۽ آسودگي پيش آئي هئي. (يعني هنن خدا جي قانون کي وساري اها ڳالهه رواجي سمجهي پر حقيقتاً هي قانون اٽل آهي ته نيڪ ۽ صالح قوم ترقي ڪري ٿي ۽ وري جڏهن گناهن ۾ غلطان ٿئي ٿي تڏهن مٿس زوال اچي ٿو. هو خدا جي حڪمن کان غافل ٿيا تنهن ڪري) اسان اوچتو کين پڪڙ ڪئي (۽ مٿن عذاب نازل ڪيو) جڏهن هو بلڪل بي خبر هئا ۽ هنن کي اها ڳالهه سمجهه ۾ خيال ۾ ئي نه آئي (ته سندن اخلاقي حالت بگڙندي رهي آهي ۽ مٿن عذاب اچڻ وارو آهي.). (۹۶) ۽ جيڪڏهن شهرن ۾ رهندڙ (خدائي قانون ۾) ايمان رکن ها ۽ خدا (جي حڪمن جي نافرماني جي نتيجن) کان ڊڄن ها ته اسان هنن لاءِ زمين ۽ آسمان جون سڀ برڪتون کولي ڇڏيون ها پر هنن (خدائي حڪمن کي) کوڙيو ڏٺرايو. تنهن ڪري اسان هنن کي سندن بدعملن جي سزا ڏيڻ لاءِ پڪڙ ڪئي (۽ مٿن عذاب نازل ڪيو.) (۹۷) شهرن جا ماڻهو (پنهنجي غفلت ۾) پاڻ کي هن خطري کان سلامت ٿا سمجهن، ڇا ته اسان جو عذاب مٿن رات جي وقت اوچتو اچي ڪڙڪي ۽ هو ننڊ ۾ پيا هجن؟ (۹۸) شهرن جا رهندڙ هن خطري کان بي خوف ٿي ويا آهن، ڇا ته اسان جو عذاب مٿن ڏينهن جوئي اچي ڪڙڪي ۽ هو کيلن تماشن ۾ بي خبر هجن؟ (۹۹) ڇا اهي ماڻهو الله جي مخفي تدبير (۽ قانون جي گرفت کان) بي خوف ٿي ويا آهن؟ (ڪين يقين ڇاڻڻ گهرجي ته) فقط اهائي قوم خدا جي مخفي تدبير (۽ قانون جي گرفت) کان پاڻ کي سلامت سمجهي ٿي ۽ بي خوف رهي ٿي جا (ان غفلت سبب) ضرور تباهه ٿيڻ واري آهي.

رکوع ۱۳ آیت ۱۰۰ ـ تا ـ ۱۰۸

افسوس جو ترقي يافته ماڻهو اڳين قومن جي تباهيءَ مان عبرت نه ٿا وٺن

(۱۰۰) ڇا اهي ماڻهو جي اڳين حڪمران قومن (جي برباد ٿيڻ) کان پوءِ زمين جا وارث ٿيا آهن، سي هي ڳالهه نٿا سمجهن ۽ ان مان سبق ۽ هدايت نٿا وٺن ته جيڪڏهن اسان (خدا تعاليٰ) چاهيون ته کين به سندن گناهن سبب عذاب ۽ مصيبتن ۾ وجهون ۽ سندن دلين تي (اهڙي طرح) مهر ڪري ڇڏيون جو هو (حق ۽ انصاف جا لفظ) ٻڌن ئي نه (نڪي سمجهن، نڪي سعادت جي راهه اختيار ڪن). (۱۰۱) (اي پيغمبر!) اهي بستيون ۽ شهر آهن (جن ۾ مٿي ذڪر ڪيل پيغمبرن پنهنجا فرض ادا ڪيا) جن جا احوال اسان توکي بيان ڪري ٻڌايون ٿا ۽ يقيناً انهن ماڻهن ڏي انهن جا

پيغمبر روشن دليلن سان آيا. پوءِ جنهن ڳالهه (هدايتن ۽ حڪمن) کي هنن ڪوڙو سمجهي نه مڃيو تنهن تي ايمان آڻڻ کان هو پوءِ به پري رهيا. (ڇو ته جيڪو ماڻهو بنا غور ۽ صداقت جي ضد ۽ مخالفت ڪري ٿو سو وڌيڪ ۽ وڌيڪ انڌو ٿيندو ٿو وڃي) الله تعاليٰ اهڙيءَ طرح انهن ماڻهن جي دلين تي مهر ڪري ٿو ڇڏي. (پوءِ هو سنئين راهه تي اچي نٿا سگهن) جيڪي ضد ۽ هٺ سببان حق کان انڪار ٿا ڪن. (۱۰۲) ۽ انهن مان گهڻن ماڻهن کي اسان عهد اقرار تي قائم نه ڏٺو. (يعني جيڪي عهد اقرار الله سان ۽ سندن رسولن سان ڪيا هئائون تن تي عمل نه ڪيائون) بلڪ اسان گهڻن کي نافرمان ۽ باغي ڏٺو. (۱۰۳) (انهن پيغمبرن کان) پوءِ اسان موسيٰ کي پنهنجي نشانين (معجزن) سان فرعون ۽ سندس سردارن ڏانهن (پيغمبر ڪري) موڪليو. پر هنن انهن نشانين بابت ظلم ڪيو. (انهن کي ڪوڙو ٺهرايو ۽ نه مڃيو) پوءِ (اي پيغمبر!) ڏس ته فساد ڪندڙن جي پڇاڙي ڪهڙي نه (خراب) ٿي. (۱۰٤) ۽ حضرت موسيٰ فرمايو ته، اي فرعون مان بيشڪ سڄي جهان جي پروردگار جي طرف کان پيغمبر ٿي آيو آهيان. (۱۰۵) منهنجي لاءِ مناسب ۽ زيب ائين آهي ته الله تعاليٰ بابت (۽ سندس پاران) اهڙي ڳالهه نه چوان جا حق نه هجي. مان سچ پچ توهان جي رب جي طرف کان روشن دليل ڪٽي اوهان ڏي آيو آهيان. پوءِ (منهنجي ڳالهه مڃيو ۽) بني اسرائيلن کي مون سان وڃڻ ڏيو (ته مان کين مصر مان ڪڍي پنهنجي اڳوڻي وطن ڪنعان ڏي وڻي وڃان). (۱۰٦) فرعون ورندي ڏني ته، جيڪڏهن ڪا نشاني ڪٽي آيو آهين ۽ جيڪڏهن تون انهيءَ دعويٰ ۾ سچو آهين ته اها نشاني پيش ڪر. (۱۰۷) پوءِ حضرت موسيٰ پنهنجي لٺ پٽ تي اڇلائي ته ڇا ٿيو جو اها لٺ هڪ ڇڪي ڇڪي ازدها (يعني وڏو نانگ) ٿي پيئي. (۱۰۸) ۽ (بغل مان جو) هٿ ڪڍيائين ته (سبحان الله) هو ڏسندڙن لاءِ سفيد ۽ نوراني هو.

رکوع ۱٤ آيت ۱۰۹ ـ تا ـ ۱۲٦

مصر جي جادوگرن جو گڏ ٿي حضرت موسيٰ سان مقابلو.

(۱۰۹) (جڏهن حضرت موسيٰ پنهنجا به معجزا ڏيکاريا تڏهن) فرعون جي قوم جا سردار (پاڻ ۾) چوڻ لڳا ته، بيشڪ هو وڏي علم وارو (هوشيار) جادوگر آهي. (۱۱۰) هو (حضرت موسيٰ) چاهي ٿو ته اوهان (سيني مصري ماڻهن) کي ملڪ مان تڙي ڪڍي (۽ پنهنجي بادشاهي قائم ڪري) هاڻي ٻڌايو ته توهان جي ڪهڙي صلاح آهي. (ٻڌايو ته چا ڪرڻ گهرجي). (۱۱۱) هنن (مشورو ڪرڻ بعد فرعون کي) چيو ته موسيٰ ۽ سندس ڀاءُ (هارون) کي مهلت ڏي ۽ سيني شهرن ۾ گڏ ڪندڙ (قاصد) موڪل. (۱۱۲) جي سيني علم وارن هوشيار جادوگرن کي تو وٽ وڻي اچن. (۱۱۳) (فرعون انهيءَ مشوري تي عمل ڪيو ۽ قاصد وڃا) پوءِ سڀ جادوگر فرعون وٽ آيا ۽ چيائون ته جيڪڏهن اسان (موسيٰ جي جادوگريءَ تي) غالب پئون (۽ ڪيس شڪست ڏيون) ته ضرور اسان کي (تو وٽان) انعام ملڻ گهرجي. (۱۱٤) (فرعون) چيو ته، هائو (بيشڪ اوهان کي انعام ڏيندس

نہ رڳو ايترو پر) اوهان بيشڪ انهن مان ٽيندوءَ هي (مون وٽ) ويجها پيارا معزز درٻاري آهن. (۱۱۵) جادوگرن چيو تہ، اي موسيٰ (پهريائين) تون اڇلائيندين (يعني جادو ڏيکاريندين) يا اسان (اول) اڇلائڻ وارا ٿيون. (۱۱٦) حضرت موسيٰ ورندي ڏني تہ (اول) توهان اڇلايو. سو جڏهن هنن اڇلايو تڏهن ماڻهن جون اکيون مسحور ڪري ڇڏيائون (يعني چشم بندي ڪيائون ۽ ماڻهن جي اکين کي ٻلايائون) ۽ ماڻهن ۾ خوف ۽ هراس پيدا ڪيائون ۽ وڏو جادو ڪري ڏيکاريائون. (۱۱۷) ۽ اسان (يعني الله تعاليٰ) وحي جي رستي موسيٰ کي حڪم ڏنو تہ (هاڻي) تون پنهنجي لٺ اڇلاءِ. (هن لٺ اڇلائي تہ) چا ٿيو جو هڪدم (اها لٺ نانگ بڻجي) انهن شين کي ڳهي ويئي جي هنن (سڪٽيون ڪوڙيون) بنايون هيون. (۱۱۸) پوءِ (اهڙيءَ طرح) حق ثابت ٿيو، ۽ جيڪي جيڪي (ڪوڙيون ڳالهيون) هنن ڪيون هيون سي بيڪار ثابت ٿيون. (۱۱۹) پوءِ (اهڙيءَ طرح فرعون ۽ سردارن کي) اتي شڪست آئي ۽ هو ذليل ۽ خوار ٿيا (۽ هنن جو ڪنڌ هيٺ ٿي ويو). (۱۲۰) پر (اهي سڀ) جادوگر سجدي ۾ ڪري پيا. (۱۲۱) (۽) چيائون تہ اسان جهانن جي پروردگار تي ايمان آندو آهي. (۱۲۲) جو موسيٰ ۽ هارون جو پروردگار آهي (يعني انهيءَ ئي رب تي ايمان آندو اٿئون، جنهن جي تعليم موسيٰ ۽ هارون ڏين ٿا). (۱۲۳) (تنهن تي غصي ۾ اچي) فرعون (انهن جادوگرن کي) چيو تہ، چا انهيءَ کان اڳي جو مان اوهان کي (ايمان آڻڻ لاءِ) موڪل ڏيان توهان (موسيٰ ۽ سندس رب تي) ايمان ٿا آڻيو؟ بيشڪ هيءَ هڪڙي چالبازي آهي جا توهان هن شهر ۾ ڪيڏي آهي، انهيءَ لاءِ تہ توهان هتئون جي ماڻهن کي هن شهر مان ٻاڙي ڪيو. پر جلد ئي توهان معلوم ڪندؤ (تہ اوهان کي ڪهڙي ٽو سزا ڏيان). (۱۲٤) يقين ڄاڻو تہ مان توهان جا هٿ ۽ پير الٽا ۽ سڌا وڍائي ڇڏيندس، پوءِ توهان سيني کي ڦاسيءَ تي چڙهائيندس. (۱۲۵) (هنن ايمان آڻيندڙ جادوگرن) جواب ۾ چيو تہ، (تون ڀلي اسان کي سوريءَ تي چاڙهہ) اسان سڀ (آخر تہ) بيشڪ پنهنجي پروردگار ڏي موٽڻ وارا آهيون. (۱۲٦) ۽ (اي فرعون!) تون اسان کان (ڪهڙيءَ ڳالهہ جو بدلو ۽ ويڙ ٽو وڌين چا؟) هن ڳالهہ جو ويڙ ٽو وڌين تہ جڏهن اسان جي پروردگار وٽان اسان ڏي آيتون (يعني نشانيون) اچي ويون آهن، تڏهن اسان انهن تي ايمان آندو آهي. (ڀلي ايمان آڻڻ جي بدلي ۾ اسان کي سزا ڏي. اسان جي صدا تہ هيءَ آهي تہ) اي اسان جا پروردگار! اسان کي صبر ۽ ثابت قدمي عطا ڪر ۽ اسان کي اسلام (يعني تنهنجي فرمانبرداريءَ) جي حالت ۾ موت عطا ڪر.

رڪوع ۱۵ آيت ۱۲۷ - تا - ۱۲۹

غلامانہ زندگيءَ جو اثر هي ٿو ٿئي جو همت جو روح ئي سڪي ٿو وڃي

(۱۲۷) ۽ فرعون جي قوم جي سردارن فرعون کان پڇيو تہ، موسيٰ کي ۽ سندس قوم کي ائين ئي ڇڏي ٿا ڏيو چا تہ ڀلي ملڪ ۾ فساد مچائيندا رهن ۽ تو کي ڇڏي ڏين (تنهنجي ٿابعداري نہ ڪن) ۽

تنهنجي خدائن کي ب چڏي ڏين؟ (يعني مصر جي ديوتائن جي پوڄا نہ ڪن؟) تنهن تي فرعون ورندي ڏني تہ، (جيئن اڳيئي منهنجو حڪم ڪيل آهي) اسان انهن (بني اسرائيلن) جا (نوان ڄاول) پٽ (داين هٿان) قتل ڪنداسين ۽ سندن (نيون ڄاول) ڏيئرن کي جيئرو ڇڏيندا سين (جي اسان جون ٻانهيون ٿيندیون) ۽ بيشڪ اسان کي هنن جي مٿان ڪامل طاقت ۽ غلبو آهي. (۱۲۸) (جڏهن فرعون ۽ سندس سردارن جا بني اسرائيلن تي وڌيڪ ظلم ٿيڻ لڳا تڏهن) حضرت موسيٰ پنهنجي قوم جي ماڻهن کي فرمايو تہ، الله کان مدد گهرو ۽ (مصيبتن ۾) صبر ڪيو (۽ خدا جي راهہ ۾ ثابت قدم رهو) يقين ڄاڻو تہ، زمين الله جي آهي. پنهنجي بندن مان جنهن کي وٽيس تنهن کي ان زمين جو وارث (يا مالڪ يا حاڪم) ڪري ۽ (يقين ڄاڻو تہ) (چگي) پڇاڙي انهن جي ٿيندي جي پرهيزگار ۽ نيڪ آهن. (۱۲۹) (بني اسرائيلن ۾ اهڙي صبر ۽ يقين کونہ هو تنهن ڪري مايوسي ۽ رنجيدگي ۾) هنن چيو تہ، اسان جي نصيب ۾ تہ اڳي ب ايذاءَ ۽ مصيبتون هيون ۽ تنهنجي اسان ڏي (رسول ٿي) اچڻ کان پوءِ ب (ساڳيون ئي مصيبتون آهن) تنهن تي حضرت موسيٰ فرمايو تہ (نااميد نہ ٿيو) ممڪن آهي تہ اوهان جو پروردگار اوهان جي دشمن کي تباهہ ڪري چڏي ۽ اوهان کي ملڪ ۾ (سندن) جانشين ڪري (يعني اوهان کي غلبو ۽ حڪومت ڏئي) ۽ پوءِ الله تعاليٰ توهان کي آزمائي تہ (غلبي جي حالت ۾) توهان ڪهڙا ٿا عمل ڪيو.

رکوع ۱۶ آيت ۱۳۰ ـ تا ـ ۱۴۱

غلاميءَ مان جان ڇڏائڻ تي بني اسرائيلن کي بادشاهي ۽ بيون نعمتون مليون

(۱۳۰) ۽ اسان (يعني الله تعاليٰ) فرعون جي ماڻهن کي خشڪ سالي (پاڻيءَ جي گهٽتائي) ۽ فصلن جي ڪميءَ جي عذاب ۾ گرفتار ڪيو، انهيءَ لاءِ تہ من ائين هو خدا کي ياد ڪن ۽ نصيحت حاصل ڪن. (۱۳۱) پوءِ جڏهن هنن کي ڪو فائدو پهچندو هو تڏهن چوندا هئا تہ، اهو اسان جو حق آهي (۽ اسان حق تي آهيون) ۽ جيڪڏهن هنن کي ڪا تڪليف پهچندي هئي تہ، حضرت موسيٰ ۽ سندس ماڻهن کي نحس ۽ بدشگون (خراب سوڻ) سمجهندا هئا. (يعني سمجهندا هئا تہ حضرت موسيٰ ۽ سندس قوم جي برائي ۽ نياڳ جي ڪري سڄي ملڪ تي مصيبتون اچن ٿيون) ائين هرگز ناهي. حقيقت هي آهي تہ الله تعاليٰ جي نظر ۾ اهي ٿي (يعني فرعون ۽ سندس قوم) نياڳا ۽ نحس هئا، پر انهن مان گهٽن کي (اها حقيقت) معلوم نہ هئي (تہ ظالم منحوس آهن، نہ مظلوم). (۱۳۲) فرعون ۽ سندس ماڻهن (حضرت موسيٰ کي) چيو تہ ڪهڙي ب نشاني اسان ڏي آڻين جنهن سان اسان تي جادو ڪرين (يا اسان تي ڪا مصيبت آڻين) تہ ب اسان تو تي ايمان کونہ آڻيندا سين. (۱۳۳) پوءِ اسان هنن تي طوفان (يا پوڙ) آندي ۽ ماڪڙ ۽ جوائون ۽ ڏيڏر ۽ رت. اهي سڀ جدا جدا چٽيون نشانيون هيون. تڏهن ب هو تڪبر ڪندا رهيا ۽ هو گنهگار ماڻهو هئا. (۱۳۴) ۽ جڏهن جڏهن هنن تي ڪو عذاب ايندو هو تڏهن

تڏهن چوندا هئا تہ، اي موسيٰ! جهڙيءَ طرح تنهنجي پروردگار توسان عهد ڪيو آهي، تهڙيءَ طرح اسان جي لاءِ ڪائنس دعا ڪر. پوءِ جيڪڏهن اسان تان هي عذاب ٽاريندين تہ اسان ضرور توتي ايمان آڻينداسين ۽ توسان گڏ (وڃڻ لاءِ) بني اسرائيلن کي موڪلي ڏينداسين. (۱۳۵) پوءِ جڏهن اسان هنن تان اهو عذاب مقرر مدي بعد، جنهن مدي کي هو پهچڻا هئا ٽاري ڇڏيو تڏهن هنن هڪدم بدعهدي ڪئي ۽ واعدو نہ پاڙيو (يعني ايمان نہ آندائون ۽ بني اسرائيل کي موڪل نہ ڏنائون.) (۱۳۶) پوءِ (نيٺ) اسان کين (سندن ظلمن جو) بدلو ڏنو ۽ کين سمنڊ ۾ غرق ڪري ڇڏيو، ڇو تہ هو اسان جي آيتن کي ڪوڙو ٺهرائيندا هئا، ۽ انهن کان غافل رهندا هئا (يعني انهن تي عمل نہ ڪندا هئا). (۱۳۷) ۽ (پوءِ) اسان انهن ماڻهن (بني اسرائيلن) کي جي (مصر ۾) ڪمزور سمجهيا ويندا هئا انهيءَ ملڪ جي مشرق ۽ مغرب جو وارث ڪيو (يعني بادشاهي ڏني) جنهن ملڪ تي اسان نعمتون ۽ برڪتون ڪيون (يعني فلسطين جو ملڪ) ۽ تنهنجي پروردگار جو نيڪ واعدو بني اسرائيلن جي حق ۾ پورو ٿي ويو، هن ڪري جو هنن (ان زماني ۾ مصيبتن تي) صبر ڪيو ۽ (حق جي راهہ تي) ثابت قدم رهيا. (پر جن ظالمن متن ظلم ڪيو هو تن جو حال اهو ٿيو جو) جيڪي وڏا ڪاريگريءَ جا ڪم ۽ محلاتون فرعون ۽ سندس ماڻهن ٺاهيون هيون تن کي اسان برباد ڪري ڇڏيو. (۱۳۸) ۽ اسان جڏهن بني اسرائيلن کي (مصر منجهان ڪڍي) سمنڊ جي پار پهچايو تڏهن هو هڪ اهڙي قوم جي ماڻهن مان لنگهيا جي پنهنجي بتن جي پوڄا ڪندا هئا. (هي ڏسي بني اسرائيلن حضرت موسيٰ کي) چيو تہ، اي موسيٰ! اسان کي بہ هڪ معبود (بت) ٺاهي ڏي. جهڙا هنن ماڻهن جا معبود آهن. حضرت موسيٰ فرمايو تہ توهان يقيناً سخت جاهل ماڻهو آهيو. (۱۳۹) جنهن دين ۾ هي ماڻهو آهن سو (مصري ماڻهن جي دين جو) پڇل برباد ٿيل ٽڪرو آهي (۽ جلد فنا ٿي ويندو) ۽ اهي ماڻهو جيڪي عمل (۽ عبادتون) ڪن ٿا سي باطل آهن (يعني بلڪل بيڪار ۽ بي بقا آهن). (۱٤۰) (حضرت موسيٰ وڌيڪ) فرمايو تہ (اي بني اسرائيلؤ! افسوس اوهان جي عقل تي) مان سچي الله کي ڇڏي اوهان جي لاءِ ڪو ٻيو معبود ڳوليان ڇا؟ ۽ (توهان ايترو بہ خيال نٿا ڪريو تہ) الله تعاليٰ ئي اوهان کي ٻين قومن تي فضيلت ڏني آهي (۽ اوهان تي بخششون ۽ نعمتون ڪيون اٿس، پوءِ ڇو ٿا ٻين ديوتائن جي ڳولا ڪيو). (۱٤۱) ۽ (اسان جي هيءَ نعمت بہ) ياد رکو تہ اسان اوهان کي فرعون جي ماڻهن کان ڇڏائي آزاد ڪيو. جي اوهان کي سخت ايذاءُ ۽ تڪليفون ڏيندا هئا ۽ اوهان جي پٽن کي قتل ڪندا هئا ۽ اوهان جي ڏيئرن کي جيئرو ڇڏيندا هئا، انهيءَ ۾ توهان جي رب جي طرف کان توهان جي لاءِ تمام وڏي آزمائش هئي. (تہ ڪيتري قدر صبر کان ڪم ٿا وٺو ۽ آزاد ٿيڻ کان پوءِ ڪيئن ٿا خدا جي شڪر گذاري ۽ فرمانبرداري ڪيو).

ركوع ۱۷ آيت ۱۴۲ ـ تا ـ ۱۴۷

حضرت موسيٰ جو طور سينا جبل تي وڃڻ ۽ خدا سان ڳالهه پوله ڪرڻ

(۱۴۲) ۽ (پوءِ) اسان حضرت موسيٰ جي لاءِ ٽيهه راتيون (پنهنجي ماڻهن کان الڳ ٿي وڃڻ لاءِ) مقرر ڪيون، ۽ پوءِ ڏهه راتيون وڌائي مدو پورو ڪيوسين. سو سندس پروردگار جو پورين چاليهن راتين جو مدو (وعدي موجب) پورو ڪيو ويو. (وڃڻ کان اڳي) حضرت موسيٰ پنهنجي ڀاءُ هارون کي چيو تہ، (منهنجي غيرحاضريءَ ۾) منهنجي قوم ۾ منهنجو خليفو (يا نائب) ٿي رهجانءِ ۽ هنن جو سڌارو ڪندو رهجانءِ ۽ بگاڙو ۽ شرارت ڪندڙن جو رستو نہ وٺجانءِ. (۱۴۳) ۽ حضرت موسيٰ اسان جي مقرر ڪيل جاءِ تي آيو ۽ سندس پروردگار ساڻس ڳالهايو، تڏهن حضرت موسيٰ عرض ڪيو تہ، اي منهنجا رب! تون مون کي پنهنجو پاڻ ڏيکار تہ مان تو کي هيڪر ڏسان. الله تعاليٰ فرمايو تہ تون مون کي هرگز ڏسي نہ سگهندين. پر هن جبل ڏي نظر ڪر. جيڪڏهن اهو جبل پنهنجي جاءِ تي قائم رهيو تہ تون بہ مون کي ڏسي وٺندين. پوءِ جڏهن سندس رب ان جبل تي پنهنجو تجلو ڪيو تڏهن ان کي خاڪ ڪري ڇڏيائين، ۽ حضرت موسيٰ بيهوش ٿي ڪري پيو. پوءِ جڏهن هوش ۾ آيو تڏهن چيائين تہ اي خدا! تون پاڪ آهين (جسم کان جنهن ڪري تو کي ڪوبہ ڏسي نٿو سگهي) مان (پنهنجي ڪيل قصور کان توبہ ڪري) توڏي موٽان ٿو ۽ مان ايمان آڻيندڙن ۾ اڳرو آهيان. (۱۴۴) الله تعاليٰ فرمايو تہ، اي موسيٰ بيشڪ مون تو کي پنهنجي (پيغمبريءَ جي) پيغامن سان ۽ پنهنجي ڪلام سان (يعني توڏي وحي موڪلڻ سان ۽ توسان گفتگو ڪرڻ سان) ماڻهن جي مٿان برگزيدگي (يعني بهتري ۽ وڏو درجو) بخشيو آهي. پوءِ جيڪي (شريعت جا حڪم) تو کي ڏنا ويا آهن سي وٺ ۽ شڪر بجا آڻ. (يعني پاڻ بہ انهن تي عمل ڪر ۽ ٻين کي بہ ٻڌاءِ). (۱۴۵) ۽ اسان موسيٰ جي لاءِ فرحين ۾ هر قسم جون ڳالهيون لکي ڏنيون هيون، انهيءَ تي (دين جي) هرهڪ ڳالهه بابت انهن ۾ نصيحت هجي ۽ هرهڪ ڳالهه جدا جدا چٽي ٿي وڃي. پوءِ (اسان ڪيس ائين بہ چيو تہ) انهن کي مضبوطيءَ سان جهل ۽ پنهنجي قوم کي بہ حڪم ڏي تہ انهن جي بهترين حڪمن تي عمل ڪن. اهو وقت پري ناهي جڏهن اسان تو کي نافرمان ماڻهن جي جاءِ ڏيکاري ڇڏينداسين. (يعني تون ڏسندين تہ هنن جي حالت ڪهڙي نہ خراب ٿيندي). (۱۴۶) جيڪي ماڻهو حق کان سواءِ خدا جي زمين تي تڪبر جي روش اختيار ڪن ٿا تن جو منهن اسان پنهنجي نشانين کان موڙي ڇڏينداسين. هو ڪٽي سڀ نشانيون بہ ڏسن تہ بہ انهن تي ايمان نہ آڻيندا. جيڪڏهن هو هدايت واري سڌي واٽ ڪٽي ڏسن تہ بہ اها سڌي واٽ هرگز نہ وٺندا. پر جيڪڏهن گمراهيءَ واري ڏڏي واٽ سامهون ڏسندا تہ هڪدم ان تي هلڻ لڳندا. هنن جي اها حالت هن ڪري ٿي وڃي ٿي جو هو اسان جي نشانين کي ڪوڙو ٺهرائين ٿا ۽ انهن (تي عمل ڪرڻ) کان غافل رهن ٿا. (۱۴۷) ۽ جن ماڻهن اسان جي نشانين کي ڪوڙو ٺهرايو ۽ آخرت (جي اچڻ جي حقانيت) کان انڪار ڪيو تن جا سڀ عمل

ضايع ٿي ويا. هنن کي جيڪو بدلو ملندو سو انهن (بد) عملن جو ڦل هوندو جي بدعمل هو دنيا ۾ ڪندا هئا.

رکوع ۱۸ آيت ۱۴۸ ـ تا ـ ۱۵۱

هٿرادو گابي جي منهن مان رڻيان نڪرڻ ۽ بني اسرائيلن جو ان کي پوڄڻ

(۱۴۸) ۽ (پوءِ چا ٿيو تہ) حضرت موسيٰ جي ماڻهن سندس وڃڻ بعد پنهنجي زيورن مان (پگهارڻ بعد) هڪڙي گابي جو ڏڙ ٺاهيو، جنهن مان ڳئون جي رڙپ جهڙو آواز ٿي نڪتو ۽ انهيءَ (گابي) کي (پوڄا لاءِ ديوتا ڪري) ورتائون. هنن (بيوقوفن) اهڙي (سولي) ڳالهہ ۾ نہ سمجهي تہ اهو گابو نڪي ساڻن ڳالهائي ٿو سگهي، نڪي کو رهنمائي (واٽ ڏيکارڻ) ڪري ٿو سگهي. هنن ان گابي کي ديوتا ڪري ورتو هو ۽ هنن (پاڻ تي) ظلم ڪيو. (۱۴۹) پوءِ جڏهن (هيئن ٿيو جو) پشيمانيءَ ۾ هٿ مهٽڻ لڳا ۽ ڏٺائون تہ (سچي) واٽ کان بلڪل پري نڪري گمراهہ ٿي ويا آهيون تڏهن چوڻ لڳا تہ، جيڪڏهن اسان جو پروردگار اسان تي رحم نہ ڪري ها ۽ نہ بخشي ها تہ اسان ضرور تباهہ ٿي وڃون ها. (۱۵۰) ۽ جڏهن موسيٰ ڪاوڙ ۽ افسوس ڪندي پنهنجي ماڻهن وٽ موٽي آيو تڏهن کين چيائين تہ، افسوس آهي اوهان تي! توهان مون کان پوءِ ڪهڙي نہ خراب طريقي سان منهنجي جانشيني ڪئي! توهان پنهنجي پروردگار جي حڪم جي انتظار ۾ ذرو بہ صبر ڪري نہ سگهيؤ! (جوش ۾ اچي) هن تختيون ڪٽي ڦٽي ڪيون ۽ پنهنجي ڀاءُ هارون کي مٿي جي وارن کان جهلي پاڻ ڏي ڇڪڻ لڳو. (تنهن تي) هارون چيو تہ، اي منهنجا مائٽيتا ڀاءُ! (مان ڇا ڪيان) ماڻهن مون کي ڪمزور سمجهيو ۽ مون کي قتل ڪرڻ تي هٿ، پوءِ مون سان اهڙي هلت نہ ڪر جو دشمن مون تي ڪلن ۽ مون کي هنن ظالم ماڻهن ۾ شمار نہ ڪر. (۱۵۱) حضرت موسيٰ (پوءِ) دعا گهري تہ، اي منهنجا پروردگار! منهنجو قصور بخشي ڇڏ (جو مان جوش ۾ اچي تڪڙ ڪئي) ۽ منهنجي ڀاءُ جو قصور بہ معاف ڪر (جو گمراهن کي سختيءَ سان روڪي نہ سگهيو) ۽ اسان کي پنهنجي رحمت (جي ڇانو) ۾ داخل ڪر ۽ تون سڀني رحم ڪندڙن کان وڌيڪ رحم وارو آهين.

رکوع ۱۹ آيت ۱۵۲ ـ تا ـ ۱۵۷

هٿرادو گابي جي پوڄا ڪندڙن تي غضب ۽ دنيا ۾ ذلت ۽ خواري، توبہ ڪندڙن لاءِ بخشش ۽ رحمت

(۱۵۲) (الله تعاليٰ فرمايو تہ) جن ماڻهن گابي جي پوڄا ڪئي انهن تي سندن پروردگار جو غضب اچي ڪڙڪندو، ۽ دنيا جي زندگيءَ ۾ بہ ذلت ۽ خواري ڏسندا. اسان کوڙن گهڙيندڙن کي (سندن بدعمليءَ جو) بدلو اهڙيءَ طرح ڏيندا آهيون. (۱۵۳) پر جن ماڻهن براين ڪرڻ بعد توبہ ڪئي ۽ ايمان آندو (تن جي لاءِ) بيشڪ تنهنجو پروردگار سندن توبہ بعد بخشيندڙ ۽ رحم

ڪندڙ آهي. (١٥٤) ۽ جڏهن حضرت موسيٰ جو غصو لهي ويو تڏهن هن فرحيون ڪٽي ورتيون انهن ۾ جيڪي (حڪم) لکيل هئا سي انهن ماڻهن لاءِ هدايت ۽ رحمت هئا جي پنهنجي پروردگار جو خوف رکندا هئا. (١٥٥) اسان جي ڌهرايل وقت ۽ جاءِ تي حاضر ٿيڻ لاءِ موسيٰ پوءِ پنهنجي قوم مان ستر ماڻهو چونڊي کنيا (اهي اتي آيا) پوءِ جڏهن ڏڪائيندڙ مصيبت انهن کي اچي جهليو تڏهن حضرت موسيٰ (اسان جي درگاهه ۾) عرض ڪيو ته، اي پروردگار! جيڪڏهن تون چاهين ها ته هنن سيني کي اڳيئي تباهه ڪري ڇڏين ها ۽ خود منهنجي زندگي به ختم ڪري ڇڏين ها (پر تو پنهنجي فضل ۽ رحمت سان اسان کي مهلت ڏني) پوءِ هڪ اهڙي ڳالهه لاءِ جا اسان مان کي بي وقوف ڪري ويٺا آهن، تون اسان سيني کي تباهه ڪندين ڇا؟ هي هن کان سواءِ ڪجهه ناهي ته تنهنجي طرف کان هڪ آزمائش آهي. تون جنهن کي چاهين تنهن کي ان (آزمائش) ۾ گمراهه ڪري ڇڏين ۽ جنهن کي چاهين تنهن کي سچي راهه ڏيکاري ڇڏين، اي خدا! تون ئي اسان جو والي آهين، اسان کي بخشي ڇڏ ۽ اسان تي رحمت ڪر تو کان بهتر بخشڻ وارو ٻيو ڪوبه ڪونهي. (١٥٦) ۽ (اي خدا!) هن دنيا جي زندگيءَ ۾ به اسان جي لاءِ چگائي لکي ڇڏ ۽ آخرت جي زندگيءَ ۾ به (اسان جي لاءِ چگائي ڪر.) اسان توڏي موٽي آيا آهيون (يعني اڳين گناهن کان باز اچي تنهنجي حڪمن تي هلڻ لاءِ تيار آهيون). الله تعاليٰ فرمايو ته منهنجي عذاب جو حال هي آهي ته جنهن کي چاهيان تنهن کي (سندس بدعملن جي بدلي ۾) ڏيان، پر منهنجي رحمت جو حال هي آهي جو هرهڪ شيءِ تي ڇانيل آهي، پوءِ مان انهن ماڻهن جي لاءِ رحمت لکي ڇڏيندس جيڪي گناهن کان پرهيز ڪندا ۽ زڪوات ڏيندا رهندا ۽ انهن جي لاءِ به جيڪي اسان جي نشانين (۽ حڪمن) تي ايمان آڻيندا. (١٥٧) جيڪي ماڻهو حضرت رسول (ﷺ) جي پيروي ۽ تابعداري ڪندا جو هڪ امي (ظاهري طرح اڻ پڙهيل) نبي هوندو ۽ جنهن جي ظهور جي خبر (اهل ڪتاب) پاڻ وٽ رکيل تورات ۽ انجيل ۾ لکيل ڏسندا تن (پيروي ڪندڙن) کي اهو نبي نيڪيءَ جو حڪم ڏيندو، برائيءَ کان روڪيندو، وٽندڙ شيون حلال ڪندو، غليظ شيون حرام ٺهرائيندو. انهيءَ بار کان چوٽڪارو ڏيندو جنهن جي هيٺان دٻيل آهن ۽ انهن ڦندن (سرڪڻ ڦاهين) مان ڪڍندو جن ۾ هو ڦاٽل هوندا. تنهن ڪري جيڪي به ماڻهو مٿس ايمان آڻيندا، سندس مخالفن کي روڪيندا، (حق جي راهه ۾) سندس مدد ڪندا ۽ انهيءَ نور ۽ (روشنائي) جي پٺيان لڳندا جو هن سان گڏ موڪليل آهي اهي ئي ماڻهو ڪاميابي حاصل ڪرڻ وارا آهن. (هو دنيا ۾ به خوش آسودا ۽ طاقت وارا رهندا ۽ آخرت ۾ به جنت جا حقدار ٿيندا).

رڪوع ٢٠ آيت ١٥٨ ـ تا ـ ١٦٢

رسول ڪريم ﷺ جن سيني انسانن لاءِ پيغمبر ٿي آيا، اسلام جي دعوت اها آهي ته سڀ انسان هڪ الله جي اڳيان جهڪي وڃن.

(١٥٨) (اي پيغمبر! تون ماڻهن کي) چئو ته، اي انسانو! مان توهان سيني ڏانهن الله جو موڪليل

پيغمبر ٿي آيو آهيان. اهو الله جنهن کي آسمانن ۽ زمين جي سڄي بادشاهي آهي. سندس ذات کان سواءِ کوبہ معبود کونهي (جنهن جي ٻانهپ ڪجي) اهوئي جيئاري ٿو ۽ اهو ئي ماري ٿو. پوءِ توهان الله ۽ ايمان رکو ۽ سندس رسول امي نبي تي بہ ايمان آڻيو. (يعني حضرت محمد ﷺ تي) جنهن الله تي بہ ايمان آندو آهي ۽ سندس ڪلمات (يعني سندس سيني ڪتابن) تي بہ ايمان آندو آهي. (اي انسانو! توهان) سندس پيروي ڪيو تہ (ڪاميابيءَ جي) راهہ توهان جي لاءِ ڪلي پوي. (۱۵۹) ۽ موسيٰ جي قوم ۾ هڪ ٽولو (بيشڪ) اهڙو آهي جيڪو ماڻهن کي سچائيءَ جي راهہ تي هلائي ٿو ۽ سچائي سان (سندس معاملن ۾) انصاف بہ ڪري ٿو. (۱۶۰) ۽ اسان بني اسرائيلن کي ٻارهن خاندانن جي ٻارهن قبيلن ۾ ورهائي ڇڏيو. ۽ جڏهن انهن ماڻهن حضرت موسيٰ کان پيئڻ لاءِ پاڻي گهريو تڏهن اسان کيس وحي ڪيو تہ پنهنجي لٺ سان هن ٽڪريءَ کي ڏڪ هڻ. (ڏڪ هڻڻ سان) ٻارهن چشما ڦٽي نڪتا. ۽ هرهڪ قبيلي پنهنجي پنهنجي جڳهہ پاڻيءَ جي معلوم ڪري ورتي ۽ اسان بني اسرائيلن تي ڪڪر جي ڇانو ڪئي هئي. ۽ (هنن جي ڪائڻ لاءِ) "من" ۽ "سلويٰ" نازل ڪيا هئا. اسان کين چيو هو تہ، هيءَ وڻندڙ غذا کائو جا اسان عطا ڪئي آهي (۽ فتنن ۽ فسادن ۾ نہ پئو. پر هنن نافرمانيون ڪيون) هنن اسان جو تہ ڪجهہ بہ نہ بگاڙيو پر پاڻ پنهنجي هٿن سان پنهنجو ئي نقصان ڪندا رهيا. (۱۶۱) ۽ پوءِ (اهو واقعو ياد ڪريو) جو اسان بني اسرائيلن کي حڪم ڏنو هو تہ هن شهر ۾ وڃي رهو (جنهن کي فتح ڪرڻ جي اوهان کي توفيق ملي آهي) ۽ (هي ڏاڍو وسندڙ ملڪ آهي) جتان اوهان کي وٽي اتان غذا حاصل ڪيو ۽ "حطة" چوندا رهو (يعني چئو تہ، اي خدا! اسان کي گناهن کان پاڪ ڪري ڇڏ) ۽ جڏهن ان جي دروازي مان اندر داخل ٿيو تڏهن (الله پاڪ جي حضور ۾) جهڪندي داخل ٿجو. اسان توهان جون خطائون بخشي ڇڏينداسين ۽ نيڪ عمل ڪندڙن کي (ان کان بہ) وڌيڪ اجر ڏينداسين. (۱۶۲) پر (پوءِ ڇا ٿيو جو) انهن مان جن ماڻهن ظلم ۽ فساد جي راهہ اختيار ڪئي تن خدا جي ٻڌايل ڳالهہ بدلائي پي ڳالهہ بنائي. (يعني خدا جي حڪمن جي ابتڙ عمل ڪيائون) پوءِ اسان هنن تي آسمان مان عذاب موڪليو. انهن ظلمن سببان جي هو ڪندا ٿي رهيا.

رکوع ۲۱ آيت ۱۶۳ - تا - ۱۷۱

ڪنهن بہ قوم تي ظالم حڪمرانن جو ظاهر رهڻ بہ خدا جو عذاب آهي.

(۱۶۳) ۽ (اي پيغمبر!) بني اسرائيلن کان انهيءَ شهر بابت پڇا ڪر جو سمنڊ جي ڪناري تي هوندو هو. جتي ماڻهو سبت جي ڏينهن خدا جي ٺهرايل حد کان ٻاهر ويندا هئا. سبت جي ڏينهن هنن جون (گهربل) مڇيون پاڻيءَ تي ترنديون هنن ڏي اچي ويندیون هيون. پر جنهن ڏينهن سبت نہ ملهائيندا هئا تنهن ڏينهن نہ ايندیون هيون. اهڙيءَ طرح اسان کين آزمائش ۾ وجهندا هئاسين هن ڪري جو هو نافرماني ڪندا هئا. (۱۶۴) ۽ جڏهن ان شهر جي رهاڪن مان

هڪ ٽوليءَ (واعظ نصيحت ڪرڻ وارن کي) چيو تہ، توهان ڇو ٿا (اجايو) اهڙن ماڻهن کي نصيحت ڪيو جن کي (سندن گناهن سبب) يا تہ خدا (دنيا ۾ ئي) تباهہ ڪندو يا تہ (آخرت ۾) نهايت سخت عذابن ۾ مبتلا ڪندو. تڏهن انهن جواب ۾ چيو تہ، اسان هن لاءِ ٿا واعظ ڪيون تہ پنهنجي پروردگار جي حضور ۾ عذر پيش ڪري سگهون (تہ اسان پنهنجو فرض ادا ڪيو) ۽ هن لاءِ بہ تہ شايد (ڪي) ماڻهو باز اچي وڃن. (١٦٥) پوءِ جڏهن (هيئن ٽيو جو انهن) ماڻهن اُهي سڀ نصيحتون وساري ڇڏيون جي انهن کي ڪيون ويون هيون تڏهن (اسان جي جزا ۽ سزا جو ظهور ٽيو) اسان انهن ماڻهن کي تہ بچائي ورتو جي برائي کان روڪيندا هئا مگر شرارتون ڪندڙ ظالمن کي هڪ اهڙي عذاب ۾ وڏوسين جو محرومي ۽ نامرادي ۾ مبتلا ڪرڻ وارو عذاب هو، انهن نافرمانين سبب جي هو ڪندا هئا. (١٦٦) پوءِ جڏهن (اها سزا بہ هنن کي سبق سيکاري نہ سگهي ۽) هو انهيءَ ڳالهہ ۾ حد کان زياده سرڪش ٿي ويا جنهن کان انهن کي منع ڪئي ويئي هئي، تڏهن اسان چيو تہ باندر ٿي پئو، ذليل ۽ خوار. (١٦٧) ۽ (اي پيغمبر!) جڏهن (هيئن ٽيو جو) تنهنجي پروردگار هن ڳالهہ جو اعلان ڪيو هو تہ (جيڪڏهن بني اسرائيل شرارتن ۽ بدعمليءَ کان باز نہ آيا تہ) هو قيامت جي ڏينهن تائين انهن تي اهڙن ماڻهن کي غالب ۽ حاڪم ڪندو جي کين ذليل ڪرڻ واري عذاب ۾ مبتلا ڪندا. حقيقت هيءَ آهي تہ تنهنجو پروردگار (بدعمليءَ جي) سزا ڏيڻ ۾ دير ڪرڻ وارو ناهي، بيشڪ هو ان سان گڏ بخشيندڙ ۽ رحم ڪندڙ بہ آهي. (١٦٨) ۽ اسان هنن کي جدا جدا ٽوليون ڪري زمين تي پکيڙي ڇڏيو. ڪي انهن ۾ نيڪ هئا، ۽ ڪي انهن ۾ ان جي ابتڙ هئا (يعني نيڪ نہ هئا، بدعمل هئا) ۽ اسان هنن کي چگين توڙي خراب حالتن ۾ وجهي آزمايو، انهيءَ لاءِ تہ (بدعملين کان) باز اچن. (١٦٩) پوءِ انهن ماڻهن بعد، ناخلفن (يعني نيڪ ابن ڏاڏن جي روش ڇڏي ڪندڙن) هنن جي جاءِ ورتي ۽ خدائي ڪتاب جا وارث ٿيا. هو (دين فروشي ڪري) هن حقير دنيا جو مال متاع (بي ڏڪ) وٺن ٿا ۽ چون ٿا تہ انهيءَ جي اسان کي معافي ملندي ۽ جيڪڏهن (ٻئي ڪنهن جو) کو مال متاع هنن کي اهڙيءَ طرح هٿ اچي وڃي تہ اهي بہ بي ڏڪ وٺن ٿا. ڇا انهن کان (سندن) ڪتاب ۾ عهد نہ ورتو ويو هو تہ خدا جي نالي سان ڪابہ ڳالهہ منسوب نہ ڪن، سواءِ ان جي جا حق هجي؟ ۽ ڇا جيڪو حڪم (سندن) ڪتاب ۾ ڏنو ويو آهي سو ڪونہ پڙهيو اٿن؟ جيڪي متقي (پرهيزگار) آهن، تن جي لاءِ آخرت جو گهر (دنيا ۽ دنيا جي خواهش کان) گهڻو بهتر آهي. (اي يهودين جا عالمو!) ڇا اهڙي (سولي) ڳالهہ بہ توهان سمجهي نٿا سگهو؟ (١٧٠) ۽ (بني اسرائيلن مان) جيڪي ماڻهو الله جي ڪتاب کي مضبوط جهلين ٿا (يعني ان تي عمل ڪن ٿا ۽ ان جي حڪمن تي هلن ٿا) ۽ نماز تي قائم رهن ٿا (تن جي لاءِ ڪوبہ ڪٽڪو ڪونهي) اسان ڪڏهن بہ سنوارڻ وارن (نيڪ عمل ڪندڙن) جو اجر ضايع نٿا ڪريون. (١٧١) ۽ جڏهن (هيئن ٽيو جو) اسان هنن جي مٿان جبل کي زلزلي ۾ وڏو هو، ڇڻ تہ هڪ شاميانو هو (جو لڏي رهيو

هو) ۽ هو (هراس ۾) سمجهي رهيا هئا تہ اجهو ٿو مٿن ڪري پوي. تڏهن اسان هنن کي حڪم ڏنو هو تہ هي ڪتاب جو اسان اوهان کي ڏنو آهي، تنهن کي مضبوط جهليو (ان تي عمل ڪيو) ۽ جيڪي به ان ۾ بڏايو ويو آهي، ان کي چگيءَ طرح ياد رکو، انهيءَ لاءِ تہ توهان برابين کان بچو.

رکوع ۲۲ آيت ۱۷۲ ـ تا ـ ۱۸۱

خدا جي هستيءَ جو اعتقاد انسانن جي فطرت ۾ رکيل آهي.

(۱۷۲) ۽ (اي پيغمبر! اهو وقت به ماڻهن کي ياد ڏيار) جڏهن تنهنجي پروردگار بني آدم کان يعني انهيءَ اولاد کان جي سندن جسم مان (پشت به پشت) پيدا ٿيڻ وارا هئا، عهد ورتو هو ۽ انهن کي (يعني انهن مان هرهڪ کي سندس فطرت ۾) خود هن ڳالهہ تي شاهد ڪيو هو. (خدا پڇيو تہ) "ڇا مان توهان جو پروردگار نہ آهيان؟" سيني (انسانن) جواب ڏنو هو تہ، "هائو، تون ئي اسان جو پروردگار آهين. اسان ان ڳالهہ جي شاهدي ڏني." ۽ اهو ڪم (عيني انسان جي فطرت ۾ حق جي قبوليت رکڻ) اسان هن لاءِ ڪيو هو تہ ائين نہ ٿئي جو اوهان (انسان) قيامت جي ڏينهن عذر ڏيئي سگهو تہ اسان هن ڳالهہ کان بي خبر هئاسين. (۱۷۳) يا هيئن چئو تہ، (اي خدا!) شرڪ تہ اسان کان اڳي اسان جي ابن ڏاڏن ڪيو اسان هنن جي نسل مان پوءِ پيدا ٿياسين (۽ لاچار سندن راهہ تي قدم کنيوسين). پوءِ ڇا تون اسان کي هن ڳالهہ تي تباهہ ڪندين جا (اسان کان اڳي) غلط راهہ تي هلڻ وارن ٺاهي هئي؟ (۱۷٤) ۽ (ڏسو) اهڙيءَ طرح اسان سچائيءَ جون نشانيون جدا جدا ڪري چٽيون ڪري بڏايون ٿا، انهيءَ لاءِ تہ ماڻهو (حق جي طرف) موٽي اچن. (۱۷۵) ۽ (اي پيغمبر!) انهن ماڻهن کي انهي ماڻهو جو حال پڙهي بڏاءِ جنهن کي اسان پنهنجون نشانيون ڏنيون هيون (يعني سمجهہ ڏني هئي، پر) پوءِ (ڇا ٿيو جو هن سمجهہ ۽ عقل جو) جامون لاهي ڇڏيو. پوءِ شيطان هن جي پٺيان پيو نتيجو هي نڪتو جو هو گمراهن منجهان ٿي پيو. (۱۷٦) ۽ جيڪڏهن اسان چاهيون ها تہ انهن نشانين جي وسيلي سندس درجو بلند ڪيون ها. پر هو (پاڻ) زمين جي طرف پستيءَ ڏانهن جهڪي پيو ۽ نفساني حرص جي پيروي ڪيائين. هن جو مثال ڪتي وانگر ٿيو. ڪتي تي ڪاهہ ڪيو تہ به هو پؤنڪندو ۽ زبان ٻاهر ڪيندو ۽ ڪيس ڇڏي ڏيو تہ به ائين ئي ڪندو رهندو. اهڙوئي مثال انهن ماڻهن جو آهي جن اسان جي نشانين کي ڪوڙو ٺهرايو تنهن ڪري (اي پيغمبر!) هي ڳالهيون ماڻهن کي بڏاءِ انهيءَ لاءِ تہ انهن بابت غور ۽ فڪر ڪن. (۱۷۷) ڪهڙو نہ برو مثال انهن ماڻهن جو ٿيو جن اسان جي آيتن کي ڪوڙو ٺهرايو. هو پنهنجي هٿن سان پنهنجو نقصان ڪندا رهيا. (۱۷۸) جنهن لاءِ الله (ڪاميابيءَ جي) راهہ کولي سو ئي (سعادت واري) راهہ تي آهي ۽ جنهن لاءِ اها راهہ گم ڪري ڇڏي تہ اهڙا ئي ماڻهو آهن جي وڏي نقصان هيٺ آيل آهن. (۱۷۹) ۽ گهٽائي جن ۽ انسان آهن جن کي اسان جهنم جي لاءِ پيدا ڪيو آهي (يعني آخر هو جهنم ۾ داخل ٿيڻ وارا آهن، چو تہ) هنن

کي عقل آهي پر ان کان سمجهڻ جو ڪم نٿا وٺن، هنن کي اکيون آهن پر انهن کان ڏسڻ جو ڪم نٿا وٺن، هنن کي ڪن آهن پر انهن کان ٻڌڻ جو ڪم نٿا وٺن، هو (عقل ۽ حواسن جو استعمال وڃائي) چوپائين جانورن جهڙا ٿي ويا، بلڪ انهن کان ب وڌيڪ گمراهه ٿيا. اهڙائي ماڻهو آهن جي غفلت ۾ غرق ٿي ويا آهن. (۱۸۰) ۽ (ڏسو) حسن ۽ خوبي جا نالا (يعني سپ چگيون صفتون) الله لاءِ آهن، تنهن ڪري توهان انهن ٿي نالن سان ڪيس پڪاريو ۽ جيڪي ماڻهو سندس نالن ۾ ڏنگايون ڦڏايون يا ناپاڪايون گڏين ٿا (يعني اهڙيون صفتون گهڙين ٿا جي سندس جمال ۽ پاڪائيءَ جي خلاف آهن) تن کي سندن حال تي ڇڏي ڏي. اهي جلد پنهنجي ڪئي جو ڦل پائيندا. (۱۸۱) ۽ جن ماڻهن کي اسان پيدا ڪيو آهي تن ۾ بيشڪ اهڙو ٽولو ب آهي جو ماڻهن کي سچائيءَ جي واٽ ڏيکاري ٿو ۽ سچائيءَ سان انهن ۾ انصاف ب ڪري ٿو

رکوع ۲۳ آيت ۱۸۲ ـ تا ـ ۱۸۸

منڪرن ۽ گنهگارن کي درجي بدرجي سزا ملندي

(۱۸۲) ۽ جن ماڻهن اسان جي نشانين کي ڪوڙو ٺهرايو تن کي اسان درجي بدرجي (آخر نتيجي تائين) وٺي ويندا سين، اهڙيءَ طرح جو هنن کي خبر ب نه پوندي. (۱۸۳) اسان کين مهلت ٿا ڏيون (يعني اسان جي قانون مطابق نتيجا درجي بدرجي ظاهر ٿا ٿين) ۽ اسان جي مخفي تدبير بلڪل مضبوط ۽ اٽ گس آهي. (۱۸٤) ڇا ماڻهو غور ۽ فڪر ب نٿا ڪن. سندن رفيق (يعني پيغمبر اسلام نبوت ملڻ کان اڳ ڇاليهه سال منجهن گذاريو ۽ سندن عقل ۽ اخلاق ڏٺائون، هاڻي هو ڪيئن ٿا چئي سگهن ته هن کي) چريائي اچي جهليو آهي. (سندس عملن مان کين يقين اچڻ گهرجي ته) هو سواءِ هن جي ٻيو ڇا ٿي سگهي ٿو ته (انڪار ۽ بدعملي جي سزا بابت) ڪليءَ طرح خبردار ڪرڻ وارو آهي. (۱۸۵) پوءِ ڇا اهي ماڻهو آسمان ۽ زمين جي بادشاهي ڏانهن ۽ جيڪي جيڪي خدا خلقيو آهي تنهن ڏانهن غور جي نظر سان نٿا ڏسن؟ ۽ پڻ هن ڳالهه تي غور نٿا ڪن جا بلڪل ممڪن آهي ته سندس (مقرر) وقت ويجهو اچي ويو آهي؟ (جيڪڏهن اهي ڳالهيون ب هنن کي غور ڪرڻ لاءِ تيار نه ٿيون ڪن ته) پوءِ ڪهڙي ڳالهه ٿي سگهي ٿي جنهن تي هن کان پوءِ ايمان آڻيندا؟ (۱۸٦) (ياد رکو ته) جهن جي لاءِ الله تعاليٰ (حق جي) راهه گم ڪري ڇڏي (يعني خدائي فطرت جي قانون موجب پنهنجي سمجهه پاڻ وڃائي ڇڏي) تنهن جي لاءِ ٻيو ڪوب واٽ ڏيکارينڊڙ ڪونهي. خدا (جي قانون) هن کي ڇڏي ڏنو آهي ته پنهنجي سرڪشيءِ ۾ ٽپڪندا رهن. (۱۸۷) (اي پيغمبر!) ماڻهو توکان (قيامت جي) اچڻ واري وقت بابت پڇن ٿا ته آخر اها ڪڏهن ايندي؟ تون چئو ته، ان جو علم ته منهنجي پروردگار کي آهي. اهوئي آهي جو ان کي ان جي وقت تي ظاهر ڪندو. اهو وڏو پاري حادثو آهي جو آسمانن ۽ زمين ۾ واقع ٿيندو. اهو (واقعو) اوهان تي اوچتو اچي ڪڙڪندو. (اي پيغمبر!) اهي ماڻهو توکان اهڙيءَ طرح ٿا پڇن جو ڄڻ ته

تون ان (قيامت جي اچڻ) لاءِ وڏي شوق سان نهاري رهيو آهين. تون کين ٻڌاءِ تہ حقيقت هيءَ آهي تہ ان جو علم فقط الله کي آهي. پر اڪثر ماڻهو اهڙا آهن جي هن حقيقت کان بي خبر آهن. (۱۸۸) (اي پيغمبر! تون ماڻهن کي هي ٻ) چئوتہ، منهنجو حال تہ اهو آهي جو پنهنجي جان جو نفعو نقصان ٻ منهنجي اختيار ۾ ناهي. اهوئي ٿئي ٿو جيڪي خدا چاهي ٿو. جيڪڏهن مون کي غيب جو علم هجي ها تہ ضرور ائين کيان ها جو گهٽائي نفعا ۽ فائدا پنهنجي لاءِ حاصل کيان ها، ۽ (زندگيءَ ۾) کوئي ايذاءُ يا تڪليف مون کي نہ پهچي ها. مان هن کان سواءِ ٻيو ڇا آهيان تہ مڃڻ وارن لاءِ خبردار ڪرڻ وارو ۽ خوشخبري ڏيڻ وارو آهيان.

رکوع ۲٤ آيت ۱۸۹ ـ تا ـ ۲۰٦

عرب جا مشرڪ ڪنهن گهرج يا مصيبت وقت خدا کي پڪارندا هئا، پر مراد پوري ٿيڻ کان پوءِ سمجهندا هئا تہ اسان جي آستائن ۽ بتن اسان جي مراد پوري ڪئي.

(۱۸۹) اهوئي (اوهان جو پروردگار) آهي جنهن هڪ جان (آدم) مان اوهان کي پيدا ڪيو ۽ انهيءَ جي جنس مان سندس جوڙو (حوا) ٺاهيو، انهيءِ لاءِ تہ سندس صحبت ۾ آرام ۽ خوشي حاصل ڪري. پوءِ جڏهن مرد عورت سان همبستر ٿئي ٿو تڏهن عورت کي پيٽ ۾ ٻار ٿئي ٿو. پهرئين حمل جو ٻار هلڪو ٿو ٿئي ۽ ان سان گهمندي ڦرندي وقت گذاري ٿي، پر جڏهن ٻار ڳورو ٿئي ٿو (۽ ويم جو وقت ويجهو اچي ٿو) تڏهن ٻئي زال مڙس خدا کان، جو سندس پرورش ڪندڙ آهي دعا گهرن ٿا تہ: اي خدا! اسان ٻئي تنهنجا شڪرگذار رهنداسين، جيڪڏهن اسان کي هڪ تندرست ٻار عطا فرمائيندين. (۱۹۰) پوءِ جڏهن خدا هنن کي هڪ تندرست ٻار عطا فرمايو تڏهن جيڪي خدا هنن کي ڏنو تنهن ۾ ٻين هستين کي شريڪ ٺهرائڻ لڳا (يعني چوڻ لڳا تہ، فلاڻي ديوتا يا آستان اسان تي پلائي ڪئي آهي) سو (ياد رکو تہ) اهي ماڻهو جيڪي شرڪ جون ڳالهيون ڪن ٿا تن کان الله جي ذات گهڻو بلند (۽ پاڪ) آهي. (۱۹۱) اهي ماڻهو ڪهڙين هستين کي (خدا سان) شريڪ ٺهرائين ٿا؟ ڇا اهڙين هستين کي جي ڪا ٻ شيءِ پيدا ڪري نٿا سگهن ۽ خود پاڻ ٻ ڪنهن ٻئي جا پيدا ڪيل آهن؟ (۱۹۲) هنن (ديوتائن) ۾ نڪي اها طاقت آهي جو انهن (ماڻهن) کي مدد ڪري سگهن، نڪي اها طاقت اٿن جو پاڻ کي ئي مدد پهچائي سگهن. (۱۹۳) جيڪڏهن توهان هنن کي سڏيءَ وات ڏي سڏيو، تہ هو توهان جي پٺيان قدم نہ کڻندا. ۽ توهان هنن کي سڏيو يا چپ رهو ٻنهي حالتن جو نتيجو اوهان جي لاءِ هڪ جهڙو ٿيندو (يعني هو اوهان ڏي ڪونہ ايندا ۽ ايمان ڪونہ آڻيندا.) (۱۹٤) (نادانؤ!) توهان خدا کان سواءِ جن هستين کي پڪاريو ٿا اهي تہ اوهان وانگر خدا جا ٻانها آهن، جيڪڏهن توهان (پنهنجي هن وهم ۾) سچا آهيو تہ (هنن ۾ ٻين انسانن کان وڌيڪ طاقتون آهن) تہ پوءِ (پنهنجي گهرجن پورين ڪرڻ لاءِ) هنن کي سڏيو ۽ هو توهان جي سڏ جو جواب تہ ڏين! (۱۹۵)

چا هن (بتن) کي پير آهن جن سان هلي سگهن؟ کين هٿ آهن جن سان کا شيءِ جهلي سگهن؟ کين اکيون آهن جن سان ڏسي سگهن؟ کين ڪن آهن جن سان ٻڌي سگهن؟ (اي پيغمبر!) انهن ماڻهن کي چئو تہ (جيڪڏهن توهان جا ڏهرايل شريڪ اوهان جي مدد ڪري ٿا سگهن تہ) انهن پنهنجن شريڪن کي (خوب) پڪاريو، پوءِ (منهنجي خلاف سڀ) مخفي تدبيرون عمل ۾ آڻيو ۽ مون کي (پنهنجي عقل موجب) ذرو بہ مهلت نہ ڏيو. (پوءِ ڏسو تہ نتيجو چا ٿو نڪري). (۱۹۶) منهنجو ڪارساز تہ بس الله آهي جنهن هيءُ ڪتاب نازل فرمايو ۽ اهوئي آهي جو نيڪ انسانن جي ڪارسازي ٿو ڪري. (۱۹۷) توهان الله کان سواءِ جن کي پڪاريو ٿا سي نڪي توهان جي مدد ڪري ٿا سگهن، نڪي پنهنجي ئي مدد ڪرڻ جي طاقت اٿن. (۱۹۸) (اي پيغمبر!) جيڪڏهن تون انهن ماڻهن کي سڌي رستي ڏانهن سڏين تہ هو ڪڏهن بہ تنهنجو سڏ نہ ٻڌندا. تو کي اڻين ٿو ڏسڻ ۾ اچي تہ هو تنهنجي طرف نهاري رهيا آهن، پر حقيت هيءَ آهي تہ هو تو کي ڪوبہ ٿا ڏسن (۽ سمجهن). (۱۹۹) (بهرحال) نرمي ۽ درگذر کان ڪم وٺ، نيڪيءَ جو حڪم ڏي ۽ جاهلن کان مڙي لنگهہ. (۲۰۰) ۽ جيڪڏهن شيطان جي طرف کان کو (خراب) وسوسو تون محسوس ڪرين تہ الله جي طرف متوجهہ ٿي وڃ ۽ سندس پناهہ گهر. بيشڪ هو (سڀ ڪجهہ) ٻڌندڙ ۽ ڄاڻندڙ آهي. (۲۰۱) بيشڪ جيڪي ماڻهو متقي آهن (يعني خدا جو خوف رکندڙ آهن تن کي) جيڪڏهن شيطان جي وسوسي وجهڻ سان کو خيال (گناه ڪرڻ جو) اچي وڃي ٿو تہ هڪدم خبردار ٿي ٿا وڃن (۽ خدا جي يادگيري اچي ٿي وڃين) ۽ پوءِ (غفلت جو پردو هٽي ٿو وڃي ڇڏ تہ) هنن جون اکيون بروقت کلي وڃن ٿيون. (۲۰۲) پر جيڪي ماڻهو شيطانن جا پائر آهن تن کي اهي (شيطان) گهلي وڃي ٿا گمراهيءَ (جي ڪڏ) ۾ وجهن، پوءِ اهي ان گمراهي (۽ گناهن) ۾ ذرو بہ گهٽتائي نٿا ڪن. (۲۰۳) ۽ (اي پيغمبر!) جڏهن تون هنن ڪافرن وٽ ڪا نشاني (آيت) نٿو آڻين تڏهن هو تو کي چون ٿا تہ چو نہ تو کا نشاني پسند ڪري چونڊي آندي؟ (يعني چو نہ پاڻ ٺاهي ورتئي؟) تون کين چئو تہ، حقيقت فقط هيءَ آهي تہ جيڪي منهنجي پروردگار جي طرفان مون وٽ وحي اچي ٿو تنهن جي پيروي ٿو ڪريان (پنهنجون ڳالهيون ڪوبہ ٿو ٺاهيان) هي (قرآن) توهان جي پروردگار وٽان (سچن) دليلن ۽ ثابتين جو سرمايو آهي ۽ جيڪي بہ ماڻهو ايمان رکندڙ آهن تن جي لاءِ هدايت ۽ رحمت آهي. (۲۰۴) (اي مسلمانو!) جڏهن بہ قرآن مجيد پڙهيو وڃي تڏهن دل لڳائي ٻڌندا ڪريو ۽ خاموش رهندا ڪريو تہ، اوهان تي الله تعاليٰ جي رحمت ٿئي. (۲۰۵) ۽ (اي پيغمبر!) پنهنجي پروردگار کي صبح شام (يعني هر وقت) ياد ڪندو ڪر، دل ئي دل ۾ عاجزي ۽ نياز سان ۽ ڊڄندڙ دل سان ۽ زبان سان بہ آهستي آهستي (دعا گهرندو ڪر يا قرآن پڙهندو ڪر) پر نہ وڏي آواز سان ۽ اڻين نہ ڪجانءِ جو غافلن منجهان ٿي پئين. (۲۰۶) جيڪي الله وٽ (مقرب) آهن، سي ڪڏهن بہ تڪبر ڪري سندس بندگيءَ کان منهن نٿا موڙين. اهي سندس پاڪائي ۽ شان ڳائين ٿا ۽ سندس ئي اڳيان سجدي ۾ جهڪن ٿا.

سورت انفال (لڙائيءَ ۾ هٿ آيل غنيمت جو مال)

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي.

رکوع ۱ آيت ۱ ـ تا ـ ۱۰

سچا مؤمن اهي آهن جيڪي جڏهن الله جو نالو ٻڌن تڏهن سندن دلين تڙڪي وڃن.

(۱) (اي پيغمبر!) ماڻهو تو کان غنيمت جي مال بابت پڇن ٿا (تہ ڪيئن ورهائجي؟) تون کين چئو تہ، غنيمت جو مال دراصل الله ۽ ان جي رسول جو آهي. (يعني الله ۽ رسول کي ئي فيصلو ڪرڻو آهي) پوءِ جيڪڏهن توهان سچا مؤمن آهيو تہ توهان کي گهرجي تہ (ان مال بابت پاڻ ۾ جهڳڑا نہ ڪيو) الله کان ڊجو، پنهنجا هڪ ٻئي سان معاملا درست رکو ۽ الله ۽ سندس رسول جي فرمانبرداريءَ ۾ محڪم رهو. (۲) مؤمن جو شان تہ هي آهي جو جڏهن الله جو ذڪر ڪيو وڃي ٿو (يا نالو ورتو وڃي ٿو) تڏهن سندن دليون دهلجي ٿيون وڃن ۽ جڏهن سندس آيتون کين پڙهي ٻڌائجن ٿيون تڏهن سندن ايمان کي وڌيڪ پڪو ڪري ٿيون ڇڏين، ۽ هو هر حال ۾ پنهنجي پروردگار تي (پنهنجي فرض ادائي ڪرڻ بعد) پورو پروسو رکن ٿا. (۳) جيڪي نماز قائم ڪن ٿا ۽ جيڪي جيڪي اسان کين ڏنو آهي تنهن مان (ڪجهہ حصو اسان جي راهہ ۾ ٻہ) خرچ ڪن ٿا. (٤) بيشڪ اهڙائي ماڻهو حقيقي مؤمن آهن، انهن جي لاءِ سندن پروردگار وٽان مرتبا ۽ درجا آهن ۽ بخشائش ۽ عزت جي روزي آهي. (۵) (هن غنيمت جي معاملي کي ٻہ اهڙوئي سمجهو) جهڙئيءَ طرح (بدر جي جنگ ۾) هيءَ ڳالهہ ٿي هئي جو تنهنجي پروردگار سچائي سان (حق جي راهہ ۾) تو کي گهر کان ٻاهر آندو هو ۽ هيءَ سچي ڳالهہ آهي تہ مؤمنن جي هڪڙي ٽولي هن ڳالهہ ۾ (يعني ڪافرن جي لشڪر سان وڙهڻ ۾) بلڪل ناراض هئي. (٦) اهي (ناراض ٽوليءَ وارا) توسان حق جي ڳالهہ ۾ جهڳڙو ڪرڻ لڳا، اگرچہ معاملو صاف ظاهر ٿي چڪو هو (تہ هڪ هزار ڪافر مديني تي ڪاهڻ لاءِ اچي رهيا هئا، اهي مسلمان لڙائي ڪرڻ کان ايتري قدر ٿي ڊڄڪيا جو) جڙ تہ کين زور سان موت جي منهن ۾ ڌڪيو پيو ويو ۽ هو (پنهنجو موت پنهنجي اکين سان) ڏسي رهيا هئا. (۷) ۽ (اي مسلمانو! اهو وقت ياد ڪريو) جڏهن الله اوهان سان واعدو ڪيو هو تہ (دشمن جي) ٻن جماعتن مان هڪ ضرور اوهان جي هٿ ايندي ۽ اوهان جو حال هي هو جو چاهيو ٿي تہ جنهن جماعت ۾ وڙهڻ جي طاقت ڪانهي (يعني قافلي واري) سا هٿ اچي وڃي، پر خدا تہ چاهيو ٿي تہ پنهنجي واعدي موجب حق کي ثابت (۽ پائدار) ڪري، ۽ حق جي دشمنن جون پاڙون پٽي وڌي ڇڏي. (۸) اهو انهيءَ لاءِ تہ (الله تعاليٰ) حق کي حق (يعني ثابت ۽ پائدار) ڪري ڏيکاري ۽ باطل کي باطل ڪري ڏيکاري (يعني ڪوڙ کي ناڪامياب ۽ فنا ڪري ڇڏي) اگرچہ (ظلم ۽ فساد ڪندڙ) گنهگار ائين ٿيڻ پسند نہ ڪن. (۹) (۽ اهو وقت ٻہ ياد رکو) جڏهن توهان (بدر جي جنگ جي

موقعي تي) پنهنجي پروردگار وٽ پڪار ڪئي هئي تہ، اسان جي مدد ڪر ۽ هن اوهان جي پڪار پڌي هئي، هن چيو هو تہ، مان هڪ هزار فرشتن سان جي هڪ پئي پٺيان ايندا توهان جي مدد ڪندس. (۱۰) ۽ الله جو اها ڳالهہ ڪئي سو سندس مقصد سواءِ هن جي ڪجهہ نہ هو تہ (توهان جي لاءِ) خوشخبري ٿئي ۽ اوهان جون (هراسيل) دليون تسلي ۽ قرار حاصل ڪن، نہ تہ مدد تہ (هر حال ۾) الله ئي جي طرف کان آهي. بيشڪ هو (سيني تي غالب پوڻ وارو ۽ پنهنجي سيني ڪمن ۾) حڪمت رکڻ وارو آهي.

رکوع ۳ آيت ۱۱ ـ تا ـ ۱۹

جيڪي الله جي راهہ ۾ نڪري پوندا تہ الله بہ اڏهن لاءِ رحمت جا دروازا کولي ڇڏي ٿو.

(۱۱) (اهو وقت ياد ڪيو) جڏهن الله تعاليٰ اوهان تي ڇانئجي ويندڙ ننڊ آندي، جا ننڊ خدا جي طرفان اوهان لاءِ تسلي ۽ بي ڊپائيءَ جو سبب بڻجي پئي ۽ الله تعاليٰ آسمان مان اوهان تي مينهن وسايو انهيءَ لاءِ تہ اوهان کي پاڪ ۽ صاف ٿيڻ جو موقعو ڏئي ۽ اوهان مان شيطان (جي وسوسن) جي ناپاڪائي کڄي ڇڏي. پڻ توهان جون دليون ڳنڍي مضبوط ڪري ڇڏي ۽ (واريءَ تي) اوهان جا قدم ان مينهن جي وسيلي جمائي. (۱۲) (اي پيغمبر! هي اهو وقت هو) جڏهن تنهنجي پروردگار فرشتن تي وحي نازل ڪيو تہ مان اوهان سان آهيان (يعني منهنجي مدد توهان سان آهي) پوءِ مؤمنن کي محڪم ۽ ثابت قدم رکو. جلدئي مان ڪافرن جي دلين ۾ (مؤمنن جي) دهشت وجهندس تنهن ڪري (اي مسلمانو!) هنن جي گردنن تي (تلوار جا) ڏڪ هڻو ۽ هنن جي هٿن ۽ پيرن جي هرهڪ آگر تي ڏڪ لڳايو. (۱۳) ۽ هي (هلت) هن ڪري (ڪيو) جو هنن الله ۽ سندس رسول جي مخالفت ڪئي ۽ جيڪو بہ الله ۽ سندس رسول جي مخالفت ڪندو تہ پوءِ ياد رکو تہ الله تعاليٰ (کين سندن عملن جي بدلي ۾) سخت سزا ڏيڻ وارو آهي. (۱٤) (اي حق جا دشمنؤ!) هيءَ آهي سزا اوهان جي لاءِ، پوءِ پوڳيو اها سزا ۽ يقين ڄاڻو تہ حق جي منڪرن لاءِ دوزخ جي باهہ جو عذاب بہ اڇٽو آهي. (۱۵) مؤمنؤ! جڏهن ڪافرن جي لشڪر سان اوهان جو مقابلو ٿئي (يعني هو اوهان تي چڙهي اچن ۽ اوهان کي ساڻن وڙهڻو پوي) تڏهن هنن کي هرگز پٺي نہ ڏيکار جو (يعني متان ڊڄي پوئتي پيڇو). (۱٦) ۽ جيڪو بہ اهڙي موقعي تي پٺي ڏئي پڇندو تنهن بابت سمجهيو تہ هو خدا جي غضب هيٺ اچي ويو ۽ هن جو ٺڪاڻو دوزخ ٿيو. (۽ هن جو ٺڪاڻو دوزخ ٿيو تہ پوءِ) کهڙي نہ خراب جاءِ آهي، پر جيڪو لڙائي جي مصلحت لاءِ هٿي وڃي يا (پنهنجي ٽولين مان) ڪنهن ٽوليءَ سان جاءِ وٺڻ چاهي (۽ انهن مقصدن لاءِ هڪ جاءِ کان هٿي ٻي جاءِ ڏي وڃي تہ پوءِ جائز آهي.) (۱۷) (ٻئاڪ نہ هٽجو ياد رکو تہ) توهان هنن کي (جنگ ۾) قتل نہ ڪيو پر خود خدا هنن کي قتل ڪيو ۽ (اي پيغمبر!) جڏهن تو (جنگ جي ميدان ۾ منيءَ سان مٺ ڀري ڪافرن ڏانهن) اڇلائي هئي تڏهن حقيقتاً تو کين اڇلائي هئي پر

خدا اچلائي هئي ۽ اهو هن کري ٿيو هو ته ان جي وسيلي ايمان وارن کي هڪڙي چگي آزمائش ۾ وجهي آزمائي. بيشڪ الله تعالي! ٻڌندڙ ۽ ڄاڻندڙ آهي. (۱۸) هي سڀ ته ٿي چڪو (جو بدر ۾ ڪافرن کي شڪست آئي) هاڻي (هي به ٻڌي ڇڏيو ته) الله تعاليٰ يقيناً ڪافرن جي مخفي تدبيرن کي به (جيڪي هو اسلام کي روڪڻ لاءِ ڪري رهيا آهن) ڪمزور ڪري ڇڏڻ وارو آهي. (۱۹) (اي مڪي جاسردارؤ!) جيڪڏهن توهان سوپ جا طلبگار هئو ته ڏسي ورتو ته سوپ توهان جي سامهون اچي ويئي. (يعني فتح مؤمنن کي ملي) ۽ جيڪڏهن (آئنده لڙائيءَ کان) باز اچو ته ان ۾ توهان جي لاءِ بهتري آهي ۽ جيڪڏهن وري اها هلت (وڙهڻ واري) وٺندؤ ته اسان به اهائي هلت وٺنداسين ۽ ياد رکو ته اوهان جو لشڪر توهان جي ڪجهه به ڪم نه ايندو، اگرچه گهڻا ماڻهو گڏ ڪيو. يقيناً الله تعاليٰ مؤمنن سان آهي. (ڪين مدد ڪندو ۽ اوهان ڪافر نيٺ مغلوب ٿيندؤ).

رڪوع ۳ آيت ۲۰ ـ تا ـ ۲۸

مال ۽ اولاد اوهان جي آزمائش لاءِ آهن، متان انهن جي خاطر بدفضيلتا ٿي وڃو

(۲۰) مؤمنؤ! الله ۽ سندس رسول جي فرمانبرداري ڪيو. ان کان منهن نه موڙيو، جڏهن ته توهان (حق جو سڏ) ٻڌي رهيا آهيو. (۲۱) ۽ انهن ماڻهن (اهل ڪتاب) وانگر نه ٿيو، جن (زبان سان ته) چيو ته، اسان ٻڌو پر حقيقت هيءَ آهي ته هو ڪونه ٻڌندا هئا. (يعني نڪي غور ۽ فڪر ڪندا هئا، نڪي تعميل ڪندا هئا). (۲۲) يقيناً الله تعاليٰ جي نظر ۾ سڀني کان وڌيڪ خراب اهي (انسان) آهن جي ٻوڑا ۽ گونگا آهن جي ڪجهه به نٿا سمجهن. (۲۳) ۽ جيڪڏهن الله تعاليٰ هنن ۾ ڪجهه به پلائي ڏسي ها (يعني فهم ۽ حق جي قبوليت جو مادو ڏسي ها) ته ضرور هنن کي ٻڌرائي ها، ۽ جيڪڏهن هنن کي ٻڌرائي ته به نتيجو هي نڪرندو جو هو منهن موڙي ڇڏيندا (يعني نڪي مڃيندا، نڪي عمل ڪندا) هو (ايمان کان) ڦري وڃڻ وارا آهن. (۲٤) مؤمنؤ! الله ۽ سندس رسول جو سڏ اونايو، جڏهن هو اوهان کي سڏي. انهيءَ لاءِ ته توهان کي (روحاني موت جي حالت مان ڪڍي) زندهه ڪري ڇڏي ۽ ڄاڻو ته (اڪثر وقتن تي چا ٿو ٿئي جو) الله تعاليٰ (پنهنجي ٺهرايل قانون ۽ سببن جي وسيلي) انسان ۽ سندس دل جي وچ ۾ حائل ٿي ٿو وڃي، ۽ پڻ ڄاڻو ته آخر سندس ئي حضور ۾ گڏ ڪري آندا ويندؤ. (۲۵) ۽ انهيءَ فتني کان (خبرداريءَ سان) پاڻ کي بچائيندا رهو جو فتنو جيڪڏهن ايندو ته ان جي چوٽ رڳو ظلم ڪندڙن کي نه لڳندي ۽ ڄاڻو ته الله تعاليٰ (بدعملن جي) سزا ڏيڻ ۾ سخت آهي. (۲٦) ۽ اهو وقت ياد ڪريو جڏهن (مڪي ۾) اوهان (مسلمانن) جو تعداد تمام ٿورو هو ۽ توهان ملڪ ۾ ڪمزور سمجهيا ٿي ويؤ. توهان انهيءَ وقت ڊڄندا هئو ته متان (زبردست دشمن) ماڻهو اوهان کي اڏائي کڻي نه وڃن. پوءِ الله تعاليٰ اوهان کي (مديني ۾) پناهه ڏني، پنهنجي مددگاريءَ سان اوهان کي طاقت ڏني ۽ چگيون شيون ڏٺي رزق جو سامان مهيا ڪيو. انهيءَ لاءِ توهان شڪرگذار رهو (۽ خدا جي نعمتن جو قدر ڪيو.)

(۲۷) مؤمنؤ! ائين نہ ڪجو جو الله ۽ سندس رسول سان خيانت ڪيو. هڪ ٻئي جي امانتن ۾ خيانت ڪيو ۽ توهان هن ڳالهہ کان ناواقف ڪونہ آهيو. (۲۸) ۽ ياد رکو تہ توهان جو مال ۽ توهان جو اولاد (اوهان جي لاءِ) هڪ آزمائش آهي (۽ هيءَ ڳالهہ بہ نہ وسارجو تہ) الله ئي آهي جنهن وٽ (نيڪي ڪندڙن لاءِ) وڏو اجر (۽ نعمتون) آهن.

رکوع ٤ آيت ۲۹ ـ تا ـ ۳۷

خدا کان خوف رکڻ سان حق ۽ باطل ۾ فرق ڪرڻ ۽ سمجهڻ جي قوت پيدا ٿئي ٿي.

(۲۹) مؤمنؤ! جيڪڏهن توهان خدا کان ڊجندا رهو (۽ سندس نافرماني کان بچو) تہ پوءِ هو توهان جي لاءِ (حق ۽ باطل ۾) فرق ڪرڻ ۽ سمجهڻ جي قوت پيدا ڪندو ۽ اوهان منجهان اوهان جون برايون ڪيڙي ڇڏيندو ۽ اوهان کي بخشيندو. (ياد رکو تہ) الله تعاليٰ تہ تمام وڏو فضل ڪندڙ آهي. (۳۰) ۽ (اي پيغمبر!) اهو وقت ياد ڪر جڏهن (مڪي ۾) ڪافر تنهنجي خلاف پنهنجين مخفي تجويزن ۾ مشغول هئا، انهيءَ لاءِ تہ تو کي گرفتار ڪن يا قتل ڪن يا ملڪ ڪيڪالي ڏين ۽ (جڏهن) هو پنهنجون مخفي تجويزون ڪري رهيا هئا (تڏهن) الله تعاليٰ بہ پنهنجون مخفي تجويزون ڪري رهيو هو ۽ الله تعاليٰ بهتر تجويزون ڪندڙ آهي. (۳۱) ۽ جڏهن اسان جون آيتون هنن (ڪافرن) کي پڙهي ٻڌائجن ٿيون تڏهن هو چون ٿا تہ هائو، اسان ٻڌيون. جيڪڏهن اسان چاهيون تہ اسان بہ اهڙيون ڳالهيون ڪري سگهون ٿا. اهي ڳالهيون سواءِ هن جي ڇا آهن تہ گذري ويل ماڻهن جا لکيل داستان آهن. (۳۲) ۽ (اي پيغمبر! اهو وقت بہ ياد ڪر) جڏهن (مڪي جي ڪافرن) چيو هو تہ، اي خدا! جيڪڏهن هيءَ ڳالهہ (يعني اسلام جي دعوت) تنهنجي طرف کان حق آهي تہ اسان تي پٿرن جو مينهن وساءِ يا اسان کي (ڪنهن ٻئي) دردناڪ عذاب ۾ مبتلا ڪر. (۳۳) پر الله تہ ائين ڪرڻ وارو نہ هو جو تون انهن ۾ موجود هجين ۽ انهن کي عذاب ۾ وجهي ۽ الله ائين بہ ڪرڻ وارو نہ هو جو هنن کي عذاب ۾ وجهي ۽ هو معافي گهري رهيا هجن. (۳٤) پر (هاڻي جڏهن هنن تو کي مڪو ڇڏڻ تي مجبور ڪيو آهي تڏهن) ڪهڙي ڳالهہ رهجي وئي آهي جو الله کين عذاب نہ ڏئي، حالانڪ هو ڪعبة الله کان مسلمانن کي روڪي رهيا آهن ۽ حقيقت هيءَ آهي تہ هو ان جا متولي ٿيڻ جا لائق ئي نہ آهن، ان جا متولي جيڪڏهن ٿي سگهن ٿا تہ اهي ئي ٿي سگهن ٿا جيڪي متقي (پرهيزگار) هجن (نہ فسادي ۽ ظالم) پر هنن مان گهڻن کي (هن حقيقت جي) خبر ڪانهي. (۳۵) ۽ ڪعبي جي گهر ۾ هنن جي نماز سواءِ هن جي ٻيو ڇا هئي تہ سيٽيون وڄائن ۽ تاڙيون هڻن، پوءِ جيڪو ڪفر توهان ڪيو ٿا (تنهن جي بدلي ۾) عذاب جو مزو چکو. (۳٦) جن ماڻهن ڪفر جي واٽ ورتي آهي سي پنهنجو مال ملڪيت انهيءَ لاءِ خرچ ڪري رهيا آهن تہ ماڻهن کي خدا جي راهہ کان روڪين. اهي ماڻهو آئنده بہ (اهڙيءَ طرح) خرچ ڪندا رهندا، پر پوءِ (اهو وقت ايندو جڏهن انهيءَ خرچ ڪرڻ تي) هنن کي ڏاڍو ارمان ٿيندو ۽ پوءِ (آخر) هو

مغلوب ڪيا ويندا (يعني هو تباهه ٿيندا ۽ مسلمان مٿن غالب پوندا) ۽ (ياد رکو تہ) جن ماڻهن ڪفر جي واٽ اختيار ڪئي (۽ پڇاڙيءَ تائين ان تي قائم رهيا) تن کي دوزخ ڏي هڪالیو ويندو. (۳۷) ۽ اهو هن لاءِ ٿيندو تہ الله تعاليٰ ناپاڪ (روحن) کي پاڪ (روحن) کان جدا ڪري ڇڏي ۽ جيڪي ناپاڪ آهن تن مان ڪن کي ڪن سان ملائي ڇڏي، پوءِ سڀني کي (سندن بدحال ۾) جمع ڪري، پوءِ (قيامت جي ڏينهن) انهن کي دوزخ جي حوالي ڪري. اهي ئي ماڻهو آهن جيڪي سراسر تباهه ٿيڻ وارا آهن.

رکوع ۵ آيت ۳۸ ـ تا ـ ٤٤

ڪافرن کي امن ۽ صلح جي دعوت ۽ اڳين زيادتين کي معاف ڪرڻ جو وعدو

(۳۸) (اي پيغمبر!) جن ماڻهن ڪفر جي واٽ ورتي آهي تن کي چئي ڏي تہ جيڪڏهن توهان (هاڻي دشمنيءَ کان) باز اچو تہ جيڪي ٿي گذريو سو توهان کي معاف ڪيو ويندو، پر جيڪڏهن هو پوءِ بہ (ظلم ۽ لڙائي جي طرف) موٽن تہ (انهيءَ باري ۾) اڳوڻن جو طريقو ۽ ان جو نتيجو گذري چڪو آهي (۽ سڀني کي معلوم آهي تہ ظلم جو نتيجو آهي ظالمن جي تباهي. اهوئي نتيجو هنن مڪي جي ڪافرن کي بہ پيش ايندو.) (۳۹) ۽ (اي مسلمانو! هاڻي توهان جي لاءِ فقط هي چارو رهيو آهي تہ) هنن ڪافرن سان تيستائين لڙندا رهو، جيستائين ظلم ۽ فساد باقي نہ رهي ۽ دين جو سڄو معاملو الله ئي جي لاءِ ٿي وڃي (يعني دين جي آزادي هجي ۽ انسان جو ظلم ان ۾ دخل نہ ڏئي) پوءِ جيڪڏهن اهي ڪافر (جنگ کان) باز اچن تہ پوءِ جيڪي جيڪي هو ڪن ٿا تنهن کي خدا ڏسي ٿو پيو. (٤۰) ۽ جيڪڏهن (صلح جي هن آخر دعوت کان بہ) منهن موڙين تہ ياد رکو تہ، الله تعاليٰ اوهان (مسلمانن) جو رفيق ۽ ڪارساز آهي (۽ جنهن جو رفيق الله هجي تہ) کهڙو نہ چگو رفيق ۽ ڪارساز آهي ۽ کهڙو نہ چگو مددگار.

حصو ڏهون

(٤١) ۽ ڄاڻي ڇڏيو ته اوهان کي جيڪو غنيمت جو مال هٿ اچي تنهن جو پنجون حصو الله ۽ الله جي رسول لاءِ ۽ (رسول جي) مائٽن لاءِ، يتيمن جي لاءِ، مسڪينن جي لاءِ ۽ مسافرن جي لاءِ آهي (۽ باقي چار حصا مجاهدن ۾ ورهائي سگهجن ٿا) جيڪڏهن توهان الله (جي انهيءَ غيبي مدد) تي يقين ٿا رکو جيڪا مدد اسان فيصلو ڪري ڇڏڻ واري ڏينهن پنهنجي بندي (حضرت رسول ﷺ) تي نازل ڪئي هئي جڏهن ٻه لشکر (بدر وٽ) هڪ ٻئي جي سامهون ٿيا هئا (ته انهيءَ طرح ورهاڱو ڪيو) ۽ (ياد رکو ته) الله جي قدرت کان ڪابه ڳالهه ٻاهر ناهي. (٤٢) هيءُ اهو ڏينهن هو جنهن ڏينهن توهان ماڻريءَ جي ويجهي هنڌ هئو ۽ دشمن جو لشکر ماڻريءَ جي پراهين هنڌ هو ۽ (قريشن جو) قافلو توهان کان هيٺئين حصي ۾ هو (يعني قافلو سمنڊ جو ڪنارو وٺيو نڪري ويو) ۽ جيڪڏهن توهان پاڻ ۾ لڙائي جي ڳالهه ڌهرايو ها ته ضرور جنگ جي وقت، جاءِ تان هٿي وجو ها (پوءِ ته توهان کي دشمنن جي گهٽائيءَ ڪان ڊپ هو ۽ اوهان مان گهٽن جي مرضي هئي قافلي کي لٽڻ جي) پر الله تعاليٰ (پنهنجي لشکرن کي هڪ ٻئي جي مقابل آندو) انهيءَ لاءِ ته جيڪا ڳالهه ٽيٽي هئي سا ڪري ڏيکاري (يعني ڪافرن جي طاقت کي ٽوڙي ڇڏي) پڻ هن لاءِ ته جنهن کي تباهه ٽيٽو آهي سو حجت پوري ٽيڻ بعد تباهه ٿئي ۽ جيڪو زندهه (۽ ڪامياب) ٽيڻ وارو آهي سو به حجت جي پوري ٽيڻ بعد زندهه رهي. (يعني ٻئي ڏريون ڏسن ته حق ڪهڙي طرف آهي ۽ الله تعاليٰ حق کي فتح ڏيندڙ آهي) بيشڪ الله تعاليٰ سڀ ڪجهه ڏسي ۽ ڄاڻي ٿو. (٤٣) ۽ (اي پيغمبر!) هي اهو ڏينهن هو جنهن ڏينهن الله تعاليٰ تو کي خواب ۾ هنن (دشمن ڪافرن) جو تعداد ٿورو ڪري ڏيکاريو (يعني هي ڏيکاريو ته اگرچه ظاهراً گهٽا هوندا، پر وڌهڻ ۾ ٿورا ثابت ٿيندا) ۽ جيڪڏهن الله تعاليٰ هنن (ڪافرن) کي گهٽا ڪري ڏيکاري ها ته توهان (مسلمان) همت هاري وجو ها ۽ انهيءَ معاملي ۾ پاڻ ۾ اختلاف ۽ جهڳڙا ڪيو ها، پر الله تعاليٰ توهان کي (اهڙيءَ حالت کان) بچائي ورتو. يقين ڪيو ته جيڪي به (ماڻهن جي) دلين ۾ لکل آهي سو سندس علم کان لکل ناهي. (٤٤) ۽ (وري ڏسو ته) جڏهن توهان ٻئي لشکر هڪ ٻئي جي مقابل ٿيا هئو، تڏهن الله تعاليٰ هيئن ڪيو جو دشمن اوهان جي نظر ۾ ٿورا ڏسڻ ۾ آيا (يعني اوهان جي دلين ۾ ايمان ۽ ثابت قدميءَ جو روح ڦوڪجي ويو هو) ۽ هنن جي نظر ۾ اوهان ٿورا ڏسڻ ۾ آيؤ) (پوءِ ته ظاهر طرح توهان برابر هنن کان ٿورا هئو) ۽ اهو سڀ الله تعاليٰ هن لاءِ ڪيو ته جيڪا ڳالهه ٽيٽي هئي سا ڪري ڏيکاري ۽ سيني ڪمن (جي فيصلي) جو دارومدار فقط الله تعاليٰ تي آهي.

رکوع ٦ آيت ٤٥ ـ تا ـ ٤٨

الله جي يادگيري / فرمانبرداري ۽ ايمان دلين کي مضبوط ٿا ڪن

(٤٥) اي مؤمنؤ! جڏهن (حملو ڪندڙن جي) ڪنهن ٽوليءَ سان اوهان جو مقابلو ٿئي تڏهن لڙائيءَ

۽ ثابت قدم رهو ۽ الله تعاليٰ کي گهڻو ياد ڪيو. انهيءَ لاءِ ته توهان ڪامياب ٿيو. (٤٦) ۽ الله ۽ سندس رسول جو چوڻ مڃو ۽ پاڻ ۾ جهڳڑا نه ڪيو (بي اتفاقي نه ڪيو، هڪ ٿي وڃو) ائين ڪندؤ (يعني پاڻ ۾ جهڳڑا ڪندؤ ۽ پاڻ ۾ ٻڌي نه ڪندؤ) ته توهان جون دليون هارجي ويندیون ۽ اوهان جي طاقت هلي ويندي ۽ (مشڪلاتن ۽ مصيبتن ۾) صبر ۽ ثابت قدمي اختيار ڪيو (ياد رکو ته) الله تعاليٰ انهن جو ساٿي آهي جي صبر ڪندڙ ۽ ثابت قدم رهندڙ آهن. (٤٧) ۽ (خبردار) انهن ماڻهن جهڙا نه ٿجو جيڪي پنهنجي گهرن مان (لڙائي ڪرڻ لاءِ) آکڙ ڪندي ۽ ماڻهن جي نظرن ۾ نمائش ۽ ڏيکاءُ ڪندي نڪتا ۽ جن جو حال هي آهي جو الله جي راهه کان (سندس بندن کي) روڪين ٿا ۽ (ياد رکو ته) جيڪي به عمل هي ماڻهو ڪن ٿا تن تي الله تعاليٰ (پنهنجي علم ۽ قدرت سان) گهيرو ڪيون ٻيٺو آهي. (٤٨) ۽ اهو (واقعو به ياد رکو جو) شيطان (سراقہ بن مالڪ) هنن جي عملن کي هنن جي نظر ۾ سهڻا ڪري ڏيکاريو هو ۽ چيو هو ته، اڄ ماڻهن ۾ کي به اهڙا ڪوڙ آهن جي توهان تي غالب پئجي سگهن ۽ مان توهان جو پشت پناهه آهيان، پر جڏهن ٻئي فوجون (بدر وٽ) هڪ ٻئي جي مقابل ٿيون تڏهن پٺئين پير واپس ٿيو ۽ چوڻ لڳو ته، مان توهان کان بيزار آهيا. مان اهو ڪجهه ڏسي رهيو آهيان جو توهان نٿا ڏسو. مان خدا کان ڊڄان ٿو ۽ خدا (بدعملن جي بدلي ۾) تمام سخت سزا وارو آهي.

رکوع ۷ آيت ٤٩ ـ تا ـ ٥٨

هر ڪا قوم پنهنجي بلندي ۽ ترقي پنهنجي ئي ايمان ۽ نيڪ عملن وسيلي آڻي ٿي.

(٤٩) ۽ (وري ڏسو ته) منافقن ۽ انهن ماڻهن جن جي دلين ۾ (ايمان جي ڪمزوريءَ جو) مرض هو چيو هو ته، هنن مسلمانن کي سندن دين مغرور ڪري ڇڏيو آهي (يعني دين جو نشو ۽ جوش هنن کي وڏي لشڪر جي مقابلي لاءِ اڀاري رهيو آهي. هنن منافقن کي خبر ناهي ته مسلمانن جو پروسو الله تعاليٰ تي آهي) ۽ جيڪڏهن ڪوبه الله تعاليٰ تي پروسو رکي ٿو ته پوءِ بيشڪ الله تعاليٰ (سندس حمايت ۾) غالب پوڻ وارو ۽ حڪمت وارو آهي. (٥٠) ۽ جيڪڏهن توهان (پنهنجي اکين سان) اها حالت ڏسو جڏهن فرشتا انهن ڪافرن جا روح قبض ڪندا ۽ سندن منهن ۽ پٺيءَ تي ڏڪ هٽندا ۽ (چوندا ته اي ڪافرؤ) هاڻي چکو باهه جي عذاب جو ذائقو (ته پوءِ توهان ڏسندڙن جو ڪهڙو حال ٿئي؟) (٥١) (اي حق جا دشمنؤ!) هي عذاب انهيءَ (بدعمليءَ) جو نتيجو آهي جنهن جو سامان خود اوهان جي هٿن اڳ ئي گڏ ڪري رکيو آهي. (توهان بدعمل ڪري پاڻ تي پاڻ عذاب آندو آهي) الله تعاليٰ ته ڪڏهن به پنهنجي بندن تي ظلم ڪرڻ وارو ناهي. (٥٢) جهڙو دستور فرعون جي ماڻهن جو هو ۽ انهن (فاسقن) جو هو جي انهن کان اڳي ٿي گذريا تهڙو ئي (ظلم ۽ فساد جو) دستور اوهان (مڪي وارن) جو آهي. هنن الله جي نشانين کي نه مڃيو ته الله به سندن گناهن جي ڪري کين پڪڙ ڪئي. بيشڪ الله تعاليٰ وڏي قوت وارو (بدعملن جي) سزا ڏيڻ

۽ تمام سخت آهي. (۵۳) هيءَ ڳالھ هن ڪري ٿي جو الله تعاليٰ جو مقرر قانون آهي تہ جيڪا نعمت هو ڪنهن قوم کي عطا فرمائي ٿو، سا وري ڪڍهن بہ نڏو بدلائي، جستائين انهيءَ قوم جا ماڻهو پاڻ پنهنجي حالت نہ بدلائين). ۽ هن ڪري بہ جو الله تعاليٰ (سپ ڪنهن جي) پڏي ٿو ۽ (سپ ڪجھ) ڇاڻي ٿو. (۵۴) جھڙو دستور فرعون جي ماڻهن جو هو ۽ انهن (فاسقن) جو، جي انهن کان اڳي ٿي گذريا اهڙو ئي دستور (فسق جو) اوهان جو بہ آهي. هنن پنهنجي پروردگار جي نشانين کي ڪوڙو ڏهرايو تہ اسان کين سندن گناهن سبب تباھ ڪري ڇڏيو ۽ فرعون جي ماڻهن کي (سمنڊ ۾) پوڙي ڇڏيو ۽ اهي سڀ ظالم هئا. (۵۵) بيشڪ الله تعاليٰ جي نظر ۾ بدترين چوپايا جانور اهي (انسان) آهن جن ڪفر جي واٽ ورتي. پوءِ اهي ڪڍهن بہ ايمان نہ آڻيندا. (۵۶) (اي پيغمبر!) جن ماڻهن سان تو (صلح جو) عهدنامون ڪيو هو، تن اهو عهدنامو ٽوڙيو ۽ وري وري عهدناما ڪري ٽوڙيندا رهيا ۽ (اهڙي بد هلت جي نتيجن کان) ڊڄن بہ ڪونہ ٿا (نہ خدا کان ٿا ڊڄن نہ انسانن کان). (۵۷) تنهن ڪري (هاڻي گهرجي تہ جھڙي هلت پاڻ وٺن تھڙي تون بہ وٺ) جيڪڏهن تون هنن کي لڙائيءَ ۾ موجود ڏسين تہ کين اهڙي سزا ڏي جو جيڪي ماڻهو هنن جي پٺ ۾ آهن (يعني سندن حمايتي مڪي جا مشرڪ) تن کي پڄندو ڏسي پاڻ بہ پاڄ شروع ڪن ۽ ممڪن آهي تہ (انهيءَ شڪست ۽ سزا مان) عبرت وٺن (۽ آئيندہ لاءِ صلح ۾ رهن). (۵۸) ۽ جيڪڏهن ڪو ٽولو (اهڙي هلت وٺي جو)انهن کان اوهان کي دغا جو انديشو ٿئي تہ اوهان کي گهرجي تہ انهن جو عهدنامو انهن کي اڇلائي ڏيو تہ ٻئي طرف هڪ جھڙي حالت ۾ ٿي وڃن. (يعني ائين نہ ٿئي جو اوچتو عهد ٽوڙي حملي ڪجي جيئن مخالفن کي لڙائي وغيره جي تياريءَ جي مهلت ۽ وقت ئي نہ ملي) ۽ ياد رکو تہ الله تعاليٰ خيانت ڪندڙن کي هرگز پسند نٿو ڪري.

رکوع ۸ آيت ۵۹ ـ تا ـ ۶۴

الله جي دشمنن ۽ پنهنجي دشمنن کان پاڻ کي بچائڻ لاءِ هر وقت جنگ لاءِ تيار رهو.

(۵۹) ۽ جن ماڻهن ڪفر جي واٽ ورتي آهي سي ائين نہ سمجهن تہ بازي کٽي ويا. هو ڪڍهن بہ (حق جي پيروي ڪندڙن کي) عاجز ۽ هيٺو ڪري نہ سگهندا. (۶۰) ۽ (اي مسلمانو!) جيتري قدر ئي ٿي سگهي اوتري قدر پاڻ ۾ قوت پيدا ڪري ۽ گهوڙا (جنگ لاءِ) تيار رکي دشمن جي مقابلي لاءِ پنهنجو (جنگ جو) سامان تيار ڪندا رهو. جو تہ اهڙيءَ طرح تيار رهڻ سان اوهان الله جي دشمن ۽ پنهنجي دشمنن تي پنهنجو ڏاکو ۽ رعب ڄمائيندؤ ۽ پڻ انهن ماڻهن کان علاوه ٻين تي ڏاکو ڄمائيندؤ، جن جي توهان کي خبر ناهي (تہ اوهان جا دشمن آهن) الله تعاليٰ انهن کي ڄاڻي ٿو ۽ (ياد رکو تہ) الله جي راهہ ۾ (يعني جهاد جي تياريءَ ۾) توهان جيڪو بہ خرچ ڪندؤ سو توهان کي پورو پورو ملي ويندو ۽ اوهان جو حق هرگز تلف نہ ڪيو ويندو. (۶۱) ۽ جيڪڏهن (دشمن) صلح جي طرف جهڪن تہ اوهان کي گهرجي تہ اوهان بہ صلح جي طرف جهڪو ۽ (هر حال

ٻ) الله تي ڀروسو رکو (ته) بيشڪ اهوئي الله آهي جو سڀ ڪجهه ٻڌي ٿو ڄاڻي ٿو. (٦٢) ٿ (اي پيغمبر!) جيڪڏهن هنن جو ارادو هي هجي ته توکي ڏوکو ڏين ته (به فڪر ناهي) الله تنهنجي لاءِ ڪافي (مددگار) آهي. اهوئي آهي جنهن پنهنجي مددگاريءَ سان ٿ مؤمنن (جي همراهيءَ) سان تنهنجي تائيد ڪئي (ٿ قوت پيدا ڪري فتح ڏني). (٦٣) ٿ اهوئي آهي جنهن مؤمنن جي دلين ٻ هڪ ٻئي لاءِ الفت ٿ محبت پيدا ڪري ڇڏي. جيڪڏهن تون اهو سڀ ڪجهه خرچ ڪرين جو روءِ زمين تي آهي ته به هنن جي دلين کي الفت ٿ محبت ٻ ڳنڍي نه سگهين ها. پر اهو الله ئي آهي جنهن منجهن الفت ٿ محبت پيدا ڪئي، بيشڪ هو (پنهنجي ڪمن ٻ) غالب ٿ حڪمت وارو آهي. (٦٤) اي پيغمبر! الله تعاليٰ تنهنجي لاءِ ڪافي (مددگار) آهي ٿ انهن مؤمنن لاءِ (به) ڪافي (مددگار) آهي جيڪي تنهنجي تابعداري ڪندڙ آهن (نه انهن لاءِ رڳو نالي طور مؤمن يا مسلمان آهن.)

رڪوع ٩ آيت ٦٥ ـ تا ـ ٦٩

توهان مسلمانن کي مال جو حرص نه هجڻ گهرجي

(٦٥) اي پيغمبر! مؤمنن کي لڙائيءَ جو شوق ڏيار (اي مسلمانو!) جيڪڏهن توهان ٻ رڳو ويهه صابر ٿ ثابت قدمي رکندڙ ماڻهو نڪري پون ته يقين ڪيو ته اهي ٻ سؤ دشمنن تي غالب پئجي ويندا، ٿ جيڪڏهن اوهان ٻ اهڙا ماڻهو سؤ ٿي وڃن ته هزار ڪافرن تي غالب پئجي ويندا. هن ڪري جو ڪافر ماڻهو (حق ٿ باطل کي) نٿا سمجهن (منجهن دانش ٿ بصيرت ڪانهي.) (٦٦) مسلمانو!) هاڻي ته خدا توهان جي لاءِ بار هلڪو ڪيو آهي. هن کي خبر آهي ته توهان ٻ ڪمزوري آهي. سو هن وقت جيڪڏهن توهان ٻ صبر سان مشڪلاتون سهڻ وارا هڪ سؤ ماڻهو هوندا ته (انهن کي فقط ٻيٽي تعداد سان مقابلو ڪرڻو پوندو يعني) هو ٻن سون دشمنن تي غالب پئجي سگهندا. ٿ جيڪڏهن هزار هوندا ته الله جي حڪم (ٿ تائيد) سان ٻه هزار دشمنن کي مغلوب ڪري سگهندا، ٿ (ياد رکو ته) الله تعاليٰ انهن جو ساڻي آهي جي (مشڪلاتن ٻ) صبر ڪندڙ ٿ (فرض ادائين ٻ) ثابت قدم رهندڙ آهن. (٦٧) نبيءَ کي مناسب ناهي ته سندس قبضي ٻ قيدي هجن تان ته ڪافرن کي قتل ڪري (ملڪ ٻ غلبو حاصل ڪري وڃي.) (مسلمانو!) توهان دنيا جو سامان چاهيو ٿا پر الله تعاليٰ چاهي ٿو ته (اوهان کي) آخرت (جو اجر ڏئي) ٿ الله غالب رهندڙ ٿ حڪمت وارو آهي. (٦٨) جيڪڏهن (هن باري ٻ) اڳ ئي الله جو حڪم نه اڇي وڃي ها ته جيڪو مال توهان (غنيمت طور بدر ٻ) هٿ ڪيو تنهن لاءِ ضرور اوهان کي وڏو عذاب پهچي ها. (٦٩) بهرحال جيڪي توهان کي غنيمت ٻ هٿ آيو آهي تنهن کي حلال ٿ پاڪ سمجهي پنهنجي ڪم ٻ لڳايو ٿ خدا کان ڊڄندا رهو. بيشڪ الله تعاليٰ بخشيندڙ ٿ رحمت وارو آهي.

رکوع ۱۰ آيت ۷۰ـ تا ـ۷۵

جيڪڏهن توهان جي دلين ۾ چگائي آهي ته فديہ جي عيوض اوهان کي اجر ۽ بخشش ملندي

(۷۰) اي پيغمبر! لڙائي جي قيدين مان جيڪي ماڻهو تنهنجي قبضي ۾ آهن تن کي چئو تہ، جيڪڏهن الله تعاليٰ توهان جي دلين ۾ ڪجھ چگائي ڏٺي تہ پوءِ جيڪو (فديو) اوهان کان ورتو ويو آهي ان کان بهتر اجر توهان کي عطا فرمائيندو ۽ اوهان کي بخشي ڇڏيندو. هو وڏو بخشيندڙ ۽ رحمت وارو آهي. (۷۱) ۽ جيڪڏهن اهي ماڻهو چاهين تہ توسان دغا ڪن تہ (بہ اهو ڪو سبب ناهي جنهن جي ڪري تون ان انديشي کان پنهنجو عملي دستور عدل ۽ احسان وارو ڦيرائي ڇڏين) اهي ماڻهو هن کان اڳي خود الله سان ڪُڇيون ڪري چڪا آهن، ۽ انهيءَ ڪري توکي هنن تي غلبو ڏنو ويو آهي. (ياد رک تہ) الله تعاليٰ سڀ ڪجھ ڄاڻندڙ ۽ حڪمت رکندڙ آهي. (۷۲) جن ماڻهن ايمان آندو، هجرت ڪئي ۽ الله جي راھ ۾ پنهنجي مال ۽ جانين سان جهاد ڪيو ۽ جن ماڻهن (مڪي جي مهاجرن کي مديني ۾) جاءِ ڏني ۽ انهن جي مدد ڪئي سي اهي ماڻهو آهن جي هڪ ٻئي جا ڪارساز ۽ رفيق آهن، ۽ جن ماڻهن ايمان تہ آندو پر هجرت نہ ڪئي تن جي مدد ۽ رفاقت اوهان تي لازم ناهي، جيستائين هو پنهنجي وطن مان هجرت نہ ڪن. پر جيڪڏهن دين جي باري ۾ توهان کان مدد گهرن تہ پوءِ بيشڪ توهان تي انهن جي مدد گاري لازم آهي. سواءِ ان حالت جي جو ڪنهن اهڙي قوم جي مقابلي ۾ مدد گهرن جنهن قوم سان توهان جو (صلح ۽ امن جو) عهدنامو ٿيل هجي. (چو تہ ان حالت ۾ توهان عهد نامي جي خلاف عمل ڪري نٿا سگهو.) جيڪي جيڪي ڪيو ٿا سو الله تعاليٰ چگيءَ طرح ڏسي ٿو. (۷۳) ۽ (ڏسو) جن ماڻهن ڪفر جي واٽ ورتي آهي سي (ڪفر جي واٽ ۾) هڪ ٻئي جا ڪارساز ۽ رفيق آهن. جيڪڏهن توهان اٿين نہ ڪندؤ (يعني هڪ ٻئي سان محبت ۽ مدد گاري نہ ڪندؤ) تہ ملڪ ۾ فتنو فساد پيدا ٿيندو ۽ وڏي خرابي ۽ بگاڙو پکڙبو. (۷۴) (مطلب تہ) جن ماڻهن ايمان آندو، هجرت ڪئي ۽ الله جي راھ ۾ جهاد ڪيو ۽ جن ماڻهن (مڪي جي مهاجرن کي) پناھ ڏني ۽ مدد ڪئي سي (مهاجرين ۽ انصار) في الحقيقت سچا مؤمن آهن ۽ انهن جي لاءِ بخشش ۽ عزت واري روزي آهي. (۷۵) ۽ جن ماڻهن پوءِ ايمان آندو ۽ هجرت ڪئي ۽ توهان سان شامل ٿي جهاد ڪيائون سي بہ توهان ۾ ئي داخل آهن. (انهن کي پاڻ کان الڳ نہ سمجهو) ۽ (باقي رهي هيءَ ڳالھ تہ) الله جي حڪم موجب مائٽ هڪ ٻئي جي ميراث جا وڌيڪ حقدار آهن، (انهيءَ کان جو انصار جو ترڪو مهاجر پاڻ ڏي وڃي) بلاشبہ الله تعاليٰ هر هڪ ڳالھ جو علم رکندڙ آهي.

سورت توبہ يا (براءَة ـ ڏميواريءَ کان آزادي)

رکوع ۱ آيت ۰۱ ـ تا ـ ٦

جيڪڏهن عهدنامن ٽوڙيندڙن سان ٿيستائين لڙائي جاري رکو جيستائين توبہ ڪن، ڪي مشرڪ جاهل آهن هنن ڪي موقعو ڏيو تہ الله جو ڪلام ٻڌن.

(۱) (مسلمانو) جن مشرڪن سان توهان (صلح ۽ امن جو) عهدنامون ڪيو هو، تن متعلق الله ۽ سندس رسول جي طرفان ڏميواريءَ کان آزاد هئڻ لاءِ (اهي اعلان آهي تہ) (۲) چار مهينا ملڪ ۾ گهمو ڦرو (ڪا روڪ ٽوڪ ڪانهي، چئن مهينن بعد جنگ جي حالت قائم ٿيندي) ۽ ياد رکو تہ توهان (مشرڪ) ڪڏهن بہ الله کي عاجز ڪري نہ سگهندؤ (يعني مسلمانن ۽ اسلام جي فتح ۽ واڌاري کي روڪي نہ سگهندؤ) ۽ (پڪ يقين ڄاڻو تہ) الله تعاليٰ منڪرن کي (حق جي پيروي ڪندڙن هٿان) ذليل ۽ خوار خراب ڪندو. (۳) ۽ الله ۽ سندس رسول جي طرفان حج جي وڏي ڏينهن تي عام پڙهو ڏنو وڃي ٽو تہ الله هاڻي مشرڪن جي ڏميواريءَ کان آزاد آهي ۽ سندس رسول بہ آزاد آهي (يعني عهد ناما تڏي پيا ۽ مسلمان هاڻي انهن جو ڏمون ڪٽڻ کان آزاد آهن) پوءِ جيڪڏهن توهان (مشرڪ دشمن هاڻي بہ ظلم ۽ شرارتن کان) توبہ ڪيو تہ ان ۾ توهان جي لاءِ بهتري آهي ۽ جيڪڏهن اها ڳالهہ نہ مڃيندؤ تہ يقين ڄاڻو تہ توهان الله کي عاجز ڪري ڪين سگهندؤ. (اي پيغمبر!) جي ماڻهو ڪفر جي وات وٺي رهيا آهن تن کي دردناڪ عذاب جي خوشخبري ٻڌائي ڇڏ. (٤) سواءِ انهن مشرڪن جي جن سان توهان عهدنامون ڪيو هو ۽ هنن (قول قرار نيائڻ ۾) ڪابہ گهٽتائي ڪانہ ڪئي، نڪي توهان جي خلاف ڪنهن (دشمن) جي مدد ڪيائون. اوهان کي بہ گهرجي تہ هنن سان جيتري مدي لاءِ عهدنامون ٽيل آهي اوتري مدي تائين ان کي نڀايو. الله تعاليٰ انهن کي حب ڪري ٿو جيڪي (هرهڪ ڳالهہ ۾) متقي رهن ٿا. (۵) پوءِ جڏهن حرمت جا مهينا گذري وڃن تڏهن (جنگ جي حالت قائم ٿيندي پوءِ) مشرڪن کي جتي بہ ڏسو قتل ڪيو ۽ گرفتار ڪيو ۽ پڪ انهن کي گهيرو ڪيو ۽ هر جڳهہ انهن جي تاڙ ۾ ويهو. پوءِ جيڪڏهن توبہ ڪن، نماز قائم ڪن ۽ زڪوٰت ڏين تہ پوءِ (وٽ پڪڙ نہ ڪيو ۽) کين آزاد ڇڏي ڏيو. بيشڪ الله تعاليٰ وڏو بخشيندڙ ۽ رحمت ڪندڙ آهي. (٦) ۽ (اي پيغمبر!) جيڪڏهن مشرڪن مان ڪو ماڻهو اچي ۽ اوهان کان پناهہ گهري تہ ڪيس ضرور پناهہ ڏيو تيستائين جيستائين هو (چگيءَ طرح) الله جو ڪلام ٻڌي وٺي، پوءِ ڪيس (سلامت) سندس امن واري جاءِ تي پهچايو. هيءُ حڪم هن ڪري ضروري ٿيو جو اهي ماڻهو (اسلام جي حقيقت کان) بي خبر آهن.

رکوع ۲ آيت ۱٦ ـ ۷

ڇو نہ توهان مسلمان هنن سان وڙهندؤ جڏهن تہ هنن رسول الله ﷺ کي ڪيڻ ڇڏيو ۽ اڳرائي ڪري لڙايون ڪيون.

(۷) ائين ڪيئن ٿو ٿو سگهي تہ (هنن) مشرڪن جو عهد الله ۽ سندس رسول جي نظر ۾ (سچو)

عهد سمجهڻ ۾ اچي؟ پر جن ماڻهن سان اوهان ڪعبة الله جي ويجهو (حديبيہ ۾) عهد ۽ پيمان ڪيو هو (۽ انهن ان کي نہ ٽوڙيو تن جو عهد بيشڪ سچو عهد آهي ۽(جيستائين اهي توهان سان (پنهنجي عهد تي) قائم رهن تيستائين توهان بہ انهن سان (پنهنجي عهد تي) قائم رهو. الله تعاليٰ انهن کي حب ٿو ڪري جي (پنهنجي سيني ڪمن ۾) متقي رهن ٿا. (٨) انهن مشرڪن جو عهد ڪيئن (سچو) عهد ٿي سگهي ٿو. جڏهن تہ هنن جو حال هيءُ آهي جو جيڪڏهن اڃ اوهان تي غلبو حاصل ڪن تہ نڪي توهان سان مائٽي هڻڻ جو خيال ڪن، نڪي عهد ۽ پيمان جو (يعني توهان تي هر طرح جا ظلم ڪن ۽ قتل ڪرڻ چاهين ٿا، پر هنن جون دليون اوهان کان ڦريل آهن ۽ هنن ۾ اڪثر ماڻهو فاسق آهن (يعني سچائي ۽ خيرخواهيءَ جي بدران ڦُڪي ۽ ظلم جي طريقن تي قائم آهن.) (٩) انهن ماڻهن الله جي آيتن کي تمام خسيس قيمت تي وڪٽي ڇڏيو (يعني نفساني خواهشن جي تابع ٿي ويا ۽ الله جي آيتن تي يقين ڪونہ ڪيائون). تنهن ڪري ماڻهن کي الله جي راهہ کان روڪڻ لڳا (افسوس هنن تي) ڪهڙا نہ برا فعل آهن، اهي جي اهي ماڻهو ڪندا رهن ٿا. (١٠) (اهي مشرڪ) ڪنهن بہ مؤمن سان نڪي مائٽي هڻڻ جو لحاظ ٿا ڪن، نڪي عهدنامن جو. اهي ئي ماڻهو آهن جي ظلمن ۾ حد کان ٻاهر لنگهي ويا آهن. (١١) بهرحال جيڪڏهن هو باز اچن، نماز قائم ڪن، زڪوات ڏين تہ (پوءِ توهان مسلمان بہ هنن جي خلاف هٿ نہ کڻو. اهي) اوهان جا دين جا پائر ٿي پيا، جيڪي ماڻهو علم رکن ٿا تن لاءِ اسان پنهنجون آيتون ڪولي ڪولي بيان ڪيون ٿا. (١٢) ۽ جيڪڏهن اهي ماڻهو پنهنجو عهدو پيمان جو پاڻ ڪري چڪا آهن ٽوڙي ڇڏين ۽ اوهان جي دين کي طعني طور گهٽ وڌ ڳالهائين تہ پوءِ (هن کان سواءِ ٻيو ڪو چارو ڪونهي تہ انهن) ڪفر جي سردارن سان جنگ ڪيو. اهي اهڙا ماڻهو آهن جن جو قسم ناهي. (۽ توهان کي جنگ هن لاءِ ڪرڻ گهرجي) تان تہ هو (ظلم ۽ بدعهدي کان) باز اچي وڃن. (١٣) (مسلمانؤ!) ڇا توهان اهڙن ماڻهن سان جنگ نہ ڪندؤ جن عهد نامن تي ڪنيل قسم ٽوڙي ڇڏيا، جن الله جي رسول کي (سندس وطن مان) ڪيالي ڏيڻ جو منصوبو ڪاهيو ۽ وري اوهان جي خلاف لڙائي جي اڳرائي بہ سندن طرف کان ٿي؟ ڇا توهان کانئن ڊڄو ٿا؟ (جيڪڏهن ڊڄو ٿا تہ توهان مؤمن ناهيو ڇو تہ) جيڪڏهن مؤمن آهيو تہ الله هن ڳالهہ جو وڌيڪ حقدار آهي تہ توهان فقط کانئس ڊڄو. (١٤) (مسلمانؤ!) هنن سان (بي ڏڙڪ) جنگ ڪيو. الله تعاليٰ اوهان جي هٿان کين عذاب ڏيندو، کين خوار ڪندو، توهان کي هنن تي فتح وارو ڪندو ۽ مؤمنن جي جماعت جي دلين جا سپ دُک دور ڪري ڇڏيندو. (١٥) سندن دلين جو ساڙ هٽايو ويندو ۽ وري جنهن متعلق چاهيندو تنهن ڏي پنهنجي رحمت جي موٽ ڪندو. الله تعالي سپ ڪجهہ ڄاڻندڙ ۽ حڪمت رکندڙ آهي. (١٦) (مسلمانؤ!) ڇا توهان هيئن سمجهيو آهي تہ توهان ايتري ۾ ئي ڇڏي ڏنا ويندؤ؟ حالانڪہ اڃا تہ الله تعاليٰ انهن ماڻهن کي پوريءَ طرح آزمائش ۾ وڌو ئي ناهي جن اوهان مان جهاد ڪيو آهي ۽ الله ۽ سندس رسول ۽ مؤمنن کي

چڏي ڪنهن ٻئي کي پنهنجي ڳجهو دوست نہ بنايو آهي (ياد رکو تہ) جيڪي ہ عمل توهان ڪيو تا تن جي خبر الله کي آهي.

رکوع ۳ آيت ۱۷ ـ تا ـ ۲٤

حاجين کي پاڻي پيارڻ يا مسجد الحرام کي آباد رکڻ ايڏو وڏو ڪم ناهي جيڏو خدا جي راهہ ۾ جهاد ڪرڻ

(17) مشرکن کي هي حق ڪونهي تہ الله جي مسجدن کي آباد ڪن جڏهن تہ هو پاڻ (پنهنجو ڪفر قبول ڪري رهيا آهن ۽) شاهدي ڏيئي رهيا آهن تہ اسان ڪافر آهيون. اهي ماڻهو اهي آهن جن جا سڀ عمل ضايع ٿي ويا، ۽ هو هميشہ باهہ جي عذاب ۾ رهڻ وارا آهن. (18) في الحقيقت مسجد کي آباد ڪرڻ وارو تہ اهو آهي جنهن الله تي ۽ آخرت جي ڏينهن تي ايمان آندو، نماز قائم ڪئي، زڪوٰت ڏني ۽ الله کان سواءِ ڪنهن کان ہ نہ ڊنو. جيڪي ماڻهو اهڙا آهن انهن ئي بنسبت اميد رکي سگهجي ٿي تہ هو (سعادت ۽ ڪاميابيءَ جي) راهہ تي هلندڙ آهن. (19) ڇا اوهان ماڻهن هيءَ ڳالهہ ڏهرائي رکي آهي تہ حاجين کي پاڻي پيارڻ جو بندوبست رکڻ ۽ ڪعبة الله کي آباد رکڻ اهڙو ئي وڏي درجي وارو ڪم آهي جهڙو انهيءَ شخص جو ڪم جنهن الله ۽ آخرت تي ايمان آندو آهي ۽ الله جي راهہ ۾ جهاد ڪيو. الله وٽ اهي ٻئي برابر ناهن ۽ الله (جو قانون آهي تہ هو) ظلم ڪندڙن لاءِ (ڪاميابيءَ جي) راهہ نٿو ڪولي. (20) جن ماڻهن ايمان آندو، هجرت ڪئي ۽ پنهنجي جانين ۽ مالن سان الله جي راهہ ۾ جهاد ڪيو تن جو يقيناً الله وٽ تمام وڏو مان مرتبو آهي ۽ اهي ئي آهن جي ڪامياب ٿيڻ وارا آهن. (21) سندن پروردگار کين پنهنجي رحمت ۽ ڪامل رضامنديءَ جي خوشخبري ڏئي ٿو ۽ ٻڌ سندن لاءِ اهڙي باغن جي خوشخبري ڏئي ٿو جن ۾ هنن جي لاءِ دائمي نعمتون هونديون. (22) اهي انهن ۾ هميشہ رهڻ وارا هوندا، يقيناً الله وٽ (نيڪ عمل ڪندڙن لاءِ) تمام وڏو اجر آهي. (23) اي مؤمنؤ! جيڪڏهن توهان جا پيئر ۽ توهان جا ڀائر ايمان جي مقابلي ۾ ڪفر کي وڌيڪ پيارو رکن تہ انهن کي پنهنجو رفيق ۽ ڪارساز نہ بنايو ۽ جيڪڏهن اوهان مان جيڪو ہ انهن کي رفيق ۽ ڪارساز بنائيندو تہ اهو اهڙن ماڻهن مان هوندو جيڪي (پاڻ تي) ظلم ڪرڻ وارا آهن. (24) (اي پيغمبر! مسلمان کي) چئي ڏي تہ جيڪڏهن توهان جا پيئر ۽ توهان جا پٽ ۽ توهان جا ڀائر ۽ توهان جون زالون ۽ توهان جا مائٽ ۽ توهان جو مال جو توهان ڪمايو آهي ۽ توهان جو واپار جنهن جي سرد پوڻ ۽ نقصان هيٺ اچڻ جو توهان کي انديشو ٿئي ٿو ۽ توهان جي رهڻ جا مڪان جي توهان کي ايتري قدر پسند آهن، اهي سڀ شيون اوهان کي الله کان سندس رسول کان ۽ الله جي راهہ ۾ جهاد ڪرڻ کان وڌيڪ پياريون آهن تہ (حق جي دعوت اوهان جي محتاج ناهي) توهان ترسو ۽ انتظار ڪريو جيستائين جيڪي خدا کي ڪرڻو آهي سو توهان جي اڳيان آڻي ۽ الله (جو مقرر قانون آهي تہ هو) فاسقن لاءِ (سعادت ۽ ڪاميابيءَ جي) راهہ نٿو ڪولي.

رکوع ٤ آيت ٢٥ ـ تا ـ ٢٩

مشرڪ ناپاڪ آهن ۽ آئنده ڪعبة الله ۾ داخل نہ ٿين.

(٢٥) (مسلمانؤ!) هيءَ حقيقت آهي تہ الله تعاليٰ گهٽن ئي موقعن تي اوهان جي مدد ڪئي (جڏهن اوهان کي اوهان جي ٿورائي ۽ هيڻائيءَ سبب ڪاميابيءَ جي اميد ڪانہ هئي) ۽ حنين واري جنگ جي موقعي تي بہ. جڏهن توهان پنهنجي گهڻائي سبب بي پرواهہ ٿو ويؤ (۽ سمجهيو هيوَ تہ فقط پنهنجي گهڻائي سان فتح حاصل ڪري ونڊاسين) تڏهن اها گهڻائي اوهان جي ڪجهہ بہ ڪم نہ آئي ۽ زمين پنهنجي سڄي ڪشادگيءَ هوندي بہ (اوهان جي لاءِ) تنگ ۽ سوڙهي ٿي ويئي، آخر چا ٿيو جو توهان پٺي ڏئي ميدان مان پڇڙ لڳؤ. (٢٦) پوءِ الله تعاليٰ پنهنجي رسول تي ۽ مؤمنن تي پنهنجي طرفان دل جي تسلي ۽ قرار نازل فرمايو ۽ اهڙيون فوجون لاٿيون جيڪي اوهان کي ڏسڻ ۾ ڪونہ آيون ۽ (اهڙيءَ طرح) انهن ماڻهن کي عذاب ڏنائين جن ڪفر جي راهہ اختيار ڪئي هئي ۽ اهائي جزا آهي انهن ماڻهن جي جيڪي ڪفر جي راهہ اختيار ڪن (يعني سندن بدعمليءَ جو لازمي نتيجو اهوئي آهي). (٢٧) وري ان کان پوءِ الله تعاليٰ جنهن کي چاهيندو تنهن ڏانهن پنهنجي رحمت جي موت ڪندو (يعني توبہ قبول ڪندو) ۽ الله وڏو بخشيندڙ ۽ رحمت وارو آهي. (٢٨) اي مؤمنؤ! حقيقت هي آهي تہ مشرڪ پليت آهن، (يعني شرڪ جي ڪري هنن جي دل جي پاڪائي هلي ويئي آهي) تنهن ڪري گهرجي تہ هاڻي هن سال کان پوءِ (يعني سن ٩ هجري بعد) ڪعبة الله جي ويجهو نہ اچن ۽ جيڪڏهن توهان کي (هنن جي آمدرفت بند ٿيڻ ڪري) سڃائي ۽ تنگيءَ جو انديشو هجي (جو هو ضروري شيون آڻي واپار ڪندا آهن تہ گهٻرايو نہ) الله تعاليٰ چاهيندو تہ جلدئي اوهان کي پنهنجي فضل سان مالامال ڪري ڇڏيندو. الله تعاليٰ سڀ ڪجهہ ڄاڻندڙ آهي ۽ (پنهنجي سيني ڪمن ۾) حڪمت رکندڙ آهي. (٢٩) اهل ڪتاب مان جن ماڻهن جو حال هي آهي جو نہ ڪي خدا تي (سچو) ايمان رکن ٿا، نہ ڪي آخرت جي ڏينهن تي ۽ نہ ڪي انهن شين کي حرام سمجهن ٿا، جن کي الله ۽ سندس رسول حرام ٺهرايو آهي، نہ ڪي سچي دين تي عمل ڪندڙ آهن، تن سان بہ (اي مسلمانو!) جنگ ڪيو، جيستائين ڪہ هو پنهنجي خوشيءَ سان جزيو ڏيڻ قبول ڪن ۽ اهڙي حالت ۾ڄي جو هنن جي سرڪشي ٽٽي ويئي هجي.

رکوع ٥ آيت ٣٠ ـ تا ـ ٣٧

دين اسلام جي ٻين دينن تي غالب پوڻ جي خوشخبري. سون چاندي گڏ ڪري رکڻ جو عذاب

(٣٠) ۽ يهودي چون ٿا تہ عزير الله جو پٽ آهي ۽ عيسائي چون ٿا تہ مسيح الله جو پٽ آهي. اهي

هنن جون ڳالهيون آهن فقط زبان کان آيل. (دماغ هلائين تہ ڪڏهن بہ اهڙي ڳالهہ نہ چون) اهي ماڻهو بہ اهڙي ڳالهہ ٿا چون جهڙي اڳي ڪافر چوندا هئا، متن الله جي لعنت هجي هو ڪاڏي جو ڪاڏي ڀٽڪي رهيا آهن. (٣١) انهن (اهل ڪتاب) الله کي ڇڏي پنهنجي عالمن ۽ درويشن کي (پنهنجا) رب ڪٽي بنايو آهي ۽ پٽ مريم جي پٽ مسيح کي حالانڪ کين جيڪو حڪم ڏنو ويو هو سواءِ نہ هن کان سواءِ ڪجهہ نہ هو تہ هڪ خدا جي پاڻهپ ڪيو. ڪائنس سو پيو ڪوبہ معبود ڪونهي (يعني خدا جي حڪمن خلاف ڪنهن بہ انسان جي حڪم جي تابعداري نہ ڪجي) الله تعاليٰ پاڪ آهي، انهيءَ (شرڪت ۽ شريڪن) کان جي سندس ذات سان شامل ڪري رهيا آهن. (٣٢) اهي ماڻهو چاهين ٿا تہ الله جي روشنيءَ (يعني حقيقي دين) کي پنهنجي ڦوڪن سان وسائي ڇڏين، حالانڪ الله تعاليٰ اها روشني ڪامل ڪرڻ کان سواءِ رهندو، اگرچہ ڪافرن کي اها ڳالهہ پسند نہ هجي. (٣٣) (ها) اهوئي آهي جنهن پنهنجي رسول کي حقيقي هدايت ۽ سچي دين سان موڪليو، انهيءَ لاءِ تہ انهيءَ دين کي سيني (هٿرادو ٻاهيل) دينن تي غالب ڪري ڇڏي، اگرچہ مشرڪن کي ائين ٽيڙ پسند نہ اچي. (٣٤) اي مؤمنؤ! ياد رکو تہ (يهودين ۽ عيسائين جي) عالمن ۽ درويشن ۾ هڪ وڏو تعداد اهڙن ماڻهن جو آهي جيڪي ماڻهن جو مال ناحق ناجائز طور کائن ٿا، ۽ الله جي راهہ کان انهن کي روڪين ٿا ۽ جيڪي ماڻهو سون چاندي پنهنجي خزاني ۾ گڏ ڪري رکندا رهن ٿا ۽ ان کي الله جي راهہ ۾ خرچ نٿا ڪن تن کي دردناڪ عذاب جي خوشخبري ٻڌائي ڇڏ. (٣٥) (دردناڪ عذاب جي) انهيءَ ڏينهن (جي خوشخبري ٻڌائي ڇڏ) جڏهن (انهن جو گڏ ڪيل) سون چاندي جو ڏير باهہ ۾ تپايو ويندو ۽ ان سان سندن مٿا، پاسا ۽ پٺيون ڏنيون ويندیون. (۽ ان وقت کين چيو ويندو تہ) هي آهي اهو خزانو جو توهان پنهنجي لاءِ گڏ ڪري رکيو هو. سو جيڪو خزانو گڏ ڪري رکيو هو تنهنجو مزو اڃ چکي وٺو. (٣٦) الله تعاليٰ وٽ مهينن جو ڳاڻاٽو ٻارهن مهينن جو آهي. الله جي ڪتاب ۾ ائين ئي لکيو ويو انهيءَ ڏينهن جنهن ڏينهن آسمانن ۽ زمين کي پيدا ڪيائين. انهن (ٻارنهن مهينن) مان چار مهينا حرمت جا مهينا ٺهرايا ويا (جن ۾ جنگ ڪرڻ ناجائز آهي، پوءِ انهن حرمت جي مهينن ۾ (جنگ ۽ خونريزي ڪري) پنهنجي جانين تي ظلم نہ ڪيو. ۽ اوهان سيني (مسلمانن) کي گهرجي تہ سيني مشرڪن سان گڏجي لڙائي ڪيو، جيئن هو سڀ اوهان سيني سان گڏجي لڙائي ٿا ڪن ۽ ياد رکو تہ الله تعاليٰ انهن جو ساٿي آهي جي (هر حال ۾) متقي آهن. (٣٧) "نَسِي" (يعني ڪنهن مهيني کي سندس جاءِ تان هٽائڻ جيئن مڪي جا ڪافر پنهنجي مطلب لاءِ ۽ پين کي شڪست ڏيڻ لاءِ ڪندا هئا) هن کان سواءِ ڪجهہ ناهي تہ ڪفر ۾ ڪجهہ وڌيڪ زيادتي ڪرڻ آهي. ان جي ڪري ڪافر گمراهيءَ ۾ پون ٿا. ساڳئي ئي مهيني کي هڪڙي سال حلال سمجهن ٿا (يعني ان ۾ لڙائي جائز ٺهرائن ٿا) وري ساڳئي ئي مهيني کي ٻئي سال حرام ٺهرائين ٿا (يعني ان ۾ لڙائي ناجائز ٺهرائين ٿا) انهيءَ لاءِ تہ الله تعاليٰ حرمت جي مهينن جو جيڪو ڳاڻاٽو رکيو آهي، تنهن کي پنهنجي ڳاڻاٽي مطابق

ڪري الله جي حرام ڪيل مهينن کي حلال ڪري ڇڏين. سندن نظرن ۾ سندن برا ڪم سهٽا ڏسڻ ۾ اچن ٿا ۽ الله (جو قانون آهي تہ هو) حق جي منڪرن لاءِ (ڪاميابي ۽ سعادت جي) راهہ نٿو ڪولي.

رڪوع ٦ آيت ٣٨ ـ تا ـ ٤٢

حق جي لاءِ ويڙهہ ڇڏي ڏيندو تہ الله تعاليٰ اوهان کي دردناڪ عذاب ۾ وجهندو ۽ اوهان جي جاءِ تي ڪنهن ٻي قوم کي ڪڍو ڪندو.

(٣٨) مؤمنؤ! توهان کي ڇا ٿي ويو آهي جو جڏهن توهان کي حڪم ڏنو وڃي ٿو تہ الله جي راهہ ۾ قدم کڻو (يعني جهاد لاءِ نڪرو) تڏهن توهان جا پير ڳورا ٿي زمين کي چهٽي پون ٿا؟ ڇا آخرت کي ڇڏي فقط دنيا جي زندگيءَ تي ريجهي ويا آهيو؟ (جيڪڏهن ائين آهي) تہ (ياد رکو تہ) دنيا جي زندگيءَ جو متاع تہ آخرت جي پيٽ ۾ ڪجهہ بہ نہ آهي، پر تمام ٿورو. (٣٩) جيڪڏهن (جهاد لاءِ) قدم نہ کڻندؤ تہ ياد رکو تہ الله تعاليٰ اوهان کي دردناڪ عذاب ۾ وجهندو، ۽ اوهان جي جاءِ تي ڪنهن ٻي قوم کي آڻي ڪڍو ڪندو، ۽ توهان (پاڻ کي دشمنن کان بچائڻ ۾ غفلت ڪرڻ سان) الله جو تہ ڪجهہ بہ ڪم بگاڙي نہ سگهندؤ (اڻلندو پنهنجو ئي نقصان ڪندؤ) ۽ الله تعاليٰ هر ڪنهن ڳالهہ تي قادر آهي. (٤٠) جيڪڏهن توهان الله جي رسول جي مدد نہ ڪندؤ تہ (نہ ڪيو) الله تہ سندس مدد ڪئي ۽ انهيءَ وقت مدد ڪئي جڏهن ڪافرن ڪيس (مڪي مان) ڪڍي ڇڏيو هو (۽ هو فقط ٻہ ڇڻا هئا، هڪ پاڻ سڳورا ﷺ ۽ ٻيو حضرت ابوبڪر صديق رضہ) ۽ ٻن ۾ ٻيو (الله جو رسول ﷺ) هو ۽ ٻئي (ثور جي) غار ۾ لڪا ويٺا هئا. ان وقت الله جي رسول پنهنجي سنگتيءَ کي چيو هو تہ، غمگين نہ ٿي، يقيناً الله اسان سان ساڻ آهي. (هو دشمنن کي اسان تي قابض نہ ڪندو) پوءِ الله تعاليٰ پنهنجي قرار ۽ تسلي هن تي (يعني حضرت ابوبڪر صديق رضہ تي) نازل ڪئي ۽ پڻ اهڙين فوجن سان مدد ڪئي جن کي توهان نٿا ڏسو، ۽ آخرڪار ڪافرن جي ڳالهہ هيٺ ٿي، (يعني هو ناڪامياب ٿيا) ۽ الله ئي جي ڳالهہ آهي جنهن کي بلنديءَ آهي ۽ الله تعاليٰ غالب پوندڙ ۽ وڏي حڪمت وارو آهي. (٤١) (مسلمانو! هٿيارن ۽ سامان سان جو) هلڪو هجي توڙي ڳورو هجي، جنهن بہ حال ۾ هجو نڪري ڪڙا ٿيو (جو مدافعت لاءِ توهان کي سڏيو ويو آهي) ۽ پنهنجي مال سان ۽ پنهنجي جانين سان الله جي راهہ ۾ جهاد ڪيو، جيڪڏهن توهان (پنهنجو نفعو نقصان) ڄاڻو ٿا تہ، هي (يعني جهاد ڪرڻ) توهان جي حق ۾ بهتر آهي. (٤٢) (اي پيغمبر!) جيڪڏهن (تنهنجو سڏ ڪنهن اهڙي ڳالهہ لاءِ هجي ها جنهن ۾) ترت فائدو ڏسڻ ۾ اچي ها ۽ اهڙي سفر لاءِ هجي ها جو سولو هجي ها تہ اهي (منافق) بي ڏڙڪ تنهنجي پٺيان لڳن ها، پر هنن کي (تبوڪ جي) راهہ دوريءَ جي راهہ ڏسڻ ۾ آئي (تنهن ڪري نٿائڻ لڳا) ۽ (تون ڏسندين تہ هو) سگهوئي الله جا قسم کڻي (مسلمانن کي) چوندا تہ جيڪڏهن اسان جو وس هجي ها تہ ضرور توهان سان شامل ٿي نڪرون ها (افسوس سندن حال تي) هو (ڪوڙا قسم کڻي) پاڻ کي تباهيءَ ۾ وجهي رهيا آهن ۽ الله تعاليٰ ڄاڻي ٿو تہ هو بلڪل ڪوڙا آهن.

رکوع ۷ آيت ۴۳ ـ تا ـ ۵۹

مؤمنن لاءِ فقط اميد ۽ ڪامراني آهي، نہ مايوسي ناڪامي

(۴۳) (اي پيغمبر!) الله تو کي بخشي تو چو ائين ڪيو جو (هنن جي ڪوڙن عذرن تي) هنن کي (پنڌتي رهڻ جي) اجازت ڏني ڇڏيئي؟ (تيستائين تہ اجازت نہ ڏئين ها) جيستائين تو کي چگي طرح معلوم ٿي وڃي ها تہ ڪهڙا سچا آهن ۽ پرکي وٺين ها تہ ڪهڙا ڪوڙا) آهن. (۴۴) جيڪي ماڻهو الله ۽ آخرت جي ڏينهن تي ايمان رکن ٿا سي ڪڏهن بہ تو کان اجازت نہ گهرندا تہ پنهنجي مال سان ۽ پنهنجي جانين سان (الله جي راهہ ۾) جهاد ڪريون ۽ الله تعاليٰ ڄاڻي ٿو تہ ڪير متقي آهن. (۴۵) تو کان اجازت گهرڻ وارا تہ اهي ئي آهن جي (في الحقيقت) الله ۽ آخرت جي ڏينهن تي ايمان نٿا رکن ۽ انهن جون دليون شڪ ۾ پيل آهن. تنهن ڪري شڪ جي حالت ۾ پيا ٿا ٻڌن چڙهن. (۴۶) ۽ جيڪڏهن سچ پچ انهن (منافقن) نڪرڻ جو ارادو ڪيو هجي ها تہ ان لاءِ ڪجهہ نہ ڪجهہ ٿمر ۽ سامان جي تياري ضرور ڪن ها، پر (حقيقت هيءَ آهي تہ) الله تعاليٰ سندن اٿڻ (۽ جنگ لاءِ نڪرڻ) پسند ئي نہ ڪيو. تنهن ڪري هنن کي ڳورو ڪري ڇڏيائين ۽ ڪين چيو ويو (يعني سندن ڳورائي ڪين چيو تہ) ٻين ويهي رهڻ وارن سان گڏ توهان بہ ويهي رهو (۽ جنگ لاءِ نہ نڪرو). (۴۷) جيڪڏهن اهي (منافق) توهان مسمانن ۾ (رل مل ٿي) نڪرن ها تہ توهان جي اندر سواءِ خرابين جي ٻيو ڪجهہ بہ زياده نہ ڪن ها ۽ ضرور هو توهان جي وچ ۾ فتنہ انگيزي جا ڇار پکيڙين ها ۽ (توهان کي معلوم آهي تہ) توهان ۾ اهڙا ماڻهو بہ آهن جي سندن ڳالهين تي ڪن ڏيڻ وارا آهن، ۽ الله تعاليٰ خوب ڄاڻي تو تہ ڪير ظلم ڪرڻ وارا آهن. (۴۸) (اي پيغمبر!) هي حقيقت آهي تہ انهن (منافقن) هن کان اڳي بہ (احد واري جنگ وقت) فتني جون ڪوششون ڪيون ۽ تنهنجي تجويزون ڌاهڻ چاهيائون، تانجو نيٺ سچائي ظاهر ٿي پيئي ۽ الله جو حڪم غالب پيو، اگرچہ ائين ٿيڻ هنن کي سخت ناپسند هو. (۴۹) ۽ انهن (منافقن) ۾ ڪو اهڙو بہ آهي جو چوي ٿو تہ مون کي اجازت ڏيڻ فرمايو (تہ گهر ۾ ويٺو رهان) ۽ مون کي فتني ۾ نہ وجهو. ياد رکو تہ، اهي ماڻهو هونئين ئي فتني جي ڪڏ ۾ ڪري پيا آهن (جو ڪوڙا عذر ٺاهي خدا جي راهہ کان منهن موڙيو اٿن) ۽ بلاشبہ دوزخ ڪافرن کي گهيرو ڪيون بيٺو آهي. (۵۰) (اي پيغمبر!) جيڪڏهن تو کي ڪا چگي ڳالهہ حاصل ٿئي ٿي تہ هنن (منافقن) کي ساڙ ۽ ڏک ٿئي ٿو ۽ جيڪڏهن تو کي ڪا تڪليف درپيش اچي ٿي تہ چوڻ لڳن ٿا تہ انهيءَ ئي خيال اچڻ ڪري اسان اڳي ئي دوراندیشي ڪري مصلحت وارو عمل ڪيو (۽ پيغمبر سان انهي ڪم ۾ شامل نہ ٿياسين) ۽ پوءِ (ڳڇيءَ کي موڙو ڏيئي) وڏي خوشيءِ ۾ ڦري هليا وڃن ٿا. (۵۱) (اي پيغمبر! تون) چئو تہ، اسان کي ڪجهہ بہ پيش نٿو اچي سگهي سواءِ ان جي جيڪي الله تعاليٰ اسان جي لاءِ (پنهنجي ڪتاب ۾) لکي ڇڏيو آهي. اهوئي اسان جو ڪارساز آهي ۽ مؤمنن کي گهرجي تہ فقط الله تي (هر طرح جو) ڀروسو رکن.

(۵۲) (اي پيغمبر! تون انهن کي) چئو تہ توهان اسان جي لاءِ جنهن ڳالهہ جو انتظار ڪيو ٿا (يعني جنگ ۾ قتل ٿيڻ جو) اهو اسان جي لاءِ ٻن چڱاين مان هڪڙي چڱائي آهي (يعني فتح ۽ شهادت جي چڱاين مان شهادت واري چڱائي) ۽ اسان توهان جي لاءِ جنهن ڳالهہ جا منتظر آهيون اها هيءَ آهي تہ الله تعاليٰ اوهان تي پاڻ وٽان ڪو عذاب موڪلي ۽ يا اسان جي هٿان عذاب ڏياري، سو هاڻي (نتيجي جو) انتظار ڪيو. اسان ٻہ توهان سان گڏ انتظار ڪرڻ وارا آهيون. (۵۳) ۽ چؤ تہ، توهان (منافق ظاهري طور) خوشيءِ سان (حق جي راهہ ۾) خرچ ڪيو يا ناخوشيءِ سان خرچ ڪيو، توهان جو خرچ ڪرڻ ڪڏهن بہ قبول نہ ڪيو ويندو. ڇو تہ توهان ماڻهو (الله جي حڪمن جا) نافرمان آهيو. (۵۴) ۽ هنن جو خرچ ڪرڻ هن ڪري قبول نہ پيو جو هنن الله ۽ سندس رسول کي نہ مڃيو. (اگرچہ ظاهري طور ايمان جي دعويٰ ۾ هو ڪنهن کان ٻہ پنٽي نہ آهن) هو نماز لاءِ اڇن ٿا تہ سستي ۽ ڏراڪي سان ۽ مال خرچ ڪن ٿا پر سخت ناپسندي ۽ ناراضگيءَ سان. (۵۵) پوءِ هيءَ ڳالهہ تہ انهن ماڻهن وٽ مال ۽ دولت آهي ۽ گهٽي اولاد وارا آهن تو کي عجب ۾ نہ وجهي. هي تہ رڳو انهيءَ لاءِ آهي تہ الله تعاليٰ (سندن) مال ۽ اولاد جي ذريعي ئي کين دنيوي زندگيءَ ۾ عذاب ڏيڻ چاهي ٿو. (جو منافقي ۽ ڪنجوسائي ۽ بي سبب مال جو خرچ ڪرڻ هنن لاءِ وڏي مصيبت آهي، ۽ هنن جي اولاد جو مسلمان ٿيڻ ۽ کين ڇڏي وڃڻ ٻہ هنن کي رات ڏينهن ساڙ ڏئي رهيو آهي) ۽ (باقي رهي آخرت جي ڳالهہ سو) هنن جو ساهہ هن حالت ۾ نڪرندو جو هو ان وقت ٻہ ڪفر ۾ هوندا (۽ ايمان کان محروم هوندا). (۵۶) ۽ (ڏسو اهي منافق) الله جا قسم کڻي کڻي (اوهان کي) يقين ٿا ڏيارين تہ هو توهان مان ئي آهن (يعني اوهان وانگُر ايمان وارا آهن) حالانڪ هو اوهان مان ناهن، بلڪ هڪ اهڙي ٽولي آهن جيڪي ڊپ ۽ هراس ۾ آهن (تہ متان اسان جي منافقي ظاهر ٿي پوي). (۵۷) (هنن جي دلين جي خوف ۽ نفرت جو حال هي آهي جو) جيڪڏهن هنن کي پناهہ جي ڪا جاءِ ملي وڃي يا ڪا غار ملين يا ڪو لڪي ويهڻ جو سوراخ ملين تہ هو هڪدم اوڏاهين رخ رکندا ڇڻ تہ رسو ڇنائي ڇڏي رهيا آهن. (۵۸) ۽ انهن ۾ ڪي اهڙا آهن جي زڪوٰت جو مال ۽ صدقا ورهائڻ ۾ توتي (پاسخاطريءَ جي) تهمت لڳائين ٿا، پوءِ هنن جي حالت تہ هيءَ آهي جو جيڪڏهن کين ان مان ڏنو وڃي ٿو تہ خوش ٿا ٿين ۽ جيڪڏهن ان مان کين نٿو ڏنو وڃي تہ بس هڪدم (ڪاوڙ ۾) بگڙي ٿا پون. (۵۹) ۽ (ڪهڙو نہ چڱو ٿئي ها) جيڪڏهن هيئن ٿئي ها جو جيڪي الله ۽ سندس رسول کين ڏنو، تنهن تي راضي رهن ها ۽ چون ها تہ الله تعاليٰ اسان جي لاءِ ڪافي (رزاق) آهي. الله تعاليٰ پنهنجي فضل سان اسان کي (گهڻوئي) عطا فرمائيندو ۽ سندس رسول ٻہ (ڏيڻ ۾ گهڻتائي ڪانہ ڪندو) اسان جي لاءِ الله ئي مقصود آهي (۽ هن ۾ ئي اميدون رکي ڏانهنس متوجهہ ٿيون ٿا).

رکوع ۸ آيت ٦٠ ـ تا ـ ٦٦

صدقا ۽ زڪوات جو مال ڪيئن خرچ ڪجي؟ منافقن جون ٽوڪبازيون ڪفر جو ڪم آهن

(٦٠) صدقي جو مال (يعني زڪوٰت جو مال) فقط فقيرن (نادارن) لاءِ ۽ مسڪينن لاءِ ۽ انهن (ڪامورن) لاءِ جي ان جي وصولي لاءِ مقرر ڪيا وڃن، ۽ انهن لاءِ جن جي دلين ۾ (حق جي ڪلمي جي) الفت (شوق محبت) پيدا ڪرڻي آهي (مثلاً تبليغ ڪرڻ سان). ۽ انهن لاءِ جن جا گردن (غلاميءَ جي زنجيرن ۾) جڪڙيل آهن (۽ انهن کي آزاد ڪرائڻو آهي) ۽ ڀڙ قرضدارن جي لاءِ (جي قرض ۾ پورجي ويا هجن ۽ قرض لاهڻ جي طاقت ڪانہ اٿن) ۽ الله جي راهہ ۾ (يعني جهاد لاءِ ۽ انهن سيني ڪمن لاءِ جي جهاد وانگر حق جي ڪلمي کي بلند ڪرڻ لاءِ هجن) ۽ مسافرن لاءِ (جي مفلس هجن ۽ گهر پهچي نہ سگهن) آهي. اهو الله جي طرف کان ٺهرايل حڪم آهي ۽ الله تعاليٰ (سڀ ڪجهہ) ڄاڻندڙ ۽ (پنهنجي سيني ڪمن ۾) حڪمت رکندڙ آهي. (٦١) ۽ انهن (منافقن) ۾ (اهي ماڻهو به آهن جي الله جي) نبي سڳوري کي (پنهنجي بد الفاظن سان) تڪليف ڏيڻ چاهين ٿا ۽ چون ٿا تہ هي شخص (يعني رسول الله) تہ گهڻو ٽو ٻڌي ۽ سڀ ڳالهہ تي ڪن ٽو ڏئي. (يعني جيڪو به ماڻهو ڪا ڳالهہ ڪيس چوي ٽو سا مڃي ٽو. اي پيغمبر! تون چئو تہ، بيشڪ مان گهڻي ٻڌڻ وارو آهيان، پر توهان جي ئي بهتري لاءِ (گهڻو ڪن ٽو ڏيان، ڇو تہ مان حق کان سواءِ ڪا به ڳالهہ قبول نٿو ڪريان). هو (يعني خدا جو رسول) الله تي يقين ٽو رکي ۽ سچن مؤمنن جي ڳالهہ تي اعتبار ٽو ڪري ۽ هو انهن ماڻهن لاءِ سراسر رحمت آهي جن اوهان مان ايمان آندو آهي ۽ جيڪي ماڻهو الله جي رسول کي ايذاءُ پهچاڻ چاهين ٿا تن لاءِ دردناڪ عذاب (تيار رکيل) آهي. (٦٢) (اي مسلمانو!) اهي (منافق) اوهان جي اڳيان الله جا قسم کڻن ٿا، انهيءَ لاءِ تہ اوهان کي خوش ڪري وڻن، حالانڪ جيڪڏهن هو سچا مؤمن هجن ها تہ (سمجهن ها تہ) الله ۽ سندس رسول هن ڳالهہ جا وڌيڪ حقدار آهن تہ هن کي (پنهنجي ايمان ۽ عملن سان) راضي رکن. (٦٣) ڇا (اڃا تائين) هنن کي هيءَ ڳالهہ ۾ معلوم نہ ٿي آهي تہ جيڪو ۾ الله ۽ سندس رسول جو مقابلو ٽو ڪري تنهن جي لاءِ دوزخ جي باهہ آهي ۽ هميشہ ان ۾ سڙندو؟ ۽ اها تمام وڏي ذلت ۽ خواري آهي. (٦٤) منافق هن ڳالهہ کان ۾ ڊڄن ٿا (يعني مسخريءَ طور چون ٿا تہ) شل ائين نہ ٿئي جو سندن باري ۾ ڪا سورت نازل ٿئي ۽ جيڪي سندن دلين ۾ (لڪل) آهي سو ڪين (يعني مسلمانن کي ڪليءَ طرح) ٻڌائي ڇڏي. (اي پيغمبر!) تون انهن کي چئي ڏي تہ اوهان (پنهنجي عادت مطابق) مسخريون ڪندا رهو. يقيناً الله تعاليٰ هاڻي اها ڳالهہ ڪڍي باهر ڪرڻ وارو آهي جنهن جو توهان کي انديشو رهي ٿو. (٦٥) ۽ جيڪڏهن تون انهن ماڻهن کان پڇين تہ (اهڙيون ڳالهيون ڇو ٿا ڪريو؟ تہ) هو ضرور جواب ۾ چوندا تہ اسان تہ هونئن ئي مزي طور هڪڙي ڳالهہ ڪري ۽ فقط کل چرچو ٿي ڪيو. تون (ڪين) چئو تہ، ڇا توهان الله سان سندس آيتن سان ۽ سندس رسول سان کل چرچو ٿا ڪيو؟ (٦٦) بهانا نہ بنايو. حقيقت هيءَ آهي تہ توهان ايمان جو اقرار ڪري وري ڪفر اختيار ڪيو آهي. جيڪڏهن

اسان (يعني خدا تعاليٰ) توهان مان هڪڙي جماعت کي (سندن پشيماني ۽ باز اچڻ تي) معاف ٻ ڪري ڇڏيون ته ٻ هڪڙي ٽوليءَ کي ضرور عذاب ڏيندا سين هن ڪري جو (اصل ۾) اهي ئي گنهگار هئا.

رکوع ۹ آيت ٦٧ ـ تا ـ ٧٢

منافق هڪ ٻئي کي گناهن جو حڪم ڏا ڏين ۽ چڱن ڪمن ڪرڻ کان منع ڏا ڪن ۽ خدا جي راهہ ۾ خرچ نٿا ڪن.

(٦٧) منافق مرد ۽ منافق عورتون سڀ هڪ ٻئي جي جنس آهن. برائين جو حڪم ڏين ٿا ۽ چڱين ڳالهين کان روڪين ٿا ۽ (حق جي راهہ ۾ خرچ ڪرڻ کان) پنهنجون مٽيون بند رکن ٿا. حقيقت هيءَ آهي ته هنن الله کي وساري ڇڏيو آهي. تنهن ڪري الله تعاليٰ ٻ ڪين وساري ڇڏيو آهي. (يعني کين دڳهو رسو ڏنو آهي ته ڀلي پاڻ کي پاڻ وڏيڪ برن ڪمن ڪرڻ سان تباهي جي کڏ ۾ وجهن) بيشڪ اهي منافق ئي آهن جي (حق جي دائري کان) ٻاهر نڪري ويا آهن. (٦٨) منافق مردن ۽ منافق عورتن لاءِ ۽ (ڪليو ڪلايو) انڪار ڪندڙن لاءِ الله جي طرف کان دوزخ جي باهہ جو واعدو ٽيل آهي. جنهن ۾ هو هميشہ رهندا ۽ اها باهہ هنن لاءِ ڪافي (سزا) آهي. پڻ الله تعاليٰ مٿن لعنت ڪئي ۽ هنن لاءِ اهڙو عذاب آهي جو قائم رهندو. (٦٩) (اي منافقو! اوهان جو حال ٻ اهڙو ئي آهي) جهڙو انهن ماڻهن جو هو جيڪي اوهان کان اڳي ٿي گذريا آهن. اهي اوهان کان وڌيڪ طاقت وارا هئا ۽ مال دولت ۽ اولاد ٻ اوهان کان گهڻو هون. پوءِ جيڪي (دنيائي فائدا) هنن جي حصي ۾ آيا تن جو مزو ورتائون. اوهان ٻ پنهنجي حصي جو فائدو اهڙيءَ طرح ماڻيو جهڙيءَ طرح هنن ماڻيو هو ۽ جهڙيءَ طرح (باطل پرستيءَ جون واهيات) ڳالهيون هو ڪري ويا، تهڙيءَ طرح توهان ٻ ڪري ورتيون. (پوءِ ياد رکو ته) اهي ئي ماڻهو هئا جن جا سڀ ڪم دنيا ۽ آخرت ۾ ضايع ٿي ويا ۽ اهي ئي آهن جي گهاٽو ۽ نقصان پائيندا. (٧٠) ڇا انهن ماڻهن کي انهن ماڻهن جو احوال نہ مليو آهي، جيڪي کانئن اڳي ٿي گذريا آهن؟ نوح جي قوم، عاد جي قوم، ثمود جي قوم، ابراهيم جي قوم ۽ مدين جا ماڻهو ۽ اهي جن جا ڳوٺ ۽ آبادیون اونڌيون (ڪري تباهہ) ڪيون ويون. انهن سيني جا رسول انهن وٽ روشن دليلن سان آيا هئا (پر هو انڌا پوڙا رهيا ۽ تباهہ ٿيا) ۽ ائين هرگز ٿي نہ ٿي سگهيو جو الله تعاليٰ مٿن ظلم ڪري، پر هو پاڻ ئي پاڻ ظلم ڪندا رهيا (۽ پاڻ کي پاڻ تباهہ ڪيائون.) (٧١) ۽ مؤمن مرد ۽ مؤمن عورتون سڀ هڪ ٻئي جا ڪارساز ۽ رفيق آهن. هو نيڪي جو حڪم ڏين ٿا، برائيءَ کان روڪين ٿا، نماز قائم رکن ٿا، زڪوٰت ڏين ٿا، ۽ (هر حال ۾) الله ۽ سندس رسول جي فرمانبرداري ڪن ٿا. سو اهي ئي ماڻهو آهن جن تي جلد الله تعاليٰ رحمت ڪندو. يقيناً الله سيني تي غالب ۽ (پنهنجي ڪمن ۾) حڪمت رکندڙ آهي. (٧٢) مؤمن مردن ۽ مؤمن عورتن جي لاءِ الله جي طرف کان (دائمي نعمتن

جي) باغن جو وعدو آهي. جن باغن جي هيٺان نهرون وهندڙ هوندیون (۽ انهيءَ کري کڏهن ۾ خشک ٽيڻ وارا نہ آهن) هو هميشہ انهن ۾ رهندا. پڻ هنن جي لاءِ دائمي باغن ۾ پاڪ رهڻ جون جايون هوندیون ۽ انهن سيني (نعمتن) کان وڏيڪ ۽ وڏي (نعمت هي هوندي جو) الله تعاليٰ جي خوشنودي ۽ راضپو کين نصيب ٿيندو. اهائي وڏي ۾ وڏي کاميابي ۽ سعادت آهي.

رکوع ۱۰ آيت ۷۳ ـ تا ـ ۸۰

اي پيغمبر! کافرن ۽ منافقن سان جهاد کر، هو ظاهري اسلام آڻي پوءِ کفر کن ٿا.

(۷۳) اي پيغمبر! کافرن ۽ منافقن سان جهاد کر ۽ ساڻن سختيءَ سان پيش اچ. (چو تہ کافرن جون عهد شڪنيون ۽ منافقن جا فريب ۽ ڦڪيون هاڻي آخري حد تائين پهچي چڪيون آهن) آخر تہ هنن جو مڪان دوزخ آهي ۽ دوزخ کڻڙي نہ خراب جاءِ آهي پهچڻ لاءِ (۽ ان ۾ داخل ٿيڻ لاءِ).
(۷٤) اهي (منافق) الله پاڪ جا قسم کڻي چون ٿا تہ اسان اڻين کونہ چيو، پر سچ هي آهي تہ هنن يقيناً کفر جي ڳالهہ چئي، هو اسلام قبول کري وري بہ کفر جي چال چليا، ۽ انهيءَ ڳالهہ جو منصوبو ناهيائون جنهن ۾ کامياب نہ ٿيا. هنن ڇا جو ويڑ ٿي ورتو؟ فقط هن ڳالهہ جو تہ الله ۽ سندس رسول انهن کي پنهنجي فضل سان (غنيمت جو مال ڏيئي ڏيئي ۽ واپار وڌائي) تونگر کري ڇڏيو هو. بهرحال جيڪڏهن اهي ماڻهو هاڻي بہ باز اچن تہ سندن لاءِ بهتر آهي. پر جيڪڏهن منهن موڙيندا رهندا تہ پوءِ ياد رکن تہ الله تعاليٰ ضرور کين دنيا ۽ آخرت ۾ دردناک عذاب ڏيندو. ۽ روءِ زمين تي هنن لاءِ نڪو کو کارساز هوندو، نڪو کو مددگار. (۷٦) ۽ (ڏسو تہ) هنن ۾ کي ماڻهو اهڙا بہ آهن جن الله سان عهد کيو هو تہ، جيڪڏهن هو پنهنجي فضل سان اسان کي (مال ۽ دولت) عطا فرمائيندو تہ اسان ضرور صدقا ڏيندا سين ۽ ضرور نيڪي جي زندگي گذاريندا سين (يعني صالح عمل کندا سين). (۷۸) پوءِ جڏهن الله تعاليٰ هنن کي پنهنجي فضل سان (مال) عطا فرمايو تڏهن ان ۾ کنجو سائي کرڻ لڳا، ۽ (پنهنجي عهد اقرار کان) قري ويا. ۽ حقيقت هي آهي تہ (نيکيءَ کان) هنن جون دليون قريل آهن. (۷۷) پوءِ (انهيءَ ڳالهہ جو نتيجو هي نڪتو جو) سندن دلين ۾ منافقيءَ (جو مرض) دائمي ٿي ويو، انهيءَ تائين (يعني قيامت جي ڏينهن تائين جڏهن الله تعاليٰ جي اڳيان پيش ٿيندا ۽ اها حالت) هن کري ٿيندي جو هنن الله سان جيڪو واعدو کيو هو سو (جاڻي ٻجهي) نہ پاڙيو ۽ پڻ هن کري جو کوڙ ڳالهائيندا رهندا هئا. (۷۸) (افسوس) هنن ايترو بہ نٿي جاتو چا؟ تہ الله تعاليٰ سندن راز ۽ ڳجهہ ۽ سندن ڳجهيون صلاحون ۽ منصوبا چگيءَ طرح جاڻي ٿو ۽ هيءَ ڳالهہ تہ الله تعاليٰ کان غيب جي کابہ ڳالهہ لکل ناهي. (۷۹) جن (منافقن) ماڻهن جو حال هي آهي جو خوشيءِ ۽ اخلاص سان صدقا ڏيڻ وارن مؤمنن تي (رياکاريءَ جي) تهمت لڳائين ٿا ۽ جن مؤمنن کي پنهنجي محنت جي ڪمائيءَ کان سواءِ ٻيو ڪجهہ بہ حاصل ناهي (۽ ان ٺوڙڻي ڪمائي مان بہ جيترو ٿي سگهين ٿو او ترو حق جي راهہ ۾

خرچ ڪري ڇڏين ٿا) تن تي (اهي منافق) ٽوڪون ٿا ڪن. (ڪين ياد رکڻ گهرجي تہ) دراصل الله جي طرف کان خود متن ٽوڪون ٿي رهيون آهن (جو ذلت ۽ نامرادي ۽ جي زندگي گذاري رهيا آهن) ۽ (آخرت ۾) هنن لاءِ دردناڪ عذاب (تيار رکيل) آهي. (۸۰) (اي پيغمبر!) تون هنن لاءِ بخشش جي دعا گهرين، توڙي نہ گهرين (هڪ ئي ڳالهہ آهي.) جيڪڏهن تون ستر پيرا هنن لاءِ بخشش جي دعا گهرين تہ بہ الله تعاليٰ کين هرگز کين بخشيندو. اهو هن ڳالهہ جو نتيجو آهي جو هنن الله ۽ رسول (جي تابعداري ۽) کان انڪار ڪيو ۽ الله (جو مقرر قانون هي آهي تہ) نافرمان باغين لاءِ هو (ڪاميابي ۽ سعادت جي) راهہ ڪڏهن بہ نٿو کولي.

رکوع ۱۱ آيت ۸۱ ـ تا ـ ۸۹

هنن عهد ڪيو هو تہ آسودا ٿيندا سين تہ صدقا ڏيندا سين، پر هاڻي هو بخل ٿا ڪن، رسول ڪريم ﷺ جن کي منافقن کان بيزاري ۽ جو حڪم.

(۸۱) جيڪي (منافق تبوڪ واري جهاد لاءِ شريڪ نہ ٿيا ۽) پٺتي ڇڏيا ويا سي ڏاڍو خوش ٿيا تہ الله جي رسول جي (خواهش جي) خلاف پنهنجي گهرن ۾ (مزي سان سلامت) ويٺا آهيون ۽ کين هي ۽ ڳالهہ سخت ناپسند لڳي تہ پنهنجي مال ۽ جانين سان جهاد ڪيون. هنن ماڻهن کي چيو تہ، اهڙي گرميءَ ۾ (گهر جو آرام ڇڏي) ڪوچ نہ ڪيو. (اي پيغمبر!) تون چئو تہ، دوزخ جي گرمي تہ (ان کان) گهڻو وڌيڪ گرم هوندي. جيڪڏهن هو سمجهہ رکن ها (تہ ڪڏهن بہ پوئتي رهجي پوڻ تي خوشيون نہ ڪن ها). (۸۲) چگو! ٻلي اهي ماڻهو ٿورو کلي وٺن ۽ پوءِ انهن کي پنهنجي انهن بدعملن جي بدلي ۾ گهڻوئي روئڻو پوندو. جيڪي بدعمل هو ڪندا رهيا آهن. (۽ جن لاءِ عذاب ضرور متن ڪڙڪندو). (۸۳) پوءِ جيڪڏهن الله تعاليٰ تو کي انهن مان ڪنهن ٽولي ڏي (صحيح سلامت) موٽائي آڻي، ۽ پوءِ (ڪنهن موقعي تي) هو (جهاد ڪرڻ لاءِ) نڪرڻ جي اجازت گهرن، تہ ان وقت کين چئي ڏجانءِ تہ توهان مون سان ڪڏهن بہ نہ هلو. نڪي ڪڏهن مون سان شامل ٿي دشمن سان وڙهو ڪيو. توهان اڳئين ويري پٺتي رهي پوڻ پسند ڪيو، تنهن ڪري هاڻي بہ پٺتي رهڻ وارن سان گڏ (گهرن ۾) ويٺا رهو. (۸٤) ۽ (اي پيغمبر!) انهن مان ڪوئي مري وڃي تہ تون ڪڏهن بہ ان جي جنازي تي (هاڻي) نماز نہ پڙهجانءِ، نڪي سندس قبر تي بيهي رهجاءِ. ڇو تہ هنن الله ۽ سندس رسول کي نہ مڃيو، ۽ گنهگاري ۽ نافرماني جي حالت ۾ مري ويا. (۸۵) ۽ تو کي هنن جي (گهڻي) مال ملڪيت ۽ اولاد تي عجب ۾ پوڻ نہ گهرجي. اهو مال ۽ اولاد سواءِ هن جي ڪجهہ بہ ناهي تہ الله تعاليٰ چاهي ٿو تہ مال ۽ اولاد جي ذريعي ئي هنن کي عذاب ڏئي (يعني مال ۽ اولاد جي ڪري هو تڪبر ڪري نافرمانيون ۽ گناهہ ڪري پاڻ کي پاڻ تباهہ ڪندا) ۽ هنن جو ساهہ ڪفر جي حالت ۾ نڪري وڃي (يعني پڇاڙي تائين ڪفر کان باز نہ اچن). (۸٦) ۽ (اي پيغمبر!) جڏهن ڪا (قرآن جي) سورت هن باري ۾ نازل ٿئي ٿي تہ الله تي ايمان آڻيو ۽ سندس رسول سان

شامل ٿي جهاد ڪيو، تڏهن انهن مان جيڪي ماڻهو سرندي ۽ وارا آهن، (يعني لڙائي ۽ لاءِ سڀ سهولتيون ۽ طاقتون ۽ مال متاع اٽن) سي ئي تو کان موڪل ٿا گهرن تہ اسان کي ڇڏي ڏي تہ گهرن ۾ ويهڻ وارن سان اسان بہ ويهي رهون. (٨٧) هنن هي ۽ ڳالهہ پسند ڪئي تہ پٺتي رهڻ واربن (عورتن) سان رهجي پئون. (يعني مرد ٿي ڪري جنگ جي وقت زالن سان گهرن ۾ ويهي رهون) ۽ سندن دلين تي مهر لڳي ويئي، تنهن ڪري هو ڪجهہ بہ نہ ٿا سمجهن. (٨٨) پر الله جي رسول ۽ انهن جن، ساڻس گڏ ايمان آندو آهي، پنهنجي مال سان ۽ پنهنجي جانين سان (حق جي راهہ ۾) جهاد ڪيو. (۽ منافقن جون چالبازيون کين ڪونہ برغلائي سگهيون) انهن ئي (مؤمنن) لاءِ چگايون (نعمتون ۽ برڪتون تيار رکيل) آهن، ۽ اهي ئي هر طرح ڪامياب رهندا. (٨٩) الله تعاليٰ انهن (مؤمنن) لاءِ (دائمي نعمتن جا) اهڙا باغ تيار رکيا آهن جن جي هيٺان نهرون وهي رهيون آهن. هو هميشہ انهن ۾ رهندا ۽ اها ئي وڏي ڪامراني ۽ فتح مندي آهي (جا کين نصيب ٿيندي).

رکوع ١٢ آيت ٩٠ ـ تا ـ ٩٩

منافق توهان جي اڳيان قسم ڪٽندا تہ جيئن توهان هنن کان راضي ٿي وڃو، پڪ سان الله بہ هنن کان راضي نہ ٿيندو.

(٩٠) ۽ (اي پيغمبر!) اعرابين مان (يعني بياباني بدوين مان) بهانن ڏيڻ وارا تو وٽ آيا تہ کين بہ (گهر ۾ ويهي رهڻ جي) اجازت ڏني وڃي، ۽ (انهن مان) جن ماڻهن (مسلمان سڏائي) الله ۽ سندس رسول سان ڪوڙ ڳالهايو هو سي گهرن ئي ۾ ويٺا رهيا. ڏسو (يعني ڄاڻو تہ) انهن مان جن (اها) ڪفر جي راهہ اختيار ڪئي تن تي جلدئي دردناڪ عذاب اچي ڪڙڪندو. (٩١) ضعيفن ۽ بيمارن تي ۽ اهڙن ماڻهن تي جن کي خرچ ڪرڻ لاءِ ڪجهہ بہ ناهي تن سيني تي ڪو بہ گناهہ ڪونهي (جيڪڏهن لڙائيءَ ۾ شريڪ نہ ٿين) بشرطيڪ الله ۽ سندس رسول جي خيرخواهيءَ ۾ ڪوشش ڪندڙ هجن. نيڪ عمل ڪندڙن تي ڏوهہ رکڻ لاءِ ڪوبہ سبب ڪونهي. الله تعاليٰ وڏو بخشيندڙ ۽ رحمت وارو آهي. (٩٢) نڪي انهن ماڻهن تي (ڪو گناهہ آهي) جن جو حال هي هو جو (سواري ڪانہ هين ۽) تو وٽ آيا تہ کين سواري ملي ۽ جڏهن تو چيو تہ، مان توهان جي لاءِ سواري ميسر ڪري نٿو سگهان تڏهن (بيوس ٿي) موٽي ويا، پر هنن جون اکيون انهيءَ ڏک ۾ ڳوڙها ڳاڙي رهيون هيون (۽ چئي رهيا هئا تہ افسوس! جو) اسان کي اهو ناهي جو هن راهہ ۾ خرچ ڪيون. (٩٣) گناهہ تہ انهن تي آهي جي تو کان (ويهي رهڻ لاءِ) موڪل ٿا گهرن، اگرچہ هو مالدار آهن. هنن پسند ڪيو تہ (جڏهن سڀ ماڻهو حق جي راهہ ۾ ڪوچ ڪري رهيا هجن تڏهن هو) گهرن ۾ رهيل عورتن سان گڏ (رڳو مٽي تي ڪري) رهي پون، ۽ (حقيقت هي ۽ آهي تہ) الله تعاليٰ سندن دلين تي مهر لڳائي ڇڏي آهي، تنهن ڪري ڪجهہ بہ نٿا ڄاڻن ۽ سمجهن.

حصو يارهون

(٩٤) جڏهن توهان (تبوڪ جي سفر کان) موٽي انهن (منافقن) وٽ ويندؤ تڏهن هو ان وقت توهان جي اڳيان (قسم قسم جا) بهانا ٺاهيندا.(اي پيغمبر! تو کي گهرجي تہ ان وقت) چئي ڏي تہ بهانا نہ ٺاهيو، هاڻي هرگز اسان اوهان تي اعتبار ڪرڻ وارا ناهيون، تحقيق الله تعاليٰ اسان کي اوهان جو احوال پوريءَ طرح ٻڌائي ڇڏيو آهي. هاڻي اڳتي الله ۽ سندس رسول ڏسندا (تہ) اوهان جا عمل (ڪهڙا ٿا رهن. منافقيءَ تي قائم ٿا رهو يا باز اچي سچا مؤمن ۽ صالح ٿا ٿيو؟) ۽ پوءِ (آخر) انهيءَ الله جي طرف موٽائي آندا ويندؤ جو ظاهر ۽ لکل هر طرح جون ڳالهيون ڄاڻندڙ آهي. پوءِ هو اوهان کي ٻڌائيندو تہ (دنيا ۾) ڪهڙا عمل ڪندا رهيا آهيو. (٩٥) جڏهن توهان (سفر تان) موٽي انهن (منافقن) سان ملندؤ تڏهن ضرور هو اوهان جي اڳيان الله جا قسم کٽي چوندا تہ اسان کي ڇڏي ڏيو. سو توهان ڇڏي ڏيون (يعني هنن کان منهن موڙي ڇڏيو) هو پليت ناپاڪ آهن هنن جو ٺڪاڻو دوزخ آهي. اهو (دوزخ) نتيجو ۽ سزا آهي هنن جي (بد عملن جو) جي (بدعمل) هو ڪندا رهيا. (٩٦) هو اوهان جي اڳيان قسم کڻندا تہ (جيئن) توهان هنن کان راضي ٿي وڃو. سو (ياد رکو تہ) جيڪڏهن توهان (پلجي) کائن راضي بہ ٿي وڃو تہ بہ الله تعاليٰ انهن سان ڪڏهن بہ راضي ٿيڻ وارو ناهي، جيڪي (هدايت جي دائري کان) ٻاهر نڪري ويا آهن. (٩٧) اعرابي (صحرا جا عرب) ڪفر ۽ منافقيءَ ۾ سيني کان وڌيڪ سخت آهن ۽ هو هن ڳالهہ لاءِ وڌيڪ حقدار آهن تہ هنن متعلق سمجهيو وڃي تہ دين جي انهن حڪمن جي کين خبر ئي ڪانهي جي الله تعاليٰ پنهنجي رسول تي نازل ڪيا آهن (جو تہ شهرن ۾ نہ رهڻ ڪري تعليم جو موقعو کين ڪونہ ٿو ملي) ۽ الله (سيني جو حال) ڄاڻندڙ ۽ (پنهنجي سيني ڪمن ۾) حڪمت رکندڙ آهي. (٩٨) ۽ اعرابين ۾ اهڙا ماڻهو (بہ) آهن جيڪي (حق جي راهہ ۾ جيڪو ڪجهہ) خرچ ڪن ٿا، تنهن کي (پاڻ تي) ڏنڊ ٿا سمجهن ۽ منتظر رهن ٿا (۽ چاهين ٿا) تہ اوهان تي ڪا گردش (۽ مصيبت) اچي (تہ هو بغاوت ڪن ۽ اسلام ڇڏي ڪن) حقيقت هيءَ آهي تہ گردش (مصيبتن) جا ڏينهن خود متن اچٽا آهن ۽ الله تعاليٰ (سڀ ڪجهہ) ٻڌندڙ ۽ ڄاڻندڙ آهي. (٩٩) ۽ بيشڪ اعرابين ۾ اهڙا ماڻهو بہ آهن جيڪي الله تي ۽ آخرت جي ڏينهن تي ايمان رکن ٿا ۽ جيڪي (حق جي راهہ ۾) خرچ ڪن ٿا تنهن کي الله جي ويجهڙائي (۽ راضپي جو) ۽ رسول جي دعائن جو وسيلو سمجهن ٿا. سو ٻڌي ڇڏيو تہ في الحقيقت اهو (خرچ ڪرڻ) هنن جي لاءِ خدا کي ويجهو ٿيڻ جو سبب آهي. الله تعاليٰ کين پنهنجي رحمت جي دائري ۾ داخل ڪندو. بيشڪ هو وڏو بخشيندڙ ۽ رحمت وارو آهي.

رکوع ۱۳ آيت ۱۰۰ ـ تا ـ ۱۱۰

جن اول اسلام قبول ڪيو، اول هجرت ڪئي ۽ اول مدد ڪئي تن کان الله راضي ٿيو، سچ پچ مسجد اها آهي جيڪا تقويٰ لاءِ هجي، نہ اها جيڪا مسلمانن ۾ ڦيٽارو وجهي.

(۱۰۰) ۽ مهاجرن ۽ انصارن مان جيڪي پهين کان اڳ ۾ (مسلمان) ٿيا ۽ سيني کان اڳي اسلام قبول ڪياڻون ۽ اهي ماڻهو جن سچائيءَ سان سندن پيروي ڪئي (يا صالح عملن ڪرڻ ۾ سندن نقش قدم تي هليا) تن کان الله تعاليٰ راضي ٿيو ۽ هو به الله تعاليٰ کان راضي ٿيا ۽ الله تعاليٰ هنن جي لاءِ (دائمي نعمتن وارا) باغ تيار ڪري رکيا آهن جن جي هيٺان نهرون وهي رهيون آهن. هو هميشہ ان ۾ رهندا ۽ اها وڏي فتح ۽ ڪاميابي آهي. (۱۰۱) ۽ هنن اعرابين مان جي توهان جي چوگرد آهن ڪي منافق آهن ۽ خود مديني جي رهاڪن ۾ به ڪي (ماڻهو اهڙا) آهن جي منافقيءَ ۾ (رهندي رهندي) پڪا منافق ٿي پيا آهن. (اي پيغمبر!) تون هنن کي نٿو ڄاڻين، پر اسان کين ڄاڻون سڃاڻون ٿا. اسان کين ٻ ڀيرا عذاب ڏينداسين (هڪڙو ڀيرو بدعملن يا ڪفر جي بدلي ۾ ۽ ٻيو ڀيرو منافقي ۽ نڪجيءَ جي بدلي) ۽ پوءِ کين انهيءَ عذاب ڏي موڪلجي آندو ويندو جو تمام وڏو عذاب آهي. (۱۰۲) ۽ ٻيا ماڻهو (اهي آهن) جن پنهنجا ڏوهہ گناهہ قبول ڪيا. انهن مليل گڏيل ڪم ڪيا، کي چگا تہ کي برا. ممڪن آهي تہ الله تعاليٰ انهن تي (پنهنجي رحمت جي) موت ڪري. الله تعاليٰ وڏو ئي بخشيندڙ ۽ وڏو ئي رحمت ڪندڙ آهي. (۱۰۳) (اي پيغمبر!) انهن ماڻهن جي مال مان صدقا وٺ. (تون اهي وٺي) انهن ماڻهن کي (ڪنجوسائي ۽ طمع جي برائين کان) پاڪ ۽ (دل جي نيڪين جي ترقيءَ ۾) وڌيڪ ڪندين ۽ تربيت يافتہ ڪندين. پڻ هنن جي لاءِ چگي دعا گهر، بلاشبہ تنهنجي دعا هنن (جي دلين) کي راحت ۽ تسڪين ڏيندي ۽ الله تعاليٰ (دعائون) ٻڌندڙ ۽ (سپ ڪجهہ) ڄاڻندڙ آهي. (۱۰۴) ڇا کين معلوم نہ آهي، تہ الله ئي آهي جو پنهنجي ٻانهن جي توبہ قبول ٿو ڪري ۽ جيڪي بہ هو صدقي طور ڪڍن ٿا، تنهن کي منظور ٿو ڪري؟ ۽ (هي بہ معلوم نہ اٿن ڇا تہ) الله ئي آهي جو وڏي ۾ وڏو توبہ قبول ڪندڙ آهي ۽ وڏي ۾ وڏو رحمت ڪندڙ آهي. (۱۰۵) ۽ (اي پيغمبر!) تون چئو تہ عمل ڪندا رهو. الله تعاليٰ ڏسندو تہ توهان جا عمل ڪهڙا آهن ۽ الله جو رسول بہ ڏسندو ۽ مسلمان بہ ڏسندا ۽ پوءِ توهان سندس طرف موڪلجي آندا ويندؤ. (قيامت جي ڏينهن انهيءَ الله وٽ حاضر ٿيندؤ) جو ظاهر ۽ ڳالهيون توڙي لکل غيب جون ڳالهيون ڄاڻندڙ آهي. پوءِ هو توهان کي ٻڌائيندو تہ جيڪي عمل توهان ڪندا رهيا آهيو تن جي حقيقت ڇا هئي؟ (۱۰۶) ۽ (بيان ڪيل توبہ ڪندڙ جماعت کان سواءِ) ڪي ٻيا ماڻهو آهن جن جو معاملو هن انتظار ۾ تہ الله جو ڪهڙو حڪم ٿو اچي، ملتوي ڪيو ويو آهي) يعني انهن جو ڪيس رکيو ويو آهي جيستائين بالا عملدار الله تعاليٰ جو حڪم صادر ٿئي) اهو خدا کين عذاب ڪري يا (پنهنجي رحمت جي) انهن تي موت ڪري (سندس هت ۾ آهي) ۽ الله تعاليٰ (سپ ڪجهہ) ڄاڻندڙ ۽ (پنهنجي سيني ڪمن ۾) حڪمت رکندڙ آهي. (۱۰۷) ۽ (منافقن مان اهي

ماڻهو ٻہ آهن) جن هن مطلب سان هڪ مسجد ٺاهي ڪڙي ڪئي تہ (مسلمانن کي) نقصان پهچائين، ڪفر کن ۽ مؤمنن ۾ ڦيٽارو وجهن، ۽ انهن ماڻهن لاءِ هڪ (منصوبي ٺاهڻ جي) جاءِ پيدا ڪن جي اڳي الله ۽ سنس رسول سان وڙهي چڪا آهن. هو ضرور قسم ڪٽي چوندا تہ اسان جو مطلب سواءِ ڀلائي ۽ چگائي جي ٻيو ڪجهہ ٻہ نہ هو، پر الله تعاليٰ جي شاهدي هيءَ آهي تہ هو پنهنجي قسمن ۾ بلڪل ڪوڙا آهن. (۱۰۸) (اي پيغمبر!) تون ڪڏهن ٻہ انهيءَ مسجد ۾ نہ بيهجانءِ، تنهنجي بيهڻ لاءِ (۽ مؤمنن کي نماز پڙهائڻ لاءِ) تہ اها (ڪي) مسجد حقدار آهي، جنهن جو بنياد پهرئين ڏينهن کان تقويٰ تي رکيو ويو آهي. (يعني قبا واري مسجد ۽ مسجد نبوي) ان ۾ اهڙا ماڻهو (ايندڙ) آهن جيڪي پاڪ ۽ صاف رهڻ پسند ٿا ڪن ۽ الله ٻہ پاڪ ۽ صاف رهڻ وارن کي ئي پسند ٿو ڪري. (۱۰۹) ڇا اهو شخص بهتر آهي جنهن پنهنجي عمارت جو بنياد الله جي خوف ۽ سندس راضپي تي رکيو (جو بنياد ڪڏهن ٻہ ڍهڻ وارو ناهي) يا اهو (ماڻهو بهتر آهي) جنهن هڪ ڪاٺ جي ڪرندڙ ڪناري تي پنهنجي عمارت جو بنيد رکيو ۽ اها (عمارت) پنهنجي ٺاهيندڙ سميت دوخ جي باهہ ۾ وڃي ڪري. حقيقت هيءَ آهي تہ الله تعاليٰ انهن کي (ڪاميابي ۽ سعادت جي) راهہ نٿو ڏيڪاري جيڪي ظلم جو شيوو اختيار ڪن ٿا. (۱۱۰) اها عمارت جا هنن ٺاهي آهي (يعني مسجد ضرار، نقصان واري مسجد) هميشہ هنن جي دلين کي شڪن ۽ شبهن ۾ ٽڙڪندڙ رکندي. (اهو ڪنبو سندن دلين ۾ چيندو رهندو) جيستائين هنن جون دليون ڪاٽي ذرا ذرا ڪيون وڃن، (چو تہ سندن منافقيءَ جي اها وڏي شرارت هئي جا ڪامياب نہ ٿي. تنهن ڪري ان جي سبب هو هميشہ خوف ۽ هراس جي حالت ۾ رهندا) ۽ الله تعاليٰ (سيني جو حال) ڄاڻندڙ ۽ (پنهنجي سيني ڪمن ۾) حڪمت رکندڙ آهي.

رڪوع ۱۴ آيت ۱۱۱ ـ تا ـ ۱۱۸

الله تعاليٰ مؤمنن کان سندن مال ۽ جانيون خريد ڪري ورتيون آهن، جنت جي بدلي ۾.

(۱۱۱) بلاشبہ الله تعاليٰ مؤمنن کان سندن جانيون ۽ مال ملڪيتون خريد ڪري ورتيون آهن، هن قيمت تي (خريد ڪيون اٿس) تہ هنن کي بهشت (جي دائمي زندگي) ملي، اهي (مؤمن ڪنهن دنيائي مقصد لاءِ نہ پر) الله جي راهہ ۾ جنگ ڪن ٿا، پوءِ قتل ڪن ٻہ ٿا ۽ قتل ٿين ٻہ ٿا. اهو واعدو الله جي ذمي ٿي چڪو (يعني اهو سندس قانون آهي) تورات، انجيل، قرآن (ٽنهي ڪتابن) ۾ (هڪ ئي نموني انهيءَ ڳالهہ جو اعلان ڪيل آهي) ۽ الله کان وڌيڪ ڪير آهي جو پنهنجو واعدو ٽيڪ طرح پورو ڪرڻ وارو هجي؟ پوءِ (اي مسلمانو!) پنهنجي هن سودي تي جو توهان الله سان ڪيو آهي خوشيون ڪيو ۽ اها ئي وڏي ۾ وڏي فتح ۽ ڪامراني آهي. (۱۱۲) (انهن مؤمنن جي وصفن ۽ عملن جو حال هي آهي جو هو پنهنجي پل چڪ ۽ خطائن کان) توبہ ڪندڙ (يعني اصلاح ڪندڙ)، عبادت (يعني سيني حڪمن جي فرمانبرداري) ڪندڙ، الله تعاليٰ جي حمد ۽ ثنا ڪندڙ (يعني الله تعاليٰ جون صفتون بيان ڪندڙ ۽ انهن تي عمل ڪندڙ)، سير ۽ سفر ڪندڙ، (۽ عبرت

وٺندڙ) ۽ رکوع ڪندڙ ۽ سجدي ۾ جھڪندڙ، نيڪيون ڪرڻ جو حڪم ڏيندڙ، برائين کان روڪيندڙ ۽ الله تعاليٰ جي ٺهرايل حدن جي حفاظت ڪندڙ آهن. (اي پيغمبر! اهي ئي سچا مؤمن آهن) ۽ مؤمنن کي (ڪاميابي ۽ سعادت جي) خوشخبري ٻڌائي ڇڏ. (۱۱۳) پيغمبر کي ۽ انهن ماڻهن کي جيڪي ايمان رکن ٿا، هيئن ڪرڻ مناسب ناهي جو، جڏهن چٽائي ٿي وڃي ته هي ماڻهو دوزخي آهن، تڏهن به مشرڪن جي مغفرت لاءِ طلبگار ٿين، اگرچه اهي مشرڪ سندن ويجها مائٽ هجن. (۱۱٤) ۽ حضرت ابراهيم جو پنهنجي پيءُ جي بخشائش (جي خواهش) ڪئي هئي سو فقط هن سبب ته پنهنجو اهو واعدو پورو ڪري جو ساڻس ڪيو هئائين (يعني حضرت ابراهيم عليہ السلام پنهنجي پيءُ کي چيو هو ته، منهنجي وس ۾ ٻيو ته ڪجھ به نه آهي. فقط دعا گهري ٿو سگهان جا دعا گهرندو رهندس) پر جڏهن هن لاءِ چٽائي ٿي ويئي ته هو الله (جي سچائي) جو دشمن آهي، تڏهن هن کان بيزار ٿي ويو. بلاشبہ حضرت ابراهيم عليہ السلام ڏاڍو نرم دل ۽ بردبار (برداشت ڪندڙ انسان) هو. (۱۱۵) ۽ الله جو هي شان ناهي جو ڪنهن جماعت کي هدايت ڏئي (۽) پوءِ وري گمراهہ ٺهرائي، جيستائين ڪ هنن لاءِ اهي سڀ ڳالهيون چٽيون ڪري ڇڏي، جن کان هنن کي بچڻ گهرجي. بيشڪ الله تعاليٰ جي علم کان ڪابہ ڳالهہ ٻاهر ناهي. (۱۱٦) بيشڪ آسمانن ۽ زمين جي بادشاهت الله ئي جي لاءِ آهي. اهوئي جياري ٿو ۽ اهو ئي ماري ٿو. سڀ ڪجھ سندس قبضي ۾ آهي) ۽ (مسلمانؤ!) ڪائنس سواءِ نہ ڪوئي اوهان جو رفيق ۽ ڪارساز آهي، نہ ڪو مددگار آهي. (۱۱۷) الله تعاليٰ پنهنجي رحمت سان پيغمبر ڏي موٽ ڪئي، پڻ مهاجرن ۽ انصارن ڏي رحمت جي موٽ ڪيائين جي وڏي تنگي ۽ تڪليف جي گهڙي ۾ (تبوڪ واري سفر وقت) سندس پٺيان لڳا، (۽ جهاد لاءِ نڪتا) ۽ اهڙي وقت پٺيان لڳا جڏهن حالت اهڙي ٿي چڪي هئي جو هڪ ٽوليءَ جون دليون ڏري گهٽ هٽڻ ڏانهن مائل ٿيون هيون، پر هي پنهنجي رحمت سان انهن سيني ڏانهن موٽيو. بيشڪ هو شفقت رکندڙ (مهربان) ۽ رحمت وارو آهي. (۱۱۸) ۽ (اهڙيءَ طرح) انهن ٽن شخصن ڏي بہ (سندس رحمت جي موٽ ٿي) جي (انتظار جي حالت ۾) ڇڏيا ويا هئا (۽ انهيءَ وقت رحمت جي موٽ ٿي) جڏهن زمين پنهنجي ڪشادگيءَ هوندي هنن لاءِ تنگ ٿي وئي هئي ۽ پاڻ بہ پنهنجي جان کان تنگ اچي ويا هئا ۽ هنن پاڻ بہ ڄاتو ٿي ته الله کان پڇي ڪين ڪابہ پناهہ ملي نہ ئي سگهي سواءِ سندس ئي دامن ۾. پوءِ الله تعاليٰ انهن تي پنهنجي رحمت جي موٽ ڪئي، انهيءَ لاءِ ته هو بہ (خدا جي فضل ڏانهن) موٽن، بلاشبہ الله ئي آهي جو وڏو توبہ قبول ڪندڙ ۽ وڏو رحمت وارو آهي.

رکوع ۱۵ آيت ۱۱۹ ـ تا ـ ۱۲۲

اوهان مان هڪڙي ٽولي ديني علم حاصل ڪري ماڻهن کي گناهن کان بچڻ لاءِ خبردار ڪري.

(۱۱۹) مؤمنؤ! خدا جو خوف رکو ۽ سچن جا ساٿي بڻجو (چو ته اها سچائي هئي جا انهن ٽن اصحابن

جي بخشش جو وسيلو ٿي.) (١٢٠) مدينيءَ جي ماڻهن کي ۽ انهن اعرابين کي جي ان جي آسپاس رهندا هئا، لائق نه هو ته الله جي رسول سان (دشمنن جي حملن کي روڪڻ ۾) شامل نه ٿين ۽ پنهنجي رهجي پون، نه کي هيءَ ڳالهه مناسب هئي ته سندس جان جي پرواهه نه ڪري رڳو پنهنجي جانين جي فڪر ۾ پئجي وڃن. هن ڪري جو الله جي راهه ۾ جيڪا مصيبت هنن کي درپيش اچي ها سا هنن جي لاءِ هڪ نيڪ عمل شمار ڪئي وڃي ها. جيڪا اڃ هنن کي سَهڻي پوي ها، جيڪا محنت، تڪليف، ٽڪ ۽ ٻک کين ستائي ها، جيڪو ٻه قدم هو اوڏانهن کڻن ها جاڏي هلڻ ڪافرن جي غصي ۽ غضب جو ڪارڻ ٿئي ها ۽ جيڪا جيڪا شيءِ هو (غنيمت طور) دشمنن کان هٿ ڪن ها (اهي سڀ ڳالهيون هنن جي لاءِ نيڪ عمل ثابت ٿين ها، جو ته) الله تعاليٰ نيڪ عملن جو اجر ڪڏهن به ضايع نٿو ڪري. (١٢١) ۽ (ساڳيءَ طرح هو الله جي راهه ۾) جيڪا ٻه رقم خرچ ڪن ها، ننڍي رقم يا وڏي، جيڪو ٻه ميدان لتاڙي اڳتي وڌن ها، تنهن جي (نيڪي) سندن نالي تي (خدا جي) ڪتاب ۾ لکي وڃي ها. انهيءَ لاءِ ته الله تعاليٰ کين سندن ڪمن جو چڱي ۾ چڱو اجر عطا فرمائي. (١٢٢) ۽ ائين ممڪن نه هو ته، سڀئي مسلمان (پنهنجي گهر مان) نڪري ڪڙا ٿين (۽ ديني تعليم جي مرڪز ۾ اچي تعليم وٺن) پوءِ جو نه ائين ڪيو ويو ته هر گروهه مان هڪڙي ٽولي اچي ها جيڪا دين جو علم حاصل ڪري ها ۽ دين کي سمجهي ها ۽ جڏهن (تعليم ۽ تربيت بعد) پنهنجي گروهه ڏي موٽي وڃي ها تڏهن ماڻهن کي (جهل ۽ غفلت جي نتيجن کان) خبردار ڪري ها، انهيءَ لاءِ ته (برائين ۽ گناهن کان) بچن.

رکوع ١٦ آيت ١٢٩-١٢٣

قرآن جون آيتون مؤمنن جي ايمان کي وڌائين ٿيون، رسول ﷺ توهان جي مٿان مصيبتن تي ڏکارو ٿئي ٿو.

(١٢٣) مؤمنؤ! انهن ڪافرن سان جنگ ڪيو جي اوهان جي آسپاس (پکڙيل) آهن ۽ (اهڙي نظم ۽ جوش سان لڙو جو) هو (جنگ ۾) اوهان جي سختي ۽ طاقت ۽ بهادري) محسوس ڪن، (چو ته سختيءَ کان سواءِ جنگ جنگ ناهي) ۽ ياد رکو ته، الله تعاليٰ انهن جو ساٿي آهي، جيڪي (هر حال ۾) متقي آهن. (يعني خدا جي حڪمن جي بجا آوري ڪندڙ آهن). (١٢٤) ۽ جڏهن (الله تعاليٰ وٽان) قرآن مجيد جي ڪا سورت نازل ٿئي ٿي ته انهن (منافقن) مان ڪي اهڙا ماڻهو آهن، جيڪي (انڪار ۽ شرارت طور) چون ٿا ته، توهان مان ڪنهن جو ايمان انهيءَ (سورت) وڌايو آهي؟ حقيقت ته هيءَ آهي ته جيڪي ايمان رکن ٿا، تن جو ايمان بيشڪ زياده ڪيو اٿس ۽ اهي ان تي خوش ٿي رهيا آهن. (١٢٥) پر جن ماڻهن جي دلين ۾ (منافقت جو) مرض آهي تن جي ناپاڪيءَ ۾ هڪ ٻي ناپاڪي ٻه (انهيءَ سورت) وڌائي ڇڏي. اهي مري ويا ۽ هن حالت ۾ مري ويا جو (پڇاڙيءَ تائين) ڪفر ۾ رهيا. (١٢٦) (افسوس! انهن جي حال تي) چا هو ڏسن نٿا ته اهڙو سال

ڏي ڪونهي جنهن ۾ هڪ يا ٻه پيرا آزمائش (۽ مصيبت) ۾ وڌا ننڍا وڃن، تڏهن ٻه اهي (اهڙا ته ڪنور آهن جو) نڪي توبہ ٿا ڪن، نڪي نصيحت ٿا وٺن. (۱۲۷) ۽ جڏهن ڪابہ سورت نازل ٿئي ٿي (جنهن ۾ منافقن جو ذڪر ڪيو وڃي ٿو) تڏهن هو پاڻ ۾ هڪ ٻئي ڏانهن نهاريڻ لڳن ٿا، (گويا چون ٿا ته) توهان تي ڪنهن جي نگاهہ ته ڪانهي، (يعني اوهان پنهنجو ذڪر ٻڌي جو واڌرو منهن ڪري رهيا آهيو، تنهن تي ڪنهن جي نظر ته نہ پئجي ويئي) پوءِ منهن ڦيرائي هليا وڃن ٿا. حقيقت هيءَ آهي ته الله تعاليٰ هنن جون دليون ئي (سچائيءَ کان) ڦيرائي ڇڏيون آهن، ڇو ته هو اهڙا ماڻهو آهن جو عقل ۽ سمجهہ کان بلڪل ڪورا آهن. (۱۲۸) (مسلمانو!) توهان وٽ (الله جو) هڪ رسول اچي ويو آهي، جو توهان ئي منجهان آهي. توهان جي ڏک ۽ تڪليف ۾ پوڻ هن کي ڏاڍو ڏکارو ٿو ڪري، هو توهان جي ڀلائيءَ جو ڏاڍو خواهشمند آهي، هو مؤمنن جي لاءِ شفقت رکندڙ (مهربان) ۽ رحم وارو آهي. (۱۲۹) (اي پيغمبر!) جيڪڏهن انهيءَ هوندي ٻه هي ماڻهو منهن موڙين (۽ غفلت ڪن) ته کين ٻڌائي ڇڏ ته الله جو سهارو ڪافي آهي. ڪوبہ معبود ڪونهي پر فقط سندس ذات. مان انهيءَ تي ئي ڀروسو رکيو. هو (سڄي ڪائنات جي شهنشاهيءَ جي) عرش عظيم جو خداوند آهي.

سورت يونس

بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي.

رڪوع ۱ آيت ۱ ـ تا ـ ۱۰

جيڪي ماڻهو فقط هن دنيا جي موجن جا خواهشمند آهن ۽ حق کان غافل ٿا رهن، سي دوزخ جي باهہ ۾ پوندا.

(۱) الف ـ لام ـ را ـ هي آيتون آهن حڪمت سان ڀريل ڪتاب جون. (يعني اهڙي ڪتاب جون جنهن جون سڀ ڳالهيون حڪمت ۽ دانائيءَ جون ڳالهيون آهن.) (۲) ڇا ماڻهن کي هن ڳالهہ تي عجب ٿو لڳي ته منجهانئن ئي هڪڙي ماڻهوءَ ڏي اسان وحي موڪليو آهي؟ (اهو هن ڳالهہ جو وحي آهي) ته ماڻهن کي (انڪار ۽ بدعمليءَ جي نتيجن کان) خبردار ڪري ۽ ايمان وارن کي خوشخبري ڏئي ته هنن لاءِ پروردگار وٽ چگي ۽ وڏي پوزيشن (درجو) آهي. (پر) ڪافرن ڇيو ته، بلاشبہ هي شخص جادوگر آهي، ظاهرظهور (جادوگر!) (۳) (اي انسانؤ!) اوهان جو پروردگار ته اهوئي الله آهي جنهن آسمانن کي ۽ زمين کي ڇهن ايامن ۾ پيدا ڪيو. (يعني ڇهن مقرر زمانن ۾ پيدا ڪيو) پوءِ پنهنجي حڪومت جي تخت تي با قدرت قائم رهيو. اهوئي سيني ڪمن جو بندوبست ڪري رهيو آهي، (يعني دنيا پيدا ٻہ پاڻ ڪيائين ۽ ان تي حڪومت ٻہ فقط سندس ئي

رهي) هن وٽ کوبہ سفارش ڪندڙ ٿي نہ ٿو سگهي، سواءِ ان جي جنهن کي پاڻ اجازت ڏئي، (۽ اجازت کان پوءِ هو سفارش ڪرڻ جي جرئت ڪري) اهوئي آهي الله اوهان جو پروردگار. تنهن ڪري انهيءَ جي بندگي ڪيو، ڇا توهان غور ۽ فڪر کان ڪم نٿا وٺو؟ (٤) اوهان سڀني کي آخر ڏانهس ئي موٽڻو آهي. اهو الله جو سچو واعدو آهي. اهوئي آهي جو خلق جي شروعات ڪري ٿو ۽ وري ان کي ٻيهر ڌرائيندو (يعني مرڻ کان پوءِ ٻيهر زندهہ ڪندو) انهيءَ لاءِ تہ جن ايمان آندو ۽ چڱا عمل ڪيا تن کي عدل ۽ انصاف سان بدلو ڏئي. (باقي رهيا اهي ماڻهو) جن ڪفر جي راهہ اختيار ڪئي سو انهن کي ڪفر جي عيوض ۾ ٺهڪندڙ پاڻي پيئڻ لاءِ ملندو ۽ دردناڪ عذاب ملندو. (٥) اهوئي آهي جنهن سج کي چمڪندڙ بنايو ۽ چنڊ کي روشن ڪيو، ۽ وري چنڊ جي منزلن جو اندازو ٺهرايو، انهيءَ لاءِ تہ توهان سالن جو ڳاڻيٽو ۽ حساب معلوم ڪيو. الله تعاليٰ هي سڀ ڪجهہ بنا حڪمت ۽ مصلحت جي ڪونہ ٺاهيو آهي. جيڪي ماڻهو علم وارا آهن تن جي لاءِ هو (پنهنجي قدرت ۽ حڪمت جا) دليل کولي کولي بيان ڪري ٿو. (٦) بيشڪ رات ڏينهن جي هڪ ٻئي پٺيان اچڻ ۾ ۽ انهن سيني شين ۾ جي الله تعاليٰ آسمانن ۽ زمين ۾ پيدا ڪيون آهن، انهن ماڻهن لاءِ (سندس قدرت ۽ حڪمت جون) نشانيون آهن جيڪي متقي (يعني خدا جو خوف رکي گناهن کان پاڻ کي بچائڻ وارا) آهن. (٧) جيڪي ماڻهو (مرڻ بعد) اسان سان ملڻ (۽ اسان جي اڳيان پيش ٿيڻ) جي اميد نٿا رکن (يعني قيامت کان ئي انڪار ٿا ڪن) فقط هن دنيا جي زندگيءَ ۾ مگن ۽ خوش آهن ۽ انهيءَ حالت تي ريجهي ويا آهن ۽ جيڪي ماڻهو اسان جي آيتن (يعني نشانين ۽ حڪمن) کان غافل آهن. (٨) تن جو ٺڪاڻو دوزخ آهي. انهيءَ ڪمائي جي سببان جيڪا (پاڻ پنهنجي ئي عملن جي ذريعي) ڪمائيندا رهن ٿا. (٩) جن ماڻهن ايمان آندو ۽ صالح عمل ڪيا تن جي ايمان جي سببان (ڪاميابي ۽ سعادت جي راهہ) سندن پروردگار انهن لاءِ کولي ڇڏيندو. جڏهن هو الاهي نعمتن جي باغن ۾ هوندا تڏهن سندن هيٺان نهرون وهي رهيون هونديون. (١٠) اتي (انهن باغن ۾، يعني بهشت ۾) سندن صدا (يا پڪار) هيءَ هوندي تہ، اي خدا! سڀ پاڪايون تنهنجي لاءِ ئي آهن. هنن جي دعا هيءَ هوندي تہ، سلامتي هجي ۽ دعائن جو خاتمو هيءُ هوندو تہ الحمدلله رب العالمين.

رکوع ٢ آيت ١١ ـ تا ـ ٢٠

الله تعاليٰ گناهن جي سزا هڪدم نٿو ڏئي، فاسقن کي ڍڳهو رسو ڏئي ٿو.

(١١) ۽ (ڏسو تہ) انسان جهڙيءَ طرح فائدي لاءِ تڪڙ لائي ٿو ڏئي، تهڙيءَ طرح جيڪڏهن الله بہ (سندس بدعملن جي ڪري) کيس نقصان پهچائڻ ۾ جلدي ڪري تہ سندس وقت (سزا يا موت جو) ڪڏهن پورو ٿي وڃي ها. (پر جزا ڏيڻ ۾ خدائي قانون مهلت ڏيڻ جو آهي) پوءِ جيڪي ماڻهو (مرڻ بعد) اسان وٽ پيش ٿيڻ جي اميد نٿا رکن (يعني کين قيامت کان ئي انڪار آهي) تن کي

اسان سندن سرڪشين ۽ بدڪارين ۾ سرگردان ڇڏي ڏيون ٿا. (۱۲) ۽ جڏهن ڪنهن انسان کي ڪا تڪليف پهچي ٿي ته ڪهڙي به حال ۾ هجي، پاسي ۾ ليٽيل هجي يا بيٺو هجي، اسان کي پڪارڻ لڳي ٿو، پر جڏهن اسان سندس تڪليف لاهي ٿا ڇڏيون تڏهن هو اهڙيءَ طرح (منهن موڙي) هليو وڃي ٿو جو جڙ ته مصيبت جي وقت هن اسان کي پڪاريو ئي ڪونه هو. پوءِ ڏسو ته جيڪي ماڻهو حدون لنگهي وڃن ٿا تن جي نظر ۾ سندن ڪم سهٽا ڪري ڏيکاريا ويا آهن. (۱۳) ۽ توهان کان اڳي گهٽيون ئي امتون ٿي گذريون آهن جن جڏهن ظلم جي واٽ ورتي تڏهن اسان کين برباد ڪري ڇڏيو. انهن جا رسول انهن ڏي روشن دليلن سان آيا هئا، پر تنهن هوندي به هو ايمان آڻڻ تي آماده نه ٿيا. (سو ڏسو ته) گنهگارن کي اهڙيءَ طرح (تباهه ڪرڻ سان) سندن گناهن جو بدلو ڏيندا آهيون. (۱٤) پوءِ انهن (امتن) بعد اسان توهان کي سندن جانشين بنايو انهيءَ لاءِ ته ڏسون ته توهان جا عمل ڪهڙا ٿا ٿين. (۱۵) ۽ (اي پيغمبر!) جڏهن تون اسان جون چٽيون آيتون کين پڙهي ٻڌائين ٿو تڏهن جيڪي ماڻهو (مرڻ بعد) اسان وٽ حاضر ٿيڻ جي اميد نه ٿا رکن (يعني سمجهن ٿا ته نڪا قيامت ٿيڻي آهي، نڪي خدا وٽ پيش ڪيا ويندا سين) سي چون ٿا ته هن قرآن جي بدران ڪو ٻيو قرآن آڻي ٻڌاءِ يا انهيءَ قرآن (جي مطلبن) ۾ ڦيرڦار ڪر. تون کين چئو ته، مون کي طاقت ناهي جو مان پنهنجي خيال ۽ مرضيءَ تي ان ۾ ڦيرڦار ڪريان. مان ته بس انهيءَ حڪم جو تابعدار آهيان جو مون ڏي وحي جي رستي موڪليو وڃي ٿو. جيڪڏهن پروردگار جي حڪم کان منهن موڙيندس ته (مون تي عذاب اچي ويندو) مان ته عذاب جي وڏي ڏينهن کان ڊڄان ٿو. (۱۶) ۽ کين (اهو به) چئو ته، جيڪڏهن الله تعاليٰ چاهي ها ته مان توهان کي قرآن ٻڌايان ئي ڪونه ها، نڪي ان جي ذريعي اوهان کي خبردار ڪريان ها. (پر سندس مرضي اها آهي ته سندس ڪلام اوهان لاءِ نازل ٿئي ۽ اوهان کي سڃي جهان جي هدايت جو ذريعو بنائي) پوءِ ڏسو ته هيءَ حقيقت آهي ته هن معاملي کان اڳي (يعني نبوت ملڻ کان اڳي ٤۰ سال) اوهان ماڻهن جي وچ ۾ هڪ پوري عمر گذاري چڪو آهيان، ڇا توهان سمجهه ۽ عقل نٿا هلايو؟ (۱۷) پوءِ ٻڌايو ته انهيءَ کان وڌيڪ ظالم ڪير ٿي سگهي ٿو جو پنهنجي اندر مان ڪوڙي ڳالهه ٺاهي الله تي مڙهي (ته هي الله جو وحي آهي) ۽ انهيءَ کان جيڪو الله تعاليٰ جي سچين آيتن کي ڪوڙو سمجهي رد ڪري (وڌيڪ ظالم ۽ شرير ڪير آهي؟) يقيناً گناهه ڪندڙ ڪڏهن به ڪاميابي حاصل ڪري نٿا سگهن. (۱۸) ۽ (هي مشرڪ) الله کي ڇڏي اهڙين هستين جي پوڄا ڪن ٿا جي نڪي کين نقصان پهچائي سگهن ٿيون، نڪي فائدو. ۽ هو چون ٿا ته، (اسان هن ڪري انهن جي پوڄا ڪيون ٿا جو) اهي الله وٽ اسان جا سفارشي آهن. (اي پيغمبر!) تون چئي ڏي ته، ڇا توهان الله کي اهڙي ڳالهه جي خبر ڏيڻ چاهيو ٿا جا خود ڪيس به معلوم ناهي؟ نڪي آسمانن ۾ نڪي زمين ۾؟ پاڪ ۽ بلند آهي سندس ذات انهيءَ شرڪ کان جيڪو هي ماڻهو ڪري رهيا آهن. (۱۹) ۽ (شروعات ۾) انسانن جي هڪ ئي امت هئي پوءِ هو الڳ الڳ ٿي ويا ۽ جيڪڏهن توهان جي پروردگار جي

طرفان اڳ ئي هڪڙي ڳالهه نه ٻڌائي ويئي هجي ها (يعني ته ماڻهو الڳ الڳ واٽن تي هلندا ۽ ان اختلاف ۾ انهن لاءِ عملن جي آزمائش ٿيندي) ته جن ڳالهين ۾ ماڻهو اختلاف ڪري رهيا آهن تن جو فيصلو ڪڍڻ کان ٿي چڪو هجي ها. (۲۰) ۽ هي ماڻهو چون ٿا ته، چو هن تي (يعني رسول ﷺ تي) سندس پروردگار وٽان ڪا نشاني (يا معجزو) نٿو نازل ٿئي؟ (اي پيغمبر!) تون چئي ڏي ته غيب جو علم ته فقط الله جي لاءِ آهي. پوءِ ترسو مان ۾ توهان سان گڏ ترسڻ وارن مان آهيان (ٿورن ئي سالن ۾ سڃاڻي ۽ ڪوڙائي جو فيصلو ٿيو ۽ سچن کي فتح نصيب ٿي.)

رڪوع ۳ آيت ۲۱ ـ تا ـ ۳۰

جڏهن انسان تي ڪا مصيبت اچي ٿي ته فطرتاً خدا کي پڪاري ٿو، پر جڏهن خوشين ۾ محو آهي تڏهن حق کان ۽ چگن عملن کان غافل رهي ٿو.

(۲۱) ۽ جڏهن اسان (يعني الله تعاليٰ) ماڻهن کي ڏکن بعد رحمت جو مزو چکايون ٿا تڏهن هڪدم اسان جي (رحمت جي) نشانين جي خلاف باريڪ باريڪ حيلا ڪاهڻ شروع ڪري ڏين ٿا. (اي پيغمبر!) تون چئو ته، الله اهڙين باريڪين ۾ سڀني کان وڌيڪ تيز آهي. سندس فرشتا توهان جون اهي سڀ مڪاريون لکي رهيا آهن. (۲۲) اهوئي (الله) آهي جنهن توهان جي لاءِ زمين تي ۽ پاڻيءَ تي سير ڪرڻ جو بندوبست ڪري ڇڏيو آهي. پوءِ جڏهن توهان جهازن ۾ سوار ٿيو ٿا ۽ جهاز سٽائي واءَ لڳڻ ڪري توهان کي ڪٽي روانا ٿين ٿا ۽ مسافر خوش ٿين ٿا (ته ڪهڙي نه چگي هوا لڳي رهي آهي) پوءِ اوچتو سخت هوا جا جهوٽا لڳن ٿا ۽ هر طرف کان لهرن جي ڏم لڳي وجي ٿي ۽ مسافر پائڻن ٿا ته بس هاڻي انهن لهرن ۾ گهيرجي ويا سين (۽ بچڻ جي ڪا به اميد ڪانهي) ته پوءِ (هنن کي خدا کان سواءِ ٻي ڪا به هستي ياد نٿي اچي ۽ هو) دين جي اخلاص (۽ سچائيءَ) سان خدا کي پڪارڻ لڳن ٿا ته، اي خدا! جيڪڏهن هن حالت منجهان اسان کي چوٽڪارو ڏئين ته اسان ضرور تنهنجا شڪرگذار رهنداسين. (۲۳) پوءِ (ڏسو ته) جڏهن الله تعاليٰ کين چوٽڪارو ڏئي ٿو تڏهن هڪدم (پنهنجي عهد اقرار وساري ڇڏين ٿا ۽) ناحق ملڪ ۾ سرڪشي ۽ فساد ڪرڻ لڳن ٿا. اي انسانؤ! توهان جي سرڪشي ۽ شرارتن جو وبال ته خود توهان جي ئي جانين تي پوڻ وارو آهي. اهي دنيا جي (ٿورڙن ڏينهن جي) زندگي جا فائدا آهن سي پلي ماڻيو. پوءِ توهان کي اسان ڏي ئي موٽي اچڻو آهي. ان وقت اسان توهان کي ٻڌائينداسين ته جيڪي جيڪي دنيا ۾ ڪندا رهيؤ تنهن جي حقيقت ڇا هئي؟ (۲٤) دنيا جي زندگيءَ جو مثال ته بس اهڙوئي آهي، جهڙو هيءُ معاملو ته آسمان مان اسان مينهن وسايو ۽ زمين جا اوپڙ جي ماڻهن ۽ چوپاين جانورن لاءِ کاڌ ۽ خوراڪ جو ڪم ڏئي ٿي سا ان مينهن سان سرسبز ٿي، پوءِ جڏهن اهو وقت آيو جو زمين (پنهنجي ساوڪ ۽ لعلائي جا) سڀ زيور پاتا ۽ (لڏندڙ پوکن ۽ ميويدار باغن سان) سينگارجي ويئي ۽ زمين جي مالڪن سمجهيو ته، هاڻي فصل اسان جي قبضي

۽ اچي ويو، تڏهن اوچتوئي اوچتو اسان جو حڪم ڏينهن جي وقت يا رات جي وقت اچي ويو ۽ اسان زمين جو سڄو فصل اهڙيءَ طرح پاڙون پٽي ڦٽي ڪيو جو ڄڻ ته گذريل هڪ ڏينهن تائين ان جو ڪو نالو نشان به ڪونه هو. اهڙيءَ طرح اسان (حقيقت جا) دليل کولي کولي بيان ڪيون ٿا انهن ماڻهن لاءِ جيڪي غور ۽ فڪر ڪندڙ آهن. (۲۵) ۽ الله تعاليٰ سلامتيءَ جي گهر ڏانهن سڏي ٿو ۽ جنهن لاءِ وٽيس ٿو تنهن کي (ڪاميابي ۽ نجات جي) سڌي واٽ تي لڳائي ٿو. (۲۶) (الله جو قانون هيءُ آهي ته) جن ماڻهن چڱائي ڪئي تن جي لاءِ چڱائي ئي ٿيندي، بلڪ ان کان به گهڻو زياده چڱائي ڪين ملندي. سندن چهرن تي نڪي (محروميءَ جي) ڪاراڻ لڳندي، نڪي ذلت ۽ خواري جو اثر ظاهر ٿيندو. اهڙا ئي ماڻهو جنتي آهن ۽ هميشه جنت ۾ رهندا. (۲۷) ۽ جن ماڻهن برايون ڪمايون تن لاءِ برائيءَ جو نتيجو اهڙوئي نڪرندو، جهڙي برائي ڪئي هوندائون ۽ انهن تي خواري ڇائنجي ويندي. الله (جي قانون) کان ڪين بچائڻ وارو ڪوبه نه هوندو. سندن چهرن تي اهڙيءَ طرح ڪاراڻ ڇائنجي ويندي جهڙيءَ طرح اونداهي رات جو هڪ ٽڪرو چهرن تي ٽڪيو ويو هجي. سو اهڙائي ماڻهو دوزخي آهن ۽ هميشه دوزخ ۾ رهندا. (۲۸) ۽ (ڏسو) هڪڙي ڏينهن اسان انهن سيني (مشرڪن) کي پنهنجي حضور ۾ گڏ ڪنداسين ۽ پوءِ انهن ماڻهن کي جن شرڪ ڪيو هو چونداسين ته، توهان ۽ اهي سڀ جن کي توهان (اسان سان) شريڪ ٺهرايو هو پنهنجي جاءِ تان نه چرجو (يعني جتي بيٺا آهيو اتي ئي بيٺا رهجو) ۽ پوءِ اسان کين هڪ ٻئي کان (يعني شرڪ ڪندڙن کي فرضي شريڪن کان) ڌار ڌار ڪنداسين. پوءِ اهي هستيون جن کي خدا سان شريڪ بنايو ويو هو سي چونديون ته اڄين بلڪل ناهي ته توهان اسان جي پرستش يا بندگي ڪندا هئو. (۲۹) اڇوڪي ڏينهن اسان ۽ اوهان جي وچ ۾ الله تعاليٰ جي شاهدي ڪافي آهي، هو ڄاڻي ٿو ته اسان توهان جي پوڄائن کان بلڪل بي خبر هئاسين. (۳۰) پوءِ انهيءَ ڏينهن هر هڪ ماڻهو ظاهر ظهور چٽيءَ طرح معلوم ڪندو ته جيڪي جيڪي هو اڳي ڪري چڪو آهي، تنهن جي حقيقت ڄا هئي. سڀ الله جي حضور ۾ جو سندن حقيقي مالڪ آهي موڪائي آندا ويندا ۽ حقيقت جي خلاف جيتري قدر ڪوڙاڻاهه هو ڏاهيندا رهيا آهن سي سڀ گم ٿي ويندا.

رڪوع ٤ آيت ٣١ ـ تا ـ ٤٠

پالڻهاري ۽ ڪارسازي ڏسي پوءِ به هو خدا جي حڪمن کي نٿا مڃن

(۳۱) (اي پيغمبر!) انهن ماڻهن کان پڇ ته اهو ڪير آهي جو اوهان کي آسمان ۽ زمين جي ذريعي روزي ٿو ڏئي؟ اهو ڪير آهي جنهن جي قبضي ۾ اوهان جو ٻڌڻ ۽ ڏسڻ آهي؟ اهو ڪير آهي جو زندهه کي مردهه مان ڪڍي ٿو ۽ مردهه کي زندهه مان ڪڍي ٿو؟ ۽ وري اهو ڪير آهي جو هن سڄي ڪارخاني جو انتظام رکي رهيو آهي؟ هو هڪدم چئي ڏيندا ته، الله. فقط الله! پوءِ تون کين چئو ته جيڪڏهن اڄين آهي ته پوءِ توهان (حق جي انڪار جي نتيجن کان) ڇو نه ٿا ڊڄو؟ (۳۲) اهو ئي

الله في الحقيقت اوهان جو پروردگار آهي، پوءِ ٻڌايو ته سچائيءَ کي ڇاڻڻ کان پوءِ ان کي نه مڃڻ گمراهي ناهي ته ٻيو ڇا آهي؟ توهان (حقيقت کان) منهن موڙي کاڈي وڃي رهيا آهيو؟ (٣٣) (اي پيغمبر!) اهڙي ئي طرح تنهنجي پروردگار جو فرمودو انهن ماڻهن تي سچو ثابت ٿيو جيڪي ماڻهو (هدايت جي دائري کان) ٻاهر نڪري ويا آهن جي ايمان آڻڻ وارا ئي نه رهيا آهن. (٣٤) (اي پيغمبر!) انهن کان پڇ ته ڇا اوهان جي ٺهرايل شريڪن مان کو اهڙو به آهي جو خلقت جي پيدائش شروع ڪري ۽ وري ان کي ٻيهر پيدا ڪري؟ کين چئو ته، الله ئي آهي جو ابتدا ۾ پيدا ڪري ٿو، وري ان کي ٻيهر پيدا ڪندو، پوءِ غور ته ڪيو ته توهان جي اونڌي هلت چلت اوهان کي کاڈي ڪٽي وڃي رهي آهي. (٣٥) (اي پيغمبر!) انهن کان پڇو ته، توهان جي هٿرادو بنايل شريڪن مان کوئي آهي جو حق جي راهه ڏيکاري ٿو؟ چئو ته، الله ئي آهي جو حق جي راهه ڏيکاري ٿو. ڇا پوءِ جيڪو حق جي راهه ڏيکاري سو وڌيڪ حقدار آهي ته سندس پيروي ڪئي وڃي يا اهو وڌيڪ حقدار آهي جو پاڻ ئي راهه لهي نٿو سگهي، جيستائين کيس راهه نه ڏيکاري وڃي؟ (افسوس آهي اوهان تي) اوهان کي ڇا ٿي ويو آهي؟ اوهان ڪيئن (غلط) فيصلو ڪري رهيا آهيو؟ (٣٦) ۽ انهن ماڻهن مان گهڻا ماڻهو اهڙائي آهن، جيڪي فقط وهم ۽ گمان جي ڇالهين تي هلن ٿا. بيشڪ سچائيءَ جي سچاڻپ لاءِ گمان ڪجهه به ڪم ڏئي نٿو سگهي. اهي ماڻهو جيڪي ڪري رهيا آهن سو تحقيق الله تعاليٰ خوب ڄاڻي ٿو. (٣٧) ۽ هن قرآن جو معاملو اهڙو ناهي جو الله کان سواءِ ڪوبه ٻيو پنهنجي دل ۽ دماغ مان ڪيڙي ٺاهي سگهي. اهو ته انهن سيني وحين جي تصديق آهي جيڪي ان کان اڳي نازل ٿي چڪا آهن ۽ (قرآن) الله جي ڪتاب جو تفصيل آهي (يعني الله جي ڪتابن ۾ جيڪا به تعليم ڏني ويئي آهي سا سڀ ان ۾ ڪولي ڪولي بيان ڪئي وئي آهي) ان ۾ ڪجهه به شڪ ڪونهي سيني جهانن جي پروردگار وٽان آيل آهي. (٣٨) ڇا اهي ماڻهو هيئن ٿا چون ته هن شخص (يعني پيغمبر ﷺ الله جي نالي) تي هي ڪوڙو ٺاهه ٺاهيو آهي؟ تون چئو ته، جيڪڏهن توهان ائين چوڻ ۾ سچا آهيو (۽ جيڪڏهن هڪڙو ماڻهو اهڙو ڪلام پاڻ ٺاهي سگهي ٿو) ته قرآن جي سورتن جهڙي هڪڙي سورت ٺاهي پيش ڪيو ۽ خدا کان سواءِ جن جن هستين کي پنهنجي مدد لاءِ سڏي سگهو ٿا، تن کي به سڏيو (اوهان سڀ گڏجي به هڪ سورت نه ٺاهي سگهندؤ). (٣٩) نه نه، (اها ڳالهه ته آهي ئي نه، اصل حقيقت هيءَ آهي ته) جنهن ڳالهه کي پنهنجي علم سان پروڙي نٿا سگهن ۽ جنهن ڳالهه جو نتيجو اڃا پيش نه آيو اٿن تنهن کي ڪوڙو سمجهي رد ڪرڻ لاءِ تيار ٻيٺا آهن. بلڪ اهڙيءَ ئي طرح انهن ماڻهن به (حق کي) ڪوڙو ٺهرايو هو جي ماڻهو اڳي ٿي گذريا آهن، پوءِ ڏسو ته انهن ظالمن جي پڇاڙي ڪهڙي نه (خراب) ٿي. (٤٠) ۽ (اي پيغمبر!) انهن مان (يعني تنهنجي قوم مان) کي ته اهڙا آهن جي قرآن تي (آئنده) ايمان آڻيندا ۽ کي اهڙا آهن، جي ايمان آڻڻ وارا هرگز ناهن ۽ تنهنجو پروردگار خوب ڄاڻي ٿو ته ڪهڙا ماڻهو مفسد آهن (يعني خرابيون ڪرڻ وارا آهن.)

رکوع ۵ آيت ۴۱ ـ تا ـ ۵۳

جيڪي پوڙا ۽ انڌا آهن تن کي تون ڪيئن ٻڌائي سگھندين ۽ وات ڏيکاري سگھندين؟

(۴۱) ۽ جيڪڏهن هي ماڻهو (ايتري قدر سمجھائڻ بعد ب) تو کي ڪوڙو سمجھن ته، تون چئي ڏي ته منهنجي لاءِ منهنجو عمل آهي ۽ اوهان جي لاءِ اوهان جو. مان جيڪي جيڪي ڪيان ٿو تنهن جي ذميواري اوهان تي ڪانهي ۽ توهان جيڪي جيڪي ڪيو ٿا تنهن لاءِ مان ذميوار ڪونہ آهيان. (توهان پلي پنهنجي راهہ وڃو، پوءِ ڏسو ته الله ڪهڙو ٿو فيصلو ڪري). (۴۲) ۽ (اي پيغمبر!) هنن ۾ ڪي ماڻهو اهڙا آهن جيڪي تنهنجيون ڳالهيون (ظاهري طرح) ٻڌن ٿا (۽ تون ڄانئين ٿو ته حق جو ڪلام ٻڌي سچائي اختيار ڪندا، پر حقيقتاً هو ٻڌن ڪونہ ٿا) پوءِ ڇا تون ٻوڑن کي ٻڌائي سگھندين اگرچہ هو ڳالهہ کي سمجھي ڪونہ سگھندا؟ (نڪي سمجھڻ جي ڪوشش ڪئي ڪن؟) (۴۳) ۽ انهن ۾ ڪي اهڙا آهن جيڪي توڏي نهارين ٿا (۽ تون ڄانئين ٿو ته تو کي سمجھہ سان ڏسن ٿا، حالانڪ هو تو کي ڏسن ئي ڪونہ ٿا) پوءِ ڇا تون انڌن کي وات ڏيکاريندين اگرچہ هن کي (سمجھڻ جي) نظر ئي ڪانہ هجي؟ (۴۴) يقيناً الله تعاليٰ انسانن تي تر جيترو ب ظلم نٿو ڪري (هو ڪنهن کي زور سان انڌو ٻوڑو نٿو ڪري) پر پاڻ انسان ئي آهي جو پاڻ تي ظلم ٿو ڪري (ڇو ته الله جي ڏنل قوتن کان ڪم نٿو وٺي ۽ خود غرضي ۽ هٺ وڌائي ۾ پئجي سچائيءَ کان انڪار ٿو ڪري). (۴۰۴) (۴۵) ۽ جنهن ڏينهن الله تعاليٰ انهن سيني کي (قيامت جي ڏينهن) جمع ڪري پاڻ وٽ حاضر ڪندو تنهن ڏينهن کين اٿين معلوم ٿيندو ته (دنيا ۾) هڪ گھڙيءَ کان وڌيڪ نہ رهيا ۽ (رڳو هڪ گھڙي) پاڻ ۾ جاڻ سڃاڻ (۽ ڪيڪار پليڪار) ڪري ورتائون. بيشڪ اهي ماڻهو پوءِ وڏي نقصان ۽ تباهي هيٺ آيا (يا ايندا) جن الله جي حضور ۾ حاضر ٿيڻ کي نہ مڃيو هو ۽ (ڪاميابيءَ جي) راهہ وڻڻ وارا نہ هئا. (۴۶) ۽ (اي پيغمبر!) هنن ماڻهن سان (يعني عرب جي منڪرن سان) جن ڳالهين جو واعدو ڪيو ويو آهي (يعني عذاب جي خبر ڏني وئي آهي) انهن مان ڪي ڳالهيون تو کي (تنهنجي حياتيءَ ۾) ڏيکاريون يا (ان کان اڳ ئي) تنهنجو وقت پورو ڪري ڇڏيون، هر حالت ۾ هنن کي اسان جي ئي طرف موٽڻو آهي ۽ اهي جيڪي جيڪي ڪري رهيا آهن تنهن تي الله تعاليٰ شاهد آهي (۽ ضرور کين سندن عملن جو بدلو ڏيندو.) (۴۷) ۽ (ياد رکو ته) هرهڪ امت جي لاءِ هڪ رسول آهي (جو ان ۾ پيدا ٿئي ٿو ۽ حق جي طرف سڏي ٿو) پوءِ جڏهن ڪنهن امت ۾ ان جو رسول ظاهر ٿيو ته (اسان جو قانون هي آهي ته) انهن جي وچ ۾ انصاف سان فيصلو ڪيو وڃي ٿو، ۽ اٿين نٿو ٿئي جو هنن سان ٻي انصافي ٿئي. (يعني رسولن سان دشمنيءَ ۾ مخالفت ڪندڙن کي سندن ظلمن جي سزا انصاف سان ملي ٿي). (۴۸) ۽ هي ماڻهو چون ٿا ته جيڪڏهن توهان (مسلمان) سچا آهيو ته، هيءَ ڳالهہ (يعني حق کان انڪار ڪرڻ جي سزا) ڪڏهن ظهور ۾ ايندي؟ (۴۹) (اي پيغمبر!) تون چئي ڏي ته (هيءُ معاملو منهنجي هٿ ۾ ناهي جو ٻڌايان ته ڪڏهن اٿين ٿيندو) مون کي ته پنهنجي جان جو نفعو نقصان ب قبضي ۾ ناهي. اهوئي ٿئي ٿو جيڪي الله تعاليٰ چاهيو آهي. هر

امت جي لاءِ (عمل جي بدلي جو) هڪ مقرر وقت آهي ۽ جڏهن اهو وقت اچي وڃي تو تڏهن هو نڪي هڪ گهڙي پوئتي رهي سگهن ٿا، نڪي هڪ گهڙي اڳتي. (۵۰) (اي پيغمبر! تون هنن ماڻهن کي) چئو ته، (چا توهان هن ڳالهه تي به غور ڪيو آهي ته) توهان چا ڪندؤ جيڪڏهن خدا جو عذاب راتو رات نازل ٿئي يا ڏينهن جو ئي توهان کي وکوڙي وڃي. پوءِ ڪهڙي ڳالهه آهي جنهن جي لاءِ (هي بيوقوف) ڏوهه گناهه ڪندڙ تڪڙ ڪري رهيا آهن (ائين نٿا سمجهن ته عذاب جي اچڻ لاءِ تڪڙ ڪري رهيا آهيون.) (۵۱) چا جڏهن اهو (عذاب) واقع ٿيندو (يعني اچي ويندو) تڏهن توهان کي يقين ايندو؟ (پر ان وقت ايمان يا يقين ڪجهه به ڪم نه ايندو. انهيءَ وقت ڪاڏي ويندؤ. هاڻو!) هاڻي توهان کي يقين آيو، پر توهان ئي هئو جو هن (عذاب جي) طلب ۾ جلدي مچائي ڏيندا هئو. (۵۲) پوءِ ظلم ڪندڙن کي چيو ويندو ته هاڻي هميشه لاءِ عذاب چکو. توهان کي جيڪو بدلو ملي رهيو آهي سو سواءِ هن جي پيو ڪجهه به نه آهي ته توهان جي ئي ڪرتوتن جو نتيجو آهي جي دنيا ۾ ڪندا رهيا آهيو. (۵۳) ۽ هو تو کان پڇن ٿا ته، چا هيءَ ڳالهه واقعي سچ آهي؟ تون (پي ڏڑڪ) چئي ڏي ته ها منهنجو پروردگار ان تي شاهد آهي ته هيءَ ڳالهه بلاشڪ سچ آهي ۽ توهان هرگز ائين نٿا ڪري سگهو جو هن کي (يعني الله کي سندس ڪمن ۾) عاجز ڪري سگهو. (يعني انهن ڪمن کان ڪيس روڪي سگهو.)

رڪوع ٦ آيت ٦٠-٢٤

ڪافرن کي جيڪا مهلت ڏني وڃي تي سا خدا جو فضل آهي بشرطيڪ هو توبه ڪن ۽ پاڻ سڌارين.

(۵۴) ۽ (اهو اچڻ وارو عذاب اهڙو پيمانه ۽ پوائتو آهي ۽ ان جو اچڻ ايتري قدر يقيني آهي جو) جيڪڏهن هرهڪ ظالم انسان جي قبضي ۾ اهو سڀ ڪجهه هجي جو روءِ زمين تي آهي ته هو ضرور ان کي فدائي طور (پاڻ کي عذاب کان بچائڻ لاءِ) ڏئي ڇڏيندو. (يعني سڀ ڪجهه ڏيڻ لاءِ تيار ٿي ويندو، پر ان وقت فديو قبول نه پوندو) ۽ (ڏسو ته) جڏهن هنن عذاب کي پنهنجي سامهون ڏٺو تڏهن (پنهنجي سرڪشي ۽ ڪفر ياد ڪري) دل ئي دل ۾ پڇتائڻ لڳا. پوءِ انهن جي وچ ۾ (يعني مؤمنن ۽ سرڪش ڪافرن جي وچ ۾) انصاف سان فيصلو ڪيو ويو. ۽ ائين ڪڏهن به نه ٿيندو جو هنن سان ڪنهن به طرح جي بي انصافي ڪئي وڃي. (۵۵) ياد رکو ته آسمانن ۾ ۽ زمين ۾ جيڪي به آهي سو سڀ الله جي لاءِ ئي آهي. (ڪائنس سواءِ ڪوبه ڪونهي جنهن کي حڪم ۽ تصرف ۾ ڪجهه دخل هجي) ۽ هيءَ ڳالهه به نه وساريو ته الله جو واعدو سچو آهي (اهو ڪڏهن به ٽري نه سگهندو) پر (افسوس ته) هنن ماڻهن ۾ اڪثر اهڙا آهن، جيڪي اها ڳالهه نٿا ڄاڻن (۽ سمجهن). (۵۶) اهوئي (الله تعاليٰ) جيئاري ٿو ۽ ماري ٿو ۽ اهوئي آهي جنهن ڏانهن اوهان سڀني کي (آخر) موٽڻو آهي (۽ عملن جو بدلو ونڊو آهي). (۵۷) اي انسانو! توهان ڏي توهان جي پروردگار وٽان هڪ اهڙي شيءِ آئي آهي جا (وڏي فائدي واري) نصيحت آهي، دل جي سڀني بيمارين لاءِ شفا آهي ۽ هدايت ۽ رحمت آهي انهن ماڻهن لاءِ جيڪي (ان قرآن تي) ايمان ۽

يقين رکن ٿا. (۵۸) (اي پيغمبر!) تون چئو تہ، هي (قرآن) الله جو فضل آهي ۽ الله جي رحمت آهي. پوءِ (مؤمنن کي) گهرجي تہ انهيءَ تي خوشيون کن ۽ اهو (قرآن) انهن سيني شين کان بهتر آهي، جي هو (کافر) ماڻهو (دنيا جي زندگيءَ ۾) جمع کندا رهن ٿا. (۵۹) (اي پيغمبر!) تون انهن (انکار کندڙن) کي چئو تہ، ڇا توهان هن ڳالهہ تي ب ڪڏهن غور ڪيو آهي تہ جيکا روزي الله تعاليٰ اوهان لاءِ پيدا ڪئي آهي تنهن مان ڪن شين کي توهان (فقط پنهنجي وهمن ۽ گمانن جي ڪري) حرام ٺهرايو آهي ۽ ڪن کي حلال سمجهيو آهي؟ تون کانئن پڇ تہ (هي جو توهان حلال حرام جا حڪم لڳايا آهن سو اوهان کي) الله تعاليٰ انهيءَ جي اجازت ڏني آهي ڇا؟ يا توهان الله تعاليٰ تي بهتان ٺاهي وينا آهيو؟ (۶۰) ۽ (جن ماڻهن جي جرئتن جو اهو حال آهي جو) الله جي ذالي تي ڪوڙ هڻي ٺاهہ ٺاهي رهيا آهن، تن قيامت جي ڏينهن بابت ڇا سمجهيو آهي، (اڻين ٿا سمجهن ڇا تہ الله جي طرف کان سندن ڪوڙن ۽ بدعملن لاءِ پڇاڙو ٽيڙوئي ڪونهي؟) حقيقت هيءَ آهي تہ الله تعاليٰ انسانن جي لاءِ وڏي فضل وارو آهي (جو عملن جي سزا جو وڏو حصو آخرت لاءِ رکي ڇڏيو اٿس ۽ دنيا ۾ سيني کي مهلت ڏني حد تائين ڏئي ڇڏي اٿس) تنهن هوندي ب هنن ۾ اڪثر ماڻهو اهڙا آهن جيکي بلڪل بي شڪر آهن.

رڪوع ۷ آيت ۶۱ ـ تا ـ ۷۰

الله تعاليٰ کان اوهان جا علم ۽ ڳالهيون ڳجهيون ناهن، عزتون الله جي هٿ ۾ آهن

(۶۱) ۽ (اي پيغمبر!) تون ڪهڙي ب حال ۾ هجين ۽ قرآن جي ڪا آيت ب پڙهي ٻڌائيندو هجين، ۽ (اي انسانو!) اوهان ڪوب ڪم ڪندا هجو تہ ب اسان اوهان کي اهو ڪم ڪندي ڏسون ٿا. زمين ۾ ۽ آسمان ۾ ڪا ذري برابر شيءِ ب تنهنجي پروردگار کان ڳجهي ناهي. انهيءَ کان ب ننڍي يا وڏي شيءِ ڪاب ڪانهي جا واضح ۽ چٽي ڪتاب ۾ درج ٿيل نہ هجي (يعني الله تعاليٰ کي سڀ ڪجهہ معلوم آهي ۽ سيني شين تي سندس نگاهہ ۽ ضابطو آهي.) (۶۲) ياد رکو تہ، جيکي الله جا دوست آهن تن جي لاءِ نہ ڪنهن طرح جو خوف هوندو، نہ وري ڪنهن ب طرح جي غمگيني. (۶۳) اهي ئي ماڻهو آهن جن (سچيءَ طرح) ايمان آندو ۽ (زندگي اهڙيءَ طرح گذاريائون جو) برائين ۽ گناهن کان بچندا رهيا. (۶۴) انهن (سچن مؤمنن) لاءِ دنيا جي زندگيءَ ۾ ب (ڪامراني ۽ سعادت جي) خوشخبري آهي ۽ آخرت جي زندگيءَ ۾ ب. الله جا فرمان (۽ قانون) اٽلر آهن. ڪڏهن ب بدلجڻ وارا نہ آهن ۽ اهائي سڀ کان وڏي فتح ۽ ڪامراني آهي (جا فرمانبرداري انسان کي نصيب ٿي سگهي ٿي). (۶۵) ۽ (اي پيغمبر!) منڪرن جي (دشمنيءَ جي) ڳالهين تي تون غم نہ ڪر. سڀ عزتون الله جي لاءِ ئي آهن (هو جنهن کي چاهي تنهن کي عزت ڏئي ۽ جنهن کي چاهي تنهن کي خوار خراب ڪري) هو ٻڌندڙ ۽ ڄاڻندڙ آهي. (۶۶) ياد رکو تہ، اهي هستيون جي آسمانن ۾ آهن ۽ اهي جي زمين ۾ آهن سي سڀ الله ئي جي حڪم لاءِ آهن (۽ سندس فرمانن جون تابعدار آهن) ۽ جيکي ماڻهو الله کان سواءِ پنهنجي ٺهرايل شريڪن کي پڪارين ٿا تن بابت توهان کي خبر آهي تہ هو

ڪهڙي ڳالهه جي پيروي ٿا ڪن (ڇا يقين ۽ بصيرت جي پيروي ٿا ڪن؟ نه هرگز نه) هو فقط وهمن ۽ گمانن جي پيروي ڪري رهيا آهن. هو (هر ڳالهه ۾) فقط اٽڪلون هلائي رهيا آهن (۽ باطل جي پٺيان لڳي رهيا آهن). (٦٧) اهوئي (الله) آهي جنهن اوهان جي لاءِ رات جو وقت بنايو، انهيءَ لاءِ ته ان ۾ آرام وٺو ۽ ڏينهن جو وقت به بنايو ته ان ۾ (دنيا ۽ دنيائي شين کي) ڏسو واٻسو. بيشڪ هن ڳالهه ۾ انهن ماڻهن لاءِ (الله جي ربوبيت جون) وڏيون ٿيون نشانيون آهن، جيڪي (حق جو ڪلام) ٻڌن (۽ سمجهن) ٿا. (٦٨) اهي چون ٿا ته، الله پنهنجو هڪ پٽ بنائي رکيو آهي. (پر) پاڪائي هجي الله جي لاءِ! هو ته (انهيءَ طرح جي گهرجن کان) آزاد ۽ بي نياز آهي (چو ته) جيڪي جيڪي آسمانن ۾ آهي ۽ جيڪي جيڪي زمين ۾ يا زمين ۾ آهي سو سڀ سندس ٿيٻ لاءِ آهي (پوءِ پٽ جي ڪهڙي ضرورت پئي اٿس) توهان (مشرڪن) وٽ اهڙي ڳالهه چوڻ لاءِ ڪهڙو دليل اڇي ويو آهي؟ ڇا توهان الله جي باري ۾ اهڙي ڳالهه چوڻ جي جرئت ٿا ڪيو، جنهن لاءِ توهان کي ڪو علم ٿيٻ ڪونهي. (٦٩) (اي پيغمبر!) تون چئو ته، بيشڪ جيڪي ماڻهو الله تي بهتان ٿا ٻڌن سي ڪڏهن به ڪامياب نه ٿيندا. (٧٠) انهن جي لاءِ فقط دنيا جوئي متاع آهي (جيئن ڏورن ڍڳن لاءِ به آهي) پوءِ (آخر) اسان ڏي موٽندا، پوءِ اسان کين سخت عذاب جو مزو چکائينداسين، انهيءَ لاءِ ته جيڪي ڪفر جون ڳالهيون (۽ ڪم) ڪري رهيا آهن تن جو نتيجو لوڙين.

رکوع ۸ آيت ۷۱ ـ تا ـ ۸۲

پيغمبر اوهان وٽ هدايت ڪٽي ٿا اچن ان لاءِ ڪا موڙي نٽا گهرن ۽ نه ڪا طمع ٿا رکن.

(۷۱) ۽ (اي پيغمبر!) انهن کي حضرت نوح جو احوال ٻڌاءِ ته حضرت نوح پنهنجي قوم کي چيو هو ته، اي منهنجي قوم! جيڪڏهن توهان کي هيءَ ڳالهه تڪليف ٿي ڏئي ته مان (توهان کي اسلام جي دعوت ڏيڻ ۽ هدايت ڪرڻ لاءِ) اٿي ڪڙو ٿيو آهيان ۽ الله جي آيتن سان نصيحت ٿو ڪيان ته منهنجو ڀروسو فقط الله تعاليٰ تي آهي. پوءِ (منهنجي خلاف جيڪي به ڪرڻ چاهيو ٿا تنهن لاءِ) گڏجي ٺاهه ٺاهيو ۽ پنهنجي (ٺهرايل) شريڪن کي به پاڻ سان شامل ڪيو. پوءِ (جيڪو به توهان جي منصوبو تيار ٿئي تنهن کي چگيءَ طرح سمجهي وٺو) جيئن ڪابه ضروري ڳالهه رهجي نه وڃي. پوءِ (جيڪي به منهنجي خلاف ڪرٽو اٽو سو) ڪري گذرو ۽ مون کي ذرو به مهلت نه ڏيو (۽ ڏسو ته آخر نتيجو ڇا ٿو نڪري؟) (۷۲) پوءِ جيڪڏهن (انهيءَ تي به توهان باز نه آيا ۽) مون کان منهن موڙي ڇڏيو ته (ياد رکو ته پنهنجو ٿيٻ نقصان ڪندؤ) مان جيڪي به ڪري رهيو آهيان تنهن لاءِ توهان کان ڪابه مزوري ڪڏهن به ڪانه گهربم. منهنجي مزوري (اجر) ته الله کان سواءِ ٻئي ڪنهن وٽ به ناهي. مون کي (خدا وٽان) حڪم ڏنو ويو آهي، ته سندس فرمانبردار ٻانهن جي جماعت ۾ شامل رهان. (۷۳) تنهن هوندي به (هوس پرست انڌن) ماڻهن کيس (يعني حضرت نوح کي) ڪوڙو سمجهي نه مڃيو. پوءِ اسان کيس ۽ سندس ماڻهن (يعني مٿس ايمان آڻيندڙن) کي جيڪي ساڻس ٻيڙيءَ ۾ سوار هئا (طوفان ۽ ٻوڏ کان) بچائي ورتو ۽

(غرق ٿيل قوم جو) جانشين بنايو ۽ جن ماڻهن اسان جون آيتون (نشانيون) کوڙيون سمجهي نه مڃيو تن کي اسان (پوڻ ۾) پوڙي غرق ڪري ڇڏيو. پوءِ ڏس ته انهن ماڻهن جو ڪهڙو حشر ٿيو جن کي (انڪار ۽ سرڪشيءِ جي نتيجن کان) خبردار ڪيو ويو هو. (٧٤) پوءِ حضرت نوح بعد اسان (ڪيترائي) رسول سندن قومن ۾ پيدا ڪيا. اهي هنن ڏانهن روشن دليل ڪٽي آيا هئا، تڏهن به سندن قومون جيڪا ڳالهه اڳ ئي کوڙي سمجهي نه مڃي هئائون تنهن کي (دليل ڏسي به) مڃڻ لاءِ تيار نه هيون، (سو ڏسو ته) جيڪي ماڻهو (سرڪشي ۽ فساد ۾) حدن کان ٻاهر لنگهي ٿا وڃن، تن جي دلين تي اسان اهڙيءَ طرح مهر لڳائي ٿا ڇڏيون (جو پوءِ ڪڏهن به عقل ۽ بصيرت جي سڌي وات تي اچي نٿا سگهن.) (٧٥) پوءِ اسان انهن رسولن بعد موسيٰ ۽ هارون کي (پيغمبر ڪري) فرعون ۽ سندس درٻارين ڏي موڪليو. هنن کي (يعني حضرت موسيٰ ۽ هارون کي) اسان جون نشانيون ۽ معجزا ساڻ گڏ هئا، پر فرعون ۽ سندس درٻارين تڪبر ڪيو ۽ هنن جي جماعت گنهگارن جي جماعت هئي. (٧٦) پوءِ جڏهن اسان وٽان فرعون ۽ سندس ماڻهن ڏي (حضرت موسيٰ ۽ هارون کي) حق جي ڳالهه آئي (۽ معجزا ڏٺائون) تڏهن هو (منڪر) چوڻ لڳا ته، هي ته فقط جادو آهي ۽ چٽو چٽو جادو آهي. (٧٧) حضرت موسيٰ چيو ته جڏهن توهان وٽ حق ۽ سچائي اچي ويئي آهي تڏهن ان باري ۾ هيئن ٿا چئو چا ته اهو جادو آهي؟ حالانڪ جادوگر ته ڪڏهن به ڪامياب نٿا ٿين. (٧٨) هنن (جواب ۾) چيو ته، چا توهان اسان ڏي هن لاءِ آيا آهيو ته جنهن راهه تي اسان پنهنجي ابن ڏاڏن کي هلندي ڏٺو تنهن کان اسان کي هٽائي ڇڏيو ۽ هن ملڪ ۾ اوهان ٻنهي پائرن کي سرداري (۽ بادشاهي) ملي وڃي؟ اسان ته توهان کي مڃڻ وارا ڪونه آهيون. (٧٩) ۽ فرعون چيو ته، منهنجي بادشاهي ۾ جيترا به هوشيار جادوگر آهن تن سڀني کي مون وٽ حاضر ڪريو. (٨٠) جڏهن جادوگر اچي گڏ ٿيا (۽ مقابلي جو ميدان تيار ٿيو) تڏهن حضرت موسيٰ چيو ته، توهان (جادوگرن) کي جيڪي ميدان ۾ آڻڻو آهي سو آڻيو (يعني جادوءَ جا ڪرشما ڏيکاريو). (٨١) پوءِ جڏهن هنن (پنهنجي جادوءَ جون رسيون ۽ لٺيون ميدان ۾) اڇلايون تڏهن حضرت موسيٰ فرمايو ته توهان جيڪي ڏيکاريو آهي سو جادو آهي ۽ بيشڪ الله تعاليٰ ان کي برباد ڪري ڇڏيندو. بيشڪ الله جو اهو قانون آهي ته هو بگاڙو ڪندڙن جا عمل نٽو سنواري (نه ڪامياب ڪري). (٨٢) ۽ هو (الله) پنهنجي حڪمن مطابق حق کي ضرور ثابت ڪري ڏيکاريندو اگرچه گنهگارن کي ائين ٽيڙ پسند نه اچي.

رڪوع ٩ آيت ٩٢-٨٣

فرعون جو لاش، نه مڃيندڙن جي لاءِ نشاني آهي. پر افسوس اڪثر انسان نشانين کان غافل آهن.

(٨٣) پوءِ تڏهن حضرت موسيٰ تي ڪنهن به ايمان نه آندو، سواءِ سندس قوم جي نوجوانن جي هڪ

ٿولي ۽ جي. اهي نوجوان به فرعون ۽ سردارن کان ڊنا پئي تہ متان (ايمان آڻڻ جي ڪري) کين ڪنهن مصيبت ۾ وجهي ۽ انهيءَ ۾ شڪ ڪونهي تہ فرعون (مصر جي) ملڪ ۾ وڏو سرڪش (بادشاهہ) هو ۽ انهيءَ ۾ به شڪ ڪونهي تہ هو (ظلم ۽ جبر ۾) چوٽ چڙهيل هو. (٨٤) ۽ حضرت موسيٰ (پنهنجي قوم کي) چيو تہ، اي منهنجي قوم! جيڪڏهن توهان سچ پچ الله تي ايمان آندو آهي ۽ سندس فرمانبرداري ڪرڻ چاهيو ٿا تہ توهان کي گهرجي تہ فقط الله تي پروسو رکو (۽ فرعون جي طاقت کان نہ ڊڄو). (٨٥) هنن چيو تہ اسان الله تي پروسو ڪيو آهي. (اسان دعا ٿا گهرون تہ) اي پروردگار! اسان کي هن ظالم ٿولي جي لاءِ (اهڙي) آزمائش ۾ نہ وجهہ (جو سندن ظلمن جي مقابلي ۾ ڪمزوري ڏيکاريون). (٨٦) ۽ پنهنجيءَ رحمت سان اسان کي هن ڪافر قوم کان بچائجانءِ. (٨٧) ۽ اسان حضرت موسيٰ ۽ سندن ڀاءُ (هارون) تي وحي نازل ڪيو تہ پنهنجي قوم جي لاءِ مصر ۾ گهر ٺاهيو ۽ گهرن جو رخ پنهنجي قبلي ڏي ڪيو ۽ (انهن گهرن ۾) نماز قائم ڪيو ۽ جن ايمان آندو آهي تن کي (ڪاميابيءَ جي) خوشخبري پهچايو. (٨٨) ۽ حضرت موسيٰ دعا گهري تہ، اي خدا! تو فرعون ۽ سندس سردارن کي هن دنيا جي زندگيءَ ۾ زيب ۽ زينت جو سامان ۽ مال ۽ دولت جون شوڪتون ڏنيون آهن. پوءِ اهو (سپ ڪجهہ) هن لاءِ آهي ڇا تہ هو ماڻهن کي تنهنجي راهہ کان روڪي گمراهہ ڪن؟ اي خدا! سندن دولت ناس ڪري ڇڏ ۽ سندن دلين تي مهر لڳائي ڇڏ، انهيءَ لاءِ تہ هو ايمان نہ آڻين تانجو دردناڪ عذاب پنهنجي سامهون ڏسن. (٨٩) الله تعاليٰ فرمايو تہ اوهان جي دعا قبول ڪئي وئي. سو هاڻي اوهان (پنهنجي راهہ ۾) مستقيم ۽ محڪم ٿي وڪ وڌايو، ۽ انهن ماڻهن جي تابعداري نہ ڪريو جيڪي (منهنجي ڏسيل واٽ کي) نٿا ڄاڻن (۽ سمجهن). (٩٠) ۽ پوءِ اسان بني اسرائيل کي سمنڊ جي پار اڪاريو. هي ڏسي فرعون ۽ سندس لشڪر سندن پٺيان پيو، انهيءَ لاءِ (بني اسرائيلن سان) ظلم ۽ شرارت ڪن، پر جڏهن حالت هيءَ ٿي جو فرعون سمنڊ ۾ ٻڏڻ لڳو، تڏهن (عاجز ٿي) پڪاريائين تہ مان هاڻي يقين ٿو ڪريان تہ انهيءَ کان سواءِ ٻيو ڪوبہ معبود ڪونهي جنهن تي بني اسرائيلن ايمان آندو آهي ۽ مان به انهيءَ ٿي جي فرمانبردارن ۾ آهيان. (٩١) (الله تعاليٰ فرمايو تہ) ها! هاڻي تو ايمان آندو! (هاڻي ڇا ٿيندو) اڳي تون هميشہ نافراني ڪندو هئين ۽ تون بگاڙو ڪندڙ انسانن ۾ هڪ (وڏو) بگاڙو ڪندڙ هئين. (٩٢) پوءِ اڄ اسان تنهنجي جسم کي (سمنڊ جي لهرن مان) بچائي ٻاهر ڪيڏنداسين انهيءَ لاءِ تہ انهن ماڻهن جي واسطي جيڪي توکان پوءِ اچڻا آهن (حق جي قدرت جي) هڪ نشاني ٿئي. (پر افسوس!) اڪثر انسان اهڙا آهن جيڪي اسان جي نشانين کان بلڪل غافل آهن.

رڪوع ١٠ آيت ٩٣ ـ تا ـ ١٠٣

الله تعاليٰ جبر سان ماڻهن کي هدايت جي واٽ تي نٿو لڳائي.

(٩٣) ۽ بيشڪ اسان بني اسرائيل کي (پنهنجي واعدي مطابق فلسطين ۾) رهڻ لاءِ ڇگا مڪان

ڏنا هئا ۽ پاڪ شين مان سندن روزيءَ جو سامان مهيا ڪري ڏنو هو. پوءِ جڏهن به هنن (دين جي باري ۾) اختلاف ڪيا تڏهن هنن ڏي علم جي روشني موڪلي ويئي (يعني هڪ پئي پٺيان هنن ڏي پيغمبر موڪليا ويا، تنهن هوندي به اختلاف ڪندا رهيا) سو قيامت جي ڏينهن تنهنجو پروردگار هنن جي وچ ۾ انهن ڳالهين جو فيصلو ڪندو جن ۾ هڪ پئي سان اختلاف ڪندا رهيا آهن. (يعني ڪين معلوم ٿيندو ته حقيقت ڇا هئي). (٩٤) ۽ جيڪڏهن توهان کي هن ڳالهه ۾ ڪنهن به طرح جو شڪ هجي جيڪا اسان اوهان تي نازل ڪئي آهي ته انهن ماڻهن کان پڇي ڏسو جيڪي اوهان جي زماني کان اڳ جا (خدائي) ڪتاب پڙهندا رهن ٿا (يعني اهل ڪتاب کان پڇي ڏسو) ته يقيناً هي حق آهي جو اوهان جي پروردگار وٽان اوهان تي نازل ٿيو آهي. تنهن ڪري هرگز ائين نه ڪجو جو شڪ آڻيندڙ ٿي پئو. (٩٥) ۽ انهن ماڻهن جهڙا نه ٿيو جن الله جي نشانين کي ڪوڙو ڏهرايو ۽ نتيجو هيءُ نڪتو جو هو نامراد ٿي وڃي نقصان هيٺ اچي ويا. (٩٦) (اي پيغمبر!) جن ماڻهن تي الله جو فرمان سچو ثابت ٿيو آهي (يعني سندس هي قانون ته جيڪو اکيون ڪٽي پوريندو تنهن کي ڪجهه به نظر نه ايندو) سي ڪڏهن به ايمان نه آڻيندا. (٩٧) جيڪڏهن (دنيا جون) سڀ نشانيون به هنن جي اڳيان اچي وڃن (ته به هو نه مڃيندا) تان جو دردناڪ عذاب پنهنجي اکين سان ڏسن. (٩٨) پوءِ ڇو ائين ٿيو جو يونس جي قوم جي بستي (آبادي ۽ شهر) کان سواءِ ڪاب اهڙي بستي ڪانه هئي جا (عذاب اچڻ کان اڳي) ايمان آڻي ها ۽ ايمان جي برڪتن جو فائدو پرائي ها. سو اسان به هن (يونس جي ماڻهن) تان ذلت (خواري) جو اهو عذاب ٽاري ڇڏيو جو دنيا جي زندگيءَ ۾ مٿن اچڻو هو ۽ هڪ خاص مدي تائين اسان کين آسودي زندگيءَ جي مهلت ڏني. (٩٩) ۽ (اي پيغمبر!) جيڪڏهن تنهنجو پروردگار چاهي ها ته جيڪي به ماڻهو روءِ زمين تي آهن سي سڀ ايمان آڻين ها (۽ دنيا ۾ اعتقاد ۽ عمل جو اختلاف ڪونه هجي ها، پر تون ڏسين ٿو ته الله تعاليٰ ائين ڪونه چاهيو. سندس مشيت يا قانون ئي ائين ٿيو ته طرح طرح جون طبيعتون ۽ لياقتون ظهور ۾ اچن. پوءِ جيڪڏهن ماڻهو اسلام تي نه اچن ته) ڇا تون انهن تي زور آڻيندين ته جستائين ايمان نه آڻيندؤ تيستائين مان اوهان کي ڇڏڻ وارو ناهيان؟ (١٠٠) ۽ (ياد رکو ته) ڪنهن به انسان جي اختيار ۾ ناهي جو الله جي حڪم کان سواءِ (ڪنهن به ڳالهه تي) ايمان آڻي. (يعني الله جي قانون کان جيڪو ٻاهر هوندو سو ڪڏهن به حق تي نه ايندو ۽ سندس قانون هي آهي ته) الله تعاليٰ انهن ماڻهن کي (محرومي ۽ بدبختي جي) گندگيءَ ۾ ڇڏي ٿو ڏئي جيڪي عقل کان ڪم نٿا وٺن. (١٠١) (اي پيغمبر!) تون انهن ماڻهن کي چئو ته جيڪي به آسمان ۾ (اوهان جي مٿان) آهي ۽ جيڪي به زمين ۾ (اوهان جي چئني طرفن کان) آهي تنهن تي نظر ڪيو (۽ ڏسو ته هو پنهنجي حالتن سان ڪهڙي حقيقت جي شاهدي ڏيئي رهيا آهن) پر جيڪي ماڻهو يقين نٿا رکن تن جي لاءِ نڪي (قدرت جون) نشانيون ڪارگر ٿين ٿيون، نڪي (رسولن جون)

تنبيهون ۽ خبردار ڪرڻ واريون هدايتون. (۱۰۲) پوءِ جيڪڏهن اهي ماڻهو منتظر آهن ته سندن انتظار (يعني ڪنهن ڳالهه لاءِ ترسي پوڻ) هن ڳالهه کان سواءِ ٻي ڪهڙي ڳالهه لاءِ ٿي سگهي ٿو ته جهڙي (عذاب جا) ڏينهن اڳين ماڻهن تي اچي چڪا هئا تهڙائي مٿن به اچي ڪڙڪن. سو تون چئي ڏي ته چگو، انتظار ڪندا رهو. مان به توهان سان گڏ انتظار ڪرڻ وارن مان آهيان (ته خدا ڪهڙو نه مناسب فيصلو ٿو ڪري). (۱۰۳) پوءِ (جڏهن عذاب جي گهڙي اچي ٿي وڃي تڏهن اسان جو قانون آهي ته) پنهنجي رسول کي ۽ مؤمنن کي ان عذاب کان بچائي ٿا وڻون. اهڙيءَ طرح اسان پاڻ تي ضروري ٺهرايو آهي ته مؤمنن کي بچائيندا رهون.

رکوع ۱۱ آيت ۱۰۴ ـ تا ـ ۱۰۹

ڪافرن کي چئو ته مان دين جي باري ۾ فقط خدا جي حڪمن تي هلندس نه اوهان جي خواهش تي.

(۱۰۴) (اي پيغمبر!) تون چئو ته، اي انسانو! جيڪڏهن توهان کي منهنجي دين جي باري ۾ ڪنهن به طرح جو شڪ هجي ته مان توهان کي ٻڌائي ٿو ڇڏيان ته منهنجو طريقو ڪهڙو آهي. توهان الله کان سواءِ جن هستين جي بندگي ٿا ڪريو تن جي بندگي مان ڪونه ٿو ڪريان. (نڪي ڪندس) مان ته الله جي بندگي ٿو ڪريان (جنهن جي قبضي ۾ اوهان جي زندگي آهي ۽) جنهن جي حڪم سان اوهان تي موت اچي ٿو ۽ مون کي ان ئي وٽان حڪم آيل آهي ته مؤمنن جي جماعت ۾ رهان. (۱۰۵) ۽ پڻ مون کي حڪم ڏنو ويو آهي ته، هر طرف کان هٽي پنهنجو رخ الله جي دين ڏانهن ڪر، ۽ هيئن هرگز نه ڪجانءِ جو مشرڪن منجهان ٿي پوين. (۱۰۶) ۽ (مون کي حڪم ڏنو ويو آهي ته) الله کان سواءِ ڪنهن کي به نه پڪار، ڪائنس سواءِ جيڪو به آهي سو نڪي فائدو پهچائي سگهي ٿو، نڪي نقصان! جيڪڏهن تون ائين ڪندين (يعني ڪنهن غير کي پڪاريندين) ته پوءِ يقيناً تون ظالمن ۾ شمار ڪيو ويندين. (۱۰۷) ۽ جيڪڏهن الله تعاليٰ جي حڪم سان تو کي ڪا تڪليف پهچي ته پڪ جاڻ ته ان کي لاهڻ وارو ٻيو ڪوبه ڪونهي سواءِ سندس ذات جي. جيڪڏهن هو تو کي ڪنهن به طرح جي چگائي بخشڻ چاهي ته پڪ جاڻ ته ڪوبه ٻيو ڪونهي جو سندس فضل کي روڪي سگهي. هو پنهنجي ٻانهن مان جنهن لاءِ وٽيس تنهن تي فضل ڪري ڇڏي. هو بخشيندڙ ۽ رحم وارو آهي. (۱۰۸) (اي پيغمبر!) انهن ماڻهن کي چئو ته، اي نسانو! توهان جي پروردگار وٽان سچائي توهان وٽ اچي ويئي آهي. پوءِ جيڪو هدايت جي واٽ وٺندو سو پنهنجي ئي چگائي لاءِ وٺندو ۽ جيڪو گمراهه ٿيندو تنهن جي گمراهي سندس ئي آڏو ايندي. مان (پيغمبر) اوهان تي نگهبان ڪونه آهيان (جو زبردستيءَ اوهان کي مڃايان ۽ راهه وٺايان). (۱۰۹) (اي پيغمبر!) جيڪو وحي تو تي موڪليو وڃي ٿو تنهن تي عمل ڪندو رهه ۽ پنهنجي راهه تي ڇميو رهه، تان جو الله تعاليٰ فيصلو ڪري ۽ هو فيصلو ڪندڙن ۾ سڀني کان بهتر فيصلو ڪندڙ آهي.

سورت هود

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي.

رکوع ۱ آيت ۱ ـ تا ـ ۸

قرآن مجيد جون آيتون دليل ۽ بلڪل چٽيون بيان ڪيل آهن

(۱) الف ـ لام ـ را. هي ڪتاب آهي جنهن جون آيتون (پنهنجي مطلبن ۽ دليلن ۾) مضبوط ڪيون ويون آهن. وري ڪولي ڪولي چٽيون ڪيون ويون آهن. هي (ڪتاب) ان جي طرف کان آهي جو وڏي حڪمت وارو ۽ سيني ڄاڻهين جي خبر رکندڙ آهي. (۲) (ان قرآن جو اعلان ڇا آهي؟) اهو ته الله کان سواءِ ڪنهن جي ٻه ٻانهپ نه ڪيو. يقين رکو ته مان (رسول) سندس طرفان اوهان ڈاڍهن خبردار ڪرڻ وارو ۽ خوشخبري پهچائڻ وارو آهيان. (۳) ۽ هي (اعلان آهي) ته، پنهنجي پروردگار کان معافي گهرو ۽ ڈاڍهس موٽو. (ائين ڪندؤ ته) هو توهان کي هڪ مقرر وقت تائين زندگيءَ جي فائدن سان بلڪل چگيءَ طرح نوازيندو ۽ (پنهنجي قانون مطابق) هر هڪ زياده (عمل) ڪرڻ واري کي سندس وڏيڪ ڪوشش جو اجر ٻه ڏيندو. پر جيڪڏهن (خدا پرستي ۽ نيڪ عمليءَ کان) منهن موڙيندؤ ته مون کي ڊپ آهي ته توهان تي عذاب جو وڏو ڏينهن نه اچي وڃي. (٤) اوهان سڀني کي (آخر) الله ڏي ئي موٽڻو آهي ۽ سندس قدرت کان ڪابه ڳالهه ٻاهر ناهي. (۵) (اي پيغمبر!) تون ٻڌي ڇڏ ته، هي ماڻهو پنهنجي سينن کي ڍڪي ويڙهي ٿا ڇڏين، انهيءَ لاءِ ته الله کان لڪن (يعني پنهنجي دلين جون ڳالهيون لڪائين ٿا) پر ياد رکن ته (انسان جي ڪابه ڳالهه خدا کان لڪل ناهي) اهي ماڻهو جڏهن پنهنجا سڀ ڪپڙا پنهنجي مٿان وجهي ڇڏن (تڏهن ٻه لڪي نٿا سگهن). جيڪي هو لڪي لڪي ڪن ۽ جيڪي ظاهر ظهور ڪن ٿا سو سڀ الله کي معلوم آهي. هو ته سينن (يعني دلين) جا ڳجهه ٻه ڄاڻندڙ آهي.

حصو پارهون

(٦) ۽ زمين تي هلڻ وارو کوبہ ساهہ دار کونهي جنهن جي روزيءَ جو انتظام الله تي نہ هجي ۽ هو نہ ڄاڻندو هجي تہ سندس رهڻ جي جاءِ ڪٽي آهي، جنهن کي آخر سندس وجود سونپيو ويندو (يعني ڪٽي مرندو وغيره) اهو سڀ ڪجهہ ڪتاب ۾ درج ٿيل آهي. (يعني الله تعاليٰ کي چگيءَ طرح معلوم آهي.) (٧) ۽ اهوئي آهي جنهن آسمانن کي ۽ زمين کي ڇهن ايامن ۾ پيدا ڪيو ۽ سندس (حڪومت جي) تخت جي فرمانروائي پاڻيءَ تي هئي ۽ هن لاءِ پيدا ڪيائين تہ توهان انسانن کي آزمائي ۽ هيءَ ڳالهہ ظاهر ٿي پوي تہ ڪير عمل ۾ بهتر آهي. ۽ (اي پيغمبر!) جيڪڏهن تون انهن ماڻهن کي چئين تہ توهان کي مرڻ بعد اٿاريو ويندو تہ پوءِ جيڪي ماڻهو منڪر آهن سي ضرور چوندا تہ هي تہ (ڪوڙيون) جادوءَ جهڙيون ڳالهيون آهن. (٨) ۽ جيڪڏهن اسان هنن تان هڪ مقرر وقت تائين عذاب کي ٽاري رکون تہ هو ضرور چوندا تہ ڪهڙي ڳالهہ آهي جا ان عذاب کي روڪي رهي آهي. سو ٻڌي ڇڏيو تہ جنهن ڏينهن مٿن عذاب ايندو تنهن ڏينهن پوءِ ڪنهن جي بہ ٽارڻ سان ٽري ڪونہ سگهندو ۽ جنهن ڳالهہ تي اهي مسخريون ڪري رهيا آهن سان ضرور مٿن اچي ڪڙڪندي.

رڪوع ٢ آيت ٩ ـ تا ـ ٢٤

جيڪي رڳو دنيا چاهي ٿو تنهن کي سندس ڪوشش آهر دنيا ڏني وڃي ٿي، پر آخرت جي نعمتن کان محروم رهندو.

(٩) ۽ جيڪڏهن اسان انسان کي پاڻ وٽان رحمت جو مزو چکايون ٿا (يعني کا نعمت بخشيون ٿا) ۽ وري اها هٽائي ڇڏيون ٿا تہ هو هڪدم مايوس ۽ ناشڪر ٿي وڃي ٿو. (١٠) ۽ جيڪڏهن کيس ڏک پهچي ٿو ۽ ان بعد کيس راحت جو مزو ٿا چکايون ٿا تہ پوءِ (هڪدم غافل ٿي وڃي ٿو ۽) چوي ٿو تہ هاڻي خرابيون مون کان پڃي ويون (هاڻي ڪهڙو غم آهي) حقيقت هيءَ آهي تہ انسان (ننڍڙين ننڍڙين ڳالهين تي) خوشيءَ ۾ پرجي وڃي ٿو ۽ ٻڙاڪون هڻڻ لڳي ٿو. (١١) پر جيڪي ماڻهو صبر ڪن ٿا ۽ نيڪ عمل ڪن ٿا تن جو اهو حال ناهي، انهن لاءِ بخشش آهي ۽ تمام وڏو اجر بہ آهي. (١٢) پوءِ (اي پيغمبر!) تون هيئن ڪندين ڇا تہ جيڪو وحي تو ڏي موڪليو ويو آهي، تنهن مان ڪجهہ ڳالهيون ڇڏي ڏيندين ۽ ان سبب پنهنجي دل کي ڏک پهچائيندين؟ هن ڪري جو اهي ماڻهو چون ٿا تہ هن ماڻهوءَ (حضرت جن) تي ڪو خزانو (آسمان مان) چو نہ ٿو لهي اچي يا هن سان گڏ هڪڙو فرشتو چو نہ ٿو ڪڙو رهي. (نہ، انهن ڳالهين جي ڪري تو کي غمگين ٿيڻ نہ گهرجي) تنهنجي پوزيشن (منصب) هن کان سواءِ ڪجهہ بہ ناهي تہ تون (انڪار ۽ بدعمليءَ جي نتيجن کان) خبردار ڪرڻ وارو آهين. (تو تي اها ذميواري ڪانهي تہ ماڻهو تنهنجيون ڳالهيون مڃين) ۽ هر شيءِ تي الله ئي نگهبان آهي. (١٣) پوءِ اهي ماڻهو هيئن ٿا چون چا تہ، هن ماڻهوءَ

(يعني حضرت جن) قرآن پنهنجي دل مان ڪاهيو آهي. (اي پيغمبر!) تون چئي ڏي تہ، جيڪڏهن توهان پنهنجي انهيءَ ڳالهہ ۾ سچا آهيو تہ اهڙيون ڏهہ سورتون ڪاهي پيش ڪريو ۽ الله کان سواءِ جنهن کي بہ توهان پڪاري سگهو ٿا تنهن کي (ان ڪم ۾ مدد ڪرڻ لاءِ) پڪاري وٺو. (١٤) پوءِ جيڪڏهن (توهان جا ڪهرايل معبود) توهان جي پڪار جو جواب نہ ڏين (۽ توهان اهڙيون سورتون نہ ڪاهي سگهو) تہ توهان سمجهي ڇڏيو تہ قرآن الله ئي جي علم سان نازل ٿيو آهي. ۽ هيءَ ڳالهہ بہ حق آهي تہ هن کان سواءِ ٻيو ڪوبہ معبود ڪونهي، هاڻي ٻڌايو تہ، توهان اها ڳالهہ قبول ڪيو ٿا ۽ الله جي فرمانبرداري ڪيو ٿا يا نہ؟ (١٥) جيڪو (فقط) دنيا جي زندگي ۽ ان جي زينت چاهي ٿو تنهن لاءِ (اسان جو قانون هي آهي تہ) سندس ڪوشش ۽ عمل جا نتيجا هتي (هن دنيا ۾) پورا پورا ڏئي ڇڏيون ٿا ۽ هن لاءِ هن دنيا ۾ ڪجهہ بہ گهٽتائي ڪانہ ٿي ڪئي وڃي. (١٦) پر (ياد رکو تہ) هي اُهي ماڻهو آهن جن لاءِ آخرت (جي زندگيءَ) ۾ (دوزخ جي) باهہ کان سواءِ ٻيو ڪجهہ بہ نہ هوندو. (چو تہ هو حقيقتن کان منکر ٿي گناهہ جا ڪم بہ ڪندا هئا). جيڪي بہ هنن دنيا ۾ ڪاهيو سو سڀ ضايع ٿي ويندو ۽ جيڪي عمل هو ڪندا رهيا آهن سي نابود ٿي ويندا. (١٧) وري ڏسو تہ جيڪو ماڻهو پنهنجي پروردگار جي طرف کان هڪڙو روشن دليل رکندڙ هجي (يعني وجدان ۽ عقل جو فيصلو) ۽ ان سان گڏ هڪڙو شاهد بہ هن جي طرف کان اچي ويو هجي (يعني الله جو وحي) ۽ ان کان اڳي حضرت موسيٰ جو ڪتاب جو رهنمائي ڪندڙ ۽ سراسر رحمت هو سو بہ اچي چڪو هجي (۽ تصديق ڪندڙ هجي تہ پوءِ بہ اهڙا ماڻهو انڪار ڪري ٿا سگهن چا؟ نہ) اهي ماڻهو مٿس ايمان آڻين ٿا ۽ (ملڪ جي مختلف) ٽولين مان جيڪي بہ ان جا منکر ٿيا تن بابت يقين رکو تہ انهن لاءِ (دوزخ جي) باهہ ئي (ٺڪاڻو) آهي، جنهن جي ڪين واعدو ڪيو ويو آهي. پوءِ (اي پيغمبر!) تون ان باري ۾ ڪنهن بہ طرح جو شڪ نہ آڻ. (يعني قرآن جي دعوت جي ڪاميابي بابت ڪنهن بہ طرح جو شڪ نہ ڪجانءِ) اهو تنهنجي پروردگار جي طرف کان حق ئي حق آهي، پر (افسوس! هيئن ٿو ٿئي جو) اڪثر ماڻهو (سچائيءَ تي) ايمان نٿا آڻين. (١٨) ۽ انهيءَ کان وڌيڪ ظالم ڪير ٿي سگهي ٿو جو ڪوڙ ڳالهائي خدا تي بهتان لڳائي، جيڪي اڻين ڪري رهيا آهن، سي پنهنجي پروردگار جي حضور ۾ پيش ڪيا ويندا ۽ ان وقت شاهد شاهدي ڏيندا تہ هي اهي ماڻهو آهن جن پنهنجي پروردگار تي ڪوڙ هنيو هو. سو ٻڌي ڇڏيو تہ انهن ظالمن تي الله جي لعنت آهي. (١٩) جيڪي الله جي راهہ کان سندس بندن کي روڪين ٿا ۽ چاهين ٿا تہ ان ۾ ور وڪڙ ۽ ڏنگائي پيدا ڪن ۽ جي آخرت جا بہ منکر آهن. (٢٠) اهي ماڻهو نڪي زمين ۾ (الله کي) عاجز ڪرڻ وارا آهن (يعني الله جي ڪمن کي روڪي ڪين سگهندا) نڪي الله کان سواءِ انهن جو ڪوئي ڪارساز آهي. انهن کي ٻيڻو عذاب ٿيندو. (چو تہ سندن سرڪشي ۽ ضديت اهڙي تہ هئي جو) نڪي حق جي ڳالهہ ٻڌي سگهندا هئا، نڪي (حقيقت جي روشني) ڏسي سگهندا هئا. (٢١) اِهي اُهي ماڻهو آهن جن پنهنجون جانيون تباهہ ڪيون ۽ (زندگيءَ ۾) جيڪي

جيڪي (حق جي خلاف) ڪوڙ ٺاهيائون سي سڀ (آخرت ۾) کائنئن گم ٿي ويا. (٢٢) هن ۾ ڪوبہ شڪ ناهي تہ اهي ماڻهو آخرت ۾ سڀني کان زياده تباهہ حال ٿيندا. (٢٣) پر جن ماڻهن ايمان آندو ۽ نيڪ عمل ڪيا ۽ پنهنجي پروردگار جي طرف قرار ورتو سي بهشتي آهن ۽ بهشت (جي نعمتن) ۾ هميشہ رهڻ وارا آهن. (٢٤) انهن ٻن ٽولين جو مثال اهڙو آهي جيئن هڪڙا انڌا ۽ ٻوڑا ۽ ٻيا ڏسندڙ ۽ ٻڌندڙ. پوءِ ٻڌايو تہ ڇا ٻئي ٽوليون برابر ٿي سگهن ٿيون؟ ڇا توهان غور ۽ فڪر ٻہ نٿا ڪريو؟ (افسوس!)

رڪوع ٣ آيت ٢٥ ـ تا ـ ٣٥

حضرت نوح جا هدايت واسطي پنهنجي قوم کي جتن ۽ قوم جي بيزاري

(٢٥) ۽ هي حقيقت آهي تہ اسان نوح کي سندس قوم ڏي پيغمبر ڪري موڪليو. هن چيو تہ، (اي منهنجي قوم!) مان توهان کي (انڪار ۽ بدعمليءَ جي نتيجن کان) کليو ڪلايو خبردار ڪرڻ وارو آهيان. (٢٦) الله کان سواءِ ڪنهن جي ٻہ ٻانهپ نہ ڪريو. مان ڏڃان ٿو تہ متان اوهان تي عذاب جو دردناڪ ڏينهن نہ اچي وڃي. (٢٧) تنهن تي قوم جي انهن سردار جن ڪفر جي راهہ اختيار ڪئي هئي، چيو تہ، اسان تو ۾ هن کان سواءِ پي ڪابہ ڳالهہ ڪانہ ٿا ڏسون تہ، تون ٻہ اسان وانگر هڪڙو انسان آهين ۽ جيڪي ماڻهو تنهنجي پٺيان لڳا آهن، تن ۾ ٻہ انهن ماڻهن کان سواءِ ٻيو ڪوبہ نٿو ڏسجي جي حقير(۽) ذليل آهن. (يعني جيڪي مسڪين تو تي ايمان آڻي رهيا آهن سي اهي آهن جن کي اسان ڏڪارينداً رهيا آهيون ۽ کين نفرت سان ڏسندا رهيا آهيون) ۽ اهي ماڻهو بنا سوچڻ سمجهڻ جي تنهنجي پٺيان لڳي پيا آهن. اسان تہ اوهان ماڻهن ۾ پاڻ کان ڪابہ بهتري ۽ برتري ڪانہ ٿا ڏسون. (يعني اوهان اسان کا ڪنهن ٻہ ڳالهہ ۾ افضل ڪونہ ٿا ڏسجو) بلڪ اسان تہ سمجهون ٿا تہ توهان ڪوڙا آهيو. (٢٨) (حضرت) نوح چيو تہ، اي منهنجي قوم جا ماڻهو! اوهان ڪڏهن هن ڳالهہ تي ٻہ غور ڪيو آهي تہ جيڪڏهن مان پنهنجي پروردگار جي طرفان هڪ روشن دليل تي آهيان ۽ هن پاڻ وٽان هڪ رحمت ٻہ مون کي بخشي هجي (يعني حق جي راهہ ڏيکاري هجي) پر اها رحمت اوهان کي ڏسڻ ۾ نہ اچي تہ (مان جيڪي ڪري رهيو آهيان تنهن کان سواءِ ٻيو ڇا ٿو ڪري سگهان) ڇا اسان توهان کي زور سان راهہ ڏيکاريون، اگرچہ توهان ان کان بيزار آهيو؟ (٢٩) ۽ اي منهنجي قوم جا ماڻهو! مان جيڪي ڪجهہ ڪري رهيو آهيان تنهن جي عيوض ۾ توهان کان مال دولت ڪونہ ٿو گهران، منهنجي خدمت جي مزدوري فقط الله تي آهي ۽ (هيءَ ڳالهہ ٻہ سمجهي چڏيو تہ) جن ماڻهن ايمان آندو آهي (سي اوهان جي نظر ۾ ڪيتروئي ذليل هجن پر) مان اڻين ڪرڻ وارو ناهيان جو کين پاڻ وٽان تڙي ڪيان، هنن کي ٻہ پنهنجي پروردگار سان (هڪ ڏينهن) ملڻو آهي (جيڪو اسان سڀني جي عملن جو حساب وٺڻ وارو آهي.) پر (مان توهان کي ڪهڙيءَ طرح

سمجهائي باز آڻيان) مان تہ ڏسان ٿو توهان اهڙا ماڻهو آهيو جو (حقيقت کان) جاهل آهيو.
(۳۰) ۽ اي منهنجي قوم جا ماڻهو! (مون کي ٻڌايو تہ) جيڪڏهن مان هنن ماڻهن کي پاڻ وٽان ڪيان (۽ الله جي طرفان مون کان پڇاڻو ٿئي جنهن الله وٽ عزت جو مدار آهي، ايمان ۽ عمل تي، نہ ڪي دولت ۽ دنياڻي پوزيشن تي) تہ پوءِ الله جي مقابلي ۾ ڪير آهي جو منهنجي مدد ڪندو؟ (افسوس آهي اوهان تي) ڇا توهان غور نٿا ڪيو؟ (۳۱) ۽ (ڏسو) مان توهان کي ائين ڪونہ ٿو چوان تہ مون وٽ الله جا خزانا آهن، نڪي ائين ٿو چوان تہ مان غيب جون ڳالهيون ڄاڻان ٿو، نہ وري منهنجي هيءَ دعويٰ آهي تہ مان فرشتو آهيان. مان هيئن بہ ڪونہ ٿو چوان تہ جن ماڻهن کي توهان حقارت جي نظر سان ڏسو ٿا تن کي الله تعاليٰ ڪابہ پلائي نہ ڏيندو (جيئن اوهان جو اعتقاد آهي) الله ئي بهتر ڄاڻي ٿو جيڪي انهن ماڻهن جي دلين ۾ آهي. جيڪڏهن مان (اوهان جي خواهش مطابق) ائين چوان (تہ جيئن ئي اهڙي ڳالهہ وات مان ڪيندس) تيئن ئي ظالمن منجهان ٿي پوندس. (۳۲) تنهن تي انهن ماڻهن چيو تہ، اي نوح! تو اسان سان بحث ڪيا ۽ گهڻائي بحث ڪري چڪين (هاڻي انهن ڳالهين مان ورندو ڪجهہ بہ ڪين) جيڪڏهن تون سچو آهين تہ جنهن ڳالهہ جو تو واعدو ڏنو آهي (يعني چيو آهي تہ، اوهان تي عذاب ايندو ۽ برباد ٿي ويندؤ) اها آڻي ڏيکار. (۳۳) نوح چيو تہ جيڪڏهن الله کي منظور هوندو تہ بيشڪ هو اوهان تي اها ڳالهہ آڻي ڪيندو ۽ اوهان کي اها طاقت نہ ٿيندي جو (ڪيس ان ڳالهہ کان) عاجز ڪري ڇڏيو (يعني ڪيس روڪي سگهو). (۳٤) ۽ جيڪڏهن الله جي مشيت (ارادو ۽ خواهش) اها آهي تہ اوهان کي تباهہ ڪري تہ پوءِ مان توهان کي ڪيتري بہ نصيحت ڪرڻ گهران تہ بہ منهنجي نصيحت ڪجهہ بہ فائدو نہ ڪندي، اهوئي اوهان جو پروردگار آهي ۽ ان ڏانهن ئي اوهان کي موٽڻو آهي. (۳۵) (الله جو حڪم ٿيو تہ اي نوح!) هي ماڻهو هيئن ٿا چون ڇا تہ هن ماڻهو (يعني نوح) پنهنجي دل مان هيءَ ڳالهہ (يعني هدايت ۽ وحي جي ڳالهہ) گهڙي ڏاهي ٻڌائي آهي؟ تون چئي ڏي تہ جيڪڏهن هيءَ ڳالهہ مون گهڙي ڏاهي ٻڌائي آهي تہ منهنجو ڏوهہ مون تي آهي ۽ توهان جيڪي گناهہ ڪيو ٿا (تن جو بدلو توهان کي ملندو) مان انهن لاءِ ذميوار ڪونہ آهيان.

رکوع ٤ آيت ۳٦ ـ تا ـ ٤۹

حضرت نوح جي قوم تي ٻوڏ، سندس پٽ لاءِ سفارش. پر الله تعاليٰ ڪيس فرمايو تہ، هو تنهنجو ناهي چو تہ هو بدعمل آهي.

(۳٦) ۽ حضرت نوح کي وحي ڪيو ويو تہ تنهنجي قوم مان جن ماڻهن ايمان آندو آهي تن کان سواءِ هاڻي ٻيو ڪوبہ ايمان نہ آڻيندو، پوءِ جيڪي اهي (ڪافر) ڪري رهيا آهن، تنهن تي (اجايو) ڏک ۽ غم نہ ڪر. (۳۷) ۽ (حضرت نوح عليہ السلام کي خدا فرمايو تہ) اسان جي نظرداريءَ

هيڪ ۽ اسان جي حڪم مطابق هڪڙي ٻيڙي ٺاهڻ شروع ڪري ڏني، ۽ هنن ظالمن جي باري ۾ هاڻي اسان کي ڪجھ ٻڌ عرض معروض نہ ڪر. يقيناً اهي ماڻھو غرق ٿيڻ وارا آهن. (۳۸) تنھن تي حضرت نوح عليہ السلام ٻيڙي ٺاهڻ لڳو ۽ جڏھن جڏھن سندس قوم جا (هنيلا) سردار وٽائنس لنگھندا ھئا تڏھن (ڪيس ٻيڙي ٺاهڻ ۾ مشغول ڏسي) مسخريون ڪرڻ لڳندا ھئا. حضرت نوح ڪين چوندو ھو تہ، توهان مون تي ٺوڪون ٿا ڪيو تہ (ڀلي ڪيو) اهڙيءَ ٿي طرح اسان ٻ (توهان جي بيوقوفين تي هڪڙي ڏينھن) ڪِلنداسين. (۳۹) اهو وقت پري ناهي جڏھن اوهان کي معلوم ٿي ويندو تہ اهو ڪير آهي جنھن تي اهڙو عزاب ايندو جو ڪيس خوار خراب ڪندو ۽ وري (آخرت ۾ ٻ) دائمي عذاب مٿس نازل ٿيندو. (۴۰) (هي سڀ ڪجھ يعني مسخري وغيره ٿيندي رهي) تان جو جڏھن وقت اچي ويو تہ ان جي (مقرر ڪيل) ڳالھ ظهور ۾ اچي ۽ (فطرت جو) تنور جوش ۾ آيو تڏھن اسان (حضرت نوح عليہ السلام کي) حڪم ڏنو تہ هر قسم (جي جانورن) جا ٻ ٻ جوڙا ٻيڙيءَ ۾ چاڑھ ۽ پنھنجي اهل عيال کي ٻ ڀاڪ سان گڏ وڻي هل، پر اهل عيال ۾ اهي ماڻھو داخل ناهن جن بابت اڳ ئي چيو ويو آهي (تہ غرق ٿيڻ وارا آهن) پڻ انھن ماڻھن کي ٻ ڀاڪ سان ڪڻ جن ايمان آندو آهي ۽ نوح سان گڏ ايمان ڪونہ آندو هئائون، سواءِ ڪن ٿورن ماڻھن جي. (۴۱) ۽ (حضرت نوح سنگتين کي) چيو تہ، ٻيڙيءَ ۾ سوار ٿيو. الله جي نالي سان ان ٻيڙيءَ کي هلڻو آهي ۽ الله ئي جي نالي سان ان کي بيھڻو آهي. بيشڪ منھنجو پروردگار بخشيندڙ ۽ رحمت ڪندڙ آهي. (۴۲) ۽ (ڏسو) اهڙين لهرن ۾ جي جبلن وانگر اٿن ٿيون ٻيڙي انھن (ماڻھن) کي ڪٽي وڃي رهي آهي ۽ حضرت نوح عليہ السلام پنھنجي پٽ کي سڏ ڪيو جو ڪناري وٽ ٻيٺو هو ۽ چيائين تہ، اي منھنجا پٽ! اسان سان ٻيڙيءَ ۾ سوار ٿيءُ ۽ ڪافرن سان نہ رهي پئو. (۴۳) هن چيو تہ، مان ڪنھن جبل تي پناه وٺندس، جو مون کي پاڻيءَ (۾ ٻڏڻ) کان بچائي وٺندو. حضرت نوح چيس تہ، (تون ڪھڙي خام خيال ۾ گرفتار ٿي ويو آهين) اڄ الله جي (ٺهرايل) ڳالھ کان بچائڻ وارو ڪوبہ ڪونھي، سواءِ ان جي جنھن تي الله پاڻ رحم ڪري ۽ (ڏسو) ٻنھي جي وچ ۾ هڪڙي لهر اچي ويئي. پوءِ هو انھن مان ٿيو جيڪي ٻڏڻ وارا ھئا. (۴۴) ۽ (پوءِ الله جو) حڪم ٿيو تہ، اي زمين پنھنجو پاڻي پئي چڌ ۽ اي آسمان برسات کي بند ڪر، پوءِ پاڻي لهي ويو ۽ حادثي پڄاڻي ڪئي ۽ ٻيڙي جودي جبل تي بيهي رهي. ۽ (الله جو) فيصلو ٿيو تہ نامرادي ۽ ناڪامي انھن ماڻھن لاءِ آهي جيڪي ظالم آهن. (۴۵) ۽ نوح عليہ السلام پنھنجي پروردگار کان دعا گهري ۽ چيو تہ، اي منھنجا پروردگار! منھنجو پٽ تہ منھنجي گهر جي ماڻھن مان آهي ۽ يقيناً تنھنجو واعدو سچو آهي. تو کان بهتر فيصلي ڪرڻ وارو ڪوبہ ڪونھي. (۴۶) (خدا) فرمايو تہ، اي نوح! هو تنھنجي گهر جي ماڻھن مان ناهي. هو تہ سراسر بدعمل آهي. پوءِ جنھن حقيقت جو تو کي علم ناهي تنھن بابت سوال نہ ڪر، مان تو کي نصيحت ٿو ڪيان تہ جاهلن مان نہ ٿيءُ. (۴۷) (نوح) عرض ڪيو تہ، اي منھنجا رب! مان ھن ڳالھ کان تنھنجي پناه ٿو گهران تہ اهڙيءَ ڳالھ جو سوال ڪيان جنھن جي حقيقت جو علم مون

کي ڪونهي، جيڪڏهن تون مون کي نہ بخشين ۽ رحم نہ ڪرين تہ مان انهن ماڻهن منجهان ٿي پوندس جيڪي نقصان هيٺ آيا ۽ تباهہ ٿي ويا. (٤٨) حڪم ٿيو تہ، اي نوح! هاڻي پيڙيءَ مان لهہ. اسان جي طرفان توتي سلامتي ۽ برڪتون هجن، پڻ انهن جماعتن تي جي توسان آهن ۽ ٻيون ڪيتريون ئي جماعتون (پوءِ اڇڻ واريون) آهن جن کي اسان (زندگيءَ جي فائدن سان) حصيدار ڪنداسين. پر پوءِ کين (بدعملن جي بدلي ۾) اسان جي طرف کان دردناڪ عذاب پهچندو. (٤٩) (اي پيغمبر!) اهي غيب جي خبرن مان آهن جي اسان وحي جي ذريعي توکي ٻڌائي رهيا آهيون هن کان اڳي اهي ڄاڻيون نڪي تون ڄاڻندو هئين نڪي تنهنجي قوم. پوءِ (تون ٻہ) صبر ڪر ۽ استقامت رک (۽ پنهنجي فرض ادائي ۾ ثابت قدم رهہ ۽ منڪرن جي جهل ۽ شرارتن جي ڪري دلگير نہ ٿيءُ) بيشڪ (ڪامياب) پڇاڙي انهن لاءِ آهي جيڪي متقي آهن.

رکوع ۵ آيت ۵۰ ـ تا ـ ٦٠

حضرت هود جو پنهنجي قوم کي نصيحت ڪرڻ ۽ سمجهائڻ

(۵۰) ۽ اسان عاد (قوم) ڏي سندس برادريءَ مان حضرت هود کي پيغمبر ڪري موڪليو، حضرت هود کين چيو تہ، اي منهنجي قوم جا ماڻهو! الله جي بانهپ ڪريو. ڪائنس سواءِ اوهان جو ڪوبہ معبود (يا حاڪم يا بادشاهہ) ڪونهي، يقين ڪريو تہ توهان هن کان سواءِ ڪجهہ بہ نہ آهيو تہ (حقيقت جي خلاف) ڪوڙا ٺاهہ ٺاهيندڙ آهيو. (۵۱) اي منهنجي قوم جا ماڻهو! مان هن ڄاڻهہ جي لاءِ توهان کان ڪو عيوضو (يا انعام) ڪونہ ٿو گهران. منهنجي بدلو يا اجر تہ انهيءَ تي آهي جنهن مون کي پيدا ڪيو. پوءِ ڇا توهان اهڙي صاف ڳالهہ بہ) نٿا سمجهو. (۵۲) ۽ اي منهنجي قوم جا ماڻهو! پنهنجي پروردگار کان (پنهنجي غلطين ۽ گناهن جي) مغفرت (يعني معافي) گهرو ۽ (آئندہ جي لاءِ) سندس حضور ۾ توبہ ڪيو. هو توهان جي لاءِ مينهن وساڻيندڙ ڪر موڪلي ٿو (جن سان توهان جون پوکون ۽ باغ سرسبز ٿين ٿا) ۽ توهان جي قوتن ۾ نيون نيون قوتون وڌائي ٿو. (جنهن ڪري ترقيون ڪري رهيا آهيو) ۽ (ڏسو) ائين نہ ٿئي جو گناهہ ڪري (حق ۽ حقيقت کان) منهن موڙي ڇڏيو. (۵۳) (هنن ماڻهن) چيو تہ، اي هود! تون اسان وٽ ڪو (مضبوط) دليل تہ ڪونہ ڪٽي آيو آهين ۽ اسان تنهنجي چوڻ تي پنهنجي معبودن (ديوتائن) کي ڇڏي ڪونہ ڏيندا سين. اسان توتي ايمان آڻڻ وارا هرگز نہ آهيون. (۵٤) اسان جيڪي بہ چئي سگهون ٿا، سو هي آهي تہ اسان جي معبودن مان ڪنهن معبود جي توتي مار پئي آهي يا پٽ لڳي آهي (تنهن ڪري اهڙيون ڳالهيون ٿو ڪرين). (تنهن تي) هود چيو تہ، مان الله کي شاهد ٿو ڪريان ۽ اوهان بہ شاهد رهو تہ جن هستين کي توهان خدا سان شريڪ ٺهرايو آهي تن کان مان بيزار آهيان. (۵۵) توهان سڀ گڏجي منهنجي خلاف جيڪي بہ تدبيرون ڪري سگهو ٿا سي ضرور ڪيو ۽ مون کي (ڪجهہ بہ) مهلت نہ ڏيو (پوءِ ڏسو تہ نتيجو ڇا ٿو نڪري). (۵٦) منهنجو پروسو الله تي آهي جو

منهنجو ٻه پروردگار آهي ۽ اوهان جو ٻه. ڪوبه چرندڙ ساهه وارو ڪونهي جو سندس قبضي کان ٻاهر هجي. منهنجو پروردگار (حق ۽ عدل جي) سڌي واٽ تي آهي (يعني سندس راهه ظلم جي راهه ٿي نٿي سگهي.). (۵۷) پوءِ جيڪڏهن (تنهن هوندي ٻه) توهان منهن موڙيو تہ (ياد رکو تہ) جنهن ڳالهه لاءِ مون کي پيغمبر ڪري موڪليو ويو آهي، سا ڳالهه مون پهچائي (ان کان وڌيڪ منهنجي اختيار ۾ ڪجهه ٻه ناهي) ۽ (مون کي تہ هيئن ٿو ڏسڻ ۾ اچي تہ) منهنجو پروردگار (توهان کي برباد ڪري) ڪنهن ٻي قوم کي توهان جي جاءِ ڏيندو، ۽ توهان سندس ڪجهه ٻه (ڪم) بگاڙي نہ سگهندؤ. يقيناً منهنجو پروردگار هر شيءِ تي نگهبان آهي. (۵۸) ۽ (ڏسو) جڏهن اسان جي (نافرمانيل) ڳالهه جو وقت اچي ويو تڏهن اسان پنهنجي رحمت سان هود کي بچائي ورتو ۽ انهن ماڻهن کي ٻه بچائي ورتو جن ساڻس گڏ (سچائي تي) ايمان آندو هو، ۽ اهڙي عذاب کان بچايو جو وڏو سخت عذاب هو. (۵۹) هي آهي بيان عاد قوم جو. هنن پنهنجي پروردگار جون نشانيون (تڪبر ۽ خود غرضيءَ کان) ڪوڙيون ڄهرايون ۽ سندس رسولن جي نافرماني ڪئي ۽ هرهڪ تڪبر ڪندڙ سرڪش جي حڪم جي پيروي ڪئي. (۶۰) ۽ (پوءِ ڇا ٿيو جو) دنيا ۾ هنن تي لعنت وسي (يعني الله جي رحمت جي برڪتن کان محروم رهيا.) ۽ قيامت جي ڏينهن ٻه (مٿن لعنت پيئي) سو ٻڌي ڇڏيو تہ عاد جي قوم پنهنجي پروردگار جي ناشڪري ڪئي ۽ پٽ ٻڌي ڇڏيو تہ عاد جي لاءِ محرومي‌ءَ جو اعلان ٿيو جا هود جي قوم هئي.

رکوع ۶ آيت ۶۱ ـ تا ـ ۶۸

حضرت صالح جو پنهنجي قوم ثمود کي وعظ ڪرڻ. انڪار ۽ نافرماني سبب سندن تباهه ٿيڻ. حضرت صالح ۽ مؤمنن جو بچڻ.

(۶۱) ۽ اسان ثمود قوم ڏانهن سندس برادريءَ مان حضرت صالح کي پيغمبر ڪري موڪليو. هن کين چيو تہ، اي منهنجي قوم جا ماڻهو! الله جي ٻانهپ ڪيو. ڪائنس سواءِ اوهان جو ڪوبه معبود ڪونهي. (جنهن جي ٻانهپ ڪجي) اهوئي آهي جنهن اوهان کي زمين مان پيدا ڪيو ۽ وري ان ۾ ئي اوهان کي رهايو. (يعني زمين کي اوهان سان آباد ڪيو ۽ رونق ڏني) پوءِ اوهان کي گهرجي تہ ڪائنس بخشش گهرو ۽ سندس طرف رجوع ٿي زندگي بسر ڪريو. يقين رکو تہ منهنجي پروردگار (هرهڪ کي) ويجهڙو آهي ۽ (هرهڪ جي) دعائن جو جواب ڏيندڙ آهي. (۶۲) ماڻهن چيو تہ، اي صالح! هن کان اڳي تہ تون اهڙي (اعليٰ دل ۽ دماغ وارو) ماڻهو هئين جو اسان سيني جون تو ۾ ڏاڍيون اميدون هيون، پوءِ ڇا تون اسان کي روڪين ٿو تہ انهن معبودن (ديوتائن) جي پوڄا نہ ڪريون جن کي اسان جا ابا ڏاڏا پوڄيندا آيا آهن. (هيءَ ڪهڙي ڳالهه آهي؟) اسان کي ٻه انهيءَ ڳالهه ۾ وڏو شڪ آهي، جنهن جي اسان کي دعوت ڏئي رهيو آهين ۽ جنهن کي اسان جون دليون قبول ئي نٿيون ڪن. (۶۳) صالح چيو تہ، اي منهنجي قوم جا ماڻهو!

اوهان کڏهن هن ڳالهه تي غور ۽ ڪيو آهي ته جيڪڏهن مان پنهنجي پروردگار جي طرف کان (مليل) روشن دليل تي ۽ هجان (يعني خدا مون کي صحيح عقل ۽ ڏنو هجي) ۽ پوءِ ۽ مان سندس حڪم جي انحرافي ڪريان ۽ نافرماني ڪريان ته پوءِ ڪير آهي جو الله جي مقابلي ۾ منهنجي مدد ڪندو. (توهان جو مون کي چئو ٿا ته ابن ڏاڏن جي رسمن خلاف خدا جو حڪم ڇڏي ڏيان، سو) توهان مون کي ڪو فائدو نه ٿا پهچايو، پر اڻلندو نقصان ۽ تباهيءَ جي طرف وڌي وڃڻ ٿا چاهيو. (٦٤) ۽ اي منهنجي قوم جا ماڻهو! ڏسو، هي الله جي ڏاچي (يعني سندس نالي تي ڇڏي ڏنل ڏاچي) توهان جي لاءِ هڪ (فيصلو ڪندڙ) نشاني آهي. پوءِ ان کي ڇڏي ڏيو ته الله جي زمين تي چرندي وتي. ان کي ڪنهن ۽ قسم جو ايذاءُ نه پهچائجو، نه ته هڪدم اوهان تي عذاب اچي ڪڙڪندو. (٦٥) پر ماڻهن (زياده ضد ۾ اچي) ان کي ماري ڇڏيو. تڏهن حضرت صالح کين چيو ته، (هاڻي توهان کي فقط) ٽن ڏينهن (جي مهلت آهي) پنهنجي گهرن ۾ ڪائي پي وڻو. هيءَ (خدائي) واعدو آهي، هرگز کوڙو نه ٽيندو. (٦٦) پوءِ جڏهن اسان جي (نُهرايل) ڳالهه جو وقت اچي ويو تڏهن اسان صالح کي ۽ انهن کي، جن ساڻس گڏ ايمان آندو هو، پنهنجي رحمت سان بچائي ورتو ۽ ان ڏينهن جي خواري ۽ خرابيءَ کان ڇوٽڪارو ڏنو. (اي پيغمبر!) بيشڪ تنهنجو پروردگار ئي آهي جو قوت وارو ۽ سينيو تي غالب آهي. (٦٧) ۽ جن ماڻهن ظلم ڪيو هو تن کي هڪ وڏي زورواري ڪڙڪي اچي پڪڙيو. جڏهن صبح ٽيو، تڏهن سڀ پنهنجي گهرن ۾ اوندا ٽيا پيا هئا. (٦٨) (۽ هو اهڙو اوچتو مري ويا) گويا انهن گهرن ۾ ڪڏهن رهيائي ڪونه هئا، سو پڌري ڇڏيو ته ثمود قوم پنهنجي پروردگار جي ناشڪري ڪئي ۽ پڻ پڌري ڇڏيو ته ثمود جي قوم (هر طرح جي نعمتن کان) محروم رهي.

رڪوع ۷ آيت ٦٩ ـ تا ـ ٨٣

لوط جي قوم جي شهرن تي بدعملي جي ڪري پٽرن جو مينهن وسيو ۽ تباهه ٿي ويا.

(٦٩) ۽ هيءَ حقيقت آهي ته اسان جا موڪليل (فرشتا) حضرت ابراهيم وٽ خوشخبري کڻي آيا. هنن چيو ته اوهان تي سلامتي هجي. ابراهيم چيو ته، توهان تي ۽ سلامتي هجي. پوءِ حضرت ابراهيم هڪدم هڪڙو ڳچ گابو کڻي آيو (۽ کائڻ لاءِ سندن اڳيان رکيائين جو کين رواجي مهمان سمجهيو هئائين.) (۷۰) پوءِ جڏهن ڏٺائين ته هنن جا هٿ طعام ڏي نٿا وڌن تڏهن هنن جي باري ۾ بدگمان ٽيو ۽ دل ۾ ڊنو (ته هيءَ الاجي ڪهڙي ڳالهه آهي.) (پر) هنن چئي ڏنو ته ڊڄ نه، اسان ته (الله جي طرف کان) لوط جي قوم ڏانهن موڪليا ويا آهيو. (۷۱) ۽ سندس گهرواري (ساره) ۽ (تنبوءَ ۾) بيٺي (پڌي رهي) هئي. هوءَ کلي ويٺي (ڇو ته پهريون انديشو لهي ويس ۽ خوش ٿي) پوءِ اسان کيس (پنهنجي فرشتن هٿان) اسحاق (جي پيدا ٿيڻ) جي خوشخبري ڏني ۽ هن ڳالهه جي ته اسحاق کان پوءِ يعقوب جو ظهور ٿيندو. (۷۲) هن چيو ته، افسوس مون تي!

چا هيئن ٻہ ٽي ٽو سگهي تہ مون کي اولاد ٿئي جڏهن تہ مان گهٽي ٻيڙي ٽي وئي آهيا، ۽ هيءُ منهنجو مڙس (حضرت ابراهيم عليہ السلام) ٻہ پوڙهو ٽي چڪو آهي. هيءَ تہ وڏي عجب جي ڳالهہ آهي. (٧٣) هنن چيو تہ، چا تون الله جي ڪمن تي عجب ٽي ڪائين. اوهان تي الله جي رحمت ۽ برڪتون هجن اي (ابراهيم عليہ السلام جي) گهر جا ماڻهو (سندس فضل ۽ ڪرم لاءِ هيءَ ڪا وڏي ڳالهہ ڪانهي) بيشڪ اهوئي آهي جو سيني ڪامل صفتن سان موصوف آهي ۽ اهو ئي آهي جنهن جي لاءِ هر طرح جي بزرگي ۽ شان آهي. (٧٤) پوءِ جڏهن حضرت ابراهيم جي دل مان انديشو دور ٽي ويو ۽ ڪيس خوشخبري ملي تڏهن هو لوط جي قوم جي باري ۾ اسان سان جهگڙو ڪرڻ لڳو. (يعني اسان جي فرشتن کان هر هر سوال پڇڻ لڳو تہ ايندڙ بلا لوط جي قوم تان ٽري وڃي). (٧٥) حقيقت اها آهي تہ، حضرت ابراهيم وڏو بردبار، تمام نرم دل ۽ (هر حال ۾) الله جي طرف رجوع ٽي رهڻ وارو هو. (٧٦) (اسان جي فرشتن ڪيس چيو تہ) اي ابراهيم، هاڻي هن ڳالهہ جو خيال ڇڏي ڏي. تنهنجي پروردگار جي (ٺهرايل) ڳالهہ اچي وئي آهي ۽ هنن ماڻهن تي عذاب اچي رهيو آهي. جو ڪنهن ٻہ طرح ٽرڻ وارو ناهي. (٧٧) ۽ جڏهن اسان جا فرشتا حضرت لوط وٽ پهتا تڏهن هو سندن اچڻ تي خوش ڪونہ ٿيو ۽ سندن موجودگيءَ ڪيس پريشان ڪري وڌو، هن چئي ڏنو تہ اڄوڪو ڏينهن وڏي مصيبت جو ڏينهن آهي. (٧٨) ۽ سندس قوم جا ماڻهو (ڏارين جي اچڻ جي خبر پڌي) ڊوڙندا (وٽس) آيا. هو اڳ ئي بيڇڙن (فاحش) ڪمن ڪرڻ جا عادي ٿي ويا هئا. حضرت لوط ڪين چيو تہ، اي منهنجي قوم جا ماڻهو! هي (شهر ۾ رهندڙ زالون) منهنجون نياڻيون آهن (يعني حضرت لوط ڪين پنهنجي ڌيئرن وانگر پائيندو هو ۽ ڪين سندن مردن ڇڏي ڏنو هو) اهي (زالون) اوهان جي لاءِ جائز ۽ پاڪ آهن. پوءِ (انهن ڏي وڃو ۽ بي شرميءَ جا ڪم ڇڏي ڏيو) الله کان ڊڄو منهنجي مهمانن جي باري ۾ مون کي شرمندو ۽ خوار نہ ڪيو. چا اوهان ۾ ڪو هڪڙو ٻہ چگو مڙس ڪونهي؟ (٧٩) هنن (خبيث) ماڻهن چيو تہ تو ڪي تہ خبر آهي تہ تنهنجي انهن نياڻين سان اسان جو ڪوبہ واسطو ڪونهي ۽ تو ڪي چڱيءَ طرح معلوم آهي تہ اسان چا ڪرڻ چاهيون ٿا. (٨٠) حضرت لوط چيو تہ، شال ائين هجي ها جو مون کي اوهان جي مقابلي ڪرڻ جي طاقت هجي ها، يا ڪو مضبوط سهارو (ڪنهن جماعت جي مددگاري) هجي ها جنهن جو آسرو يا پناهہ يا مدد وٺي سگهان ها! (٨١) (تڏهن) انهن مهمانن (يعني فرشتن) چيو تہ، اي لوط! اسان تنهنجي پروردگار جا موڪليل آهيو. (گهبرائڻ جي ڳالهہ ئي ڪانهي) هي ماڻهو ڪڏهن ٻہ تو وٽ پهچي نہ سگهندا (جو تو ڪي ايذاءُ ڏين يا تو تي غالب پون). تون هيئن ڪر جو جڏهن رات جو هڪ حصو گذري وڃي تڏهن پنهنجي گهر جي ماڻهن کي پاڻ سان وٺي نڪري هليو وڃ ۽ اوهان مان ڪوبہ هيڏي هوڏي نہ ڏسي (يعني ڪنهن ٻہ ڳالهہ جو فڪر نہ ڪري)، پر تنهنجي گهرواري (تو سان گڏ نہ هلندي. هو پٺتي رهجي پوندي ۽) جيڪو هنن ماڻهن تي (حادثو) اچڻو آهي سو مٿس ٻہ

(يعني تنهنجي زال تي ٻ) ايندو. انهن ماڻهن جي لاءِ عذاب جو مقرر وقت صبح آهي ۽ صبح جي اڇ ۾ ڪا دير ڪانهي. (٨٢) پوءِ جڏهن اسان جي (نهرايل) ڳالهه جو وقت اچي ويو تڏهن (اي پيغمبر!) اسان ان (آبادي) جون سڀ بلنديون (يعني بلند عمارتون) هيٺاهين ۾ ڦيرائي ڇڏيون (يعني ڪيرائي زمين جي برابر هموار ڪري ڇڏيون) ۽ انهن (علائقن) تي باهه ۾ پڪل پٿر لاڳيتا وسايا. (٨٣) جي پٿر تنهنجي پروردگار جي حضور ۾ (انهيءَ مطلب لاءِ) نشان ڪيا ويا هئا. اها بستي ۽ علائقا هنن ظالمن (يعني مڪي جي شريرن) کان پري ڪونه آهن (اهي مڪي جا ظالم پنهنجي مسافريءَ وقت اتان لنگهندا رهن ٿا ۽ جيڪڏهن چاهين ته ان مان عبرت وٺي سگهن ٿا.)

رکوع ٨ آيت ٨٤ ـ تا ـ ٩٥

نافرمانين جي ڪري مدين جي ماڻهن تي اهڙو آواز اچي ڪڙڪيو جو صبح جي وقت اونڌا ٿيا پيا هئا.

(٨٤) ۽ اسان مدين (قبيلي) ڏانهن سندن ڀاءُ حضرت شعيب کي پيغمبر ڪري موڪليو. هن چيو ته، اي منهنجي قوم جا ماڻهو! الله جي بانهپ ڪريو، کائنس سواءِ ڪوبه اطاعت لائق ڪونهي ۽ ماپ ۽ تور ۾ گهٽتائي نه ڪريو. مان ڏسي رهيو آهيان ته توهان خوشحال ۽ آسودا آهيو (يعني خدا توهان کي گهٽوئي رزق ڏنو آهي، پوءِ بي شڪريءَ کان پاڻ کي بچايو) مان ڊڄان ٿو ته توهان تي اهڙو عذاب جو ڏينهن نه اچي ڪڙڪي، جو سيني تي چائنجي وڃي. (٨٥) ۽ اي منهنجي قوم جا ماڻهو! ماپ ۽ تور انصاف سان پوري پوري ڪندا ڪريو ۽ ماڻهن کي سندن شيون (سندن حق کان) گهٽ نه ڏيو. ملڪ ۾ شرارت ۽ فساد نه پکيڙيندا وتو. (٨٦) جيڪڏهن توهان منهنجي ڳالهه مڃي ته پوءِ جيڪي الله جو ڏنل (ڏنڊي ۾) بچي پوي، تنهن ۾ ئي توهان جي ڀلائي آهي ۽ ڏسو (منهنجو ڪم ته فقط نصيحت ڪرڻ آهي.) مان ڪو توهان تي نگهبان ڪونه آهيان (جو زور سان اوهان کي پنهنجي راهه تي هلايان). (٨٧) ماڻهن چيو ته، اي شعيب! تنهنجون اهي نمازون (جي تون پنهنجي خدا جي لاءِ پڙهين ٿو) تو کي هي حڪم ٿيون ڏين ڇا ته، اسان کي اچي ڇڏين ته هنن معبودن (ديوتائن) کي ڇڏي ڏيون جن کي اسان جا ابا ڏاڏا پوڄيندا رهيا آهن؟ يا (اسان کي اچي ڇڏين ته) توهان کي اهو اختيار ڪونهي ته توهان پنهنجي مال دولت بابت جيئن وڻيو تيئن ڪيو؟ (اسان کي بيشڪ پنهنجي مال بابت اختيار آهي) بس رڳو تون ئي هڪ نرم دل ۽ ايماندار ماڻهو وڃي رهيو آهين؟ (٨٨) حضرت شعيب چيو ته، اي منهجي قوم جا ماڻهو! توهان هن ڳالهه تي غور نه ڪيو آهي ڇا ته، جيڪڏهن مون کي الله جي طرف کان هڪ روشن دليل مليل هجي ۽ (پنهنجي فضل ۽ ڪرم سان) مون کي چگي روزي ڏيئي رهيو هجي ۽ (ته پوءِ ٻه مان چپ ڪري ويهي رهان ۽ توهان کي حق جي طرف نه سڏيان) ۽ مان ائين ٻه ڪونه ٿو چاهيان ته جنهن ڳالهه کان

توهان کي روکيان ٿو تنهن کان توهان کي ته روکيان پر پاڻ ان جي خلاف عمل کيان. (مان جيکي توهان کي چوان ٿو تنهن تي پاڻ ٻه عمل کيان ٿو). مان هن کان سواءِ ٻيو کجھ نٿو چاهيان ته جيتري قدر منهنجي وس ۾ آهي اوتري قدر حالتن سڌارڻ جي کوشش کريان، منهنجو کم جيکڏهن سرانجام ٿيٽو آهي ته فقط انهيءَ تي پروسو ٿو کيان ۽ انهيءَ ئي ڏانهن رجوع ٿو ٽيان. (۸۹) ۽ اي منهنجي قوم جا ماڻهو! ائين نه ٿئي جو مون سان ضد ۾ اچي (يعني ذاتي دشمنيءَ جي ڪري) اهڙي ڳالهه ڪري ويهو جو توهان تي ٻه اهڙو عذاب اچي ڪڙکي جهڙو نوح جي قوم يا هود جي قوم يا صالح جي قوم تي اچي نازل ٿيو. ۽ لوط جي قوم (وارو معاملو) ته توهان کان گهٽو پري ناهي (يعني اهو ٻين کان پوءِ ٿيو آهي ۽ اوهان سيني کي معلوم آهي. تنهن ڪري عبرت وٺو.) (۹۰) ۽ الله کان (پنهنجي گناهن جي) معافي گهرو ۽ سندس طرف موٽو. منهنجو پروردگار وڏي رحمت وارو ۽ وڏي محبت وارو آهي (هو اوهان تي رحمت ڪندو ۽ اوهان سان محبت رکندو). (۹۱) ماڻهن چيو ته اي شعيب! تون جيکي ٻه ڇئين ٿو تنهن مان گهڻيون ڳالهيون ته اسان جي سمجھ ۾ ئي نه ٿيون اچن، ۽ اسان ڏسون ٿا ته تون اسان ماڻهن ۾ هڪ ڪمزور ماڻهو آهي. جيکڏهن (توسان) تنهنجي برادريءَ جا ماڻهو شامل نه هجن ها ته اسان ضرور تو کي سنگسار ڪري ڇڏيون ها (يعني پٿر هڻي ماريون ها) اسان جي اڳيان تنهنجي ڪابه هلندي پڄندي يا طاقت ڪانهي. (۹۲) حضرت شعيب فرمايو ته، اي منهنجي قوم جا ماڻهو! توهان تي الله کان وڌيڪ منهنجي برادريءَ جو دٻاءُ آهي ڇا؟ (يعني الله جو ايترو ٻه خيال نٿا رکو جيترو منهنجي برادريءَ جو) ۽ (الله توهان جي نظر ۾ کجھ ٻه ناهي جو) هن (جي حڪم) کي پنهنجي پٺيءَ پويان اڇلائي ڇڏيو اٿو. (چگو ٻڌي ڇڏيو ته) جيکي جيکي توهان کيو ٿا سو منهنجي پروردگار جي احاطه (علم) کان ٻاهر ناهي. (يعني الله تعاليٰ اوهان جا عمل ڄاڻي ٿو ۽ ضرور انهن جو حساب وٺندو.) (۹۳) ۽ اي منهنجي قوم جا ماڻهو! توهان پنهنجي جاءِ تي ڪم ڪندا رهو. مان ٻه (پنهنجي جاءِ تي) عمل ۾ سرگرم آهيان، (يعني پنهنجي فرض ادائي ڪندو رهندس) تمام جلد اوهان کي معلوم ٿيندو ته ڪنهن تي ٿو عذاب اچي جو ان کي خوار خراب ڪري ۽ ڪير سچ پچ ڪوڙو آهي. ترسو، مان ٻه توهان سان گڏ ترسان ٿو. (۹٤) ۽ پوءِ جڏهن اسان جي (ٺهرايل) ڳالهه جو وقت اچي ويو (تڏهن ڇا ٿيو جو) اسان شعيب کي ۽ انهن کي جن ساڻس گڏ ايمان آندو هو پنهنجي رحمت سان بچائي ورتو ۽ جيکي ماڻهو ظالم هئا تن کي هڪ سخت آواز اچي پڪڙ ڪئي. پوءِ جڏهن صبح ٿيو تڏهن (ڏٺو ويو ته) اهي پنهنجي پنهنجي گهرن ۾ اونڌا ٽيا پيا هئا. (۹۵) (اهي اهڙو ته اوچتو تباهه ٿي ويا جو) گويا هو ڪڏهن ٻه انهن گهرن ۾ رهيائي ڪون هئا. سو ٻڌي ڇڏيو ته مدين جي قبيلي جي لاءِ ٻه اهڙي ئي محرومي ۽ ناڪاميابي رهي جهڙي ثمود جي قوم لاءِ ٿي هئي.

رکوع ۹ آيت ۹۶ ـ تا ـ ۱۰۹

هنن پاڻ تي ظلم ڪيو، خدا تہ عادل ۽ رحيم آهي.

(۹۶) ۽ اسان موسيٰ کي پنهنجي نشانين ۽ چٽيءَ سَنَدَ سان پيغمبر ڪري موڪليو. (۹۷) فرعون ۽ سندس سردارن ڏانهن، پر اُهي سردار فرعون جي ڳالهہ تي هليا، ۽ فرعون جي ڳالهہ سچائي ۽ سڌائي جي ڳالهہ نہ هئي. (۹۸) قيامت جي ڏينهن هو (يعني فرعون) پنهنجي قوم جي اڳيان هوندو (جهڙيءَ طرح دنيا ۾ ہ گمراهيءَ ۾ سيني کان اڳ ۾ هو) ۽ هنن کي دوزخ ۾ پهچائيندو، پوءِ ڏسو تہ ڪهڙي نہ بيڻي پهچ جي جاءِ آهي اها جتي هو پهچندا. (۹۹) ۽ هن دنيا ۾ ہ لعنت سندن پٺيان لڳي (جو سندن بدنامي پئي ڳائجي) ۽ قيامت ۾ ہ (جتي آخرت جي عذاب جا حقدار ٿيا) سو ڏسو تہ ڪهڙو نہ بيڻو بدلو آهي جو سندن حصي ۾ آيو. (۱۰۰) (اي پيغمبر!) هي (اڳوٽين) آبادين جي خبرن مان ڪن جو بيان آهي جو اسان تو کي ٻڌائي رهيا آهيون، انهن مان کي تہ هن وقت تائين قائم آهن ۽ کي بلڪل اجڙي ويون. (۱۰۱) ۽ اسان مٿن ظلم ڪونہ ڪيو. بلڪ خود هنن ئي پاڻ تي ظلم ڪيو. سو (ڏس تہ) جڏهن تنهنجي پروردگار جي (ٺهرايل ڳالهہ) اچي ويئي تڏهن هنن جا اهي معبود ڪنهن ہ ڪم نہ آيا، جن کي الله کان سواءِ (يعني الله کي ڇڏي) پڪاريندا هئا. انهن (کين) ڪجهہ ہ فائدو ڪونہ پهچايو. اٽلندو سندن تباهيءَ جو باعث ٿيا. (۱۰۲) ۽ تنهنجي پروردگار جي پڪڙ اهڙي ئي ٿيندي آهي جڏهن هو انساني آبادين کي ظلم ڪندي پڪڙيندو آهي. (يعني جڏهن ماڻهو ظلم ڪندا آهن ۽ الله تعاليٰ سندن ظلمن جي ڪري کين پڪڙ ڪندو آهي) يقيناً سندس پڪڙ ڏاڍي دردناڪ ۽ سخت هوندي آهي. (۱۰۳) بيشڪ هن ڳالهہ ۾ انهيءَ ماڻهوءَ لاءِ وڏي عبرت رکيل آهي، جيڪو آخرت جي عذاب جو خوف رکندڙ هجي. هي (آخرت جو ڏينهن) اهو ڏينهن آهي جڏهن سڀ انسان هڪ هنڌ گڏ ڪيا ويندا ۽ هي اهو ڏينهن آهي جنهن جو نظارو ڪيو ويندو. (۱۰۴) ۽ اسان انهيءَ ڏينهن کي پٺتي نہ رکيو آهي، پر فقط هن لاءِ تہ هڪ مقرر وقت تي ان جو ظهور ٿئي. (۱۰۵) جڏهن اهو ڏينهن اچي ويندو تڏهن کنهن کي ہ مجال نہ ٿيندو جو الله جي اجازت کان سواءِ زبان کولي (۽ ڳالهائي) پوءِ (انهيءَ ڏينهن انسانن جا ٻہ قسم هوندا) کي اهڙا هوندا جن جي لاءِ محرومي آهي ۽ کي اهڙا جن لاءِ سعادت آهي. (۱۰۶) سو جيڪي ماڻهو محروم رهيا سي دوزخ ۾ هوندا ۽ هنن لاءِ اتي روئڻ ۽ رڙيون ڪرڻ هوندو. (۱۰۷) هو انهيءَ (روچ راڙي جي حالت ۾) رهندا جيستائين ڪ زمين ۽ آسمان قائم آهن. (۽ ان جي خلاف ڪجهہ نہ هوندو) سواءِ هن صورت جي جو تنهنجو پروردگار (ٻيءَ طرح) چاهي. بيشڪ تنهنجو پروردگار پنهنجن ڪمن ۾ اختيار وارو آهي. جيڪي چاهي ٿو سو ڪري ٿو. (۱۰۸) ۽ جن ماڻهن سعادت (ڪامراني) حاصل ڪئي سي بهشت ۾ هوندا ۽ ان ۾ ئي رهندا جيستائين ڪ زمين ۽ آسمان قائم آهن (ان جي خلاف ڪجهہ ٿيڻوئي ناهي) سواءِ ان حالت جي جو تنهنجو پروردگار (ٻيءَ طرح) چاهي. اها (سعيدن سياڻن لاءِ) بخشش آهي جا هميشہ لاءِ

جاري رهڻ واري آهي. (۱۰۹) پوءِ (اي پيغمبر!) هي ماڻهو جيڪي (خدا کان سواءِ ٻين هستين جي) بندگي ٿا ڪن تن جي باري ۾ تو کي ڪوبہ شڪ نہ هڻڻ گهرجي (هو ضرور پنهنجو ڪيتو لوڙيندا) اهي اهڙيءَ ئي طرح بندگي ڪري رهيا آهن، جهڙيءَ طرح کانئن اڳي سندن ابا ڏاڏا ڪندا رهيا آهن. ضرور هيئن ٿيڻو آهي تہ اسان هنن (جي عملن جي نتيجن) جو حصو هنن کي پورو پورو ڏيندا سين، بنا ڪنهن گهٽتائيءَ جي.

رکوع ۱۰ آيت ۱۱۰ ـ تا ـ ۱۲۳

حضرت موسيٰ تي ڪتاب نازل ڪيو ويو، پر تنهن هوندي بہ ماڻهن اختلاف ڪيا.

(۱۱۰) ۽ اسان موسيٰ کي ڪتاب ڏنو هو، پوءِ ان ۾ اختلاف ڪيا ويا ۽ جيڪڏهن تنهنجي پروردگار اڳ ۾ ئي هڪڙي ڳالهہ ٺهرائي نہ چڏي هجي ها (يعني هيءَ ڳالهہ تہ دنيا ۾ هر انسان کي خدا جي قانون موجب مهلت ملڻي آهي) تہ ضرور انهن جي وچ ۾ (هڪدم) فيصلو ڪيو وجي ها ۽ انهن (منڪرن) کي ان بابت شڪ ۽ گمان آهي جو منجهي پيا آهن. (۱۱۱) ۽ (يقين ڪر تہ) سڀني جي لاءِ هيئن ئي ٿيڻو آهي تہ جڏهن وقت اچي ويندو تڏهن تنهنجو پروردگار سندن عملن جو بدلو کين پورو ڏيئي چڏيندو. جيڪي جيڪي ماڻهو ڪري رهيا آهن، تنهن جي الله تعاليٰ کي پوري پوري خبر پوي ٿي. (۱۱۲) تنهن ڪري تو کي گهرجي تہ جهڙيءَ طرح تو کي حڪم ڏنو ويو آهي تهڙيءَ طرح تون ۽ اُهي سڀ جيڪي (خدا ڏي) موٽي توسان شامل ٿيا آهن، (حق جي راهہ تي) مضبوط ۽ محڪم ٿي وڃو ۽ حد کان ٻاهر نہ وڃو. يقين ڪيو تہ جيڪي جيڪي توهان ڪيو ٿا سو خدا ڏسي رهيو آهي. (۱۱۳) ۽ هيئن بہ نہ ڪجو جو ظالمن جي طرف جهڪي پئو (۽ هنن کي خوش ڪرڻ لاءِ پنهنجي عملن ۾ گهٽتائي ڪيو ۽ سندن دليون ونڊ جي ڪوشش ڪيو) جنهن ڪري (انهن جي ويجهو هڻڻ سبب) توهان کي بہ باهہ جي لهس اچي وجي. الله کان سواءِ اوهان جو ڪوبہ رفيق ڪونهي. پوءِ (جيڪڏهن ان کان جدا ٿيندؤ تہ) ڪوبہ توهان جي مدد ڪونہ ڪندو. (۱۱٤) ۽ نماز قائم ڪيو، انهيءَ وقت جڏهن ڏينهن شروع ٿيڻ تي هجي ۽ انهيءَ وقت جڏهن رات جو پهريون حصو گذري ويو هجي. ياد رکو تہ، نيڪيون برائين کي ڪٽي ٿيون وڃن. هيءَ نصيحت آهي انهن لاءِ جيڪي نصيحت ونڊڻ آهن. (۱۱۵) ۽ صبر ڪيو (يعني حق جي راهہ ۾ سڀ تڪليفون ۽ مصيبتون ثابت قدميءَ سان سهندا رهو) چو تہ بيشڪ الله تعاليٰ نيڪ عملن جو اجر ضايع نٿو ڪري. (۱۱٦) پوءِ (ڏسو تہ) هيئن چو نہ ٿيو جو جيڪي پيڙهيون اوهان کي اڳي ٿي گذريون تن ۾ ڪي نيڪ ماڻهو بہ رهن ها جيڪي ٻين ماڻهن کي گناهن ۽ شرارتن ۽ فساد کان روڪين ها، پر ائين ڪونہ ٿيو سواءِ ڪن ٿورين پيڙهين جي جن کي اسان (تباهہ ٿيڻ کان) چوٽڪارو ڏنو. ظلم ڪندڙ تہ انهيءَ ئي راهہ تي هلندا رهيا جنهن ۾ هنن (پنهنجي نفساني لذتن جي) آسودگي محسوس ڪئي هئي ۽ اُهي سڀ (حق جي حڪمن جا نافرمان) ڏوهاري ۽ گنهگار

هئا. (۱۱۷) ۽ (ياد رک ته) هيئن هرگز ٿي نٿو سگهي جو تنهنجو پروردگار بستين ۽ آبادين کي ناحق تباهه ڪري ڇڏي، اگرچه انهن جا رهاڪو پاڻ ۾ سڌارڻ وارا هجن. (۱۱۸) ۽ جيڪڏهن تنهنجو پروردگار چاهي ها ته سيني ماڻهن کي هڪ امت بنائي ها (يعني سڀ هڪ ئي راهه تي گامزن هجن ها. پر توهان ڏسي رهيا آهيو ته هن ائين نه چاهيو ۽ هتي جدا جدا ٽوليون ۽ جدا جدا واڻون ٿيون) ۽ ماڻهو ائين ئي جدا جدا راهن تي هلندا رهندا. (۱۱۹) پر جن تي تنهنجي پروردگار رحم ڪيو (سي اختلاف کونه ڪندا، ڇو ته اُهي حقيقت کي پروڙي ويندا ۽ قبول ڪندا) ۽ کين انهيءَ ئي لاءِ پيدا ڪيو ويو آهي ۽ (وري ڏسو ته فڪر ۽ عمل جي انهيءَ ئي اختلاف جو نتيجو آهي جو) تنهنجي پروردگار جي (ٺهرايل) ڳالهه پوري پيئي جو ضرور هيئن ٿيندو ته مان جهنم کي جنن توڙي انسانن سان پري ڇڏيندس. (۱۲۰) ۽ (اي پيغمبر!) رسولن جي احوالن مان جيڪي جيڪي قصا اسان تو کي ٻڌايون ٿا (يعني جن جن نمونن سان ٻڌايون ٿا) تن سيني ۾ هيءَ ئي ڳالهه (يعني مقصد رکيل) آهي ته تنهنجي دل کي تسڪين (تسلي) ڏيون (ته اڳي به ماڻهن رسولن جي مخالفت ڪئي تنهن ڪري تون پاڻ کي ارمان ۾ جهوري نه وجهه) ۽ (پي هيءَ ڳالهه ته انهن قصن مان) تو کي حق جو اجر ملي ويو. (يعني سچائي جا روشن دليل ملي ويا) ۽ پڻ نصيحت (ته فقط نصيحت ونڊڻ نصيحت تي هلندا) ۽ پڻ (انهن قصن ۾) مؤمنن جي لاءِ (حق جي) يادگيري ڏياري ويئي. (۱۲۱) ۽ (اي پيغمبر!) جيڪي ماڻهو ايمان نٿا آڻين (۽ حق جي دعوت جو مقابلو ڪري رهيا آهن) تن کي چئي ڏي ته توهان پنهنجي جاءِ تي (يعني جيئن وٽيوَ ۽ پڇيوَ ٿيئن) ڪم ڪندا رهو. اسان به (پنهنجي جاءِ تي) عملن ۾ سرگرم آهيون. (۱۲۲) ۽ (نتيجي لاءِ) منتظر رهو. اسان به منتظر آهيون. (۱۲۳) ۽ (ياد رک ته) الله ئي کي آسمان ۽ زمين جي لکل ڳالهين جو علم آهي. ۽ سڀ ڪم سندس ئي اڳيان رجوع ٿين ٿا. تنهن ڪري سندس ئي بندگيءَ ۾ لڳو رهه (يعني سڀ فرض ۽ حڪم بجا آڻيندو رهه) ۽ مٿس پروسو رک (ته آخر نيڪ ماڻهو ڪامياب ٿيندا ۽ بد ماڻهو نقصان هيٺ ايندا) تنهنجو پروردگار انهن عملن کان غافل ناهي، جيڪي جيڪي ماڻهو ڪري رهيا آهن (هو ماڻهن جا سڀ عمل جاڻي ٿو ۽ انهن جو حساب وٺي ٿو ۽ جزا ۽ سزا ڏئي ٿو.

سورت يوسف

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي.

رڪوع ۱ آيت ۱ ـ تا ـ ٦

قرآن مجيد روشن ۽ واضح ڪتاب آهي. حضرت يوسف جو خواب ۽ پٽس حضرت يعقوب جو تعبير.

(۱) الف ـ لام ـ را، هي آيتون آهن روشن ۽ واضح ڪتاب جون. (۲) اسان هن قرآن کي عربي زبان ۾ نازل ڪيو آهي، انهيءَ لاءِ ته توهان چگيءَ طرح سمجهو. (۳) (اي پيغمبر!) هن قرآن کي وحي طور موڪلڻ سان توکي اسان بهترين طريقي سان (گذريل) واقعا ۽ حالتون ٻڌايون ٿا ۽ يقيناً قرآن جي نازل ٿيڻ کان اڳي تون انهن ماڻهن منجهان هئين جيڪي (انهن احوالن کان) بي خبر هئا. (٤) ۽ (ٻڌو ته) چا ٿيو جو حضرت يوسف پنهنجي پيءُ کي اچي چيو ته، اي منهنجا بابا! مون (خواب ۾) ڏٺو (ته) يارهن تارا آهن ۽ سج ۽ چنڊ به آهن ۽ ڏٺم ته اهي سڀ مون کي سجدو ڪري رهيا آهن. (٥) (پيءُ) چيو ته اي منهنجا پٽ! پنهنجي هن خواب جو حال پائرن کي نه ٻڌائجانءِ. متان هو تنهنجي خلاف ڪنهن منصوبي جون تجويزون ٺاهڻ لڳن. ياد رک ته شيطان انسان جو کليو ۽ چٽو دشمن آهي. (٦) ۽ (اي منهنجا پٽ! جهڙيءَ طرح تو ڏٺو آهي ته يارهن تارا ۽ سج ۽ چنڊ تنهنجي اڳيان جهڪيا آهن) تهڙيءَ طرح تنهنجي پروردگار توکي بزرگيءَ (۽ پيغمبريءَ) لاءِ چونڊيو آهي ۽ هيءَ ڳالهه سيکارڻ وارو آهي ته ڳالهين (۽ واقعن) جو نتيجو ۽ مطلب ڪهڙيءَ طرح ڏهرائجي ۽ معلوم ڪجي (يعني الله تعاليٰ توکي عقل ۽ حڪمت ڏيڻ وارو آهي) پڻ جهڙيءَ طرح هو (يعني الله تعاليٰ) هن کان اڳي تنهنجي ونڊن ابراهيم ۽ اسحاق تي پنهنجي نعمت پوري ڪري چڪو آهي. تهڙيءَ طرح توتي ۽ يعقوب جي گهراڻي تي به نعمت پوري ڪندو. بيشڪ تنهنجو پروردگار (سڀ ڪجهه) ڄاڻندڙ ۽ (پنهنجي ڪمن ۾) حڪمت رکندڙ آهي.

رڪوع ۲ آيت ۷ ـ تا ـ ۲۰

پائرن حضرت يوسف کي هڪ کوهه ۾ اڇلائي ڇڏيو. قافلي وارن کيس کڻيو، مصر ۾ وڪيائون.

(۷) جيڪي ماڻهو (سچيون حقيقتون) پچندڙ هجن (۽ سمجهه رکندڙ هجن) تن جي لاءِ حضرت يوسف ۽ سندس پائرن جي معاملي ۾ (نصيحت ۽ عبرت جون) وڏيون نشانيون آهن. (۸) هيئن ٿيو جو (يوسف جا ويڳا پائر پاڻ ۾) چوڻ لڳا ته اسان جي پيءُ کي يوسف ۽ سندس پاءُ (بن يامين) اسان سيني کان گهڻو وڌيڪ پيارا آهن. حالانڪ اسان هڪ پوري جماعت آهيون. (يعني اسان جو تعداد

وڏو آهي.) يقيناً اسان جو پيءُ صريح غلطيءَ تي آهي. (٩) پوءِ (چگي ڳالهه هيءَ آهي تہ) يوسف کي ماري ڇڏيون يا کنهن جاءِ ۾ (کاڏي ٻہ) اڇلائي ڇڏيون. تہ پوءِ اسان جي پيءُ جو توجهہ (ڏيان ۽ پيار) رڳو اسان جي طرف رهي ۽ هن (يوسف) جي نڪري وڃڻ بعد اسان جا سڀ ڪم سنوارجي وڃن (يا اسان ان گناهہ بعد صالح ٿيون ۽ اڳتي اهڙا ڪم نہ ڪيون). (١٠) هنن مان هڪڙي چوندڙ چيو تہ، يوسف کي قتل نہ ڪيو. جيڪڏهن اوهان کي ڪجهہ ڪرڻو آهي تہ کنهن اونهي کوهہ جي تري ۾ ڪيس ڦٽو ڪيو. (واٽ ويندڙ قافلن مان) کوئي قافلو (ان وٽان لنگهندو ۽) کيس کڀي وڃندو. (١١) (اها صلاح ڪري سڀ گڏجي پيءُ وٽ ويا ۽) چيائون تہ اي اسان جا بابا! ڇو توهان يوسف جي باري ۾ اسان تي اعتبار نٿا ڪيو؟ (۽ ڪاڏي ٻہ اسان سان گڏجي هلڻ نٿا ڏيو) حالانڪہ اسان تہ دل و جان سان سندس خير خواهہ آهيون. (١٢) سياڻي ڪيس اسان سان گڏ (ٻيلي ۾) وڃڻ ڏيو تہ ڪائي پيئي مزا ماڻي ۽ راند روند ڪري. اسان سندس حفاظت جو ذمو ٿا کڻون. (١٣) (پيءُ) چيو تہ هيءَ ڳالهہ مون کي غم ۾ ٽي وجهي تہ توهان ڪيس پاڻ سان وڃي وجو ۽ مان ڊڄان ٿو تہ متان هيئن ٿئي جو ڪيس بگهڙ ماري ڪائي ۽ اوهان هن کان غافل رهو. (١٤) هنن چيو تہ، پلا اهو ڪيئن ٿو ٿي سگهي جو بگهڙ ڪيس ڪائي وڃي، ۽ اسان جي هڪ وڏي ٽولي موجود هجي. جيڪڏهن اڪين ٿئي تہ پوءِ اسان تہ نڪما ۽ بيڪار ثابت ٿينداسين. (يا نقصان هيٺ اينداسين). (١٥) پوءِ جڏهن اهي ماڻهو (پيءُ کان موڪل وڃي) يوسف کي پاڻ سان وڃي ويا ۽ سڀني هن ڳالهہ تي اتفاق ڪيو تہ ڪيس کوهہ جي تري ۾ وڌو وڃي (۽ اڪين ڪري گذريا) تڏهن اسان (يعني الله تعاليٰ) يوسف کي وحي موڪليو تہ (ناميد نہ ٿيءُ) هڪڙو ڏينهن ضرور اڇٽو آهي جڏهن تون سندن هي معاملو کين ٻڌائيندين، ۽ هو نٿا ڄاڻن (تہ آخر ڇا ٿيٽو آهي). (١٦) ۽ هو پنهنجي پيءُ وٽ شام جو رئندا پٽيندا آيا. (١٧) چيائون تہ، اي اسان جا بابا! اسان هڪ ٻئي سان ڊوڙون پڄاڻ ۾ لڳي وياسين، ۽ يوسف کي پنهنجي سامان وٽ ڇڏيوسين، پوءِ هيئن ٿيو جو هڪڙو بگهڙ اچي نڪتو ۽ يوسف کي (ماري) کائي ويو. (اسان ڄاڻون ٿا تہ) توهان اسان جي ڳالهہ تي يقين نہ ڪندؤ اگرچہ اسان ڪيترو ٻہ سچا هجون. (١٨) ۽ يوسف جي قميص تي ڪوڙو رت (کنهن ٻکريءَ جو) لڳائي ڪٽي آيا. پيءُ (اهو ڏسي) چيو تہ، نہ (مان اها ڳالهہ مڃي نٿو سگهان) هيءَ تہ هڪڙي (هٿراڏو ناهيل) ڳالهہ آهي، جا اوهان جي نفس اوهان کي سهٽي ڪري سيکاري آهي. (۽ توهان سمجهو ٿا تہ ڪارگر چالاڪي ڪري چڪا آهيو) خير مون کي تہ هاڻي صبر ئي ڪرڻو آهي. اهڙو صبر جو وٽندڙ هجي ۽ توهان جيڪو ڪجهہ بيان ڪيو ٿا تنهن بابت الله کان ئي مدد گهرڻي آهي. (١٩) پوءِ ڇا ٿيو جو هڪڙو قافلو (ان کوهہ وٽان) لنگهيو ۽ قافلي وارن پاڻيءَ جي لاءِ پنهنجو پخالي موڪليو. پوءِ جيئن ئي هن پنهنجو ڊول لٽڪايو (۽ پاڻيءَ سان ڀريل سمجهي مٿي ڇڪيائين) تئين ئي (ڇا ڏسي تہ هڪڙو جوان ڇوڪر ان ڊول ۾ ويٺو آهي ۽ هن) پڪاري چيو تہ، ڪهڙي نہ خوشيءِ جي ڳالهہ آهي! هي تہ هڪ جوان ڇوڪر آهي! ۽ قافلي

وارن هن کي واپار جو سرمايو سمجهي لکائي ڇڏيو (تہ متان کو ان جي دعويٰ ڪري کسي نہ وڃي) ۽ هو جيڪي ڪري رهيا هئا سو الله جي علم کان لکل ڪونہ هو. (۲۰) ۽ (پوءِ) هنن يوسف کي تمام ٿورڙن پئسن تي، جي اڳرين تي ڳڻڻ جيترا درهم هئا. (مصر جي بازار ۾) وڪٹي ڇڏيو، ۽ هو هن معاملي ۾ (وڏي قيمت وٺڻ لاءِ ايترو) خواهشمند بہ نہ هئا. (چو تہ کين مفت ۾ ملي ويو هو).

رکوع ۳ آيت ۲۱ ـ تا ـ ۲۹

الله تعاليٰ حضرت يوسف کي ڪمن ڪارين ڪرڻ جي اعليٰ قابليت ۽ علم عطا ڪيو.

(۲۱) ۽ مصر جي ماڻهن مان جنهن شخص يوسف کي (قافلي وارن کان) خريد ڪيو هو سو (هن کي پنهنجي گهر وڃي آيو ۽) پنهنجي زال کي چيائي تہ هن کي عزت سان رهائجانءِ. عجب ناهي تہ هو اسان کي فائدو پهچائي، يا اسان کيس پنهنجي (گود جو يا دين جو) پٽ ڪري رکون ۽ (ڏسو) اهڙيءَ طرح اسان مصر جي سر زمين ۾ يوسف جو قدر جمايو. ۽ مقصد هو تہ کيس ڳالهين ۽ واقعن جا نتيجا ۽ مطلب ڪيڙي سمجهائي ۽ سيکاري ڇڏيون ۽ الله کي جيڪو ڪم ڪرڻو هوندو آهي سو ڪري ڏي رهندو آهي. (چو تہ هو قدر ۽ غالب آهي) پر گهڻا ماڻهو (اهي حقيقتون) نٿا ڄاڻن. (۲۲) ۽ پوءِ جڏهن يوسف ڦوهہ جوانيءَ کي پهتو تڏهن اسان کيس ڪمن ڪرڻ جي قابليت ۽ قوت ۾ گهڻو علم عطا ڪيو، اسان نيڪ عمل ڪندڙن کي (سندن نيڪ عمليءَ جو) اهڙوئي بدلو عطا ڪندا آهيون. (۲۳) ۽ (پوءِ ڇا ٿيو جو) جنهن عورت جي گهر ۾ يوسف رهندو هو (يعني عزيز جي زال) سا مٽس (عاشق ٿي پيئي ۽) حيلا هلائڻ لڳي تہ هو بہ (موهجي) بي اختيار ٿي ڳالهہ مڃي وڃهي، هن عورت (هڪڙي ڏينهن) دروازا ڪٹي بند ڪيا، ۽ چئي ڏنائين تہ مون ڏي هليو آءٌ. يوسف چيو تہ، معاذالله (خدا پناهہ ڏئي، مون کان اهڙو ڪم ڪڏهن بہ نہ پڄندو) تنهنجو مڙس منهنجو سائين آهي. هن مون کي عزت سان (گهر ۾) جاءِ ڏني آهي (مان سندس امانت ۾ خيانت ڪونہ ڪندس). ۽ حدن کان ٻاهر لنگهڻ وارا ظالم ڪڏهن بہ ڪامياب ٿي نہ ٿا سگهن. (۲٤) ۽ حقيقت هيءَ آهي تہ اها عورت يوسف جي پڻيان پئجي چڪي هئي، ۽ (حالت اهڙي ٻڌجي چڪي هئي جو بي اختيار ٿي) يوسف بہ هن ڏانهن لاڙو ڪري ها، جيڪڏهن سندس پروردگار جو دليل سندس سامهون نہ اچي وڃي ها. (سو ڏسو) اهڙيءَ طرح (اسان انساني نفس جي هن سخت آزمائش ۾ بہ هن کي حق جي دليل جي وسيلي هوشيار رکيو) انهيءَ لاءِ تہ برائي ۽ بي شرميءَ جون ڳالهيون کانئس دور رکون. بيشڪ هو اسان جي انهن ٻانهن مان هو، جيڪي بزرگيءَ لاءِ چونڊيا ويا. (۲۵) ۽ (پوءِ ڇا ٿيو جو) ٻئي دروازي جي طرف ڊوڙيا. (اهڙيءَ طرح ڊوڙيا جو انهن مان هرهڪ ٻئي کان اڳتي ٽپڻ ٿي چاهيو. يوسف هن لاءِ تہ ان عورت کان پڄي جند ڇڏائي، ۽ عورت وري هن لاءِ تہ کيس پڄي نڪرڻ کا روڪي وڃهي) ۽ ان عورت يوسف جي قميص کي پٺئين پاسي کان ڇڪيو ۽ ڦاڙي وڌائين ۽ (پوءِ اوچتو) ٻنهي ڏٺو تہ ان

عورت جو مڙس دروازي وٽ ٻيٺو آهي. تڏهن عورت (پنهنجي گناهه لڪائڻ لاءِ هڪدم ٻاهه ٺاهي ورتو ۽) چيائين ته جيڪو ماڻهو تنهنجي گهر واريءَ سان بڇڙي ڪم جو ارادو ڪري تنهن جي سزا ڪهڙي هئڻ گهرجي؟ ڇا هيءَ سزا نه هئڻ گهرجي ته ڪيس قيد ۾ وڌو وڃي يا (ڪا ٻي) دردناڪ سزا ڏني وڃي؟ (٢٦) (تنهن تي) يوسف چيو ته، خود هن مون تي حيلا هلايا (۽ مون کي مجبور ڪري ڦاسائڻ جي ڪوشش ڪئي، پر مان اهڙو ڪم نه ڪيو) ۽ پوءِ (ڇا ٿيو جو) انهيءَ عورت جي ڪٽنب وارن مان هڪڙي شاهد شاهدي ڏني، (هن چيو) ته يوسف جي قميص (ڏسڻ گهرجي) جيڪڏهن اڳيان ڦاٽل آهي ته عورت سچي ۽ يوسف ڪوڙو آهي. (٢٧) جيڪڏهن قميص پٺئين پاسي کان ڦاٽل آهي ته عورت ڪوڙ ڳالهايو آهي ۽ يوسف سچو آهي. (٢٨) پوءِ جڏهن ان عورت جي مڙس ڏٺو ته يوسف جي قميص پٺئين پاسي کان ڦاٽل آهي، تڏهن (حقيقت سمجهيائين ۽) عورت کي چيائين ته ڪجهه بہ شڪ ناهي ته هيءُ توهان عورتن جي مڪرن مان هڪ مڪر آهي، ۽ توهان عورتن جا مڪر وڏا مڪر آهن. (٢٩) (وري عزيز چيو ته) اي يوسف هن (معاملي) کي درگذر ڪري ڇڏ (يعني جيڪي ٿيو تنهن کي وساري ڇڏ) ۽ (زال کي چيائين ته) پنهنجي گناهه جي معافي گهر، بيشڪ تون ئي خطا وار آهي.

رکوع ٤ آيت ٣٠ـ تا ـ٣٥

حضرت يوسف قيد جي ڏمڪيءَ تي چيو ته مون کي گنهگاري ڪرڻ کان قيد وڌيڪ پسند آهي.

(٣٠) ۽ (پوءِ جڏهن هي قصو مشهور ٿيو تڏهن) شهر جون ڪي عورتون (چور پچور ڪري) چوڻ لڳيون ته ڏسو ته سهي عزيز جي زال پنهنجي غلام تي (عاشق ٿي) حيلا هلائڻ لڳي ته من هن کي ريجهائي ٺاهي وجهي. هوءَ سندس محبت ۾ موهجي ويئي آهي. اسان جي خيال ۾ ته هوءَ ظاهرظهور بدچاليءَ ۾ پئجي ويئي آهي. (٣١) جڏهن عزيز جي زال (سندن) مڪاريءَ جون هي ڳالهيون ٻڌيون تڏهن هنن کي گهرايائين ۽ هنن جي لاءِ مسندون (يعني، طول ويهاڻا) ترتيب سان تيار ڪرايائين (۽ طعام اڳيان رکرايائين) ۽ (دستور موجب) هرهڪ کي هڪ چري ڏنائين (ته کائڻ ۾ ڪم آڻين)، پوءِ (جڏهن هي سڀ ڪجهه ٿي چڪو تڏهن) يوسف کي چيائين ته هنن زالن جي سامهون نڪري اچ. جڏهن (يوسف آيو ۽) انهن عورتن کيس ڏٺو تڏهن (کيس اهڙو ڏٺائون جو) سندس بهتريءَ جو اعتراف ڪيائون، (يعني قبول ڪيائون ته بيشڪ هو اعليٰ شان وارو آهي) هنن (حيرانيءَ ۾ چرين سان) پنهنجا هٿ ڪپي وڌا ۽ (ٻي اختيار) چئي ڏنائون ته سبحان الله! هيءُ انسان ته نه آهي. ضرور ڪو فرشتو آهي ۽ وڏي مرتبي وارو فرشتو آهي. (٣٢) تڏهن (عزيز جي زال) چيو ته، هاڻي ته ڏٺوَ؟ اهو اٿو اهو ماڻهو جنهن جي باري ۾ توهان مون کي طعنا ڏنا هئا. هائو! بيشڪ مون سندس دل کي پنهنجي قبضي ۾ آڻڻ چاهيو هو، پر هو بي قابو نه

ٽيو (يعني پنهنجي دل تي ضابطو نہ وجايائين) ۽ (هاڻي کيس ٻڌائي ٿي ڇڏيان ٿو) جيڪڏهن منهنجو چوڻ نہ مڃيندو (۽ پنهنجي ضد تي اڙيو رهندو) تہ ضرور قيد خاني ۾ وڌو ويندو ۽ بي عزتيءَ ۾ پوندو. (۳۳) (يوسف اها ڏمڪي ٻڌي الله کان دعا گهري) چيائين تہ اي منهنجا رب! مون کي قيد ۾ رهڻ هن ڳالهہ کان گهڻو وڌيڪ پسند آهي جنهن ڳالهہ ڏانهن هي عورتون مون کي سڏي رهيون آهن. جيڪڏهن تون (منهنجي مدد نہ ڪندين ۽) هنن جي مڪارين جي ڇار کان نہ بچائيندين تہ عجب ناهي تہ مان هنن ڏانهن جهڪي پوان ۽ انهن ماڻهن منجهان ٿي پوان جيڪي جاهل ۽ ناشناس آهن. (۳٤) سو (ڏسو) سندس پروردگار سندس دعا قبول ڪئي ۽ ڪانئس انهن عورتن جون مڪاريون دفع ڪري ڇڏيائين، بيشڪ اهوئي آهي (دعائن جو) ٻڌندڙ ۽ (سڀ ڪجهہ) ڄاڻندڙ. (۳۵) پوءِ (ڇا ٿيو جو) اگرچہ اهي ماڻهو (يعني عزيز ۽ سندس خاندان جا ماڻهو) نشانيون ڏسي چڪا هئا (تہ بيشڪ يوسف پاڪ دامن ۽ بلند اخلاق انسان آهي) تڏهن بہ ڪين هيءَ ڳالهہ مناسب نظر آئي تہ هڪ خاص مدت لاءِ يوسف کي قيد خاني ۾ وڌو وڃي.

رکوع ۵ آيت ۳٦ ـ تا ـ ٤۲

قيد خاني ۾ دين ۽ حق جي واٽ جي تبليغ.

(۳٦) ۽ (پوءِ ڇا ٿيو جو) يوسف سان گڏ بہ جوان مرد پيا بہ قيد خاني ۾ داخل ٿيا. انهن مان هڪ (يوسف کي) چيو تہ، مون کي (خواب ۾) ڏسڻ ۾ آيو آهي تہ مان شراب (ٺاهڻ) جي لاءِ (انگورن جو) عرق ڪڍي رهيو آهيان. ٻئي چيو تہ، مون کي ڏسڻ ۾ آيو آهي تہ متي تي ماني کنئي اٿم ۽ پکي ان کي کائي رهيا آهن (۽ ٻنهي عرض ڪيو تہ) اسان کي ٻڌاءِ تہ، هن ڳالهہ جو نتيجو ڪهڙو نڪرڻو آهي. اسان ڏسون ٿا تہ تون بيشڪ وڏو نيڪ ماڻهو آهن. (۳۷) حضرت يوسف جواب ۾ چيو تہ، (گهٻرايو نہ) توهان جو مقرر طعام توهان وٽ اچي تنهن کان اڳ ئي مان توهان جي خوابن جو تعبير توهان کي ٻڌائي ڏيندس. هن ڳالهہ جو علم (يعني خوابن جو تعبير ڪرڻ) بہ انهن ڳالهين منجهان آهي جي مون کي منهنجي پروردگار سيکاريون آهن. مان انهن ماڻهن جي ملت (يا مذهب) ڇڏي ڪيو آهي جيڪي الله تي ايمان نہ ٿا رکن ۽ آخرت جا بہ منڪر آهن. (۳۸) مون پنهنجي ابن ڏاڏن يعني ابراهيم، اسحاق ۽ يعقوب جي ملت جي پيروي ڪئي آهي. اسان (ابراهيم جو اولاد) ائين نٿا ڪري سگهون جو الله سان ڪنهن بہ شيءِ کي شريڪ ٺهرايون. اها (ملت يا مذهب) الله جو هڪ فضل آهي جو هن اسان تي ۽ ماڻهن تي ڪيو آهي. پر گهڻا ماڻهو اهڙا آهن جيڪي (هن نعمت جو) شڪر بجا نٿا آڻين. (۳۹) اي منهنجا جيل جا ساٿيو! (توهان ڪڏهن هن ڳالهہ تي غور بہ ڪيو آهي تہ) جدا جدا معبودن جي هڻڻ بهتر آهي يا هڪ الله جو، جيڪو يگانو ۽ سيني تي غالب آهي. (٤۰) توهان ان (خدا) کان سواءِ جن هستين جي بندگي ٿا ڪيو تن جي حقيقت هن کان وڌيڪ ڇا آهي تہ فقط ڪي نالا آهن جي توهان ۽ توهان جي ابن ڏاڏن

ڪٽي رکيا آهن. الله تعاليٰ انهن جي لاءِ ڪاڍ سند نازل نہ ڪئي آهي. حڪومت تہ الله ئي جي لاءِ آهي. سندس فرمان هي آهي تہ، سندس ئي بندگي ڪيو، ٻئي ڪنهن جي ٻ بندگي نہ ڪيو. اهوئي سنئون سڌو دين آهي، پر گهڻا ماڻهو اهڙا آهن جيڪي (اها ڳالهہ ٻ) نٿا ڄاڻن. (٤١) اي منهنجا جيل جا ساٿيو! (هاڻي پنهنجي پنهنجي خواب جو مطلب ٻڌي ڇڏيو) توهان مان هڪڙو (اهو آهي جنهن خواب ۾ ڏٺو تہ، انگور نچوڙي رهيو آهي) اهو (قيد مان ڇٽندو ۽ اڳوٽي دستور موجب) پنهنجي ساٿين کي شراب پيارينڊو ۽ ٻيو ماڻهو (اُهو آهي جنهن ڏٺو تہ سندس مٿي تي ڪنيل ماني پکي کائي رهيا آهن) اهو سوريءَ تي چاڑهيو ويندو ۽ پکي هن جومٿو (پٽي پٽي) کائيندا. سو جنهن ڳالهہ بابت اوهان پڇو ٿا سا فيصل ٿي ويئي ۽ فيصلو اهوئي آهي. (٤٢) ۽ حضرت يوسف جنهن ماڻهوءَ جي باري ۾ سمجهيو تہ ڇٽي ويندو، تنهن کي چيو تہ جڏهن پنهنجي سائينءَ وٽ وڃين تڏهن مون کي ياد ڪجانءِ. (يعني منهنجو حال ڪيس ضرور ٻڌائجانءِ، پوءِ ٻڌايل تعبير مطابق جڏهن اهو ڇٽي ويو تڏهن) شيطان هن کان اها ڳالهہ وساراڻي ڇڏي تہ پنهنجي سائينءَ جي حضور ۾ پهچي يوسف کي ياد ڪري. پوءِ يوسف کي سال (وڌيڪ) قيد خاني ۾ رهيو.

رکوع ٦ آيت ٤٣ ـ تا ـ ٤٩

بادشاهہ جي خواب جي حضرت يوسف تعبير ڪئي

(٤٣) ۽ (پوءِ چا ٿيو جو هڪڙي ڏينهن) بادشاهہ (پنهنجي سيني درٻارين کي سڏائي) چيو تہ، مان (خواب ۾) چا ٿو ڏسان تہ ست ٿلهيون متاريون ڳئون آهن جن کي ست ڏهريون هيٽيون ڳئون ڳهي ڳڙڪائي ويون آهن ۽ ست تازا ساوا سنگ آهن ۽ ست سڪل آهن. اي درٻار جا اميرؤ! جيڪڏهن توهان خوابن جو تعبير ڪندا آهيو تہ ٻڌايو تہ، منهنجي خواب جو مطلب چا آهي؟ (٤٤) درٻارين (غور و فڪر ڪرڻ بعد) چيو تہ، اهي تہ پريشان (منجهيل) خواب ۽ خيال آهن. (اهڙي ڳالهہ آهي ئي ڪانہ جنهن جو ڪو خاص مطلب هجي. اسان سچن خوابن جو مطلب تہ ڪڍي سگهندا آهيون پر) پريشان خوابن جو مطلب اسان کي معلوم ڪونهي. (٤٥) ۽ جيڪوماڻهو انهن بن قيدين مان ڇٽي ويو هو ۽ جنهن کي هڪ مدت بعد (هاڻي يوسف جي) ڳالهہ ياد آئي تنهن (بادشاهہ جو خواب ٻڌي) چئي ڏنو تہ مان اوهان کي هن خواب جو مطلب ٻڌائيندس. توهان مون کي (هڪڙيءَ جاءِ ڏي) وڃڻ ڏيو. (٤٦) (اُهو ساقي قيد خاني ۾ ويو ۽ چيائين تہ) اي يوسف ! اي سچا صديق! اسان کي هن (خواب) جو تعبير ٻڌاءِ. ستن ٿلهين متارين ڳئن کي ست ڏهريون ڳئون ڳڙڪائي رهيون آهن ۽ ست سنگ ساوا آهن ۽ ست سڪل آهن. هن لاءِ (تہ انهن) ماڻهن ڏي موٽي وڃي سگهان (جن مون کي موڪليو آهي ۽ کين تعبير ٻ ٻڌايان) عجب ناهي تہ هو (تنهنجو علم بزرگي ۽ مرتبو) معلوم ڪري وڃن. (٤٧) يوسف چيو تہ، (هن خواب جي تعبير ۽ جيڪي ان

بابت ڪرڻ گھرجي سو هي آهي تہ) ست سال لاڳيتا (پاڻي گھٽو هوندو ۽) توهان کيتي ڪندا رهندؤ. (انهن سالن ۾ پيداوار گھٽي ٿيندي) پوءِ جڏهن فصل لھڻ جو وقت اچي تڏهن جيڪي اٽؤ تنهن کي سنگن ۾ ئي رهڻ ڏيو (انهيءَ لاءِ تہ آنُ سڙي خراب نہ ٿئي) ۽ فقط ايترو ٿورو مقدار (ان جو) سنگن کان جدا ڪري وڻو جيترو کائڻ لاءِ (ضروري) هجي. (٤٨) پوءِ انهن (ستن سالن) بعد پيا ست (سال) تمام سخت مصيبت جا سال ايندا، جن ۾ (اڳين ستن سالن جو اناج وغيره) کاڄي ويندو جو توهان اڳ ئي گڏ ڪري رکيو هوندو. پر ٿورڙو جو توهان روڪي رکيو هوندو سو وڃي بچندو. (٤٩) ان کان پوءِ وري اهڙو سال ايندو جنهن ۾ ماڻهن لاءِ خوب مينهن وسندو ۽ ماڻهو ان سال ۾ (ميون ۽ اناج مان) عرق ۽ تيل جام ڪيندا.

رکوع ۷ آيت ۵۰ ـ تا ـ ۵۷

حضرت يوسف جي صفائي سامهون اچڻ تي بادشاهہ کيس حڪومت جو مختيار ڪيو.

(۵۰) (جڏهن انهيءَ ساقيءَ اها ڳالهہ بادشاهہ کي ٻڌائي تڏهن) بادشاهہ چيو تہ، يوسف کي (بنا دير) مون وٽ وٺي اچو. پر جڏهن (بادشاهہ جو) پيغام پهچائيندڙ يوسف وٽ پهتو تڏهن هن چيو تہ، (مان ائين نہ هلندس) توهان پنهنجي بادشاهہ ڏي موٽي وڃو ۽ (منهنجي طرفان) دريافت ڪيو تہ انهن عورتن جو معاملو ڪهڙو هو، جن پنهنجا هٿ ڪپي وڌا هئا. (مان چاهيان ٿو تہ پهريائين ان ڳالهہ جو فيصلو ٿئي) جيڪي مڪاريون انهن ڪيون هيون، منهنجو پروردگار انهن کي چگيءَ طرح ڄاڻي ٿو. (۵۱) (تنهن تي) بادشاهہ (انهن عورتن کي گھرايو ۽) چيو تہ صاف صاف ٻڌايو تہ توهان کي ڪهڙو معاملو پيش آيو هو، جڏهن اوهان يوسف تي حيلا هلايا تہ ڪيس پنهنجي طرف مائل ڪري وجهو. انهن ورندي ڏني تہ ماشا الله! اسان هن ۾ برائيءَ جي ڪابہ ڳالهہ ڪانہ ڏٺي. (اهو ٻڌي) عزيز جي زال بہ (بي اختيار) چئي ڏنو تہ جيڪا سچي حقيقت هئي سا هاڻي ظاهر ٿي پيئي. بيشڪ مان ئي هيس جنهن يوسف تي حيلا هلايا تہ من سندس دل (مون ڏي) مائل ٿئي. بيشڪ هو (پنهنجي بيان ۾) بلڪل سچو آهي. (۵۲) (يوسف چيو تہ) مون اها ڳالهہ هن ڪري چئي تہ ڪيس معلوم ٿي وڃي (يعني عزيز کي معلوم ٿي وڃي) تہ مان هن جي پرپٺ سندس معاملي ۾ خيانت ڪانہ ڪئي، ۽ پڻ هن ڪري چئي تہ (ظاهر ٿي پوي تہ) الله تعاليٰ خيانت ڪندڙن جي تدبيرن لاءِ ڪڏهن بہ (ڪاميابيءَ جي) راهہ نہ ٿو ڪولي.

حصو تيرهون

(۵۳) مان پنهنجي نفس جي پاڪائيءَ جي دعويٰ نٿي ڪريان. انسان جو نفس تہ برائي جي لاءِ ڏاڍو اپاريندڙ آهي. (ان جي غلبي کان بچڻ سولو ناهي) سواءِ ان حالت جي جو منهنجو پروردگار پنهنجو رحم ڪري. بيشڪ منهنجو پروردگار وڏو بخشيندڙ ۽ وڏو رحم ڪندڙ آهي. (۵٤) ۽ (وري) بادشاهہ حڪم ڏنو تہ، يوسف کي مون وٽ وڻي اچو تہ ڪيس خاص پنهنجي (ڪمن) لاءِ مقرر ڪيان. پوءِ جڏهن (هو آيو ۽) ڳالهہ پوليہ ڪيائين (تڏهن بادشاهہ) چيو تہ، اڄ تون اسان جي نظر ۾ وڏي اقتدار (عزت ۽ پوزيشن) وارو ۽ امانتدار (سچو ۽ ايماندار) انسان آهين. (۵۵) يوسف چيس تہ، مون کي ملڪ جي خزاني جي باري ۾ مختيار ڪري ڇڏ، جو مان حفاظت ڪري ٿو سگهان (۽ مان ايمانداريءَ سا خزانو سنياليندس ۽ ملڪ جي پيلي لاءِ ڪم آڻيندس) ۽ مان هن ڪم جو ڄاڻندڙ آهيان (بادشاهہ هن کي ملڪ جو مختيار ڪري ڇڏيو). (۵٦) ۽ (ڏسو) اهڙيءَ طرح اسان مصر جي سرزمين ۾ يوسف جا قدم جمايا جو جيڪا ئي جاءِ وٽيس تنهن کي پنهنجي مرضيءَ موجب رهڻ لاءِ ڪم آڻي. (اهڙيءَ طرح) اسان جنهن کي چاهيون ٿا تنهن کي پنهنجي رحمت سان نوازيون ٿا، ۽ نيڪ عمل ڪندڙن جو اجر ڪڏهن بہ ضايع نٿا ڪيون. (۵۷) ۽ جيڪي ماڻهو (الله تي) ايمان آڻين ۽ (بدعملين کان) بچندا رهن تن جي لاءِ تہ آخرت جو اجر ان کان (يعني دنياڻي دولت ۽ حڪمت کان) گهڻو بهتر آهي.

رڪوع ۸ آيت ۵۸ ـ تا ـ ٦۸

حضرت يوسف سان پائرن جو ملڻ

(۵۸) ۽ (سڪار جي ستن سالن بعد ڏڪار وارن سالن ۾ ڇا ٿيو جو) يوسف جا (وڏا) پائر (ڪنعان مان مصر ڏي انُ خريد ڪرڻ لاءِ) آيا. پوءِ ان جي روبرو ٿيا (تہ) يوسف انهن کي (ڏسندي ئي) سڃاڻي ورتو، پر هنن کونہ سڃاتو. (نڪي کين ٻڌايائين). (۵۹) ۽ جڏهن يوسف انهن کي سامان (اناج وغيره) مهيا ڪيو تڏهن (سندن رواني ٽيڻ وقت) کين چيائين تہ، وري اچو تہ پنهنجي ويڳي پاءُ (بن يامين) کي بہ پاڻ سان وٺيو اچجو. توهان ڇگيءَ طرح ڏٺو آهي تہ مان پوري ماپ سان (ان توري) ٿو ڏيان ۽ (پاهرين مسافرن جي لاءِ) بهترين مهمان نواز آهيان. (٦۰) پر جيڪڏهن توهان کيس مون وٽ نہ آڻيندؤ تہ، پوءِ ياد رکو تہ نڪي مون وٽان اوهان کي (اناج جي) ڪجهہ لپ ملندي، نڪي منهنجي ويجهو ايندؤ (يعني اوهان کي رڳو پاڻ وٽ اچڻ بہ نہ ڏيندس). (٦۱) هنن چيو تہ، اسان سندس پيءُ کي انهيءَ لاءِ گهٽوئي ترغيب ڏيندا سين (۽ ان جا فائدا ڏيکاريندا سين). اسان ضرور ائين ڪنداسين. (٦۲) ۽ يوسف پنهنجي خدمتگارن کي حڪم ڏنو تہ، انهن ماڻهن جي پونجي (يعني موڙي جنهن سان ان خريد ڪيو هئائون)

سندن پورن ۾ رکي ڇڏيو. جڏهن اهي ماڻهو پنهنجي گهر ڏي موٽندا تڏهن گهٽو امکان آهي ته پنهنجي پونجي ڏسي سڃاڻي وٺندا (ته موٽائي ڏني ويئي آهي) ۽ پوءِ عجب ناهي ته ٻيهر موٽي اچن. (٦٣) پوءِ جڏهن اهي ماڻهو پنهنجي پيءُ وٽ موٽي ويا تڏهن کيس چيائون ته، اسان جا بابا! آئيندہ لاءِ ان جو وکرو اسان جي لاءِ بند کيو ويو آهي. تنهن کري اسان جي ياءُ (بن يامين) کي اسان سان گڏ موکل ڏي ته ان خريد کري اچون ۽ اسان سندس حفاظت کندڙ آهيون. (٦٤) پيءُ (اهو ٻڌي) چيو ته، ڇا هن جي باري ۾ اهڙيءَ طرح اوهان تي اعتبار کريان جهڙيءَ طرح اڳي سندس ياءُ (يوسف) جي باري ۾ کري چکو آهيان؟ سو الله ئي سيني کان بهتر حفاظت کندڙ آهي ۽ کو ٻ کونهي جو کائنس وڌيڪ رحم کرڻ وارو هجي. (٦٥) ۽ جڏهن انهن ماڻهن پنهنجو سامان کوليو تڏهن ڇا ڏسن ته سندن موڙي کين موٽائي ڏني ويئي آهي. سو (پيءُ کي) چيائون ته، اي اسان جا بابا! هن کان وڌيڪ اسان کي ٻيو ڇا گهرجي؟ ڏس، هيءَ اسان جي پونجي آهي، جا اسان کي موٽائي ڏني ويئي آهي. (اسان کي هن ان ٻ ڏنو ته قيمت ٻ موٽائي ڏني. پوءِ اسان کي موکل ڏي ته بن يامين کي پاڻ سان وٺي وري وڃون) ۽ پنهنجي کٽنب جي لاءِ سيڌو وٺي اچون اسان پنهنجي ياءِ جي حفاظت کنداسين ۽ هڪ اُٺ جو بار ٻ وڌيڪ وٺنداسين. هي ان (جو هاڻي آندو اٺئون) بلکل ٿورو آهي. (٦٦) (حضرت يعقوب) چيو ته، مان کڏهن ٻ کيس توهان سان گڏ نہ موکليندس جيستائين توهان مون سان الله جي نالي ته عهد اقرار نہ کندؤ. (توهان پهريائين عهد اقرار ڏيو ته) سواءِ هن صورت جي جو اسان پاڻ گهيري هيٺ اچي وڃون (۽ ٻيوس ٿي پئون) اسان ضرور هن کي تو وٽ موٽائي آڻيندا سين. پوءِ جڏهن هنن پيءُ کي (سندس چوڻ مطابق) پنهنجو پکو قول ڏنو تڏهن هن فرمايو ته اسان جيکو قول ۽ اقرار کيو تنهن تي الله نگهبان هجي. (٦٧) ۽ پيءُ هنن کي (رواني ٽيڙ وقت) چيو ته، اي منهنجا پٽؤ! (ڏسو جڏهن مصر ۾ پهچو تڏهن شهر جي) هڪ ئي دوازي مان داخل نہ ٿجو. جدا جدا دوروازن مان داخل ٿجو. مان توهان کي کنهن ٻ اهڙيءَ ڳالهہ کان بچائي نٿو سگهان جا الله جي حکم سان ٽيڙي هجي. (پر پاڻ کي پنهنجي وس آهر سپ تدبيرون کرڻ گهرجن) حکومت فقط الله جي آهي. مان فقط متس ٻروسو رکيو آهي. ۽ اهوئي آهي جنهن تي سيني ٻروسو رکندڙن کي ٻروسو رکڻ گهرجي. (٦٨) (پوءِ) جڏهن هي ماڻهو (مصر ۾) داخل ٿيا اهڙيءَ طرح جهڙيءَ طرح پيءُ حکم ڏنو هو تڏهن اها ڳالهہ (يا نصيحت) الله جي (مشيت جي) مقابلي ۾ کجهہ ٻ کم اچڻ واري نہ هئي. پر يعقوب جي دل ۾ هڪ خيال پيدا ٿيو هو جنهن مطابق هن اهو عمل کيو. (انسان جو فرض آهي پنهنجي کوشش کرڻ، پر نتيجو الله جي هٿ ۾ آهي) بيشڪ هو (حضرت يعقوب) علم وارو هو، جو اسان ئي (يعني الله تعاليٰ) هن کي علم ڏنو هو. پر اکثر ماڻهو (هن ڳالهہ جي حقيقت) نٿا ڄاڻن.

رکوع ۹ آيت ٦٩ ـ تا ـ ٧٩

حضرت يوسف جي سڳي ڀاءُ بن يامين جي رهڻ جو بهانو ٺهي پوڻ.

(٦٩) ۽ جڏهن اهي ماڻهو (يوسف جا ڀائر) يوسف وٽ پهتا تڏهن هن پنهنجي ڀاءُ (بن يامين) کي پاڻ وٽ ويهاريو (۽ رهايو) ۽ کيس (مخفي طرح) ٻڌايو ته مان تنهنجو ڀاءُ (يوسف) آهيان. سو جيڪا (بدهلت اهي ڀائر توسان) ڪندا رهيا آهن، تنهن تي غم نه ڪر (۽ خوش ٿي جو هاڻي زماني پلٽو کاڌو آهي.) (۷۰) پوءِ جڏهن يوسف انهن ماڻهن جو سامان (سندن رواني ٽيڙ لاءِ) مهيا ڪيو تڏهن پنهنجو (چاندي جو) پيالو (مخفي طرح) پنهنجي ڀاءُ بن يامين جي بوري ۾ وجهي ڇڏيو. (انهيءَ لاءِ ته نشانيءَ طور وٺس رهي). پوءِ (چا ٿيو جو جڏهن اهي ماڻهو روانا ٿيا ۽ شاهي عملدارن ڏٺو ته فلاڻو پيالو آهي ئي ڪونه، تڏهن ڪين شڪ پيو ۽ سندن پٺيان ويا، ۽) هڪ پڪاريندڙ (انهن جي پٺيان) پڪاري چيو ته، اي قافلي وارؤ! (اتي بيهو). بيشڪ توهان چور آهيو. (پيو ڪو ماڻهو اتي ڪونه هو، جنهن ۾ شڪ پوين). (۷۱) اهي (ڀائر) پڪاريندڙ جي طرف متوجهه ٿيا، ۽ پڇيائون ته ڇا وڃايو اٿوَ؟ (۷۲) (شاهي نوڪرن) چيو ته اسان کي شاهي پيالو نٿو لڀي. جيڪو ئي اهو آڻي ڏئي تنهن کي اٺ جي بار جيترو (ان) انعام ملندو ۽ (انهن جي سردار چيو ته) مان ان ڳالهه جو ضامن آهيان (يعني انعام ڏيڻ جو). (۷۳) هنن (ڀائرن) چيو ته، الله تو ڄاڻي ته اسان هتي انهيءَ لاءِ ڪونه آيا هئاسين ته اڇي کي فساد يا شرارت ڪريون ۽ هيءَ ڳالهه توهان چگيءَ طرح ڄاڻو ٿا (چو ته اڳي به هڪ ڀيرو اسان هتي رهي ويا آهيون ۽ اسان جو اهو وڙ نه هو جو چوري ڪريون. (۷٤) (نوڪرن) چيو ته چگو، جيڪڏهن توهان کوڙا ثابت ٿيؤ ته، پوءِ ٻڌايو ته، چور جي سزا ڪهڙي هئڻ گهرجي؟ (۷۵) هنن (ڀائرن) چيو ته، چور جي سزا هيءَ ٿئي جو جنهن جي بوريءَ مان چوريءَ جو مال نڪري سوئي پاڻ پنهنجي سزا ٿئي، (يعني پنهنجي ڏوهه جي بدلي ۾ ڪيس روڪي رکيو وڃي) اسان زيادتي ڪندڙن کي اهڙيءَ ئي طرح سزا ڏيندا آهيون. (۷٦) پوءِ (نوڪرن جي سردار) هنن جي ٻورن جي تلاشي شروع ڪئي. پهرين يوسف جي وڏن ڀائرن جي ٻورن جي تلاشي ورتائون، (۽ ڪجهه به نه لڌائون) پوءِ يوسف جي ڀاءُ (بن يامين) جي ٻوري (ڏٺائون ۽ ان مان) اهو پيالو ڪڍي ورتائون (سو ڏسو ته) اهڙيءَ طرح اسان (يعني الله تعاليٰ) يوسف جي لاءِ (بن يامين کي پاڻ وٽ رهائڻ جي) مخفي تدبير ڪري ڇڏي. هو (يوسف) بادشاهه جي قانون سبب ائين ڪري نٿي سگهيو (ته پنهنجي ڀاءُ کي پاڻ وٽ روڪي رهائي، اگرچه ائين ڪرڻ لاءِ هن جي دل بيقرار هئي) سواءِ هن صورت جي جو الله کي (ان جي راهه ڪڍڻ) منظور هجي (سو الله تعاليٰ غيبي تجويز ڪري راهه ڪڍي ڏني) اسان (يعني الله تعاليٰ) جنهن کي چاهيون ٿا تنهن کي مرتبن ۾ بلند ڪري ڇڏيون ٿا ۽ هر علم واري جي مٿان هڪ (اعليٰ) علم واري هستي آهي (جنهن جو علم سيني کي گهيرو ڪيو ٻيٺو آهي، يعني الله جي هستي). (۷۷) (جڏهن بن يامين جي بوريءَ مان پيالو نڪري آيو تڏهن) ڀائرن چيو ته، (هن چوري ڪئي آهي ته اها ڪا عجب جهڙي

ڳالهه ڪاڏهي). هن ڪان اڳي سندس سڳي ڀاءُ (يوسف) بہ چوري ڪئي هئي. تڏهن يوسف (جنهن جي اڳيان هاڻي اهو معاملو پيش ڪيو ويو هو) اها ڳالهه پنهنجي دل ۾ رکي، ۽ هنن لاءِ ظاهر نہ ڪيائين (تہ منهنجي منهن تي مون کي چور بنائي رهيا آهيو ۽ فقط ايترو) چيائين تہ سيني ڪان بري جڳهه (يعني حالت) توهان جي چئبي (جو پنهنجي ڀاءُ تي ڪوڙو الزام لڳائي رهيا آهيو) ۽ جيڪي توهان بيان ڪري رهيا آهيو تنهن کي الله تعاليٰ بهتر ڄاڻيندڙ آهي. (۷۸) هنن (ڀائرن يوسف کي) چيو تہ، اي عزيز! هن (بن يامين) جو پيءُ تمام پوڙو ماڻهو آهي (۽ هن سان گهڻو پيار اٿس) سو سندس بدران اسان مان ڪنهن کي بہ روڪي رک (پر هن کي نہ روک). اسان ڏسون ٿا تہ، توهان انهن ماڻهن منجهان آهيو جيڪي نيڪي ۽ احسان ڪندڙ آهن. (۷۹) يوسف چيو تہ، انهيءَ ڳالهه کان الله جي پناهه! جو اسان انهيءَ ماڻهو کي ڇڏيون، جنهن وٽان اسان جو سامان نڪتو، ۽ بئي ماڻهو کي پڪڑي رکون! جيڪڏهن ائين ڪيون تہ پوءِ تہ اسان ظالم ڇٻاسين.

رکوع ۱۰ آيت ۸۰ ـ تا ـ ۹۳

حضرت يوسف جي ڀائرن تي راز کلي پوڻ تہ ساڻن مهرباني ڪرڻ وارو حاڪم سندن ڀاءُ آهي، انهن جي ندامت ۽ حضرت يوسف جو کين معاف ڪرڻ.

(۸۰) پوءِ جڏهن اهي، (ڀائر) يوسف کان ناميد ٿيا (تہ هو اسان جي اها ڳالهه نہ مڃيندو) تڏهن مشوري (صلاح و مصلحت) ڪرڻ لاءِ (ڪنهن جاءِ تي) نويڪلا ويهي رهيا. انهن ۾ جيڪو وڏو (روبن نالي) هو تنهن چيو تہ، توهان کي معلوم آهي تہ بابي (بن يامين جي باري ۾) الله کي شاهد ٺهرائي اوهان کان عهد ورتو هو ۽ ان کان اڳي يوسف جي معاملي ۾ اوهان وڏو قصور ڪري چڪا آهيو. تنهن ڪري مان تہ هاڻي هن ملڪ مان ڪونہ نڪرندس، جيستائين ڪ بابا پاڻ حڪم نہ ڏئي، يا وري الله تعاليٰ منهنجي لاءِ ڪو ٻيو فيصلو ڪري ۽ هو سيني کان بهتر فيصلو ڪندڙ آهي. (۸۱) توهان بابا ڏي موٽي وڃو ۽ ڪيس وڃي چئو تہ، اي اسان جا بابا! (اسان چا ڪيون) تنهنجي پٽ (بن يامين پرائي ملڪ ۾) چوري ڪئي، جيڪا ڳالهه اسان کي چگيءَ طرح معلوم ٿي، اها ئي تہ ڪي اسان ٻيڪ ٻڌائي آهي. اسان کي غيب جي ڳالهين جي خبر رکندڙ ڪونہ هئاسين (جو اڳ ئي ڄاڻي ڇڏيون ها تہ بن يامين اهڙو ڪم ڪندو). (۸۲) ۽ (هي بہ ڪيس چئي ڏجو تہ) توهان انهي شهر جي ماڻهن کان پڇا ڪيو جتي اسان رهيا هئاسين، ۽ انهيءَ قافلي جي ماڻهن کان پڇا ڪيو جنهن ۾ اسان آيا آهيون. اسان (پنهنجي بيان ۾) بلڪل سچا آهيون. (۸۳) (ڀائرن ائين ڪيو ۽ ڪنعان ۾ اچڻ سان اهي سڀ ڳالهيون پيءُ کي ٻڌايائون) هن (ٻڌي) چيو تہ نہ، هيءَ اهڙي ڳالهه آهي جا اوهان جي نفس اوهان کي سمجهائي آهي (۽ سچي ڪري ڏيکاري آهي، پر بن يامين هرگز چوري ڪانہ ڪئي آهي.) خير! منهنجي لاءِ تہ صبر کان سواءِ ٻيو چاروئي ڪونهي، صبر تہ اهڙو جو سهڻو صبر هجي. الله (جي فضل) کان پري ناهي تہ هو (ڪنهن

ڏينهن) انهن سيني کي گڏ مون وٽ آڻي ڏيي. اهو آهي جو (سڀ ڪجهہ) ڄاڻندڙ ۽ (پنهنجي سيني ڪمن ۾) حڪمت رکندڙ آهي. (٨٤) ۽ هن (يعني حضرت يعقوب عليہ السلام) عانهن ماڻهن کان منهن ڦيرائي ڇڏيو ۽ (جيئن تہ هن نئين زخم اڳيئن زخم کي تازو ڪري وڌو تنهن ڪري) پڪار ڪيائين تہ هاءِ يوسف جي فراق جو درد! ۽ غم جي شدت سبب (روئندي روئندي سندس اکيون سفيد ٿي ويون ۽ سندس سينو غم سان ٽمٽار ٿي ويو. (٨٥) (پيءُ جو هي حال ڏسي پٽ) چوڻ لڳا تہ، والله! تون هميشہ يوسف جي يادگيريءَ ۾ لڳو رهندين تان جو (انهيءَ غم ۾) ڳري ڪنڌا ٿي وڃين يا مري وڃين. (٨٦) پيءُ چيو تہ، مان پنهنجي حاجت ۽ پنهنجو غم الله جي درگاهہ ۾ پيش ٿو ڪيان (مان ڪو توهان جي شڪايت يا گلا ڪوڙ ٿو ڪيان) مون کي الله وٽان اها ڳالهہ معلوم ٿي آهي جيڪا توهان کي معلوم ناهي. (٨٧) (وري چيائين تہ) اي منهنجا فرزندؤ! (هڪ پيرو وري بہ مصر) وڃو ۽ يوسف ۽ سندس ڀاءُ جو پتو لهو. الله جي رحمت کان ناميد نہ ٿيو. الله جي رحمت کان ناميد فقط اهي ماڻهو ٿين ٿا جيڪي منڪر آهن. (٨٨) پوءِ جڏهن (پيءُ جي حڪم جي تعميل ڪري اهي ماڻهو مصر پهتا ۽) يوسف وٽ ويا تڏهن (پنهنجي وري اڇڻ جو سبب بيان ڪري) چيائون تہ، اي عزيز! اسان ۽ اسان جي ڪٽنب جا ماڻهو تنگي ۽ سختيءَ جا ڏينهن گذاري رهيا آهيون، تنهن ڪري (مجبور ٿي اناج جي طلب ۾ وري نڪتا آهيون) اسان تمام ٿوري پونجي کڻي آيا آهيون، (اها قبول ڪر ۽ ان جي) پوري تور عنايت ڪر (يعني پئسا ٿورا وڌ، پر ان اوترو ئي ڏي) ۽ (اهو سودو واپار نہ سمجهہ پر) اسان کي (محتاج سمجهي) خيرات ڏي. الله تعاليٰ خيرات ڪندڙن کي ان جو وڏو اجر ٿو ڏئي. (٨٩) (اهو حال ٻڌي يوسف جي دل ڀرجي آئي ۽) چيائين تہ توهان کي ياد آهي تہ توهان يوسف ۽ سندس ڀاءُ سان ڪهڙي هلت ڪئي هئي، جڏهن توهان کي ڄاڻ سڃاڻ ڪانہ هئي؟ (٩٠) (هي ٻڌي پاڻر حيران ٿي ويا ۽ هاڻي عزيز جي شڪل ۽ آواز تي غور ڪري سمجهي ورتائون ۽) چيائون تہ، ڇا في الحقيقت تون ئي يوسف آهين؟ يوسف چيو تہ، هائو مان يوسف آهيان ۽ هي (بن يامين) منهنجو ڀاءُ آهي. تحقيق الله تعاليٰ اسان تي احسان ڪيو ۽ حقيقت هيءَ آهي تہ جيڪو بہ برائين کان پاڻ بچائي ٿو ۽ (مصيبتن ۾) ثابت قدم رهي ٿو تنهن جي لاءِ الله تعاليٰ (پنهنجي قانون مطابق) نيڪ عملن جو اجر ڪڏهن بہ ضايع نٿو ڪري. (٩١) (هي ٻڌي پاڻرن جو ڪنڌ شرم ۽ پشيمانيءَ کان هيٺ ٿي ويو ۽) چيائون تہ قسم آهي خدا جو تہ، بيشڪ الله تعاليٰ تو کي اسان تي فضيلت ۽ بزرگي ڏني آهي ۽ بيشڪ اسان سراسر قصوروار هئاسين. (٩٢) يوسف چيو تہ، اڄ جي ڏينهن (منهنجي طرفان) توهان تي ڪابہ سرزنش ڪانهي (يعني مان توهان کي ڪابہ ميار ڪوڙ ٿو ڏيان، جيڪي ٿيڻو هو سو ٿي چڪو) الله تعاليٰ شال اوهان جو قصور بخشي ۽ هو سيني رحم ڪندڙن کان وڌيڪ رحم ڪندڙ آهي. (٩٣) (هاڻي توهان هيئن ڪيو جو) منهنجي هيءَ قميص (نشانيءَ طور) پاڻ سان ڪٽي وڃو ۽ منهنجي پيءُ جي منهن تي وجهو تہ سندس اکيون روشن ٿي پون ۽ (پوءِ) پنهنجي گهراڻي جي سيني ماڻهن کي وٺي مون وٽ اچو.

رکوع ۱۱ آيت ۹۳ ـ تا ـ ۱۰۴

پائرن جو موٽي ڪنعان ۾ اچڻ ۽ سيني جو مصر وڃڻ

(۹۴) ۽ وري جڏهن (اهي پائر يوسف جي حڪم موجب قميص ڪٽي روانا ٿيا ۽) قافلي مصر جو ملڪ ڇڏيو تڏهن (هوڏي ڪنعان ۾) سندن پيءُ چوڻ لڳو ته، جيڪڏهن توهان ماڻهو هيئن نه چئو ته، پوڙهائي سبب منهنجو عقل کسجي ويوي آهي، ته مان چئي ڏيندس ته مون کي يوسف جي خوشبوءِ اچي رهي آهي (۽ مون کي ان ڳالهه جو يقين آهي). (۹۵) (پٽندڙن) چيو ته، والله تون ته اڃا تائين پنهنجي پراڻي غلطيءَ ۾ غلطان آهن. (يعني يوسف جو ته نالو نشان به ڪونه رهيو ۽ تون وري سندس موٽي ملڻ جا خواب لهي رهيو آهين). (۹۶) پر پوءِ جڏهن (قافلو ڪنعان ۾ پهچي ويو ۽) خوشخبري ٻڌائيندڙ (ڊوڙندو ڊوڙندو) آيو، هن (اچڻ شرط) يوسف جي قميص يعقوب جي چهري تي وڌي ته سندس اکيون وري روشن ٿي پيون، تڏهن حضرت يعقوب فرمايو ته، مون اوهان کي چيو ڪين هو ته مون کي الله تعاليٰ کان اها ڳالهه معلوم ٿي آهي جا توهان نٿا ڄاڻو. (۹۷) اهي (پائر شرم ۽ پشيمانيءَ ۾ ٻڌي) چوڻ لڳا ته، اي اسان جا بابا! اسان جي گناهن جي مغفرت لاءِ (الله جي حضور ۾) دعا ڪر، بيشڪ اسان سراسر خطاوار هئاسين. (۹۸) پيءُ چيو ته، اهو وقت پري ناهي جڏهن مان پنهنجي پروردگار کان اوهان جي لاءِ مغفرت جي دعا ڪندس، هو وڏو بخشيندڙ ۽ وڏي رحمت وارو آهي. (۹۹) پوءِ جڏهن (حضرت يعقوب عليه السلام سندس بي بي ۽ سندس پٽ ٻين ماڻهن سميت حضرت يوسف جي خواهش مطابق ڪنعان کان روانا ٿيا ۽ مصر واري شهر جي ٻاهران) يوسف سان مليا تڏهن هن پنهنجي پيءُ ۽ (ويڳي) ماءُ کي (عزت سان) پنهنجي پاسي ۾ جاءِ ڏني ۽ چيو ته، هاڻي شهر ۾ هلو. خدا گهربو آهي ته توهان جي لاءِ هر طرح جي سلامتي آهي. (۱۰۰) ۽ (جڏهن شهر ۾ داخل ٿيا تڏهن) هن پنهنجي ماءُ پيءُ کي تخت تي مٿي ويهاريو ۽ (ڏسو ان وقت چا ٿيو جو) سڀ سندس اڳيان سجدي ۾ ڪري پيا (۽ مصر جي دستور مطابق هن جي عهدي جي تعظيم بجا آڻڻ ۾) ان وقت (ڪيس پنهنجي ننڍپڻ وارو خواب ياد آيو ۽ بي اختيار) پڪاري چيائين ته، اي بابا! هي آهي تعبير انهيءَ خواب جو، جيڪو گهڻي مدت اڳي مون ڏٺو هو. منهنجي پروردگار ان کي سچو ثابت ڪري ڏيکاريو. هي سندس ئي احسان آهي جو مون کي قيد مان ٻاهر ڪڍيائين، توهان سيني کي بيابان مان ڪڍي مون وٽ پهچايائين، ۽ هي سڀ ڪجهه هن واقعي کان پوءِ ٿيو، جو شيطان منهنجي ۽ منهنجي پائرن جي وچ ۾ اختلاف وجهي چڪيو هو. بيشڪ منهنجو پروردگار انهن ڳالهين جي لاءِ جي ڪرڻ چاهي ته بهترين تدبير ڪندڙ آهي. بيشڪ اهوئي آهي جو (سڀ ڪجهه) ڄاڻندڙ (۽ پنهنجي سيني ڪمن ۾) حڪمت رکندڙ آهي. (۱۰۱) (پوءِ يوسف دعا گهري ته) اها منهنجا پروردگار! تو مون کي حڪومت عطا فرمائي ۽ ڳالهين جو مطلب ۽ نتيجو ڪڍڻ سيکاريو. اي آسمانن ۽ زمين جي بنائڻ وارا! تون ئي منهنجو ڪارساز آهين. دنيا ۾ به ۽ آخرت ۾ به. تون (پنهنجي فضل ۽ ڪرم سان) ائين ڪجانءِ جو دنيا مان لاڏاڻو

ڪيان ٿہ تنهنجي فرمانبرداريءَ جي حالت ۾ ڪيان ۽ انهن ماڻهن ۾ داخل ٿيان جيڪي تنهنجا نيڪ ٻانها آهن. (۱۰۲) (اي پيغمبر!) هيءَ غيب جي خبرن مان هڪ خبر آهي، جيڪا تو ڪي وحي جي رستي ٻڌائي اٿئون، نہ ٿہ (ظاهر آهي ٿہ) جنهن وقت يوسف جا ڀائر گڏجي سازش ۽ منصوبو ٺاهي رهيا هئا ۽ مخفي رٿون رڦي رهيا هئا تنهن وقت تون انهن وٽ ڪونہ ٻينو هئين (جو سڀ ڪجهہ ڏسي ٻڌي وٺين ها). (۱۰۳) ۽ (اي پيغمبر! هيءَ ڳالهہ ٻہ ياد رک ٿہ) اڪثر ماڻهن جو حال هي آهي جو تون ڪيترو ٻہ چاهين (۽ ڪيترا ٻہ دليل پيش ڪرين ٿہ ٻہ) هو ڪڏهن ٻہ ايمان نہ آڻيندا. (۱۰٤) حالانڪ هنن ڪان هن ڳالهہ جي لاءِ ڪابہ مزوري نٿو گهرين. هي (جيڪي تون ماڻهن کي ٻڌائين ٿو سو ٿہ) سڄي جهان لاءِ عمدو پيغام ۽ نصيحت آهي.

رڪوع ۱۲ آيت ۱۰۵ ـ تا ـ ۱۱۱

آسمانن ۽ زمين ۾ خدا جي قدرت ۽ حڪمت جون نشانيون آهن.

(۱۰۵) ۽ (ڏسو) آسمانن ۽ زمين ۾ (الله جي قدرت ۽ حڪمت جون) ڪيتريون ئي نشانيون آهن جن وٽان ماڻهو لنهگن ٿا ۽ اڪيون ڪٽي ڏسن ٻہ نٿا. (۱۰٦) ۽ انهن مان گهڻن ماڻهن جو حال هي آهي جو الله تي ايمان آڻين ٿا ٿہ هن حال ۾ آڻين ٿا جو ان سان گڏ شريڪ ٻہ ٺهرايا وجن. (۱۰۷) پوءِ ڇا اهي ماڻهو هن ڳالهہ کان پاڻ کي سلامت ٿا سمجهن ٿہ الله جي عذاب مان ڪا آفت متن اچي وڃي ۽ ڄاڻائجي وڃي؟ يا اوچتو ئي اوچتو قيامت اچي وڃي ۽ هو بي خبريءَ ۾ پيا هجن. (۱۰۸) (اي پيغمبر!) تون چئي ڏي ٿہ منهنجي واٽ ٿہ هيءَ آهي جو مان انهيءَ روشنيءَ جي مدار تي جا منهنجي سامهون آهي الله جي طرف (ماڻهن کي) سڏيان ٿو ۽ (انهيءَ راهہ ۾) جن ماڻهن منهنجي پٺيان قدم کنيو آهي، سي ٻہ (ساڳيءَ طرح خدا جي طرف ماڻهن کي) سڏين ٿا ۽ پاڪائي هجي الله جي لاءِ. مان شرڪ ڪرڻ وارن مان ڪونہ آهيان. (۱۰۹) ۽ (اي پيغمبر!) تو کان اڳي اسان ڪنهن ٻہ رسول کي نہ موڪليو آهي، پر هن طرح جو هو شهر جي رهاڪن مان هڪڙو ماڻهو هو ۽ اسان متس وحي نازل ڪيو هو (ائين ڪڏهن ڪونہ ٿيو جو آسمان مان فرشتا لٿا هجن). پوءِ ڇا هي ماڻهو (جيڪي ٿنهنجي رسول هئڻ تي عجب ڪائي رهيا آهن) سي زمين تي گهميا ڦريا ڪونہ آهن؟ جو ڏسن ها ٿہ انهن ماڻهن جي پڇاڙي ڪهڙي (نہ خراب) ٿي جيڪي اڳي گذري ويا آهن ۽ جيڪي ماڻهو (برائين کان پاڻ کي) بچائين ٿا تن جي لاءِ يقيناً آخرت جو گهر گهڻو بهتر آهي. پوءِ (اي انسانو!) توهان (اها ڳالهہ) نہ سمجهندؤ ڇا؟ (۱۱۰) (۽ انهن اڳوٽين قومن تي هڪدم عذاب ڪونہ آيو هو، هنن کي مهلت ملندي رهي) تان جو جڏهن الله جا رسول (هنن جي ايمان آڻڻ کان) ناميد ٿي پيا ۽ ماڻهن خيال ڪيو ٿہ ڪين ڪوڙا واعدا يا ڏڙڪا ڏنا ويا هئا، تڏهن (پوءِ اوچتو) اسان جي مدد انهن (رسولن) کي اچي پهتي. پوءِ اسان جن کي چاهيو تن کي بچائي ورتو ۽ (جيڪي منڪر ڏوهاري هئا تن جي لاءِ) ائين ڪڏهن ٻہ ٿي نٿو

سگهي ٿـ ڏوهارين کان اسان جو عذاب ٽري وڃي. (۱۱۱) يقيناً انهن ماڻهن جي قصن ۾ سمجهه وارن ماڻهن لاءِ وڏي عبرت (۽ نصيحت جو سبق) رکيل آهي، هي (يعني قرآن مجيد) کا دل مان گهڙي ٺاهي ڪيڙل ڳالهه ناهي، پر انهيءَ ڪتاب جي تصديق آهي جو هن کان اڳي اچي چڪو آهي. پڻ انهن ماڻهن لاءِ جي يقين رکن ٿا (هدايت جي) سيني ڳالهين جو تفصيل آهي (يعني جدا جدا ڪري چٽيون هدايتون ڏنل آهن) ۽ (اهو قرآن) سچي راهه ڏيکاريندڙ ۽ سراسر رحمت آهي.

سورت رعد (معنيٰ: ڪڪرن جي گجگوڙ)

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي.

رڪوع ۱ آيت ۱ ـ تا ـ ۷

دنيا ۾ جيڪي به آهي تنهن تي غور ڪرڻ سان معلوم ٿيندو ٿـ سڀ ڪجهه قانونن تي هلي رهيو آهي، تنهن ڪري قانون ساز ۽ ڪارساز ضرور آهي.

(۱) الف ـ لام ـ ميم ـ را. (اي پيغمبر!) هي ڪتاب (يعني قرآن مجيد) جون آيتون آهن ۽ جيڪي تنهنجي پروردگار وٽان توتي نازل ٿيو آهي، سو حق جو امر آهي (نه پيو ڪجهه) پر اڪثر ماڻهو اهڙا آهن جيڪي (ان تي) ايمان نٿا آڻين. (۲) اهو الله ئي آهي، جنهن آسمان کي بلند ڪيو ۽ توهان ڏسو ٿا ٿـ ڪوبه ٿنڀ انهن کي جهليون ڪونه ٻيٺو آهي. (خلق بعد هو ننڍ پڻجي ڪونه ويو پر) پنهنجي حڪومت (جي تخت) تي قائم رهيو (يعني مخلوقات ۾ حڪم احڪام جاري ڪندو رهيو ۽ انتظام ڪندو رهيو) ۽ سج ۽ چنڊ کي ڪم ۾ لڳائي ڇڏيائين، (اهڙيءَ طرح) جو هرهڪ پنهنجي ٺهرايل مدت تائين (پنهنجي پنهنجي واٽ تي) هلي رهيو آهي. اهوئي (هن خلقت جي ڪارخاني جو) انتظام ڪري رهيو آهي ۽ (پنهنجي قدرت ۽ حڪمت جون) نشانيون الڳ الڳ ڪري بيان ٿو ڪري ان لاءِ ٿـ اوهان کي يقين ٿي وڃي ٿـ (هڪ ڏينهن) پنهنجي پروردگار سان ملڻو آهي (۽ عملن جو حساب ڪتاب ڏيڻو آهي.) (۳) ۽ (ڏسو) اهوئي آهي جنهن زمين جو مٿاڇرو پکيڙي ڇڏيو آهي، ان ۾ جبل ٺاهيا اٿس، ندين ۽ نهرون وهائي ڇڏيون اٿس ۽ هر طرح جي ميون جا جوڙا ٻن ٻن قسمن جا ڄمايا اٿس. هن رات ڏينهن (جي هڪ ٻئي پٺيان اچڻ جو ۽ درجي بدرجي اچڻ) جو اهڙو قانون ٺاهي ڇڏيو آهي جو ڏينهن جي روشنيءَ کي رات جي اونداهي ڍڪي ڇڏيندي آهي. يقيناً هن ڳالهه ۾ انهن ماڻهن لاءِ ڪيتريون ئي نشانيون آهن، جيڪي ماڻهو غور ۽ فڪر ڪندڙ آهن. (٤) ۽ ڏسو، زمين ۾ (طرحين طرحين) ٽڪرا آهن جي هڪ ٻئي سان مليل آهن. انهن ۾ انگورن جا باغ آهن، (ان جون) پوکون آهن. کارڪن جاوڙ آهن، جن مان کي هڪ ٻئي سان ڳنڍيل آهن، ٿـ کي وري ڳنڍيل ڪونه آهن. سيني کي هڪ ئي پاڻي ملي ٿو. پر (تنهن

هوندي ٻ) اسان کجھ ميون کي ٻين ميون کان ذائقي ۾ بهتري ڏيون ٿا. يقيناً هن ڳالھ ۾ انهن ماڻهن لاءِ وڏيون نشانيون آهن، جيڪي ماڻهو عقل کان ڪم ٿا وٺن. (۵) ۽ (اي انسان!) جيڪڏهن تون کا عجيب ڳالھ ڏسڻ چاهين ٿو تہ (سڀ کان وڌيڪ) عجيب ڳالھ انهن منڪرن جو هي قول آهي تہ جڏهن اسان (مرڻ بعد ڳري سڙي) خاڪ ٿي ويندا سين تڏهن اسان وري نئين خلقت ۾ آڻي اٽاريا ويندا سين چا؟ توهان (سمجھ وارؤ) يقين ڪيو تہ اهي ئي ماڻهو آهن جن پنهنجي پروردگار کان انڪار ڪيو ۽ اهي ئي آهن جن جي ڳچين ۾ ڳٽ پيل هوندا ۽ اهي ئي آهن جيڪي دوزخي هوندا ۽ هميشہ دوزخ ۾ رهندا. (٦) ۽ (اي پيغمبر!) هي ماڻهو توسان برائيءَ جي لاءِ تڪڙ مچائي ٿا ڏين (يعني ٽوڪ طور تو ڪي چون ٿا تہ جلدي اسان تي عذاب آڻ!) ان کان اڳي جو چگهائي جي طلب ڪن، حالانڪ انهن کان اڳي اهڙا مثال ۽ واقعا ٿي گذريا آهن (جن متعلق دنيا ۾) ڪهاڻيون ۽ پهاڪا ٺهي ويا آهن. (پر هي بيوقوف انهن مان عبرت نٿا وٺن) تنهنجي پروردگار تہ بيشڪ (سندن) ظلم کي درگزر ڪرڻ وارو (۽ مهلت ڏيڻ وارو) آهي. پر هن ۾ ٻہ شڪ ڪونهي تہ (جيڪڏهن هو حق تي نہ ايندا تہ) تنهنجو پروردگار سزا ڏيڻ ۾ ٻہ ڏاڍو سخت آهي. (۷) ۽ جن ماڻهن ڪفر اختيار ڪيو آهي سي چون ٿا تہ هن ماڻهوءَ (يعني پيغمبر ﷺ) تي پنهنجي پروردگار جي طرف کان ڪا نشاني ڇو نہ نازل ٿي آهي. حالانڪ تون تہ فقط (انڪار ۽ بدعملين جي نتيجن کان) خبردار ڪرڻ وارو هڪڙو رهنما (وات ڏيکاريندڙ) آهين ۽ هر قوم جي لاءِ هڪڙو رهنما پئي آيو آهي.

رڪوع ۲ آيت ۸ ـ تا ـ ۱۸

الله تعاليٰ ڪنهن ٻہ قوم جي حالت نٿو بدلائي جيستائين پاڻ پنهنجي عملن سان پنهنجي حالت نٿا بدلائين.

(۸) الله (تعاليٰ جو علم اهڙو تہ وسيع ۽ عالمگير آهي جو هو) اهو ٻہ ڄاڻي ٿو تہ مادي ۽ جي پيٽ ۾ ڇا آهي (يعني ڪهڙي قسم جو بچو پيٽ ۾ آهي) ۽ پيٽ ۾ جو ٿا گهٽجن ۽ وڌا ٿين، هن وٽ هر شيءِ جو هڪ اندازو ٺهرايل ٽئي ٿو. (۹) هو غيب ۽ شهادت (يعني لکل ۽ ظاهر، غير محسوس ۽ محسوس) ٻنهي جو ڄاڻندڙ آهي ۽ سيني کان وڏو ۽ بلند مرتبي وارو آهي. (۱۰) توهان مان کوبہ دل ۾ ڪا ڳالھ چوي، يا زور سان پڪاري چوي، رات جي اونداهيءَ ۾ لکل هجي يا ڏينهن جي روشنيءَ ۾ گهمندڙ هجي هن (الله) جي لاءِ هڪ جهڙي ڳالھ آهي (يعني سندس علم کان ڪابہ ڳالھ لکل ناهي). (۱۱) انسان جي اڳيان ۽ پٺيان هڪ پئي پوئتان ايندڙ (قوتون) آهن جي الله جي حڪم سان سندس حفاظت ڪن ٿيون. الله تعاليٰ ڪڏهن بہ انهيءَ حالت کي نٿو بدلائي جنهن حالت ۾ ڪا قوم آهي جيستائين ڪہ اها قوم پاڻ پنهنجي صلاحيت کي بدلائي ڇڏي. ۽ جڏهن الله تعاليٰ چاهي ٿو تہ ڪنهن قوم کي (سندس صلاحيت کي قيرائڻ جي عيوض ۾) مصيبت پهچي تہ

(مصيبت پهچي وجي ٿي) اها ڪنهن جي ٻ ٽارڻ سان ٽري نٽي سگهي ۽ الله کان سواءِ ڪوبه ڪونهي جو هن جو ڪارساز ۽ بچائيندڙ ٿئي. (١٢) اهو (الله ئي) آهي جو اوهان کي ڪنوڙ جي تجلي (چمڪو) ڏيکاري ٿو، اها ڪنوڙ يا بجلي دلين ۾ هراس ٻ پيدا ڪري ٿي ۽ اميد ٻ پيدا ڪري ٿي. اهو ئي آهي جو ڪڪرن کي (پاڻيءَ سان) پرپور ڪري ٿو چڏي. (١٣) ۽ ڪڪرن جي گجگوڙ سندس حمد ۽ ساراهه ڪري ٿي. ۽ فرشتا ٻ ان جي دهشت کان (خدا جي) حمد ۽ ساراهه ڪن ٿا. هو بجليون ڪيرائي ٿو ۽ جنهن کي وڻيس ٿو تنهن کي ان هيٺ آڻي موت جي مصيبت ۾ وجهي ٿو. (تنهن هوندي ٻ) اهي (منڪر الله جي قدرت ۽ حڪمت جي انهن سيني نشانين کان اکيون بند ڪيون وينا آهن جو) سندس (هستي ۽ هڪ هئڻ جي) باري ۾ بحث ۽ جهڳڙا ڪري رهيا آهن، حالانڪ هو (پنهنجي قدرت ۽ طاقت ۾) ڏاڍو سخت ۽ غالب آهي. (١٤) هن (الله) کي پڪارڻ (يعني ڪائنس دعا ۽ مدد گهرڻ) سچو پڪارڻ آهي. جيڪي ماڻهو هن کان سواءِ ٻين کي پڪارين ٿا تن جي پڪار اهي ٻيا ڪجهه ٻ نٿا ٻڌن. انهن جو مثال اهڙو آهي جهڙو هڪ ماڻهو (سخت اُڃ ۾) ٻئي هٿ پاڻيءَ جي طرف وڌائي ڏڳها ڪري ته بس (ائين ڪرڻ سان) پاڻي هن جي وات ۾ پهچي وڃي. حالانڪ اهو ان تائين پهچڻ وارو ئي ناهي ۽ (يقين ڪيو ته) حق جي منڪرن جي دعا يا پڪار سواءِ هن جي ڪجهه ٻ نه آهي ته ڏنگن قڏن رستن تي رلڻ ڦرڻ آهي. (١٥) ۽ آسمانن ۽ زمين ۾ جيڪي ٻ آهي سو الله جي اڳيان سجدي ۾ ڪريل آهي (يعني الله جي حڪمن ۽ قانونن جي اڳيان جهڪڻ کان سواءِ ٻيو ڪيس چاروئي ڪونهي.) خوشيءِ سان يا مجبوريءَ سان (سجدي ۾ ڪريل آهي) ۽ (ڏسو) سندن پاڇا ٻ صبح توڙي شام جو (ڪهڙيءَ طرح ڳهٽجن ٿا ۽ وڌن ٿا ۽ ڪڏهن هيڏي ڪڏهن هوڏي ٿي وڃن ٿا). (١٦) (اي پيغمبر!) انهن ماڻهن کان پڇ ته آسمانن ۽ زمين جو پروردگار ڪير آهي؟ تون (ئي) چؤ ته الله ئي آهي(ڪائنس سواءِ ڪوبه ڪونهي)، (وري ڪين) چؤ ته (جنهن صورت ۾ اهوئي پروردگار آهي تنهن صورت ۾) هي ڇا آهي جو توهان هن کان سواءِ ٻين کي پنهنجو ڪارساز بنائي رکيو آهي. جن کي خود پنهنجي جانين جو نفعو نقصان ٻ پنهنجي اختيار ۾ ناهي، پڻ ڪين چؤ ته انڌو ۽ ڏسندڙ ٻئي برابر آهن ڇا؟ يا (هيئن ٻ ٿي سگهي ٿو) ڇا ته اونداهي ۽ روشنائي برابر ٿي وڃن يا (وري هيءَ ڳالهه آهي ڇا ته) سندن ٺهرايل شريڪن ٻ اهڙيءَ ئي طرح مخلوقات پيدا ڪئي آهي جهڙي طرح خدا پيدا ڪئي آهي. جنهن ڪري پيدا ڪرڻ جي معاملي ۾ هنن کي شڪ شبهو پئجي ويو آهي (ته رڳو الله خالق ناهي پر ٻيا ٻ ڪجهه خلقي ٿا سگهن). تون (ڪين) چؤ ته الله ئي آهي جو هر شيءِ جو پيدا ڪندڙ آهي ۽ هو (پنهنجي سيني ڳالهين ۾) يڳانو ۽ سيني تي غالب آهي. (١٧) هن آسمان مان پاڻي وسايو ته ندين پنهنجي قدر (يعني ڪشادگي ۽ اونهائي وغيره) آهر وهي هليون ۽ (ڪن ڪچري مان جَهڳي ٻڌجي پاڻيءَ جي متاڇري تي چڙهي ته) پاڻيءَ جو وهڪرو ان کي کڻي هليو ويو ۽ ڏسو ته اهڙيءَ ئي طرح جي جهڳي (ڪن ڪچري مان) انهيءَ وقت ٻ چڙهي ٿي جڏهن ماڻهو زيور يا ڪا ٻي

شيءِ ڌاهڙ لاءِ (ڏاتن کي) باهه ۾ تپائڻ (يا پگهارن) ٿا. حق ۽ باطل جو مثال اهڙو ئي سمجهو جهڙو الله تعاليٰ بيان ڪري ٿو. پوءِ (ڪن ڪچري جي) جهڳي (جا ڪنهن به ڪم جي نه هئي) ائين ئي هلي ويئي ۽ جنهن شيءِ ۾ انسان جو نفعو هو سا زمين ۾ رهجي پيئي. اهڙيءَ طرح الله تعاليٰ (ماڻهن کي سمجهائڻ لاءِ) مثال ڏئي ٿو. (۱۸) جن ماڻهن پنهنجي پروردگار جو حڪم قبول ڪيو تن جي لاءِ سراسر چڱائي آهي ۽ جن قبول نه ڪيو (تن جا سڀ عمل ضايع ٿي ويندا. اهي نامرادي ۽ بدحاليءَ کان بچي ڪونه سگهندا) جيڪڏهن سڄي زمين جي سڀ دولت سندن قبضي ۾ اچي وڃي ۽ ان کي وري ٻيٽو ڪيو وڃي تہ اهي ماڻهو ضرور ان کي فدئي طور ڏيڻ لاءِ تيار ٿي ويندا تہ من نامرادي ۽ عذاب کان کين پناهه ملي، پر هرگز نه ملندي) اهي ئي ماڻهو آهن جن لاءِ حساب جي سختيءَ ٽيندي ۽ سندن ٺڪاڻو جهنم هوندو ۽ (اهو جهنم) ڪهڙو نه خراب ٺڪاڻو آهي.

رڪوع ۳ آيت ۱۹ ـ تا ـ ۲۶

حقيقت ۽ وحي کي قبول ڪندڙ جون خصلتون، شرارت ۽ فساد ڪندڙ تي لعنت آهي.

(۱۹) (اي پيغمبر!) ائين ٿي سگهي ٿو ڇا؟ تہ (هيٺ ڇاڻايل) ٻئي ماڻهو برابر هجن. اهو جيڪو چڱيءَ طرح ڄاڻي (۽ سمجهي) ٿو تہ جيڪا ڳالهه تنهنجي پروردگار وٽان تو تي نازل ٿي آهي سا حق آهي ۽ اهو جيڪو (هن حقيقت جي ڏسڻ کان) انڌو آهي. جيڪي دانشمند آهن (۽ عقل کان ڪم وٺن ٿا). (۲۰) اهي (نصيحت وٺندڙ) اهي ماڻهو آهن جيڪي الله سان پنهنجي (ٻانهپ جو) عهد پورو ڪن ٿا ۽ پنهنجو قول ۽ قرار نٽا ڀڃن. (۲۱) ۽ اهي اهي ماڻهو آهن جيڪي انهن رشتن (يعني لاڳاپن) کي جوڙين ۽ ڳنڍين ٿا جن جي جوڙڻ ۽ ڳنڍڻ جو الله تعاليٰ حڪم ڏنو آهي. (فقط) پنهنجي پروردگار کان ڊڄن ٿا ۽ حساب (ڏيڻ) جي سختي جي خيال کان انديشي ۾ رهن ٿا. (۲۲) ۽ اهي اُهي ماڻهو آهن جن الله تعاليٰ جي محبت ڪندي (يا الله تعاليٰ جي راضپي حاصل ڪرڻ جي طلب ۾ هر طرح جي پَوٽاين ۽ سختين ۾) صبر ڪيو (۽ پنهنجي فرض ادا ين ۾ ثابت قدم رهيا) نماز قائم رکي جيڪو رزق اسان کين ڏنو آهي تنهن مان (خدا جي راهه ۾) مخفي طرح توڙي ظاهرظهور خرچ ڪندا رهيا. هنن برائيءَ جي مقابلي ۾ برائي نه ڪئي، بلڪ چڱائيءَ جي هلت ڪئي. بيشڪ اهي ئي ماڻهو آهن جن جي لاءِ عاقبت جو گهر (تيار رکيل) آهي. (۲۳) (اهو عاقبت جو گهر آهي) دائمي باغ، جن ۾ اهي پاڻ به داخل ٿيندا ۽ سندن ابن ڏاڏن، زالن ۽ اولاد مان جن صالح عمل ڪيا هوندا سي به داخل ٿيندا. (اتي جي زندگي اهڙي هوندي جو) هر دروازي کان فرشتا انهن ڏي ايندا. (۲۴) (۽ چوندا تہ) هي جو توهان (دنيا جي زندگيءَ ۾) صبر ڪيو ۽ ثابت قدم رهيؤ تنهن جي سببان (اڄ) توهان تي سلامتي هجي. پوءِ ڪهڙو نه چگو عاقبت جو گهر آهي (جو انهن ماڻهن کي نصيب ٿيو). (۲۵) ۽ جن ماڻهن جو حال هي آهي جو الله جو عهد مضبوط ڪرڻ بعد وري ان کي ٽوڙي ٿا ڇڏين ۽ جن لاڳاپن ڳنڍڻ جو حڪم ڏنو ويو آهي تن کي ڪپي ٿا ڇڏين ۽ ملڪ ۾

شرارتون ۾ فساد ڪندا تا رهن سي اهي ماڻهو آهن جن جي لاءِ لعنت آهي ۽ بري رهڻ جي جاءِ آهي، (يعني دوزخ ۾ داخل ٿيندا). (٢٦) الله تعاليٰ جنهن جي لاءِ چاهي ٿو تنهن لاءِ رزق ڪشادو ڪري ٿو ۽ (جنهن جي لاءِ چاهي ٿو تنهن لاءِ) ماپي توري (ٿورو) رزق ڏئي ٿو. ماڻهو دنيا جي (ٿورن ڏينهن جي) زندگيءَ (۽ ان جي عارضي فائدن) تي شادمانيون ڪن تا. حالانڪ دنيا جي زندگي ته آخرت جي زندگيءَ جي پيٽ ۾ ڪجھ بہ ناهي. فقط ٿورو فائدو وٺڻ آهي.

رڪوع ٤ آيت ٢٧ ـ تا ـ ٣١

الله جي ذڪر ۽ فرمانبرداريءَ سان قلب کي قرار اچي ٿو.

(٢٧) جن ماڻهن ڪفر جي وات ورتي آهي سي چون تا ته هيئن ڇونہ ٿيو جو هن شخص (پيغمبر ﷺ) تي سندس پروردگار وٽان (ڪا حيرت ۾ وجهندڙ) نشاني نازل ٿئي ها. (اي پيغمبر! تون کين) چئو ته، جنهن کي الله تعاليٰ چاهي ٿو تنهن کي (سندس ئي انڌائيءَ سبب) گمراهہ ڪري ڇڏي ٿو، ۽ جيڪو شخص الله ڏي رجوع ٿئي ٿو تنهن کي هو پنهنجي طرف وڌڻ جي راهہ ڏيکاري ٿو ڇڏي. (٢٨) (جيڪي ماڻهو الله ڏي رجوع ٿيا سي) اهي ماڻهو آهن جن ايمان آندو ۽ سندن دلين کي خدا جي ذڪر سان آرام ۽ قرار اچي ويو ۽ ياد رکو ته الله جو ذڪر ئي آهي جنهن سان دلين کي آرام ۽ قرار ملي ٿو (۽ شڪ شبهي، خوف ۽ غم جا سڀ ڪنڌا نڪري ٿا وڃن). (٢٩) جن ماڻهن ايمان آندو ۽ چڱا عمل ڪيا تن لاءِ نعمتون ۽ خوشحاليون آهن ۽ (آخرت) تمام چڱي رهڻ جي جاءِ آهي. (٣٠) ۽ (اي پيغمبر!) اهڙيءَ طرح هيءَ ڳالهہ ٿي جو اسان توکي هڪڙي امت ڏانهن (پيغمبر ڪري) موڪليو جنهن امت کان اڳي گهٽيون ئي امتون ٿي گذريون آهن (۽ انهن امتن ۾ سڃاڻيءَ جا پيغمبر پنهنجي پنهنجي زمانن ۾ ظاهر ٿي چڪا آهن) ۽ هن لاءِ (تو کي پيغمبر ڪري) موڪليوسين ته جيڪا ڳالهہ تو تي نازل ڪئي اٿئون سان ماڻهن کي پڙهي ٻڌائين ۽ انهن ماڻهن جو حال هي آهي جو منڊ کان ئي خدائي رحمان جا مڃيندڙ ئي نہ آهن. تون (کين) چئي ڏي تہ اهوئي منهنجو پروردگار آهي. ڪوبہ معبود ڪونهي سواءِ هن جي. انهيءَ تي ئي مون پروسو ڪيو آهي ۽ سندس ئي طرف رجوع ٿو ٿيان. (٣١) ۽ (ڏسو) جيڪڏهن ائين ٿي سگهي ها جو ڪنهن قرآن سان جبل هلڻ لڳن ها يا زمين جا وڏا وڏا مفاصلا (هڪ پلڪ ۾) لتاڙي سگهجن ها يا مُردا ڳالهائڻ لڳن ها (تہ ضرور هن قرآن سان بہ ائين ئي ٿئي ها) پر نہ (ائين ڪونہ ٿو ٿئي چو تہ) سيني ڳالهين جو اختيار فقط الله کي آهي (۽ سندس سنت ناهي تہ ائين ڪري، هو پنهنجو ڪلام وات ڏيکارڻ لاءِ نازل ٿو ڪري. نہ عجائبات ڏيکارڻ لاءِ) پوءِ جن ماڻهن ايمان آندو آهي سي (هن ڳالهہ کان) ناميد نہ ٿيا آهن ڇا (تہ نہ مڃڻ وارا ڪڏهن بہ نہ مڃيندا؟ هنن هيءَ ڳالهہ نہ سمجهي آهي ڇا؟ تہ) جيڪڏهن الله تعاليٰ چاهي ها تہ، سيني ماڻهن کي (هڪ ئي) حق جي راهہ ڏيکاري ڇڏي ها (پر هن ائين نہ چاهيو. سندس حڪمت جو فيصلو هي ٿيو تہ هن دنيا ۾ هر ڪنهن جي ايمان ۽ عمل

جي آزمائش ٿئي) ۽ جن ماڻهن ڪفر جي وات اختيار ڪئي آهي (اهي ائين مڃڻ وارا ناهن) انهن کي سندن ڪرتوتن جي بدلي ۾ ڪاڻ جا مصيبت پهچندي رهندي، يا هيئن ٿيندو جو سندن رهڻ جي جاين جي نزديڪ اچي نازل ٿيندي تان جو اهو وقت اچي وڃي جڏهن الله جو واعدو ظهور ۾ اچڻ وارو هجي، بيشڪ (سندس واعدو سچو آهي) هو ڪڏهن به واعدي خلافي نٿو ڪري.

رڪوع ۵ آيت ۳۲ ـ تا ـ ۳۱

حق تي ٺٺوليون ڪندڙن کي آخر تباهه ڪيو ويو. ڪافرن جا غلط عقيدا ۽ عمل.

(۳۲) ۽ (اي پيغمبر!) تو کان اڳي به ائين ئي پئي ٿيو آهي جو پيغمبرن تي ٺٺوليون ۽ مسخريون ڪيون ويون ۽ مون (پنهنجي قانون موجب) پهريائين کين ڍر ڏني، پوءِ انهن کي پڪڙ ڪيم. سو ڏسو ته اسان جو ڏهرايل بدلو (جو کين ڏنو ويو سو) ڪهڙو هو، (۽ ڪهڙيءَ طرح ظهور ۾ آيو).
(۳۳) پوءِ جنهن (الله جي علم ۽ قدرت جو هي ڪمال آهي جو) هر جان تي نگاهه رکي ٿو ۽ ڏسي ٿو ته ڪنهن پنهنجي عملن سان ڪهڙي ڪمائي ڪئي (سو الله انهن جهڙو سمجهيو وڃي ٿو چا جن کي ڪافرن معبود ڪٽي ڏهرايو آهي؟) ۽ هنن (اهڙين معبودن کي) الله سان شريڪ ڏهرايو آهي. (اي پيغمبر!) انهن (ڪافرن مشرڪن) کان پڇ ته (اهي شريڪ ۽ معبود ڪير آهن؟) انهن جون صفتون ته بيان ڪيو يا وري توهان (مشرڪ) الله کي اهڙي ڳالهه ٻڌائڻ ٿا چاهيو چا جا خود ڪيس به معلوم ناهي ته زمين ڪهڙي هنڌ آهي؟ يا خالي ڏيکاوَ جي ڳالهه آهي چا (جنهن جي ڪا حقيقت يا اصليت آهي ئي ڪانه؟) اصل حقيقت هي آهي ته منڪرن جي نگاهن ۾ سندن مڪاريون سهٽيون ڏسڻ ۾ آيون آهن ۽ حق جي راهه ۾ قدم کڻڻ کان روڪجي ويا آهن ۽ جنهن تي الله تعاليٰ (ڪاميابيءَ جي) راهه بند ڪري ڇڏي، تنهن لاءِ ڪير آهي جو ڪيس راهه ڏيکاريڻ وارو ٿي سگهي؟
(۳٤) انهن جي لاءِ دنيا جي زندگيءَ ۾ به عذاب اهي ۽ آخرت ۾ به ۽ آخرت جو عذاب يقيناً گهڻو وڌيڪ سخت ٿيندو ۽ ڪوبه ڪونهي جو هنن کي الله (جي قانون جي پڪڙ) کان بچائي سگهي.
(۳۵) متقي (پرهيزگار) انسانن جي لاءِ جنهن جنت جو واعدو ڪيو ويو آهي تنهن جو مثال ائين آهي جيئن هڪ باغ هجي، جنهن جي هيٺان نهرون وهي رهيون هجن (جن جي پاڻيءَ سبب اهي باغ هميشه سرسبز ۽ شاداب رهن) انهن جا ميوا به دائمي آهن (۽ ڪڏهن به ختم ٿيڻ وارا ناهن) ۽ انهن جي وٽن جي ڇانو به دائمي هوندي اها آهي انهن ماڻهن جي پڇاڙي جن تقويٰ جي راهه اختيار ڪئي، پر ڪافرن جي پڇاڙي آهي باهه (جنهن ۾ هو سڙندا رهندا). (۳٦) ۽ (اي پيغمبر!) جن ماڻهن کي اسان ڪتاب ڏنو آهي (يعني يهودي ۽ نصاريٰ) سي هن ڳالهه تي خوش ٿا ٿين جا تو تي نازل ڪئي وئي آهي ۽ انهن جماعتن ۾ اهڙا ماڻهو به آهن جن کي ان (يعني قرآن) جي ڪن ڳالهين کان انڪار آهي. سو تون چئي ڏي ته، مون کي ته بس اهوئي حڪم ڏنو ويو آهي ته، الله جي بندگي ڪيان ۽ ڪنهن به هستيءَ کي ساڻس شريڪ نه ڏهرايان. انهيءَ ئي (الله) جي طرف اوهان کي

سڏيان ٿو ۽ انهيءَ ئي جي طرف منهنجو رخ آهي. (۳۷) ۽ اهڙيءَ طرح (هيءَ ڳالهه ٿي جو) اسان ان (قرآن) کي هڪ عربي فرمان جي شڪل ۾ (يعني عربي زبان ۾) نازل ڪيو. جيڪڏهن (انهيءَ قرآن جي) علم حاصل ڪرڻ بعد به تون هنن ماڻهن جي خواهشن جي پيروي ڪندين تہ پوءِ سمجهي ڇڏ تہ الله جي مقابلي ۾ نڪو تنهنجو ڪوئي ڪارساز هوندو، نڪو تو کي ڪو بچائڻ وارو هوندو.

رکوع ٦ آيت ۳۸ ـ تا ـ ٤۳

اڳوڻا رسول به انسان هئا ۽ کين زالون ۽ اولاد هئا. هر زماني ۾ خدائي ڪتاب نازل ٿيو

(۳۸) ۽ هيءَ حقيقت آهي تہ اسان تو کان اڳي به (گهڻائي) پيغمبر موڪليا ۽ (اهي به تو وانگر انسان هئا) اسان کين زالون ۽ اولاد ڏنو هو ۽ ڪنهن به پيغمبر لاءِ هيءَ ڳالهه ڪانہ ٿي جو هو (پنهنجو پاڻ) ڪا نشاني (يا معجزو) آڻي ڏيکاري پر تڏهن جڏهن الله جو حڪم ٿيو هجي. هر وقت لاءِ هڪ ڪتاب آهي. (۳۹) الله تعاليٰ جيڪا ڳالهه چاهي ٿو تنهن کي ميساري (يا فنا ڪري) ٿو ڇڏي ۽ جيڪا چاهي ٿو تنهن کي قائم رکي ٿو ۽ ڪتاب جو اصل بنياد وٽس ئي آهي. (٤۰) ۽ اسان هنن ماڻهن سان (يعني مڪي جي ڪافرن سان نتيجن جي ظاهر ٿيڻ جا) جيڪي واعدا ڪيا آهن سي (هروپرو هڪ ئي وقت ظهور ۾ اچڻا ناهن) ممڪن آهي تہ انهن مان ڪي ڳالهيون اسان تو کي تنهنجي زندگيءَ ۾ ڏيکاريون ۽ ائين به ممڪن آهي تہ ان کان اڳي ئي تنهنجي (زندگيءَ جو) وقت پورو ڪري ڇڏيون. بهرحال جيڪي تنهنجي ذمي آهي سو آهي فقط حق جو پيغام پهچائڻ، هنن کان (سندن ڪمن جو) حساب وٺڻ اسان جو ڪم آهي (نہ تنهنجو). (٤۱) پوءِ ڇا هي ماڻهو ڏسن نٿا تہ اسان هن سرزمين (ملڪ عرب) جو قصد ڪري رهيا آهيون؟ ان کي هر طرف گهٽائيندا (۽ مڪي جي ظالمن جي طاقت ٽوڙيندا) ٿا وڃون. (يعني جلد مسلمان سڄو عرب ملڪ فتح ڪري وٺندا). ۽ الله ئي آهي جو (آخر) فيصلو ڪري ٿو. ڪوبہ ڪونهي جو سندس فيصلو ٽاري سگهي. هو حساب وٺڻ ۾ بلڪل تڪو آهي. (٤۲) ۽ جيڪي ماڻهو هنن کان اڳي ٿي گذريا آهن تن به (حق جي دعوت جي مقابلي ۾) مخفي تدبيرون ڪيون هيون. سو ياد رکو تہ) هر طرح جون تدبيرون الله جي لاءِ آهن. اهو ڄاڻي ٿو تہ هر انسان ڪهڙي ڪمائي ڪري رهيو آهي ۽ اهو وقت پري ناهي جڏهن ڪافرن کي معلوم ٿي ويندو تہ ڪنهن جي لاءِ پڇاڙي چگي آهي. (٤۳) (اي پيغمبر!) حق جا منڪر چون ٿيا تہ تون خدا جو موڪليل نہ آهين، تون چؤ تہ منهنجي ۽ اوهان جي وچ ۾ خدا جي شاهدي بلڪل ڪافي آهي ۽ انهن جي شاهدي جن کي ڪتاب جو علم آهي.

سورت ابراهيم

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي.

رکوع ۱ آيت ٦-۱

وحي اونداهيءَ مان ڪڍي روشنيءَ ۾ آڻي ٿو. هدايت روشني آهي ۽ گمراهي اونداهي آهي.

(۱) الف ـ لام ـ را ـ هيءُ هڪ ڪتاب آهي جو اسان تو تي نازل ڪيو آهي. انهيءَ لاءِ تہ ماڻهن کي سندن پروردگار جي حڪم جي تعميل ۾ اونداهيءَ مان ڪڍي روشنيءَ ۾ آڻي، (۽ انهيءَ راهہ تي آڻي) جا غالب ۽ ساراهيل خدا جي راهہ آهي. (۲) اهو خدا جيڪو مالڪ آهي، انهيءَ سڀ ڪجهہ جو جيڪي بہ آسمانن ۽ زمين ۾ آهي (۽ سڀ سندس حڪمن جي اڳيان جهڪيل آهن) ۽ سخت عذاب جي خرابي آهي انهن منڪرن جي لاءِ. (۳) جن آخرت کي ڇڏي دنيا جي زندگي پسند ڪئي، جيڪي ماڻهن کي الله جي راهہ کان روڪين ٿا ۽ چاهين ٿا تہ ان راهہ ۾ ڏنگائي ڦڏائي پيدا ڪن، اهي ئي ماڻهو آهن جيڪي وڏي اونهي گمراهيءَ ۾ وڃي پيا آهن. (٤) ۽ اسان ڪوبہ پيغمبر دنيا ۾ نہ موڪليو، پر هن طرح جو هو پنهنجي قوم ئي جي زبان ۾ حق جو پيغام پهچائڻ وارو هو، انهيءَ لاءِ تہ (سندن ئي ٻوليءَ ۾ ڳالهہ جو) مطلب چٽو ڪري ڏيکاري. پوءِ الله تعاليٰ جنهن کي چاهي ٿو تہ (سندس سرڪشيءِ پارڻ) گمراهہ ڪري ٿو ۽ جنهن جي لاءِ چاهي ٿو تنهن لاءِ (سندن اطاعت پارڻ ڪاميابيءَ جي) راهہ کولي ڇڏي ٿو. هو غالب ۽ حڪمت وارو آهي. (۵) ۽ (ڏسو هي حقيقت آهي تہ) اسان پنهنجي نشانين سان موسيٰ کي موڪليو هو تہ پنهنجي قوم کي اونداهيءَ مان ڪڍي روشنيءَ ۾ آڻي ۽ پڻ الله جي (فيصلو ڪندڙ) واقعات جو بيان ٻڌائي واعظ ۽ نصيحت ڪري. ڇو تہ بيشڪ هر انسان لاءِ جيڪو صبر ۽ شڪر ڪندڙ هجي، انهيءَ بيان ۾ (عبرت ۽ نصيحت جون) وڏيون نشانيون آهن. (٦) ۽ پوءِ (هيئن ٿيو جو) حضرت موسيٰ پنهنجي قوم کي (واعظ ۽ نصيحت ڪندي) چيو تہ الله تعاليٰ جيڪي احسان اوهان تي ڪيا آهن سي نہ وساريو. هن اوهان کي فرعون جي خاندان (جي غلاميءَ) کان ڇوٽڪارو ڏنو (۽ اهو سندس ڪيڏو نہ وڏو احسان آهي) هو اوهان کي ڪهڙن نہ خراب عذابن ۾ وجهندا هئا. توهان جي (نون ڇاول) پٽن کي قتل ڪري ڇڏيندا هئا (تہ جيئن توهان جو تعداد نہ وڌي ۽) توهان جي ڇوڪرين کي زندهہ ڇڏيندا هئا (تہ پانهيون ٿي رهن). ڏسو تہ انهيءَ صورت حال ۾ توهان جي پروردگار جي طرف کان اوهان جي لاءِ ڪهڙي نہ سخت آزمائش هئي.

رکوع ۲ آيت ۷-تا-۱۲

الله تعاليٰ بي پرواهہ آهي. ماڻهو سندس هدايت تي نہ هلن تہ فقط سندن ئي نقصان آهي.

(۷) (۽ اوهان اهو وقت وساري ڇڏيو آهي ڇا) جڏهن اوهان جي پروردگار (پنهنجي هن قانون جو)

اعلان ڪيو هو تہ جيڪڏهن توهان شڪر ڪندؤ تہ مان اوهان کي اڃا بہ زياده نعمتون بخشيندس ۽ جيڪڏهن ناشڪري ڪندؤ تہ پوءِ ياد رکو تہ منهنجو عذاب بہ ڏاڍو سخت عذاب آهي. (۸) ۽ حضرت موسيٰ فرمايو تہ جيڪڏهن اوهان ۽ اهي سڀ جيڪي زمين ۾ رهن ٿا ٻي شڪري ڪن تہ (الله کي ان جي ڪهڙي پرواهہ آهي؟) الله جي ذات تہ ٻي نياز ۽ ساراهيل آهي، (ليڪن محرومي ۽ تباهي خود اوهان جي لاءِ هوندي). (۹) پوءِ چا توهان تائين انهن ماڻهن جي خبر ڪانہ پهتي آهي، جيڪي اوهان کان اڳي ٿي گذريا آهن؟ نوح جي قوم، عاد جي قوم، ثمود جي قوم ۽ اهي قومون جي انهن کان پوءِ آيون ۽ جن جو حال الله ئي کي معلوم آهي. انهن سيني قومن ڏي انهن جا رسول روشن دليلن سان آيا هئا. پر انهن سندن ڳالهيون موٽائي ڇڏيون (۽ ٻڌڻ کان ئي انڪار ڪيائون) انهن چيو تہ جيڪا ڳالهہ توهان ڪٽي آيا آهيو تنهن کان اسان کي انڪار آهي ۽ جنهن ڳالهہ ڏانهن توهان سڏيو ٿا تنهن تي اسان کي يقين ڪونهي. اسان شڪ ۽ شبهي ۾ پئجي ويا آهيون. (۱۰) انهن جي رسولن چيو تہ، چا توهان کي الله جي باري ۾ شڪ آهي؟ اهو الله جو آسمانن ۽ زمين جو بنائيندڙ آهي؟ جو توهان کي سڏي رهيو اهي تہ توهان جا گناهہ بخشي ڇڏي ۽ هڪ مقرر وقت تائين (زندگي ۽ ڪامرانيءَ جون) مهلتون ڏئي. تنهن تي انهن قومن چيو تہ، اوهان سواءِ هن جي ٻيو چا آهيو تہ، اسان وانگر انسان آهيو. اوهان چاهيو ٿا تہ جن معبودن کي اسان جا ابا ڏاڏا پوڄيندا آيا آهن، تن جي پوڄا ڪرڻ کان اسان کي روڪي ڇڏيو. ڇگو (جيڪڏهن ائين آهي تہ) ڪو چٽو دليل پيش ڪيو. (۱۱) انهن جي رسولن جواب ۾ چيو تہ، هاڻو اسان هن کان سواءِ ڪجهہ بہ نہ آهيون تہ توهان وانگر انسان آهيون، پر الله جنهن ٻانهي کي چاهي ٿو تنهن کي پنهنجي فضل ۽ احسان لاءِ (يعني وحي پهچائڻ لاءِ) چونڊي ٿو ۽ هيءَ ڳالهہ اسان جي اختيار ۾ ناهي تہ توهان کي سند ڪٽي اڇي ڏيکاريون، سواءِ هن جي جو الله جو حڪم ٿئي ۽ الله ئي آهي جنهن تي ايمان رکندڙن جو ڀروسو آهي. (۱۲) ۽ اسان کي ڪهڙو سبب آهي جو اسان الله تعاليٰ تي ڀروسو نہ رکون؟ حالانڪہ انهيءَ ئي (زندگي جي) راهن ۾ اسان جي رهنمائي ڪئي آهي. اسان انهن ايذائن ۽ تڪليفن تي صبر ڪنداسين جي توهان ڏيئي رهيا آهيو. فقط الله ئي آهي جنهن تي ڀروسو ڪندڙن کي ڀروسو رکڻ گهرجي.

رکوع ۳ آيت ۱۳ ـ تا ـ ۲۱

سگهارن ماڻهن کي گهرجي تہ مسڪينن لاءِ هدايت جو مثال ٿين ۽ مسڪينن کي بہ انهن جي انڌي تقليد ڪرڻ نہ گهرجي ۽ فقط حق جا حڪم مڃڻ گهرجن.

(۱۳) ۽ منڪرن پنهنجي رسولن کي چيو تہ، اسان توهان کي ضرور پنهنجي ملڪ مان ڪيڪاليو ڏيئي ڇڏينداسين، يا تہ توهان اسان جي مذهب تي موٽي اچو. (تنهن تي) اسان رسولن ڏي وحي موڪليو تہ هاڻي ضرور اسان هنن ظالمن کي تباهہ ڪري ڇڏينداسين. (۱٤) ۽ انهن ماڻهن کان

پوءِ توهان کي اسان هن سرزمين ۾ (سندن جاءِ تي) رهائيندا سين. اهو آهي نتيجو انهيءَ ماڻهو جي لاءِ جيڪو اسان جي (حڪومت ۽ عدالت جي) جاءِ کان ڊپ ۾ رهيو ۽ پڻ (بدعملن جي بدلي ۾ سزا جو جيڪو اعلان ڪيل آهي تنهن) واعدي ۽ اعلان جي خوف ۾ رهيو (۽ خدا جي حڪمن جي پيروي ڪندو رهيو). (۱۵) (مطلب ته پيغمبرن) فتح مندیءَ جي دعا گهري، (۽ فتح ياب ٿيا) ۽ هرهڪ سرڪش ضدي (جنهن حق جو مقابلي ڪيو هو) نامراد ۽ ناڪامياب رهيو. (۱۶) ان کان پوءِ دوزخ آهي (يعني دنيا جي نامرادیءَ بعد آخرت جو عذاب پيش اچڻ وارو آهي). اتي رت ۽ پونءِ جو پاڻي کين پياريو ويندو. (۱۷) هو هڪ هڪ ڪري وات ۾ وجهندو، پر نڙيءَ کان هيٺ نه لاهي سگهندو، هر طرف کان هن ڏي موت ايندو، پر هو مرندو کين ۽ هن جي پٺيان هڪ سخت عذاب لڳل آهي. (۱۸) جن ماڻهن پنهنجي پروردگار (جي فرمانبرداريءَ) کان انڪاري ڪيو تن جي عملن جو مثال اهڙو آهي جهڙو رک يا ڪِر جو ڍير. جنهن کي آنڌيءَ جي ڏينهن هوا اڏائي ڪٽي وڃي. جيڪي به هنن (پنهنجي عملن سان) ڪمايو آهي تنهن مان ڪجهه به هنن جي هٿ نه ايندو. اهائي گمراهيءَ جي حالت آهي جا وڏي اونهي گمراهي آهي. (۱۹) ڇا توهان ڏسو نٿا ته الله تعاليٰ آسمانن ۽ زمين کي حق ۽ مصلحت سان بنايو آهي (نه اجايو ۽ بي سود؟) جيڪڏهن هو چاهي ته توهان سيني کي ڪٽي وڃي (۽ تباهه ڪري ڇڏي) ۽ (اوهان جي جاءِ تي) ڪا نئين خلق آڻي ظاهر ڪري. (۲۰) ائين ڪرڻ الله تعاليٰ جي لاءِ ڪجهه به ڏکيو يا مشڪل ڪم ناهي. (۲۱) ۽ (ڏسو، قيامت جي ڏينهن) سڀ ماڻهو گڏ ٿي الله جي روبرو حاضر ٿيندا. پوءِ هيٺا ماڻهو (جي دنيا ۾ مسڪين ۽ ضعيف هئا) سرڪش (سردارن ۽ حاڪمن کي) چوندا ته اسان (دنيا ۾) توهان جي پٺيان هلڻ وارا هئاسين (۽ توهان جي حڪمن ۽ عملن جي پيروي ڪئي سين) پوءِ ڇا توهان اڄ ائين ڪري سگهو ٿا جو الله جي عذاب کان (اسان جو) ڪجهه بچاءُ ڪيو؟ اُهي چوندا ته، جيڪڏهن الله اسان جي لاءِ بچاءُ جي ڪا راهه کولي ها ته، اسان به توهان کي راهه ڏيکاريون ها. (اسان ته پاڻ ئي عذاب ۾ گرفتار آهيون). صبر ڪيون توڙي روئون ۽ پٽيون اسان لاءِ هڪ ئي ڳالهه آهي، اسان لاءِ اڄ ڪنهن به طرح ڇوٽڪارو ڪونهي.

رکوع ٤ آيت ۲۲ ـ تا ـ ۲۸

شيطان قيامت جي ڏينهن پنهنجي پيروي ڪندڙن کي چوندو ته، اهو توهان جي قصور آهي، جو توهان خدا کي ڇڏي منهنجي پيروي ڪئي.

(۲۲) ۽ (قيامت جي ڏينهن) جڏهن فيصلو ٿي ويندو تڏهن شيطان چوندو ته، بيشڪ الله تعاليٰ توهان سان واعدو ڪيو هو ۽ سچو واعدو ڪيو هو. (اهو واعدو هاڻي پورو ٿي چڪو) ۽ مون به اوهان سان واعدو ڪيو هو مگر اهو پورو نه ڪيم. مون کي اوهان تي ڪنهن به قسم جو زور ڪونه ڪيو هو (جو توهان کي مجبوراً منهنجي پيروي ڪرڻي پوي ها). جيڪي ٿيو سو فقط هي هو ته

مون توهان کي سڏيو ۽ توهان منهنجو سڏ قبول ڪيو (۽ مون تي ملامت نہ ڪيو، پر خود پاڻ کي ڏوهہ ڏيو ۽ ملامت ڪيو. اڄ جي ڏينهن نڪي مان توهان جو فرياد پڌي ٿو سگهان نڪي توهان منهنجو فرياد پڌي ٿا سگهو. توهان جو اڳي (دنيا ۾) مون کي الله جو شريڪ ٺهرايو هو (جو منهنجي حڪمن جي فرمانبرداري ڪندا هئو) سو مان ان کان بيزاري ظاهر ٿو ڪيان. بيشڪ ظلم ڪرڻ وارن جي لاءِ ويڙو دردناڪ عذاب آهي. (۲۳) ۽ جن ماڻهن ايمان آندو هو ۽ نيڪ عمل ڪيا هئا سي (دائمي نعمتن جي) باغن ۾ داخل ٿيندا، جن جي هيٺان نهرون وهي رهيون آهن. هو پنهنجي پروردگار جي حڪم سان هميشہ انهن ۾ رهندا. اتي انهن جي لاءِ (هر طرف کان) هيءَ دعا ۽ ڪيڪار هوندي تہ اوهان تي سلامتي هجي. (۲٤) ڇا توهان هن ڳالهہ تي غور ڪونہ ڪيو آهي تہ الله تعاليٰ ڪهڙيءَ طرح مثال پيش ڪيا آهن؟ هڪ چگي ڳالهہ جو مثال ائين آهي جيئن هڪ چگو وڻ. ان جون پاڙون مضبوط آهن ۽ ٽاريون آسمان ۾ پکڙيل آهن. (۲۵) (اهو وڻ) پنهنجي پروردگار جي حڪم سان هر وقت ميوا پيدا ڪندو رهي ٿو. الله تعاليٰ ماڻهن جي لاءِ مثال بيان ڪري ٿو، انهيءَ لاءِ تہ هو سوچين ۽ سمجهن. (۲٦) ۽ نڪمي بيڪار ڳالهہ جو مثال ائين آهي جيئن نڪمو وڻ. زمين جي مٿان (ٿوهر وانگي) سندس پاڙون کوکليون آهن. (جڏهن وڻيوَ تڏهن اکيڙي پٽي چڏيوس) ۽ ان کي ڪا جمت يا مضبوطي ڪانهي. (۲۷) (اهڙيءَ طرح) الله تعاليٰ ايمان وارن کي جمت ۽ مضبوطيءَ واري ڳالهہ جي وسيلي جمت ۽ مضبوطي ڏئي ٿو، دنيا جي زندگيءَ توڙي آخرت جي زندگيءَ ۾ ۽ نافرمانن جي لاءِ (جمت ۽ مضبوطيءَ جي) راهہ گم ڪري ٿو چڏي ۽ هو جيڪي چاهي ٿو سو ڪري ٿو (يعني سندس حڪمت جو قانون ۽ فيصلو اهو آهي تہ ائين ڪري).

رڪوع ۵ آيت ۲۸ ـ تا ـ ۳٤

الله تعاليٰ جي نعمتن جو قدر نہ ڪندڙ جهنم ۾ داخل ٿيندا.

(۲۸) (اي پيغمبر!) تو انهن ماڻهن جي حالت تي نظر نہ ڪئي آهي جا جن کي الله تعاليٰ نعمت عطا ڪئي هئي، پر هنن بي شڪري ڪري ان کي بدلائي چڏيو ۽ پنهنجي قوم کي بربادي جي گهر ۾ وڃي لاٿو؟ (۲۹) يعني دوزخ ۾ وڃي لاٿو (پوءِ جنهن جي رهڻ جي جاءِ دوزخ ٿي سا) ڪهڙي نہ خراب جاءِ آهي. (۳۰) ۽ هنن الله جي لاءِ سندس هم درجي وارا (شريڪ) بنايا، انهيءِ لاءِ تہ ماڻهن کي خدا جي راهہ کان گمراهہ ڪري چڏين. (اي پيغمبر!) تون کين چئو تہ چگو (زندگيءَ جا ٿورا ڏينهن) فائدا ماڻي وڃو، پوءِ آخر اوهان جي وات دوزخ جي باهہ جي طرف ٿي آهي. (۳۱) (اي پيغمبر!) منهجي بندن مان جن ايمان آندو آهي تن کي هيءُ پيغام پهچائي ڏي تہ انهيءَ کان اڳي جو اهو (خوفناڪ) ڏينهن اچي ظاهر ٿئي جنهن ڏينهن (چوتڪاري لاءِ) نڪي ڪنهن قسم جو ڏيڻ وٺڻ ڪم ايندو، نڪي ڪنهن بہ طرح جي دوستي ڪم ايندي (پنهنجي لاءِ چوتڪاري جو سامان ڪري وڃن يعني) نماز قائم ڪن ۽ اسان جي ڏنل روزيءَ مان ظاهر توڙي ڳجهيءَ طرح (خدا

جي راهہ ۾) خرچ ڪندا رهن. (۳۲) اُهو الله ئي آهي جنهن آسمانن کي ۽ زمين کي پيدا ڪيو ۽ زمين تي مٽان پاڻي وسايو، جنهن جي ڪري طرحين طرحين قسم جا ميوا پيدا ٿين ٿا جي توهان جي لاءِ غذا جو سامان آهن ۽ توهان جي لاءِ جهاز مسخر ڪيائين جي سندس حڪم سان (يعني سندس ٺهرايل قانونن موجب) سمنڊ ۾ هلن ٿا. پڻ درياهہ ۽ اوهان جي لاءِ مسخر ڪري ڇڏيائين (يعني اوهان جي ڪم اچڻ لاءِ فرمان هيٺ رکيائين). (۳۳) (اهڙيءَ طرح الله تعاليٰ) سج ۽ چنڊ کي ۽ مسخر ڪري ڇڏيو آهي، جو هڪ خاص دستور سان برابر چڪر لڳائي رهيا آهن ۽ رات ۽ ڏينهن جو ظهور ۽ مسخر آهي. (۳٤) (مطلب تہ توهان کي پنهنجي زندگيءَ جي ضرورتن ۽ ڪامرانين لاءِ جيڪي ۽ (سامان) گهربل هو سو سڀ هن عطا ڪري ڇڏيو آهي. جيڪڏهن توهان الله جون نعمتون ڳڻڻ چاهيو تہ (اهي ايتريون تہ آهن جو) ڪڏهن ۽ انهن جو شمار ڪري نہ سگهندؤ. حقيقت هيءَ آهي تہ انسان وڏو بي انصاف ۽ بي شڪر آهي.

رڪوع ٦ آيت ۳۵ ـ تا ـ ٤۱

حضرت ابراهيم جي دعا مڪي جي آبادي‌ءَ لاءِ ۽ پنهنجي ماڻُ پيءُ ۽ اولاد لاءِ.

(۳۵) ۽ (اهو واقعو ياد رکو جو) حضرت ابراهيم دعا گهري هئي تہ، اهي منهنجا پروردگار! هن (مڪي جي) شهر کي امن امان جي جاءِ بڻائجان۽ ۽ مون کي ۽ منهنجي اولاد ۽ نسل کي هن ڳالهہ کان بچائجان۽ جو بتن جي پوڄا ڪرڻ کي لڳي وڃن. (۳٦) اي منهنجا پروردگار! انهن بتن گهڻن ئي ماڻهن کي حق جي راهہ کان هٽائي ڇڏيو آهي. پوءِ جيڪو منهنجي پيروي ڪندو (۽ بت پرستيءَ جي گمراهيءَ ۾ نہ پوندو) سو منهنجو هوندو، پر جيڪو منهنجي طريقي کان نافرماني ڪندو (تنهن سان منهنجو ڪوبہ تعلق ڪونهي ۽) بيشڪ تون ئي بخشيندڙ ۽ رحمت ڪندڙ آهين. (۳۷) اي اسان سيني جا پروردگار! (تون ڏسي رهيو آهين تہ) هڪ اهڙي ميدان ۾ جتي ڪيتيءَ جو نالو نشان ۽ ڪونهي مون پنهنجي اولاد مان ڪن کي تنهنجي محترم گهر (ڪعبة الله) وٽ اچي رهايو آهي ۽ اي منهنجا رب! هن لاءِ کين هتي رهايو اٿم تہ نماز قائم رکن (تہ هي پاڪ گهر توحيد جي پرستارن کان خالي نہ رهي) پوءِ تون (پنهنجي فضل ۽ ڪرم سان) ائين ڪر جو ماڻهن جون دليون انهن (يعني منهنجي نسل) جي طرف مائل ٿي وڃن ۽ انهن جي لاءِ زمين جي پيداوار مان رزق جو سامان مهيا ڪري ڇڏ تہ (بنا پاڻي ۽ گاهہ واري ريگستان ۾ رهندي ۽ زندگيءَ جي ضرورتن کان محروم نہ هجن ۽) تنهنجي شڪر گذاري ڪندا رهن. (۳۸) اي اسان جا پروردگار! اسان جيڪي ۽ لڪايون ٿا سو ۽ تون ڄاڻين ٿو ۽ جيڪي ۽ ظاهر ڪيون ٿا سو ۽ تون ڄاڻين ٿو. آسمان ۽ زمين جي ڪابہ شيءِ ڪانهي جا الله کان لڪل هجي. (۳۹) ۽ (حضرت ابراهيم چيو تہ،) سڀ ساراهہ الله جي لاءِ آهي، جنهن ٻڍاپڻ جي حالت ۾ ۽ مون کي اسماعيل ۽ اسحاق (۽ پٽ) عطا فرمايا. بيشڪ منهنجو پروردگار (پنهنجي ٻانهن جون) دعائون ٻڌي ۽ قبول ڪري ٿو. (٤۰) اي

منهنجا پروردگار! مون کي توفيق ڏي تہ مان نماز قائم رکان ۽ منهنجي نسل کي بہ ائين کرڻ جي توفيق ملي. اي پروردگار منهنجي هيءَ دعا شال تنهنجو حضور ۾ قبول پوي. (٤١) اي اسان جا پروردگار! جنهن ڏينهن عملن جو حساب ورتو ويندو تنهن ڏينهن مون کي، منهنجي ماءُ پيءُ کي ۽ انهن سيني کي جيڪي ايمان آڻين (پنهنجي فضل ۽ ڪرم سان) بخشي ڇڏجانءِ (۽ حساب جي سختيءَ ۾ نہ وجهجانءِ).

رکوع ۷ آيت ٤٢ ـ تا ـ ٥٢

اهو خيال ڪڏهن ڇڏيو تہ ظالمن کي خدا ڇڏي ڏيندو.

(٤٢) ۽ (اي پيغمبر!) اهو خيال نہ ڪجانءِ تہ الله هنن ظالمن جي ڪمن کان غافل آهي (يعني مڪي جي رئيسن جي ڪمن کان) دراصل الله تعاليٰ هنن جو معاملو انهيءَ ڏينهن لاءِ پوئتي رکي ڇڏيو آهي، جنهن ڏينهن (بدعملن جي نتيجن جون تباهيون ظهور ۾ ايندیون. انهيءَ ڏينهن انهن ماڻهن جو حال اهڙو ٿيندو جو خوف ۽ حيرت کان) سندن اکيون ڦاٽي پونديون. (٤٣) حيران پريشان هوندا، نظرون مٿي هونديون ۽ ان حالت ۾ ڊوڙندا رهندا، سندن نگاهون موٽڻ واريون نہ هونديون ۽ دليون (خوف ۽ حيرانگيءَ ۾) هر خيال کان خالي رهجي ويندیون. (٤٤) ۽ (اي پيغمبر!) ماڻهن کي انهيءَ ڏينهن جي اچڻ بابت خبردار ڪري ڇڏ، جنهن ڏينهن عذاب اچي ڪڙڪندو. انهيءَ ڏينهن ظالم چوندا تہ، اي پروردگار ٿوري وقت لاءِ اسان کي مهلت ڏي. (اسان هاڻي هرگز انڪار ۽ سرڪشي نہ ڪنداسين ۽) تنهنجي پڪار جو جواب ڏينداسين ۽ پيغمبرن جي پيروي ڪنداسين. (پر کين جواب ملندو تہ) ڇا توهان اهي ئي نہ آهيو جو هن کان اڳي قسم کڻي ڪٽي چوندا هئو تہ اسان تي ڪنهن بہ طرح جو زوال نہ ايندو. (٤٥) ۽ توهان انهن ماڻهن (اڳين تباهہ ٿيل قومن) جي بستين ۾ آباد ٿيا هئو، جن پنهنجي جانين تي ظلم ڪيو هو ۽ توهان کي چڱيءَ طرح معلوم ٿيو هو تہ اسان هنن سان ڇا ڇا ڪيو (اسان کين تباهہ ڪري ڇڏيو تہ بہ توهان عبرت نہ ورتي) توهان کي (سمجهائڻ لاءِ) طرحين طرحين مثال بہ اسان بيان ڪري ٻڌايا (پوءِ بہ توهان سرڪشيءِ کان باز نہ آيؤ). (٤٦) انهن ماڻهن پنهنجون سڀ تدبيرون ڪري ڇڏيون هيون، ۽ اگرچہ هنن جون تدبيرون اهڙيون هيون جو جبلن کي بہ پنهنجي جاءِ تان لوڏي هٽائي ڇڏين تہ بہ الله وٽ هنن جي سيني تدبيرن جو جواب هو. (يعني الله تعاليٰ هنن جي تدبيرن کي ناڪامياب ڪري ڇڏيو ۽ هو عذاب کي روڪي نہ سگهيا). (٤٧) پوءِ اهڙو خيال نہ ڪيو تہ الله پنهنجي رسولن سان جيڪو واعدو ڪري چڪو آهي، تنهن جي خلاف ڪندو (نہ نہ هو ضرور حق کي فتح ڏيندو ۽ ظالمن کي تباهہ ڪندو) يقين ڪيو تہ الله (سيني تي) غالب آهي ۽ (بدعملن جي) سزا ڏيندڙ آهي. (٤٨) انهيءَ ڏينهن هيءَ زمين بدلجي هڪ ٻي زمين ٿي پوندي ۽ آسمان بہ بدلجي ويندا ۽ سڀ ماڻهو هڪ غالب خدا جي حضور ۾ حاضر ٿيندا. (٤٩) ۽ تون انهيءَ ڏينهن گنهگارن

كي ڏسندين تہ زنجيرن ۾ جڪڑيل هوندا. (۵۰) هنن جون قميصون گندڪ جون هونديون. (جنهن جي گسڻ سان باهہ برندي آهي) ۽ چهرا باهہ جي ڇيڻين سان ڍڪجي ويندا. (۵۱) ائين هن لاءِ ٿيندو تہ الله تعاليٰ هر انسان كي سندس كمائيءَ جي مطابق بدلو ڏئي. بيشڪ الله حساب وٺڻ ۾ بلكل تيز آهي. (۵۲) هي انسانن جي لاءِ هڪ پيغام آهي، جو هن لاءِ موكليو ويو آهي تہ ماڻهن كي خبردار كيو وڃي ۽ هو معلوم كن تہ سندن معبود (جنهن جي ٻانهپ كجي سو) هڪ ئي معبود آهي ۽ پڙهن لاءِ تہ سمجهہ وارا ماڻهو ان مان نصيحت وٺن (۽ گناهہ ڇڏي چگا عمل كن).

سورت الحجر (پٿريا كوهستان) "ديار ثمود جو نالو"

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي.

ركوع ۱ آيت ۱ ـ تا ـ ۱۵

جيكي شريرضد كان انكار كري رهيا آهن سي كنهن ڏينهن چوندا تہ ايمان آڻيون ها تہ ڏاڍو چگو ٿئي ها

(۱) الف ـ لام ـ ر ـ هي الكتاب جون آيتون آهن ۽ قرآن جون آيتون آهن. جي (پنهنجي سيني ڳالهين ۾) چٽيون ۽ روشن آهن.

حصو چوڏهون

(٢) جن ماڻهن (هن ڪتاب جي سچائيءَ کان) انڪار ڪيو آهي سي ڪنهن وقت چاهيندا تہ هاءِ هاءِ! اسان مسلمان ٿيون ها (تہ ڪهڙو نہ چگو ٿئي ها.) (٣) (اي پيغمبر!) هنن کي سندن حال تي ڇڏي ڏي، پلي کائن پيئن ۽ عيش آرام وٺن ۽ (ڪوڙين) اميدن تي ڦليل رهن. پر اهو وقت پري ناهي جڏهن کين معلوم ٿي ويندو (تہ ڪهڙي نہ غلطيءَ ۾ گمراهہ ٿي ويا هئا.) (٤) اسان ڪڏهن بہ ڪنهن بہ بستيءَ جي رهاڪن کي تباهہ نہ ڪيو، پر هن طرح جو هڪ ڳالهہ ٺهرائي ويئي هئي (جا کين پڌائي بہ ويئي هئي سا اها تہ هي هڪ مقرر قانون هو تہ جڏهن کا حالت هن طرح جي ٿيندي ۽ هن حد تي پهچندي تڏهن اهڙو نتيجو ضرور نڪرندو.) (٥) ڪابہ امت نڪي پنهنجي وقت کان اڳتي وڌي سگهي ٿي، نڪي پٺتي رهي سگهي ٿي. (٦) ۽ (اي پيغمبر!) انهن ماڻهن تو کي چيو تہ، اي انسان! جنهن تي (چيو وڃي ٿو تہ) نصيحت نازل ٿي آهي، تون (اسان جي خيال ۾) يقيناً ديوانو آهين. (٧) جيڪڏهن تون پنهنجي دعويٰ ۾ سچو آهين تہ ڇو نٿو فرشتا آڻي اسان کي ڏيکارين؟ (٨) (پر) اسان فرشتن کي اجايو بي سود ڪونہ نازل ڪندا آهيون. تڏهن نازل ڪندا آهيون جڏهن ڪا مصلحت هوندي آهي ۽ (جڏهن فرشتا نازل ڪنداسين) تڏهن کين (پاڻ کي سڏارڻ ۽ چگن عملن ڪرڻ جي) مهلت ڪانہ ملندي، (اهو تہ فيصلي جو ڏينهن ٿيندو). (٩) بيشڪ اسان پاڻ الذڪر (يعني قرآن، جو سراسر نصيحت آهي) نازل ڪيو آهي ۽ بيشڪ اسان پاڻ ان جا نگهبان آهيون. (١٠) ۽ (اي پيغمبر!) هيءَ حقيقت آهي تہ اسان تو کان اڳي بہ گذري ويل قومن ڏي پيغمبر موڪليا هئا. (١١) پر ڪڏهن بہ ائين نہ ٿيو جو ڪنهن قوم ڏي ڪو پيغمبر آيو هجي ۽ ماڻهن مٿس ٺٽوليون ۽ مسخريون نہ ڪيون هجن. (ائين اڳي بہ ٿيندو آيو آهي ۽ هاڻي بہ ٿئي ٿو پيو، تون مايوس نہ ٿيءُ). (١٢) سو ڏسو تہ، اسان گنهگارن جي دلين ۾ (حق جي ڪلام جي مخالفت) ويهاري ٿا ڇڏيون (يعني اسان جو اهو قانون آهي تہ جيڪي خودغرض ۽ تڪبر ڪندڙ انسان ظلم ڪندا ٿا رهن تن ۾ حق جي مخالفت بہ جمي پکي ٿي وڃي ٿي). (١٣) اهي ان تي ڪڏهن بہ ايمان ڪونہ آڻيندا، جيڪي ماڻهو اڳي گذري چڪا آهن، تن جو بہ اهڙوئي دستور هو. (١٤) جيڪڏهن اسان هنن لاءِ آسمان جو هڪ دروازو کولي ڇڏيون ۽ اهي ماڻهو ڏينهن ڏٺي جو ان تي چڙهڻ لڳن تڏهن بہ هو ڪونہ مڃيندا. (١٥) هو چوڻ لڳندا تہ اسان جي اکين تي نشو چڙهي ويو آهي يا اسان تي جادو ڪيو ويو آهي.

رڪوع ٢ آيت ١٦ ـ تا ـ ٢٥

فطرت ۾ ربوبيت، جمال ۽ رزاقيت ڏسي يقين ڪرڻ گهرجي تہ ضرور ڪو راحم رحيم خالق آهي، سندس نعمتن جو قدر ڪري سندس حڪمن ۽ قانونن تي هلڻ گهرجي.

(١٦) ۽ ڏسو اسان ئي آسمان ۾ برج بنائي ڇڏيا آهن (يعني روشن تارا پيدا ڪيا آهن) ۽ اهي ڏسڻ

وارن لاءِ سھڻا ڪيا اٽڪون. (۱۷) ۽ هرهڪ تڙيل لعنتي شيطان کان انهن جي اسان حفاظت ڪري ڇڏي آهي. (۱۸) سواءِ هن جي جو ڪوئي لڪي ڇپي ٻڌي وٺڻ چاهي، تنهن لاءِ وري هڪڙو چمڪندڙ شعلو آهي جو ان جي پٺيان پوي ٿو. (۱۹) ۽ (ڏسو) اسان زمين (جو متاڇرو) پکيڙي ڇڏيو آهي، (يعني اهڙي بنائي آهي جو اوهان جي لاءِ وچايل فرش وانگر آهي) ۽ ان ۾ جبل لڳائي ڇڏيا آهن. پڻ ان ۾ اسان جيتريون شيون (پوکون ميوا وغيره) ڄمايون آهن سي سڀ پوري وزن ٿي ڄمايون آهن. (۲۰) ۽ اوهان جي لاءِ ان ۾ گذارن جو سڀ ساما اسان مهيا ڪري ڇڏيو آهي ۽ (انهن خلقيل جانورن لاءِ به مهيا ڪري ڇڏيو آهي) جن لاءِ توهان روزي مهيا ڪرڻ وارا هرگز ناهيو. (۲۱) ۽ (ڏسو) کاٻ شيءِ اهڙي ڪانهي جنهن جو ذخيرو اسان وٽ نه هجي، پر اسان انهن شين کي هڪ مناسب انداز ۾ موڪليون ٿا. (۲۲) ۽ (ڏسو) اسان ئي هوائون لڳايون ٿا جي (پاڻيءَ جي ڦڙن سان) پريل آهن. پوءِ آسمان مان پاڻي وسايون ٿا ۽ اهو اوهان کي پيئڻ جي ڪم اچي ٿو ۽ اهو پاڻي ڪو اوهان گڏ ڪري ڪونہ رکيو آهي. (اسان ئي سمنڊ ۾ گڏ ڪري رکيو آهي، جتان گرميءَ سبب ٻاڦ ٿي چڙهي ٿو ۽ هوائون ان کي کڻي زمين تي وڃي وسائين ٿيون). (۲۳) ۽ اسان ئي آهيون جو جيئاريون ٿا ۽ ماريون ٿا ۽ اسان جي (ئي) قبضي ۾ سڀني جي ڪمائي اچي ٿي. (۲٤) ۽ بلاشبہ اسان انهن ماڻهن کي به چاڻون ٿا جيڪي توهان کان اڳي اچڻ وارا هئا ۽ انهن کي به چاڻون ٿا جيڪي پوءِ اچڻ وارا آهن. (۲۵) ۽ (اي پيغمبر!) اهو تنهنجو پروردگار ئي آهي جو انهن سڀني کي (قيامت جي ڏينهن پنهنجي اڳيان) گڏ ڪري آڻيندو، هو حڪمت وارو ۽ علم وارو آهي.

رکوع ۳ آيت ۲٦ ـ تا ـ ٤٤

ابليس فقط انهن کي برغلائي سگهي ٿو، جيڪي خدا جي فرمانبرداري نٿا ڪن

(۲٦) ۽ بيشڪ هيءَ حقيقت آهي ته اسان انسان کي خمير اٽيل گاري مان ٺاهيو جو سڪڻ بعد وڄندو آهي. (۲۷) ۽ اسان جِنن کي اڳ ۾ ئي برندڙ هوا جي گرميءَ مان پيدا ڪيو هو. (۲۸) ۽ (اي پيغمبر! ياد رک ته) تنهنجي پروردگار فرشتن کي چيو هو ته، مان خميرا ٿيل گاري مان، جو سڪڻ بعد وڄندو آهي، هڪ بشر پيدا ڪرڻ وارو آهيان (يعني انسانن کي جلد پيدا ڪندس). (۲۹) سو جڏهن (هيئن ٿئي جو) مان ان کي درست ڪري ڇڏيان (يعني جڏهن اهو وجود ٺيڪ بنجي وڃي) ان ۾ مان پنهنجو روح ڦوڪيان تڏهن توهان سڀ هن جي اڳيان سجدو ڪجو. (۳۰) پوءِ سڀ فرشتا هن جي اڳيان سجدي ۾ ڪري پيا. (۳۱) پوءِ ابليس سجدو نہ ڪيو، هن کي اها ڳالهہ ڏکي لڳي ته سجدي ڪندڙن سان شامل هجان. (۳۲) الله تعاليٰ فرمايو ته، اي ابليس! تو کي ڇا ٿيو جو تون سجدي ڪندڙن سان شامل نہ ٿئين؟ (۳۳) هن چيو ته، مون کان اٽين ئي نٿو سگهي ته اهڙي بشر کي سجدو ڪيان جنهن کي تو خمير اٽيل گاري مان ٺاهيو آهي، جو سڪڻ بعد وڄڻ لڳي ٿو. (۳٤) حڪم ٿيو ته، جيڪڏهن اٽين آهي ته هتان نڪري وڃ جو تون تڙيل ٿئين. (۳۵) ۽ جزا ۽ سزا

جي ڏينهن تائين توتي لعنت پئي. (٣٦) هن چيو تہ، اي خدا مون کي انهيءَ ڏينهن تائين مهلت ڏي جنهن ڏينهن انسانن کي (ٻيهر) اٿاريو ويندو. (٣٧ ۽ ٣٨) خدا تعالي! فرمايو تہ، هائو تو کي ان مقرر وقت جي ڏينهن تائين مهلت ڏجي ٿي. (٣٩) هن چيو تہ، اي خدا! جيئن تہ تو منهنجي لاءِ (چوٽکاري ۽ سعادت جي) واٽ بند ڪري ڇڏي آهي، تنهن ڪري هاڻي مان ضرور هيئن ڪندس جو زمين ۾ انهن (ماڻهن) جي لاءِ (ڪوڙيون) زينتون بنائيندس (جن جي پڻيان لڳي هو بچڻا ڪم ڪندا) ۽ (حق جي راهہ کان) کين گمراهہ ڪندس. (٤٠) پر انهن ۾ جيڪي تنهنجا سچا مخلص ٻانها هوندا (مان ڇاڻان ٿو تہ) منهنجي برغلائڻ جي ڇار ۾ نہ ڦاسندا. (٤١) (الله تعاليٰ) فرمايو تہ، بس اهائي سڌي راهہ آهي جا مون وٽ پهچائڻ واري آهي. (٤٢) بيشڪ جيڪي منهنجا (مخلص) ٻانها آهن، تن تي تنهنجو ڪجهہ بہ زور نہ هلندو. فقط انهن تي تنهنجو زور هلندو جيڪي (خدا جي ٻانهپ واري) راهہ کان نڪري گمراهہ ٿي تنهنجي پڻيان لڳندا. (٤٣) ۽ انهن سيني جي لاءِ جهنم جي عذاب جو واعدو آهي (جو ڪڏهن بہ ٽرڻ وارو ناهي.) (٤٤) ان جهنم کي ست دروازا آهن. انهن (دوزخين) جي هرهڪ ٽوليءَ جي حصي ۾ هڪ دروازو ايندو (جنهن مان لنگهي جهنم ۾ داخل ٿيندا.)

رکوع ٤ آيت ٤٥ ـ تا ـ ٦٠

متقي انسان هميشہ باغن جي نعمتن ۾ رهندا. اتي کنهن بہ قسم جو صدمو کين ڇهي بہ نہ سگهندو.

(٤٥) بيشڪ متقي (پرهيزگار) انسان (انهيءَ ڏينهن) باغن ۽ چشمن (جي عيش ۽ راحت) ۾ هوندا. (٤٦) (انهن کي چيو ويندو تہ) سلامتيءَ سان بي کٽکي انهن باغن ۾ داخل ٿي وڃو. (٤٧) انهن جي دلين ۾ جيڪي بہ (هڪ ٻئي سان) رنجشون هيون سي سڀ اسان ڪڍي ڇڏيندا سين، اهي ڀائرن وانگر هڪ ٻئي جي سامهون تختن تي ويٺل هوندا (تختا نہ، تخت). (٤٨) اتي کنهن بہ طرح جو صدمو انهن کي ڇهي بہ نہ سگهندو، نڪي اتان ڪڍهن بہ ڪڍيا ويندا. (٤٩) (اي پيغمبر!) منهنجي ٻانهن کي خبر ڏيئي ڇڏ تہ بيشڪ مان ئي آهيان جو بخشڻ وارو ۽ رحم وارو آهيان. (٥٠) ۽ بيشڪ منهنجو عذاب وڏو دردناڪ عذاب ٿيندو آهي. (٥١) ۽ کين حضرت ابراهيم جي مهمانن واري ڳالهہ بہ ٻڌائي ڇڏ. (٥٢) جڏهن اهي مهمان هن وٽ آيا تڏهن چيائون تہ، توتي سلامتي هجي. حضرت ابراهيم چيو تہ، اسان کي توهان ٻابت اندیشو آهي (تہ توهان الاجي ڪهڙي قسم جا ماڻهو آهيو). (٥٣) هنن چيو تہ، ڊڄو نہ، اسان تہ اوهان کي هڪ علم واري فرزند جي جنم جي خوشخبري ٿا ٻڌايون. (٥٤) حضرت ابراهيم چيو تہ، مون کي هن ڳالهہ جي خوشخبري ٿا ڏيو جڏهن (تہ) مون تي پوڙهائي اچي چڪي آهي. ڪهڙي اميد هاڻي رهي آهي جو هيءَ خوشخبري مون کي ٻڌايوَ. (٥٥) هنن چيو تہ، اسان توکي سچائي سان خوشخبري ٻڌائي

آهي، پوءِ تو کي نا اميد نہ ٿيڻ گھرجي. (٥٦) حضرت ابراهيم چيو تہ، (مان الله جي رحمت کان نا اميد کونہ آهيان ڇو تہ) گمراهن کان سواءِ ڪير آهي، جو پنهنجي پروردگار جي رحمت کان مايوس ٿي سگھي ٿو. (٥٧) وري هن پڇيو تہ، توهان ڇو موڪليا ويا آهيو؟ سو اوهان کي (ٻيو) ڪهڙو ڪم درپيش آهي؟ (٥٨) هنن چيو تہ، اسان هڪ گنهگار قوم جي طرف موڪليا ويا آهيون، (جي تباهہ ٿيڻ وارا آهن). (٥٩) پر هڪ خاندان اتي حضرت لوط جو آهي ان خاندان جي سيني ياتين کي اسان بچائي وٺنداسين. (٦٠) پر سندس زال نہ بچندي. هن جي لاءِ اسان جو اندازو ٿي چڪو آهي تہ هوءَ پٺتي رهندڙن سان شامل ٿيندي.

رکوع ٥ آيت ٦١ ـ تا ـ ٧٩

حضرت لوط جي قوم ۽ مدين جي قبيلي جي تباهي.

(٦١) پوءِ جڏهن اهي موڪليل (فرشتا) حضرت لوط جي خاندان وٽ آيا. (٦٢) تڏهن حضرت لوط کين چيو تہ، توهان تہ ڪي ڏاريا ماڻهو ٿا ڏسجو. (٦٣) هنن چيو تہ، اها ڳالهہ ناهي، بلڪ اسان تو وٽ اها ڳالهہ کڻي آيا آهيون جنهن بابت ماڻهو شڪ آڻيندا هئا (يعني تباهيءَ جي خبر، جنهن تباهيءَ بابت هي ماڻهو مسخريون ڪندا هئا). (٦٤) اسان جو اڇ هڪڙي حق جي ڳالهہ لاءِ آهي ۽ اسان بيشڪ سچي ڳالهہ ٿا ٻڌايون. (٦٥) پوءِ گھرجي تہ جڏهن ڪجهہ رات اجا رهيل هجي تڏهن پنهنجي گھر جي ماڻهن سان گڏ نڪري هليو وڃ، تون هنن جي پٺيان ٿي هلجانءِ ۽ هن ڳالهہ جو خيال رکجانءِ تہ ڪوبہ مڙي پٺئين پاسي نہ نهاري. جاڏي وڃڻ جو حڪم ڏنو ويو آهي، تاڏي (رخ رکي) هلندا وڃن. (٦٦) مطلب تہ اسان لوط کي هيءَ حقيقت چٽي ڪري ٻڌائي تہ (تباهي اڇٽي آهي ۽) شهر جي ماڻهن جي پاڙ، صبح ٿيندي ئي پٽجڻ واري آهي. (٦٧) ۽ (انهيءَ وچ ۾ چا ٿيو جو) شهر جا ماڻهو خوشيون ملهائيندا اتي پهچي ويا. (٦٨) حضرت لوط کين چيو تہ، ڏسو هي (نوان ماڻهو) منهنجا مهمان آهن سو منهنجي بي عزتي نہ ڪيو. (٦٩) خدا کان ڊجو ۽ مون کي شرمسار نہ ڪيو. (٧٠) هنن چيو تہ، اسان تو کي هن ڳالهہ کان جهلي کين ڇڏيو هو تہ ڪنهن بہ قوم جي ماڻهن کي پاڻ وٽ نہ رهاءِ؟ (جيڪڏهن رهائيندين تہ پوءِ جيڪي اسان کي وٽندو سو ڪري گذرنداسين.) (٧١) حضرت لوط فرمايو تہ، جيڪڏهن ائين ئي آهي تہ، ڏسو هي منهنجون نياڻيون بينيون آهن (يعني شهر جون عورتون جن جي طرف هو ڏيان ڪونہ ڏيندا هئا، انهن جي طرف رجوع ٿيو ۽ انهن سان شاديون ڪيو) جيڪڏهن توهان کي ڪجهہ ڪرڻو آهي. (٧٢) (تڏهن فرشتن حضرت لوط کي چيو تہ) تنهنجي زندگيءَ جو قسم! هي ماڻهو تہ پنهنجي بدمستين ۾ انڌا ٿي گمراهہ ٿي ويا آهن (تنهنجون ڳالهيون ڪڏهن بہ کين مجيندا). (٧٣) مطلب تہ سج نڪرندي ئي هڪ خوفناڪ آواز اچي مٿن ڪڙڪيو. (٧٤) پوءِ اسان ان بستيءَ کي زيروزبر ڪري تباهہ ڪري ڇڏيو ۽ انهن ماڻهن تي پڪل مٽيءَ جي پٿرن جي برسات وسائي. (٧٥)

بيشڪ هن واقعي ۾ انهن ماڻهن لاءِ وڏيون نشانيون آهن، جيڪي (حقيقت جي) ڄاڻ سڃاڻ رکڻ وارا آهن. (٧٦) ۽ (لوط جي قوم جي) هيءَ بستي (ڪنهن نامعلوم ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ڪانه هئي، اها تہ) اهڙي شاهي رستي تي آهي جنهن تي آمد ورفت جو سلسلو (هاڻي ب) قائم آهي (۽ اوهان پنهنجي اکين سان اهي پٽر ۽ ڪندر ڏسي سگهو ٿا.) (٧٧) بيشڪ هن (واقعي) ۾ ايمان وارن لاءِ هڪ وڏي نشاني آهي. (٧٨) ۽ (ساڳيءَ طرح) گهاٽي جهنگل جا رهاڪو (يعني مدين جي قبيلي جا ماڻهو) وڏا ظالم هئا. (٧٩) انهن کي ب اسان (ظلم ۽ سرڪشيءِ جي) سزا ڏني ۽ اهي ٻئي بستيون (يعني لوط جي قوم جي ۽ مدين جي قبيلي جي) شاهي رستي تي سيني کي ڏسڻ ۾ اچن ٿيون.

رڪوع ٦ آيت ٨٠ ـ تا ـ ٩٩

مسلمانو! مخالفن جي مخالفتن کان سهڻي نموني درگذر ڪيو

(٨٠) ۽ ڏسو حجر جي ماڻهن ب رسولن جي ڳالهہ نہ مڃي. (٨١) اسان کين پنهنجيون نشانيون ڏيکاريون، پر هو انهن کان منهن موڙيندا رهيا. (٨٢) هو جبلن کي تراشي گهر ٺاهيندا هئا، انهيءَ لاءِ تہ محفوظ (سلامت) رهن. (٨٣) (پر اهي حفاظتون کين ڪم نہ آيون) هڪ ڏينهن صبح جو اٽيا تہ هڪ خوفناڪ آواز اچي سندن پڪڙ ڪئي. (٨٤) ۽ جيڪي جيڪي هنن (پنهنجي ڪوشش ۽ عملن سان) ڪمايو هو سو هنن جي ڪجهہ ب ڪم نہ آيو. (٨٥) ۽ اسان آسمان ۽ زمين کي ۽ جيڪي ب انهن جي وچ ۾ آهي تنهن کي ڪنهن مصلحت سان بنايو آهي (نہ ڪي اجايو بي مقصد) ۽ يقيناً مقرر وقت اچڻ وارو آهي. پوءِ (اي پيغمبر! مخالفن جي مخالفتن کي) درگذر ڪر ۽ سهڻي نموني ۾ درگذر ڪر. (٨٦) بيشڪ تنهنجو پروردگار ئي آهي جو (سڀني جو) پيدا ڪندڙ ۽ (سڀني جي حالت) ڄاڻندڙ آهي. (٨٧) ۽ بيشڪ اسان تو کي وري وري پڙهڻ وارين آيتن مان ستن آيتن واري سورت عطا فرمائي آهي. (يعني سورت فاتحہ) ۽ قرآن عظيم عطا فرمايو آهي. (٨٨) ۽ هي جو اسان انهن (ڪافرن) منجهان گهٽن ئي قسمن جي ماڻهن کي (زندگيءَ جي فائدن مان) حصيدار ڪيو آهي، تن ڏي تون (ريس جي نظر سان) نہ نهار. نڪي سندن (انڪار ۽ شراتن جي) حالت تي غم ۽ افسوس ڪر. تون مؤمنن جي لاءِ پنهنجون ٻانهون ڍڳهيون ڪر (يعني ساڻن محبت رک ۽ انهن جي طرف متوجهہ ٿيءُ). (٨٩) ۽ اعلان ڪر تہ مان (انڪار ۽ بدعملن جي نتيجن کان) خبردار ڪندڙ آهيان، ڪليو ڪلايو چٽائيءَ سان خبردار ڪندڙ آهيان. (٩٠) (اي پيغمبر!) اسان اهڙي ئي طرح هيءُ ڪلام تو تي نازل ڪيو آهي) جهڙيءَ طرح انهن ماڻهن تي نازل ڪيو هوسين، جن (حق جي دين جا) ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڇڏيا آهن. (٩١) ۽ پنهنجي قرآن کي پاڳا پاڳا ڪري ڇڏيو آهي. (٩٢ ۽ ٩٣) ۽ ڏسو توهان جو پروردگار شاهد آهي، تہ هنن سيني کان ضرور سندن ڪمن جو پڇاڙو ٺيندو. (٩٤) پوءِ جيڪو حڪم تو کي ڏنو ويو آهي سو ماڻهن لاءِ ظاهر ڪر ۽ کين ڪليو ڪلايو ٻڌاءِ ۽ مشرڪن جي پرواهہ نہ ڪر. (٩٥) هنن ٺٽوليون ڪندڙن جي خلاف اسان تنهنجي لاءِ ڪافي

(مددگار) آهيون. (٩٦) (اهي ٺنوليون ڪندڙ جيڪي) الله سان گڏ ٻين هستين کي ب معبود بنائين ٿا سي جلد ئي معلوم ڪندا (ت سچي حقيقت ڇا هئي). (٩٧) ۽ بيشڪ اسان کي چگيءَ طرح معلوم آهي ت هنن ماڻهن جي ڳالهين مان تنهنجي دل کي صدمو پهچي ٿو. (٩٨) سو تون (ڪائڻ بي پرواهه رهي) پنهنجي پروردگار جي حمد ۽ ثنا ڪر ۽ سندس حضور ۾ سجدو ڪندو رهه. (٩٩) سندس بانهپ (۽ حڪمن جي فرمانبرداريءَ) ۾ لڳو رهه، جيستائين يقين تنهنجي اڳيان اچي وڃي.

سورة نحل ـ (ماکيءَ جي مک)

بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي.

رڪوع ١ آيت ١ ـ تا ـ ٩

جيڪو خالق توهان جي جسماني ضرورتن لاءِ سڀ ڪجهه مهيا ڪري ٿو سو توهان جي رهنمائي لاءِ وحي موڪلي ت اها سندس رحمت جي تقاضا آهي.

(١) الله جو حڪم ڇاٽو ت پهچي ويو. پوءِ ان جي لاءِ تڪڙ نه مچايو. (۽ انتظار ڪريو) الله جي ذات انهن ڳالهين کان پاڪ ۽ بلند آهي جيڪي شرڪ جون ڳالهيون، اهي ماڻهو ڪري رهيا آهن. (٢) هو (الله تعاليٰ) پنهنجي بندن مان جنهن کي چاهي ٿو تنهن ڏانهن پنهنجي حڪم سان فرشتن کي الروح (يعني وحي) سان موڪلي ٿو. انهيءَ لاءِ ت ماڻهن کي هن حقيقت بابت خبردار ڪري ت مون الله کان سواءِ ڪوب معبود ڪونهي تنهن ڪري مون کان ڊڄو (۽ انڪار ۽ بدعمليءَ کان باز اچو.) (٣) هن آسمان ۽ زمين جو هيءُ سڄو ڪارخانو تدبير ۽ مصلحت سان بنايو آهي (نه اجايو بي سود ۽ بي مقصد) سندس ذات هن ڳالهه کان (پاڪ ۽) بلند آهي جا شرڪ جي ڳالهه هي ماڻهو ڪري رهيا آهن. (٤) هن انسان کي نطفي (جي هڪ ٽڙي) مان پيدا ڪيو، پوءِ ڏسو هو هڪ بحث ڪرڻ وارو ۽ ايرندڙ وجود ٿي پيو. (٥) ۽ (ڏسو) هن چوپايا جانور (ڏور ڏڳا) پيدا ڪيا آهن، انهن مان (يعني انهن جي ڪل ۽ پشم مان) اوهان جي لاءِ گرم رکڻ واري پوشاڪ ٺهي ٿي ۽ پڻ اوهان کي انهن جانورن مان گهڻائي ٻيا فائدا ملن ٿا ۽ انهن ۾ اهڙا جانور ب آهن جن جو گوشت توهان کائو ٿا. (٦) ۽ (ڏسو ت) انهن ۾ توهان جي اکين لاءِ ڪهڙي نه سونهن ۽ سهڻائي رکيل آهي، جڏهن توهان شام جي وقت انهن کي (چارڻ بعد) موڪائي گهر آڻيو ٿا ۽ جڏهن صبح جو (چراگاهه ڏانهن) وڃي ٿا (تڏهن انهن جو نظارو توهان کي ڪهڙو نه سهڻو ۽ وڻندڙ لڳي ٿو). (٧) ۽ (وري ڏسو ت) اهي ئي جانور آهن جي توهان جا (واپار ۽ سامان جا) بار اهڙن (پري وارن) شهرن تائين کڻي وڃن ٿا جن تائين توهان وڏي سخت تڪليف کان سواءِ پهچي نٿا سگهو. بيشڪ توهان جو پروردگار وڏو مهربان ۽ رحم وارو آهي. (٨) ۽ (ڏسو) هن گهوڙا، خچر ۽ گڏهه پيدا ڪيا آهن ت توهان انهن کان

سواريءَ جو ڪم وڻو ۽ انهن ۾ سونهن ۽ رونق به آهي ۽ هو پيون به گهڻيون ٿي شيون پيدا ڪري ٿو جن جي توهان کي خبر ئي ڪانهي. (۹) ۽ هي الله جو ڪم آهي ته حق جي واٽ چٽي ڪري ڏيکاري. ۽ واٽن ۾ ڏنگيون ڏڏيون واٽون به آهن. جيڪڏهن هو چاهي ها ته توهان سيني کي (هڪ ئي) واٽ تي هلائي ها (۽ مختلف واٽون هتي پيدا ئي نه ٿين ها. پر توهان ڏسو ٿا ته مختلف واٽون ٿيون ۽ سندس حڪمت جو فيصلو اهوئي ٿيو)

رڪوع ۲ آيت ۱۰ ـ تا ـ ۲۱

الله تعاليٰ جون ڏنل نعمتون ڳڻڻ کان ٻاهر آهن، بيشڪ خدا وڏو بخشيندڙ ۽ رحمت وارو آهي.

(۱۰) اهوئي (الله) آهي جو آسمان مان پاڻي ٿو وسائي ان مان ڪجهه ته توهان جي پيئڻ جي ڪم ٿو اچي ۽ ڪجهه (زمين کي ريج ڏئي ٿو. جنهن جي ڪري) وڻن جا ٻيلا پيدا ٿي وڃن ٿا ۽ توهان انهن ۾ پنهنجا ڏور ڏڳا چاريو ٿا. (۱۱) انهيءَ ئي پاڻي سان هو توهان جي لاءِ (هر قسم جي اناجن جون) پوکون به پيدا ڪري ٿو ڇڏي، پڻ زيتون، کارڪون، انگور ۽ ٻيا هر طرح جا ميوا پيدا ڪري ٿو. (يقيناً هن ڳالهه ۾ انهن ماڻهن جي لاءِ هڪ وڏي نشاني آهي، جيڪي غور ۽ فڪر ڪندڙ آهن. (۱۲) ۽ (ڏسو) هن توهان جي لاءِ رات ۽ ڏينهن سج ۽ چنڊ مسخر ڪري ڇڏيا (جو توهان جا ڪم سر انجام ڏيڻ لاءِ ڪم ڪري رهيا آهن) ۽ اهڙيءَ طرح تارا به سندس حڪم سان توهان جي لاءِ مسخر ٿي ويا آهن، يقيناً هن ڳالهه ۾ انهن ماڻهن لاءِ وڏيون نشانيون آهن جيڪي عقل کان ڪم ٿا وٺن. (۱۳) ۽ زمين جي مٿاڇري تي طرحين طرحين رنگن واريون شيون جي توهان جي لاءِ پيدا ڪري ڇڏيون اٿس (تن تي به غور ڪيو) بيشڪ هن ۾ انهن ماڻهن جي لاءِ هڪ نشاني آهي، جيڪي سوچ سمجهه وارا آهن. (۱۴) ۽ (ڏسو) اهوئي آهي جنهن سمنڊ کي اوهان جي لاءِ مسخر ڪري ڇڏيو ته ان مان تازو (۽ نرم ۽ لذيذ) گوشت (مثلاً مڇيءَ جو گوشت) حاصل ڪري کائو ۽ زيورن جون (قيمتي ۽ سهڻيون موتين جهڙيون) شيون ٻاهر ڪيو جن کي سينگار ۽ سونهن لاءِ پائيندا آهيو. پڻ توهان ڏسو ٿا ته جهاز پاڻيءَ کي چيريندا هليا وڃن ٿا، انهيءَ لاءِ ته توهان خدا جو فضل تلاش ڪيو (يعني جهازن جي وسيلي واپار ڪيو دولت ڪمايو ۽ هڪ ملڪ جون نعمتون ٻين ملڪن ۾ پهچايو) ۽ (سندس نعمتن جو قدر ڪري) شڪر گذار رهو. (۱۵) ۽ (ڏسو) انهيءَ ئي زمين تي جبل کڙا ڪيا آهن ان لاءِ ته متان اها زمين اوهان کي ڪٽي (ڪنهن طرف) جهڪي پوي ۽ هن نهرون وهائي ڇڏيون آهن ۽ رستا ڪيڀا آهن، انهيءَ لاءِ ته توهان (برن ۽ بحرن جون واٽون لتاڙي) پنهنجي منزل تي پهچي وڃو. (۱۶) ۽ (ڏسو) هن (مسافرن جي واٽن لاءِ طرحين طرحين) علامتون پيدا ڪري ڇڏيون آهن ۽ تارن جي وسيلي ماڻهو (برن ۽ بحرن ۾) واٽ لهن ٿا. (يعني تارن جي وسيلي نه رڳو روشني ٿئي ٿي پر طرفن جي به خبر پوي ٿي.) (۱۷) پوءِ (ٻڌايو ته) ٻئي هستيون

برابر آهن ڇا؟ اها هستي جا پيدا ڪري ٿي (يعني جنهن جي ربوبيت جي فيضان هيءُ سڄو ڪارخانو بنائي ڇڏيو آهي) ۽ اها هستي جا ڪجھ بہ پيدا نٿي ڪري (بلڪ پاڻ پنهنجي هستيءَ جي لاءِ بہ پروردگار جي ربوبيت جي محتاج آهي) پوءِ ڇا توهان ايتريو بہ سمجهي نٿا سگهو؟ (۱۸) ۽ جيڪڏهن توهان الله جون نعمتون ڳڻڻ چاهيو تہ (اهي ايتريون تہ بي شمار آهن جو) توهان هرگز ڳڻي ڪونہ سگهندؤ. بيشڪ الله تعاليٰ وڏو بخشيندڙ ۽ رحمت وارو آهي. (۱۹) ۽ الله تعاليٰ سڀ ڪجھ ڄاڻي ٿو جيڪي توهان لڪايو ٿا ۽ جيڪي ظاهر ڪيو ٿا (سو ڪائنس لڪل ڪونهي.) (۲۰) ۽ الله کان سواءِ جن هستين کي هي ماڻهو پڪارين ٿا سي ڪابہ شيءِ پيدا تہ ڪري نٿا سگهن پر پاڻ خود (ڪنهن جا) پيدا ڪيل آهن. (۲۱) هو مئل مردا آهن نہ جيئرا. ڪين اها بہ خبر ناهي تہ ڪڏهن (موت بعد) اٿاريا ويندا.

رڪوع ۳ آيت ۲۱ ـ تا ـ ۲۵

جيڪي آخرت ۾ ايمان نٿا رکن سي حقيقت کان انڪار ڪندڙ ۽ تڪبر ڪندڙ آهن

(۲۲) توهان جو معبود تہ هڪ ئي معبود آهي. (ان کان سواءِ ٻيو ڪوبہ معبود ڪونهي) پوءِ جيڪي ماڻهو آخرت جي زندگيءَ تي يقين نٿا رکن تن جون دليون انڪار ڪندڙ آهن. هو (سچائيءَ جي مقابلي ۾) هٺ وڏائي ڪري رهيا آهن. (۲۳) يقيناً (الله تعاليٰ هنن جي حال کان بي خبر ناهي) اهي ماڻهو جيڪي جيڪي (دل ۾) لڪائين ٿا ۽ جيڪي جيڪي ظاهر ڪري ڇڏين ٿا سو سڀ الله تعاليٰ ڇڏيءَ طرح ڄاڻي ٿو. هو هٺ وڏائي ڪندڙن کي پسند نٿو ڪري. (۲۴) ۽ جڏهن انهن ماڻهن کان پڇيو وڃي ٿو تہ اها ڪهڙي ڳالهہ آهي جا توهان جي پروردگار نازل ڪئي آهي؟ تڏهن هو چون ٿا تہ اها ڪجھ ناهي، فقط اڳين وقتن جا افسانا ۽ ڪهاڻيون آهن. (۲۵) (هنن جي انهيءَ چوڻ جو نتيجو هيءُ ٿيندو تہ) هو قيامت جي ڏينهن (پنهنجي گناهن جو) پورو پورو بار ڪٽندا ۽ انهن ماڻهن جي بار جو بہ هڪ حصو ڪٽندا جن کي علم ۽ روشنيءَ کان سواءِ (اهڙيون ڳالهيون ٻڌائي ٻڌائي) گمراهہ ڪري رهيا هئا. سو ڏسو تہ ڪهڙو نہ خراب بار آهي، جو هو پاڻ تي لڏي هليا آهن.

رڪوع ٤ آيت ۲٦ ـ تا ـ ۳٤

حقيقت کان انڪار ڪندڙ، گناهن جا ڪم ڪندڙ ۽ تڪبر ڪندڙ خوار خراب ڪرڻ واري عذاب ۾ گرفتار ٿيندا.

(۲٦) ياد رکو تہ هنن کان اڳي جيڪي ماڻهو ٿي گذريا آهن تن بہ (حق جي خلاف) تدبيرون ڪيون هيون، پر (نتيجو ڪهڙو نڪتو؟) هنن پنهنجي تدبيرن جي جيڪا عمارت بنائي هئي تنهن جي بنياد جون سرون بہ الله تعاليٰ اکوڙي ڇڏيون. پوءِ انهن جي مٿان (سندن ئي بنايل) ڇت اچي ڪري ۽ اهڙي طرف کان ۽ اهڙيءَ طرح مٿن عذاب اچي ڪڙڪيو، جنهن جو کين وهم ۽

گمان ۾ ڪونہ هو. (۲۷) پوءِ (ان بعد) قيامت جو ڏينهن (اچڻو آهي. ان ڏينهن هو) انهن (ڪافرن) کي خوار خراب ڪندو ۽ پڇندو تہ اڄ اهي هستيون ڪاڏي ويون جن کي توهان مون سان شريڪ بنايو هو ۽ جن جي باري ۾ توهان (حق جي دعوت ڏيندڙن سان) جهڳڙا ڪندا هئو (۽ مخالفت ڪندا هئو؟ ان وقت) اهي ماڻهو جن کي (حقيقت جو) علم ڏنو ويو هو چوندا تہ، بيشڪ اڇوڪي ڏينهن جي خواري خرابي سراسر ڪافرن جي لاءِ آهي. (۲۸) (انهن ڪافرن جي لاءِ خواري خرابي آهي جو) جڏهن فرشتن انهن جا روح قبض ڪيا هئا، تڏهن ۾ پنهنجي جانين تي پاڻ پنهنجي هٿن سان ظلم ڪندا رهيا هئا. (يعني موت تائين گناهہ ڪندا رهيا) انهيءَ وقت اهي (ڪافر) فرمانبرداري جو اظهار ڪندا. چوندا تہ اسان (پنهنجي علم ۽ عقل موجب) ڪابہ برائي ڪانہ ڪئي. (علم وارا جواب ڏيندا تہ توهان غلط آهيو) توهان ضرور برائي ڪئي ۽ جيڪي جيڪي توهان ڪندا رهيا هئو سو الله تعاليٰ خوب ڄاڻي ٿو. (۲۹) تنهن ڪري هاڻي توهان جي لاءِ جهنم آهي، جنهن ۾ دروازي ڪان (ٽوليون ٽوليون ٿي) داخل ٿي وڃو. توهان کي هميشہ لاءِ ان ۾ رهڻو آهي. سو (ڏسو حق جي مقابلي ۾) تڪبر ڪرڻ وارن جي ڪهڙي نہ خراب رهڻ جي جاءِ ٿي! (۳۰) ۽ (جڏهن) متقي ماڻهن کان پڇيو ويندو تہ، اها ڪهڙي ڳالهہ آهي جا توهان جي پروردگار نازل ڪئي آهي؟ تڏهن هنن چيو تہ، بلڪل خير ۽ برڪت جي ڳالهہ آهي. (سو ڏسو تہ) جن ماڻهن هن دنيا ۾ چڱايون ڪيون تن جي لاءِ (هتي ب) چڱائي آهي ۽ يقيناً (هنن لاءِ) آخرت جو گهر ب خير ۽ برڪت ئي جو گهر آهي. پوءِ متقي ماڻهن جو (جنت ۾) گهر ڪهڙو نہ چگو گهر ٿيو! (۳۱) (اهو آخرت جو گهر آهي) دائمي (رحمت ۽ خوشي جا باغ) جن ۾ اهي (متقي) داخل ٿيندا. انهن باغن جي هيٺان نهرون وهي رهيون آهن (تنهن ڪري ڪڏهن ب سڪي ڪونہ ويندیون) اهي متقي اتي جيڪي ب چاهيندا سو انهن جي لاءِ مهيا ٿي ويندو. اهڙيءَ طرح الله تعاليٰ متقين کي (سندن نيڪ عملن جو) بدلو ڏيندو آهي. (۳۲) اهي (متقي) جن کي فرشتا هن حال ۾ موت ڏين ٿا جو (هو دل جي آرام ۽ ايمان جي يقين سبان) خوشحال ٿين ٿا. فرشتا کين چون ٿا تہ توهان تي سلامتي هجي، جنت ۾ داخل ٿي وڃو. اهو نتيجو آهي انهن (نيڪ) ڪمن جو جي توهان ڪندا رهيا آهيو. (۳۳) (اي پيغمبر!) هي ماڻهو جو انتظار ڪري رهيا آهن، سو ڪهڙيءَ ڳالهہ لاءِ انتظار ڪري رهيا آهن، سواءِ هن ڳالهہ جي تہ فرشتا هنن ڏانهن لهي اچن يا تنهنجي پروردگار جو (مقرر) حڪم ظهور ۾ اچي؟ اڻين ئي انهن ماڻهن ب ڪيو هو، جيڪي ڪائنڪ اڳي ٿي گذريا آهن (جو سرڪشي ۽ فساد کان باز نہ آيا، تان جو خدائي حڪم يعني شڪست ۽ عذاب مٿن اچي ڪڙڪيو) ۽ الله تعاليٰ مٿن ظلم ڪونہ ڪيو هو، بلڪ هو پاڻ ئي پاڻ تي ظلم ڪندا رهيا. (۳٤) نتيجو هي نڪتو جو جهڙا هنن جا عمل هئا تهڙيون مصيبتون مٿن اچي ڪڙڪيون ۽ جنهن ڳالهہ تي مسخريون ڪندا هئا (۽ چوندا هئا تہ عذاب ايندو ئي ڪونہ) سو عذاب انهن کي گهيرو ڪري ويو.

رکوع ۵ آيت ۳۵ ـ تا ـ ۴۰

مشرڪ چون ٿا تہ چو نہ ٿو الله تعاليٰ اسان کي شرڪ ۽ بدعملن کان روڪي "ان جو جواب"

(۳۵) ۽ مشرڪ چون ٿا تہ، جڪڏهن الله تعاليٰ چاهي ها تہ، ڪڏهن بہ ائين نہ ٿئي ها جو اسان يا اسان جا ابا ڏاڏا الله کان سواءِ ٻين هستين جي پوڄا ڪن ها، نڪي ائين ٿئي ها جو سندس حڪم کان سواءِ ڪنهن شيءِ کي حرام ٺهرايون ها. اهڙي ئي روش انهن ماڻهن بہ اختيار ڪئي هئي جيڪي ڪائنات اڳي ٿي گذريا آهن. پوءِ (پڌايو تہ) پيغمبرن جي ذمي هن کان سواءِ ٻيو ڇا آهي تہ حق جو پيغام صاف صاف پهچائي ڏين. (۳۶) ۽ هيءَ حقيقت آهي تہ اسان (دنيا جي) هر امت ۾ ڪوئي نہ ڪوئي رسول ضرور پيدا ڪيو (انهيءَ لاءِ تہ انهيءَ حق جي پيغام جو اعلان ڪري) تہ الله جي ٻانهپ ڪيو ۽ سرڪش (شيطاني) قوتن کان بچو. پوءِ انهن امتن مان ڪي اهڙيون هيون جن لاءِ الله تعاليٰ (ڪاميابيءَ جي) راهہ ڪولي ڇڏي ۽ ڪي اهڙيون هيون جن تي گمراهي ثابت ٿي ويئي. (يعني جن سمجهہ ڪم آندي ۽ حقيقت کي قبول ڪيائون تن کي خدا بہ چگيءَ وات تي آندو، پر جن تڪبر ۽ خود غرضي سببان عقل ئي ڪم نہ آندو ۽ پنهنجي ضد تي قائم رهيا تن کي خدا بہ گمراهہ ڪري ڇڏيو ۽ اهي گمراهيءَ جي لائق هئا) پوءِ توهان ملڪن جو سير ڪيو ۽ ڏسو تہ جيڪي قومون (سچائي کي) رد ڪرڻ واريون هيون تن جي پڇاڙي (آخرت) ڪهڙي نہ خراب ٿي. (۳۷) (اي پيغمبر!) تون هنن ماڻهن جي هدايت لاءِ ڪيترو بہ خواهشمند ٿيئن. پر (هو هدايت ڪونہ وٺندا، چو تہ) الله تعالي انهيءَ ماڻهو لاءِ (ڪاميابيءَ جي) راهہ ڪڏهن بہ نٿو ڪولي جنهن لاءِ (سندس ضد ۽ سرڪشيءِ سببان) راهہ گم ڪري ٿو ڇڏي. ۽ اهڙن ماڻهن لاءِ ڪوئي مددگار بہ ڪونهي (جو ڪين بدعملن جي نتيجن کان بچائي وڃي.) (۳۸) ۽ (ڏسو) انهن ماڻهن الله جا سخت ۾ سخت قسم کٽي چيو تہ، جيڪو مري ٿو وڃي تنهن کي الله ٻيهر ڪڏهن بہ نہ اٿاريندو. (هو غلط آهن) خدا ضرور ٻيهر اٿاريندو. اهو سندس واعدو آهي. ۽ ان جو پورو ڪرڻ مٿس لازم آهي. پر اڪثر ماڻهو اهڙا آهن جو هن ڳالهہ جو علم (ئي) ڪونہ اٿن. (۳۹) (الله تعاليٰ ضرور ماڻهن کي قيامت لاءِ اٿاريندو) هن لاءِ تہ جن ڳالهين ۾ ماڻهو اختلاف ڪن ٿا تن ڳالهين جي حقيقت (ان ڏينهن ڪافرن لاءِ بہ) چٽي ڪري ڇڏي ۽ پڌ هن لاءِ تہ منڪرن کي خبر پوي تہ هو (سچ پچ غلط ۽) ڪوڙا هئا. (۴۰) جڏهن اسان ارادو ڪيون ٿا تہ ڪا شيءِ پيدا ڪيون تڏهن اسان فقط هي چئون ٿا تہ، ٿيءُ تہ بس اها شيءِ (پيدا) ٿي پوي ٿي.

رکوع ۶ آيت ۴۱ ـ تا ـ ۵۰

هجرت ـ رسولن ۽ وحي جي حقيقت

(۴۱) ۽ (ياد رکو) جن ماڻهن تي (سندن ايمان آڻڻ جي ڪري) ظلم ٿيا ۽ ظلمن سهڻ بعد هنن الله جي راهہ ۾ هجرت ڪئي تن کي اسان ضرور دنيا ۾ چگي رهڻ جي جاءِ ڏينداسين ۽ آخرت جو بدلو

تہ ان کان گھٹو گھٹو وڌيڪ ۽ بهتر آهي، جيڪڏهن هي ماڻهو ڄاڻن (۽ سمجهن). (٤٢) اهي ماڻهو جيڪي (هر قسم جي مصيبتن ۾) ثابت قدم رهيا ۽ جن پنهنجي پروردگار تي پروسو رکن ٿا. (٤٣) ۽ (اي پيغمبر!) تو کان اڳي اسان جيڪي به رسول موڪليا سي ماڻهو هئا (نہ فرشتا) اسان هنن ڏي وحي موڪليندا هئاسين، پوءِ (اي حق جا منکرؤ!) جيڪڏ هن اوهان کي هيءَ ڳالهہ معلوم ناهي تہ انهن ماڻهن کان پڇو جيڪي (خدائي ڪتابن جو) علم ۽ سمجهہ رکن ٿا (يعني اهل ڪتاب عيسائين ۽ يهودين کان پڇي ڏسو تہ، سندن پيغمبر انسان هئا يا فرشتا؟) (٤٤) اسان انهن رسولن کي روشن دليلن ۽ ڪتابن سان موڪليو هو (يعني انهن تي وحي رستي ڪتاب نازل ڪيا هئاسين) ۽ (ساڳيءَ طرح) تو تي به الذکر (يعني قرآن) نازل ڪيو اٿئون، انهيءَ لاءِ تہ جيڪا تعليم ماڻهن جي لاءِ موڪلي ويئي آهي، سا انهن کي چٽي ڪري سمجهائين، پڻ هن لاءِ تہ هو غور ۽ فڪر ڪن (۽ هدايت جي راهہ حاصل ڪن). (٤٥) پوءِ جن ماڻهن برن مقصدن حاصل ڪرڻ لاءِ بريون تدبيرون (اختيار) ڪيون آهن سي هن ڳالهہ کان پاڻ کي سلامت ٿا سمجهن، ڇا تہ الله تعاليٰ کين زمين ۾ پوري ڇڏي يا کنهن اهڙي نموني اوچتو مٿن عذاب اچي ڪڙڪي جنهن جو کين وهم ۽ گمان به ڪونہ هجي. (٤٦) يا (هيئن ٿئي جو جنهن وقت هو پنهنجي برين ڪوششن ۾) ڊک ڊوڙ ڪري رهيا هجن تنهن وقت خدائي عذاب اچي مٿن ڪڙڪي؟ جنهن ڪري هو الله (جي تدبيرن) کي (پنهنجي تدبيرن سان) روڪي ڪونہ سگهندا. (٤٧) يا (هيئن ٿئي جو الله تعاليٰ) هنن کي (پهريائين) خوف ڏئي (۽ خبردار ڪري) پوءِ کين پڪڙ ڪري، ڇو تہ بيشڪ تنهنجو پروردگار وڏو مهربان ۽ وڏو رحم ڪندڙ آهي. (٤٨) ڇا هنن ماڻهن الله تعاليٰ جي مخلوقات مان ڪنهن به شيءِ تي غور نہ ڪيو آهي؟ (هنن ڪونہ ڏٺو آهي ڇا تہ) هر هڪ شيءِ جو پاڇو ساڄي طرف کان ۽ کاٻي طرف کان لڙندو رهي ٿو ۽ الله جي اڳيان سجدو ڪندو لڙندو وڃي ٿو ۽ (ڪونہ ڏٺو اٿن ڇا تہ) سڀ (شيون ۽ جانور) الله جي اڳيان عاجز ۽ نماڻا آهن. (٤٩) ۽ آسمانن ۾ جيڪي به شيون آهن ۽ زمين تي جيڪي به جانور آهن سي سڀ الله جي اڳيان سجدي ۾ ڪريل آهن ۽ فرشتا به سجدي ۾ ڪريل آهن. اهي تڪبر ۽ سرڪشي ڪونہ ٿا ڪن. (٥٠) هو پنهنجي پروردگار کان ڊڄندا رهن ٿا جو هنن جي مٿان موجود آهي ۽ جيڪو به حڪم کين ڏنو وڃي ٿو تنهن جي تعميل ڪن ٿا.

رکوع ۷ آيت ۵۱ ـ تا ـ ٦٠

شرڪ ۽ غلط خيال ۽ انهن جا برا نتيجا

(٥١) ۽ الله تعاليٰ فرمايو آهي تہ، پنهنجي لاءِ ٻہ ٻہ معبود نہ ٺهرايو ۽ بنايو. حقيقت فقط هيءَ آهي تہ اهو (الله) ئي هڪ معبود آهي. (سو ڏسو تہ) فقط مان ئي (معبود) آهيان، تنهن ڪري فقط مون کان ڊڄو (۽ منهنجا حڪم مڃو). (٥٢) جيڪي جيڪي آسمان ۽ زمين ۾ آهي سو انهيءَ الله جي

لاءِ ڏي آهي ۽ انهيءَ ڏي لاءِ دين (۽ فرمانبرداري) آهي هميشہ جي لاءِ، پوءِ ڇا توهان الله کان سواءِ ٻين هستين کان ڊڄو ٿا؟ (۵۳) ۽ نعمتن مان جيڪي ب نعمتون توهان کي حاصل ٿيل آهن، سي سڀ الله ڏي جي طرف کان آهن. پوءِ جڏهن توهان کي کو ايذاءُ يا مصيبت پهچي ٿي تڏهن توهان انهيءَ ڏي جي اڳيان آهہ زاري ڪيو ٿا. (۵۴) پوءِ جڏهن (هيئن ٿئي ٿو جو هو) اوهان کان اهو ڏک دور ڪري ٿو ڇڏي، (۽ مصيبت لاهي ٿو ڇڏي) تڏهن توهان مان هڪ ٽولي هڪدم پنهنجي پروردگار سان ٻين هستين کي شريڪ بنائڻ لڳي ٿي. (۵۵) تہ جيڪا نعمت اسان کيس عطا ڪئي هئي تنهن جي (پوريءَ طرح) بي شڪري ڪري. چگو! (حياتيءَ جا ٿورا ڏينهن) مزا ماڻي وٺو. پوءِ هڪڙو وقت ايندو جڏهن (پنهنجي بي شڪرين جو نتيجو) معلوم ڪري ونڊندو. (۵۶) ۽ وري (ڏسو) اسان جيڪو رزق هنن کي عطا ڪيو آهي، تنهن مان انهن هستين جو حصو ب ٺهرائين ٿا جن جي حقيقت جي کين خبر ب ڪانهي. خدا جو قسم! توهان کان ضرور هن باري ۾ پڇاڻو ڪيو ويندو تہ (حقيقت جي خلاف) ڪهڙا ڪهڙا ڪوڙا ناهہ ٺاهيندا رهيا آهيو. (۵۷) ۽ اهي ماڻهو الله جي لاءِ ڏيئرون ٺهرائين ٿا. پاڪائي هجي الله جي لاءِ! (پلا الله جي لاءِ ڏيئر!) ۽ سندن لاءِ وري اهي جن جي لاءِ خواهشمند آهن (يعني پٽ). (۵۸) جڏهن انهن ماڻهن مان ڪنهن کي ڏيءُ جي ڄمڻ جي خبر ڏني وڃي ٿي تڏهن (رنج ۽ غم کان) ان جو منهن ڪارو ٿي ٿو وڃي، ۽ ڏک ۾ پرجي ٿو وڃي. (۵۹) جنهن ڳالهہ جي خبر (ڪيس) ڏني ويئي آهي سا (هن جي نظر ۾) اهڙي تہ بچڙائي جي ڳالهہ آهي جو (شرم ۾ ٻڏي) ماڻهن کان لڪندو رهي ٿو (۽ سوچيندو رهي ٿو تہ) سر تي خواري کڻي ڏيءُ کي ائين ڇڏي پاڻ وٽ رکان يا مٽي ۾ پوري ڇڏيانس (تہ مري وڃي). افسوس انهن ماڻهن تي! ڪهڙو نہ برو فيصلو آهي جو هو ڪن ٿا. (۶۰) (حقيقت هيءَ آهي تہ) جيڪي ماڻهو آخرت تي يقين نٿا رکن تن جي لاءِ (ائين ڏي ٽيٽو آهي تہ) هو (الله جي صفتن جو) برو تصور ڪن (يعني الله تعاليٰ کي برين صفتن وارو ٺهرائين) حالانڪہ الله جي لاءِ تہ (هر طرح) بلند ترين تصور آهي (تہ هو اعليٰ ۽ ڪامل صفتن سان موصوف آهي) هو سينٽي تي غالب ۽ وڏي حڪمت وارو آهي.

رڪوع ۸ آيت ۶۱ ـ تا ـ ۶۵

الله تعاليٰ جيڪڏهن زيادتي ڪندڙن کي هڪدم تباهہ ڪري تہ دنيا ۾ ڪو انسان ئي نہ رهي.

(۶۱) ۽ جيڪڏهن الله تعاليٰ ماڻهن کي سندن ظلم سبب (هڪدم) پڪڙ ڪري ها تہ زمين جي مٿاڇري تي هڪ ب چرڻ پرڻ وارو (ساهہ وارو) باقي نہ ڇڏي ها. پر هو هڪ خاص ٺهرايل وقت تائين مهلت ڏئي ٿو. پوءِ جڏهن اهو مقرر وقت اچي پهچي ٿو تڏهن نڪي هڪ گهڙي اُهي ماڻهو پوئتي رهي سگهن ٿا نہ هڪ گهڙي اڳتي. (۶۲) ۽ هي ماڻهو الله سان اهڙيون ڳالهيون منسوب

ڪن ٿا جن کي خود (پنهنجي لاءِ بہ) پسند نٿا ڪن. هنن جون زبانون ڪوڙيون دعوائون ڪن ٿيون (۽ هو چون ٿا) تہ هنن جي لاءِ چڱائي ئي چڱائي آهي. نہ نہ! بلڪ هنن لاءِ (دوزخ جي) باھ آهي. بيشڪ اهي سيني کان اڳ ۾ ان (باھ) ۾ پوڻ وارا آهن. (٦٣) (اي پيغمبر!) هن ڳالھ جي سچائي تي اسان پاڻ شاهد آهيون تہ اسان توکان اڳي ڪيترن ئي امتن ڏي رسول موڪليا. پوءِ (ڇا ٿيو جو) شيطان ماڻهن کي سندن بدعمل سهٽا ڪري ڏيکاريا) (هنن سچائيءَ جي دعوت تي عمل نہ ڪيو) اهوئي شيطان اڄ بہ هنن (مڪي جي ڪافرن) جو رفيق آهي ۽ (آخر) هنن جي لاءِ دردناڪ عذاب آهي. (٦٤) ۽ اسان توتي الڪتاب (يعني قرآن) فقط هن لاءِ نازل ڪيو آهي تہ جن ڳالهين ۾ هي ماڻهو اختلاف ڪري رهيا آهن، تن جي حقيقت انهن لاءِ چٽي ڪري ڇڏين ۽ اهو ڪتاب مؤمنن لاءِ هدايت ۽ رحمت ٿئي. (٦٥) ۽ (ڏسو) الله تعاليٰ آسمان مان پاڻي وسائي ٿو. پوءِ ان (جي ريج) سان زمين کي، جا مري چڪي هئي (نئين سر) زندھ ڪري (سرسبز ۽ آباد ڪري) ٿو ڇڏي. بيشڪ هن صورت حال ۾ انهن ماڻهن لاءِ هڪ نشاني آهي، جيڪي (حق جي دعوت کي دل جي ڪنن سان) ٻڌن ٿا.

رڪوع ٩ آيت ٦٦ ـ تا ـ ٧٠

الله تعاليٰ جي قدرت ۽ ربوبيت جا مثال ڪير، ميون جو رس ۽ ماکي

(٦٦) ۽ بيشڪ اوهان جي لاءِ چوپاين جانورن ۾ (سوچڻ سمجهڻ جي) وڏي عبرت آهي. (ڏسو) اسان انهن جي جسم مان رت (مٽ ۽) ڇيٽن واري گندگيءَ جي وچ ۾ ڪير پيدا ڪيون ٿا. اهو ڪير پيئڻ وارن لاءِ اهڙو تہ خالص ۽ لذيذ ٿئي ٿو جو (وڏي شوق سان) اهو ڪٽي پيئي وڃن ٿا. (٦٧) (اهڙيءَ طرح) انگور جي وڻن جا ميوا آهن جن مان نشو ڪندڙ عرق ۽ پڻ چگي وٽندڙ ۽ مفيد غذا، (پنهي قسمن جون شيون) حاصل ڪيو ٿا، بيشڪ هن ڳالھ ۾ انهن ماڻهن لاءِ (فهم ۽ بصيرت جي) هڪ (وڏي) نشاني آهي جيڪي عقل کان ڪم وٺن ٿا. (٦٨) ۽ (ڏسو) تنهنجي پروردگار ماکيءَ جي مڪ جي دل ۾ هيءَ ڳالھ وجهي ڇڏي تہ جبلن ۾، وڻن ۾ ۽ انهن جاين ۾ جيڪي انهيءَ مطلب لاءِ ڪنهن مٿاهين جاءِ تي ٺاهيون وڃن ٿيون، پنهنجو مانارو ٺاھ. (٦٩) پوءِ هر قسم جي گلن مان رس چوسيندي وٽُ، پوءِ پنهنجي پروردگار جي ٺهرايل واٽن تي پوري فرمانبرداريءَ سان گامزن ٿيءُ. (سو ڏسو) سندس پيٽ مان مختلف رنگن جي رس نڪري ٿي. ان ۾ انسان جي لاءِ شفا آهي. بيشڪ هن صورت حال ۾ انهن ماڻهن جي لاءِ هڪ نشاني آهي، جيڪي غور ۽ فڪر ڪندڙ آهن. (٧٠) ۽ (ڏسو) الله ئي اوهان کي پيدا ڪيو آهي، پوءِ اهوئي آهي جو توهان جي زندگي پوري ڪري ٿو (يعني ماري ٿو) ۽ اوهان ۾ کو اهڙو بہ ٿئي ٿو جو (پوڙهائيءَ جي) انتهائي عمر تائين پهچي ٿو. تان جو (علم ۽ عقل جي) سمجهہ رکڻ بعد وري اهڙو نادان ٿي وڃي ٿو جو ڪجهہ بہ نٿو ڄاڻي. بيشڪ الله تعاليٰ (سڀ ڪجهہ) ڄاڻندڙ ۽ (هر ڳالھ جي) قدرت رکندڙ آهي.

رکوع ۱۰ آيت ۷۱ ـ تا ـ ۷٦

جيئن هڪ ڪٽنب ۾ سڀ هڪ جيترو ڪونہ ٿا ڪمائين تہ بہ سڀ هڪ جهڙو کائين ۽ چوڑين ٿا، تيئن هي سڄي دنيا بہ هڪ ڪٽنب آهي.

(۷۱) ۽ (ڏسو) الله تعاليٰ اوهان مان هڪڙن کي ٻين کان رزق جي باري ۾ بهتري ڏني آهي (جو کي زيادہ ڪمائين ٿا ۽ کي گهٽ) پوءِ ائين کونہ ٿو ٿئي جو جنهن کي زيادہ رزق ڏنو ويو آهي سو پنهنجو رزق پنهنجي زبردستن کي ڏيئي ڇڏي. حالانڪ سڀ ان ۾ هڪ جهڙا حقدار آهن. پوءِ ڇا هي ماڻهو الله جي نعمتن کان صريحاً منڪر ٿي رهيا آهن؟ (۷۲) ۽ (ڏسو) الله تعاليٰ اوهان ۾ ئي اوهان جي لاءِ جوڑا پيدا ڪري ڇڏيا آهن (يعني مرد جي لاءِ عورت ۽ عورت جي لاءِ مرد) ۽ توهان جي جوڑن مان توهان جي لاءِ پٽ ۽ پوٽا پيدا ڪيا آهن (۽ ائين ڪرڻ سان اوهان جو خاندان وسيع ٿي ويو آهي. توهان سڀ آدم جا پوٽا آهيو ۽ هڪ ڪٽنب آهيو) پڻ توهان جي روزيءَ لاءِ چگيون چگيون شيون مهيا ڪري ڇڏيون اٿس. پوءِ ڇا هي ماڻهو ڪوڙيون ڳالهيون تہ مڃي وٺن ٿا پر الله جي نعمتن جي حقيقت کان انڪار ٿا ڪن. (۷۳) اهي الله کان سواءِ انهن هستين جي پوڄا ٿا ڪن جي آسمان ۽ زمين مان رزق ڏيڻ جو ڪجهہ بہ اختيار نٿا رکن ۽ نہ انهن کي ڪنهن بہ (اهڙي) ڳالهہ ڪرڻ جي طاقت آهي. (۷٤) پوءِ (دنيا جي بادشاهن جو مثال وٺي پنهنجي ڪم عقليءَ کان) الله جي لاءِ مثال نہ گهڙيو ۽ ناهيو. الله تعاليٰ ڄاڻي ٿو، توهان ڪجهہ بہ نٿا ڄاڻو. (۷۵) الله تعاليٰ هڪڙو مثال بيان ڪري ٿو (ان تي غور ڪيو) هڪڙو غلام آهي جو ڪنهن ٻئي ماڻهو جي ملڪيت آهي. اهو غلام پاڻ ڪنهن بہ ڳالهہ جي طاقت يا اختيار نٿو رکي ۽ هڪ ٻيو ماڻهو آهي (خود مختيار) اسان پنهنجي فضل سان هن کي چگو رزق ڏنو آهي، ۽ هو ظاهر ظهور توڙي مخفي طرح (جيئن وڻيس ٿو تيئن) ان کي خرچ ڪري ٿو هاڻي ٻڌايو تہ ڇا اهي ٻئي ماڻهو برابر ٿي سگهن ٿا (پوءِ توهان ڪيئن ٿا مخلوق کي خالق سان شريڪ ڪري برابر بنايو؟) سڀ ۽ خاص ساراهہ الله جي لاءِ آهي (ان جي برابر ڪوبہ ڪونهي) پر اڪثر ماڻهو اهڙا آهن جيڪي (اها ڳالهہ) نٿا ڄاڻن. (۷٦) ۽ (ڏسو) الله تعاليٰ هڪ (ٻيو) مثال بيان ٿو ڪري، ۽ ماڻهو آهن هڪ گونگو آهي، ڪنهن بہ ڳالهہ ڪرڻ جي طاقت ڪانهيس، پنهنجي مالڪ تي ٻوجهہ ۽ بار آهي. ڪاڏي موڪليس تہ ڪابہ ڇگائي جي ڳالهہ هن کان ڪانہ ٿي صادر ٿئي ۽ ٻيو اهڙو آهي جو (گونگي هٿ بدران) ماڻهن کي عدل ۽ انصاف جي ڳالهين جو حڪم ڏئي ٿو ۽ پاڻ بہ (عدل ۽ سچائيءَ جي) سڌيءَ راهہ تي آهي. ڇا پهريون ماڻهو ۽ هي ٻيو ماڻهو برابر ٿي سگهن ٿا؟

رکوع ۱۱ آيت ۷۷ ـ تا ـ ۸۳

الله تعاليٰ جون قدرتون ۽ نعمتون ڏسي شڪر ۽ حق جي راهہ تي اچو

(۷۷) ۽ آسمانن ۽ زمين جون جيڪي بہ مخفي ڳالهيون آهن، تن سيني جو علم الله ئي کي آهي ۽

(اچڻ وارو) مقرر وقت جو معاملو اهڙو سمجهه جهڙو اک جو چنيڻ بلڪ ان کان بہ تکڙو. بيشڪ الله جي قدرت کان ڪابہ ٻاهر ناهي. (۷۸) ۽ (ڏسو) الله تعاليٰ اوهان کي اوهان جي مائرن جي پيٽ مان ٻاهر آندو ۽ اهڙيءَ حالت ۾ آندو جو اوهان (ٻاراڻي حالت ۾) ڪجهه بہ نہ ڄاڻندا هئو. پوءِ توهان جي لاءِ ٻڌڻ ڏسڻ ۽ عقل هلائڻ جون قوتون پيدا ڪيائين، انهيءَ لاءِ تہ توهان شڪرگذار رهو. (يعني انهن نعمتن جو قدر ڪري انهن کي چگيءَ طرح ڪم آڻي خوشحال ٿيو.) (۷۹) ڇا هو پکين کي نٽا ڏسن جي آسمان جي فضا ۾ مطيع ۽ فرمانبردار (اڏامي رهيا) آهن. الله کان سواءِ ڪير آهي جو هنن کي (مٿي) جهليون بيٺو آهي. بيشڪ ايمان وارن جي لاءِ هن ڳالهه ۾ (حق جي قدرت جون) وڏيون ئي نشانيون آهن. (۸۰) ۽ (ڏسو) الله تعاليٰ اوهان جي گهرن کي اوهان جي لاءِ رهڻ ۽ آرام وٺڻ جي جاءِ بنايو آهي. پڻ توهان جي لاءِ چوپاين جانورن جي کلن مان گهر ٺاهيا آهن. (يعني خيما ۽ تنبو جن کي پاڻ سان کنيون و تندا آهيو) ڪوچ ڪيو يا ٽڪي پئو، پنهي حالتن ۾ تمام هلڪا آهن ۽ وري انهن چوپاين جانورن جي اُن مان، پشم مان ۽ وارن مان ڪيترو ئي سامان ۽ مفيد شيون آهن جي هڪ خاص وقت تائين ڪم ڏين ٿيون. (۸۱) ۽ الله تعاليٰ پنهنجي خلقيل شين مان توهان جي لاءِ ڇانوَ پيدا ڪئي آهي (جو جن کي تنبو ناهن تہ وٽن جبلن وغيره جي ڇانو ۾ پناهه ٿا وڻن) ۽ جبلن ۾ پناهه وٺڻ جون جايون بنايون آهن، ۽ لباس پيدا ڪيو آهي جو (لڪ ۽ جهولي جي) گرميءَ کان بچائي ٿو. پڻ لوهو لباس (يعني زرهه ڍال وغيرهجو هٿيار جي) زد کان بچائي ٿو. ۽ (ڏسو) اهڙيءَ طرح الله تعاليٰ پنهنجو نعمتون پوريءَ طرح بخشي رهيو آهي، انهيءَ لاءِ تہ سندس اڃيان (فرمانبرداريءَ ۾) جهڪي وجو. (۸۲) پوءِ (اي پيغمبر!) جيڪڏهن انهيءَ هوندي بہ ماڻهو منهن موڙين (۽ سمجهڻ لاءِ تيار نہ ٿين) تہ (فڪر نہ ڪر) تنهنجي ذمي جيڪي آهي سو آهي فقط صاف صاف حق جو پيغام پهچائي ڏيڻ. (۸۳) اهي ماڻهو الله جي نعمتن کي سڃاڻين بہ ٿا، تڏهن بہ انهن کان انڪار ڪن ٿا ۽ اڪثر ماڻهو اهڙا آهن، جن کي سڃائيءَ کان (قطعي) انڪار آهي.

رڪوع ۱۲ آيت ۸٤ ـ تا ـ ۸۹

قيامت جي ڏينهن جون حالتون.

(۸٤) ۽ جنهن ڏينهن (هيئن ٿيندو جو) اسان هرهڪ امت مان هڪ شاهد (يعني پيغمبر) اٿاري ڪڍو ڪنداسين تنهن ڏينهن پوءِ ڪافرن کي (ڳالهائڻ جي) موڪل نہ ڏني ويندي، نڪي کين چيو ويندو تہ توبہ ڪريو. (۸۵) جن ماڻهن ظلم ڪيو آهي سو جڏهن عذاب پنهنجي سامهون ڏسندا تڏهن اٿين هرگز نہ ٿيندو جو انهن لاءِ عذاب کي هلڪو ڪيو ويندو، نڪي کين مهلت ملندي. (۸٦) ۽ جن ماڻهن، الله سان شريڪ ٺهرايا آهن سي جڏهن (قيامت جي ڏينهن) پنهجي ٺهرايل شريڪن کي ڏسندا تڏهن پڪاري چوندا تہ اي پروردگار! هي آهن اسان جا (ٺهرايل) شريڪ جن کي اسان توکان سواءِ پڪاريندا هئاسين، تنهن تي اهي (ٺهرايل شريڪ) انهن ڏانهن

پنهنجو جواب موڪليندا ٿي، نه توهان بلڪل ڪوڙا آهيو. (۸۷) ۽ انهيءَ ڏينهن بيشڪ الله جي اڳيان فرمانبرداريءَ جو سر جهڪائيندا ۽ اهي سڀ ڪوڙا ٺاهه جي (دنيا ۾) ٺاهيندا هئا ڪانئن گم ٿي ويندا. (۸۸) جن ماڻهن ڪفر ڪيو ۽ ماڻهن کي الله جي راهه کان روڪيو (تن جي شرارتن جي بدلي ۾) اسان کين عذاب مٿان عذاب نازل ڪنداسون (هڪڙو عذاب ڪفر جو ۽ ٻيو ٻين ماڻهن کي حق کان روڪڻ جو). (۸۹) ۽ انهيءَ ڏينهن اسان هرهڪ امت مان هڪڙو شاهد (يعني پيغمبر) اٿاري ڪڙو ڪنداسين جو انهن مان ئي هوندو (۽ ٻڌائيندو ته ڪهڙيءَ طرح هن حق جو پيغام پهچايو ۽ ڪهڙيءَ طرح ماڻهن اهو ٻڌو مڃيو) ۽ (اي پيغمبر!) تو کي هنن ماڻهن جي لاءِ (جيڪي تو کي ڪوڙو ٺهرائي رهيا آهن) شاهد بنائيندا سين. (انهيءَ ئي ڪري) اسان تو تي هي ڪتاب نازل ڪيو آهي (دين جي) سيني ڳالهين کي چٽو ڪري ٻڌائڻ لاءِ ۽ هن لاءِ ته مسلمانن جي لاءِ رهنمائي ۽ رحمت ۽ خوشخبري ٿئي.

رڪوع ۱۳ آيت ۹۰ ـ تا ـ ۱۰۰

عدل، احسان ۽ مائٽن سان چگو سلوڪ ڪرڻ جو حڪم، فاحش ڪمن، گناهن ۽ فساد کان منع. واعدا ۽ عهدنامو پاڙڻ.

(۹۰) (مسلمانو!) الله تعاليٰ حڪم ٿو ڏئي ته (هر معاملي ۾ ۽ هرهڪ ڳالهه ۾) انصاف ڪيو، (سيني سان) پلائي ۽ نيڪي ڪيو ۽ مائٽن سان سٺو سلوڪ ڪيو ـ ۽ هو اوهان کي (هنن ڳالهين کان) روڪي ٿو، بي حيائيءَ جي ڳالهين کان، هر قسم جي برائين ۽ گناهن کان ۽ ظلم ۽ زيادتيءَ جي ڪمن کان، هو توهان کي نصيحت ٿو ڪري انهيءَ لاءِ ته (سمجهو ۽) نصيحت وٺو. (۹۱) ۽ جڏهن توهان پاڻ ۾ واعدو يا عهدنامون ڪيو ته (سمجهي ڇڏيو ته ڇڻ الله سان عهد ڪيو اٿوَ) پوءِ اوهان کي گهرجي ته الله جو عهد پورو ڪيو ۽ ائين نه ڪيو جو قسمن تي (واعدو يا عهد نامون) پڪو ڪري وري ان کي ٽوڙي ڇڏيو، حالانڪ توهان الله کي پنهنجي مٿان نگهبان ٺهرائي چڪا آهيو. (يعني الله جو قسم کڻي ڪيس شاهد ڪري چڪا آهيو) يقين ڪيو ته توهان جيڪي ڪيو ٿا سو الله کان لڪل ڪونهي. (۹۲) (واعدو ۽ عهدنامون ٽوڙي توهان) انهيءَ عورت وانگر نه ٿيو جنهن وڏيءَ محنت سان سُٽ ڪتيو ۽ پوءِ ان کي چني ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڇڏيو. توهان هڪ ٻئي جي معاملن ۾ پنهنجي قسمن کي مڪر ۽ فساد جو ذريعو بنايو ٿا هن لاءِ ته هڪڙي جماعت (يا قوم يا سلطنت) ٻيءَ جماعت کان (طاقت ۾) وڌي ويئي آهي. (ياد رکو ته) الله تعاليٰ هن معاملي ۾ توهان جي (سچائي ۽ استقامت ۽ محڪم رهڻ جي) آزمائش ٿو وٺي (ته توهان طاقت واري قوم جي پاس خاطري ڪرڻ ٿا لڳو يا پنهنجي عهدنامي تي قائم ٿا رهو) جن جن ڳالهين ۾ توهان اختلاف ٿا ڪيو تن جي حقيقت ضرور قيامت جي ڏينهن توهان جي لاءِ چٽيءَ طرح ظاهر ڪئي ويندي. (۹۳) ۽ جيڪڏهن الله تعاليٰ

چاهي ها تہ توهان سڀني کي هڪ ئي امت ڪري ڇڏي ها (يعني مختلف جماعتون ۽ مختلف خيال ۽ طريقا ظهور ۾ ئي نہ اچن ها) پر (توهان ڏسو ٿا تہ هن ائين نہ چاهيو) هو جنهن لاءِ چاهي ٿو تنهن لاءِ (ڪاميابيءَ جي) راهہ گم ڪري ٿو ڇڏي ۽ جنهن لاءِ چاهي ٿو تنهن لاءِ ڪولي ٿو ڇڏي. ۽ (پوءِ) ضرور هيئن ٿيڻو آهي تہ توهان کان انهن ڪمن جو پڇاڻو ٿيندو جيڪي (دنيا ۾) ڪندا رهو ٿا. (٩٤) ۽ هڪ ٻئي جي معاملن ۾ پنهنجي قسمن کي مڪر ۽ فريب جو ذريعو نہ بنايو، جو ماڻهن جا قدم جمي ويهڻ ۽ ڪپي وڃڻ بعد وري اکڙي وڃن، ۽ هن ڳالهہ جي بدلي ۾ جو توهان ماڻهن کي الله جي راهہ کان روڪيو توهان کي برن نتيجن جو برو ذائقو چکڻو پوي ۽ آخرڪار توهان هڪ وڏي عذاب جا لائق ٿي وڃو. (٩٥) ۽ الله جي ناالي تي ڪيل واعدا ۽ عهدناما (دنيا جي) تمام ٿورڙي فائدي لاءِ وڪٽي نہ ڇڏيو. (سچائيءَ جو) جيڪو اجر الله وٽ آهي، سو توهان جي لاءِ گهڻو بهتر آهي، بشرطيڪ توهان ڄاڻو ۽ سمجهو. (٩٦) جيڪي بہ توهان وٽ آهي سو (ڪڏهن نہ ڪڏهن) ختم ٿي ويندو، پر جيڪي الله وٽ آهي سو ختم ٿيڻ وارو ناهي. جن ماڻهن صبر ڪيو ۽ ثابت قدم رهيا (۽ زندگيءَ جون وقتي مشڪلاتون ۽ مصبتون صبر سان سٺيون) تن کي ضرور اسان انهن جو اجر عطا ڪنداسين، انهن جهڙا جهڙا چڱا عمل ڪيا آهن، تهڙوئي اسان جو اجر بہ کين ملندو. (٩٧) جيڪو بہ چڱا عمل ٿو ڪري، مرد هجي خواهہ عورت ۽ اهو مؤمن بہ هجي تنهن کي اسان ضرور (هن ئي دنيا ۾) چڱي زندگي بسر ڪرائينداسين ۽ آخرت ۾ بہ ضرور هن کي وڏو اجر ڏينداسين. هنن جيڪي بہ چڱا ڪم ڪيا آهن تن جي مطابق اسان جو بہ چڱو اجر کين ملندو. (٩٨) پوءِ جڏهن تون قرآن پڙهڻ لڳين، تڏهن توکي گهرجي تہ مردود شيطان (جي وسوسن) کان الله جي پناهہ گهرندو ڪر. (٩٩) ۽ بيشڪ جيڪي ماڻهو ايمان وارا آهن ۽ پنهنجي پروردگار تي پروسو ٿا رکن تن تي سندس زور يا حڪم هرگز ڪونہ هلندو. (١٠٠) هن (شيطان) جو زور تہ انهن تي ٿو هلي جيڪي کيس پنهنجو رفيق ٿا بنائين ۽ جيڪي هن جي ڪري شرڪ ٿا ڪن.

رکوع ١٤ آيت ١٠١ ـ تا ـ ١١٠

حقيقت جي منڪرن جي دلين، ڪنن ۽ اکين تي مهر لڳي ٿي وڃي، ڇو تہ هو حواسن ۽ عقل کان ڪم ئي نٿا وٺن

(١٠١) ۽ جڏهن اسان هڪ آيت جي جاءِ تي ٻي آيت نازل ٿا ڪيون ۽ الله ئي بهتر ڄاڻندڙ آهي تہ هو ڇا نازل ڪري رهيو آهي. تڏهن هي ماڻهو (توکي) چون ٿا تہ تون تہ پنهنجي دل مان (ڳالهيون) گهڙي ٺاهيندو آهين، حالانڪ انهن مان گهڻن کي معلوم ناهي تہ حقيقت ڇا آهي. (١٠٢) (اي پيغمبر!) تون چؤ تہ (هي قرآن منهنجو ٺاهيل ناهي، نڪي مان ٺاهي سگهان ٿو) هي حقيقتاً توهان جي پروردگار جي طرفان روح القدس نازل ڪيو ويو آهي ۽ هن لاءِ نازل ڪيو ويو آهي تہ

ايمان وارن جي دل کي جمت ۽ مضبوطي ڏئي، فرمانبردار بندن لاءِ رهنمائي ٿئي ۽ (کاميابي ۽ سعادت جي) خوشخبري ڏئي (مسلمانن کي). (۱۰۳) ۽ بيشڪ اسان کي خبر آهي ته هي ماڻهو (قرآن متعلق) چون ٿا ته هن شخص (يعني پيغمبر) کي هڪڙو ماڻهو (اهي ڳالهيون) سيکاري ٿو ڇڏي. پر حقيقت هيءَ آهي ته اهو ماڻهو جنهن ڏانهن اهو اشارو ڪن ٿا (ته اهو پيغمبر کي سيکاري ٿو) تنهن جي ٻولي ته عجمي آهي ۽ هي (قرآن) ته صاف ۽ چٽي عربي زبان ۾ آهي. (۱۰۴) حقيقت هيءَ آهي ته جيڪي ماڻهو (ڄاڻي ٻجهي) الله جي آيتن تي يقين نٿا ڪن تن کي الله تعاليٰ (کاميابيءَ جي) راهه ڪڏهن به نٿو ڏيکاري ۽ انهن جي لاءِ دردناڪ عذاب اڇڻ وارو آهي. (۱۰۵) پنهنجي دل مان ڪوڙ گهڙي ڦاهڻ ته انهن جو ڪم آهي، جيڪي الله جي آيتن تي ايمان نٿا رکن (الله تي ايمان رکڻ وارو ڪڏهن به ڪوڙا ڦاهه نٿو ڦاهي سگهي) اهي ئي ماڻهو آهن جيڪي سراسر ڪوڙا آهن. (۱۰۶) جيڪڏهن ڪوبه ماڻهو ايمان آڻڻ بعد وري الله کان منڪر ٿئي ٿو ۽ سندس دل ان انڪار تي راضي ٿي وڃي ٿي ته اهڙن ماڻهن تي الله جو غضب آهي ۽ انهن لاءِ تمام وڏو عذاب آهي، پر جيڪڏهن ڪو ماڻهو ڪفر (جي ڪنهن ڳالهه چوڻ) تي مجبور ڪيو وڃي (۽ بيوس ٿي جان جي خوف کان اهڙي ڳالهه چئي ڏئي) ۽ هن جي دل (اندر ئي اندر) ايمان تي راضي ۽ محڪم هجي (ته اهڙن ماڻهن تي ڏوهه ڪونهي). (۱۰۷) اهو (عذاب ۽ غضب) هن ڪري آهي جو هنن آخرت کي ڇڏي دنيا جي زندگيءَ سان محبت رکي. ڀڻ هن ڪري جو الله (جو قانون آهي ته هو) منڪرن لاءِ (بهبودي ۽ سعادت جي) راهه نٿو ڪولي. (۱۰۸) هي اهي ماڻهو آهن جن جي دلين تي، ڪنن تي ۽ اکين تي الله تعاليٰ مهر هڻي ڇڏي آهي (ڇو ته سندس قانون آهي ته جيڪي ماڻهو عقل ۽ حواس کان ڪم نٿا وٺن سي ان جي روشنيءَ کان محروم ٿي وڃن ٿا) ۽ اهي ئي ماڻهو آهن جيڪي غفلت ۾ غرق آهن. (۱۰۹) بلاشڪ اهي ئي ماڻهو آهن جيڪي آخرت ۾ تباهه حال ٿيندا. (۱۱۰) پوءِ جن ماڻهن (ڪفر ۽ ايمان جي) آزمائش ۾ پوڻ بعد هجرت ڪئي ۽ وري (حق جي راهه ۾) جهاد به ڪيائون ۽ (هر طرح جي مصيبتن ۾) صبر ڪري ثابت قدم رهيا تن جي لاءِ بيشڪ تنهنجو پروردگار انهن عملن بعد ضرور بخشيندڙ ۽ رحمت ڪندڙ ٿيندو.

رڪوع ۱۵ آيت ۱۱۱ - تا - ۱۱۹

توبه هي آهي ته گناهه ڪري پاڻ کي سڌارجي، پوءِ بيشڪ الله تعاليٰ بخشيندڙ آهي.

(۱۱۱) انهيءَ (قيامت جي) ڏينهن هرهڪ نفس (يعني شخص) فقط پنهنجي لاءِ سوال جواب ڪندو ايندو (يعني ڪنهن کي به ڪنهن ٻئي جو فڪر ڪونه هوندو) انهيءَ ڏينهن هرهڪ شخص کي سندس عملن جو پورو پورو نتيجو ملي ويندو. ڪنهن سان به بي انصافي ڪانه ٿيندي. (۱۱۲) (۽ ڏسو) الله تعاليٰ هڪڙو مثال ٿو ٻڌائي، هڪ بستي هئي جتي هر طرح جو امن آرام هو.

هر طرف کان رزق جو سامان ايندو رهندو هو ۽ هر شخص فراغت سان کائيندو پيئندو هو. پر پوءِ چا ٿيو جو هنن الله تعاليٰ جي نعمتن جي بي شڪري ڪئي. پوءِ الله تعاليٰ ٻه سندن (بد) عملن جي عيوض هنن کي نعمتن کان محروم ڪري ڇڏيو ۽ (آسودگي جي بدران) بک ۽ (امن آرام جي بدران) خوف خطرو مٿن ڇانڀجي ويو. (۱۱۳) ۽ پوءِ خود انهن مان ئي هڪ رسول ٻه هنن ڏي موڪليو ويو (جنهن کين سعادت جي راهه جي دعوت ڏني) پر هنن کيس ڪوڙو ٺهرايو. تنهن ڪري هو عذاب ۾ گرفتار ٿيا ۽ هو (پاڻ تي پاڻ) ظلم ڪندڙ هئا. (۱۱٤) پوءِ اوهان کي گهرجي ته جيڪو رزق الله تعاليٰ اوهان کي ڏنو آهي، سو شوق سان کائو. جي حلال ۽ پاڪ شيون آهن ۽ الله جي نعمتن جو شڪر ڪيو، جيڪڏهن توهان سچ پچ سندس ئي ٻانهپ ڪندڙ آهيو. (۱۱۵) جيڪي توهان تي حرام ڪيو ويو آهي، سو فقط هي آهي، مردار جانور، (سير واري) رت، سوئر جو گوشت ۽ اهو جانور جو خدا کان سواءِ ڪنهن ٻئي هستيءَ جي نالي ڪيو وڃي. (يا جنهن کي ذبح ڪرڻ وقت ڪنهن ٻئي هستي جو نالو ورتو وڃي.) پوءِ جيڪڏهن ڪو شخص (حلال غذا نه ملڻ سبب) لاچار ٿئي (۽ کا حرام شيءِ کائي)، پر نڪي هو (الله جي حڪم کان) منهن موڙڻ وارو هجي، نڪي (ضرورت جي) حد کان ٻاهر وڃڻ وارو هجي. (فقط جان بچائڻ لاءِ ڪجهه کائي وٺي) ته پوءِ الله تعاليٰ بخشڻ وارو ۽ رحمت وارو آهي. (۱۱٦) ۽ هيئن نه ڪيو جو جيڪا ڪوڙي ٻالهه توهان جي زبان تي اچي وڃي سا ٺڪ ڇئي ڏيو (۽ پنهنجي دل مان گهڙي حڪم لڳائي ڇڏيو) ته هيءَ شيءِ حلال آهي ۽ هيءَ شيءِ حرام آهي. اهڙيءَ طرح حڪم لڳائڻ الله تي ڪوڙ هڻڻ آهي (۽ ياد رکو ته) جيڪي ماڻهو الله تي ڪوڙو ناهه مڙهين ٿا سي ڪڏهن ٻه فلاح (۽ ڪاميابي) حاصل نه ڪندا. (۱۱۷) (اهي هن دنيا جا) بلڪل ٿورڙا فائدا آهن (سي وٺٿا اٿن ته وڻن) پر آخر هنن تي دردناڪ عذاب اچڻ وارو آهي. (۱۱۸) ۽ (اي پيغمبر!) يهودين تي اسان اهي شيون حرام ڪري ڇڏيون هيون جن جو بيان تو کي اڳ ئي ٻڌائي چڪا آهيون ۽ (اهي پابنديون جو هنن تي لڳايون ويون هيون سي سندن ئي گمراهين جو نتيجو هيون) اسان ساڻن بي انصافي ڪانه ڪئي هئي، (ڇو ته اسان جو اهو قانون ئي ناهي) پر پاڻ پنهنجي هٿن سان پاڻ تي ظلم ڪندا رهيا. (۱۱۹) پر جيڪي ماڻهو نادانيءَ جي ڪري برائين ۾ پئجي ويا ۽ پوءِ توبه ڪري (گناهن کان) موٽي پيا ۽ پنهنجي حالت سڌاريائون ته پوءِ بيشڪ تنهنجو پروردگار ضرور بخشڻ وارو ۽ رحمت ڪرڻ وارو آهي.

رکوع ۱٦ آيت ۱۲۰ - تا - ۱۲۸

حضرت ابراهيم جي طريقي تي هلو، هو سپ واٽون ڇڏي ڪري رڳو خدا جي طرف جهڪي پيو. ماڻهن کي حق جي دعوت ڏيو ته حڪمت، دانائي ۽ دليلن سان ڏيو. نصيحت ڏيڻ ۾ سهڻو طريقو اختيار ڪيو، جيئن کنهن جي دل نه ڏکوئجي.

(۱۲۰) بيشڪ حضرت ابراهيم (پنهنجي شخصيت ۾) هڪ پوري امت هو. الله جي اڳيان

جھڪيل هو، سيني (بناوٽي) راهن کان هٽي ويل هو ۽ مشرڪن منجهان هرگز نہ هو. (۱۲۱) هو الله جي نعمتن جو شڪر ڪندڙ هو. الله تعاليٰ کيس بزرگي (۽ پيغمبريءَ) لاءِ چونڊي ڪنيو ۽ (سچائيءَ جي) سڌي واٽ تي لڳائي ڇڏيو. (۱۲۲) اسان کيس دنيا ۾ بہ بهتري ڏني ۽ بلاشبہ آخرت ۾ بہ صالحين ۾ هوندو. (۱۲۳) ۽ پوءِ (اي پيغمبر!) اسان توڏي وحي موڪليو تہ (انهيءَ) ابراهيم جي طريقي جي پيروي ڪر، جو هر ڪنهن (ڏنگي) واٽ کان هٽي ويو هو (فقط حق جي واٽ تي هلڻ وارو هو) ۽ هو مشرڪن منجهان نہ هو. (۱۲٤) سبت (آرام ونڊ ۽ ديول ڏانهن وڃڻ جو ڏينهن) ملهائڻ جو حڪم تہ فقط انهن ماڻهن کي ڏنو ويو هو، جيڪي هن باري ۾ اختلاف ڪندا هئا ۽ بيشڪ تنهنجو پروردگار قيامت جي ڏينهن انهن جي وچ ۾ فيصلو ڪندو تہ جن جن ڳالهين ۾ هو اختلاف ڪندا هئا تن جي اصل حقيقت کڻي هئي. (۱۲۵) (اي پيغمبر!) پنهنجي پروردگار جي راهہ ڏانهن ماڻهن کي سڏ، هن طرح جون حڪمت (عقل ۽ دانائي) جون ڳالهيون بيان ڪر ۽ سهڻي نموني سان واعظ ۽ نصيحت ڪر، ۽ جيڪڏهن مخالفن سان بحث ڪرين تہ اهڙي طريقي سان ڪر جو حسن ۽ خوبيءَ جو طريقو هجي. تنهنجو پروردگار ئي بهتر ڄاڻي ٿو تہ ڪير سندس راهہ کان ڪري گمراهہ ٿي ويو آهي ۽ ڪير سڌيءَ ۽ سچي راهہ تي آهي. (۱۲٦) جيڪڏهن مخالفن جي سختيءَ جي جواب ۾ سختي ڪيو تہ گهرجي تہ اهڙي ۽ اوتري ڪيو جيتري توهان سان ڪئي ويئي آهي. پر جيڪڏهن توهان صبر ڪيو (يعني هنن جي سختي سهو ۽ سختيءَ جي عيوض سختي نہ ڪيو) تہ بيشڪ صبر ڪرڻ وارن لاءِ صبر ئي بهتر آهي. (۱۲۷) (اي پيغمبر!) صبر ڪر تنهنجو صبر فقط الله جي مدد جي ڪري تو ڪي حاصل ٿيو آهي. ۽ انهن ماڻهن جي حال تي غم نہ ڪر، نڪي انهن جي (دشمنيءَ جي) تدبيرن جي ڪري دل کي پريشان ڪر. (۱۲۸) يقيناً الله تعاليٰ انهن ساڻ (مددگار) آهي، جيڪي پرهيزگار آهن ۽ نيڪيءَ جا ڪم ٿا ڪن.

حصو پندرهون

سورت بني اسرائيل

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي.

رکوع ۱ آيت ۱ - تا - ۱۰

معراج جي حقيقت قرآن مجيد جو نزول ۽ مقصد.

(۱) پاڪائي آهي انهيءَ (الله) جي لاءِ جنهن پنهنجي ٻانهي (حضرت محمد ﷺ) کي راتو واهه مسجد الحرام (يعني کعبة الله) کان مسجد الاقصيٰ (يعني بيت المقدس واري مسجد جا فلسطين جي شهر يروشلم ۾ آهي) تائين، جنهن مسجد جي جي پسگردائي کي اسان برڪت ڏني آهي، سير ڪرايو ۽ هن لاءِ (سير ڪرايو) تہ اسان ڪيس پنهنجون نشانيون ڏيکاري ڇڏيون. بيشڪ اهوئي (الله) آهي جي ٻڌندڙ ۽ ڏسندڙ آهي. (۲) ۽ (اهڙيءَ طرح) اسان موسيٰ کي ڪتاب (تورات) ڏنو ۽ ان ڪتاب کي بني اسرائيلن جي لاءِ هدايت جو ذريعو بنايو (۽ حڪم ڏنو) تہ مون کان سواءِ ڪنهن بہ ٻئي کي پنهنجو ڪارساز نہ بنائجو. (۳) توهان (بني اسرائيل) انهن ماڻهن جو نسل آهيو جن کي اسان (طوفان جي تباهيءَ کان بچايو هو ۽) حضرت نوح سان گڏ (ٻيڙيءَ ۾) سوار ڪرايو هو ۽ هو (حضرت نوح خدا جو) هڪ شڪرگذار ٻانهو هو. (٤) ۽ اسان ڪتاب (تورات) ۾ بني اسرائيلن کي هن فيصلي جي خبر ڏئي ڇڏي هئي تہ توهان ضرور ملڪ ۾ بہ ٻيرا خرابيون پکيڙيندؤ ۽ تمام وڏي آکڙ ۽ سرڪشي ڪندؤ. (۵) پوءِ جڏهن انهن ۾ پهرين وقتن مان پهريون وقت اچي ويو، تڏهن (اي بني اسرائيلؤ!) اسان توهان جي مٿان اهڙا ٻندا (حملي ڪرڻ لاءِ) موڪليا جيڪي ڏاڍا خوفناڪ هئا. پوءِ اهي اوهان جي آبادين (رڳو ڳوٺن ۽ شهرن) جي اندر پکڙجي ويا ۽ الله جو واعدو تہ انهيءَ ڪي لاءِ هو تہ پوريءَ طرح تعميل هيٺ اچي ۽ پورو ٿي وڃي. (٦) پوءِ (ڏسو) اسان زماني جي گردش توهان (بني اسرائيلن) جي دشمنن جي خلاف ۽ توهان جي موافق ڪري ڇڏي ۽ مال، دولت ۽ اولاد جي گهٽائي سان اوهان جي مدد ڪئي سين ۽ اوهان کي (وري) وڏي تعداد ۽ جمعيت وارا ڪري ڇڏيوسين. (۷) جيڪڏهن توهان نيڪيءَ جا ڪم ڪيا تہ پنهنجي لاءِ ئي ڪيا ۽ جيڪڏهن برائيون ڪيون تہ بہ پنهنجي لاءِ ڪيون. پوءِ جڏهن ٻئي واعدي جو وقت آيو (تڏهن اسان پنهنجي ٻين بندن رومين کي اوهان جي مٿان حملو ڪرڻ لاءِ موڪليو) انهيءَ لاءِ تہ توهان جي چهرن تي ذلت ۽ خواري ڦيرائي ڇڏين، ۽ اهڙيءَ ئي طرح ديول ۾ داخل ٿي وڃن، جهڙيءَ طرح پهرئين ڀيري (بابل وارا) حملو ڪندڙ داخل ٿيا هئا ۽ جيڪي بہ ڏسن ۽ هٿ ڪن تنهن کي ٽوڙي پڇي ناس ڪري ڇڏين. (۸) عجب ناهي تہ (اي بني اسرائيلو!) توهان جو پروردگار توهان تي رحم ڪري (جيڪڏهن هاڻي بہ باز اچو) پر جيڪڏهن توهان وري سرڪشي ۽ فساد ڏانهن موٽندؤ تہ (الله

تعاليٰ فرمائي ٿو) تہ اسان جي طرفان بہ اوهان جي عملن جو (سخت) بدلو موڪلي ايندو. ۽ (ياد رکو تہ) اسان حق جي منکرن لاءِ جهنم جو قيد خانو تيار رکيو آهي. (۹) بيشڪ هيءُ قرآن اها واٽ ڏيکاري ٿو جا سڀني کان وڌيڪ سڌي آهي ۽ ايمان وارن کي جيڪي صالح عمل ڪن ٿا خوشخبري ٿو ڏئي تہ کين تمام وڏو اجر ملندو. (۱۰) ۽ (قرآن هن ڳالهہ جو بہ اعلان ڪري ٿو تہ) جيڪي ماڻهو آخرت بابت يقين نٿا رکن تن جي لاءِ اسان وڏو دردناڪ عذاب تيار ڪري رکيو آهي.

رکوع ۲ آيت ۱۱ ـ تا ـ ۲۲

وحيءَ جي مدد کان سواءِ انسان سڌي راهہ تي قائم رهي نٿو سگهي.

(۱۱) ۽ (ڏسو) جهڙيءَ طرح انسان پنهنجي لاءِ چڱائيءَ جي دعا گهري ٿو اهڙيءَ طرح برائيءَ جي (يعني نقصان واري ڳالهہ) بہ گهري ٿو (ڇو تہ هن کي خبر ناهي تہ اها برائي آهي، ان مان نقصان يا ايذاءُ رسندو) ۽ حقيقت هيءَ آهي تہ انسان تڪڙو آهي. (۱۲) ۽ (ڏسو) اسان رات ۽ ڏينهن کي (پنهنجي قدرت ۽ حڪمت جون) بہ نشانيون بنايو آهي. سو رات واري نشاني اسان ڪجهہ قدر اونداهي ڪئي آهي. (انهيءَ لاءِ تہ آرام جو وقت بنجي پوي) ۽ ڏينهن جي نشاني روشن ڪئي اٽڪون انهيءَ لاءِ تہ (ان جي روشنيءَ ۾) پنهنجي پروردگار جي فضل جي تلاش ڪيو (يعني گذران جو سامان هٿ ڪيو). ۽ (رات ڏينهن جي اختلاف سان) سالن جو شمار ڪيو ۽ (سالن جي شمار سان هر طرح جو) حساب بہ معلوم ڪري وٺو. اسان (قرآن ۾) هر شيءِ جو بيان کولي کولي، (جدا جدا ڪري) چٽو ڪري ڇڏيو آهي. (۱۳) ۽ اسان هر انسان جي شامت سندس ئي ڳچيءَ ۾ ٻڌي ڇڏي آهي. (ڪٽان ٻاهران ڪونہ ٿي اچي مٿس ڪِري يعني سندس ئي عملن جي نتيجو آهي) قيامت جي ڏينهن اسان هن جي لاءِ (سندس اعمال نامي جو) هڪ ڪتاب ڪڍي سندس اڳيان رکنداسين، هو ان کي پنهنجي اڳيان کليل ڏسندو. (۱٤) (پوءِ اسان کيس چونداسين تہ) پنهنجو اعمال نامون پڙهي وڃ. اڄوڪي ڏينهن خود تنهنجو وجود ئي تنهنجي حساب لاءِ (يعني توکي تنهنجو حساب ڏيکارڻ ۽ سمجهائڻ لاءِ) بلڪل ڪافي آهي. (۱۵) جنهن سڌي واٽ ورتي تنهن پنهنجي ئي (فائدي) لاءِ ورتي، ۽ جيڪو سڌي واٽ ڇڏي گمراهہ ٿيو سو ئي پنهنجي گمراهيءَ جو نتيجو پوڳيندو. ڪوبہ بار ڪٽندڙ ڪنهن ٻئي جو بار نٿو ڪٽي. (هر ڪنهن کي پنهنجي ئي عملن جو بار ڪٽڻو آهي.) ۽ اسان ڪڏهن بہ هيئن نٿا ڪيون جو (ڪنهن قوم کي) عذاب ڏيون، پر ان وقت (عذاب ڏيون ٿا) جڏهن پهريائين ان ۾ هڪ رسول پيدا ڪيون ٿا (۽ پوءِ بہ اهي ماڻهو سرڪشي ۽ فساد ڪرڻ کان نٿا هٽن ۽ مڙن). (۱٦) ۽ جڏهن اسان ڪنهن بستيءَ کي تباهہ ڪرڻ جو فيصلو ڪيون ٿا تڏهن پهريائين ان جي آسودن ۽ شاهوڪار ماڻهن کي حڪم ٿا ڏيون. (يعني وحي جي رستي حق جا حڪم ٿا پهچايون.). پوءِ هو انهن جي تعميل ڪرڻ بدران نافرماني ڪن ٿا. پوءِ هو عذاب جا لائق ۽ حقدار ثابت ٿين ٿا ۽ اسان (سندن بدعملن جي عيوض ۾) هنن کي برباد ۽ تباهہ ڪري ٿا ڇڏيون. (۱۷) ۽

(ڏسو) حضرت نوح کان پوءِ قومن جا ڪيترائي دور گذري چڪا آهن، جن کي اسان تباهه ڪري ڇڏيو ۽ (اي پيغمبر!) تنهنجو پروردگار پنهنجي بندن جي گناهن متعلق ڪافي خبر رکندڙ ۽ ڪافي ڏسندڙ آهي. (۱۸) جيڪڏهن ڪو ماڻهو تڪڙو فائدو (هن دنيا ۾) چاهي ٿو تہ پوءِ جنهن کي اسان اهو فائدو ڏيڻ چاهيون ۽ جيترو ڏيڻ چاهيون هن دنيا ۾ ڏيئي ڇڏيون ٿا. پر پوءِ آخر هن جي لاءِ اسان جهنم بنائي رکيو آهي. ان ۾ هو داخل ٿيندو بيڄڻ حالتن ۾ ۽ ڏکاريل حالت ۾. (۱۹) پر جيڪڏهن ڪو آخرت جو طالب هوندو ۽ ان جي لاءِ جهڙي ڪوشش ڪرڻ گهرجي تهڙي ڪوشش ڪندو ۽ پڻ ايمان وارو ٻہ هوندو تہ پوءِ (هن جي لاءِ دائمي ڪاميابيون هونديون ۽) اهڙن ماڻهن جي ڪوشش قبول پوندي. (۲۰) اسان هر ڪنهن کي (يعني مٿي ڄاڻايل ٻنهي قسمن جي ماڻهن کي) پنهنجي پروردگاريءَ جي بخشش سان (هن دنيا ۾) مدد ڪيون ٿا، انهن کي ٻہ (جي فقط دنيا جي پوئتان لڳي ٿا پون) ۽ انهن کي ٻہ (جيڪي آخرت جا طالب ٿين ٿا ۽ حق جي راهه تي ٿا هلن) ۽ (اي پيغمبر!) تنهنجي پروردگار جي بخشش عام آهي ۽ ڪنهن جي ٻہ لاءِ بند ناهي. (۲۱) ڏس! اسان ڪهڙيءَ طرح (هن دنيا ۾) ڪن ماڻهن کي ڪن ماڻهن کان وڌيڪ فضيلت ڏني آهي. (جو کي ڪهڙي حال ۾ آهن تہ کي ڪهڙي حال ۾) ۽ حقيقت هيءَ آهي تہ آخرت جا درجا سڀني کان وڌيڪ وڏا آهن ۽ سڀني کان وڌيڪ سنا آهن. (۲۲) الله سان گڏ ڪنهن ٻہ ٻئي کي معبود نہ ٻنايو، نہ تہ اهڙا هوندؤ جو هر طرح نفرت جا لائق ۽ هر طرح پريشان ۽ تنگ حال هوندؤ.

رکوع ۳ آيت ۲۳ ـ تا ـ ۳۰

اجايو خرچ ڪندڙ شيطان جا ڀائر آهن، نڪي هٽ ڦاڙ ٿيو نڪي ڪنجوس ٿيو. رزق ڪشادو ڪرڻ وارو ۽ تنگ ڪرڻ وارو الله آهي.

(۲۳) ۽ تنهنجي پروردگار حڪم ڏئي ڇڏيو آهي تہ ڪائنس سواءِ ٻئي ڪنهن جي ٻہ ٻانهپ نہ ڪيو ۽ پنهنجي ماءُ پيءُ سان ڀلايون ڪيو. جيڪڏهن ماءُ پيءُ مان ڪو هڪ يا ٻئي تنهنجي حياتيءَ ۾ ٻڍاپڻ جي عمر کي پهچي وڃن (۽ انهن جي خدمت جو ٻار تنهنجي ذمي ٿئي) تہ انهن جي ڪنهن ٻہ ڳالهه تي رڳو اف ٻہ نہ چؤ (يعني ڪوبہ خفي ٿيڻ جو لفظ نہ چؤ) نڪي (غصي ۾ اچي) ڪين جهٽڪڻ شروع ڪري ڏي. هنن سان ڳالهه پولهه ادب ۽ عزت سان ڪر. (۲٤) هنن جي اڳيان محبت ۽ مهرباني‌ءَ سان نماڻائيءَ جو سر جهڪائي رک، سندن حق ۾ (هميشہ) دعا گهرندو رهہ تہ اي منهنجا پروردگار! جهڙيءَ طرح هنن مون کي منهنجي ننڍپڻ ۾ پاليو ٻاليو. تهڙيءَ طرح تون ٻہ هنن تي رحم ڪندو رهہ. (۲۵) جيڪي توهان جي دلين ۾ آهي سو الله تعاليٰ چڱيءَ طرح ٿو ڄاڻي. جيڪڏهن توهان نيڪ عمل ڪندڙ آهيو (پر ڀل چڪ کان ڪا خطا ٿي وڃي) تہ پوءِ (پريشان نہ ٿيو) هو (الله) بيشڪ توبہ ڪرڻ وارن لاءِ وڏو بخشڻهار آهي. (۲٦) ۽ (ياد رکو تہ) جيڪي توهان جا مائٽ آهن، جيڪي ٻہ مسڪين آهن ۽ جيڪي (ٻي سمر ۽ ٻي يار) مسافر آهن،

انهن سيني جو اوهان تي حق آهي ۽ انهن جو حق ادا ڪندا رهو. ۽ (مال ۽ دولت ڪي) ائين اجايو (عياشين ۽ نمائشن تي) خرچ نہ ڪيو جيئن بيجا لٽڻ ٿيندو آهي. (۲۷) اجايو خرچ ڪندڙ (جيڪي بيجا طور عياشين ۽ نمائشن تي مال لٽيندا آهن) شيطانن جا پائي بند آهن ۽ شيطان پنهنجي پروردگار جي نعمتن جو بي شڪر آهي. (۲۸) ۽ جيڪڏهن هيئن هجي جو توهان پنهنجي پروردگار ۾ اميدون رکي سندس فضل جي تلاش ۾ هجو (يعني تنگيءَ جي حالت ۾ هجو ۽ ڪمائڻ لاءِ نڪري پئو) ۽ ان ڪري توهان کي انهن (حقدارن) کان منهن ڦيرائڻو پوي تہ پوءِ اوهان کي گهرجي تہ نرميءَ سان انهن کي سمجهايو (۽ سخت لفظ نہ ڳالهايو). (۲۹) ۽ نڪي پنهنجو هٿ پنهنجي ڳچيءَ سان ٻڌي ڇڏيو (يعني نڪي ڪنجوسائي ڪيو) نڪي بلڪل هٿ ڦاڙ ٿيو. (ٻنهي حالتن جو نتيجو هي ٿيندو تہ) توهان تي هر طرف کان ملامت پوندي ۽ تنگيءَ جي حالت ۾ رهندؤ. (۳۰) بيشڪ تنهنجو پروردگار جنهن لاءِ چاهي ٿو تنهن لاءِ روزي ڪشادي ڪري ٿو ڇڏي ۽ جنهن لاءِ چاهي تو تنهن لاءِ ماپيل توريل (يعني ٿوري) ڏئي ٿو. هو پنهنجي ٻانهن (جي حالت) جي خبر رکندڙ ۽ (سڀ ڪجهہ) ڏسندڙ آهي.

رکوع ٤ آيت ۳۱ ـ تا ـ ٤۰

اولاد کي قتل ڪرڻ، زناڪاري، خونريزي ۽ يتيمن جي مال کائڻ کان منع. تور ۽ ماپ پوري ڏيڻ جو حڪم. جنهن ڳالهہ جي توهان کي خبر نہ هجي سا نہ چئو ۽ نہ ان تي عمل ڪيو. زمين تي آڪڙ ڪري نہ گهمو.

(۳۱) ۽ سڃائي جي خوف کان پنهنجي اولاد کي ماري نہ ڇڏيو. اسان ئي کين ۽ اوهان کي ٻہ روزي ٿا رسايون. هنن کي ماري ڇڏڻ تمام وڏو گناهہ آهي. (۳۲) ۽ زناڪاريءَ جي ويجهي ٻہ نہ وڃو. يقين ڪيو تہ اهو ڪم وڏي بي شرميءَ جو ڪم آهي ۽ وڏي خرابيءَ جي چال آهي. (۳۳) ۽ ڪنهن ٻہ اهڙي شخص کي ناحق قتل نہ ڪيو جنهن کي قتل ڪرڻ الله تعاليٰ حرام ٺهرايو آهي ۽ جيڪو ٻہ ظلم سان قتل ڪيو وڃي تنهن جي وارثن کي اسان (قصاص جي گهر ڪرڻ جو) اختيار ڏيئي ڇڏيو آهي، پر ڪيس گهرجي تہ خونريزيءَ ۾ زياد تي نہ ڪري (يعني حق کان وڌيڪ بدلو وٺڻ جو خيال نہ ڪري) هو (حد جي اندر رهڻ ۾) مدد جو حقدار ٺهرايل آهي. (يعني ڪيس ٻين ماڻهن خواهہ سرڪاري قانون جي مدد ٿي ملي.) (۳٤) ۽ يتيمن جي مال جي ويجهو ٻہ نہ وڃو (يعني ان کي خرچ ڪرڻ جو ارادو ٻہ نہ ڪيو) پر اهڙي طريقي سان (پلي ويجهو وڃو) جو بهترين هجي (يعني يتيم جو مال سنياڻ ۽ وڏائڻ لاءِ پلي بندوبست رکو) جيستائين يتيم جوان ٿئي. (۽ توهان سندس امانت سندس حوالي ڪيو) ۽ (ياد رکو) پنهنجو عهد پاڙيندا ڪيو. عهد جي باري ۾ توهان کان ضرور پڇاڻو ڪيو ويندو. (۳۵) ۽ جڏهن ڪا شيءِ ماپيو تہ بلڪل پوري ماپ ڪيو، (ان ۾ گهٽتائي نہ ڪيو) ۽ جڏهن توريو تڏهن سچي ۽ سڌي تارازي سان توريو (يعني نڪي

تارازي غلط هجي نڪي تورڻ ۾ ڪا هٽ جي چالاڪي ڪجي) اهوئي بهتر طريقو آهي ۽ چگو نتيجو ڏيڻ وارو آهي. (٣٦) ۽ (ڏسو) جنهن ڳالهه جو اوهان کي علم ڪونهي تنهن جي پٺيان نه پئو. (پنهنجي حد جي اندر رهو) ياد رکو ته، ڪنن، اکين، دل ۽ دماغ (يعني جذبن ۽ خيالن) جي باري ۾ پڇاڻو ٿيڻو آهي. (٣٧) ۽ زمين تي آکڙ ڪري نه گهمو. يقيناً توهان زمين کي ڏاري ڪونه سگهندؤ، نڪي جبلن جيڏا ڊگها ٿي سگهندؤ. (٣٨) انهن سيني ڳالهين جو حال هي آهي ته انهن جي بچڙائي توهان جي پروردگار کي سخت ناپسند آهي. (٣٩) (اي پيغمبر!) هي انهن حڪمت جي ڳالهين مان آهن جي تنهنجي پروردگار توکي وحي ڪري پڌايون آهن ۽ (انهن سيني ڳالهين جو بنياد هي آهي ته) الله سان گڏ ڪو ٻيو معبود نه ٺهرايو جو آخر دوزخ ۾ اڇلايا ويجو (اهڙيءَ حالت ۾ جو) ملامت ڪيل ۽ ڏڪاريل هجو. (٤٠) ائين ٿي سگهي ٿو چا ته، توهان جو پروردگار اوهان کي ته هن بزرگيءَ لاءِ چونڊي ڪٽي جو پٽن وارا ٿيو ۽ پنهنجي لاءِ هي پسند ڪري ته فرشتن کي پنهنجون ڌيئر بنائي. ڪهڙي نه وڏي (بچڙي) ڳالهه آهي جا توهان چئي رهيا آهيو.

رکوع ۵ آيت ٤١ ـ تا ـ ٥٢

وحدانيت، ڪافرن جي دلين تي پردو چڙهي ويڻ. آخرت جو دليل.

(٤١) ۽ اسان قرآن ۾ هر طريقي سان ڳالهيون سمجهايون آهن، انهيءَ لاءِ ته هي ماڻهو نصيحت وٺن پر (هنن تي ڪوبه اثر ڪونه پيو آهي، اڻلندو) هنن جي نفرت اڳين کان به وڌيڪ ٿي ويئي آهي. (٤٢) (اي پيغمبر!) تون چئو ته جيڪڏهن الله سان گڏ ٻيا به معبود هجن ها جيئن هي ماڻهو چون ٿا ته پوءِ ضرور هيئن ٿئي ها جو اهي هڪدم عرش جي مالڪ خدا تائين (مقابلي ڪرڻ جي) راهه ڳولي ڪڍن ها (۽ ڪائنات ۾ فساد ۽ بگاڙو پئجي وڃي ها). (٤٣) انهن سيني ڳالهين کان، جيڪي اهي ماڻهو چون ٿا خدا جي ذات پاڪ ۽ بلند آهي. بيحد بلند آهي. (٤٤) ست ئي آسمان ۽ زمين ۽ جيڪو به انهن ۾ آهي سڀ سندس پاکائي ۽ شان ڳائي رهيا آهن. ڪابه شيءِ ڪانهي جا سندس حمد ۽ ثنا نه ڪري رهي هجي. پر توهان هنن جون ثنا گويون سمجهي نٿا سگهو. بيشڪ هو وڏو بردبار ۽ وڏو بخشيندڙ آهي. (٤٥) (اي پيغمبر!) جڏهن تون قرآن ٿو پڙهين تڏهن تنهنجي ۽ انهن ماڻهن جي وچ ۾ جيڪي آخرت ۾ يقين نٿا رکن اسان هڪ لکل پردو وجهي ٿا ڇڏيون (يعني خدا جو اهو قانون آهي ته اهڙن ماڻهن ۽ حق جي صدا جي وچ ۾ هڪ اهڙو پردو اچي وجي). (٤٦) ۽ اسان هنن جي دلين تي پردا وجهي ڇڏيا آهن، جنهن ڪري هو ان کي (يعني قرآن کي يا حق کي) سمجهڻ جي قابليت وجائي ويٺا آهن، ۽ سندن ڪنن ۾ ٻوڑاڻ پيدا ڪري ڇڏي آهي، (جنهن ڪري ڪجهه به پڌي نٿا سگهن) ۽ جڏهن توهان قرآن ۾ اڪيلي هڪ خدا جو ذڪر (۽ بيان) ٿو ڪرين (۽ هي ماڻهو پنهنجي ٺهرايل شريڪن جو بيان ان ۾ ڪونه ٿا ڏسن) تڏهن هو پٺي ڏيئي نفرت ۾ پرجي پڇڻ لڳن ٿا. (٤٧) اسان چگيءَ طرح ڄاڻون ٿا ته ڪيئن ۽ ڇو اهي ماڻهو

پڌن ٿا، جڏهن تنهنجي طرف ڪن لڳائين ٿا ۽ پڙ (چگيءَ طرح چاڻون ٿا) جيڪي هو هڪ ٻئي کي ڪنن ۾ مخفيءَ طرح چون ٿا. هو ظالم چون ٿا ته جنهن ماڻهو (يعني پيغمبر ﷺ) جي پٺيان لڳا آهيو، سو سواءِ هن جي ٻيو چا آهي ته متس ڪو جادو ڪيل آهي. (٤٨) (اي پيغمبر!) ڏس ته هنن ماڻهن تنهنجي باري ۾ ڪهڙيون ڪهڙيون ڳالهيون ٺاهيون آهن، جن جي ڪري گمراهيءَ ۾ پئجي ويا آهن، تنهن ڪري هو هاڻي سنئين وات لهي نٿا سگهن. (٤٩) ۽ (ڏس) هو چون ٿا ته جڏهن اسان (مرڻ بعد) فقط هڏيون وجي رهنداسين ۽ ڳري سڙي وينداسين تڏهن وري اڀين ڪيئن ٿي سگهندو جو نئين سر (جيئرا ڪري) اٿاريا وينداسين. (٥٠) تون ڪين چؤ ته، هائو! توهان (مرڻ بعد ڪجهه ٻ ٿي وجو) پٿر ٿي وجو، لوهه ٿي وجو. (٥١) يا ڪا ٻي شيءِ ٿي وجو جا توهان جي خيال ۾ (ٻيهر زندهه ٿيڻ لاءِ) تمام سخت هجي، (ته ٻ الله جي قدرت اوهان کي ٻيهر زندهه ڪندي) هي ٻڌي هو چوندا ته ڪير آهي جو اهڙيءَ طرح اسان کي ٻيهر جيئاري ڇڏيندو. تون ڪين چئو ته اهو ئي (الله) جنهن اوهان کي پهريائين پيدا ڪيو (سوئي اوهان کي ٻيهر جيئاري اٿاريندو) تنهن تي اهي ماڻهو تنهنجي اڳيان ڪنڊ ڏوڻيندا ۽ چوندا ته، اڀين ڪڏهن ٿيندو؟ تون چئو ته، عجب ناهي ته ان جو وقت ويجهو هجي. (٥٢) انهيءَ ڏينهن الله تعاليٰ اوهان کي سڏيندو ۽ اوهان سندس حمد ڪندي سندس سڏ جو جواب ڏيندؤ، ۽ اوهان پاڻئيندؤ ته، (ٻنهي زندگين جي وچ ۾) توهان جيڪو وقت گذاريو (سو گهٽو ڪين هو) ٿورڙو هو.

رڪوع ٦ آيت ٥٣ ـ تا ـ ٦٠

هڪ ٻئي سان سهٽا ۽ وڙندڙ لفظ ڳالهايو نه ته جهيڙا ۽ فساد ٿين ٿا.

(٥٣) ۽ (اي پيغمبر!) منهنجي ٻانهن کي چئي ڇڏ (يعني انهن کي جن ايمان آندو آهي ته مخالفن سان گفتگو ڪندي) جيڪا ڳالهه چئو سا اهڙي چئو جا سهٽي ۽ وڙندڙ هجي (نه نفرت يا دشمني پيدا ڪندڙ). شيطان ماڻهن جي وچ ۾ فساد وجهي ٿو (جيڪڏهن هو گاريون يا اڻ وڻندڙ لفظ ڪم آڻين ٿا) يقيناً شيطان انسان جو چٽوپٽو دشمن آهي. (٥٤) توهان جو پروردگار ئي توهان جو حال چگيءَ طرح ڄاڻي ٿو. هو چاهي ته اوهان تي رحم ڪري ۽ چاهي ته عذاب ۾ وجهي ۽ (اي پيغمبر!) اسان تو کي هنن ماڻهن جو نگهبان ڪري ڪونه موڪليو آهي. (تون سندن هدايت نه وٺڻ لاءِ جوابدار ڪونه آهي.). (٥٥) ۽ آسمان ۽ زمين ۾ جيڪو ٻ آهي تنهن جو حال تنهنجو پروردگار بهتر ڄاڻي ٿو. اسان ڪن نبين کي ڪن ٻين کان برتر ڪيو ۽ اسان حضرت داؤد کي (ڪتاب) زبور عطا ڪيو. (٥٦) (اي پيغمبر!) هنن ماڻهن کي چئي ڏي ته توهان پنهنجي خيال موجب الله کان سواءِ جن هستين کي معبود سمجهيو آهي، تن کي (پنهنجي حاجتن لاءِ ۽ مشڪلن لاهڻ لاءِ) پڪاري ڏسو. هو ان جي طاقت نٿا رکن جو توهان جو ڪوٻ درد دور ڪن يا توهان جي حالت بدلائي سگهن. (٥٧) اهي ماڻهو جن هستين کي پڪارين ٿا (۽ الله کي ويجهو

ٽيڻ جو وسيلو سمجهن ٿا) سي ته پاڻ ئي پنهنجي پروردگار ڏانهن (وبجهو ٽيڻ لاءِ بندگي ۽ فرمانبرداريءَ جي ذريعي) وسيلو ڳوليندا رهن ٿا ته ڪير اُنهيءَ راهه ۾ وڌيڪ ويجهو ٿو ٿئي، پڻ سندن رحمت جي اميد رکن ٿا ۽ سندس عذاب کان ڊڄندا رهن ٿا. بيشڪ تنهنجي پروردگار جو عذاب اهڙو ته سخت آهي جو ان کان ڊڄڻ ئي گهرجي. (۵۸) ۽ قيامت جي ڏينهن کان اڳي ضرور هيئن ٿيندو جو (نافرمانن جي) بستين کي اسان تباهه ڪري ڇڏينداسين. يا ڪين سخت عذاب ۾ وجهنداسين. اها ڳالهه (الله جي قانوني) ڪتاب ۾ لکي ويئي آهي. (۵۹) ۽ (جيڪي نشانيون هي مڪي جا منڪر گهرن ٿا تن) نشانين جي موڪلڻ کان اسان کي ڪير ٿو روڪي سگهي، سواءِ هن ڳالهه جي ته اسان ڇاڻون ٿا ته اڳين زمانن جا ماڻهو اهڙيون نشانيون ڪوڙيون ڏهرائي رد ڪري چڪا آهن. اسان ثمود جي قوم کي هڪ ڏاچي ڏني، جا هڪ چٽي نشاني هئي. پر هنن ان ڏاچيءَ تي ظلم ڪيو (۽ انهيءَ نشانيءَ مان عبرت نه ورتائون) ۽ اسان نشانيون ته فقط هن لاءِ موڪيندا آهيون ته ماڻهو (انڪار ۽ سرڪشيءِ جي نتيجن کان) ڊڄن (۽ سنئين وات وڻن). (۶۰) ۽ (اي پيغمبر! اهو وقت ياد ڪر) جڏهن تنهنجي پروردگار توکي چيو هو ته، يقين ڪر ته تنهنجي پروردگار ماڻهن کي گهيري هيٺ آڻي ڇڏيو آهي، (يعني هاڻي اهي منڪر عذاب کان بچي ڪونه سگهندا) ۽ اهو رؤيا (يعني خواب يا روحاني ديدار) جو اسان توکي ڏيکاريو سو هن لاءِ ته ماڻهن جي لاءِ هڪ آزمائش ٿئي. ساڳيءَ طرح انهيءَ وڻ (زقوم يا ٿوهر) جو بيان جنهن تي قرآن ۾ لعنت ڪئي ويئي آهي. (سو به آزمائش آهي) اسان انهن ماڻهن کي (طرحين طرحين نمونن سان) ڊيڄاريون ۽ خبردار ڪيون ٿا. پر هنن تي ڪوبه اثر ڪونه ٿو پوي. اثر پوي ٿو ته فقط هي جو هو پنهنجي سرڪشين ۾ اڃا به وڌيڪ وڌندا ٿا وڃن.

رڪوع ۷ آيت ۶۱ ـ تا ـ ۷۰

ابليس جو تڪبر ۽ نافرماني. خدا جا پانها سندس قنديءَ نه اينداَ.

(۶۱) ۽ ياد رکو ته اسان فرشتن کي حڪم ڏنو هو ته آدم جي اڳيان جهڪي پئو. تنهن تي سڀ جهڪي پيا، پر هڪ ابليس نه جهڪيو. هن چيو ته، ڇا مان اهڙيءَ هستيءَ جي اڳيان جهڪي پوان جنهن کي تو مٽيءَ مان ٺاهيو آهي؟ (۶۲) (ابليس هيئن به) چيو ته، ڇا تنهنجو اهوئي فيصلو آهي ته، تو هن (حقير) هستي (يعني آدم ۽ بني آدم) کي مون کان وڌيڪ شان ڏنو آهي. جيڪڏهن تون مون کي قيامت جي ڏينهن تائين مهلت ڏئين ته مان ضرور سندس نسل (يعني بني آدم) جي پاڙ ۽ بنياد به پٽي ڇڏيندس، سواءِ ڪن ٿورڙن ماڻهن جي (پيو کوبه انهيءَ تباهيءَ کان کونه بچندو). (۶۳) الله تعاليٰ (ابليس کي انهيءَ تي) حڪم ڏنو ته وڃ، وٺ پنهنجي راهه. انهن ماڻهن مان جيڪو به تنهنجي پٺيان لڳندو (يعني تابعداري ڪندو) تنهن جي لاءِ ۽ تُنهنجي لاءِ جهنم جي سزا هوندي جا بلڪل ڪافي سخت سزا آهي. (۶۴) انهن ماڻهن مان جنهن کي به تون پنهنجا ڪَچيندڙ آواز (۽

الفاظ) ٻڌائي گمراهه ڪري سگهين (ٿو) تنهن کي گمراهه ڪرڻ جي ڪوشش ڪري وٺ، پنهنجي لشکر جي سوارن ۽ پيادن سان حملو ڪر، سندن مال ۽ اولاد ۾ شريڪ ٿي وڃ، هنن سان (هر قسم جي ڳالهين جا) واعدا ڪر، پر شيطان جا واعدا ته رڳو ڌوڪيون ۽ فريب آهن. (٦٥) جيڪي منهنجا (سچا) ٻانها آهن، تن تي تنهنجو حڪم يا اختيار ڪونه هلندو. تنهنجو پروردگار ڪارسازيءَ لاءِ بلڪل ڪافي آهي. (٦٦) (اي انسانو!) توهان جو پروردگار اهوئي آهي، جو توهان جي ڪمن ڪارين لاءِ سمنڊ ۾ جهاز هلائي ٿو، انهيءَ لاءِ ته توهان (سير ۽ سفر ڪري) سندس فضل (گذران جو سامان ۽ طرح طرح جون نعمتون) تلاش ڪيو. بيشڪ هو اوهان تي وڏيون رحمتون ڪندڙ آهي. (٦٧) ۽ جڏهن توهان سمنڊ ۾ هوندا آهيو ۽ (ڪنهن) مصيبت ۾ ڦاسندا آهيو تڏهن اهي سڀ هستيون جن کي توهان (خدا کان سواءِ) سڏيندا آهيو سي توهان کي ڇڏي ڀڄي ويندیون آهن، (يعني ان وقت توهان انهن کي وساري ڇڏيندا آهيو) فقط هڪ الله ياد ايندو اٿوَ. پوءِ جڏهن هو اوهان کي مصيبت مان ڇڏائي ٿو ۽ خشڪيءَ تي پهچائي ٿو تڏهن وري توهان ڪائنس منهن موڙي ٿا ڇڏيو. حقيقت هيءَ آهي ته انسان وڏو بي شڪر آهي. (٦٨) پوءِ ڇا توهان کي هن ڳالهه کان امن امان ملي ويو آهي، ڇا ته هو اوهان کي خشڪيءَ جي ڪنهن ڪنڊ ۾ پوري لٽي ڇڏي (جيئن صحرا ۾ ٽيندو آهي يا ڏرتيءَ جي ڏٻڻ وقت ٽيندو آهي) يا توهان تي پٿرن وسائڻ واريون آندیون آڻي ۽ توهان ان حال ۾ ڪوبه پنهنجو مددگار ڪونه ڏسو يا لهو. (٦٩) يا توهان هن ڳالهه جو به خوف نٿا رکو ڇا؟ ته الله اوهان کي ٻيهر اهڙي ئي مصيبت ۾ وجهي ۽ (اوهان جي ٻي ساموندي مسافريءَ ۾) هوا جو هڪ سخت طوفان موڪلي ۽ اوهان جي ناشڪري جي بدلي ۾ اوهان کي غرق ڪري ڇڏي ۽ پوءِ ڪوبه (مددگار) نه لهو، جيڪو ان متعلق اسان تي دعويٰ ڪري. (٧٠) ۽ هي حقيقت آهي ته اسان بني آدم کي بزرگي ڏني. ۽ بر ۽ بحر ۾ هنهي جون قوتون ڪيس تابع ڪري ڏنيون ته هن کي کٽي هيڏي هوڏي وڃن، ۽ اسان چگيون ۽ پاڪ شيون سندس روزيءَ لاءِ مهيا ڪيون، ۽ پڻ مخلوقات مان گهڻن تي ڪيس برتري ڏني. پوري ۽ وڏي برتري ڏني جهڙي هئڻ گهرجي.

رکوع ۸ آيت ۷۱ ـ تا ـ ۷۷

قيامت جي ڏينهن هر ڪو پنهنجو اعمالنامو پڙهندو.

(٧١) انهيءَ (قيامت جي) ڏينهن جڏهن اسان سڀني انسانن کي سندس پيشوائن سميت سڏيندا سين (۽ پاڻ وٽ گڏ ڪندا سين) تڏهن جنهن کي پنهنجو ڪتاب (اعمال نامون) پنهنجي (سڄي هٿ ۾ ملندو سو انهن ماڻهن مان هوندو جيڪي پنهنجو اعمال نامون (خوش ٿي) پڙهندا ۽ انهن سان سرنهن جي داڻي جيتري به بي انصافي ڪانه ڪئي ويندي. (٧٢) ۽ جيڪو هن دنيا ۾ انڌو ٿي رهيو (۽ الله جي ڏنل هوش ۽ حواسن کان ڪم نه ورتائين) تنهن بابت يقين ڪيو ته هو آخرت ۾ به انڌو ئي رهندو ۽ (سڀني) رستي کان پري گمراهه هوندو. (٧٣) ۽ (اي پيغمبر!) هنن

ماڻهن تہ پنهنجي وسان کين گهٽايو تہ توکي فريب (لالچون ۽ ڏمڪيون) ڏيئي انهيءَ ڪلام (جي پهچائڻ) کان باز رکن جيڪو اسان وحي طور توتي نازل ڪيو آهي. ۽ سندن مقصد هي هو تہ انهيءَ ڪلام جي بدران ٻيون ڳالهيون ٻڌائي اسان تي ڪوڙا ناهہ ناهين، ۽ پوءِ هو خوش ٿي توکي پنهنجو دوست بنائين. (٧٤) ۽ جيڪڏهن (حق جي راهہ تي) اسان توکي مستقيم ۽ محڪم نہ رکون ها تہ تون ضرور انهن جي طرف ڪجهہ نہ ڪجهہ لاڙو ڪري ويهين ها. (٧٥) پوءِ ان صورت ۾ ضرور توکي زندگيءَ جو ٻيڻو عذاب چکايون ها ۽ موت جو ٻيڻو عذاب چکايون ها. ۽ وري توکي اسان جي مقابلي ۾ ڪو مددگار ٻہ ڪونہ ملي ها. (٧٦) ۽ هنن هن ڳالهہ ۾ ٻہ پنهنجي وسان کين گهٽايو هو تہ، توکي هن ملڪ مان عاجز ڪري ڪيڻ ڇڏين، ۽ جيڪڏهن ائين ڪري ويهن ها تہ (ياد رک تہ تنهنجي نڪري وڃڻ کان) پوءِ مهلت ڪانہ ملين ها پر تمام ٿوري. (٧٧) اسان توکان اڳي جيڪي ٻہ پيغمبر موڪليا آهن، تن سيني جي معاملي ۾ اسان جو قانون اهڙوئي رهيو آهي، ۽ اسان جي ٺهرايل قانونن ۾ ڪابہ ڦيرڦار نہ ڏسندين (يعني خدائي قانون ضرور عمل ۾ ايندو ۽ عملن جو نتيجو ضرور ظاهر ٿيندو.)

رڪوع ٩ آيت ٧٨ ـ تا ـ ٨٣

نماز جا وقت. تهجد واري نماز. قرآن روحاني بيمارين لاءِ شفا ۽ رحمت آهي.

(٧٨) (اي پيغمبر!) نماز قائم ڪر. سج لڙڻ کان وٺي رات جي اونداهيءَ تائين (يعني ظهر، عصر، مغرب ۽ عشا جي وقتن ۾) پڻ صبح جو قرآن پڙهڻ (خاص طرح) ڏٺو وڃي ٿو. (يعني الله تعاليٰ خاص طرح صبح جي نماز ڏسي ٿو ۽ ان جو فائدو وڌيڪ ملي ٿو.) (٧٩) ۽ (اي پيغمبر!) رات جو ڪجهہ حصو (يعني پويون پهر) سجاڳيءَ ۾ گذار. اهو تنهنجي لاءِ زياده عمل آهي. ممڪن آهي تہ جلد الله توکي اهڙي درجي تي پهچائي ڇڏيندو جو نهايت ساراهيل ۽ پسند پيل درجو هوندو. (٨٠) ۽ تنهنجي دعا هيءَ هئڻ گهرجي تہ، اي پروردگار! مون کي جتي پهچائين اتي سچائيءَ سان پهچاءِ. ۽ جتان ڪيڻ اتان سچائيءَ سان ڪڍ، ۽ مون کي پنهنجي حضور مان قوت عطا ڪر، اهڙي قوت (عطا ڪر) جا (هر حال ۾) مددگاري ڪرڻ واري هجي. (٨١) ۽ تنهنجو اعلان هي هجي تہ ڏسو حق ظاهر ٿي پيو ۽ باطل (ڪوڙ) نابود ٿي ويو ۽ باطل ضرور نابود ٿيڻو ئي آهي. (٨٢) ۽ اسان جيڪي قرآن ۾ نازل ڪيو آهي سو ايمان وارن لاءِ (روح جي سيني بيمارين جي) شفا ۽ رحمت آهي. ۽ جيڪي نافرمان آهن تن کي ان مان ڪجهہ ٻہ فائدو ملڻو ناهي، سواءِ هن جي تہ (انڪار ۽ سرڪشيءِ سبب) اڃان ٻہ وڌيڪ تباهہ ٿين. (٨٣) ۽ جڏهن اسان انسان تي نعمتون ڪيون ٿا، تڏهن اسان کان (نعمتن جي نشي ۾) منهن موڙي ڇڏين ٿا ۽ (شيطان جي طرف) هٿي وڃن ٿا ۽ جڏهن کين ڪو ڏک يا مصيبت پهچي ٿي تہ، ڏسو تہ بلڪل مايوس ٿي ويهي رهن ٿا (ڪاميابيءَ جي حالت ۾ غفلت ۽ غرور، ۽ تنگيءَ جي حالت ۾ مايوسي تباهہ ڪندڙ ڳالهہ آهي.) (٨٤) (اي پيغمبر!) تون چئي ڏي تہ هر انسان پنهنجي پنهنجي طريقي

تي (پنهنجي پنهنجي خيالن ۽ خواهشن موجب) عمل ٿو ڪري. پوءِ تنهنجو پروردگار ئي بهتر ڄاڻي ٿو ته ڪير سڀني کان وڌيڪ سڌي راهه تي آهي.

رڪوع ۱۰ آيت ۸۵ ـ تا ـ ۹۳

روح يا وحي. منڪرن کي چئلينج ته قرآن جهڙو ڪتاب ٺاهي ڏيکارين

(۸۵) ۽ (اي پيغمبر!) هي ماڻهو توکان روح بابت پڇن ٿا، تون کين چؤ ته روح منهنجي پروردگار جي حڪم سان آهي (اصل ان جو حڪم ڪم ڪري رهيو آهي.) ۽ اوهان کي (ڪائنات جي اسرارن جو) جيڪو علم ڏنو ويو آهي، سو تمام ٿورڙو آهي. (ان کان وڌيڪ توهان حاصل ڪري نٿا سگهو.) (۸۶) ۽ (اي پيغمبر!) جيڪو وحي توڏي موڪليو ويو آهي، سو جيڪڏهن اسان چاهيون ته اهو به توکان کسي وٺون. پوءِ توکي کوبه ڪوبه ملندو، جو ان لاءِ اسان جي خلاف وڪالت ڪري. (۸۷) پر هيءَ فقط تنهنجي پروردگار جي رحمت آهي (جو هو ائين نٿو ڪري جو وحي وري کسي وٺي) بيشڪ هن جو توتي وڏو ئي فضل آهي. (۸۸) (اي پيغمبر!) هن ڳالهه جو اعلان ڪري ڇڏ ته جيڪڏهن سڀ انسان ۽ جن گڏ ٿي چاهين ته هن قرآن جهڙو ڪو ڪلام پيش ڪن ته ڪڏهن به هو پيش ڪري نه سگهندا، اگرچه هنن مان هرهڪ ٻين جو مددگار ٿئي. (۸۹) ۽ اسان قرآن ۾ هر طرح جا مثال بار بار موٽائي بيان ڪيا آهن ته ماڻهو سمجهن، پر انهن مان گهڻن کابه ڳالهه قبول نه ڪئي. اڻلندو ٻي شڪري ڪيائون. (۹۰) ۽ هنن چيو ته، اسان ته انهيءَ وقت تائين توکي نه مڃينداسين، جيستائين تون اسان جي لاءِ زمين مان هڪڙو چشمو ڦاڙي ڪڍين. (۹۱) يا توکي کجور ۽ انگورن جو باغ (معجزي سان پيدا ٿيل) ملي وڃي، ۽ تون انهن جي وچ ۾ گهٽيون ئي نهرون وهائي ڏيکارين. (۹۲) يا جيئن تو خيال ڪيو آهي آسمان کي ٽڪرا ٽڪرا ڪري اسان تي ڪيرائين يا الله ۽ سندس فرشتا اسان جي سامهون آڻي ڏيکارين. (۹۳) يا سونو محلات تنهنجي لاءِ مهيا ٿي وڃي يا تون مٿي چڙهي آسمان ۾ هليو وڃين، ۽ جيڪڏهن تون آسمان ۾ به هليو وڃين ته به اسان اها ڳالهه نه مڃينداسين، جيستائين تون هڪ (لکيل) ڪتاب اسان ڏي نه آڻيندين جو اسان پاڻ پڙهي معلوم ڪيون. (اي پيغمبر!) انهن ماڻهن کي چؤ ته سبحان الله (مون کو خدائيءَ جي دعويٰ ته ڪانه ڪئي آهي) مان هن کان سواءِ ٻيو ڇا آهيان ته هڪ انسان آهيان ۽ حق جو پيغام پهچائڻ وارو آهيان.

رڪوع ۱۱ ت‌آي ۹۴ ـ تا ـ ۱۰۰

اڪثر ماڻهن پيغمبرن کي هن ڪري نه مڃيو جو هنن کي عجب لڳو ته هڪ انسان کي ڪيئن پيغمبر ڪيو ويندو.

(۹۴) ۽ حقيقت هيءَ آهي ته جڏهن به الله جي هدايت (دنيا ۾) ظاهر ٿي تڏهن فقط هن ڳالهه ماڻهن

کي ايمان آڻڻ کان روکيو جو (عجب ۾ پئجي) چوڻ لڳا تہ ڇا الله (اسان جھڙو) ھڪڙو ماڻھو پيغمبر ڪري موڪليو آھي؟ (۹۵) (اي پيغمبر!) تون چئي ڏي تہ جيڪڏھن زمين تي (انسانن جي بدران) فرشتا رھن ھا ۽ آرام ۽ امن امان سان گھمندا ڦرندا وتن ھا تہ پوءِ ضرور اسان آسمان مان ھڪڙي فرشتي کي پيغمبر بنائي موڪليون ھا. (۹۶) (پڻ) چئي ڏي تہ منھنجي ۽ اوھان جي وچ ۾ (ھاڻي) الله جي شاھدي بلڪل ڪافي آھي. يقيناً ھو پنھنجي ٻانھن جي حال کان واقف ۽ سڀ ڪجھ ڏسندڙ آھي. (۹۷) جنھن کي الله تعاليٰ (ڪاميابيءَ جي) راھ تي لڳائي سو ئي في الحقيقت (سچي) راھ تي آھي ۽ جنھن جي لاءِ ھن (پنھنجي قانون مطابق ڪاميابيءَ جي) راھ گم ڪري ڇڏي تنھن جي لاءِ اوھان، سواءِ الله جي کوبہ مددگار نہ لھندؤ. قيامت جي ڏينھن اسان اھڙن ماڻھن کي منھن ڀر (ڪريل اونڌو ٽيل حالت ۾) اٿارينداسين ۽ اھي انڌا، گونگا ۽ پوڙا ھوندا. انھن جو آخري مڪان دوزخ ھوندو. جڏھن بہ ان جي باھ جھڪي ٽيندي تڏھن ان کي اڃي کان بہ وڌيڪ ڀڙڪائي ڇڏينداسين. (۹۸) اھا انھن جي لاءِ سزا ٽيندي، ھن ڪري جو ھنن اسان جي آيتن کان انڪار ڪيو ھو ۽ چيو ھو تہ، ڀلا جڏھن (مرڻ بعد ڳري سڙي) فقط ھڏيون ٿي وينداسين ۽ ذرا ذرا ٿي وينداسين تڏھن (اڻين ڪيئن ٿي سگھندو جو) نئين سر اسان کي پيدا ڪري اٿاريو ويندو. (۹۹) ڇا انھن ماڻھن ھن ڳالھ تي غور نہ ڪيو آھي تہ اھو الله جنھن آسمانن ۽ زمين جي ھيءَ سڄي ڪائنات پيدا ڪري ڇڏي آھي، ضرور ھن ڳالھ جي بہ قدرت ۽ طاقت رکي ٿو تہ ھنن جي ھاڻوڪي زندگيءَ وانگر ھڪ ٻي زندگي بہ پيدا ڪري ڇڏي. پڻ ھن ڳالھ تي غور ڪونہ ڪيو اٿن ڇا تہ ضرور ھنن جي لاءِ الله تعاليٰ (آخري فيصلي جو) ھڪ ميعاد مقرر ڪري ڇڏيو آھي، جنھن ۾ ڪنھن بہ طرح جو شڪ آڻي نٿو سگھجي. تنھن ھوندي بہ ڏسو تہ ھنن ظالمن (سنئين راھ وڃڻ کان) انڪار ڪيو، اڻلڏو حقيقت کي ئي نہ مڃياٿون ۽ ٻي شڪر رھيا. (۱۰۰) (اي پيغمبر!) تون چئي ڏي تہ، جيڪڏھن منھنجي پروردگار جي رحمت جا خزانا اوھان جي اختيار ۾ ھجن ھا تہ توھان ضرور انھن جي کپي وڃڻ جي خوف کان انھن کي روڪي رکو ھا. (پر الله تعاليٰ پنھنجي رحمت جو فيض روڪي رکڻ وارو ناھي. سندس بخششون اھڙيون تنگ ناھن جو دنيا جي ٿورڙن ڏينھن جي زندگيءَ لاءِ محدود ھجن ۽ کپي وڃن) حقيقت ھيءَ آھي تہ انسان ڏاڍو تنگدل ۽ بخيل يعني ڪنجوس آھي، (اھو الاھي رحمت جي ڪشادگيءَ جو اندازو لڳائي نٿو سگھي.)

رکوع ۱۲ آيت ۱۰۱ ـ تا ـ ۱۱۱

قرآن مجيد جو نزول ۽ اثر، الله تعاليٰ جا سھڻا نالا.

(۱۰۱) ۽ (اي پيغمبر!) اسان حضرت موسيٰ کي نَوَ ڇنڇيون نشانيون ڏنيون ھيون، جڏھن ھو بني اسرائيلن ۾ ظاھر ٿيو ھو. تون بني اسرائيلن کان پڇي ڏس (تہ ڇا ڇا ٿي گذريو ھو) فرعون کيس چيو ھو تہ، اي موسيٰ مان تہ پائيان ٿو تہ توتي ضرور ڪنھن جادو ڪري ڇڏيو آھي.

(١٠٢) (تنهن تي حضرت موسيٰ) فرمايو تہ، تو کي يقيناً معلوم ٿي چڪو آهي تہ هي نشانيون مون ڏي ٻڌي ڪنهن نہ موڪليون آهن پر ان موڪليون آهن جو آسمان ۽ زمين جو پروردگار آهي ۽ انهن ۾ (عبرت ۽ نصيحت وٺڻ لاءِ) سمجهڻ جي روشني آهي ۽ اي فرعون! مان سمجهان ٿو تہ تو پاڻ کي پاڻ تباهي ۾ وڌو آهي. (١٠٣) سو (ڏسو) فرعون چاهيو تہ، بني اسرائيلن جو ملڪ ۾ رهڻ مصيبتن سان ويربل ڪري ڇڏي (۽ کين تباهہ ڪري ڇڏي) پر اسان کيس ۽ انهن سڀني کي جيکي ان سان گڏ هئا (سمنڊ ۾) ٻوڙي ڇڏيو. (١٠٤) ۽ اسان هن واقعي کان پوءِ بني اسرائيلن کي چيو هو تہ، هاڻي هن (فلسطين يا ڪنعان جي) ملڪ ۾ رهو (توهان جي لاءِ هاڻي کوبہ خوف خطرو ڪونہ رهيو) پوءِ جڏهن آخرت جو واعدو ظهور ۾ ايندو تڏهن اسان توهان سڀني کي پنهنجي حضور ۾ آڻي گڏ ڪنداسين. (١٠٥) ۽ اسان قرآن کي سچائيءَ سان نازل ڪيو آهي ۽ اهو بيشڪ سچائي سان ئي نازل ٿيو آهي ۽ اسان جو تو کي (پيغمبر ڪري) موڪليو آهي سو فقط هن حيثيت ۾ تہ تون (ايمان ۽ نيڪ عملن جي نتيجن جي) خوشخبري ڏيندڙ ۽ (انڪار ۽ بدعملن جي نتيجن کان) خبردار ڪندڙ آهين. (١٠٦) ۽ اسان قرآن کي ٽڪرن ٽڪرن ۾ ورهايو آهي، انهيءَ لاءِ تہ تون جهلي جهلي ماڻهن کي پڙهي ٻڌائين ۽ (اهوئي سبب آهي جو ان کي) هڪ ئي وقت نازل نہ ڪيوسين، بلڪ درجي بدرجي (ٿورو ٿورو ڪري) نازل ڪيوسين. (١٠٧) (اي پيغمبر!) هنن ماڻهن کي جئي ڏي تہ توهان قرآن کي (الله جو ڪلام ڪري) مڃيو يا نہ مڃيو، پر جن ماڻهن کي اڳوڻن ڪتابن جو علم ڏنو ويو آهي (يعني اهل ڪتاب) تن کي جڏهن هي ڪلام ٻڌايو وڃي ٿو تڏهن هو بي اختيا سجدي ۾ ڪري پون ٿا. (١٠٨) ۽ چئي ڏين ٿا تہ پاڪائي هجي اسان جي پروردگار لاءِ! بيشڪ اسان جي پروردگار جو واعدو انهيءَ لاءِ ٿيل هو تہ پورو ٿئي ۽ عمل ۾ اچي. (١٠٩) اهي کاڏين پر (الله جي اڳيان) ڪري پون ٿا سندن اکيون لڙکن سان پرجي وڃن ٿيون ۽ (حق جو ڪلام ٻڌڻ) هنن جي نماڻائي ۽ زاريءَ کي وڌائي ٿو ڇڏي. (١١٠) (اي پيغمبر!) تون چئو تہ، توهان (مڪي جا مشرڪ) الله چئي (ڪيس) پڪاريو يا رحمان جي نالي سان ڪيس پڪاريو جيئن بہ پڪاريو (ساڳي ڳالهہ آهي) سندس سڀ نالا سهڻا ۽ چگا آهن ۽ (اي پيغمبر!) تون نماز ۾ نہ ڪي وڌي واڪي (قرآن) پڙهہ، نہ وري بلڪل آهستي. تو کي گهرجي تہ درميانو طريقو اختيار ڪرين. (١١١) ۽ چئو تہ سڀ ساراهون الله جي لاءِ آهن، جو نہ کي اولاد ٿو رکي، نہ کي سندس حڪومت ۾ ڪوئي هن سان شريڪ آهي، ۽ نہ ڪوئي اهڙو آهي جو سندس ٽڪ يا عاجزيءَ ۾ سندس مددگار ٿئي (هو انهن ڳالهين کان ۽ ٽڪ يا عاجزيءَ کان بلڪل پاڪ آهي) سندس وڏائي بيان ڪيو. جيتري وڏائي بيان ڪرڻ گهرجي. (هن جي وڏائي بي انت ۽ بي انتها آهي.)

سورت الڪهف (ڪهف = غار)

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي.

رڪوع ۱ آيت ۱ - تا - ۱۲

قرآن مجيد سنئون ۽ چٽو آهي. هي ڪافر جيڪي هدايت جي واٽ نٿا وٺن تنهن تي تون پاڻ کي افسوس ۾ ڳاري نه ڇڏ.

(۱) سڀ ڪامل ساراهون الله جي لاءِ آهن، جنهن پنهنجي ٻانهي تي ڪتاب (يعني قرآن مجيد) نازل ڪيو آهي ۽ ان ۾ ڪنهن به قسم جي ڏنگائي ڦڏائي ڪانه رکي اٿس. (۲) بلڪل سڌي ڳالهه آهي (پيڇن ۽ وکڙن کان پاڪ آهي ۽ قرآن مجيد جو الله تعاليٰ نازل ڪيو آهي سو) هن لاءِ ته ماڻهن کي الله تعاليٰ وٽان سخت عذاب ۽ تباهيءَ بابت خبردار ڪري. ۽ مؤمنن کي جيڪي صالح عمل ٿا ڪن خوشخبري ڏئي ته يقيناً هنن جي لاءِ وڏو ۽ چگو اجر آهي. (۳) هو هميشه انهيءَ (خوشحالي) ۾ رهندا. (٤) ۽ پڻ انهن ماڻهن کي خبردار ڪري جيڪي (اهڙي سخت واهيات ڳالهه زبان مان ڪڍن ٿا ۽) چون ٿا ته الله تعاليٰ کي به اولاد آهي. (۵) هن باري ۾ هنن کي ڪجهه به ڄاڻ ڪانهي. نڪي هنن جي ابن ڏاڏن کي ڪا ڄاڻ هئي. ڪهڙي نه سخت خراب ڳالهه آهي جا سندن زبان مان نڪري ٿي. جيڪي هو چون ٿا سو ڪجهه به نه آهي مگر سراسر ڪوڙ. (٦) (اي پيغمبر!) تنهنجي حالت ته اهڙي ٿي رهي آهي جو جنهن صورت ۾ هي ماڻهو اها (چٽي) ڳالهه به نٿا (سمجهن ۽) مڃن تنهن صورت ۾ عجب ناهي ته تون هنن (جي هدايت) پٺيان لڳي پنهنجي جان کي افسوس ۾ ڳاري ڇڏين (حالانڪ هو ته مڃڻ وارا ئي ناهن، پوءِ ڇو ٿو افسوس ڪرين.) (۷) روءِ زمين تي جيڪي به آهي، تنهن کي اسان زمين جي لاءِ زينت ۽ سونهن بنايو آهي، ۽ هن لاءِ بنايو آهي ته ماڻهن کي آزمايون ته انهن مان ڪهڙن جا عمل وڌيڪ چگا آهن. (۸) ۽ وري اسان ئي زمين جي هر شيءِ کي (نابود ڪري) ويران ميدان ڪري ٿا ڇڏيون. (۹) (اي پيغمبر!) تو خيال ڪيو آهي ته غار ۾ رقيم وارا (اصحاب ڪهف) اسان جي نشانين مان ڪا عجيب نشاني هئا. (۱۰) ڳالهه هيئن آهي ته ڪي جوان هڪ غار ۾ وڃي ويٺا هئا ۽ هنن دعا گهري هئي ته، اي اسان جا پروردگار پنهنجي طرفان اسان تي رحمت موڪل ۽ تون اسان جي هن ڪم لاءِ ڪاميابيءَ جا اسباب پيدا ڪري ڇڏ. (۱۱) پوءِ غار ۾ ڪيترن ئي سالن تائين اسان هنن جا ڪن (دنيا جي طرف ڪان) بند ڪري ڇڏيا. (۱۲) پوءِ اسان هنن کي اٿاري ڪڍو ڪيو انهيءَ لاءِ ته معلوم ڪي وڃي ته پنهي جماعتن مان ڪهڙي آهي، جا گذريل مدت جو اندازو بهتر طريقي سان لڳائي سگهي.

رکوع ۲ آيت ۱۳ ـ تا ـ ۱۷

اصحاب ڪهف جو قصو. اهي ڪي نوجوان هئا جن پنهنجي پروردگار تي ايمان آندو هو.

(۱۳) (اي پيغمبر!) اسان تو کي انهن ماڻهن جو سچو قصو بيان ڪري ٻڌايون ٿا. اهي ڪي نوجوان هئا جن پنهنجي پروردگار تي ايمان آندو هو. اسان کين هدايت جي واٽ تي وڌيڪ مضبوط ڪري ڇڏيو هو. (۱٤) ۽ هنن جي دلين کي (صبر ۽ استقامت تي) محڪم ڪري ڇڏيو هو. جڏهن هو (حق جي راهه ۾) اٿي ڪڑا ٿيا تڏهن هنن (صاف صاف) چئي ڏنو ته اسان جو پروردگار ته اهوئي آهي جو زمين ۽ آسمانن جو پروردگار آهي. اسان هن کان سواءِ ٻئي ڪنهن کي به معبود (سمجهي) پڪارڻ وارا ڪونه آهيون. جيڪڏهن اسان ائين ڪيون ته اها سخت نامناسب ۽ خراب ڳالهه ٿيندي. (۱۵) اهي اسان جي قوم جا ماڻهو آهن، جن الله کان سواءِ ٻيا معبود ڪٽي ورتا آهن. جيڪڏهن اُهي (سچ پچ) معبود آهن ته پوءِ هو چو نٿا ان لاءِ ڪو چٽو دليل پيش ڪن (هنن وٽ ته ڪو دليل ئي ڪونهي) پوءِ انهيءَ کان وڌيڪ ظالم ڪير ٿي سگهي ٿو جو الله تي ڪوڙو ٻاه ٻاهي. (۱٦) (پوءِ هو پاڻ ۾ چوڻ لڳا ته) جنهن صورت ۾ اسان انهن ماڻهن کان ۽ انهن (معبودن) کان جن کي هو الله کان سواءِ پوڄين ٿا پاسو ڪيو آهي (۽ ڇڏي ڏنو آهي) تنهن صورت ۾ هلو ته هلي ڪنهن غار ۾ پناهه وٺون. اسان جو پروردگار اسان تي پنهنجي رحمت جي ڇانوَ ڪندو ۽ اسان جي هن معاملي لاءِ سمر ۽ سامان مهيا ڪري ڏيندو. (۱۷) ۽ (جنهن غار ۾ وڃي ويٺا سا اهڙيءَ طرح جي هئي جو) جڏهن سج اپري ٿو تڏهن توهان ڏسندؤ ته غار جي ساڄي طرف لڙيل رهي ٿو، ۽ جڏهن لهڻ لڳي ٿو تڏهن وري کاٻي طرف لڙي لهي ٿو وڃي. (يعني ڪنهن به حالت ۾ اس يا سج جا سڏا ڪرٽا اندر نٿا پهچن ۽ هو ان غار جي اندر ڪشادي جاءِ ۾ ويٺا رهيا آهن. اها الله جي نشانين مان هڪ نشاني آهي (جو هنن حق جي لاءِ دنيا جا سپ لاڳاپا لاهي ڇڏيا. حقيقت هيءَ آهي ته) جنهن لاءِ الله تعاليٰ (ڪاميابيءَ جي) راهه ڪولي ٿو ڇڏي، سو ئي (سچي) راهه تي آهي ۽ جنهن لاءِ (سندس ئي ضد ۽ هوس پرستيءَ سبب) راهه گم ڪري ٿو ڇڏي، تنهن لاءِ ڪوبه سندس ڪارساز ۽ راهه ڏيکارڻ وارو ڪونه لهندؤ ۽ ڏسندؤ.

رکوع ۳ آيت ۱۸ ـ تا ـ ۲۲

اڃ ڄاڻل ڳالهه تي بحث کان منع، بحث فقط انهيءَ حد تائين ڪريو جو صاف صاف معلوم هجي.

(۱۸) ۽ توهان انهن کي ڏسو ته توهان سمجهندؤ ته هو جاڳن ٿا، حالانڪ هو ننڊ ۾ آهن. اسان هنن کي ساڄي پاسي ۽ کاٻي پاسي موڙيون ٿا (يعني هو پاسو ورائين ٿا جيئن اسان سمهڻ ۾ جاڳندي توڙي ننڊ ۾ پاسو ورائيندا آهيون) ۽ هنن جو ڪتو چاٽ وٽ پنهنجون اڳيون ٽنگون ڊگهيون ڪيون ويٺو آهي، جيڪڏهن توهان ليو پائي هنن کي ڏسو ته جيڪر منهن ڦيرائي پنٽي پڄي

هليا وڃو، ۽ توهان تي (ان نظاري کان) دهشت ڇانئجي وڃي. (۱۹) ۽ (ڏسو) اهڙيءَ ئي طرح هيءَ ڳالهه ٿي جو اسان هنن کي وري اٿاري ڪڙو ڪيو. انهيءَ لاءِ ته پاڻ ۾ هڪ ٻئي کان پڇا ڳاڇا ڪن. انهن مان هڪڙي چوندڙ پڇيو ته، اسان هتي ڪيتري مدت رهيا هونداسين؟ سيني چيو ته، هڪڙو ڏينهن يا هڪڙي ڏينهن جو ڪجهه حصو. پوءِ (جڏهن پوري مدت معلوم ڪري نه سگهيا تڏهن) چياڻون ته، اسان جو پروردگار ئي بهتر ڄاڻي ٿو ته ڪيتريءَ مدت تائين هتي رهيا پيا هئاسين. (هاڻي) هڪڙي ماڻهو کي هي چانديءَ جو سڪو ڏئي شهر ۾ موڪليو(ته اتي) وڃي ڏسي ته ڪنهن وٽان چگو طعام ٿو ملي ۽ جتان ملي اتان ڪجهه طعام وٺي آڻي. پر چپ چاپ ۽ رهي جيئن ڪنهن کي به اسان جي خبر نه پوي. (۲۰) جيڪڏهن ماڻهن کي خبر پئجي ويندي ته (پوءِ هو اوهان کي چڏڻ وارا ناهن) يا ته اوهان کي سنگسار ڪري ماريندا يا ته مجبور ڪندا ته وري سندن دين ۾ موٽي داخل ٿيو. جيڪڏهن ائين ٿيندو (يعني وري سندن بت پرستي جي دين ۾ داخل ٿيندؤ) ته پوءِ ڪڏهن به فلاح (يعني ڪاميابي ۽ دائمي سعادت) حاصل نه ڪندؤ. (۲۱) ۽ (پوءِ ڇا ٿيو جو) اهڙيءَ طرح (يعني هڪ ماڻهوءَ طرفان سڪو ڪٽي وڃي بازار ۾ ڏيکارڻ سان) اسان ماڻهن کي سندن حال کان واقف ڪيو (هنن جي ڳالهه لکي کين سگهي) ۽ هن لاءِ واقف ڪيوسين ته ماڻهن کي معلوم ٿئي ته الله جو واعدو سچو آهي، ۽ قيامت جي اچڻ ۾ ڪوبه شڪ ڪونهي. ان وقت جي ڳالهه آهي ته ماڻهو پاڻ ۾ بحث ڪرڻ لڳا ته هنن (غار جي ساڻين) جي معاملي ۾ ڇا ڪجي. ماڻهن چيو ته، هن غار تي هڪ عمارت ٺاهيو (ته يادگار ٿئي.) جيڪي هنن تي ٿي گذريو تنهن کي سندن پروردگار ئي بهتر ڄاڻي ٿو. پوءِ انهن ماڻهن، جيڪي ان معاملي ۾ غالب پيا، تن چيو ته، (ٺيڪ آهي) اسان ضرور هنن جي مٿان (يا پرسان) هڪ عبادتگاهه بنائيندا سين. (۲۲) ڪي ماڻهو چوندا آهن ته، غار وارا ماڻهو ٽي هئا ۽ چوٿون هو سندن ڪتو. ڪي ماڻهو وري چون ٿا ته پنج هئا ۽ ڇهون سندن ڪتو هو. اهي سڀ (رڳو ڏکا ٿا هڻن ۽) غيب جي انڌاري ۾ تير ٿا اڇلائين ۽ ڪي چون ٿا ته ست هئا، اٺون هو سندن ڪتو. (اي پيغمبر!) تون چئو ته، انهن جو سچو تعداد ته منهنجو پروردگار ئي بهتر ٿو ڄاڻي، ڇو ته هنن جو حال تمام ٿورا ماڻهو ٿا ڄاڻن. (۽ جڏهن ته صورت حال اها آهي) تون ماڻهن سان هن باري ۾ بحث ۽ جهڳڙو نه ڪر، پر (بحث) فقط انهيءَ حد تائين ڪر جو صاف صاف معلوم ڳالهه هجي. (يعني اونهين ۽ غير يقيني ڳالهين ۾ پوڻ نه گهرجي) نڪي انهن ماڻهن مان (جن ۾ اهي روايتون هلندڙ آهن) ڪن کان هن باري ۾ پڇا ڪر (ڇو ته سندن ڏند ڪٿائون اعتبار جوڳيون ناهن.)

رڪوع ٤ آيت ۲۳ ـ تا ـ ۳۱

غار جا ساٿي ڪيترو وقت غار ۾ رهيا سو فقط الله تعاليٰ کي معلوم آهي، وحي سيني لاءِ آهي.

(۲۳) ۽ ڪاڪ ڳالهه هجي ته ائين ڪڏهن به نه چئو ته، سياڻي مان اهو ڪم ڪري ڇڏيندس. (۲٤)

سواءِ هن جي جو سمجهي ڇڏيو تہ ٿيندو اهوئي جو الله تعاليٰ چاهيندو ۽ جڏهن ويسر ٿيئوَ تہ وري الله جي يادگيري تازي ڪري ڇئو تہ، اميد آهي تہ منهنجو پروردگار هن کان بہ زياده ڪاميابيءَ جي راهہ منهنجي لاءِ ڪولي ڇڏيندو. (۲۵) ۽ (چون ٿا تہ) هو (غار جا سنگتي) ٽي سئو سالن تائين غار ۾ رهيا ۽ ماٺهن (وري ان ۾) نو سال ٻيا بہ وڌايا آهن. (۲۶) (اي پيغمبر!) تون چئہ تہ الله ئي بهتر ڄاڻي ٿو تہ هو ڪيتري مدت رهيا، هو آسمان ۽ زمين جون سڀ لڪل ڳالهيون ڄاڻي ٿو. وڌو ئي ڏسندڙ ۽ وڌو ئي ٻڌندڙ آهي. هن کان سواءِ ماٺهن جو ڪوبہ ڪارساز ڪونهي ۽ نہ هو پنهنجي حڪم ۾ ڪنهن کي بہ شريڪ ٿو ڪري. (۲۷) ۽ (اي پيغمبر!) تنهنجي پروردگار جو ڪتاب جو توتي وحي طور نازل ڪيو ويو آهي، تنهن جي پڙهڻ (۽ ان تي عمل ڪرڻ) ۾ لڳو رهہ. الله جون ڳالهيون ڪوبہ ڦيرائي نٿو سگهي. ۽ تو کي هن کان سواءِ ڪوبہ پناهہ جو سهارو ملٽو ناهي. (۲۸) ۽ جيڪي ماٺهو صبح شام پنهنجي پروردگار کي پڪاريندا رهن ٿا، ۽ هن جي محبت سان ڀرپور آهن تن جي صحبت تي خوش ۽ راضي رهہ. انهن کان پنهنجي نگاهہ ڦيرائي نہ ڇڏ، جو وڃي دنيوي زندگيءَ جون رونقون ۽ زينتون ڳولڻ لڳن. جنهن ماٺهوءَ جي دل کي اسان پنهنجي يادگيريءَ کان غافل ڪري ڇڏيون (يعني اسان جي نهرايل قانون مطابق جنهن جي دل غافل ٿي ويئي) ۽ جيڪو پنهنجي خواهشن جي پٺيان لڳو، تنهن ماٺهوءَ جي ڳالهين تي ڪن نہ ڌي. هنن جو معاملو حد کان ٻاهر نڪري ويو آهي. (۲۹) ۽ چئي ڏي تہ سچائي اوهان جي رب جي طرف کان آهي. هاڻي جنهن کي وڻي سو ميڙي، جنهن کي نہ وڻي سو نہ ميڙي. اسان ظالمن جي لاءِ اهڙي باهہ تيار ڪري رکي آهي، جنهن جون چادرون چئني ئي طرفن کان هنن کي ويڙهي ويندیون. هو پاڻيءَ جي لاءِ رڙيون ڪندا تہ انهن جي جواب ۾ اهڙو پاڻي ملندن جهڙو پگهريل شيهو. اهو هنن جو وات (گرميءَ کان) پچائي ڇڏيندو. پوءِ ڪهڙي نہ خراب شيءِ پيئڻ لاءِ هنن کي ملندي ۽ ڪهڙي نہ خراب جاءِ ويهڻ لاءِ. (۳۰) پر جن ماٺهن ايمان آندو ۽ چڱا عمل ڪيا (تن لاءِ ڪوبہ انديشو ڪونهي) جنهن بہ چڱا ڪم ڪيا هوندا تنهن جو اجر اسان ڪڏهن ضايع نہ ڪنداسين. (۳۱) اهي ئي ماٺهو آهن جن جي لاءِ دائمي باغ هوندا ۽ باغن جي هيٺان نهرون وهي رهيون هونديون. اهي (بادشاهن وانگر) سون جا ڪنگڻ پائي، سبز ريشم جا باريڪ ۽ ٿلها ڪپڑا پهري ڪوچن تي ٽيڪ ڏيئي ويهندا. ڪهڙو نہ چڱو ثواب! (يعني انعام يا بدلو) ۽ ڪهڙي نہ چڱي جاءِ!

رڪوع ۵ آيت ۳۲ـ تا ـ ٤٤

هڪڙي شاهوڪار طاقت واري ۽ هڪ مسڪين جو مثال

(۳۲) ۽ (اي پيغمبر!) هنن ماٺهن (يعني مڪي جي ڪافرن) کي هڪڙو مثال ٻڌاءِ. ٻہ ماٺهو هئا، انهن مان هڪ جي لاءِ اسان انگورن جا ٻہ باغ مهيا ڪري ڇڏيا. انهن جي چوڌاري کجور جي وڻن جو احاطو هو. انهن جي وچ واري زمين ۾ پوکن جون ٻنيون هيون. (۳۳) پوءِ ٻئي باغ ميون سان ٽمٽار

ٿي ويا. پيدائش ۾ ڪنهن ٻ قسم جي گهٽتائي ڪانه ٿي. اسان انهن جي وچ ۾ (ريج لاءِ) هڪڙي نهر جاري ڪري ڇڏي هئي. (٣٤) هن جي پيدائش (يا دولت) گهٽي ٿي ويئي. پوءِ هڪ ڏينهن (هٿ ۽ وڏائيءَ ۾ پڄجي) پنهنجي (مسڪين) دوست سان (جنهن کي باغ يا پي کا دولت ڪانه هئي) ڳالهيون ڪندي ڪيس چئي ڏنو ته مان تو کان وڌيڪ مالدار آهيان، ۽ منهنجي هٿ ۾ ماڻهو ٻ طاقتور آهن. (٣٥) پوءِ اهو (اهڙيون ڳالهيون ڪندي) پنهنجي باغ ۾ گهڙيو. ۽ هو (هٿ وڏائي ڪرڻ سان حقيقت ۾) پاڻ تي پاڻ ظلم ڪري رهيو هو. هن (وڏائيءَ ۾ پرجي) چيو ته، مان نٿو پانيان ته اهڙو (عاليشان باغ) ڪڏهن ٻ ويران ٿي ٿو سگهي. (٣٦) ۽ مان نٿو پانيان ته (قيامت جي) گهڙي قائم ٿيندي ۽ جيڪڏهن ڪٽي هيئن ٿئي ٻ ته مان پنهنجي پروردگار وٽ (قيامت جي ڏينهن) رجوع ڪيو وڃان ته ٻ (مون کي گهڙو ڪٽڪو هڻڻ گهرجي) مون کي ضرور (اتي ٻ) هن کان ٿي بهتر مڪان ملندو. (٣٧) هي پڌي سنڊس دوست چيو، هڪ پئي سان گفتگو جو سلسلو جاري هو ته، چا تون انهيءَ هستيءَ کا انڪار ٿو ڪرين جنهن تو کي پهريائين مٽيءَ مان ۽ پوءِ نطفي (يعني منيءَ) مان پيدا ڪيو (جنهن ڪري تو کي وڏائي ڪرڻ ۽ خدا کي وسارڻ نه گهرجي، ڏس ته مٽي ۽ مني ظاهري ڪهڙيون نه حقير شيون آهن) ۽ پوءِ تو کي انسان بنائي نمودار ڪيو. (٣٨) پر مون کي ته يقين آهي ته اهوئي الله منهنجو پروردگار آهي. ۽ مان پنهنجي پروردگار سان ڪنهن کي ٻ شريڪ نٿو ڪريان. (٣٩) ۽ جڏهن تون پنهنجي باغ ۾ آئين (۽ ان جي رونق ۽ ميوا ڏٺا) تڏهن تو هيئن چو نه چيو ته اهو ئي ٿئي ٿو جيڪو الله چاهي ٿو سندس مدد کان سواءِ ڪو ٻ ماڻهو ڪجهه ٻ ڪري نٿو سگهي. ۽ هي جو تون ڏسين ٿو (۽ سمجهين ٿو) ته مان تو کان مال ۽ اولاد ۾ گهٽ آهيان (يعني مون کي دولت ٻ ڪانهي ۽ ماڻهو ٻ هٿ ۾ ڪو نه آهن.) (٤٠) سو (انهيءَ تي هٿ وڏائي نه ڪر) عجب ناهي ته منهنجو پروردگار تنهنجي هن باغ کان ٻ بهتر (باغ هن دنيا ۾ ۽ آخرت ۾) مون کي ڏيئي ڇڏي. ۽ تنهنجي باغ تي آسمان مان کا اهڙي حساب ڪيل آفت موڪلي جو واريءَ وارو ميدان ٿي وڃي. (٤١) يا ان جي نهر جو پاڻي بلڪل هيٺ هليو وڃي، ايتري قدر جو تون ان تائين پهچي نه سگهين. (٤٢) ۽ پوءِ (ڏسو) ائين ئي ٿيو جو سنڊس دولت (بربادي ۽ جي) گهيري ۾ اچي ويئي. هو هٿ مهٽيندي افسوس ڪرڻ لڳو ته هاءِ هاءِ هنن باغن تي ڪيڏا نه خرچ (۽ تڪليفون) ڪيون ويون هيون! (اهي سڀ برباد ٿي ويون) ۽ باغن جو هي حال ٿيو جو ٽاريون ڪري زمين جي برابر ٿي ويون. هاڻي هو چوي ٿو ته، هاءِ هاءِ! جيڪڏهن مان پنهنجي پروردگار سان ڪنهن کي ٻ شريڪ نه ڪيان ها ته ڪهڙو نه ڇگو ٿئي ها. (٤٣) نڪي هئس کي ماڻهو (يا اولاد) جيڪي الله کان سواءِ هن جي مدد ڪن ها. نڪي پاڻ کي ئي کا طاقت هيس جو پاڻ کي بربادي ۽ کان بچائي ها. (٤٤) هن مان ثابت ٿي ويو ته في الحقيقت سڄو اختيار الله جي هٿ ۾ آهي. اهوئي آهي جو بهتر ثواب (يعني نعمتون) ڏيڻ وارو آهي ۽ انهيءَ ئي جي هٿ ۾ ڇگي (۽ بهتر) عاقبت (يعني پڇاڙي) آهي.

رکوع ٦ آيت ٤٥ ـ تا ـ ٤٩

دنيا جي زندگيءَ جو مثال پوک ۽ وٽن سان. دنيا جي زندگي ٺورا ڏينهن آهي.

(٤٥) ۽ (اي پيغمبر!) انهن کي دنيا جي زندگيءَ جو مثال ٻڌائي ڇڏ. ان جو مثال اهڙو آهي جهڙو (زمين جي پوکن ۽ وٽن وغيره جو) اسان آسمان مان پاڻي وسايو، ۽ زمين جا اوپڙ ان سان ملي جلي ايري آيا (۽ خوب وڌيا ۽ پکڙيا) پوءِ (چا ٿيو؟) سڀ ڪجهه سکي ڪک پن ٿي ويو. هوا جا جهٽڪا انهن کي کنڊيڙي رهيا آهن ۽ بيشڪ الله تعاليٰ هر هڪ ڳالهه تي قادر آهي (۽ سڀ ڪجهه ڪري ٿو سگهي). (٤٦) مال دولت ۽ اولاد دنيوي زندگيءَ جي زينت آهن (۽ دل لپائيندڙ آهن، پر ٺورڙا ڏينهن). پر چگا عمل جي باقي رهڻ وارا آهن. انهن تي تنهنجي پروردگار وٽ انعام (ڪنهڙ جي حقداريءَ لاءِ) بهتر آهن ۽ اهي ئي نيڪ عمل آهن، جن جي نتيجن مان بهتر اميد رکي سگهجي ٿي. (٤٧) ۽ (قيامت جي) ڏينهن اسان جبلن کي هلائي ڇڏينداسين ۽ زمين کي ڏسندؤ ته پنهنجي اصل حالت ۾ ايري ايندي (يعني مٽائيون هيٺ ٿي ويندیون ته هيٺاهيون مٿي ايري ايندیون، وڏو انقلاب اچي ويندو) ۽ (ان وقت) اسان سيني انسانن کي (پاڻ وٽ) گڏ ڪنداسين ۽ ڪنهن هڪڙي کي به ڇڏي نه ڏينداسين. (٤٨) ۽ هنن جون وصفون (هڪ ٻئي پٽيان) تنهنجي پروردگار جي سامهون پيش ٿيندیون. (پوءِ کين چيو ويندو ته) جهڙيءَ طرح اوهان کي پهريائين (زمين تي) پيدا ڪيو ويو هو تهڙيءَ طرح توهان اڄ (وري اٿي) اسان وٽ حاضر ٿيا آهيو. توهان ته خيال ڪيو هو ته، اسان توهان جي لاءِ (هن طرح پيش ٿيڻ جو) وقت ڪونه ٺهرايو هو. (٤٩) ۽ (هن وقت) لکيل اعمال ناما آندا ويندا ۽ تون ڏسندين ته جيڪي انهن ۾ (لکيل) آهي تنهن گنهگارن کي هراس ۾ وجهي ڇڏيو آهي. هو (بي اختيار) چئي ڏيندا ته افسوس اسان جي حال تي هي ڪهڙا ته ڪتاب آهن جو ڪابه ڳالهه ڇڏيل ڪانهي. ننڍيون خواهه وڏيون سڀ ڳالهيون ان ۾ حساب هيٺ آيل آهن. مطلب ته جيڪي به هنن (دنيا ۾) ڪيو هو سو سڀ پنهنجي اڳيان موجود ڏسندا. ۽ تنهنجو پروردگار ڪنهن سان به بي انصافي نه ڪندو. (جيڪي جنهن ڪيو سوئي ان جي آڏو ايندو).

رکوع ٧ آيت ٥٠ ـ تا ـ ٥٣

ابليس جي نافرماني، ڪافرن جي ڏهنيت قيامت جو ظهور.

(٥٠) ۽ جڏهن اسان ملائڪن کي حڪم ڏنو هو ته آدم جي اڳيان جهڪو، تڏهن سڀ جهڪيا هئا، پر ابليس نه جهڪيو هو. هو جنن مان هو. (مطلب ته) هن پنهنجي پروردگار جي حڪم جي نافرماني ڪئي. پوءِ چا توهان (انسان) مونکي ڇڏي (جو توهان جو پروردگار ۽ توهان تي رحمت ڪندڙ آهيان) هن (شيطان) کي ۽ سندس نسل کي پنهنجو ڪارساز ٺا بنايو. حالانڪ هو اوهان جا دشمن آهن. ظالمن جي لاءِ اها ڪهڙي نه بچڙي متاستا آهي (جو پنهنجي رحيم رب کي ڇڏي دشمن شيطان جا ٻانها ٿي پاڻ کي تباهه ٺا ڪن). (٥١) مان هنن (شيطانن) کي پاڻ سان شامل نه ڪيو هو،

جڏهن زمين ۽ آسمان کي پيدا ڪيو هوم. نڪي انهيءَ وقت هو شامل هئا جڏهن خود انهن کي پيدا ڪيو هوم (جڏهن ته اهي پاڻ خلقيل آهن، تڏهن پنهنجي پيدا ٿيڻ وقت ڪيئن موجود ٿي سگهن ها). مان اهڙو نه هوس جو (انسانن جي) گمراهه ڪرڻ وارن کي پنهنجو رفيق ۽ مددگار بنايان. (٥٢) ۽ انهيءَ (قيامت جي) ڏينهن الله تعاليٰ فرمائيندو ته، (اي نافرمان انسانو!) جن هستين کي توهان سمجهيو هو ته مون سان شريڪ آهن، تن کي هاڻي سڏيو ته سهي، ته هو سڏيندا، پر کين ڪوبه جواب ڪونه ملندو. اسان هنن ۾نهي (يعني گنهگار انسانن ۽ سندن ٺهرايل شريڪن) جي وچ ۾ اوٽ ۽ پردو ڪري ڇڏينداسين (جنهن ڪري هڪ ٻئي جو ڳالهائڻ ۾ نه پڏي سگهندا). (٥٣) ۽ گنهگار (دوزخ جي ڏاڪنڊڙ) ٻاهه ڏسندا ۽ سمجهي ونڊندا ته کين ان ۾ ڪرڻو آهي، ۽ هو پڇي وڃڻ لاءِ ڪابه واٽ نه لهندا.

رڪوع ٨ آيت ٥٤ ـ تا ـ ٥٩

ڪافرن جي ڏهنيت، ان کان وڏيڪ ڪير ظالم ٿي سگهي ٿو، جنهن کي سندس پروردگار جون آيتون، نشانيون ياد ڏياريون وڃن ۽ هو انهن کان لنوائي وڃي.

(٥٤) ۽ (ڏسو) اسان هن قرآن ۾ ماڻهن جي هدايت لاءِ هر طرح جا مثال موڪلائي موڪلائي وري وري بيان ڪيا آهن. پر انسان گهڻين ئي ڳالهين ۾ وڏو جهڳڙالو ثابت ٿيو آهي. (يعني ايتري چڪاڻي هوندي به اختلاف ڪن ٿا ۽ بحث ۽ جهڳڙن ۾ پئجي وڃن ٿا). (٥٥) ۽ جڏهن ته هدايت ماڻهن جي اڳيان اچي ويئي آهي، تڏهن ايمان آڻڻ ۽ پنهنجي پالڻهار کان بخشش جي طلب ڪرڻ کان کين ڪهڙي ڳالهه روڪي سگهي ٿي، سواءِ هن ڳالهه جي جو (هو ضد ڪري طلب ڪن ٿا ته) اڳوڻين قومن جهڙو معاملو کين به پيش اچي يا اسان جو عذاب هنن جي سامهون اچي ڪڙو ٿي بيهي. (هو بيوقوف ائين نٿا سمجهن ته پوءِ هنن جو ايمان کين ڪم نه اينڊو ۽ تباهه ٿي ويندا). (٥٦) ۽ اسان ته پيغمبرن کي فقط هن لاءِ موڪليندا آهيون ته (ايمان ۽ عمل جي انعامن جي) خوشخبري ٻڌائين ۽ (انڪار ۽ بدعمليءَ جي نتيجن کان) خبردار ڪن. پر جن ڪفر جي واٽ ورتي آهي سي ڪوڙين ڳالهين جي اوٽ وٺي جهڳڙا ڪرڻ لڳن ٿا، انهيءَ لاءِ ته اهڙيءَ طرح سچائي کي شڪ واري ڳالهه ڪري ڏيکارين. هنن اسان جي آيتن (نشانين) کي ۽ ان ڳالهه کي جنهن کان کين خبردار ڪيو ويو آهي، کل چرچي ۽ مسخريءَ جي ڳالهه بنائي رکي آهي. (٥٧) ۽ انهيءَ کان وڏيڪ ظالم ڪير ٿي ٿو سگهي جنهن کي سندس پروردگار جون آيتون ياد ڏياريون وڃن ۽ هو انهن کان ڪنڌ موڙي ڇڏي ۽ پنهنجا بدعمل وساري ڇڏي، جيڪي اڳي ڪري چڪو آهي. بيشڪ اسان هنن جي دلين تي پردا وجهي ڇڏيا آهن، جنهن ڪري ڪابه ڳالهه سمجهي نٿا سگهن ۽ اسان سندن ڪنن ۾ ٻوڙاڻ وجهي ڇڏي آهي، (جنهن ڪري هو حق جو آواز ٻڌي نٿا سگهن) تون هنن کي ڪيترو به سڏي واٽ ڏي، سڏين ته به هو هرگز ڪڏهن به سڏي واٽ لهي نه سگهندا. (٥٨) پر (اي پيغمبر!) تنهنجو

پروردگار وڏوئي بخشيندڙ آهي ۽ وڏوئي رحمت وارو آهي. جيڪڏهن هو انهن ماڻهن جي عملن جي ڪمائي موجب کين پڪڙ ڪرڻ چاهي ها تہ عذاب نازل ڪري ها. پر هنن جي لاءِ هڪڙو ميعاد (مدو) مقرر ڪري ڇڏيو اٿس. ان کان سواءِ ڪابہ جاءِ نہ لهندا (يعني سيني کي آخر انهيءَ مقرر ميعاد جي جاءِ تي ضرور پهچڻو آهي.). (۵۹) ۽ ڏسو هي (پراڻيون) بستيون آهن. جڏهن انهن جي رهاڪن ظلم جي وات اختيار ڪئي تڏهن اسان کين تباهہ ڪري ڇڏيو. اسان هنن جي تباهيءَ جي لاءِ هڪ ميعاد مقرر ڪري ڇڏيو هو.

رڪوع ۹ آيت ۶۰ ـ تا ـ ۷۰

حضرت موسيٰ عليہ السلام ۽ هڪڙي باعمل شخص جو قصو.

(۶۰) ۽ (ڏسو) حضرت موسيٰ پنهنجي ساٿي خادم کي چيو تہ، مان پنهنجي ڪوشش کان نہ هٽندس، جيستائين انهيءَ جاءِ تي نہ پهچان، جتي بہ سمنڊ اڇي ملايا آهن. مان تہ (پنهنجي وات وٽيون) هلندو رهندس. (۶۱) پوءِ جڏهن هو بنهي سمنڊن جي ملڻ واري جاءِ تي پهچي وبا، تڏهن کين انهيءَ مڇيءَ جو خيال ڏي لهي ويو (جا پاڻ سان کنئي هئائون) انهيءَ مڇيءَ سمنڊ ۾ وڃڻ جي لاءِ سرنگهہ وانگر هڪ وات ڳولي لڌي هئي. (۶۲) جڏهن هو اڳتي وڌيا تڏهن موسيٰ پنهنجي ماڻهوءَ کي چيو تہ، اڄ جي مسافريءَ اسان کي ڏاڍو ٽڪائي وڌو آهي. ناشتو (يعني نيرن جي مانيَ) آڻ تہ کائون. (۶۳) هن چيو تہ، توهان (هي واقعو) کونہ ڏٺو ڇا؟ جڏهن اسان (سمنڊ جي ڪناري تي) ٽڪريءَ جي پرسان بيٺا هئاسين، تڏهن مون کي مڇيءَ جو خيال ڏي لهي ويو هو. هن عجيب طريقي سان سمنڊ ۾ وڃڻ جي وات ڳولي لڌي، ۽ هو شيطان جوئي ڪم هو، جو تو سان اها ڳالهہ ڪرڻ مون کان بلڪل وسري ويئي. (۶۴) موسيٰ فرمايو تہ، جنهن ڳالهہ جي تلاش ۾ نڪتا هئاسين سا اها ئي آهي، پوءِ هو ساڳيا پير وٽي پنتي موٽيا. (۶۵) (پوءِ جڏهن انهيءَ ٽڪريءَ وٽ پهتا) تڏهن هنن کي اسان جي (خاص) ٻانهن مان هڪ ٻانهو گڏيو. انهيءَ شخص تي اسان خاص طرح رحمت ڪئي هئي. ان کي پاڻ وٽان (سڏيءَطرح) علم عطا فرمايو هو (يعني کيس وحي موڪيندا هئاسين.) (۶۶) حضرت موسيٰ کيس چيو تہ، جيڪڏهن توهان اجازت ڏيڻ فرمايو تہ، توهان سان رهان، هن لاءِ تہ جيڪو ڇگو علم اوهان کي (خدا وٽان) سيکاريل آهي، تنهن مان ڪجهہ مون کي بہ سيکاريو. (۶۷) هن جواب ڏنو تہ، (هائو پر) تون مون سان رهي صبر نہ ڪري سگهندين. (۶۸) ۽ کيئن صبر ڪري سگهندين جڏهن تون اهڙي ڳالهہ ڏسندين جا تون سمجهي کين سگهندين؟ (۶۹) حضرت موسيٰ چيو تہ، جيڪڏهن خدا چاهيو تہ توهان مون کي صابر ڏسندؤ. مان توهان جي ڪنهن بہ حڪم جي نافرماني نہ ڪندس. (۷۰) هن چيو تہ، ڇگو جيڪڏهن توکي مون سان رهڻو آهي تہ هن ڳالهہ جو خيال رکجانءِ جو جيستائين مان پاڻ توکي ڪجهہ نہ چوان تيستائين ڪنهن بہ ڳالهہ بابت ڪو سوال نہ پڇجانءِ.

رکوع ۱۰ آيت ۷۱ ـ تا ـ ۸۲

اڀرائي ڪري خدا جي انصاف ۾ گمان آڻڻ نہ گھرجي.

(۷۱) پوءِ هو ٻئي مسافري ڪندا اڳتي هلندا رهيا تانجو (سمنڊ جي ڪناري تي پهتا ۽) ٻيڙيءَ ۾ سوار ٿيا. (حضرت موسيٰ جي سنگتيءَ چا ڪيو جو) انهيءَ ٻيڙيءَ ۾ ڏار وجهي چڏيائين، حضرت موسيٰ (اهو حال ڏسي بي اختيار) چئي ڏنو تہ، هي چا ڪيوَ؟ ٻيڙيءَ کي هن لاءِ ڏار وجهي چڏيوَ چا تہ پلي مسافر ٻڏي وڃن؟ توهان تہ وڏي خطرناڪ ڳالھ ڪري وڌي آهي. (۷۲) هن فرمايو تہ، مون چيو ڪين هو تہ، تون مون سان رهي صبر ڪري نہ سگھندين؟ (۷۳) حضرت موسيٰ فرمايو تہ، پل ٿي ويئي. انهيءَ پل تي پڪڙ نہ ڪجو، سختي نہ ڪجو. (۷٤) وري هو اڳتي هليا، تان جو (هڪ ڳوٺ جي ويجهو پهتا ۽) ڪين هڪڙو ڇوڪرو گڏيو. (حضرت موسيٰ جي سنگتيءَ) انهي ڇوڪر کي قتل ڪري چڏيو. تنهن تہ حضرت موسيٰ چئي ڏنو تہ، توهان هڪ بي گناھ جي حياتي وڃائي، حالانڪ هن ڪنهن کي ب٘ہ نہ ماريو هو، توهان ڪهڙي نہ برائيءَ جي ڳالھ ڪئي آهي!

حصو سورنهون

(۷۵) هن (شخص) چيو تہ، مون چيو ڪين هو تہ، تون مون سان (منهنجي ڪمن تي) صبر نہ ڪري سگهندين! (۷۶) حضرت موسيٰ چيو تہ، جيڪڏهن وري مان ڪجهہ پڇان تہ پوءِ مون کي پاڻ سان گڏ رهڻ نہ ڏجو. ان حالت ۾ توهان تي منهنجي ڪابہ ميار نہ رهندي. (۷۷) پوءِ ٻئي اڳتي هليا، تان جو هڪ ٻوٽ ۾ پهتا. ٻوٽ وارن کان ماني گهربائون. هنن مهمان نوازي ڪرڻ کان صاف انڪار ڪيو. پوءِ ان ٻوٽ ۾ هڪ (پراٽي) ٽٻ ڏٺائون جا ڪِرڻ تي هئي. اها حالت ڏسي حضرت موسيٰ جي سنگتيءَ ان جي مرمت شروع ڪئي ۽) ان کي نئين سر مضبوط ڪري ڇڏيائين. تنهن تي (حضرت موسيٰ) چئي ڏنو تہ، جيڪڏهن توهان چاهيو ها تہ انهيءَ محنت جو ڪجهہ عيوضو هنن ماڻهن کان وٺو ها. (عيوضي کان سواءِ بيڪار محنت ڇو ڪيوَ؟) (۷۸) تڏهن (حضرت موسيٰ جي ساڻيءَ) چيو تہ، بس هاڻي منهنجي ۽ تنهنجي وچ ۾ جدائيءَ جو وقت اچي ويو. پر هاڻي انهن ڳالهين جي حقيقت توکي ٻڌائي ٿو ڇڏيان، جن تي تون صبر ڪري نہ سگهئين. (۷۹) (پهريائين ٻيڙيءَ واري ڳالهہ تي ٿا اچون) اها ٻيڙي ڪن مسڪينن جي هئي، جيڪي سمنڊ تي محنت مزوري ڪندا آهن. اهي جنهن طرف وڃي رهيا هئا، تنهن طرف هڪڙو (ظالم) بادشاهہ آهي جو جنهن جي ٻ (چڱي) ٻيڙي ٿو ڏسي سا زور زبردستيءَ سان کسي ٿو وڃي. سو مون چاهيو تہ، ان ٻيڙيءَ ۾ هڪڙو عيب ڪري ڇڏيان (تہ بادشاهہ جا ماڻهو اهو عيب ڏسي ٻيڙي کسي نہ سگهن). (۸۰) ۽ پوءِ انهيءَ ڇوڪر جو معاملو ٿا ڪٽو. هن جا ماڻُ پيءُ مؤمن آهن (خدا جي طرفان مون کي علم مليو هو سو) ان ڇوڪر کي ڏسي خطرو محسوس ڪيم تہ هو ڇوڪر انهن (ماڻ پيءُ) کي سرڪشي ۽ ڪفر ڪري ايذاءِ پهچائيندو. (۸۱) تنهن ڪري مون چاهيو تہ، سندن پروردگار هن ڇوڪر کان بهتر ڇوڪر ڪين عطا ڪري جو ديندارياءَ ۽ پاڪائي ۾ توڙي محبت ڪرڻ ۾ بهتر هجي. (۸۲) ۽ اُها ٽٻ (جنهن جي مرمت ڪيم سا) ٻوٽ جي ٻن يتيم ڇوڪرن جي آهي، جنهن جي هيڻان انهن جو خزانو پوريل آهي. هنن جو پيءُ هڪ نيڪ ماڻهو هو. تنهن ڪري تنهنجي پروردگار چاهيو تہ، ٻئي ڇوڪرا جوانيءَ کي پهچي پنهنجو خزانو محفوظ ڏسي ڪڍي وٺن. (جيڪڏهن اها ٽٻ ڪري پوي ها تہ سندن خزانو سلامت نہ رهي ها. تنهن ڪري ئي ضروري ڳالهہ هئي تہ ان کي مضبوط ڪيو وڃي) اها انهن ڇوڪرن تي تنهنجي پروردگار جي رحمت هئي، جا ظهور ۾ آئي. ۽ ياد رک تہ، مون جيڪي جيڪي ڪيو سو پنهنجي اختيار سان ڪونہ ڪيو. (الله جي حڪم سان ڪيم) اها آهي حقيقت انهن ڳالهين جي جن تي توکي صبر نہ آيو.

رڪوع ۱۱ آيت ۸۳ ـ تا ـ ۱۰۱

ذوالقرنين جي ڳالهہ

(۸۳) (اي پيغمبر!) توکان ماڻهو ذوالقرنين جو حال ٿا پڇن، تون چئو تہ، مان هن جو ڪجهہ احوال

اوهان کي (قرآن مجيد ۾) پڙهي ٿو ٻڌايان. (٨٤) اسان هن کي زمين تي حڪمراني ڏني هئي ۽ پڻ هن جي لاءِ هر طرح جو سامان ۽ اسباب مهيا ڪري ڇڏيو هو. (٨٥) سو (ڏسو) هن (پهريائين هڪڙي وڏي ڪم لاءِ) سامان ۽ اسباب تيار ڪيا (۽ اولهه طرف نڪري پيو.) (٨٦) تان جو (هلندي هلندي) سج جي لهڻ واري جاءِ وٽ پهچي ويو. اتي هن کي ائين ڏسڻ ۾ آيو ته سج هڪ نيري ۽ ميري پاڻي جي ڏنڊ ۾ لهي ٿو وڃي. ۽ ان جي ويجهو هڪ قوم جا ماڻهو رهندڙ ڏٺائين، اسان (يعني الله تعاليٰ) کيس چيو ته، اي ذوالقرنين! (هاڻي هي ماڻهو تنهنجي حڪم هيٺ آهن) وٽئي ته کين سزا ڏي ۽ وٽئي ته ساڻن چگو سلوڪ ڪري کين پنهنجو ڪري ڇڏ. (٨٧) ذوالقرنين چيو ته، (مان بي انصافي ڪرڻ وارو نه آهيان) جيڪو (آڳنڌه) سرڪشي ڪندو تنهن کي ضرور سزا ڏيندس. پوءِ هن کي (آخر) پنهنجي پروردگار ڏي موٽڻو آهي. هو (بدعمل ڪندڙن کي) سخت عذاب ۾ وجهندو. (٨٨) پر جيڪو ايمان آڻيندو ۽ صالح عمل ڪندو تنهن کي ان جي بدلي ۾ چگو انعام ملندو ۽ کيس اهڙين ئي ڳالهين جو حڪم ڏيندا سين، جنهن ۾ هن جي لاءِ آساني ۽ راحت هوندي. (٨٩) ان کان پوءِ هن وري تياري ڪئي (اوپر طرف) نڪري پيو. (٩٠) تان جو سج ايرڻ جي آخري حد تائين پهچي ويو. هن ڏٺو ته، سج هڪ قوم تي ايري ٿو، جنهن کي اسان سج جي اس کان بچڻ لاءِ ڪا اوٽ يا پناهه ڪانه ڏني هئي. (٩١) هنن جي حالت اهڙي هئي ۽ جيڪي ذوالقرنين وٽ هو، تنهن جي اسان کي پوري پوري خبر آهي. (٩٢) هن وري (سفر جو) سامان ۽ سمر تيار ڪيو (۽ ٽئين ڪم لاءِ نڪري پيو.) (٩٣) تان جو ٻن (جبلن جي) ديوارن (يعني قطارن) جي وچ تائين پهچي ويو. اتي هن ڏٺو ته، جبلن جي هن پاسي هڪ قوم رهندڙ آهي، جنهن جي ماڻهن سان ڳالهائجي ٿو ته، لفظ به ڪونه ٿا سمجهن. (يعني ذوالقرنين جي ٻولي نه پئي سمجهيائون. پر ترجمائن جي وسيلي گفتگو ڪيائون.) (٩٤) انهيءَ قوم جي ماڻهن (پنهنجي زبان ۾) چيو ته، اي ذوالقرنين! ياجوج ۽ ماجوج (جون قومون اتر کان اچي هي جبل لنگهي) هن ملڪ ۾ اچي قرمار ڪن ٿا. ڇا (هيئن ٿي سگهي ٿو ته) توهان اسان جي ۽ هنن جي وچ ۾ هڪڙي ديوار بنائي ڏيو ۽ اسان ان جي عيوض ۾ ڪجهه خراج (سالياني ڏل) توهان کي ڏيندا رهون. (٩٥) ذوالقرنين چيو ته، منهنجي پروردگار جيڪي مون کي منهنجي قبضي ۾ ڏنو آهي، سوئي منهنجي لاءِ بهتر آهي، (توهان جو خراج مون کي ڪونه ٿو گهرجي) پر توهان پنهنجي (بازن جي) قوت سان (هن ڪم ۾) منهنجي مدد ڪيو. مان توهان جي ۽ ياجوج ماجوج جي وچ ۾ هڪ مضبوط پٽ ٺاهي ڇڏيندس. (٩٦) (پوءِ هن حڪم ڏنو ته) لوهه جون سرون مون وٽ آڻيو. پوءِ جڏهن (سڀ سامان گڏ ٿي ويو ۽) پنهي جبلن جي وچ ۾ وڏي ديوار کڑي ڪري انهن جبلن جي برابر بلند ڪئي ويئي، تڏهن حڪم ڏنائين ته (ڪورا ٻاريو ۽) ڏوٽيون لڳايو. پوءِ جڏهن (ايتري قدر ڏوٽيون لڳايون ويون جو) بلڪل باهه (وانگر لال) ٿي ويئي تڏهن چيائين ته پگاربل تامون آڻيو ته ان تي هاري (لڳائي) ڇڏيون. (٩٧) (اهڙيءَ طرح هڪ شاهي ديوار بنجي پئي) جنهن تي نڪي (ياجوج ماجوج) چڙهي ٿي

سگهيان نڪي ان کي سوراخ ڪري ٽي سگهيا. (۹۸) (هن ڪم پوري ٽيڻ بعد) ذوالقرنين چيو تہ، هي (جيڪي ٿيو سو في الحقيقت) منهنجي پروردگار جي طرف کان رحمت آهي. جڏهن منهنجي پروردگار جي واعدي واري ڳالهہ ظهور ۾ ايندي تڏهن هو ان (ديوار) کي پرزا پرزا ڪري ڇڏيندو. (پر ان کان اڳي ڪوبہ ان کي ڪيرائي ڏاهي نہ سگهندو) ۽ منهنجي پروردگار جو واعدو يا فرمايل ڳالهہ حق آهي. (ٿرٽ واري ناهي.) (۹۹) ۽ (جنهن ڏينهن اها ڳالهہ ظهور ۾ ايندي) تنهن ڏينهن هڪڙي قوم پي قوم جي اندر (سمنڊ وانگر) لهرون هڻي ويهڻ لڳندي ۽ توتاري کي ڦوڪ ڏيئي (وڄائي ويندي ۽) سيني قومن کي گڏ ڪيو ويندو. (۱۰۰) انهيءَ ڏينهن اسان منڪرن جي سامهون دوزخ کي اهڙيءَ طرح ظاهر ڪنداسين، جهڙيءَ طرح کا شيءِ بلڪل اڳيان ڏسڻ ۾ ايندي آهي. (۱۰۱) (اهي) اُهي منڪر آهن ، جن جي اکين تي اسان جي ذڪر کان پردو پئجي ويو هو ۽ (جن جي ڪنن ۾ اهڙي پوڙاڻ پئجي ويئي هئي جو) کابہ ڳالهہ ٻڌي بہ ڪونہ سگهندا هئا.

رکوع ۱۲ آيت ۱۰۲ ـ تا ـ ۱۱۰

جيڪي ماڻهو فقط هن دنيا جي مزن لاءِ ڪوششون ڪندا تن جا عمل ضايع ٿي ويندا.

(۱۰۲) جن ماڻهن ڪفر جي واٽ ورتي آهي، تن هي خيال ڪيو آهي چا تہ اسان کي (يعني خدا کي) ڇڏي اسان جي بندن کي پنهنجا ڪارساز بنائي رکن؟ (کين يقي رکڻ گهرجي تہ) اسان ڪافرن جي مهماني لاءِ دوزخ تيار ڪري رکيو آهي. (۱۰۳) (اي پيغمبر!) تون چئي ڏي تہ، اسان توهان کي ٻڌائي ڇڏيون تہ ڪهڙا ماڻهو پنهنجي ڪمن ۾ سڀني کان وڌيڪ ناڪامياب ۽ نامراد رهجي ويا؟ (۱۰٤) (ٻڌو! نامراد ۽ ناڪامياب اُهي ٿيا) جن جون سڀ ڪوششون هن دنيا جي زندگي ۾ ضايع ڪيون ويون ۽ اهي هن ڏوکي يا فريب ۾ اچي ويا آهن تہ ڏاڍو چگو ڪارخانو بنائي رهيا آهن. (۱۰۵) اهي ئي ماڻهو آهن جيڪي پنهنجي پروردگار جي آيتن جا ۽ سندس حضور ۾ حاضر ٿيڻ جا منڪر ٿيا. تنهن ڪري ئي انهن جا سڀ ڪم اجايا ويا ۽ انهيءَ ڪري قيامت جي ڏينهن اسان هنن (جي عملن) کي ڪوبہ وزن نہ ڏينداسين. (۱۰٦) انهن جهڙي ڪفر جي راهہ اختيار ڪئي هئي ۽ اسان جي آيتن ۽ رسولن تي ٺوڪون، مسخريون ڪيون هيون تهڙوئي هنن لاءِ (لازمي) نتيجو ۽ بدلو ٿيندو دوزخ! (۱۰۷) پر جن ماڻهن ايمان آندو ۽ چگا عمل ڪيا تن جي مهماني لاءِ بهشت جا باغ هوندا. (۱۰۸) هو هميشہ انهن ۾ رهندا ۽ ڪڏهن بہ نہ چاهيندا تہ پنهنجي جاءِ بدلائين (۽ بيءَ حالت ۾ رهن). (۱۰۹) (اي پيغمبر!) اعلان ڪر تہ، جيڪڏهن منهنجي پروردگار جون ڳالهيون لکي ڇڏڻ لاءِ دنيا جا سڀ سمنڊ مس بنجي وڃن تہ سمنڊ جو پاڻي ختم ٿي ويندو، پر منهنجي پروردگار جون ڳالهيون ختم ڪونہ ٿيندیون. اگرچہ انهن سمنڊن سان شامل ٿيڻ لاءِ ٻيا بہ اهڙائي (وڏا) سمنڊ پيدا ڪري ڇڏيون (تہ بہ اها سڀ مس ڪافي نہ ٿيندي). (۱۱۰) (اي پيغمبر هي بہ ماڻهن کي) چئي ڇڏ تہ، مان هن کان سواءِ ڪجهہ بہ نہ آهيان تہ توهان ئي

جھڙو هڪ انسان (آدم جو اولاد) آهيان، (تفاوت فقط هي آهي تہ الله تعاليٰ مون ڏي وحي ٿو موڪلي). البتہ الله تعاليٰ مون ڏي وحي موڪليو آهي (۽ ٻڌايو آهي) تہ اوهان جو معبود اهو ئي هڪ (الله) آهي. ڪائنس سواءِ ٻيو ڪوبہ معبود ڪونهي. تنهن ڪري جيڪو بہ پنهنجي پروردگار سان ملڻ جي آرزو (اميد ۽ چاهت) رکي ٿو، تنهن کي گهرجي تہ چگا عمل ڪري ۽ پنهنجي پروردگار جي بندگيءَ ۾ ڪنهن بہ ٻيءَ هستيءَ کي شريڪ نہ ڪري. (يعني فقط الله جي حڪمن جي پيروي ڪري ۽ سندس حڪمن خلاف شيطان يا ظالمن انسان جي حڪمن تي نہ هلي).

سورت مريم

بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي.

رڪوع ۱ آيت ۱ ـ تا ـ ۱۵

حضرت زڪريا عليہ السلام کي پٽ ڄمڻ جي خوشخبري ۽ سندس نالو يحييٰ رکڻ

(۱) ڪاف ـ ها ـ يا ـ عين ـ صاد (۲) (اي پيغمبر!) تنهجي پروردگار پنهنجي بندي زڪريا تي جا مهرباني ڪئي هئي، تنهن جو بيان هي آهي. (۳) (چا ٿيو جو) حضرت زڪريا دل ئي دل ۾ پنهنجي پروردگار کي پڪاريو. (٤) ۽ التجا ڪئي (يعني دعا گهري) تہ (اي) منهنجا پروردگار! منهنجو جسم ڪمزور ٿي پيو آهي، ۽ منهنجي متي جا وار بلڪل اڇا ٿي پيا آهن، اي منهنجا پروردگار! ڪڏهن بہ منهنجي دعا تنهنجي درگاهہ ۾ ناقبول نہ ٿي آهي. (۵) هاڻي مون کي پنهنجي برادريءَ کان انديشو آهي تہ منهنجي مرڻ بعد (خبر ناهي تہ چا چا ڪندا) منهنجي اهليہ (يعني زال) سنڌ آهي (يعني اهڙي حالت اٽس جو ٻار ڪونہ ٿي ڄڻي سگهي) پوءِ تون پنهنجي خاص فضل سان مون کي هڪڙو وارث عطا ڪر. (٦) اهڙو وارث ڏي، جيڪو منهنجو بہ وارث ٿئي ۽ حضرت يعقوب جي خاندان (جي برڪتن) جو بہ وارث ٿئي ۽ اي پروردگار! ان وارث کي (پنهنجي نظر ۾ توڙي تنهنجي بندن جي نظر ۾) سند پيل ڪجانءِ. (۷) (تنهن تي حڪم ٿيو تہ) اي ذڪريا اسان تو کي هڪڙي پٽ (جي ڄمڻ) جي خوشخبري ٿا ڏيون جنهن جو نالو يحييٰ هوندو. اسان هن کان اڳي ڪنهن لاءِ بہ اهو نالو نہ رکيو آهي. (۸) حضرت زڪريا (عجب ۾ پئجي) چيو تہ، اي منهنجا پروردگار! مون کي پٽ ڪيئن ٿو ٿي سگهي، جڏهن تہ منهنجي اهليہ بانجھ (يعني سنڌ) ٿي چڪي آهي، ۽ مان گهٽو پوڙهو ٿي ويو آهيان. (۹) الله تعاليٰ جو ارشاد ٿيو تہ، ائين ئي ٿيندو. تنهنجو پروردگار فرمائي ٿو تہ، ائين ڪرڻ منهنجي لاءِ بلڪل آسان آهي. مون هن کان اڳي تو کي پيدا ڪيو، حالانڪ تنهنجي هستيءَ جو ڪو نالو نشان بہ ڪونہ هو. (۱۰) تنهن تي زڪريا عرض ڪيو تہ، اي منهنجا پروردگار! منهنجي لاءِ (هن ڳالهہ متعلق) ڪا هڪ نشاني ٺهرائي ڇڏ. الله

تعاليٰ فرمايو تہ، تنهنجي لاءِ نشاني هيءَ آهي تہ ٽي راتيون لاڳيتو نہ ڳالهاءِ. (۱۱) پوءِ هو پنهنجي قربان گاهہ مان نڪتو ۽ پنهنجي ماڻهن ۾ آيو. (هن زبان نہ ڪولي) اشارن سان چيائين تہ، صبح شام خدا جي پاڪائي ۽ شان بيان ڪندا رهو. (۱۲) (جڏهن اهو پٽ ڄائو ۽ چوڪر ٿيو تڏهن الله تعاليٰ ڪيس حڪم ڪيو تہ) اي يحييٰ خدا جي ڪتاب کي مضبوطيءَ سان جهل (يعني ان جي حڪمن تي پورو پابند رهہ). هو اڃا ننڍو چوڪرو ئي هو تہ، اسان کيس علم عقل ۽ فضيلت ڏني. (۱۳) ۽ پڻ اسان کيس دل جي نرمي ۽ نفس جي پاڪائي عطا ڪئي ۽ هو وڏو پرهيزگار هو. (۱٤) ۽ ماءُ پيءُ لاءِ مهربان خدمتگار هو ۽ سختي ڪندڙ نافرمان نہ هو. (۱۵) مٿس سلامتي هجي جنهن ڏينهن ڄائو ۽ جنهن ڏينهن وفات ڪيائين ۽ جنهن ڏينهن وري اٿاريو ويندو.

رڪوع ۲ آيت ۱٦ ـ تا ـ ٤۰

حضرت مريم عليہ السلام جو قصو، سندس بطن مان معجزي سان حضرت عيسيٰ پيدا ٿيو.

(۱٦) ۽ (اي پيغمبر! ماڻهن کي) هن ڪتاب ۾ (ڏنل) مريم جو معاملو بيان ڪري ٻڌاءِ. (انهيءَ وقت جو معاملو) جڏهن هوءَ هڪ مڪان (يعني جاءِ) ۾ ويئي جا اوپر طرف هئي ۽ پنهنجي گهر جي ماڻهن کان جدا ٿي ويئي. (۱۷) پوءِ هن انهن ماڻهن جي طرف کان پردو ڪري ڇڏيو. پوءِ اسان ان ڏانهن پنهنجو فرشتو موڪليو. اهو (فرشتو) هڪ پلاري نيڪ ماڻهو جي صورت ۾ ظاهر ٿيو. (۱۸) مريم ان کي ڏسي (گهبرائجي ويئي ۽) چيائين تہ، جيڪڏهن تون نيڪ ماڻهو آهين تہ رحمان خدا جي نالي تي تو کان پناهہ ٿي گهران. (يعني منهنجي ويجهو نہ اچ، ۽ نہ وري ڪو نقصان پهچاءِ). (۱۹) فرشتي چيو تہ، مان تنهنجي پروردگار جو موڪليل آهيان، ۽ هن لاءِ موڪليو ويو آهيان تہ، تو کي هڪ پاڪ فرزند (جي خوشخبري) ڏيان. (۲۰) مريم فرمايو تہ، اهو ڪيئن ٿو ٿي سگهي، جو مون کي پٽ ٿئي، جڏهن تہ مون کي ڪنهن بہ مرد هٿ نہ لاتو آهي، ۽ نہ وري بدچال آهيان. (۲۱) فرشتي چيو تہ، ائين ئي ٿيندو. تنهنجي پروردگار فرمايو آهي تہ، اهو ڪم منهنجي لاءِ ڏکيو ناهي (هو فرمائي ٿو) تہ هي انهيءَ لاءِ ٿيندو تہ ان (پٽ يعني حضرت عيسيٰ) کي ماڻهن جي لاءِ هڪ نشاني بنايان ۽ منهنجي رحمت جو ان ۾ ظهور ٿئي ۽ هيءَ اهڙي ڳالهہ آهي جنهن جي ٿيڻ جو حڪم ٿي چڪو آهي. (۲۲) پوءِ ان (پيدا ٿيڻ واري پٽ حضرت عيسيٰ) جو حمل ٿيس، هوءَ (پنهنجي اها حالت لڪائڻ لاءِ) ماڻهن کان جدا ٿي پري هلي وئي. (۲۳) پوءِ ويم جي سورن جي ايذاءَ ڪان کجور جي هڪ وڻ جي هيٺان ويئي. (۽ ان جي ٽڙ کي ٽيڪ ڏيئي ويني) ۽ چيائين تہ، ڪهڙو نہ چگي ٿئي ها جيڪڏهن مان هن کان اڳي مري وڃان ها ۽ ماڻهو منهنجي هستي بلڪل وساري ڇڏين ها. (۲٤) ان وقت (هڪ فرشتي) کيس هيٺئين طرف کان پڪاري چيو تہ، غم نہ ڪر، تنهنجي پروردگار تنهنجي بطن (پيٽ مبارڪ) ۾ هڪ وڏي هستي پيدا ڪري ڇڏي آهي. (۲۵) تون کجور جي وڻ جو ٽڙ هٽن ۾ جهلي پنهنجي طرف لوڏو ڏي، تہ تازن ۽ پڪل کارڪن جا ڇڪا

توتي ڪرڻ لڳندا. (٢٦) پوءِ ڪاءُ پيءُ، (پنهنجي فرزند ڏسي) پنهنجون اکيون ٺار (۽ سپ غم وهم وساري چڏ) پوءِ جيڪڏهن کو ماڻهو ڏسين (جو تو کان ڪجهه پڇي ته، ڪيس اشاري سان) چئي ڏي ته، مان رحمان خدا جي حضور ۾ روزي رکڻ جو نذر باسيو آهي. تنهن ڪري مان اڄ ڪنهن به ماڻهو سان ڳالهه ٻولهه نه ڪندیس. (٢٧) پوءِ (ڇا ٿيو جو) هوءَ پنهنجي پٽ کي پاڻ سان کڻي پنهنجي ماڻهن وٽ آئي ۽ پٽ سندس هنج ۾ هو. ماڻهن (ڏسندي ئي) چئي ڏنو ته، اي مريم! تو ته تمام حيران ڪندڙ ڳالهه ڪري ڏيکاري آهي. (٢٨) اي هارون جي ڀيڻ! نڪي تنهنجو پيءُ خراب ماڻهو هو، نڪي تنهنجي ماءُ بدچال هئي، (تو هي ڇا ڪري چڏيو؟) (٢٩) تنهن تي حضرت مريم پنهنجي پٽ ڏي اشارو ڪيو (ته هو اوهان کي ٻڌائيندو ته، حقيقت ڇا آهي؟) ماڻهن چيو ته، ٻلا هن سان ڪيئن ڳالهايون، جو اڃا هنج ۾ ويهندڙ ٻار آهي. (٣٠) (پر) هن چئي ڏنو ته مان الله جو ٻانهو آهيان. هن مون کي ڪتاب ڏنو آهي. ۽ (مونکي) نبي بنايو اٿس. (٣١) ۽ هن مون کي برڪتن وارو ڪيو آهي، جتي به مان هجان، هن مون کي نماز ۽ زڪوات جو حڪم ڏنو آهي، ته جيستائين جيئرو رهان تيستائين اهي ڪم ادا ڪندو رهان. (٣٢) هن (الله) مون کي پنهنجي ماءُ لاءِ مهربان خدمتگار ڪيو آهي ۽ سرڪش ۽ نافرمان ڪونه ڪيو اٿس. (٣٣) ۽ مون تي سندس طرف کان سلامتيءَ جو پيغام آهي، (مون تي سلامتي هجي) جنهن ڏينهن ڄائيس، جنهن ڏينهن مرندس ۽ جنهن ڏينهن وري جيئرو ڪري اٿاريو ويندس. (٣٤) اهو آهي مريم جي پٽ عيسيٰ (جو احوال). سچي ڳالهه اها ئي آهي جنهن بابت ماڻهو (عيسائي ۽ يهودي هيترا) اختلاف ڪرڻ لڳا آهن. (٣٥) الله جي لاءِ هيءَ ڳالهه (هرگز مناسب) ٿي نٿي سگهي ته هو ڪنهن کي پنهنجو پٽ بنائي. پاڪائي هجي ۽ آهي ان (پاڪ خدا) لاءِ (هو ڪيئن اهڙو مجبور ٿي سگهي ٿو جو ڪنهن فاني هستيءَ کي پنهنجو پٽ بڻائي). سندس شان هي آهي ته جڏهن ڪوبه ڪم ڪرڻ جو فيصلو ٿو ڪري ته رڳو حڪم ٿو ڪري ته ٿي پؤ! ته بس ٿي ٿو پوي. (٣٦) ۽ (حضرت عيسيٰ جي پڪار هيءَ هوندي هئي) بيشڪ الله ئي منهنجو ۽ اوهان سيني جو پروردگار آهي. بس انهيءَ ئي جي ٻانهپ ۽ فرمانبرداري ڪيو. اهوئي (سچائي جو) سڌو رستو آهي. (٣٧) پر وري ڪائنس پوءِ مختلف فرقا پاڻ ۾ اختلاف ڪرڻ لڳا. سو جن ماڻهن حقيقت مڃڻ کان انڪار ڪيو تن جي حالت تي افسوس آهي، انهيءَ ڏينهن جي نظاري تي افسوس جو (اڇڻ وارو آهي ۽ جو) ڏاڍو سخت ڏينهن ٿيندو. (٣٨) جنهن ڏينهن اهي اسان جي حضور ۾ حاضر ٿيندا تنهن ڏينهن سندن ڪن ڪهڙا نه چٽو ٻڌندڙ ۽ سندن اکيون ڪهڙيون نه چٽو ڏسندڙ هونديون. پر اڄوڪي ڏينهن ظالمن جو ڪهڙو حال هوندو؟ ظاهر ظهور گمراهي ۾ (تباه حال) هوندا. (٣٩) ۽ (اي پيغمبر!) ڪين انهيءَ (اڇڻ واري) ڏينهن بابت به خبردار ڪري چڏ، جو وڏو پڇتائڻ وارو ڏينهن ٿيندو جڏهن سيني ڳالهين جو فيصلو ٿي ويندو. هاڻي ته هي ماڻهو غفلت ۾ پئجي ويا آهن ۽ (هن ڳالهه تي) ايمان آڻڻ وارا ناهن. (٤٠) اسان ئي (آخر) زمين جا وارث ٿيندا سين ۽ انهن سيني ماڻهن جا به جيڪي زمين تي رهندڙ آهن ۽ اسان ڏي ئي سيني کي موٽي اچڻو آهي.

رکوع ۳ آيت ۴۱ ـ تا ـ ۵۰

حضرت ابراهيم عليہ السلام انهن کان ۽ انهن سيني کان، جن کي خدا کان سواءِ پوڄيندا هئا جدا ٿي ويو، تڏهن اسان هن جي نسل ۾ برکت ڪئي.

(۴۱) ۽ (اي پيغمبر!) هن ڪتاب ۾ حضرت ابراهيم جو ذڪر (بيان) ڪر، يقيناً هو سچو هو، ۽ الله تعاليٰ جو نبي هو. (۴۲) (انهيءَ وقت جو ذڪر ڪر) جڏهن هن پنهنجي پيءُ کي چيو ته، اي منهنجا بابا! تون ڇو ٿو اهڙيءَ شيءِ جي پوڄا ڪرين جا نڪي ٻڌي ٿي، نڪي ڏسي ٿي ۽ نڪي تو کي ڪنهن ڪم اچي ٿي. (۴۳) اي منهنجا بابا! مان سچ ٿو چوان ته، علم جي ڪجھ روشني مون کي ملي آهي جا تو کي ڪانہ ملي آهي. پوءِ منهنجي چوڻ تي لڳ. مان تو کي سڌي واٽ ڏيکاريندس. (۴۴) اي منهنجا بابا! شيطان جي ٻانهپ نہ ڪر، شيطان ته خدا جو نافرمان ٿي ڇڪو آهي. (۴۵) اي منهنجا بابا! مون کي خوف ٿو ٿئي ته متان رحمان خدا جي طرفان تو تي ڪو عذاب اچي ڪڙڪي ۽ تون شيطان جو سنگتي ٿي پئين. (۴۶) پيءُ (اهي ڳالهيون ٻڌي) چيو ته، اي ابراهيم تون منهنجي معبودن (خدائن) کان ڦري ويو آهين ڇا؟ ياد رک ته جيڪڏهن تون اهڙين ڳالهين کان باز نہ ايندين ته تو کي سنگسار ڪري (ماري) ڇڏيندس، (پنهنجو خير گهرين ته جان بچائي) مون کان پري هليو وڃ. (۴۷) حضرت ابراهيم فرمايو ته، ڇڪو منهنجو سلام قبول ڪر (مان جدا ٿي ٿو وڃان) هاڻي مان پنهنجي پروردگار کان تنهنجي بخشش لاءِ دعا گهرندس. هو مون تي ڏاڍو مهربان آهي. (۴۸) مان توهان سيني کي ڇڏي ٿو وڃان ۽ انهن کي ۽ ڇڏي ٿو ڏيان جن کي توهان الله کان سواءِ پڪارندا آهيو، مان پنهنجي پروردگار (هڪ الله) کي ٿو پڪاريان، اميد آهي ته پنهنجي پروردگار کي پڪاري مان محروم (يا ناڪامياب) ڪونہ ٿيندس. (۴۹) پوءِ جڏهن حضرت ابراهيم انهن ماڻهن کان ۽ انهن سيني کان جن کي خدا کان سواءِ پوڄيندا هئا جدا ٿي ويو، تڏهن اسان (هن جي نسل ۾ برکت ڪئي ۽) هن کي اسحاق ۽ (اسحاق جو پٽ) يعقوب عطا ڪيوسين، ۽ انهن مان هرهڪ کي اسان نبوت ڏني هئي. (۵۰) ۽ کين پنهنجي رحمت مان بخششو ڪيوسين ۽ پڻ انهن سيني لاءِ سچائيءَ جون صدائون (آواز) بلند ڪيوسين. (يعني سندن سچي ساراهہ پئي ڳائجي).

رکوع ۴ آيت ۵۱ ـ تا ـ ۶۵

حضرت موسيٰ عليہ السلام، حضرت اسماعيل عليہ السلام ، حضرت ادريس عليہ السلام جو ذڪر ۽ انهن مان نتيجو ڪڍڻ

(۵۱) ۽ (اي پيغمبر!) هن ڪتاب ۾ حضرت موسيٰ جو بيان پڙهہ، بيشڪ هو هڪ خاص خاص ٻانهو ۽ (الله جو) موڪليل پيغمبر هو. (۵۲) اسان ڪيس طور جبل جي ساڄي (يعني اوپر) طرف کان سڏ ڪيو ۽ (وحي جي) ٻڌڻ لاءِ پنهنجي ويجهو آندو. (۵۳) ۽ پڻ پنهنجي رحمت سان (سندس

مددگاريءَ لاءِ کيس) هارون ڏنوسين جو سندس پاڻُ هو ۽ نبي هو. (٥٤) ۽ (اي پيغمبر!) هن ڪتاب (قرآن مجيد) ۾ حضرت اسماعيل جو ذڪر پڙھ، بيشڪ هو پنھنجي قول جو سچو هو ۽ (الله جو) موڪليل هو. (٥٥) ۽ هو پنھنجي گھر جي ماڻھن کي نماز ۽ زڪوات جو حڪم ڏيندو هو ۽ هو (سيني ڳالھين ۾) پنھنجي پروردگار جي حضور ۾ پسند پيل هو. (٥٦) ۽ (اي پيغمبر!) ڪتاب ۾ ادريس جو به ذڪر ڪر، بيشڪ هو به سچائيءَ جو پتلو ۽ نبي هو. (٥٧) ۽ اسان هن کي وڏي بلند مقام (درجي) تائين پھچائي ڇڏيو هو. (٥٨) هي اهي ماڻھو آهن جيڪي انھن نبين مان آهن جن کي الله تعاليٰ نعمتون ڏنيون، آدم جي نسل مان ۽ انھن جي نسل مان جن کي اسان حضرت نوح سان گڏ (ٻيڙيءَ ۾) سوار ڪيو هو. پڻ حضرت ابراهيم ۽ حضرت اسرائيل (يعني حضرت يعقوب) جي نسل مان ۽ انھن قومن مان جن کي اسان سڌيءَ واٽ تي لڳايو ۽ (ڪاميابيءَ ۽ سعادت لاءِ) چونڊيو. اهي اهي ماڻھو آهن جن کي جڏھن رحمان خدا جون آيتون پڌايون ويندیون هيون تڏھن بي اختيار سجدي ۾ ڪري پوندا هئا ۽ سندن اکين ۾ پاڻي اچي ويندو هو. (٥٩) پر انھن کان پوءِ اهڙا ناخلف (نياڳا) سندن جانشين ٿيا جن نماز (جي حقيقت) ضايع ڪري ڇڏي ۽ پنھنجي نفساني خواهشن جي پٺيان پئجي ويا. سو (ڏسندؤ تہ) جلد سندن سرڪشي سندن آڏو ايندي. (٦٠) پر جيڪو (گناھن کان) باز ايندو، ايمان آندائين ۽ نيڪ عمل ڪرڻ ۾ لڳي ويندو (تنھن لاءِ ڪوبہ ڪٽڪو ڪونھي) اهڙا ماڻھو جنت ۾ داخل ٿيندا ۽ انھن سان ذرو بہ بي انصافي نہ ٿيندي. (٦١) هميشہ واري جنت (۾ داخل ٿيندا) جنھن متعلق رحمان خدا پنھنجي ٻانھن سان واعدو ڪري چڏيو آهي. اهو واعدو هڪ غيبي ڳالھ جي باري ۾ آهي (جنھن کي هو هن حياتيءَ ۾ محسوس ڪري نٿا سگھن پر) يقيناً هن جو واعدو اهڙو آهي، جو ڇڻ تہ اها ڳالھ ٿي ويئي. (٦٢) انھيءَ (جنت واري) زندگيءَ ۾ ڪابہ واهيات ڳالھ هنن جي ڪنن ۾ نہ پوندي. جيڪي بہ ٻڌندا، سا سلامتيءَ جي ئي صدا هوندي. اتي صبح توڙي شام سندن رزق سندن لاءِ مهيا ٿيندو رهندو. (٦٣) سو (ڏسو) اها آهي جنت جنھن جو اسان انھيءَ ماڻھو کي وارث ڪري ٿا چڏيون جيڪو اسان جي ٻانھن مان متقي (يعني پرهيزگار) آهي. (٦٤) ۽ (فرشتا جنتين کي چوندا تہ،) اسان (توهان ڏي) تڏھن ٿا اچون جڏھن توهان جي پروردگار وٽان حڪم ٿو ملي، جيڪي بہ اسان جي اڳيان آهي، جيڪي بہ اسان جي پٺيان گذري چڪو آهي، ۽ جيڪي بہ انھن ٻنھي وقتن جي وچ ۾ ٿي گذريو سڀ سندس ئي حڪم سان آهي ۽ اوهان جو پروردگار اهڙو ناهي جو ڪابہ ڳالھ وساري ڇڏي. (٦٥) هو آسمان ۽ زمين جو پروردگار آهي ۽ انھن سيني جو پروردگار آهي جي آسمان ۽ زمين ۾ آهن. سو (اي پيغمبر!) انھيءَ ئي جي ٻانھپ ڪر ۽ سندس ٻانھپ ڪرڻ جي راھ ۾ جيڪي بہ تڪليفون پيش اچن سي صبر سان سھندو رھ. ڇا تون ڄاڻين ٿو تہ ٻيو بہ ڪو سندس ھمنام آهي. (يعني الله جھڙو آهي؟ هرگز نہ!)

رکوع ۵ آيت ٦٦ ـ تا ـ ٨٢

انسان جي غفلت، دولت ۽ طاقت تي غرور

(٦٦) ۽ (حقيقتن کان غافل) انسان چوي ٿو تہ، جڏهن مان مري ويندس تڏهن وري جيئرو اٿاريو ويندس ڇا؟ (٦٧) (افسوس) انسان کي هيءَ ڳالهہ نہ ياد ناهي ڇا تہ اسان کيس اڳي نہ پيدا کيو هو، جنهن کان اڳي هو ڪجهہ نہ هو. (٦٨) سو (اي پيغمبر!) تنهنجو پروردگار شاهد آهي اسان انهن سيني کي ۽ انهن سان گڏ سيني شيطانن کي ضرور هڪ هنڌ گڏ ڪنداسين، پوءِ انهن سيني کي دوزخ جي چوڌاري حاضر ٿيڻ جو حڪم ڏينداسين ۽ هو گوڏن پر ڪريل هوندا. (٦٩) پوءِ هر هڪ ٽوليءَ مان انهن ماڻهن کي (چونڊي) جدا ڪنداسين، جيڪي (پنهنجي زندگيءَ ۾) رحمان خدا کان سخت باغي (نافرمان) ٿي ويا هئا. (٧٠) پوءِ هيءَ ڳالهہ نہ اسان ئي بهتر ڄاڻنداسين تہ ڪهڙا ماڻهو دوزخ ۾ پوڻ جا زياده لائق آهن. (٧١) ۽ (يادرکو تہ) اوهان (ڪافرن) مان ڪوبہ اهڙو ڪونهي جو انهيءَ منزل مان نہ لنگهندو (يعني دوزخ ۾ نہ پوندو) ائين ڪرڻ (يعني ڪافرن کي دوزخ ۾ وجهڻ) تنهنجي پروردگار ضروري ٺهرايو آهي. اهو هڪ ڪيل فيصلو آهي. (٧٢) پوءِ اسان متقين کي نجات (يعني ڇوٽڪارو) ڏينداسين ۽ ظالمن کي دوزخ ۾ گوڏن پر ڪريل ڇڏي ڪنداسين. (٧٣) ۽ جڏهن اسان جون روشن آيتون ماڻهن کي پڌايون وڃن ٿيون، تڏهن جيڪي ماڻهو ڪفر ۾ پيل آهن سي ايمان وارن کي چون ٿا تہ هي تہ پڌايو تہ، (اسان) ٻنهي ٽولين ۾ ڪهڙي ٽولي آهي جا وڌي پوزيشن (درجي) واري آهي ۽ جنهن کي شاندار (ديدبي واري) مجلس (يا ڪائونسل) آهي. (٧٤) ۽ هنن کان (اها ڳالهہ وسري ويئي آهي تہ) ڪائنئن اڳي گهڻين ئي قومن کي اسان تباهہ ڪري ڇڏيو جي ڪائنئن گهڻو بهتر اسباب ۽ (جنگي) سامان رکنديون هيون ۽ جن کي ڪائنئن گهڻو وڌيڪ ديدبو ۽ رونق هئي. (٧٥) (اي پيغمبر!) تون چئو تہ، جيڪڏهن ڪو گمراهيءَ ۾ پوي ٿو تہ رحمان خدا جو قانون هي آهي جو هن کي (عذاب کان) مهلت ڏيندو رهي ٿو. هو انهيءَ حال ۾ رهندو تان جو پنهنجي اکين سان اها ڳالهہ ڏسي جنهن جو ساڻس واعدو ڪيو ويو هو، يعني عذاب يا قيامت جي گهڙي. پوءِ ان وقت کيس پتو پوندو تہ ڪير هو جنهن جي پوزيشن (يا درجو) بدتر (وڌيڪ خراب) ثابت ٿيو ۽ جنهن جو ٽولو سيني کان وڌيڪ هيٺو ۽ ضعيف ثابت ٿيو. (٧٦) ۽ جن ماڻهن سچي واٽ لڌي ۽ ان تي هليا تن کي الله تعاليٰ وڌيڪ هدايت ٿو ڪري (۽ سنئين واٽ تي ٿو هلائي) ۽ تنهنجي پروردگار جي حضور ۾ تہ باقي رهڻ واريون (يعني بقاءُ ڪندڙ) نيڪيون ئي بهتر آهن، ثواب ۾ توڙي (بهتر) نتيجن (ڏيکارڻ) ۾. (يعني چگن عملن جا چگا نتيجا نڪرندا ۽ وڏا انعام ۽ نعمتون ملنديون). (٧٧) (اي پيغمبر!) تو ڏٺو تہ، انهيءَ شخص جو ڪهڙو حال ٿيو جنهن اسان جي آيتن کان انڪار ڪيو ۽ چيائين تہ مان ضرور مال ۽ دولت حاصل ڪندس ۽ مان ضرور گهڻي اولاد وارو ٿيندس. (٧٨) (هو جو ائين ٿو چوي سو) هن کي غيب جي خبر پئجي ويئي آهي ڇا؟ يا خدا کان ڪو عهد وٺي ڇڏيو اٿس ڇا؟ (جو خدا کي ضرور ائين

ٿي ڪرڻو پوندو). (٧٩) هرگز نہ (ائين ڪڏهن ب ٿي نڏو سگهي) ڇگو هو جيڪي چوي ٿو سو اسان لکي ٿا ڇڏيون (يعني هن جي اها ڳالهہ ڪانہ وسرندي. سندس آڏو ايندي) ۽ سندس عذاب جي رسي ڊگهي ڪندا رهنداسين. (٨٠) هو جنهن مال ۽ اولاد جي دعويٰ ڪري ٿو (سو ڪٽي مليس تہ ب) آخر هو اسان جي ئي قبضي ۾ ايندو. ۽ اسان وٽ ايندو ب اڪيلوئي اڪيلو. (مال ۽ اولاد ڪم ڪونہ ايندس). (٨١) ۽ هنن ماڻهن الله کان سواءِ ٻين کي ڪٽي معبود بنايو آهي تہ سندن مددگار ٿين. (٨٢) پر هرگز ائين ڪونہ ٿيندو آهي (قيامت جي ڏينهن) سندن بندگيءَ بابت صاف انڪار ڪندا ۽ اٽلندو هنن جا مخالف ٿيندا.

رڪوع ٦ پ٦ آ ٨٣ ـ تا ـ ٩٨

انسانن جا ب فرقا آهن، هڪڙا متقي ۽ ٻيا سرڪش گنهگار، عيسائين جو حضرت عيسيٰ عليہ السلام کي خدا جو پٽ ۽ خدا بنائي رکيو آهي، سا ڳالهہ تمام سخت ڪفر جي آهي.

(٨٣) (اي پيغمبر!) تون ڏسين ٿو چا تہ اسان شيطانن کي ڪافرن تي چاڙهي موڪليو آهي، انهيءَ لاءِ تہ هنن کي (گناهن ۽ فساد ڪرڻ لاءِ برغلائيندا ۽) اڀاريندا رهن. (٨٤) پوءِ تون انهن جي باري ۾ تڪڙ نہ ڪر. (سندن فيصلو ڪرڻ ۾ ڪين مغلوب ڪرڻ ۾ جا دير ٿي رهي آهي، سا فقط هن ڪري آهي جو) اسان هنن جا ڏينهن ڳڻي رهيا آهيون. (مقرر وقت ويجهو اچي ويو آهي). (٨٥) انهي ڏينهن (جيڪو پري ناهي) اسان پرهيزگار انسانن کي پنهنجي حضور ۾ مهمانن وانگر آڻي هڪ هنڌ ڪٺو ڪنداسين. (٨٦) ۽ گنهگارن کي اجايل جانور وانگر دوزخ ڏي ڪاهي هڪالي ويندا سين. (٨٧) انهيءَ ڏينهن سفارش ڪرڻ يا ڪرائڻ ڪنهن جي ب اختيار ۾ نہ هوندو. سواءِ انهيءَ جي جنهن کي خدا جي حضور مان واعدو مليو هوندو. (٨٨) ۽ اهي ماڻهو (يعني عيسائي) چون ٿا تہ رحمان خدا پنهنجو هڪ پٽ بنائي رکيو آهي. (٨٩) اها تمام سخت خراب ڳالهہ آهي جا ڪاهي پيش ڪئي ويئي آهي. (٩٠) (اهڙي خراب ڳالهہ تي ممڪن آهي تہ) آسمان ڦاٽي پوي ۽ زمين ۾ ڌار پئجي وڃي ۽ جبل ڏڪي ڪري پون. (٩١) (جو) ماڻهو الله جي لاءِ پٽ هڻڻ جي دعويٰ ڪري رهيا آهن. (٩٢) الله تعالیٰ کي ڪيئن ٿو جڳائي جو پاڻ لاءِ هڪ پٽ بنائي رکي. (٩٣) حالانڪ آسمانن ۽ زمين ۾ جيڪو ب آهي سو انهيءَ لاءِ آهي تہ الله جي اڳيان ٻانهپ جو سر جهڪائي حاضر ٿئي. (٩٤) هن (پنهنجي قدرت سان) انهن (عيسائين) کي گهيري هيٺ آڻي ڇڏيو آهي، ۽ (پنهنجي علم سان) هڪ هڪ کي ڳڻي ڇڏيو آهي. (٩٥) ۽ قيامت جي ڏينهن سندس حضور ۾ اڪيلا اچي ٻيهندا. (يعني ڪوب مددگار ساڻن ڪونہ هوندو). (٩٦) (اي پيغمبر!) جن ماڻهن ايمان آندو آهي ۽ نيڪ عملن کي لڳي ويا آهن تن متعلق يقين آهي تہ رحمان خدا (ماڻهن جي دلين ۾) انهن لاءِ محبت پيدا ڪري ڇڏيندو. (يعني ماڻهو انهن ڏانهن ائين ڇڪجي ايندا جيئن لوه جي سئي چقمق ڏانهن ايندي آهي ۽ ڪين نهايت پسند ڪندا).

(۹۷) (انهيءَ غرض سان) اسان قرآن کي تنهنجي ٻولي (عربي) ۾ نازل ڪري آسان ڪيو آهي تہ پرهيزگار انسانن کي (ڪاميابيءَ جي) خوشخبري ڏئي ۽ جيڪا قوم سچائيءَ جي مقابلي ۾ ضد ڪندڙ ۽ هٺ ڪندڙ هجي تنهن کي (انڪار ۽ سرڪشيءَ جي نتيجن کان) خبردار ڪري ڇڏي.
(۹۸) هنن (قريش سرڪشن) کان اڳي قومن جا ڪيترائي دور ٿي گذريا آهن جن کي اسان (بدعملن جي بدلي ۾) تباهہ ڪري ڇڏيو. ڇا انهن مان ڪنهن جي بہ هستي (هاڻي) محسوس ڪيو ٿا؟ ڇا هنن جي رڳو ٻڙ ٻڙ بہ ڪا ٻڌجي ٿي؟

سورت طٰهٰ

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي.

رڪوع ۱ آيت ۱ ـ تا ـ ۲٤

هي قرآن انهيءَ لاءِ نازل ٿيو تہ جيڪا دل انڪار ۽ بدعمليءَ جي نتيجن کان ڊڄندڙ هجي، تن لاءِ نصيحت ٿئي.

(۱) طاها (يعني اي شخص) (۲) اسان تو تي قرآن هن لاءِ نازل نہ ڪيو آهي تہ تون ڏکن ۾ تکيلفن ۾ پوين. (۳) هي تہ انهيءَ لاءِ نازل ٿيو آهي تہ جيڪا دل (انڪار ۽ بدعمليءَ جي نتيجن کان) ڊڄندڙ هجي تنهن جي لاءِ نصيحت ٿئي. (جيڪي ڊڄڻ وارا ناهن سي ان کي ٻڌندا بہ ڪين.) (٤) اهو قرآن انهيءَ هستيءَ جو نازل ڪيل آهي، جنهن زمين پيدا ڪئي ۽ بلنديءَ وارو آسمان پيدا ڪيو. (۵) اهو رحمان جو (جهانداري جي) تخت تي محڪم آهي. (٦) جيڪي جيڪي آسمان ۾ ۽ زمين ۾ آهي ۽ جيڪي جيڪي انهن ٻنهي جي وچ ۾ آهي ۽ جيڪي جيڪي مٽيءَ جي هيٺان آهي (يعني زمين جي هيٺان آهي) سو سڀ سندس ئي آهي ۽ سندس ئي لاءِ آهي. (۷) ۽ جيڪڏهن تون (خدا کي) وڏي آواز سان ٿو سڏين (تہ خدا جو ٻڌڻ وڏي آواز جو محتاج ناهي) چو تہ هو لکل ڳجهن جو بہ ڄاڻندڙ آهي ۽ سيني کان وڌيڪ لکل ڳجهہ بہ ڄاڻي ٿو. (۸) اهوئي الله آهي، ڪائنس سواءِ ٻيو ڪوبہ معبود ڪونهي. انهيءَ ئي لاءِ سهٽا ۽ چگا نالا (يعني صفتون) آهن. (۹) ۽ (اي پيغمبر!) حضرت موسيٰ جي ڳالهہ تو ٻڌي آهي؟ (۱۰) جڏهن هن (پري کان) باهہ ڏٺي تڏهن پنهنجي گهر جي ماڻهن کي (جيڪي ساڻس سفر ۾ گڏ هئا) چيائين تہ بيهو مون کي باهہ ٿي ڏسڻ ۾ اچي. مان (اوڏانهين) وڃان ٿو. ممڪن آهي تہ توهان جي (سيءَ لاهڻ) لاءِ ٽانڊو ڪٽي اچان. يا ڪم از ڪم باهہ وٽ (ويڙل) ڪو واٽ ڏيکاريندڙ وارو ملي وڃي. (۱۱) پوءِ جڏهن هو اتي پهتو تڏهن آواز آيو تہ، اي موسيٰ! (۱۲) مان تنهنجو پروردگار آهيان، سو (ادب کان) پنهنجي جتي لاهي ڇڏ. تون طويٰ جي پاڪ ماڙي ۾ اچي بيٺو آهين. (۱۳) ۽ ڏس مون تو کي (رسول بنائڻ لاءِ) چونڊيو آهي. سو

جيڪو وحي موڪلجي ٿو سو ڪن لائي ٻڌ. (١٤) بيشڪ مان ئي الله آهيان، مون کان سواءِ ڪوبہ معبود ڪونهي. تنهن ڪري فقط منهنجي ٻانهپ ڪر ۽ منهنجي يادگيري (رکڻ) لاءِ نماز قائم ڪر. (١٥) بيشڪ (مقرر) وقت اچڻ وارو آهي. آءٌ ان (جي وقت) کي لڪائڻ گهران ٿو، انهيءَ لاءِ تہ (ماڻهن جي ايمان ۽ عمل جي آزمائش ٿئي ۽) جنهن شخص جي جهڙي ڪوشش هجي تهڙو بدلو ڪيس ملي. (١٦) پوءِ (ڏسجانءِ تہ اڻين نہ ٿئي جو) اهي ماڻهو جيڪي ان وقت جي اچڻ متعلق يقين رکندڙ نہ هجن ۽ پنهنجي خواهشن جا غلام هجن، سي توکي ہ (اڳتي وڌڻ کان) روکي وجهن ۽ نتيجو هيءُ نڪري جو تون تباهہ ٿي وڃين. (١٧) ۽ (غيبي آواز پڇيو تہ) اي موسيٰ! تنهنجي ساڄي هٿ ۾ ڇا آهي؟ (١٨) حضرت موسيٰ عرض ڪيو تہ، هيءَ منهنجي لٺ آهي. گهمڻ ۾ ان تي ٽيڪ ڏيندو آهيان، انهيءَ سان پنهنجي ٻڪرين جي لاءِ وٽن جا پن ڇاڻيندو آهيان، ۽ منهنجي لاءِ ان ۾ ٻيا ہ طرحين طرحين جا فائدا آهن. (١٩) حڪم ٿيو تہ، اي موسيٰ! ان کي (زمين تي) رک. (٢٠) حضرت موسيٰ ان کي (زمين تي) ڦٽو ڪيو تہ ڇا ڏسي تہ، هڪ نانگ آهي جو ڊوڙي ٿو پيو. (٢١) حڪم ٿيو تہ ان کي هاڻي پڪڙي جهل. خوف نہ ڪر، اسان ان کي وري اصلوڪي حالت ۾ تا آڻيون. (٢٢) ۽ (پڻ حڪم ٿيو تہ) پنهنجو هٿ پنهنجي پاسي ۾ رک ۽ وري ڪڍي وٺ. بنا ڪنهن عيب جي چمڪندو نڪري ايندو. اها (تنهنجي لاءِ) ٻي نشاني آهي. (٢٣) (اهي ٻئي نشانيون) هن لاءِ (ڏيکارڻ ويون آهن) تہ آئنده توکي پنهنجي قدرت جون وڏيون وڏيون نشانيون ڏيکاريون. (٢٤) (پڻ حڪم ٿيو تہ هاڻي اي موسيٰ) تون فرعون (يعني مصر جي بادشاهہ) ڏي وڃ. هو وڏو سرڪش ٿي پيو آهي.

رکوع ٢ آيت ٢٥ ـ تا ـ ٥٤

حضرت موسيٰ عليہ السلام جا خدا تعاليٰ کي ڪي عرض ۽ انهن جو قبول پوڻ

(٢٥) موسيٰ عرض ڪيو تہ، اي پروردگار منهنجو سينو کولي ڇڏ (تہ وڏي ۾ وڏيون تڪليفون برداشت ڪرڻ جهڙو ٿيان ۽ وڏا حڪم ڪري سگهان.) (٢٦) ۽ منهنجو ڪم منهنجي لاءِ آسان ڪر (جيئن ڪابہ مشڪل مون تي غالب نہ پوي.) (٢٧) ۽ منهنجي زبان جي ڳنڍ ڇوڙي ڇڏ. (انهيءَ لاءِ تہ ڳالهائڻ ۽ تقرير ڪرڻ ۾ رواني پيدا ٿئي.) (٢٨) منهنجي ڳالهہ ماڻهن جي دماغ ۾ ويهي ۽ دلنشين ٿئي. (٢٩ ۽ ٣٠) ۽ پڻ منهنجي گهر وارن مان منهنجي ڀاءُ هارون کي منهنجو وزير بناءِ. (٣١) هن کي (منهنجو مددگار بنائي) منهنجي طاقت وڌاءِ. (٣٢) ۽ هن کي منهنجي ڪم ۾ شريڪ ڪر. (٣٣) اسان (ٻئي گڏجي) تنهنجي پاڪائي ۽ وڏائي جو بيان گهٽي ۾ گهٽو ڪيون. (٣٤) ۽ تنهنجي يادگيريءَ ۾ گهٽي قدر لڳا رهون. (٣٥) بيشڪ تون اسان جو حال ڏسي رهيو آهين (۽ اسان کان ڪنهن بہ حال ۾ غافل نہ آهين). (٣٦) ارشاد ٿيو تہ، اي موسيٰ تنهنجي دعا قبول ٿيئي. (٣٧) ۽ (توکي معلوم آهي تہ) اسان تو تي اڳي بہ هڪ ٻيرو اهڙو احسان ڪري چڪا آهيون.

(٣٨) اسان توکي ٻڌايون ٿا (تہ انهيءَ وقت چا ٿيو هو) جڏهن اسان تنهنجي ماءُ جي دل ۾ هيءَ ڳالهہ وڌي هئي. (٣٩) تہ ٻچي کي يعني توکي (جڏهن تون ڄايو هئين) هڪ صندوق ۾ وجهہ ۽ صندوق کي درياهہ ۾ ڦٽو ڪر. درياهہ ان کي ڪناري تي ڏکي ڇڏيندو. پوءِ ان کي اهو کڻي وڃندو جو منهنجو (يعني ذات انسان جو) دشمن آهي ۽ پڻ هن ٻچي جو بہ دشمن آهي. (اي موسيٰ) اسان پنهنجي خاص فضل سان توتي محبت جي ڇانو ڪئي هئي، (جو ڏاريان بہ توسان محبت ڪرڻ لڳا) ۽ اهو هن لاءِ هو جو اسان چاهيو ٿي تہ تون اسان جي (خاص) نظر هيٺ پرورش ۽ سنيال پائين. (٤٠) تنهنجي ڀيڻ جڏهن اتان لنگهي تڏهن (بہ اسان ئي ائين ڪيو جو) هن (فرعون جي ڏيءُ کي) چيو تہ، مان اوهان کي اهڙي عورت ڏسيان ۽ ڏيکاريان جا هن ٻچي کي (يعني توکي) پالي ۽ نپائي؟ ۽ اهڙيءَ طرح اسان توکي وري تنهنجي ماءُ جي هنج ۾ موڪلائي ڏنو تہ سندس اکيون ٺرن ۽ (ٻچي جي جدائيءَ ۾) غمگين نہ رهي. پوءِ (ڏس تہ چا ٿيو جو) تو (مصر ۾) هڪ ماڻهو (کي) ماري وڌو. اسان توکي هن معاملي جي غم کان ڇڏايو ۽ توکي هر طرح جي حالتن ۾ وجهي آزمايو. پوءِ تون ڪيترائي سال مدين جي ماڻهن ۾ رهيو هئين، (انهن سيني ڳالهين حضرت موسيٰ کي نبوت جي لائق ڪيو. ۽ مدين جي بيابانن ۾ ٻکريون چاري تڪليفن برداشت ڪرڻ جهڙو ٿيو). آخر اي موسيٰ تون (مقرر) اندازي تي پورو آئين. (يعني آخر رسالت جي ڪم ڪرڻ جو لائق ٿئين). (٤١) ۽ (ڏس اهڙيءَ طرح) مون توکي پنهنجي لاءِ (يعني پنهنجي خاص ڪم لاءِ) بنايو ۽ تيار ڪيو آهي. (٤٢) (هاڻي) تون ۽ تنهنجو ڀاءُ ٻئي منهنجون نشانيون کڻي وڃو ۽ منهنجي يادگيري ڪرڻ (۽ منهجي حڪمن جي تعميل ڪرڻ) ۾ ڪابہ ڪوتاهي نہ ڪجو. (٤٣) توهان ٻئي (يعني موسيٰ ۽ هارون، جي هاڻي مصر ۾ پاڻ ۾ گڏيا ۽ الله تعاليٰ وري هنن کي خطاب ڪيو تہ، توهان ٻئي) فرعون ڏي وڃو. هو سرڪشيءِ ۾ تمام گهڻو وڌي ويو آهي. (٤٤) پوءِ (جڏهن وٽس وڃو تڏهن سختيءَ سان پيش نہ اچجو) نرميءَ سان ڳالهائجو (توهان کي کهڙي خبر؟) ممکن آهي تہ نصيحت وڻي يا (عاقبت يا ايندڙ عذاب کان) ڊڄي. (٤٥) ٻنهي عرض ڪيو تہ، اي اسان جا پروردگار! اسان کي خوف آهي تہ فرعون اسان جي مخالفت ۾ اڀرائي ڪندو يا سرڪشيءِ سان پيش ايندو. (٤٦) ارشاد ٿيو تہ خوف نہ ڪيو. مان توهان سان آهيان. مان سڀ ڪجهہ ٻڌان ٿو ۽ سڀ ڪجهہ ڏسان ٿو. (٤٧) توهان وٽس (بي ڏڑڪ) ٿي وڃو ۽ چئوس تہ، اسان تنهنجي پروردگار جا موڪليل آهيون تنهن ڪري بني اسرائيلن کي اسان سان گڏ (مصر مان نڪري وڃڻ جي) موڪل ڏي ۽ هنن تي سختيون نہ ڪر. اسان تنهنجي پروردگار جي نشاني ڪٽي تو وٽ آيا آهيون، سلامتي هجي انهيءَ تي جيڪو سڌي واٽ وڻي. (٤٨) جيڪو (حقيقت کي) ڪوڙو ٺهرائي رد ڪري ۽ (مڃڻ کان) منهن موڙي ڇڏي، تنهن جي باري ۾ اسان ڏي وحي اچي چڪو آهي تہ هن تي ضرور عذاب اچڻو آهي. (٤٩) (پوءِ ٻئي ڀائر فرعون وٽ ويا ۽ مٿيان لفظ ڪيس چياڻون، تنهن تي) فرعون پڇيو تہ، جيڪڏهن ائين آهي تہ ٻڌايو تہ سهي تہ اوهان جو پروردگار، اي موسي! ڪير

آهي؟ (۵۰) حضرت موسيٰ فرمايو تہ، اسان جو پروردگار اهو آهي جنهن هر چيز کي سندس خلقت بخشي ۽ پوءِ ان لاءِ (زندگي ۽ عمل جي) راهہ کولي ڇڏي. (۵۱) فرعون پڇيو تہ، پوءِ انهن جو کهڙو حال ٿيٹو آهي، جيکي اڳين زمانن ۾ ٿي گذريا آهن؟ (يعني انهن کي تہ تنهنجي انهيءَ پروردگار جي خبر ٻہ ڪانہ هئي.) (۵۲) حضرت موسيٰ فرمايو تہ، انهيءَ ڳالهہ جو علم منهنجي پروردگار وٽ ڪتاب ۾ لکيل آهي. منهنجو پروردگار نڪي پل چڪ ٿو ڪري، نڪي ويسر ٿو ڪري. (۵۳) اهو پروردگار جنهن اوهان جي لاءِ زمين کي بستري وانگر وڇائي ڇڏيو آهي، هيڏي هوڏي اڇڻ وڇڻ لاءِ ان ۾ واٽون ڪري ڇڏيون اٽس، آسمان مان مينهن ٿو وسائي، ان جي ريج سان هر طرح جي نباتات (اوپڙن) جا جوڙا (يعني نر ۽ مادي) پيدا ٿو ڪري. (۵٤) پاڻ ٻہ کائو ۽ پنهنجي ڍورن کي ٻہ چاريو. هن ڳالهہ ۾ عقل وارن لاءِ کهڙيون نہ چٽيون نشانيون آهن.

رکوع ۳ آيت ۵۵ ـ تا ـ ۷۶

مصر جي جادوگرن جو حضرت موسيٰ عليہ السلام سان مقابلو، سندن شڪست ۽ مٿس ايمان آڻڻ.

(۵۵) هن (يعني الله تعاليٰ) اوهان کي انهيءَ ئي زمين مان پيدا ڪيو آهي، انهيءَ ئي ۾ (مرڻ بعد) موٽائي آڻي ٿو ۽ وري انهيءَ مان ئي ٻيهر اٿاريا ويندؤ. (۵۶) ۽ هيءَ حقيقت آهي تہ اسان فرعون کي پنهنجون سڀ نشانيون ڏيکاريون، پر تنهن هوندي ٻہ هن اهي کوڙيون سمجهيون ۽ (ايمان آڻڻ کان) انڪار ڪيو. (۵۷) هن چيو تہ، اي موسيٰ تون اسان ڏي هن لاءِ آيو آهين جا تہ پنهنجي جادوءَ جي زور سان اسان کي اسان جي ملڪ مان تڙي ڪڍي ڇڏين؟ (۵۸) چڱو اسان ٻہ اهڙا ئي جادوءَ جا ڪرشما تو کي آڻي ڏيکارينداسين، اسان جي ۽ تنهنجي وچ ۾ (مقابلي ڪرڻ جو) هڪ ڏينهن مقرر ڪر. نڪي اسان ان کان ڦرنداسين، نڪي تون ڦري وڃجانءِ. ٻنهي لاءِ هڪ جهڙي جاءِ (يا حالت) هجي (يعني عدل ۽ انصاف سان مقابلو ٿيندو.) (۵۹) حضرت موسيٰ فرمايو تہ، جشن جو ڏينهن اوهان جي لاءِ مقرر ٿئي ۽ پهر سج ڏاري ماڻهو ڪٺا ٿين. (۶۰) پوءِ فرعون (اها ڳالهہ قبول ڪري) منهن ڦيرائي هليو ويو. پنهنجون سڀ رٿون (ٺاهي جادوءَ جو سامان ۽ جادوگر) گڏ ڪيائين ۽ پوءِ (مقرر وقت تي مقابلي جي لاءِ) اچي ويو. (۶۱) حضرت موسيٰ (سيني گڏ ٿيل ماڻهن ڏي منهن ڪري) چيو تہ، افسوس آهي اوهان جي حال تي! (توهان چا ڪري رهيا آهيو) الله تي ڪوڙي تهمت نہ لڳايو، جنهن ڪري اڻين ٿئي جو هو عذاب موڪلي اوهان جون پاڙون پٽي ڇڏي. ياد رکو تہ، جنهن ٻہ ڪوڙي ڳالهہ ٺاهي سو ضرور ناڪامياب ۽ نامراد ٿي ويو. (۶۲) (اهو ٻڌي) ماڻهو ان معاملي بابت پاڻ ۾ بحث ڪرڻ لڳا ۽ مخفي طرح (سس پس ۾) ڳالهيون شروع ڪري ڏنائون. (۶۳) پوءِ (درٻارين) چيو تہ، هي ٻئي پائر ضرور جادوگر آهن. هو چاهين ٿا تہ پنهنجي جادوءَ جي زور سان اوهان کي اوهان جي ملڪ مان ڪڍي ڇڏين ۽ توهان جي شان

شوڪت جا مالڪ ٿي ويهن. (٦٤) تنهن ڪري پنهنجا سڀ جادوءَ جا داءَ (۽ سامان) ڪٺا ڪيو ۽ قطارون ٻڌي ثابت قدم ٿي بيهو. جيڪو اڄ بازي کٽندو سو ڪامياب ٿيندو (۽ وڏا درجا حاصل ڪندو.) (٦٥) جادوگرن چيو تہ، اي موسيٰ يا تہ تون پهرياٿين (پنهنجي لٺ يا جادو) ميدان ۾ آڻ، يا وري اسان جي طرف کان اڇلائڻ جي (يعني جادو ڏيکارڻ جي) شروعات ٿئي. (٦٦) حضرت موسيٰ فرمايو تہ، توهان ئي اول پنهنجا ڪرتب ڏيکاريو. (هنن اٿين ڪيو ۽) حضرت موسيٰ کي سندن جادو (يا چشم بنديءَ) جي ڪري اٿين ڏسڻ ۾ آيو تہ سندن لٺيون ۽ رسيون (نانگن وانگر) ڊوڙي رهيون آهن. (٦٧) حضرت موسيٰ پنهنجي دل ۾ ڊپ محسوس ڪيو (تہ متان هن ڪوڙي ڏيک ويک تي ماڻهو ڦاٻجي وڃن.) (٦٨) سو اسان ڪيس چيو تہ، ڊپ نہ ڪر، تون ئي غالب پوندين. (٦٩) تنهنجي ساڄي هٿ ۾ جيڪا لٺ آهي سا هڪدم ميدان ۾ اڇلاءِ، اها جادوگرن جي سيني بناوتن کي ڳهي ويندي. هنن جيڪي ب بنايو آهي، سو فقط جادوگرن جو فريب آهي ۽ جادوگر ڪهڙي ب وات کان اچي (۽ ڇا ب ڪري) ڪڏهن ب هو ڪامياب نہ ٿيندا. (٧٠) (ٿيو ب اٿين) سڀ جادوگر بي اختيار سجدي ۾ ڪري پيا، ۽ چياٿون تہ بس اسان هارون ۽ موسيٰ جي خدا تي ايمان آندو. (٧١) فرعون چيو تہ، هي ڇا؟ توهان منهنجي حڪم کان سواءِ موسيٰ تي ايمان آندو آهي، ضرور هو اوهان جو سردار آهي، جنهن اوهان کي جادو سيکاريو آهي. چگو هاڻي ڏسو تہ مان ڇا ٿو ڪيان، مان اوهان جا هٿ پير ابتا سبتا ويڙائيندس ۽ کجين جي ٽڻن تي سوريءَ چاڙهائيندس. پوءِ توهان کي سڌ پوندي تہ اسان ٻنهي ڏرين مان ڪير سخت عذاب ڏيڻ وارو آهي. ۽ ڪنهن جو عذاب گهٽو جٽاءَ ڪندڙ آهي. (٧٢) هنن (ٺاهڻائيءَ سان پر بنا ڊپ جي) چئي ڏنو تہ، اسان هرگز اٿين نہ ڪنداسين جو جيڪي (سچائيءَ جا) روشن دليل اسان جي اڳيان اچي چڪا آهن ۽ جنهن خدا اسان کي پيدا ڪيو آهي تنهن کان منهن موڙي تنهنجو حڪم مڃيون. تون جيڪو فيصلو ڪرڻ چاهين ٿو سو ڪري ڇڏ. تون جيڪي گهٽي ۾ گهٽو ڪري سگهين ٿو سو فقط هي آهي تہ دنيا جي هن زندگيءَ بابت ڪو فيصلو ڪرين. (ان کان وڌيڪ تنهنجي اختيار ۾ ڪجهہ ناهي). (٧٣) اسان تہ پنهنجي پروردگار تي ايمان آڻي چڪا آهيون تہ هو اسان جون خطائون بخشي ڇڏي، (خصوصاً جادوگريءَ جو ڏوهہ بخشي) جنهن جي ڪرڻ تي تون اسان کي مجبور ڪندو هئين، (اسان جي لاءِ) الله تعاليٰ بهتر آهي، ۽ اهوئي باقي رهڻ وارو (دائم ۽ قائم) آهي. (٧٤) بلاشڪ جيڪو شخص پنهنجي پروردگار جي حضور ۾ گنهگار ٿي حاضر ٿيندو تنهن لاءِ يقيناً دوزخ (۾ پوڻ جي سزا) هوندي. نڪي هو ان ۾ مرندو نہ جيئندو (پنهي حالتن جي وچ ۾ ڦٽڪندو رهندو.). (٧٥) ۽ جيڪو سندس حضور ۾ (سچو) مؤمن ٿي حاضر ٿيندو، ۽ عمل ب چڱا ڪيا هوندائين تنهن (۽ اهڙن ٻين ماڻهن) لاءِ وڏا وڏا درجا هوندا. (٧٦) (انهن لاءِ) دائمي باغ بستان هوندا، جن جي هيٺان نهرون وهندڙ هونديون. هو هميشہ انهن ۾ رهندا. انهيءَ ماڻهو لاءِ بدلو (يا انعام) آهي، جيڪو (پنهنجي دنيائي زندگيءَ ۾ هر طرح جي گناهن ۽ پليتين کان) پاڪ رهيو.

رکوع ٤ آيت ٧٧ ـ تا ـ ٨٩

حضرت موسيٰ عليہ السلام جو بني اسرائيل کي مصر مان کڍي آزادي ڏيارڻ ۽ بني اسرائيل جا انگل.

(٧٧) ۽ اسان موسيٰ ڏي وحي موکليو تہ (هاڻي) منهنجي بندن کي راتوواه (مصر مان) کڍي وڃ. پوءِ سمنڊ ۾ انهن جي لنگهڻ لاءِ خشڪيءَ جي واٽ ڳولي ڪڍ. نڪي پڻيان پوندڙن کان ڪو انديشو هوندوَ. نڪي ڪنهن بہ طرح جو ڪو ٻيو خطرو هوندوَ. (٧٨) پوءِ (جڏهن موسيٰ پنهنجي قوم کي پاڻ سان وٺي نڪري ويو تڏهن) فرعون پنهنجي لشڪر سان سندس پڻيان پيو. پوءِ پاڻيءَ جو وهکرو جو انهن تي چڙهي وڃڻو هو سو چڙهي ويو. (٧٩) ۽ فرعون پنهنجي قوم کي گمراهہ ڪري ڇڏيو. انهن کي سڌي واٽ نہ ڏيکاريائين. (٨٠) اي بني اسرائيلؤ! مون اوهان کي اوهان جي دشمن کان ڇڏايو. توهان سان (برڪتن ۽ نعمتن جو) واعدو پورو ڪيم، جو طور جبل جي ساڄي پاسي ڪيو هوم. توهان جي لاءِ (سينا جي رڻ پٽ ۾) من ۽ سلويٰ (شَڪر ۽ تتر پکي) مهيا ڪيم. (٨١) (۽ توهان کي چيم تہ) هيءَ جا پاڪ غذا مهيا ڪئي ويئي آهي سا شوق سان کائو، پر ان باري ۾ سرڪشي نہ ڪجو. سرڪشي ڪندؤ تہ منهنجو غضب نازل ٿيندوَ. ۽ جنهن تي بہ منهنجو غضب نازل ٿيو سو سمجهو تہ تباهہ ٿي ويو. (٨٢) ۽ (مون چيو تہ) جيڪو بہ توبہ ڪندو (۽ سرڪشي ڇڏي مون ڏي موٽندو)، ايمان آڻيندو، ۽ نيڪ عمل ڪندو ۽ سنئين سڌي واٽ وٺندو تنهن لاءِ يقيناً مان وڏو بخشيندڙ آهيان. (٨٣) ۽ (جڏهن موسيٰ! طور جبل وٽ حاضر ٿيو تڏهن اسان کانئس پڇيو تہ) اي موسيٰ! توکي ڪهڙيءَ ڳالهہ اهڙو تکڙو ڪيو جو پنهنجي قوم کي پنڌتي ڇڏي هليو آئين؟ (٨٤) حضرت موسيٰ عرض ڪيو تہ منهنجا ماڻهو (مون کان پري ڪونهن) منهنجي نقش قدم تي هلندڙ آهن. (هيءَ معنيٰ بہ ٿي سگهي ٿي تہ منهنجي پيروي ڪري رهيا آهن) ۽ اي پروردگار مان تنهنجي حضور ۾ اڇٽ لاءِ تکڙ ڪئي تہ تون خوش ٿئين. (٨٥) الله تعاليٰ فرمايو تہ، مان تنهنجي پڻيان تنهنجي قوم جي (استقامت جي) آزمائش ورتي ۽ سامريءَ هنن کي گمراهہ ڪري ڇڏيو آهي. (٨٦) سو حضرت موسيٰ غصي ۽ ڏک ۾ پرجي پنهنجي قوم جي ماڻهن ڏي موٽيو. هن چيو تہ، اي منهنجي قوم جا ماڻهو (هي توهان چا ڪيو) توهان سان توهان جي پروردگار هڪ وڏي پلائي جو واعدو نہ ڪيو هو چا؟ پوءِ ائين ٿيو چا تہ، اوهان لاءِ وڏي مدت گذري ويئي (۽ اوهان کان اها ڳالهہ وسري ويئي؟) يا توهان هي ڳالهہ چاهي چا تہ توهان جي پروردگار جو غضب توهان تي نازل ٿئي، ۽ انهيءَ ڪري اوهان مون سان ڏهرايل ڳالهہ (يا واعدو) ٽوڙي ڇڏيو. (٨٧) هنن چيو تہ، اسان پاڻ پنهنجي خواهش سان عهد ڪو ٽوڙيو. پر (چا ٿيو جو) ماڻهن جي زيب ۽ زينت جي زيورن ۽ سامان جو بار اسان تي گهٽو پئجي ويو هو. اهي اسان اڇلائي ڇڏيا. (بس اسان جو قصور تہ فقط ايترو آهي) (هتي ماڻهن جي ڳالهہ ختم ٿي. پوءِ الله تعاليٰ سندن قصو

هن طرح ٻڌائي ٿو تہ) اهڙيءَ طرح (جڏهن زيورن جو سون گڏ ٿي ويو تڏهن) سامريءَ ان کي (باهہ ۾) وڌو. (۸۸) ۽ هن ماڻهن لاءِ هڪ (سونو) گابو (ٺاهي) ڪڍي آندو. خالي بي جان جسم هو جنهن مان ڳئون جي رڙ جهڙو آواز ٿي نڪتو. ماڻهن (اها حالت ڏسي) چئي ڏنو تہ، اهو آهي اسان جو معبود ۽ موسيٰ جو بہ. پر حضرت موسيٰ ان کي وساري ڇڏيو آهي. (۸۹) (افسوس سندن عقل تي) هنن کي اها (سولي) ڳالهہ بہ ڏسڻ (۽ سمجهڻ) ۾ نہ آئي تہ گابو (آواز تہ ڪڍي ٿو پر) هنن جي ڳالهہ جو جواب ڏئي نٿو سگهي. نڪي کين اهو کو فائدو پهچائي ٿو سگهي، نڪي کو نقصان.

رکوع ۵ آيت ۹۰ ـ تا ـ ۱۰۴

سامري جو قصو، گنهگارن جو حال قيامت جي ڏينهن

(۹۰) ۽ حضرت هارون ان کان اڳي ئي (هنن گابي جي پوڄا ڪندڙن کي صاف صاف) چيو هو تہ، اي منهنجا ڀائرؤ! هي فقط توهان جي (استقامت جي) آزمائش ٿي رهي آهي. توهان جو پروردگار تہ رحمان خدا آهي. سو منهنجي پيروي ڪيو ۽ منهنجي چوڻ کان ٻاهر نہ وڃو. (۹۱) هنن جواب ڏنو تہ، جيستائين حضرت موسيٰ موٽي نہ اچي تيستائين اسان ان (گابي) جي پوڄا تي ڇميا رهنداسين. (۹۲) حضرت موسيٰ (موٽي اچڻ تي) چيو تہ اي هارون جڏهن تو ڏٺو تہ هي ماڻهو گمراهہ ٿي ويا آهن، تڏهن ڪهڙي ڳالهہ ٿي جو تو کين نہ روڪيو. (۹۳) انهيءَ ڳالهہ کان جو منهنجي پيروي ڪرڻ ڪيائون؟ تو کي اها ڳالهہ وٽي چا تہ منهنجي حڪم کان ٻاهر وڃين. (۹۴) هارون چيو تہ، اي منهنجا پيارا ڀاءُ! منهنجي ڏاڙهي ۽ مٿي جي وارن کي نہ ڇڪ، (مان هنن سان سختي فقط هن ڪري نہ ڪئي جو) مان ڊنس تہ متان تون چوين تہ تو بني اسرائيلن ۾ تفرقو (جدائي) وجهي ڇڏي ۽ منهنجي حڪم لاءِ نہ ترسئين. (۹۵) تڏهن حضرت موسيٰ (سامريءَ کي) چيو تہ، اي سامري هي تنهنجو ڪهڙو حال ٿيو؟ (۹۶) هن چيو تہ، مان اها ڳالهہ ڏٺي جا ٻين کان ڏٺي (يعني منهنجي سمجهہ وڌيڪ آهي) تنهن ڪري (الله جي) رسول جي پيروي ڪرڻ ۾ مون بہ ڪجهہ حصو ورتو، پر پوءِ ڇڏي ڏنم (چا کيان) منهنجي نفس مونکي انهيءَ ڳالهہ تي آندو. (۹۷) حضرت موسيٰ فرمايو تہ، جيڪڏهن ائين آهي تہ نڪري هليو وڃ. زندگيءَ ۾ تنهنجي لاءِ هيئن ٿيڻو آهي جو تو چوندين تہ مان اڇوت آهيان. (يعني ماڻهو تو کي ويجهي اچڻ بہ نہ ڏيندا.) ۽ (آخرت ۾ تنهنجي لاءِ عذاب جو) هڪ واعدو آهي جو کڏهن بہ ٽرڻ وارو ناهي ۽ ڏس تہ تنهنجي (ٺاهيل) معبود جو هاڻي ڪهڙو ٿو حال ٿئي، جنهن جي پوڄا ڪرڻ تي ڇمي بيٺو هئين. اسان ان (سوني گابي) کي ساڙي خاڪ ڪري ڇڏيندا سين ۽ اها خاڪ سمنڊ ۾ اڇلائي لوڙهي ڇڏيندا سين. (۹۸) تنهنجو معبود تہ فقط الله ئي آهي. هن کان سواءِ ڪوبہ معبود ڪونهي. اهوئي آهي جو هر شيءِ تي پنهنجي علم سان ڇانيل آهي. (۹۹) (اي پيغمبر!) اهڙيءَ طرح اسان گذري ويل واقعن مان

(ڪن خاص واقعن جون) خبرون تو کي ٻڌايون ٿا ۽ بيشڪ اسان پاڻ وٽان تو کي نصيحت جو وڏو سرمايو (يعني قرآن) عطا فرمايو آهي. (۱۰۰) جيڪو ان کان منهن ڦيرائيندو سو يقيناً قيامت جي ڏينهن (هڪ وڏي گناهه جو) بار کڻندو. (۱۰۱) هو هميشه انهيءَ حالت ۾ رهندو. کڻڻو نه خراب بار آهي جو هو قيامت جي ڏينهن پنهنجي مٿان رکندا! (۱۰۲) انهيءَ ڏينهن جڏهن توتاري وڄائي ويندي اسان گنهگارن کي گڏ ڪري آڻيندا سين ۽ هنن جون اکيون دهشت کان بي نور ٿي ويندیون. (۱۰۳) هو پاڻ ۾ ڪن سن ۾ هڪ ٻئي کان پڇندا ٿ، اسان (موت واري گهڙي ۽ هن گهڙيءَ جي وچ ۾) ڏهاڪو ڏينهن ۾ مس رهيا هونداسين. (۱۰۴) اهي ماڻهو (انهيءَ ڏينهن) جيڪي ڳالهيون ڪندا سي اسان اڳيئي ڄاڻون ٿا. انهن مان جيڪو سڀني مان وڏيڪ هوشيار هوندو سو چوندو ته ن، اسان گهٽي ۾ گهٽو هڪ ڏينهن (انهيءَ برزخ جي حالت ۾) رهيا هونداسين، (يعني جيئن ننڊ ۾ خبر نٿي پوي ته ڪيترو وقت گذري ويو، تيئن برزخ جي مدي جي خبر ۾ ڪانه پوندي.)

رڪوع ٦ آيت ۱۰۵ ـ تا ـ ۱۱۵

قيامت واري ڏينهن جي دهشت، ان ڏينهن پورو انصاف ٿيندو.

(۱۰۵) ۽ هي ماڻهو جبلن متعلق سوال پڇن ٿا (ته انهن جو ڪهڙو حال ٿيندو) تون چئو ته، منهنجو پروردگار انهن کي (ذرا ذرا ڪري) بلڪل اڏائي ڇڏيندو. (۱۰۶) پوءِ انهن کي اهڙو ڪري ڇڏيندو جهڙو سنئون سڏو ميدان. (۱۰۷) ڪٿي ۾ اوهان نڪي ڏنگائي ڏسندؤ، نڪي ڪا هيڻاهين مٿاهين. (۱۰۸) انهيءَ ڏينهن سڀ ماڻهو سڏيندڙ جي پوئتان هلندا (۽) هن کان کسڪي نه سگهندا، ۽ رحمان خدا جي جلال جي اڳيان سڀني جا آواز بيهي خاموش ٿي ويندا. کوبه آواز کونه ٻڌندو، سواءِ (هلڻ ۾) پيرن جي آواز جي. (۱۰۹) انهيءَ ڏينهن سفارشون ڪم کونه ايندیون، سواءِ هن جي جو ڪنهن کي رحمان خدا (سفارش ڪرڻ جي) اجازت ڏئي ۽ هن جي زبان جو ڪُلُ پسند ڪري. (۱۱۰) جيڪي ماڻهن جي اڳيان آهي ۽ جيڪي هنن جي پٺيان گذري چڪو، تنهن سڀ جو علم الله کي آهي، پر انسان پنهنجي علم سا ان کي پروڙي نٿو سگهي. (۱۱۱) سڀني ماڻهن جا منهن انهيءَ هميشه جيئري ۽ قائم رهندڙ خدا جي اڳيان جهڪي پوندا. جنهن ظلم جو بار پاڻ تي وڏو هوندو سو نامراد ۽ ناڪامياب ۽ تباهه ٿيندو. (۱۱۲) پر جنهن چڱا عمل ڪيا هوندا ۽ مؤمن ۾ هوندو تنهن جي لاءِ کوبه انديشو نه هوندو، نڪي ساڻس بي انصافي ٿيندي، نڪي سندس حق ماريو ويندو. (۱۱۳) ۽ اهڙيءَ طرح اسان هن (نصيحت جي سرمائي) کي عربي قرآن جي صورت ۾ نازل ڪيو آهي ۽ مختلف طريقن سان ان ۾ (انڪار ۽ بدعمليءَ جي) بدلي جي خبر ڏئي ڇڏي آهي ته، ماڻهو (گمراهيءَ کان) بچن يا نصيحت وٺڻ جي روشني هنن ۾ ظاهر ٿئي. (۱۱۴) پوءِ هر طرح جي بلندي الله ئي جي لاءِ آهي، اهوئي حقيقي بادشاهه آهي ۽ (اي

پيغمبر!) جيستائين قرآن جو وحي توتي پورو ٿي وڃي، تنهن کان اڳي تون ان لاءِ تڪڙ نہ ڪر، تنهنجي صدا هميشہ هيءَ هئڻ گهرجي تہ اي منهنجا پروردگار! منهنجو علم اڃا بہ وڌاءِ. (۱۱۵) ۽ هيءَ حقيقت آهي تہ اسان آدم کي اڳ ئي ٻڌائي ڇڏيو هو ۽ عهد وٺي ڇڏيو هو، پر هن کان ويسر ٿي ويئي، ۽ اسان (نافرمانيءَ جو) ارادو يا قصد هن ۾ ڪونہ ڏٺو.

رکوع ۷ آيت ۱۱۲ ـ تا ـ ۱۳۵

جيڪو بہ منهنجي هدايت تي هلندو سو نڪي گمراهہ ٿيندو، نڪي ڏکن ۽ تڪليفن ۾ پوندو.

(۱۱۶) ۽ هيءَ ڳالهہ ياد رکو تہ اسان فرشتن کي حڪم ڏنو هو تہ آدم جي اڳيان جهڪي وڃو، سڀ جهڪي پيا. پر ابليس نہ جهڪيو. هن انڪار ڪيو. (۱۱۷) تنهن تي اسان چيو تہ، اي آدم (ڏس) هيءُ (ابليس) تنهنجو ۽ تنهنجي زال جو دشمن آهي. اٿين نہ ٻئي جو هو اوهان کي (برغلائي) جنت مان ڪيڻي ڇڏي، ۽ اوهان ڏکن ۽ تڪليفن ۾ پئجي وڃو. (۱۱۸) توهان جي لاءِ هاڻي (هن جنت ۾) اهڙي زندگي آهي جو ان ۾ نڪي بکايل ٽا رهو، نڪي اگهاڙا. (۱۱۹) ۽ نڪا توهان جي لاءِ اڄ جي تڪليف آهي، نڪي اُس جي، (جيڪڏهن هن جنت مان نڪرندؤ تہ وڌين تڪيلفن هيٺ اچي ويندؤ). (۱۲۰) پر پوءِ شيطان آدم کي وسوسي ۾ وڌو. هن چيو تہ، اي آدم! مان توکي دائمي (زندگي) واري درخت جو نشان ڏسيان؟ ۽ اهڙي بادشاهيءَ جو جا ڪڏهن بہ زوال هيٺ نہ اچي؟ (يعني توکي اهڙي وڏ وٽ وڻي وڃان جنهن جي ميوو کائڻ سان اوهان هميشہ زنده رهندؤ ۽ هميشہ بادشاهي ماڻيندؤ.) (۱۲۱) تنهن تي پنهي (آدم ۽ سندس گهرواريءَ) انهيءَ وڻ جو ميوو کاڌو ۽ پنهي جي اوگهڙ هنن جي نظر ۾ ظاهر ٿي پئي. تڏهن سندن حالت اهڙي ٿي جو باغ جا پن چنڻ لڳا ۽ انهن سان پنهنجو بدن ڍڪڻ لڳا. مطلب تہ آدم پنهنجي پروردگار جي چوڻ تي نہ هليو، تنهن ڪري (جنت جي زندگيءَ مان) بي راهہ ٿي ويو. (۱۲۲) پر پوءِ سندس پروردگار ڪيس چونڊيو (۽ مٿس مهربان ٿيو)، هن ڏانهن (پنهنجي رحمت جي) موٽ ڪيائين ۽ هن لاءِ (زندگي ۽ عمل جي) راهہ کولي ڇڏيائين. (۱۲۳) (جيئن تہ) الله تعاليٰ حڪم ڏنو تہ توهان ٻئي گڏ هتان نڪري وڃو. توهان مان هڪڙا ٻين جا دشمن ٿيندا (اوهان جي لاءِ هاڻي ٻئي قسم جي زندگيءَ جي راهہ کلندي) پوءِ جيڪڏهن مون وٽان اوهان ڏي (يعني اوهان جي نسل ڏي) ڪو هدايت جو پيغام اچي تہ، (هن باري ۾ منهنجو قانون ياد رکو تہ) جيڪو بہ منهنجي هدايت تي هلندو سو نڪي گمراهہ ٿيندو، نڪي تڪليفن ۾ پوندو. (۱۲۴) جيڪو منهنجي يادگيري ۽ منهنجي نصيحت کان منهن موڙيندو تنهن جي زندگي تنگي (۽ ڏکن) ۾ گذرندي ۽ قيامت جي ڏينهن بہ کيس انڌو ڪري اٿارينداسين. (۱۲۵) هو چوندو تہ، اي منهنجا پروردگار! تو مون کي انڌو ڪري ڇو اٿاريو آهي؟ مان تہ تمام چگو ڏسندڙ هوس. (۱۲۶) ارشاد ٿيندو تہ، ها، اٿين ئي ٿيٽو هو. (ڇو تہ) اسان جون نشانيون تنهنجي اڳيان اچي ويئيون، پر تو انهن کي وساري ڇڏيو. سو ساڳيءَ

طرح تو کي ب اڄ وساريو ويو آهي. (۱۲۷) ۽ (ڏسو ت) ساڳيءَ طرح جيڪو ب (سرڪشيءِ ۾) حد کان ٻاهر نڪري ٿو وڃي ۽ پنهنجي پروردگار جي نشانين تي يقين نٿو رکي، تنهن کي اسان اهڙيءَ طرح (سندس حالت جو) بدلو ڏيون ٿا، ۽ آخرت جو عذاب ت گهڻو وڌيڪ سخت آهي ۽ گهٽي دير تائين رهڻ وارو آهي. (۱۲۸) ڇا هنن ماڻهن کي هن ڳالهه مان ب هدايت (۽ نصيحت) نٿي ملي ت کانئن اڳي آيل قومن جا کيترائي دور گذري چڪا آهن، جن کي اسان (گناهن جي بدلي ۾) تباهه ڪري ڇڏيو. هي ماڻهو انهن جي (ڏنل) شهرن ۽ آبادين ۾ گهمن ڦرن ٿا (انهن جا کنڊر هنن جي اکين اڳيان آهن ت ب افسوس! جو عبرت نٿا وٺن) جيڪي ماڻهو سمجهه وارا آهن تن جي لاءِ هن ئي ڳالهه ۾ (نصيحت ۽ عبرت جون) گهڻيون ئي نشانيون آهن. (۱۲۹) ۽ (اي پيغمبر!) جيڪڏهن اڳين نه ٺٺي ها جو اڳ ئي تنهنجو پروردگار (هن باري ۾) هڪڙي ڳالهه مقرر ڪري ڇڏي ها (يعني هڪڙو قانون مهلت جو نه ٺهرائي ڇڏي ها) ت هن ئي گهڙيءَ ۾ انهن تي (گناهن جو) الزام لڳي وڃي ها، ۽ اهو (عذاب ۽ سزا جو) مقرر وقت هڪدم ظهور ۾ اچي ها. (۱۳۰) تنهن ڪري (تو کي گهرجي ت) جيڪي جيڪي ڳالهيون اهي (گنهگار) چون ٿا تن تي صبر ڪر ۽ پنهنجي پروردگار جي حمد ۽ ثنا ۾ لڳو رهه، صبح جو سج نڪرڻ کان اڳي، شام جو سج لهڻ کان اڳي، ۽ رات جي گهڙين ۾ ب ثنا ڪندو رهه ۽ ٻيهريءَ جي لڳ ڀڳ ب. ممڪن آهي ت تون بلڪل جلد (نتيجن جي ظهور کان) خوش ٿي ويندين. (۱۳۱) ۽ هي جو اسان مختلف قسمن جي ماڻهن کي دنيوي زندگيءَ جون آرائشون سينگار ۽ رونقون ڏنيون آهن تن تي سندن اکيون ڏيان نه ڏين (۽ کو خيال نه ڪر) اهي سڀ انهيءَ لاءِ آهن جو اسان هنن (گنهگارن) کي آزمائش ۾ وڌو آهي ۽ جيڪا تنهنجي پروردگار جي بخشيل روزي آهي سا ئي (تنهنجي لاءِ) بهتر آهي ۽ (نتيجن جي لحاظ کان) باقي رهڻ واري (يعني جٽادار) آهي. (۱۳۲) ۽ پنهنجي گهر وارن کي ب نماز جو حڪم ڏي، ۽ ان (ڪم) تي مضبوطيءَ سان جميو رهه ۽ ثابت قدم رهه. اسان تو کان رزق ڪونه ٿا گهرون (تون ئي اسان وٽ رزق جو سائل آهي.) اسان رزق بخشڻ وارا آهيون، ۽ (چڱي) پڇاڙي تقويٰ جي لاءِ آهي. (يعني آخر تقويٰ وارا ئي ڪامياب ٿيندا ۽ سڀ نعمتون ماڻيندا). (۱۳۳) ۽ اهي ماڻهو چون ٿا ت ڇو هن (يعني حضرت محمد ﷺ) پنهنجي پروردگار وٽان ڪا نشاني پاڻ سان ڪانه آندي آهي. پر ڇا هنن وٽ روشن دليل ڪونه پهچي چڪا آهن جي اڳوٽن (خدائي) ڪتابن ۾ موجود آهن. (۱۳٤) ۽ جيڪڏهن اسان هنن کي هن کان اڳي (يعني قرآن مجيد جي نازل ٿيڻ کان اڳي) عذاب نازل ڪري تباهه ڪري ڇڏيون ها ت، ضرور چون ها ت اي اسان جا پروردگار اسان جو عذاب جي اڇ سان ذليل ۽ خوار ٿيون، تنهن کان اڳي هڪڙو پيغمبر ڇو نه موڪليئي ت اسان تنهنجي آيتن جي پيروي ڪريون ها ۽ تباهه نه ٿيون ها. (۱۳۵) (اي پيغمبر!) تون چئي ڏي ت، هتي هرهڪ جي لاءِ (ايندڙ وقت جو) انتظار ڪرڻو آهي، پوءِ توهان ب انتظار ڪيو. تمام جلد توهان کي معلوم ٿي ويندو ت ڪير سڌيءَ واٽ تي آهي، ۽ ڪير ٿو منزل تي پهچي.

حصو سترهون

سورت الانبياءَ

بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي.

رکوع ۱ آيت ۱ ـ تا ـ ۱۰

ڪافرن جا حضرت رسول ڪريم ﷺ جي باري ۾ غلط خيال. قرآن حضور ﷺ جن جو معجزو.

(۱) اهو وقت ويجهو اچي ويو آهي، جڏهن ماڻهن کان (سندن عملن جو) حساب ورتو ويندو. تنهن هوندي به سندن حال هي آهي جو منهن ڦيرائي غفلت ۾ غلطان ٿي (تباهيءَ ڏي) وڃي رهيا آهن. (۲) سندن پروردگار وٽان هنن لاءِ نصيحت جون ڳالهيون هڪ پٺيان اچي رهيون آهن، پر ڪڏهن به ائين نه ٿيو آهي جو هنن دل لڳائي ٻڌيون هجن. هو ٻڌن به ٿا پر اهڙيءَ طرح جو چڙ ته راند (۽ ڪل مسخريءَ) ۾ مشغول آهن. (۳) سندن دليون بلڪل غافل آهن، ۽ (ڏسو ته) ظلم ڪندڙ مخفي طرح ڪن سن ۾ هڪ ٻئي کي چئي رهيا آهن ته، هي ماڻهو (حضرت ﷺ) سواءِ هن جي ٻيو ڇاهي ته اسان جهڙو هڪڙو ماڻهو آهي. پوءِ ڇا توهان ڏسي وائسي اهڙي هنڌ ٿا وڃو جتي جادوءَ کان سواءِ ٻيو ڪجھ به ڪينهي. (٤) (پيغمبر ﷺ) فرمايو ته، آسمان ۽ زمين ۾ جيڪا به ڳالھ چئي وڃي ٿي (لڪل توڙي ظاهر) سا سڀ منهنجي پروردگار کي معلوم آهي. هو (سڀ ڪجھ) ٻڌندڙ ۽ ڄاڻندڙ آهي. (۵) (اهي قريش نه رڳو ائين ٿا چون پر) هيئن به ٿا چون ته اهي رڳو خواب ۽ خيال جون ڳالهيون آهن، بلڪ هٿرادو (پنهنجي دل مان) ٺاهه ٺاهيا اٿس. نه نه بلڪ هو شاعر آهي. جيڪڏهن ائين ناهي ته ڀلا (اسان تي بربادي اچڻ جي) ڪا نشاني ته آڻي ڏيکاري جهڙيءَ طرح اڳوڻن وقتن جي پيغمبرن ڏي موڪليون ويون هيون. (٦) پر (حقيقت هي آهي ته) انهن کان اڳي جن جن بستين کي اسان برباد ڪيو تن ۾ ته ڪنهن به (بربادیءَ جي اچڻ جون نشانيون ڏسي) ايمان ڪونه آندو هو. پوءِ هي ماڻهو وري ايمان آڻيندا ڇا؟ (نه نه! سچائيءَ تي غور نه ڪرڻ وارن لاءِ هميشه اهو قانون رهيو آهي ۽ رهندو). (۷) ۽ (اي پيغمبر!) اسان توکان اڳي ڪي پيغمبر نه موڪليا، پر اهڙيءَ طرح جو هو به (تو وانگر) ماڻهو هئا. انهن تي اسان جو وحي نازل ٿيندو هو. پوءِ (اي منڪرؤ!) جيڪڏهن توهان کي اها ڳالھ معلوم ناهي ته انهن ماڻهن کان پڇي معلوم ڪيو جيڪي اهل ڪتاب آهن. (۸) ۽ اسان انهن پيغمبرن کي ڪڏهن به اهڙي جسم جو نه بنايو هو جو ماني نه کائيندا هجن، نڪي هو هميشه زنده رهڻ وارا هئا. (۹) اسان انهن سان (پنهنجي) واعدي کي سچو ڪيو. پوءِ انهن (پيغمبرن) کي ۽ (انهن سان گڏ) جنهن کي به چاهيو نجات ڏني (يعني ظالمن کان بچايو) ۽ حد کان ٻاهر ويندڙ (منڪرن) کي تباهه ڪري ڇڏيو. (۱۰) اسان توهان جي لاءِ هڪڙو ڪتاب نازل ڪيو آهي، ان ۾ توهان جي لاءِ نصيحت آهي (ان کان وڌيڪ توهان کي

پيو چا گهرجي. ان کان وڌيڪ ڪاب پي نشاني ٿي سگهي ٿي چا؟) چا توهان سمجهڻ ئي نٿا هلايو (چو نٿا عقل کان ڪم وٺو.)

رکوع ۲ آيت ۱۱ ـ تا ـ ۲۹

باطل جو نابود ٿيڻ ۽ حق جو غالب پوڻ، توحيد ۽ شرڪ

(۱۱) ۽ ڪيتريون ئي بستيون جيڪي ظلم ۽ شرارت ۾ غرق هيون اسان پائمال ڪري ڇڏيون، ۽ انهن کان پوءِ ٻين قومن کي اڀاري کڙو ڪيوسين. (۱۲) جڏهن اسان جو عذاب هنن محسوس ڪيو تڏهن ڏسو ته اوچتوئي اوچتو ڳوڙن مان ڀڄي رهيا آهن. (جيئن جنگ جي وقت فاتح لشڪر جي خوف کان ماڻهو ڀڄندا آهن ته متان قرين ۽ مارين). (۱۳) نه ڀڄو (هاڻي ڪاڏي ڀڄندؤ؟) پنهنجي انهيءَ ئي عيش عشرت ڏي موٽو (جنهن ۾ غرق ۽ غافل ٿي ويا هئو) ۽ انهن گهرن ڏي موٽو (جن جي مضبوطيءَ تي توهان کي غرور هو) شايد توهان کان ڪجهه پڇيو وڃي. (۱٤) هنن (بستين جي ماڻهن) دانهون ڪري چيو ته، افسوس آهي اسان جي حال تي! بيشڪ اسان ظالم هئاسين. (۱۵) (ڏسو) هو ائين ئي دانهون ڪندا رهيا، تان جو اسان هنن کي (برباد ڪري) لابارو ڪيل پوک وانگر ۽ وساٽيل اگرن وانگر ڪري ڇڏيو. (۱٦) (ڏسو) اسان آسمان ۽ زمين کي ۽ جيڪي به انهن جي وچ ۾ آهي تنهن کي کيل تماشي طور ڪونه بنايو آهي. (ڪنهن مصلحت ۽ مقصد لاءِ بنايو آهي.) (۱۷) جيڪڏهن اسان کي کيل تماشو ڪرڻ جو ارادو هجي ها ته (ڪير اسان کي روڪي سگهي ها؟) اسان پاڻ پنهنجي طرفان اهڙوئي (کيل تماشي وارو) ڪارخانو بنايون ها، پر اسان ائين ڪرڻ پسند نه ڪيو. (۱۸) بلڪ (حقيقت هيءَ آهي ته) اسان باطل تي حق جي ضرب (چوٽ) لڳايون ٿا ته اهو حق باطل جو مغز ئي پڇي ٽوڙي، ۽ هڪدم ان کي فنا ڪري ٽوڙي، افسوس آهي اوهان تي! توهان ڪهڙيون ڪهڙيون ڳالهيون بيان ٿا ڪيو! (۱۹) جيڪو به آسمانن ۾ آهي ۽ جيڪو به زمين تي آهي سڀ انهيءَ ئي (خدا) لاءِ آهن، ۽ جيڪي (فرشتا) سندس حضور ۾ آهن سي ڪڏهن به هٺ وڌائي ۾ پئجي سندس بانهپ کان منهن نٿا موڙين، نڪي (بندگي ڪرڻ ۾) ٽڪجي ٿا پون. (۲۰) هو رات ڏينهن سندس شان ۽ پاڪائي ڳائيندا رهن ٿا ۽ ڪڏهن به بس نٿا ڪن. (۲۱) چا هنن ماڻهن زمين (جي مخلوقات) مان اهڙا معبود بنايا آهن، جيڪي مُردن کي زنده ڪري ٿا ڇڏين؟ (۲۲) جيڪڏهن آسمان ۽ زمين ۾ الله کان سواءِ ڪو ٻيو معبود هجي ها ته (ممڪن ئي نه هو ته ان جو ڪارخانو نظام سان ۽ هڪ ڍنگ ۽ قانون سان هلي ها بلڪ) اهي (زمين ۽ آسمان) يقيناً بگڙجي برباد ٿي وڃن ها. پوءِ الله جي لاءِ جو (جهان جي) تخت جو مالڪ آهي شان ۽ پاڪائي هجي. انهن سيني ڳالهين کان پاڪ آهي جيڪي هي ماڻهو سندس متعلق بيان ڪن ٿا. (۲۳) هو جيڪي به ڪري (وس وارو آهي، ڪنهن کي به مجال يا حق ناهي جو) هن کان پڇڙ وارو ٿئي، پر ٻيا سڀ (هن جي اڳيان جوابده آهن) انهن کان باز پرست يعني پڇاڙو ٽيٽو آهي.

(٢٤) پوءِ چا هنن ماڻهن الله کان سواءِ ٻين کي معبود ڪري ورتو آهي؟ (اي پيغمبر!) تون کين چئي ڏي (ته جيڪڏهن ائين آهي ته) ٻڌايو، توهان جو دليل ڪهڙو آهي؟ هي آهي اهو ڪلام جو منهنجي ساڻين جي هٿ ۾ آهي (يعني قرآن) ۽ جو مون کان اڳين تي نازل ٿي چڪو آهي (يعني اڳوٽا خدائي ڪتاب. توهان انهن ۾ ڪابه ڳالهه منهنجي دعوت جي خلاف لهي نٿا سگهو.) ڳالهه هيءَ آهي ته هنن ماڻهن مان گهڻن کي حقيقت جي خبر ئي ڪانهي. پوءِ (اهوئي سبب آهي جو سچائيءَ کان) منهن ڦيرائي ڇڏيو اٿن. (٢٥) ۽ (اي پيغمبر!) اسان توکان اڳي ڪوبه پيغمبر اهڙو ڪونه موڪليو جنهن ڏي هن ڳالهه جو وحي نه موڪليوسين ته ڪوبه معبود ڪونهي سواءِ منهنجي. پوءِ اوهان کي گهرجي ته فقط منهنجي ٻانهپ ڪريو. (٢٦) ۽ هو (پليل) چون ٿا ته رحمان خدا پنهنجي لاءِ اولاد بنائي رکيو آهي. پاڪائي هجي هن لاءِ (اهي ماڻهو جن کي الله جو اولاد سمجهن ٿا سي ته انهيءَ ڳالهه جو وهم ۽ گمان ۾ ڪونه ٿا ڪن) بلڪ هو ته الله جا معزز (عزت وارا) ٻانها آهن. (٢٧) هو سندس اڳيان (سندس حڪم کان اڳي) ڳالهائي ۾ نٿا سگهن. ۽ هو سندس حڪم جي تعميل ڪندا رهن ٿا. (٢٨) جيڪي ۾ هنن جي اڳيان آهي ۽ جيڪي ۾ پٺتي ڇڏي آيا آهن (يعني سندن ماضي توڙي مستقبل) سڀ الله تعاليٰ ڄاڻي ٿو ۽ اهي سفارش فقط ان جي ٿا ڪن جنهن کي الله پسند ڪري ۽ اهي سندس خوف کان ڊڄندڙ آهن. (٢٩) ۽ انهن مان جيڪڏهن ڪوبه (اهڙي جرئت ڪري وڃهي جيڪو) چوي ته الله کان سواءِ مان معبود آهيان ته ان جي بدلي ۾ اسان کيس جهنم جي سزا ڏينداسين. اسان ظلم ڪندڙن کي اهڙيءَ طرح ظلم جو بدلو ڏيندا آهيون.

رکوع ٣ آيت ٢٩ ـ تا ـ ٤١

هر انسان آخر موت جي ذائقو چکندو، هن دنيا ۾ عملن جي آزمائش آهي.

(٣٠) جيڪي ماڻهو منڪر آهن تن هن ڳالهه تي غور نه ڪيو آهي ڇا؟ ته آسمان ۽ زمين پئي (پهريائين) هڪ پئي سان مليل هئا، پوءِ اسان انهن کي جدا ڪري ڇڏيو، ۽ پاڻيءَ مان سڀ ساهه واريون شيون پيدا ڪيون. پوءِ ڇا هي ماڻهو (ان ڳالهه تي) ايمان نٿا آڻين؟ (٣١) ۽ اسان زمين ۾ مضبوط ڪتل جبل بنايا ته انهن سان گڏ هڪ طرف جهڪي نه پوي. ۽ اسان انهن (جبلن) ۾ اهڙا لڪ ٺاهيا جي رستن جو ڪم ٿا ڏين، انهيءَ لاءِ ته ماڻهو پنهنجي منزل ڏانهن وات ڳولي لهن. (٣٢) ۽ اسان آسمان ڇت وانگر ڪري ڇڏيو ۽ (هر طرح جي عيب ۽ خرابيءَ کان) محفوظ ۽ سلامت رکيو. پر هنن ماڻهن سندس نشانين کان منهن ڦيرائي ڇڏيو آهي. (٣٣) ۽ اهوئي (الله) آهي، جنهن رات ۽ ڏينهن (جو فرق) پيدا ڪيو، ۽ سج ۽ چنڊ بنايا. اهي سڀ (ستارا ۽ تارا) پنهنجي پنهنجي مدار (يعني گهيري) ۾ ترندا رهن ٿا. (٣٤) ۽ (اي پيغمبر!) اسان توکان اڳي ڪنهن ۾ ماڻهوءَ کي دائمي زندگي ڪانه ڏني، (نڪي تون ئي هميشه زنده رهندين) پوءِ جيڪڏهن تو کي آخر هي جهان

چڏڻو آهي تہ هي ماڻهو وري هميشہ زنده رهندا چا؟ (٣٥) هر جان کي موت جو مزو چکڻو آهي، ۽ اسان توهان کي (زندگيءَ جي) چگين ۽ برين حالتن جي آزمائش ۾ وجهون ٿا تہ توهان جي لاءِ (يعني اوهان جي کوشش ۽ طلب بابت) آزمائشون ٿين. ۽ پوءِ (آخر) توهان سڀني کي اسان ڏي موٽڻو آهي. (٣٦) ۽ (اي پيغمبر!) جڏهن تو کي اهي ماڻهو ڏسن ٿا تڏهن جن کفر جي راهہ اختيار ڪئي آهي، تن کي ٻيو تہ ڪجهہ نٿو سجهي. تنهن ڪري تو کي کل مسخريءَ جي ڳالهہ ڪٽي ٿا بنائين. (۽ چون ٿا تہ) چا هي اهو ماڻهو آهي جيڪو اسان جي معبودن جو ذڪر ڪندو آهي (يعني انهن متعلق چوندو آهي تہ اهي ڪجهہ بہ نہ آهن) ۽ هنن جو حال هي آهي جو رحمان خدا جي ذڪر کان بلڪل منڪر آهن. (٣٧) انسان جي فطرت ۾ ئي تڪڙ رکيل آهي، (هونئتيجن تي غور نٿا ڪن ۽ سوچ ويچار ڪرڻ لاءِ نٿا ترسن) چگو جلد ئي اوهان (ڪافرن) کي اسان ڏيکاريندا سين، پوءِ ايتري تڪڙ نہ ڪيو. (٣٨) ۽ هو چون ٿا تہ جيڪڏهن توهان سچا آهيو تہ ڏيلا ڏڪايو تہ اهو (عذاب جو) واعدو ڪڏهن ظهور ۾ ايندو؟ (٣٩) جيڪڏهن هي منڪر انهيءَ گهڙي جو حال معلوم ڪري سگهن جڏهن (عذاب جي) باهہ (پڙڪندي ۽ ان) جا شعلا نڪي پنهنجي اڳ کان هٽائي سگهندا، نڪي پنهنجي پٺيءَ کان ۽ نڪي وري ڪٿان مدد ملندين (تہ جيڪر ڪڏهن بہ اهڙيءَ تڪڙ ۽ شرارت سان عذاب جي اچڻ جي گهر نہ ڪن). (٤٠) بلڪ اها گهڙي انهن تي اوچتو اچي ڪڙڪندي ۽ هنن کي هراس ۾ حيران ڪري ڇڏيندي، پوءِ هو نڪي ان گهڙيءَ کي ٽاري سگهندا، نڪي کين ڪا مهلت ملندي. (٤١) ۽ (اي پيغمبر!) هيءَ حقيقت آهي تہ تو کان اڳي بہ پيغمبرن تي کل مسخري ڪئي ويندي هئي، پر ان جو نتيجو هي نڪتو جو جنهن ڳالهہ تي هو کل مسخري ڪندا هئا (يعني عذاب جي اچڻ تي) اهوئي (عذاب) انهن تي چائنجي کين ويڙهي ويو.

رکوع ٤ آيت ٤٢ ـ تا ـ ٥٢

ڪافرن کي خبردار ڪرڻ. قيامت ڏينهن انصاف جي تارازي لڳائي ويندي.

(٤٢) (اي پيغمبر!) انهن (مڪي جي ڪافرن) کان پڇ تہ ڏينهن جو وقت خواهہ رات جو وقت، ڪير آهي جو رحمان خدا کان اوهان جي نگهباني ڪري ٿو سگهي، (جيڪڏهن هو اوهان کي عذاب ڏيڻ چاهي)، پر (هنن کان پڇڻ مان چا ورندو) هنن تہ پنهنجي پروردگار جي يادگيريءَ کان منهن بلڪل ڦيرائي ڇڏيو آهي. (٤٣) يا (وري هيئن آهي چا تہ) هنن جا ڪي معبود آهن جي کين اسان کان بچائي ٿا سگهن؟ (اهي بچائيندا ڪيئن؟ اهي پاڻ پنهنجي ئي مدد ڪري نٿا سگهن، نڪي اسان جي طرف کان کين حفاظت ملي سگهي ٿي. (٤٤) ڳالهہ هيئن آهي تہ اسان هنن کي ۽ سندن ابن ڏاڏن کي (زندگيءَ جي فائدن سان) مالامال ڪيو ٿان جو (آسودگيءَ جي نشي ۾) هنن جون وڏيون وڏيون عمريون گذري ويون (۽ هاڻي هنن جي رڳ رڳ ۾ غفلت جمي ويئي آهي) پر اهي

ماڻهو (هاڻي) ڏسن ٿا چا تہ اسان زمين کي چٽائي طرفن کان هنن لاءِ تنگ ڪندا ٿا اچون؟ پوءِ هو (هن مقابلي ۾) غالب پئجي رهيا آهن چا؟ (بلڪل نہ!) (٤٥) (اي پيغمبر!) تون چئو تہ، مان فقط الله جي وحي موجب اوهان کي خبردار ڪري رهيو آهان، ۽ (اي پيغمبر! ياد رک تہ) جيڪي ماڻهو ٻوڑا آهن تن کي ڪيترو ٻہ خبردار ڪيو وڃي تہ ٻہ هو ڪڏهن ٻہ ٻڌڻ وارا ناهن. (٤٦) ۽ جيڪڏهن انهن تي تنهنجي پروردگار جي عذاب جو ذرڙو ٻہ پوي تہ (مغز مان واءُ نڪري وڃينَ) ٻي اختيار چئي ڏين تہ هاءِ افسوس! بيشڪ اسان ئي ظالم هئاسين. (٤٧) ۽ اسان قيامت جي ڏينهن انصاف جي تارازي ڪڙي ڪنداسين، پوءِ ڪنهن ٻہ نفس سان ذرو ٻہ ٻي انصافي نہ ٿيندي. جيڪڏهن سرنهن جي داڻي جيترو ٻہ ڪنهن جو عمل هوندو تہ اسان اهو ذرو ٻہ وزن هيٺ آڻينداسين. جڏهن تہ اسان (پاڻ) حساب وٺندڙ آهيون، تڏهن چو نہ پورو پورو انصاف ٿيندو، پوءِ باقي چا رهيو؟ (يعني اسان جو حساب بلڪل ٺيڪ ٺيڪ هوندو). (٤٨) ۽ (ڏسو) هيءَ حقيقت آهي تہ، اسان موسيٰ ۽ هارون کي فرقان (يعني حق کي باطل کان جدا ڪرڻ ۽ سمجهڻ جي قوت) ۽ (وحي جي) روشني ۽ متقي ماڻهن لاءِ نصيحت ڏني هئي. (٤٩) انهن ماڻهن لاءِ جيڪي پنهنجي پروردگار کان، ڪيس ڏسڻ کان سواءِ ئي ڊڄندا رهن ٿا ۽ اڇڻ واري گهڙيءَ کي خيال ۾ آڻڻ تي ڏکي ٿا وڃن. (٥٠) ۽ هي (قرآن) ٻہ نصيحت آهي ۽ برڪت واري نصيحت آهي. اسان ئي ان کي نازل ڪيو آهي. پوءِ چا توهان کي ان کان انڪار آهي؟

رڪوع ٥ آيت ٥١ ـ تا ـ ٧٥

حضرت ابراهيم عليہ السلام جو بتن کي پڇڻ ۽ اور جو شهر ڇڏي ڪنعان وڃڻ.

(٥١) ۽ ان کان اڳي اسان ابراهيم کي سندس درجي مطابق سمجهہ ۽ عقل عطا ڪيو هو، اسان کي سندس حالت جي پوري پوري خبر هئي. (٥٢) هيءَ حقيقت آهي تہ هن پنهنجي پيءُ کي ۽ پنهنجي قوم جي ماڻهن کي چيو هو تہ، هي ڪهڙا بت آهن جن جي پوڄا ۾ توهان ڇمي وينا آهيو؟ (٥٣) هنن جواب ۾ چيو تہ، اسان پنهنجي ابن ڏاڏن کي ڏٺو تہ انهن جي پوڄا ڪندا رهيا (۽ ڪندا رهن ٿا). (٥٤) حضرت ابراهيم فرمايو تہ، توهان پاڻ ٻہ ۽ توهان جا ابا ڏاڏا ٻہ چٽي چٽي گمراهيءَ ۾ پئجي ويا آهيو. (٥٥) تنهن تي هنن چيو تہ، چا تون سچ پچ (اهڙي ڳالهہ) چئي رهيو آهين يا مسخري ڪري رهيو آهين؟ (٥٦) حضرت ابراهيم فرمايو تہ، نہ (مان مسخري ڪونہ ٿو ڪيان، سچ ٿو چوان تہ) آسمان ۽ زمين جو پروردگار جنهن انهن سيني کي پيدا ڪيو سوئي اوهان جو پروردگار آهي. مان انهيءَ حقيقت متعلق اوهان جي اڳيان شاهد آهيان. (٥٧) ۽ (حضرت ابراهيم وڌيڪ فرمايو تہ) خدا جو قسم مان ضرور توهان جي بتن سان هڪڙي تجويز ڪندس، جڏهن توهان سيئي پٺي ڏيئي هليا ويندؤ. (٥٨) سو هن (ائين ئي ڪيو ۽) بتن کي پڇي ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڇڏيو. فقط هڪڙي بت کي جو انهن ۾ سيني کان وڏو سمجهيو ويندو هو، ڇڏي

ڏنائين انهيءَ لاءِ تہ شايد هو ماڻهو انهيءَ جي طرف رجوع ٿين (۽ ان کان پڇن تہ، هنن بتن جو اهو حال ڪنهن ڪيو آهي؟) (۵۹) (جڏهن اهي ماڻهو مندر ڏي موٽي آيا، تڏهن ٻڌل بت ڏسي) چيائون تہ، اسان جي خدائن سان هيءَ حرڪت ڪنهن ڪئي آهي؟ جنهن بہ ڪئي آهي سو ضرور وڏو ظالم آهي. (۶۰) ڪن ماڻهن چيو تہ، اسان هڪ نوجوان کي هنن بتن جي باري ۾ ڪجهہ چوندي ٻڌو هو، ڪيس ابراهيم ٻئي سڏيائون. (۶۱) (تنهن تي) ماڻهن چيو تہ انهيءَ کي هتي سڀني ماڻهن جي اڳيان آڻي پيش ڪيو تہ سڀ شاهد رهن. (۶۲) (جڏهن حضرت ابراهيم کي وڻي آيا تڏهن) انهن ماڻهن کانئس پڇيو تہ، اي ابراهيم اسان جي خدائن سان هيءَ حرڪت تو ڪئي آهي ڇا؟ (۶۳) حضرت ابراهيم فرمايو تہ، (هيئن ڪٽي سمجهو تہ) هن بت اها حرڪت ڪئي آهي، جيڪو انهن ۾ سڀني کان وڏو آهي. جيڪڏهن بت ڳالهائي سگهندا آهن تہ خود انهيءَ بت کان پڇا ڪريو. (۶۴) پوءِ هو پاڻ ۾ هڪ ٻئي سان ڳالهيون ڪرڻ لڳا. هنن چيو تہ، هن ۾ تہ شڪ ڪئي ڪونهي تہ اسان ئي ظالم آهيون (۽ نڱيون ڪندا آهيون) (۶۵) پوءِ هنن جي حالت اها ٿي جو (شرم کان) سندن ڪنڌ جهڪي ويا. هنن (پوءِ حضرت ابراهيم کي آهستي) چيو تہ، توکي تہ چگيءَ طرح معلوم آهي تہ هي بت ڳالهائي ڪونہ ٿا سگهن، (سو وڏي بت کان ڪيئن پڇون؟) (۶۶) حضرت ابراهيم فرمايو تہ، پوءِ توهان کي ڇا ٿي ويو آهي، جو الله کي ڇڏي اهڙين شين کي ٿا پوڄيو جي نڪي اوهان کي ڪنهن بہ طرح جو نفعو پهچائين نڪو نقصان! (۶۷) توهان جي حالت ڪهڙي نہ اڻ وٽندڙ آهي ۽ انهن جي بہ جن کي توهان الله کان سواءِ پوڄيو ٿا، ڇا توهان عقل کان بلڪل ڪورا ٿي ويا آهيو؟ (۶۸) هنن (پاڻ ۾) چيو تہ، جيڪڏهن اسان ۾ ڪجهہ بہ همت آهي تہ اچو تہ هن ماڻهوءَ کي باهہ ۾ وجهي ساڙي ڇڏيون ۽ پنهنجي معبودن جو منهن مٿي ڪريون. (۶۹) (پر) اسان جو حڪم ٿيو تہ، اي باهہ ٺڏي ٿي وڃ، ۽ ابراهيم جي لاءِ سلامتي (۷۰) ۽ (ڏسو) هنن چاهيو هو تہ، ابراهيم سان هڪڙي ڪيڏ ڪيڏون، پر اسان کين ناڪامياب ۽ نامراد ڪري ڇڏيو. (۷۱) اسان هن کي ۽ (سندس پائٽئي) لوط کي (دشمنن کان) بچائي هڪ اهڙي ملڪ ڏي موڪلي ڏنو، جنهن کي قومن جي لاءِ وڏي برڪت وارو ملڪ بنايو اٽئون (يعني ڪنعان ڏي موڪليوسون). (۷۲) ۽ اسان هن کي اسحاق ۽ (هڪ پوٽو) يعقوب بہ عطا فرمايو، انهن سڀني کي اسان صالح (يعني نيڪ عملن وارو) ڪيو هو. (۷۳) اسان انهن کي (ماڻهن جي) امامت (يعني ليڊري يا پيشوائي) ڏني هئي. اسان جي حڪم مطابق هو ماڻهن کي (حق جي) راهہ ڏيکاريندا هئا. اسان هنن کي وحي ڪيو هو تہ هر طرح جا نيڪيءَ جا ڪم ڪن، پڻ نماز قائم رکن ۽ زڪوات ادا ڪندا رهن. هو اسان جي بانهپ (۽ حڪمن جي تعميل) ۾ لڳا رهندا هئا. (۷۴) ۽ (اهڙيءَ طرح) حضرت لوط کي بہ اسان (خدائي حڪمن پهچائڻ جو) عهدو ڏنو ۽ (نبوت جو) علم عطا فرمايو. اسان ڪيس انهيءَ ڳوٺ مان بچائي ڪڍيو جنهن جا ماڻهو تمام گندا ۽ غليظ ڪم ڪندا هئا، وڏا بدراهہ هئا، ۽ ليکو لنگهي بينا هئا. (۷۵) ۽ اسان هن کي (يعني حضرت لوط کي) پنهنجي رحمت جي پناهہ هيٺ آندو. بيشڪ هو صالح انسانن مان هڪ انسان هو.

رکوع ٦ آيت ٧٦ ـ تا ـ ٩٣

نبين سڳورن ۽ بيبي مريم عليها السلام جو بيان ۽ نبين جي تعليم جو نچوڙ.

(٧٦) ۽ (ساڳيءَ طرح) حضرت نوح جو معاملو ٻ (ياد ڪيو) جو انهن (نبين) کان اڳ جو آهي. جڏهن هن (يعني حضرت نوح) اسان کي پڪاريو هو، تڏهن اسان سندس پڪار ٻڌي ۽ ڪيس ۽ سندس ماڻهن کي هڪ وڏي مصيبت کان ڇوٽڪارو ڏنو. (٧٧) ۽ جن ماڻهن اسان جي نشانين کي ڪوڙو سمجهي رد ڪيو، تن جي مقابلي ۾ اسان سندس مدد ڪئي. اهي بلڪل بد راهه ماڻهو هئا، تنهن ڪري اسان انهن سڀني کي ٻوڙي ڇڏيو. (٧٨) ۽ داؤد ۽ سليمان (جو معاملو ٻ ياد ڪيو) جو هڪ (ملڪ جي) پوکن ۾ جن ۾ ماڻهن جون ٻڪريون پڪڙجي پيون هيون، حڪم هلائيندا (۽ فيصلا ڪندا) هئا ۽ اسان سندن حڪمراني ڏسندا هئاسين. (٧٩) پوءِ اسان سليمان کي ان ڳالهه جي پوري پوري سمجهه ڏئي ڇڏي، ۽ اسان حڪم ڏيڻ (۽ فيصلا ڪرڻ) جو عهدو ۽ (نبوت جو) علم انهن مان هرهڪ کي عطا فرمايو هو، ۽ پٽ اسان جبلن کي داؤد جي لاءِ تابع ڪري ڇڏيو هو. اهي (جبل) الله جي پاڪائيءَ جا آواز بلندا ڪندا هئا. اهڙيءَ ئي طرح پکين کي ٻ (سندس تابع ڪيو هو) ۽ اسان (اڃين ئي) ڪرڻ وارا هئاسين. (٨٠) ۽ اسان داؤد کي اوهان جي لاءِ زرهه ٺاهڻ جو هنر سيکاريو. انهيءَ لاءِ ته، اوهان کي هڪ ٻئي جي (تلوار جي) ڏڪ کان بچائي. پوءِ ڇا توهان (اسان جي نعمتن جا) شڪرگذار آهيو؟ (٨١) ۽ (ڏسو) اسان (سمنڊ جي) سخت هوائن کي ٻ سليمان جي لاءِ اهڙو مسخر (تابع) ڪري ڇڏيو هو جو سندس حڪم تي گهلنديون هيون ۽ انهيءَ زمين ڏي لڳنديون هيون، جنهن ۾ اسان وڏي برڪت رکي آهي (يعني فسطين ۽ شام جو ملڪ جنهن ڏانهن ڳاڙهي سمنڊ ۽ پونچ سمنڊ مان پري پري کان جهاز ايندا ويندا هئا) ۽ اسان سڀ ڳالهيون ڄاڻندڙ آهيون. (٨٢) ۽ شيطانن مان اهڙا شيطان (ٻ اسان کيس تابع ڪري ڏنا) جي هن لاءِ ٽٻيون هٽندا هئا (۽ سمنڊ مان سپون ۽ موتي ڪيڍندا هئا) ۽ ان کان سواءِ ٻيا ٻ طرحين طرحين ڪم ڪاريون ڪندا هئا ۽ اسان هنن کي پنهنجي حفاظت هيٺ رکيو هو. (٨٣) ۽ ايوب (جو معاملو ٻ ياد ڪيو.) هن پنهنجي پروردگار کي پڪاريو ته مان ڏکن ۽ مصيبتن ۾ پئجي ويو آهيان. اي منهنجا رب! تون ئي سڀني رحم ڪندڙن کان وڌيڪ رحم وارو آهي. (٨٤) پوءِ اسان سندس پڪار ٻڌي ۽ جن ڏکن ۾ پئجي ويو هو سي اسان لاهي ڇڏيس. اسان سندس گهر وري آباد ڪيو، ۽ ان سان گڏ اهڙائي (مٽ مائٽ) ٻيا ٻ ڏنا (يعني ٻيٽو مال ۽ اولاد نصيب ٿيس) اها اسان جي طرفان هن لاءِ رحمت هئي ۽ اها نصيحت آهي انهيءَ لاءِ جيڪي الله جي ٻانهپ ڪندڙ آهن. (٨٥) ۽ (اهڙيءَ طرح) اسماعيل، ادريس ۽ ذوالڪفل سڀ (حق جي راهه ۾) صبر ڪندڙ هئا. (٨٦) اسان هنن کي پنهنجي رحمت جي ڇانوَ ۾ آندو يقيناً هو نيڪ ٻانهن مان هئا. (٨٧) ۽ (اهڙيءَ طرح) ذوالنون (جو معاملي ياد ڪيو) هو (حق جي راهه ۾) غصي ۾ پئجي هليو ويو. پوءِ هن خيال ڪيو ته، اسان کيس تنگي (۽ تڪليف) ۾ نه وجهنداسين. پر پوءِ (جڏهن هن جي حالت تنگ ٿي ويئي تڏهن غم جي) اوندهين ۾ هن پڪاريو، ته اي خدا تو کان سواءِ ڪوبه معبود ڪونهي، تنهنجي لاءِ (هر طرح

جي) پاڪائي هجي. حقيقت هي آهي تہ مون (پاڻ تي وڏو) ظلم ڪيو. (٨٨) پوءِ اسان هن جي پڪار ٻڌي ۽ هن کي غمگينيءَ کان ڇڏايوسين (ڏسو) اسان اهڙيءَ طرح ايمان وارن کي نجات ڏيندا آهيون. (٨٩) ۽ (اهڙيءَ طرح) زڪريا (جو معاملي ياد ڪيو) هن پنهنجي پروردگار کي پڪاريو هو تہ، اي منهنجا پروردگار مون کي (هن دنيا ۾) اڪيلو نہ ڇڏ، (يعني ٻي وارث نہ ڪر) ۽ (هونئن تہ) تون ئي (اسان سيني جو) بهتر وارث آهي. (٩٠) سو (ڏسو) اسان هن جي پڪار ٻڌي، هن کي (هڪ فرزند) يحيٰ عطا ڪيوسين ۽ سندس اهليہ کي ان لاءِ تندرست ڪيوسين، اهي سڀ ماڻهو چگن عملن ڪرڻ ۾ سرگرم ۽ تڪڙا هوندا هئا. (اسان جي فضل ۾) اميدون رکي ۽ (اسان جي جلال کان) خوف ۾ رهي دعائون گهرندا هئا، ۽ اسان جي اڳيان عجز نياز ۽ نماڻائيءَ سان جهڪيل هوندا هئا. (٩١) ۽ (اهڙيءَ طرح) انهي (پاڪ) عورت جو معاملو (ياد رکو) جنهن پنهنجي پاکدامني جي حفاظت ڪئي هئي (يعني حضرت مريم جو معاملو ياد رکو) پوءِ اسان پنهنجي روح مان ڪجهہ هن ۾ ڦوڪيو، ۽ ڪيس ۽ سندس پٽ (حضرت مسيح) کي سڄي دنيا جي لاءِ (سچائي جي) هڪ نشاني بنايو. (٩٢) (انهن سيني نبين ۽ رسولن جي وسيلي اسان جيڪا تعليم ڏني هئي سا هيءَ هئي تہ) هي توهان سيني جي امت حقيقت ۾ هڪ ئي امت آهي (جدا جدا دين ۽ جدا جدا مذهبي ٽوليون ڪونہ آهن) ۽ مان ئي توهان سيني جي (اڪيلو) پروردگار آهان. تنهن ڪري توهان کي گهرجي تہ فقط منهنجي ٻانهپ ڪيو (۽ ان راهہ ۾ جدا جدا نہ ٿي وڃو.) (٩٣) پر ماڻهن پاڻ ۾ اختلاف ڪري (هڪ ئي) دين جا ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڇڏيا. (نيٺ ڏسندؤ تہ) سيني کي اسان ڏي موٽڻو آهي (۽ انهيءَ اختلاف ۽ دشمنين جو نتيجو چکڻو آهي.)

رکوع ۷ آيت ٩٤ ـ تا ـ ١١٢

قيامت ڏينهن مؤمنن ۽ منڪرن جي حالت. قومن جو زوال ۽ ڪمال.

(٩٤) پوءِ (ياد رکو تہ، هن باري ۾ بنيادي ڳالهہ هيءَ آهي تہ) جيڪو بہ نيڪ عمل ٿو ڪري ۽ (الله تي) ايمان بہ اٿس تنهن جي ڪوشش اجائي نہ ٿيندي. اسان سندس نيڪيون لکي ڇڏڻ وارا آهيون. (٩٥) ۽ (ڏسو) جنهن بستيءَ لاءِ اسان بربادي جو فيصلو ڪري ڇڏيو، تنهن لاءِ (ڪاميابي ۽ سعادت) ممڪن ئي ناهي. انهيءَ بستيءَ جا ماڻهو ڪڏهن بہ (پنهنجي سرڪشي ۽ شرارتن کان) باز اچڻا ناهن. (٩٦) جڏهن اهو وقت اچي ويندو جو ياجوج ۽ ماجوج جي لاءِ واٽ کلي پوندي، (زمين جي) مٿاهين کان هو ڊوڙندا لهي ايندا. (٩٧) ۽ (خدا جي) سچي واعدي جي گهڙي ويجهي اچي ويندي تڏهن انهن ماڻهن جون اکيون (دهشت ۽ حيرانيءَ ۾) ڦاٽل رهجي ويندیون جن ماڻهن سچائيءَ کان انڪار ڪيو هو. (اهي ماڻهو ٻي اختيار پڪاري چوندا تہ) افسوس اسان جي حال تي! اسان هن (دهشتناڪ گهڙيءَ) کان غافل رهياسين. بلڪ اسان ظلم ۽ شرارت ۾ ٽمٽار هئاسين. (٩٨) (الله تعاليٰ اهڙن ظالمن کي ٿو ٻڌائي تہ) توهان ۽ اهي

جن کي توهان الله کي ڇڏي پوڄيو تا دوزخ جو ٻارڻ آهيو. توهان سڀ اتي پهچڻ وارا آهيو. (۹۹) جيڪڏهن اهي سچ پچ معبود (خدائيون) هجن ها تہ ڪڏهن بہ دوزخ ۾ نہ پهچن ها. (حقيقت هيءَ آهي تہ) اهي سڀ هميشہ ان دوزخ ۾ هوندا. (۱۰۰) هنن جي لاءِ دوزخ ۾ (فقط ايذاءَ ۽ سڙڻ) روڄ ۽ راڙو هوندو. ۽ هو انهيءَ ۾ (ٻيو ڪجهہ بہ) نہ ٻڌندا. (۱۰۱) (پر) جن ماڻهن جي لاءِ اسان اول کان ئي ٻلائي ۽ چگائيءَ جو حڪم ڏيئي ڇڏيو آهي، سي يقيناً دوزخ کان پري رهندا. (۱۰۲) هو (ان کان ايترو تہ پري هوندا جو) اتي جي (ايذاون جي) ٽڪ بہ سندن ڪنن ۾ ڪانہ پوندي. ۽ هو پنهنجي پسندي موجب پنهنجي خواهش وارين سڀني نعمتن ۾ هميشہ جي لاءِ مسرور رهندا. (۱۰۳) هنن کي (قيامت جي وڏي ۾ وڏي دهشت بہ نہ ڏيڇاريندي) نہ ڪي غم ۾ وجهندي. فرشتا وڏي اچي هنن کي ملندا (۽ چوندا تہ) هي آهي اهو ڏينهن جنهن متعلق (الله جي ڪلام ۾) واعدو ڪيو ويو هو. (۱۰٤) انهيءَ ڏينهن اسان آسمان کي اهڙيءَ طرح ويڙهي ڇڏينداسين جيئن ڪتابن لاءِ پنا ويڙهبا آهن. اسان جهڙيءَ طرح پهرين خلقت شروع ڪئي هئي، تهڙيءَ طرح ان کي وري پيدا ڪنداسين. انهيءَ واعدي جو پورو ڪرڻ اسان تي آهي، ۽ اسان ان کي ضرور پورو ڪنداسين. (۱۰۵) ۽ (ڏسو) اسان زبور ۾ حڪم ۽ نصيحت ڏيڻ بعد لکي ڇڏيو هو تہ زمين (يا ملڪ) انهن بندن کي ورثي ۾ ڏينداسين، جيڪي نيڪ هوندا. (۱۰٦) هن ڳالهہ ۾ انهن ماڻهن لاءِ جيڪي (الله جي) ٻانهپ ۽ فرمانبرداري ڪندڙ آهن، هڪ وڏو پيغام آهي. (۱۰۷) ۽ (اي پيغمبر!) اسان توکي فقط هن لاءِ (پيغمبر ڪري) موڪليو آهي تہ تون سڄي دنيا جي لاءِ رحمت جو ظهور ٿئين. (۱۰۸) ۽ (اي پيغمبر!) تون اعلان ڪر تہ مون ڏي جيڪو وحي موڪليو ويو آهي سو تہ فقط هي آهي تہ، اوهان جو معبود هڪ ئي معبود آهي، (هن کان سواءِ ڪوبہ ٻيو معبود ڪونهي) پوءِ ٻڌايو تہ ان جي اڳيان سر جهڪائيندؤ يا نہ؟ (۱۰۹) پوءِ جيڪڏهن هو منهن موڙين تہ تون کين چئو تہ، مان اوهان کي (انڪار ۽ سرڪشي جي نتيجن کان) هڪڙيءَ ئي طرح خبردار ڪري ڇڏيو آهي، مون کي اها خبر ڪانهي تہ جنهن ڳالهہ جو واعدو ڪيو ويو آهي، تنهن جو وقت ويجهو اچي ويو آهي يا اڃا پري آهي، (پر ڀرندو تہ هرگز کين، صالحن لاءِ اقبال ۽ ڪاميابي آهي ۽ مفسدن لاءِ ادبار ۽ ناڪامي). (۱۱۰) جيڪي بہ توهان وڏي آواز سان ڪليو ڪلايو چئو ٿا ۽ جيڪو توهان (پنهنجي دلين ۾) لڪايو ٿا سو سڀ الله تعاليٰ چگيءَ طرح ڄاڻي ٿو. (۱۱۱) ۽ مون کي ڪهڙي خبر؟ ممڪن آهي تہ هن (دير ۽ مهلت) ۾ توهان جي آزمائش رکي وئي هجي ۽ هڪ مقرر وقت تائين اوهان کي زندگيءَ جو مزو وٺڻو آهي. (۱۱۲) (پيغمبر ﷺ دعا گهرندي) چيو تہ، اي منهنجا رب! هاڻي (دير نہ ڪر) سچائيءَ سا فيصلو ڪري ڇڏ. ۽ اسان جو پروردگار (اهوئي) رحمان خدا آهي، انهيءَ کان ئي مدد گهري وڃي ٿي. توهان (انڪار ڪندڙ) جيڪي (ڪوڙيون) ڳالهيون ٺاهي رهيا آهيو تن جي خلاف سندس ئي مدد گاري فيصلو ڪري ڇڏيندي. (يعني مسلمانن جي ڪاميابي ثابت ڪري ڏيکاريندي تہ مسلمان ئي حق تي آهن ۽ صالح آهن ۽ توهان مفسد آهيو.)

سورت الحج

بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي.

رڪوع ١ آيت ١ - تا - ١٠

جيڪي ماڻهو بعث بعد الموت کان انڪار ٿا ڪن ۽ بي سود جهڳڑا ٿا ڪن، تن کي نه علم آهي نه کو دليل آهي.

(١) اي انسانؤ! پنهجي پروردگار (جي عذاب) کان ڊڄو. يقين رکو ته اچڻ واري گهڙيءَ جو زلزلو هڪڙو وڏو سخت واقعو ٿيندو. (٢) جنهن ڏينهن اها گهڙي اوهان جي اڳيان اچي ويندي تنهن ڏينهن (ڪنهن کي به ڪنهن جي به خبر ڪانه رهندي) ٿڃ پياريندڙ عورتون پنهنجي ٿڃ پيئندڙ ٻچڙن کي به وساري ڇڏيندیون. سيئي حامله (وقت کان اڳي) پنهنجا پار ڪيرائي ڇڏيندیون. ماڻهن کي اوهان اهڙي حال ۾ ڏسندؤ جو ڄڻ ته سڄ پڄ متوالا ۽ پاڳل ٻڌجي ويا آهن، هو متوالا يا ديوانا ڪونه هوندا، پر الله جي عذاب جي خوفناڪي وڏي خوفناڪ آهي (جا هنن کي ديوانن وانگر بيهوش ڪري ڇڏيندي.) (٣) ۽ (ڏسو) کي ماڻهو اهڙا به آهن جو الله جي باري ۾ بحث ۽ جهڳڑا ٿا ڪن اگرچه هنن وٽ علم به ڪونهي، اهي ماڻهو هرهڪ سرڪش شيطان پٺيان لڳي ٿا پون (۽ سندس تابعداري ٿا ڪن) (٤) شيطان متعلق هيءَ ڳالهه (خدا وٽ) لکجي ويئي آهي ته جيڪو به سندس رفيق ٿيندو تنهن کي هو ضرور گمراهيءَ ۾ وجهندو ۽ جهنم جي عذاب تائين پهچائي ڇڏيندو. (٥) اي انسانو! جيڪڏهن اوهان کي هن باري ۾ شڪ آهي ته ماڻهو (پيهر) جيئرو ٿي اٿندو ته (هن ڳالهه تي غور ڪيو) اسان توهان کي (ڇا مون) پيدا ڪيو؟ منيءَ مان. پوءِ (توهان جي جمڙ ۽ پيدا ٿيڻ جو سلسلو ڪهڙيءَ طرح جاري رهيو؟) هن طرح جو پهريائين نطفو ٿو ٿئي. پوءِ علقه (يعني جميل رت جو ٽڪرو، ماءُ جي پيٽ ۾) بنجي ٿو پوي. پوءِ وري ڪجهه شڪل وارو ۽ ڪجهه بي شڪل گوشت جو ٽڪرو ٿي ٿو پوي، ۽ اهو انهيءَ لاءِ ٿئي ٿو ته توهان جي لاءِ (پنهنجي قدرت جا ڪارناما) ڇڻا ۽ ظاهر ڪري ڇڏيون. پوءِ ڏسو ته، جنهن نطفي متعلق اسان چاهيون ٿا ته (ٻار جي صورت وڻي) تنهن کي عورت جي رحم (يعني ڳهڻ) ۾ هڪ مقرر وقت تائين قرار ڏيون ٿا. پوءِ (جڏهن نطفو سيني مقرر حالتن مان لنگهي ٿو تڏهن) ٻاراڻي حالت ۾ اوهان کي ٻاهر ڪيون ٿا. پوءِ توهان کي (هڪ ٻئي پٺيان) اهڙين حالتن ۾ آڻيون ٿا جو (آخر) پنهنجي جواني جي عمر کي پهچي ٿا وڃو. پوءِ توهان ۾ کو ته اهڙو ٿو ٿئي جو (ٻڌاپڻ کان اڳي ئي) مري ٿو وڃي. ۽ کو وري اهڙو ٿو ٿئي جو (ٻڌاپڻ تائين پهچي ٿو ۽) عمر جي نڪمي ۽ ضعيف حالت ڏانهن موٽائي آندو ٿو وڃي (جيئن ٻاراڻي حالت ۾ هو) تان جو علم ۽ عقل وارو درجو حاصل ڪري وري بي سمجهيءَ جي حالت ۾ پڄي ٿو

وڃي. ۽ (اوپڙن جو مثال وڻو) توهان ڏسو ٿا تہ زمين سڪي ٿوٽ ٿيل آهي. پوءِ جڏهن اسان ان تي پاڻي وسايون ٿا تہ تڏهن جهٽ پٽ لڏڻ ۽ اپرڻ لڳي ٿي ۽ هر قسم جا اوپڙ (گاهہ ٻوٽا پوکون وغيره) ڄمي ايري سهڻو نظارو ڏيکارين ٿا. (٦) اهو سڀ هن ڳالهہ جو دليل آهي تہ الله جي هستي هڪ حقيقت آهي ۽ هو بيشڪ مُردن کي زنده ڪري ٿو ڇڏي، ۽ هو هر ڪنهن ڳالهہ ۽ ڪم جي قدرت رکي ٿو (۽ سڀ ڪجهہ ڪري ٿو سگهي.) (٧) ۽ پڻ هن ڳالهہ جو دليل آهي تہ مقرر گهڙي اچڻي آهي، ۽ ان ۾ ڪجهہ بہ شڪ ڪونهي ۽ پڻ هن ڳالهہ جو دليل آهي تہ الله تعاليٰ ضرور انهن کي اٿاري ڪڍو ڪندو، جيڪي قبرن ۾ آهن، (يعني جيڪي مري ويا آهن، سي وري مقرر وقت تي جيئرا ڪيا ويندا، جيئن مينهن پوڻ تي اوپڙ مقرر وقت تي ايري نڪرندا آهن). (٨) ۽ (ڏسو) ڪي ماڻهو اهڙا آهن جن وٽ نڪو آهي علم، نڪا اٿن رهنمائي ۽ نڪي ڪو روشن ڪتاب، تنهن هوندي بہ الله جي باري ۾ جهڳڙا ٿا ڪن. (9) ۽ هٺ وڌائي سان جهڳڙا ٿا ڪن، انهيءَ لاءِ تہ ماڻهن کي الله جي راهہ کان هٽائي گمراهہ ڪري ڇڏين. اهڙن ماڻهن لاءِ دنيا جي زندگيءَ ۾ بہ خواري خرابي آهي، ۽ قيامت جي ڏينهن بہ اسان کين باهہ جي عذاب جو مزو چکائيندا سين. (10) (هر هڪ کي چيو ويندو تہ) هي (عذاب) انهيءَ جو نتيجو آهي جو توهان پاڻ پنهنجي هٿن سان اڳيئي مهيا ڪري رکيو هو. ۽ الله تعاليٰ تہ پنهنجي بندن لاءِ ڪڏهن بہ ظالم ٿي نٿو سگهي.

رکوع ٢ آيت ١١ ـ تا ـ ٢٢

کي ماڻهو مصيبت يا تڪليف اچڻ تي مايوس ٿي خدا کي ڇڏي ٿا ڏين. ايمان، اميد ۽ نيڪ عملي مؤمنن جي راهہ آهي، انڪار، مايوسي ۽ بدعملي منڪرن جي راهہ آهي.

(١١) ۽ (ڏسو) ڪي ماڻهو اهڙا آهن، جو الله جي بندگي تہ ڪن ٿا پر دل جي ڇمائي سان نٿا ڪن جيڪڏهن هنن کي ڪو فائدو ٿو پهچي تہ دل کي آرام اچين ٿو. پر جيڪڏهن ڪنهن (تڪليف جي) آزمائش ۾ پون ٿا تہ پٺي ڏئي پنهنجي (ڪفر جي) حالت ڏي موٽي پون ٿا. هو دنيا ۾ بہ نامراد ٿين ٿا ۽ آخرت ۾ بہ. ۽ اهائي ظاهر ظهور نامرادي آهي. (١٢) هو الله کي ڇڏي انهن شين کي (پنهنجي حاجت روائيءَ لاءِ) سڏين ٿا جي نڪي کين نقصان پهچائي سگهن ٿيون نڪي فائدو. اهائي گمراهي آهي جا سيني کان وڌيڪ اونهي گمراهي آهي. (١٣) اهي اهڙي هستيءَ کي سڏين ٿا جنهن جي نفع کان زياده ان جو نقصان وڌيڪ ويجهو آهي. (نفعو جيڪڏهن ڪٽي ڏسڻ ۾ بہ اچي تہ بہ اهو وهمي آهي نہ سچو نفعو). بيشڪ بچڑو آهي (اهڙو) دوست ۽ بچڑو آهي (اهڙو) ساٿاري. (١٤) جيڪي ماڻهو ايمان آڻين ٿا ۽ نيڪ عمل بہ ٿا ڪن تن کي ضرور الله تعاليٰ اهڙن باغن ۾ پهچائي ڇڏيندو جن جي ٿرين ۾ نهرون وهي رهيون هونديون. الله تعاليٰ جيڪي چاهي ٿو سو

ڪري ٿو (هو مالڪ ۽ مختار آهي) (۱۵) جيڪو ماڻهو (ناميد ٿي) اهو خيال ٿو ڪري ته الله تعاليٰ دنيا ۽ آخرت ۾ سندس مدد ڪونہ ڪندو. (تنهن لاءِ زندگيءَ جي ڪابہ راھ باقي نہ رهي) ڪيس گھرجي ته ھڪ رسي ڇت تائين ڪٽي ان کي ڇت سان ٻڌي ڇڏي ۽ (ان ۾ گردن اٽڪائي زمين کان پنهنجو) لاڳاپو ڇني ڇڏي (يعني ڦاهو ڪائي مري) پوءِ ڏسي ته انهيءَ تدبير سان سندس غم ۽ غصو دور ٿئي ٿو يا نہ! (۱۶) ۽ ڏسو اهڙيءَ طرح اسان هي ڪلام روشن دليلن جي شڪل ۾ نازل ڪيو ۽ هن لاءِ نازل ڪيو جو الله تعاليٰ جنهن کي چاهي ٿو تنهن کي (ڪاميابيءَ جي) راھ تي لڳائي ڇڏي ٿو. (۱۷) جن ماڻهن ايمان آندو آهي، (يعني مسلمان آهن) جي يهودي آهن، صابي آهن، نصاريٰ آهن، مجوسي آهن يا مشرڪ آهن، تن سيني جي باري ۾ قيامت جي ڏينهن الله تعاليٰ فيصلو ڪري ڇڏيندو (۽ انهن جي عملن جي حقيقت ظاهر ٿي پوندي) ان کان ڪابہ ڳالھ لڪل ناهي. هو سڀ ڪجھ ڏسي رهيو آهي. (۱۸) ڇا توهان نٿا ڏسو ته جيڪو به آسمان ۾ آهي ۽ جيڪو به زمين ۾ آهي، ۽ پڻ سج، چند، تارا، جبل، وڻ، چوپايا جانور سڀ الله جي اڳيان سجدي ۾ جھڪيل آهن، (يعني الله تعاليٰ جيڪا سندن فطرت ڪئي آهي، تنهن موجب عمل ڪري رهيا آهن) ۽ ڪيترائي انسان به (فطرت جي قانون تي رهلي رهيا آهن پر افسوس جو) گھٽائي انسان اهڙا به آهن جن تي عذاب جي حقداري (يا لائقيت) ثابت ٿي چڪي آهي (چو ته هنن جا عمل فطرت، عقل ۽ وحي جي خلاف آهن) ۽ (ياد رکو ته) جنهن کي به الله تعاليٰ ذلت ۽ خواريءَ ۾ وجهي تنهن لاءِ ڪوبہ ڪونهي جو ڪيس عزت ڏيئ وارو هجي. اهو الله جيڪي به چاهي ٿو سو ڪري ٿو ڇڏي. (۱۹) (ڏسو) اهي به مخالف (فرقا) آهن جيڪي پنهنجي پروردگار جي باري ۾ هڪ ٻئي جي ابتڙ ڳالهيون ٻڌائين ٿا، انهن مان جيڪي ڪفر جي وات وڻن ٿا تن جي لاءِ باھ جا ڪپڙا ماپي ڪتري تيار ڪيا ويندا، ۽ انهن جي مٿن تي ٽهڪندڙ پاڻي پرٽايو ويندو. (۲۰) ان (جي ساڙيندڙ گرميءَ) کان جيڪي هنن جي پيٽ ۾ آهي سو ڪامڙ ۽ جلڙ لڳندو ۽ سندن چمڙيون به جلڙ لڳنديون. (۲۱) ۽ پڻ هنن کي روڪي جھلڻ لاءِ لوھ جا گرز هوندا. (۲۲) جڏهن جڏهن (عذاب جي) ايذاءَ کان ٻي قرار ٿي ٻاهر نڪرڻ چاهيندا تڏهن انهن (گرزن) سان انهيءَ ئي (عذاب) ۾ کين موٽايو ويندو ۽ (کين چيو ويندو ته هاڻي چو ٿا نڪرو؟) ساڙيندڙ عذاب جو مزو ته چکو.

رڪوع ۳ آيت ۲۳ ـ تا ـ ۲۵

ڪعبت الله سڀني انسانن لاءِ آهي. ان ۾ داخل ٿيڻ کان روڪيندڙ گرفت ۾ ايندا.

(۲۳) (پر) جيڪو فرقو ايمان ٿو آڻي ۽ عمل به صالح ٿو ڪري تنهن کي يقيناً الله تعاليٰ (ابدي نعمتن جي) باغن ۾ داخل ڪندو جنهن جي هيٺان نهرون وهي رهيون آهن، انهن کي اتي (باھ جي ڪپڙن بدران) سون جا ڪنگڻ ۽ موتين جا هار پارايا ويندا، ۽ انهن جو لباس اتي ريشمي هوندو. (۲۴) انهن کي ڳالهين مان اهڙي ڳالھ جي رهنمائي (وات ڏيڪارڻ) ملي جا نهايت ئي

پاکيزه آهي ۽ کين راهن مان انهيءَ راهه تي هلايو ويو جنهن جي ساراهه ڪئي ويئي آهي. (۲۵) يقيناً جن (مڪي جي) ماڻهن ڪفر جي واٽ ورتي آهي ۽ الله جي راهه کان ماڻهن کي روڪين ٿا ۽ پڻ مسجد الحرام کان (يعني ڪعبت الله کان روڪين ٿا) جو اسان سڀني انسانن لاءِ (عبادتگاهه) ٺهرايو آهي، پوءِ اهي اتي جا رهاڪو هجن توڙي ٻاهران ايندڙ هجن ٻئي برابر آهن، (سو انهن ڪافرن کي ياد رکڻ گهرجي ته اسان انهن کي ۽ هر انهيءَ ماڻهو کي) جيڪو ان ۾ ظلم طور حق کان ڦري وڃڻ جو ارادو ڪندو تنهن کي دردناڪ عذاب جو مزو چکائيندا سين.

رکوع ٤ آيت ٢٦ ـ تا ـ ٣٣

ڪعبت الله ۽ حج جو ذڪر

(۲۶) ۽ ڏسو اسان حضرت ابراهيم جي لاءِ ڪعبي واري جاءِ مقرر ڪري ڇڏي (۽ حڪم ڏنو) ته ڪنهن ٻي شيءِ کي مون سان شريڪ نه ڪر، ۽ منهنجو هيءِ گهر انهن ماڻهن لاءِ پاڪ رک جيڪي طواف ڪندڙ هجن، عبادت ۾ سرگرم رهندڙ هجن، ۽ رڪوع ۽ سجدي ۾ جهڪندڙ هجن. (۲۷) ۽ (پڻ اسان کيس حڪم ڏنو هو ته) ماڻهن ۾ حج جو اعلان (پڙهو) ڏيئي ڇڏ. ماڻهو توڏانهن دنيا جي پري پري واربن واٽن (۽ ملڪن) کان ايندا رهندا، کي پيادا ته ڪي قسم قسم جي سوارين تي ايندا جيڪي (اٺ گهوڙي وغيره سفر جي تڪليف کان) ٿڪل هوندا. (۲۸) اهي هن لاءِ ايندا ته پنهنجي فائدن وٽ واري جاءِ تي اهي حاضر ٿين، ۽ اسان جيڪي پالیل جانور هنن کي رزق طور ڏنا آهن، تن جي قرباني ڪري مقرر ڏينهن ۾ الله جو نالو وٺن. پوءِ قرباني‌ءَ جو گوشت پاڻ به کائو ۽ بکايل فقيرن کي به کارايو. (۲۹) پوءِ اهي ماڻهو (يعني حاجي) قرباني ڪرڻ بعد پنهنجي جسم ۽ لباس جي ميراڻي لاهي ڇڏين. (يعني احرام لاهي ڇڏين) پڻ پنهنجا نذر پورا ڪن ۽ هن قديم گهر (يعني ڪعبت الله) جي چوڌاري طواف ڪن. (۳۰) سو ڏسو (حج جي) ڳالهه ائين ٿي ۽ جيڪو به الله تعاليٰ جي ٺهريل پاڪ رسمن جي عزت ٿو ڪري تنهن جي لاءِ سندس پروردگار وٽ وڏي ڇگائي آهي. ۽ (هيءَ ڳالهه به ياد رکو ته) انهن جانورن کان سواءِ جن جي حرام هڻڻ جو حڪم قرآن مجيد ۾ ٻڌايو ويو آهي، سڀ چوپايا جانور اوهان جي لاءِ حلال ڪيا ويا آهن. پوءِ توهان کي گهرجي ته بتن جي ناپاڪائيءَ کان پاڻ کي بچايو ۽ پڻ ڪوڙ ڳالهائڻ کان پري رهو. (۳۱) فقط الله ئي جي لاءِ ٿي رهو. ساڻس ڪنهن به ٻي هستيءَ کي شريڪ نه ڪيو. جنهن به الله سان ڪنهن کي شريڪ ٺهرايو تنهن جو حال اهڙو سمجهو جو جڻ ته ڪو مٿانهينءَ کان اوچتو هيٺ ڪري پيو. پوءِ (جيڪا به شيءِ اهڙيءَ طرح ڪري پوندي تنهن کي يا ته) کو پکي (سرڻ وانگر) جهٽڪو ڏيئي ڪٽي ويندو يا ته هوا جو جهوٽو کيس اڏائي ڪنهن ڏورانهين ڏيهه ۾ اڇلائي ڦٽو ڪندو. (۳۲) اها آهي (حقيقت). پوءِ ياد رکو ته جنهن به الله جي نشانين جي عظمت (شان ۽ وڏائي) مڃي تنهن اهڙي ڳالهه مڃي جا حقيقت ۾ دلين جي پرهيزگاريءَ جي ڳالهين

منجهان (هڪڙي ڳالهه) آهي. (٣٣) انهن (چوپائين جانورن) ۾ هڪ مقرر وقت تائين توهان جي لاءِ (قسم قسم جا) فائدا آهن. پوءِ (انهن کي هن) قديم گهر تائين پهچائي انهن جي قرباني ڪرڻ آهي.

رکوع ۵ آيت ٣٤ ـ تا ـ ٣٨

حج ۽ قرباني متعلق ڪي وڌيڪ ڳالهيون.

(٣٤) ۽ (ڏسو) هر هڪ امت جي لاءِ اسان عبادت جو ڪوئي نہ ڪوئي طريقو مقرر ڪيو هو. انهيءَ لاءِ تہ انهن پالیل جانورن کي جي اسان رزق طور (کين) ڏنا آهن، ذبح ڪن تہ الله جو نالو وٺن. پوءِ (ياد رکو تہ) اوهان جو معبود اهوئي هڪڙو يگانو معبود آهي، ۽ (جيئن تہ ان کان سواءِ ٻيو ڪوبہ معبود ڪونهي، انهيءَ ڪري اوهان کي گهرجي تہ) فقط انهيءَ ئي جي اڳيان فرمانبرداريءَ جو سر جهڪائي رکو. ۽ (اي پيغمبر!) نماڻائي ۽ نيازمندي رکندڙ ٻانهن کي (ڪاميابي ۽ سعادت جي) خوشخبري ڏيئي ڇڏ. (٣٥) انهن (حق جي نيازمندن) کي (بہ خوشخبري ڏيئي ڇڏ) جن وٽ جيڪڏهن الله جو ذڪر ڪيو ٿو وڃي تہ انهن جون دليون ڏڪي ٿيون وڃن. جيڪي هر قسم جي مصيبتن ۾ صبر ڪندڙ آهن، جيڪي نماز درست ڪري پڙهڻ ۾ ڪوشش ڪندڙ آهن، ۽ جيڪي انهيءَ رزق مان جو الله تعاليٰ کين ڏنو آهي، (نيڪ ڪمن ۾) خرچ ڪندا ٿا رهن. (٣٦) ۽ (ڏسو، قرباني‌ءَ جي انهن) اڻن کي (جن کي پري پري کان حج جي موقعي تي نيو وڃي ٿو) اسان انهن شين ۾ شمار ڪيو آهي، جي اوهان جي لاءِ الله جي (عبادت جي) نشانين مان آهن. انهن ۾ اوهان جي لاءِ وڏي ڇگائي آهي. تنهن ڪري اوهان کي گهرجي تہ انهن کي قطارن ۾ بيهاري ذبح ڪرڻ وقت الله جو نالو ياد ڪريو. پوءِ جڏهن هو ڪنهن بہ پاسي تہ ڪري پون (يعني ڪسجي وڃن) تڏهن انهن جي گوشت مان پاڻ بہ کائو ۽ فقيرن ۽ زيارت ڪندڙ (حاجين) کي بہ کارايو. اهڙي طرح اسان انهن جانورن کي توهان جي لاءِ تابع ڪري ڇڏيو آهي، تہ توهان (الله تعاليٰ جي نعمتن جا) شڪرگذار رهو. (٣٧) ياد رکو تہ، الله تعاليٰ وٽ انهن قربانين جو نڪي گوشت ٿو پهچي ۽ نڪي رت. سندس حضور ۾ جيڪي پهچي ٿو سگهي سو آهي فقط اوهان جي تقويٰ. (يعني اوهان جي دل جي نيڪي) انهن جانورن کي الله تعاليٰ اهڙيءَ طرح اوهان جي لاءِ تابع ڪري ڇڏيو آهي، انهيءَ لاءِ تہ الله جي هدايت ۽ رهنمائي تي شڪرگذاري ڪيو ۽ سندس نالي جي وڏائي جو آواز بلند ڪيو ۽ نيڪ عملن ڪندڙن جي لاءِ (خدا وٽ قبوليت جي وڏي) خوشخبري آهي. (٣٨) جن ماڻهن ايمان آندو آهي تن کي يقيناً الله تعاليٰ (ظالمن جي ظلم ۽ سختين کان) بچائي ٿو. هن ۾ ذرو بہ شڪ ناهي تہ الله تعاليٰ امانت ۾ خيانت ڪندڙن کي، جيڪي خدا جي نعمتن جا بي شڪر آهن، ڪڏهن بہ پسند نٿو ڪري.

رکوع ٦ آيت ٣٩ ـ تا ـ ٤٨
جنگ جي اجازت، جهاد جو فلسفو. اسلامي حڪومت جا مقصد.

(٣٩) جن (مؤمنن) جي خلاف ظالمن جنگ جاري رکي آهي تن کي ب هاڻي (ساڻن) جنگ ڪرڻ جي رخصت ڏني وڃي ٿي. ڇو ت هنن تي سراسر ظلم ڪيو ٿو وڃي. ۽ الله تعاليٰ بيشڪ هنن (مؤمنن) جي مدد ڪرڻ جي قدرت ۽ طاقت رکي ٿو. (٤٠) هي (مؤمن) اهي مظلوم آهن، جيڪي ناحق پنهنجي گهرن مان ڪڍيا ويا آهن. (هنن جو ڪوب ڏوهه ڪونه هو) هو ت فقط چوندا ۽ مجيندا هئا ت اسان جو پروردگار الله آهي. ۽ ڏسو جيڪڏهن الله تعاليٰ ڪن (نيڪ) ماڻهن جي هٿان ڪن (ظالمن) کي نه روڪيندو رهي ها (۽ هڪ ٽولي کي ٻئي ٽولي تي ظلم ڪرڻ لاءِ ڇوٽ ڇڏي ڏئي ها) ت ڪنهن ب قوم جا عبادتگاهه زمين تي سلامت نه رهن ها، نڪي (عيسائين ۽ يهودين جون) خانقاهون ۽ ديوليون نڪي ٻين جا عبادتگاهه ۽ مسجدون، جن (سيني) ۾ الله تعاليٰ جو گهڻو ذڪر ڪيو وڃي ٿو. اهي سڀ گهڻو اڳي ڊاڻيون وڃن ها. (ياد رکو ت) جيڪو ب الله (جي سچائيءَ) جي حمايت ڪندو تنهن جي الله تعاليٰ ب ضرور مدد ڪندو. انهيءَ ۾ ڪجهه ب شڪ شبهو ڪونهي ت هو يقيناً سڀ کان قوت رکندڙ ۽ سيني تي غالب آهي. (٤١) اِهي (مظلوم مسلمان) اُهي آهن جن کي جيڪڏهن اسان زمين ۾ (يعني ملڪ ۾) طاقتور ڪنداسين (يعني سندن حڪومت ٿيندي) ت هو نماز (جو نظام) قائم ڪندا. زڪوات جو انتظام رکندا، نيڪين جو حڪم ڏيندا ۽ برائين کان روڪيندا، ۽ (ياد رکو ت) سيني ڳالهين جي پڇاڙي ۽ نتيجو الله تعاليٰ جي ئي هٿ ۾ آهي. (٤٢) ۽ (اي پيغمبر!) جيڪڏهن اهي (منڪر) تو کي ڪوڙو ٺهرائي تنهنجي ڳالهه نٿا مڃن ت (اهو انڪار ڪا نئين ڳالهه ڪانهي) هن کان اڳي ب گهڻين ئي قومن پنهنجي پنهنجي وقتن جي رسولن کي ڪوڙو سمجهي نه مڃيو هو، جهڙوڪ نوح جي قوم، عاد جي قوم، ثمود جي قوم. (٤٣) ابراهيم جي قوم، لوط جي قوم. (٤٤) ۽ مدين جا ماڻهو ـ ۽ حضرت موسيٰ کي ب ڪوڙو ٺهرايو ويو (اگرچه خود سندس قوم يعني بني اسرائيل کيس ڪوڙو ڪونه ٺهرايو پر فرعون ۽ سندس ماڻهن کيس نه مڃيو) ۽ اسان (هميشه هيئن ڪيو جو) پهرياڻين منڪرن کي (ڪجهه مدت تائين) مهلت ڏني، پوءِ پڪڙ ڪئي. سو ڏسو ت اسان جو ناراضپو هنن جي لاءِ ڪهڙو نه سخت ٿيو (۽ هو سخت عذابن ۾ مبتلا ٿيا ۽ آخر تباهه ٿيا). (٤٥) پوءِ (ڏسو ت) ڪيتريون ئي بستيون جي ظلم ڪندڙ هيون تن کي اسان تباهه ڪري ڇڏيو. اهي اهڙيون ت خراب ٿيون جو پنهنجي ڇتين ۾ ڪري ڊير ٿي پيون. تلاءَ ۽ ڪوهه بيڪار رهجي ويا، ۽ اونچيون محلاتون ڪنڊر بنجي پيون. (٤٦) پوءِ اهي ماڻهو ملڪن ۾ ڪونه ٿا گهمن ڦرن ڇا جو (اهي ڪنڊر ڏسي) عبرت وٺن؟ هنن کي دل ۽ دماغ هجي ت جيڪر سمجهن (۽ نصيحت وٺن)، هنن کي ڪن هجن ت جيڪر ٻڌن (۽ سمجهن). ۽ حقيقت هيءَ آهي ت جڏهن ڪو انڌو ٿو ٿئي ت اکيون ڪونه ٿيون انڌيون ٿين، ۽ دليون انڌيون ٿي ٿيون پون، جي سينن جي اندر لکل آهن. (٤٧) ۽ (اي پيغمبر!) هي

ماڻهو عذاب جي گهر ڪرڻ ۾ توسان تڪڙ لائي ٿا ڏين (يعني چون ٿا تہ جيڪڏهن سچ پچ اسان تي عذاب اڇٽو آهي تہ ڇو نٿو اچي؟ تون کين چئو تہ) الله تعاليٰ ڪڏهن بہ پنهنجي واعدي جي خلاف نٿو وڃي (۽ پنهنجو واعدو ضرور پورو ڪندو) پر تنهنجي پروردگار وٽ هڪ ڏينهن ايڏو آهي جيڏو اوهان جي شمار ۾ هڪ هزار سال. (٤٨) ۽ ڪيترويون ئي بستيون هيون جي ظالم هيون ۽ جن کي اسان (شروعات ۾) ڍر ڏيئي ڇڏي ڏنو. پر پوءِ نيٺ انهن کي پڪڙ ڪئي سون ۽ آخر تہ سيني کي اسان ڏي ئي موٽڻو آهي.

رکوع ۷ آيت ٤٩ ـ تا ـ ٥٧

جيڪي ايمان آڻيندا ۽ صالح عمل ڪندا، تن کي عزت جي روزي ملندي.

(٤٩) (اي پيغمبر!) تون اعلان ڪر تہ اي انسانو! مان تہ فقط (انڪار ۽ شرارت جي نتيجن کان) خبردار ڪندڙ آهيان ۽ چٽيءَ طرح خبردار ڪرڻ ٿو چاهيان. (٥٠) پوءِ جيڪي ماڻهو ايمان ٿا آڻين ۽ نيڪ عمل ٿا ڪن تن جي لاءِ بخشش آهي ۽ عزت واري روزي آهي. (٥١) (پر) جيڪي ماڻهو الله تعاليٰ جي نشانين جي خلاف مقابلو ڪري ڪامياب ٽيڙ ٿا چاهين سي دوزخي آهن. (انهن جي لاءِ هر طرح جي ڪاميابين ۽ سعادتن کان محرومي آهي.) (٥٢) ۽ (اي پيغمبر!) اسان توکان اڳي جيترا بہ رسول ۽ نبي موڪليا تن سيني سان هي معاملو ضرور پيش آيو، جو هنن جيئن ئي (اصلاح ۽ سعادت جي) خواهش ڪئي تيئن ئي شيطان هنن جي خواهشن ۾ ڪا نہ ڪا فتني جي ڇالهہ وجهي ڇڏي. ۽ پوءِ الله تعاليٰ شيطان جي وسوسن وجهڻ وارين ڇالهين جو اثر ميٽي ڇڏيو. ۽ پنهنجي نشانين کي اڳتي بہ وڌيڪ مضبوط ڪري ڇڏيو. اهو الله (سڀ ڪجهہ) ڄاڻندڙ آهي ۽ (پنهنجي سڀني ڪمن ۾) حڪمت ڪندڙ آهي. (٥٣) انهيءَ ۾ (هڪ وڏي) مصلحت هيءَ هوندي آهي تہ شيطان جا وسوسا انهن ماڻهن لاءِ آزمائش ٿين ٿا جن جون دليون روگي آهن ۽ (سچائي جي سمجهہ ۽ قبول ڪرڻ کان) سخت ٿي ويون آهن. ۽ بيشڪ ظالم وڏي اونهي مخالفت ۾ پئجي ويا آهن. (٥٤) پڻ ان ۾ هي مصلحت بہ هوندي آهي تہ (اي پيغمبر!) جن ماڻهن کي علم مليو آهي، سي ڄاڻي وڻن تہ اهو معاملو في الحقيقت الله جي طرف کان آهي. اهڙيءَ طرح هو ان تي ايمان آڻين ۽ سندن دلين ۾ نماڻائي ۽ نياز پيدا ٿئي. يقيناً الله تعاليٰ ايمان وارن کي (سعادت واري) سڌي واٽ وٺائڻ وارو آهي. (٥٥) (ياد رکو تہ) جيڪي ماڻهو منڪر آهن سي هن باري ۾ شڪ آڻيندا رهندا تان جو (فيصلي واري) گهڙي اوچتو اچي مٿن ڪڙڪندي يا کنهن منحوس ڏينهن جو عذاب ظهور ۾ اچي ويندو. (٥٦) انهيءَ ڏينهن بادشاهي فقط الله جي هوندي. هو انهن سيني جي وچ ۾ فيصلو ڪندو. پوءِ جن ماڻهن ايمان آندو هوندو ۽ چڱا عمل ڪيا هوندا تن جي لاءِ خوشين ۽ نعمتن وارا باغ هوندا. (٥٧) پر جن ماڻهن انڪار ڪيو هوندو، ۽ اسانجون نشانيون ڪوڙيون سمجهيون هونديون تن جي لاءَ خوار خراب ڪندڙ عذاب هوندو.

رکوع ۸ آيت ۵۸ ـ تا ـ ٦٤

ظلم ڪندڙن سان وڙهڻ ڪرڻ وارن کي الله تعاليٰ جي مدد ملندي ۽ حالتن بدلبيون

(۵۸) ۽ جيڪي ماڻهو الله جي راهه ۾ هجرت ڪن ۽ پوءِ لڙائيءَ ۾ قتل ٿا ٿين يا پنهنجي موت مري ٿا وڃن، تن کي الله تعاليٰ ضرور (آخرت ۾) بهترين روزي ڏيندو. ۽ بيشڪ الله ئي آهي جو سڀني کان بهتر روزي بخشيندڙ آهي. (۵۹) هو ضرور ڪين اهڙيءَ جاءِ تي پهچائيندو، جنهن ۾ هو خوش ۽ راضي رهندا. يقيناً هو (سڀ ڪجهه ڄاڻندڙ ۽ پنهنجي ڪمن ۾) وڏو بردبار آهي. (٦۰) (بهرحال) حقيقت اها آهي، پوءِ جيڪو به زيادتي (۽ اڳرائي) ڪئي ڪري، بلڪ جيتري سختي ان سان ڪئي ويئي آهي، ڪيڪ ڪيڪ اوتري ان جي عيوض ۾ ڪرڻ ڪو چاهي ۽ وري دشمن وڌيڪ زيادتي ڪرڻ لاءِ حملو ڪو ڪري ته پوءِ ضروري آهي ته الله مظلوم جي مدد ڪري. بيشڪ الله تعاليٰ معاف ڪندڙ ۽ بخشيندڙ آهي. (٦۱) ۽ اها (صورت حال) هن ڪري ڪي ٿئي جو الله رات کي ڏينهن جي اندر ظاهر ڪري ڪو ۽ ڏينهن کي رات جي اندر (يعني حالتن جي بدلجڻ جو قانون جاري آهي) ۽ پڻ هن ڪري جو الله تعاليٰ ٻڌندڙ ۽ ڏسندڙ آهي. (٦۲) پڻ هن ڪري به جو فقط الله ئي حق آهي ۽ جن هستين کي ڪائنس سواءِ پڪارين ٿا سي باطل آهن، ۽ وري هن ڪري به ته الله تعاليٰ جي هستي بلند مرتبي واري ۽ وڏي شان واري آهي. (٦۳) ڇا توهان هي (نظارو) نه ڏٺو آهي جو الله تعاليٰ آسمان مان مينهن وسائي ڪو ۽ (سڪل) زمين سرسبز ٿي وڃي ٿي. يقين رکو ته الله تعاليٰ وڏو لطف ڪندڙ ۽ سڀ ڪنهن ڳالهه جي خبر رکندڙ آهي. (٦٤) آسمانن ۾ ۽ زمين ۾ جيڪي به آهي، سو سڀ سندس ئي آهي ۽ بيشڪ هو بي نياز بي پرواهه (بادشاهه) آهي، ۽ سڀني سهٽين ساراهن جو لائق آهي.

رکوع ۹ آيت ٦۵ ـ تا ـ ۷۲

اصل دين سڀني جو هڪ آهي، جيڪو آهي خدا پرستي.

(٦۵) تو هن ڳالهه تي غور نه ڪيو آهي ڇا؟ ته ڪهڙيءَ طرح الله تعاليٰ زمين جون سڀ شيون اوهان جي لاءِ مسخر ڪري ڇڏيون آهن. (يعني ڪم اچڻ لاءِ تابع ڪري ڏنيون آهن) جهاز کي ڏسو، ڪيئن نه سندس حڪم سان سمنڊ ۾ ترندو هليو وڃي ٿو. وري ڪهڙيءَ طرح هن آسمان کي (يعني سيارن تارن وغيره کي) روڪي جهليو آهي، جو زمين تي ڪوبه ٿا ڪرن. جيڪڏهن ڪرندا ته سندس ئي حڪم سان ڪرندا. بيشڪ الله تعاليٰ انسان جي لاءِ ڏاڍو شفيق (مهربان) ۽ وڏي رحمت وارو آهي. (٦٦) ۽ (ڏسو) اهوئي آهي جنهن اوهان کي زندگي ڏني. ۽ وري موت ڏئي ٿو ۽ وري (ٻيهر) جيئاري اٿاريندو. بيشڪ انسان وڏو بي شڪر آهي. (٦۷) (اي پيغمبر!) اسان هرهڪ امت جي لاءِ (عبادت جو) هڪڙو طريقو ٺهرايو آهي، جنهن تي اها امت عمل ڪري رهي

آهي. تنهن ڪري ماڻهن کي هن معاملي ۾ (يعني اسلام جي عبادت جي طريقن بابت) توسان جهڳڙي ڪرڻ لاءِ ڪوبہ سبب ڪونهي. تون ماڻهن کي پنهنجي پروردگار جي طرف سڏ (ڇو تہ اصل دين آهي بہ خدا پرستي) يقيناً تون هدايت جي سڌي رستي تي هلندڙ آهين. (٦٨) جيڪڏهن (انهيءَ هوندي بہ) ماڻهو توسان جهڳڙو ڪن تہ تون کين چئي ڏي تہ الله تعاليٰ توهان جا عمل خوب ڄاڻي ٿو. (٦٩) توهان جن ڳالهين بابت هڪ ٻئي سان اختلاف ڪري رهيا آهيو. تن بابت قيامت جي ڏينهن هو اوهان جي وچ ۾ فيصلو ڪري حقيقت کي بلڪل ظاهر ڪري ڇڏيندو. (٧٠) (اي پيغمبر!) تو کي خبر ناهي ڇا تہ الله تعاليٰ سڀ ڪجهہ ڄاڻي ٿو جيڪي بہ آسمان ۾ آهي ۽ جيڪي بہ زمين ۾ آهي اهي سڀ ڳالهيون ڪتاب ۾ لکيل آهن. ائين ڪرڻ الله جي لاءِ ڪو مشڪل ڪم ڪونهي. (٧١) ۽ هي ماڻهو الله کي ڇڏي انهن شين جي پوڄا ٿا ڪن جن متعلق نڪي هن کا سند نازل ڪئي آهي، نڪي هنن وٽ کا علم جي روشني آهي. ۽ (اهڙن) ظالمن کي مدد جو ڪوبہ سهارو نٿو ملي سگهي. (٧٢) ۽ جڏهن انهن ماڻهن کي اسان جون روشن آيتون پڙهي ٻڌائجن ٿيون تڏهن جن ماڻهن جي دلين ۾ ڪفر (ويهي ويو) آهي، تن جي منهن تي ناپسنديءَ ڏسي توهان سندن انڪار ۽ نفرت جهٽ سهي ڪري سگهاڻي سگهو ٿا. ائين پيو ڏسجي تہ ناراضگيءَ ۾ ڪامي ٿهڪي هو (آيتن) پڙهڻ وارن تي حملو ڪري ڏيندا. (اي پيغمبر!) تون کين چئي ڏي تہ، اوهان کي انهيءَ (اندر جي باهہ) کان بہ وڌيڪ خراب حالت جي خبر ٻڌائي ڇڏيان؟ اها آهي ساڙيندڙ باهہ (جا اڳتي هلي اوهان کي ساڙيندي) جنهن بابت الله تعاليٰ منڪرن جي لاءِ واعدو ڪري ڇڏيو آهي. اهو ٽڪاڻو يا منزل ڪهڙي نہ خراب ٿيندي!

رڪوع ١٠ آيت ٧٣ ـ تا ـ ٧٨

انسانن جي لاءِ بي بها نصيحتون

(٧٣) اي انسانو! اوهان کي هڪڙو مثال ٻڌايو وڃي ٿو. غور سان ٻڌو. الله کان سواءِ جن (هٿرادو ٺاهيل) معبودن کي توهان سڏيو ٿا تن تہ هڪ مڪ بہ ڪڏهن پيدا نہ ڪئي آهي. جيڪڏهن توهان جا هي سڀ معبود گڏجي زور لڳائين تڏهن بہ پيدا ڪري نہ سگهندا ۽ جيڪڏهن هڪڙي مڪ انهن کان ڪجهہ کسي ڪٽي وڃي تہ هنن ۾ اها بہ طاقت ڪانهي جو ان کان ڇڏائي وٺن. (ظاهر آهي تہ اهي) طلبگار (يعني مشرڪ ۽ بت پرست جيڪي ڪوڙن معبودن جي طلب ٿا ڪن) بہ ضعيف آهن تہ (سندن) مطلوب بہ ضعيف آهن. (يعني پوڄا ڪندڙ بہ جڏا ۽ محتاج آهن تہ سندن معبود بہ جڏا ۽ عاجز آهن.) (٧٤) الله تعاليٰ جي بلند مرتبي جي جيڪا عزت ڪرڻ گهرجي سا اهي (مشرڪ بت پرست) نہ ڪري سگهيا. هو تہ هر طرح جي قوت رکندڙ ۽ سيني تي غالب آهي. (٧٥) الله تعاليٰ فرشتن مان ڪن کي پيغامن پهچائڻ لاءِ چونڊي پسند ٿو ڪري. ۽ ساڳيءَ طرح ڪن انسانن کي بہ (پيغامن پهچائڻ لاءِ چونڊي ڪٽي ٿو جن کي رسول يا پيغمبر ڪوٺجي ٿو) بيشڪ

الله تعاليٰ (سڀ کجھ) ٻڌندڙ ۽ ڏسندڙ آهي. (٧٦) هو جاڻي ٿو جيکي ٻه هنن کي (اڳتي هلي) پيش اچڻو آهي، ۽ جيکي ٻه هنن سان اڳي ٿي گذريو آهي، ۽ سيني ڳالهين جي آخري ڏوري سندس ئي هٿ ۾ آهي. (٧٧) مؤمنؤ! رکوع ۾ جهکو، سجدي ۾ کري کري پئو، پنهنجي پروردگار جي ٻانهپ کيو ۽ نيکيءَ جا ڪم کيو. عجب ناهي تہ ائين کرڻ سان اوهان کامياب ۽ بامراد ٿيندؤ (يعني دنيا ۽ آخرت جون نعمتون حاصل کندؤ). (٧٨) ۽ الله جي راهہ ۾ سر ڏڙ جي بازي لڳايو. ان جي راهہ ۾ بي انتها کوشش کرڻ جو جيکو حق آهي، سو پوريءَ طرح بجا آڻيو. الله تعاليٰ اوهان (مسلمانن) کي وڏي فضيلت لاءِ چونڊي کنيو آهي، ۽ توهان جي لاءِ دين ۾ کنهن ٻه قسم جي تنگي (يا تکليف) کانہ رکي اٿس. توهان کي اهوئي (سنئو سڌو) طريقو ڏسيو ويو آهي، جو توهان جي پيءُ حضرت ابراهيم جو هو. الله تعاليٰ توهان جو نالو مسلم رکيو آهي. اڳوٽن زمانن ۾ ٻه ۽ (قرآن) ۾ ٻه ۽ اهو هن لاءِ کياٿين تہ رسول(ﷺ) اوهان جي لاءِ (حق جو) شاهد ٿئي (يعني حق سيکاري) ۽ توهان وري سيني انسانن جي لاءِ (حق سيکاريندڙ ٿيو). تنهن کري توهان نماز جو نظام قائم کيو ۽ زکوات جو بندوبست رکو. الله جو سهارو مضبوط جهليو. اهوئي اوهان جو کارساز آهي. ۽ جنهن جو کارساز الله ٿيو، تنهن جو کهڙو نہ ڇگو کارساز آهي ۽ کهڙو نہ ڇگو مددگار!

حصو ارڙهون

سورت المؤمنون

بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي.

رڪوع ۱ آيت ۱ ـ تا ـ ۲۲

مؤمن جون خصلتون، انسانن جي پيدائش. ڪائنات ۽ انسانن جي لاءِ ربوبيت جون نعمتون.

(۱) بيشڪ ايمان وارا ڪامياب ۽ سعادت وارا ٿي ويندا. (۲) (اهي مؤمن ڪامياب رهندا) جيڪي پنهنجي نمازن ۾ نماڻا ۽ نيازمند آهن. (۳) ۽ جيڪي نڪمين ۽ واهيات ڳالهين کان رخ ڦيرائي ڇڏين ٿا. (٤) ۽ جيڪي زڪوات ادا ڪرڻ ۾ سرگرم آهن. (۵) ۽ جيڪي پنهنجي ستر رکڻ ۾ ڪڏهن به غافل نٿا ٿين. (٦) پر هو پنهنجي نڪاح ۾ ڏين زالن سان همبستريءَ جو تعلق رکن ٿا يا انهن سان جيڪي سندن ملڪيت ۾ اچي ويون آهن، (يعني غلام عورتون يا ٻانهيون) بيشڪ انهن سان همبستر ٿيڻ ۾ مٿن ڪوبه گناهه ڪونهي. (۷) پوءِ جيڪڏهن ڪو ماڻهو (هن معاملي ۾) ان کان علاوه ڪا ٻي صورت (شهوت پرستيءَ جي) ڳولي ڪيندو ته پوءِ اهڙي صورت ڳولي ڪيڻ وارا ئي آهن، جيڪي حدن کان ٻاهر نڪري ٿا وڃن ۽ ليڪو لنگهي ٿا ٻيهن. (۸) ۽ جيڪي پنهنجي امانتن ۽ عَهدن (۽ واعدن) پاڙڻ ۾ بلڪل ايماندار رهن ٿا (اها آهي مؤمنن جي پنجين وصف). (۹) ۽ جيڪي پنهنجي نمازن جي حفاظت ۾ ڪڏهن به قصور نٿا ڪن. (۱۰) يقيناً اهڙائي ماڻهو وارث ٿيندا. (۱۱) ۽ کين فردوس جي زندگي ميراث ۾ ملندي ۽ هميشہ ان ۾ رهندا. (۱۲) ۽ (ڏسو) هي حقيقت آهي ته اسان انسان کي مٽيءَ جي سَتَ (خمير ٽيل گاري) مان پيدا ڪيو. (يعني پهريائين پهريائين انسان مٽيءَ مان پيدا ڪيوسين.). (۱۳) پوءِ ان کي نطفو (يعني منيءَ جو ڦڙو) بنايوسين، هڪ اهڙيءَ جاءِ ۾ جتي قرار وٺي ۽ جمي بيهي. (۱٤) پوءِ نطفي کي اسان علقہ بنايو. پوءِ علقہ کي هڪ گوشت جي ٽڪري جهڙو ڪري ڇڏيوسين، پوءِ ان ۾ هڏين جو پنجرو پيدا ڪيوسين ۽ پوءِ ڏسو ته ڪهڙيءَ طرح ان کي بلڪل ٻيءَ طرح جي مخلوق بنائي ظاهر ڪيوسين. سو ڪهڙو نه برڪتن وارو الله آهي جو سڀني کان بهتر پيدا ڪرڻ وارو آهي. (۱۵) وري (ڏسو) انهيءَ پيدائش کان پوءِ سڀني کي ضرور مرڻو آهي. (۱٦) ۽ وري (مرڻ بعد) قيامت جي ڏينهن اوهان کي ضرور (زنده ڪري) اٿاريو ويندو. (۱۷) ۽ (ڏسو) اسان اوهان جي مٿان (سيارن جي گردش جا) ست رستا بنائي ڇڏيا آهن ۽ اسان (پنهنجي) مخلوق بابت ڪڏهن به غافل نه آهيون. (۱۸) ۽ اسان هڪ خاص اندازي سان آسمان مان پاڻي ٿا وسايون، ان کي (ضرورت موافق) زمين ۾ رهايون ٿا ۽ بيشڪ اسان کي اها قدرت آهي ته ان (پاڻيءَ) کي (جهڙيءَ طرح وسائي زمين تي آندوسين تهڙيءَ طرح ان کي) ڪٽي وڃون. (۱۹) وري انهيءَ ئي پاڻيءَ (جي ريج) سان توهان جي

لاءِ کجورن ۽ انگورن جا باغ پوکيون ٿا. انهن باغن ۾ توهان جي لاءِ گھٽائي ميوا پيدا ٿين ٿا، ۽ انهن مان کي اوهان کائو ٿا. (۲۰) ۽ اهو وڻ (به پيدا ٿئي ٿو) جو طور سينا ۾ ٿيندو آهي، (يعني زيتون جو وڻ) ۽ جو تيل يا سٽپ پيدا ڪري ٿو، جنهن سان کائڻ وارن لاءِ سٺو پوڙ تيار ٿئي ٿو. (۲۱) ۽ (ڏسو) توهان جي لاءِ چوپاين جانورن (جي خلقت) ۾ به وڏي عبرت آهي. جيڪي هنن جي پيٽ ۾ آهي (يعني گاھ وغيره جو اتي ڳري ٿو) تنهن مان توهان جي لاءِ پيئڻ جي (مزيدار) شيءِ (يعني کير) پيدا ڪيون ٿا ۽ اوهان جي لاءِ انهن ۾ ٻيا به طرحين طرحين جا فائدا رکيل آهن، انهن مان ڪن جو گوشت اوهان کائو ٿا. (۲۲) ۽ توهان (خشڪيءَ ۾) انهن تي سواري ڪيو ٿا ۽ (سمنڊ ۾) جهازن تي به سوار ٿيو ٿا.

رکوع ۲ آيت ۲۳ ـ تا ـ ۳۲

حضرت نوح عليه السلام جو ذڪر ۽ پوين پيغمبرن جي تعليم

(۲۳) ۽ هيءَ حقيقت آهي ته اسان نوح کي سندس قوم جي طرف (هدايت لاءِ) موڪليو هو. هن کين چيو هو ته، اي منهنجي قوم جا ماڻهو! الله جي بانهپ ڪيو. کانئس سواءِ اوهان جو ڪوبه معبود ڪونهي. پوءِ ڇا توهان (بدعملن جي نتيجن کان) نٿا ڊڄو؟ (۲٤) سندس قوم جي جن سردارن ڪفر جي وات اختيار ڪئي هئي تن اهو ٻڌي (ماڻهن کي) چيو ته، هيءُ ماڻهو (حضرت نوح) سواءِ هن جي ٻيو ڇا آهي ته توهان جهڙو هڪ ماڻهو آهي. هو چاهي ٿو ته توهان کي ڏيکاري ته مان اوهان کان وڏو ۽ افضل آهيان. جيڪڏهن الله تعاليٰ (ڪو پيغمبر موڪلڻ) چاهي ها ته ڪنهن فرشتي کي نه موڪلي ها؟ (هو اسان جهڙي هڪڙي ماڻهوءَ کي ڇو پيغمبر ڪري موڪلي ها) اسان پنهنجي اڳوڻن وڏن کان ته ڪابه اهڙي ڳالهه ڪڏهن به ڪانه ٻڌي. (۲۵) هو ڪجهه به ناهي سواءِ هن جي ته هو هڪ انسان آهي، جو متوالو ٿي پيو آهي. تنهن ڪري (سندس ڳالهين ٿي ڪن نه ڏيو) ڪجهه ڏينهن انتظار ڪيو (۽ ڏسو سندس پڇاڙي ڪهڙي ٿي ٿئي). (۲٦) تنهن تي حضرت نوح دعا گهري ته اي منهنجا رب! هنن ماڻهن مونکي ڪوڙو سمجهي مڃڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو آهي. سو هاڻي تون منهنجي مدد ڪر. (۲۷) پوءِ اسان نوح ڏي وحي موڪليو ته اسان جي نظرداريءَ هيٺ ۽ اسان جي وحي موجب هڪ ٻيڙي ٺاهه. پوءِ جڏهن اسان جي حڪم جو وقت اچي وڃي ۽ تنور جا شعلا ٻڙڪي اٿن (يعني انڪار ڪندڙن تي عذاب جو وقت اچي وڃي) تڏهن تون هر هڪ جانورن جا به جوڙا ٻيڙيءَ ۾ پاڻ سان کڻجانءِ ۽ پنهنجي گهر وارن کي به. پر گهر جي اهڙن ماڻهن کي نه کڻندين جن جي لاءِ (ٻڏڻ جو) فيصلو اڳي ئي ٿي چڪو آهي. جن ماڻهن ظلم ڪيو آهي تن جي لاءِ اسان وٽ ڪوبه عرض ۽ التجا نه ڪجانءِ. اهي ضرور غرق ٿيندا. (۲۸) ۽ جڏهن تون پنهنجي ساٿين سان ٻيڙيءَ ۾ سوار ٿئين تڏهن تنهنجي زبان تي هي ڪلمون جاري هجي ته سڀ ساراهون الله جي لاءِ آهن جنهن اسان کي ظالم قوم کان نجات ڏني. (۲۹) ۽ پڙ هي

دعا ۾ گھرجانءِ تہ، اي منهنجا رب! مون کي (پيڙيءَ مان) زمين تي اهڙيءَ طرح لاهجانءِ جو برڪت جو لهڻ هجي، ۽ تون ئي سڀني کان بهتر جاءِ ڏيڻ وارو آهي. (۳۰) بيشڪ هن واقعي ۾ (سمجهه وارن لاءِ) وڏيون نشانيون آهن، ۽ پڻ هي (حڪمت رکيل آهي) تہ هتي ضرور ائين ٿئي ٿو تہ اسان ماڻهن کي آزمائش ۾ وجهون. (۳۱) پوءِ اسان نوح جي قوم بعد قومن جو هڪ ٻيو دور پيدا ڪيو. (۳۲) انهن ڏي ۾ اسان پنهنجو رسول موڪليو جيڪو خود انهن مان ئي هو. (انهيءَ جي تعليم ۾ اهائي هئي تہ) فقط الله جي بانهپ ڪيو. ڪائنس سواءِ اوهان جو ٻيو ڪوبہ معبود ڪونهي. ڇا توهان (انڪار ۽ فساد جي بڇڙن نتيجن کان) ڊجو ئي نٿا؟

رکوع ۳ آيت ۳۳ ـ تا ـ ۵۰

حضرت نوح عليہ السلام کان پوءِ ۽ حضرت موسيٰ عليہ السلام کان اڳي جيڪي نبي گذريا تن جو ذڪر.

(۳۳) سندس قوم جي جن سردارن ڪفر جي واٽ ورتي هئي ۽ آخرت جي پيش اچڻ جا منڪر هئا ۽ جن کي اسان دنيا جي زندگيءَ ۾ آسودگي ڏني هئي سي (ماڻهن کي) چوڻ لڳا تہ هي (حضرت هود) تہ ڪجهہ ۾ ناهي سواءِ هن جي تہ اوهان جهڙو ماڻهو آهي. جيڪي توهان ٿا کائو سوئي هوبہ ٿو کائي ۽ جيڪي توهان پيئو ٿا سو ئي هوبہ پيئي ٿو. (۳٤) جيڪڏهن توهان پاڻ جهڙي هڪڙي ماڻهوءَ جي فرمانبرداري ڪندؤ تہ پوءِ يقين ڄاڻو تہ تباهہ ٿي ويندؤ. (۳۵) هو چوي ڇا ٿو؟ هو توهان کي اهو (اجايو) واعدو ٿو ٻڌائي تہ جڏهن مرڻ بعد مٽي ۽ هڏين جو چورو ٿي ويندؤ تڏهن وري توهان کي موت کان ٻاهر (جيئرو ڪري) ڪڍيو ويندو. (۳٦) ڪهڙي نہ اڻ ٽيڻ جهڙي ڳالهہ آهي! جنهن جو اوهان کي واعدو ڏنو وڃي ٿو. (ڀلا ٻيهر جيئرو ڪيئن ٿي سگهبو!) (۳۷) زندگي تہ بس اهائي آهي جا دنيا ۾ اسان پوري ڪيون ٿا. هتي ئي مرون ٿا ۽ هتي ئي جيئڻو آهي. ائين ڪڏهن ۾ ٽيڻو ناهي تہ مري پوءِ وري جيئرا ٿي اٿون. (۳۸) ڪجهہ ناهي. هي ماڻهو ڪوڙا ٺاهہ ٺاهيندڙ آهي، جنهن الله تي ڪٽي ڪوڙ مڙهيو آهي. (تہ الله هيئن ٿو فرمائي هونئن ٿو فرمائي) اسان تہ ڪڏهن ۾ هن تي ايمان ڪونہ آڻيندا سين. (۳۹) (تنهن تي انهيءَ رسول حضرت هود) دعا گهري تہ اي منهنجا رب! هنن ماڻهن مون کي ڪوڙو ٺهرايو آهي، پوءِ تون منهنجي مدد ڪر. (٤۰) (الله جو) حڪم آيو تہ جلد (هيئن ٽيندو جو) هي ماڻهو پنهنجي ڪيل عملن متعلق پشيمان ۽ شرمسار ٽيندا. (٤۱) پوءِ (ٽيو ۾ ائين جو) في الحقيقت هڪ هيبتناڪ آواز اچي مٿن ڪڙڪيو، ۽ اسان هنن کي پائمال ڪري ڪکن پنن جهڙو ڪري ڇڏيو. سو محرومي ۽ بربادي هجي انهن ماڻهن لاءِ جيڪي ظلم ڪندڙ هجن! (٤۲) پوءِ انهن بعد اسان قومن جا ٻيا گهڻا دور پيدا ڪيا. (٤۳)

کابہ قوم پنھنجي مقرر وقت کان نڪي اڳتي وڌي سگھي ٿي، نڪي پٺتي رهي سگھي ٿي. (سيني کي الاهي قانون موجب پنھنجو دور پورو ڪرڻو آهي.) (٤٤) پوءِ اسان ھڪ ٻئي پٺيان لڳاتار پنھنجا رسول موڪيا، پر جڏھن بہ ڪنھن قوم ۾ سندن رسول ظاهر ٿيو تڏھن ھڪدم اهي ماڻھو انڪار (۽ ڪوڙو ڏهرائڻ) تي ڪمر ڪشي ٻيھي رهيا. تنھن ڪري اسان بہ ڪين ھڪ ٻئي پٺيان تباھ ڪندا رهياسين، ۽ ھنن جون بستيون (روايت جو) افسانو بنجي ويون. سو انھن جي لاءِ محرومي ۽ نامرادي هجي جيڪي حق جي آيتن تي ايمان نٿا رکن. (٤٥) پوءِ اسان موسيٰ کي ۽ سندس ڀاءِ هارون کي پنھنجون نشانيون ۽ ڇٽا دليل ڏنا. (٤٦) ۽ ڪين فرعون ۽ سندس سردارن ڏانھن موڪليو. پر ھنن تڪبر ڪيو. اھو ھٹيلن سرڪشن جو ٽولو ھو. (٤٧) ھو (پاڻ ۾) چوڻ لڳا تہ، ڇا اسان پاڻ جھڙن ٻن ماڻھن تي ايمان آڻيون. حالانڪ ھنن جي قوم (يعني بني اسرائيل) اسان جي اڳيان جھڪيل آھن ۽ ھو اسان جا ٻانھا آھن. (٤٨) پوءِ ھنن موسيٰ ۽ هارون کي ڪوڙو ڏهرائي ڪين مڃڻ کان انڪار ڪيو. نتيجو هي نڪتو جو تباھ ٿيڻ وارن منجھان ٿيا. (٤٩) ۽ هيءَ بہ حقيقت آهي تہ اسان (انهيءَ واقعي بعد) موسيٰ کي الڪتاب (يعني تورات) ڏنو ھو، انهيءَ لاءِ تہ ماڻھو هدايت وٺن. (٥٠) ۽ (اھڙيءَ طرح) ابن مريم (يعني حضرت عيسيٰ) ۽ سندس والده کي اسان (پنھنجي سچائيءَ جي) ھڪ وڏي نشاني بنايو. ۽ انھن کي ھڪ اوچي مٿاھين جاءِ ۾ پناھ ڏني جا رهڻ جي لائق، سرسبز ۽ آباد ھئي.

رکوع ٤ آيت ٥١ ـ تا ـ ٧٧

نبين جي تعليم. انڪار ڪندڙن جي ڏهنيت ۽ نتيجا، مؤمنن جي ڏهنيت ۽ نتيجا

(٥١) اي پيغمبر! پاڪ شيون کائو ۽ چڱا عمل ڪيو. توهان جيڪي بہ ڪيو تا سو مون کان ڳجھو ناهي. (٥٢) ۽ بيشڪ هي اوهان جي امت ھڪ ئي امت آهي، ۽ اوهان سيني جو پروردگار مان ئي آهيان. پوءِ (انڪار ۽ بدعمليءَ جي نتيجن کان) ڊجو. (٥٣) پر (فسوس) ماڻھو ھڪ ٻئي کان ڇڇي جدا جدا ٿي ويا ۽ پنھنجا جدا جدا فرقا ٺاهيائون. هاڻي جيڪي جنھن جي پلوَ ۾ آهي سو انهيءَ ۾ مگن ۽ خوش آهي. (٥٤) پوءِ (اي پيغمبر!) تون ھنن (منڪرن) کي سندن غفلت، جاهليت ۽ بدمستيءَ ۾ رهڻ ڏي، ھڪ مقرر وقت تائين (اهي ماڻھو انهيءَ حالت ۾ رهندا. پوءِ فيصلو ٿيندو جيئن هميشہ ٿيندو رهيو آهي.) (٥٥) هي ماڻھو هيئن ٿا سمجھن ڇا؟ تہ اسان کين مال ۽ اولاد (جي گھٽائيءَ) سان سندن امداد ڪري رهيا آهيون تہ، (٥٦) ھنن لاءِ چڱايون ۽ نعمتون ڪرڻ ۾ سرگرم رهون؟ بلڪل نہ! (حقيقت بلڪل ٻيءَ طرح آهي پر) ھنن کي ان جي سمجھ ڪانهي. (٥٧) (پر) جيڪي ماڻھو پنھنجي پروردگار جي خوف ۾ ڊجندا رهن ٿا. (٥٨) ۽ جيڪي پنھنجي پروردگار جي نشانين تي ايمان آڻين ٿا. (٥٩) ۽ جيڪي پنھنجي پروردگار سان ڪنھن کي بہ

شريڪ نٿا ڪن. (٦٠) ۽ جيڪي (خدا جي راهہ ۾) جيڪي ڏيئي سگهن ٿا سو وڏيءَ دل سان ڏين ٿا، ۽ (تنهن هوندي بہ) سندن دليون ڏڪنديون رهن ٿيون. (هن خيال کان) تہ نيٺ پنهنجي پروردگار جي حضور ۾ موٽڻو آهي. (متان اتي شرمسار ٿيڻو پوي.) (٦١) اهي ئي آهن جيڪي چگن ڪمن ڪرڻ ۾ تيز آهن. ۽ اهي ئي آهن جي (هن راهہ ۾) سيني کان اڳي نڪري وڃڻ وارا آهن. (٦٢) ۽ اسان ڪنهن بہ جان تي تڪليف يا ٻوجهہ يا ذميواري نٿا وجهون، پر فقط اوتري جيتري جي هن ۾ طاقت آهي. اسان وٽ (هنن سيني جي حالت ۽ طاقت بابت) لکيل ڪتاب آهي جو سچي حقيقت ٻڌائي ٿو. ڪنهن سان بہ بي انصافي هرگز ڪانہ ٿيندي. (٦٣) پر (اصل ڳالهہ هيءَ آهي تہ) هنن (منڪر) ماڻهن جو دليون هن حقيقت (جي سمجهڻ) کان غفلت ۽ بدمستيءَ ۾ پئجي ويون آهن. هنن جا ٻيا بہ (گهٽائي ٻڌڻا) عمل آهن جي هو هميشہ ڪندا رهن ٿا. (٦٤) (هو اهي بدعمل ڪندا رهندا) جيستائين (نتجين ظاهر ٿيڻ واري گهڙي اچي وڃي). ان وقت اسان انهن جي شاهوڪار ماڻهن کي عذاب جي پڪڙ ڪنداسين، پوءِ اوچتو ئي ڏسندؤ تہ (سرڪشي ۽ هٺ وڌائيءَ بدران) آه و زاري ڪرڻ لڳندا. (٦٥) هاڻي آه ۽ زاري نہ ڪيو (ان مان ڪهڙو فائدو؟) اوهان کي هاڻي اسان وٽان ڪابہ مدد ڪانہ ملندي. (٦٦) ڪنهن وقت اسان جون آيتون توهان جي اڳيان پڙهيون ويندیون هيون، پر توهان پٺئين پير پڇڻ لڳندا هئو. (٦٧) توهان ۾ انهن (جي ٻڌڻ) کان هٺ وڌائي پيدا ٿي ويندي هئي. توهان پنهنجي مجلسن جي ڳالهين ۾ انهن آيتن کي هڪڑو شغل بنائي انهن متعلق بيهودي بڪواس ڪندا هئو. (٦٨) پوءِ ڇا هو هن ڳالهہ تي (يعني قرآن مجيد تي) غور بہ نٿا ڪن؟ يا هنن جي اڳيان ڪا اهڙي نئين عجيب ڳالهہ آئي آهي ڇا جا ڪائنڪ اڳي سندن وڏن ڏي ڪانہ آئي هئي؟ (٦٩) يا هي ماڻهو پهنجي رسول کي سچاڻي نہ سگهيا ڇا جنهن ڪري منڪر ٿي ويا؟ (٧٠) يا اهي ماڻهو هيئن ٿا چون ڇا تہ هن کي چرپائي اچي ويئي آهي (۽ ديوانو ٿي پيو آهي؟) نہ، بلڪل نہ. (انهن مان ڪابہ ڳالهہ ٿي نٿي سگهي) الله تعاليٰ جو رسول انهن ڏي حق سان آيو آهي. پر هنن مان گهڻن جو حال اهڙو ٿي ويو آهي، جو سچائيءَ جو مڃڻ هنن کي وٺي ئي نٿو. (٧١) پر جيڪڏهن سچائي هنن جي خواهشن جي پيروي ڪري ها تہ پوءِ آسمان ۽ زمين ۽ اهي سڀ جي انهن ۾ آهن هڪدم بگڙجي درهم برهم ٿي وڃن ها. اسان تہ هنن جي لاءِ سندن نصيحت (۽ چڱائي) جي ڳالهہ کين ٻڌائي آهي، پر هنن پنهنجي نصيحت جي ڳالهہ کان منهن ڦيرائي ڇڏيو آهي. (٧٢) (اي پيغمبر!) هو هيئن ٿا سمجهن ڇا تہ تون ڪائنڪ مال ۽ دولت ٿو گهرين؟ تنهنجي لاءِ تہ تنهنجي پروردگار جو ڏنل مال ئي بهتر آهي (تون ڪيئن زر جو طالب ٿيندين) اهو پروردگار ئي سيني کان بهتر روزي ڏيندڙ آهي. (٧٣) هن ۾ شڪ ئي ڪونهي تہ تون يقيناً هنن کي (ڪاميابي ۽ سعادت جي) سڌي واٽ ڏانهن سڏي رهيو آهي. (٧٤) ۽ جيڪي ماڻهو آخرت تي ايمان نٿا رکن سي يقيناً رستو ڀلجي گمراهہ ٿي وبا آهن. (٧٥) ۽ جيڪڏهن اسان انهن تي (وڏيڪ) رحم ڪيون ۽ جيڪي ڏک هنن کي پهچندا رهن ٿا تن کي دور ڪري ڇڏيون

تہ (هو شڪرگذار رهندا چا؟ نہ) هو پنهنجي سرڪشيءِ ۾ ضد ڪري وڌندا رهندا ۽ گمراهيءَ ۾ پٽڪندا رهندا. (٧٦) ۽ (ڏسو) اسان هنن کي عذاب ۾ مبتلا ب ڪيو، تنهن هوندي ب هو پنهنجي پروردگار جي اڳيان نہ جهڪيا، نڪي نياز ۽ عاجزي ڪيائون. (٧٧) پوءِ جڏهن معاملو هن حد تائين پهچي ويندو جو اسان هنن تي تمام سخت عذاب جو دروازو کولي ڇڏيون تہ پوءِ ان وقت اوچتو حيران ۽ پريشان ٿي ويندا.

رکوع ۵ آيت ۷۸ ـ تا ـ ۸۲

فطرت تي غور ڪرڻ ۽ عقل هلائڻ. هڪ کان وڌيڪ خدا هجن ها تہ ڪائنات جو نظام درهم برهم ٿي وڃي ها.

(٧٨) ۽ (ڏسو) اهوئي آهي جنهن توهان جي (پڌڻ) لاءِ ڪن (ڏسڻ لاءِ) اکيون ۽ (سوچڻ سمجهڻ ۽ رحم ڏيکارڻ لاءِ) دليون پيدا ڪيون، پر ورلي ائين ٿئي ٿو جو توهان شڪر بجا آڻيو (۽ انهن کي ڪم آڻي علم، عقل ۽ نيڪ عملي ۾ واڌارو ڪريو). (٧٩) ۽ اهوئي آهي جنهن اوهان کي زمين تي هر طرف پکيڙي ڇڏيو آهي. (۽ گذران جا مختلف سامان پيدا ڪري ڏنا آهن) ، ۽ وري اهوئي آهي جنهن جي حضور ۾ گڏ ڪري آندا ويندؤ. (٨٠) ۽ اهوئي آهي جو جيئاري ٿو ۽ ماري ٿو. انهيءَ ئي جي ڪارفرمائي آهي جو رات ۽ ڏينهن هڪ بئي پٺيان ايندا رهن ٿا. چا توهان عقل نٿا هلايو؟ (٨١) نہ (عقل ڪان ڪم نٿا وٺن) هو اهائي ڳالهہ چون ٿا جا اڳيان (منڪر) چئي چڪا آهن. (٨٢) هو چون ٿا تہ جڏهن اسان مري ڪپي ويندا سين ۽ منٽي ۽ هڏين جو چورو ٿي ويندا سين تڏهن وري (ٻيهر) اٿاريا ويندا سين چا؟ (٨٣) اسان سان ۽ اسان کان اڳي اسان جي ابن ڏاڏن سان ب اهڙي ئي ڳالهہ جو واعدو ٿيندو آيو آهي. اهو ڪجهہ ب ناهي. اڳين زمانن جا خالي افسانا آهن. (٨٤) (اي پيغمبر!) تون انهن (منڪرن) کي چئو تہ، جيڪڏهن توهان کي ڪو علم آهي تہ پڌايو تہ زمين ۽ اهي سڀ خلقيل شيون جي ان ۾ آهن ڪنهن جون آهن ۽ ڪنهن جي لاءِ آهن. (٨٥) هو هڪدم چئي ڏيندا تہ الله جي لاءِ آهن، کين چئو تہ، پوءِ ٻلا چو نٿا غور ڪيو ۽ سمجهو؟ (٨٦) تون کانئن پڇ تہ اهو ڪير آهي جو ستن ئي آسمانن جو پروردگار آهي ۽ (جهان داري جي) عرش عظيم جو مالڪ آهي؟ (٨٧) هو هڪدم چئي ڏيندا تہ، اهو سڀ ڪجهہ الله جو ئي آهي، تون چئو تہ پوءِ توهان کي چا ٿي ويو آهي جو (شرڪ ۽ انڪار جي نتيجن کان) ڊجوئي نٿا؟ (٨٨) تون کانئن پڇ تہ، جيڪيڏهن توهان چاڻو ٿا تہ پڌايو تہ اهو ڪير آهي جنهن جي هٿ ۾ سيني شين جي بادشاهي آهي؟ ۽ هو سيني کي پناهہ ڏئي ٿو، ۽ کوبہ کونهي جو ان کان مٿي پناهہ ڏيڻ وارو هجي. (٨٩) هو هڪدم چئي ڏيندا تہ، اهي صفتون تہ الله جي لاءِ ئي آهن. تون چئو تہ، پوءِ هي چا آهي جو توهان جو عقل ئي مار جي ويو آهي. (٩٠) حقيقت هيءَ آهي تہ اسان هنن کي حق ۽ حقيقت

پڌائي ڇڏي آهي ۽ هي اُهي آهن جيڪي (پنهنجي انڪار ۽ ضد سبب) قطعي ڪوڙا آهن. (۹۱) نڪي الله تعاليٰ ڪنهن هستيءَ کي پنهنجو پٽ بنايو آهي، نڪي هن سان گڏ ڪو بہ ٻيو معبود ٿي سگهي ٿو. جيڪڏهن هجي ها تہ پوءِ هرهڪ معبود پنهنجي ٿي مخلوق جي فڪر ۾ رهي ها ۽ هرهڪ معبود ٻئي معبود تي چڙهائي ڪري ها. الله جي ذات انهن ڳالهين کان پاڪ آهي، جي ڳالهيون هي ماڻهو سندس باري ۾ بيان ڪن ٿا. (۹۲) هو غيب ۽ شهادت جو ڄاڻندڙ آهي، (يعني محسوسات ۽ غير محسوسات سڀ ڄاڻي ٿو) هنن ماڻهن جيڪي شرڪ جون ڳالهيون ٺاهيون آهن تن سيني کان الله تعاليٰ بالا (۽ پاڪ) آهي.

رڪوع ٦ آيت ۹۳ ـ تا ـ ۱۱۸

برائي کي برائيءَ سان نہ، پر سهڻائي ۽ حڪمت عملي سان دفع ڪريو.

(۹۳) (اي پيغمبر!) تون چئو تہ، اي منهنجا رب! جن ڳالهين جو تو واعدو ڪيو آهي تن جو ظهور جيڪڏهن منهنجي حياتيءَ ۾ ٿيڻو آهي تہ، (۹٤) اي منهنجا رب! مون کي انهيءَ ٽولي ۾ نہ رکجانءِ جو ظالم ٽولو آهي. (۹۵) ۽ اسان (يعني الله تعاليٰ) کي بيشڪ اها قدرت ۽ طاقت آهي جو جن ڳالهين جو هنن ماڻهن سان واعدو ڪيو اٿئون سي ڳالهيون (تنهنجي حياتيءَ ۾ ئي ظاهر ڪري) تو کي ڏيکاريون. (۹٦) (اي پيغمبر!) برائي کي (برائيءَ سان نہ پر) اهڙي طرز جي حڪمت عمليءَ سان دفع ڪر جا بهترين طرز هجي (يا معافي ڏيڻ سان يا ڪنهن ٻئي سهڻي طريقي سان). اسان انهن ڳالهين کان بي خبر نہ آهيون جي ڳالهيون هي ماڻهو تنهنجي متعلق چوندا رهن ٿا. (۹۷) ۽ (اسان جي حضور ۾) هيءَ دعا گهر تہ اي منهنجا رب! مان شيطاني وسوسن کان تنهنجي دامن ۾ پناهہ ٿو وٺان. (۹۸) ۽ اي منهنجا رب! مان هن ڳالهہ کان بہ (تنهنجي) پناهہ ٿو گهران تہ اهي وسوسا مون وٽ اچن (يعني التجا ٿو ڪريان تہ وسوسا مون وٽ اچن ئي نہ). (۹۹) (هنن منڪرن جو حال اهوئي رهندو) تان جو جڏهن هنن مان ڪنهن جي سر تي موت جي گهڙي اچي ويندي، تڏهن چوڻ لڳندو تہ، اي منهنجا رب! مونکي وري (دنيوي زندگيءَ ۾) موڪلِ. (۱۰۰) تہ زندگيءَ جا جيڪي موقعا مون ضايع ڪري ڇڏيا (تن جي تلافي ڪري) شايد (هن دفعي) ڇگا ڪم ڪيان. (حڪم ٿيندو تہ) هرگز نہ! اها رڳو چوڻ جي ڳالهہ آهي، جا هو چئي رهيو آهي (هاڻي اٿين ٿيڻو ئي ناهي) انهن ماڻهن جي (مرڻ) پٺيان هڪ آڙ آهي جا انهيءَ ڏينهن تائين رهندي، جنهن ڏينهن (ٻيهر) اٿاريا ويندا. (۱۰۱) پوءِ جڏهن اها گهڙي اچي ويندي جڏهن تو تاري وڇائي ويندي، (يعني سيني انسانن کي وري اٿاري گڏ ڪرڻ جو حڪم ٿيندو) تڏهن نڪي انهن ماڻهن جون هڪ ٻئي سان مائٽيون باقي رهنديون نڪي کو ڪنهن ٻئي کان ڪجهہ پڇندو. (هرڪو پنهنجي حالت ۾ پريشان رهندو.) (۱۰۲) انهيءَ ڏينهن جن ماڻهن (جي نيڪ عملن) جو پڙ ڳورو ٿيندو سي ئي ڪامياب ۽ بامراد رهندا. (۱۰۳)

۽ جن جو پُڙ هلکو ٿيندو سي ئي آهن جن پاڻ کي پاڻ برباديءَ ۾ وڌو آهي. اهي هميشہ جهنم ۾ رهڻ وارا آهن. (۱۰٤) باهہ جا شعلا هنن جي چهرن کي ساڙيندا، ۽ هو ان ۾ منهن بگاڙي پيا هوندا. (۱۰۵) (کين چيو ويندو ته) ڇا ائين نہ ٿي چکو آهي ته منهنجون آيتون اوهان کي پڙهي ٻڌايون ويندیون هيون ۽ اوهان انهن کي کوڙيون کوڙي رد کندا هئو؟ (۱۰٦) هو چوندا ته، اي اسان جا رب! اسان جي بدبختي اسان تي چانئجي ويئي، ۽ اسان جو ٽولو گمراهن جو ٽولو هو. (۱۰۷) اي اسان جا پرورگار! هاڻي اسان کي هن حالت مان ٻاهر ڪڍ. جيڪڏهن اسان وري اهڙي گمراهيءَ ۾ پئون ته پوءِ بيشڪ اسان نافرمان ظالم هونداسين. (۱۰۸) الله تعاليٰ فرمائيندو ته، جهنم ۾ پئو، ۽ زبان نہ کوليو. (۱۰۹) اسان جي بندن مان هڪ جماعت اهڙي ہہ هئي جا چوندي هئي ته، اي اسان جا رب! اسان ايمان آندو آهي، پوءِ اسان کي بخش، ۽ اسان تي رحم ڪر، تو کان بهتر رحم ڪندڙ ڪوبہ ڪونهي. (۱۱۰) پر توهان هنن کي پنهنجي کل مسخريءَ جو مشغلو بنايو هو، ايتري قدر جو انهيءَ مشغلي جي ڪري توهان مون کي ئي وساري ڇڏيو. توهان انهن ماڻهن جي ڳالهين تي ڪلون کندا هئو. (۱۱۱) اڄ ڏسو اسان انهن (مؤمنن) کي سندن صبر ۽ استقلال جو بدلو ڏنو آهي. اهي ئي آهن جيکي فيروزمند آهن (۽ دائمي سعادت حاصل ڪئي اٿن.) (۱۱۲) هنن کان پڇيو ويندو ته خبر اٿوَ ته زمين تي ڪيترا سال رهيوَ؟ (۱۱۳) هو چوندا ته، بس رڳو هڪ ڏينهن يا هڪ ڏينهن جو ہہ ڪو حصو رهياسين (اسان پوري وقت جو اندازو ڪري نٿا سگهون) انهن کان پڇو جيڪي ڳڻيندا رهيا آهن. (۱۱٤) انهن کي چيو ويندو ته ها، توهان جي زمين تي رهڻ هن کان سواءِ ڪجهہ ہہ نہ هو ته تمام ٿورڙي وقت جو رهڻ هو، ڏاڍو چڱو ٿئي ها جيڪڏهن توهان اها ڳالهہ (اڳي دنيا ۾) ڄاڻو ۽ سمجهو ها. (۱۱۵) ڇا توهان هن خيال ۾ آهيو ته اسان توهان کي اجايو پيدا ڪيو آهي، ۽ توهان اسان جي طرف موٽڻا نہ آهيو؟(۱۱٦) الله تعاليٰ جيڪو حقيقي بادشاهہ آهي سو اهڙو ڪم ڪرڻ کان پاڪ ۽ بلند ۽ بالا آهي (يعني ماڻهن کي اجايو پيدا ڇو ڪندو؟) اهو الله جنهن جي ذات کان سواءِ ڪوبہ ٻيو معبود ڪونهي، هو جهانداريءَ جي شاندار تخت جو مالڪ آهي. (۱۱۷) ۽ جيڪو الله کان سواءِ ڪنهن ٻئي (هٿرادو گهڙيل) معبود کي پڪاري ٿو تنهن وٽ ان لاءِ ڪوبہ دليل ڪونهي. سندس پروردگار جي حضور ۾ سندس حساب ٿيڻو آهي، يقيناً ڪفر ڪندڙ ڪڏهن ہہ ڪامياب نہ ٿيندا. (۱۱۸) ۽ (اي پيغمبر!) تون چئو ته، اي منهنجا رب! تون بخشي ڇڏ، رحم ڪر، تو کان وڌيڪ رحم ڪندڙ ڪوبہ ڪونهي.

سورت النور

بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي.

رڪوع ۱ آيت ۱ ـ تا ـ ۱۰

زانيءَ جي سزا. ڪنهن عورت تي زنا جي تهمت رکڻ متعلق حڪم

(۱) هيءَ هڪ سورت آهي جا اسان نازل ڪئي آهي، ۽ ان ۾ ڏنل حڪم اوهان تي فرض ڪيا ويا آهن، ۽ اسان ان ۾ چٽيون ۽ صاف صاف نشانيون ۽ حڪم نازل ڪيا آهن، انهيءَ لاءِ ته توهان نصيحت وٺو (۽ انهن تي عمل ڪيو.) (۲) زنا ڪندڙ عورت ۽ زنا ڪندڙ مرد (پنهي مان) هرهڪ کي سؤ سؤ ڦٽڪا هڻو. جيڪڏهن توهان الله تي ۽ آخرت جي ڏينهن تي ايمان ٿا رکو ته (ائين ضرور ڪيو) ۽ الله جي دين جي معاملي ۾ انهن پنهي سان رعايت هرگز نه ڪرڻ گهرجي. ۽ پنهي جي سزا مسلمانن جي هڪ جماعت (اکين سان) ڏسي (۽ عبرت وٺي). (۳) زاني مرد ، زاني عورت يا مشرڪياڻي عورت کان سواءِ پي ڪنهن به عورت سان شادي ڪري نٿو سگهي ۽ زاني عورت سان سواءِ زاني يا مشرڪ مرد جي پيو ڪوبه نڪاح ڪري نٿو سگهي. مسلمانن لاءِ ائين ڪرڻ حرام ٺهرايو ويو آهي. (زاني عورت سان نڪاح ناجائز آهي ۽ زاني مرد کي سگ ڏيڻ به ناجائز آهي.) (٤) ۽ انهن ماڻهن کي، جيڪي پاڪدامن عورتن تي (زنا جي) تهمت لڳائين، ۽ وري چار شاهد به پيش ڪري نه سگهن، (تن کي) اسي اسي ڦٽڪا هڻو، ۽ (پوءِ) آئيندہ لاءِ انهن جي شاهدي ڪڏهن به قبول نه ڪيو. اهي ماڻهو فاسق بدڪار (خدا جا نافرمان) آهن. (۵) پر اهي ماڻهو جيڪي ان کان پوءِ (يعني ڪوڙي تهمت لڳائڻ کان پوءِ) توبہ ڪن ۽ پنهنجا عمل سڌارين ۽ درست ڪن ته پوءِ الله تعاليٰ بخشيندڙ ۽ رحم ڪندڙ آهي. (٦) ۽ جيڪي ماڻهو پنهنجي (نڪاح ٻڌل) زالن تي زنا جي تهمت لڳائين ۽ پاڻ کان سواءِ پيو ڪوبہ شاهد ڪونہ هجي، ته پوءِ هرهڪ جي شاهدي هيءَ آهي ته پهريائين چار ڀيرا خدا جو قسم کٽي چوي ته، بيشڪ مان پنهنجي دعويٰ ۾ سچو آهيان (۽ سچ ٿو چوان ته منهنجي زال زنا ڪئي آهي.) (۷) ۽ پنجين ڀيري هيئن چوي ته، جيڪڏهن مان ڪوڙ ٿو ڳالهايان (۽ ڪوڙي تهمت ٿو رکان) ته مون تي الله جي لعنت هجي. (۸ ۽ ۹) ۽ پر جيڪڏهن (اها) عورت به پهريان چار ڀيرا خدا جو قسم کٽي چوي ته هي شخص (يعني منهنجو مڙس) سراسر ڪوڙو آهي ۽ پنجين ڀيري چوي ته، جيڪڏهن هو سچو آهي ته مون تي الله جو غضب پوي ته پوءِ انهيءَ عورت تان (سندس صفائي واري) اها شاهدي سزا (کي) ٽاري ڇڏيندي. (۱۰) ۽ جيڪڏهن توهان تي الله جو فضل ۽ رحمت نه هجي ها (ته توهان جي گهرن ۾ فساد ۽ بگاڙ ئي بگاڙ و هجي ها) بيشڪ الله تعاليٰ رحمت جي موت ڪندڙ ۽ وڏي حڪمت وارو آهي.

رکوع ۲ آيت ۱۱ ـ تا ـ ۲۰

حضرت عائشہ رضي الله عنها تي ڪوڙي تهمت تي وحي جو اچڻ، تهمت لڳائيندڙ ڪي بنا ثابتيءَ جي سچو نہ سمجهو.

(۱۱) جن ماڻهن (حضرت عائشہ صديقہ تي) تهمت لڳائي سي ٻہ بيشڪ توهان مان ئي هڪ ٽولي آهن. توهان ان (تهمت واري واقعي) کي پنهنجي لاءِ خراب نہ سمجهيو، بلڪ ان ۾ اوهان جي لاءِ چگائي آهي. انهن مان هرهڪ شخص جنهن (انهيءَ تهمت پکيڑڻ ۾) حصو ورتو تنهن گناهہ جو ڪم ڪيو ۽ انهن مان جنهن (انهيءَ تهمت لڳائڻ ۽ پکيڑڻ ۾) وڏو حصو ورتو تنهن کي تمام وڏو سخت عذاب ٿيندو. (۱۲) جڏهن توهان اها (تهمت) ٻڌي هئي تڏهن مؤمن مردن ۽ مؤمن زالن پنهنجي دلين ۾ چو نہ نيڪ گمان آندو (۽ چو بدگمان ٿي هڪڙي خراب تهمت تي ڪٽي اعتبار ڪيائون ۽ هڪ ٻئي کي ٻڌايائون) ۽ چو نہ هڪدم چئي ڏنائون تہ هيءَ تہ چٽي چٽي ڪوڙي تهمت آهي. (۱۳) هنن پنهنجي ڳالهہ جي سچائيءَ جي ثابتيءَ لاءِ چو نہ چار شاهد آندا. پوءِ جنهن صورت ۾ هو شاهد نہ ڏئي سگهيا تنهن صورت ۾ الله تعاليٰ وٽ هو ئي ڪوڙا آهن. (۱٤) ۽ جيڪڏهن اوهان (مسلمانن) تي الله جو فضل ۽ دنيا ۽ آخرت ۾ سندس رحمت نہ هجي ها تہ توهان جيڪي (حضرت عائشہ جي تهمت پکيڑڻ ۾) ڪري چڪا آهيو تنهن لاءِ توهان تي سخت عذاب اچي ها. (۱۵) جڏهن توهان هن ڳالهہ متعلق پنهنجي زبان سان چوپچو ڪرڻ لڳؤ ۽ پنهنجي وات مان اهڙيون ڳالهيون ڪيڻ لڳؤ، جن جي توهان کي خبر ٻہ ڪانہ هئي، (تڏهن توهان کي شرم اچڻ گهرجو هو) پر توهان ان کي معمولي ۽ خسيس ڳالهہ سمجهيو هو. پر الله تعاليٰ جي نظر ۾ اها تمام وڏي ڳالهہ هئي. (۱٦) جڏهن توهان اها (تهمت) ٻڌي هئي تڏهن توهان چو نہ چئي ڏنو تہ، اسان جي لاءِ مناسب ناهي تہ اسان اهڙي ڳالهہ (رڳو) زبان مان ڪيون. سبحان الله! (پاڪ آهي الله تعاليٰ) هي تہ وڏو بهتان آهي، (ان وقت اهي لفظ چو نہ توهان چيا هئا). (۱۷) (ڏسو) الله تعالي! اوهان کي نصيحت ٿو ڪري تہ جيڪڏهن توهان مؤمن آهيو ۽ ايمان اٿوَ تہ وري ڪڏهن ٻہ ان جهڙي روش ۽ هلت نہ ونجو. (۱۸) ۽ الله تعاليٰ اوهان کي پنهنجا حڪم ڪولي ڪولي چٽا ڪري ٻڌائي رهيو آهي. ۽ الله تعاليٰ سڀ ڪجهہ) ڄاڻندڙ ۽ وڏي حڪمت وارو آهي. (۱۹) انهن ماڻهن لاءِ جيڪي چاهين ٿا تہ مسلمانن ۾ بي شرمي وڏي ۽ پکڙجي، (تن لاءِ) دنيا توڙي آخرت ۾ دردناڪ عذاب آهي. الله تعاليٰ سڀ ڪجهہ ڄاڻي ٿو، پر توهان ڪونہ ٿا ڄاڻو. (۲۰) ۽ جيڪڏهن اوهان تي الله جو فضل ۽ سندس رحمت نہ هجي ها (تہ توهان کي سخت ۾ سخت سزا ڏني وجي ها) پر بيشڪ خدا نهايت ئي مهربان ۽ رحم وارو آهي.

رکوع ۳ آيت ۲۱ ـ تا ـ ۲۹

حضرت عائشہ رضي الله عنها جي واقعي سان تعلق رکندڙ نصيحتون ۽ هدايتون

(۲۱) اي مؤمنؤ! شيطان جي نقش قدم تي نہ هلجو، (يعني سندس عملن جهڙا عمل نہ ڪجو) ۽

جيڪو بہ شيطان جي نقش قدم تي هلندو سو تہ ضرور فاحش ڪم ۽ گناهہ ڪرڻ جو ئي حڪم ڏيندو، ۽ جيڪڏهن اوهان تي الله جو فضل ۽ سندس رحمت نہ هجي ها تہ توهان مان هڪ بہ (انهيءَ گناهہ کان) پاڪ نہ هجي ها، پر خدا جنهن کي چاهي ٿو تنهن کي (سندس دل جو حال ڄاڻي سندس توبہ قبول ڪري) پاڪ ڪري ٿو ڇڏي ۽ الله تعاليٰ سڀ ڪجهہ ٻڌندڙ ۽ ڄاڻندڙ آهي. (٢٢) ۽ اوهان مان جيڪي فضل ۽ وسعت وارا آهن، تن کي گهرجي تہ اهو قسم نہ کڻن تہ اسان (فلاڻن) مائڻن، مسڪينن ۽ خدا جي راهہ ۾ هجرت ڪندڙن کي ڪجهہ بہ نہ ڏينداسين. کين گهرجي تہ (سندن قصور) معاف ڪري ڇڏين ۽ درگذر ڪن. ڇا توهان هي ڳالهہ پسند نٿا ڪيو تہ خدا اوهان کي بخشي ڇڏي ۽ (يادرکو تہ) الله تعاليٰ بخشيندڙ ۽ رحم ڪندڙ آهي. (٢٣) اهي ماڻهو جيڪي ڪن پاڪدامن معصوم ۽ بيخبر مؤمنياڻين تي تهمت لڳائين ٿا تن تي دنيا توڙي آخرت ۾ لعنت پوندي ۽ انهن کي سخت عذاب ٿيندو. (٢٤) انهيءَ ڏينهن سندن زبانون، سندن هٿ ۽ سندن پير بہ انهن جي خلاف شاهدي ڏيندا تہ هنن ڪڙا ڪڙا عمل ڪيا هئا. (٢٥) انهيءَ ڏينهن الله تعاليٰ هنن کي پورو پورو ۽ حق ۽ انصاف وارو بدلو ڏيندو. ۽ هنن کي معلوم ٿي ويندو تہ بيشڪ الله ئي آهي جو سچو آهي، ۽ هرهڪ ڳالهہ کي ظاهر ڪندڙ آهي. (٢٦) گنديون عورتون گندن مردن لاءِ آهن ۽ گندا مرد گندين عورتن لاءِ آهن ۽ پاڪ عورتون پاڪ مردن لاءِ ۽ پاڪ مرد پاڪ عورتن لاءِ آهن. اهي ماڻهو (يعني پاڪ مرد ۽ پاڪ عورتون) انهن (شريرن) جي ڳالهين کان بلڪل آجا آهن، (يعني هو انهن تهمتن کان پاڪ آهن ۽ انهن جي تهمتن جي ڪري هنن کي ڪو نقصان ڪونہ رسندو) انهن جي لاءِ خدا جي بخشش ۽ عزت جي روزي آهي.

رڪوع ٤ آيت ٢٧ ـ تا ـ ٣٤

بنا اجازت پرائي گهر ۾ گهڙڻ کان منع. ڏاريا مرد ۽ عورتون اکيون هيٺ رکن

(٢٧) اي مؤمنؤ! پنهنجي گهرن کان سواءِ ٻين جي گهرن ۾ بنا اجازت جي ۽ بنا السلام عليڪم چوڻ جي نہ گهڙو. ائين ڪرڻ (يعني سلام ورائڻ ۽ اجازت گهرڻ) توهان جي لاءِ ئي تمام چڱو آهي، عجب ناهي ۽ ممڪن آهي تہ توهان (ان حڪم جي بجا آوري ڪرڻ سان) هدايت واري وات وٺندؤ (۽ خراب خيالن کان بچندؤ). (٢٨) جيڪڏهن سمجهو تہ گهر ۾ ڪوبہ ڪونهي تہ بہ جيستائين اجازت نہ ملي تيستائين گهر ۾ اندر نہ وڃو. ۽ جيڪڏهن توهان کي چيو وڃي تہ، موٽي وڃو تہ (بلڪل رنج نہ ٿيو، خوشيءِ سان) واپس هليا وڃو. اها ڳالهہ توهان جي ئي لاءِ بهتر آهي. ۽ (يادرکو تہ) جيڪي جيڪي توهان ڪيو ٿا سڀ خدا کي خبر آهي. (٢٩) (پر) هن ڳالهہ ۾ گناهہ ڪونهي تہ اهڙن گهرن ۾ هليا وڃو جن ۾ ماڻهو رهندڙ ڪونہ آهن ۽ انهن ۾ توهان جو ڪو مال اسباب آهي (پر يادرکو تہ) الله تعاليٰ سڀ ڪجهہ (اوهان جي دل جي حالت بہ) ڄاڻي ٿو، جيڪي توهان ڪليو ڪلايو ظاهر ٿا ڪيو سو بہ ڄاڻي ٿو ۽ جيڪي لڪايو ٿا سوبہ ڄاڻي ٿو. (٣٠)

مؤمن مردن کي چئو تہ، هو پنهنجون اکيون (پرائي عورتن جي سامهون اچڻ وقت) هيٺ ڪري ڇڏين ۽ پنهنجي شرمگاهن جي حفاظت ڪن (يعني اوگهڙ ڏکين ۽ لڄ ۽ پاکدامني رکن) اها ڳالهہ هنن جي لاءِ پاکائيءَ واري آهي، (يعني بدخيالن کان پاڪ رکندي. ياد رکو تہ) توهان جيڪي بہ ڪيو ٿا تنهن جي الله تعاليٰ کي پوري پوري خبر پوي ٿي. (٣١) ۽ مؤمن عورتن کي بہ چئو تہ، هو بہ پنهنجون اکيون هيٺ رکن (جڏهن ڪو ڏاريو مرد سامهون ايندڙ هجي) ۽ پنهنجي لڄ ۽ شرم جي حفاظت ڪن ۽ پنهنجي سونهن ۽ هار سينگار (ڏارين جي اڳيان) ظاهر نہ ڪن، سواءِ ان جي جيڪي (رواجي طرح) ان مان ٻاهر رهندڙ آهي ۽ هيٺين (ڏکر ڪيل) ماڻهن کان سواءِ پين جي اڳيان پنهنجي سونهن ۽ هار سينگار ظاهر نہ ڪن، سندن مڙس يا پيءُ، يا سهرو، يا سندن پٽ، يا سندن ٻانهيون، يا اهي خادم جيڪي انهيءَ خواهش کان گذر ڪري چڪا هجن يا اهي ٻار يا چوکر جن کي اڃا عورتن جي پردي جي ڳالهين جي ڪابہ خبر ڪانهي، (انهن جي اڳيان عورتون پنهجي زينت ظاهر ڪن تہ گناهہ ڪونهي) ۽ عورتن کي گهرجي تہ (گهمڻ وقت) پنهنجا پير زمين تي اهڙو زور سان نہ هڻن جو هنن جي لڪل زيورن جو چمڪو پڌڻ ۾ اچي. ۽ اي مؤمنؤ! (مڪيہ ڳالهہ هي اٿؤ تہ) توهان سڀ خدا ڏي موٽو (پيا خيال ڇڏي الله جي حڪمن موجب هلو) تہ توهان هر طرح جي بهبودي ۽ بهتري حاصل ڪيو. (٣٢) ۽ اوهان ۾ جيڪي بہ اڻ پرٽيل عورتون هجن، (ڪنواريون توڙي بيوهہ توڙي طلاق ڏنل) تن جو نڪاح ڪندا ڪريو ۽ پنهنجي نيڪ ٻانهن ۽ ٻانهين جو بہ نڪاح ڪندا ڪريو. (يعني انهن سان پرٽجو يا انهن کي پرٽايو) جيڪڏهن اهي مسڪين هوندیون تہ الله تعاليٰ پنهنجي فضل سان هنن کي خوشحال ڪري ڇڏيندو ۽ الله تعاليٰ وسعت رکندڙ ۽ سيني کي وسعت ڏيندڙ آهي ۽ سڀ ڪجهہ ڄاڻندڙ آهي. (٣٣) ۽ جن ماڻهن کي نڪاح جي لاءِ طاقت ڪانهي سي پاڻ تي ضابطو رکن (۽ پاڪ دامن رهن) جيستائين ڪ الله تعاليٰ پنهنجي فضل سان کين آسودو ڪري ۽ جيڪي ٻانها توهان کان دستاويز لکائي وٺڻ چاهين (تہ هيترا پئسا ڪمائي ڪرڻ يا هيترو ڪم ڪرڻ بعد آزادي ملندي) تہ انهن کي اهڙو دستاويز لکي ڏيو، جيڪڏهن توهان هنن ۾ ڪجهہ نيڪي ۽ صلاحيت معلوم ڪيو ۽ جيڪو مال الله تعاليٰ اوهان کي ڏنو آهي، تنهن مان انهن کي بہ ڪجهہ ڏيو ۽ پنهنجي ٻانهين کي دنيوي زندگي جي فائدن حاصل ڪرڻ لاءِ زنا ڪاري ڪرڻ تي مجبور نہ ڪيو. جڏهن تہ هو پاڪ دامن رهڻ چاهين ٿيون ۽ جيڪڏهن هنن کي ڪو ماڻهو (ڪسب ڪرڻ لاءِ) مجبور ڪندو تہ پوءِ هنن جي مجبوريءَ بيوسيءَ جي ڪري الله تعاليٰ (هنن کي بخشي ڇڏيندو، ڇو تہ هو) غفور ۽ رحيم آهي. (٣٤) ۽ هيءَ حقيقت آهي تہ اسان اوهان ڏي ڇٽا حڪم احڪام ۽ نشانيون موڪليون آهن ۽ انهن ماڻهن جا مثال (ڏنا آهن) جيڪي توهان کان اڳي ٿي گذريا آهن، ۽ (خدا کان) ڊڄندڙن لاءِ نصيحتون نازل ڪيون آهن.

رکوع ۵ آيت ۳۵ ـ تا ـ ۴۰

جيڪي الله جي حڪمن تي هلن ٿا، سي حقيقت پسي ٿا وڻن. جيڪي نٿا هلن، سي پڻڪن ٿا.

(۳۵) الله تعاليٰ آسمانن جو ۽ زمين جو نور آهي. سندس نور جو مثال ائين آهي جيئن هڪ جارو آهي، جنهن ۾ هڪ بتي رکي آهي ۽ بتي هڪ شيشي (چمني يا گلوب) جي اندر آهي. شيشو اهڙو ته (صاف) آهي جو جڙ ته هڪ چمڪندڙ تارو آهي. ان ۾ هڪ برڪت واري وڻ جو تيل ٻاريو وڃي ٿو، يعني زيتون جي وڻ جو جيڪو نڪي اوپر منهون آهي، (جو شام وقت سج جي روشنيءَ کان محروم هجي) نڪي اولهه منهون آهي (جو صبح جي وقت چوٽيءَ تي آهي) ان جو تيل (اهڙو ته چمڪندڙ آهي جو) جڙ ته خودبخود ٻرڻ تي آهي، اگرچه ان کي باهه نه چهي (الله تعاليٰ ۽ سندس حقائق ائين آهن جيئن) روشنيءَ مٿان روشني، الله تعاليٰ جنهن کي چاهي ٿو تنهن کي انهيءَ نور ۾ پهچائي ٿو ۽ ڏسو الله تعاليٰ ماڻهن جي لاءِ (کهڙا نه سهڻا ۽ چٽا) مثال ڏئي ٿو (۽ حقيقتون سمجهائي ٿو) ۽ (ياد رکو ته) الله تعاليٰ کي هر شيءِ ۽ هر ڳالهه جو علم آهي. (۳۶) (اها بتي خاص طرح ٻاري وڃي ٿي) انهن (پاڪ) گهرن ۾ جن متعلق الله تعاليٰ حڪم ڏنو آهي ته سندس نالو بلند ڪيو وڃي ۽ جن ۾ سندس ذڪر ڪيو وڃي ۽ جن ۾ ماڻهو صبح شام سندس پاڪائي بيان ڪن ٿا. (۳۷) اهي ماڻهو اهڙا آهن جو ڪين واپار ۽ ڏنڊا نڪي خدا جي يادگيريءَ کان غافل ٿا ڪري سگهن، نڪي نماز قائم ڪرڻ ۽ زڪوات ڏيڻ کان غافل ٿا ڪن. اهي انهيءَ ڏينهن کان ڊڄندا رهن ٿا جنهن ڏينهن دليون ۽ اکيون ابتيون ۽ اونڌيون ٿي ويندیون. (۳۸) (سندن سچائي جو نتيجو هي ٿيندو جو) جيڪي به (چگا) عمل هنن ڪيا آهن تن جو بهترين بدلو الله تعاليٰ کين ڏيندو، ۽ پنهنجي (خاص) فضل سا ڪجهه زياده به عنايت ڪندو ۽ الله تعاليٰ جنهن کي به چاهي ٿو تنهن کي بنا حساب گهڻو رزق عطا ڪري ٿو. (۳۹) ۽ اهي ماڻهو جن ڪفر جي روش ورتي آهي تن جا عمل انهيءَ رڄ وانگر آهن جا ڪنهن وارياسي بيابان ۾ هوندي آهي. اڃايل ماڻهو ان رڄ کي پاڻي ٿو سمجهي (۽ ان ڏي ڊوڙندو ٿو وڃي) تان جو جڏهن اتي پهچي ٿو تڏهن خبر پويس ٿي ته هتي ته ڪجهه به نه آهي ۽ هو الاهي قضا کي پاڻ وٽ ٿو ڏسي. سو خدا سندس (بد) عملن جو حساب پوريءَ طرح ڪري انهن جي بدلو ڪيس ڏئي ٿو ۽ (يقين ڄاڻو ته) الله تعاليٰ حساب وٺڻ ۾ بلڪل تکو آهي. (۴۰) يا اهي (پليل بدڪار ماڻهو) گويا هڪ تمام اونهي سمنڊ جي اوندهه ۾ آهن، جنهن تي لهرن مٿان لهرون چانڻجي ويون آهن ۽ انهن جي مٿان وري ڪڪر آهن، يعني اوندهه مٿان اوندهه جا طبقا چڙهيل آهن. (ايتري قدر جو) جيڪڏهن ڪو ماڻهو پنهنجو هٿ ٻاهر ڪڍي ته ان کي به ڏسي نه سگهي. (هيءَ حقيقت آهي ته) جنهن کي خدا (سندس جهل ۽ خود غرضيءَ سبب) روشني نه عطا ڪري تنهن جي لاءِ ڪابه روشني آهي ئي ڪانه.

رکوع ٦ آيت ٤١ ـ تا ـ ٥٠

دنيا جون سڀ شيون ۽ سڀ ساهوارا خدا جو شان ڳائي رهيا آهن.

(٤١) توهان ڏسو نٿا تہ جيڪي ب آسمانن ۾ آهن ۽ جيڪي ب زمين تي آهن سي سڀ الله تعاليٰ جو شان ۽ پاڪائي بيان ڪندا رهن ٿا ۽ پر ڪولي اڏامندڙ پکي ب (سندس شان ۽ پاڪائي بيان ڪندا رهن ٿا.) هرهڪ ڄاڻي ٿو تہ ڪيئن خدا جي عبادت ڪجي ۽ ڪيئن سندس شان ۽ پاڪائي بيان ڪجي ۽ جيڪي جيڪي هو ڪن ٿا سو الله تعاليٰ خوب ڄاڻي ٿو. (٤٢) ۽ آسمانن ۽ زمين جي بادشاهي فقط الله جي آهي. (ٻيو ڪو ب بادشاهہ ڪونهي) ۽ الله جي ئي طرف موٽي وڃڻو آهي.
(٤٣) توهان ڏسو نٿا ڇا تہ الله ئي ڪرن کي (هيڏي هوڏي) هلائي ٿو؟ وري انهن کي پاڻ ۾ ملائي گڏي ٿو ڇڏي. وري انهن کي هڪ ٻئي مٿان تہہ ڪري رکي ٿو. پوءِ توهان ڏسو ٿا تہ ان (ڇُهڙ) مان پاڻي نڪري وسڻ لڳي ٿو. ۽ ڪرن جي جبل جيڏن حصن مان ڳڙا وسائي ٿو. اهي ڳڙا جن تي وڻيس ٿو تن تي وسائي ٿو ۽ جن کان چاهي ٿو تن کان هٽائي پري ڪري ٿو ڇڏي. (ڏسو) ڪنوڻ جو چمڪو (ڪهڙو نہ تيز) آهي جو گويا اکين کي انڌو ڪري ٿو ڇڏي. (٤٤) اهو الله ئي آهي جو رات ۽ ڏينهن کي هڪ ٻئي پٺيان آڻيندو رهي ٿو. ان ڳالهہ ۾ اکين وارن لاءِ يعني عقل ۽ سمجهہ وارن لاءِ بيشڪ وڏي عبرت آهي. (٤٥) ۽ الله تعاليٰ هرهڪ (چرندڙ پرندڙ) جانور کي پاڻيءَ مان پيدا ڪيو آهي. انهن جانورن ۾ ڪي اهڙا آهن، جي پيٽ ڀر هلن ٿا ۽ ڪي اهڙا آهن جي ٻن پيرن تي هلن ٿا ۽ ڪي وري چئين پيرن تي هلن ٿا. الله تعاليٰ جيڪي ب چاهي ٿو سو پيدا ڪري ٿو. بيشڪ الله تعاليٰ هرهڪ شيءِ تي قادر آهي (يعني سڀ ڪجهہ پيدا ڪري ٿو سگهي ۽ سڀ ڪنهن کي هلائي ڇلائي سگهي ٿو ۽ سيني تي غالب آهي.). (٤٦) هيءَ حقيقت آهي تہ اسان ڇٽائي ڪندڙ صاف صاف حڪم نازل ڪيا آهن ۽ الله تعاليٰ جنهن کي چاهي ٿو تنهن کي سڌي واٽ ڏيکاري ٿو ۽ سڌيءَ واٽ تي هلائي ٿو. (٤٧) (ماڻهو) چون ٿا تہ اسان الله ۽ سندس رسول تي ايمان آندو آهي، ۽ اسان تابعدار ۽ فرمانبردار آهيون، پر ان بعد ڪي (منافقن جون) ٽوليون منهن ڦيرائي ٽيون ڇڏين. (سچ هي آهي تہ اصل کان) انهن ماڻهن ايمان آندو ئي ناهي. (٤٨) ۽ جڏهن هنن کي الله ۽ سندس رسول ڏانهن سڏيو وڃي ٿو، انهيءَ لاءِ تہ هنن جو فيصلو نبيري تڏهن هنن مان هڪڙي ڌر هڪدم ڦري وڃي ٿي (۽ اڇي فيصلي ڪرائڻ کان انڪار ڪري ٿي). (٤٩) پر جيڪڏهن هنن کي (فيصلي ۾) حق ملندو هجي (يعني جيڪڏهن هو حق تي آهن ۽ هنن کي انصاف جي فيصلي ۾ فائدو ملڻو آهي) تہ هو (خوشيءِ سان) الله جي رسول ڏي اطاعت ۽ تابعداري ڏيکاري هليا اچن ٿا. (پر جيڪڏهن هو حق تي ناهن ۽ سمجهن ٿا تہ انصاف جي فيصلي ۾ سندن نقصان آهي تہ پوءِ نٿا اچن). (٥٠) هنن جي دلين ۾ مرض آهي ڇا؟ يا هو شڪ شبهي ۾ ڦاٿل آهن ڇا؟ يا هو ڊجن ٿا ڇا تہ الله ۽ سندس رسول مٿن ظلم ڪندا؟ نہ نہ (اهي ڳالهيون ناهن) پر هو پاڻ ظالم آهن.

رکوع ۷ آيت ۵۱ ـ تا ـ ۵۷

مؤمنن جون صفتون ۽ انهن جا نتيجا، ڪافرن ۽ منافقن جون چالبازيون ۽ انهن جا برا نتيجا.

(۵۱) (مٿي بيان ڪيل ڪافرن جي ابتڙ) جڏهن مؤمنن کي الله ۽ سندس رسول ڏانهن سڏيو وڃي ٿو انهيءَ لاءِ تہ انهن جي وچ ۾ فيصلو ڪيو وڃي تڏهن هنن جو قول اهوئي هوندو آهي جو بي ڏڙڪ چئي ڏيندا آهن تہ اسان (دل و جان سان) ٻڌون ٿا ۽ اسان (پنهنجي عملن ۾) پوري پوري فرمانبرداري ڪيون ٿا. اهڙائي ماڻهو (دنيا ۽ آخرت جي) بهبودي ۽ بهتري ماڻيندا. (۵۲) ۽ جيڪو ٻہ الله ۽ سندس رسول جي فرمانبرداري ٿو ڪري ۽ الله (جي نافرمانيءَ جي نتيجن) کان ڈڄي ٿو ۽ (سندس ٻڌايل برن ڪمن کان) پرهيز ڪري ٿو سو اهڙا ماڻهو ئي آهن جيڪي ڪامياب ٿيندا ۽ چڱيون مرادون ماڻيندا. (۵۳) (اي پيغمبر! هي منافق ماڻهو تو وٽ اچي) الله جا وڏا وڏا سخت قسم کٽي چون ٿا تہ جيڪڏهن توهان اسان کي رڳو حڪم ڪيو تہ پوءِ اسان ضرور (جهاد لاءِ گهرن مان) نڪري پونداسين. انهن کي چئي ڏي تہ (سڪٽا) قسم نہ کڻو. (زباني ٽڪاون جي بدران اٿي عملن کي لڳو). سچي فرمانبرداري (عملن سان) سڃاتي وڃي ٿي. (يادرکو تہ الله تعاليٰ اوهان جا عمل ٿو ڏسي) توهان جيڪي ٻہ ڪيو ٿا تنهن جي الله تعاليٰ کي بيشڪ سڀ خبر آهي. (توهان جي دلين جو حال ٻہ ڪائنس لکل ناهي). (۵۴) ۽ (اي پيغمبر! تون) عام اعلان ڪر تہ (اي انسانو) الله ۽ سندس رسول جي فرمانبرداري ڪيو. توهان جيڪڏهن (ائين ڪرڻ کان) منهن موڙيندؤ تہ (توهان جو ئي نقصان آهي) منهنجي ذمي تہ رڳو (حڪم پهچائڻ جو) بار آهي ۽ توهان ئي پنهنجي (عملن جي) بار کڻڻ جا ذميوار آهيو ۽ جيڪڏهن توهان منهنجي فرمانبرداري ڪندؤ تہ (سچي) هدايت واري واٽ تي هوندؤ (۽ ڪامياب ٿيندؤ). ۽ رسول جي ذمي تہ ٻيو ڪجهہ ٻہ ناهي، سواءِ هن جي تہ هو حق جو پيغام چٽيءَ طرح (ماڻهن کي) پهچائي ڏئي. (۵۵) (انسانو! هيءَ ڳالهہ ٻڌو ۽ غور ڪيو) اوهان مان جيڪي ماڻهو ايمان آڻين ٿا ۽ نيڪ عمل ٻہ ڪن ٿا تن سان الله جو واعدو آهي تہ هو کين اهڙيءَ طرح دنيا ۾ حڪومت ۽ بادشاهي ڏيندو جهڙيءَ طرح اڳوڻن (مؤمنن ۽ صالح عمل ڪندڙن) کي حڪومت ڏني هٿائين ۽ جيڪو دين هن سندن لاءِ پسند ڪيو آهي تنهن کي سندن لاءِ پڪي پائي تي بيهاري زور وڌائيندو ۽ (هلندڙ وقت واري) خوف ۽ هراس کان پوءِ هنن (مسلمانن) لاءِ (اڳوڻي حالت) بدلائي امن ۽ امان واري حالت آڻيندو آهي. (مؤمن پوءِ ٻہ) منهنجي ٻانهپ ڪندا رهندا، ۽ مون سان ڪنهن ٻہ شيءِ کي شريڪ نہ ٺهرائيندا. پر جيڪي هن کن پوءِ ٻہ ڪفر جي واٽ وٺندا سي اهي ئي ماڻهو آهن جيڪي ليکو لنگهي بيهندڙ آهن (۽ تباهہ ٿيندا). (۵۶) ۽ (اي مسلمانو!) نماز قائم ڪيو ۽ زڪوات ادا ڪيو ۽ رسول جي فرمانبرداري ڪيو تہ توهان تي رحم ڪيو وڃي. (زباني مسلماني ۽ سڪٽو ايمان ڪم نہ ايندو). (۵۷) ائين متان سمجهو تہ جن ماڻهن ڪفر (۽ ظلم) جي واٽ ورتي آهي، سي ملڪ ۾ (الله تعاليٰ جي واعدي ۽ رٽن کي روڪي ڇڏيندا ۽) غالب

پوندا. سندن ٽڪاڻو (آخر دوزخ جي) باهه آهي جتي هو موتي ويندا، ۽ اها موٽ جي جاءِ ڪهڙي نه خراب هوندي.

رڪوع ٨ آيت ٥٧ ـ تا ـ ٦١

گهرن ۾ اچڻ وڃڻ ۽ ڪائڻ پيئڻ جي تهذيب متعلق خدا جا حُڪم

(٥٨) اي مؤمنؤ! توهان کي هن ڳالهه جو خيال رکڻ گهرجي ته اوهان جا ٻانها (۽) ٻانهيون جيڪي اوهان جي قبضي ۾ آهن (۽ نوڪر ۽ نوڪرياڻيون) ۽ ٻڍ اهي جيڪي بلوغت جي عمر کي نه پهتا آهن، (يعني ايجا ننڍا آهن) اهي سڀ توهان وٽ اچڻ ڏن وقتن تي پهريائين موڪل گهرن: (١) فجر جي نماز کان اڳي (٢) منجهند جو جڏهن توهان ڪپڑا لاهي (يا بدلائي) آرام ڪندا آهيو. (٣) سومهٽيءَ جي نماز کان پوءِ. اهي ٽي (اُهي) وقت آهن (جن ۾) توهان پوريءَ طرح پهريل نه هوندا آهيو (ٻيا ماڻهو ته هر وقت موڪل بنا نه اچن) انهن ڏن وقتن کان سواءِ (انهن ٻانهن نوڪرن ۽ ننڍين جي بنا موڪل اچڻ ۾) نه اوهان جي لاءِ گناهه جي ڳالهه آهي نه ٽي هنن لاءِ، ڇو ته (ڪم ڪار لاءِ) توهان هڪ ٻئي ڏانهن اچو وڃو ٿا. (ڏسو) اهڙيءَ طرح الله تعاليٰ اوهان جي لاءِ پنهنجا حڪم احڪام ڪولي ڪولي بيان ڪري ٿو ۽ (ياد رکو ته) الله تعاليٰ سڀ ڪجهه ڄاڻندڙ ۽ وڏي حڪمت وارو آهي. (٥٩) ۽ جڏهن توهان جا ٻار (پنهنجا يا پراوا) بلوغت کي پهچن (يعني جوان ٿين) تڏهن گهرجي ته اهي به ساڳيءَ طرح (هر وقت ۽ هر موقعي تي) موڪل گهرن، جهڙيءَ طرح انهن کان اڳيان (يعني وڏا) موڪل گهرندا پئي آيا آهن. اهڙيءَ طرح الله تعاليٰ اوهان جي لاءِ پنهنجا حڪم احڪام چٽائي سان بيان ڪري ٿو ڇڏي. (۽ وري وري ياد رکو ته سندس سڀ حڪم مفيد ۽ ضروري آهن، ڇو ته) الله تعاليٰ سڀ ڪجهه ڄاڻندڙ ۽ وڏي حڪمت وارو آهي. (٦٠) ۽ وڏيون پوڙهيون عورتون جن کي پرڻجڻ جي ضرورت ئي نه رهي آهي سي جيڪڏهن پنهنجا (غير ضروري ٻاهريان) ڪپڑا (جيئن چادر ڪنهن وقت) نه پائين ته انهن کي گناهه ڪونهي، بشرطيڪ هو زينت وارين جاين کي ظاهر نه ڪن، پر جيڪڏهن انهيءَ کان به بچن (يعني ٻاهران ڪپڑا به پائيندين رهن) ته الله تعاليٰ سڀ ڪجهه ٻڌندڙ ۽ ڄاڻندڙ آهي. (٦١) نڪي انڌن لاءِ (هيءَ ڳالهه) ڪا پوٽائي جي ڳالهه آهي، نڪي منڊن يا بيمارن لاءِ، نڪي توهان پين لاءِ (ڪا رڪاوٽ آهي) ته توهان (انڌا منڊا ۽ بيمار) پنهنجي گهرن ۾ يا پنهنجي پيءُ ماءُ جي گهرن ۾ ڪائو پيئو يا پنهنجي ڀائرن جي گهرن ۾ يا پيئرن جي گهرن ۾ (ڪائو پيئو) يا پنهنجي چاچن جي گهرن ۾ يا پڦين جي گهرن ۾ يا مامن جي گهرن ۾ يا ماسين جي گهرن ۾ يا انهن گهرن ۾ جن جون ڪنجيون توهان جي قبضي ۾ هجن يا پنهنجي (نيڪ) دوستن جي گهرن ۾ (بيشڪ ڪائو پيئو). هن ڳالهه ۾ توهان تي ڪو گناهه ڪونهي ته گڏجي ويهي ڪائو يا جدا جدا (اڪيلا ويهي) ڪائو. پر (ياد رکو ته) جڏهن گهرن ۾ گهڙو تڏهن پنهنجن ماڻهن کي پهريائين السلام عليڪم وغيره چوندا ڪيو. (يعني سلامتي ۽

رحمت ۽ برڪت جي دعا ڪندا ڪريو) اهو سلام ڪرڻ (يعني اها دعا ڪرڻ) الله وٽان هڪ برڪت وارو ۽ پاڪ سلام آهي. (ڏسو) اهڙيءَ طرح الله تعاليٰ توهان جي لاءِ پنهنجا حڪم احڪام ڪولي ڪولي بڌائي ٿو توهان انهن کي چگيءَ طرح سمجهو (۽ انهن جي تعميل ڪيو).

رڪوع ۹ آيت ٦٢ ـ تا ـ ٦٤

حضرت جن جي دربار ۾ مسلمانن کي ڪهڙا آداب رکڻ گهرجن؟

(٦٢) (سچا) مؤمن فقط اهي آهن جيڪي الله ۽ سندس رسول ۾ (پورو پورو) ايمان ٿا رکن ۽ جڏهن هو ڪنهن اهڙي موقعي تي گڏ ٿيل (هوندا) آهن جنهن تي (قومي معاملن سان تعلق رکندڙ) ڪنهن اهم ڪم جو فيصلو ڪرڻو (هوندو) آهي يا ڪو اهڙو ڪم گڏجي ڪرڻو (هوندو) آهي تڏهن اهي سچا مؤمن سندس موڪل وٺڻ کان سواءِ اٿي هليا نٿا وڃن. (اي پيغمبر!) جيڪي ماڻهو توکان اجازت گهرن ٿا، سي ئي الله ۽ سندس رسول تي ايمان آڻيندڙ آهن. سو جڏهن هو پنهنجي ڪنهن ڪم لاءِ توکان موڪل گهرن تڏهن انهن مان جنهن کي چاهين تنهن کي موڪل ڏي، ۽ الله کان هنن جي لاءِ مغفرت (يعني معافي) جي دعا گهر. بيشڪ الله تعاليٰ بخشيندڙ ۽ رحم ڪندڙ آهي. (٦٣) توهان رسول (ﷺ) جي سڏ کي اهڙو نه سمجهو جهڙو هڪ ٻئي جي سڏ کي سمجهندا آهيو. (سندس سڏ کي تمام وڏي ۽ ضروري ڳالهه سمجهو ۽ هڪدم حاضر ٿيو). يقيناً الله تعاليٰ انهن ماڻهن کي ڄاڻي ٿو جيڪي اوهان منجهان اک وٹي ڪسڪي اٿي وڃن ٿا. (يا ڪوڙو بهانو ڏئي هليا وڃن ٿا). (ياد رکو ته) جيڪي ماڻهو رسول(ﷺ) جي حڪم جي مخالفت ڪن ٿا تن کي هن ڳالهه کان ڊڄڻ گهرجي ته متان مٿن ڪا مصيبت اچي وڃي يا ڪو دردناڪ عذاب اچي مٿن ڪڙڪي. (٦٤) خبردار! آسمانن ۽ زمين ۾ جيڪي به آهي، سو سڀ الله جي لاءِ آهي. هو خوب ڄاڻي ٿو ته توهان جي روش ۽ توهان جا خيال ۽ خواهشون ڪهڙيون آهن، ۽ جنهن (قيامت جي) ڏينهن توهان موٽي وٺس ويندؤ تنهن ڏينهن هو توهان کي بڌائيندو ته توهان (دنيا ۾) ڪهڙا ڪهڙا ڪم ڪندا هئو. ۽ (پڪ ڄاڻو ته) الله تعاليٰ هر شيءِ ۽ هر ڳالهه جو علم رکندڙ آهي.

سورت الفرقان

بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي.

رکوع ۱ آيت ۱ ـ تا ـ ۹

قرآن مجيد حق ۽ باطل جي وچ ۾ سنڌو ڪري ڏيکاري ٿو

(۱) وڏي برڪت وارو (۽ برڪتون بخشيندڙ) آهي، اهو الله جنهن پنهنجي ٻانهي (حضرت محمد ﷺ) تي حق ۽ باطل ۾ تميز ڪرڻ وارو قرآن مجيد نازل ڪيو. انهيءَ لاءِ ته سيني انسانن کي (باطل ۽ برن ڪمن جي تباهه ڪندڙ نتيجن کان) خبردار ڪري. (۲) (جنهن قرآن مجيد نازل ڪيو سوئي الله آهي) جو سيني آسمانن ۽ زمين جو بادشاهه آهي. هن پاڻ لاءِ ڪو اولاد ڪونه ٺهرايو آهي، (چو ته هونئن ئي سڀ ڪجهه سندس آهي) ۽ سندس بادشاهيءَ ۾ ڪوبه ساڻس شريڪ ڪونهي. هن ئي هر شيءِ کي پيدا ڪيو آهي، ۽ هر شيءِ لاءِ اندازو مقرر ڪري ڇڏيو آهي. (۳) پر (افسوس ماڻهن جي بي سمجهائيءَ تي جو) هنن الله تعاليٰ کان سواءِ ٻيا معبود (خدائيون) بنائي رکيا آهن جيڪي ڪابه شيءِ پيدا ڪري نٿا سگهن، بلڪ هو پاڻ (الله جا) پيدا ڪيل آهن. اهي (ڪوڙا معبود) پاڻ کي ئي نقصان کان بچائي نٿا سگهن، نڪي پاڻ کي ڪو نفعو پهچائي ٿا سگهن. هنن جي قبضي ۾ نڪي آهي موت، نڪي زندگي ۽ نڪي وري جيئرو ٿي اٿڻ. (٤) ۽ ڪافر چون ٿا ته (هيءُ ماڻهو جو چوي ٿو ته مان رسول آهيان ۽ مون تي الله وڏان وحي نازل ٿو ٿئي) اهو سراسر بهتان آهي جو هن پاڻ ڏاهيو آهي، ۽ ٻين ماڻهن ان (قران جي ڏاهڻ) ۾ سندس مدد ڪئي آهي. بيشڪ اهي ماڻهو ظلم ٿا ڪن ۽ ڪوڙ ٿا ڳالهائين. (سمجهه هلائين ته جيڪر بنا دير ايمان آڻين.). (۵) ۽ اهي (منڪر) چون ٿا ته اهي ڳالهيون (جي هو ٻڌائي ٿو) اڳوڻن ماڻهن جا قصا ۽ ڪهاڻيون آهن جي هن ڪٽي لکايون آهن ۽ جي صبح شام هن کي پڙهي ٻڌايون وڃن ٿيون. (٦) (اي پيغمبر! ڪين) چئي ڏي ته، هي (قرآن) انهيءَ (الله) نازل ڪيو آهي جو آسمانن ۽ زمين جي اسرار ڪان پوريءَ طرح واقف آهي (ڪنهن به انسان کي ايترو علم ناهي جو قرآن مجيد واريون ڳالهيون ٻڌائي سگهي) بيشڪ الله تعاليٰ بخشيندڙ ۽ وڏي رحم وارو آهي (جو اسان جي هدايت لاءِ ۽ فائدي لاءِ اعليٰ نصحتون ٿو ڏئي). (۷) اهي (منڪر) هيئن به ٿا چون ته هيءُ ڪهڙو رسول آهي جيڪو مانيءَ کائي ٿو ۽ رستن تي گهمي ڦري ٿو. چو نه هن ڏي ڪو فرشتو موڪليو ويو آهي، جو هن سان گڏجي (ماڻهن کي) خبردار ڪري. (۸) يا چو نه هن جي اڳيان خزانو اچي ٿو پوي. يا چو نه هن کي ڪو باغ ٿو ملي، جنهن مان کائي پيئي ۽ گذران ڪري ۽ ظالم (وڌيڪ هيئن به) چون ٿا ته، توهان (مسلمان) اهڙي ماڻهو جي پيروي ڪيو ٿا جنهن تي ڪنهن جادو ڪري ڇڏيو آهي. (۹) ڏس (اي پيغمبر!) تنهنجي باري ۾ هي ماڻهو ڪهڙا ڪهڙا مثال بيان ڪري رهيا آهن. سو اهي گمراهه ٿي چڪا آهن، تنهن ڪري هو سچي راهه لهي نه سگهندا.

رکوع ۲ آيت ۱۰ـ تا ـ ۲۰
منڪرن جي سزا، قيامت ۽ قيامت ڪان پوءِ

(۱۰) وڏي برڪت وارو (۽ برڪتون ڏيندڙ) آهي، اهو الله جو جيڪڏهن چاهي تہ (اي پيغمبر!) انهن ڪان گهٽو بهتر باغ جن جي هيٺان نهرون وهنديون هجن (۽ انهن نهرن جي ڪري دائماً سرسبز رهن) سي تنهنجي لاءِ (هن دنيا ۾ ئي) مهيا ڪري ڏئي، ۽ تو ڪي (شاندار) محلاتون عطا ڪري. (۱۱) (پر) ڳالهہ هيءَ آهي تہ، هي ماڻهو (فيصلي جي) گهڙيءَ جا منڪر آهن، ۽ (يادرکو تہ) جيڪو بہ ان گهڙيءَ جو منڪر ٿيندو تنهن جي لاءِ اسان شعلا ڪندڙ باهہ تيار رکي آهي. (۱۲) دوزخ جي باهہ جڏهن انهن منڪرن کي پري ڪان ڏسندي تڏهن اهي ان باهہ جي غصي ۽ ڪاوڙ جا ڦوڪارا ۽ آواز (پري ڪان) ٻڌندا (۽ سمجهندا تہ اها باهہ اسان کي جلائڻ لاءِ بي تاب ٻيني آهي.). (۱۳) ۽ جڏهن انهن منڪرن کي ڪنهن سوڙهي هنڌ زنجيرن سان جڪڙيو ويندو تڏهن هو موت کي سڏيندا (۽ چاهيندا تہ هن ساڻيندڙ باهہ ۾ جلڻ ڪان بهتر آهي تہ موت اچي وڃي). (۱٤) اي منڪرؤ! اڄ هڪڙي موت لاءِ نہ پڪاريو. پر گهڻن موتن کي پڪاريو (توهان انهيءَ عذاب ڪان ڪڏهن بہ نہ ڇڏيندؤ) (۱۵) انهن (منڪرن) کا پڇو تہ، اها توهان جي حالت بهتر آهي يا دائمي جنت بهتر آهي، جنهن جو واعدو نيڪ ۽ پاڪباز ماڻهن کي ڏنل آهي. اها جنت نيڪ ماڻهن لاءِ (سندن نيڪ عملن جو) بدلو ۽ انعام آهي ۽ سندن رهڻ جو مڪان ٿيندو. (۱٦) جيڪي بہ اهي (نيڪ ماڻهو) چاهيندا سو ڪين اتي ملندو. هو هميشہ اتي رهندا. (اي پيغمبر!) تنهنجي پروردگار پاڻ تي اهو واعدو لازمي ڪرايو آهي (۽ اهو واعدو انهيءَ جي لائق آهي تہ نيڪ ماڻهو ان لاءِ دعا گهرندا رهن.) (۱۷) ۽ انهيءَ ڏينهن جڏهن الله تعاليٰ انهن کي ۽ جن کي الله ڪان سواءِ پوڄيندا هئا تن کي هڪ هنڌ آڻي گڏ ڪندو تڏهن انهن ڪان پڇندو تہ توهان منهنجي هنن بندن کي گمراهہ ڪيو هو يا هو پاڻ رستو ٻلجي گمراهہ ٿي ويا هيا؟ (۱۸) اهي (جن جي پوڄا ڪئي ويندي هئي سي) جواب ڏيندا تہ پاڪائي آهي الله جي لاءِ! اسان کي ڪهڙو حق هو جو اسان تو کي ڇڏي ٻين کي اولياء (مددگار) بنايون، پر (حقيقت هيءَ آهي تہ) تو هنن کي ۽ سندن وڏن کي خوشحال (۽ دولت مند) ڪيو تان جو (دولت جي نشي ۾ ۽ عيش عشرتن ۾ گرفتار ٿي) تنهنجي يادگيريءَ کان غافل ٿي ويا (۽ تنهنجي حڪمن ۽ قانون تي نہ هليا) اهي ماڻهو (بيڪار) ۽ تباهہ ٿيڻ جا ئي لائق آهن. (۱۹) (الله تعاليٰ تنهن تي مشرڪن کي فرمائيندو تہ ڏسو) توهان جيڪي ڇئو ٿا تنهن بابت توهان جا معبود چون ٿا تہ اهو ڪوڙ آهي (تہ اسان کين گمراهہ ڪيو) سو هاڻي توهان نڪي عذاب کي ٽاري سگهو ٿا، نڪي ڪنهن کان مدد حاصل ڪري سگهو ٿا ۽ توهان مان جنهن بہ اهو ظلم ڪيو (جو سڏي وات ڇڏي ظلم جي روش اختيار ڪئي) تنهن کي اسان تمام سخت سزا جو مزو چکائيندا سين. (۲۰) ۽ اسان (اي پيغمبر!) تو کان اڳي جيڪي بہ پيغمبر موڪليا هئا سي سڀ (تو وانگر) ماني کائيندا هئا ۽ رستن سان گهمندا ڦرندا هئا ۽ اسان توهان (انسانن) کي هڪ ٻئي جي لاءِ آزمائش بنايو آهي (انهيءَ لاءِ تہ ڏسون) تہ توهان صبر ۽ ثابت قدمي اختيار ڪيو ٿا يا نہ! ۽ (يادرکو تہ) اوهان جو پروردگار سڀ ڪجهہ ڏسندڙ آهي.

حصو اوٽيهون

رکوع ۳ آيت ۲۱ ـ تا ـ ۳٤

منڪرن جو تڪبر ۽ بڪواس ته ڪين قيامت جي ڏينهن ڇا ٿيندو؟

(۲۱) ۽ جيڪي ماڻهو (قيامت جي ڏينهن) اسان جي اڳيان حاضر ٿيڻ جو ويساهه ڪونه ٿا رکن سي چون ٿا ته اسان ڏي فرشتا ڇو نه موڪليا ويا آهن؟ يا اسان جو پروردگار (ڇو نه ٿو اسان جي سامهون) اچي ته اسان کيس ڏسون؟ (اهڙن سوالن مان ثابت آهي ته اهي منڪر) تڪبر ڪري رهيا آهن ۽ پاڻ کي تمام وڏو ٿا سمجهن، ۽ هو وڏا سرڪش ٿي پيا آهن. (۲۲) (پر) جڏهن اهي (منڪر) ملائڪن کي (هن دنيا يا آخرت ۾) ڏسندا تڏهن گنهگارن جي لاءِ ڪا خوشيءِ جهڙي ڳالهه نه ٿيندي (ڇو ته ملائڪ کين تباهه ڪرڻ لاءِ يا عذاب ڏيڻ لاءِ موڪليا ويندا) اهي منڪر (عذاب يا تباهي کي ايندو ڏسي) چوندا ته هاءِ هاءِ! اهڙي حالت ۾ ڪا اوٽ هجي جا اوهان (عذاب آڻيندڙ ملائڪن) ۽ اسان جي وچ ۾ اچي وجي. (۲۳) ۽ اسان (ان وقت انهن منڪرن جي) عملن ڏي توجهه ڪنداسين ۽ انهن عملن کي (جن کي هو پاڻ لاءِ مفيد سمجهندا هئا) اڏامندڙ ڪري ڇڏينداسين. (۲٤) (پر نيڪ عمل ڪندڙ) جنتي ماڻهو انهيءَ ڏينهن بهترين مڪان ۾ رهندا (۽ بهترين حالت ۾ هوندا) ۽ بهترين آرامگاهه حاصل ڪندا. (۲۵) ۽ جنهن ڏينهن آسمان ڪڪرن سان ڇاڻي پوندو ۽ فرشتن کي هڪ ٻئي پٺيان موڪليو ويندو. (۲٦) تنهن ڏينهن حقيقي بادشاهي (ڪليءَ طرح) رحمان خدا جي هوندي ۽ اهو ڏينهن ڪافرن لاءِ بيحد سخت ٿيندو. (۲۷) انهيءَ ڏينهن ظالم (نافرمان) شخص (افسوس منجهان) پنهنجي هٿن کي چڪ پائيندو ۽ چوندو ته جيڪر حضرت رسول(ﷺ) سان گڏ (سندس ڏيکاريل) رستو اختيار ڪيان ها (ته ڪهڙو نه چگو ٿئي ها). (۲۸) (۽ پڙ چوندو ته) هاءِ منهنجي بدبختي! مان جيڪر فلاڻي (برغلائيندڙ) کي دوست نه بنايان (ها ته ڪهڙو نه چگو ٿئي ها). (۲۹) هيءَ حقيقت آهي ته جڏهن مون وٽ (خدائي) نصيحت ۽ پيغام اچي چڪو هو تنهن بعد هن (شيطان) مونکي برغلائي گمراهه ڪري ڇڏيو ۽ (بيشڪ) شيطان (هميشه کان) انسان کي (برغلائي) خوار خراب ڪندڙ آهي. (۳۰) ۽ حضرت رسول(ﷺ) چوندو ته، اي منهنجا رب! منهنجي قوم جي ماڻهن (يعني مڪي جي قريش منڪرن) هن قرآن کي نه مڃيو هو (۽ ان کي بيوقوفيءَ جي بڪواس سمجهيو هو). (۳۱) ۽ (اهو خدائي قانون آهي جو) اهڙيءَ ئي طرح اسان هرهڪ نبيءَ لاءِ گنهگارن منجهان هڪڙو دشمن بنايو هو. (پر اي پيغمبر ياد رک ته) تنهنجو پروردگار هدايت ڪرڻ (۽ ڪاميابي جي واٽ ڏيکارڻ) ۽ مدد ڪرڻ لاءِ بلڪل ڪافي آهي. (۳۲) ۽ جن ماڻهن ڪفر جي واٽ ورتي آهي سي (هيئن ٻڌ) چون ٿا ته ڇو نه قرآن هن تي (يعني حضرت جن تي) هڪ ئي وقت (هڪ گهڙيءَ ۾) نازل ڪيو ويو آهي؟ (جواب هي آهي ته) اهڙيءَ طرح (آهستي آهستي) هن لاءِ (نازل ڪيو ٿو وڃي) ته

(اي پيغمبر!) تنهنجي قلب کي ان جي وسيلي مضبوط ۽ قائم رکون، ۽ اسان ان کي ٿورو ٿورو ڪري (مصلحت موجب) پڙهي ٻڌايو آهي. (٣٣) ۽ تووٽ جيڪي سوال اهي ماڻهو پيش ڪن ٿا تن جو صحيح ۽ سٺو جواب چگي سمجهاڻيءَ سان توڏي موڪليندا رهون ٿا. (٣٤) جن ماڻهن کي منهن پر دوزخ ڏي گهليو ويندو سي ئي ماڻهو آهن جن جو ٺڪاڻو بلڪل خراب آهي ۽ سڌي رستي کان پلجي گمراهه ٿي پيا آهن.

رکوع ٤ آيت ٣٥ ـ تا ـ ٤٤

رسولن کي نه مڃڻ ڪري اڳين قومن جي تباهي.

(٣٥) ۽ هيءَ حقيقت آهي ته اسان حضرت موسيٰ کي ڪتاب ڏنو هو، ۽ ساڻس گڏ سندس ڀاءُ هارون کي وزير ڪيو هو. (٣٦) پوءِ اسان انهن ٻنهي کي حڪم ڪيو هو ته انهن ماڻهن ڏي وڃو (يعني فرعون ۽ سندس سردارن ڏي کين سمجهائڻ لاءِ وڃو) جن اسان جي نشانين کي ڪوڙائي ڇڏيو آهي. (ٻئي ڀائر ويا ۽ کين گهٽوئي سمجايائون پر هنن نه مڃيو) تنهن ڪري اسان هنن کي اهڙو تباهه ڪري ڇڏيو جهڙو تباهه ڪرڻ ڇڪجي. (٣٧) ۽ حضرت نوح جي قوم به جڏهن رسولن کي نه مڃيو تڏهن اسان انهن (نه مڃيندڙن) کي (وڏي ٻوڏ ۾) ٻوڙي ماريو. ۽ اسان هنن کي (پوين) قومن (جي عبرت وٺڻ) لاءِ نشاني بنايو ۽ (ياد رکو ته پنهنجي قانون موجب) اسان سڀني ظالمن لاءِ دردناڪ عذاب تيار ڪري رکيو آهي. (٣٨) ۽ (ساڳيءَ طرح) اسان عاد جي قوم کي، ثمود جي قوم کي ۽ الرس جي ماڻهن کي ۽ ٻين گهڻين قومن کي، جي انهن جي وچ واري عرصي ۾ ٿي گذريون، (تن سڀني کي سندن ظلمن سببان برباد ڪري ڇڏيو.) (٣٩) ۽ اسان سڀني (ماڻهن) جي سمجهاڻ لاءِ مثال بيان ڪيا، ۽ (سندن انڪار ۽ ظلمن سببان) اسان کين بلڪل تباهه ۽ نابود ڪري ڇڏيو. (٤٠) ۽ هيءَ حقيقت آهي ته هي (منڪر قريش) انهي بستيءَ وٽان گهٽائي پيرا لنگهيا آهن، جنهن بستيءَ تي پٿرن جو خراب مينهن وسايو ويو هو (۽ جنهن کي هميشه لاءِ ويران ڪيو ويو آهي) انهن (قريشن) اها ويران بستي ڪاڻ ڏٺي آهي چا؟ (ڏٺي ته اٿن) پر هو اها ڳالهه ٿي نٿا مڃين ته (جزا سزا لاءِ) وري ٻيهر جيئرو ٿي اٿبو. (٤١) ۽ (اي پيغمبر!) جڏهن هي ماڻهو توکي ڏسن ٿا تڏهن تنهن جي باري ۾ ڪل چرچا ڪن ٿا (۽ چون ٿا) ته، چا هيءُ آهي اهو شخص جنهن کي الله رسول ڪري موڪليو آهي؟ (٤٢) (۽ اهي ڪافر قريش تنهنجي متعلق هيئن به ٿا چون ته) جيڪڏهن اسان پنهنجي ديوتائن (جي پوڄا) تي ثابت قدم نه رهون ها ته هي شخص (يعني پيغمبر) ضرور اسان کي اسان جي ديوتائن کان ڦيرائي گمراهه ڪري ڇڏي ها، پر جڏهن (جلد ئي) هو عذاب کي اکين سان ڏسندا تڏهن هنن کي معلوم ٿي ويندو ته ڪير (حقيقي) واٽ ڇڏي ٻلجي ويو آهي. (٤٣) (اي پيغمبر!) چا تو انهيءَ شخص کي ڏٺو آهي جنهن پنهنجي حرص ۽ خواهش کي ڪٽي پنهنجو خدا بنايو آهي؟ پوءِ چا تون هن جو سنيالينڊڙ ٿي سگهندين (۽ هن کي هدايت واري

وات تي آڻي عذاب کان بچائي سگھندين چا؟ (٤٤) يا (اي پيغمبر!) تون هيئن ٿو سمجھين چا تہ، هنن مان گھڻا (تنھنجون ڳالھيون) ٻڌن ٿا يا سمجھن ٿا؟ (بلڪل نہ) هو تہ رڳو ويندڙ ڏڳا آھن. بلڪ هو تہ رستو چڏي پلجي ويا آھن.

رکوع ۵ آيت ٤٥ ـ تا ـ ٦٠

زمين ۽ آسمان ۾ الله تعاليٰ جون کارفرمايون ۽ نعمتون

(٤٥) چا تو پنھنجي پروردگار (جي کافرمائين) ڏي نظر کانہ ڏوڙائي آھي، تہ ڪيئن هو پاڇي کي ڊگھو ٿو ڪري. جيڪڏھن هو چاھي ها تہ ان کي ھڪ ھنڌ بيھاري چڏي ھا. (پر اسان ائين نہ ڪيو ۽ سج کي ھڪ ھنڌ بيھاري ڪونہ چڏيو جنھن مان فائدي بدران تباھي اچي ھا) تنھن ڪري ٿي اسان سج کي ان (پاڇي ۽ روشنائي ۽ رات ۽ ڏينھن) جو رھبر ڪيو. (٤٦) پوءِ اسان ان (پاڇي) کي آھستي آھستي پنھنجي طرف ويڙھيندا اچون ٿا. (٤٧) ۽ اھوئي (خدا) آھي جنھن رات کي توھان جي لاءِ لباس بنايو ۽ ننڊ کي توھان جي لاءِ آرام ۽ راحت (جو وسيلو) بنايائين، ۽ ڏينھن کي ٻاھر نڪرڻ ۽ گھمڻ ڦرڻ (۽ ڪم ڪارين ڪرڻ) لاءِ بنايائين. (٤٨) ۽ اھوئي (خدا) آھي جو ھوائن کي پنھنجي رحمت (يعني برسات) کان اڳي (برسات جي) خوشخبري ٻڌائڻ لاءِ موڪليندو آھي ۽ اسان (يعني خدا تعاليٰ) آسمان مان پاڪ ڪندڙ پاڻي وسايون ٿا. (٤٩) (مينھن جو وسايون ٿا سو) ھن لاءِ تہ مئل (يعني خشڪ ۽ ويران) بستيءَ کي جيئرو (يعني سرسبز ۽ آباد) ڪري چڏيون ۽ انھن چوپاين جانورن ۽ انسانن کي پاڻي پياريون جي اسان گھڻي تعداد ۾ خلقيا آھن. (٥٠) ۽ هيءَ حقيقت آھي تہ اسان ان (نعمت يعني پاڻيءَ) کي انھن (ماڻھن) ۾ ورھائي چڏيو آھي، انھيءَ لاءِ تہ ھو غور ڪن (۽ خدائي نعمتن مان فائدو وٺن ۽ خدا جي حڪمن تي عمل ڪري خوشحال ٿين) پر (افسوس جو) اڪثر ماڻھو بي شڪري ڪرڻ کان باز نہ آيا. (٥١) ۽ جيڪڏھن اسان چاھيون ھا تہ ھرھڪ ڳوٺ يا شھر ۾ ھڪڙو خبردار ڪندڙ (يعني رسول) موڪليون ھا. (پر ائين ڪرڻ جو ضرور ڪونھي). (٥٢) پوءِ (اي منھنجا رسول تون) ھنن ڪافرن جي چوڻ (۽ خواھشن) تي نہ ھل، بلڪ ھن (قرآن ٻڌائڻ) سان ھنن (جي ھدايت) لاءِ جھاد يعني سخت ۾ سخت ڪوشش ڪندو رھ جو وڏي ۾ وڏو جھاد آھي. (٥٣) ۽ اھوئي (الله) آھي جنھن ٻن درياھن (يعني سمنڊ ۽ ندين) کي (ڌرتيءَ تي) چڏي ڏنو آھي، هيءُ (يعني ندين جو پاڻي) منو ۽ ٻيئڙ ۾ وٽندڙ آھي ۽ ھو (يعني سمنڊ جو پاڻي) کارو ۽ ڪوڙو آھي ۽ الله تعاليٰ انھن ٻنھي پاڻين جي وچ ۾ ھڪ پردو (يا ديوار) ۽ ھڪ روڪ وجھي چڏي آھي، جنھن کان اڳتي وڌي نٿا سگھن. (٥٤) ۽ اھوئي (الله) آھي جنھن پاڻيءَ مان انسان کي پيدا ڪيو آھي. (انسان منيءَ ۽ پاڻي مان ٺھيل آھي. نطفي ۾ بہ پاڻي ۽ ٻيا جزا آھن. نطفي جو خيال ڪري سمجھو تہ) الله تعاليٰ پيڙھين جون مائٽيون ۽ (شادي جي وسيلي) ساھرن جون مائٽيون بنايون

آهن. (انهيءَ لاءِ تہ اسان سپ پاڻ کي هڪ ڪنڌنب سمجهي هڪ ٻئي سان عدل احسان ۽ محبت جو برتاءِ ڪيون) ۽ (اي پيغمبر!) بيشڪ تنهنجو پروردگار وڏي قدرت وارو آهي. (۵۵) (ايترين قدرتن ۽ نعمتن هوندي بہ هي بي شڪر ڪافر) ماڻهو خدا کي ڇڏي اهڙين شين جي پوڄا ڪن جي نڪي ڪين نفعو پهچائي ٿيون سگهن، نڪي نقصان. (حقيقت هيءَ آهي تہ) جنهن ڪفر جي واٽ ورتي آهي سو خدا جي خلاف (شيطانيت جي) مدد ڪري رهيو آهي. (۵۶) (ڪافر پلي نافرمان ۽ بي شڪر ٿين) اسان تہ توکي فقط (نيڪي ڪندڙن لاءِ) خوشخبري ڏيڻ وارو ۽ (بدعمل ڪندڙن لاءِ) خبردار ڪرڻ وارو بنائي موڪليو آهي. (۵۷) (سو اي پيغمبر!) تون اعلان ڪر تہ مان هن ڪم لاءِ توهان کان ڪا مزوري يا عيوض تہ ڪونہ ٿو گهران، سواءِ هن (انعام جي) تہ جيڪو چاهي سو پنهنجي پروردگار ڏانهن (وڃڻ جو يعني سعادت حاصل ڪرڻ جو سڏو سهڻو) رستو وٺي هلي. (۵۸) ۽ (اي پيغمبر! خوشخبري ڏيڻ ۽ خبردار ڪرڻ واري اعليٰ ڪم ۾) تون انهيءَ هميشہ زنده رهڻ واري خدا تي پروسو رک جو ڪڏهن بہ مرڻ وارو ناهي ۽ انهيءَ خدا جي پاڪائي ۽ شان سندس اعليٰ صفتن سان گڏ بيان ڪندو رهہ. اهو خدا پنهنجي بندن جي گناهن ۽ برن ڪمن جي پوري پوري خبر رکندڙ آهي. (۵۹) (اهو خدا سپ ڪجهہ ڇاڻي ٿو) جنهن ڇهن ايامن يا دورن ۾ آسمانن ۽ زمين کي پيدا ڪيو ۽ انهن سيني شين کي پيدا ڪيو جي انهن جي وچ ۾ آهن. (نہ رڳو پيدا ڪيائين پر) پوءِ بہ بادشاهيءَ جي تخت تي قائم ۽ محڪم رهندو ٿو اچي (يعني سپ ڪجهہ سندس هٿ ۾ آهي) هو رحمان خدا آهي (جو هر انسان، جانور ۽ چيز جون گهرجون پوريون ڪندڙ آهي.) پڇي ڏس انهيءَ کان جنهن کي (انهن ڳالهين جي) خبر آهي. (۶۰) ۽ جڏهن انهن (ڪافرن) کي چيو وڃي ٿو تہ توهان رحمان خدا کي سجدو ڪيو (يعني سندس قانونن ۽ حڪمن جي پيروي ڪيو) تڏهن هو چون ٿا تہ ڪير آهي رحمان؟ جنهن جي لاءِ بہ تون اسان کي حڪم ڪندين، تنهن کي اسان سجدو ڪنداسين چا؟ (هرگز نہ) ۽ اڻين چئي هو (ڪافر حق کان) نفرت ڪرڻ ۾ اڃا بہ وڌيڪ اڳتي وڌن ٿا.

رکوع ۶ آيت ۶۱ ـ تا ـ ۷۷

خدا جي سچن ٻانهن جون خصلتون ۽ انهن لاءِ انعام ۽ نعمتون.

(۶۱) برڪتن وارو ۽ برڪتون عطا ڪندڙ آهي، اهو خدا جنهن آسمان ۾ روشن تارا رکيا ۽ پڻ ان ۾ نهايت ئي روشن بتي (يعني سج) ۽ روشني ڏيندڙ چنڊ رکيو. (۶۲) ۽ هو ئي اهو خدا آهي جو رات ۽ ڏينهن کي هڪ ٻئي پٺيان لڳاتار آڻيندو رهي ٿو (اهي نعمتون عبرت ڏيندڙ ۽ هدايت ڪندڙ آهن) انهيءَ شخص لاءِ جو نصيحت وٺڻ چاهي ٿو يا شڪر گذاري ڏيڪارڻ جو ارادو ڪري ٿو. (۶۳) رحمان خدا جا سچا ٻانها اهي آهن جيڪي زمين تي نماڻائيءَ سان هلن چلن ٿا ۽ جڏهن جاهل (۽ مغرور) ماڻهو ساڻن (بيهودي نموني سان) ڳالهائين ٿا تڏهن هو ڪين چون ٿا تہ شال

سلامتي هجي توهان تي (يعني خدا اوهان کي بيهودين ڳالهين کان ۽ عذاب کان بچائي. مان تہ صبر ڪيون هليو ٿو وڃان). (٦٤) ۽ اهي (سچا بندا آهن) جيڪي پنهنجي پالڻهار جي اڳيان (فرمانبرداريءَ جا) سجدا ۽ بيهڪون ڪندي راتيون گذارين ٿا. (٦٥) ۽ جيڪي خدا کان دعا گهرن ٿا تہ، اي اسان جا رب! اسان کان دوزخ جو عذاب هٽائي ڇڏ. بيشڪ ان جو عذاب ڏاڍو سخت عذاب آهي. (٦٦) اهو (دوزخ) يقيناً سخت خراب ٺڪاڻو ۽ رهڻ جي جاءِ آهي. (٦٧) ۽ اهي (سچا بندا آهن) جي جڏهن (پئسا، سامان يا پنهنجون طاقتون) خرچ ڪن ٿا يا ڪم ٿا آڻين تڏهن حد کان ٻاهر نٿا وڃن ۽ فضول خرچي نٿا ڪن، نڪي وري ڪنجوسائي ٿا ڪن. انهن جي سپ هلت چلت افراط ۽ تفريط (يعني اور ۽ پور) جي وچ ۾ هوندي آهي. (٦٨) ۽ اهي (سچا بندا آهن) جيڪي خدا سان گڏ ٻين ديوتائن کي نٿا پڪارين، نڪي سواءِ حق جي ڪنهن بہ ساهدار (جانور يا ماڻهو) کي قتل ٿا ڪن جن کي قتل ڪرڻ خدا تعاليٰ حرام ٺهرايو آهي، نڪي زنا ٿا ڪن. جيڪو بہ اهي (ڪي) ڪم ڪري ٿو سو (نہ رڳو) اهڙن (سخت) گناهن جي سزا پوگيندو. (پر) (٦٩) قيامت جي ڏينهن هن کي ٻيڻو عذاب ملندو ۽ انهيءَ عذاب ۾ هميشہ ذلت ۽ خواريءَ سان رهندو. (٧٠) پر (انهيءَ تان سزا ۽ عذاب ٿري ويندو) جيڪو توبہ ڪندو (يعني انهن بد عملن کان باز ايندو) ۽ (خدا ۾ سچو) ايمان رکندو ۽ عمل بہ چڱا ڪندو. پوءِ الله تعاليٰ اهڙن ماڻهن جون برايون چڱائين ۾ بدلائي ڇڏيندو (يعني هو برائيون ڪيي ڇڏيندا ۽ نيڪيون اختيار ڪندا. ياد رکو) تہ، الله تعاليٰ بخشيندڙ ۽ رحم وارو آهي. (٧١) ۽ (ياد رکو تہ) جيڪو بہ گناهہ ڇڏي (سڏيءَ وات ڏي) موٽي ٿو ۽ نيڪ عمل ڪري ٿو سو حقيقتاً چڱي موت ڪائي خود خدا ڏي موٽي ٿو. (٧٢) ۽ اهي (سچا بندا آهن) جيڪي ڪوڙ (۽ ظلم واري ڳالهہ) تي شاهدي نٿا ڏين ۽ جڏهن ڪنهن بيهوده گيءَ (يا بري ڪم ٿيڻ واري جاءِ) وٽان لنگهن ٿا تڏهن شريفاڻي ڍنگ سان (نہ آڪڙ سان)، پاسو ڪري هليا وڃن ٿا. (٧٣) ۽ جيڪي جڏهن ڪين سندن پروردگار جي نشانين سان ڪجهہ سمجهايو وڃي ٿو تڏهن انهن تي ٻوڑن ۽ انڌن وانگر ڪري نٿا پون. (پر انهن تي غور ۽ فڪر ٿا ڪن ۽ عقل ڪم ٿا آڻين.) (٧٤) ۽ جيڪي دعا ٿا گهرن تہ، اي اسان جا پالڻهار! اسان جي زالن ۽ ٻارن (کي اهڙو ڪر جو انهن) مان اسان جي اکين کي ٺاڻ ۽ خوشي حاصل ٿئي ۽ اسان کي پرهيزگار ماڻهن لاءِ رهبر ۽ رهنما ڪر. (٧٥) اهڙن (سچن بندن) کي جنت ۾ ماڙيون ملنديون. ڇو تہ هنن صبر ۽ استقامت سان زندگي گذاري، ۽ (جنت ۾ فرشتا) هنن کي چڱي ٻليڪار ۽ سلامتيءَ جي دعا ڪندي ملندا. (٧٦) اهي (سچا بندا) ان (جنت) ۾ هميشہ رهندا، ڪهڙي نہ چڱي رهڻ جي جاءِ ۽ فرحتن وڻڻ جي جاءِ هوندي! (٧٧) (اي پيغمبر! منڪرن کي) چئي ڏي تہ، جيڪڏهن توهان خدا کي نٿا پڪاريو تہ خدا کي توهان جي انڪار سببان ڪابہ تڪليف ڪانہ ٿي ٿئي، هيءَ حقيقت آهي تہ توهان (حقيقتن ۽ مفيد حڪمن کي) ڪوڙو سمجهي مڃڻ کان (عمل ڪرڻ کان) انڪار ڪيو آهي، سو توهان جلد ئي ان جي سزا پوگيندؤ.

سورت الشعرآءِ ـ شعرا =شاعِرَ

بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي.

رکوع ۱ آيت ۱ ـ تا ـ ۹

حضرت جن کي مڪي وارن جي ارڏاين تي فڪر مندي. الله تعاليٰ کنهن کي زور سان مؤمن نٿو ڪري

(۱) طا ـ سين ـ ميم (۲) هي چٽائي ڪندڙ ڪتاب (قرآن مجيد) جون آيتون آهن. (۳) (اي منهنجا رسول) هي (مڪي جا) ماڻهو جو ايمان نٿا آڻين تنهن سبب ممڪن آهي تہ تون غم ۽ درد ۾ پاڻ کي جهوري وجهندين (غم نہ ڪر جلدئي گهٽائي ماڻهو ايمان آڻيندا). (٤) (الله تعاليٰ فرمائي ٿو تہ) جيڪڏهن اسان چاهيون ها تہ آسمان مان انهن (ڪافرن) تہ اهڙي ڪا نشاني (يا معجزو) نازل ڪري سگهون ها جنهن کي ڏسي هنن جا ڪنڌ جهڪي پون ها، (پر اسان نٿا چاهيون تہ زور سان کنهن کي مؤمن ڪيون. هر کنهن کي پنهنجو عقل هلائي پنهنجي خوشيءِ سان سڌي واٽ وٺڻ گهرجي.) (۵) ۽ انهن (منڪرن) ڏي جڏهن رحمان خدا جي طرف کان نصيحت جي ڪا نئين ڳالهہ اچي ٿي تہ (غور ڪرڻ کان سواءِ ئي) منهن ڪٽي ٿا ڦيرائين. (٦) سو اهي ماڻهو (اسلام جي حقيقت کي) کوڙو ڏهرائي مڃڻ کان انڪار ڪري ويٺا آهن. تنهن ڪري انهن وٽ اها ڳالهہ جلد اچي ويندي جنهن تي هو کلي رهيا آهن ۽ ٽوڪون ڪري رهيا آهن. (۷) هنن (منڪرن) زمين تي غور سان نظر نہ ڪئي آهي ڇا؟ (هو نٿا ڏسن ڇا) تہ اسان کيتري قدر هر قسم جون عمديون شيون ان ۾ ڇمايون ۽ پيدا ڪيون آهن. (ساڳيءَ طرح اسان حق کي دنيا ۾ غالب ڪنداسين. (۸) انهيءَ ۾ (يعني عمدين شين جي ڇمائڻ ۾ ماڻهن جي لاءِ) بيشڪ وڏي نشاني آهي پر (افسوس جو هو غور نٿا ڪن ۽) انهن مان گهڻا ايمان نٿا آڻين. (۹) ۽ (ياد رکو تہ) تنهنجو پروردگار بيشڪ وڏي قدرت ڪندڙ ۽ وڏي رحم وارو آهي (هو ضرور حق کي غالب ڪندو.)

رکوع ۲ آيت ۱۰ ـ تا ـ ۳۳

خدا جي حڪم سان بني اسرائيل کي فرعون جي محڪوميءَ مان جان ڇڏائڻ جون ڪوششون.

(۱۰) ۽ (اي پيغمبر! اهو واقعو ياد ڪر) جڏهن تنهنجي پروردگار موسيٰ کي سڏيو ۽ حڪم ڏنو تہ تون انهن ظالم ماڻهن ڏي وڃ. (۱۱) يعني فرعون جي ماڻهن ڏي وڃ. ڇا هو خدا (جي نافرمانيءَ

جي نتيجن) کان ڪونہ ڊڄندا؟ (۱۲) حضرت موسيٰ عرض ڪيو تہ، اي منهنجا پروردگار! مون کي هن ڳالهہ جو انديشو آهي تہ هو مون کي ڪوڙو سمجهندا (۽ منهنجي ڳالهہ نہ مڃيندا). (۱۳) ۽ منهنجي دل گهٻرائجي ويندي ۽ منهنجي زبان ٿي نہ هلندي. سو هارون کي بہ پيغام موڪل (۽ منهنجي مدد لاءِ رسول ڪر). (۱٤) ۽ مون تي هنن جو (قتل جي ڏوهہ) جو الزام آهي (جو مون هنن جو هڪڙو ماڻهو ماري وڌو هو). سو مون کي خوف آهي تہ هو مون کي بہ قتل ڪندا. (۱۵) الله تعاليٰ فرمايو تہ، هرگز نہ، (هو توکي قتل نہ ڪندا) اوهان ٻئي منهنجي نشانين (يعني ڏنل معجزن) سان (وٽن) وڃو. اسان توهان سان گڏ هونداسين، ۽ (توهان جي پڪار) ٻڌندا رهنداسين. (۱٦) سو توهان ٻئي فرعون وٽ وڃو، ۽ ڪيس چئي ڏيو تہ، اسان سڃي جهان جي پروردگار جا موڪليل پيغمبر آهيون. (۱۷) (تو ڏي موڪليا ويا آهيون) هن لاءِ تہ بني اسرائيلن کي (جيڪي تنهنجي ملڪ ۾ آهن) اسان سان گڏ موڪل (تہ اسان کين مصر مان ڪڍي پنهنجي اصلوڪي وطن ڏي وڃي وڃون). (۱۸) (حضرت موسيٰ ۽ حضرت هارون اهو حڪم مڃيو ۽ فرعون وٽ ويا ۽ اهو پيغام ڪيس پهچايائون. تنهن تي فرعون) چيو تہ، (اي موسيٰ!) تو کي اسان ننڍپڻ ۾ نہ پاليو ۽ پاليو کين هو ڇا؟ ۽ تون پنهنجي عمر جا ڪيترائي سال اسان ۾ نہ رهيو هئين ڇا؟ (جو هاڻي احسان فراموش ٿي بني اسرائيلن کي اسان جي غلاميءَ مان ڪڍڻ آيو آهين.) (۱۹) ۽ (هيءَ ڳالهہ بہ ياد رک تہ) تو انهيءَ وقت اهو (هڪ مصريءَ کي قتل ڪرڻ وارو) ڪم بہ ڪيو هو جو (توکي ياد هوندو تہ تو سچ پچ) ڪيو هو. تون تہ وڌو احسان فراموش آهين. (۲۰) حضرت موسيٰ فرمايو تہ، بيشڪ مون ان وقت اهو ڪم ڪيو، هو جو مان ان وقت بي خبر هئس، (تنهن ڪري مون کان خطا ٿي ويئي). (۲۱) سو مان توهان کان ڊڄي ڀڄي ويس. پر پوءِ منهنجي پروردگار مونکي دانائي ۽ سمجهہ ڏني ۽ مون کي پيغمبر ڪري موڪلياٿين. (۲۲) ۽ ڇا اهو بہ ڪو احسان آهي جو تون مون تي ٽڪي يا مڙهي رهيو آهين تہ تو بني اسرائيلن کي غلام بنائي رکيو آهي. (۲۳) فرعون (لاجواب ٿي) چيو تہ، پلا سڃي جهان جو پروردگار ڪير آهي؟ (۲٤) حضرت موسيٰ جواب ۾ فرمايو تہ، (سڃي جهان جو پروردگار اهوئي آهي) جو آسمان ۽ زمين جو (خالق ۽) پروردگار آهي ۽ جيڪي بہ زمين ۽ آسمانن جي وچ ۾ آهي تنهن جو بہ (خالق ۽) پروردگار آهي، جيڪڏهن توهان يقين (۽ ايمان) وارا ٿيڻ چاهيو (تہ ڏسي سگهو ٿا تہ اهائي حقيقت آهي، پر جيڪڏهن گمان ۽ شڪ ۾ ٽاڪوڙا هڻڻ ٿا چاهيو تہ انڌائي رهندؤ ۽ تباهہ ٿيندؤ). (۲۵) فرعون (وري بہ لاجواب ٿي ٽوڪ جي نموني) انهن (پنهنجن) ماڻهن کي چيو جيڪي سندس چوڌاري بيٺا هئا تہ، ڀڙو نٿا (تہ ڇا ٿو چوي؟) (۲٦) حضرت موسيٰ (سندن گهٻرايل حالت جو وجهہ وڻي پنهنجي دليل کي وڌيڪ مضبوط ڪرڻ لاءِ) چوڻ لڳو تہ، اهوئي اوهان جو بہ (خالق ۽) پروردگار آهي ۽ اوهان جي گذاري ويل ابن ڏاڏن جو بہ (خالق ۽) پروردگار آهي. (۲۷) فرعون (اڃا بہ وڌيڪ لاجواب ٿي پنهنجي ماڻهن کي) چوڻ لڳو تہ، بيشڪ اوهان جو رسول جيڪو اوهان ڏي (اوهان کي سيکارڻ لاءِ) موڪليو ويو آهي

سو تہ ديوانو آهي. (۲۸) حضرت موسيٰ (وڏيڪ) فرمايو تہ، جيڪڏهن توهان عقل کان ڪم وٺو تہ (سمجهي سگهندؤ تہ) اهوئي رب مشرق ۽ مغرب جو (خالق ۽) پروردگار آهي ۽ جيڪي بہ اوپر ۽ اولهہ جي وچ ۾ آهي تنهن جو بہ (خالق ۽) پروردگار آهي. (۲۹) (ويچاري فرعون کي اچي لڳو پنهنجي بادشاهي وچڙ جو ڊپ سو حضرت موسيٰ کي) چيائين تہ، جيڪڏهن تون مون کي چڏي ڪنهن بئي کي معبود (۽ بادشاهہ) ڪري وٺندين تہ مان توکي قيد ۾ رکندس. (۳۰) حضرت موسيٰ فرمايو تہ، چا (تون مون کي قيد ڪندين؟) اگرچہ مان توڏي چٽي ۽ روشن شيءِ (يعني پڪا دليل ۽ عاليشان معجزا) ڪٽي آيو آهيان. (۳۱) فرعون (لاچار ٿي) چيو تہ، جيڪڏهن تون سچو آهين تہ پلا اها شيءِ پيش ڪر؟ (۳۲) تنهن تي حضرت موسيٰ پنهنجي لٺ (پٽ تي) اڇلائي تہ هڪدم هڪڙي وڏي چٽي پٽي ازدها يعني بلا يا وڏو نانگ ٿي پيئي. (۳۳) ۽ ٻيو (چا ڪيائين جو بغل مان) پنهنجي هٿ چڪي ٻاهر ڪڍيائين تہ اهو ناظرينن کي چمڪندڙ ڏسڻ ۾ آيو.

رکوع ۳ آيت ۳٤ ـ تا ـ ۵۱

حضرت موسيٰ عليہ السلام فرعون جي گهرايل جادوگرن کي لاجواب ڪري وڏو ۽ جادوگرن ايمان آندو.

(۳٤) فرعون انهن سردارن کي جيڪي سندس اردگرد هئا، چيو تہ، بيشڪ هيءُ وڏو هوشيار جادوگر آهي. (۳۵) هو چاهي ٿو تہ، پنهنجي جادوءَ جي زور سان اوهان کي اوهان جي ملڪ مان تڙي ڪڍي. ان حالت ۾ اوهان جي راءِ ڪهڙي آهي؟ (۳٦) هنن (سردارن) جواب ۾ چيو تہ، هن کي (يعني حضرت موسيٰ کي) ۽ سندس ڀاءُ کي مهلت ڏي (يعني في الحال کين ڪجهہ نہ چئو) ۽ سيني شهرن ڏي گڏ ڪندڙ قاصد موڪل. (۳۷) جيڪي (تنهنجي) سيني هوشيار جادوگرن کي (جمع ڪري) تووٽ وٺي اچن. (۳۸) سو سڀ جادوگر گڏ ڪيا ويا، انهيءَ ڏينهن لاءِ جو (مقابلي لاءِ) مقرر ڪيو ويو ۽ جو معلوم ۽ مشهور ڏينهن هو، (يعني عيد يا جشن جو ڏينهن هو.) (۳۹) ۽ (جڏهن گهٽائي ماڻهو ان ڏينهن گڏ ٿي ويا تڏهن) ماڻهن کان پڇيو ويو تہ سيئي گڏ ٿيا آهيو؟ (٤۰) (چگو اڄ) ممڪن آهي تہ جيڪڏهن اسان جا جادوگر (حضرت موسيٰ سان مقابلو ڪرڻ ۾) غالب رهندا تہ (اسان پنهنجي) جادوگرن جي پيروي (وڏيڪ شوق سان) ڪندا رهنداسين. (٤۱) پوءِ جڏهن جادوگر بہ اچي ويا تڏهن هنن فرعون کي چيو تہ، جيڪڏهن اسان (مقابلي ۾ حضرت موسيٰ عليہ السلام تي) غالب پئجي وڃون تہ پوءِ اسان کي انعام ملندو نہ؟ (٤۲) فرعون چيو تہ، هائو (نہ رڳو اوهان کي انعام ملندو پر) توهان ان صورت ۾ منهنجي ويجهو ٿيندؤ. (يعني اوهان کي درٻاري ڪيو ويندو). (٤۳) حضرت موسيٰ انهن (جادوگرن) کي چيو تہ، جيڪي توهان کي پيش ڪرڻو آهي، سو پيش ڪيو. (يعني پنهنجا ڪرشما ڏيکاريو). (٤٤) تنهن تي هنن پنهنجون

رسيون ۽ لڏيون ميدان ۾ اڇليون ۽ چوڻ لڳا تہ، فرعون جي عزت جو قسم! اسان ضرور غالب پونداسين. (٤٥) (سندن رسيون ۽ لڏيون ڏانگن وانگر چرندي ڏسڻ ۾ آيون) تنهن تي حضرت موسيٰ ٻہ پنهنجي لٺ ميدان ۾ اڇلائي تہ (سبحان الله! چا ٿيو جو اها لٺ وڏي بلا ٻڏجي) انهن سيني کي ڳهي ويئي جي ڪوڙا ڏيک هنن ڏاهيا هئا. (٤٦) تڏهن سڀ جادوگر (ان کي خدائي معجزو سمجهي خدا جي اڳيان) سجدي ۾ ڪري پيا. (٤٧) (۽ بي ڏڙڪ) چئي ڏناڻون تہ، اسان سڄي ڪائنات جي پروردگار تي ايمان آندو آهي. (٤٨) (اسان انهيءَ پروردگار تي ايمان ٿا آڻيون) جو موسيٰ ۽ هارون جو پروردگار آهي (يعني انهيءَ رب تي جنهن کي موسيٰ ۽ هارون رب ڪري ٿا مڃين). (٤٩) (فرعون جادوگرن تي ڪاوڙجي) چيو تہ، چا منهنجي اجازت وڻڻ کان اڳ ۾ ئي توهان (مون کي چڏي ٻئي رب تي) ايمان آندو آهي؟ مون کي يقين آهي تہ هي (موسيٰ) اوهان جو وڏو آهي (۽ اوهان جو استاد آهي) جنهن اوهان کي جادوگري سيکاري آهي. سو جلد ئي اوهان کي خبر پوندي (تہ مان توهان سان ڪهڙيون تعديون ٿو ڪيان) . مان توهان جا هٿ ۽ پير آرپار ابتا سبتا وڌائي چڏيندس، ۽ اوهان سيني کي سوريءَ تي لٽڪائيندس. (٥٠) هنن (جادوگرن جواب ۾) چيو تہ، ڪهڙي ڳالهہ آهي (آخر تہ سڀ ڪنهن کي مرڻو آهي اسان کي ايمان جي لذت ۽ خدا جو راضپو ڪافي آهي) اسان يقيناً پنهنجي رب ڏانهن موٽي وڃڻا آهيون (جو اسان تي پنهنجون رحمتون ۽ نعمتون ڪندو). (٥١) (وڏيڪ چياڻون تہ) اسان تہ اهائي خواهش ٿا رکون تہ اسان جو پروردگار اسان جون خطائون معاف ڪري، جو اسان (اوهان مصري ماڻهن ۾) سيني کان اڳ ۾ مؤمن ٿيا آهيون.

رکوع ٤ آيت ٥٢ ـ تا ـ ٦٨

حضرت موسيٰ عليہ السلام بني اسرائيل کي وٺي روانو ٿيو ۽ فرعون ٻڏي مئو.

(٥٢) ۽ اسان موسيٰ کي وحيءَ جي رستي حڪم ڏنو تہ، منهنجي بندن (بني اسرائيلن ۽ ٻين مؤمنن) کي راتوواھ (مصر ملڪ مان) ڪڍي وڃ. پڪ آهي تہ فرعون ۽ سندس ماڻهو (اوهان کي روڪڻ ۽ پڪڑڻ لاءِ) اوهان جي پوئتان پوندا. (٥٣) (انهيءَ وچ ۾) فرعون (چا ڪيو جو سيني) شهرن ڏانهن پنهنجا قاصد موڪلياٸين (۽ بني اسرائيلن جي خلاف لشڪر گڏ ڪرڻ جي تياري ڪرڻ لڳو). (٥٤) (۽ چوڻ لڳو تہ) هي (بني اسرائيل) هڪ ننڍڙي (۽ هيٺي) ٽولي آهن. (٥٥) (تنهن هوندي ٻہ ايتري جرئت ڪئي اٽن جو) اسان جي خلاف غصي جو اظهار ڪرڻ لڳا آهن (يا اهڙيون ڳالهيون ڪري رهيا آهن جيڪي اسان کي غصو ۽ ڪاوڙ ڏيارينڊڙ آهن.) (٥٦) ۽ (هو ڏسن ئي نٿا تہ) اسان تہ بيشڪ وڏو لشڪر آهيون ۽ (هنن جي مقابلي لاءِ اڳ ئي) خبردار (۽ تيار) آهيون. (٥٧) تنهن ڪري اسان هنن (بني اسرائيلن) کي باغن ۽ چشمن مان تڙي ڪڍيو. (٥٨) ۽ پٽ خزانن ۽ چگين جاين (يا چگن عهدن ۽ ڏنڏن) کان اسان کين محروم ڪيو. (٥٩) (برابر فرعون ۽ سندس

ماڻهن بني اسرائيلن سان) اهڙي هلت ورتي هئي (ڄ ڪين غلام بنائي رکيو هو) پر اسان (يعني الله تعاليٰ پوءِ) بني اسرائيلن کي (شام ملڪ ۾) اهڙين شين (يعني باغن وغيره) جو وارث ڪيو. (٦٠) (حضرت موسيٰ ۽ بني اسرائيلن سان رات جي وقت روانو ٿي ويو) پوءِ صبح جو سج اپرڻ بعد فرعون ۽ سندس ماڻهو (انهيءَ خبر پوڻ تي) سندن پٺيان پيا. (٦١) پوءِ جڏهن بنهي ٽولين هڪ ٻئي کي ڏٺو تڏهن حضرت موسيٰ جي ساٿين (ڊڄي) چيو ته، پڪ آهي ته اسان کي پڪڙي ونڊندا. (٦٢) حضرت موسيٰ فرمايو ته، هرگز ڪونہ پڪڙي سگهندا. بيشڪ منهنجو پروردگار مون سان (مددگار) آهي. اهوئي اجهو ٿو مون کي (حفاظت جي) واٽ ڏيکاري. (٦٣) پوءِ اسان موسيٰ کي وحي جي رستي حڪم ڪيو ته سمنڊ تي پنهنجي لٺ هڻ. (هن لٺ هنئي تہ) سمنڊ ڇڇي (ٻہ ڀاڱا ٿي) پيو. ۽ هرهڪ ڀاڱو هڪ وڏي جبل جهڙو ڏسڻ ۾ آيو. (٦٤) ۽ ٻين کي (يعني فرعون ۽ سندس ماڻهن کي) اسان اڃا ٻہ وڌيڪ ويجهو آندو. (٦٥) ۽ حضرت موسيٰ کي ۽ سندس سڀني ساٿين کي ته (دشمن جي لشڪر توڙي سمنڊ کان) بچائي ورتوسين. (٦٦) پر ٻين کي (يعني فرعون ۽ سندس ماڻهن کي) ٻوڙي ڇڏيوسين. (٦٧) بيشڪ هن واقعي ۾ وڏي نشاني آهي. (مڪي جي ماڻهن جي عبرت وٺڻ لاءِ) پر انهن مان گهڻا ايمان نٿا آڻين. (٦٨) ۽ تنهنجو رب بيشڪ غالب ۽ مهربان آهي (يعني منڪر مغلوب ٿيندا ۽ مؤمنن تي الله تعاليٰ جي مهرباني ٿيندي).

رکوع ۵ آيت ٦٩ ـ تا ـ ١٠٤

حضرت ابراهيم عليہ السلام جي، بتن متعلق سمجهاڻي. نيڪ ماڻهن جو مقصد ۽ دعا

(٦٩) ۽ (اي پيغمبر!) انهن ماڻهن کي حضرت ابراهيم جو قصو ٻہ ٻڌاءِ. (٧٠) (انهيءَ وقت وارو حال ٻڌاءِ) جڏهن هن پنهنجي پيءُ کان ۽ پنهنجي قوم جي ماڻهن کان پڇيو ته، توهان ڪنهن جي ٻانهپ ۽ غلامي ٿا ڪيو؟ (٧١) هنن جواب ڏنو ته، اسان بتن جي پوڄا ۽ ٻانهپ ڪندا آهيون ۽ انهن وٽ (گهڻو وقت گوڏا ڀيڇي) حاضريءَ ۾ رهندا ۽ ويهندا آهيون. (٧٢) (تنهن تي) حضرت ابراهيم کانئن پڇيو ته، جڏهن توهان انهن بتن کي پڪاريو ٿا تڏهن اهي اوهان جو آواز ٻڌن ٿا ڇا؟ (٧٣) يا اهي اوهان کي ڪو نفعو يا نقصان ٻہ پهچائين ٿا ڇا؟ (٧٤) هنن ورندي ڏني (تہ، نہ!) پر اسان پنهنجي وڏن کي ائين ڪندي (يعني بتن جي پوڄا ڪندي) ڀئي ڏٺو آهي (سو اسان ٻہ ائين ٿا ڪيون ۽ ڪندا رهنداسين.) (٧٥ ۽ ٧٦) حضرت ابراهيم وري پڇيو ته، پوءِ توهان ڏسي ۽ سمجهي نٿا سگهو ڇا تہ جن جي پوڄا اوهان ڪري رهيا آهيو ۽ اوهان جا اڳوڻا ابا ڏاڏا ڪندا رهيا هئا سي ڪهڙي شيءِ آهن؟ (ڄ انهن جي پوڄا مان حاصل ڇا ٿيندو؟). (٧٧) (مان تہ پنهنجي تجربي، عقل ۽ خدائي هدايت جي وسيلي چٽو ڏسي سگهان ٿو تہ) اهي سڀ (جن جي پوڄا ٿي رهي آهي سي) منهنجا دشمن آهن (بلڪ سڀني ماڻهن جا دشمن آهن، ڇو تہ انهن جي ڪري سڀ تباهہ ٿا ٿين) فقط سڄي جهان جو پروردگار ئي (منهنجو ۽ ٻين سڀني جو دشمن ناهي، بلڪ اسان

جو پلو چاهيندڙ ۽ نعمتون ڪندڙ آهي). (۷۸) (اهو پروردگار ئي منهنجي سڃڻ آهي) جنهن مون کي خلقيو ۽ اهوئي آهي جو مون کي سڌي واٽ ڏيکاري ٿو. (۷۹) ۽ جو مون کي کارائي ٿو ۽ پيئاري ٿو. (۸۰) ۽ جو جڏهن مان بيمار ٿو ٿيان تڏهن مون کي شفا ڏئي ٿو. (۸۱) ۽ جو مون کي ماريندو ۽ وري جيئاريندو. (۸۲) ۽ جنهن ۾ منهنجي اميد آهي ته هو جزا ۽ سزا جي ڏينهن منهنجون خطائون بخشيندو. (۸۳) (مٿين الفاظن چوڻ بعد حضرت ابراهيم دعا گهري ٿو ته) اي منهنجا رب! مون کي علم ۽ عقل عطا ڪر ۽ مون کي صالح (نيڪ) ماڻهن ۾ شامل ڪر. (۸۴) ۽ مون کان پوءِ جيڪي پيڙهيون پيدا ٿيڻيون آهن تن ۾ منهنجو سچو ۽ چگو ذڪر جاري رک (ته انهن لاءِ منهنجي تاريخ چگو مثال ٿئي ۽ هو به چگا عمل ڪن). (۸۵) ۽ مون کي نعمتن سان پريل جنت جو وارث ڪر. (۸۶) ۽ منهنجي پيءُ کي به بخش، هو بيشڪ گمراهه ماڻهن ۾ شامل آهي. (۸۷) ۽ مون کي انهيءَ ڏينهن خوار ۽ شرمسار نه ڪجانءِ، جنهن ڏينهن ماڻهو وري جيئرا ڪري اٿاريا ويندا. (۸۸) ۽ جنهن ڏينهن نڪي مال ملڪيت ڪم ايندي، نڪي پٽ ڪم ايندا. (۸۹) پر جيڪو ماڻهو سليم (۽ پاڪ) دل ڪٽي الله وٽ ايندو (سو بيشڪ قيامت جي ڏينهن فلاح پائيندو.) (۹۰) ۽ جنت پاڪ ۽ پرهيزگار ماڻهن لاءِ ويجهي آندي ويندي. (۹۱) ۽ گمراهن جي لاءِ دوزخ ظاهر ڪري (کين) ڏيکاريو ويندو. (۹۲) ۽ انهن (گمراهه ماڻهن) کي چيو ويندو ته، ڪٿي آهن اهي (ديوتائون) جن کي اوهان پوڄيندا هئو؟ (يعني هاڻي توهان سمجهي ٿا سگهو ته اهي ڪجهه به نه آهن.) (۹۳) خدا کي چڏي (جن ديوتائن کي اوهان پوڄيندا هئو سي ٻڌايو ته) توهان جي ڪا مدد ڪري ٿا سگهن يا رڳو سندن به ڪا مدد ڪري ٿا سگهن؟ (بلڪل نه). (۹۴) پوءِ اهي ۽ سڀ گمراهه ماڻهو منهن ڀر ان دوزخ ۾ اڇلايا ويندا. (۹۵) ۽ ابليس جا لشڪر سڀ جو سڀ (پڻ ان باهه ۾ اڇلايا ويندا). (۹۶) اهي (گمراهه ماڻهو) پاڻ ۾ جهڳڑا ۽ بحث ڪندا ۽ چوندا ته، (۹۷) قسم آهي خدا جو ته اسان چٽي چٽي گمراهي ۾ هئاسين. (انهيءَ وقت). (۹۸) جڏهن اسان اوهان (ڪوڙن ديوتائن) کي سڃي جهان جي رب جي برابر سمجهندا هئاسين. (۹۹) ۽ اسان کي گمراهه ڪيو ته انهن ئي ڏوهارين ڪيو (جيڪي نڱيءَ سان اسان کي مطيع ڪري پنهنجا فائدا ڪيندا هئا. جو اسان کي چوندا هئا ته اسان توهان جي شفاعت ڪنداسين.) (۱۰۰) (پر) پوءِ هاڻي ته اسان لاءِ کوبه سفارش ڪرڻ وارو ڪونهي. (۱۰۱) ۽ نڪو ڪو (اسان لاءِ) سچو دوست ئي آهي. (۱۰۲) پوءِ هاڻي جيڪڏهن هيئن ممڪن هجي جو اسان وري دنيا ۾ وڃي سگهون ته اسان جيڪر يقيناً ايمان آڻيون (اهو پڇتاءُ هاڻي ڪم نه ايندو.) (۱۰۳) بيشڪ هن واقعي ۾ وڏي نشاني آهي، پر (تنهن هوندي به مڪي جي ماڻهن مان) گهڻا ماڻهو ايمان نٿا آڻين. (۱۰۴) ۽ بيشڪ تنهنجو پروردگار (سيني تي) غالب ۽ رحم وارو آهي. (اي پيغمبر تون فڪر نه ڪر، اهي منڪر مغلوب ٿيندا ۽ اسان مؤمنن تي رحم ڪري کين غالب ڪنداسين.)

رکوع ٦ آيت ١٠٥ ـ تا ـ ١٢٢

حضرت نوح عليہ السلام جي واقعي ۾ ٻہ عبرت ونندڙن لاءِ وڏيون نشانيون آهن.

(١٠٥) (اهڙيءَ ئي طرح) حضرت نوح جي قوم ٻہ رسولن کي نہ مڃيو. (١٠٦) (ڏسو تہ چا ٿيو) جڏهن سندن ئي برادريءَ جو ماڻهو حضرت نوح (انهن ڏانهن پيغمبر ڪري موڪليو ويو جنهن کين) چيو تہ (چو بد ڪمن ۽ گناهن ۾ غلطان ٿي ويا آهيو؟) چا توهان الله (جي نافرمانيءَ جي نتيجن) کان ڊجو ئي نٿا؟ (١٠٧) مان توهان جي لاءِ اعتبار جوگو پيغمبر آهيان. (١٠٨) تنهن ڪري خدا کان ڊجو ۽ منهنجي پيروي ڪيو (چو تہ مان فقط خدا جا حڪم ٿو پهچايان). (١٠٩) ۽ (ڏسو تہ) مان انهيءَ ڪم لاءِ (جو ڪيان ٿو پيو) کنهن ٻہ قسم جو اجورو يا عيوضو اوهان کان ڪونہ ٿو گهران. منهنجو اجورو تہ فقط جهانن جي پروردگار جي ذمي آهي. (١١٠) تنهن ڪري خدا کان ڊجو ۽ منهنجي حڪمن جي تعميل ڪيو (چو تہ اهي خدا جا حڪم آهن). (١١١) هنن (منڪرن) جواب ڏنو تہ، (اي نوح! اسان ڏسون ٿا تہ) بلڪل رڌيل ۽ خسيس ماڻهو تنهنجي پيروي ڪري رهيا آهن (۽ تو وٽ اچن ٿا) چا اهڙيءَ حالت ۾ اسان (سردار) تو تي ايمان آڻيون (۽ انهن خسيس ماڻهن سان گڏجي ويهون؟) (١١٢) حضرت نوح جواب ڏنو تہ، مون کي ڪهڙي خبر آهي ۽ ڪيئن خبر پوي تہ اهي (مسڪين ماڻهو) ڪهڙا ڪهڙا عمل ڪندا آهن؟ (١١٣) خدا شال توهان کي سمجهہ ڏئي (۽ توهان سمجهو تہ) انهن ماڻهن (جي عملن وغيره) جو حساب ونڊ تہ فقط منهجي پروردگار جي ذمي آهي (نہ ڪہ منهنجي ذمي). (١١٤) ۽ مون کي هرگز مناسب ناهي تہ مان ايمان آڻيندڙن کي تڙي ڪيان، (هنن جي دلين جي خبر تہ فقط الله کي آهي). (١١٥) (وڌيڪ حضرت نوح کين فرمايو تہ،) مان تہ فقط (الله جي نافرماني ڪندڙن کي) چٽيءَ طرح خبردار ڪندڙ آهيان. (١١٦) هنن (منڪرن) جواب ڏنو تہ، اي نوح! جيڪڏهن تون انهن ڳالهين کان باز نہ ايندين تہ اسان تو کي پٿر هڻي ماري ڇڏيندا سين. (١١٧) حضرت نوح (الله تعاليٰ کي ٻاڏائي) چيو تہ، اي منهنجا رب! منهنجي قوم جي ماڻهن مون تي ايمان آڻڻ کان صفا انڪار ڪيو آهي. (١١٨) سو هاڻي منهنجي ۽ هنن جي وچ ۾ قطعي فيصلو ڪري ڇڏ، ۽ مون کي ۽ انهن مؤمنن کي جيڪي مون سان شامل آهن، (هنن حق جي دشمنن کان) بچائي وڃ. (١١٩) سو اسان هن کي ۽ سندس ساٿين کي جيڪي پريل ٻيڙيءَ ۾ (سوار) هئا (دشمنن کان ۽ ٻوڏ جي پاڻيءَ کان) بچائي سلامت رکيو. (١٢٠) پوءِ جيڪي ماڻهو (پٺتي) باقي رهيا تن (منڪرن) کي اسان ٻوڙي غرق ڪري ڇڏيو. (١٢١) (ڏسو) هن واقعي ۾ ٻہ (عبرت ونڊ لاءِ) بيشڪ وڏي نشاني آهي. پر (افسوس) هنن ماڻهن مان گهٽا ماڻهو ايمان نٿا آڻين. (١٢٢) ۽ (نٿا ڄاڻن تہ) بيشڪ تنهنجو رب سيني تي غالب آهي (۽ کين تباهہ ڪندو) ۽ سيني تي مهربان آهي. (تنهن ڪري مؤمنن تي نعمتون ڪندو).

ركوع ۷ آيت ۱۲۳ ـ تا ـ ۱۴۰

حضرت هود عليه السلام ۽ سندس قوم عاد جو ذڪر

(۱۲۳) (ساڳيءَ طرح) عاد قوم جي ماڻهن به رسولن کي نه مڃيو. (۱۲۴) ڏسو سندن برادريءَ جي ماڻهن، حضرت هود هنن کي چيو ته، (توهان ڇو برائين ۾ ڪاهي پيا آهيو) ڇا توهان الله تعاليٰ (جي نافرمانيءَ جي نتيجن) کان ڊڄوئي نٿا؟ (۱۲۵) يقيناً مان اوهان ڏي رسول ڪري موڪليو ويو آهيان (۽ توهان کي خبر آهي ته مان ڪڏهن به ڪوڙ نه ڳالهايو آهي ۽ نه ڪڏهن امانت ۾ خيانت ڪئي آهي) مان سچ پچ اعتبار جوڳو آهيان. (۱۲۶) تنهن ڪري خدا کان ڊڄو ۽ منهنجي فرمانبرداري ڪيو (جو ته مان فقط خدا جا حڪم ٿو پهچايان. انهن تي عمل ڪرڻ ۾ اوهان جي ئي چڱائي آهي.) (۱۲۷) ۽ (ڏسو) مان هن ڪم لاءِ (يعني خدا جي حڪمن پهچائڻ جي عيوض) اوهان کان ڪوبه اجورو ڪونه ٿو گهران. منهنجو اجورو ته فقط جهانن جي پروردگار جي ذمي آهي. (۱۲۸) ڇا توهان هرهڪ مٿانهين جاءِ تي (فقط ڏيک ويک لاءِ) اجايا ٻي فائدا يادگار ٿا بنايو؟ (۱۲۹) ۽ توهان وڏا وڏا محلات ٿا ٺاهيو. (جڙ ته) اميد ٿا رکو ته توهان انهن ۾ هميشه رهندؤ. (توهان وساري ٿا ڇڏيو ته هيءَ زندگي هڪ ڏينهن جي برابر آهي.) (۱۳۰) ۽ جڏهن (ڪنهن به معاملي ۾ ڪنهن سان به) لڙو ٿا ته، (انصاف کي ڇڏي) ظلم ۽ ڏاڍائي واري وات ٿا وٺو. (۱۳۱) سو خدا کان ڊڄو ۽ منهنجي فرمانبرداري ڪيو. (۱۳۲) انهيءَ (مهربان) خدا (جي نافرمانيءَ جي نتيجن) کان ڊڄو، جنهن (پنهنجي فضل سان) توهان کي (گهٽيون ئي نعمتون) ڏنيون آهن جي توهان پاڻ ڄاڻو ٿا. (۱۳۳) (توهان کي خبر آهي ته) هن اوهان کي ڏور ڏيڳا (۽ ٻي دولت) ۽ اولاد (۽ لشڪر وغيره) عطا ڪيا آهن. (۱۳۴) ۽ باغات ۽ چشما (به عطا ڪيا اٿس). (۱۳۵) (انهن نعمتن هوندي به جو توهان سندس نافرماني ڪري ظلم ۽ گناهه جا ڪم ٿا ڪيو سو) مون کي وڏو انديشو آهي ته هڪ وڏي سخت ڏينهن جو عذاب توهان تي اچي ڪڙڪندو. (۱۳۶) انهن (منڪرن) جواب ۾ چيو ته (اي هود! تون اجايو پنهنجو ۽ اسان جو مغز ٿو کپائين) تون اسان کي واعظ نصيحت ڪرين توڙي نه ڪرين اسان جي لاءِ ساڳي ڳالهه آهي. (اسان تنهنجون ڳالهيون ڪونه مڃينداسين.) (۱۳۷) اهي (عذاب کان ڊيڄارڻ جون) ڳالهيون ته اڳوڻن ماڻهن جون آهن. (جن کي اهڙين ڳالهين ڪرڻ جي عادت ٿي ويئي هئي تون جهونن خيالن جو ماڻهو آهين، اسان نئين روشني وارا آهيون.) (۱۳۸) ۽ (انهن منڪرن وڌيڪ هيئن به حضرت هود کي چئي ڏنو ته) اسان تي عذاب بلڪل ڪونه ايندو). (۱۳۹) مطلب ته هنن حضرت هود کي نه مڃيو، تنهن ڪري اسان به هنن کي برباد ڪري ڇڏيو. بيشڪ انهيءَ واقعي ۾ (سمجهه وارن لاءِ وڏي) عبرت جي نشاني آهي، پر (افسوس ته) هنن ماڻهن مان گهڻا ايمان نٿا آڻين. (۱۴۰) ۽ (هو نٿا ڄاڻن ته) يقيناً تنهنجو پروردگار سيني تي غالب ۽ وڏي رحم وارو آهي.

رکوع ۸ آيت ۱۴۱ ـ تا ـ ۱۵۹

حضرت صالح عليہ السلام ۽ سندس قوم ثمود جو مختصر ذڪر.

(۱۴۱) ثمود قوم جي ماڻهن ب رسولن کي ڪوڙ مڃيو. (۱۴۲) ڏسو سندن برادريءَ جي ماڻهن، حضرت صالح کي چيو ت، چا توهان (مسڪينن تي ظلم ڪري رهيا آهيو ۽) خدا کان ڊڄو ئي نٿا؟ (۱۴۳) (مان توهان کي صاف صاف سچي ڳالهه ٿو ٻڌايان ت) مون کي اوهان ڏي رسول ڪري موڪليو ويو آهي (۽ توهان کي معلوم آهي ت) مان معتبر آهيان (تنهن ڪري هن ڳالهه ۾ ب مون تي اعتبار ڪيو). (۱۴۴) سو توهان الله تعاليٰ (جي نافرمانيءَ جي نتيجن) کان ڊڄو ۽ منهنجي فرمانبرداري ڪيو (چو ت مان رڳو خدا جا حڪم ٿو پهچايان). (۱۴۵) ۽ (توهان ڏسو ٿا ت) مان انهيءَ ڪم لاءِ (يعني اوهان کي خدا جا حڪم پهچائڻ لاءِ) ڪو اجورو يا عيوضو ت ڪونہ ٿو گهران. منهنجو اجورو ت فقط جهانن جي پروردگار جي ذمي آهي. (۱۴۶) چا (توهان هيئن ٿا سمجهو چا ت) جيڪي هتي هن دنيا ۾ (نعمتون) آهن، سي ماڻڻ لاءِ اوهان کي (دائمي طور) امن امان ۾ ڇڏيو ويندو؟ (۱۴۷) توهان (دائمي) باغن ۽ چشمن ۾ امن امان جي حالت ۾ ڇڏيا ويندو؟ (۱۴۸) ۽ توهان (دائمي پلين) ٻنين ۽ ڪجور جي وڻن ۾ ڇڏيا ويندؤ؟ چا جن ڪجورن جا ڇڪا (ڪارڪن جي بار کان) ڦٽڻ تي آهن. (۱۴۹) ۽ توهان ڪرن کي ڪي وڏي هنر ۽ ڪاريگريءَ سان جايون ٺاهيو ٿا. (۱۵۰) (اوهان اهي نعمتون خدا جي طرف کان نٿا سمجهو ۽ سندس نافرماني ٿا ڪيو) سو خدا (وڏان ايندڙ عذاب) کان ڊڄو ۽ منهنجي چوڻ تي هلو (چو ت مان فقط اهي حڪم ٿو پهچايان جي خدا تعاليٰ وڏان ٿا اچن). (۱۵۱) ۽ انهن جا حڪم نہ مڃيو جيڪي ليڪو لنگهي ٻينا آهن، (۽) (۱۵۲) جيڪي ملڪ ۾ فساد ۽ بگاڙ ٿا ڪن ۽ سڌارو ڪونہ ٿا ڪن. (۱۵۳) (ظالم ۽ خودغرض سردارن تي انهيءَ نصيحت جو اثر ڪونہ پيو) هنن چيو ت، (اي صالح تون آهين چا؟) تو تي ڪو جادوءَ جو اثر پئجي ويو آهي (جو بي عقليءَ جون ڳالهيون پيو ڪرين). (۱۵۴) تون ڪجهه ب نہ آهين، سواءِ هن جي ت اسان جهڙو ماڻهو آهين. جيڪڏهن تون سچ ٿو چوين (ت مون کي رسول ڪري موڪليو ويو آهي) ت پلا آڻ ڪا نشاني (يعني ڏيکار ڪو معجزو). (۱۵۵) (حضرت صالح) فرمايو ت، هيءَ ڏاچي (نشاني) آهي. هن کي ب پاڻي پيئڻ جو حق آهي ۽ اوهان کي ب (پنهنجي مال کي) پاڻي پيارڻ جو حق آهي (پر واري سان) مقرر ڏينهن تي. (۱۵۶) ۽ ان ڏاچيءَ کي ڪو ايذاءُ يا تڪليف نہ پهچائجو. نہ ت هڪڙي وڏي سخت ڏينهن جو عذاب اچي توهان تي ڪڙڪندو. (۱۵۷) پوءِ ب هنن ڏاچيءَ جا پير ڪاٽي ڇڏيا، پر پوءِ پشيمان ب ٿيا (۽ ڏٺا ت متان عذاب سچ پچ اچي وڃي). (۱۵۸) سو (سچ پچ) هنن تي عذاب اچي ڪڙڪيو. بيشڪ انهيءَ واقعي ۾ وڏي عبرت جي نشاني آهي، پر (فسوس ت هنن مڪي جي ماڻهن مان) گهٽا ماڻهو ايمان نٿا آڻين. (۱۵۹) ۽ (هو نٿا ڄاڻن ت) بيشڪ (اي پيغمبر!) تنهنجو پروردگار سيني تي غالب پوڻ وارو ۽ وڏي رحم وارو آهي.

رکوع ۹ آيت ۱۶۰ ـ تا ـ ۱۷۵

حضرت لوط عليہ السلام ۽ سندس قوم جو مختصر ذڪر

(۱۶۰) (ساڳيءَ طرح) حضرت لوط جي قوم جي ماڻهن ۾ رسولن کي نہ مڃيو. (۱۶۱) ڏسو سندن برادريءَ جي ماڻهن کي حضرت لوط (عليہ السلام) چيو تہ (افسوس جو توهان سخت شرمناڪ ۽ غليظ ڪم ڪري رهيا آهيو) (چا توهان خدا (جي عذاب) کان ڊڄوئي نٿا؟ (۱۶۲) يقيناً مان اوهان ڈي رسول ڪري موڪليل آهيان، ۽ (توهان کي معلوم آهي تہ) مان امين آهيان (مون تي اعتبار ڪيو مان توهان کي توهان جي ئي چگائي لاءِ ضروري نصيحت ٿو ڏيان). (۱۶۳) تہ خدا کان ڊڄو ۽ منهنجي چوڻ تي هلو. (۱۶۴) ۽ (ياد رکو تہ) مان هن ڪم لاءِ (يعني خدائي حڪمن پهچائڻ جي عيوض) توهان کان ڪو اجورو ڪونہ ٿو گهران. منهنجو اجورو تہ جهانن جي پروردگار جي ذمي آهي. (۱۶۵) چا سڄي جهان ۾ توهان ئي آهيو جي نرن ڏي (بدفعليءَ لاءِ) وجو ٿا؟ (يا سڄي جهان ۾ توهان کي رڳو نر ئي بدفعليءَ لاءِ پسند آهن چا؟) (۱۶۶) ۽ توهان جي لاءِ توهان جي پروردگار جيڪي زالون پيدا ڪيون آهن تن کي ڇڏي ٿا ڏيو (۽ چوڪرن ۽ مردن ڏي ٿا وجو). حقيقت هيءَ آهي تہ توهان اهي ماڻهو آهيو جيڪي ليڪو لنگهي ٻيٽا آهيو. (۱۶۷) هنن (فاحش ماڻهن) جواب ڏنو تہ، اي لوط! جيڪڏهن تون (هن واعظ ۽ نصيحت کان) باز نہ ايندين تہ اسان تو کي ضرور (هن ملڪ مان ڪڍي) ڪڍي ڇڏينداسين. (۱۶۸) (تنهن تي) حضرت لوط چيو تہ، مون کي اوهان جي (برن) عملن کان سخت نفرت آهي. (سو مان پاڻ ۾ اوهان وٽ رهڻ ۾ راضي نہ آهيان). (۱۶۹) (حضرت لوط ٻوءِ خدا کي پڪاريو تہ) اي منهنجا پروردگار! مون کي ۽ منهنجي خاندان جي ماڻهن کي هنن (فاحش) ماڻهن جي عملن (جي شامت کان يا سندن ظلم) کان بچائي وڃ. (۱۷۰) سو اسان هن کي ۽ سندس سيني مڃيندڙن کي بچائي ورتو. (۱۷۱) سواءِ هڪ ٻڍي عورت جي (جا سندس ئي زال هئي) اها (پاڻ بي ايمان ٿي) پٺتي رهجي ويئي. (۱۷۲) پوءِ ٻين کي اسان ناس ڪري ڇڏيو. (۱۷۳) ۽ اسان هنن (فاحش ماڻهن) تي پٿرن جو مينهن وسايو. سو (ڏسو تہ) جن ماڻهن کي خبردار ۽ ڪيو ويو (پر تہ ۽ نصيحت نہ مڃيائون.) تن تي ڪهڙو نہ بچڙو مينهن وسيو. (۱۷۴) بيشڪ هن واقعي ۾ وڏي عبرت جي نشاني آهي، پر (افسوس جو) هنن مان گهٽا ماڻهو ايمان نٿا آڻين. (۱۷۵) ۽ (نٿا ڄاڻن تہ) تنهنجو پرودگار ئي آهي جو سيني تي غالب پوڻ وارو ۽ وڏي رحم وارو آهي.

رکوع ۱۰ آيت ۱۷۶ ـ تا ـ ۱۹۱

حضرت شعيب عليہ السلام ۽ اهل مدين جو ذڪر.

(۱۷۶) (ساڳيءَ طرح) ائڪ جي ماڻهن ۾ رسولن کي نہ مڃيو. (۱۷۷) ڏسو حضرت شعيب هنن کي چيو تہ (توهان واپار ۾ ٻين کي نقصان ٿا رسايو) چا توهان کي خدا جو خوف ئي نٿو ٿئي؟

(۱۷۸) يقيناً مان توهان ڏي رسول ڪري موڪليو ويو آهيان، (توهان کي معلوم آهي تہ) مان امين آهيان (۽ اعتبار جي لائق آهيان). (۱۷۹) سو خدا (جي نافرمانيءَ جي نتيجن) کان ڊڄو، ۽ منهنجي حڪمن جي پيروي ڪيو (جو تہ اهي حڪم الله جا آهن). (۱۸۰) ۽ (منهنجي سچائيءَ جي لاءِ هيءَ بہ ٿابتي آهي تہ) مان انهيءَ (تبليغ جي) ڪم لاءِ اوهان کان ڪو اجورو ڪونہ ٿو گهران. منهنجو اجورو تہ فقط جهانن جي پالڻهار جي ذمي آهي. (۱۸۱) پوري ماپ ڪري ڏيو (نہ گهٽ ڏيو) ۽ ماڻهن کي نقصان نہ پهچائيندا ڪريو. (۱۸۲) ۽ سڌي ۽ سچي ترازيءَ سان تور ڪيو (ائين نہ ڪيو جو ڏيڻ مهل گهٽ توري ڏيو ۽ وٺڻ مهل وڌيڪ توري وٺو.) (۱۸۳) ۽ ماڻهن کي سندن شيون گهٽ ڪري نہ ڏيو (نڪي پاڻ وٽ روڪي رکو) ۽ زمين تي (ڦڪيون ۽) بگاڙ نہ ڪندا وتو. (۱۸٤) ۽ انهيءَ خدا (جي نافرمانيءَ جي نتيجن) کان ڊڄو جنهن اوهان کي ۽ خلقيو ۽ اوهان کان اڳين پيڙهين کي بہ. (جنهن اوهان کي پيدا ڪيو آهي سو اوهان کي برن عملن جي سزا بہ ڏئي سگهي ٿو.) (۱۸۵) هنن جواب ۾ چيو تہ، تو تي ڪو جادوءَ جو اثر پيل آهي، (۽ پاڳل ٿي پيو آهين.) (۱۸٦) ۽ تون ڪجهہ بہ نہ آهين، سواءِ هن جي تہ اسان جهڙو ماڻهو آهين. بيشڪ اسان تو کي ڪوڙن مان خيال ڪريون ٿا. (۱۸۷) جيڪڏهن تون (پنهنجي انهيءَ دعويٰ ۾) سچو آهين (تہ مان خدا جو رسول آهيان) تہ آسمان مان اسان تي ڇپ ڪيراءِ؟ (۱۸۸) حضرت شعيب تنهن تي (ٺماٽائيءَ سان) جواب ڏنو تہ، منهنجو پروردگار ئي بهتر ڄاڻي ٿو تہ ڪهڙا ڪهڙا (برا) عمل ڪري رهيا آهيو (۽ اهوئي اوهان تي ڇپ ڪيرائي سگهي ٿو يا ٻئي طرح سزا ڏئي ٿو سگهي.) (۱۸۹) پر هنن ڪيس نہ مڃيو (۽ ڪوڙ ڪندا رهيا) سو ڇانو واري ڏينهن جي عذاب اچي کين پڪڙيو (شايد ڪنهن ٻرندڙ جبل جي ڇانڊ ڪري ڇوڏاري دونهون ۽ پٿر اڏاڻا ۽ ڪريا جن جي ڪري ڪجهہ قدر اوندهہ ٿي ويئي ۽ ماڻهن تي اهڙيون ڇپون ڪريون جو تباهہ ٿي ويا.) بيشڪ اهو هڪڙي وڏي سخت ڏينهن جو سخت عذاب هو. (۱۹۰) بيشڪ هن واقعي ۾ وڏي عبرت جي نشاني آهي، پر (افسوس جو) هنن مان گهڻا ماڻهو ايمان نٿا آڻين. (۱۹۱) ۽ (نٿا ڄاڻن تہ) بيشڪ تنهنجو پروردگار ئي اهو آهي جو سيني تي غالب آهي ۽ وڏي رحم وارو بہ آهي.

رڪوع ۱۱ آيت ۱۹۲ ـ تا ـ ۲۲۷

قرآن مجيد ۾ ڇنو ۽ ڪليل بيان آهي، جيڪي ان تي عمل نہ ڪندا سي عذاب ۾ پوندا.

(۱۹۲) ۽ يقيناً هيءُ (قرآن) ساري جهان جي پروردگار جو نازل ڪيل آهي. (۱۹۳) ان کي روح الامين (حضرت جبرائيل) ڪٽي آيو آهي، (جو بيشڪ سچو ۽ ايماندار فرشتو آهي.) (۱۹٤) (اي پيغمبر! اهو قرآن) تنهنجي قلب تي نازل ڪيو وڃي تہ، انهيءِ لاءِ تہ تون (ماڻهن کي خدا جي نافرمانيءَ جي نتيجن کان) خبردار ڪرين. (۱۹۵) (اهو قرآن مجيد) چٽي ۽ ڇنائي ڪندڙ عربي

زبان ۾ (نازل ڪيو ويو آهي). (۱۹۶) ۽ يقيناً ان جي ذڪر اڳوٽن خدائي ڪتابن ۾ ڪيل آهي (تہ آخري پيغمبر مڪي ۾ پيدا ٿيندو ۽ مٿس آخري ڪتاب قرآن مجيد نازل ٿيندو.) (۱۹۷) ڇا هنن (مڪي جي ڪافرن) لاءِ هي نشاني ڪافي ناهي تہ ان (جي سچائيءَ) کي بني اسرائيلن جا عالم ڄاڻن ٿا (۽ ايمان آڻين ٿا. سچ پچ ڪن تمام وڏن يهودي ۽ عيسائي بزرگن ايمان آندو.) (۱۹۸) ۽ جيڪڏهن اسان ڪنهن ڌارئين ماڻهوءَ تي قرآن مجيد نازل ڪيون ها (۽ هن جي پولي ۾ ڪا پي هجي ها)، (۱۹۹) ۽ اهو ڌاريو ماڻهو (ڪنهن ٻيءَ پوليءَ ۾) کين اهو پڙهي ٻڌائي ها تہ پوءِ هي (عرب) نڪي (سمجهن ها نڪي) ان تي ايمان آڻين ها. (۲۰۰) اهڙيءَ طرح (يعني چٽي عربيءَ ۾ قرآن مجيد نازل ڪرڻ سان) اسان اها (اسلام جي تعليم عرب جي) گنهگارن جي دلين ۾ ۽ ويهاري ڇڏي آهي. (۲۰۱) پوءِ ۽ (ڪي سخت دل) ماڻهو ان تي ايمان ڪونہ آڻيندا، جيستائين ڪ سخت عذاب پنهنجي اکين سان ڏسن. (۲۰۲) پر عذاب تہ مٿن بلڪل اوچتو اچي ڪڙڪندو ۽ هنن کي خبر ئي ڪانہ پوندي. (۲۰۳) انهيءَ وقت هو (پريشان ٿي) چوندا تہ، (هاءِ هاءِ!) اسان کي ڪجهہ مهلت ملندي يا نہ؟ (۲۰۴) پوءِ ڇا؟ هنن ماڻهن تڪڙ لاٿي ڏني آهي تہ (جيڪڏهن اهي ڳالهيون سچيون آهن تہ) اسان تي عذاب جلد اچي. (۲۰۵) ڀلا ڏسو تہ سهي تہ، جيڪڏهن اسان هنن (منڪرن) کي ڪي سال خوشحاليءَ ۾ رکون. (۲۰۶) ۽ پوءِ انهن تي اهو عذاب اچي وڃي، جنهن جو ساڻن واعدو ڪيو ويو آهي. (۲۰۷) تہ پوءِ اها آسودگي (۽) دنيوي نعمتون هنن کي ڪجهہ ۽ فائدو ڪونہ ڏيندیون. (۲۰۸) (اسان جو اهو قانون آهي تہ) ڪڏهن ۽ ڪنهن بستيءَ کي برباد نہ ڪيوسين جيستائين پهرياڻين هنن ڏي هنن کي خبردار ڪرڻ لاءِ پيغمبر موڪلياسين (۽ هو تنهن هوندي ۽ برائين ۾ مشغول رهيا، پوءِ اسان ۽ هنن کي تباهہ ڪري ڇڏيو). (۲۰۹) يادگيري ۽ نصيحت ڏيڻ لاءِ (اسان هنن ڏي پهرياڻين پيغمبر موڪليا تہ ۽ هو باز نہ آيا ۽ اسان کين تباهہ ڪري ڇڏيو) اسان ڪڏهن ۽ بي انصافي ڪونہ ٿا ڪيون. (۲۱۰) هي (وحي يا قرآن مجيد) شيطانن ڪونہ آندو آهي، (جيئن ڪافر ٻڪ ٻڪ ڪري رهيا آهن.) (۲۱۱) اڻين ڪرڻ هنن لاءِ (يعني شيطانن لاءِ) نڪي ڏهي ٿو نڪي هو (اهڙو قرآن ڏاهي سگهڻ جي) طاقت رکن ٿا. (۲۱۲) بلڪ حقيقت هيءَ آهي تہ، شيطان پڌڻ جي جاءِ کان ئي پري ڪيڀا ويا آهن (هن لاءِ تہ اڻين نہ ٿئي جو هو پڌي ان ۾ ڦيرڦار ڪري پوءِ ماڻهن کي ٻڌائين). (۲۱۳) سو (اي پيغمبر!) الله سان گڏ ڪنهن ٻ ٻئي معبود يا ديوتا کي نہ پڪارجانءِ. نہ تہ تون ٻ انهن ۾ هوندين جن کي عذاب ڪيو ويندو. (۲۱۴) ۽ پنهنجي ويجهن مائٽن کي (خدا جي نافرماني جي نتيجن کان) خبردار ڪري ڇڏ. (۲۱۵) ۽ جن مؤمنن تنهنجي پيروي اختيار ڪئي آهي تن تي ڏاڍو مهربان رهہ (ايترو پيار ڪر جيترو اڏامندڙ پکي ڪندو آهي، جو ڪنين کي پکوڙي لهي اچي ٻچن کي کنيڙاڻين هيڻان لڪائيندو آهي.) (۲۱۶) پوءِ جيڪڏهن هو (منڪر) تنهنجي نافرماني ڪن تہ کين چئي ڏي تہ، جيڪي عمل توهان ڪيو ٿا تن لاءِ مان ذميوار ڪونہ آهيان. (۲۱۷) (اي پيغمبر تون سندن پرواهہ نہ ڪر،

پنهنجي ڪم ڪي جرئت سان ڪندو رهي) ۽ انهيءَ الله تي پروسو رک جو سيني تي غالب آهي ۽ وڏي رحم وارو آهي. (۲۱۸) (انهيءَ الله تي پروسو رک) جو تو کي (نماز ۾) بيهندي ڏسي ٿو. (۲۱۹) ۽ جو تو کي نماز پڙهندڙن ۾ اٿندي، ويهندي (سجدو ڪندي) ڏسي ٿو. (۲۲۰) يقيناً الله ئي آهي جو سڀ ڪجهه ٻڌي ۽ ڄاڻي ٿو. (۲۲۱) ڇا مان اوهان کي ٻڌايان ته شيطان ڪنهن تي نازل ٿين ٿا (۽ ڪين گمراهه ڪن ٿا)؟ (۲۲۲) شيطان هرهڪ ڪوڙي ۽ گناهه ڪندڙ ماڻهو ڏي اچن ٿا (۽ ڪين بدعمل ڪرائين ٿا). (۲۲۳) (اهڙن ماڻهن ڏي اچن ٿا جيڪي) ڪوڙين ۽ گمراهه ڪندڙ ڳالهين ٻڌڻ لاءِ ڪن لڳائين ٿا ۽ جيڪي اڪثر ڪري ڪوڙا آهن. (۲۲٤) ۽ شاعرن جي پيروي به اهي ڪن ٿا جيڪي گمراهه آهن. (۲۲۵) تو ڏٺو ڇا ته اهي (شاعر) هرهڪ ماڻريءَ ۾ حيران ۽ پريشان رلندا وتندا آهن. (يعني هرهڪ مضمون تي شعر گوئي ڪندا آهن، اگرچه ان بابت ڪين پورو علم به نه هجي. (۲۲٦) ۽ هو اهڙيون ڳالهيون چوندا آهن جن تي پاڻ ئي عمل نه ڪندا آهن. (۲۲۷) پر (ڪي شاعر اهڙا به آهن) جيڪي ايمان آڻين ٿا ۽ چڱا عمل ڪن ٿا ۽ الله تعاليٰ کي گهڻو ياد ڪن ٿا، ۽ جن تي جڏهن ظلم ڪيو ويو تڏهن ان ظلم بعد هنن بچاءَ جي ڪم ۾ (يعني جهاد ڪرڻ ۾) حصو ورتو ۽ جن ماڻهن ظلم ڪيو آهي تن کي جلدئي معلوم ٿي ويندو ته هو ڪهڙيءَ جاءِ تي موٽي وڃڻا آهن. (يعني هن دنيا ۾ به ذليل حالت ۾ ايندا ۽ آخرت ۾ به دوزخ ۾ پوندا.)

سورت النمل (ڪِول)

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي.

رڪوع ۱ آيت ۱ ـ تا ـ ۱٤

قرآن مجيد جي حقيقت، مؤمنن جي صفت ۽ حضرت موسيٰ عليه السلام کي نبوت جو ملڻ

(۱) طا ـ سين ـ هي قرآن مجيد جون آيتون آهن جو هڪڙو چٽو ڪتاب آهي، (۽ حقيقتن کي چٽو ڪري ڏيکاريندڙ آهي. (۲) (هي قرآن مجيد) ايمان وارن لاءِ سڌي واٽ ڏيکاريندڙ آهي ۽ خوشخبري ڏيندڙ آهي. (ته جيئن ڏهان توهان انهيءَ واٽ تي هلندؤ ته دنيا ۽ آخرت ۾ ڪامياب رهندؤ). (۳) (ايمان وارا اهي آهن) جيڪي نماز قائم ڪن ٿا، زڪوات ڏيندا رهن ٿا ۽ آخرت ۾ يقين رکن ٿا (ته اسان جي عملن جا نتيجا ضرور نڪرندا آهن ۽ چڱن عملن ڪندڙن کي انعام ۽ برن عملن ڪندڙن کي عذاب ضرور ملڻو آهي.) (٤) جيڪي ماڻهو آخرت ۾ ايمان نٿا رکن تن جا (برا) عمل اسان کين سهڻا ۽ چڱا ڪري ٿا ڏيکاريون. تنهن ڪري هو گمراهيءَ ۾ ٻڏندا ٿا رهن. (۵) اهي ئي ماڻهو آهن جن لاءِ خراب ۾ خراب عذاب (هن ئي دنيا ۾) تيار رکيو آهي ۽ آخرت ۾ ته اهي ئي ماڻهو سڀني کان وڌيڪ نقصان هيٺ ايندا. (٦) انهيءَ ئي صورت جي ڪري (پيغمبر!) تو کي هي

قرآن انهيءَ الله وٽان مليو آهي جو وڏي حڪمت رکندڙ ۽ سڀ ڪجهہ ڄاڻندڙ آهي. (فقط الله کي ئي پوري پوري خبر آهي تہ ڪهڙا عمل آخر نقصانڪار ثابت ٿيندا ۽ ڪهڙا آخر مفيد ثابت ٿيندا).
(۷) اهو واقعو ياد رکو جو حضرت موسيٰ پنهنجي گهر جي ڀاتين کي چيو تہ مون کي هڪڙي ٻاهہ ڏي ڏسڻ ۾ اچي (ضرور اتي کي ماڻهو هوندا) سو مان جلد ئي اتان (رستي جي) خبر وٺي توهان ڏي هليو ايندس (توهان اتي ئي بيٺا رهجو) يا توهان ڏي ٽاندو ڪٽي ايندس، انهيءَ لاءِ (تہ ٻاهہ ٻاري) تؤوٺو ۽ سيءُ لاهيو. (۸) سو جڏهن حضرت موسيٰ انهيءَ (روشنيءَ) وٽ پهتو تڏهن (غيبي) آواز آيو تہ جيڪو روشنيءَ جي اندر آهي سو وڏي برڪت وارو (الله) آهي ۽ جيڪو ان جي ويجهڙائي ۾ آهي (يعني حضرت موسيٰ) سو بہ برڪت وارو آهي. ۽ پاڪ آهي ۽ وڏي شان وارو آهي اهو الله جو سڄي جهان جو پروردگار آهي. (۹) (الله تعاليٰ اتي فرمايو تہ) اي موسيٰ يقيناً مان الله آهيان، سڀ کا طاقت ۽ قدرت رکندڙ آهيان ۽ وڏي حڪمت وارو آهيان. (۱۰) (اي موسيٰ) پنهنجي لٺ تہ اڇلاءِ (حضرت موسيٰ پنهنجي لٺ اڇلائي ۽ پوءِ) جڏهن ان کي اهڙيءَ طرح چرندو ڦرندو ڏٺائين جو جڙ تہ نانگ آهي تڏهن پٺي ڦيرائي پڇاڙ لڳو، ۽ پنڌين پاسي نهارايائين بہ ڪين. (تنهن تي الله تعاليٰ آواز ڏنس تہ) اي موسيٰ! ڊڄ نہ، مون وٽ منهنجي موجودگيءَ ۾ پيغمبر کوڙ ڊڄندا آهن.
(۱۱) پر (ڪالهہ هيئن آهي تہ) جنهن کو ظلم ڪيو ۽ پوءِ برائي کي نيڪيءَ سان بدلائي ڇڏيو تہ پوءِ (اهڙن لاءِ) يقيناً مان بخشيندڙ ۽ رحم ڪندڙ آهيان. (۱۲) ۽ (اي موسيٰ) پنهنجو هٿ پنهنجي گريبان ۾ وجهہ تہ پوءِ اهو هٿ بنا ڪنهن داغ يا نقص جي (چنڊ وانگر) چمڪندي ٻاهر ايندو. اهي (ٻہ نشانيون يا معجزا) انهن نون نشانين مان آهن جي فرعون ۽ سندس ماڻهن ڏي ڪٽي وڃ، بيشڪ هو وڏا سرڪش ۽ بي فرمان ماڻهو آهن. (۱۳) جڏهن هنن (نافرمان ماڻهن) وٽ اسان جون چٽيون چٽيون نشانيون آيون تڏهن (بي وقوفن) چيو تہ، هي تہ ظاهر ظهور جادو آهي. (۱٤) ۽ هنن ظلم ۽ سرڪشيءِ سبب انهن نشانين ۽ حڪمن کي نہ مڃيو اگرچہ سندن دليون انهن (حق جي نشانين) تي اعتبار ڪري چڪيون هيون. سو ڏسو تہ هنن بگاڙو ڪندڙن جي پڇاڙي ڪهڙي نہ (خراب) ٿي.

رکوع ۲ آيت ۱۵ ـ تا ـ ۳۱

حضرت سليمان عليہ السلام جو شان شوڪت. خدا سان نسبت هوندي تہ دنيا جا ڪمال بہ ملندا.

(۱۵) ۽ (گذريل زماني ۾) اسان داؤد ۽ سليمان کي (شين جو توڙي روحاني) علم ڏنو هو. (جنهن تي) هنن ٻنهي چيو هو تہ، خاص ساراهہ انهيءَ الله جي لاءِ آهي جنهن اسان کي پنهنجي مؤمن ٻانهن مان گهڻن کان وڌيڪ علم وارو ۽ وڌيڪ نيڪ ۽ صالح ڪيو اٿس ۽ وڌيڪ نعمتون ڏنيون اٿس) (۱٦) ۽ حضرت سليمان حضرت داؤد جو وارث ٿيو ۽ چيائين تہ، اي انسانؤ! اسان کي پکين جي ٻولي سيکاري ويئي آهي ۽ اسان کي هر چيز مان ڪجهہ نہ ڪجهہ ڏنو ويو آهي. بيشڪ اهو ظاهر ظهور (خدا جو) فضل آهي. (۱۷) ۽ حضرت سليمان جي لاءِ جنن، انسانن ۽ پکين جا لشڪر گڏ

كيا ويا ۽ انهن كي صفن ۾ نظام هيٺ رکيو ويو (بلڪ سڄي رعيت ۽ سڀ جانور وغيره چگي نظام هيٺ آندا ويا.) (۱۸) (حضرت سليمان پنهنجي لشکر سان ڪنهن طرف ڪوچ ڪيو) تان جو ڪولين جي ماڻريءَ منجهان اچي لنگهيا. هڪڙي ڪول (واڪو ڪري) چيو تہ، اي ڪوليون! پنهنجي گهرن يا ٻرن ۾ گهڙي وڃو، متان حضرت سليمان ۽ سندس لشکر بي خبريءَ ۾ اوهان کي لتاڙي چيپاٽي ماري ڇڏين. (۱۹) انهيءَ ڳالهہ تي حضرت سليمان مرڪي کلي ويٺو ۽ چوڻ لڳو تہ، اي منهنجا پروردگار! مون کي توفيق ڏي تہ مان تنهنجي انهيءَ احسان جي شڪرگذاري (عملاً ڏيکاريان جو مون تي ڪيو اٿئي ۽ منهنجي پيءُ تي ڪيو اٿئي. ۽ هيءَ بہ توفيق ڏي تہ اهڙا صالح عمل ڪيان جي تو کي پسند پون ۽ مون کي پنهنجي رحمت سان پنهنجي نيڪ ٻانهن ۾ شامل ڪر. (۲۰) ۽ (حضرت سليمان) پکين جي حاضري ورتي ۽ (سيني گڏ ٽيل پکين کي نظر مان ڪيو) چيائين تہ، هي ڇا! ڪهڙي ڳالهہ آهي جو مان هد هد (پکيءَ) کي ڪونہ ٿو ڏسان؟ يا (هيئن آهي ڇا) تہ هو غيرحاضر آهي؟ (۲۱) (جيڪڏهن بنا سبب غيرحاضر رهيو آهي تہ) ڪيس سخت سزا ڏيندس يا ڪيس ڪهائي ڇڏيندس يا تہ مون وٽ ڪو ڇڻو ۽ وسهائيندڙ دليل پيش ڪري. (۲۲) پر هدهد ڪو گهٽو وقت پري ڪونہ رهيو. (هو انهيءَ ڏي وقت پهچي ويو ۽) چيائين تہ (اي حضرت سليمان) مان اهو (ملڪ) ڏسي ۽ گهمي آيو آهيان جو تو نہ ڏٺو ۽ نہ گهميو آهي، ۽ مان سبا (شهر) مان سچو حال احوال لهي تو وٽ آيو آهيان. (۲۳) مان ڏٺو تہ اتي هڪ عورت ماڻهن تي حڪومت هلائي رهي آهي ۽ هن کي هر چيز موجود ڪري ڏنل آهي ۽ ڪيس هڪڙو وڏو شاندار تخت آهي. (۲٤) مون هي بہ ڏٺو تہ پاڻ ۽ سندس ماڻهو خدا کي ڇڏي سج کي سجدو ڪري رهيا آهن ۽ شيطان سندن نظر ۾ (اهڙن) عملن کي سهڻو ۽ چگو ڪري ڏيکاريو آهي. سو هن انهن ماڻهن کي (سڌيءَ) راهہ کان روڪي رکيو آهي. تنهن ڪري هنن کي سڄي هدايت نہ ملي آهي. (۲۵) ايتري حد تائين (شيطان هنن کي ڀلايو آهي) جو هو انهيءَ الله کي سجدو نٿا ڪن جو آسمان ۽ زمين جي لڪل شين کي ظاهر ڪري ٿو ۽ جيڪي بہ توهان لڪايو ٿا ۽ جيڪي بہ توهان ظاهر ڪيو ٿا سو سڀ ڄاڻي ٿو. (۲٦) پر فقط الله ئي اها ذات آهي جنهن کان سواءِ ڪوبہ معبود ڪونهي ۽ اهوئي وڏي تخت جو رب آهي. (يعني حقيقي بادشاهہ هڪ الله آهي). (۲۷) حضرت سليمان (راڻي بلقيس بابت احوال ٻڌي هدهد کي) چيو تہ، چگو اسان ڏسنداسين تہ تو سچ چيو آهي يا ڪوڙ ڳالهايو اٿئي. (۲۸) منهنجو هي خط کڻي وڃ ۽ انهن (سبا شهر جي ماڻهن) جي اڳيان وجي اڇلاءِ. پوءِ انهن کان هٽي ٻيهہ ۽ ترسي ڏس تہ ڪهڙو ٿا جواب ڏين. (۲۹) (هد هد ويو ۽ خط پهچايائين تنهن تي) راڻي بلقيس چيو تہ، اي اميرؤ! مون کي هڪڙو وڏي شان وارو خط مليو آهي. (۳۰) اهو خط حضرت سليمان وٽان آيو آهي. ۽ هن طرح لکيل آهي "الله جي نالي سان شروع ٿا ڪيون جو ڏاڍو مهربان ۽ وڏي رحم وارو آهي. (۳۱) توهان (سبا جي راڻي ۽ ٻيا ماڻهو) منهنجي مقابلي ۾ هٺ وڌائي ۽ سرڪشي نہ ڪجو. بلڪ فرمانبردار ٿي مون ڏي هليا اچو."

رکوع ۳ آيت ۳۲ ـ تا ـ ٤٤

يمن جي راڻي بلقيس جو دنيا جي ڏوکي واري ڇڪتاڻ مان نڪري مسلمان ٿيڻ

(۳۲) (جڏهن راڻي بلقيس کي حضرت سليمان جو خط پهتو تڏهن) چيائين تہ، اي (منهنجا) اميرؤ! مون کي پنهنجي راءِ ٻڌايو (تہ ڇا ڪجي؟) جيستائين توهان راءِ نہ ڏيندا آهيو تيستائين مان ڪنهن بہ (وڏي ۽ قومي) ڪم جو قطعي فيصلو ڪونہ ڪندي آهيان. (۳۳) سردارن ورندي ڏني تہ، اسان وڏي طاقت وارا ۽ سخت لڙاکو آهيون (تنهن ڪري سليمان سان لڙڻ لاءِ بہ تيار آهيون پر اسان کي تنهنجي راءِ تي پروسو آهي.) معاملو تنهنجي هٿ ۾ آهي (اسان چاهيون ٿا تہ تون پاڻ فيصلو ڪرين) خيال ڪري ڏس تہ ڪهڙو حڪم ٿي ڏئين. (۳٤) راڻيءَ (تنهن تي) چيو تہ، (توهان کي خبر هوندي تہ) بادشاهہ جڏهن ڪنهن (پرائي) ملڪ ۾ گهڙن ٿا تڏهن ان کي تباهہ ڪري ٿا ڇڏين ۽ ان ملڪ جي عزت وارن ماڻهن جي بي عزتي ٿا ڪن. (جڏهن اهي بادشاهہ فتنو ڪندا اڳتي ويندا آهن تڏهن) اڻين ئي ڪندا آهن. (۳۵) سو مان هيئن ٿي ڪيان جو (پهريائين) هنن ڏانهن (يعني حضرت سليمان ۽ سندس اميرن ڏانهن) ڪو تحفو يا سوغات ٿي موڪليان. پوءِ ڏسندیس تہ، ايلچي ڪهڙو جواب وٺي ٿا موٽن. (۳٦) پوءِ جڏهن (راڻيءَ جا ايلچي) حضرت سليمان وٽ آيا (۽ سوغات پيش ڪيائون) تڏهن حضرت سليمان فرمايو تہ، ڇا توهان مون کي دنياڻي دولت ڏيڻ ٿا چاهيو؟ (ٻڌو) الله تعاليٰ جيڪا (روحاني دولت) مون کي عطا ڪئي آهي سا ان کان گهڻو بهتر آهي، جا اوهان کي ڏني اٿس. (مان دنياڻي دولت ۽ اوهان جي سوغات تي راضي ڪونہ ٿو ٿيان) بلڪ اوهان ئي آهيو جو پنهنجي (دولت ۽) سوغات تي خوش ٿا ٿيو. (۳۷) (حضرت سليمان وڏي ايلچيءَ کي پوءِ هيئن بہ چيو تہ) موٽي وڃ هنن ڏانهن (يعني پنهنجي راڻي ۽ اميرن ڏانهن) اسان پنهنجي اهڙن لشڪرن سان مٿن حملو ڪنداسين جن جو مقابلو هو ڪري نہ سگهندا. ۽ اسان کين خوار خراب ڪري ان (ملڪ) مان ڪڍي ڇڏينداسين، ۽ هو ڪنڌ هيٺ ڪري جهڙا ٿيندا. (۳۸) (ايلچي هليا ويا، حضرت سليمان پوءِ) فرمايو تہ، اي منهنجا سردارؤ! اوهان مان ڪير راڻيءَ جو تخت ڪٽي مون وٽ پهچي ويندو، انهيءَ کان بہ اڳي جو هو ماڻهو فرمانبردار ٿي مون وٽ پهچي وڃن. (۳۹) (تنهن تي) جنن مان هڪڙي وڏي طاقت واري جن چيو تہ، توهان پنهنجي دربار مان اٿندؤ تنهن کان بہ اڳي اهو تخت اوهان جي خدمت ۾ اڇي پيش ڪندس. يقينا مون کي ان ڪم لاءِ وڏي ڪافي طاقت آهي ۽ مان پروسي جي لائق آهيان. (٤۰) (پر) هڪڙي شخص جنهن کي (خدائي) ڪتاب جو ڪجهہ علم هو (تنهن) چيو تہ، مان ان تخت کي اک ڇنيڻ کان بہ اڳي آڻي سگهندس. (ان شخص کي حڪم مليو هو جهٽ پٽ تخت ڪٽي آيو) پوءِ جڏهن حضرت سليمان اهو تخت پنهنجي اڳيان ڏٺو تڏهن چيائين تہ، هي منهنجو رب جي فضل جو نتيجو آهي. (جو مون وٽ اهڙا ماڻهو موجود آهن، جيڪي اهڙا ڪم ايڏو تڪڙو ڪري سگهن ٿا. ايترو فضل هن لاءِ آهي تہ) منهنجو رب مون کي آزمائي تہ مان شڪر ٿو ڪيان (۽ سندس نعمتون سندس راهہ

ھ ڪم ٿو آڻيان) يا ناشڪري ٿو ڪيان ۽ حقيقت هيءَ آهي ته جيڪو به شڪر ٿو ڪري سو (رڳو) پنهنجي (فائدي) لاءِ ٿو ڪري، ۽ جيڪڏهن ڪوبه ناشڪري ٿو ڪري (ته پنهنجو ئي نقصان ٿو ڪري نه ڪ الله تعاليٰ جو) الله تعاليٰ ته يقيناً بي نياز بي پرواھ آهي. (ڪابه حاجت ڪانهيس) ۽ بيشڪ هو وڏي شان وارو ۽ وڏي سخا وارو آهي. (٤١) حضرت سليمان (پوءِ) فرمايو ته، راڻيءَ جي تخت جي شڪل هن لاءِ (ايتري قدر) متائي ڇڏيو (جو جڏهن ڏسي ته مشڪل سڃاڻي سگهي.) پوءِ ڏسنداسين ته هوءَ حق کي سڃاڻي سگهي ٿي يا انهن منجهان آهي جيڪي هدايت ونڊ جيتري سمجھ نٿا رکن. (٤٢) (راڻيءَ کي سندس ايلچين حضرت سليمان جو پيغام پهچايو، ۽ هوءَ حضرت سليمان ڏي وڃڻ لاءِ رواني ٿي) پوءِ جڏهن (حضرت سليمان وٽ) پهتي تڏهن کانئس پڇيو ويو ته، هيءِ تخت تنهنجو آهي چا؟ راڻيءَ جواب ڏنو ته جڻ ته اهوئي آهي، (۽ وڌيڪ چياٿين ته) اسان کي هن کان اڳ ئي (خدا وٽان ڪجھ) علم مليل هو (هاڻي توهان جي عقل، علم، سڃاڻي ۽ پيغمبري جي خبر ٻ پئجي ويئي) سو هاڻي فرمانبرداري قبول ٿا ڪيون، ۽ اسلام تي اچون ٿا. (٤٣) (راڻي بلقيس بيشڪ سمجھ واري هئي پر سندس وڏا توڙي سندس ماڻهو سڄ جي پوڄا ڪندڙ هئا) انهيءَ ئي ڳالھ ڪيس (سچي دين کان) روڪي رکيو هو، جو هوءَ (پين وانگر) خدا کي ڇڏي ٻين شين جي پوڄا ڪندڙ هئي، ۽ بيشڪ هوءَ ڪافرن جي قوم منجهان هئي (۽ انهن ھ جاڻي ٻڌي هئي). (٤٤) (پوءِ) راڻيءَ کي چيو ويو ته، (هاڻي) وڏي محلات ھ هل. پوءِ جيڪي (اڳڻ ھ) ڏٺائين تنهن کي پاڻيءَ جو دٻو سمجهيائين ۽ (ڪپڙن کي پسڻ کان بچائڻ لاءِ ڪپڙا متي ڪنيائين ۽) پنيون ظاهر ڪري وڌائين. (تنهن تي) حضرت سليمان کيس چيو ته، ھڪ محلات آهي جا شيشي جي وڌين سرن يا ٽڪرن سان ٻنايل آهي (ڪپڙن متي ڪرڻ جي ضرورت ڪانهي. راڻي غور ڪري) چيو ته، اي منهنجا پروردگار (مان پليل هيس) مان پاڻ تي ظلم ڪندي رهي هيس. هاڻي مان حضرت سليمان سان شامل ٿي انهيءَ ئي الله جي ٻانهپ قبول ٿي ڪيان، جو سڄي جهان جو پروردگار آهي.

رڪوع ٤ آيت ٤٥ ـ تا ـ ٥٨

حضرت صالح عليه السلام ۽ حضرت لوط عليه السلام ۽ انهن جي قومن جو ذڪر.

(٤٥) ۽ هي سچو واقعو آهي ته اسان ثمود قوم جي ماڻهن ڏانهن سندن برادريءَ جي ماڻهوءَ حضرت صالح کي پيغمبر ڪري موڪليو. هن کين چيو ته، توهان فقط الله جي ٻانهپ ڪيو (۽ سندس حڪمن جي پيروي ڪيو) پوءِ ڏسو ته ڇا ٿيو جو اهي ماڻهو ٻ ٽوليون ٿي پيا (هڪڙي مؤمنن جي ۽ ٻي مخالفن جي) جيڪي پاڻ ھ جھگڑا ڪندا رهيا. (٤٦) حضرت صالح چيو ته، اي منهنجي قوم جا ماڻهو! چو توهان چگائي گهرڻ جي بدران عذاب گهرڻ ھ تڪڙ لائي ڏني آهي؟ چو نٿا الله کان بخشش گهرو ته من. توهان تي رحم ڪري؟ (٤٧) هو چوڻ لڳا ته، (اي صالح) تون ۽

تنهنجا ساڻي (مؤمن) اسان جي لاءِ نياڳا ۽ منحوس ثابت ٿيا آهيو. حضرت صالح فرمايو تہ، توهان جو نياڳ الله جي طرف کان آهي (پر تہ توهان الله تعالي! جي فرمانبرداري ڇڏي ظلم تي سنبري بيٺا آهيو.) بلڪ توهان اها قوم آهيو جنهن جي آزمائش ٿي رهي آهي. (٤٨) ۽ انهيءَ شهر ۾ نَوَ شخص هئا جيڪي ملڪ ۾ فساد ۽ بگاڙو ڪندا هئا ۽ سڌرڻ جو منجهن امڪان ئي ڪونہ هو. (٤٩) انهن هڪ ٻئي کي چيو تہ، اچو تہ الله جي نالي تي قسم کڻون ۽ واعدو ڏيون تہ اسان رات جي وقت (لڪي ڇپي) صالح ۽ سندس عيال تي وڃي ڪڙڪنداسين (۽ کين قتل ڪري ڇڏيندا سين) ۽ پوءِ سندس وارثن کي (ڪوڙ هٽي) چونداسين تہ اسان تہ سندس عيال جي قتل ٿيڻ جي جاءِ بہ نہ ڏٺي آهي ۽ يقيناً اسان سچ ٿا چئون (تہ اسان کي ڪابہ خبر ڪانهي.) (٥٠) هنن تہ اهو منصوبو يا تجويز ٺاهي، پر اسان (يعني الله تعالي!) بہ پنهنجي تجويز تيار رکي جنهن جو هنن کي پتو بہ ڪونہ پيو (هو ناڪامياب ٿيا. اٽلندو پاڻ تباهہ ٿيا.) (٥١) پوءِ (اي پيغمبر!) ڏس تہ سندن منصوبي جي پڇاڙي ڪهڙي ٿي (۽ نتيجو ڪهڙو نڪتو). اسان انهن (نون شخصن) کي توڙي سندن قوم جي سڀني ماڻهن کي ناس ڪري ڇڏيو. (٥٢) (اڪين سان ڏسو) هي آهن انهن جا گهر جيڪي سندن ئي ظلم جي ڪري ڏاهي ويڙ ڪيا ويا. انهيءَ واقعي ۾ بيشڪ انهن ماڻهن لاءِ عبرت جي نشاني آهي، جيڪي علم (۽ عقل) وارا آهن. (٥٣) ۽ جن ماڻهن (حضرت صالح تي) ايمان آندو ۽ پرهيزگاري ۽ نيڪ عملي اختيار ڪيائون تن کي اسان بچائي ورتو. (٥٤) ۽ اسان حضرت لوط کي بہ پيغمبر ڪري موڪليو. ڏسو هن پنهنجي قوم جي ماڻهن کي چيو تہ، ڇا توهان غليظ بي شرميءَ جو ڪم ڪري رهيا آهيو، اگرچہ توهان ڏسو بہ ٿا (تہ اها سخت بي حيائي آهي.) (٥٥) ڇا توهان شهوت سان مردن ڏي ٿا وڃو ۽ عورتن کي ڇڏي ٿا ڏيو. حقيقت هيءَ آهي تہ توهان سخت جاهل ماڻهو آهي. (۽ وڏا ظالم ۽ بدڪار آهيو). (٥٦) پر هنن (بدڪارن) وٽ سواءِ هن جي ٻيو جواب ئي ڪونہ هو تہ لوط جي گهراڻي کي شهر مان ڪيڊي ڇڏيو. اهي ماڻهو اڇي پاڪ باز ٻڌيا آهن! (٥٧) سو اسان حضرت لوط کي ۽ سندس گهروارن کي سواءِ سندس زال جي (برباديءَ کان) بچائي ورتو. سندس (منڪر) زال متعلق اسان اها ڳالهہ ٻڌائي ڇڏي تہ پٺتي رهندڙن ۾ رهجي پوندي (۽ انهن سان گڏ تباهہ ٿي ويندي). (٥٨) ۽ (حضرت لوط ۽ سندس عيال جي نڪري وڃڻ بعد) اسان هنن (منڪرن) جي مٿان (پٿرن جو) سخت مينهن وسايو. اهو مينهن ڪهڙو نہ هولناڪ ثابت ٿيو انهن ماڻهن لاءِ جن کي (حضرت لوط جي وسيلي) خبردار ڪيو ويو هو (پر هنن نہ مڃيو هو).

رڪوع ٥ آيت ٥٩ ـ تا ـ ٦٦

الله جي نعمتن ۽ قدرتن جو بيان، افسوس جو ان هوندي بہ جاهل انسان خدا کي ڇڏين ٿا.

(٥٩) (اي منهنجا پيغمبر!) تون اعلان ڪر تہ خاص ساراهہ الله جي لاءِ آهي ۽ سلامتي هجي سندس انهن ٻانهن تي جن کي پيغمبريءَ لاءِ چونڊيائين. (اي انسانو! ذرا غور تہ ڪيو ۽ ڏسو تہ) الله تعاليٰ بهتر آهي يا اهي (مخلوق) جن کي خدا سان شريڪ بنايو وڃي ٿو.

حصو ويهون

(٦٠) (پلا ٻڌايو تہ) آسمانن کي ۽ زمين کي ڪنهن پيدا ڪيو آهي، ۽ ڪير آسمان مان اوهان جي لاءِ مينهن ٿو وسائي؟ (ڏسو) اسان ڏي ان مينهن جي ريج سان سرسبز ۽ سهٽا باغ لڳايون ٿا. اوهان کي اها طاقت بلڪل ڪانهي جو اوهان انهن باغن جي وڻن کي ڄمايو ۽ وڌا ڪيو. (پوءِ ٻڌايو تہ) خدا سان گڏ ڪو ٻيو بہ معبود ٿي سگهي ٿو ڇا؟ هرگز نہ. حقيقت هيءَ آهي تہ هي (مشرڪ) اهڙا ماڻهو آهن جي (ڏنگي وات ٿا وڻن ۽) وڏي بي انصافي ٿا ڪن. (٦١) (پلا ٻڌايو تہ) ڪنهن زمين کي (انسانن وغيره لاءِ) قرار گاهہ يعني رهڻ جي جاءِ بنايو آهي، ۽ ان ۾ ندين نهرون رکيون آهن، ۽ ڪنهن ان تي جبل ٺاهيا آهن ۽ ڪنهن بہ سمنڊن (يعني مٺي ۽ کاري پاڻيءَ) جي وچ ۾ جدا ڪندڙ حد مقرر ڪري ڇڏي آهي؟ (پوءِ ٻڌايو تہ) خدا سان گڏ ڪو ٻيو بہ معبود ٿي سگهي ٿو ڇا؟ حقيقت هيءَ آهي تہ هنن ماڻهن مان گهڻا ماڻهو بي علم آهن. (٦٢) (پلا ٻڌايو تہ سهي تہ) ڪير آهي جو ڏکايل جي (دانهن) ٻڌي ٿو جڏهن اهو ڏکايل ڪيس پکاري ٿو ۽ ڪير تڪليفن کي دور ڪري ٿو؟ ڪنهن توهان کي زمين تي خليفو ڪري رکيو آهي يا زمين جو بادشاهہ بنايو آهي؟ (پوءِ ٻڌايو تہ) الله سان گڏ ڪو ٻيو بہ معبود ٿي سگهي ٿو ڇا؟ حقيقت هيءَ آهي تہ توهان (مشرڪ) ڏيان ڏي ڪونہ ٿا ڏيو (۽ غور فڪر ڏي ڪونہ ٿا ڪيو). (٦٣) (وري ٻڌايو تہ) ڪير آهي جو اوهان کي برن ۽ بحرن (جهنگلن ۽ سمنڊن) جي اوندهين ۾ رستو ٿو ڏيکاري؟ ۽ ڪير آهي جو پنهنجي رحمت (يعني برسات) کان اڳي هوائن کي (انهيءَ رحمت جي) خوشخبري ڏيڻ لاءِ موڪلي ٿو؟ ڇا الله سان گڏ ٻيو بہ ڪو معبود ٿي سگهي ٿو؟ (هرگز نہ) جن کي مشرڪ خدا سان شريڪ ٺهرائين ٿا تن کان خدا گهڻو بالاتر آهي. (يعني خدا اهڙو قادر آهي جو هن کي مددگارن جي گهرج ڏي ڪانهي). (٦٤) پلا ڪير آهي جنهن پهريائين پهريائين خلقت جي شروعات ڪئي ۽ پوءِ بہ خلقيندو رهي ٿو؟ ۽۽ ڪير آهي جو اوهان کي زمين ۽ آسمان مان رزق پهچائيندو رهي ٿو، ڇا الله سان گڏ ٻيو بہ ڪو معبود ٿي سگهي ٿو؟ (اي منهنجا پيغمبر! انهن مشرڪن کي) چئو تہ، جيڪڏهن توهان (شريڪن ٺهرائڻ ۾) سچا آهيو تہ پنهنجو ڪو دليل تہ آڻيو؟ (٦٥) (اي پيغمبر! کين) چئو تہ جيڪو بہ آسمان ۾ ۽ زمين تي آهي تنهن کي غيب جي ڳالهين جي ڪابہ خبر ڪانهي. فقط هڪ الله ڏي غيب جون ڳالهيون چگيءَ طرح ڄاڻي ٿو. اهي تہ ايترو بہ معلوم ڪري نٿا سگهن تہ ڪڏهن کين وري جيئاري اٿاريو ويندو. (٦٦) بلڪ هنن ماڻهن جو علم آخرت جي باري ۾ ڪجهہ بہ پروڙي نٿو سگهي. بلڪ هو ان بابت شڪ ۽ گمان جي اوندهہ ۾ رهندڙ آهن، بلڪ بلڪل انڌا آهن.

رکوع ٦ آيت ٦٧ ـ تا ـ ٨٢

دنيا ۾ تاريخ جي ڪنڀرن کي ڏسندؤ تہ توهان کي يقين ٿيندو تہ هن دنيا ۾ بدعملين ٿي مصيبتون ۽ تباهيون آنديون.

(٦٧) جن ماڻهن ڪفر جي واٽ ورتي آهي سي چون ٿا تہ، ڇا جڏهن اسان ۽ اسان جا ابا ڏاڏا ڳري مٽي ٿي ويندا تڏهن وري اٽاري ٻاهر ڪڍيا ويندا سين؟ (٦٨) اهي ڏڙڪا اڳي ٻ اسان کي ۽ اسان جي ابن ڏاڏن کي ملندا رهيا آهن اهي ڪجهہ ٻ نہ آهن، اهي اڳوٽن ماڻهن جا ڪوڙا قصا آهن. (٦٩) (اي پيغمبر! تون کين) چئو تہ (قيامت کي ٻ نٽا مڃيو پر) زمين تي سير سفر ڪيو ۽ پنهنجي اکين سان ڏسو تہ گنهگار ماڻهن جي پڇاڙي ڪهڙي تہ (خراب) ٿي ٿئي. (انهيءَ مان ٿي عبرت وٺو ۽ سبق سکو). (٧٠) (اي پيغمبر!) انهن ماڻهن (جي ايمان نہ آڻڻ ۽ سندن ايندڙ تباهيءَ) تي غم نہ ڪر. نڪي انهن ماڻهن جي منصوبن جي باري ۾ پاڻ کي ڳڻيتن ۾ وجهہ يا پنهنجي دل کي بيقرار ڪر (هو تنهنجي خلاف ڪهڙيون ٻ تجويزون ٺاهين پر هو تو کي ڪجهہ ٻ ڪري نہ سگهندا). (٧١) ۽ اهي (منڪر) چون ٿا تہ جيڪڏهن توهان (مسلمان) سچا آهيو تہ ٻڌايو تہ، ڪڏهن اهو واعدو ظهور ۾ ايندو (يعني ڪڏهن اسان تي عذاب ايندو). (٧٢) (اي پيغمبر! تون کين) چئو تہ، جنهن عذاب جي اچڻ لاءِ تڪڙ لائي ڏني اٿو تنهن جو ڪجهہ حصو ممڪن آهي تہ توهان کي اچي ويجهو پيو آهي. (قريش ڪافرن کي پوءِ جلد ئي بدر جي شڪست جو ماتم ڪرڻو پيو). (٧٣) ۽ بيشڪ تنهنجي پروردگار جو ماڻهن تي وڏو فضل آهي (جو کين عذاب ۽ تباهيءَ کان مهلت ٿو ڏئي تہ من سمجهن) پر (افسوس جو) هنن مان گهڻا بي شڪر آهن (جو قرآن جهڙي نعمت کي رد ڪري ۽ ان جي ابتڙ عمل ڪري پاڻ کي تباهيءَ ۾ ٿا وجهن). (٧٤) ۽ تنهنجو پروردگار يقيناً سڀ ڪجهہ ڄاڻي ٿو. جيڪي هو (ڪافر) پنهنجي دلين ۾ لڪائين ٿا سو ٻ ڄاڻي ٿو ۽ جيڪي ظاهر ٿا ڪن سو ٻ ڄاڻي ٿو. (٧٥) ۽ آسمان ۽ زمين ۾ ڪابہ اهڙي لڪل شيءِ ڪانهي جا (الله جي) هڪ چٽي ڪتاب ۾ لکيل ناهي. (يعني الله کي هر ڪا مخفي شيءِ ٻ معلوم آهي.) (٧٦) يقيناً هي قرآن بني اسرائيلن لاءِ هنن جي گهڻين ئي اهڙين ڳالهين کي چٽو ۽ صاف ڪري ٿو ڇڏي جن ۾ هو هڪ ٻئي سان اختلاف رکن ٿا. (يعني اختلافن بابت چٽو فيصلو ڏئي ٿو تہ ڪهڙي ڳالهہ ٺيڪ آهي ۽ ڪهڙي غلط آهي.) (٧٧) يقيناً هي قرآن ايمان وارن لاءِ سراسر هدايت ۽ رحمت آهي. (٧٨) بيشڪ تنهنجو پروردگار پنهنجي حڪم سان انهن جي وچ ۾ فيصلو ڏيندو. ۽ بيشڪ هو (هر شيءِ تي) غالب آهي ۽ سڀ ڪجهہ ڄاڻندڙ آهي. (٧٩) سو (اي منهنجا پيغمبر!) الله تي ڀروسو رک. يقيناً تون صريح (يعني چٽي) حق تي آهين. (ڪافر باطل تي آهن، تون سندن پرواهہ نہ ڪر. الله تعاليٰ تنهنجي مدد ڪندو.) (٨٠) تون مُردن کي پنهنجون ڳالهيون ٻڌائي ڪونہ سگهندين. (يعني مُردا تنهنجون ڳالهيون ٻڌي ۽ سمجهي ڪونہ سگهندا) نڪو ٻوڑا تنهنجو سڏ ٻڌي سگهندا، جڏهن تہ اهي (ٻڌڻ جي بدران) پٺي ڏئي ٿا هليا وڃن. (پوءِ ڪيئن تون هنن جي رهنمائي ڪري

سگھندين؟) (٨١) نڪي تون انڌن کي سندن گمراهيءَ کان ڦيرائي سڌي واٽ ڏي آڻي سگھندين. تون ته فقط انهن کي ٻڌي (حق جون ڳالهيون) ٻڌڻ جھڙو ڪري سگھندين جيڪي اسان جي آيتن تي ايمان رکن ٿا ۽ فرمانبردار مسلمان ٿين ٿا.(٨٢) ۽ جڏھن (الله جو) واعدو انهن (منڪرن) جي حق ۾ ظهور ۾ ايندو (يعني مٿن عذاب جو وقت اچي ويندو) تڏھن اسان زمين مان ھڪ جانور ٻاھر ڪيڏنداسين جو کين ٻڌائيندو (ته ھاڻي عذاب اچڻو آھي) يقيناً ماڻھن کي اسان جي آيتن تي يقين ڪونہ ھو (سو ھاڻي اکين سان عذاب ڏسندا ۽ لوڙيندا).

رکوع ٧ آيت ٨٣ ـ تا ـ ٩٣

عذاب ۽ قيامت ضرور اچڻا آھن. ڇگاڻي جو ۽ بدعمليءَ جو پورو پورو عيوضو ملندو، ھر فرعون لاءِ موسيٰ ھوندو.

(٨٣) ۽ ھڪڙي ڏينھن اسان ھر ھڪ قوم مان انهيءَ ٽولي کي ھڪ ھنڌ گڏ ڪنداسين، جيڪي اسان جي آيتن ۽ حڪمن کي نہ مڃيندا ھئا ۽ انهن کي صفن ۾ ڪڙو ڪيو ويندو. (٨٤) تان جو جڏھن اھي (منڪر خدا جي دربار ۾) اچي ويندا تڏھن خدا انهن کان پڇندو ته ڇا توھان منھنجون آيتون ۽ حڪم رد ڪري ڇڏيا ھئا، اگرچہ توھان انهن حڪمن بابت علم ۽ سمجھ ڪم ۾ نہ آندي؟ جي ائين ناھي ته پلا ٻڌايو ته توھان ڇا ڪندا رھيؤ؟ (ڪو عذر يا بھانو اٿؤ؟ بلڪل نہ!) (٨٥) ۽ ھو جو ظلم ڪري رھيا ھئا سو (عذاب جو) واعدو ھنن جي حق ۾ پوري طرح تعميل ھيٺ ايندو. پوءِ ھو ڳالھائي ۽ ڪونہ سگھندا (ڇو ته ھو ڏسندا ته بيشڪ اسان عذاب جا لائق آھيون.) (٨٦) اھي (منڪر) نٿا ڏسن ڇا؟ ته اسان رات ھن لاءِ بنائي آھي ته ان ۾ آرام وٺن ۽ ڏينھن ھن لاءِ بنايو آھي ته ان ۾ کين روشني ملي (۽ ڏسن وائسن، علم ۽ عقل پرائين ۽ ڪم ڪاريون ۽ ڇگا عمل ڪن) ھن ۾ (يعني ڏينھن ۽ رات جي فلسفي ۾) انهن ماڻھن لاءِ وڏيون نشانيون آھن، جيڪي ايمان آڻيندڙ آھن. (٨٧) ۽ ھڪڙي ڏينھن بگل (يعني توتاري) وڄائي ويندي (ان ڏينھن سڀ مُردا اٿي ڪڙا ٿيندا ۽ قيامت جي فيصلي لاءِ گڏ ڪيا ويندا) پوءِ جيڪي بہ آسمان ۾ ھوندا ۽ زمين تي ھوندا سي سڀ ڏھلجي ويندا (۽ دردناڪ حالت ۾ ھوندا) سواءِ انهن (صالحن) جي، جن جي باري ۾ خدا چاھيندو (ته اھي خوشحال ھجن) ۽ سڀ (بدڪار توڙي صالح ٻانھا) سندس دربار ۾ نماڻا ۽ جھڪيل ٿي حاضر ٿيندا. (٨٨) ۽ توھان جبلن کي ڏسو ٿا ته سمجھو ٿا ته اھي ڏاڍا مضبوط ڪتل آھن، پر (قيامت جي ڏينھن) اھي ائين اڏامي ويندا جيئن ڪڪر اڏامي ويندا آھن. ھيءَ انهيءَ الله تعاليٰ جي عجيب ڪاريگري آھي، جنھن ھر ھڪ شيءِ کي (۽ ھر ھڪ جانور کي) اعليٰ نظام ھيٺ رکيو آھي. جيڪي جيڪي توھان ڪيو ٿا تنھن جي ھو بيشڪ چگيءَ طرح خبر رکندڙ آھي. (٨٩) جيڪو بہ نيڪيءَ جا ڪم ڪندو تنھن کي ان کان گھٽو بھتر بدلو ملندو ۽ اھڙا ماڻھو انهيءَ (قيامت جي) ڏينھن جي دھشت کان امن ۾ ھوندا. (٩٠) ۽ جيڪو بہ برائيءَ جا ڪم ڪندو تنھن کي منھن

پر باهه ۾ اڇلايو ويندو. (انهن کان پڇيو ويندو تہ) ڇا جھڙا توهان (بد) عمل ڪيا هئا تھڙي ئي سزا اوهان کي نہ ڏني ويئي آهي؟ (توهان سان ڪجھ بہ پي انصافي ڪئي ويئي آهي ڇا؟) (۹۱) (اي منهنجا پيغمبر تون پنهنجي باري ۾ چئي ڏي تہ) مون کي هي ئي حڪم مليو آهي تہ مان هن (مڪي جي) شهر جي رب جي ٻانهپ ڪيان جنهن رب ان شهر کي پاڪ ٺهرايو آهي. ۽ (جيڪي بہ دنيا ۾ آهي سو) سڀ ڪجھ الله ئي جو آهي. ۽ مون کي هيءُ بہ حڪم مليو آهي تہ مان سندس فرمانبردار ٻانهن ۾ شامل ٿيان. (۹۲) ۽ (مون کي هيءُ بہ حڪم مليو آهي) تہ (ماڻهن کي) قرآن مجيد پڙهي ٻڌايان پوءِ جيڪو سڌي واٽ تي هلندو سو پنهنجي لاءِ فائدو حاصل ڪندو. ۽ جيڪڏهن ڪو گمراهه ٿي ڏنگي واٽ تي هلندو تہ پوءِ (اهڙن ماڻهن کي) چئو تہ، مان تہ فقط (خدا جي نافرمانيءَ جي نتيجن بابت) خبردار ڪندڙ آهيان. (توهان منهنجي پيروي نہ ڪندؤ تہ توهان ئي تباهه ٿيندؤ. مون کي تہ وڌيڪ ڪجھ بہ ڪرڻو ناهي). (۹۳) ۽ (اي منهنجا پيغمبر!) چئو تہ سڀي ساراهه خدا جي آهي (۽ لک احسان انهيءَ ئي جا آهن) هو جلد ئي اوهان کي (فتح ۽ پين نعمتن جون) نشانيون ڏيکاريندو جي توهان پاڻ سڃاڻي سگھندؤ ۽ (ياد رکو تہ) توهان (مسلمان) جيڪي جيڪي (چڱا) عمل ڪري رهيا آهيو سي تنهنجو پروردگار خوب ڄاڻي ٿو (۽ اوهان کي ضرور ڪامياب ڪندو).

سورت القصص (قصو بيان ڪرڻ)

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي.

رکوع ۱ آيت ۱ - تا - ۱۳

حضرت موسيٰ عليہ السلام جي اوائلي زندگيءَ جو احوال.

(۱) طا- سين- ميم (۲) هي قرآن مجيد جون آيتون آهن جو (سيني ڳالهين کي) چٽو ڪندڙ ڪتاب آهي. (۳) اسان حضرت موسيٰ ۽ فرعون جا سچا سچا احوال توکي انهن ماڻهن جي لاءِ ٻڌايون ٿا جن ايمان آندو آهي. (٤) (ٻڌو) فرعون بادشاهه (مصر جي) ملڪ ۾ تڪبر ۽ سرڪشيءِ جو طريقو اختيار ڪيو ۽ ان ملڪ جي ماڻهن کي جدا جدا ٽولين ۾ ورهائي ڇڏيائين، جن مان هڪ ٽوليءَ کي (يعني بني اسرائيلن کي) دٻائي هيٺي حالت ۾ رکيائين. انهن جي پٽن کي مارائي ڇڏيندو هو ۽ انهن جي ڏيئرن کي جيئرو ڇڏيندو هو. يقيناً هو وڏو فتني باز ۽ بگاڙ ڪندڙ هو. (۵) ۽ اسان چاهيو ٿي تہ جن کي ملڪ ۾ دٻائي هيٺو ڪيو ٿي ويو. تن تي پنهنجو فضل ڪيون ۽ کين ماڻهن جا امام (يعني ليڊريا پيشوا) ڪيون ۽ کين ئي وارث ڪيون (يعني زمين تي ڪنهن ملڪ يا ملڪن جا حاڪم بنايون.) (٦) ۽ ملڪ ۾ انهن جا پير جمايون ۽ انهن کي

طاقتور ڪيون، ۽ فرعون، (سندس وزير) هامان ۽ سندن لشڪرن کي انهن (بني اسرائيلن) جي هٿان اُهي ئي ڳالهيون پيش آڻيون جن کان بچڻ لاءِ سڀ حيلا هلائي رهيا آهن. (۷) سو (اسان ڇا ڪيو جو) حضرت موسيٰ جي والده کي وحي موڪليوسين تہ تون پنهنجي ٻچڙي کي پنهنجي ٽڄ پياريندي رهہ. پوءِ جڏهن ان بابت تو کي خطرو ڏسڻ ۾ اچي (تہ فرعون جي ماڻهن کي خبر پوڻ تي آهي ۽ هو تنهنجي پٽ کي مارائي ڇڏيندا) تڏهن ٻچڙي کي (پيتيءَ ۾ وجهي نيل درياهہ جي) پاڻيءَ ۾ لوڙهي ڇڏجانءِ، ۽ ڪوبہ خوف نہ رکجانءِ، نڪي ڪو غم ڪجانءِ. يقيناً اهو ٻچڙو تو کي موٽائي ڏيندا سين ۽ ڪيس (وڏي هوندي) پنهنجو رسول ڪندا سين. (۸) (جڏهن والده موسيٰ کي پاڻيءَ ۾ ڦٽو ڪيو تڏهن) پوءِ فرعون جي ماڻهن (جن پيتي لڙهندي ڏٺي) ان کي کڻي ورتو، انهيءَ لاءِ نہ تہ هو (آخر) هنن جي مخالفت ڪري ۽ سندس غمن ۽ تڪليفن جو باعث ٿئي (پر فرعون جي ماڻهن کي ان وقت ڪهڙي خبر تہ هو ڪو سندن مخالفت ڪندو ۽ تڪليفن جو باعث ٿيندو) انهيءَ ۾ شڪ ئي ڪونهي تہ فرعون هامان ۽ سندن لشڪر خطاڪار ۽ گنهگار هئا. (۹) ۽ فرعون جي زال (جا شايد نيڪ عورت هئي) فرعون کي چيو تہ، هيءُ (سهڻو ٻچڙو) منهنجي لاءِ ۽ تنهنجي لاءِ اکين جو ٺار آهي. ان کي متان قتل ڪرائين. ممڪن آهي تہ اسان کي هن مان گهڻو ئي فيض ۽ فائدو پهچندو گود جو پٽ ڪنداسين (شايد کين پٽ ڪونہ هو) پر هنن کي خبر بلڪل ڪانہ هئي (تہ ان ڪم جو آخر نتيجو ڪهڙو نڪرندو). (۱۰) ۽ (هوڏي وري) حضرت موسيٰ جي والده جي دل (جدائي کان) بي قرار ٿي پيئي ۽ اهو راز ظاهر ڪرڻ تي هئي. پر اسان سندس دل کي مضبوط رکيو انهيءَ لاءِ تہ هوءَ ايمان تي قائم رهي. (۱۱) ۽ حضرت موسيٰ جي والده سندس (وڏي) پيڙ کي چيو تہ، موسيٰ جي پٽيان (پر ٽورو پرپرو) لڳي وڃ (جيئن اهي ماڻهو جيڪي پيتي ڪنيون ٿا وڃن تن کي ڪو شڪ نہ پوي) اها پيڙ (سندن پٽيان هلندي ويئي ۽) ان ڏي نهاريندي رهي اهڙيءَ طرح جو ڇڙ تہ ان سان ڪو واسطو ئي ڪونهيس، ۽ هنن ماڻهن کي خبر ئي ڪانہ پئي (تہ ڪو سندس پيڙ اسان ڏي نهاري رهي آهي). (۱۲) ۽ اسان اهڙي رت ڪئي جو پهريائين موسيٰ ڪنهن جي بہ ٽڄ نہ پيتي (يعني ڪنهن جو بہ ببو نہ ورتو تنهن تي ماڻهو حيران ٿي هيڏي هوڏي تلاش ڪرڻ لڳا. جڏهن سندن نظر ان پيڙ تي پئي تڏهن انهيءَ پيڙ کين) چيو تہ، مان اوهان کي هڪڙي اهڙي گهر جا ماڻهو ڏيکاريان ڇا؟ جيڪي اوهان جي لاءِ انهيءَ ٻچڙي کي نپائين ۽ هن کي پيار ڪندڙ ۽ هن جا خيرخواهہ ٿين. (۱۳) (هنن ماڻهن اها ڳالهہ قبول ڪئي، چوڪريءَ اهو گهر ڏيکاريو ۽ فرعون جي زال حضرت موسيٰ جي والده کي سندس دائي مقرر ڪيو) اهڙيءَ طرح اسان ٻچڙي کي سندس ماءُ ڏي موٽايو، انهيءَ لاءِ تہ سندس اکيون ٺرن ۽ غم نہ ڪري ۽ پڪ سان ڄاڻي تہ بيشڪ الله جو واعدو سچو آهي. پر اڪثر ماڻهو نٿا ڄاڻن (تہ ظاهري تڪليف ۾ بہ ڪا ڇڳائي رکيل آهي.)

ركوع ٢ آيت ١٤ـ تا ـ ٤١

حضرت موسيٰ عليه السلام فرعون جي محل ۾ پلجي وڏو ٿيو ۽ پوءِ اتان نڪرڻ جو سبب

(١٤) ۽ جڏهن حضرت موسيٰ جوان ٿيو، ۽ طاقتور ٿيو تڏهن اسان کيس حڪمت ۽ علم عطا ڪيو. (اسان جو اهو قانون آهي جو) نيڪي ڪندڙن کي اهڙيءَ ئي طرح نيڪ بدلو ڏيندا آهيون. (١٥) پوءِ (هڪڙي ڏينهن) حضرت موسيٰ اهڙي وقت (محلات مان نڪري) شهر ۾ هليو ويو جهن وقت شهر جا ماڻهو (ننڊ ۾) غافل هئا. اتي شهر ۾ ٻن ماڻهن کي وڙهندو ڏٺائين. جن مان هڪڙو ته سندس قوم (بني اسرائيلن) مان هو ۽ ٻيو سندس دشمن (قوم يعني مصري ماڻهن) مان هو. پوءِ (چا ٿيو جو) جيڪو ماڻهو سندس قوم مان هو تنهن انهيءَ ماڻهو جي خلاف جيڪو سندس دشمن قوم مان هو. کائنس مدد گهري. تنهن تي حضرت موسيٰ انهيءَ (مصري ماڻهوءَ) کي ٺونشو (يعني مُڪ) هڻي ڪيو، ۽ هن کي ماري وڌائين، پوءِ (ارمان ۽ پريشاني ۾ پئجي) چيائين ته هي ته شيطاني ڪم ٿي پيو. بيشڪ شيطان (انسان جو) دشمن آهي ۽ ظاهر ظهور گمراهه ڪندڙ آهي. (١٦) (پوءِ خدا جي درگاهه ۾ ٻاڌائي حضرت موسيٰ) عرض ڪيو ته، اي منهنجا پروردگار مون پاڻ تي پاڻ ظلم ڪيو آهي. تون مون کي بخش. سو خدا کيس بخشي ڇڏيو. بيشڪ هو بخشيندڙ ۽ رحم ڪندڙ آهي. (١٧) (خدا کان بخشش ملڻ تي حضرت موسيٰ) عرض ڪيو ته، اي منهنجا رب! تو جو مون تي هيءَ احسان ڪيو آهي سو مان (آئنده) ڪڏهن به گنهگارن جو مددگار نه ٿيندس. (١٨) حضرت موسيٰ ڊپ (۽ پريشانيءَ جي حالت) ۾ ئي صبح ڪري ڇڏيو. (وري به چا ٿيو جو) اوچتو ئي اوچتو ساڻئي ماڻهو جنهن اڳئين ڏينهن سندس مدد گهري هئي انهيءَ سندس مدد لاءِ واڪو ڪيو. حضرت موسيٰ کيس چئي ڏنو ته، تون ته ظاهر ظهور جهيڙاڪار ۽ گمراهه ماڻهو ٿو ڏسجين. (١٩) پوءِ جڏهن حضرت موسيٰ انهيءَ (مصري ماڻهو) کي جهلڻ (۽ پري ڪرڻ) چاهيو جو پنهي جو دشمن هو. تڏهن ان (اسرائيلي) ماڻهوءَ (پنهنجي پڙ ڪان) چئي ڏنو ته، اي موسيٰ! چا تون مون کي به اهڙيءَ طرح مارڻ ٿو چاهين، جهڙي طرح ڪالهه هڪڙي ماڻهوءَ کي ماري ڇڏيو هيئي؟ تون ته فقط هي ٿو چاهين ته سڄي ملڪ ۾ سيني تي ڏاڍو ۽ زبردست ٿي رهان ۽ تون نٿو چاهين ته صلح ۽ سڌارو ڪندڙ ٿيان. (٢٠) ۽ (انهيءَ وقت) شهر جي ٻئي پاسي کان هڪڙو (مصري) شخص ڊوڙندو آيو ۽ اچي چيائين ته، اي موسيٰ يقيناً (شهر جا) سردار تنهنجي باري ۾ مشورو ڪري رهيا آهن ته تو کي (مصريءَ ماڻهو جي خون جي بدلي ۾) قتل ڪيو وجي. تنهن ڪري (تڪڙو ٿي شهر مان) نڪري هليو وڃ. يقيناً مان تنهنجو خيرخواهه آهيان. (٢١) پوءِ حضرت موسيٰ خوف منجهان هيڏي هوڏي نهاريندو شهر مان نڪري هليو ويو ۽ دعا گهريائين ته، اي منهنجا پروردگار مون کي هنن ظالم ماڻهن کان بچائجانءِ.

رکوع ۳ آيت ۲۲ ـ تا ـ ۲۸

حضرت موسيٰ عليہ السلام مدين ۾ پهچي اتي ڪريون چاريون ۽ شادي ڪئي.

(۲۲) ۽ جڏهن حضرت موسيٰ مدين (ملڪ) ڏانهن رخ ڪيو تڏهن چيائين تہ اميد اٿم تہ منهنجو پروردگار مون کي سڌيءَ واٽ تي لڳائيندو. (۲۳) ۽ جڏهن هو مدين جي پاڻيءَ (جي کوهہ يا چشمي) وٽ پهتو تڏهن اتي ماڻهن جي هڪ ٽولي ڏٺائين جيڪي (ڏڻ کي) پاڻي پياري رهيا هئا ۽ پڻ انهن کان جدا (ٿورو پرپرو) ٻہ (نوجوان) عورتون ڏٺائين جيڪي ٻڪرين کي روڪي جهليون بيٺيون هيون. حضرت موسيٰ انهن عورتن کان پڇيو تہ، توهان سان ڪهڙي حالت آهي (۽ ڇا جي لاءِ انتظار ۾ بيٺيون آهيو؟) هنن جواب ڏنو تہ، اسان ٽيستائين (پنهنجي ٻڪرين کي) پاڻي پياري نہ ٽيون سگهون جيستائين ٻيا ريڍار ۽ ٻڪرار (پنهنجي ٻڪرين کي پاڻي پياري) ٻڪريون ڪاهي هليا نٿا وڃن. (اسان ضعيف عورتون آهيون. اسان کي ڪو پاڻ ٻہ ڪونهي) ۽ اسان جو ٻابا هڪڙو تمام پوڙهو ماڻهو آهي (تنهن ڪري هو گهر ۾ ٽو رهي ۽ ٻڪرين جو ڪم ڪري نٽو سگهي). (۲۴) (تنهن تي حضرت موسيٰ کي مٿن رحم اچي ويو ۽ مردن جو ظلم ڏسي حيران ٽيو جو هر روز اول پاڻ پاڻي پياريندا هئا ۽ سيني کان پڇاڙيءَ ۾ ويچاريون اهي ٻہ عورتون پاڻي پيئاريندیون هيون) سو هن انهن عورتن جي ٻڪرين کي پاڻي پيئاريو پوءِ (ڪنهن وڻ جي) ڇانو ڏي هٽي هليو ويو. ۽ خدا کان سوال گهرياٿين تہ، اي منهنجا پروردگار! جيڪا ٻہ پلائي ۽ نعمت (هن وقت) مون تي ڪرين تنهن لاءِ مان بيشڪ سخت حاجتمند آهيان (جو نہ اٿم سمر نڪو اٿم ڪو گهر). (۲۵) (خدا سندس دعا ٻڌي، جلد ئي) پوءِ انهن (نوجوان عورتن) مان هڪڙي شرم ۽ حيا سان هلندي وٽس آئي ۽ چوڻ لڳي تہ، منهنجي ٻابا توکي دعوت ڏئي گهرايو آهي. انهيءَ لاءِ تہ تو جو اسان جي لاءِ اسان جي ٻڪرين کي پاڻي پيئاريو تنهن جو توکي ڪو عيوضو ڏئي. پوءِ جڏهن حضرت موسيٰ انهيءَ (پير مرد) وٽ آيو ۽ ڪيس پنهنجو سڄو قصو (جمڻ کان وڻي مصر جڏي مدين ۾ پهچڻ تائين) ٻڌايائين تڏهن پير مرد چيو تہ، (هاڻي) کوٻہ خوف نہ ڪر، ظالم ماڻهن کان بچي آيو آهين (۽ هاڻي هتي هنن کان سلامت آهين.) (۲۶) انهن (نوجوان عورتن) مان هڪڙيءَ پنهنجي پيءُ کي عرض ڪيو تہ منهنجا پيار بابا! هن (مرد) کي ڪنهن اجوري سان ملازم ڪري رک. ملازم ڪري رکڻ لاءِ بهترين ماڻهو تنهنجي لاءِ يقيناً اهو آهي جيڪو طاقتور ۽ ايماندار آهي. (۲۷) (پوڙهي پنهنجي ڌيءُ جو عرض قبول ڪيو. حضرت موسيٰ ڪيس نهايت پسند پيو سو کي ڏينهن گذرڻ بعد ڪيس) چيائين تہ مان چاهيان ٿو تہ، توکي هنن ٻن ڌيئرن مان هڪڙي پرٽائي ڏيان هن شرط تي تہ تون اٺ سال (هتي رهي) منهنجو ڪم ڪار ڪندو رهين، پر جيڪڏهن تون ڏهہ سال پورا ڪرين تہ تنهنجو احسان سمجهبو، پر مان نٽو چاهيان تہ توکي تنگ ڪيان ۽ تڪليف ۾ وجهان. انشاءَ الله تون پاڻ ڏسندين تہ مان نيڪ ماڻهو آهيان (۽ تو سان چگو سلوڪ ڪندس). (۲۸) حضرت موسيٰ جواب ۾ چيو تہ (مان خوشيءِ سان قبول ٿو ڪيان)

توهان جي ۽ منهنجي وچ ۾ اهو اقرار ۽ قبوليت ٿي چڪي. انهن ۾ مدن مان جيڪو به پورو ڪيان ته مون تي ڪا ميار يا رنجش نه رهي. ۽ جيڪي اسان هن وقت پاڻ ۾ ناهه ڪري رهيا آهيون تنهن تي الله تعاليٰ شاهد آهي.

رڪوع ٤ آيت ٢٩ ـ تا ـ ٤٢

ڪيس نبوت ملي ۽ حڪم موجب فرعون ڏي ويو. فرعون نه مڃيو ۽ پڏي مئو.

(٢٩) (حضرت موسيٰ پير مرد جي ڏيءُ سان شادي ڪئي) پوءِ جڏهن (اتي رهڻ جو) مدو پورو ڪيائين ۽ پنهنجي ٻارن ٻچن سميت سفر تي نڪتو تڏهن (واٽ ويندي) طور جبل جي هڪڙي پاسي باهه ڏٺائين. پنهنجي ٻارن ٻچن کي چيائين ته مون هڪڙي باهه ڏٺي آهي. توهان هتي بيهو ته (مان اوڏاهين وڃي) اتان ڪا خبر لهي (رستو وغيره پڇي) اوهان ڏي موٽي اچان يا باهه مان ڪو ٽاندو ڪٽي اچان ته توهان (باهه ٻاري) سيءُ لاهيو ۽ تڏ ونو. (٣٠) پوءِ جڏهن حضرت موسيٰ باهه واري هنڌ پهتو، تڏهن ماڳريءَ جي ساڄي ڪناري کان ان برڪت واري جاءِ تي وڻ منجهان آواز آيو ته، اي موسيٰ! مان اهو الله آهيان جو سڄي جهان جو پروردگار آهيان. (٣١) ۽ (اي موسيٰ!) پنهنجي لٺ اڇلاءِ. (لٺ اڇلايائين ته ٽانگ ٽي پيئي) پوءِ جڏهن ان کي اهڙيءَ طرح چرندو ڏٺائين جو ڇڙ ته وڏي بلا آهي، تڏهن پٺي ڏيئي ونڊي ڀڳو ۽ هڪ قدم به پوئتي نه موٽيو. (تنهن تي اسان ڪيس فرمايو ته) اي موسيٰ (موٽي) وڏي اڇ ۽ ڊڄ نه، ڇو ته تون هتي امن امان هيٺ بلڪل سلامت آهين. (٣٢) (اي موسيٰ هاڻ وري) پنهنجو هٿ گريبان ۾ وجهه (پوءِ ڇا ٿيندو جو) اهو هٿ بنا ڪنهن داغ يا خرابيءَ جي چنڊ وانگي چمڪندي باهر ايندو ۽ خوف لاهڻ لاءِ پنهنجو هٿ وري پنهنجي پاسي کي لڳائي ڇڏ. اهي ٻ نشانيون يا معجزا تنهنجي رب جي طرفان فرعون ۽ سندس سردارن (کي سمجهائڻ) لاءِ آهن. انهيءَ ۾ ڪو شڪ ڪونهي ته هو بيحد بي فرمان بدڪار ماڻهو آهي. (٣٣) حضرت موسيٰ چيو ته اي منهنجا رب! مون انهن ماڻهن مان هڪڙي شخص کي قتل ڪري وڏو هو. سو مون کي ڊپ آهي ته هو مون کي قتل ڪري ڇڏيندا. (٣٤) ۽ (اي رب منهنجا) منهنجو ڀاءِ هارون مون کان وڌيڪ سٺو ڳالهائڻو آهي. سو مون سان گڏ هن کي ٻ (پيغمبر ڪري) موڪل ته منهنجو مددگار ٿئي ۽ منهنجي ڳالهه کي ٽيڪو ڏئي (۽ تائيد ڪري) ڇو ته مون کي خوف آهي ته اهي (بدڪار) مون کي ڪوڙو سمجهي منهنجي ڳالهه نه مڃيندا. (٣٥) الله تعاليٰ (تنهن تي حضرت موسيٰ کي) فرمايو ته، اسان تنهنجي ڀاءُ (کي تو سان ٻانهن ٻيلي ڪرڻ) سان تنهنجا ٻازو مضبوط ڪنداسين ۽ توهان ٻنهي کي سند ۽ اختيار ڏيندا سين هو توهان کي ڇهي ٻ نه سگهندا (يعني توهان جو وار ٻ ونگو نه ڪري سگهندا). توهان ٻئي ۽ توهان جي پيروي ڪندڙ اسان جي نشانين ۽ معجزن جي وسيلي غالب رهندؤ. (٣٦) پوءِ جڏهن حضرت موسيٰ انهن ڏانهن (يعني فرعون ۽ سندس سردارن ڏانهن) اسان جي

چٽين نشانين سان آيو تڏهن هنن چيو تہ هي ڪجهہ نہ آهي، هي تہ رڳو هٿرادو ٺهيل جادوءَ جو ڪيل آهي. ۽ اسان اهي ڳالهيون (توحيد، رسالت ۽ وحي جون) تہ پنهنجي اڳوڻن ابن ڏاڏن کان ڪڏهن بہ ڪونہ ٻڌيون. (۳۷) (تنهن تي) حضرت موسيٰ فرمايو تہ، (توهان مڃو يا نہ مڃو پر) منهنجو رب انهيءَ کي چگيءَ طرح ڄاڻي ٿو جيڪو وٺانئس هدايت (۽ حڪم ۽ پيغام) ڪٽي آيو آهي ۽ جنهن جي لاءِ عاقبت جو (چگو) گهر آهي. (يعني جنهن جي پڇاڙي چگي ٿيندي) ۽ هيءُ بہ يقين آهي تہ ظالم ڪڏهن بہ ڪامياب ڪونہ ٿيندا. (۳۸) ۽ فرعون چيو تہ، اي سردارؤ! مان تہ ڄاڻان ٿو تہ مون کان سواءِ توهان جو ڪوبہ معبود ڪونهي. اي هامان! تون منهنجي لاءِ مٽيءَ جي سرن کي ڪوري ۾ پڇاراءِ ۽ پوءِ هڪ وڏي مٺاهين محلات تيار ڪراءِ تہ مان مٿي چڙهي موسيٰ جي معبود کي ڏسان، اگرچہ مون کي تہ پنهنجي سر يقين آهي تہ هو ڪوڙو آهي. (۳۹) ۽ فرعون ۽ سندس لشڪرن ملڪ ۾ ناحق تڪبر ۽ سرڪشي ڪئي ۽ سمجهيائون ٿي تہ هو ڪڏهن بہ اسان وت (سزا لاءِ) رجوع ڪونہ ڪندا. (۴۰) تنهن ڪري اسان ڪيس ۽ سندس لشڪرن جي پڪڙ ڪئي ۽ انهن کي سمنڊ ۾ اڇلائي وڌو. سو ڏسو تہ ظالمن جي پڇاڙي ڪهڙي نہ خراب ٿي. (۴۱) ۽ اسان هنن (ظالمن) کي اهڙو ليڊر بنايو جو (ماڻهن کي) دوزخ جي طرف سڏيندا هئا (يعني ماڻهن کي غلط طريقي تي هلائي دوزخ لاءِ تيار ڪندا هئا) پر قيامت جي ڏينهن (سخت عذاب ۾ پوندا ۽) هنن کي ڪابہ مدد ڪانہ ملندي. (۴۲) ۽ هن دنيا ۾ اسان هنن جي پٺيان لعنت لڳائي ڇڏي، ۽ قيامت جي ڏينهن بہ هو انهن ۾ هوندا جيڪي نفرت ۽ ڏڪار جي لائق آهن.

رڪوع ۵ آيت ۴۳ ـ تا ـ ۵۰

حضرت موسيٰ عليہ السلام جي قصي جي حوالي سان قريشن کي سمجهاڻي ۽ نصيحت.

(۴۳) ۽ هيءَ حقيقت آهي تہ اسان اڳوڻين امتن کي تباهہ ڪرڻ بعد حضرت موسيٰ کي اهڙو ڪتاب (دين ۽ شريعت جو) ڏنو جو (ماڻهن لاءِ) بصيرت ۽ روشني هو ۽ جو سڌي واٽ ڏيکاريندڙ ۽ سراسر رحمت هو. (اهو ڪتاب انهيءَ لاءِ موڪليو ويو) تہ ماڻهو نصيحت حاصل ڪن (۽ نيڪ عمل ڪري خوشحال ٿين). (۴۴) ۽ (اي پيغمبر) جڏهن اسان موسيٰ کي (نبوت ۽) حڪم ڏنو تڏهن تون (طويٰ ماڙي جي) اولهہ طرف (جتي اهو واقعو ٿيو هو) موجود ڪونہ هئين نڪي تو پنهنجي اکين سان اهو واقعو ڏٺو. (۴۵) بلڪ اسان (حضرت موسيٰ جي زماني ۽ تنهنجي زماني جي وچ ۾) گهٽيون ئي پيڙهيون پيدا ڪيون ۽ انهن جي گذري وڃڻ کان پوءِ بہ زمانا گذري چڪا آهن. تون مدين جي ماڻهن ۾ رهيو ئي ڪونہ هئين جو انهن کي اسان جون آيتون پڙهي ٻڌائين ها. پر حقيقت هيءَ آهي تہ اسان رسول موڪليندا رهيا آهيون (۽ تو کي بہ رسول ڪري موڪليو اٿئون ۽ اگرچہ تون طور جبل وٽ ڪونہ هئين نڪي ٻيا اڳوٽا واقعا توڏانا تہ بہ وحيءَ جي رستي تو کي اهي خبرون ٻڌايون ٿا). (۴۶) نڪي تون انهيءَ وقت طور جبل جي پاسي ۾ هئين جڏهن اسان موسيٰ

کي سڏ ڪيو هو. پر (اها) تنهنجي پروردگار جي رحمت آهي (جو تو کي وحي جي رستي اڳوٽن پيغمبرن ۽ ماڻهن جا احوال ٻڌايا اٿئون) انهيءَ لاءِ تہ تون (اهي قصا عبرت وٺڻ لاءِ هنن ماڻهن کي ٻڌائين) هنن (قريش) قوم جي ماڻهن کي خبردار ڪرين جن ڏي تو کان اڳي ڪوبہ خبردار ڪندڙ (رسول) ڪونہ آيو آهي (سو کين اهي قصا ٻڌاءِ ۽ خبردار ڪر) تہ من نصيحت حاصل ڪن (۽ نيڪ عمل ڪن). (٤٧) جيڪڏهن اڄين نہ هجي ها (جو اسان تو کي هنن قريشن ڏانهن پيغمبر ڪري نہ موڪليون ها) ۽ ڪا مصيبت هنن تي سندن ئي بدعملن سبب اچي ڪڙڪي ها تہ پوءِ هو چون ها تہ اي اسان جا پروردگار چو نہ اسان ڏي ڪو رسول موڪليو؟ (جيڪڏهن ڪو رسول موڪلين ها) تہ پوءِ اسان تنهنجي حڪمن جي پيروي ڪيون ها ۽ (ايمان وارا) مؤمن ٿيون ها. (٤٨) پر (هاڻي) جڏهن تہ اسان جي طرف کان هنن وٽ حق (جو پيغام) اچي ويو آهي تڏهن چوڻ لڳا آهن تہ جهڙا معجزا حضرت موسيٰ کي ڏنا ويا هئا تهڙا هنن کي چو نہ ڏنا ويا آهن. جيڪي اڳي حضرت موسيٰ کي ڏنو ويو هو. تنهن کي هنن (قريشن) ڪوڙو ٺهرائي رد نہ ڪيو آهي چا؟ هو تہ (ڪليو ڪلايو) چوندا آهن تہ اهي ٻئي (تورات ۽ قرآن) جادوءَ جا ڪرشما آهن جي ٻئي هڪ ٻئي کي ٽيڪو ٿا ڏين (۽ هڪ ٻئي جي تائيد ٿا ڪن) ۽ هو اڄين بہ چوندا آهن تہ اسان کي اهڙين سينڀ ڳالهين کان انڪار آهي. (٤٩) (اي پيغمبر تون کين) چئو تہ، پلا توهان ئي الله تعاليٰ وٽان ڪو اهڙو ڪتاب آڻيو جيڪو انهن ٻنهي (تورات ۽ قرآن) کان بهتر هدايت ڏيندڙ هجي تہ مان ان جي پيروي ڪيان. (آڻيو اهڙو ڪتاب) جيڪڏهن توهان (پنهنجي دعويٰ ۾) سچا آهيو. (٥٠) پوءِ بہ جيڪڏهن هو تنهنجي ڳالهہ نہ مڃين تہ يقين ڄاڻو تہ هو رڳو پنهنجي (نفساني) خواهشن جي پيروي ڪري رهيا آهن، ۽ ڪير وڌيڪ گمراهہ ٿي سگهي ٿو انهيءَ شخص کان جو الله وٽان مليل هدايت کي ڇڏي پنهنجي نفساني خواهش جي پيروي ٿو ڪري؟ بيشڪ الله تعاليٰ ظالم ماڻهن کي سڌيءَ واٽ تي نٿو لڳائي.

رکوع ٦ آيت ٥١ ـ تا ـ ٦٠

مؤمنن جون خصلتون. صحيح واٽ انهن کي ملي ٿي جيڪي دل سان صحيح واٽ لهڻ چاهن ٿا.

(٥١) ۽ هيءَ حقيقت آهي تہ هاڻي اسان هنن (قريشن) کي پنهنجو ڪلام (۽ حڪم احڪام) پهچايا آهن، انهيءَ لاءِ تہ من نصيحت وٺن. (۽ چڱا عمل ڪن). (٥٢) جن ماڻهن (بني اسرائيلن وغيره) ڏي اسان اڳي ئي ڪتاب موڪليو هو (۽ جي ان ڪتاب تي سچيءَ دل سان عمل ڪندا هئا) سي هن قرآن تي بہ ايمان آڻي رهيا آهن (جو تہ اهي قرآن جي حقانيت آسانيءَ سان سمجهي سگهن ٿا). (٥٣) ۽ جڏهن انهن کي قرآن پڙهي ٻڌايو وڃي ٿو تڏهن هو (هڪدم) چئي ٿا ڏين تہ اسان ان تي ايمان آندو آهي. بيشڪ اهو اسان جي پروردگار وٽان آيل آهي ۽ حق آهي. اسان تہ هن کان اڳ

ئي مسلمان هئاسين (٤ خدا جا فرمانبردار ٻانها هئاسين.) (٥٤) انهن ماڻهن کي ٻيڻو اجر ملندو، ڇو ته هو حق تي محڪم رهيا (پنهنجي قوم جي دشمني سر تي کڻي ۽ قرآن تي ايمان آندائون ٤ سختيون صبر سان سٺائون) ٤ هو برائي کي نيڪيءَ سان دور ڪري ٿا ڇڏين ٤ جيڪو رزق اسان کين ڏنو آهي تنهن مان (ڪجھ خدا جي راھ ۾) خرچ ٿا ڪن. (٥٥) ٤ اهي (مؤمن) جڏهن (ڪنهن ماڻهوءَ جي واتان) بيهوديون ڳالهيون ٻڌن ٿا تڏهن ان کان (مان شان ٤ فضيلت جي نموني ۾ ٤ نہ آکڙ يا نفرت سان) پاسو ڪري هليا وڃن ٿا ٤ چون ٿا ته اسان پنهنجن عملن جو نتيجو ڏسنداسين ٤ اوهان پنهنجن عملن جو نتيجو ڏسندؤ (هرهڪ انسان پنهنجي عملن لاءِ ذميوار آهي. ڇڳا عمل ڪندو ته پاڻ فائدو ماڻيندو ٤ برا عمل ڪندو ته پاڻ کي نقصان رسائيندو) توهان تي سلامتي هجي. اسان جاهلن جي صحبت کان پري رهڻ پسند ٿا ڪيون. (٥٦) (اي پيغمبر!) ائين ٿي نٿو سگهي جو جنهن ماڻهوءَ سان تون حب رکندڙ هجين تنهن کي تون هدايت تي آڻين پر الله ئي آهي جو جنهن کي وٽيس تنهن کي سڌيءَ وات تي لڳائي. ٤ اهو الله ئي ڄاڻي ٿو ته ڪهڙا ماڻهو سڌيءَ راھ تي اچڻ وارا آهن. (٥٧) ٤ (اي پيغمبر کي ضعيف دل وارا بي وقوف ماڻهو تو کي) چون ٿا ته، جيڪڏهن اسان توسان شامل ٿي (تنهنجي ڏيکاريل) هدايت جي پيروي ڪنداسين ته اسان کي پنهنجي زمين (يعني گهر ٤ شهر) مان ئي پکڙي ڪنيو ويندو. (الله تعاليٰ فرمائي ٿو ته) ڇا اسان کين (مکي جي) حرم ۾ امن امان جي جڳهه نہ ڏني آهي؟ جتي هر قسم جا ميوا (اناج پاڇيون وغيره هر طرف کان) کڄي ڇڪجي اچن ٿا. اهو اسان جي طرف کان رزق آهي پر انهن مان گهڻا اها ڳالهه نٿا ڄاڻن ٤ سمجهن. (٥٨) ٤ ڪيترا نہ شهر اسان نابود ڪري ڇڏيا جن جا ماڻهو پنهنجي عيش عشرت جي سامان ٤ مال متاع تي ناز ٤ فخر ڪندا هئا (٤ بدعمل ڪندا هئا) سو (ڏسو) اهي اٿو هنن جا گهر جي هنن کان پوءِ سواءِ ڪن ٿورن گهرن جي ويران پيا آهن ٤ اسان ئي انهن جا وارث ٿياسين. (٥٩) ٤ (اي پيغمبر) تنهنجو پروردگار اهڙو ناهي جو بستيون ٤ شهر برباد ڪري ڇڏي، جستائين پهريائين انهن جي مرڪزي شهر ۾ هڪڙو رسول نہ موڪلي. جو اسان جا حڪم کين پڙهي ٻڌائي (٤ پوءِ ۽ هو انهن حڪمن جي پيروي نہ ڪن) ٤ اسان ڪڏهن ۽ شهر کي برباد نٿا ڪيون، سواءَ هن حالت جي جو انهن جا ماڻهو ظلم ڪندڙ (٤ خدا جي نافرماني ڪندڙ) هجن. (٦٠) ٤ (ياد رکو ته) جيڪي ۽ شيون (مال رزق) اوهان کي ڏنيون ويون آهن، سي فقط هن دنيا جي زندگيءَ جو سامان آهي ٤ ان جو زيب زينت آهي. (هيءَ زندگي گهڙيءَ جو جهٽڪو آهي.) ٤ (ياد رکو ته) جيڪي الله وٽ آهي (يعني روحاني خوشيون ٤ مرڻ بعد جنت جون نعمتون) گهڻو بهتر ٤ گهڻو جٽاءِ ڪندڙ (يعني دائمي) آهي. ڇا توهان ايترو ۽ نٿا سمجهو؟

رکوع ٧ آيت ٦١ ـ تا ـ ٧٥

جنتي ماڻهن ٤ دوزخي ماڻهن جي وچ ۾ زمين ٤ آسمان جو فرق آهي.

(٦١) ڇا اهو شخص جنهن سان اسان (ڪاميابي ٤ سعادت جو) نيڪ واعدو ڪيو آهي ٤ جو انهيءَ

(واعدي واري ڪاميابي ۽ سعادت) حاصل ٻ ڪندو سو انهيءَ شخص جهڙو آهي جنهن کي اسان دنياائي زندگيءَ جو مال متاع ڏنو (تنهن هوندي ٻ بي شڪر ٿي نافرماني ۽ بدعمل ڪيائين) پوءِ هو قيامت جي ڏينهن انهن ماڻهن جي قطار ۾ هوندو جيڪي (سزا ملڻ لاءِ) حاضر ڪيا ويندا؟ (٦٢) ۽ انهيءَ ڏينهن خدا انهن (نافرمان ماڻهن) کي سڏي پڇندو ته ڪٿي آهن اوهان جا اهي معبود (بت، نفساني خواهشون يا چالاڪ يا زبردست ماڻهو) جن کي توهان منهنجا شريڪ سمجهندا هئو؟ (٦٣) اهي ماڻهو جيڪي خدا جي عذاب جا حقدار ثابت ٿيندا (يعني جن تي خدا جي عذاب وارو قول سچو ثابت ٿيندو) سي (انهيءَ ڏينهن) چوندا ته اي اسان جا پروردگار! هي آهن اهي جن کي گمراهه ڪيوسين، جيئن اسان پاڻ ٻ گمراهه هئاسين، تيئن هنن کي ٻ گمراهه ڪيوسين. اسان تنهنجي حضور ۾ هنن کان بيزار ۽ دستبردار ٿيون ٿا. (سچ هي آهي ته) هو اسان جي ٻانهپ نه ڪندا هئا، (پر پنهنجي جهل ۽ نفساني خواهشن جي پٺيان لڳي اسان جي انهيءَ قول تي هلندا هئا جو کين وٺندو هو). (٦٤) ۽ (مشرڪن کي) چيو ويندو ته (هاڻي) سڏيو پنهنجي انهن معبودن کي جن کي خدا سان شريڪ ڪندا هئو (۽ کين عرض ڪيو ته اوهان جي سفارش ڪن ۽ اوهان کي عذاب کان بچائين) تنهن تي اهي پنهنجي معبودن کي سڏيندا پر اهي کين جواب ڏي ڪونه ڏيندا ۽ هو عذاب کي پنهنجي اکين اڳيان ڏسندا. ڪهڙو نه چگو ٿئي ها جيڪڏهن هو هدايت وارو سڌو رستو وٺن ها. (٦٥) ۽ انهيءَ ڏينهن خدا (منڪرن کي) سڏي چوندو ته توهان (منهنجي موڪليل) رسولن کي ڪهڙو جواب ڏنو؟ (۽ ڪيتري قدر سندن نصيحتن تي عمل ڪيو؟) (٦٦) پر انهيءَ ڏينهن هنن کي ڪابه ڳالهه سمجهه ۾ ئي نه ايندي (تنهن ڪري کو جواب ئي ڪونه ڏئي سگهندا) نڪي هو هڪ ٻئي کان ڪجهه پڇي سگهندا. (٦٧) پر جنهن شخص (دنيوي زندگيءَ ۾ ئي بي ايماني ۽ بدعملي ڇڏي خدا ڏي) موت ڪئي ۽ (حق تي) ايمان آندائين ۽ صالح عمل ٻ ڪيائين سو اميد رکي ٿوسگهي ته انهن ۾ هوندو جيڪي ڪاميابي ۽ سعادت حاصل ڪندا. (٦٨) ۽ (اي پيغمبر!) تنهنجو پروردگار جيڪي چاهي ٿو سو پيدا ڪري ٿو ۽ جنهن کي چاهي ٿو تنهن کي (ڪنهن ڪم لاءِ) چونڊي ڪڍي ٿو. اها ڳالهه ماڻهن جي اختيار ۾ ناهي ته هو پاڻ (خدائي ڪمن ۾ دست اندازيءَ ڪري) پاڻ چونڊ ڪن. پاڪ آهي الله تعاليٰ (پين جي دست اندازيءَ کان يا پين جي مشوري ۽ مدد جي احتياج کان) ۽ هو اهڙن ڳالهين کان گهڻو بلند ۽ بالا آهي، جيڪي (بيوقوف ماڻهو) ساڻس لڳائين ٿا ۽ ساڻس شريڪ ڪن ٿا. (٦٩) ۽ تنهنجو پروردگار (سڀ ڪجهه) ڄاڻي ٿو. جيڪي هنن (بدڪار ماڻهن) جي دلين ۾ لڪل آهي ۽ جيڪي هو ظاهر ڪن ٿا سو سڀ هو ڄاڻي ٿو (تنهن ڪري هنن کي سندن بد خيالن ۽ عملن جي سزا ضرور ڏيندو.) (٧٠) ۽ اهوئي (هڪ) الله آهي هن کان سواءِ ٻيو ڪوبه معبود ڪونهي. اول توڙي آخر سڀ ساراهه فقط الله جي لاءِ آهي ۽ حڪم يا حڪومت رڳو سندس آهي. ۽ اوهان سڀني کي ڏانهس ئي موٽڻو آهي. (٧١) (اي پيغمبر! انهن ماڻهن کي) چئو ته، ڀلا ڏسو ته سهي ته

جيڪڏهن الله تعاليٰ هميشہ جي لاءِ قيامت جي ڏينهن تائين اوهان تي رات ڪري ڇڏي (۽ ڏينهن اصل نہ ڪري) تہ الله کان سواءِ ٻيو ڪير آهي جو اوهان لاءِ (ڏينهن جهڙي) روشني آڻي؟ ڇا توهان ٻڌو نٿا؟ (نڪي ڪجھ سمجهو ٿا؟) (۷۲) (ڪين هيئن ٻہ) چئو تہ ٻلا ڏسو تہ سهي تہ، جيڪڏهن الله تعاليٰ هميشہ جي لاءِ قيامت جي ڏينهن تائين ڏينهن کي قائم رکي تہ الله تعاليٰ کان سواءِ ٻيو ڪهڙو معبود آهي جو توهان جي لاءِ رات کي آڻي جنهن ۾ توهان آرام وٺو؟ پوءِ ڇا توهان ڏسو ئي نٿا؟ (نڪي غور ٿا ڪيو). (۷۳) ۽ اها سندس رحمت آهي جو هن اوهان جي لاءِ رات ۽ ڏينهن جو سلسلو رکيو آهي، انهيءَ لاءِ تہ توهان (رات جي وقت) آرام وٺو ۽ (ڏينهن جي وقت ڪم ڪاريون ڪيو ۽) الله جي فضل (يعني دولت) جي تلاش ڪيو ۽ انهيءَ لاءِ تہ توهان (سندس) شڪرگذاري ڪيو (يعني سندس نعمتن کي چگيءَ طرح سندس حڪمن موجب ڪم آڻي پنهنجو پلو ڪيو). (۷٤) ۽ (وري ٻہ ياد رکو تہ) انهيءَ (قيامت جي) ڏينهن الله تعاليٰ هنن کي سڏي ڪائنءِ پڇندو تہ ڪٿي آهن اهي (اوهان جا) معبود جن کي منهنجا شريڪ (۽ مددگار) سمجهي ويٺا هيؤ؟ (هن وقت ڪوبہ ڪونهي جو اوهان جي سفارش ڪري ۽ اوهان کي عذاب کان بچائي). (۷۵) ۽ اسان هرهڪ امت مان هڪڙو شاهد (سندن پيغمبر) ڪڍي ٻاهر ڪنداسين ۽ پوءِ (منڪرن کي) چونداسين تہ پنهنجو دليل پيش ڪيو (تہ چو توهان منهنجي رسولن کي نہ مڃيو) پر پوءِ ان وقت هنن کي پوري پوري خبر پئجي ويندي تہ بيشڪ حق فقط الله جي لاءِ آهي (يعني جيڪي حڪم الله وٽان آيا فقط اهي ئي سچا، ڇڪا ۽ مفيد هئا) ۽ ٻيون جيڪي هٿرادو ٻالهيون هنن (منڪرن) ڪٽي ٻنايون هيون سي (انهيءَ ڏينهن) هنن کان گم ٿي ويندیون.

رڪوع ۸ آيت ۷۶ ـ تا ـ ۸۲

دولت تي فخر ڪرڻ ۽ ان کي خدا جي راهہ ۾ خرچ نہ ڪرڻ تي قارون برباد ٿيو.

(۷۶) قارون درحقيقت حضرت موسيٰ جي قوم جو ماڻهو هو. پر هو پنهنجي قوم جي ماڻهن تي ظلم ڪرڻ لڳو (۽ هنن کي نفرت سان ڏسڻ لڳو. ايتري آڪڙ ۽ هٺ وڌائي هن ڪري ٿيس جو) اسان هن کي دنيائي دولت جا وڏا خزانا ڏنا هئا ايترا جو انهن جون رڳو ڪنجيون بہ مضبوط ماڻهن جي هڪ ٽولي مشڪل کٽي سگهي ها. (سندس هٺ وڌائي ڪرڻ تي) سندس قوم جي ماڻهن کيس چئي ڏنو تہ آڪڙ نہ ڪر، چو تہ الله تعاليٰ يقيناً آڪڙ ڪندڙن کي پسند نٿو ڪري. (۷۷) ۽ (قارون کي هيئن بہ چياٿون تہ) الله تعاليٰ جيڪو تو کي هيترو رزق ۽ مال دولت ڏني آهي تنهن سان (تون سخاوت ڪري) آخرت جي گهر (يعني جنت) لاءِ تلاش (۽ طلب) ڪر، ۽ دنيا ۾ جيڪو تنهنجو حصو آهي سو بہ نہ ويسار (يعني پنهنجي دولت مان پنهنجي ۽ پنهنجي اولاد ۽ مائٽن جي جسم، دل ۽ دماغ جي سڌاري ۽ واڌاري ۽ خوشحال رهڻ لاءِ بہ خرچ ڪر) ۽ جيئن الله تعاليٰ تو تي احسان ڪيو آهي، تيئن تون بہ (ماڻهن تي) احسان ڪر ۽ نہ (اڻلندو) ملڪ ۾ فساد ۽ بگاڙ مچاءِ، يقيناً الله

تعاليٰ فساد ۽ بگاڙو مچائيندڙن کي ناپسند ٿو ڪري. (۷۸) (قارون جواب ۾) چيو تہ، (توهان اجائي بڪ بڪ ڪري رهيا آهيو) مون کي جو هيتري دولت ملي آهي سا يقيناً مون پنهنجي علم (عقل هنر ۽ محنت) سان هٿ ڪئي آهي (مون تي خدا کو احسان نہ ڪيو آهي). هن (بي وقوف) کي اها بہ خبر نہ هئي ڇا تہ الله تعاليٰ هن کان اڳي گهٽين ڪي اهڙين امتن کي (سندن تڪبر ۽ ظلم سبان) برباد ڪري چڪو آهي، جيڪي هن (قارون) کان قوت ۾ گهٽو وڌيڪ هئا ۽ مال دولت بہ گهٽو وڌيڪ گڏ ڪيو هئائون ۽ (اها بہ ڪيس خبر ناهي ڇا تہ) گنهگارن کي سندن گناهن سبان (هڪدم ۽ بروقت) پڇا ڪانہ ڪبي آهي (بلڪ کين مهلت ڏبي آهي ۽ نہ مڙندا آهن تہ پوءِ کين ڪنڌ ۾ ڪيرائبو آهي.) (۷۹) سو (هڪڙي ڏينهن) اهو قارون وڏي دٻدٻي (۽ آڪڙ ۽ تجمل) سان پنهنجي قوم جي ماڻهن جي سامهون آيو. (سندس ظاهري تجمل ڏسي) انهن ماڻهن جيڪي هن دنيا جي زندگيءَ (جي ڏيک ويک) کي چاهيندا آهن، چيو تہ، هاءِ هاءِ! جيڪر اسان کي اهڙي دولت ملي ها جهڙي قارون کي ملي آهي (تہ ڪهڙو نہ چگو ٿئي ها) يقيناً هو وڏي ڀاڳ وارو ۽ خوشنصيب آهي. (۸۰) پر جيڪي ماڻهو علم وارا هئا تن (انهن ماڻهن کي) چئي ڏنو تہ افسوس اوهان جي حال تي (متان مصيبت پوي اوهان تي، اوهان هيترو بہ نٿا ڄاڻو تہ) الله تعاليٰ وٽان جيڪي (نعمتون) انعام ۾ ملن ٿيون سي گهٽو بهتر آهن انهن ماڻهن لاءِ جيڪي (حقيقتن تي) ايمان ٿا رکن ۽ صالح عمل ٿا ڪن، پر اهي نعمتون فقط اهي ماڻهو حاصل ڪن ٿا جيڪي صبر ۽ ثابت قدميءَ سان (حق تي ۽ چگاين کرڙ تي) قائم رهن ٿا. (۸۱) (قارون جو ايتري آڪڙ ڏيکاري) سو اسان هن کي ۽ سندس گهر کي زمين ۾ پوري چڏيو، ۽ کابہ جماعت ڪانہ هئي جا هن کي الله جي مقابلي ۾ مدد ڪري سگهي ها، نڪي هو پاڻ کي بچائي سگهيو. (۸۲) ۽ جيڪي ماڻهو ڪالهہ سندس پوزيشن ۽ ظاهري شاندار حالت جا خواهشمند ٿيا هئا سي هاڻي چوڻ لڳا تہ يقيناً الله ئي آهي جو پنهنجي بندن مان جنهن کي چاهي تنهن جو رزق ڪشادو ڪري ۽ جنهن لاءِ وٽيس تنهن لاءِ تنگ ڪري. جيڪڏهن اسان تي الله جو احسان نہ هجي ها تہ اسان کي بہ زمين ۾ پوري چڏي ها. يقيناً معلوم ٿو ٿئي تہ ڪافر ڪڏهن بہ ڪامياب ڪونہ ٿيندا.

رڪوع ۹ آيت ۸۳ ـ تا ـ ۸۸

هٿ، وڏائي ۽ فساد ۽ برايون دنيا ۽ آخرت ۾ خوار خراب ڪن ٿيون.

(۸۳) اهو آخرت جو گهر (يعني جنت) اسان انهن ماڻهن لاءِ تيار ڪري رکيو آهي جيڪي زمين تي هٿ وڏائي، ظلم ۽ فساد ۽ بگاڙو نٿا چاهين، ۽ (ياد رکو تہ) چگي پڇاڙي فقط انهن جي لاءِ آهي جيڪي گناهن کان پرهيز ڪندڙ آهن (۽ نيڪ عمل ڪندڙ آهن). (۸٤) جيڪو نيڪيءَ سان ايندو (يعني جنهن نيڪيون ڪيون هونديون) تنهن کي ان کان بهتر انعام ملندو، پر جيڪڏهن کو برائي سان ايندو (يعني جنهن برائيون ڪيون هونديون) تہ پوءِ جن برائيو ڪيون هونديون تن

ڪي فقط اوتري قدر سزا ملندي جيتري قدر هن برا عمل ڪيا هوندا. (٨٥) يقين رک تہ جنهن (خدا) توتي قرآن (جا حڪم) فرض ڪيا آهن سوئي توڪي موٽڻ واري جاءِ ڏي موٽائي آڻيندو. تون (ڪليو ڪلايو) چئو تہ، منهنجو پروردگار خوب ڄاڻي ٿو تہ ڪير (خدا وٽان) هدايت يعني سچو دين ڪٽي آيو آهي (جنهن تي پاڻ بہ عمل ڪري ٿو ۽ ٻين کي بہ سيکاري ٿو) ۽ خوب ڄاڻي ٿو تہ ڪير ظاهر ظهور چٽي گمراهيءَ ۾ آهي. (٨٦) ۽ (اي پيغمبر!) توکي ڪابہ اميد يا آسرو ڪونہ هو تہ ڪو (توکي ڪامياب ڪرڻ لاءِ) توڏي (سچي راهہ ڏيکارڻ وارو) ڪتاب موڪليو ويندو پر اها فقط تنهنجي پروردگار جي رحمت آهي (جو توڏي اهو ڪتاب موڪليو ويو آهي) تنهن ڪري تون ڪنهن بہ صورت ۾ ڪافرن لاءِ (سندن ڪفر جي ڪمن ۾) مددگار نہ ٿجانءِ. (٨٧) ۽ هي ضروري آهي تہ ڪابہ ڳالهہ توکي خدا جي آيتن (۽ حڪمن تي عمل ڪرڻ ۽ تبليغ ڪرڻ) کان نہ روڪي انهيءَ کان پوءِ جو توتي آيتون ۽ حڪم نازل ٿين ۽ (صبر ۽ استقامت سان ماڻهن کي) پنهنجي پروردگار ڏانهن سڏيندو رهہ، ۽ مشرڪن سان (سندن شرڪ جي ڪمن ۾) شامل نہ ٿجانءِ. (٨٨) ۽ الله سان گڏ ڪنهن بہ ٻئي معبود کي نہ سڏجانءِ، (چو تہ) هن (هڪ الله) کان سواءِ ٻيو ڪوبہ معبود آهي ئي ڪونہ! هر هڪ شيءِ (۽ هرهڪ جانور) فنا ٿيڻ وارو آهي سواءِ سندس ذات جي، بادشاهي فقط سندس آهي، ۽ (آخر) اوهان سيني کي ڏانهس ئي موٽڻو آهي.

سورت العنڪبوت (ڪوريئڙو)

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي.

رڪوع ١ آيت ١ ـ تا ـ ١٣

هر ڪنهن انسان جي عملن ۾ آزمائش ٿيڻي آهي تہ هو ڪيتري قدر سچو آهي

(١) الف ـ لام ـ ميم (٢) هي ماڻهو هيئن ٿا سمجهن ڇا تہ جيڪڏهن هو رڳو هيترو (زبان سان) چوندا تہ اسان ايمان آندو آهي تہ پوءِ ڪين اڻين ئي ڇڏيو ويندو (تہ جيئن وٽين ٿيئن ڪن) ۽ ڪين آزمائش ۾ ڪونہ وڌو ويندو. (نہ نہ! هنن جي ايمان جي آزمائش هنن جي عملن سان ٿيندي.) (٣) ۽ هيءَ حقيقت آهي تہ، هنن ڪان اڳي جيڪي ماڻهوٽي گذريا آهن تن کي بہ اسان آزمائش ۾ وڌو هو سو (هنن ماڻهن کي بہ آزمائش ۾ وجهي) ضرور معلوم ڪري ونڊاسين (يعني ظاهر ڪري ڏيکاريندا سين) تہ ڪهڙا (پنهنجي ايمان جي دعويٰ ۾) سچا آهن ۽ ڪهڙا ڪوڙا آهن (۽ درحقيقت ايمان ڪونہ آندو اٿن). (٤) جيڪي ماڻهو برائيون (۽ گناهہ) ڪن ٿا، سي هيئن ٿا سمجهن ڇا تہ هو اسان جو اڳ وڻي سگهندا (يعني خدا جي تجويزن کي روڪي پاڻ ڪامياب ٿي ويندا) ڪهڙو نہ غلط ۽ بيڙو فيصلو ۽ راءِ هو ڇئي رهيا

آهن. (هو ڪڏهن ب خدا جي تجويزن کي روڪي نہ سگهندا ۽ ضرور ڪنڊ ۾ ڪرندا). (۵) جيڪو ب شخص (چاڻي ٿو ۽) اميد رکي ٿو تہ (آخر) الله سان ملڻو آهي (تنهن کي نيڪ عمل هڪدم شروع ڪري ڏيڻ گهرجن ۽ هر طرح خدا جي راهہ ۾ جهاد ڪرڻ گهرجي) چو تہ يقيناً الله جو (مقرر ڪيل) وقت ضرور اچڻو آهي ۽ (ڪيس ياد رکڻ گهرجي تہ الله تعاليٰ سڀ ڪجهہ ٻڌندڙ ۽ سڀ ڪجهہ چاڻندڙ آهي. (۶) ۽ (يقين رکڻ گهرجي تہ) جيڪو ب (حق جي راهہ ۾) بي انتها ڪوشش ۽ محنت ڪري ٿو سو درحقيقت پنهنجي ئي (فائدي) لاءِ ڪري ٿو، (نہ خدا جي لاءِ) يقيناً الله تعاليٰ (سڄي ڪائنات، سڄي جهان ۽ سيني ماڻهن جانورن ۽ شين وغيره) کان بي نياز ۽ بي احتياج آهي. (ڪيس نہ ڪنهن جي پرواهہ آهي ۽ نہ هو ڪنهن جو محتاج آهي). (۷) ۽ جيڪي ماڻهو (سچو) ايمان آڻين ٿا ۽ نيڪ عمل ڪن ٿا تن جون بڇڙائيون ۽ بدڪاريون اسان ميٽائي ڇڏينداسين، ۽ جيڪي عمل هو ڪن ٿا تن مان بهترين عملن جي ڪري ڪين ڇڪو بدلو ڏينداسين. (۸) اسان هر انسان کي پنهنجي پيءُ ماءُ سان احسان ۽ ڇڪو سلوڪ ڪرڻ جي وصيت ڪئي آهي (اگرچہ اهي مشرڪ هجن) پر جيڪڏهن اهي ٻئي ڪوشش ڪن تہ تون مون (الله) سان ڪنهن ٻئي کي ب شريڪ ڪرين (يعني منهنجي حڪمن جي ابتڙ ڪنهن ٻئي جو حڪم مڃين) جنهن ڳالهہ جي باري ۾ توکي پورو علم ئي ڪونہ آهي تہ پوءِ انهن جي فرمانبرداري نہ ڪر (ٻين اهڙين ڳالهين ۾ انهن جي تابعداري. بيشڪ جن ۾ خدا جي حڪمن جي انحرافي ڪانہ ٿئي. ياد رکو تہ) اوهان سڀني کي مون ڏي ئي موٽڻو آهي پوءِ (ان وقت) مان اوهان کي ٻڌائيندس تہ توهان ڪهڙا ڪهڙا عمل ڪيا هئا. (۹) ۽ جيڪي ماڻهو (سچو) ايمان ۽ يقين رکن ۽ نيڪ عمل ب ڪن ٿا تن کي اسان صالحن جي سنگت ۾ داخل ڪنداسين. (يعني اهڙا ماڻهو پيغمبرن، صديقن، شهيدن ۽ صالح ٻانهن سان گڏ رهندا). (۱۰) ۽ (افسوس) ماڻهن ۾ کي اهڙا (ضعيف ايمان وارا يا منافق) ب آهن جيڪي (ظاهري تہ) چون ٿا تہ، اسان ايمان آندو آهي پر جڏهن (خدا جي راهہ ۾) ڪنهن تڪليف يا مصيبت هيٺ اچن ٿا تڏهن ماڻهن جي ظلم (کان جيڪا تڪليف ڪين پهچي ٿي تنهن) کي خدا جي عذاب وانگر ٿا سمجهن (يعني ان کي خدا جو عذاب ڪري ٿا سمجهن، حالانڪ اها سندن ايمان جي آزمائش ٿي ونڃي) ۽ جيڪڏهن تنهنجي پروردگار وٽان (اوهان مسلمانن لاءِ) کا مدد (۽ فتح) اچي تہ پوءِ يقيناً (پنهنجن فائدن وٺڻ لاءِ) چوندا تہ يقيناً اسان توهان (مسلمانن) سان شامل هئاسين، (نہ اوهان جي دشمنن سان) ڇا (هو ايترو ب نٿا چاڻن تہ) الله تعاليٰ خوب چاڻي ٿو تہ ماڻهن جي دلين ۾ ڇا آهي. (اهي منافق مسلمانن کي ڪٽي ڪُڳي سگهن پر خدا سندن دلين جا خيال ب چاڻي ٿو ۽ ڪين سندن بدخيالن ۽ بدعملن موجب ضرور سزا ڏيندو.) (۱۱) يقيناً خدا سچن مؤمنن کي چاڻي ٿو (تہ هو سچا آهن ۽ ڪين پڌرو ڪري ڏيکارينڊو) ۽ منافقن کي ب چاڻي ٿو (تہ هو ڪوڙا آهن). (۱۲) ۽ جن ماڻهن ڪفر جي وات

اختيار ڪئي آهي سي مؤمنن کي چون ٿا تہ، توهان ۾ اسان جي وات وڻو ۽ اوهان جي خطائن (جا جيڪي نتيجا نڪرندا تن) جا بار اسان ڪٽنداسين پر هو ڪڏهن ۾ هنن جي خطائن جو ڪجھ ۾ بار نہ ڪٽندا. يقيناً هو ڪوڙا آهن. (۱۳) بلڪ هو پنهنجا بار ۾ ڪٽندا ۽ پنهنجي بارن سان گڏ انهن ٻين جا بار ۾ ڪٽندا (جن کي برغلائيندا هئا) ان کان سواءِ جيڪي جيڪي (اهڙا) ڪوڙا ڏاھ (دنيا ۾) ڏاهيندا هئا تن بابت ۾ قيامت جي ڏينهن کائن باز پرس ٿيندي.

رکوع ۲ آيت ۱٤ - تا - ۱۲۲

جيڪڏهن توهان الله جي پيغام کي ڪوڙو سمجهي رد ٿا ڪيو تہ اها ڪا نئين ڳالھ ڪانهي.

(۱٤) ۽ هيءَ حقيقت آهي تہ، اسان حضرت نوح کي سندس قوم ڏي پيغمبر ڪري موڪليو. هن انهن سان گڏ ساڍا نو سؤ سال حياتيءَ جا گذاريا (۽ کين سمجهاڻيون ڏنيون تہ ۾ هنن مان گهٽا منڪر رهيا ۽ ظلم ڪندا رهيا) سو طوفان هنن کي پڪڑي ورتو (۽ هو ٻڏي مئا) چو تہ هو (پچاڑي تائين) ظلم ڪندا رهيا. (۱۵) پر اسان حضرت نوح کي ۽ ٻيڑيءَ وارن کي (جيڪي ساڻس گڏ ٻيڑيءَ ۾ چڙهيا هئا) بچائي ورتو، ۽ اسان ان ٻيڑيءَ کي (جا جودي جبل جي چوٽيءَ تي وڃي بيٺي هئي) جهان جي سڀني ماڻهن لاءِ (عبرت جي) نشاني بنايو. (۱٦) ۽ اسان حضرت ابراهيم کي ۾ پيغمبر ڪري موڪليو (ڏسو) هن پنهنجي قوم کي چيو تہ، فقط الله جي ٻانهپ ڪيو ۽ فقط الله (جي نافرمانيءَ جي نتيجن) کان ڊڄو جيڪيڏهن توهان ڄاڻ رکو (۽ سمجهو سوچيو تہ توهان کي يقين ٿيندو) تہ انهيءَ ۾ اوهان جي لاءِ وڏي بهتري ۽ چڱائي آهي. (۱۷) (هيءَ ڳالھ ظاهر آهي تہ) توهان الله کي ڇڏي بتن جي پوڄا ٿا ڪيو ۽ ڪوڙا ڏاھ ٿا ڏاهيو (اوهان جا خيال ۽ عقيدا بلڪل غلط آهن) خدا کي ڇڏي جن شين، بتن يا ماڻهن جي ٻانهپ ٿا ڪيو تن کي ڪاب ۾ طاقت ڪانهي جو اوهان کي رزق ڏيئي سگهن (يا ٻيون دل ۽ دماغ جون گهرجون پوريون ڪري سگهن) سو (توهان جاهل نہ ٿيو) فقط الله وٽان رزق جي تلاش ڪيو ۽ فقط سندس حڪمن جي تابعداري ڪيو ۽ (هنن جي ڏنل نعمتن بابت) سندس ئي شڪر گذاري ڪيو (يعني سندس نعمتن کي سندس هدايتن موجب چگيءَ طرح ڪم آڻي پنهنجو ئي پلو ڪيو) (ياد رکو تہ) توهان کي (آخر) ڏانهس ئي موٽڻو آهي. (۱۸) ۽ جيڪڏهن توهان (الله جي پيغام کي) ڪوڙو سمجهي ڏڪرايو ٿا ۽ رد ڪيو ٿا (تہ اها ڪا نئين ڳالھ ڪانهي) اوهان کان اڳي ۾ ڪيترن ئي امتن (خدا جي پيغام کي) ڪوڙو ڏهرايو. رسول جو فرض تہ فقط هيءُ آهي تہ (خدا جو پيغام) چٽيءَ طرح ۽ ڪليو ڪلايو (ماڻهن کي) پهچائي (ٻڌائي ۽ سمجهائي). (۱۹) اهي ماڻهو نٿا ڏسن ڇا تہ ڪيئن خدا شروعات ۾ شيون پيدا ڪري ٿو ۽ ڪيئن پوءِ ۾ بار بار پيدا ڪندو رهي ٿو. يقيناً اهو ڪم الله تعاليٰ جي لاءِ بلڪل آسان آهي. (۲۰) (تون ماڻهن کي) چئو تہ، زمين تي سير سفر ڪيو ۽ ڏسو تہ ڪيئن الله

تعاليٰ خلقت جي شروعات ڪئي (يعني ڪهڙيون ڪهڙيون شيون هوا، ٻاهه، پاڻي، جبل، سمنڊ، درياهه، وغيره پيدا ڪيا)، پوءِ ٻ (اهڙيءَ طرح) خدا تعاليٰ ٻيون خلقتون خلقيندو رهي ٿو ۽ خلقيندو، ڇو ته بيشڪ الله تعاليٰ ڪي هر چيز (پيدا ڪرڻ) جي طاقت ۽ قدرت آهي. (٢١) هو جنهن کي چاهي ٿو تنهن کي عذاب ۾ گرفتار ڪري ٿو ۽ جنهن کي چاهي ٿو تنهن تي رحم ڪري ٿو (۽ نه وساريو ته) اوهان کي هن ڏي ئي موٽڻو آهي. (٢٢) توهان الله تعاليٰ جي تجويزن کي نڪي زمين تي روڪي سگهو ٿا، نڪي آسمان ۾ روڪي سگهو ٿا ۽ (ياد رکو ته نافرمانيءَ جو نتيجو ضرور ڏسندو پوءِ) خدا کان سواءِ توهان جو ڪوبه ڪارساز يا مددگار ڪونه ٿيندو.

رکوع ٣ آيت ٢٣ ـ تا ـ ٣٠

جڏهن پنهنجي ظلمن جو نتيجو ڏسندؤ تڏهن) اوهان هڪ ٻئي کان بيزار ٿيندؤ۽ هڪ ٻئي تي لعنتون وجهندؤ.

(٢٣) ۽ جيڪي ماڻهو الله جي آيتن ۽ حڪمن جا منڪر آهن، ۽ پڻ (قيامت جي ڏينهن) سندس روبرو حاضر ٿيڻ جا منڪر آهن سي منهنجي رحمت کان نااميد (۽ محروم) هوندا، ۽ انهن جي لاءِ سخت دردناڪ عذاب هوندو. (٢٤) پر حضرت ابراهيم جي قوم وٽ (انهن مٿين سيني سمجهاڻين جو) جواب ٻيو ڪوبه ڪونه هو. سواءِ هن جي جو هڪ ٻئي کي چيائون ته، اچو ته هن کي قتل ڪري ڇڏيون يا ڪيس باهه ۾ ساڙي ڇڏيون. پر الله تعاليٰ هن کي باهه منجهان بچائي ورتو. بيشڪ هن (واقعي) ۾ انهن ماڻهن لاءِ (وڏيون عبرت جون) نشانيون آهن جيڪي ايمان رکن ٿا. (٢٥) ۽ حضرت ابراهيم (وري ٻه ڪين) چيو ته، توهان جو الله تعاليٰ کي ڇڏي بتن کي (پوڄا لاءِ) ورتو آهي سو هن ڪري جو هن دنيا ۾ توهان هڪ ٻئي لاءِ محبت رکو ٿا پر قيامت جي ڏينهن (جڏهن پنهنجي ظلمن جو نتيجو ڏسندؤ تڏهن) اوهان هڪ ٻئي کان بيزار ٿيندؤ۽ هڪ ٻئي تي لعنتون وجهندؤ ۽ توهان جو ٺڪاڻو دوزخ هوندو ۽ توهان جو ڪوبه مددگار ڪونه هوندو. (٢٦) پر (سندس پائڻئي) حضرت لوط مٿس ايمان آندو ۽ چيائين ته مان پنهنجي پروردگار جي طرف هجرت ڪرڻ وارو آهيان. بيشڪ هو وڏي طاقت ۽ شان وارو آهي ۽ وڏي حڪمت وارو آهي. (٢٧) ۽ اسان حضرت ابراهيم کي (پٽ) اسحاق ۽ (پوٽو) يعقوب عطا ڪيو ۽ سندس نسل (يعني پيڙهيءَ) ۾ نبوت ۽ ڪتاب جو سلسلو جاري رکيو. (حضرت يعقوب جي اولاد ۾ ته گهڻائي پيغمبر ٿيا جن کي خدائي ڪتاب ٻه ملیو پر حضرت اسماعيل جي اولاد مان آخري پيغمبر خاتم المرسلين حضرت محمد ﷺ پيدا ٿيو جنهن تي قرآن مجيد نازل ٿيو) ۽ اسان حضرت ابراهيم کي هن ئي دنيا ۾ وڏو اجر (۽ ڪاميابي) ڏني. ۽ يقيناً آخرت ۾ به هو صالحن جي جماعت ۾ هوندو. (٢٨) ۽ حضرت لوط کي به اسان (هڪڙي قوم ڏي) پيغمبر ڪري موڪليو. هن

انهيءَ قوم جي ماڻهن کي چيو تہ، توهان اهڙا بي شرميءَ جا ڪم ٿا ڪيو جهڙا توهان کان اڳي سڄي جهان ۾ ڪنهن بہ نہ ڪيا. (۲۹) ڇا توهان (عورتن جي بجاءِ) مردن ڏي ٿا وڃو؟ ۽ پٽ رهزني ٿا ڪيو؟ (يعني واٽن تي ويهي مسافرن کي ٿا لٽيو ۽ ڦريو؟) ۽ پنهنجي مجلسن ۾ بہ اهو ساڳيو نفرت جهڙو ڪم ٿا ڪيو، پر سندس قوم جي ماڻهن وٽ (انهن سمجهاڻين متعلق) فقط هي ئي جواب هو جو ڪيس چيائون تہ، جيڪڏهن تون سچو آهين (هن ڳالهہ ۾ تہ اسان تي عذاب ايندو) تہ پلا آڻ اسان تي خدا جو عذاب! (۳۰) حضرت لوط دعا گهري تہ، اي منهنجا پروردگار منهنجي هنن (ظالمن ۽) بگاڙو وجهندڙ ماڻهن جي خلاف مدد ڪر.

رڪوع ٤ آيت ۳۱ ـ تا ـ ٤٤

جيڪي ماڻهو خدا کي ڇڏي ٻين کي ڪارساز ۽ مددگار ڪري ٿا وٺن سي ڳويا ڪوريئڙي وارو گهر ٿا ٺاهين، جيڪو سيني گهرن کان ضعيف ٿئي ٿو.

(۳۱) (حضرت لوط جي دعا قبول پيئي) سو جڏهن اسان جا قاصد (يعني ملائڪ) حضرت ابراهيم ڏي (پٽ ڄمڻ جي) خوشخبري کڻي آيا تڏهن انهن فرشتن (حضرت ابراهيم کي) چيو تہ، اسان هن (حضرت لوط واري) شهر جي ماڻهن کي تباهہ ڪرڻ آيا آهيون، ڇو تہ اتي جا ماڻهو وڏا ظالم (۽ بي حيا) ٿي پيا آهن. (۳۲) حضرت ابراهيم چيو تہ، ان شهر ۾ تہ حضرت لوط موجود آهي. فرشتن جواب ۾ چيو تہ، ها اسان کي خبر آهي تہ ان ۾ ڪير موجود آهي. اسان هن کي ۽ سندس ماڻهن کي سواءِ سندس زال جي (انهيءَ تباهيءَ کان) بچائينداسين. هوءَ پڻ رهندڙن سان رهجي پوندي (۽ هنن سان گڏ تباهہ ٿيندي). (۳۳) ۽ جڏهن اسان جا قاصد (يعني فرشتا) حضرت لوط وٽ ويا تڏهن هن کي انهن فرشتن بابت ڏاڍو خطرو ڏسڻ ۾ آيو ۽ سندس دل سوڙهي ٽيڙ لڳي. سو هنن کيس چيو تہ، ڊڄ نہ، نڪو ڪو غم ڪر. اسان ضرور تو کي ۽ تنهنجي ماڻهن کي سواءِ تنهنجي زال جي، (ايندڙ عذاب کان) بچائي وٺنداسين. هوءَ پڻ رهندڙ ماڻهن ۾ رهجي پوندي (۽ تباهہ ٿيندي). (۳٤) اسان ضرور هن شهر جي ماڻهن جي مٿان آسمان مان عذاب نازل ڪنداسين، ڇو تہ هو بدڪارين ۾ ليکو لنگهي ويٺا آهن. (۳۵) (حضرت لوط ۽ سندس ماڻهو انهن فرشتن جي چوڻ موجب راتو واهہ شهر مان نڪري ويا. باقي ماڻهن تي پٽرن جو مينهن وسيو ۽ تباهہ ٿي پيا. اها حقيقت اڄ تائين هرڪو پنهنجي اکين سان ڏسي سگهي ٿو) هيءَ حقيقت آهي تہ اسان ان واقعي مان هڪڙي چٽي نشاني (عبرت وٺڻ لاءِ) ڇڏي آهي انهن ماڻهن لاءِ جيڪي (حقيقت کي) سمجهن ٿا (۽ سمجهڻ چاهين ٿا). (۳٦) ۽ مدين جي ماڻهن ڏي اسان سندن برادريءَ جي ماڻهو حضرت شعيب کي پيغمبر ڪري موڪليو. هن کين چيو تہ، اي منهنجي قوم جا ماڻهو! الله جي ٻانهپ ڪيو (۽ سندس حڪمن تي هلو) ۽ آخرت جي ڏينهن (جي عذاب) کان ڊڄو ۽ ملڪ ۾ خرابيون ۽

بگاڙ نہ ڪندا وتو. (۳۷) پر هنن حضرت شعيب کي ڪوڙو سمجهيو ۽ ڪيس نہ مڃيو، سو هڪڙي اهڙي زبردست آواز هنن کي پڪڙ ڪئي (جهڙو پرندڙ جبل جي ڦاٽڻ ڪري يا ڪڏهن ڪڏهن ڌرتي ڌڻ وقت ٽيندو آهي.) جنهن جو نتيجو اهو نڪتو جو اهي ماڻهو پنهنجي گهرن ۾ اونڌا ٽي پئجي رهيا، (يعني مرده لاشا ٽي پيا.) (۳۸) ۽ عاد ۽ ثمود جي قومن کي ب (اسان تباهہ ڪري چڏيو) ۽ اوهان کي هنن جا گهر ب ڏٺائي ڇتا ڏسڻ ۾ اچن ٿا ۽ شيطان هنن جي (بد) عملن کي هنن جي نظر ۾ سهٽا ڪري ڏيکاريا ۽ هنن کي سڌي واٽ کان روڪي ڇڏياٿين، اگرچہ هو نهايت هوشيار ۽ هنرمند هئا. (۳۹) ۽ قارون، فرعون ۽ هامان (کي ب اسان تباهہ ڪري چڏيو) هنن ڏي حضرت موسيٰ ڇٽين نشانين سان آيو (۽ کين گهٽوئي سمجهاياٿين) پر هنن ملڪ ۾ تڪبر جي روش اختيار ڪئي پر هنن کي ڪهڙي مجال هئي جو اسان جي پڪڙ کان نڪري ڇٽي وڃن. (۴۰) سو اسان انهن سيني کي سندن گناهن (۽ ظلمن) سبب پڪڙ ڪئي. ڪن ڏي اسان سخت طوفان (پٿرن جي برسات سان) موڪليو، ڪن کي دهشتناڪ آواز گهيري فنا ڪري چڏيو، ڪن کي اسان جي حڪم سان زمين ڳهي ويئي ۽ ڪن کي اسان ٻوڙي ماري چڏيو. ۽ (ياد رکو تہ) الله تعاليٰ جو اهو وڙ نہ هو (۽ نہ آهي) تہ هنن سان بي انصافي ڪري، حقيقت هيءَ آهي تہ هنن پاڻ تي پاڻ ظلم ڪيو (۽ پاڻ کي پاڻ تباهہ ڪيو جيئن هاڻي زبردست قومون پاڻ کي پاڻ تباهہ ڪري رهيون آهن.) (۴۱) جن ماڻهن الله کي ڇڏي ٻين کي ڪارساز ۽ مددگار ڪري ورتو آهي (يعني خدا جي ڇگن حڪمن جي خلاف شيطان جا يا ٻين جا خراب حڪم مڃين ٿا) انهن جو مثال هڪڙي (ضعيف) ڪوريئڙي سان ٿو لڳي، جنهن گهر تہ ناهيو پر سيني گهرن کان ضعيف گهر ڪوريئڙي جو آهي. (يعني سندن ڪارناما ب اڻين بيڪار ٿي ويندا جيئن ڪوريئڙي جو گهر اسان جي هٿ جي ڇنڊڪي سان فنا ٿي ٿو وڃي) ڪهڙو نہ ڇگو ٿئي جيڪڏهن هو اها ڳالهہ ڄاڻن (۽ سمجهن). (۴۲) بيشڪ الله تعاليٰ انهيءَ هرهڪ چيز کي ڄاڻي ٿو جنهن کي اهي (پليل ماڻهو معبود سمجهي) پڪارين ٿا ۽ (ياد رکو تہ) هو وڏي قدرت وارو ۽ وڏي حڪمت وارو آهي. (۴۳) ۽ اهي مثال آهن جي اسان ماڻهن کي (سمجهائڻ لاءِ) ٻڌايون ٿا، پر اهي ماڻهو انهن مثالن کي سمجهي سگهن ٿا جيڪي علم وارا آهن. (۴۴) الله تعاليٰ آسمانن ۽ زمين کي حق سان (۽ نهايت عجيب و غريب قانون سان) خلقيو آهي. جيڪي ماڻهو ايمان رکندڙ آهن تن لاءِ انهيءَ ۾ وڏي نشاني رکيل آهي.

حصو ايڪيهون

رڪوع ۵ آيت ۴۵ ـ تا ـ ۵۰

قرآن پڙهڻ، نماز ۽ خدا جي يادگيري. بحثن کان بچو. قرآن مجيد خود اعليٰ ترين معجزو آهي.

(۴۵) (اي پيغمبر!) هيءُ ڪتاب جو توڏي وحي جي رستي موڪليو ويو آهي، سو پڙهه (۽ پين کي ب پڙهي ٻڌاءِ) ۽ نماز قائم ڪر. (پاڻ ب نماز جو پابند ٿي ۽ پين مسلمانن کي ب جماعت سان نماز پڙهڻ جو حڪم ڪر) يقيناً نماز بي شرميءَ جي ڪمن کان ۽ پين برن ۽ بي انصافيءَ جي ڪمن کان روڪي ٿي، ۽ الله تعاليٰ جي يادگيري (هر وقت رکڻ ۽ سندس حڪمن تي هر حال ۾ هلڻ) سڀ کان وڏي ڳالهه آهي. ۽ ياد رکو ت جيڪي جيڪي توهان ڪيو ٿا سو سڀ الله تعاليٰ کي معلوم آهي. (۴۶) ۽ (اي مسلمانو) ڪتاب وارن سان بحث مباحثو نه ڪيو. پر (هنن کي سمجهائڻ لاءِ) اهڙو طريقو وٺو جو نهايت عمدو، سهڻو (۽ دل چڪيندڙ) هجي، پر جيڪڏهن انهن مان کي ظلم ڪندڙ هجن (يعني پين کي ناحق ايذائيندا هجن ت پوءِ انهن کي باز آڻڻ لاءِ بيشڪ مناسب اپاءَ وٺو) ۽ (ڪتاب وارن کي) چئو ت اسان انهيءَ (قرآن) تي ب ايمان آندو آهي جو اسان تي نازل ٿيو آهي ۽ انهن (ڪتابن) تي ب ايمان آندو آهي جيڪي اوهان تي نازل ٿيا آهن. ۽ (اسان جو پڪو ايمان اهي ت) اسان جو معبود ۽ اوهان جو معبود ساڳيو ئي هڪ الله آهي. ۽ اسان سندس ئي فرمانبردار ٻانها آهيون. (اوهان ب سندس فرمانبردار ٻانها ٿي رهو). (۴۷) ۽ (اي پيغمبر!) اسان توڏي اهڙيءَ طرح ڪتاب موڪليو آهي (جهڙيءَ طرح اهل ڪتاب ڏي موڪليو هوسين) پوءِ جن (اهل ڪتاب) کي اسان ڪتاب ڏنو سي هن (قرآن) ۾ ب ايمان آڻين ٿا، ۽ هنن (عرب مشرڪن) مان ب ڪي ان تي ايمان آڻي رهيا آهن. فقط اُهي ئي اسان جي آيتن ۽ حڪمن کان انڪار ڪري رهيا آهن، جن (خودغرضي، تڪبر، ضد ۽ دشمني سببان ڄاڻي ٻجهي) ڪفر جي واٽ ورتي آهي. (۴۸) ۽ هن (قرآن جي نازل ٿيڻ) کان اڳي نڪي تون پاڻ ڪوب ڪتاب پڙهندو هئين، نڪي پنهنجي سڄي هٿ سان ان کي لکي ٿو سگهين. جيڪڏهن ائين هجي ها (يعني تون لکي پڙهي ڄاڻين ها يا شاعر هجين ها يا تقريرون ڪندڙ هجين ها) ت پوءِ اهي بڪواس ڪندڙ (ڪافر) شڪ آڻين ها (ت تون پاڻ ٿو قرآن ٺاهين.) (۴۹) بلڪ حقيقت هيءَ آهي ت جن ماڻهن کي علم (۽ سمجهه) ڏني ويئي آهي تن جي دلين کي اهي چٽيون ۽ روشن آيتون (قرآن مجيد جون الله جي طرفان آيل) ڏسڻ ۾ اچن ٿيون. ۽ اسان جي (چٽين) آيتن کان فقط انهن کي انڪار آهي، جيڪي ظلم تي سندرو ٻڌي بينا آهن. (۵۰) اهي (منڪر) چون ٿا ت، حضرت جن تي سندس پروردگار طرفان اهڙا معجزا ڇو نٿا نازل ٿين (جهڙا حضرت موسيٰ کي مليا هئا) (اي پيغمبر! تون کين) چئو ت، معجزا الله تعاليٰ جي هٿ ۾ آهن (۽ هو مون تي معجزا نازل ڪري سگهي ٿو، پر هو پنهنجي حڪمت پاڻ ٿو ڄاڻي) مان ت فقط چٽوئي چٽو خبردار ڪندڙ آهيان. (۵۱) هنن ماڻهن لاءِ هيءَ ڳالهه ڪافي ناهي ڇا ت اسان

تو تي ڪتاب (قرآن مجيد) نازل ڪيو آهي جو ڪين پڙهي ٻڌايو وڃي ٿو. (ڪين گهرجي تہ ان جي تعليم تي غور ۽ فڪر ڪن ۽ ڇاڻن تہ) بيشڪ جن ماڻهن ۾ ايمان آهي تن لاءِ هيءُ قرآن سچ پچ وڏي رحمت آهي ۽ (اعليٰ درجي جي) نصيحت آهي.

رڪوع ٦ آيت ٥٢ ـ تا ـ ٦٣

قرآن مجيد جي سچائي متعلق ٻيا دليل، مسلمانن کي سندن هيڀائي جي وقت ۾ هدايتون

(٥٢) (اي منهنجا پيغمبر تون ڪافرن کي) چئي ڏي تہ منهنجي ۽ اوهان جي وچ ۾ الله تعاليٰ جي شاهدي ڪافي آهي (۽ توهان پاڻ ڏسندؤ تہ هو حق کي غالب ڪندو ۽ باطل کي فنا ڪندو) جيڪي ٻہ آسمان ۽ زمين ۾ آهي سو سڀ هو چگيءَ طرح ڄاڻي ٿو ۽ جيڪي ٻہ ماڻهو باطل ۾ ايمان رکن ٿا (يعني الله تعاليٰ جي چگن حڪمن کي ڇڏي ٻين جي نقصانڪار هدايتن تي عمل ڪن ٿا) ۽ الله (جا حڪم) نٿا مڃين سي ضرور نقصان هيٺ ايندا. (٥٣) ۽ اهي (منڪر) توسان تڪڙ لائي ٿا ڏين تہ آڻ اسان تي عذاب ۽ جلد آڻ (تہ سمجهون تہ تون سچو آهي، تون ڪين ٻڌاءِ تہ (جيڪڏهن ان لاءِ وقت مقرر ڪيل نہ هجي ها تہ بيشڪ انهن ماڻهن تي (سندن ظلمن سبب هڪدم) عذاب اچي وڃي ها (پر الله تعاليٰ پنهنجي رحمت سببان کين مهلت ٿو ڏئي تہ من هدايت تي اچن. جيڪڏهن سڏيءَ وات تي نہ ايندا تہ پوءِ) هنن تي اهو عذاب اهڙو تہ اوچتو اچي ويندو جو کين پتو ئي ڪونہ پوندو. (٥٤) هنن منڪرن عذاب جي اڇٽ لاءِ تڪڙ مچائي ڏني آهي (هو سمجهن ٿا تہ عذاب ايندو ئي ڪونہ پر) يقيناً جهنم جو عذاب ڪافرن کي هر طرف کان وکوڙي ويندو. (٥٥) انهيءَ ڏينهن عذاب سندن مٿان اچي توڙي سندن پيرن هيٺان نڪري، ڪين ڏيکي ڇڏيندو ۽ ڪين چيو ويندو تہ، توهان جيڪي (بچڙا) عمل ڪندا رهندا هيؤ تن (جي بدلي ۾ عذاب) جو ذائقو وٺو. (٥٦) اي منهنجا مسلمان بندؤ! يقين ڄاڻو تہ منهنجي زمين ڪشادي آهي سو (جيڪڏهن هتي مڪي ۾ منهنجي حڪمن جي تعميل پوريءَ طرح ڪري نٿا سگهو تہ ٻئي اهڙي ملڪ ۾ وڃو جتي پوريءَ طرح تعميل ڪري سگهو ۽) فقط منهنجي ٻانهپ ڪيو. (٥٧) (۽ ياد رکو تہ) هرهڪ نفس کي ضرور موت جو ذائقو چکڻو آهي. پوءِ (آخر) اوهان کي اسان ڏي ئي موٽي اچڻو آهي. (۽ حساب ڪتاب ڏيڻو آهي). (٥٨) مگر اهي ماڻهو جيڪي (تڪليفن هوندي ٻہ) ايمان تي محڪم رهن ٿا ۽ نيڪ ڪمن ڪرڻ ۾ ثابت قدم رهن ٿا تن کي اسان جنت جي اونچين ماڙين ۾ رهائينداسين جن جي هيٺان نهرون وهنديون هونديون ۽ اهي ان جنت ۾ هميشہ رهندا. (ڏسو) نيڪ عمل ڪندڙن لاءِ ڪهڙو نہ سهڻو ۽ اعليٰ انعام تيار ڪيو آهي. (٥٩) (اهو اعليٰ انعام انهن نيڪ عمل ڪندڙن لاءِ آهي) جيڪي (حق جي راهہ ۾) تڪليفون صبر سان سهن ٿا ۽ ثابت قدم رهن ٿا ۽ پنهنجي پروردگار تي پورو پورو پروسو رکن ٿا (نہ ظالم حاڪمن ۽ سردارن تي). (٦٠) ۽ (توهان رزق جي تنگيءَ کان ڊڄو ٿا، پر ڏسو نٿا تہ) گهٽائي اهڙا ساهہ وارا جيت ۽

جانور آهن جي پنهنجي غذا پاڻ سان ڪونہ ٿا کنيون وٺن. الله ئي انهن کي رزق ٿو ڏئي ۽ اوهان کي بہ ۽ هو سڀ ڪجهہ ٻڌندڙ ۽ ڄاڻندڙ آهي. (٦١) ۽ (اي پيغمبر!) جيڪڏهن تون هنن (منڪرن يا ضعيف ايمان وارن) کان پڇين تہ ڪنهن آسمانن ۽ زمين کي پيدا ڪيو آهي، ۽ ڪنهن سج ۽ چنڊ کي پنهنجي فرمان هيٺ رکيو آهي (جو هو خدائي قانون جا سورهن آنا پابند رهن ٿا) تہ هو يقيناً جواب ۾ چوندا تہ الله (ئي آهي جنهن هنن کي پيدا ڪيو آهي، جڏهن تہ ايترو قبول بہ ڪن ٿا) تہ پوءِ ڪيئن هو (حق کان) هٽي گمراهہ ٿي ٿا وڃن. (٦٢) الله ئي آهي جو پنهنجي بندن مان جنهن لاءِ چاهي ٿو تنهن لاءِ رزق ڪشادو ڪري ٿو ۽ جنهن لاءِ چاهي ٿو تنهن لاءِ تنگ ڪري ٿو. بيشڪ الله تعاليٰ هر شيءِ جو علم رکندڙ آهي. (٦٣) (اي پيغمبر!) جيڪڏهن تون انهن ماڻهن کان پڇين تہ ڪير ٿو آسمان مان مينهن وسائي، ۽ پوءِ ان پاڻيءَ سان زمين کي سندس موت (يعني خشڪ هڻڻ) بعد وري جيئرو ڪري (يعني سرسبز ڪري) تہ پوءِ هو ضرور چوندا تہ الله (ئي ائين ڪرڻ وارو آهي نہ ڪو ٻيو. افسوس تہ اها ڳالهہ قبول ڪرڻ بعد بہ هو الله جي اعليٰ حڪمن ۽ قانونن جي تعميل نٿا ڪن، پر تون تہ پنهنجي سر شڪر ڪر) چئو تہ سڀ ساراهہ الله جي لاءِ آهي، (جنهن دنيائي نعمتون بہ عطا ڪيون آهن ۽ قرآن مجيد جي نعمت بہ عطا ڪئي اٿس) پر (افسوس جو) هنن مان اڪثر ماڻهو نٿا سمجهن (۽ پاڻ کي تباهہ ٿا ڪن).

رڪوع ٧ آيت ٦٤ ـ تا ـ ٦٩

هن دنيا جي زندگي آخرت جي زندگيءَ جي ٻيٽ ۾ ڪيل تماشو آهي.

(٦٤) ۽ (ياد رکو تہ) دنيا جي هيءَ زندگي رڳو ڪيل تماشو آهي، ۽ يقين رکو تہ آخرت جي گهر واري (زندگي جا پوءِ اڇٽي آهي سا) ئي سچي زندگي آهي. ماڻهو اها ڳالهہ ڄاڻن ۽ سمجهن تہ ڪهڙو نہ چگو ٽئي. (٦٥) (پر ماڻهو اها ڳالهہ نٿا ڄاڻن ۽ دنيا جي شوق ۾ خدا کي وساري ٿا ڇڏين، ڏسو) جڏهن هو ٻيڙيءَ ۾ سوار ٿا ٿين (۽ طوفان کين وکوڙي ٿو وڃي) تڏهن تہ سچيءَ دل سان (پين ديوتائن ۽ شيطاني حرص کي ڇڏي) الله تعاليٰ کي پڪارڻ لڳن ٿا، پر پوءِ جڏهن اسان کين خشڪيءَ تي سلامت پهچايون ٿا تڏهن وري هڪدم شرڪ ڪرڻ لڳن ٿا (يعني خدا جي حڪمن کي وساري نفساني خواهشن تي عمل ڪن ٿا). (٦٦) (اهي ماڻهو جو شرڪ ٿا ڪن سو) هن لاءِ تہ جيڪي نعمتون اسان کين ڏنيون آهن تن بابت ناشڪري ڪن (۽ انهن کي خراب طرح ڪم آڻين يا ضايع ڪري ڇڏين) ۽ عيش عشرتن ۾ محو ٿي وڃن. پر جلد ئي کين معلوم ٿي ويندو (تہ سندن روش مان ڪهڙا خراب نتيجا نڪرندا). (٦٧) هو نٿا ڏسن ڇا تہ اسان مڪي شريف کي امن جي جاءِ ٺهرايو آهي، حالانڪ انهن مڪي جي ماڻهن جي چؤگرد جيڪي ماڻهو آهن تن کي (ڏاڙيل يا غُنيم) زوريءَ کڻي هليا ٿا وڃن. (انهيءَ نعمت هوندي بہ) هي (مڪي جا ماڻهو) باطل ۾ ايمان رکيون ويٺا آهن ڇا ۽ الله جو فضل نٿا مڃين ڇا؟ (٦٨) ۽ انهيءَ شخص کان وڌيڪ ظالم ڪير آهي

جيڪو الله تي ڪوڙا ناهه ٿو ناهي يا جڏهن حق جي ڳالهه ڪيس ٻڌائي وڃي ٿي تڏهن ان کي ڪوڙي ڏهرائي نٿو مڃي. ڇا اهڙن منڪرن جي لاءِ جهنم ۾ جاءِ ڪانهي؟ (٦٩) پر جيڪي ماڻهو اسان جي راهه ۾ (يعني حق جي وات تي هلڻ لاءِ) هر ممڪن ڪوشش ڪن ٿا تن کي اسان پنهنجي (سڌين ۽ حقيقي) واٽن تي آڻيندا سين، ۽ (ياد رکو تہ) يقيناً الله تعاليٰ نيڪي ڪندڙن سان شامل آهي ۽ سندن مددگار آهي.

سورت الروم

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي.

رکوع ١ آيت ١ ـ تا ـ ١٠

الله تعاليٰ آخر انهن کي فتح ٿو ڏئي جيڪي نيڪ آهن.

(١) الف – لام – ميم. (٢) رومي سلطنت مغلوب ٿي ويئي آهي (جو ايرانين کين زبردست شڪستون ڏنيون آهن.) (٣) ويجهي ملڪ (شام ۽ فسطين) ۾ (رومين تي ايراني غالب پئجي ويا آهن) پر (توهان ڏسندؤ تہ) انهيءَ شڪست بعد رومي وري (ايرانين تي) غالب پوندا. (٤) ٿورن ئي سالن اندر (يعني ٣ کان ٩ سالن اندر رومي غالب پوندا) هر ڳالهه جو فيصلو ۽ اختيار اڳي ۾ الله تعاليٰ جي هٿ ۾ هو ۽ آئيندہ ۾ سندس ئي هٿ ۾ رهندو ۽ انهيءَ (فتح واري) ڏينهن مسلمان خوشيون ڪندا (جو). (٥) الله جي مدد سان (رومين کي ۾ فتح حاصل ٿيندي ۽ مسلمانن کي ۾ بدر وٽ فتح حاصل ٿيندي) بيشڪ الله تعاليٰ جنهن کي چاهي ٿو تنهن جي مدد ڪري ٿو ۽ هو وڏي طاقت وارو، غالب رهڻ وارو ۽ وڏي رحم وارو آهي. (٦) اهو الله تعاليٰ جو واعدو آهي (تہ ايمان وارن ۽ نيڪ عمل ڪندڙن کي سوپ ڏيندو) الله تعاليٰ ڪڏهن ۾ پنهنجي واعدي جي خلاف نٿو وڃي (۽ واعدو ضرور پورو ڪري ٿو ڇڏي) پر گهڻا ماڻهو اها ڳالهه نٿا ڄاڻن (۽ سمجهن ٿا تہ جن کي گهٽو لشڪر، گهٽا هٿيار ۽ گهٽي دولت آهي سي ئي سوپارا ٿيندا). (٧) (اهي پليل ماڻهو) هن دنيا جي زندگيءَ جون رڳو ظاهري حالتون ڄاڻن ٿا (انسان جي اندروني حالت جي خبر کين ڪانہ ٿي پوي) ۽ هو آخرت جي حالت کان بلڪل بي خبر آهن. (٨) ڇا هي ماڻهو پنهنجي دلين ۾ (اڪيلائي ۾ ويهي دماغ هلائي) غور ۽ فڪر نٿا ڪن؟ (۽ نٿا سمجهن تہ) الله تعاليٰ جو آسمانن کي ۽ زمين کي پيدا ڪيو آهي سو بنا مصلحت ۽ حقي مقصد جي پيدا نہ ڪيو آهي ۽ انهن کي هڪ خاص مقرر مدي لاءِ پيدا ڪيو اٿس. ۽ (تنهن هوندي ۾) بيشڪ گهڻائي (بي وقوف) ماڻهو اها ڳالهه نہ ٿا مڃين تہ ڪو (قيامت جي ڏينهن) پنهنجي پروردگار جي آڏو پيش ڪيا ويندا. (٩) (غور ۽ فڪر جي طاقت کانہ اٿن تہ ڪم از ڪم تاريخي واقعا هن ئي دنيا ۾ ڪامراني ۽

ناڪاميءَ جا ڏسن) ڇا هي ماڻهو ڏرتيءَ تي سير سفر ڪونہ ٿا ڪن؟ ۽ (سير سفر ڪندي) نٽا ڏسن تہ جيڪي (بدڪار نافرمان) ماڻهو ڪائنڪ اڳي ٿي گذريا آهن تن جي پڇاڙي ڪهڙي نہ (خراب) ٿي؟ اهي ماڻهو هئا بہ هُنن کان طاقت ۾ گهڻو وڌيڪ. هنن زمين کي کيڙيو ۽ آباد ڪيو ۽ جيتري قدر هنن ماڻهن ملڪ کي آباد ڪيو آهي، تنهن کان گهڻو وڌيڪ هنن آباد ڪيو هو (۽ آدشماري گهڻي وڌائي هئي) ۽ انهن ڏي بہ رسول چٽين نشانين سان آيا هئا (پر هُنن متن ويساهہ نہ ڪيو ۽ نافرماني ۽ ظلمن ۾ وڌندا ويا تنهن ڪري خدا کين تباهہ ڪري ڇڏيو، ڏسو) خدا اهڙو ناهي جو هنن سان بي انصافي ڪري، پر هنن پاڻ تي پاڻ ظلم ڪيو (جو بدعمل ڪري پاڻ تي تباهي آندائون). (۱۰) پوءِ جيڪي ماڻهو برائيون ٿا ڪن تن جي پڇاڙي ٽيٺ بڇڙي ٿيندي، ڇو تہ هنن الله جي نشانين کي ڪوڙو ٺهرائي مڃڻ کان انڪار ڪيو (نہ رڳو ايترو پر) انهن نشانين ۽ حڪمن تي ٽوڪون ۽ مسخريون ڪيون.

رڪوع ۲ آيت ۱۱ ـ تا ـ ۱۹

قيامت جي ڏينهن نيڪ ماڻهن کي جدا ڪري باغن ۾ رهايو ويندو ۽ برن کي عذاب ۾ وڌو ويندو.

(۱۱) الله ئي آهي جو شين ۽ جانورن کي اول اول پيدا ڪري ٿو ۽ پوءِ بہ بار بار پيدا ڪندو رهي ٿو ۽ ڪندو رهندو (توهان انسانن کي بہ مرڻ بعد وري زنده ڪندو) پوءِ توهان کي سندس حضور ۾ موڪائي آندو ويندو. (۱۲) ۽ انهيءَ ڏينهن جڏهن (پڇاڙي ۽ بدلي واري) گهڙي قائم ڪئي ويندي تڏهن گنهگار ماڻهو نااميديءَ جي بحر ۾ غوطا کائيندا. (۱۳) ۽ سندن (هٿرادو ٺهرايل) ديوتائون جن کي خدا سان شريڪ سمجهندا هئا تن مان ڪوبہ سندن سفارشي ڪونہ ٿيندو. بلڪ هو پاڻ (حقيقت کي سمجهي) انهن ديوتائن يا شريڪن جا منڪر ٿيندا. (۱۴) ۽ جنهن ڏينهن اها گهڙي قائم ٿيندي تنهن ڏينهن ماڻهن کي (سندن نيڪ ۽ بدعملن موجب) جدا جدا ڪيو ويندو. (۱۵) پوءِ جن ماڻهن (هن دنيا ۾ سچين حقيقتن تي) ايمان آندو هوندو ۽ (انهن موجب) نيڪ عمل ڪيا هوندائون سي بهشت جي باغ ۾ خوشين ۽ موجن ۾ هوندا. (۱۶) ۽ جن ماڻهن (جهل ۽ خودغرضيءَ سببان حقيقتن کان) انڪار ڪيو ۽ اسان جي نشانين ۽ حڪمن کي ڪوڙو ٺهرايو ۽ پڌ آخرت ۾ (جزا ۽ سزا لاءِ) خدا جي روبرو اچڻ واري ڳالهہ تي اعتبار نہ ڪيو سي سڀ حاضر ڪري عذاب ۾ وڌا ويندا. (۱۷) سو توهان (مؤمن ۽ مسلمان هر وقت) صبح توڙي شام الله تعاليٰ جي پاڪائي ۽ شان بيان ڪندا رهو. (۱۸) ۽ آسمانن ۾ توڙي زمين ۾ سندس ئي ساراهہ آهي (يعني سندس اعليٰ صفتون ۽ وصفون هر هنڌ ظاهر آهن) (سو سندس اعليٰ صفتون بيان ڪندا رهو) ٽپهريءَ جي وقت توڙي ڏينهن لڙڻ وقت. (۱۹) الله تعاليٰ (ڏسو تہ) بي جان شين مان جاندار پيدا ڪري ٻاهر آڻي ٿو ۽ جاندار شين مان بي جان شيون ڪيي ٻاهر آڻي ٿو. ۽ زمين کي سندس موت (خشڪ ۽ ويران ٽيٺ)

(يعني سربسز ۽ آباد ڪري ٿو ڇڏي) ۽ اهڙيءَ طرح اوهان انسانن کي ٻ (مرڻ بعد جيئرو ڪري) پاهر ڪڍيو ويندو.

رڪوع ٣ آيت ٢٠ ـ تا ـ ٢٧

الله تعاليٰ جي قدرت جون نشانيون جن تي غور ۽ فڪر ڪرڻ سان اسان حقيقتن کي سمجهي سگهون ٿا.

(٢٠) ۽ هن جي (يعني الله) جي نشانين مان هڪڙي نشاني هيءَ آهي ته هن اوهان کي متيءَ مان پيدا ڪيو آهي، پوءِ ڈسو ته (اگرچه خسيس شمار ڪيل متيءَ مان ٺاهيل آهيو ته ٻ) توهان (وڏي مرتبي ۽ شان وارا) انسان آهيو ۽ (ڪيئن نه) زمين تي پکڙجي ويا آهيو. (٢١) ۽ سندس نشانين مان هڪڙي نشاني هيءَ آهي ته هن توهان منجهان ئي توهان جي لاءِ عورتون پيدا ڪيون آهن. انهيءَ لاءِ ته توهان انهن وٽ آرام ۽ فرحت محسوس ڪيو. ۽ هن اوهان جي وچ ۾ محبت ۽ رحمدلي رکي آهي. بيشڪ انهيءَ ۾ انهن ماڻهن لاءِ وڏيون نشانيون آهن جيڪي غور ۽ فڪر ڪندڙ آهن. (٢٢) ۽ آسمانن ۽ زمين جو خلق ۽ (ماڻهن جي) ٻولين ۽ رنگن جو اختلاف ٻ الله جي نشانين مان ڪي نشانيون آهن. بيشڪ انهيءَ ۾ ٻ انهن ماڻهن لاءِ نشانيون آهن، جيڪي علم وارا آهن. (٢٣) ۽ سندس نشانين مان هڪ نشاني آهي اوهان جي رات ۽ ڏينهن واري ننڊ (جا غم ٽار ۽ تازو توانو ڪندڙ آهي) ۽ اوهان جو سندس فضل ۽ روزي جي تلاش (۾ نڪرڻ ۽ ڪم ڪارين ڪرڻ). بيشڪ انهيءَ ۾ ٻ انهن ماڻهن لاءِ نشانيون آهن، جيڪي (حق جون ڳالهيون ڪن ڏيئي ڏيان سان) ٻڌن ٿا. (٢٤) ۽ سندس نشانين مان هڪ نشاني هيءَ آهي ته هو اوهان کي (ڪڪرن ۾) بجلي ڏيکاري ٿو جنهن جي ڏسڻ سان اوهان کي خوف ٿو ٿئي (ته متان ساڙي وجهي) ۽ اوهان کي اميد ٻ ٿي ٿئي (ته مينهن وسندو گاهه نڪرندا ۽ اناج ميوا ۽ پاڇيون پيدا ٿيندون) ۽ هيءَ ٻ هڪ نشاني آهي ته هو آسمان مان برسات موڪلي ٿو جنهن جي وسيلي زمين کي سندس موت بعد وري جيئرو ڪري ٿو ڇڏي. (يعني خشڪ ۽ ويران زمين کي سبرسبز ۽ آباد ڪري ٿو ڇڏي) بيشڪ انهيءَ ۾ ٻ انهن ماڻهن لاءِ نشانيون آهن جيڪي عقل کان ڪم ٿا وٺن. (٢٥) ۽ سندس نشانين مان هڪ نشاني هيءَ (ٻ) آهي ته سندس ئي حڪم سان آسمان ۽ زمين قائم آهن. (جنهن خدا کي ايڏي وڏي قدرت آهي سو چا نٿو ڪري سگهي) پوءِ جڏهن هو اوهان کي هڪڙي ئي سڏ سان زمين مان نڪري اچڻ لاءِ سڏيندو تڏهن توهان هڪدم پاهر نڪري ايندؤ. (٢٦) ۽ جيڪي ٻ آسمانن ۽ زمين ۾ آهي سو سڀ الله جو آهي. سڀ شيون ۽ جانور سندس پورا پورا فرمانبردار آهن. (٢٧) ۽ اهو ئي آهي جو شين، جانورن وغيره کي اول پيدا ڪري ٿو ۽ پوءِ ٻ پيدا ڪندو رهي ٿو، ۽ اها ڳالهه هن لاءِ نهايت ئي آسان آهي. (سو نيڪن کي حال توڙي مستقبل ۾ ڪامران ڪرڻ ۽ نافرمانن کي حال ۾ توڙي مستقبل ۾ ناڪام ڪرڻ ڪا ڏکي ڳالهه ڪانهي. نه ڪي قيامت جي ڏينهن وري ماڻهن کي

جيئرو ڪرڻ کان ڏکي ڳالهه آهي) ۽ بلند ۽ بلند مثال (۽ صفتون) آسمانن ۽ توڙي زمين ۽ فقط الله جي لاءِ آهن، ۽ هوئي هر چيز تي غالب آهي ۽ وڏي حڪمت وارو آهي.

رڪوع ٤ آيت ٢٨ ـ تا ـ ٤٠

اوهان انسان جي پلائي صرف هن ۽ آهي تہ فقط خدا جي حڪم تي عمل ڪيو.

(٢٨) الله تعاليٰ توهان جي لاءِ توهان (جي ئي تجربي) مان هڪڙو مثال (توحيد جي سمجهاڻي لاءِ) ڏئي ٿو (ڏسو) جيڪو رزق اسان اوهان کي ڏنو آهي تنهن ۽ پنهنجي ٻانهن کي ب ڪڏهن ٻاڦيوار ڪيو ٿا (ايتري قدر) جو اوهان ۽ اوهان جا ٻانها ان رزق ۽ برابر ٿي وڃو يا توهان انهن (ٻانهن) کان اهڙوئي ڊڄو ٿا جهڙو هڪ ٻئي کان ٿا ڊڄو؟ (هرگز نہ) اهڙيءَ طرح اسان پنهنجون نشانيون ۽ حڪم ڪولي ڪولي بيان ڪيون ٿا انهن ماڻهن لاءِ جيڪي عقل کان ڪم ٿا وٺن. (٢٩) (پر افسوس جو پليل انسان رحيم ۽ ڪريم خدا جي حڪمن تي نٿا هلن) اڌلندو اُهي جيڪي ظلم ڪري رهيا آهن سي بنا سوچ سمجهه ۽ ڇاڪ جي پنهنجي نفساني خواهشن جي تابعداري ڪري رهيا آهن (۽ حقيقت ۽ وقتي فائدي يا خوشيءِ لاءِ دائمي مصيبتون خريد ڪري رهيا آهن) پوءِ ڪير اهڙي ماڻهوءَ کي هدايت ڪري سڏي راهه تي آڻي سگهندو، جنهن کي الله تعاليٰ (سندس ئي جهالت ۽ ظلم سبب) گمراهه ڪري ڇڏيندو آهي. ۽ (ياد رکو تہ) اهڙن (ظالمن) لاءِ ڪوبہ مددگار ڪونہ ٿيندو (جو کين تباهيءَ ۽ عذاب کان بچائي سگهي.) (٣٠) سو (اي منهنجا پيغمبر!) تون (غيرن جي حڪمن ۽ خواهشن کان منهن موڙي) فقط الله جي سيکاريل سچي دين تي پنهنجو رخ محڪم رک (يعني رڳو سندس حڪمن جي پيروي ڪر اهو سچو دين ڪهڙو آهي؟) اهو آهي الله تعاليٰ جي فطرت (يا جوڙ) جنهن تي انسانن کي پيدا ڪيو اٿس. انهيءَ (اعليٰ ۽ نيڪ) فطرت ۽ جنهن تي الله تعاليٰ (انسان کي) خلقيو آهي کابہ قيرقار ٿيڻ نہ ڏيو. اهوئي آهي سچو ۽ سڌو دين. پر (افسوس جو) اڪثر ماڻهو اها ڳالهه نٿا ڄاڻن. (٣١) (پنهنجي فطرت يعني سچي دين کان جيڪڏهن هٽي ويا آهيو تہ وري ب) انهيءَ الله ڏانهن موٽو ۽ سندس نافرمانيءَ جي نتيجن کان ڊڄو ۽ نماز جو نظام قائم ڪيو ۽ مشرڪ نہ ٿيو (يعني فقط هڪ الله جا فرمانبردار ٻانها ٿي رهو). (٣٢) (مشرڪ نہ ٿيو) انهن ماڻهن منجهان نہ ٿيو جن دين کي ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڇڏيو ۽ فرقا ٺاهيا ۽ جدا جدا ٽوليون ٿي ويا. هرهڪ ٽوليءَ جا ماڻهو پنهنجن پنهنجن خيالن رسمن وغيره تي فخر، ناز ۽ خوشيون ڪري رهيا آهن (۽ خدا جي حڪمن تي عمل ڪرڻ ڇڏي ڏنو اٿن). (٣٣) ۽ جڏهن ماڻهن کي کا تڪليف پهچي ٿي تڏهن پنهنجي پروردگار کي پڪارين ٿا ۽ (پشيمان ٿي گناهه ڦٽي ڪري) ڏانهس موٽن ٿا، پر پوءِ جڏهن (سندن نيڪ عملن جي ڪري) الله تعاليٰ کين پنهنجي رحمت جو مزو چکائي ٿو تڏهن ڏسو تہ انهن مان ڪي (وري) پنهنجي پروردگار سان ٻين کي ب شريڪ ٺاڪن (يعني خدا جا ڪي حڪم ڇڏي شيطان جا يا ٻين جا حڪم مڃڻ لڳن ٿا). (٣٤)

(ائين نٿا سمجهن تہ الله تعاليٰ ڏي کين پنهنجي رحمت سان خوشحال ڪيو آهي.) جيڪي اسان کين عطا ڪيو آهي تنهن جا ٻي شڪر ٿا ٿين ۽ انڪار ٿا ڪن (تہ ڪو اهي نعمتون الله وٽان عطا ٿيل آهن. چگو! ٻلي ٻي شڪر ٿيو) ۽ (گهڙيءَ جون) موجون ماڻي وڻو. پر جلدئي توهان کي خبر پئجي ويندي (تہ نافرمانيءَ جو نتيجو ڪهڙو نہ خراب ٿو ٿئي). (۳۵) يا هيئن آهي ڇا تہ اسان کين ڪا سند يا اختيار يا دليل موڪليو آهي، جو هنن کي ٻڌائي ٿو اهي شيون جنهن ڪري اهي خدا سان شريڪ ٿا ڪن؟ (اهڙي سند کين بلڪل ڪانہ موڪليل آهي). (۳٦) ۽ جڏهن اسان ماڻهن کي پنهنجي رحمت جو مزو چکايون ٿا تڏهن هو ان تي خوشيون ڪن ٿا، پر جيڪڏهن سندن ئي بدعملن جي شامت کان متن کا مصيبت اچي ڪڙڪي ٿي تڏهن ڏسو تہ هو هڪدم مايوسيءَ ۾ غرق ٿي وڃن ٿا. (۳۷) (گهٽائي ماڻهو رزق دولت ۽ ٻين نعمتن لاءِ گناهہ ۽ ظلم ڪن ٿا) هو نٿا ڏسن ڇا تہ يقيناً الله ئي جنهن کي چاهي تنهن لاءِ رزق ڪشادو ڪري ٿو ڇڏي ۽ (جنهن لاءِ چاهي تنهن لاءِ) توري ماپي ڏئي ٿو (يعني ٿورو رزق ڏئي ٿو). انهيءَ ۾ ايمان وارن لاءِ نشانيون آهن. (جيڪي الله جي قانونن جي پابندي ڪري ان جي قدر واري رزق جا مستحق بڻجن ٿا). (۳۸) پوءِ (جڏهن تہ رزق خدا جو آهي نہ اوهان جو، تڏهن خدا جي حڪم موجب) مائٽن کي، مسڪينن کي ۽ واٽهڙو مسافرن کي سندن حق ڏيو ۽ (ياد رکو تہ) ائين ڪرڻ ۾ انهن ماڻهن لاءِ وڏي بهتري آهي جيڪي الله جي راضپي جي طلب رکن ٿا ۽ يقيناً اهي ئي ماڻهو (دنيا توڙي آخرت ۾) ڪامياب ۽ آسودا رهندا. (39) ۽ توهان جيڪي ڏيو ٿا انهيءَ لاءِ تہ ماڻهن جي مال ملڪيت مان، وياج سان (يا ٻين ناجائز طريقن سان) دولت هٿ ڪيون ۽ وڌايون سا الله وٽ هرگز ڪانہ وڌندي. (ٻلڪ الله تعاليٰ اوهان کي مصيبتن هيٺ آڻيندو) پر جيڪي توهان صدقن ۽ زڪوات طور خدا جي راضپي جي طلب ۾ ائين ڪيو ٿا (سا دولت بيشڪ وڌندي ۽ پاڪ ٿيندي) اهڙن ئي ماڻهن کي (الله وٽان) وڌندڙ انعام ۽ نعمتون ملنديون. (40) (ياد رکو تہ) الله ئي آهي، جنهن اوهان کي خلقيو آهي ۽ جنهن اوهان کي رزق ڏنو آهي. اهوئي اوهان کي مارينڊو ۽ وري (جزا ۽ سزا لاءِ) جيئرو ڪندو. اوهان جن (ديوتائن وغيره) کي مون سان شريڪ ٺهرايو آهي تن مان آهي ڪو اهڙو جو انهن ڳالهين مان ڪا ٻہ ڳالهہ ڪري سگهي. (يعني خلقي، رزق ڏئي ۽ ماري ۽ جيئاري. هرگز نہ!) پاڪ آهي الله تعاليٰ ۽ بلڪل بلند ۽ بالا آهي انهن کان جن کي هو خدا سان شريڪ ٺهرائين ٿا.

رڪوع ۵ آيت ٤١ ـ تا ـ ۵۳

فساد جو نتيجو عذاب آهي. دنيا ۾ سير ڪري ان عذاب ۽ بربادي‌ءَ جا ڪنڊر ڏسو.

(٤١) خشڪيءَ توڙي پاڻيءَ تي (سڄي دنيا ۾) فساد ئي فساد (يعني بگاڙو ئي بگاڙو) پکڙجي ويو آهي جو ماڻهن پاڻ پنهنجي هٿن سان بدعمل ڪيا آهن. (اهو فساد ۽ بگاڙو هن لاءِ ٿيو آهي) تہ ماڻهن جيڪي بدعمل ڪيا آهن تن مان ڪن جي نتيجن جو مزو چکن (يعني مصيبتون ڏسن)

انهيءَ لاءِ تہ من (مصيبتن ۾ غور ۽ فڪر ڪري حق جي راهہ ڏي) موٽن. (٤٢) (اي پيغمبر ماڻهن کي) چئو تہ، توهان ملڪ ۾ سير سفر ڪيو ۽ ڏسو تہ توهان کان اڳين ماڻهن جي پڇاڙي ڪهڙي نہ (خراب) ٿي. انهن اڳين ماڻهن مان (جن جي پڇاڙي خراب ٿي) گهٽا ماڻهو مشرڪ هئا. (يعني خدا جي خالص بانهپ ڇڏي ٻين جي حڪمن تي عمل ڪرڻ لڳا هئا). (٤٣) سو (اي پيغمبر!) تون پنهنجو رخ سچي دين تي (يعني خدا جي خالص بانهپ تي) محڪم رک انهيءَ کان اڳي جو اهو ڏينهن (تباهيءَ جو) الله تعاليٰ وٽان اچي وڃي جنهن کي پوءِ ڪابہ روک ڪانہ ٿي سگهندي (يعني پوءِ تباهيءَ کان بچي ڪوبہ سگهبو.) انهيءَ ڏينهن سڀ ماڻهو جدا جدا (ٽولين ۾) ورهائجي ويندا (گنهگارن کي جدا ڪري تباهہ ڪيو ويندو ۽ نيڪن کي جدا ڪري ڪامران ڪيو ويندو.) (٤٤) جيڪي (حقيقتن کان) انڪار ڪن ٿا (۽ بدعمل ٿا ڪن) سي پنهنجي انڪار جو (۽ بدعملن جو) نتيجو لوڙيندا، ۽ جيڪي صالح عمل ڪن ٿا سي پنهنجي لاءِ (آرام ۽ امن امان جو) ڪوڇ وڇائي رهيا آهن. (٤٥) جو (الله تعاليٰ جو قانون آهي تہ) جيڪي ماڻهو سچو ايمان رکن ٿا ۽ نيڪ عمل ڪن ٿا، تن کي پنهنجي فضل سان وڏا انعام ۽ نعمتون ڏئي. الله تعاليٰ بي شڪر منڪرن کي بلڪل پسند نٿو ڪري. (٤٦) ۽ الله تعاليٰ جي نشانين مان هڪڙي هيءَ آهي تہ هو هوائن کي موڪلي ٿو تہ (برسات جي) خوشخبري پهچائين. ۽ انهيءَ لاءِ تہ هو اوهان کي پنهنجي رحمت جو مزو چکائي، ۽ انهيءَ لاءِ تہ جهاز سندس حڪم سان (درياهن ۽ سمنڊن تي) هلندا رهن ۽ توهان الله جي فضل (۽ دولت وغيره) جي تلاش ۾ نڪري پئو ۽ انهيءَ لاءِ تہ من توهان شڪرگذار ٿيو (۽ خدا جي نعمتن کي چگيءَ طرح ڪم ۾ آڻيو). (٤٧) ۽ هيءَ حقيقت آهي تہ (جيئن اسان هوائون ۽ برسات ماڻهن جي فائدي لاءِ موڪليون ٿا تيئن) اسان توڪان اڳي بہ گهڻائي رسول سندن قومن ڏي موڪليا ۽ اهي رسول انهن ماڻهن ڏي روشن دليل ۽ چٽيون نشانيون کڻي آيا. پوءِ جن ماڻهن (کين نہ مڃيو ۽) گناهہ ڪندا رهيا تن کي اسان پورو پورو بدلو ڏنو (يعني سزا ڏني ۽ تباهہ ڪيو) ۽ اهو اسان تي حق هو (۽ اسان جو فرض هو) تہ اسان ايمان وارن جي مدد ڪيون (۽ کين ڪامياب ڪيون). (٤٨) الله ئي آهي جو هوائون موڪلي ٿو جي هوائون ڪڪرن کي مٿي کڻن ٿيون. پوءِ هو انهن ڪڪرن کي آسمان ۾ پکيڙي ٿو ۽ پيچي ٽڪرا ٽڪرا ڪري ٿو تان جو توهان ڏسو ٿا تہ ڪڪرن منجهان مينهن جا ڦڙا نڪرڻ (۽ ڪرڻ) لڳن ٿا. پوءِ جڏهن هو پنهنجي بندن مان جنهن کي وڻيس ٿو تنهن کي ان مينهن جو فائدو پهچائي ٿو، تڏهن ڏسو تہ اهي ماڻهو وڏيون خوشيون ٿا ڪن. (٤٩) اگرچہ برسات کان اڳي اهي ماڻهو نهايت ئي نااميد هئا ۽ مايوس ٿي چڪا هئا (تڏهن بہ برسات بعد موجن ۾ اچي ويا). (٥٠) سو الله تعاليٰ جي رحمت جا نتيجا ۽ اثر ڏسو تہ ڪيئن زمين کي سندس موت بعد زنده ڪري ٿو ڇڏي (يعني خشڪ زمين کي سرسبز ڪري ٿو ڇڏي) يقيناً اهوئي خدا مئل ماڻهن کي زنده ڪري ڇڏيندو، ڇو تہ هن کي هر چيز تي قدرت ۽ غلبو آهي. (٥١) ۽ جيڪڏهن اسان (ڪنهن قسم جي) هوا موڪليون ۽ پوءِ اهي ماڻهو ڏسن تہ (ان هوا جي ڪري) سندن پوکون سوڪ ٿي ويون

تہ پوءِ هو هڪدم بي شڪر (منڪر) ٿي پون ٿا. (۽ مايوس ٿي پون ٿا، حالانڪ وقتي مصيبتن جو مقابلو ڪرڻ مؤمن جو فرض آهي ۽ مقابلو ڪرڻ سان وڌيڪ ترقي ڪري ٿو). (۵۲) سو (اي پيغمبر!) تون ائين نٿو ڪري سگهين جو مئل تنهنجي ڳالهه ٻڌن، نڪي ائين ڪري ٿو سگهين جو ٻوڑا تنهنجو سڏ ٻڌن، جڏهن تہ هو پٺي ڏيئي پنتي موڙي ٿا پون. (۵۳) نڪي تون انڌن کي سندن گمراهيءَ مان ڪڍي سڌيءَ واٽ تي آڻي ٿو سگهين، تون تہ فقط انهن کي پنهنجي ڳالهه ٻڌائي سگهين ٿو، جيڪي اسان جي نشانين ۽ حڪمن تي ايمان رکن ٿا ۽ اسان جي حڪمن جي تعميل ۽ فرمانبرداري ڪن ٿا.

رڪوع ۶ آيت ۵۳ ـ تا ـ ۶۰

ننڍپڻ جواني ۽ ٻڍاپڻ جون حالتون اهو ئي پيدا ڪري ٿو جو قادر ۽ قدير آهي.

(۵۴) اهو الله ئي آهي جنهن اوهان کي (ڄمڻ وقت) ضعيف حالت ۾ پيدا ڪيو، پوءِ هيڏائيءَ جي حالت بعد اوهان کي طاقتور جوان ڪيائين، ۽ وري طاقت بعد اوهان کي هيڏائي ۽ اڇا وار (يعني پوڙهائي) ڏنائين، هو جيئن چاهي ٿو تيئن خلقي ٿو ۽ هو سڀ ڪجهه ڄاڻندڙ آهي ۽ ڪامل قدرت وارو آهي. (۵۵) (پوءِ الله اوهان کي ماريندو ۽ قيامت جي ڏينهن وري جيئرو ڪري اٿاريندو) ۽ جنهن ڏينهن (حساب ڪتاب ڏيڻ واري) گهڙي قائم ٿيندي تنهن ڏينهن گنهگار چوندا تہ اسان تہ هڪ ڪلاڪ کان وڌيڪ ڪونہ ترسيا آهيون. اهڙيءَ ئي طرح (دنيا ۾ ب) هو ڦليل رهيا (۽ خبر ڪانہ پوندي هين تہ آخر حساب ڪتاب ڏيڻو پوندو ۽ بدعملن جي سزا ملندي). (۵۶) پر جن ماڻهن کي علم ۽ ايمان ڏنو ويو هو سي (کين) چوندا تہ سچي ڳالهه هيءَ آهي تہ توهان الله جي ڪتاب ۾ (لکيل ۽ مقرر ڪيل مدت) ترسيا آهيو ۽ اڄ قيامت جو ڏينهن آهي، (جنهن تائين توهان ترسيا آهيو) پوءِ اهو اٿو قيامت جو ڏينهن، پر توهان تہ ڄاڻندائي ڪونہ هئو (نڪي مڃيندا هئو تہ ڪو قيامت ٿيندي). (۵۷) پوءِ انهيءَ ڏينهن جن ماڻهن (دنيا ۾) ظلم ڪيا هوندا تن کي سندن عذر ۽ بهانا ڪم نہ ايندا. نڪي کين چيو ويندو تہ (پشيمان ٿي) خدا جي مهرباني ۽ فضل جي طلب ڪيو. (۵۸) هيءَ حقيقت آهي تہ اسان ماڻهن (کي سمجهائڻ) لاءِ هن قرآن ۾ هر قسم جا مثال (۽ سمجهاڻيون) ڏنيون آهن، پر (اي پيغمبر! جيڪڏهن تون هنن وٽ ڪوبہ حڪم يا نشاني آڻيندين تہ جيڪي ماڻهو (ضد ۽ تڪبر ڪري) ڪفر ۽ انڪار تي جمي بيٺا آهن سي ضرور چوندا تہ توهان (مسلمان) ڪوڙيون واهيات ڳالهيون ٻڌائيندڙ آهيو. (۵۹) اهڙيءَ طرح الله تعاليٰ انهن ماڻهن جي دلين تي مهر لڳائي ٿو ڇڏي، جيڪي (ضد ڪري) جاهل ٿا رهن (۽ حقيقتن کي سمجهڻ جي ڪوشش ئي نٿا ڪن). (۶۰) سو (اي پيغمبر!) تون (انهن ماڻهن جو ڪجهه بہ خيال نہ ڪر ۽ پنهنجي تبليغ جي ڪم ۾) ثابت قدم رهہ ۽ يقين ڄاڻ تہ الله جو واعدو سچو آهي (تہ هو ضرور مؤمنن کي غالب ڪندو) ۽ اهي ماڻهو جن کي علم ۽ يقين ڪونهي تن جي ڪري تون مايوس نہ ٿي (۽ ڪوشش ۾ ڪا گهٽتائي نہ ڪر.)

سورت لُقمٰن

بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي.

رکوع ۱ آيت ۱ - تا - ۱۱

قرآن مجيد وڏي دانائي ۽ حڪمت سان پريو پيو آهي.

(۱) الف – لام – ميم (۲) هي انهيءَ ڪتاب (قرآن مجيد) جون آيتون آهن جو دانائي، عقل ۽ حڪمت سان پريو پيو آهي. (۳) اهو (قرآن مجيد) نيڪ ڪم ڪندڙن لاءِ وات ڏيڪاريندڙ آهي ۽ وڏي رحمت آهي. (٤) (نيڪ ڪم ڪندڙ محسن اُهي آهن) جيڪي نماز قائم رکن ٿا، زڪوات ڏيندا رهن ٿا ۽ پڪ آخرت ۾ يقين رکن ٿا. (٥) اُهي ئي پنهنجي پروردگار جي ڏيکاريل سڌيءَ وات تي هلندڙ آهن ۽ اهي ئي (دنيا ۽ اخرت ۾) ڪامياب ۽ سعادتمند رهندا. (٦) ۽ ماڻهن ۾ ڪي اهڙا (بيهودا بيوقوف بہ) آهن جيڪي بيهوديون ڳالهيون ۽ افسانا خريد ڪن ٿا (يعني هتان هُتان هٽ ڪن ٿا) انهيءَ لاءِ تہ (انهن جي ڀڙائڻ سان ماڻهن کي) خدا جي وات کان ٽيڙي گمراهہ ڪري ڇڏين. هنن کي (حقيقي) علم آهي ئي ڪون. ۽ هو خدا جي ڏيکاريل وات (۽ خدا جي سچي تعليم) تي ڪل مسخري ڪندا ٿا رهن. انهن تي اهڙو عذاب ايندو جو ڪين خوار خراب ڪندو. (۷) ۽ جڏهن انهن ماڻهن کي اسان جون آيتون ۽ حڪم ڀڙايا وڃن ٿا تڏهن وڏي آڪڙ سان پٺي ڏيئي هليا ٿا وڃن جڻ تہ هنن اهي آيتون ٻڌيون ئي ڪونہ. ۽ جڻ تہ هنن جي ٻنهي ڪنن ۾ گند پيل آهي ۽ ڪن ٻوڑا اٿن. اهڙن ماڻهن کي (اي منهنجا پيغمبر!) وڏي دردناڪ عذاب جي اڇ جي خبر ڏيئي ڇڏ. (۸) يقين ڄاڻو تہ جيڪي ماڻهو (حقيقتن تي) ايمان آڻين ٿا ۽ نيڪ عمل بہ ڪن ٿا تن جي لاءِ وڏين نعمتن ۽ خوشين وارا باغ تيار رکيا آهن. (۹) (اهي نيڪ ماڻهو) انهن باغن ۾ هميشہ رهندا. الله جو واعدو سچو آهي (۽ ضرور پورو ٿيندو) ۽ الله تعاليٰ سپ طاقت ۽ قدرت رکندڙ ۽ وڏي حڪمت وارو آهي. (۱۰) هن آسمانن کي بنا ٿنڀن جي ٺاهيو آهي. آهن کي اهڙا ٿنڀ جي توهان ڏسي سگهو؟ ۽ هن زمين تي جبلن کي مضبوط کوڙيو آهي انهيءَ لاءِ تہ متان اوهان سان گڏ لڏي لمي وڃي. ۽ هن ان زمين تي هر قسم جا جانور پکيڙي ڇڏيا آهن. ۽ اسان (يعني الله تعاليٰ) آسمان مان مينهن وسايون ٿا ۽ (ان جي ريج سان) زمين تي هر قسم جا شاندار وڻ ٻوٽا (جوڙين ۾) ڄمايون ٿا. (۱۱) اها آهي الله جي مخلوق. (اها آهي خالق جي جوڙ ۽ قدرت) هاڻي مونکي (يعني الله تعاليٰ کي) ڏيکاريو تہ مون کان سواءِ جيڪي ٻيا آهن تن ڇا خلقيو آهي؟ (ڪجهہ بہ نہ)، حقيقت هيءَ آهي تہ اهي ظالم (جيڪي ٻين کي مون سان شريڪ ٿا سمجهن سي) ظاهر ظهور گمراهي ۽ غلطيءَ ۾ آهن.

رکوع ۲ آيت ۱۲ ـ تا ـ ۱۹

لقمان کي الله تعاليٰ عقل ۽ حڪمت ڏني. ان جي پٽ کي نصيحت، انسان جا فرض.

(۱۲) ۽ هي واقعو آهي ته اسان لقمان کي دانائي، عقل ۽ حڪمت ڏني هئي (خاص طرح هي) ته الله تعاليٰ جو شڪر بجا آڻيندو رهه. (۽ سندس ڏنل نعمتن کي چگيءَ طرح ڪم آڻيندو رهه) جيڪو ماڻهو ان طرح شڪرگذاري ٿو ڪري سو درحقيقت پنهنجي فائدي لاءِ ٿو ائين ڪري (ان ۾ سندس ڪي فائدو آهي، نه ڪه الله تعاليٰ جو، چو ته هو ڪنهن ۾ ڳالهه جو محتاج ناهي) ۽ جيڪو خدا جي بي شڪري ڪري ٿو (۽ سندس نعمتون ضايع ٿو ڪري (سو ۾ خدا جو ڪجهه ۾ نقصان ڪونه ٿو ڪري چو ته) الله تعاليٰ يقيناً بي نياز بي پرواهه آهي ۽ ڪامل صفتن سان موصوف آهي.

(۱۳) ۽ ڏسو (لقمان جي حڪمت) هن پنهنجي پٽ کي نصيحتون ڪندي چيو ته، اي منهنجا پٽ الله سان ڪنهن کي ۾ شريڪ نه ڪجانءِ (يعني الله جي قانونن ۽ حڪمن جي خلاف ڪنهن جو ۾ حڪم نه مڃجانءِ) يقيناً شرڪ تمام وڏو ظلم آهي. (۱٤) ۽ اسان انسان کي سندس ماءُ پيءُ جي باري ۾ وصيت ڪئي ته (ساڻن سٺو سلوڪ ڪر ۽ سندن خدمت ڪندا رهو) سندس ماءُ هنن کي تڪليفن پٺيان تڪليفون سهي پيٽ ۾ سائڀيو ۽ ۾ سال ڪيس پنهنجي ٽڄ پياريندي رهي، سو (اي انسان) منهنجي ۾ شڪرگذاري ڪر ۽ پنهنجي والدين جي (خدمت گذاري ۾. ياد رک ته) آخر تو کي مون وٽ موٽي اچڻو آهي. (۱۵) ۽ جيڪڏهن ماءُ پيءُ تو تي زور ٻار رکن ته مون سان ٻين کي شريڪ ڪر، جنهن ڳالهه بابت تو کي علم ئي ڪونهي ته پوءِ انهيءَ ڳالهه ۾ سندن تابعداري نه ڪر (۽ تون فقط خدا جي حڪمن ۽ قانونن جي پابندي ڪندو رهه، پر اگرچه هو تو کي شرڪ ڪرڻ لاءِ زور ٻار ٽا رکن ته ۾) تون دنيا ۾ چگي سلوڪ سان ساڻن صحبت ڪندو رهه، پر طريقو انهن جو اختيار ڪر ۽ انهن جي وات تي لڳ جيڪي مون ڏانهن رجوع ٽين ٽا (۽ منهنجي حڪمن جي تعميل ڪن ٽا ۽ ياد رک ته) آخر پوءِ اوهان سيني کي مون وٽ ئي اچڻو آهي. پوءِ مان اوهان کي ٻڌائيندس ته توهان (دنيا ۾) ڪهڙا عمل ڪيا هئا (۽ توهان کي انهن جو بدلو ڏيندا سين). (۱٦) (لقمان وڌيڪ چيو ته) اي منهنجا پٽ! يقين ڄاڻ ته اگرچه سرنهه جي داڻي جي تور جيتري ڪا شيءِ هجي ۽ هجي ۾ ڪنهن وڏي پٿر جي وچ ۾ لڪل يا ڪٿي ۾ آسمانن ۾ يا زمين ۾ هجي ته ان کي ۾ الله تعاليٰ آڻي پيش ڪندو (يعني الله تعاليٰ تمام ننڍڙن خيالن، لفظن ۽ عملن جو ۾ حساب ونڊندو) بيشڪ الله تعاليٰ تمام اونهيون ڳالهيون ۾ سمجهندڙ آهي ۽ سيني ڳالهين جي خبر رکندڙ آهي. (۱۷) اي منهنجا پٽ! تون نماز قائم رک (۽ الله تعاليٰ جي اڳيان جهڪي پؤ) ۽ نيڪين جو حڪم ڏيندو رهه ۽ برائين کان منع ڪندو رهه ۽ (انهيءَ ڪم ۾) تو کي تڪليفون درپيش اچن ته ۾ صبر سان ثابت قدم رهه. بيشڪ ائين ڪرڻ وڏي همت ۽ استقلال جو ڪم آهي. (۱۸) ۽ ماڻهن سان منهن ڦوڪي مغروريءَ سان ۽ شوخيءَ سا پيش نه اچ، ۽ زمين تي آڪڙ ڪري نه هل. بيشڪ الله تعاليٰ هنيلن ۽ ٻڙاڪي ماڻهن کي پسند نٿو ڪري.

(۱۹) ۽ گھمڻ ڦرڻ ۾ پوري پني رفتار رک (نڪي گھٽي تڪڙ ڪر، نڪي تمام آهستي هل. سڀ ڪنهن ڳالهه ۾ درميانو وچڑو طريقو وٺ) ۽ (ڳالهائڻ ۾ به) پنهنجو آواز هيٺ رک (يعني واڪا ڪري شوخيءَ سان نه ڳالهاءِ اهو ٿيندو گڏهن وانگي هينگ ڪرڻ) يقيناً سڀني آوازن کان خراب آواز آهي گڏهه جي هينگ.

رکوع ۳ آيت ۲۰ ـ تا ـ ۳۰

بي علمي ۽ وڏڙن جي خيالن تي بنا سمجهه جي چهٽي پوڻ جا نتيجا گمراهي ۽ تباهي آهن.

(۲۰) توهان نٿا ڏسو ڇا ته الله تعاليٰ اهي سڀ شيون جيڪي آسمانن ۽ زمين ۾ آهن اوهان کي (اوهان جي ڪم اچڻ لاءِ) تابع ڪري ڏنيون آهن، ۽ توهان جي لاءِ ظاهري (يعني روح جي پرورش لاءِ روحاني) نعمتون (جهڙوڪ علم، عقل، وحي، شريف جذبا وغيره) بي انداز مهيا ڪري ڇڏيون آهن. (افسوس جو تنهن هوندي بي) ماڻهن ۾ ڪي اهڙا آهن جيڪي الله جي باري ۾ اجايا جهڳڑا ڪندا ٿا رهن، حالانڪ کين نه علم آهي، نه (عقل جي) هدايت اٽن، نڪي وري کو روشني ڏيندڙ ڪتاب اٽن. (۲۱) ۽ جڏهن انهن ماڻهن کي چيو وڃي ٿو ته جيڪي الله تعاليٰ (وحي جي رستي) نازل ڪيو آهي، تنهن جي پيروي ڪيو، تڏهن هو چون ٿا ته، نه اسان ته انهيءَ وات تي هلنداسين جنهن تي اسان پنهنجي ابن ڏاڏن کي هلندا ڏٺو. (ڪهڙا نه بي سمجهه آهن عقل به نٿا هلائين ته) جيڪڏهن شيطان کين (انهيءَ غلط وات تي هلائڻ سان) سخت برندڙ باهه جي عذاب ڏانهن سڏيندو هجي ته به انهيءَ وات تي هلندا ڇا؟ (۲۲) ۽ (ياد رکو ته) جيڪو به خدا جي اڳيان فرمانبرداريءَ سان سر جهڪائي ۽ چگا عمل ڪري ٿو تنهن درحقيقت هڪ نهايت مضبوط، ۽ پروسي جهڙي رسيءَ جو سهارو ورتو آهي (۽ ياد رکو ته) سڀني معاملن جي پڇاڙي ۽ فيصلو آخر الله وٽ ئي اچڻو آهي. (۲۳) پر جيڪڏهن ڪو ماڻهو ڪفر ۽ انڪار جي وات وڻي ته (اي پيغمبر!) سندس ڪفر جي ڪري تون غم نه ڪر انهن سڀني ماڻهن کي ٿيڻ اسان وٽ موٽي اچڻو آهي. پوءِ اسان کين چٽو ڪري ٻڌائينداسين ته، ڪهڙا ڪهڙا عمل هنن ڪيا هئا (۽ کين انهن موجب جزا ۽ سزا ڏينداسين) بيشڪ الله تعاليٰ دلين جا ڳجهه به ڄاڻي ٿو. (۲٤) اسان انهن (منڪرن) کي ڪجهه وقت لاءِ وقتي موجون ماڻڻ ڏينداسين، پر پوءِ هنن کي سخت عذاب ڏانهن گهلي آڻيندا سين. (۲۵) ۽ اي پيغمبر! جيڪڏهن تون انهن (منڪرن) کان پڇندين ته ڪنهن آسمانن کي ۽ زمين کي خلقيو آهي ته هو ضرور چوندا ته الله خلقيا آهن. پوءِ تون چئجانءِ الحمدلله! (شڪر جو ايترو ته قبول ٿا ڪيو پوءِ جو نٿا الله جي رحمت ڏسي سندس موڪليل وحي تي عمل ڪيو، پر افسوس) هنن مان گھٽا جاهل آهن (۽ عقل کان ڪم نٿا وٺن.) (۲٦) (اهي ڪافر ائين نه سمجهن ته الله تعاليٰ کي سندن ايمان يا انڪار جي ڪا گهرج يا پرواهه آهي) آسمانن ۽ زمين ۾ جيڪي به آهي سو سڀ الله جو آهي. بيشڪ الله ئي آهي جو بي نياز بي پرواهه آهي ۽ اعليٰ صفتن سان

موصوف آهي. (۲۷) ۽ جيڪڏهن ڌرتيءَ جا سڀ وڻ قلم هجن ۽ سڄوسمنڊ مس هجي ۽ اهڙا ٻيا ٻه ست سمنڊ انهيءَ جي پڻيان مدد لاءِ موجود ٿين تہ ٻہ الله جون ڳالهيون ۽ حڪمتون لکجي نہ سگهبيون. (الله جو علم ۽ قدرتون بي انت آهن) بيشڪ الله تعاليٰ هر چيز تي غالب ۽ وڏي حڪمت وارو آهي. (۲۸) ۽ اوهان سڀني کي پيدا ڪرڻ ۽ وري (مرڻ بعد) جيئاري کڙو ڪرڻ اهڙو ئي (اسان جي لاءِ آسان) آهي جهڙو هڪڙي شخص (کي پيدا ڪرڻ ۽ مرڻ بعد وري اٿارڻ) بيشڪ الله تعاليٰ سڀ ڪجهہ ٻڌي ٿو ۽ سڀ ڪجهہ ڏسي ٿو. (۲۹) توهان ڏسو نٿا تہ الله تعاليٰ رات کي ڏينهن ۾ داخل ڪري ٿو ڇڏي ۽ ڏينهن کي رات ۾ داخل ڪري ٿو ڇڏي ۽ سج ۽ چنڊ کي پنهنجي (قانون ۽ حڪم جي) تابع رکيو اٿس. هرهڪ مقرر مدي تائين هلندو رهندو (پوءِ فنا ٿي ويندو) ۽ (ياد رکو تہ جو الله سڀ ۽ چنڊ کي قانونن جو پابند رکي ٿو سو الله اوهان کي ٻہ اوهان جي بهتري لاءِ پنهنجا قانون ۽ حڪم ٻڌائي ٿو پوءِ جيڪڏهن انهن تي عمل نہ ڪندؤ تہ (ياد رکو تہ) يقيناً الله تعاليٰ اوهان جي سڀني عملن جي خبر رکي ٿو (۽ اوهان کي ضرور بدعملن جي سزا ڏيندو.) (۳۰) (سج چنڊ وغيره کي قانونن هيٺ رکڻ وغيره) اهو سڀ هن ڪري آهي تہ بيشڪ الله ئي آهي جو حق آهي (۽ حق کي غالب ۽ پائيدار ڪندو) پر الله کان سواءِ جن ٻين کي ماڻهو (شريڪ ٺهرائي) پڪارين ٿا سي باطل آهن (۽ فنا ٿي ويندا) ۽ هن ڪري ٻہ آهي جو بيشڪ الله ئي آهي جو سڀني کان مٿاهون ۽ سڀني کان وڏو آهي.

رکوع ٤ آيت ۳۱ ـ تا ـ ۳٤

انسان جي بي شڪري ۽ ان جو نتيجو.

(۳۱) توهان ڏسو نٿا تہ الله ئي جي فضل سان جهاز سمنڊ ۾ ترندو وڃي ٿو. انهيءَ لاءِ تہ الله تعاليٰ اوهان کي پنهنجون نشانيون ڏيکاري جيڪي ماڻهو دائما وڏا صابر آهن ۽ سخت اورچ ۽ ثابت قدم آهن ۽ ان سان گڏ شڪر ڪندڙ آهن (يعني الله جي نعمتن کي چگيءَ طرح ڪم آڻيندڙ آهن) تن جي لاءِ هن ڳالهہ ۾ (يعني جهازن جي هلڻ ۾) يقيناً وڏيون نشانيون آهن. (۳۲) (پر افسوس اڪثر ماڻهو صابر ۽ شاڪر ناهن) جڏهن (جهاز ۾ سفر ڪندي سمنڊ جون) لهرون هنن کي چبوتري وانگر ڍڪي ٽيون چڏين تڏهن هو سچي دل سان فقط الله کي پڪارين ٿا (تہ اسان کي هن مصيبت کان چوٽڪارو ڏي) پر پوءِ جڏهن الله تعاليٰ خشڪيءَ تي پهچائي ٿو تڏهن انهن مان کي (نيڪي ۽ برائي جي وچ ۾) منجهي ٻيهن ٿا (يعني ڪجهہ قدر الله ڏي لاڙو رکي نيڪي ڪرڻ ٻہ پسند ڪن ٿا پر لالچن ۽ حرص ۾ پٽجي برائيون ٻہ ڪن ٿا) ۽ (ياد رکو تہ) فقط اهي ماڻهو اسان جي آيتن کي نٿا مڃن جيڪي (بيوفائي جي ڪري) پنهنجا عهد پاڙيندڙ نہ آهن ۽ بي شڪر آهن. (۳۳) اي انسانو! پنهنجي پروردگار (جي نافرمانيءَ جي نتيجن) کان ڊجو. ۽ انهيءَ (جزا ۽ سزا واري) ڏينهن جي اڇڻ کان ڊجو جنهن ڏينهن نڪي پيءُ پٽ کي ڪم ايندو. نڪي پٽ پيءُ

کي (نڪي هڪڙو ٻئي لاءِ فديو ٿي انهيءَ کي بچائي سگهندو) بيشڪ الله جو واعدو سچو آهي (تہ هو نيڪي کندڙن کي ڪامران کندو ۽ برائي کندڙن کي ناڪام ڪندو). تنهن ڪري (خبردار ٿيو) ائين نہ ٿئي جو دنيا جي زندگي (يعني وقتي خوشي يا فائدو) توهان کي ڦٻگي (۽ بدعمل ڪرائي) ۽ ائين نہ ٿئي جو دغا باز شيطان (اوهان کي ترت فائدو ڏيڪاري) الله (جي فرمانبرداري) بابت برغلائي ڇڏي. (٣٤) اي انسانو برغلائجي نہ وجو ۽ فقط الله جا ٻانها ٿيو جو سندس ئي فرمانبرداري اوهان کي ڪامران ڪندي. الله کي ئي سيني ڳالهين جو علم آهي) يقيناً الله ئي آهي جنهن کي انهيءَ گهڙيءَ جو علم آهي (جنهن گهڙيءَ قطعي فيصلو ڪندو) اهوئي (برسات جو علم رکي ٿو ۽) مينهن آڻي ٿو. اهوئي ڄاڻي ٿو تہ ماءُ جي پيٽ ۾ ڇا آهي. (پٽ يا ڌيءَ ۽ ڪهڙي قسم جو آهي وغيره) ۽ ڪوبہ شخص نٿو ڄاڻي تہ سياڻي هو ڇا ڪندو. (پر خدا ڄاڻي ٿو تہ هو ڇا ڪندو) ۽ ڪوبہ شخص نٿو ڄاڻي تہ ڪهڙي ملڪ ۾ هو مرندو (پر الله تعاليٰ اهو بہ ڄاڻي ٿو) بيشڪ الله تعاليٰ سڀ ڪجهہ ڄاڻندڙ ۽ سڀ خبر رکندڙ آهي. (تنهن ڪري توهان الله جي ڳالهين کي سچو سمجهي انهن تي عمل ڪري پنهنجو حال ۽ مستقبل روشن ڪريو).

سورت السّجدة

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي.

رکوع ١ آيت ١ ـ تا ـ ١١

الله جي خالقيت ۽ انسان جي پيدائش

(١) الف – لام – ميم (٢) هيءُ ڪتاب (قرآن مجيد) جهانن جي پروردگار وٽان نازل ٿيو آهي. انهيءَ ۾ ذرو بہ شڪ شبهو ڪونهي. (٣) يا ماڻهو چون ٿا تہ هن (يعني حضور ﷺ) ان (قرآن) کي پاڻ ٺاهيو آهي (۽ چوي ٿو تہ الله وٽان آيل آهي) حقيقت هي آهي تہ قرآن مجيد حق آهي (حق ٿو ٻڌائي ۽ غالب پوڻ بعد ثابت ٿيندو تہ.) بيشڪ اهو حق آهي ۽ تنهنجي پروردگار وٽان آهي. انهيءَ لاءِ نازل ڪيو ويو آهي تہ انهيءَ (عرب) قوم جي ماڻهن کي خبردار ڪري جن ڏي هن کان اڳي ڪوبہ خبردار ڪندڙ (پيغمبر) ڪونہ آيو آهي. (هاڻي انهيءَ لاءِ قرآن مجيد نازل ڪيو ويو آهي) تہ من هي (عرب) هدايت واري واٽ ونڻ. (٤) اهو الله ئي آهي جنهن آسمانن ۽ زمين کي ۽ جيڪي انهن جي وچ ۾ آهي تنهن کي زماني جي ڇهن دورن ۾ خلقيو ۽ (جهانداري جي) تخت تي محڪم رهيو (يعني پوءِ بہ خلقيندو رهي ٿو ۽ پاڻ ئي جهان کي هلائيندو رهي ٿو. سو خبردار ٿيو ۽ ياد رکو تہ) اوهان جي لاءِ سواءِ الله جي ٻيو ڪوبہ سنياليندڙ يا سفارشي ڪونهي. ڇا توهان خيال ئي ڪونہ ٿا هلايو. (٥) آسمان کان زمين تائين هر ڳالهہ ۽ هر ڪم جو انتظام الله

تعاليٰ ٿو ڪري. پوءِ سڀ معاملا انهيءَ ڏينهن سندس حضور ۾ پيش ٿيندا، جنهن ڏينهن جو مقدار توهان جي حساب ۾ شمار موجب هزار سالن جو هوندو. (٦) اهڙو آهي اهو الله جو لکل توڙي ظاهر شين جو ڄاڻندڙ آهي، وڏي قدرت ۾ شان وارو آهي ۾ رحم وارو آهي. (٧) جنهن شيءِ کي خلقيائين تنهن کي سهڻو ۾ چگو بنايائين (توازن سان مناسب ۾ گهربل قوتون عطا ڪيائين) ۾ انسان کي شروعات ۾ (خسيس) گپ مان خلقيائين. (٨) پوءِ ان جو نسل (۾ پيڙهيون) ٻُڇان جهڙي پاڻيءَ (منيءَ) مان پيدا ڪندو رهيو جو پاڻي (حقيقت ۾ انسان جي سڀني جزن جو) نچوڙ ۾ ست آهي. (٩) پوءِ الله تعاليٰ انسان کي چگي نموني ۾ درست ڪيو (۾ توازن سان عضوا ۾ پنج حواس ڏنائين) ۾ ان انسان ۾ پنهنجي روح مان ڪجهه ڦوڪيائين (يعني عقل علم ۾ ترقيءَ جي طاقت بخشيائين) ۾ اوهان جي لاءِ ڪن (حقيقتن جي پڌڻ لاءِ) ۾ اکيون (حقيقتن کي ڏسڻ لاءِ) ۾ دليون (حقيقتن کي سمجهڻ لاءِ ۾ نيڪ جذبا رکڻ لاءِ) مهيا ڪيائين (پر افسوس) توهان تمام ٿورڙي شڪرگذاري ٿا ڪيو (يعني الله جي انهن نعمتن کي چگيءَ طرح ڪم ڪونه ٿا آڻيو). (١٠) ۾ (اهي بي شڪر ماڻهو) چون ٿا ته ڇا جڏهن اسان زمين ۾ ڏڪجي گم ٿي وينداسين تڏهن وري سڀ پڇ نئين سر پيدا ڪيا وينداسين؟ حقيقت هيءَ آهي ته اهي ماڻهو اها ڳالهه ئي نٿا مڃين ته ڪو (آخر) پنهنجي پروردگار جي اڳيان پيش ڪيا وينداسين. (١١) (اي پيغمبر!) تون کين ٻڌاءِ ته موت جو مَلَڪ جو توهان تي مقرر ڪيل آهي، سو توهان جا روح قبض ڪندو. پوءِ توهان پنهنجي پروردگار جي طرف موٽائي آندا ويندؤ.

رڪوع ٢ آيت ١٢ ـ تا ـ ٢٢

بهشت ۾ دوزخ. مؤمنن جون خصلتون ۾ سندن لاءِ انعام. فاسقن لاءِ عذاب.

(١٢) ۾ جيڪڏهن تون (اهو دردناڪ عذاب) ڏسين جڏهن گنهگار پنهنجي پروردگار جي اڳيان پنهنجا ڪنڌ ڪٽي هيٺ ڪندا ته ڪيتري نه عبرت حاصل ڪرين. (انهيءَ مهل اُهي گنهار دردناڪ آواز سان پڪاريندا ته) اي اسان جا پروردگار! هاڻي اسان سڀ ڪجهه ڏٺو ۾ ٻڌو آهي (۾ هاڻي سڀ حقيقتون سمجهون ۾ مڃون ٿا) سو هاڻي اسان کي وري (دنيا ڏي) موٽاءِ ته اسان صالح عمل ڪيون. اسان هاڻي يقين سان (تنهنجي هدايتن کي) مڃيون ٿا. (پر پوءِ اها پشيماني ڪم نه ايندي اها دنيا گذري چڪي). (١٣) ۾ جيڪڏهن اسان چاهيون ها ته هرهڪ شخص کي سڌي واٽ تي لڳائي ڇڏيون ها (جيئن ملائڪ فرمانبرداريءَ جي واٽ تي لڳايل آهن، پر اسان ائين نه چاهيو اسان انسان کي ٻئي واٽون ڏيکاري اختيار ڏنو ته وٽئي ته سڌي راهه وٺ ۾ وٽئي ته ڦڏي واٽ وڻي پاڻ کي تباهه ڪر) سو منهنجي هيءَ ڳالهه (بي فرمانن متعلق) سچي ثابت ٿيندي ته ما سيني (بي فرمان) جنن ۾ ماڻهن سان جهنم کي پري ڇڏيندس. (١٤) سو (اي گنهگارؤ) جنهن صورت ۾ توهان پنهنجي هن ڏينهن تي (اسان وٽ جزا ۾ سزا ملڻ لاءِ) حاضر ٿيڻ جي ڳالهه وساري

چڏي هئي (۽ گناهن ۾ مشغول رهيا هئو) سو هاڻي (عذاب جو) مزو چکو. اسان ٻ توهان کي (جاڻي ٻجهي) وساري ٿا چڏيون. ۽ توهان جو (پڇاڙيءَ تائين) بدعمل ڪندا رهيو تن جي بدلي ۾ دائمي عذاب جو مزو چکندا رهو. (۱۵) اسان جي آيتن تي سچو ايمان ته فقط انهن جو آهي جن کي جڏهن اهي آيتون ٻڌايون وڃن ٿيون تڏهن هو سجدي ۾ ڪري پون ٿا ۽ پنهنجي پروردگار جي حمد ۽ ثنا (سان سندن پاڪائي ۽ اعليٰ شان) بيان ڪن ٿا ۽ ڪڏهن ٻ هٿ وڌائي نٿا ڪن. (۱۶) انهن (سچن مؤمنن) جا پاسا آرام جي بسترن کان الڳ ٿي وڃن ٿا. هو پنهنجي پروردگار کي خوف ۽ اميد جي حالت ۾ پڪاريندا رهن ٿا ۽ جيڪو رزق (عقل حڪمت وغيره) اسان کين ڏنو آهي تنهن کي (خدا جي راهه ۾) خرچ ڪندا رهن ٿا. (۱۷) ڪنهن ٻ شخص کي خبر ناهي ته اسان (نيڪ) ماڻهن لاءِ ڪهڙا ڪهڙا اکين جا ٺار (۽ خوشي ڏيندڙ نعمتون) لڪائي تيار رکيون آهن. اهو آهي بدلو هنن جي (نيڪ) عملن جو جي هو ڪندا رهن ٿا. (۱۸) پوءِ ڇا مؤمن ٻ اهڙوئي آهي جهڙو ڪو فاسق (نافرمان ۽ گنهگار) آهي؟ (هرگز نہ) هو ڪنهن ٻ صورت ۾ برابر ناهن. (۱۹) سو جيڪي ماڻهو سچو ايمان رکن ٿا ۽ نيڪ عمل ٻ ڪن ٿا تن جي رهڻ لاءِ (عاليشان) باغ هوندا، جيڪي نيڪ عمل هو ڪندا رهيا هئا تن جي بدلي ۾ اها ئي مهماني کين نصيب ٿيندي (جو هو الله جي باغن ۾ الله جا مهمان ٿي رهندا.) (۲۰) ۽ جن ماڻهن خدا جي نافرماني ڪئي تن جي رهڻ جي جاءِ هوندي (سخت عذاب واري) باهه. جڏهن جڏهن هو ان مان نڪرڻ جو ارادو ڪندا تڏهن هنن کي (زور سان) ان باهه ۾ موٽايو ويندو ۽ کين چيو ويندو ته انهيءَ باهه جي عذاب جو مزو چکو. جنهن کي توهان ڪوڙ مڃيندا هئو (۽ چوندا هئو ته نڪا قيامت ٿيندي نڪو اسان کي ڪو عذاب ملندو). (۲۱) ۽ اسان هنن (فاسقن) کي (قيامت جي) وڏي عذاب کان اڳي هن ئي (دنيا جي) زندگيءَ جا عذاب ضرور چکائيندا سين انهيءَ لاءِ ته من هو (پشيمان ٿي خدا ڏي ۽ سڌي واٽ ڏي) موٽن. (۲۲) جنهن ماڻهو کي سندس پروردگار جون آيتون ٻڌايون وڃن ۽ پوءِ ٻ هو منهن موڙي وڃي (۽ بدعمل ڪري) تنهن کان وڌيڪ ظالم (۽ گنهگار) ڪير ٿي ٿو سگهي؟ يقيناً اسان اهڙن گنهگارن کي (سندن بدعملن جو) پورو پورو بدلو ڏيندا سين.

رڪوع ۳ آيت ۲۳ ـ تا ـ ۳۰

اڳين قومن جي تاريخ کان عبرت وٺڻ.

(۲۳) ۽ هيءَ حقيقت آهي ته اسان حضرت موسيٰ کي ٻ (شريعت جو) ڪتاب ڏنو هو، سو تون ٻ (اي پيغمبر!) اهڙي ڪتاب جي ملڻ بابت ڪو ٻ شڪ نہ آڻ (يعني تو کي ٻ قاعدا قانون ٻڌايا ويندا) ۽ اسان انهيءَ ڪتاب کي بني اسرائيلن جي لاءِ سڌي واٽ ڏيکاريندڙ ڪيو هو. (۲۴) ۽ اسان انهن (بني اسرائيلن) ۾ گهٽائي امام يعني ليدر پيدا ڪيا جيڪي اسان جي حڪمن موجب (بني اسرائيلن کي) هدايت ڪندا رهيا، جيستائين ڪ هو صابر ۽ ثابت قدم رهيا ۽ اسان جي آيتن

(يعني نشانين ۾ حڪمن) تي يقين رکندا هئا (پوءِ هو فرقا ٿاهي اختلاف ڪري ذليل ۽ تباهه ٿي ويا.) (۲۵) يقيناً تنهنجو پروردگار ئي آهي جو هنن جي وچ ۾ قيامت جي ڏينهن انهن ڳالهين متعلق فيصلو ڏيندو جن جي باري ۾ هو اختلاف ڪري رهيا آهن. (۲۶) ڇا هي ڳالهه هنن کي هدايت نٿي ڪري سگهي ته ڪائنڪ اڳي اسان ڪيتريون قومون (سندن بدعملن جي ڪري) تباهه ڪري ڇڏيون؟ هي ماڻهو انهن قومن جي پراڻن گهرن ۾ گهمن ڦرن ٿا (ته ڏسن نٿا) انهيءَ ۾ بيشڪ وڏيون نشانيون آهن. پوءِ هو ٻڌن ئي نٿا ڇا؟ (۲۷) هو نٿا ڏسن ڇا ته اسان خشڪ زمين تي مينهن موڪليون ٿا ۽ ان جي وسيلي پوکون پيدا ڪيون ٿا جن تي سندن ڍڳا ڏور ۽ اهي پاڻ گذران ڪن ٿا، ڇا هو غور سان نه ٿا ڏسن؟ (۲۸) ۽ هو چون ٿا ته جيڪڏهن توهان (مسلمان) سچا آهيو ته ٻڌايو ته اهو فيصلو جو ڏينهن ڪڏهن اچڻو آهي. (۲۹) (اي پيغمبر!) تون کين ٻڌائي ڇڏ ته (توهان جو انهيءَ ڏينهن لاءِ ترسيا ويٺا آهيو ته جيڪڏهن ايندو ته پوءِ ايمان آڻيندا سين سو ياد رکو ته) انهيءَ فيصلي واري ڏينهن سندن (بعد ۾ آندل) ايمان فائدو ڪونه ڏيندو. انهن کي جي (ان فيصلي جي ڏينهن ٿائين) ڪفر جي وات تي رهندا، نڪي کين پوءِ مهلت ڏني ويندي. (۳۰) سو تون انهن کي ڇڏي ڏي ۽ ترس. هو به ترسيا ويٺا آهن. (پاڻهي ڏسندا ته توهان غالب رهندو ۽ هو مغلوب ٿي ويندا).

سورت الاحزاب ـ (لڙائي ۾ شريڪ يا لشڪر)

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي.

رکوع ۱ آيت ۱ ـ تا ـ ۸

الله تعاليٰ تنهنجو ڪارساز آهي، تون مٿس پروسو رکي حق تي قائم رهه.

(۱) اي نبي! تون فقط خدا کان ڈڄ، (ڪافرن ۽ منافقن کان بلڪل نه ڈڄ.) ۽ ڪافرن ۽ منافقين جي (غلط) ڳالهين تي نه لڳ (تون الله جي ڳالهين ۽ حڪمن جي پيروي ڪندو رهه، چو ته) يقيناً الله تعاليٰ سڀ ڪجهه ڄاڻندڙ آهي ۽ وڏي حڪمت وارو آهي (تنهن ڪري سندس ئي حڪمن تي هلڻ ۾ ڀلائي آهي). (۲) ۽ جيڪو وحي تنهنجي پروردگار وٽان توڏي موڪليو وڃي ٿو تنهن جي پيروي ڪندو رهه. يقيناً الله تعاليٰ اوهان جي سڀني عملن جي خبر رکندڙ آهي. (۳) ۽ (اي پيغمبر!) خدا تي پروسو رک جو الله ئي ڪافي ڪارساز آهي. (٤) الله تعاليٰ ڪنهن به ماڻهوءَ جي سيني ۾ به دليون ڪونه رکيون آهن، نڪي الله تعاليٰ توهان جي زالن کي جن سان توهان اظهار ڪيو توهان جون مائر بنائي ڇڏيو آهي، نڪي انهن کي اوهان جو پٽ بنايو اٿس جن کي توها پٽ ڪري نپايو آهي (يا ڏيئرن جو پٽ يا گود جو پٽ ڪري سڏيو آهي) اهي توهان

جي وات جون (بي معنيٰ) ڳالهيون آهن. پر الله تعاليٰ سچي حقيقت ٿو ٻڌائي ۽ هو سڌو سنئون رستو ٿو ڏيکاري. (۵) انهن (دين جي پائڙن يا پٽن کي يا پانهن) کي سندن پيءُ جي نالن سان سڏيو. اها ڳالهه الله وٽ زياده انصاف واري آهي. پر جيڪڏهن توهان کي سندن ابن جا نالا معلوم نه هجن تہ پوءِ هو توهان جا دين جا پائر ۽ دوست آهن. پر جيڪڏهن ان ڳالهه ۾ اوهان کان پل چڪ ٿي وڃي تہ پوءِ اوهان تي کوبہ ڏوهه ڪونهي، پر گناهه هن ۾ آهي جو توهان دل جي ارادي سان ائين ڪيو ۽ (پل چڪ جي حالت ۾) الله تعاليٰ وڏو بخشڻهار ۽ رحم ڪندڙ آهي. (٦) مسلمانن جي لاءِ حضرت نبي ﷺ سندن جائين کان بہ وڌيڪ ويجهو آهي، ۽ سندس حرم مبارڪ (يعني زالون) مؤمنن جون ماڻرون آهن. ۽ الله جي ڪتاب موجب سچا پچا مائٽ هڪ ٻئي لاءِ وڌيڪ ويجها آهن ٻين مؤمن پائرن کان يا مهاجر پائرن کان. (يعني فوتيءَ جو ترڪو سچن مائٽن کي ملڻ گهرجي) پر جيڪڏهن پنهنجي دوستن سان چگائي ڪيو تہ پلي ڪيو (اها پڻ ڳالهه آهي) (خدا جي) ڪتاب ۾ لکي ويئي آهي. (۷) ۽ ياد رکو تہ اسان نبين کان عهد اقرار ورتو هو ۽ (اي پيغمبر!) توکان بہ عهد اقرار ورتو انهن سڀني کان پڪو عهد اقرار ورتو هيوسين (تہ رسالت ۽ تبليغ وغيره جو ڪم پوري ثابت قدميءَ سان ڪندا رهندؤ). (۸) انهيءَ لاءِ تہ الله تعاليٰ سچن (پيغمبر) کان (قيامت جي ڏينهن) انهيءَ سچ (جي پيغام) بابت پڇي (تہ ڪهڙيءَ طرح خدا جا حڪم پهچائون ۽ ماڻهن ڪهڙيءَ طرح انهن تي عمل ڪيو) ۽ (جن نہ مڃيو تن) ڪافرن لاءِ الله تعاليٰ سخت عذاب تيار رکيو آهي.

رکوع ۲ آيت ۹ ـ تا ـ ۲۰

جنگ احزاب/ خندق وقت منافقن جي روش ۽ خيال.

(۹) اي مؤمنؤ! الله جي اوهان تي اها نعمت ۽ احسان ياد ڪيو جو جڏهن اوهان تي لشڪرن جا لشڪر چڙهائي ڪري آيا تڏهن اسان انهن (اوهان جي دشمنن) جي مٿان هڪڙو طوفان موڪليو ۽ اهڙا (پنهنجا) لشڪر (توهان جي مدد لاءِ) موڪلياسين جي توهان کي ڏسڻ ۾ ڪونہ ٿي آيا. پر الله تعاليٰ سڀ ڪجهه چٽيءَ طرح ڏسي ٿو. جيڪي جيڪي عمل توهان ڪيو ٿا سي چگيءَ طرح ڏسي ٿو. (۱۰) ياد رکو تہ اهي (دشمن) توهان جي مٿئين طرف کان ۽ توهان جي هيٺئين طرف کان (جبلن تان ۽ هيٺاهين ماڻرين مان) توهان تي حملو ڪري آيا ۽ هراس ۾ (اوهان جون) اکيون ڦاٽي ويون ۽ دليون نڙيءَ ڏي چڙهي آيون ۽ توهان الله جي باري ۾ (اجايا) خيال ڪرڻ لڳؤ. (۱۱) انهيءَ موقعي ۽ حالت ۾ مؤمن وڏي آزمائش هيٺ اچي ويا ۽ سخت زلزلي ۾ وڌا ويا. (پر هو دلير ٿي ثابت قدم رهيا). (۱۲) ۽ ڏسو، منافق ۽ اهي ماڻهو جن جي دلين ۾ (ايمان جي ڪمزوري ۽ بي همتيءَ

جو) مرض آهي سي چوڻ لڳا تہ، الله ۽ الله جو رسول جيڪي واعدا (ڪاميابيءَ ۽ غلبي جا) اسان کي ڏنا هئا سي فقط ڌڪي فريب ۽ دوکا هئا. (اسان هاڻي فنا ٿي وينداسين). (۱۳) ۽ انهن مان هڪڙي ٽوليءَ تہ چئي ڏنو تہ اي مدينيءَ جا رهواسيؤ! توهان (حملي ڪندڙن جي مقابلي ۾) بيهي نہ ڪوٺہ سگهندؤ، سو موٽو پوئتي ۽ انهن مان هڪڙي ٽولي نبي(ﷺ) کان (گهرن ڏي وڃڻ جي) موڪل ٿي گهري ۽ چيو ٿي تہ، يقيناً اسان جا گهر محفوظ ناهن (۽ سخت خطري ۾ آهن) اگرچہ اهي گهر غير محفوظ نہ هئا. انهن جو ارادو فقط ڀڄي وڃڻ جو هو. (۱٤) ۽ جيڪڏهن دشمن شهر جي ڪن طرفن کان شهر ۾ گهڙي پون ها ۽ انهن (منافقن ۽ ضعيف دل ماڻهن) کي چيو وڃي ها تہ (حضرت جن جي خلاف) بغاوت ڪيو تہ، بغاوت ڪري ڏين ها ۽ انهيءَ بغاوت ڪرڻ ۾ ڪا ٿوري دير ڪن ها؟ (۱۵) حالانڪ هنن اڳي الله کي (يعني سندس رسول کي) عهد اقرار ڏنو هو تہ اسان (اهڙن موقعن تي هرگز) پٺيون ڏيئي ڀڄي ڪونہ وينداسين. (ڪين ياد رکڻ گهرجو هو تہ) الله سان ڪيل عهد اقرار بابت ضرور ڪائنڪ باز پرس ٿيندي (يعني ڪائنڪ پڇاڻو ٿيندو ۽ عهد ڀڃڻ ڪري ڪين سخت سزا ملندي). (۱٦) (اي پيغمبر! انهن ماڻهن کي) چئي ڏي تہ، جيڪڏهن توهان موت يا قتل کان ٿا ڀڄو تہ اهو ڀڄڻ توهان کي ڪجهہ ب فائدو نہ ڏيندو. (يا دشمن اوهان کي قتل ڪندا يا پنهنجي ڏر بغاوت جي بدلي ۾ اوهان کي قتل ڪندي) ۽ (جيڪڏهن ڀڄي وڃڻ ۾ ڪامياب ب ٿيو تہ ب) ڪو ٿورو وقت سلامتيءَ جو ماڻيندؤ (جلدئي سزا ۽ موت اوهان جي مٿان اچي ڪڙڪندو). (۱۷) (اي پيغمبر! تون ڪين) چئو تہ، ڪير آهي جو توهان کي الله تعاليٰ کان بچائي سگهندو، جيڪڏهن هو اوهان کي سزا ۽ عذاب ڏيڻ چاهي. ۽ جيڪڏهن هو اوهان تي رحمت ڪرڻ چاهي (تہ ڪير انهيءَ رحمت کي هٽائي ٿو سگهي) انهن ماڻهن کي الله کان سواءِ ڪوب بچائيندڙ ۽ مددگار نہ لبندو. (۱۸) الله تعاليٰ اوهان مان انهن ماڻهن کي چگيءَ طرح ڄاڻي ٿو جيڪي (ٻين کي لڙائي ڪرڻ کان) روڪين ٿا ۽ چون ٿا تہ، اسان ڏي هليا اچو ۽ لڙائي ۾ شريڪ نٿا ٿين، پر ڪو ٿورو وقت. (۱۹) اهي (دولت جا لالچي) اوهان مسلمانن جي حق ۾ بخيل آهن (جو اوهان کي مناسب مدد نٿا ڏين. اتلندو فتح جي وقت غنيمت جو مال گهٽو ٿا گهرن) سو جڏهن خوف خطري جو موقعو ٿو اچي تڏهن تون (اي پيغمبر!) ڏسين ٿو تہ هو توڏي اهڙيءَ طرح ٿا نهارين جو سندن اکيون انهيءَ ماڻهو جي اکين وانگر ٽيون ڦرن جنهن ماڻهو کي سڪرات جي غشي اچي ويندي آهي، پر جڏهن خوف خطري جي حالت هلي ٿي وڃي تڏهن هو (غنيمت جي) مال جي حرص ۾ تيز زبانن سان توکي طعنا ڏيڻ لڳن ٿا. انهن ماڻهن کي (دل ۾ سچو) ايمان ڪونهي، الله تعاليٰ سندن عمل ضايع ڪري ڇڏيا آهن ۽ ائين ڪرڻ الله تعاليٰ جي لاءِ بلڪل آسان آهي. (۲۰) اهي ماڻهو سمجهن ٿا تہ، (دشمن جا) لشڪر هليا ڪونہ ويا آهن (يا هراس جي ڪري ٿا ائين سمجهن يا سندن دليون چاهين ٽيون تہ وري اچي حملو ڪن ۽ مسلمانن کي مغلوب ڪن) ۽ جيڪڏهن اهي لشڪر وري اچي نڪرن تہ هو دل و جان سان چاهيندا تہ جيڪر بدوين جي بيابانن ۾ هليا وڃن ۽ اتان اوهان جي

حالتن بابت پڇا ڳاڇا ڪندا رهن ۽ جيڪڏهن هو اوهان وٽ هوندا تہ لڙائي ڪونہ ڪندا. جي ڪندا تہ بلڪل ٿورڙي.

رڪوع ٣ آيت ٢١ ـ تا ـ ٢٧

مؤمنن لاءِ خطري جي وقت ۾ الله تعاليٰ جي مدد ڪافي آهي.

(٢١) (مسلمانو!) توهانجي لاءِ يعني انهن ماڻهن لاءِ جيڪي الله ۾ ۽ آخرت جي ڏينهن ۾ (يا دنيا ۾ ڪي ايندڙ وقت جي ڪاميابيءَ جون) اميدون رکن ٿا ۽ الله تعاليٰ کي گهڻو ياد ڪن ٿا تن جي لاءِ الله جي رسول ۾ سهڻي ۾ سهڻو ۽ چڱي ۾ چڱو نمونو (۽ مثال) موجود آهي. (٢٢) ۽ جڏهن مسلمانن (دشمنن جي) لشڪرن کي (مديني تي حملي ڪندي) ڏٺو، تڏهن (بي ڊڄڪ) چئي ڏنائون تہ هي تہ اهوئي (موقعو) آهي جنهن جو الله ۽ سندس رسول اسان سان واعدو ڪيو هو (۽ ٻڌايو هو تہ مؤمنن تي وڏا خطرا ايندا ۽ سندس ايمان جي آزمائش ٿيندو) ۽ الله ۽ سندس رسول سچ چيو هو. (سو هن خطرناڪ موقعي کين بي همت تہ ڪونہ ڪيو پر اڳلندو) هنن کي ايمان ۾ ۽ تابعداريءَ ۾ وڌايائين. (٢٣) مؤمنن ۾ کي مرد اهڙا آهن جن (انهيءَ خطرناڪ موقعي تي) اهو عهد اقرار سچو ڪري ڏيکاريو جو الله سان ڪيو هئائون، (يعني مال ملڪيت ۽ جانين سان جهاد ڪيائون) سو انهن مان ڪن پنهنجو نذر پورو ڪيو (۽ شهادت حاصل ڪيائون) ۽ ڪي (شهادت لاءِ) منتظر آهن ۽ سندن (روش ۽ ايمان ۾) تر جيتري بہ تبديلي ڪانہ ٿي آهي (يعني ايمان ۾ ۽ خطرن کي منهن ڏيڻ ۾ اڳيئن کان بہ اڳرا آهن.) (٢٤) اهو سڀ هن لاءِ ٿيو تہ الله تعاليٰ سچن کي سندن سچ لاءِ عيوضو ۽ انعام ڏئي ۽ منافقن کي سزا ڏئي، جيڪڏهن چاهي يا مٿن (رحمت جي) موت ڪري (جيڪڏهن هو ڪفر ۽ منافقي ڇڏي خدا ڏي موٽن). بيشڪ الله تعاليٰ بخشيندڙ ۽ رحم ڪندڙ آهي. (٢٥) الله تعاليٰ ڪافرن کي موٽائي پڇائي ڇڏيو اگرچہ هو وڏي غصي ۽ غضب ۾ ڀرجي (مديني تي حملو ڪري) آيا هئا، هنن کي ڪابہ چڱائي حاصل ڪانہ ٿي ۽ مؤمنن لاءِ لڙائيءَ ۾ الله تعاليٰ (جو سهارو) ڪافي آهي ۽ الله تعاليٰ وڏي قوت وارو آهي ۽ سڀ ڪجهہ ڪري ٿو سگهي. (٢٦) ۽ جن اهل ڪتاب (بني قريظہ قبيلي جي يهودين) هنن جي (يعني دشمنن جي لشڪرن جي انهيءَ موقعي تي) مدد ڪئي هئي تن کي الله تعاليٰ سندن قلعن مان هيٺ لاهي آندو ۽ سندن دلين ۾ (اوهان جو) رعب ۽ ڊاکو وڌائين. انهن مان ڪن کي توهان قتل ڪري ڇڏيو ۽ ڪن کي قيدي (يا غلام) ڪيو. (٢٧) ۽ الله تعاليٰ اوهان (مسلمانن) کي سندن زمينن، گهرن ۽ مال ملڪيت جو وارث ڪيو ۽ پڻ انهيءَ زمين جو مالڪ ڪيو، جنهن ۾ اڃا توهان قدم ڪونہ رکيو هو ۽ الله تعاليٰ هر چيز تي قادر ۽ قدير آهي.

رکوع ٤ آيت ٢٨ ـ تا ـ ٣٤

اهل و عيال جي باري ۾ قرآن جون هدايتون.

(٢٨) اي نبي (سڳورا) پنهنجي زالن (مبارڪن) کي چئو تہ، جيڪڏهن توهان هن دنيا جي زندگي (جون سهوليتون ۽ آسودگيون) ۽ ان جي زينت (چگا ڪپڑا چگيون جايون وغيره) ٿيون چاهيو تہ اچو تہ مان توهان کي (اهڙيءَ زندگيءَ لاءِ گهربل) مال متاع ڏيان ۽ سهٽي نموني سان اوهان کي موڪل ڏئي ڇڏيان (يعني پوءِ مون وٽ منهنجون زالون ٿي نہ رهنديون). (٢٩) پر جيڪڏهن توهان الله ۽ سندس رسول (جو راضپو) ۽ آخرت جو گهر (يعني جنت) ٿيون چاهيو تہ پوءِ توهان مان جيڪي نيڪ ڪم ڪندڙ آهن تن لاءِ الله تعاليٰ تمام وڏو اجر تيار ڪري رکيو آهي. (پين کان وڏو اجر هن ڪري جو تنگ گذران هوندي بہ تبليغ اصلاح ۽ مسڪينن جي مدد گاري جو ڪم جاري رکيائون). (٣٠) اي نبي (سڳوري) جون ٻيبيون! توهان مان کا بہ جيڪڏهن کوبہ چٽو پٽو فاحش ڪم ڪندي تہ کيس (پين عورتن کان) ٻيٽو عذاب ملندو (چو تہ ايڏي جوابداري واري پوزيشن جي ماڻهوءَ لاءِ ناروا ڪم ڪرڻ وڏيڪ نامناسب آهي) ۽ ائين ڪرڻ (يعني ٻيٽو عذاب ڏيڻ) الله تعاليٰ جي لاءِ بلڪل آسان آهي.

حصو پاويهون

(۳۱) ۽ توهان مان (يعني حضرت جن جي حرمن مان) جيڪي به دل و جان سان الله ۽ سندس رسول جي فرمانبرداري ڪندي ۽ نيڪ عمل ڪندي تنهن کي اسان (ٻين کان) ٻيڻو اجر ڏينداسين ۽ اسان هن لاءِ شاندار رزق (يعني هر طرح جون نعمتون ۽ خوشيون) تيار رکيون آهن. (۳۲) اي نبيءَ جون زالون! اوهان ٻين عورتن وانگر نه آهيو (اوهان جي پوزيشن بلڪل ٻي آهي) جيڪڏهن توهان خدا جو خوف ٿيون رکو ۽ پرهيزگار ٿيڻ ٿيون چاهيو تہ (مردن سان) اهڙي نرم (۽ دل چڪيندڙ) نموني سان نہ ڳالهايو جو جنهن (مرد) جي دل ۾ (ٻي حياتيءَ جو) مرض هجي سو (پلجي بچڙائيءَ جو) حرص ڪري، ۽ اهڙا لفظ ڳالهايو جي مناسب ۽ انصاف وارا ڇاتا وڃن ٿا. (۳۳) ۽ توهان پنهنجن گهرن ۾ (امن امان ۽ پاڪائيءَ سان) رهو. اڳئين جاهليت جي زماني (جي عورتن) وانگر (ماڻهن کي) هار سينگار ڏيکاريندیون نہ وتو. (۽ نہ گهمو ڦرو) ۽ نماز قائم ڪيو ۽ زڪوات ڏيو ۽ الله ۽ سندس رسول جي فرمانبرداري ڪنديون رهو. اي اهل بيت (يعني حضرت جن جي گهر جا ياتيو انهن هدايتن ڏيڻ جو مقصد هي آهي جو) الله تعاليٰ فقط هي ٿو چاهي تہ ناپاڪائيءَ کي اوهان کان دور رکي ۽ اوهان کي هر طرح بلڪل پاڪ ڪري ڇڏي. (۳٤) ۽ (اي حضرت جن جون زالون) اوهان کي جيڪي الله جون آيتون ۽ حڪم ۽ دانائيءَ جون ڳالهيون اوهان جي گهرن ۾ پڙايون وڃن ٿيون سي پڙهو (ياد رکو ۽ ٻين کي به ٻڌايو) يقيناً الله تعاليٰ بلڪل باريڪ نڪتا به سمجهندڙ آهي ۽ هر شيءِ جي خبر رکندڙ آهي (تنهن ڪري سندس آيتن کي سمجهي انهن تي عمل ڪيو).

رکوع ۵ آيت ۳۵ ـ تا ـ ٤۰

مؤمنن ۽ مؤمناڻين جون خصلتون ۽ انهن لاءِ دنيا ۽ آخرت جون نعمتون.

(۳۵) بيشڪ الله تعاليٰ مسلم مردن ۽ مسلم عورتن لاءِ، مؤمن ۽ مؤمنياڻين لاءِ، فرمانبردار مردن ۽ فرمانبردار عورتن لاءِ، سچن مردن ۽ سچين عورتن لاءِ، صبر ڪندڙ مردن ۽ صبر ڪندڙ عورتن لاءِ، نماڻن مردن ۽ نماڻين عورتن لاءِ صدقا ڏيندڙ مردن ۽ صدقا ڏيندڙ عورتن لاءِ، روزا رکندڙ (۽ پرهيزگار) مردن ۽ روزا رکندڙ (۽ پرهيزگار) عورتن لاءِ پاڪدامن مردن ۽ پاڪدامن عورتن لاءِ ۽ الله کي گهڻي ياد ڪندڙ مردن ۽ عورتن لاءِ بخشش ۽ وڏو اجر تيار ڪري رکيو آهي. (۳٦) ۽ ڪنهن به مؤمن ۽ مؤمنياڻي لاءِ جائز ناهي تہ جڏهن الله ۽ سندس رسول ڪنهن به ڳالهہ بابت ڪو حڪم صادر ڪن تڏهن هو پنهنجي انهيءَ معاملي ۾ پنهنجي راءِ تي هلن (۽ پنهنجي پسندي ۽ اختيار موجب عمل ڪن) ۽ جيڪو به الله ۽ سندس رسول جي نافرماني ٿو ڪري سو ظاهر ظهور سڌي واٽ ڇڏي پلجي گمراهہ ٿي ويو آهي. (۳۷) ۽ (اي پيغمبر!) ڏس تہ تو انهيءَ (زيد بن حارث) کي

چيو جنهن تي الله بہ احسان ڪيو آهي ۽ تو بہ احسان ڪيو آهي تہ، (اي زيد) پنهنجي زال کي پاڻ وٽ رک (طلاق نہ ڏينس) ۽ الله کان ڊڄ ۽ تو پنهنجي دل ۾ انهيءَ ڳالهہ کي لڪايو پئي جا الله تعاليٰ ظاهر ڪرڻ وارو هو ۽ تون ماڻهن (جي چوڀولن) کان ڊنين پئي، حالانڪ الله ئي هن ڳالهہ جو حقدار آهي تہ تون کانئس ڊڄين (نہ ماڻهن جي اجاين طعنن کان). پوءِ جڏهن زيد باقاعدي (زال کي) طلاق ڏيئي چڪو (۽ عدت گذري ويئي) تڏهن اسان انهيءَ (زال) کي تنهنجي نڪاح ۾ آندو، انهيءَ لاءِ تہ مؤمنن کي پنهنجي گود جي پٽن جي زالن سان نڪاح ڪرڻ ۾ تڪليف يا رندڪ نہ رهي. جڏهن هو انهن کي باقاعدي طلاق ڏيئي چڏي ڏين ۽ الله جو حڪم ضرور عمل هيٺ آڻڻو آهي. (۳۸) نبي سڳوري لاءِ انهيءَ ڳالهہ ۾ ڪا مشڪلات يا رندڪ ڪانهي جنهن متعلق الله تعاليٰ هن جي لاءِ حڪم ڪيو چڏيو آهي. جيڪي ماڻهو اڳي ٿي گذريا آهن. (خصوصاً اهل ڪتاب) تن ۾ بہ اهائي الله جي سنت جاري هئي ۽ (ياد رکو تہ) الله جو حڪم اهڙي فتويٰ آهي جا مناسب قدر ۽ انداز تي بيهاريل آهي. (۳۹) (سڀ پيغمبر الله جا حڪم بجا آڻين ٿا) اهي پيغمبر الله جا پيغام (ماڻهن کي) پهچائين ٿا ۽ الله کان ئي ڊڄن ٿا ۽ الله کان سواءِ ٻئي ڪنهن کان بہ نٿا ڊڄن ۽ الله ئي حساب وٺڻ ۾ ڪافي آهي. (۴۰) حضرت محمد (ﷺ) اوهان جي مردن مان ڪنهن جو بہ پيءُ ناهي. پر هو الله جو (موڪليل) رسول آهي ۽ نبين جي مهر آهي (يعني ڪانئس پوءِ ڪوبہ نبي اچڻو ڪونهي) ۽ (ياد رکو تہ) الله تعاليٰ هر هڪ شيءِ ۽ ڳالهہ جو ڄاڻندڙ آهي.

رڪوع ٦ آيت ۴۱ ـ تا ـ ۵۲

مؤمنن تي الله جي رحمت، طلاق متعلق نيڪ هدايت

(۴۱) اي مؤمنؤ! (هر وقت) خدا کي ياد ڪندا رهو ۽ گهٽو ياد ڪندا رهو (دنيائي ڪاروبار ۾ سندس حڪم ياد رکو ۽ انهن تي عمل ڪيو). (۴۲) ۽ صبح شام سندس پاڪائي ۽ شان بيان ڪندا رهو (يعني هر وقت سندس صفتون ياد رکو ۽ انهن صفتن کي پاڻ ۾ پيدا ڪري انهن موجب عمل ڪيو). (۴۳) اهو ئي (الله) آهي جو اوهان (مؤمنن تي رحمتون ٿو موڪلي ۽ سندس فرشتا بہ دعائون ٿا گهرن تہ اوهان تي رحمتون ٿين. انهيءَ لاءِ تہ الله تعاليٰ اوهان کي (جهل ۽ برائيءَ جي) اونداهہ مان ڪيڙي (علم ۽ نيڪيءَ جي) روشنيءَ ۾ آڻي. الله تعاليٰ مؤمنن جي لاءِ ڏاڍو رحم وارو آهي. (۴۴) جنهن ڏينهن مؤمن الله تعاليٰ سان ملندا تنهن ڏينهن انهيءَ سلام سان کين ڪيڪاريو ويندو تہ "السلام عليڪم" يعني اوهان تي سلامتي هجي، ۽ انهن جي لاءِ وڏو ۽ عمدو اجر تيار ڪري رکيو اٿس. (۴۵) اي نبي (سڳورا) اسان توکي شاهد، خوشخبري ڏيندڙ ۽ خبردار ڪندڙ ڪري موڪليو آهي. (۴۶) ۽ اسان توکي پنهنجي حڪم موجب (ماڻهن کي) الله (جي فرمانبرداري ۽ فضل) ڏانهن سڏيندڙ ڪري موڪليو آهي ۽ روشني پکيڙيندڙ شمع دان ڪري

موڪليو آهي. (٤٧) ۽ (اي پيغمبر!) ايمان وارن کي خوشخبري ٻڌائي ڇڏ تہ هنن تي الله تعاليٰ وڏان وڏو فضل اڇٽو آهي. (٤٨) ۽ (اي پيغمبر!) تون ڪافرن ۽ منافقن جي (بيجا خواهشن ۽ چوٽ تي) نہ لڳ، ۽ اهي جيڪي تڪليفون تو کي ڏين ٿا تن جو خيال ئي نہ ڪر ۽ الله تي ويروسو رک ۽ الله ئي ڪافي ڪارساز آهي. (٤٩) اي ايمان وارؤ! جيڪڏهن توهان مؤمنياڻين سان نڪاح ڪيو ۽ وري ساڻن همبستريءَ ٿيڻ کان اڳ ئي طلاق ڏيئي ڇڏيو تہ پوءِ انهن عورتن جي لاءِ عدت ڪانہ آهي جا توهان کي شمار ڪرڻي پوي. (يعني اُهي عورتون هڪدم ڪنهن ٻئي مؤمن سان نڪاح ڪري سگهن ٿيون. توهان کي چا ڪرڻو آهي) جو هنن کي ڪجهہ مال متاع ڏيو ۽ هنن کي سهڻي نموني ۽ آزاد ڪري ڇڏيو ۽ موڪل ڏيئي ڇڏيو (تہ جڏهن وٽين تڏهن ٻيو نڪاح ڪن). (٥٠) اي نبي (سڳورا) اسان تنهنجي لاءِ اهي زالون حلال ڪيون آهن جن کي تو مهر ڏيئي ڇڏيو آهي، ۽ اهي بہ تو کي حلال آهن جي قيد ٿي آيل ٻانهيون هيون جيڪي الله تعاليٰ تو کي (غنيمت طور) ڏياريون (۽ تو کين آزاد ڪري ساڻن نڪاح ڪيو) ۽ تنهنجون سوٽيون، ڦاٽيون، ماروٽيون ۽ ماساتيون جيڪي توسان گڏ هجرت ڪري آيون آهن سي بہ تو کي حلال آهن ۽ اُها مؤمنياڻي بہ تنهنجي لاءِ حلال آهي جا پاڻ کي پاڻ (خوشيءِ سان) نبي (سڳوري) جي حوالي ڪري ڇڏي جيڪڏهن نبي (سڳورو) ساڻس نڪاح ڪرڻ چاهي. اها (اجازت) خالص تنهنجي لاءِ آهي، نہ ٻين مؤمنن لاءِ. اسان ڄاڻون ٿا تہ ٻين مؤمنن لاءِ سندن زالن متعلق ۽ قيد ٿي آيل ٻانهين متعلق اسان ڪهڙا حڪم ڏنا آهن. (اي پيغمبر تو کي جو خاص اجازت ڏني ويئي آهي سا) هن ڪري تہ تو کي ڪا تڪليف (فرض اداڻين ڪرڻ ۾) پيش نہ اچي ۽ (ياد رک تہ) الله تعاليٰ بخشيندڙ ۽ رحم ڪندڙ آهي. (٥١) (اي پيغمبر! پنهنجي) انهن گهروارين مان جنهن متعلق تون چاهين تنهن جو وارو ٽاري ڇڏ ۽ جنهن کي چاهين تنهن کي (انهيءَ جي بدران) پاڻ وٽ رهاءِ ۽ توتي ڪابہ ميار نہ رهندي، جيڪڏهن تون انهيءَ کي جنهن جو وارو ٽاري ڇڏيو هو ۽ تنهن کي پاڻ وٽ رهڻ جي طلب ڪرين. ممڪن آهي تہ اڻين ڪرڻ سان سندن اکيون ٺرنديون (يعني کين خوشي ٿيندي) ۽ ڏک نہ ٿيندن، ۽ جيڪي بہ تون هنن کي ڏيندين تنهن تي هو سڀ راضي رهنديون ۽ جيڪي بہ اوهان جي دلين ۾ آهي سو الله تعاليٰ خوب ڄاڻي ٿو ۽ الله تعاليٰ سڀ ڪجهہ ڄاڻندڙ آهي (۽ ان سان گڏ) بردبار بہ آهي. (يعني ننڍيون ننڍيون خطائون بخشي ٿو ڇڏي، بشرطيڪ اسان جي دل ۾ نيت چگي آهي.) (٥٢) (اي پيغمبر!) هن کان پوءِ تنهنجي لاءِ ڪابہ عورت (نڪاح لاءِ) حلال ناهي نڪي تو کي جائز آهي تہ انهن جي بدران (يعني انهن کي طلاق ڏيئي) ٻين سان نڪاح ڪرين اگرچہ انهن ٻين جو حسن ۽ خوبيون تو کي بهتر ڏسڻ ۾ اچن. پر جيڪڏهن ڪا ٻانهي تنهنجي حصي ۾ اچي تہ پوءِ اها تنهنجي لاءِ جائز ٿي سگهندي ۽ الله تعاليٰ هر چيز تي نگهبان آهي.

رکوع ۷ آيت ۵۳ ـ تا ـ ۵۸

حضرت جن ۽ سندن حرمن جي عزت

(۵۳) اي مؤمنو! توهان نبي سڳوري جي گهرن ۾ تيستائين نہ گهڙو جيستائين اوهان کي (موکل گهرڻ بعد) موکل ڏني وڃي (اگرچہ اوهان کي ماني جي دعوت ڏنل هجي) ائين نہ ٿئي جو اڳ ئي اچي ماني تيار ٿيڻ تائين ترسي ويهي رهو، پر جڏهن توهان کي (اندر اچڻ لاءِ) سڏيو وڃي تڏهن پلي اندر وڃو، پوءِ جڏهن ماني کائي رهو تڏهن اٿي هليا وڃو ۽ ڳالهين ۾ لهين جي مزيداريءَ لاءِ ويهي نہ رهو. اها ڳالهہ نبي سڳوري کي تڪليف ٿي ڏئي پر هو حياءَ کان توهان کي ڪجهہ نٿو چوي، مگر الله تعاليٰ حق چوڻ کان حياءَ نٿو ڪري ۽ (اي مؤمنو) جڏهن بہ توهان حرمن مبارڪن کان ڪا شيءِ گهرو تڏهن پردي جي پٺيان ويهي گهرو. ائين ڪرڻ سان اوهان جون دليون ۽ هنن جون دليون (خراب خيالن اچڻ کان) پاڪ رهنديون ۽ اوهان جي لاءِ مناسب ناهي تہ توهان الله جي رسول کي (ڪنهن بہ قسم جي) تڪليف ڏيو. نڪي مناسب آهي تہ توهان کائنس پوءِ سندس زالن سان ڪڏهن بہ نڪاح ڪيو. بيشڪ اها ڳالهہ الله تعاليٰ جي نظر ۾ وڏي خراب آهي. (۵۴) (اي مؤمنو حضرت جن ۽ سندس حرمن کي عزت ڏيڻ جي باري ۾) جيڪڏهن توهان ڪجهہ ظاهر ڪيو يا (دلين ۾) لڪايو تہ بہ يقين ڄاڻو تہ الله تعاليٰ هرهڪ شيءِ (۽) هرهڪ ڳالهہ جو علم رکي ٿو (کائنس کا ننڍڙي ڳالهہ بہ ڳجهي نٿي رهي). (۵۵) انهن (حضرت جن جي حرمن مبارڪن) تي ڪو ڏوهہ ڪونهي جيڪڏهن هو پنهنجي پيئرن، پٽن، پائرن، پائٽين، پاٽيجن، پنهنجي (يعني مؤمن) عورتن ۽ پنهنجي ٻانهن ۽ ٻانهين سان (ٻنا پردي جي ڳالهائين.) (اي امهات المؤمنين) الله تعاليٰ کان ڊڄندیون رهو (توهان تي وڏيون جوابداريون آهن، توهان کي خاص طرح ٻين عورتن کان وڌيڪ پرهيزگار رهڻو آهي ۽ ٻين لاءِ مثال ٿيڻو آهي) بيشڪ الله تعاليٰ سڀ ڪجهہ ڏسي رهيو آهي (۽ اوهان جي پرهيزگاري ۽ پاڪائي جي ڪري اوهان کي ٻيڻو اجر ڏيندو). (۵۶) يقيناً الله تعاليٰ ۽ سندس فرشتا نبي سڳوري تي رحمتون موڪلين ٿا. سو اي مؤمنؤ! توهان بہ مٿس درود ۽ سلام موڪليو (۽ وڏي عزت سان کيس سلام ڪيو ۽ دل جي چاهہ سان دعا گهرو تہ الله تعاليٰ مٿس رحمت ڪري ۽ کيس سلامت رکي). (۵۷) بيشڪ جيڪي ماڻهو الله ۽ سندس رسول کي ناراض ڪن ٿا تن تي الله تعاليٰ هن دنيا توڙي آخرت ۾ لعنت وجهي ڇڏي آهي، (يعني دنيا ۽ آخرت جي رحمتن ۽ نعمتن کان محروم رکيو آهي) ۽ هنن جي لاءِ خوار خراب ڪندڙ عذاب تيار ڪري رکيو آهي. (۵۸) ۽ جيڪي ماڻهو مؤمن کي ۽ مؤمنياڻين کي بنا سندن (گناهہ يا ڏوهہ) ڪرڻ جي (ناحق) ايذاءُ پهچائين ٿا ۽ تڪليفون ڏين ٿا سي وڏي بهتان ۽ چٽي پٽي گناهہ جو بار پنهنجي سر تي کڻن ٿا.

رکوع ۸ آيت ۵۹ ـ تا ـ ٦٨

مؤمن زالن لاءِ هدايت، منافقن، لوفرن ۽ باغي ماڻهن کي چتاءُ.

(۵۹) اي نبي پنهنجي زالن، ڌيئرن ۽ مؤمنن جي عورتن کي چئو تہ (ٻاهر نڪرڻ وقت) پنهنجي چادرن سان ڀُڪر هڻن. اهڙيءَ طرح ڪندیون تہ هو آسانيءَ سان سڃاتيون ويندیون. (تہ ڪي شريف مؤمنياڻيون آهن، پوءِ هنن سان ڪا چيڑچاڑ ڪانہ ڪئي ويندي) ۽ ڪين ڪا تڪليف نہ ڏني ويندي ۽ (ياد رکو تہ) الله تعاليٰ بخشيندڙ ۽ رحم ڪندڙ آهي. (٦٠) جيڪڏهن منافق (پنهنجي لچائين کان) ۽ (اهي لوفر بدمعاش) جن جي دلين ۾ روڳ آهي (سي پنهنجي فاحش طريقن کان) ۽ (اهي باغي فسادي ماڻهو) جيڪي مديني ۾ ڪوڙا افواهہ اڀارين ٿا (سي پنهنجي بغاوت کان) باز نہ ايندا تہ اسان توکي هنن جي خلاف اڀارينداسين جو پوءِ هو شهر ۾ تنهنجي ويجهو ڪونہ رهندا پر ڪو ٿورو وقت. (٦١) انهن تي لعنت هوندي ۽ جتي بہ هو ڏٺا ويندا اتي گرفتار ڪيا ويندا ۽ قتل ڪيا ويندا. (٦٢) جيڪي ماڻهو اڳي ٿي گذريا تن ۾ بہ الله تعاليٰ جو اهوئي قانون هو (تہ اهڙن ماڻهن تي آخر ڪار حق وارن جو تسلط ٿيو) توهان الله تعاليٰ جي قانون ۾ ڪابہ ڦيرڦار نہ ڏسندؤ. (٦٣) (اي پيغمبر!) ماڻهو توکان قيامت جي گهڙيءَ بابت پڇن ٿا (تہ ڪڏهن ايندي؟) تون کين چئو تہ، ان جو علم فقط الله کي آهي ۽ ڪهڙي ڳالهہ توکي سمجهائيندي تہ شايد قيامت جي گهڙي ويجهي آهي. (٦٤) (هي منڪر قيامت کي ڪونہ ٿا مڃين، بيباڪ ٿي بدعمل ڪندا ٿا رهن سو) يقين آهي تہ الله تعاليٰ ڪافرن تي لعنت ڪئي آهي ۽ هنن جي لاءِ سخت ڇيي ڪندڙ باهہ تيار ڪري رکي آهي. (٦٥) (اهي) هميشہ ان (باهہ) ۾ رهندا. ۽ انهن کي ڪوبہ بچائڻ وارو ۽ مددگار ڪونہ لهندو. (٦٦)انهيءَ ڏينهن هنن جا منهن باهہ ۾ اونڌا ڪيا ويندا. هو چوندا تہ افسوس اسان جي حال تي. اسان الله تعاليٰ جي فرمانبرداري ڪيون ها، ۽ رسول جي بہ فرمانبرداري ڪيون ها (تہ ڪهڙو نہ ڇگو ٿئي ها). (٦٧) ۽ هو ائين بہ چوندا تہ اي اسان جا پروردگار! اسان سڄ پڄ پنهنجي سردارن ۽ وڏيرن جي چوٽ تي لڳاسين سو هنن اسان کي (سڌي) واٽ کان پڌرڪائي گمراهہ ڪري ڇڏيو. (٦٨) (سو) اي اسان جا پروردگار انهن (وڏيرن) کي ٻيڻو عذاب ڏي، ۽ اهڙي لعنت موڪل جا تمام وڏي ۽ سخت لعنت هجي.

رکوع ۹ آيت ٦٩ ـ تا ـ ٧٣

الله ۽ سندس رسول جي فرمانبرداري ڪيو. انسان امانت جو بار پاڻ کنيو آهي.

(٦٩) اي مؤمنو! انهن (يهودين) وانگر نہ ٿيو جن حضرت موسيٰ کي تڪليفون ڏنيون (يعني نافرمانيون بہ ڪيون ۽ اجايون تهمتون بہ رکيون) پوءِ جيڪي جيڪي انهن (يهودين حضرت موسيٰ جي خلاف) چيو هو تن (تهمتن) کان الله تعاليٰ هن کي بي ميار ثابت ڪيو ۽ هو الله جي

نظر ۾ وڏي شان وارو هو. (۷۰) اي مؤمنو! خدا کان ڊڄو ۽ جيڪا ڳالهه چئو سا سڌي سنئين ۽ پختي هجي (۽ حق ڏي وڻي ويندڙ هجي ۽ سچي). (۷۱) (ائين ڪندؤ تہ) هو اوهان جا عمل اوهان جي لاءِ سنواريندو ۽ درست ڪندو ۽ اوهان جون (اڳوٽيون) خطائون معاف ڪري ڇڏيندو. ۽ (هيءَ حقيقت آهي تہ) جيڪو الله ۽ سندس رسول جي فرمانبرداري ڪري ٿو تنهن عظيم الشان ڪاميابي حاصل ڪئي آهي. (۷۲) اسان آسمانن، زمين ۽ جبلن کي (اسان جي) امانت کڻڻ جي آڇ ڪئي، پر هنن انهيءَ امانت جي بار کڻڻ کان انڪار ڪيو ۽ ان بار کڻڻ کان ڊڄي ويا (تہ متان امانت جي پورائي نہ ڪري سگهون ۽ خدا جي عذاب هيٺ اچون) پر انسان اهو امانت جو بار پنهنجي سر تي کنيو. هو بيشڪ بي انصاف ۽ جاهل آهي. (۷۳) نتيجو هيءُ ٿيو جو (ڪي ماڻهو منافق ۽ مشرڪ ٿي پيا سو) الله تعاليٰ منافق مردن ۽ عورتن کي ۽ مشرڪ مردن ۽ عورتن کي عذاب ڏيندو ۽ الله تعاليٰ مؤمن ۽ مؤمنياڻين ڏي (پنهنجي رحمت جي) موت ڪندو ۽ (ياد رکو تہ) الله تعاليٰ بخشيندڙ ۽ رحم ڪندڙ آهي.

سورت سَبَا

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي.

رکوع ۱ آيت ۱ ـ تا ـ ۹

هر عمل جو نتيجو ضرور ظاهر ٿيڻو آهي.

(۱) سڀ ساراهه الله جي لاءِ آهي جنهن جي قبضي ۾ اهو سڀ ڪجهه آهي جيڪي آسمانن ۾ آهي ۽ جيڪي زمين ۾ آهي ۽ آخرت ۾ به حمد ۽ ثنا انهيءَ ئي جي لاءِ آهي ۽ هو وڏي حڪمت وارو ۽ سڀ خبر رکندڙ آهي. (۲) جيڪي جيڪي زمين ۾ داخل ٿئي ٿو ۽ جيڪي جيڪي ان مان نڪري ٿو ۽ جيڪي آسمان مان نازل ٿئي ٿو ۽ جيڪي ان ڏانهن چڙهي وڃي ٿو سو سڀ الله تعاليٰ ڄاڻي ٿو. ۽ هو ڏاڍو رحم وارو ۽ بخشڻهار آهي. (۳) جن ڪفر جي وات اختيار ڪئي آهي سي چون ٿا تہ (عذاب ۽ شڪست جي) گهڙي اسان جي مٿان ڪانہ ايندي. (اي پيغمبر!) تون کين _ زوردار لفظن ۾) ٻڌائي ڇڏ تہ قسم آهي منهنجي پروردگار جو تہ اها گهڙي ضرور ايندي (قسم آهي انهيءَ پروردگار جو جيڪو) غيب جو علم رکندڙ آهي. هن کان ڪا به چيز ڳجهي ناهي اگرچہ ڪو ذرڙو آسمانن ۾ يا زمين ۾ (لکل) هجي ۽ ان کان به ننڍو هجي يا وڏو هجي تہ اهو ذرڙو به (الله جي) چٽي چٽي ڪتاب ۾ (چٽي طرح لکيل) آهي. (٤) (هرهڪ ڳالهه ۽ عمل خدا جي ڪتاب ۾ لکيل آهي) انهيءَ لاءِ تہ جيڪي ماڻهو (حقيقتن تي) ايمان آڻين ٿا ۽ (انهن موجب) صالح عمل ڪن ٿا، تن کي الله تعاليٰ نيڪ بدلو (۽ نعمتون) ڏئي. اهي ئي آهن جن جي لاءِ (خدا وٽان) بخشش آهي ۽ شاندار رزق آهي.

(۵) پر اهي ماڻهو جيڪي اسان جي نشانين ۽ حڪمن جي مخالفت ڪري اسان کي عاجز ڪرڻ جي ڪوشش ٿا ڪن (سي هرگز اسان جي ارادن کي روڪي نه سگهندا. اٽلندو پاڻ تباهه ٿيندا) اهي ئي آهن جن جي لاءِ سخت دردناڪ ۽ خوار خراب ڪندڙ سزا جو عذاب اڇٽو آهي. (۶) ۽ جن ماڻهن کي علم ڏنو ويو آهي سي چٽائيءَ سان ڏسن ٿا ته جيڪي تنهنجي پروردگار وٽان نازل ٿيو آهي (يعني قرآن) سوئي حق آهي ۽ (يقين سان ڄاڻن ٿا ته) هو (قرآن) انهيءَ خدا جي (سڌي) واٽ ڏيکاري ٿو جو وڏي غلبي ۽ قدرت وارو آهي ۽ سيني اعليٰ صفتن سان ڪامل طرح موصوف آهي. (۷) جن ڪفر جو طريقو اختيار ڪيو آهي سي (ٽوڪ وانگر ٻين کي يا هڪ ٻئي کي) چون ٿا ته، اسان توهان کي اهڙو ماڻهو ڏيکاريون جيڪو چوي ٿو ته، جڏهن توهان (مرڻ بعد) ڳري سڙي ذرڙا ذرڙا ٿي ويندؤ تڏهن توهان کي وري نئين سر پيدا ڪري اٿاريو ويندو؟ (۸) (اهي ڪافر هيئن به چون ٿا ته، انهيءَ ماڻهو يعني حضرت محمد ﷺ) خدا تي ڪوڙو ٺاهه ٺاهيو آهي يا جنن جو اثر پيو اٿس؟ (۽ چريائي ۾ اهڙيون ڳالهيون پيو ڪري؟) هرگز نه! حقيقت هيءَ آهي ته جيڪي ماڻهو آخرت ۾ ايمان نٿا رکن (۽ نٿا سمجهن ته بدعملن جو نتيجو ضرور بد ئي نڪرندو) سي ئي ماڻهو عذاب ۾ گرفتار آهن ۽ وڏي سخت گمراهيءَ ۾ (غلط واٽ تي) دور نڪري ويا آهن. (۹) ڇا اهي (ڪافر) نٿا ڏسن ته آسمان ۽ زمين جون (ڪهڙيون ڪهڙيون قدرتون ۽ قانون ۽ عجائبات) سندن اڳيان ۽ پٺيان ظاهر پيا آهن. جيڪڏهن اسان چاهيون ته ڪين زمين ۾ پوري ڇڏيون يا آسمان مان مٿن هڪڙي ڇپ ڪيرايون. بيشڪ هن (ڪائنات جي قدرتن) ۾ انهن سيني ٻانهن لاءِ وڏي نشاني آهي، جيڪي (الله ڏي) رجوع ٿين ٿا.

رڪوع ۲ آيت ۱۰ ـ تا ـ ۲۱

دنياوي ترقي ۽ هنر وغيره به خدا جو فضل آهي.

(۱۰) ۽ هي حقيقت آهي ته اسان حضرت داؤد کي پنهنجي فضل سان نوازيو. اي جبلو ۽ اي پکيو! توهان به ساڻس گڏ الله جون صفتون ڳايو ۽ اسان هن جي لاءِ لوهه کي نرم ڪري ڇڏيو. (۱۱) (اسان حضرت داؤد کي حڪم ڏنو ته انهيءَ لوهه مان) زرهون ٺاهه ۽ زنجيردار زرهن جي ڪڑين کي پوري انداز تي بيهار (ته جنگي جوڌا انهن کي آسانيءَ سان پهري سگهن ۽ ظالم دشمنن جو مقابلو ڪن) ۽ (اي داؤد جا ماڻهو) سڀ ڪم ڪيو (ته زرهون سڀيون ۽ سهوليت واريون ٿين) يقين رکو ته جيڪي جيڪي توهان ڪيو ٿا سو مان ڇڪيءَ طرح ٿو ڏسان. (۱۲) ۽ حضرت سليمان جي لاءِ هوا (کي سندس تابع ڪيوسين، يعني هوا کان ڪم وٺڻ ۽ ان جي وسيلي سڙهن سان جهاز راني ڪرڻ جو هنر سيکاريو) انهيءَ هوا جو صبح وارو پنڌ ۽ شام وارو پنڌ هڪ مهيني جي (پيادل) مسافريءَ جي برابر هو. (يعني جهاز ۾ پهرن جي اندر پيادل مسافرن جي هڪ مهيني جي مسافري جيترو مفاصلو لتاڙي ويندا هئا). ۽ اسان هن جي لاءِ

پگھريل پتل جو چشمو وهائي ڇڏيو، (جنهن مان برتن وغيره ٺهڻ لڳاءِ الله جي حڪم سان جنن مان ڪي سندس اڳيان ڪم ڪندا هئا. ۽ (انهن مان) جنهن ۾ اسان جي حڪم کان منهن ٽي موڙيو تنهن کي جهيي ڪندڙ باهه جو عذاب ٽي چکايوسين. (۱۳) (اهي جيڪي حضرت سليمان لاءِ) اهڙيءَ طرح ڪم ڪندا هئا جيئن هو چاهيندو هو ۽ عمارتون ۽ مورتون ۽ تلاون جيڏا حوض ۽ هڪ هنڌ ڪتل ديڳيون ٺاهيندا هئا. اي آل داؤد (خدا جي) شڪرگذاري ڪندي ڪم ڪندا رهو، پر منهنجي ٻانهن مان ڪي ٿورا آهن جيڪي شڪرگذار ڪن ٿا (گهٽا ۾ اهڙا آهن جي خدا جي ڏنل نعمتن جسم، دل، دماغ ۽ فطرت جي شين کان پورو ڪم نٿا وٺن). (۱٤) پوءِ جڏهن اسان هن (حضرت سليمان) تي موت جو حڪم صادر ڪيو تڏهن ڪنهن ۾ شيءِ هنن (جنن) کي سندس موت جي خبر نه ڏني، سواءِ هڪڙي زميني جيت جي جو سندس لٺ کي (هوريا هوريان) کائي رهيو هو. پوءِ جڏهن (لٺ کاڄي وڃڻ جي ڪري لٺ جو سهارو وڃائي) حضرت سليمان ڪري پيو، تڏهن جنن کي معلوم ٿيو ته، (هو گذاري ويو آهي ۽) جيڪڏهن انهن کي غيب جي خبر هجي ها ته هن خوار خراب ڪندڙ عذاب ۾ نه ترسن ها (۽ پڇي وڃن ها). (۱۵) سبا جي ماڻهن لاءِ خود سندن گهرن ۾ ڳوٺن ۾ وڏي نشاني هئي. (سندن رستن ۾ واهن جي ٻنهي پاسن تي هر هنڌ) ۾ باغ هئا. هڪڙو ساڄي پاسي ۽ ٻيو کٻي پاسي، (هنن کي الله تعاليٰ وٽان ارشاد مليل هو ته) پنهنجي پروردگار جي رزق مان کائو پيئو ۽ سندس شڪرگذاري ڪيو (يعني سندس نعمتون ورهائڻ ۾ ٻين ماڻهن سان عدل ۽ احسان ڪيو) اهو ڏاڍو سهڻو، آباد ۽ آسودو ملڪ هو ۽ (سندن) پروردگار (هنن جون خطائون) بار بار بخشيندڙ هو. (۱٦) پر پوءِ هنن (خدا جي حڪمن کان) منهن موڙيو تنهن ڪري اسان هنن جي مٿان وڏي ٻوڏ عرم واري موڪلي ۽ سندن ٻن (قطارن وارن) باغن کي ڦيرائي اهڙا ۾ باغ ڪياسين جن ۾ ڪوڙا ڦل، ليون ۽ ننڍڙيون بيڪار ٻيريون وڃي رهيون. (۱۷) اهو هو هنن جو عيوضو جو اسان کين سندن بي شڪريءَ جي ڪري ڏنو ۽ اهڙي سزا اسان فقط انهن کي ڏيندا آهيون جيڪي بي شڪر ٿيندا آهن (۽ اسان جون نعمتون خراب طرح ڪم آڻي ظلم ڪندا آهن.) (۱۸) (ٻي نعمت اسان مٿن هيءَ ڪئي هئي جو) هنن ۽ (شام ملڪ جي) شهرن جن تي اسان برڪتون ڪيون هيون جي وچ ۾ گهٽائي شهر آباد ڪيا هئا جي (هڪ ٻئي کي ويجهو) ڏسڻ ۾ ايندا هئا ۽ انهن جي وچ ۾ (مناسب مفاصلن تي) اسان منزلون مقرر ڪري ڇڏيون هيون. (سبا جي ماڻهن کي اسان ارشاد ڪيو هو ته) انهن جي وچ ۾ رات جي وقت توڙي ڏينهن جي وقت امن امن سان مسافريون ڪيو (۽ واپار وڏايو). (۱۹) هنن (خود غرض نياڳن اگهن چاڙهڻ لاءِ يا ڪنهن ٻي ظلم واري نيت سان) چيو ته اي اسان جا پروردگار اسان جي مسافرين جي منزلن جو مفاصلو ڊگهو ڪري ڇڏ (حقيقت ۾ ائين ڪرڻ سان) هنن پاڻ تي ظلم ڪيو (۽ پاڻ کي نقصان رسايو) سو اسان هنن کي (برباد ڪري پوين لاءِ هنن جا) افسانا ۽ ڪهاڻيون ڪري ڇڏيون سين. ۽ اسان هنن کي ٽڪرا

ٽڪرا ڪري ڪنڊيڙي ڇڏيو. بيشڪ انهيءَ معاملي ۾ سيني صبر ڪندڙن، ثابت قدم رهندڙن ۽ شڪر ڪندڙن لاءِ وڏيون نشانيون آهن. (۲۰) ۽ ابليس پنهنجو خيال هنن جي حالت ۾ سچو ثابت ڪري ڏيکاريو جو هنن سندس تابعداري ڪئي (۽ تباهه ٿي ويا) فقط مؤمنن جي هڪڙي جماعت سندس تابعداري نه ڪئي. (۲۱) ۽ هن (ابليس) کي ماڻهن جي مٿان ڪا حڪومت يا اختياري ڪانه هئي. اسان کي فقط هي ڏسڻو آهي ته ڪير آخرت ۾ ايمان ٿو رکي (۽ آخرت لاءِ نيڪ عمل ٿو ڪري) ۽ ڪير آخرت بابت شڪ ۾ آهي (۽ شيطان جي چوڻ تي لڳي بدعمل ٿو ڪري) ۽ (اي پيغمبر ياد رک ته) تنهنجو پروردگار ته هر چيز تي نگاهه رکندڙ آهي.

رڪوع ۳ آيت ۲۲ ـ تا ـ ۳۰

هرڪو پنهنجي عملن لاءِ جوابدار آهي. الله تعاليٰ انصاف سان فيصلو ڪندو.

(۲۲) (اي پيغمبر تون مشرڪن کي) چئو ته جن کي توهان الله تعاليٰ کان سواءِ (ديوتائون ڪري) ٿا سمجهو تن کي پڪاري ته ڏسو. اهي نه آسمانن ۾ توڙي زمين ۾ تر جيترو اختيار به نٿا رکن، نڪي انهن خدائن جو زمين ۽ آسمان ۾ ڪو حصو آهي. نڪي انهن مان ڪو (دنيا جي ڪارخاني هلائڻ ۾) الله جو ڪو مددگار آهي. (۲۳) ۽ (ياد رکو ته) الله وٽ شفاعت يا سفارش ڪم نه ايندي، پر انهيءَ لاءِ سفارش ڪم ايندي جنهن لاءِ خدا پاڻ سفارش ڪرڻ جي اجازت ڏينڊو. تان جو جڏهن هنن ماڻهن جي دلين مان هراس (ڪجهه قدر) گهٽ ٿيندو تڏهن هڪ ٻئي کان پڇندا ته توهان جي پروردگار ڪهڙو فيصلو ۽ حڪم ڏنو آهي. هو جواب ۾ چوندا ته، الله تعاليٰ حق ۽ انصاف جو فيصلو ڏنو آهي ۽ هو سيني کان اعليٰ ۽ سيني کان وڏو آهي. (۲٤) (اي پيغمبر تون هنن مشرڪن کان) پڇ ته آسمانن ۽ زمين مان ڪير ٿو توهان کي (روحاني جسماني) رزق پهچائي؟ تون ئي کين ٻڌائي ڇڏ ته الله ئي ٿو پهچائي ۽ (هي به ٻڌائين ته) يا اسان سڏي وات تي آهيون يا توهان، ۽ يا اسين چٽيءَ گمراهيءَ ۾ آهيون يا توهان. (اسان جون واڻون هڪ ٻئي جي ابتڙ آهن. سو ضرور انهن مان هڪ هوندي سڏي ته ٻي هوندي ڦڏي). (۲۵) (۽ کين) ٻڌائي ڇڏ ته جيڪڏهن اسان گناهه جا ڪم ٿا ڪيون ته اوهان کان انهن بابت پڇاڻو ڪونه ڪيو ويندو. نڪي اوهان جي عملن بابت اسان کان پڇاڻو ڪيو ويندو (هرڪو پنهنجي عملن لاءِ ذميوار آهي ۽ هرڪو پنهنجي عملن جو نتيجو پوڳيندو). (۲٦) (کين هي به) چئي ڇڏ ته، اسان جو پروردگار اسان سيني کي (اسان کي ۽ اوهان کي) هڪ هنڌ آڻيندو ۽ پوءِ اسان جي وچ ۾ حق ۽ انصاف سان فيصلو ڏينڊو ۽ (ياد رکو ته) هو ئي آهي جو فيصلو ڏيندڙ آهي (نه ڪو ٻيو) ۽ هو ئي آهي جو سڀ ڪجهه ڄاڻندڙ آهي. (۲۷) (اي پيغمبر تون کين هي به) چئو ته مون کي اُهي ڏيکاريو ته سهي جن کي توهان شريڪ ٺهرائي خدا سان ڳنڍيو آهي. توهان هرگز ڏيکاري نه سگهندؤ. حقيقت هيءَ آهي ته فقط اهو ئي هڪ خدا

آهي جو وڏي طاقت وارو ۽ وڏي حڪم وارو آهي. (۲۸) (اي پيغمبر!) اسان تو کي سيني ماڻهن لاءِ (جيڪي قيامت تائين پيدا ٿيندا رهندا) پيغمبر ڪري موڪليو آهي انهيءَ لاءِ ته تون (نيڪ عملن ڪندڙن لاءِ ڪاميابي ۽ جنت جي) خوشخبري ڏئين ۽ (بدعمل ڪندڙن کي عذاب ۽ تباهيءَ کان) خبردار ڪرين. پر (افسوس جو) گهڻا ماڻهو اها ڳالهه نٿا سمجهن. (۲۹) ۽ اهي (منڪر) چون ٿا ته جيڪڏهن توهان مسلمان سچ ٿا چئو (ته مؤمن ڪامياب ٿيندا ۽ منڪر تباهه ٿيندا) ته پلا ٻڌايو ته، ڪڏهن اهو واعدو ظهور ۾ ايندو؟ (يعني ڪڏهن منڪر تباهه ٿيندا؟) (۳۰) (اي پيغمبر! کين) جواب ڏي ته توهان جي لاءِ اهو ڏينهن مقرر ڪيل آهي جنهن کي توهان هڪڙي گهڙي به پوئتي ڪري نه سگهندؤ، نڪي هڪڙي گهڙي اڳي آڻي سگهندؤ.

رکوع ٤ آيت ۳۱ ـ تا ـ ۳٦

سرمائيدار ۽ سردار نه رڳو پاڻ حق جي مخالفت ڪندا آهن پر پين کي به حق کان پري رکندا آهن.

(۳۱) جن ڪفر اختيار ڪيو آهي سي چون ٿا ته اسان نڪي هن قرآن تي ايمان آڻيندا سين، نڪي کنهن ٻئي ڪتاب تي جو ان کان اڳي (آيو) هجي ۽ (اي پيغمبر!) جيڪڏهن تون هنن ظالمن کي انهيءَ وقت ڏسين جڏهن کين سندن پروردگار جي اڳيان ڪڙو ڪيو ويندو (ته جيڪر ڏاڍي عجيب حالت ڏسين) اهي هڪ ٻئي تي (پنهنجي ڪفر ۽ انڪار جو) ڏوهه ٿڪيندا. (مثلاً چا ٿيندو جو) ڪمزور (مسڪين ماڻهو جن کي وڏا ماڻهو ڏڪاريندا هئا) هنيلن وڏن ماڻهن کي چوندا ته جيڪڏهن توهان نه هجو ها (۽ اسان کي نه برغلايو ها) ته اسان ضرور (قرآن تي) ايمان آڻيون ها. (۳۲) وڏا ماڻهو وري ڪمزورن (مسڪينن) کان پڇندا ته جڏهن توهان وٽ (قرآني) هدايت اچي چڪي هئي تڏهن اسان توهان کي انهيءَ هدايت (واري واٽ ونڻ) کان روڪيو هو چا؟ هرگز نه! هيءَ حقيقت آهي ته توهان جوئي قصور هو (جو توهان حق جي واٽ اختيار نه ڪئي). (۳۳) ڪمزور (مسڪين ماڻهو) هنيلن وڏن ماڻهن کي (وري) چوندا ته توهان رات ڏينهن (اسان کي برغلائڻ لاءِ) منصوبا ٺاهيندا هئو. ڏسو توهان اسان کي هميشه حڪم ڪندا هئو ته، الله کي مڃڻ کان انڪار ڪيو ۽ ساڻس شريڪ ٺهرايو (پوءِ ٻئي ڏريون) پشيماني لڪائيندیون، جڏهن عذاب کي پنهنجي اکين آڏو ڏسندا (پر ان وقت پشيماني ڪم نه ايندي). جن ماڻهن ڪفر جي واٽ اختيار ڪئي هئي تن جي ڳچين ۾ اسان ڳٽ وجهنداسين. جيڪي عمل هنن ڪيا هئا تن کان گهٽ يا وڌ بدلو کين ملندو چا؟ (نه نه، جهڙا عمل ڪيا هئائون تهڙوئي بدلو ملندن). (۳٤) ۽ جڏهن به اسان کنهن شهر ۾ ڪو خبردار ڪندڙ (پيغمبر) موڪليو تڏهن انهيءَ شهر جي دولتمندن کين چئي ڏنو ته جيڪو حڪم ۽ پيغام ڪٽي آيا آهيو تنهن کي اسان مڃڻ وارا ڪونه آهيون. (۳۵) ۽ (اهي دولتمند کين) چوندا ته، اسان ڏن ۽ دولت ۾ ۽ اولاد (۽ نوڪرن وغيره) ۾ (اوهان کان)

وڌيڪ آهيون سو (اوهان اسان کي چا ڪري سگهندا) اسان تي ڪابہ تڪليف يا عذاب ڪونہ ايندو. (٣٦) (اي پيغمبر! تون ڪين) چئو تہ، (دولت ۽ اولاد تي پروسو نہ ڪيو. الله تعاليٰ اوهان کان سپ ڪجھ ڪسي ٿو سگهي) بيشڪ منهنجو پروردگار جنهن لاءِ چاهي ٿو تنهن لاءِ رزق ڪشادو ڪري ٿو ۽ جنهن لاءِ چاهي ٿو تنهن لاءِ تنگ ڪري ڇڏي. پر گهڻا ماڻهو (اها حقيقت) نٿا ڄاڻن (تنهن ڪري ئي هو دولت هٿ ڪرڻ لاءِ گناهہ ۽ ظلم جا ڪم ٿا ڪن ۽ خدا جي حڪمن تي نٿا هلن).

رڪوع ٥ آيت ٣٧ ـ تا ـ ٤٥

رزق ڪشادو ڪندڙ الله تعاليٰ آهي، سو الله جي راهہ ۾ خرچ ڪيو.

(٣٧) ۽ توهان جي دولت ۽ اولاد توهان کي هڪڙو قدم بہ اسان جي ويجهو نہ آڻيندو، پر (خدا کي ويجهو اهو ايندو يعني امن امان واري زندگي اهو ماڻيندو) جو حق تي ايمان آڻيندو ۽ نيڪ عمل بہ ڪندو. اهڙائي ماڻهو آهن جن جي لاءِ سندس عملن جي بدلي ۾ پيڙو انعام ملندو ۽ هو متين ماڙين ۾ امن امان سان رهندا. (٣٨) ۽ جيڪي ماڻهو اسان جي آيتن ۽ حڪمن جي خلاف ڪوشسون ٿا ڪن (۽ اسان جي رٽن کي ناڪامياب ڪرڻ جي ڪوشش ٿا ڪن سي هرگز ڪامياب ڪونہ ٿيندا) اهي حاضر ڪري عذاب ۾ وڌا ويندا. (٣٩) (اي پيغمبر) تون ماڻهن کي چئو تہ، يقيناً منهنجو پروردگار ئي پنهنجي ٻانهن مان جنهن لاءِ چاهي ٿو تنهن لاءِ رزق ڪشادو ڪري ٿو ۽ جنهن لاءِ چاهي ٿو تنهن لاءِ تنگ ڪري ٿو ڇڏي. (٤٠) ۽ ڪنهن ڏينهن الله تعاليٰ هنن سيني کي گڏ ڪندو ۽ پوءِ ملائڪن کان پڇندو تہ هي ماڻهو اوهان ملائڪن جي عبادت ڪندا هئا چا؟ (٤١) ملائڪ جواب ڏيندا تہ (اي خدا!) پاڪائي هجي تنهنجي لاءِ، تون ئي اسان جو ڪارساز آهين، نہ هي ماڻهو. حقيقت هيءَ آهي تہ هو جنن (يعني شيطانن يا حرص هوسن) جي پوڄا ڪندا هئا. انهن مان گهڻا ماڻهو انهن شيطانن ۾ ايمان رکندا هئا. (٤٢) سو انهيءَ ڏينهن انهن ۾ اها طاقت ڪانہ هوندي جو هڪڙا ٻين کي نفعو يا نقصان پهچائي سگهن. ۽ اسان ظالمن کي چونداسين تہ (هاڻي) انهيءَ باهہ جو عذاب چکو جنهن متعلق توهان کونہ مڃيندا هئو. (تہ ڪو اسان باهہ جي عذاب ۾ رهنداسين). (٤٣) ۽ جڏهن هنن کي چٽيون آيتون پڙهي ٻڌايون وڃن ٿيون تڏهن هو چون ٿا تہ هي اهو ماڻهو آهي جو چاهي ٿو تہ جن جي پوڄا اوهان جا ابا ڏاڏا ڪندا هئا تن کان اوهان کي روڪي ۽ پڙ چون ٿا تہ هي (قرآن) ڪجھ بہ ناهي سواءِ هن جي تہ هٿرادو ٺاهيل ڪوڙ آهي ۽ جڏهن حق هنن وٽ پهچي تو تڏهن ڪافر انهيءَ بابت چون ٿا تہ هي ڪجھ ناهي سواءِ هن جي تہ چٽو پٽو جادو آهي. (٤٤) ۽ (حقيقت هيءَ آهي تہ) هنن (قريشن) کي اسان کي ڪتاب ڪونہ ڏنا هئا جن کي هو پڙهن، نڪي اسان هنن ڏي تو ڪان اڳي ڪو خبردار ڪندڙ (پيغمبر) موڪليو هو. (٤٥) هنن قريشن کان اڳي جيڪي قومون ٿي گذريون آهن، (عاد، ثمود وغيره) تن بہ (حق جي پيغام کي) ڪوڙائي ڇڏيو هو. جيڪا (دولت، هنر، طاقت وغيره) اسان انهن کي ڏني هئي تنهن

جي ڏهين پتي ۾ هنن (قريشن) کي ڪاڻ ملي آهي. تنهن هوندي ۾ جڏهن هنن اسان جي رسولن کي ڪوڙو ٺهرايو ۽ نہ مڃيو تڏهن ڏسو تہ اسان هُنن کي ڪهڙي نہ سخت سزا ڏني.

رڪوع ٦ آيت ٤٦ ـ تا ـ ٥٤

حضرت جن جي سچائيءَ جا دليل، منڪرن جي حالت ڪهڙي ٿيندي.

(٤٦) (اي پيغمبر تون انهن منڪرن کي) چئو تہ، مان توهان کي فقط نصيحت ٿو ڏيان تہ توهان خالص خدا جي واسطي (بنا خود غرضي ۽ تڪبر جي اڳين جميل خيالن کي ٿوري وقت لاءِ پاسي ڪري) اٺي ڪڙا ٿيو ۽ ۽، يا هڪ هڪ پوءِ (پين کان جدا ٿي) غور ۽ فڪر ڪيو. (توهان سمجهي ويندؤ تہ) توهان جو رفيق (يعني پيغمبرﷺ) هرگز مجنون ناهي (توهان چاليهہ سال هن جو سالم هوش ۽ تهذيب واري روش ڏٺي آهي) هو تہ فقط توهان کي خبردار ٿو ڪري تہ (جيڪڏهن سڌيءَ واٽ ڏي نہ موٽندؤ تہ) سخت عذاب اڃهو، کي اجهي آيو. (٤٧) (اي پيغمبرﷺ! تون کين هي ۽) چئو تہ مان توهان کان ڪو اجورو يا عيوضو تہ ڪونہ ٿو گهران (مان تہ اٽلندو توهان جي لاءِ تڪليفون ٿو وٺان. جيڪي مان پڌايان ٿو) اهو سڀ اوهان جي ئي فائدي لاءِ آهي. منهنجو اجر يا مزوري تہ فقط الله تعاليٰ جي ذمي آهي ۽ هو سڀ ڪجهہ ڏسي ٿو. (٤٨) (اي پيغمبر ٽيون دليل هيءُ) پڌاءِ تہ يقيناً منهنجو پروردگار حق ٿو سيکاري ۽ حق کي غالب ٿو ڪري سڀ لکل ڳالهيون هو تمام چگيءَ طرح ڄاڻي ٿو. (٤٩) (اي پيغمبر! تون منڪرن کي) چئو تہ، حق اچي ويو آهي (۽ غالب پوندو ٿو وڃي ۽ ان مان ڪجهہ نٽيجا پيدا ٽيندا ٽا وڃن) پر باطل (کاڀ ڇگائي) نئين طرح پيدا نٽوڪري، نڪي (کا گم ٽيل ڇگائي) موٽائي ٿو آڻي. (٥٠) (اي پيغمبر! پڇاڙيءَ ۾ هي ۽) چئو تہ، جيڪڏهن مان ڀليل آهيان تہ منهنجي گمراهيءَ جو وبال فقط مون تي پوندو. پر جيڪڏهن مان سڌيءَ واٽ تي هلي رهيو آهيان تہ اهو انهيءَ ڪري آهي جو منهنجو پروردگار مون ڏي وحي ٿو موڪلي (۽ مان ان موجب عمل ٿو ڪيان). يقيناً هو سڀ ڪجهہ ٻڌندڙ آهي ۽ (هر وقت) ويجهو آهي. (٥١) ۽ (ڏاڍو عجب ڪائين) جيڪڏهن تون (اها حالت) ڏسين جڏهن (ڪافر) هراس ۾ ڏڪندا ۽ ٽڙڪندا، پوءِ (هنن لاءِ) ڀڄي ڇٽڻ جي ڪاڀ واٽ ڪاڻ هوندي ۽ هن کي ويجهي ۾ ويجهي جاءِ مان پڪڙيو ويندو. (٥٢) ۽ (انهيءَ وقت) هو چوندا تہ اسان (هاڻي) ان تي ايمان آڻندو آهي پر ڪيئن هو موٽ ڪائي دوريءَ واري جاءِ تان ايمان کي وٺي سگهندا. (٥٣) جڏهن تہ هنن منڊئون (حق کي قبول ڪرڻ کان) قطعي انڪار ڪري ڇڏيو هو ۽ پري کان غيب جي حقيقتن بابت بيهودي بکواس ڪندا هئا. (۽ ڪوڙيون تهمتون ڏريندا هئا). (٥٤) ۽ هنن جي ۽ هنن جي خواهشن جي وچ ۾ ديوار کڙي ڪئي ويندي (يعني هنن جي کاڀ خواهش پوري ڪاڻ ٽيندي، هو نامراد رهندا) جهڙيءَ طرح اڳي هنن جي طرفدارن (يعني هنن جهڙن ڪافرن) سان ڪيو ويو هو (يعني جيئن اڳوڻين ڪافر قومن کي ۾ نامراد ۽ تباهہ ڪيو ويو هو). بيشڪ اهي (۾ هنن وانگر) شڪ شبهن ۾ منجهي ويا هئا.

سورت فَاطِر

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي.

رکوع ۱ آيت ۱ ـ تا ـ ۷

رزق ڏيندڙ الله آهي، تنهن کري انهيءَ مهربان مولا جي حڪمن تي ئي عمل کرڻ گهرجي.

(۱) سڀ ساراهه انهيءَ الله جي آهي، جنهن (عدم مان) آسمان ۽ زمين پيدا کيا، جنهن ملائڪن کي، جن کي ٻہ ٻہ، ٽي ٽي ۽ چار چار ڪنڀڙاڻيون آهن. پنهنجا قاصد بنايو. هو خلقت ۾ جيئن چاهي ٿو تيئن واڌارو ڪندو ٿو رهي. بيشڪ الله تعاليٰ هر چيز تي قادر آهي. (۲) الله تعاليٰ پنهنجي رحمت مان جيڪي انسانن لاءِ عطا ڪري ٿو تنهن کي کوبہ روڪڻ وارو ڪونهي، ۽ جيڪي (نعمتون) هو روڪي ٿو ڇڏي سي ڪائنس سواءِ ٻيو کوبہ ڏيئي نٿو سگهي. ۽ هو وڏي طاقت رکندڙ ۽ وڏي حڪمت وارو آهي. (۳) اي انسانؤ! ياڻ تي الله جون نعمتون ۽ احسان ياد رکو (۽ ڏسو تہ) الله کانسواءِ ٻيو ٻہ کو خالق آهي ڇا؟ جو اوهان کي آسمان ۽ زمين مان رزق (کاڌو پيتو وغيره توڙي وحي حڪمت وغيره) ٿو پهچائي (نہ، ٻيو کوبہ ڪونہ ٿو پهچائي) هن کانسواءِ ٻيو کوبہ معبود ڪونهي، پوءِ توهان (ڪيئن حق جي واٽ ڇڏي) ڪاڏي جو ڪاڏي ٻڌکي رهيا آهيو؟ (٤) ۽ (اي پيغمبر!) جيڪڏهن هي ماڻهو توکي ڪوڙو ڏهرائي نٿا مجين تہ (تون مايوس نہ ٿيءُ) تو کان اڳي ٻہ رسولن کي (گهٽ ئي) ماڻهن نہ مڃيو هو ۽ (ياد رک تہ) آخر سڀ ڳالهيون سندس ئي طرف فيصلي لاءِ موٽايون ويندیون. (۵) اي انسانو! يقين ڄاڻو تہ الله جو واعدو (تہ مؤمن ڪامياب ٿيندا ۽ غالب پوندا ۽ منڪر شڪست ڪائيندا ۽ تباهه ٿيندا) سچو آهي (۽ ضرور سچو ثابت ٿيندو) تنهن کري دنيا جي ويجهي زندگيءَ تي (يعني بي سمجهه ٻارن وانگي ترت فائدي يا خوشيءِ تي) ٻيلجي نہ وڃو (مستقبل جو خيال رکو ۽ ڏسو تہ ان ڪم ۾ پوءِ فائدو آهي يا نقصان). (۽ ڏسو) متان (اوهان جو دشمن) شيطان اوهان کي (مهربان) الله بابت ڦڪي ڇڏي (۽ اوهان کي ڪنڌ ۾ ڪيرائي). (٦) يقين ڄاڻو تہ شيطان اوهان جو دشمن آهي، سو توهان ٻہ هن کي دشمن ڪري سمجهو (۽ سندس چوڻ تي نہ لڳو) هو تہ پنهنجي پوئلڳن کي فقط انهيءَ لاءِ ٿو سڏي تہ هو سخت ڇيڀي ڪندڙ باهه ۾ پون. (۷) جيڪي ڪفر جي واٽ ٿا وٺن (يعني خدا جي مفيد حڪمن تي عمل ڪرڻ بدران شيطان جي فريب ۾ اچي بدعمل ٿا ڪن) تن جي لاءِ سخت عذاب هوندو، ۽ جيڪي (الله تي) ايمان ٿا رکن ۽ صالح عمل ٿا ڪن تن جي لاءِ (خدا وٽان) بخشش ۽ وڏو اجر هوندو.

رکوع ۲ آيت ۸ ـ تا ـ ۱٤

جيڪو ماڻهو بدعمل کي ڀ چگو ٿو سمجهي سو سڏري ڪونہ سگهندو.

(۸) پوءِ اهو ماڻهو جنهن جي عملن جي برائي ڪيس خوبصورت ڏسڻ ۾ اچي ٿي ۽ پوءِ ان برائيءَ کي چگائي ٿو سمجهي (سو ماڻهو نيڪ عمل ڪندڙ جي برابر ٿي سگهي ٿو چا؟ نہ، هرگز نہ) الله تعاليٰ جنهن کي چاهي ٿو تنهن کي گمراهہ ڪري ٿو ڇڏي ۽ جنهن کي چاهي ٿو تنهن کي سڌيءَ واٽ تي لڳائي ٿو ڇڏي. سو (اي منهنجا پيغمبر) تون هنن (جي حال) تي اجايو ارمان نہ ڪر. جيڪي جيڪي (اهي گمراهہ ماڻهو) ڪن ٿا سو بيشڪ الله تعاليٰ چگيءَ طرح ڄاڻي ٿو. (۹) اهو خدا ئي آهي جو هوائن کي موڪلي ٿو. پوءِ اهي هوائون ڪڪرن کي متي ڪٽن ٿيون. پوءِ اسان انهن ڪڪرن کي مئل (يعني خشڪ) ملڪ ڏي ڪاهيون ٿا ۽ انهن (مان مينهن وسائڻ) سان زمين کي سندس موت (يعني خشڪ ٿي وڃڻ) بعد وري جياريون ٿا (يعني سرسبز ۽ آباد ڪيون ٿا) وري اٿڻ ۾ اهڙيءَ ئي طرح ٿئي ٿو ۽ ٿيندو. (۱۰) جيڪو ماڻهو عزت ۽ طاقت (حاصل ڪرڻ) چاهي ٿو (تنهن کي ياد رکڻ گهرجي تہ) سڀ شان ۽ طاقت الله جي آهي ۽ الله جي لاءِ آهي. پاڪ لفظ ۽ پاڪ ڳالهيون الله تعاليٰ ڏي چڙهي وڃن ٿيون ۽ صالح عمل ان کي (يعني صالح عمل ڪندڙ کي) متي کڻي وڃن ٿا (يعني کيس عزت ۽ وڏو مرتبو حاصل ڪرائين ٿا) پر جيڪي ماڻهو برائيون رٿين ٿا ۽ برائيون ڪن ٿا تن جي لاءِ سخت عذاب (تيار رکيل) آهي. انهن ماڻهن جون (اهي برائيءَ جون) تدبيرون ڍهي پونديون. (۱۱) ۽ (اي انسانو! الله جون قدرتون ۽ نعمتون تہ ڏسو) الله تعاليٰ اوهان کي (اصل) متيءَ مان پيدا ڪيو ۽ هاڻي نطفي مان (يعني منيءَ مان) پيدا ڪندو ٿو رهي ۽ توهان کي جوڙا جوڙا ڪيائين (يعني مرد ۽ زال ٺاهيائين) ۽ ماديءَ جي پيٽ ۾ حمل نٿو ٺئي ۽ ٻچو نٿي ڄڻي سواءِ سندس علم (۽ حڪم) جي ۽ ڪنهن ٻ ڍگهي عمر واري ماڻهو جي ڍگهي عمر نٿي ٺئي، نڪي سندس عمر گهٽجي ٿي، سواءِ هن جي جو (الله جي) ڪتاب ۾ (ائين لکيل) هجي (يعني الله جي حڪمن ۽ قانونن موجب ائين ٿو ٺئي) اهو سڀ الله جي لاءِ بيشڪ سولو (ڪم) آهي. (۱۲) ۽ ٻئي پاڻي (يعني درياهہ ۽ سمنڊ) ٻ هڪجهڙا ڪونہ آهن. هڪ لذيذ ۽ منو آهي ۽ پيئڻ ۾ وٽندڙ آهي تہ ٻيو وري کارو ۽ لوڻ جهڙو ڪوڙو آهي. ۽ (قدرت تہ ڏسو تہ) توهان هرهڪ پاڻيءَ مان (مڇيون پڪڑي انهن جو) تازو ۽ نرم گوشت کائو ٿا، ۽ (ٻنهي مان موتي مرجان سون وغيره) ڪڍي زيور ٺاهيو ٿا جي توهان پايو ٿا. ان کان سواءِ توهان جهاز ڏسو ٿا تہ ڪيئن انهيءَ پاڻي کي چيرندا هليا وڃن ٿا، انهيءَ لاءِ تہ توهان (انهن جهازن ۾ سواري ڪري ڏورانهن ملڪن ڏي واپار وغيره لاءِ وڃو ۽) الله جي فضل (دولت وغيره) جي تلاش ڪيو ۽ انهيءَ لاءِ تہ توهان شڪرگذار رهو (۽ الله جون نعمتون الله جي حڪمن موجب ڪم آڻي پنهنجو فائدو ڪيو.) (۱۳) الله تعاليٰ (هوريان هوريان) رات کي ڏينهن ۾ داخل ڪري ٿو ڇڏي ۽ ڏينهن کي رات ۾ هن سج ۽ چنڊ کي (قانونن جي) تابع ڪري رکيو آهي. انهن مان هرهڪ مقرر وقت تائين گردش ڪندو

رهندو. اهڙو آهي الله جو اوهان جو پروردگار آهي. (سڄي عالم جي) بادشاهي سندس ئي آهي، پر جن کي توهان (خدائيون سمجهي) الله تعاليٰ جي علاوه پڪاريو تا تن کي ته کارڪ جي ڪڙيءَ جي کل جيتري طاقت يا اختيار به ڪونهي. (١٤) جيڪڏهن توهان انهن کي پڪاريو ته هو توهان جي پڪار ٻڌندائي ڪونہ ۽ جيڪڏهن ڪٽي ٻڌن ته به هو اوهان جي مراد پوري ڪري ڪونہ سگهندا ۽ قيامت جي ڏينهن اهي (ديوتائون) توهان جي شرڪ کان انڪار ڪندا. (۽ (اي انسان! ياد رک ته) ڪوبہ (انسان يا ڪو پيو) توکي (حق) ٻڌائي ڪونہ سگهندو، جهڙيءَ طرح اهو (الله ٻڌائي سگهندو) جو سڀ خبر رکندڙ آهي. (تنهن ڪري فقط الله جي حڪمن جي تعميل ڪريو.)

رڪوع ٣ آيت ١٥ ـ تا ـ ٢٦

انسان الله تعاليٰ جا محتاج آهن، پر الله تعاليٰ کي ڪنهن جو احتياج ڪونهي.

(١٥) اي انسانو! اوهان سڀ الله تعاليٰ جا محتاج آهيو، پر خدا ئي آهي جو بي احتياج آهي ۽ سيني اعليٰ صفتن سان ڪامل طرح موصوف آهي. (١٦) جيڪڏهن هو چاهي ته توهان کي فنا ڪري ڇڏي ۽ (اوهان جي جاءِ تي) ٻي نئين مخلوق پيدا ڪري آڻي. (١٧) ۽ ائين ڪرڻ خدا جي لاءِ ڪا وڏي ڏکي ڳالهہ ڪانهي. (١٨) ۽ ڪوبہ بار کڻندڙ ٻئي جو بار کونہ کڻندو ۽ جيڪڏهن ڪوبہ ڳوري بار هيٺ آيل ماڻهو ڪنهن ٻئي کي سندس بار کڻڻ لاءِ سڏيندو ته سندس بار مان هڪ ذرو بہ کونہ ڪنيو ويندو، اگرچہ اهو ماڻهو (جنهن کي سڏيندو سو) سندس ويجهو مائٽ هجي. (اي پيغمبر!) تون فقط انهن کي خبردار ڪري سگهين ٿو جيڪي پنهنجي رب کان ڪيس ڏسڻ کان سواءِ ئي ڊڄندا رهن ٿا، ۽ نماز قائم رکن ٿا ۽ جيڪو بہ پاڪيزگي اختيار ڪري ٿو سو پنهنجي ئي نفس جي فائدي لاءِ ٿو ڪري ۽ سيني جي آخري منزل الله وٽ آهي. (١٩) ۽ انڌو ۽ ڏسندڙ (هرگز) هڪجهڙا ڪونہ آهن. (٢٠) نڪي اوندهہ ۽ روشني هڪجهڙا آهن. (٢١) نڪي ڇانو ۽ اس هڪجهڙا آهن. (٢٢) نڪي جيئرا ۽ مئل هڪجهڙا آهن. بيشڪ الله تعاليٰ جنهن کي چاهي ٿو تنهن کي ٻڌڻ جهڙو ڪري ٿو ۽ اهو ٻڌي ٿو. پر تون (اي پيغمبر!) اهڙن ماڻهن کي ٻڌڻ جهڙو ڪري نٿو سگهين جيڪي قبرن ۾ (گويا مئا) پيا آهن. (٢٣) تون ته فقط خبردار ڪندڙ آهين (پوءِ هو خبردار ٿين يا نہ ٿين). (٢٤) يقيناً اسان توکي سچائيءَ سان خوشخبري ڏيندڙ ۽ خبردار ڪندڙ ڪري موڪليو آهي. ۽ ڪابہ اهڙي قوم ڪانہ ٿي گذري آهي جنهن ۾ ڪو خبردار ڪندڙ نہ رهي ويو هجي. (٢٥) ۽ جيڪڏهن هي ماڻهو توکي نٿا مڃين ته (خيال نہ ڪر) انهن کان اڳين ماڻهن بہ انهن رسولن کي نہ مڃيوهو جيڪي چٽين نشانين سان، خدائي صحيفن سان ۽ نور پکيڙيندڙ ڪتاب سان وٺن آيا هئا. (٢٦) پوءِ جن ماڻهن نہ مڃيو تن کي مون سخت پڪڙ ڪئي (۽ سخت سزا ڏني) پوءِ (ڏس ته) منهنجو ڪين تباهہ ڪرڻ ڪهڙو نہ (سخت) هو.

رکوع ٤ آيت ٢٧ ـ تا ـ ٣٧

الله تعاليٰ جون قدرتون ۽ نعمتون، علم وارن جون خصلتون.

(٢٧) توهان ڏسو نٿا تہ الله تعاليٰ ڪڪرن مان مينهن ٿو وسائي، پوءِ ان جي وسيلي اسان رنگارنگي ميوا (زمين مان) پيدا ڪري ٻاهر آڻيون ٿا ۽ جبلن ۾ بہ ڪي سفيد تہ ڪي ڳاڙها (علائقا يا پرڳٽا آهن) جن (جي پٽرن) جا رنگ مختلف آهن، ۽ ڪي تہ زور ڪارا آهن. (٢٨) ۽ ساڳيءَ طرح انسانن، جانورن ۽ ڍڳن ڏورن جا رنگ بہ مختلف آهن. يقين ڄاڻو تہ الله جي ٻانهن مان اهي ئي خدا (جي نافرمانيءَ) کان ڊڄن ٿا جن کي (انهن ظاهري اختلافن جو توڙي انسانن جي اندروني خيالن ۽ جذبن جي اختلافن جو) علم آهي، (هو ڄاڻن ٿا تہ) بيشڪ الله تعاليٰ وڏي طاقت وارو آهي ۽ پڻ بخشڻهار آهي. (٢٩) جيڪي ماڻهو الله جو ڪتاب پڙهن ٿا (سمجهن ٿا ۽ ان تي عمل ڪن ٿا) ۽ نماز قائم ڪن ٿا ۽ جيڪو رزق اسان کين عطا ڪيو آهي، تنهن مان (خدا جي راهہ ۾) کليو کلايو توڙي مخفي طرح خرچ بہ ڪن ٿا سي يقيناً اهڙي واپار (۽ نفعي) جي يقيني اميد رکن ٿا جو هرگز ضايع نہ ٿيندو. (٣٠) چو تہ (الله تعاليٰ پاڻ) انهن کي پورا پورا اجر ڏيندو بلڪ پنهنجي فضل سان وڌيڪ بہ هنن کي عطا ڪندو. بيشڪ هو (سخي ماڻهن جو غلطيون) بخشيندڙ آهي ۽ (نيڪيءَ جا ڪم) قبول ڪندڙ آهي. (٣١) ۽ (اي پيغمبر!) اسان ڪتاب مان جيڪي توڏي وحي ڪري موڪليو آهي سو بلڪل حق آهي. ۽ جيڪي ان کان اڳي نازل ڪيو هوسين تنهن جي تصديق ڪندڙ آهي (تہ اڳوٽا ڪتاب اصلوڪي حالت ۾ بلڪل سچا هئا) بيشڪ الله تعاليٰ پنهنجي ٻانهن بابت هرڪا خبر رکندڙ ۽ سڀ ڪجهہ ڏسندڙ ۽ ڄاڻندڙ آهي. (٣٢) پوءِ اسان پنهنجي ٻانهن مان انهن کي ڪتاب ورثي ۾ ڏنو آهي جن کي (يعني عربن کي) اسان چونڊي ڪنيو آهي. (تہ هو قرآن جي تعليم سڄي دنيا جي ماڻهن کي پهچائين) پر انهن مان ڪي تہ (ان کان منهن موڙي) پاڻ تي ظلم ڪري رهيا آهن ۽ ڪي وچٿرا آهن (جو ايمان ضعيف اٿن ۽ نيڪ عملن ۾ قاصر آهن) ۽ ڪي وري اهڙا آهن جو الله جي حڪم سان چگن ڪمن ڪرڻ ۾ تڪڙا اڳتي وڌندڙ آهن. اهوئي وڏي ۾ وڏو فضل آهي. (٣٣) اهي (نيڪ عملن ۾ سبقت ڪندڙ) دائمي ٻاغن ۾ گهڙندا (۽ هميشہ انهن راحتن ۾ رهندا) اتي هو سون جا ڪنگڻ ۽ موتي پائيندا، ۽ اتي سندن پوشاڪ ريشم جي هوندي. (٣٤) ۽ هو چوندا تہ وڏي ساراهہ (۽ شڪر) آهي انهيءَ الله جو جنهن اسان جا غم دور ڪري ڇڏيا. بيشڪ اسان جو پروردگار بخشڻهار آهي (۽ نيڪ عملن جو) قبول ڪندڙ آهي.. (٣٥) جنهن (پروردگار) پنهنجي فضل سان اسان کي بقاءَ ڪندڙ گهر ۾ آڻي رهايو آهي. ان ۾ اسان کي نہ ڪا تڪليف پهچندي نڪي ئي ٿڪ محسوس ٿيندو (راحتن مان ڪڪ تہ ڪونہ ٿيندا سين پر وڌيڪ ۽ وڌيڪ مزو پيو ايندو). (٣٦) پر جن ماڻهن ڪفر جي واٽ ورتي آهي تن جي لاءِ دوزخ جي باهہ (تيار رکي) آهي. نڪي انهن لاءِ اهڙو حڪم (اسان وٽان) صادر ٿيندو جو پوءِ هو مري وڃن (۽ عذابن کان ڇٽي پون) نڪي انهيءَ باهہ جي عذاب مان هنن لاءِ ڪا

هلكائي ڪئي ويندي. اهڙيءَ طرح اسان هرهڪ بي شڪر منڪر کي سزا ڏيندا آهيون. (۳۷) ۽ اهي منڪر ان باهه ۾ رڙيون ڪندا (۽ چوندا تہ) اي اسان جا پروردگار! اسان کي (هن باهه مان) ٻاهر ڪڍ. اسان (آئندہ) نيڪ عمل ڪنداسين. اهي بدعمل نہ ڪنداسين جي اڳي ڪندا هئاسين. (الله تعاليٰ فرمائيندو تہ) اسان توهان کي ڪافي وڏي عمر نہ ڏني هئي ڇا؟ جنهن ۾ (توهان مان) جيڪو نصيحت وٺڻ چاهي ها سو نصيحت وٺي ها (۽ چڱا عمل ڪري ها. بيشڪ اسان اوهان کي وڏي عمر ڏني هئي تہ جو توهان غافل رهيو) ان کان سواءِ توهان ڏي (اسان وٽان) خبردار ڪندڙ (پيغمبر جو) آيو (تہ جو بي پرواهه رهيؤ) سو هاڻي توهان (پنهنجي بدعملن جو ڦل) چکو. ظالمن (گنهگارن) لاءِ ڪوبہ مددگار ڪونہ هوندو.

رکوع ۵ آيت ۳۸ ـ تا ـ ۴۵

ڪافر خدا جي تجويزن کي روڪي يا ناڪامياب ڪري نہ سگهندا.

(۳۸) يقيناً الله تعاليٰ آسمانن ۽ زمين جي سيني مخفي شين ۽ حقيقتن کان واقف آهي، بلڪ جيڪي (خيال ماڻهن جي) دلين ۾ آهن سي بہ تمام چگي طرح ڄاڻي ٿو. (۳۹) اهوئي آهي جنهن اوهان کي زمين تي خليفو (يا حاڪم) ڪري رکيو آهي. سو جيڪو (الله جا حڪم نہ مڃيندو تنهن جو نہ مڃڻ کيس ئي نقصان پهچائيندو ۽ ڪافرن جو ڪفر سندن پروردگار وٽ ڪنهن بہ ڳالهه ۾ کين نٽو وڌائي، سواءِ ناراضگي ۽ ڏڪار ۾ (يعني هو وڌيڪ ڏڪار جا لائق ٿين ٿا). ۽ ڪافرن کي سندن ڪفر ڪنهن بہ ڳالهه ۾ نٽو وڌائي سواءِ خساري ۽ نقصان ۾. (۴۰) (اي پيغمبر! مشرڪن کي) چئو تہ توهان پنهنجا (سٽيل) اهي شريڪ ڏٺا آهن سهي جن کي توهان الله تعاليٰ کان سواءِ پڪاريندا آهيو؟ مون کي ڏيکاريو تہ سهي تہ هنن زمين مان ڇا خلقيو آهي. يا آسمانن (جي خلق) ۾ هنن جو ڪجهه حصو آهي ڇا (يعني آسمان ۾ هنن بہ ڪجهه خلقيو آهي ڇا؟) يا هنن کي اسان کو ڪتاب ڏنو آهي ڇا جو هو ان منجهان (سڪيل) کو چٽو دليل (پنهنجي شرڪ يا روش لاءِ) ڏيئي سگهن؟ هرگز نہ، حقيقت هيءَ آهي تہ هي ظالمن هڪ ٻئي کي فقط فريب ۽ ڏوڪي جا واعدا ۽ دلاسا ڏيندا رهيا آهن. (۴۱) بيشڪ الله تعاليٰ ئي آسمانن ۽ زمين کي جهليو ٻينو آهي، تہ پنهنجي جاءِ تان هٽي نہ وڃن يا پنهنجي مقرر ڪمن کرڻ ۾ ڪا گهٽتائي نہ ڪن. ۽ جيڪڏهن اهي پنهنجي جاءِ يا ڪم کان هٽي وڃن تہ الله کان سواءِ ٻيو ڪوبہ هنن کي جهلي نٽو سگهي. بيشڪ هو بردبار ۽ بخشيندڙ آهي. (۴۲) هي (قريش منڪر) الله جي نالي تي وڏا زوردار قسم کڻندا هئا تہ جيڪڏهن اسان وٽ کو خبردار ڪندڙ (پيغمبر) اچي تہ ٻين قومن کان وڌيڪ بهتر (فرمانبرداري ۾) هدايت جي واٽ وٺنداسين، پر جڏهن (سچ پچ) خبردار ڪندڙ (حضور ﷺ) وٽن اچي ويو آهي تڏهن فقط هن ڳالهه ۾ وڌيڪ ٽيا آهن جو (حق ۽ نيڪي کان)

وڏيڪ بيزار ۽ دور ٿيا آهن. (٤٣) اها (سندن بيزاري سندن) تڪبر سببان آهي، جو ملڪ ۾ ڪندا رهن ٿا ۽ سندن بچڙن منصوبن جي ڪري آهي. پر اهي بچڙا منصوبا منصوبن ڪندڙن کي ئي وکوڙي ويندا (۽ خوار خراب ڪندا). پوءِ ڇا هي ماڻهو انهيءَ قانون (جي عمل ۾ اچڻ) لاءِ ترسيا وينا آهن جو اڳوڻن (منڪرن) سان لڳايو ويو هو (۽ کين تباهه ڪيو ويو هو)؟ سو (اي پيغمبر!) تون الله جي انهيءَ قانون ۽ دستور ۾ ڪابه قيرقار ڪانه ڏسندين، نڪي ڏسندين ته الله جي انهيءَ قانون جي تعميل هٿي ويندي. (يعني اهو قانون ضرور عمل هيٺ ايندو ۽ بنا قيرقار عمل هيٺ ايندو.) (٤٤) ڇا هي ماڻهو ملڪ ۾ گهمن ڦرن ٿا ۽ ڏسن نٿا ته کانئن اڳي ٿي گذريل (منڪر قومن) جي پڇاڙي ڪهڙي (نه خراب) ٿي، اگرچه اهي هنن کان قوت ۽ طاقت ۾ گهٽو وڏيڪ هئا. ۽ (کين ياد رکڻ گهرجي ته) الله اهڙو ناهي جو آسمانن ۾ ۽ زمين ۾ ڪابه شيءِ کيس عاجز ڪري سگهي (يعني سندس ارادن ۽ تجويزن کي روڪي ناڪامياب ڪري سگهي) يقيناً هو سڀ ڪجهه ڄاڻندڙ ۽ سڀ کا طاقت رکندڙ آهي. (٤٥) ۽ جيڪڏهن الله تعاليٰ ماڻهن کي سندن (بچڙن) ڪمن ۽ ڪمائي جي ڪري (هڪدم) پڪڙ ڪري ۽ سزا ڏئي ته پوءِ ته زمين جي مٿاڇري تي ڪوبه ساهه وارو (جيئرو) نه ڇڏي ها. پر هو کين مقرر وقت تائين مهلت ٿو ڏئي. پوءِ جڏهن اهو وقت اچي ٿو وڃي (تڏهن انصاف سان جزا ۽ سزا ڏيئي ٿو ڇڏي ڇو) ته يقيناً الله تعاليٰ پنهنجي ڄاڻ کي (۽ سندن عملن ۽ دليلن کي) چگيءَ طرح ڏسندڙ آهي.

سورت يٰسٓ

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي.

رڪوع ١ آيت ١ ـ تا ـ ١٢

قرآن جي حڪمت / ڏاهپ مان ظاهر آهي ته حضرت محمد ﷺ الله جو سچو رسول آهي.

(١) ياسين (اي انسان، اي پيغمبر!) (٢) هي قرآن جيڪو حڪمت سان پربو پيو آهي، سو شاهد آهي (۽ ڏيڪاري ٿو ته) (٣) بيشڪ تون موڪليل يعني پيغمبرن مان هڪڙو پيغمبر آهين. (٤) (۽) سڌي واٽ تي (گامزن) آهين. (٥) (اهو قرآن) انهيءَ وٽان نازل ٿيل آهي جو وڏي شان ۽ قدرت وارو ۽ وڏي رحم وارو آهي. (٦) (الله تعاليٰ اهو قرآن جو نازل ڪيو آهي سو) هن لاءِ ته تون انهن (عرب جي) ماڻهن کي خبردار ڪرين جن جا ابا ڏاڏا خبردار ڪونه ڪيا ويا هئا، سو اهي (حقيقتن کان) غافل آهن. (٧) انهن مان گهڻن جي باري ۾ اهو قول سچو ثابت ٿيو آهي، (ته خود غرض ۽ تڪبر ۽ ضد ڪندڙ ماڻهو حق جي ڳالهه ٻڌندائي ڪين) سو اهي ماڻهو ڪڏهن به ايمان ڪونه آڻيندا. (٨) بيشڪ اسان (سندن ضد سببان) سندن ڳچين ۾ ڳٽ وجهي ڇڏيا آهن، جي سندن ڪاڌين تائين

پهتل آهن. تنهن ڪري هنن جا مٿا مٿي ٽي پيا آهن. (۹) ۽ اسان هنن جي اڳيان ۽ هڪ ديوار ڪڙي ڪري ڇڏي آهي ۽ سندن پٺيان ۽ هڪ ديوار ڪڙي ڪري ڇڏي آهي، (جنهن ڪري هو اڳتي يا پٺتي وڃي نٿا سگهن) ان کان سواءِ اسان هنن تي پردو وجهي ڏکي ڇڏيو آهي، تنهن ڪري هو ڪجهه ۽ ڏسي نٿا سگهن. (۱۰) تون هنن کي خبردار ڪرين يا نه ڪرين هنن لاءِ ساڳي ڳالهه آهي ته هو ڪڏهن ۽ ايمان ڪونه آڻيندا. (۱۱) تون فقط انهن کي خبردار ڪري ٿو سگهين جيڪي نصيحت تي هلڻ وارا آهن ۽ جيڪي اڻ ڏٺي رحمان خدا (جي نافرمانيءَ جي نتيجن) کان ڊڄڻ وارا آهن. سو هنن کي بخشش جي ۽ وڏي شاندار اجر جي بشارت پهچاءِ. (۱۲) يقيناً اسان مئلن کي جيئرو ڪنداسين، جيڪي (عمل) هو اڳتي موڪلين ٿا ۽ جيڪي اثر هو پٺتي ڇڏين ٿا سي سڀ لکندا وڃون ٿا ۽ سڀ ڳالهيون اسان هڪ چٽي ڪتاب ۾ شمار ۾ آندیون آهن.

رڪوع ۲ آيت ۱۳ ـ تا ـ ۳۲

هڪڙي شهر ڏي الله تعاليٰ رسول موڪليا، هنن نه مڃيو ته هو تباهه ڪيا ويا.

(۱۳) (اي پيغمبر!) هنن (قريشن جي سمجهاڻ) لاءِ هڪڙي شهر جي ماڻهن جو مثال بيان ڪر، ڏسو اسان هنن ڏي رسول موڪليا. (۱٤) جڏهن اسان انهن ڏي پهريائين ۾ رسول موڪليا تڏهن هنن کين ڪوڙو ٺهرايو ۽ نه مڃيو. پوءِ اسان ٽئين رسول سان سندن تائيد ڪئي. ٽنهي کين چيو ته، يقيناً اسان اوهان ڏي پيغمبر ڪري موڪليا ويا آهيون. (۱۵) هنن ماڻهن چيو ته، توهان ڪجهه ۽ نه آهيو، سواءِ هن جي ته اسان جهڙا انسان آهيو، ۽ (اسان کي پڪ آهي ته) رحمان خدا ڪڏهن ۽ (ڪو وحي) نازل نه ڪيو آهي. توهان نسورو ڪوڙ ٿا ڳالهايو. (۱٦) هنن (پيغمبرن هنن کي) چيو ته، اسان جو پروردگار ٿو ڄاڻي ته بيشڪ اسان توهان ڏي پيغمبر ڪري موڪليا ويا آهيون. (۱۷) اسان جي ذمي ته ڦيو ڪجهه ۽ ناهي، سواءِ هن جي ته چٽو پيغام پهچائي ڏيون. (اسان جو ته ڪو ڦيو غرض ئي ڪونهي، نڪي توهان تي ڪو زور زبردستي ٿا ڪيون.) (۱۸) هنن چيو ته، يقيناً اسان توهان کي نياڳا ۽ منحوس ٿا سمجهون (اوهان جي ڪري اسان تي مصيبتون نازل ٿيندیون) جيڪڏهن توهان هن (تبليغ) کان باز نه ايندؤ ته اسان توهان کي پٿر هڻنداسين ۽ اسان توهان کي سخت دردناڪ سزا ڏينداسين. (۱۹) هنن (پيغمبرن) جواب ڏنو ته، توهان جو نياڳ (خود) اوهان ۾ آهي (جو غور ڪرڻ کان سواءِ ئي حق کي مڃڻ کان انڪار ٿا ڪيو) ڇا (اهڙا نادان آهيو جو) جيڪڏهن اوهان کي (اوهان جي ئي چڱائي لاءِ) چگي نصيحت ڏني ٿي وڃي (ته ان کي نياڳ ٿا سمجهو؟) حقيقت هيءَ آهي ته توهان (خود غرضي ۽ تڪبر جي ڪري) ليڪو لنگهي ٻيڻا آهيو. (۲۰) پوءِ شهر جي دور واري ڇيڙي کان هڪڙو (جوشيلو) جوان ڊڪندو آيو ۽ اچي چيائين ته، اي منهنجي قوم جا ماڻهو! هنن پيغمبرن جي فرمانبرداري ڪريو. (۲۱) انهن جي (ضرور) فرمانبرداري ڪيو جي اوهان کان ڪوبه اجر يا اجورو ڪونه ٿا گهرن ۽ آهن به سڌي ۽ حقي واٽ تي هلندڙ.

حصو ٽيويهون

(٢٢) ۽ مون کي کڻڻو سبب آهي جو مان انهيءَ (الله) جي ٻانهپ نہ ڪيان، جنهن مون کي پيدا ڪيو ۽ جنهن ڏانهن توهان (۽ اسان) سڀ (آخر) موٽايا ويندا سين. (٢٣) ڇا مان خدا کي ڇڏي اهڙن معبودن کي وٺان جو جيڪڏهن رحمان خدا مون کي نقصان يا ايذاءُ پهچائڻ جو ارادو ڪري تہ انهن جي سفارش مون کي ذرو بہ ڪم نہ اچي، نڪي اهي مون کي (ان عذاب مان) ڇڏائي سگهن. (٢٤) جيڪڏهن مان ائين ڪيان (يعني ٻين معبودن جي سهارو وٺان) تہ پوءِ يقيناً مان ظاهر ظهور گمراهہ ٿي ويندس. (٢٥) مون کي تہ توهان جي (۽ اسان جي) پروردگار ۾ پڪو ايمان آهي، سو منهنجي ڳالهہ تي ڌيان ڏيو. (٢٦) هن (جوشيلي جوان) کي بشارت ڏني ويئي تہ جنت ۾ داخل ٿي. (تنهن تي) هن چيو تہ، هاءِ هاءِ! جيڪر منهنجي قوم جا ماڻهو بہ ڄاڻن (سمجهن ۽ ايمان آڻين تہ ڪهڙو نہ چگو ٿئي). (٢٧) (منهنجي قوم جا ماڻهو جيڪر هي ڳالهہ بہ ڄاڻن تہ) منهنجي پروردگار مون کي (منهنجون اڳوٽيون غلطيون) معاف ڪيون آهن ۽ مون کي انهن مان ڪيو اٿس جيڪي (الله وٽ) وڏي عزت وارا آهن. (٢٨) ۽ (يادرکو تہ) اسان هن کان پوءِ سندس قوم تي آسمان مان لشکر ڪونہ لاهي موڪليا، نڪي اسان کي (اهڙن لشڪرن) لاهي موڪلڻ جي ڪا ضرورت ٿي هئي. (٢٩) (هنن کي هيئن سزا ڏني ويئي جو) رڳو هڪڙو ڏڏڪو ٿيو، پوءِ ڏسو تہ هو سڀ (رک وانگر) وسامي چپ ٿي ويا. (٣٠) اهڙن بندن جي حال تي افسوس آهي، هنن ڏي اهڙو ڪو رسول ڪونہ آيو جنهن تي هنن ٺوڪون ۽ مسخريون نہ ڪيون. (٣١) هو نٿا ڏسن ڇا تہ ڪائنئن اڳي اسان ڪيترين ئي پيڙهيون (سندن بدعملن سبب) برباد ڪري ڇڏيون؟ يقيناً اهي (برباد ٿيل قومون) وري هنن ڏي ڪونہ موٽي ايندیون. (٣٢) ۽ انهن مان هرهڪ قوم يعني سڀ قومون اسان جي روبرو حاضر ڪيون ويندیون.

رڪوع ٣ آيت ٣٣ ـ تا ـ ٥٠

الله تعاليٰ جون قدرتون ۽ نعمتون، علم وارن جون خصلتون

(٣٣) ۽ هنن جي لاءِ مثل زمين ۾ (الله جي) وڏي نشاني آهي. (ڏسو) اسان ان کي (پاڻيءَ جي ريج سان) جيئرو ڪيون ٿا. ۽ ان مان اناج پيدا ڪيون ٿا، جو پوءِ ماڻهو ان تي پنهنجو گذران ٿا ڪن. (٣٤) ۽ اسان ان (زمين) ۾ کجور ۽ انگورن جا باغ لڳايون ٿا ۽ ان ۾ چشما جاري ڪيون ٿا. (٣٥) انهيءَ لاءِ تہ ماڻهو (الله تعاليٰ جي) انهيءَ (قدرت) جا ڦل ۽ فائدا ماڻين. (ڏسو) اها (قدرت) سندن هٿن ڪانہ ٺاهي آهي. پوءِ ڇا هو شڪر ئي نٿا ڪن؟ (ڇو نٿا خدا جو احسان مڃي خدا جي حڪمن جي تعميل ڪن؟) (٣٦) وڏو شان آهي انهيءَ (الله) جو جنهن انهن سڀني شين جا جوڙا (نر ۽ مادي) ٺاهيا آهن، جي شيون زمين اپائي ٿي ۽ خود ماڻهن جا بہ جوڙا

ڏاهيا اٿس ۽ انهن شين جا ۾ جن جي ماڻهن کا اڃا خبر ۾ کانهي. (۳۷) ۽ انهن ماڻهن لاءِ رات ۾ هڪڙي وڏي (خدا جي) نشاني آهي. اسان ان مان ڏينهن جدا ٿا ڪريون تہ پوءِ ڏسو تہ اهي ماڻهو اوندهہ ۾ رهجي وڃن ٿا. (۳۸) ۽ سج پنهنجي مقرر هنڌ تي هلي رهيو آهي، اهو انهيءَ الله جو حڪم آهي جو وڏي قدرت وارو ۽ سڀ ڪجهہ ڄاڻندڙ آهي. (۳۹) ۽ چنڊ جي لاءِ اسان منزلون مقرر ڪري ڇڏيون آهن (جن تان هلندو رهي ٿو) تان جو موٽي ڪجيءَ جي پراڻي سڪل ڏنگي ٽيل ڇڙهيءَ وانگر ٿي ٿو پوي. (۴۰) سج کي اجازت ناهي جو چنڊ کي وڃي پڄي، (۽ ان سان ٽڪرجي) نڪي رات کي اجازت آهي تہ ڏينهن (پوري ٽيڻ) کان اڳ ۾ ئي اچي وڃي (يا ڏينهن اڃڻ کان پوءِ ۾ قائم رهي) ۽ سڀ آسماني جسم (يعني سيارا وغيره پنهنجي پنهنجي مقرر) مدار يا گهيري ۾ هلندا رهن ٿا. (۴۱) ۽ انهن ماڻهن لاءِ هن ۾ ۾ وڏي نشاني آهي جو اسان سندن نسل جي ماڻهن کي (حضرت نوح واري) پريل ٻيڙيءَ ۾ ڪنيو (۽ سلامت جودي جبل جي چوٽيءَ تي پهچايو.) (۴۲) ۽ اسان هنن جي لاءِ انهيءَ (ٻيڙيءَ) جي مثال تي اهي شيون (جهاز آڳبوٽ هوائي جهاز وغيره) پيدا ڪيون جن تي هو سواري ڪن ٿا. (۴۳) ۽ جيڪڏهن اسان چاهيون تہ هنن کي غرق ڪري ڇڏيون، جو پوءِ ڪوبہ هنن جون دانهون ۽ فرياد ڪونہ ٻڌي، نڪي هو (ٻڏڻ کان) بچايا وڃن. (۴۴) (هنن کي ٻڏڻ کان ڪوبہ بچائي نہ سگهندو) فقط اسان جي خاص رحمت هنن کي بچائي سگهندي ۽ ڪنهن مقرر وقت تائين کين زندگيءَ جي سهوليت لاءِ مال متاع ڏنو ويندو. (۴۵) ۽ جڏهن هنن (منڪرن) کي چيو وڃي ٿو تہ جيڪا (سزا) توهان جي سامهون اچي ٻيڻي آهي ۽ جيڪا توهان جي پٺيان اچڻي آهي تنهن کان ڊڄو (۽ گناهن کان پرهيز ڪري نيڪ عمل ڪيو) تہ من توهان تي رحم ڪيو وڃي، (تڏهن اهي منڪر آکڙ ۾ ٻڌن ٿي نٿا ۽ پٺي ڏيئي هليا ٿا وڃن) (۴۶) ۽ سندن پروردگار جي نشانين مان ڪابہ نشاني اهڙي ڪانہ ٿي اچي جنهن کان هو منهن نٿا موڙين. (۴۷) ۽ جڏهن کين چيو وڃي ٿو تہ جيڪو رزق الله تعاليٰ اوهان کي عطا ڪيو آهي تنهن مان ڪجهہ (الله جي راهہ ۾ محتاجن لاءِ) خرچ ڪيو، تڏهن جن ڪفر جي راهہ اختيار ڪئي آهي سي مؤمنن کي چون ٿا تہ، ڇا اسان انهن کي کارايون جن کي جيڪڏهن الله تعاليٰ چاهي ها تہ پاڻ انهن کي کارائي ها؟ توهان (مؤمن) تہ ظاهرظهور گمراهيءَ ۾ آهيو. (۴۸) ۽ اهي (منڪر) چون ٿا تہ جيڪڏهن توهان (مؤمن) سچ ٿا ڳالهايو تہ (منڪرن تي عذاب ايندو تہ ٻڌايو تہ) اهو (عذاب جو) واعدو ڪڏهن (ظهور ۾) ايندو. (۴۹) هي (بيوقوف منڪر) بس رڳو هڪڙي سخت گجگوڙ لاءِ ترسيا ٻينا آهن جا هنن کي اوچتو اچي پکڙ ڪندي، جڏهن هو بحثن ۽ جهڳڙن ۾ ئي مشغول هوندا. (۵۰) (عذاب اهڙو تہ اوچتو مٿن ڪڙڪندو جو) پوءِ هنن کي رڳو وصيت ڪرڻ جي طاقت ۾ ڪانہ ٿيندي. نڪي هو پنهنجي ماڻهن ڏي موٽي وڃي سگهندا.

رکوع ٤ آيت ٥١ ـ تا ـ ٦٧

بهشت ۽ دوزخ وانگر هن دنيا ۾ به کامياب ۽ گمراهه قومن لاءِ ترقي ۽ پستي آهي.

(٥١) ۽ (قيامت جي ڏينهن) توتاري وڃائي ويندي (تنهن تي) هي ماڻهو قبرن مان (نڪري) پنهنجي پروردگار جي طرف ڊوڙندا ويندا. (٥٢) هو چوندا تہ، افسوس اسان جي حال تي! ڪنهن اسان کي اسان جي ننڊ جي بسترن مان اٿاري ڪڍو ڪيو آهي. (ڏسجي ٿو تہ) هيءَ ئي آهي (اها قيامت) جنهن جو وعدو رحمان خدا ڪيو هو، ۽ رسولن (واقعي) سچ چيو هو. (٥٣) فقط هڪڙوئي آواز ٿيندو تہ پوءِ هڪدم سڀ ماڻهو اسان جي اڳيان حاضر ڪيا ويندا. (٥٤) سو انهيءَ ڏينهن ڪنهن بہ شخص سان ذرو بہ بي انصافي ڪانہ ڪئي ويندي. ۽ اوهان ماڻهن کي انهن ئي ڪمن جو بدلو ملندو جي توهان ڪندا رهيا هئو. (٥٥) يقيناً (جن نيڪ عمل ڪيا هئا اهي) جنتي ماڻهو انهيءَ ڏينهن هرهڪ شغل ۾ خوشيون ۽ فرحتون ماڻيندا. (٥٦) اهي ۽ سندن زالون (ڏڏيءَ) ڇانو ۾ سيجن تي وهاڻن تي ٽيڪ ڏيئي (مزي ۽ شان سان) ويٺا رهندا. (٥٧) اتي انهن لاءِ هر قسم جا ميوا (۽ خوشيون) موجود هوندیون ۽ جيڪي بہ هو طلبيندا سو ڪين ملندو. (٥٨) (سڀني ڪان وڏي ڳالهہ هيءَ تہ) سندن رحيم پروردگار وٽان هنن ڪي (اهو) سلام پهچايو ويندو (تہ "سلامتي" هجي اوهان تي). (٥٩) (گنهگارن ڪي چيو ويندو تہ) اي گنهگارو اڄ جي ڏينهن توهان (نيڪ ماڻهن کان) جدا ٿي بيهو. (٦٠) اي بني آدم! مون اوهان سان عهد نہ ڪيو هو تہ توهان شيطان جي بانهپ ۽ تابعداري نہ ڪجو، جو هو يقيناً توهان جو کليو کلايو دشمن آهي. (٦١) ۽ (پٽ حڪم ڏنو هو تہ) فقط منهنجي بانهپ ۽ تابعداري ڪجو، جو اهائي سڌي واٽ آهي. (٦٢) پر انهيءَ (شيطان) اوهان مان گهڻن ئي ماڻهن کي پلائي ڇڏيو. پوءِ ڇا توهان عقل ۽ سمجهہ نہ هلائي؟ (٦٣) اهو اٿوَ جهنم جنهن جو اوهان کي واعدو ڏنل هو. (٦٤) اڄ داخل ٿيو (۽ سڙو) انهيءَ (باهہ) ۾. انهيءَ جي بدلي ۾ (جهنم جي سزا پوڳيو) جو توهان (حقيقتن کان) قطعي انڪار ڪيو (۽ غلط واٽ تي هلي بدعمل ڪيوَ). (٦٥) انهيءَ ڏينهن اسان سندن واتن تي مهر هڻي ڇڏيندا سين (۽ هو ڳالهائي ڪونہ سگهندا) پر سندن هٿ ڳالهائيندا ۽ سندن پير شاهدي ڏيندا انهن (بد) عملن بابت جيڪي هنن ڪيا هئا. (٦٦) جيڪڏهن اسان چاهيون ها تہ سندن اکيون ڪيڙي ڇڏيون ها. پوءِ (سڌي) واٽ ڏي وڌڻ جي ڪوشش ڪن، پر ان حالت ۾ هو ڪيئن ڏسي سگهن ها؟ (٦٧) ۽ جيڪڏهن اسان چاهيون ها تہ هنن کي سندن جاين تي ئي سندن صورتون مٽائي بيهاري ڇڏيون ها، جو پوءِ هو نڪي (اڳتي) هلي سگهن ها، نڪي پنتي موٽي سگهن ها.

رکوع ٥ آيت ٦٧ ـ تا ـ ٨٣

الله جي نعمتن جو قدر ڪري سندن حڪمن تي هلجي، ان ۾ اسان جي پنهنجي چڱائي آهي.

(٦٨) ۽ جنهن کي اسان وڏي عمر ٿا ڏيون تنهن جون قوتون اسان اڻلندو گهٽائي ٿا ڇڏيون. سو ڇا

هي ماڻهو نٿا سمجهن (تہ اسان سپ ڪجهہ ڪري ٿا سگهون). (٦٩) ۽ (ياد رکو تہ) اسان ڪيس (يعني حضرت محمد ﷺ کي) شعر (يعني بيسود تُڪ بندين) ڪونہ سيکاريون آهن، نڪي شعر گوئي هن کي ڏهي ٿي. (جيڪي هو اوهان کي پڌائي ٿو) اهو سواءِ هن جي ٻيو ڪجهہ بہ نہ آهي تہ سراسر (مفيد) نصيحت آهي ۽ (هر ڪنهن مسئلي کي) چٽو ڪندڙ قرآن آهي. (٧٠) (قرآن مجيد جو نازل ڪيو ويو آهي سو) هن لاءِ تہ هرهڪ زندهہ دل انسان کي خبردار ڪري (۽ سنئين وات ڏيکاري) ۽ ڪافرن جي باري ۾ اهو قول سچو ثابت ٿئي (تہ هو خدائي ڏنل هدايتن تي عمل نہ ڪرڻ ۽ بد ڪمن ڪرڻ سببان هن ئي دنيا ۾ خوار خراب ۽ تباهہ ٿي ويندا). (٧١) اهي (منڪر) نٿا ڏسن ڇا تہ جيڪي جيڪي اسان جي هٿن بنايو آهي، تنهن مان (هڪڙي نعمت هيءَ آهي تہ) اسان هنن لاءِ ڍڳا ڍور خلقيا آهن، جن جا هو مالڪ بنيا ويٺا آهن. (٧٢) ۽ اسان انهن (ڍڳن ڍورن) کي سندن تابع ڪري ڏنو آهي. سو انهن مان ڪن تي سواري ڪن ٿا ۽ ڪن (جي گوشت وغيره) کي کائين ٿا. (٧٣) ۽ انهن ڍڳن ڍورن مان هنن جي لاءِ ٻيا بہ فائدا آهن ۽ پڻ پيئڻ جون شيون (ڪير لسي وغيره حاصل ٿين ٿيون) پوءِ بہ هو شڪر نٿا ڪن؟ (٧٤) ۽ (الله تعاليٰ وٽان نعمتون ملندي بہ) هو الله کي ڇڏي (هٿرادو ٺاهيل) معبودن کي چنبڙي پيا آهن، انهيءَ (اڃائي) اميد تي تہ (انهن مان) ڪين مدد ملندي. (٧٥) اهي (ٺلها) معبود هنن کي ڪابہ مدد ڏيئي نہ سگهندا. ۽ اهي خود هنن جي لاءِ ٽولي بنائي (خدا جي حضور ۾) حاضر ڪيا ويندا (تہ منڪر ڏسن تہ هو پاڻ خدا جي اڳيان عاجز آهن ۽ ڪين ڪابہ مدد ڪانہ ڪري سگهندا). (٧٦) سو (اي پيغمبر!) هنن جي مخالفت وارين ڳالهين تي غم نہ ڪر، جيڪي جيڪي هو لڪائين ٿا ۽ جيڪي جيڪي هو ظاهر ڪن ٿا سو سڀ اسان چگيءَ طرح ڄاڻون ٿا (سو اسان ڪين اهڙو تہ سوگهو جهليندا سين جو تو کي ڪوبہ نقصان پهچائي نہ سگهندا). (٧٧) انسان نٿو ڏسي ڇا تہ اسان ڪيس نطفي مان پيدا ڪيو آهي؟ پوءِ بہ ڏسو تہ هو ڪليو ڪلايو جهگڑالو ٿي بيٺو آهي. (٧٨) ۽ اسان جي لاءِ مثال ٿو ٺاهي (جڏ تہ خدا بہ انسانن وانگر ڪمزور آهي) ۽ پنهنجو (بنياد ۽) خلقت وساري ٿو ڇڏي. هو چوي ٿو تہ، ڪير سڪن سڙيل هڏن کي (وري) جيئاري ٿو سگهي؟ (هو سمجهي ٿو تہ خدا جي طاقت بہ انسانن وانگر محدود آهي). (٧٩) (اي پيغمبر!) تون چئي ڏي تہ اهوئي (الله) انهن کي (وري) جيئاريندو جنهن پهريائين انهن کي خلقيو هو ۽ هو هر قسم جي خلقت ۾ وڏو ماهر آهي. (٨٠) جو (الله) اوهان لاءِ سائي وڻ مان باهہ پيدا ڪري ٿو. پوءِ ڏسو تہ توهان ان مان (پنهنجن ڪمن ڪارين لاءِ) باهہ ٻاريو ٿا. (٨١) (غور تہ ڪيو تہ) جنهن آسمانن ۽ زمين کي خلقيو تنهن کي اها قدرت ڪانهي ڇا تہ وري انهن جهڙا خلقي سگهي؟ بيشڪ (خلقي سگهي ٿو) ۽ هو اعليٰ درجي جو خالق ۽ وڏي علم وارو آهي. (٨٢) جڏهن هو ڪنهن شيءِ جو ارادو ڪندو آهي تڏهن هن جو حڪم يقيناً هي هوندو آهي جو ان بابت رڳو چوندو آهي تہ، ٿيءُ، تہ اها ٿي پوندي آهي. (٨٣) سو بيشڪ وڏو شان آهي انهيءَ (الله) جو جنهن جي هٿ ۾ سيني شين جو قبضو ۽ بادشاهي آهي. ۽ (ياد رکو تہ) توهان سڀ (آخر) ڏانهس موٽايا ويندؤ.

سورت الصافات (صافات جمع صافة – قطارن ۾ بيٺل)

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي.

رڪوع ۱ آيت ۱ ـ تا ـ ۲۱

منڪرن جون بي وقوفيءَ واريون مسخريون ـ فيصلي واري ڏينهن ڪين خبر پوندي ته حق ۽ ان جو نتيجو ڇا آهي ۽ حق ڪان منهن موڙڻ جو نتيجو ڇا آهي.

(1) غور ڪيو انهن بابت جيڪي صفون ٻڌيون بينا آهن. (2) ۽ جيڪي (برائين کي ۽ ظالمن کي) سختيءَ سان ڏڪي ڇڏيندا آهن. (3) ۽ جيڪي (خدا جو) پيغام (قرآن مجيد) پڙهي ٻڌائيندڙ آهن. (4) (غور ڪرڻ سان اوهان معلوم ڪري وٺندؤ ته) يقيناً اوهان جو معبود (الله تعاليٰ) بيشڪ هڪ آهي. (5) (جو) آسمانن ۽ زمين جو ۽ جيڪي انهن جي وچ ۾ آهي تنهن جو پروردگار آهي، ۽ هو مشرق جو پروردگار آهي. (6) يقيناً اسان ئي هن وڏجهي آسمان کي تارن جي زينت سان رونق ڏني آهي. (7) ۽ (ان کي) هرهڪ سرڪش باغي شيطان کان حفاظت ۾ رکيو آهي. (8) اهي (شيطان) اعليٰ سردارن جون ڳالهيون ٻڌي نٿا سگهن. (بلڪ) هر طرف کان ڪين تڙي ڪڍيو ٿو وڃي. (9) اهي تڙيل ۽ ڏڪاريل آهن، ۽ انهن جي لاءِ دائمي عذاب آهي. (10) (اهي شيطان اعليٰ سردارن جي ويجهو وڃي نٿا سگهن) سواءِ انهيءَ جي جو چوري چپي جهٽ هڻي ڪجهه کڻي وڃي. پر پوءِ تکيءَ روشنيءَ وارو پرندڙ تارو هن جي پٺيان ڪاهي پوي ٿو. (11) سو هنن (منڪرن ماڻهن) جي راءِ ته پڇ ته ڪين خلقڻ (اسان جي لاءِ) وڌيڪ ڏکيو ڪم آهي يا ٻيو سڀ ڪائنات جا اسان خلقي آهي. (تنهنجي خلقڻ جو ڪم وڌيڪ ڏکيو آهي). اسان ته هنن کي چنبڙندڙ گاري مان خلقيو آهي. (۱۲) سچ پچ تو کي (اي پيغمبر) عجب ٿو لڳي جڏهن هي (بي وقوف منڪر) مسخريون ٿا ڪن (۽ نٿا سمجهن ته الله تعاليٰ هر چيز تي قادر آهي). (۱۳) ۽ جڏهن هنن کي نصيحت ڪئي وڃي ٿي تڏهن هو ڌيان ئي نٿا ڏين. (۱٤) ۽ جڏهن هو ڪا نشاني ڏسن ٿا تڏهن مسخريون ٿا ڪن. (۱۵) ۽ چون ٿا ته هي ته ڪجهه به ناهي، سواءِ هن جي ته چٽو پٽو جادو آهي. (۱٦) (۽ هيئن به چون ٿا ته) ڇا جڏهن اسان مري وينداسين ۽ مٽي ۽ هڏيون ٿي وينداسين تڏهن اسان کي وري اٿاريو ويندو (۱۷) ۽ پڻ اسان جي قديم ابن ڏاڏن کي (به اٿاريو ويندو؟) (۱۸) (اي پيغمبر تون) چئو ته هائو (بيشڪ اوهان کي اٿاريو ويندو) ۽ (پوءِ) توهان ذليل ۽ خوار خراب ٿيندؤ. (۱۹) (پڌو) اهو اٿارڻ (ڪو وقت ڪونه وٺندو) فقط هڪ ضرب يا آواز سان ٿيندو ۽ هو هڪدم ڏسڻ لڳندا. (۲۰) ۽ چوڻ لڳندا ته، افسوس اسان جي حال تي! هي آهي جزا يا بدلي جو ڏينهن. (۲۱) (ڪين چيو ويندو ته هائو) هي آهي اهو جدا جدا ڪرڻ جو ڏينهن جنهن جي مڃڻ کان انڪار ڪندا هئو.

ركوع ٢ آيت ٢٢ ـ تا ـ ٧٤

قيامت بعد مؤمنن جي اعليٰ حالت ۽ منڪرن جي بدحالي.

(٢٢) (قيامت جي ڏينهن حڪم ٿيندو تہ) ظالمن کي، سندن رفيقن کي ۽ جن جي هو تابعداري ۽ پانهپ ڪندا هئا تن سيني کي گڏ ڪري هتي آڻيو. (٢٣) خدا کي ڇڏي (جن جي پانهپ ڪندا هئا تن کي گڏ ڪري آڻيو ۽) انهن سيني کي (يعني ظالمن، سندن ساٿين ۽ معبودن کي) ساڙيندڙ دوزخ واريءَ واٽ تي لڳائي ڇڏيو (تہ وڃي دوزخ ۾ ڪرن ۽ سڙن). (٢٤) ۽ کين بيهاريو جو ڪائنءَ ڪجهہ پڇيو ويندو. (٢٥) (ڪائنءَ پڇيو ويندو تہ) توهان کي ڇا ٿي ويو آهي، جو هڪ ٻئي جي مدد نٿا ڪيو. (٢٦) حقيقت هي هوندي جو انهيءَ ڏينهن هو تسليم ڪندا (۽ پنهنجو قصور سمجهي لاجواب ٿي بيهندا). (٢٧) ۽ هو هڪ ٻئي ڏي منهن ڪري هڪ ٻئي کان پڇندا. (٢٨) (رواجي مسڪين ماڻهو ليڊرن ۽ حاڪمن کي) چوندا تہ توهان ساڃي طرف کان (يعني زور ۽ حڪم جي نموني) اسان ڏي (اسان کي برغلائڻ لاءِ) ايندا هئو (سو توهان اسان کي هن حال ۾ آندو آهي). (٢٩) اهي (زور وارا ماڻهو) جواب ڏينداتہ نہ (رڳو اسان جو قصور ڪونهي). حقيقت هي آهي تہ توهان کي بہ انهن (رسولن جي ٻڌايل حقيقتن) تي ايمان ڪونہ ٿي آيو. (٣٠) نڪي اسان کي اوهان جي مٿان ڪا اختياري هئي، نہ بلڪل نہ. حقيقت هيءَ آهي تہ توهان پاڻ سرڪش ماڻهو هئو (۽ خدا جي حڪمن جي تابعداري نہ ڪيوَ.) (٣١) سو اسان سيني جي حق ۾ اسان جي پروردگار جو قول سچو ثابت ٿيو آهي تہ اسان ضرور (عذاب جو) ڏاڪو چکنداسين. (٣٢) اسان اوهان کي گمراهہ ڪيو جو يقيناً اسان پڻ گمراهہ هئاسين. (٣٣) سو يقيناً انهيءَ ڏينهن اهي سڀ (مسڪين توڙي زور وارا ليڊر) عذاب ۾ شريڪ هوندا. (٣٤) (ياد رکو تہ) اسان گنهگارن سان اهڙي ئي طرح هلت ڪنداسين. (٣٥) اهي ئي هئا جڏهن انهن (منڪرن) کي چيو ويندو هو تہ الله کان سواءِ ڪوبہ معبود ڪونهي، تڏهن هو تڪبر ڪندا هئا (۽ اها ڳالهہ نہ مڃيندا هئا). (٣٦) ۽ چوندا هئا تہ هڪڙي چرئي شاعر جي لاءِ اسان پنهنجي خدائن کي ڇڏي ڏينداسين ڇا؟ (٣٧) نہ نہ (هو چريو شاعر هرگز ناهي) پر پاڻ سان حق ڪٽي آيو آهي (۽ جلد ڏسندؤ تہ حق قائم رهندو ۽ باطل فنا ٿي ويندو) ۽ (اڳوٽن) رسولن (جي پيغام) جي تصديق ٿو ڪري. (٣٨) يقيناً اوهان (منڪر) سخت عذاب جو ڏاڪو چکندؤ. (٣٩) جيڪي جيڪي (بد) عمل توهان ڪيا هوندا تن جو ئي پورو پورو بدلو اوهان کي ملندو (نہ گهٽ نہ وڌ). (٤٠) پر الله جا سچا ٻانها (انهن جي حالت ٻي هوندي ۽ وڏيون نعمتون ماڻيندا) (٤١) انهن جي لاءِ مقرر رزق هوندو. (٤٢) (هنن لاءِ) ميوا (۽ هر قسم جون نعمتون ۽ خوشيون) هوندیون ۽ هنن کي وڏي عزت ۽ وڏو درجو ملندو. (٤٣) (هو) نعمتن جي باغن ۾ هوندا. (٤٤) (جتي) تخت تي هڪ ٻئي جي سامهون ٿي ويهندا. (٤٥) صاف چشمي مان (پريل) پياڪ هنن ۾ ڦيرايو ويندو. (٤٦) جو صاف اڇو هوندو ۽ پيئندڙن لاءِ ڏاڍو لذيذ هوندو. (٤٧) ان جي پيئڻ سان نڪي مٿي کي ڦيري ايندي، نڪي ان سان هنن کي ڪو نشو ٿيندو. (٤٨)

۽ هنن وٽ اکيون هيٺ ڪندڙ (شرميليون) ۽ وڏين اکين واريون عورتون هونديون. (٤٩) جڙ ته هو لڪائي رکيل بيضا آهن. (٥٠) اهي هڪ ٻئي ڏانهن منهن ڪندا ۽ هڪ ٻئي کان (ڳالهيون) پڇندا. (٥١) انهن مان هڪڙو ڳالهائيندڙ چوندو ته، يقيناً (دنيا ۾) منهنجو هڪڙو سنگتي هو. (٥٢) جيڪو چوندو هو ته، تون به انهن منجهان آهين ڇا جي (رسول جي پيغام جي) تصديق ڪندڙ آهن (۽ ڪيس مجيندڙ آهن)؟ (٥٣) ڇا جڏهن اسان مري وينداسين ۽ مٽيءَ ۾ هڏيون ٿي وينداسين تڏهن (اسان کي وري جيئرو ڪيو ويندو ۽ اسان جي عملن جو) اسان کي بدلو ڏنو ويندو؟ (٥٤) (جڏهن بهشت وارو پنهنجي دنيا واري سنگتيءَ جا اهي لفظ ٻڌائيندو تڏهن) آواز ايندو ته توهان (بهشت وارؤ انهيءَ سنگتيءَ جي حالت معلوم ڪرڻ لاءِ) هيٺ نهارڻ چاهيو ٿا چا؟ (٥٥) پوءِ هو هيٺ نهاريندو ۽ انهيءَ (سنگتيءَ) کي دوزخ جي باهه جي وچ ۾ ڏسندو. (٥٦) (۽ ڪيس) چوندو ته قسم آهي خدا جو ته تو ته مون کي ذري گهٽ ڪڏ ۾ ڪيرايو هو. (٥٧) ۽ جيڪڏهن مون تي خدا جي مهرباني نه ٿئي ها ته مان ته انهن منجهان ٿيان ها جيڪي (هتي سزا لاءِ) حاضر ڪيا ويا آهن. (٥٨) (اهو بهشتي خوشي ۽ ڊپ ۾ وڌيڪ) چوندو ته ڇا اسان وري ته ڪونه مرنداسين؟ (٥٩) سواءِ اسان جي پهرئين موت جي (پيو موت ته ڪونه ڏسنداسين؟) نڪي اسان کي عذاب ڪيو ويندو؟ (٦٠) (هي بهشت جو دائمي طور مليو آهي، سو) بيشڪ اها وڏي (سعادت ۽) ڪامراني آهي. (٦١) پوءِ اهڙيءَ ڪاميابيءَ واسطي سيني عمل ڪندڙن کي (ڇڪا) عمل ڪرڻ گهرجن. (٦٢) ڇا اها (ڪامراني) بهتر مهماني آهي يا (دوزخ وارو) ٿوهر جو وڻ (بهتر نعمت آهي)؟ (٦٣) يقيناً اسان انهيءَ (ٿوهر جي وڻ) کي ظالمن لاءِ فتنو (يعني آزمائش) ڪيو آهي. (٦٤) اهو هڪڙو وڻ آهي جو دوزخ جي تري مان ايري ٿو. (٦٥) انهيءَ (جي ميون) جا ڇڪا اهڙا آهن جو جڙ ته شيطانن جا مٿا آهن. (٦٦) يقيناً ان وڻ منجهان (ڪوڙو ميوو) هو کائيندا ۽ ان سان پنهنجي پيٽن کي ڀري ڇڏيندا. (٦٧) پوءِ اُن جي مٿان هنن کي ٿهڪندڙ پاڻيءَ جو مڪسچر پياريو ويندو. (٦٨) پوءِ يقيناً هنن کي وري دوزخ جي باهه ڏي موٽايو ويندو (ائين وري وري ڪيو ويندو). (٦٩) يقيناً هنن پنهنجن ابن ڏاڏن کي غلط راهه تي ڏٺو (پر اهو خيال ڪونه ڪيائون ته هو غلط راهه تي آهن). (٧٠) سو پاڻ به انهن جي نقش قدم تي ڊوڪيندا هلندا رهيا. (٧١) ۽ هيءَ حقيقت آهي ته کانئن اڳي آيل ماڻهن مان گهڻا گمراهه ٿي ويا هئا. (٧٢) ۽ هيءَ حقيقت آهي ته اسان هنن ۾ خبردار ڪندڙ (پيغمبر) موڪليا. (پر هنن ڏيان ڪونه ڏنو). (٧٣) سو ڏسو ته جن کي خبردار به ڪيو ويو (ته به ڪين مڙيا) تن جي پڇاڙي ڪهڙي نه (خراب) ٿي. (٧٤) پر الله جا سچا ٻانها (نه رڳو عذاب کان بچيا پر هر طرح ڪامياب ۽ ڪامران رهيا.

رکوع ۳ آيت ۷۵ ـ تا ـ ۱۱۳

حضرت نوح عليہ السلام، حضرت ابراهيم عليہ السلام ۽ سندن پٽن جو کجھ بيان.

(۷۵) ۽ هيءَ حقيقت آهي تہ حضرت نوح اسان کي پڪاريو (۽ اسان هن جي پڪار ٻڌي ۽ سندس مدد ڪئي) سو اسان (پڪار ڪندڙن جي) مدد ڪرڻ ۾ ڪهڙا نہ چڱا آهيون. (۷۶) ۽ اسان هن کي ۽ سندس ماڻهن کي وڏي آفت (يعني ٻوڏ) کان بچايو. (۷۷) ۽ اسان سندس نسل کي (زمين تي) باقي رکيو (۽ منڪرن کي ٻوڙي ڇڏيو). (۷۸) ۽ اسان هن جي لاءِ پوين پيڑهين ۾ هيءَ (دعا) ڇڏي (جا اڄ تائين گهٽيون ئي قومون گهرنديون آهن) تہ، (۷۹) سيني ماڻهن ۾ يا سيني جهانن ۾ حضرت نوح تي سلام هجي (يا سلامتي هجي مٿس). (۸۰) بيشڪ اسان نيڪي ڪندڙن کي اهڙي ئي طرح نيڪ بدلو ڏيندا آهيون. (۸۱) بيشڪ هو اسان جي مؤمن ٻانهن مان هو. (۸۲) پوءِ اسان ٻين کي ٻوڏ ۾ غرق ڪري ڇڏيو. (۸۳) ۽ يقيناً سندس جماعت مان (يعني سندس طريقي تہ هلندڙ) حضرت ابراهيم بہ هو. (۸٤) ڏسو هن سالم دل سان پنهنجي پروردگار ڏي پنهنجي رخ رکيو. (۸۵) ڏسو هن پنهنجي پيءُ ۽ پنهنجي قوم جي ماڻهن کان پڇيو تہ، توهان ڇا کي پوڄي رهيا آهيو (هي بت ۽ هي سڄ ڇنڊ تارا آهن ڇا؟) (۸٦) ڇا ڪوڙ کي پوڄي رهيا آهيو؟ الله کي ڇڏي (ڪوڙن) معبودن (جي پوڄا ڪرڻ) تا چاهيو؟ (۸۷) پوءِ پلا جهان جي پروردگار جي متعلق اوهان جو ڪهڙو خيال آهي؟ (۸۸) پوءِ هن تارن ڏي هڪڙي نظر اڇلائي. (۸۹) ۽ چيو تہ مان بيمار آهيا. (۹۰) پوءِ اهي (بت پرست ۽ نجوم پرست) هن کي پٺي ڏيئي هليا ويا. (۹۱) پوءِ حضرت ابراهيم سندس معبودن (يعني بتن ڏي) رخ ڪيو ۽ چيو تہ چا (جيڪي طعام توهان جي اڳيان بت پرستن رکيا آهن سي) کائو ئي نٿا؟ (۹۲) توهان کي ڇا ٿي ويو آهي جو (جواب ئي نٿا ڏيو ۽) ڳالهايو ئي نٿا. (۹۳) سو هنن ڏي وڌيو ۽ ساڄي هٿ سان (هنن کي) ڏڪ هٽڻ لڳو. (۹٤) تنهن تي اهي ماڻهو ڊوڙندا آيا ۽ سندس سامهون ٿيا. (۹۵) حضرت ابراهيم کين چيو تہ، ڇا جن کي توهان پاڻ تراشي ٺاهيو آهي تن کي توهان پوڄيو ٿا؟ (۹٦) (توهان ايترو بہ خيال نٿا ڪيو تہ) الله ئي توهان کي خلقيو آهي ۽ جيڪي توهان بنايو ٿا تنهن کي بہ (تہ اصل الله ئي پيدا ڪيو آهي.) (۹۷) (تنهن تي هو دليل تہ ڪونہ ڏيئي سگهيا سو ويرونڊ لاءِ) چيائون تہ هن جي لاءِ هڪ ڪورو ٺاهي تپايو ۽ پوءِ اڇلايوس انهي ڇيي کندڙ باهہ ۾. (۹۸) مطلب تہ هنن سندس خلاف گهٽائي منصوبا رڦيا ۽ اسان هنن کي (ناڪامياب ڪري) خوار ۽ بي ايمان ڪري ڇڏيو. (۹۹) ۽ حضرت ابراهيم چيو تہ، مان پنهنجي پروردگار ڏي وڃي رهيو آهيان. يقيناً هو مون کي سڌي واٽ تي لڳائيندو. (۱۰۰) (حضرت ابراهيم دعا گهري تہ) اي منهنجا پروردگار! مون کي (اهڙو پٽ) ڏي جو صالحن منجهان هجي. (۱۰۱) سو اسان هن کي هڪڙي حليم طبع ڇوڪر جي بشارت ڏني. (۱۰۲) پوءِ جڏهن (حضرت اسماعيل جوان ٿيو ۽) ساٿس گڏ ڪم ڪرڻ جي عمر کي رسيو تڏهن حضرت ابراهيم کيس چيو تہ، اي منهنجا (پيارا) پٽ! مون خواب ۾ ڏٺو آهي تہ

تو کي ذبح ٿو ڪيو ڪيان (يعني ڪهان ٿو پيو) پوءِ خيال ڪري ٻڌاءِ تنهنجي ڪهڙي راءِ آهي؟ هن جواب ڏنو تي منهنجا (پيارا) بابا! جيڪو تو کي حڪم مليو آهي تنهن جي تعميل ڪري ڇڏ. تون ڏسندين تہ انشاءَ الله مان صابر رهندس. (۱۰۳) پوءِ جڏهن ٻئي ڇٽا حڪم جي تابعداريءَ لاءِ تيار ٿيا ۽ پيءُ پٽ کي پيشانيءَ ڀر ليٽايو. (۱۰٤) تڏهن اسان ڪيس پڪاري چيو تہ اي ابراهيم (بس، پٽ کي نہ ڪهہ). (۱۰۵) بيشڪ تو خواب سچي ڪري ڏيکاريو (يعني پٽ کي ڪهڻ لاءِ تيار ٿي ويو آهين ۽ هو بہ ڪسجڻ لاءِ دل و جان سان تيار آهي. سو اسان اوهان ٻنهي کي دنيا ۽ آخرت ۾ وڏي ڪاميابي ڏينداسين) اسان نيڪي ڪندڙن کي اهڙيءَ طرح نيڪ بدلو ڏيندا آهيون. (۱۰٦) يقيناً اها ظاهرظهور آزمائش هئي. (اسان جي ڪا اها مرضي ڪانہ هئي تہ پٽ کي ڪهي ڇڏي. اسان کي جانورن يا ماڻهن جو رت ڪونہ ٿو ڪپي). (۱۰۷) ۽ اسان هڪ وڏي قرباني‌ءَ جو فديو ڏيئي هن کي (يعني حضرت اسماعيل کي) بچايو. (۱۰۸) ۽ اسان هن جي لاءِ پوين پيڙهين ۾ هيءَ (دعا) ڇڏي تہ. (۱۰۹) سلامتي هجي حضرت ابراهيم تي. (۱۱۰) اسان نيڪي ڪندڙن کي اهڙيءَ طرح نيڪ بدلو ڏيندا آهيون. (۱۱۱) يقيناً هو اسان جي ايمان وارن ٻانهن مان هو. (۱۱۲) ۽ اسان حضرت ابراهيم کي (ٻئي پٽ) اسحاق (جي ڄمڻ) جي بشارت ڏني تہ هو هڪ صالح نبي ٿيندو. (۱۱۳) ۽ اسان حضرت ابراهيم تي ۽ حضرت اسحاق تي برڪتون ڪيون. انهن جي نسل مان کي تہ نيڪيون ڪندڙ آهن پر کي ظاهرظهور (ظالم آهن ۽) پنهنجي نفس تي ظلم ڪري رهيا آهن.

رڪوع ٤ آيت ۱۱٤ ـ تا ـ ۱۳۸

حضرت موسيٰ عليہ السلام، حضرت الياس عليہ السلام ۽ حضرت لوط جي باري ۾ ٿورو احوال

(۱۱٤) ۽ هيءَ حقيقت آهي تہ اسان موسيٰ ۽ هارون تي وڏو احسان ڪيو. (۱۱۵) ۽ ٻنهي کي ۽ سندن قوم (بني اسرائيل) کي وڏي مصيبت (يعني فرعون جي غلاميءَ ۽ سندس ظلمن) کان ڇڏايو. (۱۱٦) ۽ اسان سندس مدد ڪئي جنهن ڪري هو غالب رهيا (۽ مصيبتن کان ڇٽي پيا). (۱۱۷) ۽ اسان ٻنهي کي اهڙو ڪتاب ڏنو جو حقيقتن کي ڇٽو ڪري ڏيکارڻ ۾ وڏي مدد ڪندڙ هو. (۱۱۸) ۽ اسان ٻنهي کي سڌي راهہ ڏيکاري ڇڏي. (۱۱۹) ۽ اسان ٻنهي لاءِ پوين پيڙهين ۾ هي دعا ڇڏي. (۱۲۰) (تہ) موسيٰ ۽ هارون تي سلامتي هجي. (۱۲۱) بيشڪ اسان نيڪي ڪندڙن کي اهڙيءَ طرح نيڪ بدلو ڏيندا آهيون. (۱۲۲) بيشڪ اهي ٻئي اسان جي مؤمن ٻانهن منجهان هئا. (۱۲۳) ۽ يقيناً حضرت الياس بہ هڪڙو رسول هو. (۱۲٤) ڏسو! هن پنهنجي قوم جي ماڻهن کي چيو تہ، (خدا جي نافرمانيءَ جي نتيجن کان) توهان ڊڄو ئي نٿا؟ (۱۲۵) ڇا توهان بعل (سورج ديوتا) کي پڪاريو ٿا ۽ انهيءَ الله کي ڇڏي ٿا ڏيو جو بهترين خالق آهي. (۱۲٦) انهيءَ الله کي (وساري ٿا ڇڏيو) جو اوهان جو بہ پروردگار آهي ۽ اوهان جي اڳوڻن ابن ڏاڏن جو بہ پروردگار آهي. (۱۲۷) پر

هنن کيس ڪوڙو ٺهرايو ۽ نہ مڃيو، سو يقيناً اهي (عذاب لاءِ) حاضر ڪيا ويندا. (۱۲۸) سواءِ الله جي سچن ٻانهن جي (جن کي ڪامياب ڪيو ويندو). (۱۲۹) ۽ اسان هن جي لاءِ پوين پيڑهين ۾ هيءَ دعا ڇڏي (تہ)، (۱۳۰) حضرت الياس تي سلامتي هجي. (۱۳۱) بيشڪ اسان نيڪيون ڪندڙن کي اهڙيءَ طرح نيڪ بدلو ڏيندا آهيون. (۱۳۲) يقيناً هو اسان جي مؤمن ٻانهن مان هڪ هو. (۱۳۳) ۽ يقيناً حضرت لوط ٻہ هڪڙو رسول هو. (۱۳٤) ڏسو اسان کيس ۽ سندس سيني ماڻهن کي (سندن مخالفن کان ۽ ڇپن هيٺ اچي تباهہ ٿيڻ کان) بچائي ورتو. (۱۳۵) سواءِ هڪ پوڙهي عورت جي (جا سندس زال هئي) جا پٺتي رهجي ويلن ۾ رهجي پيئي. (۱۳٦) پوءِ (انهن) ٻين کي اسان (پٿرن جي مينهن سان) ناس ڪري ڇڏيو. (۱۳۷) ۽ يقيناً توهان (مڪي جا عرب) ڏينهن جي وقت ٻہ انهن جي (ڪنڊرن) مٿان لنگهندا آهيو. (۱۳۸) ۽ رات جي وقت ٻہ (لنگهندا آهيو) پوءِ ڇا توهان (انهيءَ واقعي مان ڪجهہ) سمجهو ئي نٿا (۽ عبرت ئي نٿا وٺو. افسوس!)

رکوع ۵ آيت ۱۳۹ ـ تا ـ ۱۸۲

حضرت يونس عليہ السلام جو بيان، مڪي جي ڪافرن جي حالت ۽ ڪين نصيحت.

(۱۳۹) ۽ يقيناً حضرت يونس ٻہ هڪڙو رسول هو. (۱٤۰) ڏسو هو (نينوا شهر مان ماڻهن جي مڃڻ بابت ناميد ٿي شهر ڇڏي نڪتو ۽) پريل جهاز ڏانهن پڳو (۽ ان ۾ چڙهيو). (۱٤۱) هُن ڪُٽن وجهڻ جي قبوليت ڏني (ڪٽا وڌائون جيڪي سندس خلاف ويا ۽) هو قصور وار ٺهرايو ويو. (۱٤۲) پوءِ هڪ مڇي کيس ڳهي ويئي ۽ هن پاڻ کي ڏوهہ ڏنو (جو هو خدا جي حڪم کان سواءِ نينوا مان نڪتو هو). (۱٤۳) پوءِ جيڪڏهن هو (پشيمان نہ ٿئي ها ۽) خدا جي پاڪائي ۽ شان بيان نہ ڪري ها تہ، (۱٤٤) قيامت تائين ان (مڇيءَ) جي پيٽ ۾ پيو رهي ها. (۱٤۵) پوءِ اسان هن کي خشڪ ڪناري تي بيمار جهڙي حالت ۾ اڇلائي ڇڏيو. (۱٤٦) ۽ اسان هن جي مٿان هڪڙو ڪدوءَ جي قسم جو پکڙندڙ وڻ ڄمايو ۽ پکيڙيو. (۱٤۷) ۽ اسان هن کي (وري نينوا جي) هڪ لک ۽ ڪجهہ وڌيڪ ماڻهن ڏانهن موڪليو. (۱٤۸) هنن ايمان آندو سو اسان ٻہ ڪجهہ عرصي تائين هنن کي آسودگيءَ واري زندگي نصيب ڪئي. (۱٤۹) سو (اي پيغمبر!) تون هنن (مڪي جي ڪافرن) جي راءِ تہ پڇ تہ، ڇا تنهنجي پروردگار لاءِ آهن ڌيئرون ۽ توهان جي لاءِ پٽ؟ (يعني توهان تہ پٽ ٿا چاهيو ۽ ڌيئرن کي ڏڪاريو ٿا، پوءِ الله جي لاءِ وري ڪيئن ٿا ڌيئرون ٺهرايو؟) (۱۵۰) يا (پڇين تہ) اسان ملائڪن کي مادیون ڪري خلقيو آهي ڇا؟ توهان (اڳين) ڏٺو آهي ڇا؟ (۱۵۱) ڏس هو يقيناً هٿرادو ڪوڙ ٺاهي رهيا آهن (تہ) (۱۵۲) الله تعاليٰ ٻار جڻيا آهن، يقيناً هو بلڪل ڪوڙا آهن. (۱۵۳) ڇا هن پٽن کان ڌيئرن کي وڌيڪ پسند ڪيو آهي؟ (۱۵٤) توهان (منڪرن) کي ڇا ٿي ويو آهي؟ ڪيئن ٿا اهڙي (غلط) راءِ ڏيو؟ (۱۵۵) پوءِ توهان سمجهندؤ يا نہ؟ (۱۵٦) يا توهان وٽ ڪا چٽي سند يا دليل ٻہ آهي؟ (۱۵۷) جيڪڏهن توهان سچا آهيو (۽ ڪا سند اٿو) تہ پلا آڻيو

پنهنجو ڪتاب (هنن وٽ ڪا سند يا دليل ٿو هوئي ڪوڙ!) (۱۵۸) ۽ انهن (منڪرن) الله ۽ جنن جي وچ ۾ مائٽي ٺهرائي آهي (يعني چون ٿا ته جن الله تعاليٰ جا مائٽ آهن) پر حقيقت هي آهي ته جنن کي معلوم آهي ته، هو يقيناً (خدا جي اڳيان پڇاڻي لاءِ) حاضر ڪيا ويندا. (۱۵۹) وڏو شان آهي الله جو هو پاڪ آهي انهن ڳالهين کان جيڪي اهي منڪر ساڻس لڳائين ٿا. (۱۶۰) پر الله جا سچا ٻانها (ائين ڪونہ ٿا ڪن). (۱۶۱) سو يقين آهي ته اوهين ۽ (اهي سڀ) جن جي عبادت ڪريو ٿا. (۱۶۲) ڪنهن کي بہ اوهين الله جي باري ۾ گمراهہ ڪري نہ ٿا سگهو. (۱۶۳) سواءِ انهيءَ جي جو (پاڻ گمراهہ ٿي) ٻرندڙ باهہ ۾ پوڻ وارو آهي. (۱۶۴) (صفن ۾ بيٺل مؤمن يا ملائڪ چون ٿا ته) اسان مان هرهڪ لاءِ ٻيهڻ جي جاءِ مقرر آهي. (۱۶۵) ۽ اسان (فرض اداڻين لاءِ هڪ ٿي) صفن ۾ بيٺا آهيون. (۱۶۶) ۽ يقيناً اسان (خدا جي راهہ ۾) جهاد ڪندڙ آهيون. (۱۶۷) ۽ (هنن منڪرن ۾) کي اهڙا هئا جيڪي چوندا هئا ته، (۱۶۸) جيڪڏهن اسان وٽ اڳين ماڻهن جو کو پيغام ڇڏيل هجي ها. (۱۶۹) ته پوءِ سچ پچ اسان خدا جا سچا ٻانها ٿيون ها. (۱۷۰) پر هاڻي (جڏهن وٽن قرآن اچي ويو آهي تڏهن) ان کي نٿا مڃين. پر جلد ئي معلوم ڪندا (ته نہ مڃڻ جو نتيجو چا ٿو ٿئي). (۱۷۱) ۽ هيءَ حقيقت آهي ته، اسان جو قول اسان جي موڪليل ٻانهن کي اڳ ئي پهچي چڪو آهي ته، (۱۷۲) يقيناً سندن مدد ڪئي ويندي. (۱۷۳) ۽ يقيناً اسان جو لشڪر غالب پوندو. (۱۷۴) تنهن ڪري (اي پيغمبر!) ڪجهہ وقت انهن ماڻهن کان منهن ڦيرائي ڇڏ. (يعني کين ڇڏي ڏي). (۱۷۵) ۽ انهن کي ڏسندو رهہ (ته ڪهڙي ٿي حالت ٿئين) هو بہ جلد ئي ڏسندا (ته اسان تون غالب ۽ ڪامياب رهندين). (۱۷۶) پوءِ چا هنن (سچ پچ) اسان جي عذاب جي اڇ لاءِ تڪڙ لائي ڏني آهي؟ (هو چوندا هئا ته تي عذاب ڪونہ ايندو ۽ جيڪڏهن اڇٽو آهي ته ڀلا هڪدم اچي.) (۱۷۷) پر جڏهن اهو عذاب سندن اڳيان اچي نازل ٿيندو تڏهن انهن جو صبح ڪهڙو نہ خراب ٿيندو جن کي خبردار بہ ڪيو ويو هو (پر ڏيان ئي ڪونہ ڏنائون ۽ پنهنجا عمل نہ سڌاريائون). (۱۷۸) سو (اي پيغمبر!) انهن ماڻهن کان منهن ڦيرائي ڇڏ. (۱۷۹) ۽ ڏسندو رهہ (ته سندن حالت ڪهڙي ٿي ٿئي) هو بہ جلد ڏسندا (ته تون ڪامياب ٿيندين). (۱۸۰) تنهن جو پروردگار وڏي شان وارو آهي ۽ وڏي طاقت ۽ عزت جو مالڪ آهي، هو پاڪ آهي انهن سيني ڳالهين کان جي اهي ڪافر هن جي متعلق چون ٿا. (۱۸۱) ۽ سيني رسولن تي سلام هجي. (۱۸۲) ۽ سڀ ساراهہ انهيءَ الله جي لاءِ آهي جو سڄي جهان جو پروردگار آهي.

سورت صٓ

بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي.

رڪوع ١ آيت ١ - تا - ١٤

مڪي جي ڪافرن جي مخالفت ۽ انڪار

(١) صاد قرآن مجيد تي غور ڪيو جنهن ۾ (الله جو پيغام آهي ۽ جنهن ۾ اعليٰ) نصيحت آهي.(٢) حقيقت هي آهي ته جيڪي ماڻهو (قرآن جي مڃڻ کان) انڪارڪن ٿا. (٣) (هنن منڪرن هيءَ ڳالهه وساري ڇڏي آهي ته) ڪائنڪ اڳي اسان ڪيترين ئي پيڙهيون (سندن بدعملن جي ڪري) برباد ڪري ڇڏيون. پوءِ هو دانهون ڪرڻ لڳا جڏهن (عذاب ۽ بربادي ڪان) بچڻ جو وقت گذري ويو. (٤) ۽ هي (مڪي جا منڪر) عجب ٿا ڪائين ته اسان مان ئي اسان ڏي هڪڙو خبردار ڪندڙ (پيغمبر) ٿي آيو آهي. ۽ اهي ڪافر چون ٿا ته، هي (پيغمبر ﷺ) جادوگر آهي، ۽ ڪوڙ ڳالهائي چوي ٿو (ته مان پيغمبر آهيان). (٥) (۽ منڪر چون ٿا ته) ڇا هن (پيغمبر) گهڻن معبودن ديوتائن کي گڏي هڪ خدا ڪٽي ٻڌايو آهي. يقيناً هيءَ وڏي عجب جهڙي ڳالهه آهي. (٦) هنن منڪرن ۾ جيڪي سردار هئا سي (اسلام بابت بحث ڪندي ڪاوڙجي) اٿي هليا (۽ وڃڻ وقت ماڻهن کي چيائون ته) توهان ٻه هليا وڃو. ۽ پنهنجي ديوتائن (جي پوڄا ڪرڻ) تي ثابت قدم رهو. يقين رکو ته هيءَ ڳالهه (ڪنهن مطلب لاءِ اوهان جي خلاف) سٽي ويئي آهي. (۽ چيائون ته). (٧) اسان اڳوڻي قوم يا پيڙهيءَ ۾ اهڙي ڳالهه ڪڏهن ٻڌي. اها ڪجهه ٻه ناهي. رڳو هٿرادو ناهيل ڳالهه آهي. (٨) ڇا اسان سيني مان اچي هن (يتيم بي پهچ مسڪين) تي وحي نازل ٿيو آهي؟ حقيقت هيءَ آهي ته هنن ڪي منهنجي وحي بابت ئي شڪ آهي (هو سمجهن ٿا ته خدا وحي موڪلينڈو ئي ڪونهي، ان ڪان سواءِ هنن ڪي قرآن جي تعليم پسند ٻه نٿي اچي) هيئن ٻه آهي ته هنن اڃا منهنجي عذاب جو ذائقو نه چکيو آهي، (جڏهن عذاب ايندن تڏهن اکيون سندن کلنديون.) (٩) (هي سردار جو هيترو هٺ ۽ وڌائي ٿا ڪن سو اي پيغمبر!) هيئن آهي ڇا ته، وٽن تنهنجي انهيءَ پروردگار جي رحمت جا خزانا پيل آهن جو وڏي طاقت، غلبي وارو آهي ۽ وڏو فياض آهي ۽ بي حساب نعمتون عطا ڪندڙ آهي؟ (١٠) يا هيئن آهي ڇا ته هنن کي آسمانن ۽ زمين جي بادشاهي آهي ۽ جيڪي ٻه انهن جي وچ ۾ آهي (تنهن جي ٻه ڪين بادشاهي آهي) جيڪڏهن اٿين آهي ته رسن يا ڏاڪٽين سان مٿي ته چڙهن. (۽ الله جي وحي کي روڪين ۽ مؤمنن کي غالب ٿيڻ نه ڏين. اٽلندو جلد هو پاڻ مغلوب ٿيندا.) (١١) هي (مڪي جو گروهه ٻه اڳوڻن ڪافرن جي) لشڪرن وانگر هڪڙو لشڪر آهي، جنهن کي هتي (شڪست ڏيئي) پڇايو ويندو. (١٢) انهن کان اڳ ۾ حضرت نوح جي قوم، عاد

جي قوم ۽ ڪِلن واري فرعون (پيغمبرن کي) ڪوڙو ڏهرايو ۽ کين نہ مڃيو، (تہ تباهہ ٿي ويا.) (۱۳) ۽ ثمود جي قوم ۽ حضرت لوط جي قوم ۽ ٻيلي جا ماڻهو ۽ (اهڙائي) لشڪر هئا (جن نہ مڃيو تنهن ڪري منهنجي سزا جا حقدار ٿيا.)(۱٤) انهن مان هرهڪ رسولن کي ڪوڙو ڏهرايو ۽ نہ مڃيو تنهن ڪري منهنجي سزا جا حقدار ٿيا.

رڪوع ۲ آيت ۱۵ ـ تا ـ ۲٦

حضرت داؤد عليہ السلام جو احوال ۽ ڪيس حق ۽ انصاف سان فيصلا ڪرڻ جي تلقين.

(۱۵) ۽ (اي پيغمبر!) اهي (منڪر) انهيءَ گهڙيءَ جو انتظار ڪيون ويٺا آهن جڏهن هڪ (دهشتناڪ) آواز ٿيندو (۽ هو فنا ٿي ويندا) جنهن آواز ۾ هڪ پل جو ناغو ۽ ڪونہ پوندو. (۱٦) اهي (مسخريءَ طور) چون ٿا تہ، اي اسان جا پروردگار حساب جي ڏينهن کان اڳ ئي ڪڙو ئي ڪڙو اسان جي لاءِ اهو عذاب آڻ جو اسان جي حصي ۾ اچڻو آهي. (۱۷) سو (اي پيغمبر!) جيڪي هو چون ٿا سو صبر سان برداشت ڪر ۽ اسان جي ٻانهي حضرت داؤد جو قصو ياد ڪر جيڪو وڏي طاقت وارو هوندو هو. هو هر وقت ۽ هر حال ۾ (الله ڏي) رجوع ڪندڙ هو (يعني هر ڪم ۾ الله جي حڪمن تي هلندڙ هو.) (۱۸) بيشڪ اسان جبل ۽ (حضرت داؤد عليہ السلام کي) تابع ڪري ڏنا. جي ساڻس گڏ صبح شام خدا جو شان ۽ پاڪائي بيان ڪندا هئا. (۱۹) ۽ پکي ۽ گڏ ڪيا ويندا هئا سڀ هن ڏي رجوع ڪندڙ هيا، (يعني حضرت داؤد جي ڪم ايندا هئا). (۲۰) ۽ اسان سندس سلطنت کي مضبوط ڪيو. ۽ ڪيس عقل ۽ دانائي ڏني ۽ تقرير ڪرڻ جي اهڙي قابليت ڏني جو اها (تقرير) پورو فيصلو ڪندڙ هئي ۽ پوري چٽائي ڪندڙ هئي. (۲۱) ۽ (اي پيغمبر!) تو ڪڏهن انهن دعوا ڪندڙن جو قصو ٻڌو آهي جيڪي (حضرت داؤد عليہ السلام جي) خانگي ڪمري ۾ پٽ ٽپي لنگهي آيا هئا. (۲۲) جڏهن هو اندر گهڙي حضرت داؤد عليہ السلام وٽ (اوچتوئي اوچتو) پهچي ويا تڏهن هو هنن کان گهبرائجي ويو. هنن ڪيس چيو تہ، ڊڄ نہ، اسان ۾ تڪراري آهيون، اسان مان هڪڙي ٻئي تي ظلم ڪيو آهي. سو اسان جي وچ ۾ حق ۽ انصاف سان فيصلو ڪر، ٻي انصافي نہ ڪجانءِ ۽ اسان کي سڌي واٽ ڏيکارجانءِ. (۲۳) (انهن مان هڪڙي چيو تہ) بيشڪ هي منهنجو ڀاءُ آهي. هن کي نوانوي دنبيون آهن ۽ مون کي فقط هڪڙي دنبي آهي. تڏهن ۾ هو چوي ٿو تہ، اها ۾ منهنجي حوالي ڪري ڇڏ ۽ گفتگو ۾ هو مون کي دٻائي ٿو. (۲٤) (حضرت داؤد عليہ السلام ڪيس) چيو تہ، يقيناً هو ظلم ڪري رهيو آهي، جو تنهنجي هڪڙي دنبي پنهنجين دنبن سان ملائڻ جي گهر ڪري رهيو آهي. ۽ يقيناً گهڻائي پائيوار اهڙا هوندا آهن جو هڪ ٻئي سان ٻي انصافي ڪندا آهن (۽ ٻئي جو حق ڪائي ويندا آهن) سواءِ انهن جي، جيڪي ايمان وارا آهن ۽ صالح عمل ڪندڙ آهن، پر اهڙا بلڪل ٿورا آهن ۽ حضرت داؤد عليہ السلام پانيو تہ اسان سندس آزمائش ٿي ورتي، سو هن

پنهنجي پروردگار کان معافي گهري ۽ رکوع ۾ جهکي پيو ۽ خدا جي طرف رجوع ڪيائين. (۲۵) (الله تعاليٰ فرمائي ٿو ت) پوءِ اسان هن کي اها خطا معاف ڪري ڇڏي، ۽ بيشڪ هن کي اسان وٽ ويجهڑائي جو درجو حاصل آهي ۽ (آخرت ۾) سهڻي جاءِ تي موڻي اچڻو آهي. (۲٦) اي داؤد! اسان تو کي زمين تي بادشاهي ڏني آهي، سو ماڻهن جي وچ ۾ حق ۽ انصاف سان فيصلا ڪندو ڪر ۽ (پنهنجي دل جي) خواهش تي نه لڳجانءِ، جو اهي خواهشون تو کي الله جي واٽ کان پڙڪائي هٽائي ڇڏينديون. يقين آهي جيڪي خدا جي واٽ کان هٽي ٿا وڃن تن جي لاءِ سخت ۾ سخت عذاب آهي، جو هنن حساب وارو ڏينهن وساري ڇڏيو آهي.

رکوع ۳ آيت ۲۷ ـ تا ـ ٤۰

آسمان ۽ زمين ڪنهن مقصد لاءِ خلقيا ويا آهن، حضرت سليمان عليہ السلام جو ذڪر.

(۲۷) (الله تعاليٰ فرمائي ٿو ت) اسان آسمان ۽ زمين کي ۽ جيڪي جيڪي انهن جي وچ ۾ آهي تن کي بنا مقصد جي ڪونہ خلقيو آهي. اهو خيال (ت دنيا رڳو کيل تماشو آهي) انهن ماڻهن جو خيال آهي جن ڪفر جي واٽ ورتي آهي. سو جن ماڻهن ڪفر (يعني بدڪمن) جي واٽ ورتي آهي تن جي لاءِ وڏي مصيبت آهي، جو هو باهہ ۾ سڙندا. (۲۸) يا (هيئن آهي چا ت) اسان ايمان آڻيندڙن ۽ صالح عمل ڪندڙن کي انهن جهڙو ڪري ڏسنداسين، جيڪي ملڪ ۾ (سڌاري بدران) بگاڙو ڪندڙ آهن؟ يا پرهيزگارن ۽ نيڪيون ڪندڙن کي حق کان هٽندڙ بدڪارن جهڙو ڪنداسين چا؟ (۲۹) هي (قرآن) برڪتن سان ڀريل اسان تو تي (اي پيغمبر!) هن لاءِ نازل ڪيو آهي ت ماڻهو ان جي آيتن (۾ ڏنل ڳالهين ۽ حڪمن) تي غور ۽ فڪر ڪن ۽ سمجهہ وارا ماڻهو نصيحت حاصل ڪن. (۳۰) ۽ اسان حضرت داؤد کي حضرت سليمان (پٽ) عطا ڪيو. هو (يعني حضرت سليمان عليہ السلام) ڪهڙو نہ چگو ٻانهو (خدا جو) هو. هو يقيناً (هر حالت ۾) الله تعاليٰ (جي حڪمن) ڏي رجوع ٿيندڙ هو. (۳۱) ڏسو! شام جي وقت جڏهن اصيل ۽ تيز (ڀڄندڙ) گهوڙا هن جي اڳيان آندا ويا. (۳۲) تڏهن هن چيو ت، مان جو دولت (۽ گهوڙن) سان حب ٿو رکان سو خدا جي ياد گيريءَ جي ڪري (۽ سندس حڪمن جي تعميل جي نيت سان گهوڙن کي نظر مان ڪيندو رهيو) تان جو سج پردي پٺيان لڪي ويو. (يعني سج لهي ويو.) (۳۳) (سج لهي وڃڻ بعد چيائين ت، انهن گهوڙن کي) وري ہ موڪلائي مون ڏي آڻيو (ماڻهن گهوڙا موڪلائي آندا ۽) هو سندس ٽنگن ۽ ڳچين تي (پيار جو) هٿ گهمائڻ لڳو. (۳٤) ۽ هيءَ حقيقت آهي ت اسان حضرت سليمان جي آزمائش ورتي ۽ سندس تخت تي هڪڙو بي جان بوتو ويهاريوسين، پر (تڏهن ہ) هو خدا ڏي رجوع ٿيندو رهيو (۽ چگا ڪم ڪندو رهيو.) (۳۵) حضرت سليمان دعا گهري ت، اي منهنجا پروردگار! مون کي (هر قسم جي خطرن کان) پناهہ ۾ رک ۽ اهڙي حڪومت عطا ڪر جهڙي مون کان پوءِ ڪنهن کي ہ نہ سونهي. بيشڪ تون وڏيون نعمتون بخشيندڙ آهين. (۳٦) پوءِ اسان هوا کي هن

جي تابع ڪيو جا سندس حڪم موجب جاڏي چاهيندو هو تاڏي لڳندي هئي (جهازن کي هلائيندي هئي). (٣٧) ۽ شيطان کي ۽ (يعني سرڪش جنن جون ٽوليون ۽ انسان هن کي تابع ڪري ڏنيون) جيڪي (هن جي لاءِ) عمارتون ٺاهيندیون هيون ۽ (موتين وغيره ڪڍڻ لاءِ يا مڇين مارڻ لاءِ) سمنڊ ۾ ٽٻيون هڻندیون هيون. (٣٨) ۽ کين ڪي ٻيا جن (۽ تابع ڪري ڏناسون) جي زنجيرن ۾ جڪڑيل هوندا هئا. (٣٩) (اي سليمان!) هي (توتي) انسان جي بخشش آهي. پوءِ (اها دولت وغيره ٻين کي) احسان طور ڏيئي ڇڏين يا ٻي حساب دولت گڏ ڪري پاڻ وٽ (خدائي ڪمن لاءِ) رکين (تہ تنهنجي مرضيءَ تي ڇڏيل آهي). (٤٠) ۽ يقيناً هن کي انسان وٽ ويجهڑائي جو وڏو درجو مليل هو. ۽ (آخرت ۾ ۽ هن جي لاءِ) سهڻي جاءِ (تيار رکيل) آهي. (جتي هو موتي اڇي رهندو.)

رکوع ٤ آيت ٤١ ـ تا ـ ٦٤

حضرت ايوب عليہ السلام جو ذڪر، قيامت بعد نيڪن ۽ بدڪارن جون مختلف حالتون.

(٤١) ۽ (اي پيغمبر!) انسان جي ٻانهي حضرت ايوب جو قصو ياد رک. جنهن پنهنجي پروردگار کي پڪاري چيو تہ، شيطان مون کي رنج ۽ تڪليف پهچائي آهي. (٤٢) (الله تعاليٰ ڪيس فرمايو تہ) پنهنجو پير (زمين تي) هڻ (اٿين ڪيائين تہ پاڻي ظاهر ٿي پيو ۽ الله تعاليٰ ڪيس فرمايو تہ) هي اٿئي وهنجڻ جو پاڻي جيڪو ٺڏو ۽ صحت بخش آهي ۽ پيئڻ لاءِ ۽ چگو آهي. (سڀ بيماريون لهي ويس). (٤٣) ۽ (هن جا ٻار ٻچا ۽ مٽ مائٽ مري ويا هئا پر هاڻي وري) انسان هن کي ٻار ٻچا ۽ ڪٽنب عطا ڪيو، بلڪ ٻيڻو عطا ڪيو. اها هئي انسان وڻان (هن جي لاءِ) رحمت ۽ سمجهہ وارن لاءِ (انهيءَ واقعي ۾) وڏي نصيحت آهي. (٤٤) (پائڻجي ٿو تہ بيماريءَ جي حالت ۾ حضرت ايوب عليہ السلام پنهنجي گهرواريءَ کي چيو هو تہ، تو کي مار ڏيندس، سو هاڻي الله تعاليٰ سندس چوڻ پورو ڪري ڏيکارڻ لاءِ ڪيس فرمايو تہ) پنهنجي هٿ ۾ ڪجهہ گاهہ ڪڍ ۽ ان سان (آهستي) ڏڪ هڻ ۽ (پنهنجو) واعدو نہ ڀڃ. بيشڪ انسان ڪيس صابر ۽ ثابت قدم ڏٺو. هو ڪهڙو نہ چگو ٻانهو هو. يقيناً هو هر حالت ۾ (الله جي حڪمن ڏي) رجوع ڪندڙ هو (يعني الله جي حڪمن جي تعميل ڪندو هو). (٤٥) ۽ (اي پيغمبر!) انسان جي ٻانهن حضرت ابراهيم، حضرت اسحاق ۽ حضرت يعقوب جو قصو ۽ ياد رک، جيڪي سڀ وڏي طاقت وارا ۽ وڏي عقل وارا هئا. (٤٦) بيشڪ انسان هنن کي خاص طرح هن لاءِ چونڊيو (۽ نبي ڪري موڪليو) تہ (ماڻهن کي) آخرت جي گهر متعلق پيغام پهچائين (۽ هيءَ حقيقت سمجهائين تہ نيڪ ڪمن جو نيڪ بدلو ۽ بد ڪمن لاءِ عذاب آخر ضرور ملڻو آهي. (٤٧) ۽ بيشڪ اُهي (پيغمبر) انسان جي نظر ۾ انهن منجهان آهن، جن کي انسان چونڊي ڪنيو ۽ نيڪ هئا. (٤٨) ۽ حضرت اسماعيل، حضرت يسع ۽ حضرت ذوالڪفل جا قصا ۽ ياد رک اهي سڀئي ۽ نيڪن مان هئا. (٤٩) اهو (يعني نيڪن جو بيان ياد رکڻ ۽ ٻڌائڻ) وڏي نصيحت

۽ عبرت جو سامان آهي. ۽ يقيناً پرهيزگار ۽ نيڪ ماڻهن جي لاءِ سهڻي جاءِ (تيار رکيل) آهي (جنهن ۾ هو موتي اچي رهندا.) (۵۰) (اهي سهڻيون جايون آهن) دائمي باغ جن جا دروازا هنن جنتين لاءِ هميشہ کليل هوندا. (۵۱) اهي (جنتي) انهن باغن ۾ (کوچن تي) ٽيڪ ڏيئي آرام سان ويهندا)، ۽ انهن ۾ هو بي انداز ميون ۽ لذيذ شربتن لاءِ طلب کندا (۽ سندن طلب جي تعميل هڪدم ٿيندي.) (۵۲) ۽ هنن وٽ (شرميليون) اکيون هيٺ کندڙ، پاکدامن هڪ جيڏيون عورتون (سنگت ۾) هونديون. (۵۳) (کين چيو ويندو تہ) هي اڻو (اهي نعمتون) جن لاءِ اوهان کي واعدو ڏنو ويو هو، تہ اوهان کي حساب ونڊ واري ڏينهن ملنديون. (۵۴) بيشڪ اها اسان جي بخشش آهي جا کڏهن ب نہ کٽندي يا گهٽ ٿيندي. (۵۵) اهي آهن (نعمتون يقيناً نيکن کي نصيب ٿيندیون) ۽ سرڪش (بدڪار ماڻهن) کي (دنيا مان) موتي اچي رهڻ لاءِ نهايت ئي بچڙي جاءِ ملندي. (۵۶) (يعني) کين جهنم ملندو جنهن ۾ هو سڙندا. پوءِ اها ڪهڙي نہ بچڙي جاءِ هوندي. (۵۷) (بيشڪ) اهوئي آهي (عذاب جو کين ملندو) هو پلي تہ ان جو مزو چکن (هنن کي) اتي ٿهڪندڙ پاڻي ۽ وهندڙ پوءِ ملندي (جا تمام بدبودار ۽ برف جهڙي سخت ٺڏي هوندي.) (۵۸) ۽ انهن عذابن سان گڏ ٻيا ب اهڙا عذاب کين ڏنا ويندا. (۵۹) (کين چيو ويندو تہ، اجهو) هي هڪ ٻيو ٽولو اوهان سان گڏ (جهنم ڏانهن) ڏوکيندو ٿو وڃي. هنن جي لاءِ مرحبا (يا پليڪار) ڪانهي. يقيناً هو باھ ۾ پچندا. (۶۰) (اُنهي ٽولي جا ماڻهو) چوندا تہ بلڪ اوهان ب (باھ ۾ پچندؤ) توهان جي لاءِ ب مرحبا ڪانهي. توهان ئي اسان جي لاءِ هيءَ مصيبت آندي آهي. هي دوزخ ڪهڙي نہ بچڙي رهڻ جي جاءِ آهي. (۶۱) هو هيئن ب چوندا تہ، اي اسان جا پروردگار! جنهن ب اسان جي لاءِ هيءَ مصيبت آندي آهي تنهن جو باھ ۾ (سڙڻ جو) عذاب وڌائي ٻيٽو ڪر. (۶۲) ۽ هو چوندا تہ اسان کي ڇا ٿي پيو آهي جو اسان انهن ماڻهن کي ڪونہ ٿا ڏسون، جن کي اسان شريرن ۾ شمار ڪندا هئاسين. (هئا پاڻ شرير پر سچن مؤمنن کي شرير سمجهندا هئا). (۶۳) اسان انهن سان مسخريءَ طور اهڙي هلت ڪندا هئاسين يا اسان جون اکيون (۽ سمجهہ) انهن لاءِ چنجهيون ٿي پيون هيون؟ (جو نہ سمجهي سگهياسين تہ هو نيڪ آهن تنهن ڪري ڪامران رهندا). (۶۴) بيشڪ اهو حق ۽ انصاف آهي تہ دوزخي ماڻهو هڪ ٻئي سان جهڳڑا ڪن (اها ب هنن لاءِ سزا آهي).

رکوع ۵ آيت ۶۵ ـ تا ـ ۸۸

حضرت جن خدا جو موڪليل وحي ماڻهن کي پهچائن ٿا.

(۶۵) (اي پيغمبر! تون ماڻهن کي) چؤ تہ، مان تہ يقيناً فقط خبردار ڪندڙ آهيان، ۽ معبود (۽ بادشاهہ) فقط الله آهي جو هڪ آهي ۽ سيني تي غالب آهي. (۶۶) هو آسمانن ۽ زمين جو پرودگار آهي ۽ جيڪي ب انهن جي وچ ۾ آهي تنهن جو ب پروردگار آهي. هو وڏيءَ طاقت وارو آهي ۽ سپ

ڪجھ ڪري سگھي ٿو ۽ وڏو بخشيندڙ ۽ پناھ ڏيندڙ آھي. (٦٧) (اي پيغمبر! تون ماڻھن کي) ٻڌاءِ تہ ھي (قرآن الله تعاليٰ جو) عظيم پيغام آھي ۽ اعليٰ نصيحت آھي. (٦٨) (افسوس جو) اوھان ان کان منھن موڙيو ٿا (۽ پاڻ کي تباھ ٿا ڪيو.) (٦٩) مون کي انھن اعليٰ سردارن جي ڪا ٻہ خبر ناھي تہ ھو ڪھڙا بحث يا مشورا ٿا ڪن. (٧٠) مون کي تہ فقط ھي وحي موڪليو ويو آھي تہ مان فقط چٽو پٽو خبردار ڪندڙ آھيان. (٧١) (اي پيغمبر!) ياد رک تہ تنھنجي پروردگار ملائڪن کي ٻڌايو تہ مان مٽيءَ مان انسان کي پيدا ڪرڻ وارو آھيان. (٧٢) پوءِ جڏھن مان ان کي ناھي مڪمل ڪيان ۽ منجھس پنھنجو روح ڦوڪيان (يعني علم ۽ عقل حاصل ڪرڻ جي صلاحيت پيدا ڪيان ۽ ڪيس ارادي جي قوت ڏيان) تڏھن توھان ھن جي اڳيان سجدي ۾ ڪري پئو. (٧٣) سو سڀني ملائڪن گڏجي سجدو ڪيو. (٧٤) پر ابليس سجدو نہ ڪيو. ھن تڪبر ڪيو ۽ نافرمان ڪافر ٿيو. (٧٥) الله تعاليٰ فرمايو تہ، اي ابليس! تو کي ڪھڙيءَ ڳالھ ھن کي سجدي ڪرڻ کان روڪيو جنھن کي مون پاڻ پنھنجي ھٿن سان خلقيو آھي؟ ڇا تو کي ھٹ وڏائي چڑھي ويئي يا تون اعليٰ مرتبي وارو آھين؟ (٧٦) ھن جواب ڏنو تہ، مان ھن کان (يعني انسان کان) بھتر آھيان، تو مون کي باھ مان ناھيو آھي ۽ ھن کي مٽيءَ مان ناھيو آھي. (٧٧) الله تعاليٰ کيس حڪم ڪيو تہ (جنھن صورت ۾ تون ھٹ ٿو ڪرين ۽ منھنجي نافرماني ڪئي اٿئي تنھن صورت ۾) ھتان نڪري وڃ (يا ھن حالت مان نڪري وڃ) تون (ھاڻي) مردود تڙيل ۽ لعنتي آھين. (٧٨) ۽ بيشڪ قيامت تائين تو تي منھنجي لعنت رھندي. (٧٩) (تنھن تي شيطان) چيو تہ، اي منھنجا پروردگار! مون کي انھيءَ ڏينھن تائين مھلت ڏي، جنھن ڏينھن (مئل ماڻھو وري) جيئاري اٿاريا ويندا. (٨٠) الله تعاليٰ فرمايو تہ، وڃ تو کي مھلت آھي. (٨١) تو کي مقرر وقت واري ڏينھن تائين يعني قيامت تائين (مھلت آھي). (٨٢) ابليس (تنھن تي) چيو تہ، قسم آھي تنھنجي عزت جو تہ مان ھنن سڀني ماڻھن کي گمراھ ڪري ڇڏيندس. (٨٣) سواءِ انھن جيڪي، جي انھن مان تنھنجا سچا (فرمانبردار) ٻانھا آھن. (٨٤) الله تعاليٰ فرمايو تہ، اھا ڳالھ حق ۽ انصاف جي ڳالھ آھي ۽ مان اھائي ڳالھ ڪندو آھيان جا حق ۽ انصاف جي ڳالھ ھوندي آھي. (٨٥) مان چوان ٿو تہ (اي شيطان) مان توسان ۽ انھن ماڻھن مان جيڪي تنھنجي پوئتان لڳندا تن سڀني سان جھنم کي پري ڇڏيندس. (٨٦) (اي پيغمبر! ماڻھن کي) چؤ تہ، مان ھن (وحي ٻڌائڻ وغيره) جي عيوض ۾ اوھان کان ڪو اجورو انعام تہ ڪونہ ٿو گھران (پوءِ ڇو نٿا منھنجي ڳالھ سچي سمجھو) ۽ (پک سمجھو تہ) مان انھن منجھان نہ آھيان جيڪي پنھنجا ناھ ناھيندا آھن. (٨٧) ھي (قرآن) ٻيو ڪجھ ناھي سواءِ ھن جي تہ جھان جي سڀني ماڻھن لاءِ (خدا جو) پيغام ۽ نصيحت آھي. (٨٨) ۽ يقيناً توھان کنھن وقت کان پوءِ ان جي حقيقت معلوم ڪندؤ.

سورت الزُّمَر (گروهه ـ ٽولا)

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي.

رکوع ۱ آيت ۱ ـ تا ـ ۹

جيڪو بي شڪر ٿي پي راهه وڻندو سو ڪنڌ پر ڪرندو.

(۱) هي ڪتاب انهيءَ الله وٽان نازل ٿيو آهي جو هر ڪا قدرت رکي ٿو ۽ وڏي حڪمت وارو آهي. (۲) (اي پيغمبر!) يقيناً اسان تو تي هي ڪتاب حق سان نازل ڪيو آهي (۽ منجهس سچيون حقيقتون آهن ۽ سندس حڪم مفيد آهن) سو پوري پوري سچائيءَ سان ۽ پوري پوري شوق سان سندس بانهپ ڪندو رهه. (۳) ياد رکو تہ، خاص بانهپ ۽ فرمانبرداري فقط الله جي ڪرڻ گهرجي. پر جيڪي ماڻهو الله کي ڇڏي ٻين کي پنهنجا اولياءَ يا محافظ ٺا سمجهن (سي دليل طور چوندا آهن تہ) اسان فقط هن ڪري سندن بندگي ٺا ڪيون تہ اهي اسان کي الله تعاليٰ جي ويجهي آڻيندا (پر اهو دليل بلڪل غلط آهي، ڇو تہ الله تعاليٰ جي طاقت بي انت آهي هو سڀ ڪجهه پاڻ ڪري سگهي ٿو) يقيناً الله تعاليٰ انهن ماڻهن جي وچ ۾ سندن اختلافن بابت فيصلو ڪري ڇڏيندو. يقيناً الله تعاليٰ انهن کي (ڪاميابي ۽ سعادت جي) سڌي واٽ ڪونہ ڏيکاريندو جيڪي ڪوڙا ۽ ناشڪر گذار آهن. (٤) جيڪڏهن الله تعاليٰ چاهي ها تہ پنهنجي مخلوق مان جنهن کي وٺيس ها تنهن کي چونڊي پنهنجو پٽ ڪري ها. پر هو تہ پاڪ آهي (اهڙين ڳالهين مان) هو الله آهي، يڪانو آهي ۽ غالب آهي. (۵) هن زمين ۽ آسمانن کي موزون ۽ مناسب انداز ۾ ٺاهيو آهي (۽ مقصدن لاءِ ٺاهيو آهي، نہ اجايو) هو رات کي ڏينهن تي ۽ ڏينهن کي رات تي لپيٽي ٿو ۽ هن سج ۽ چنڊ کي (پنهنجي قانون جي) تابع ڪري ڇڏيو آهي جو هرهڪ (ان قانون موجب) هڪ مقرر وقت تائين هلندو رهي ٿو (۽ هلندو رهندو) ياد رکو تہ، هو وڏي طاقت وارو آهي ۽ وڏو بخشڻهار آهي. (٦) الله تعاليٰ اوهان کي هڪ نفس مان پيدا ڪيو آهي (سعدي جي قول موجب سڀ انسان هڪ ئي جوهر مان پيدا ٿيل آهن) ۽ عورت کي بہ (مرد جي سنگت لاءِ) ساڳئي ئي جوهر مان پيدا ڪيو اٿس. ۽ اوهان جي لاءِ اٺن قسمن جا ڍڳا ڍور (نر ۽ مادا) جوڙن ۾ بنايا اٿس. هو اوهان کي اوهان جي مائرن جي پيٽن ۾ بنائي ٿو ۽ (اتي) هڪ ٻئي پٺيان اونداهن ٽن پردن جي اندر ٿو ٺاهي. اهڙو (قدرت وارو) آهي الله اوهان جو پروردگار. سڀ بادشاهي سندس آهي. ڪائنس سواءِ ٻيو ڪوبہ معبود يا بادشاهہ ڪونهي. پوءِ توهان ڪيئن (حق کان) ڦري هٽي ويا آهيو. (۷) (ياد رکو تہ) جيڪڏهن توهان بي شڪر ٿي ڪفر جي واٽ ٺا وٺو تہ الله تعاليٰ کي توهان جي ڪابہ پرواهہ ناهي. (پر هو اهڙو رحم وارو آهي جو) پنهنجي بانهن جو ڪفر (۽ تباهي) ڪيس بلڪل پسند ناهي. پر جيڪڏهن توهان شڪر گذار آهيو (۽ سندس قرآن جو قدر ڪري ان تي عمل ٺا ڪيو) تہ هو اوهان

کان راضي ۽ خوش ٿو ٿئي ۽ (ياد رکو تہ، توهان جيڪڏهن ڪفر ڪندؤ ۽ بدعمل ڪندؤ تہ توهان جي عذاب جو بار ٻيو ڪوبہ نہ کڻندو ڇو تہ) ڪوبہ بار کڻندڙ ٻئي جو بار کڻي نٿو سگهي. (۽ ياد رکو تہ) توهان کي پنهنجي پروردگار ڏي موٽڻو آهي. پوءِ هو اوهان جي ڪئي عملن جي حقيقت ٻڌائيندو. يقيناً هو دلين ۾ لڪايل ڳالهيون بہ خوب ڄاڻي ٿو. (۸) ۽ جڏهن جڏهن انسان کي ڪا تڪليف ٿي پهچي تڏهن پنهنجي پروردگار ڏي رجوع ٿي ڪيس پڪاري ٿو (يعني گناهہ ڇڏي الله جي حڪمن تي هلي ٿو) پر پوءِ جڏهن الله تعاليٰ پاڻ وٽان ڪيس نعمت (۽ آسودگي) ڏئي ٿو تڏهن جنهن ڳالهہ لاءِ اڳي پڪاريو هئائين سا ڳالهہ وساري ڇڏي ٿو. (اي پيغمبر! تون اهڙي ماڻهوءَ کي) چؤ تہ ٿورو وقت پنهنجي ڪفر جو فائدو پلي وٺ. (جلد ئي عذابن ۾ پوندين) يقيناً تون دوزخي ماڻهن منجهان آهين. (۹) (ٻڌايو تہ) جيڪو رات جي وقت سجدي ۽ قيام ۾ رهي شوق سان نماز پڙهي ٿو ۽ آخرت جو خيال ۽ انديشو ٿو رکي ۽ پنهنجي پروردگار جي رحمت جي اميد ٿو رکي (سو بهتر آهي يا اهو جيڪو انهن ڳالهين کان پري آهي) تون ماڻهن کان پڇ تہ جيڪي ماڻهو حقيقتون ڄاڻن ٿا سي انهن جي برابر آهن ڇا جيڪي جاهل آهن. يقين ڄاڻو تہ فقط اهي ئي نصيحت وٺن ٿا جيڪي سمجهہ وارا آهن.

رکوع ۲ آيت ۱۰ ـ تا ـ ۲۱

الله جي پانهپ ڪرڻ ـ چگن ڪمن ڪرڻ لاءِ ترغيب ۽ شيطان جي پٽيان لڳڻ کان ترهيب.

(۱۰) (اي پيغمبر!) چؤ تہ، اي (خدا جا) مؤمن بندؤ پنهنجي پروردگار (جي نافرمانيءَ جي نتيجن) کان ڈجو هن دنيا ۾ جيڪي بہ ماڻهو نيڪ عمل ڪن ٿا تن جي لاءِ وڏي ڇگائي ۽ اجر آهي. ۽ (ياد رکو تہ) الله جي زمين ڪشادي آهي، (پنهنجي وطن ۾ ڇگايون ڪري نٿا سگهو تہ ٻئي پاسي هليا وڃو) جيڪي ماڻهو (حق تي ۽ نيڪ عملن تي) صبر سان ثابت قدم رهن ٿا تن کي يقيناً بي انداز اجر ۽ انعام ملندو. (۱۱) (اي پيغمبر!) تون چؤ تہ، يقيناً مون کي حڪم ڏنو ويو آهي، تہ مان وڏي شوق ۽ اخلاص سان الله جي پانهپ ڪيان (۽ سندس حڪمن تي هلان.) (۱۲) ۽ مون کي حڪم ڪيو ويو آهي تہ مان اول نمبر فرمانبردار ٿيان (۱۳) (۽ پڻ) چؤ تہ جيڪڏهن مان پنهنجي پروردگار جي نافرماني ڪيان تہ مون کي وڏي ڏينهن جي عذاب جو خوف آهي. (۱٤)چؤ تہ، مان شوق ۽ اخلاص سان الله جي پانهپ ٿو ڪيان (۽ سندس سيني حڪمن جي تعميل ٿو ڪيان.) (۱۵) پوءِ (اي منڪرؤ!) الله کي ڇڏي جنهن جي وٽيوَ تنهن جي پانهپ ڪيو (نقصان توهان جو ئي ٿيندو) يقيناً وڏي نقصان هيٺ اهي ايندا جيڪي قيامت جي ڏينهن پاڻ کي ۽ پنهنجي اهل و عيال کي خساري ۾ وجهندا. ٻڌي ڇڏيو تہ، اهوئي ظاهر ظهور وڏي ۾ وڏو خسارو آهي. (۱٦) انهن جي لاءِ سندن مٿان بہ باهہ جا تهہ هوندا ۽ هيٺان بہ اهڙا تهہ هوندا. الله تعاليٰ پنهنجي پانهن کي

انهيءَ (عذاب) کان خوف ڏياري خبردار ڪري ٿو (تہ متان گناهہ ڪيو ۽ باهہ ۾ سڙو) پوءِ اي منهنجا بندؤ! منهنجي (نافرمانيءَ جي عيوض ۾ جيڪو مان عذاب ٿو ڏيان تنهن) کان ڊڄو (۽ منهنجي فرمانبرداري ڪيو). (۱۷) ۽ (ياد رکو تہ) جيڪي ماڻهو برائين کان (يعني شيطان کان) پري رهن ٿا ۽ سندس چوڻ تي نٿا لڳن ۽ الله ڏي رجوع ڪن ٿا (۽ الله جي حڪمن جي تعميل ڪن ٿا) تن جي لاءِ (نعمتن ۽ انعامن جي) خوشخبري آهي. سو منهنجي (فرمانبردار) بانهن کي (اهڙي) خوشخبري ٻڌائي ڇڏ. (۱۸) جيڪي ماڻهو (الله جو) ڪلام ٻڌن ٿا ۽ ان جي سهڻين ڳالهين ۽ حڪمن جي تعميل ڪن ٿا سي ئي آهن جن کي الله تعاليٰ سڌيءَ وات تي لڳايو آهي ۽ اهي ئي آهن جي هوش ۽ سمجهہ وارا آهن. (۱۹) پوءِ جنهن تي عذاب جو حڪم حق ۽ انصاف موجب صادر ٿئي (سو انهيءَ جي برابر ٿي سگهي ٿو ڇا جو گناهن کان پري رهيو. هرگز نہ!) پوءِ (اي پيغمبر!) تون انهيءَ کي ڇڏائيندين ڇا جو باهہ ۾ پئجي ڇڪو آهي؟ (۲۰) پر جيڪي ماڻهو پنهنجي پروردگار جي نافرمانيءَ کان بچن ٿا تن جي لاءِ ماڙين مٿان ماڙيون بنايل آهن، جن جي هيٺان نهرون وهي رهيون آهن. اهو الله جو واعدو آهي. الله تعاليٰ ڪڏهن بہ پنهنجي واعدي جي خلاف نٿو ورجي. (۲۱) (اي پيغمبر!) تون نٿو ڏسين (بيشڪ ڏسين ٿو) تہ الله تعاليٰ آسمان مان پاڻي (يعني مينهن) نازل ڪري ٿو ۽ پوءِ ان کي زمين تي چشمن ۾ وهائي ٿو. پوءِ ان جي وسيلي مختلف رنگن جون پوکون ۽ اوپڙ پيدا ڪري ٿو. پوءِ وري اُهي ڪومائجڻ لڳن ٿا ۽ توهان کي هيڊا پيلا ڏسڻ ۾ اچن ٿا. پوءِ آخر الله تعاليٰ انهن کي سڪائي ڪک ڪري ٿو ڇڏي. بيشڪ انهيءَ ۾ هوش وارن ماڻهن لاءِ وڏي نصيحت آهي.

رکوع ۳ آيت ۲۲ ـ تا ـ ۳۱

ايمان ۽ نيڪ عملي لاءِ ترغيبون ۽ مثال.

(۲۲) اُهو ماڻهو جنهن جي دل الله تعاليٰ اسلام لاءِ (يعني الله تعاليٰ جي پوري پوري فرمانبرداري ڪرڻ لاءِ) کولي ڪشادي ڪري ڇڏي آهي ۽ جو انهيءَ ڪري پنهنجي پروردگار جي (ڏنل) روشنيءَ ۾ (نيڪ عمليءَ جي راهہ تي) هلندو رهي ٿو (سو انهيءَ وانگر آهي ڇا جنهن جي دل سخت آهي ۽ پوٽيل بند ڪيل آهي؟) پوءِ جن ماڻهن جون دليون الله تعاليٰ جي ذڪر کان (يعني الله تعاليٰ جي ڏنل حڪمن کان غفلت ڪرڻ سببان) سخت ٿي ويون آهن تن جي لاءِ ويل آهي (هو ضرور مصيبتن ۾ مبتلا ٿيندا) اهي ئي آهن جيڪي کلي کلي گمراهيءَ ۾ آهن. (۲۳) الله تعاليٰ ڪتاب طور (يعني قرآن مجيد ۾) بهترين ڪلام نازل فرمايو آهي. جنهن جون ڳالهيون هڪ ٻئي سان ڏهڪي ڍهڪي اچن ٿيون ۽ بار بار (پين پين الفاظن ۽ مثالن سان) سمجهايون ويون آهن. ان (قرآن جي ٻڌڻ) وقت انهن ماڻهن جي لونءَ ئي ڪانڌارجي وڃي ٿي جيڪي پنهنجي پروردگار

(جي ناراضپي کان ڊڄندڙ آهن. پوءِ انهن جون چمڙيون ۽ دليون الله تعاليٰ جي نصيحت ۽ پيغام (قبول ڪرڻ لاءِ) نرم ۽ مائل ٿي وڃن ٿيون. اها آهي الله جي هدايت جنهن سان جنهن کي وڻيس تنهن کي سڌيءَ واٽ تي لڳائي ٿو ڇڏي. ۽ جنهن کي الله تعاليٰ (سندس ئي ضد ۽ انڪار سبب) گمراهه ڪري ٿو ڇڏي تنهن جي لاءِ کوبہ واٽ ڏيکاريندڙ کونهي. (٢٤) پوءِ اهو ماڻهو جيڪو قيامت جي ڏينهن پنهنجي منهن تي سخت عذاب جهليندو (سو جنتي ماڻهن جهڙو آهي ڇا؟) ۽ ظالمن کي چيو ويندو تہ بدعمل ڪرڻ سان توهان جيڪي ڪمايو تنهن جو نتيجو هاڻي چکو. (٢٥) (ياد رکو ۽ عبرت وٺو) هنن ماڻهن کان اڳي بہ گهڻن ئي ماڻهن (خدا جي حڪمن کي) کوڙو ڏهرايو. نتيجو ڪهڙو نڪتو جو اهڙي هنڌان ۽ اهڙيءَ طرح مٿن عذاب اچي ڪڙڪيو جو کين پتو ئي کونہ پيو. (٢٦) پوءِ الله تعاليٰ هنن کي دنيا ۾ ئي خوار خراب ٽيڙ جو مزو چکايو. ۽ يقيناً آخرت جو عذاب تہ ان کان گهڻو گهڻو وڏو ۽ سخت آهي. کين اها خبر هجي (تہ ڪهڙو نہ هنن لاءِ چگو ٿئي). (٢٧) ۽ هيءَ حقيقت آهي تہ اسان ماڻهن جي لاءِ هن قسم جا مثال ڏنا آهن تہ من هو سمجهن ۽ نصيحت وٺن. (٢٨) اهو قرآن عربي زبان ۾ آهي، جنهن ۾ کابہ ڏنگائي کانهي، (يعني سنئون سڌو ۽ صاف بيان ڏنل آهي) انهيءَ لاءِ تہ من هو پرهيزگاري اختيار ڪن. (٢٩) الله تعاليٰ هڪڙو مثال ٿو بيان ڪري. هڪڙو ماڻهو (غلام) آهي جنهن ۾ گهڻا ئي پائيوار آهن جيڪي پاڻ ۾ جهڳڑا ڪندڙ آهن ۽ ٻيو هڪڙو غلام آهي جو فقط هڪڙي ماڻهوءَ جو تابعدار آهي. ٻنهي جي حالت برابر آهي ڇا؟ (هرگز نہ) سڀ ساراهه الله جي لاءِ آهي پر افسوس! جو انهن مان گهڻا ماڻهو (ايترو بہ) نٿا ڄاڻن. (٣٠) (اي پيغمبر!) يقيناً تون هن دنيا مان ڏيڻ لاڏاڻو ڪندين ۽ يقيناً هي ماڻهو بہ موت جو مزو چکندا (وڏي زندگي اڳتي آهي جنهن ۾ تون نعمتون ماڻيندين ۽ نافرمان ماڻهو عذاب لوڙيندا). (٣١) پوءِ اوهان سڀ (منڪر ماڻهو) قيامت جي ڏينهن پنهنجي پرودگار وٽ پنهنجا جهڳڑا پيش ڪندؤ.

حصو چوويهون

رکوع ٤ آيت ٣٢ ـ تا ـ ٤١

حق جي تبليغ ۽ حق تي هلڻ جي ترغيب

(٣٢) سو انهيءَ شخص کان وڌيڪ ظالم ڪير آهي جيڪو خدا تي ڪوڙ ٺاهي ٿو؟ ۽ جڏهن ڪيس حق جي ڳالهه ٻڌائي وڃي ٿي تڏهن ان کي ٺڪرائي ٿو چڏي؟ ڇا جهنم ۾ اهڙن ڪافرن لاءِ جاءِ ڪانهي؟ (جيڪي خدا تي ڪوڙ ٿا هڻن. بيشڪ آهي. پر هو اجا به وڌيڪ سزا جا لائق آهن.) (٣٣) ۽ جيڪي ماڻهو حق جي تبليغ ڪن ٿا پنهنجي عملن سان (اهڙا عمل ڪري ڪاميابي حاصل ڪن ٿا) ان جي وسيلي ان جي سچائي ثابت ٿا ڪن سي ئي متقي آهن. (٣٤) اهي جيڪي به چاهيندا سو ڪين سندس پروردگار وٽان ملندو. اهو آهي بدلو ۽ انعام انهن جي لاءِ جيڪي نيڪيون ڪندڙ آهن. (٣٥) بلڪ (الله تعاليٰ ڇا ڪندو جو) انهن جيڪي بدعمل ڪيا هوندا تن جو اثر ٽاري چڏيندو ۽ جيڪي عمل ڪيا هوندائون تن مان بهترين عملن جو اجورو ۽ انعام ڪين ڏيندو. (٣٦) ڇا الله تعاليٰ پهنجي بانهي (جي مدد ڪرڻ) لاءِ ڪافي ناهي؟ ۽ (اي پيغمبر!) هي ماڻهو توکي انهن کان ڊيڄارين ٿا جن کي هو الله تعاليٰ کان سواءِ معبود سمجهن ٿا (ته اهي معبود توکي نقصان رسائيندا. ڪهڙا نه ڦليل آهن!) ۽ (ياد رکو ته) جنهن کي الله تعاليٰ گمراهه ڪري ٿو چڏي تنهن جي لاءِ کوبه هادي يا وات ڏيکاريندڙ ڪونهي. (٣٧) ۽ جنهن کي الله تعاليٰ سڌي وات تي لڳائي ٿو تنهن کي کوبه گمراهه ڪري نٿو سگهي. ڇا الله تعاليٰ غالب ناهي ۽ بدلي ڏيڻ وارو ناهي؟ (٣٨) ۽ (اي پيغمبر) جيڪڏهن تون هنن (منڪرن) کان پڇين ته ڪنهن آسمانن کي ۽ زمين کي خلقيو آهي ته هو ضرور چوندا ته خدا انهن کي خلقيو آهي. کين چؤ ته ڀوءِ توهان انهن جي باري ۾ ڪو غور به ڪيو آهي، جن کي توهان الله تعاليٰ جي علاوه پڪاريندا آهيو؟ (اهو غور ڪيو اٿو ته) جيڪڏهن الله تعاليٰ مون کي تڪليف ڏيڻ چاهي ته اهي (معبود) سندس ڏنل تڪليف لاهي سگهندا؟ يا جيڪڏهن هو مون تي ڪا رحمت ڪرڻ چاهي ته، اهي سندس رحمت کي روڪي سگهندا؟ (اي پيغمبر ڪين) چؤ ته، منهنجي لاءِ الله تعاليٰ بلڪل ڪافي آهي، توکل ڪرڻ وارا فقط الله تي توکل ٿا ڪن (چو ته ٻيو کوبه اهڙو ڪونهي جنهن تي ڀروسو ڪري سگهجي.) (٣٩) (اي پيغمبر تون ڪين) چؤ ته، اي منهنجي قوم جا ماڻهو! توهان جيڪي ڪري سگهو سو ڪيو. مان يقيناً (پنهنجي فرض ادائين لاءِ) عمل ڪندو رهندس. پوءِ جلد توهان کي معلوم ٿيندو. ته (٤٠) ڪنهن تي ٿو خوار خراب ڪندڙ عذاب اچي ڪڙڪي، ۽ مٿس دائمي عذاب ٿو نازل ٿئي. (٤١) (اي پيغمبر!) اسان ماڻهن جي (هدايت) لاءِ تو تي هي ڪتاب حق سان (يعني سچائين سان ڀريل) موڪليو آهي، پوءِ جيڪو (ان ۾ ڏيکاريل) سڌي وات وٺندو سو پنهنجي ئي (فائدي) لاءِ وٺندو (يعني ان ۾ سندس ئي چڱائي آهي) ۽ جيڪو (اها وات چڏي) غلط وات اختيار

ڪندو سو يقيناً پنهنجي ئي نقصان ۾) گمراهه ٿيندو (يعني گمراهه ٿي پنهنجو ئي نقصان ڪندو) ۽(اي پيغمبر!) تو تي اهو ذمو ڪونهي جو تون انهن جا ڪم سنوارين يا سندن سنڀال ڪرين.

رڪوع ۵ آيت ۴۲ ـ تا ـ ۵۲

ننڊ ۽ موت، شفاعت، ڪافرن جو ضد ۽ قيامت ڏينهن سندن حالت.

(۴۲) الله تعاليٰ روحن کي (ماڻهن جي) موت وقت پنهنجي قبضي ۾ ڪڍي ٿو وڃي ۽ جيڪو نٿو مري تنهن جو روح سندس ننڊ جي حالت ۾ ڪڍي ٿو وڃي. پوءِ جنهن جي موت جو حڪم صادر ٿو ڪري تنهن جو روح روڪي ٿو رکي (يعني اهو روح انهيءَ جسم ڏي ورڻ نٿو ڏي) پر ٻيا روح (جيڪي ننڊ جي حالت ۾ پنهنجي قبضي ۾ ٿو آڻي سندس جسمن ڏي) مقرر وقت تائين (يعني موت تائين) واپس موڪليندو ٿو رهي. جيڪي ماڻهو غور ۽ فڪر ڪندڙ آهن تن جي لاءِ هن ڳالهه ۾ يقيناً وڏيون نشانيون رکيل آهن. (۴۳) ڇا هنن (منڪرن) الله کي ڇڏي ٻين کي شفاعت ڪندڙ ٺهرايو آهي؟ (جنهن جي ڪري سندن پوڄا ٿا ڪن ۽ اميد ٿا رکن ته هوسندن سفارش ڪندا ۽ مددگار ٿيندا) (اي پيغمبر! تون کين) چؤ ته، اگرچه هنن کي ڪجهه به طاقت يا اختيار ناهي، نڪي هنن کي ڪا سمجهه يا عقل آهي (تڏهن به هو توهان جي لاءِ سفارش ڪندا ڇا؟) (۴۴) اي (پيغمبر! تون کين) ٻڌائي ڇڏ ته سفارش ڪليءَ طرح فقط الله تعالي جي اختيار ۾ آهي. آسمانن ۽ زمين جي بادشاهي سندس ئي آهي. آخر توهان ڏانهس ئي موٽايا ويندؤ. (۴۵) ۽ جڏهن فقط هڪ الله جو ذڪر ڪيو ٿو وڃي تڏهن جيڪي ماڻهو آخرت ۾ ايمان رکندڙ ناهن تن جي دلين ۾ نفرت پيدا ٿي ٿئي ۽ جڏهن هن کي ڇڏي ٻين جو ذڪر ڪيو ٿو وڃي تڏهن ڏسو ته خوشيءَ ۾ ٽڙن ٽا پيا. (۴۶) (اي پيغمبر! تون) چؤ ته، اي الله سائين، آسمانن ۽ زمين جي پيدا ڪرڻ وارا، لکل ۽ ظاهر شين جا ڄاڻيندڙ، تون پنهنجي ٻانهن جي وچ ۾ انهيءَ ڳالهين جو فيصلو ڏي جن ۾ هو اختلاف ٿا رکن. (۴۷) جن ماڻهن (هن دنيا ۾) ظلم جي واٽ اختيار ڪئي آهي، تن کي اگرچه دنيا جا سڀ خزانا هجن ۽ ان سان گڏ اهڙا ۽ ايترا ٻيا به خزانا هجن ۽ اهي سڀ خزانا قيامت جي ڏينهن دردناڪ عذاب کان بچڻ لاءِ فديه طور ڏين (ته به هنن کي ڪوبه بچايو ويندو) ۽ الله وٽان هنن جي اڳيان اهڙيون حالتون ۽ عذاب پيش ايندا جنهن جو هنن کي ڪو وهم ۽ گمان به ڪونه هو. (۴۸) جيڪي هنن (ظالمن هن دنيا ۾) ڪيو ڪمايو هو سي بچڙايون هنن جي اڳيان ظاهر ٿيندیون ۽ جن (حقيقتن) بابت ٽوڪون ڪندا هئا سي ئي کين وکوڙي ويندیون. (۴۹) (ڏسو ته) جڏهن انسان کي ڪا تڪليف ٿي پهچي تڏهن هو اسان کي پڪارڻ ٿو لڳي، پر جڏهن اسان پاڻ وٽان هن کي نعمتون ٿا ڏيون تڏهن چوڻ لڳي ٿو ته، مون کي اهي نعمتون منهنجي علم (هنر ۽ ڪوشش) جي ڪري مليون آهن. حقيقت هي آهي ته اها (دولت ۽ آسودگي وغيره) آزمائش آهي پر گهڻا ماڻهو اها ڳالهه نٿا ڄاڻن. (۵۰) حقيقت هيءَ آهي ته ڪائنات اڳين (دولت مند) ماڻهن به ائين ئي چيو هو. پر

پوءِ جيڪي هنن ڪيو ڪمايو سو ڪين ڪنهن ٻ ڪم نہ آيو. (۵۱) بلڪ جيڪي (بد) عمل ڪيائون تن جا بچڑا نتيجا ڪين پيش آيا. (ساڳيءَ طرح) هنن ماڻهن مان جن ظلم جي واڌ ورتي آهي تن کي ٻ سندن (بد) عملن جا بچڑا نتيجا جلد ئي پيش ايندا ۽ هو هرگز الله کي عاجز ڪري نہ سگهندا. (الله جي رٽ ضرور ڪامياب ٿيندي). (۵۲) چا هو نٿا ڏسن تہ يقيناً الله ئي جنهن لاءِ چاهي ٿو تنهن لاءِ رزق ڪشادو ڪري ٿو ۽ جنهن لاءِ چاهي ٿو تنهن لاءِ تنگ ڪري ٿو. جيڪي ماڻهو ايمان وارا آهن تن لاءِ هن ۾ بيشڪ وڏيون نشانيون آهن.

رڪوع ٦ آيت ۵۳ ـ تا ـ ٦۳

غلط واڌ چڏي سڏي واڌ تي هلڻ شروع ڪيو، نہ تہ پشيمان ٿيندؤ.

(۵۳) (اي پيغمبر! ماڻهن کي منهنجو پيغام) پڌاءِ تہ اي منهنجا بندؤ جن (منهنجي واڌ چڏي بدعمل ڪري) پاڻ تي پاڻ زيادتي ۽ ظلم ڪيو آهي سي خدا جي رحمت مان اميد نہ لاهيو، (جيڪڏن هاڻي ٻ منهنجي ڏيڪاريل واڌ تي هلڻ شروع ڪيو تہ مان ٻ رحمت جي موٽ ڪندس). يقيناً الله تعاليٰ (ان حالت ۾) سڀ گناهہ بخشي ٿو چڏي. يقيناً هو وڏو بخشيندڙ ۽ رحم ڪندڙ آهي. (۵٤) (پر شرط هي آهي تہ) پنهنجي پروردگار (جي ڏيڪاريل راهہ) ڏي موٽو (يعني قرآن مجيد تي عمل ڪيو) ۽ سندس پوري پوري فرمانبرداري ڪيو ان کان اڳي جو توهان تي عذاب اچي وڃي. (عذاب جو وقت اچي ويندو تہ) پوءِ توهان کي ڪابہ مدد ملي نہ سگهندي. (۵۵) ۽ جيڪي اوهان جي پروردگار وٽان اوهان تي نازل ڪيو ويو آهي تنهن جي بهترين ڳالهين ۽ حڪمن جي پيروي ڪيو ان کان اڳي جو اوهان تي اوچتو عذاب اچي وڃي ۽ اوهان کي پتو ئي نہ پوي. (۵٦) ائين نہ ٿئي جو (هاڻي تہ ڪو ماڻهو غافل رهي، پر عذاب اچڻ بعد ارمان ڪري ۽) چوي تہ، افسوس منهنجي حال تي، مون الله تعاليٰ جي حڪمن متعلق غفلت ڪئي ۽ مان (انهن بابت) رڳو مسخريون ۽ ٺٺوليون ڪندو رهيس. (۵۷) يا (هيئن نہ ٿئي جو پوءِ) چوي تہ، جيڪڏهن الله تعاليٰ مون کي هدايت ڪري ها تہ مان يقيناً پرهيزگار ٿيان ها. (۵۸) يا (هيئن نہ ٿئي جو) عذاب ڏسڻ وقت چوي تہ، هاءِ جيڪڏهن مون کي وري موقعو ڏنو وڃي تہ پوءِ مان نيڪ عمل ڪندڙ ٿيندس. (۵۹) (اهڙن ارمانن ڪرڻ مان پوءِ ڪجهہ نہ ورندو ان ماڻهوءَ کي چيو ويندو تہ) نہ، حقيقت هيءَ آهي تو ڏي منهنجون نشانيون آيون. تو انهن کي ڪوڙو سمجهي رد ڪيو ۽ تو تڪبر ڪيو ۽ ڪافر ٿي وئين. (٦۰) ۽ (اي پيغمبر!) قيامت جي ڏينهن تون ڏسندين تہ جن ماڻهن الله تي ڪوڙ هنيا تن جا منهن ڪارا ٿي ويندا. چا هڻ وڏائي ڪندڙن لاءِ جهنم ۾ جاءِ ڪانهي؟ (بيشڪ آهي پر ايڏا ٻ وڏيڪ ٻري جاءِ جا لائق آهن). (٦۱) ۽ جن ماڻهن نيڪيءَ جي واڌ اختيار ڪئي تن کي الله تعاليٰ (عذابن کان) بچائي سندس ڪاميابي ۽ سعادت واري جاءِ تي پهچائيندو. هنن کي ڪابہ تڪليف نہ پهچندي نڪي کو غم ڪائيندا. (٦۲) الله تعاليٰ هر

شيءِ جو خالق آهي، ۽ هر هڪ شيءِ جو نگهبان آهي. (٦٣) آسمانن ۽ زمين جون ڪنجيون سندس قبضي ۾ آهن، ۽ جن ماڻهن الله تعاليٰ جي آيتن مڃڻ کان انڪار ڪيو آهي، سي خساري ۽ نقصان هيٺ ايندا.

رڪوع ٧ آيت ٦٤ ـ تا ـ ٧٠

افسوس جو ماڻهو الله جي علم، قدرت ۽ رحم جو پورو قدر نه ٿا ڪن.

(٦٤) (اي پيغمبر! تون مشرڪن کي) چؤ ته، اي جاهلو! ڇا توهان مون کي اهو حڪم ٿا ڏيو ته مان خدا کي ڇڏي ٻين جي ٻانهپ ڪيان؟ (٦٥) پر حقيقت هيءَ آهي ته، (اي پيغمبر!) توڏي ۽ تو کان اڳين ڏي وحي موڪليو ويو آهي ته جيڪڏهن تون شرڪ ڪندين (يعني خدا جي حڪمن کي ڇڏي شيطان جي واٽ وٺندين) ته تنهنجا عمل ضايع ٿي ويندا ۽ تون وڏي نقصان هيٺ اچي ويندين. (٦٦) نه (ٻين جي واٽ نه وڃو) بلڪ فقط الله جي ٻانهپ ڪيو، ۽ شڪر ڪندڙن مان ٿيو (يعني الله جي نعمتن جو قدر ڪري سندس مفيد حڪمن جي تعميل ڪري ڪاميابي ۽ سعادت حاصل ڪيو). (٦٧) (افسوس) هنن ماڻهن الله تعاليٰ (جي علم، قدرت، رحم، نعمتن ۽ وحي) جو اهڙو قدر نه ڪيو آهي جهڙو ڪرڻ گهرجي. (سندس قدرت ۽ طاقت ايڏي ته آهي جو) قيامت جي ڏينهن سڄي زمين سندس مٺ ۾ پئجي ويندي ۽ سڀ آسمان سندس سڄي هٿ ۾ پئجي ويندا. وڏو شان آهي الله جو ۽ هو پاڪ ۽ بلند آهي انهن کان جن کي هنن خدا سان شريڪ سمجهيو آهي. (٦٨) ۽ (قيامت جي ڏينهن) توتاري وڄائي ويندي ته پوءِ (ان جي آواز تي) جيڪو به آسمانن ۽ زمين تي آهي سو بيهوش ٿي ويندو. سواءِ انهيءَ جي جو جنهن کي الله تعاليٰ چاهيندو (ته بيهوش نه ٿئي) پوءِ ٻيهر توتاري وڄائي ويندي ته هڪدم سڀ ماڻهو ڪڙا ٿي بيهندا ۽ (هيڏي هوڏي نهاريندا). (٦٩) ۽ زمين پنهنجي رب جي نور سان روشن ٿي ويندي ۽ (ماڻهن جي عملن جو) ڪتاب (ڪولي ماڻهن جي اڳيان) رکيو ويندو ۽ نبين ۽ شهيدن کي (شاهدي ڏيڻ لاءِ) آندو ويندو ۽ ساڻن ذرو به بي انصافي ڪانه ٿيندي. (٧٠) ۽ هر هڪ شخص کي سندس عملن جو پورو پورو بدلو ڏنو ويندو، ۽ (عمل لکي به ڪونه سگهندا ڇو ته) جيڪي جيڪي ماڻهو ڪن ٿا سو سڀ هو پليءَ طرح ڄاڻي ٿو.

رڪوع ٨ آيت ٧١ ـ تا ـ ٧٥

غلط راهه اختيار ڪندڙن لاءِ جهنم ۽ الله جي ڏيکاريل راهه وٺندڙن لاءِ جنت آهي.

(٧١) ۽ ڪافرن کي جهنم ڏانهن ٽولين ۾ وڌي ويندا، تانجو جڏهن اهي اتي پهچندا تڏهن ان جا دروازا کوليا ويندا ۽ ان جا محافظ (فرشتا ڪين) چوندا ته، ڇا توهان ڏي توهان منجهان رسول ڪونه آيا هئا؟ جيڪي توهان کي توهان جي پروردگار جون آيتون ۽ حڪم پڙهي ٻڌائيندا هئا ۽ اوهان

کي اوهان جي هن ڏينهن جي پيش اچڻ متعلق ب خبردار ڪندا هئا؟ (عجب آهي جو تنهن هوندي ب توهان هيترا سارا جهنم ۾ پهچڻ لاءِ اچي نڪتا آهيو. پيا فرشتا جواب ۾) چوندا ت، هائو! (رسول ت برابر وڻن ويا هئا ۽ کين خبردار ب ڪيائون ت ب هو برا فعل ڪندا رهيا) سو عذاب جو حڪم ۽ واعدو ڪافرن بابت سچو ثابت ٿيو آهي. (٧٢) (ڪافرن کي) چيو ويندو ت، (هاڻي) جهنم جي دروازن ۾ گهڙو. توهان ان (جهنم) ۾ هميشہ لاءِ رهندؤ (۽ پچندؤ) پوءِ (ڏسو ت) تڪبر ڪرڻ وارن جي جاءِ ڪهڙي نہ خراب هوندي. (٧٣) ۽ جن ماڻهن پنهنجي پروردگار کان ڊڄي نيڪيءَ جي وات اختيار ڪئي هئي تن کي ٽولين ۾ جنت ڏانهن وٺي ويندا. تان جو جڏهن هو اتي پهچندا تڏهن ان جا دروازا (هڪدم) کلي پوندا ۽ ان جا محافظ فرشتا کين (ڪيڪاري مرحبا ڪري) چوندا ت اوهان تي سلام (۽ سلامتي) هجي، خوش رهو! هن جنت ۾ هميشہ رهڻ لاءِ داخل ٿيو. (٧٤) ۽ اهي (جنتي) چوندا ت، سڀ ساراهہ (۽ شڪر) آهي ان الله جي لاءِ جنهن اسان سان ڪيل پنهنجو واعدو سچو ڪري ڏيکاريو ۽ اسان کي هن زمين (يعني جنت) جو وارث بنايو. هن جنت ۾ اسان کي جتي وٽي تتي رهي ٿا سگهون. چگا عمل ڪندڙن لاءِ ڪهڙو نہ عمدو اجر ۽ انعام آهي! (٧٥) ۽ (اي پيغمبر!) تون ڏسندين ت فرشتا عرش جي چوڌاري حلقو ٻڌي موجود هوندا ۽ پنهنجي پروردگار جي حمد ۽ ثنا ڪندا رهندا ۽ (يادرکو ت قيامت جي ڏينهن) ماڻهن جي وچ ۾ حق ۽ انصاف سان فيصلو ڪيو ويندو (۽ نيڪن کي سعادت ۽ برن کي عذاب ملندو) ۽ (فرشتا ۽ نيڪ انسان نعري طور) پڪاري چوندا ت، الحمدلله رب العالمين! (يعني سڀ ساراهہ انهيءَ الله جي آهي جو جهانن جي پرورش ڪندڙ آهي).

سورت المؤمن

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي.

رڪوع ١ آيت ١ ـ تا ـ ٩

الله تعاليٰ جون صفتون خصوصا عمل ۽ رحمت. مؤمنن تي الله تعاليٰ جون رحمتون ٿيندیون.

(١) حا ـ ميم (٢) هي ڪتاب انهيءَ الله تعاليٰ وٽان نازل ٿيل آهي جو وڏي طاقت ۽ قدرت وارو آهي ۽ سڀ ڪجهہ ڄاڻندڙ آهي. (٣) (اهو الله) خطائون ڏيکيندڙ ۽ معاف ڪندڙ آهي ۽ توبہ قبول ڪندڙ آهي، (پر جيڪي توبہ ڪري سڌيءَ وات ڏي نٿا موڙن تن کي) سخت سزا ڏيڻ وارو آهي. ۽ پهچ وارو آهي، (يعني هر حال ۾ هر هنڌ سندس نظر، عمل ۽ طاقت پهچي ٿي، جيئن سڌيءَ ۾ چوندا آهيون ت تنهنجا هٿ ڏڳها آهن) ڪائنس سواءِ ٻيو ڪوبہ معبود ڪونهي

(يعني الله کان سواءِ ٻئي ڪنهن جي ٻ ٻانهپ ڪرڻي ناهي) سيني کي آخر وٽس ئي وڃڻو آهي. (٤) (الله تعاليٰ جون نشانيون بلڪل چٽيون آهن) فقط اهي ماڻهو الله تعاليٰ جي نشانين ٻابت جهڳڙا ڪندا رهن ٿا جيڪي (خود غرضي ۽ تڪبر سببان حقيقتون سمجهي نٿا سگهن يا ضد ڪري) انڪار ڪيون ويٺا آهن. سو (اي پيغمبر!) ائين نہ ٿئي جو شهرن ۾ هنن ماڻهن جو آڪڙ ۽ وڏائي سان گهمڻ ڦرڻ تو کي ڏوکي ۾ وجهي) تہ هي طاقت وارا آهن ۽ مغلوب نہ ٿيندا. هو ضرور تباهہ ٿيندا يا اسلام تي ايندا.) (٥) (ڏسو) هنن کان اڳي حضرت نوح جي قوم ٻ (الله جي آيتن کي) ڪوڙو ڏهرايو ۽ انهن کان پوءِ ٻين قومن ٻ ساڳيءَ طرح ڪيو ۽ سيني امتن پنهنجن رسولن جي خلاف منصوبا ڏاهيا انهيءَ لاءِ تہ کين پڪڙي جهلين (۽ ناڪامياب ڪن) ۽ باطل دليلن (۽ حيلن) سان ساڻن جهڳڙا ڪن ۽ اهڙيءَ طرح حق کي ڊڪي ڇڏين. (پر هو ناڪامياب ٿيا ڇو تہ) مون ئي هنن جي پڪڙ ڪئي، سو ڏسو تہ منهنجي سزا ڪهڙي نہ سخت هئي. (٦) جن ماڻهن ڪفر جي واٽ اختيار ڪئي هئي تن تي اهڙيءَ طرح تنهنجي پروردگار جو حڪم يا قول سچو ثابت ٿيو. اهو حڪم يا قول هي هو تہ يقيناً هو دوزخي آهن (۽ دنيا ۾ توڙي آخرت ۾ عذاب ڏسندا). (٧) جيڪي الله جو عرش کڻندڙ آهن ۽ جيڪي ان جي چوگرد آهن سي پنهنجي پروردگار جون اعليٰ صفتون بيان ڪندڙ آهن (۽ عملي طرح اسلامي نظام قائم ڪرڻ ۾ ڪوشان آهن) منجهس پورو پورو ايمان رکن ٿا، ۽ ايمان وارن لاءِ (ڪوتاهين جي) معافي گهرن ٿا (۽ چون ٿا تہ) اي اسان جا پروردگار! تنهنجي رحمت ۽ تنهنجو علم هر چيز کي پهچي ٿو. سو (اي پروردگار!) جيڪي مؤمن توبہ ڪن ٿا (يعني بديءَ جي واٽ ڇڏي) تنهنجي (ڏيکاريل) واٽ تي هلن ٿا تن کي بخش ۽ کين جهنم جي عذاب کان بچاءِ. (٨) (۽ وڌيڪ چون ٿا تہ،) اي اسان جا پروردگار! کين دائمي باغن ۾ داخل ڪر جن جو تو ساڻن واعدو ڪيو آهي. ۽ سندن ابن ڏاڏن ۽ زالن ۽ اولاد مان جن نيڪ ڪم ڪيا تن کي ٻ (دائمي باغن ۾ داخل ڪر) بيشڪ تون وڏي طاقت وارو ۽ وڏي حڪمت وارو آهين. (٩) ۽ (هيئن ٻ چون ٿا تہ) کين برائين کان بچاءِ، ۽ جن کي تون انهيءَ ڏينهن برائين کان بچائين تن تي تو بيشڪ وڏي رحمت ڪئي. ۽ اهائي عظيم ڪاميابي آهي.

رڪوع ٢ آيت ١٠ ـ تا ـ ٢٠

قيامت جي ڏينهن ڪافرن جي بري حالت.

(١٠) جن ماڻهن ڪفر جي واٽ اختيار ڪئي هئي تن کي پڪاري چيو ويندو تہ الله جي بيزاري گهٽي وڌي هئي اوهان جي انهيءَ بيزاريءَ کان جيڪا (هاڻي) اوهان کي پاڻ کان آهي. هن ڪري جو توهان کي ايمان آڻڻ جي دعوت ڏني ويندي هئي ۽ توهان انڪار ڪندا هئو. (١١) اهي (ڪافر) چوندا تہ، اي اسان جا پروردگار! تو اسان کي ٻ ٻيرا موت ڏنو ۽ ٻ ٻيرا جيئاريو،

اسان (هاڻي) پنهنجا گناهہ مڃون ٿا (تہ بيشڪ اسان گنهگار هئاسين) سو هاڻي هتان نڪرڻ لاءِ (۽ عذاب کان بچڻ لاءِ) آهي ڪو رستو؟ (نہ بلڪل ڪونهي). (۱۲) (ڪين چيو ويندو تہ) هيءَ حالت (۽ عذاب) هن ڪري آهي جو جڏهن هڪ الله کي پڪاريو ويندو هو تڏهن توهان انڪار ڪندا هئو ۽ جڏهن ساڻس ٻين کي شريڪ ڪيو ويندو هو تڏهن ايمان آڻيندا هئو. سو (هاڻي ڏسو تہ توهان پليل هئو ۽) حڪومت ۽ حڪم فقط الله جو آهي جو سيني کان مٿي ۽ سيني کان وڏو آهي. (۱۳) (اي انسانو! ٻڌو ۽ خبردار ٿيو!) اهوئي (الله) آهي جو اوهان کي پنهنجون نشانيون (هدايت ڪرڻ لاءِ) ڏيکاري ٿو ۽ آسمان مان اوهان جي لاءِ رزق نازل ڪري ٿو. پر فقط اهي نصيحت وٺن ٿا (پنهنجو فائدو ڪن ٿا ۽ ڪامياب ٿين ٿا) جيڪي خدا ڏي رجوع ٿين ٿا (۽ سندس ڏيکاريل وات تي هلن ٿا، ٻيا تباهہ ٿي ٿا وڃن). (۱٤) سو توهان فقط الله کي پڪاريو ۽ سچائيءَ سان سندس فرمانبرداري ڪيو اگرچہ انهيءَ ڳالهہ کي ڪافر سخت ناپسند ڪن. (۱۵) اهو عرش جو مالڪ (ڪائنات جو بادشاهہ) وڏا درجا (۽ مرتبا) ڏيندڙ آهي. هو پنهنجي ٻانهن مان جيڪو وڻيس ٿو تنهن ڏي پنهنجي حڪم سان وحي موڪلي ٿو انهيءَ لاءِ تہ جنهن (قيامت جي) ڏينهن سڀ ماڻهو گڏ ڪري ملايا ويندا الله تعاليٰ وٽ پيش ڪيا ويندا تنهن ڏينهن بابت (ماڻهن کي) خبردار ڪري ڇڏي. (۱٦) انهيءَ ڏينهن جڏهن سڀ ماڻهو (قبرن مان) نڪري نروار ٿيندا تڏهن سندن بابت ڪابہ ڳالهہ الله تعاليٰ کان لڪل نہ رهندي. (۽ نعرو هڻي پڇيو ويندو تہ) اڄ ڪنهن جي حڪومت آهي؟ (هرڪو چئي ڏيندو تہ) بيشڪ حڪومت انهيءَ هڪ الله جي آهي جو سيني تي غالب آهي. (۱۷) انهيءَ ڏينهن هرهڪ شخص کي سندس ڪئي ڪمائي موجب بدلو ڏنو ويندو. ۽ انهيءَ ڏينهن ڪابہ بي انصافي ڪانہ ٿيندي. يقيناً الله تعاليٰ حساب وٺڻ ۾ بلڪل تڪو آهي. (۱۸) ۽ (اي پيغمبر!) هنن ماڻهن کي انهيءَ ويجهي ايندڙ ڏينهن بابت خبردار ڪري ڇڏ جنهن ڏينهن دليون نڙي ڏي چڙهي ان کي گهٽيندیون (۽ هو ڳالهائي نہ سگهندا) انهيءَ ڏينهن ظالمن لاءِ ڪوبہ هڏ ڏوکي يار ڪونہ هوندو، نڪو ڪو اهڙو سفارشي هوندو جنهن جي ڳالهہ پڌي وڃي. (۱۹) هو (يعني الله تعاليٰ) اکين جي خيانت ۽ ڄاڻي ٿو. (۲۰) ۽ الله تعاليٰ حق ۽ انصاف سان فيصلو ڪري ٿو (۽ جزا ۽ سزا ڏئي ٿو) پر جن کي ماڻهو خدا تعاليٰ کان سواءِ پڪارين ٿا سي ڪوبہ فيصلو ڪونہ ڪندا (جو هن کي ڪوبہ اختيار يا طاقت ڪانهي) يقيناً الله ئي آهي جو سڀ ڪجهہ ٻڌندڙ ۽ ڏسندڙ آهي.

رڪوع ۳ آيت ۲۱ ـ تا ـ ۲۷

قومن جي تاريخ پڙهي ۽ سندن آثار ڏسي عبرت وٺو.

(۲۱) ڇا هي ماڻهو زمين تي سير سفر نٿا ڪن ۽ ڏسن نٿا تہ جيڪي ماڻهو ڪائنات اڳي ٿي گذريا آهن تن جي پڇاڙي (سندن بدعملن سببان) ڪهڙي نہ خراب ٿي، اهي تہ هنن ماڻهن کان قوت ۽

طاقت ۾ گھٽو وڌيڪ هئا ۽ زمين تي وڌيڪ نشانيون ۽ اثر ڇڏي ويا، پر (تڏهن ب) الله تعاليٰ سندن گناهن جي ڪري کين پڪڙ ڪئي، ۽ هنن کي خدا (جي عذاب) کان بچائڻ وارو ڪوب ڪونه هو. (٢٢) اهو (عذاب) هن ڪري (متن ڪڙ ڪيو) جو هنن ڏي (اسان جا) رسول روشن دليلن سان آيا (تنهن هوندي ب) هنن نه مڃيو (۽ گناهه ڪندا رهيا) سو الله تعاليٰ کين پڪڙ ڪئي. بيشڪ الله تعاليٰ وڏي قوت ۽ طاقت وارو آهي ۽ سزا ڏيڻ ۾ بيشڪ سخت آهي. (٢٣) هيءَ حقيقت آهي ته اسان حضرت موسيٰ کي پنهنجي نشانين حڪمن سان ۽ چٽي سند ۽ دليلن سان رسول ڪري موڪليو. (٢٤) فرعون ۽ هامان ۽ قارون ڏانهن (ڪيس رسول ڪري موڪليوسين) پر (هنن ڪيس نه مڃيو ۽) چوڻ لڳا ته هو جادوگر آهي ۽ ڪوڙو آهي. (٢٥) پوءِ جڏهن هو اسان وٽان حق جو پيغام ڪٽي وٽن آيو تڏهن هنن (پنهنجن ماڻهن کي) حڪم ڏنو ته جن ساڻس گڏ (الله تي) ايمان آندو آهي تن جي (نون ڄاول) پٽن کي قتل ڪندا وڃو، سندن عورتن کي جيئرو ڇڏيو. پر (ياد رکو ته) ڪافرن جون تدبيرون ڪڏهن ب ڪامياب ٿيٽيون نه آهن. (٢٦) ۽ فرعون (پنهنجي درٻارين کي) چيو ته مون کي ڇڏيو ته موسيٰ کي قتل ڪري ڇڏيان، پلي پنهنجي پروردگار کي پڪاري (ڏسون ته ڪيئن ٿو سندس رب کيس بچائي، ڪيس قتل ڪرڻ ضروري آهي ڇو ته) بيشڪ مون کي انديشو آهي ته هو اوهان جو دين نه بدلائي ڇڏي يا ملڪ ۾ فساد ۽ بگاڙ نه مچائي ڇڏي. (٢٧) (اهو حڪم ٻڌي) حضرت موسيٰ چيو ته، يقيناً مون پنهنجي پروردگار وٽ پناهه ورتي آهي جو اوهان جو به پروردگار آهي. هرهڪ تڪبر ڪندڙ کان جيڪو حساب واري ڏينهن تي ايمان نٿو رکي (۽ سمجهي ٿو ته بدعملن لاءِ سزا ڪاڻ ملندي).

رکوع ٤ آيت ٢٨ ـ تا ـ ٣٧

فرعون کي قدرت هڪ موقعو آخر ۾ به ڏنو ته حضرت موسيٰ تي ايمان آڻي.

(٢٨) ۽ فرعون جي ماڻهن مان هڪڙي مؤمن مرد جو هن پنهنجو ايمان دل ۾ سانڍي رکيو هو، تنهن (فرعون ۽ سردارن کي) چيو ته، ڇا توهان هڪ شخص کي قتل ڪندو فقط هن ڪري جو هو چوي ٿو ته، منهنجو پروردگار الله آهي؟ ۽ (هيءَ حقيقت آهي ته) هو توهان وٽ پنهنجي پروردگار وٽان روشن دليل (۽ چٽيون نشانيون) کڻي آيو آهي. ۽ (خيال ڪري ڏسو ته) جيڪڏهن هو ڪوڙو آهي ته سندس ڪوڙ متس ئي پوندو (يعني سندس ئي نقصان ٿيندو) پر جيڪڏهن هو سچو آهي ته پوءِ جنهن (عذاب) متعلق توهان کي خبردار ڪري رهيو آهي تنهن مان ڪجهه ته ضرور اچي اوهان تي ڪڙ ڪندو. يقين ڄاڻو ته جيڪو ليکو لنگهي ٿو ٻيهي ۽ ڪوڙو آهي تنهن کي خدا ڪڏهن به سڌي واٽ نٿو ڏيکاري. (٢٩) (انهيءَ مؤمن مرد وڌيڪ چيو ته) اي منهنجي قوم جا ماڻهو! هن وقت اوهان جي حڪومت آهي. توهان دنيا ۾ غالب آهيو. (اهڙا ڪم نه ڪرڻ گهرجن جو اسان جي

اها حڪومت هلي وجي ۽ تباهه ٿي وڃون) پوءِ ڪير اسان کي الله تعاليٰ جي سزا کان بچائي سگهندو جڏهن اها سزا اسان وٽ پهچي ويندي. (تنهن تي) فرعون چيو ته، (مان وڏو داناءُ آهيان ۽ سپ ڪجهه ٿو سمجهان) مان توهان کي فقط اهي ڳالهيون ڏيکاريان ۽ ٻڌايان ٿو جيڪي مان چٽيءَ طرح ڏسان ٿو. ۽ مان توهان کي اهائي راهه ڏيکاريان ٿو جيڪا صحيح راهه آهي. (۳۰) (تنهن تي انهيءَ مؤمن مرد) جنهن (حضرت موسيٰ عليہ السلام تي لڪ ڇپ ۾) ايمان آندو هو چيو ته، اي منهنجي قوم جا ماڻهو! مون کي ڏاڍو خوف ٿو ٿئي ته متان توهان تي به اهڙو (تباهيءَ جو) ڏينهن اچي وڃي جهڙو (اڳوڻين) قومن تي اچي ويو هو. (۳۱) جهڙو حضرت نوح جي قوم تي، عاد ۽ ثمود جي قومن تي ۽ انهن کان بعد وارين قومن تي اچي ويو هو. ۽ (يادرکو ته) الله تعاليٰ پنهنجي بانهن سان بي انصافي ڪرڻ هرگز نٿو چاهي (تباهي تڏهن ٿي اچي جڏهن ڪا قوم ظلم ۾ چوٽ چڙهي ٿي وڃي). (۳۲) ۽ اي منهنجي قوم جا ماڻهو! مون کي ڏاڍو خوف آهي ته متان توهان تي اهو (واويلا جو) ڏينهن اچي وڃي جنهن ڏينهن هڪ ٻئي کي (مدد لاءِ) سڏيو ويندو (۽ روڄ راڙو مچي ويندو). (۳۳) جنهن ڏينهن توهان پٺي ڏئي پڇندؤ (۽) اوهان کي خدا (جي عذاب) کان بچائڻ وارو ڪوبه ڪونه هوندو ۽ (يادرکو ته) جن کي الله تعاليٰ (سندن ئي بدعملن جي ڪري) گمراهه ڪري ٿو ڇڏي تن جي لاءِ ٻيو ڪوبه هادي يا واٽ ڏيکارينڌڙ ڪونهي. (۳٤) ۽ (اي منهنجي قوم جا ماڻهو!) هيءَ حقيقت آهي ته، هن کان اڳي اوهان ڏي حضرت يوسف روشن دليلن سان پيغمبر ٿي آيو. پر جيڪو (پيغام ۽ نصيحت) هو اوهان ڏي ڪٽي آيو تنهن بابت توهان هميشه شڪ ڪندا رهيو (توهان يقيني ايمان ڪونه آندو) تانجو (جڏهن) هو گذاري ويو (تڏهن) توهان چوڻ لڳو ته، هن کان پوءِ الله تعاليٰ ڪوئي رسول ڪونه موڪليندو. اهڙيءَ طرح الله تعاليٰ انهن کي گمراهه ڪري ٿو ڇڏي جيڪي حدن کان ٻاهر نڪري ٿا وڃن ۽ شڪ شبهي ۾ ٿا رهن. (۳۵) جيڪي ماڻهو الله تعاليٰ جي نشانين بابت بنا ڪنهن دليل يا سند جي جيڪا وٽن آئي هجي جهڳڑا ڪندا ٿا رهن تن جي اها روش الله تعاليٰ جي نظر ۾ توڙي مؤمن جي نظر ۾ سخت نفرت جهڙي آهي. اهڙي طرح الله تعاليٰ هرهڪ هٺيلي ۽ سرڪش جي دل تي مهر ڪري ٿو ڇڏي (پوءِ هو ڪجهه به سمجهي نٿو سگهي ۽ انڌو ٿي ڪڏهن ٿو ڪري). (۳٦) (تنهن تي) فرعون (غصي ۾ اچي ٽوڪ مان) حڪم ڏنو ته، اي هامان! منهنجي لاءِ هڪ تمام اونچي محلات بناءِ ته مان (مٿي آسمان ڏي چڙهي ضروري) حيلا وسيلا هٿ ڪيان. (۳۷) اهي حيلا وسيلا هٿ ڪيان جن سان آسمانن تي پهچي سگهان ۽ موسيٰ جي معبود (الله) ڏي چڙهي وڃان، پر مان ته يقيناً هن کي ڪوڙو ٿو سمجهان (۽ يقين اٿم ته الله آهي ئي ڪونه) اهڙيءَ طرح فرعون کي سندس برا عمل سهٽا پئي ڏسڻ ۾ آيا ۽ هو (حقي) راهه کان روڪجي ويو. ۽ فرعون جا منصوبا ۽ رٿون (ڪامياب ته ڪونه ٿيون پر اڻلندو) ڪيس بربادي ۽ تباهيءَ ڏي ڪٽي ويون.

رکوع ۵ آيت ۳۸ ـ تا ـ ۵۰

مؤمن شخص کي مصرين نہ مڃيو، مٿن مصيبتون آيون ۽ آخر تباھ ٻہ ٿيا.

(۳۸) (مصر جي) جنھن ماڻھوءَ ايمان آندو ھو تنھن (مصر جي ماڻھن کي وڌيڪ) چيو تہ اي منھنجي قوم جا ماڻھو! منھنجي نقش قدم تي ھلو (يعني مون واري واٽ وٺو) مان توھان کي حق جي سڌي واٽ ڏيکاريندس. (۳۹) اي منھنجي قوم جا ماڻھو! دنيا جي ھيءَ حياتي فقط وقتي گذارو آھي ۽ يقيناً آخرت ئي دائمي گھر آھي (جتي ھميشہ لاءِ رھبو). (۴۰) جيڪو شخص برائي ٿو ڪري تنھن کي انھيءَ ئي برائي جھڙو بدلو ملندو، پر جيڪو ٻہ نيڪ عمل ٿو ڪري، مرد ھجي توڙي زال، ۽ مؤمن ھجي تہ پوءِ اھڙا ماڻھو جنت ۾ داخل ٿيندا جتي ھنن کي بي حساب رزق ملندو.(۴۱) ۽ اي منھنجي قوم جا ماڻھو! مون کي عجب ٿو لڳي تہ مان توھان کي ڇوٽڪاري (۽ ڪاميابيءَ) جي طرف ٿو سڏيان ۽ توھان مون کي باھہ (جي عذاب) ڏي ٿا سڏيو. (۴۲) توھان مون کي ھن ڳالھہ ڏي ٿا سڏيو تہ مان الله کي نہ مڃيان ۽ ساڻس انھن کي شريڪ ڪيان جن بابت مون کي علم ٻہ ڪونھي، ۽ مان توھان کي انھيءَ (ھڪ الله) ڏي ٿو سڏيان جو وڏي قدرت ۽ غلبي وارو آھي، ۽ (توبہ ڪندڙن کي) وري وري بخشيندڙ آھي. (۴۳) انھيءَ ۾ ڪوبہ شڪ شبھو ڪونھي تہ توھان مون کي انھيءَ ڏي سڏيو ٿا جو نڪي دنيا ۾ پڪارڻ جو لائق آھي، نڪي آخرت ۾ ۽ يقيناً اسان کي آخر الله ڏي ئي موٽڻو آھي ۽ يقيناً حد کان ٻاھر ويندڙ ماڻھو ئي دوزخي آھي. (۴۴) سو (توھان ھاڻي تہ منھنجي ڳالھہ نٿا مڃيو پر جڏھن عذاب توھان جي مٿان اچي ويندو تڏھن) توھان منھنجي ڳالھہ ياد ڪندو، جيڪا مان ھاڻي توھان کي چئي رھيو آھيان، پر پوءِ پشيماني ڪم نہ ايندي. توھان پلي منھنجي خلاف منصوبا رٿيو) مان تہ پنھنجو معاملو الله تعاليٰ جي حوالي ٿو ڪيان. يقيناً الله تعاليٰ پنھنجي بندن کي ڏسي رھيو آھي. (۴۵) سو جيڪي ٻہ برائيون ھنن رٿيون تن کان الله تعاليٰ ڪيس بچائي ورتو، ۽ اٽلندو فرعون جي ماڻھن تي اڇي خراب مصيبتون ڪڙڪيون. (۴۶) ھو صبح شام (مصيبتن جي) باھہ جي آڏو آندا وڃن ٿا، ۽ جنھن ڏينھن قيامت جي گھڙي قائم ڪئي ويندي تنھن ڏينھن (حڪم ڪيو ويندو تہ) فرعون جي ماڻھن کي سخت ۾ سخت عذاب ۾ وجھو. (۴۷) ۽ (ڇا ٿيندو جو) باھہ ۾ ھو ھڪ ٻئي سان جھگڑا ڪندا. جيڪي ماڻھو (ھن دنيا ۾) ضعيف ۽ ھيٺا ھئا سي پنھنجي ھنيلن وڏيرن کي چوندا تہ اسان يقيناً توھان جي پوئتان لڳاسين ۽ توھان جي تابعداري ڪئي سين، ڇا ھاڻي توھان باھہ جي عذاب جو ڪجھہ حصو اسان کان وٺي پنھنجي سر تي وسائيندؤ؟ (۴۸) جن وڏيرن دنيا ۾ ھٺ وڌائي ڪئي ھئي سي جواب ۾ چوندا تہ (جھڙا توھان گنھگار ھئو تھڙا اسان ٻہ گنھگار ھئاسين) يقيناً اسان سڀ ان باھہ ۾ آھيون. (جيڪڏھن توھان گنھگار نہ ھجو ھا تہ ڇو باھہ ۾ پئو ھا) بيشڪ الله تعاليٰ پنھنجي ٻانھن جي وچ ۾ (حق جو) فيصلو ڪيو آھي. (۴۹) ۽ دوزخي ماڻھو جھنم جي داروغن کي چوندا تہ توھان پنھنجي

رب کي پڪاريو تہ هڪڙي ڏينهن لاءِ اسان جو عذاب هلکو ڪري. (۵۰) اهي (داروغا) جواب ڏيندا تہ، ڇا توهان ڏي توهان جا رسول روشن دليلن ۽ نشانين سان ڪين آيا هئا؟ هو چوندا تہ، هائو، (بيشڪ آيا هئا پر اسان انڌ ۾ اڇي ڪين نہ مڃيو تنهن تي داروغا وري ڪين) چوندا تہ، پوءِ (اسان ڇو خدا کي اوهان جي لاءِ پڪاريون) توهان پاڻ خدا کي پڪاريو پر (يقين رکو تہ ورندو ڪجھ بہ ڪين) ڪافرن جي پڪار ۽ دعا بلڪل اجائي ٿيندي ۽ رائگان ويندي.

رکوع ٦ آيت ۵۱ ـ تا ـ ٦۰

ايمان وارا حقيقتون سمجھن ٿا ۽ ڏسن ٿا، پر منڪر انڌا آهن.

(۵۱) يقيناً يقيناً اسان پنهنجي رسول کي ۽ انهن کي جيڪي ايمان ٿا آڻين هن ڏي دنيا جي زندگي ۾ مدد ڪندا آهيون، ۽ (خاص طرح) انهيءَ ڏينهن جنهن ڏينهن شاهد اٿي ڪڙا ٿيندا. (يعني قيامت جي ڏينهن). (۵۲) انهيءَ ڏينهن (الله تعاليٰ مؤمنن جي مدد ڪندو ۽ وڏيون نعمتون بخشيندو جنهن ڏينهن) ظالمن کي سندن عذر ۽ بهانا ڪوبہ فائدو ڪونہ ڏيندا، انهن تي لعنت وسندي (يعني خدا جي فضل کان محروم رهندا) ۽ انهن جي لاءِ رهڻ جي جاءِ مصيبتن واري هوندي. (۵۳) ۽ هيءَ حقيقت آهي تہ اسان حضرت موسيٰ کي هدايت (جو ڪتاب) ڏنو ۽ بني اسرائيلن کي اهو ڪتاب ورثي ۾ ڏنوسين. (۵٤) اهو (ڪتاب) سمجھ وارن لاءِ سراسر هدايت ۽ اعليٰ نصيحت آهي. (پر اڇوڪا يهودي ان ڪتاب تي بہ عمل نٿا ڪن، نڪي قرآن مجيد تي ايمان ٿا آڻين). (۵۵) (اي پيغمبر! ڪافر وغيره تنهنجي سخت مخالفت ڪري رهيا آهن) پر تون ثابت قدم رهہ. يقين ڄاڻ تہ الله تعاليٰ جو واعدو سچو آهي (تہ تون ڪامياب ٿيندين ۽ منڪر خوار خراب ٿيندا) ۽ تون پنهنجي (بشري) ڪمزوربن کان الله جي پناهہ وٺ (تہ اهي دفع ٿي وڃن) ۽ صبح شام (هر وقت) پنهنجي پروردگار جي پاڪائي ۽ صفتون بيان ڪندو رهہ. (۵٦) جيڪي ماڻهو الله تعاليٰ جي نشانين بابت بنا ڪنهن دليل يا سند جي، جيڪا وٽن آئي هجي جھڳڑا ٿا ڪن (۽ نٿا مڃن) تن کي سندن دلين ۾ وڏائي (۽ وڏو درجو حاصل ڪرڻ جو حرص ويڙل) آهي. جو هو ڪڏهن بہ حاصل نہ ڪندا. يقيناً هو (يعني الله تعاليٰ) سڀ ڪجھ ٻڌندڙ ۽ ڏسندڙ آهي. (۵۷) يقيناً آسمانن ۽ زمين جو خلق انسان کي خلق کان گھٽي وڏي ڳالھ آهي. پر گھڻا ماڻهو اها ڳالھ نٿا ڄاڻن ۽ سمجھن. (۵۸) ۽ (ياد رکو تہ) انڌو ۽ ڏسندڙ هرگز هڪ جھڙا ناهن، نڪي ايمان آڻيندڙ ۽ صالح عمل ڪندڙ انهن جھڙا آهن، جيڪي بدڪار آهن. (افسوس جو) اوهين بلڪل ٿورو ڌيان ڪريو ٿا (۽ نصيحت نٿا وٺو). (۵۹) يقيناً اها گھڙي (هن ڏي دنيا ۾ مؤمنن جي ڪاميابي جي، يا قيامت جي گھڙي) ضرور اچڻي آهي، انهيءَ ۾ ڪوبہ شڪ شبهو ڪونهي پر (افسوس جو) گھڻا ماڻهو ايمان نٿا آڻين. (٦۰) ۽ توهان جو پروردگار چوي ٿو تہ مون کي ڏي پڪاريو، مان توهان جي سڏ جو جواب ڏيندس. جيڪي ماڻهو منهنجي پانهپ ۽ فرمابرداري ڪرڻ کان تڪبر جي ڪري پري ٿا پڄن سي يقيناً جلد ئي خوار خراب ٿي جهنم ۾ داخل ٿيندا.

رکوع ۷ آيت ٦١ ـ تا ـ ٦٨

الله تعاليٰ جون نعمتون ۽ انسان جي بي شڪري.

(٦١) الله تعاليٰ اهو آهي جنهن توهان جي لاءِ رات بنائي انهيءَ لاءِ ته توهان ان ۾ (ننڊ ڪري) آرام حاصل ڪيو ۽ ڏينهن ڏسڻ لاءِ (۽ ڪمن ڪارين ڪرڻ لاءِ) بنايائين. بيشڪ الله تعاليٰ انسانن لاءِ وڏي فضل وارو آهي. پر گهڻا ماڻهو سندس نعمتن جو قدر نٿا ڪن (۽ اهي نعمتون ضايع ڪري پنهنجو نقصان ٿا ڪن). (٦٢) اهڙو آهي الله، اوهان جو پروردگار جو هر چيز جو خلقندڙ آهي. هن کان سواءِ ٻيو ڪوبہ معبود ڪونهي (جنهن جي بانهپ ۽ فرمانبرداري ڪجي) پوءِ توهان ڪيئن ڪاڏي جو ڪاڏي پٺڪي رهيا آهيو؟ (٦٣) اهڙيءَ طرح اُهي ماڻهو پٺڪي گمراهہ ٿي وڃن ٿا جيڪي الله تعاليٰ جي آيتن (۽ حڪمن مڃڻ) کان انڪار ڪندا آهن. (٦٤) الله اهو آهي جنهن زمين کي آرامگاهہ بنايو ۽ آسمان کي ڇت جي مثل بنايو، ۽ اوهان کي شڪل ڏني، ۽ اوهان جون شڪليون سهڻيو ڪيائين ۽ اوهان کي چگين شين جو رزق ڏنائين، اهڙو آهي الله اوهان جو پروردگار، سو ڪهڙو نہ برڪت وارو آهي الله جو سيني جهانن جو پروردگار آهي. (٦٥) اهوئي آهي جو سڄ پڄ زندهہ آهي (۽ هر وقت ۽ هميشہ زندهہ آهي) ان کان سواءِ ڪوبہ عبادت (۽ فرمانبرداري جي) لائق ڪونهي، پوءِ توهان فقط ڪيس پڪاريو ۽ اخلاص ۽ فرمابرداريءَ سان پڪاريو (۽ سندس پوري پوري فرمانبرداري ڪيو) سڀ ساراهہ انهيءَ الله جي لاءِ آهي جو جهانن جو پروردگار آهي. (٦٦) (اي پيغمبر! تون) چؤ تہ، مون کي منع ڪئي ويئي آهي، انهيءَ کان تہ مان انهن جي بانهپ ڪيان جن کي توهان خدا جي بجاءِ پڪاربندا آهيو. جڏهن تہ مون ڏي منهنجي پروردگار وٽان روشن نشانيون ۽ دليل اچي چڪا آهن ۽ مون کي حڪم ڏنو ويو آهي تہ مان جهانن جي پروردگار جي پوري پوري فرمانبرداري ڪيان. (٦٧) اهوئي آهي جنهن اوهان کي مٽيءَ مان پيدا ڪيو. پوءِ منيءَ جي ڦڙي مان ۽ پوءِ گوشت جي ٽڪري مان ٺاهيو، پوءِ اوهان کي ٻار بنائي ٻاهر ٿو آڻي (۽ زندهہ ٿو رکي) انهيءَ لاءِ تہ توهان جوان ٿيو ۽ پوءِ پوڙها ٿي وڃو. ۽ توهان مقرر مدي کي پهچو ٿا (پوءِ وفات ڪيو ٿا) اهو سڀ انهيءَ لاءِ آهي تہ توهان عقل پرائيو (۽ تجربي سان حقيقتن کي سمجهي سگهو). (٦٨) اهوئي آهي جو زندهہ ڪري ٿو ۽ ماري ٿو ۽ جڏهن هو ان کي رڳو چوي ٿو تہ هيئن ٿيءُ تہ ائين ٿي پوي ٿو.

رکوع ۸ آيت ٦٩ ـ تا ـ ٧٨

منڪرن ۽ مشرڪن جون حالتون.

(٦٩) (اي پيغمبر!) تو انهن ماڻهن کي نہ ڏٺو آهي جا جيڪي الله تعاليٰ جي نشانين ۽ حڪمن بابت جهڳڙا ٿا ڪن (۽ مڃڻ کان انڪار ٿا ڪن) (ڏسو تہ سهي تہ) هو ڪاڏي جو ڪاڏي ڦري هليا ٿا

وجن (۽ حق ۽ حقيقت کي ڏسن ٿي نٿا). (۷۰) يعني اُهي ماڻهو جي هن ڪتاب (قرآن مجيد) کي ۽ انهن وحين کي جن سان اسان (اڳوڻن) پيغمبرن کي موڪليو، نٿا مڃين، سو جلد ٿي هنن کي معلوم ٿيندو تہ، (۷۱) (ان جو نتيجو ڇا ٿو نڪري انهيءَ وقت معلوم ٿيندن) جڏهن سندن ڳچين ۾ ڳٽ پئجي ويندا ۽ زنجيرن ۾ جڪڙيا ويندا (۽ اهڙيءَ حالت ۾ هنن کي) گهليو وڏو ويندو، (۷۲) ٽهڪندڙ ڪني پاڻيءَ ۾ ۽ پوءِ کين باهه ۾ ساڙيو ويندو (پر مرندا ڪونہ). (۷۳) پوءِ کين چيو ويندو تہ ڪٿي آهن جن کي توهان خدا سان شريڪ ڪندا هئو؟ (۷٤) يعني الله کي ڇڏي (ديوتائن کي مڃيندا هئو) هو جواب ۾ چوندا تہ، هو اسان کي ڇڏي گم ٿي ويا آهن. بلڪ (هاڻي اسان سمجهون ٿا تہ) جن کي اسان پڪاريندا هئا سين سي ڪجهہ بہ نہ هئا. (وحي) نہ مڃيندڙن کي اهڙيءَ طرح الله تعاليٰ گمراهہ ڪري ٿو ڇڏي. (۷۵) (کين چيو ويندو تہ) هي (عذاب) هن ڪري مليو اٿو جو توهان زمين تي حق کي ڇڏي (ناحق تي) خوشيون ڪندا هئو ۽ پڻ هن ڪري جو توهان آکڙ ۽ هٺ وڌائي ڪندا هئو. (۷٦) (کين چيو ويندو تہ) هي (عذاب) هن ڪري مليو اٿو جو توهان زمين تي حق کي ڇڏي (ناحق تي) خوشيون ڪندا هئو ۽ پڻ هن ڪري جو توهان آکڙ ۽ هٺ وڌائي ڪندا هئو. (۷۷) سو (اي پيغمبر!) تون (مشڪلاتون ۽ مخالفتون) صبر سان سهہ، ۽ (رسالت جي ڪم تي) ثابت قدم رهہ. يقين رک تہ الله جو واعدو سچو آهي (تہ مؤمن ڪامياب ٿيندا ۽ ڪافر مغلوب ٿيندا) سو جيڪو واعدو اسان هنن (ڪافرن) کي ڏنو آهي، ان مان ڪجهہ اسان توکي (تنهنجي حياتيءَ ۾ ئي) ڏيکاريون (۽ کين تباهہ ڪيون) يا (ان کان اڳي ئي) اسان توکي پاڻ ڏي آڻائي ونون، هر حال ۾ هو (آخر) اسان ڏي ئي موٽايا ويندا (۽ ضرور تباهہ ڪيا ويندا). (۷۸) ۽ هيءَ حقيقت آهي تہ اسان توکان اڳي بہ پيغمبر (ماڻهن ڏي) موڪليا هئا، انهن مان ڪن جا قصا اسان توکي ٻڌايا آهن، پر انهن مان ڪي اهڙا بہ آهن جن جا قصا اسان توکي ڪونہ ٻڌايا آهن. ۽ ڪنهن بہ رسول لاءِ ممڪن ناهي تہ الله جي حڪم کان سواءِ ڪا نشاني (يا حڪم يا معجزو) آڻي. پوءِ جڏهن خدا جو حڪم اچي ويو تڏهن حق ۽ انصاف سان فيصلو ٿي ويو ۽ ڪوڙا ماڻهو (جيڪي باطل تي محڪم رهيا) سي اتي جو اتي تباهہ ٿي ويا.

رڪوع ۹ آيت ۷۹ ـ تا ـ ۸۵

جنهن عذاب جي ڳالهہ تي اهي ٿوڪون ڪندا هئا، اهوئي عذاب کين گهيرو ڪري وڪوڙي ويو.

(۷۹) الله تعاليٰ اهو آهي جنهن توهان جي لاءِ چوپايا جانور بنايا، انهيءَ لاءِ تہ توهان انهن مان ڪن تي سواري ڪيو، ۽ ڪن کي پنهنجي قوت گذران لاءِ ڪم ٿا آڻيو. (۸۰) ۽ توهان جي لاءِ انهن مان ٻيا بہ گهڻائي فائدا حاصل ٿين ٿا. (خدا انهن جانورن کي خلقيو آهي سو) هن لاءِ بہ تہ توهان

انهن تي سواري ڪري پنهنجي ڪا حاجت پوري ڪيو جا اوهان جي دلين ۾ هجي. ۽ انهن تي ۽ جهازن تي توهان (پري پري ٻين ملڪن ڏي) ڪچي ٿا وڃو (يعني مسافريون ٿا ڪيو.) (۸۱) ۽ الله تعاليٰ اوهان کي پنهنجون نشانيون ڏيکاري ٿو (۽ مسافرين جي وسيلي اوهان کي گهٽين ڏي ڳالهين جو علم ڏئي ٿو) پوءِ توهان الله تعاليٰ جي ڪهڑين ۽ ڪيترين نشانين کان انڪار ڪري سگهندو؟ (۸۲) ڇا هي ماڻهو زمين تي سير سفر نٿا ڪن ۽ نٿا ڏسن تہ جيڪي ماڻهو کانئن اڳي ٿي گذريا تن جي پڇاڙي ڪهڙي ٿي؟ اهي تہ تعداد ۾ ۽ هنن کان گهڻا هئا ۽ قوت ۾ ۽ طاقت ۾ ۽ گهٽو وڌيڪ هئا، ۽ ملڪ ۾ آثار ۽ نشانيون ۽ وڌيڪ ڇڏي ويا. (پر هنن حق جي واٽ نہ ورتي) سو هنن جيڪي ڪيو ڪمايو سو هنن کي ڪنهن ۽ ڪم نہ آيو. (۸۳) جيئن تہ جڏهن سندن رسول روشن دليلن ۽ نشانين سان وٽن آيا تڏهن وٽن جيڪو علم (۽ هنر) هو تنهن تي فخر ۽ ناز ڪرڻ لڳا (۽ رسولن کي چوڻ لڳا تہ توهان اجايون ڳالهيون ٿا ڪيو) سو جنهن (عذاب جي) ڳالهہ تي اهي ٺوڪون ڪندا هئا اهوئي عذاب کين گهيرو ڪري وڪوڙي ويو. (۸٤) پوءِ جڏهن هنن اسان جو عذاب (پنهنجي آڏو) ڏٺو تڏهن چوڻ لڳا تہ اسان الله تي ايمان آندو آهي. هڪ الله ۾ ايمان ٿا رکون جن کي اسان ساڻس شريڪ ڪندا هئاسين تن کان (هاڻي) انڪار ٿا ڪريون.(۸۵) پر جڏهن اسان جو عذاب اکين آڏو ڏٺائون تنهن کان پوءِ واري ايمان کين ڪجهہ ۽ فائدو ڪونہ ڏنو (۽ هو تباهہ ٿي ويا) اهو آهي الله جو طريقو جو سندس ٻانهن بابت هليو پئي آيو آهي. ۽ هتي (هن دنيا ۾ ئي) ڪافر تباهہ ٿي ويا.

سورت حٰمٓ السجدة

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي.

رکوع ۱ آيت ۱ ـ تا ـ ۸

قرآن مجيد جون خاصيتون. ڪافرن جو ضد ۽ انڪار پيغمبر جي بشريت.

(۱) حا ـ ميم (۲) هي رحمان ۽ رحيم خدا وٽان نازل ٿيل (وحي) آهي. (۳) اهوهڪ اهڙو ڪتاب آهي جنهن جون آيتون ۽ حڪم تفصيل سان (چٽيءَ طرح) سماجهايل آهن. اهو عربي قرآن آهي ۽ انهن ماڻهن لاءِ آهي جي علم ۽ سمجهہ وارا آهن. (٤) (اهو قرآن صالح عمل ڪندڙ مؤمنن کي ڪاميابيءَ جي) خوشخبري ڏيندڙ ۽ (انڪار ۽ بدعمليءَ جي برن نتيجن کان) خبردار ڪندڙ آهي. تنهن هوندي ۾ هنن مان گهڻا ماڻهو منهن ڦيرائي هليا ٿا وڃن سو هو ٻڌن ئي ڪين ٿا (تہ قرآن جا حڪم ڪهڙا آهن ۽ ڪهڙا نہ ڇگا ۽ مفيد آهن.) (۵) ۽ اهي (ڪافر حضرت جن کي) چون ٿا تہ جنهن ڳالهہ ڏي تون اسان کي سڏين ٿو تنهن کان اسان جون دليون پردن ۾ (لکل ۽ محفوظ) پيل آهن، ۽

اسان جي ڪنن ۾ ڳوراڻ ۽ ٻوڑاڻ آهي ۽ اسان جي ۽ تنهنجي وچ ۾ پردو پيل آهي، سو تون (اسان کي قرآن مجيد نہ ٻڌاءِ باقي جيڪي وٽيئي سو) ڪر ۽ ڪندو رهہ. (اسان کي جيڪي وٽندو سو) اسان ٻہ ڪندا رهنداسين. (٦) (اي پيغمبر! تون ماڻهن کي) ٻڌاءِ تہ مان اوهان جهڙو انسان آهيان (نکي خدا آهيان نکي مَلَڪَ آهيان پر) مون ڏي هي وحي ٿو اچي تہ، توهان جو خدا فقط هڪ خدا آهي (ٻيو ڪوبہ خدا ڪونهي) سو فقط انهيءَ (جي ٻانهپ) ۾ سچائيءَ سان محڪم ۽ ثابت قدم رهو ۽ ڪائنس بخشش گهرو (يعني سندس ڏيکاريل نظام هيٺ اچي سندس حفاظت ۽ پناهہ ۾ رهو) ۽ (ياد رکو تہ) مشرڪن لاءِ تباهي آهي. (٧) جيڪي (مشرڪ) زڪوٰت ادا نٿا ڪن ۽ آخرت کي ٻہ نٿا مڃن (سي يقيناً تباهہ ٿيندا). (٨) (پر) جيڪي ماڻهو (قرآن مجيد تي) ايمان ٿا آڻين ۽ (ان جي حڪمن مطابق) صالح عمل ٿا ڪن تن جي لاءِ يقيناً دائمي اجر (۽ نعمتون) آهن.

رکوع ٢ آيت ٩ ـ تا ـ ١٨

عجب آهي تہ ماڻهو انهيءَ الله جي قانونن ۽ حڪمن تي هلڻ کان انڪار ٿا ڪن، جنهن زمين ۽ آسمان کي خلقيو ۽ کين خلقيائين.

(٩) (اي پيغمبر! انهن ماڻهن کان) پڇ تہ، ڇا توهان انهيءَ الله (جي حڪمن مڃڻ) کان انڪار ٿا ڪيو جنهن زمين کي ٻن ڏينهن ۾ خلقيو؟ ۽ توهان هن سان ٻيا شريڪ ٿا ٺهرايو (۽ انهن جي پوڄا ٿا ڪيو؟) ياد رکو تہ اهوئي سيني جهانن جو پروردگار آهي (جنهن زمين ۽ آسمان پيدا ڪيو آهي). (١٠) ۽ انهيءَ ئي ان (زمين) تي جبل ٺاهيا ۽ ان ۾ برڪتون وڌائين، ۽ ان ۾ سندن قوت (يعني سڀ گهرج واريون شيون سيني نباتات ۽ حيوانات لاءِ) پوري انداز ۾ رکيائين جيئن ڏينهن ۾ (اهي برڪتون ۽ گهرج واريون شيون) سيني گهرندڙن (يعني گهرج وارن) لاءِ هڪ جهڙيون يا برابري طور رکيائين. (١١) پوءِ الله تعاليٰ آسمان ڏي متوجہ ٿيو ۽ اهو بلڪل دونهون هو. پوءِ ان (آسمان) کي ۽ زمين کي چيائين تہ خوشيءِ سان يا ناخوشيءِ سان اچو (يعني منهنجي قانونن جا پابند رهو) هنن چيو تہ، اسان خوشيءِ سان اچون ٿا ۽ تابعداري ڪيون ٿا. (١٢) پوءِ ٻن ڏينهن ۾ هنن کي ست آسمان ڪيائين ۽ هرهڪ آسمان کي پنهنجو پنهنجو ڪم يا فرض ادائي ٻڌائي ڇڏيائين، ۽ اسان (يعني الله تعاليٰ) ويجهي آسمان کي سج چنڊ تارن وغيره سان زينت ڏني ۽ پڪ حفاظت ۾ رکيو. اهو آهي (مناسب ۽ موزون) انداز (۾ ڪائنات جو ٺاهڻ ۽ قائم رکڻ) انهيءَ الله جو جيڪو سڀ قدرت رکندڙ ۽ سڀ ڪجهہ ڄاڻندڙ آهي. (١٣) سو جيڪڏهن هي ماڻهو منهن ڦيرائي هليا وڃن (۽ خدا جي حڪمن تي هلڻ کان انڪار ڪن) تہ ڪيس ڇؤ تہ، مان تہ توهان کي انهيءَ عاد ۽ ثمود واري سزا ۽ عذاب جي خبر ڏيئي ڇڏي آهي، (جو بجلي ۽ گجگوڙ وانگر بيهوش ڪري ڇڏيندڙ آهي.) (١٤) جڏهن هنن ڏي رسول

اڳيان ۽ پٺيان آيا (۽ کين هدايت ڪيائون) تہ الله کان سواءِ ڪنهن جي بہ ٻانهپ نہ ڪيو تڏهن هنن چيو تہ، (توهان ڪوڙا آهيو) جيڪڏهن اسان جو رب (اسان ڏي رسول موڪلڻ) چاهي ها تہ ملائڪن کي نازل ڪري ها (نہ اوهان کي) سو جيڪا ڳالهہ توهان کٹي آيا آهيو (۽ جيڪي حڪم توهان اسان کي ٻڌايو ٿا) تن کي اسان هرگز ڪونہ ٿا مڃون. (۱۵) سو (اي منڪرؤ! ٻڌي ڇڏيو تہ) عاد قوم جي ماڻهن ناحق ئي ناحق زمين تي تڪبر ڪيو ۽ چيائون تہ ڪير آهي جو اسان کان طاقت ۾ وڌيڪ آهي؟ ڇا هنن ايترو بہ نہ ڏٺو ۽ سمجهيو تہ اهو الله جنهن کين خلقيو آهي سو يقيناً کائنئن قوت ۽ طاقت ۾ وڌيڪ سخت آهي. (هنن دولت ۽ حڪومت جي نشي ۾ حقيقت کي نہ سمجهيو) ۽ اسان جي آيتن مڃڻ کان انڪار ڪندا رهيا. (۱٦) سو اسان نياڻن مصيبتن وارن ڏينهن ۾ مٿن سخت انڌاري موڪلي، انهيءَ لاءِ اسان کين هن دنيا جي زندگيءَ ۾ خوار خراب ڪندڙ عذاب جو مزو چکايون ۽ يقيناً آخرت جو عذاب وڌيڪ خوار خراب ڪندڙ آهي، ۽ هنن کي ڪابہ مدد ڪانہ ملندي. (۱۷) ۽ (هاڻي) ٻڌو ثمود جي قوم جو احوال. اسان هنن کي هدايت ڪئي، پر هنن هدايت کان اونڌائي کي وڌيڪ پسند ڪيو. سو هنن کي ذليل ڪندڙ وڇ ۽ گجگوڙ جهڙي عذاب اچي پڪڙ ڪئي هن ڪري جو هو بدعمل ڪندا رهيا. (۱۸) ۽ جن ايمان آندو ۽ پرهيزگاري اختيار ڪئي تن کي اسان (ان عذاب کان) بچائي ورتو.

رڪوع ۳ آيت ۱۹ ـ تا ـ ۲۵

قيامت ڏينهن بد ڪمن لاءِ استعمال کيل ماڻهو جا سڀ عضوا شاهدي ڏيندا.

(۱۹) ۽ جنهن ڏينهن خدا جي دشمنن کي باهہ ڏي وٺي وڃڻ لاءِ گڏ ڪيو ويندو تڏهن (گڏ ڪرڻ بعد) کين صفن ۾ (ڪري دوزخ ڏانهن) ڪاهيو ويندو. (۲۰) تان جو جڏهن ان وٽ پهچندا تڏهن سندن ڪن، اکيون ۽ چمڙيون (بلڪ سڀ عضوا) سندن خلاف شاهدي ڏيندا تہ ڪهڙا ڪهڙا (بد) عمل هنن کيا هئا. (۲۱) ۽ اهي (دوزخي) پنهنجي چمڙين کي چوندا تہ توهان ڇو اسان جي خلاف شاهدي ڏني آهي؟ هو چوندیون تہ اسان کي انهيءَ الله ڳالهائڻ جي طاقت ڏني آهي، جنهن سڀني شين کي ڳالهائڻ جي طاقت ڏني آهي. ۽ هن اوهان کي پهرئين ڀيري پيدا ڪيو ۽ (وري جيئاري) ڏانهس موٽايا ويا آهيو. (۲۲) (چمڙيون وڌيڪ کين هيئن بہ چوندیون تہ) توهان تہ پاڻ کي لڪائڻ جو خيال ئي ڪونہ ڪندا هئو (يعني اسان کان پنهنجا گناهہ ڪونہ لڪائيندا هئو. توهان کي اهو انديشو هئو ئي ڪونہ تہ) متان اوهان جا ڪن. اکيون ۽ چمڙيون اوهان جي خلاف شاهدي ڏين، پر اٽلندو توهان پائيندا هئو تہ الله تعاليٰ توهان جي گهڻن ئي عملن کان ناواقف آهي. (۲۳) پر اهو اوهان جو خيال جيڪو پنهنجي پروردگار بابت رکندا هئو تنهن ئي توهان کي برباد ڪري ڇڏيو آهي. سو هاڻي توهان وڏي تباهيءَ هيٺ اچڻ وارا ٿي پيا آهيو. (۲٤) سو جيڪڏهن هو صبر ڪن تہ بہ سندن ٺڪاڻو دوزخ آهي، (پر جيڪڏهن صبر نہ ڪن تہ بہ سندن ٺڪاڻو دوزخ آهي) ۽ جيڪڏهن

هو معافي ۽ رحم جي درخواست ڪندا تہ اها قبول نہ پوندي. (۲۵) ۽ (دنيا واريءَ زندگيءَ ۾) اسان هنن سان (پرا ۽ بدڪار) سنگتي لڳائي ڇڏيا هئا. سو انهن (سندن عملن) کي جيڪي سندن اڳيان هئا (يعني هاڻي ڪيائون پئي) ۽ جيڪي سندن پٺيان هئا (يعني اڳي ڪري چڪا هئا) تن سيني کي سهڻو ڪري پئي پيش ڪيو (يعني کين چيائون پئي تہ اهي چڱا ۽ فائدي وارا عمل آهن) ۽ جيڪو قول (يا واعدو) انهن جنن ۽ انسانن کي ڏنو ويو هو جي ڪائنئن اڳي ٿي گذريا هئا سو سندن حق ۾ بہ سچو نڪتو جو هو يقيناً برباد ٿي ويا.

رڪوع ٤ آيت ٢٦ ـ تا ـ ٣٢

ڪافرن جي روش ۽ ان جا نتيجا. مؤمنن جي روش ۽ ان جا نتيجا.

(۲٦) ۽ ڪافر چون ٿا تہ هي قرآن نہ ٻڌو، ۽ (جڏهن مؤمن قرآن پڙهي ٻڌائين تڏهن) شور مچايو (سيٽيون ۽ تاڙيون وڄايو تہ ڪوبہ قرآن مجيد ٻڌي نہ سگهي) انهيءَ لاءِ تہ توهان غالب پئجي وڃو (۽ مؤمن اسلام پکيڙڻ ۽ طاقت وٺڻ ۾ ناڪامياب رهن). (۲۷) پر (هو هرگز غالب نہ پوندا) اسان ڪافرن کي يقيناً سخت عذاب جو مزو چکائينداسين ۽ جيڪي (بد) عمل هو ڪن ٿا تن جو کين پورو پورو بدلو ڏينداسين. (۲۸) الله جي دشمنن لاءِ سزا هيءَ آهي. ڪهڙي؟ باهہ. ان باهہ ۾ ئي هنن جو دائمي گهر آهي. اها سزا هن ڪري آهي جو هو اسان جي نشانين ۽ حڪمن کي نہ مڃيندا هئا. (۲۹) ۽ جن ماڻهن (دنيا ۾) ڪفر جي واٽ ورتي هئي سو (جڏهن عذاب ۾ پوندا تڏهن) چوندا تہ اي اسان جا پروردگار جنن ۽ ماڻهن مان جن اسان کي گمراهہ ڪيو سي اسان کي ڏيکار تہ اسان هنن کي پنهنجي پيرن هيٺان رکون (۽ لتاڙيون) انهيءَ لاءِ تہ هو سيني کان وڌيڪ ذليل ۽ خوار خراب ٿين. (۳۰) پر جيڪي ماڻهو ايمان ٿا رکن تہ اسان جو پروردگار فقط الله آهي ۽ پڪ (حق تي ۽ نيڪ عملن تي) محڪم ۽ ثابت قدر رهن ٿا تن تي يقيناً فرشتا نازل ٿين ٿا (۽ کين چون ٿا) تہ نڪي ڊڄو، نڪي ڪو غم ڪيو (خدا ۾ پورو پورو ڀروسو رکو تہ هو اوهان کي ڪامياب ڪندو) ۽ انهيءَ جنت جي خوشخبري وٺو جنهن جو اوهان کي واعدو ڏنل آهي. (۳۱) اسان (فرشتا) دنيا جي هن زندگيءَ ۾ توڙي آخرت ۾ اوهان جا يار ۽ مددگار آهيون. ۽ توهان کي ان ۾ اهو سڀ ڪجهہ ملندو جيڪو توهان جون دليون چاهيندیون ۽ ان ۾ اهو سڀ ڪجهہ اوهان جي لاءِ ميسر ٿي ويندو جنهن لاءِ توهان طلب ڪندؤ. (۳۲) اها مهماني آهي (مؤمنن لاءِ) جا کين غفور ۽ رحيم خدا وٽان نصيب ٿيندي.

رڪوع ٥ آيت ٣٣ ـ تا ـ ٤٤

نيڪي ۽ بدي.

(۳۳) ۽ گفتار ۾ انهيءَ شخص کان ڪير بهتر ٿي سگهي ٿو جيڪو الله ڏي (۽ سڏيءَ واٽ ڏي) سڏي

ٿو، ۽ نيڪ ڪم ٿو ڪري ۽ اعلان ٿو ڪري تہ يقيناً مان (پاڻ) فرمانبردارن مان آهيان (۽ الله جي حڪمن جي پوري پوري پيروي ڪندڙ آهيان). (٣٤) ۽ (ياد رکو تہ) نيڪي ۽ بدي هرگز برابر ناهن. (سو اي پيغمبر!) تون (بدي ۽ برائيءَ کي) انهيءَ طريقي سان دفع ڪر جو بهترين طريقو هجي. پوءِ نتيجو هي ٿيندو جو جنهن (بري) شخص ۽ تنهنجي وچ ۾ بي اتفاقي يا دشمني هئي سو اهڙو تہ ٿي پوندو جو ڄڻ تہ هو گهرو ۽ گهاٽو دوست آهي. (٣٥) اها (اعليٰ درجي جي) نيڪي (يعني دشمن سان بہ احسان ڪرڻ جي رغبت) فقط انهن کي نصيب ٿي سگهي ٿي جيڪي صبر ڪن ٿا ۽ پاڻ تي ضابطو ٿا رکن، ۽ فقط انهن کي نصيب ٿي سگهي ٿي جيڪي تمام وڏي بخت وارا آهن. (٣٦) ۽ (ياد رکو تہ) جيڪڏهن ڪڏهن بہ شيطان توکي بي اتفاقيءَ لاءِ ڀڙڪائي تہ پوءِ خدا کان پناهہ گهر (۽ سندس حڪم ياد ڪري پاڻ کي روڪڻ جي ڪوشش ڪر) بيشڪ هو سڀ ڪجهہ ٻڌندڙ ۽ ڄاڻندڙ آهي. (٣٧) ۽ رات ۽ ڏينهن، ۽ سج ۽ چنڊ سندس نشانين مان کي نشانيون آهن. سو سج ۽ چنڊ کي سجدو نہ ڪيو پر انهيءَ الله کي سجدو ڪيو جنهن انهن کي خلقيو آهي. جيڪڏهن توهان فقط الله جي بانهپ ڪرڻ ٿا چاهيو. (نٿا چاهيو تہ بي جان شين يا پاڻ جهڙن ماڻهن جي اڳيان نوڙي پاڻ کي ذليل ۽ خوار ڪيو). (٣٨) پر جيڪڏهن (اهي ڪافر) تڪبر ڪن (۽ حق جي راهہ تي نہ اچن تہ خدا کي ڪهڙي پرواهہ آهي) چو تہ جيڪي (فرشتا) تنهنجي پروردگار وٽ آهن سي رات ڏينهن سندس حمد ۽ ثنا ڪندا ٿا رهن (۽ سندس حڪمن جي پوري پوري پيروي ڪرڻ ۾ ڏڪ ڏوڙ ڪندا ٿا رهن) ۽ اهي ڪڏهن بہ ڏرائي يا سستي نٿا ڪن ۽ ٽڪجن نٿا. (٣٩) ۽ سندس نشانين مان هڪ هيءَ آهي جو تون زمين کي ويران ڏسين ٿو. پوءِ جڏهن ان جي مٿان مينهن وسايون ٿا تڏهن اها (گاهن پوکن ۽ اوپڙن سان) لڏڻ لمڻ لڳي ٿي ۽ گل ڦل وڌائي ٿي. جنهن الله (اهڙيءَ طرح) ان کي زندهہ ڪري ڇڏيو سو يقيناً (قيامت جي ڏينهن) مئلن کي جيئرو ڪري ٿو سگهي. يقيناً هو هر چيز تي قادر آهي. (٤٠) اهي ماڻهو جيڪي اسان جي آيتن ۽ حڪمن بابت غلط فهمي پيدا ڪن ٿا سي ماڻهو اسان کان ڳجها ڪونہ آهن، پوءِ جنهن کي باهہ ۾ اڇلايو ويندو سو بهتر آهي يا اهو جو قيامت جي ڏينهن امن امان سان سلامت هليو ايندو؟ (اي ڪافرو!) جيڪي وٹيوَ سو ڪيو يقيناً هو اهو سڀ ڪجهہ ڏسي ٿو جيڪي جيڪي توهان ڪيو ٿا (۽ يقيناً هو اوهان کي ناڪام ۽ مغلوب ڪندو). (٤١) جن ماڻهن (خدائي) وحي ۽ پيغام کي مڃڻ کان انڪار ڪيو آهي جڏهن اهو وٽن اچي ويو آهي (سي ماڻهو خدا کان ڳجها ڪونہ آهن). ۽ يقيناً اهو (وحي يعني قرآن) وڏي طاقت ۽ اثر وارو ڪتاب آهي. (٤٢) ڪابہ باطل (يعني ڪوڙي يا غلط) ڳالهہ اڳئين طرف کان يا پئٹين طرف کان ان جي ويجهو اچي نٿي سگهي. اهو ڪتاب انهيءَ الله وٹان نازل ٿيو آهي جو وڏي حڪمت وارو آهي ۽ سڀني اعليٰ صفتن سان ڪامل طرح موصوف آهي. (٤٣) (اي پيغمبر!) توکي (وحي جي وسيلي) اهوئي ٻڌايو وڃي ٿو جو تو کان اڳين رسولن کي ٻڌايو ويو هو. يقيناً تنهنجو پروردگار (مؤمنن لاءِ) بخشش جو مالڪ ۽ (ڪافرن لاءِ) سخت سزا جو مالڪ آهي. (يعني سچن مؤمنن جون خطائون معاف

ڪندڙ آهي ۽ منڪرن کي سخت سزا ڏيندڙ آهي.) (٤٤) جيڪڏهن اسان (عربي زبان ۾ نہ پر) ڪنهن ٻي عجمي ٻوليءَ ۾ قرآن مجيد موڪليون ها تہ هي ماڻهو چون ها تہ ان جون آيتون ۽ حڪم تفصيل سان چٽيءَ طرح چو نہ سمجهايل آهن. ڇا (قرآن) عجمي ٻوليءَ ۾ ۽ (رسول) عربي؟ (تنهن ڪري قرآن مجيد عربي ۾ نازل ڪيو ويو) (اي پيغمبر!) تون (ماڻهن کي) کولي ٻڌاءِ تہ اهو قرآن مؤمنن لاءِ واٽ ڏيکاريندڙ آهي ۽ (روحاني يعني دل ۽ دماغ جي بيمارين لاءِ) شفا آهي. پر جيڪي ايمان نٿا آڻين تن جي ڪنن ۾ ڳوراڻ ۽ ٻوڙاڻ آهي ۽ هي ڪتاب انهن جي لاءِ نابينائي آهي (يعني قرآن تي غور ڪندڙ روشنيءَ ۾ اچي ٿا وڃن ۽ قران جي مخالفت ڪندڙ عقل جا انڌا ٿي ٿا پون). (اهي اهڙا تہ ٻوڙا ٿي ٿا پون جو ڇڻ تہ) هنن کي ڪنهن تمام دوريءَ واري جاءِ تان سڏيو ٿو وڃي (سو هو بلڪل ڪونہ ٿا ٻڌن).

رڪوع ٦ آيت ٤٥ ـ تا ـ ٥٤

الله تعاليٰ نہ رڳو ماڻهن جا عمل ڄاڻي ٿو پر دلين جا خيال ۽ ڄاڻي ٿو.

(٤٥) ۽ هيءَ حقيقت آهي تہ اسان حضرت موسيٰ کي ڪتاب ڏنو. پر پوءِ ان بابت اختلاف ڪيا ويا (۽ فرقا ٺاهيا ويا) جيڪڏهن تنهنجي پروردگار وٽان اڳ ئي حڪم صادر ٿيل نہ هجي ها تہ هنن جي وچ ۾ فيصلو ڏنو وڃي ها. ۽ يقيناً اهي (يهودي تورات جي پيشنگوئي ۽ قرآن مجيد بابت) شڪ ۾ پيل ۽ منجهيل ۽ پريشان آهن. (٤٦) جيڪو شخص نيڪ عمل ٿو ڪري سو پاڻ کي ئي فائدو ٿو ڏئي. پر جيڪو برا ڪم ٿو ڪري سو پنهنجي برائيءَ جو نتيجو پاڻ ئي ٿو لوڙي ۽ (ياد رک تہ) تنهنجو پروردگار پنهنجي ٻانهن سان بي انصافي ڪرڻ وارو ناهي.

حصو پنجويهون

٤٧) (عذاب جي اچڻ واري) گهڙيءَ جي علم جو حوالو سندس ئي طرف ڏيئي سگهجي ٿو. (يعني فقط الله ئي ڄاڻي ٿو تہ اها گهڙي ڪڏهن اچڻي آهي) ۽ پور مان ميوا نڪا نڪرن، ۽ مادي‌ءَ کي حمل (يعني پيٽ ۾ ٻچو) نڪو ٿئي ۽ هوءَ ٻچو نڪي ڄڻي پر سندس ئي علم سان (يعني الله تعاليٰ اهو سڀ ڪجهہ ڄاڻي ٿو) ۽ جنهن ڏينهن هو کين پڪاري پڇندو تہ، (اي خدا!) اسان تو کي يقين سان ٻڌايون ٿا تہ اسان مان ڪوبہ ان ٻالهہ جي شاهدي ڪونہ ڏيندو (تہ ٻيو بہ ڪو تو سان خدائيءَ ۾ شريڪ آهي). (٤٨) ۽ جن (ديوتائن) کي هو اڳي پڪاريندا (۽ پوڄيندا) هئا سو سڀ ڪائنڪ غائب ۽ گم ٿي ويندا ۽ هو ڏسندا تہ (هاڻي) سندن لاءِ ڇوٽڪاري جو ڪوبہ چارو ڪونهي. (٤٩) انسان نعمتن جي گهر ڪرڻ ۾ ٽڪجي ئي نڪو (يعني سندس حرص جي حد ئي ڪانهي). ۽ جيڪڏهن کيس ڪابہ تڪليف پهچي ٿي تہ بلڪل مايوس ۽ نااميد ٿي ٿو پوي. (٥٠) ۽ جيڪڏهن اسان کيس ڪنهن تڪليف بعد جا کيس پهتي هجي پنهنجي رحمت جو مزو چکايون تہ هو يقيناً چوندو تہ، هي منهنجو حق آهي ۽ مان نڪو پانيان تہ (پڇاڻي واري) گهڙي قائم ڪئي ويندي. ۽ جيڪڏهن مان پنهنجي پروردگار ڏي ڪٽي موٽايو بہ وڃان تہ بہ يقين آهي تہ وٽس ضرور منهنجي لاءِ ڇگائي (۽ نعمتون) موجود هوندیون. (اها آهي منڪرن جي ذهنيت) پر اسان ڪافرن کي سندن (بد) عملن جي حقيقت کولي ٻڌائينداسين ۽ کين سخت عذاب جو مزو چکائينداسين. (٥١) ۽ جڏهن اسان انسان تي نعمتون ڪيون ٿا تڏهن هو (اسان کان) منهن موڙي ڇڏي ٿو ۽ (اسان کان) پاسي ٿي هليو ٿو وڃي (يعني اسان جي حڪمن جي تعميل نڪو ڪري) ۽ جڏهن وري کيس ڪا تڪليف ٿي پهچي تڏهن ڊگهيون ڊگهيون دعائون ٿو گهري. (٥٢) (اي پيغمبر! تون کين) چؤ تہ، غور ڪري ڏسو نڪا تہ جيڪڏهن هي (وحي قرآن مجيد سچ پچ) الله وڏان آيل هجي ۽ پوءِ توهان ان کي نہ مڃيو تہ پوءِ انهيءَ شخص کان وڌيڪ گمراهہ ڪير ٿي سگهي ٿو جو مخالفت ۾ پري نڪري وڃي؟ (٥٣) جلد ئي اسان هنن کي هن ئي جهان ۾ ۽ خود سندن جانين ۾ پنهنجون نشانيون ظاهر ڪري ڏيکاريندا سين تان جو هنن کي چڱو ڏسڻ ۾ ايندو تہ اهو بيشڪ حق آهي. (اي پيغمبر!) ڇا تنهنجي رب جي اها ڳالهہ ڪافي ناهي ڇا تہ يقيناً هو هر چيز تي شاهد آهي. (٥٤) هي ماڻهو پنهنجي رب جي روبرو پيش ٿيڻ بابت شڪ ۾ آهن. پر يقين ڄاڻو تہ هو هر چيز کي گهيرو ڪيو بيٺو آهي.

سورت الشورٰي (مشورو ونڻ يا صلاح مصلحت ڪرڻ)

بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي.

رڪوع ١ آيت ١ ـ تا ـ ٩

الله تعاليٰ چاهي ها تہ سيني انسانن کي هڪ واٽ تي هلائي ها.

(١) حا – ميم (٢) عين – سين – قاف (٣) (اي پيغمبر!) اهڙيءَ طرح (جيئن تون ڏسين ٿو) اهو الله توڏي وحي موڪلي ٿو ۽ جيڪي تو کان اڳي ٿي گذريا تن ڏي ب موڪليندو رهيو هو. جو الله وڏي طاقت وارو ۽ وڏي حڪمت وارو آهي. (٤) جيڪي جيڪي آسمانن ۾ آهي ۽ جيڪي جيڪي زمين ۾ آهي سو سڀ الله جو آهي. ۽ هو سيني کان مٿاهون ۽ سيني کان وڏو آهي. (٥) (سندس شان ۽ جلال اهڙو تہ آهي جو ان جي اثر کان) آسمان ب مٿان کان ڏري گهٽ ڦاٽڻ تي آهن. ۽ فرشتا پنهنجي پروردگار جي حمد ۽ ثنا ڪندا رهن ٿا (يعني سندس حڪمن موجب سندس ربوبيت ۽ رحمت وغيره جي ڪمن ۾ ڊڪ ڊوڙ ڪندا رهن ٿا) ۽ جيڪي زمين تي رهن ٿا تن جي لاءِ بخششون گهرن ٿا. ياد رکو تہ الله تعاليٰ بيشڪ غفور ۽ رحيم آهي، (انهن لاءِ جيڪي سندس حڪمن تي هلڻ ۾ سعي ڪار آهن). (٦) ۽ جيڪي ماڻهو الله کي ڇڏي ٻين کي اولياء (يعني ڪارساز ۽ مددگار) بنائين ٿا تن کي الله تعاليٰ ڏسي رهيو آهي، ۽ (اي پيغمبر!) تون انهن جو وڪيل يا ڪارساز ڪونہ آهين (يعني تو تي انهن جي بدڪمن جي ذميواري ڪانهي.) (٧) ۽ هن طرح (اي پيغمبر!) اسان تو تي عربي قرآن وحي ڪري موڪليو آهي تہ تون شهرن جي ماءُ (يعني مڪي شريف جي ماڻهن) کي ۽ چوگرد وارن ماڻهن کي خبردار ڪرين، ۽ گڏ ٿيڻ واري (قيامت جي) ڏينهن بابت خبردار ڪرين جنهن ڏينهن جي (اچڻ) بابت ڪو شڪ ڪونهي. (انهيءَ ڏينهن) کي جنت ۾ ۽ کي وري ڇيڇي ڪندڙ باهہ ۾ ڏوڪيا ويندا. (٨) ۽ جيڪڏهن الله تعاليٰ چاهي ها تہ سيني ماڻهن کي هڪ امت ڪري ها (۽ سڀ طوعاً ڪرهاً، پسند اچي يا نہ اچين) هڪ سڌيءَ واٽ تي هلن ها، (پر الله تعاليٰ ائين نہ ڪيو ۽ چاهيائين تہ انسان پنهنجو ارادو ڪم آڻي پنهنجي ترقي پاڻ ڪري) پر هو پنهنجي رحمت ۾ انهن کي داخل ٿو ڪري جن کي (سندن نيڪ عملن سببان) چاهي ٿو. ۽ جيڪي ظلم ڪندڙ آهن تن جي لاءِ کوب ڪارساز ۽ مددگار ڪونهي. (٩) يا (هيئن آهي چا) تہ هنن ماڻهن الله کي ڇڏي ٻين کي اولياء (يعني پنهنجو ڪارساز ۽ مددگار) ڪري ورتو آهي؟ سو (هو ياد رکن تہ) فقط الله ئي ڪارساز ۽ نگهبان آهي. ۽ هو ئي مئلن کي زندهہ ڪري ٿو (يعني مردهہ دل ماڻهن کي زندهہ دل ڪري سنئين واٽ تي آڻي ٿو) ۽ هو هر شيءِ تي قدرت رکندڙ آهي.

رکوع ۲ آيت ۱۰ ـ تا ـ ۱۹

فرقا نہ ٹاهيو، جهيڑا جهٽا نہ ڪيو اجايا جهيڑا ڪندڙ ڪامياب نہ ٿيندا.

(۱۰) ۽ جنهن ڳالهہ بابت توهان هڪ ٻئي سان اختلاف رکو ٿا تنهن جو فيصلو الله وٽ ٿيڻو آهي (پاڻ ۾ چو ٿا وڙهو) اهڙو آهي الله منهنجو پروردگار! مون انهيءَ ئي تي پروسو رکيو آهي، ۽ مان انهيءَ ئي ڏانهن رجوع ٿيان ٿو. (۱۱) آسمانن ۽ زمين کي (عدم مان) پيدا ڪندڙ اهوئي آهي. هن اوهان ئي منجهان اوهان جي لاءِ جوڑا (يعني مرد ۽ زالون) بنايا آهن، ۽ چوپايين جانورن (يعني ڏورن ڏڳن) ۾ بہ جوڑا ٹاهيا اٿس. اهڙيءَ طرح هو اوهان کي تعداد ۾ وڌائي ٿو (۽ ڏورن ڏڳن کي بہ اوهان جي فائدي لاءِ وڌائي ٿو) ڪابہ شيءِ الله تعاليٰ جي مثال جهڙي نہ آهي، ۽ هو سڀ ڪجهہ ٻڌندڙ ۽ ڏسندڙ آهي. (۱۲) آسمانن ۽ زمين جون ڪنجيون سندس ئي آهن. هو جنهن جي لاءِ چاهي ٿو تنهنجي لاءِ رزق ڪشادو ڪري ٿو ۽ (جنهن لاءِ چاهي ٿو تنهن جي لاءِ پنهنجي حڪمت موجب) تنگ ٿو ڪري. يقيناً هو هر چيز جو علم رکندڙ آهي. (۱۳) توهان جي لاءِ هن اهوئي دين مقرر ڪيو آهي جنهن جو حڪم هن حضرت نوح کي ڏنو هو ۽ جو توڏي بہ وحي جي وسيلي موڪليو ويو آهي ۽ جنهن جو حڪم حضرت ابراهيم، حضرت موسيٰ ۽ حضرت عيسيٰ کي بہ ڏنو هوسين. (اهو حڪم هي هو) تہ (اسان جي سيکاريل) دين تي قائم ۽ محڪم رهو ۽ ان ۾ ڦوٽ نہ وجهو ۽ فرقا نہ ٹاهيو. (اي پيغمبر!) تون جنهن دين ڏي (ماڻهن کي) سڏين ٿو سو مشرڪن کي ڏاڍو ڏکيو ٿو لڳي. الله تعاليٰ جن کي (سندن اخلاص ۽ فرمانبرداريءَ لاءِ) چونڊي ڪڍي ٿو، ۽ جيڪي ڏانهس رجوع ٿين ٿا تن کي سڌيءَ واٽ تي لڳائي ٿو ڇڏي. (۱۴) ۽ جڏهن هنن (ماڻهن) وٽ (سچي دين جو) علم اچي چڪو تنهن کان پوءِ ئي هنن پاڻ ۾ سرڪشي ۽ حسد ڪري اختلاف پيدا ڪيا ۽ فرقا ٹاهيا. ۽ جيڪڏهن تنهنجي پروردگار وٽان اڳي مقرر ميعاد ۽ مدي جو حڪم صادر ٿيل نہ هجي ها تہ يقيناً هنن جي وچ ۾ هڪدم فيصلو ڏنو وڃي ها (۽ حق جي منڪرن کي تباهہ ڪيو وڃي ها) ۽ انهن کان پوءِ جن ماڻهن کي (يعني يهودين ۽ عيسائين کي) ورثي ۾ ڪتاب مليل آهي سو يقيناً ان بابت (پريشان ڪندڙ) شڪ ۾ گرفتار آهن. (۱۵) سو (اي پيغمبر!) تون کين هن (ڪتاب قرآن مجيد) ڏي سڏ، ۽ جهڙيءَ طرح تو کي حڪم ڏنو ويو آهي تهڙيءَ طرح محڪم ۽ ثابت قدر رهہ ۽ سندن خواهشن جي تابعداري نہ ڪجانءِ، ۽ (کين) چؤ تہ جيڪي ڪتاب الله تعاليٰ نازل ڪيا آهن تن تي مان پورو ايمان رکان ٿو ۽ مون کي هي حڪم ڏنو ويو آهي تہ مان اوهان جي وچ ۾ پورو پورو انصاف ڪيان. الله تعاليٰ اسان جو بہ پروردگار آهي ۽ اوهان جو بہ. اسان لاءِ اسان جا عمل ۽ اوهان لاءِ اوهان جا عمل (جهڙا عمل ڪنداسين تهڙا ڦل ملندا) اسان جي ۽ اوهان جي وچ ۾ ڪوبہ جهيڙو نہ هئڻ گهرجي. الله ئي اسان کي ۽ توهان کي هڪ هنڌ گڏ ڪري آڻيندو (۽ فيصلو ڏيندو) ۽ انهيءَ ئي ڏانهن آخر سيني کي موٽڻو آهي. (۱۶) ۽ جيڪي ماڻهو الله تعاليٰ بابت جهيڙا ٿا ڪن انهيءَ کان پوءِ جو سندس سڏ جو جواب

ڏنو ويو هجي (يعني مٿس ايمان آندو ويو هجي) تن ماڻهن جا بحث ۽ جهڳڙا الله وٽ بيڪار آهن، (يعني هو ايمان وارن کي برغلائي کونہ سگهندا) ۽ انهن تي غضب پوندو (يعني تباهہ ٿيندا) ۽ انهن جي لاءِ سخت عذاب تيار رکيو آهي. (۱۷) الله تعاليٰ اهو آهي جنهن ڪتاب حق سان (پريل) نازل ڪيو آهي ۽ تارازي (نازل ڪئي اٿس جنهن سان انسان جي هلت چلت کي توري ٿو سگهجي) ۽ ڪهڙي ڳالهہ تو کي محسوس ڪرائيندي ۽ معلوم ڪرائيندي تہ ممڪن آهي تہ (عذاب يا تباهيءَ جي) گهڙي ويجهي اچي ويئي آهي. (۱۸) جيڪي ماڻهو ان (ساعت) بابت ايمان نٿا رکن سي (ان عذاب جي اچڻ لاءِ مسخريءَ طور) تڪڙ لايو ويٺا آهن (تہ جلد اچي) ۽ جن ماڻهن ايمان آندو آهي سي ان گهڙيءَ بابت لرزي رهيا آهن ۽ ڄاڻن ٿا تہ يقيناً اها حق آهي (۽ ضرور ايندي) يقين ڄاڻو تہ جي ماڻهو ان ساعت بابت جهڳڙا ٿا ڪن سي گمراهيءَ ۾ پري نڪري ويا آهن. (۱۹) الله تعاليٰ پنهنجي ٻانهن (مؤمنن توڙي ڪافرن کي باريڪ طرح ڏسي رهيو آهي ۽ انهيءَ قدر) مٿن مهربان آهي، جن کي چاهي ٿو تن کي (قدر تي) رزق ڏئي ٿو، ۽ هو وڏي قوت وارو ۽ غالب آهي.

رکوع ۳ آيت ۲۰ ـ تا ـ ۲۹

ايمان ۽ ان جا نتيجا، ڪفر ۽ ان جا نتيجا.

(۲۰) جيڪو آخرت جي کيتي چاهي ٿو تنهن کي اسان سندس کيتي ۾ واڌارو ۽ ترقي ڏيون ٿا. ۽ جيڪو دنيا جي کيتي جو طالب آهي تنهن کي اسان ان مان ڪجهہ ڏيون ٿا، پر آخرت مان هن کي ڪجهہ بہ حصو نصيب نہ ٿيندو. (۲۱) هنن کي اهڙا شريڪ آهن جا (جن کي هو خدا جي خدائي ۾ شريڪ ٺا سمجهن) جن هنن جي لاءِ دين جو اهو طريقو سيکاريو آهي جنهن جو الله تعاليٰ حڪم ڪونہ ڏنو آهي. ۽ (ياد رکو تہ) جيڪڏهن فيصلي جي ڳالهہ اڳ ئي کيل نہ هجي ها (تہ گنهگارن کي پاڻ سڌارڻ لاءِ مهلت ٿي ڏجي) تہ (هڪدم) هنن جي وچ ۾ فيصلو ڏنو وجي ها (يعني هڪدم مؤمنن کي غالب ۽ منڪرن کي مغلوب ۽ تباهہ ڪيو وجي ها) ۽ يقين ڄاڻو تہ ظالمن جي لاءِ (آخر) سخت عذاب آهي. (۲۲) ۽ (اي پيغمبر!) تون ڏسين تہ ظالم پنهنجي بدعملن جي ڪري خوف ۽ هراس ۾ اچي ويندا ۽ اهو (عذاب يا تباهي يا مغلوبي) مٿن اچي ڪڙڪندي ۽ جن ايمان آندو آهي ۽ نيڪ عمل بہ ڪيا اٿن سي بهشت جي باغن ۾ هوندا. اهي جيڪي بہ چاهيندا سو ڪين سندن پروردگار وٽان ملندو. اهوئي آهي جو وڏي ۾ وڏو فضل (۽ نعمت) آهي. (۲۳) اها آهي اُها (اعليٰ نعمت) جنهن جي خوشخبري الله تعاليٰ پنهنجي انهن ٻانهن کي ڏئي ٿو جن ايمان بہ آندو آهي ۽ صالح عمل بہ ڪندڙ آهن. (اي پيغمبر!) تون (ماڻهن کي) چؤ تہ، هن (ڪم) جي عيوض ۾ مان توهان کان ڪو اجورو يا انعام ڪونہ ٿو گهران. مان تہ فقط ويجهڙائي جي يعني مائٽيءَ جي محبت جي تقاضا ٿو ڪريان. ۽ جيڪو بہ ماڻهو ڪو نيڪيءَ جو ڪم ڪندو تنهن جي لاءِ اسان ان ڪم جي

نيڪي (۽ اجر) وڌائيندا سين. يقين ڄاڻو تہ الله تعاليٰ غفور آهي ۽ (نيڪن جي نيڪيءَ جو) قدر ڪندڙ آهي (۽ ڪين انعام ڏيندڙ آهي.) (٢٤) هي (منڪر ماڻهو) هيئن ٿا چون ڇا تہ هو (يعني پيغمبر سڳورو) الله تعاليٰ تي ڪوڙ ٿو ٺاهي؟ (يعني هو جو چوي ٿو تہ مان رسول آهيان ۽ مون تي وحي ٿو نازل ٿئي سو ڪوڙ ٿو چوي. پر هو سراسر پليل آهن، چو تہ جيڪڏهن الله تي ڪوڙ ٺاهي تہ الله تعاليٰ ڪڏهن بہ ڪيس ڪامياب نہ ڪري) جيڪڏهن الله تعاليٰ چاهي تہ تنهنجي دل تي مهر هڻي ڇڏي (پر الله تعاليٰ تہ اٽلندو تنهنجي دل ڪشادي ڪري ڇڏي آهي ۽ تنهنجا الفاظ عمل ۽ اخلاق اعليٰ درجي جا آهن) ۽ (ياد رکو تہ) الله تعاليٰ باطل کي فنا ڪري ٿو ڇڏي ۽ حق کي پنهنجي حڪمن سان (ڪاميابي ڏئي) سچو ثابت ڪري ٿو ڏيکاري. بيشڪ هو دلين جي رازن کان بہ واقف آهي. (٢٥) ۽ هو اهو آهي جو پنهنجي ٻانهن جي توبہ قبول ڪري ٿو (يعني جيڪڏهن هو سنئين وات تي اچن ٿا تہ هنن جا اڳيان گناهہ معاف ڪري ٿو ڇڏي) ۽ هو خطائون بخشي ٿو ڇڏي، ۽ جيڪي جيڪي اوهان ڪيو ٿا سو سڀ هو چگيءَ طرح ٿو ڄاڻي. (٢٦) ۽ جيڪي ماڻهو ايمان ٿا آڻين ۽ صالح عمل بہ ٿا ڪن تن کي هو اجورو ڏئي ٿو ۽ پنهنجي خاص فضل سان وڌيڪ (نعمتون) بہ ڏئي ٿو. پر جيڪي ڪفر (۽ بدعمل) ڪن ٿا تن جي لاءِ سخت عذاب تيار رکيل آهي. (٢٧) ۽ جيڪڏهن الله تعاليٰ پنهنجي ٻانهن لاءِ رزق (۽ نعمتون) ڪشاديون ۽ عام جام ڪري ڇڏي ها تہ ماڻهو (بي پرواهہ ٿي عيش عشرت، سستي ۽ گناهن ۾) ملڪ ۾ مانڊاڻ مچائي ڏين ها. پر هو (پنهنجي حڪمت موجب رزق ۽ نعمتون) اوتري قدر نازل ڪري ٿو جيتري قدر چاهي ٿو (۽ مناسب ٿو سمجهي) بيشڪ هو پنهنجي ٻانهن جي پوري پوري خبر رکندڙ آهي ۽ ڪين چگيءَ طرح ڏسي ۽ چانچي ٿو. (٢٨) ۽ هو اهوئي آهي جو ماڻهن جي ناميد ٿيڻ بعد مينهن وسائي ٿو ۽ پنهنجي رحمت پکيڙي ٿو، ۽ ڪارساز ۽ سڀ ساراهہ جو لائق آهي. (٢٩) ۽ سندس نشانين مان هڪ وڏي نشاني آهي هنن آسمانن ۽ زمين جو خلق ۽ انهن ساهہ وارن جي خلق جيڪي انهن ۾ (يعني آسمان ۽ زمين ۾) پکيڙي ڇڏيا اٿس. ۽ هن کي اها قدرت آهي تہ جڏهن چاهي تڏهن انهن سيني کي هڪ هنڌ گڏ ڪري.

رکوع ٤ آيت ٣٠ ـ تا ـ ٤٣

مصيبتون اسان جي عملن جي نتيجو آهن. ٻين سان مشورو ڪرڻ.

(٣٠) ۽ توهان کي جيڪا مصيبت پهچي ٿي سا نتيجو آهي انهيءَ جو جيڪي توهان جي ٿي هٿن ڪمايو آهي (يعني توهان جي ٿي بدعملن جو نتيجو آهي). الله تعاليٰ تہ گهڻيون ٿي برائيون معاف ڪري ٿو ڇڏي. (٣١) ۽ (ياد رکو تہ جيڪڏهن توهان گناهہ ۽ ظلم نہ ڇڏيندؤ تہ) توهان ملڪ ۾ (الله تعاليٰ کان ڀڄي ڪونہ ٽيندؤ (نڪي سندس رڌن کي روڪي سگهندؤ، نہ کي عذاب کان ڇڏي ويندؤ) ۽ (ياد رکو تہ) الله کان سواءِ اوهان جو ڪوبہ ڪارساز ۽ مددگار ڪونہ

ٿيندو. (٣٢) ۽ سندس نشانين مان هڪ نشاني آهي سمنڊ ۾ هلندڙ جهاز، جي جبلن جهڙا (اتاهان ڏسڻ ۾ ايندا) آهن. (٣٣) جيڪڏهن هو چاهي ته هوا کي بيهاري ڇڏي. پوءِ اهي جهاز سمنڊ جي مٿاڇري تي (مردن وانگر) بيهي رهندا. انهيءَ ڳالهه ۾ يقيناً وڏيون (عبرت ونڊ جهڙيون) نشانيون آهن انهن سيني لاءِ جيڪي صبر ۽ اورچائي وارا آهن ۽ (خدا جي نتيجن جو) قدر ڪندڙ آهن. (٣٤) يا (هيئن ٿئي جو) هو انهن جهازن کي (طوفان جي وسيلي پيچي يا پوڙي) فنا ڪري ڇڏي (۽ ان ۾ چڙهيل ماڻهو غرق ٿي وڃن) هن ڪري جو هنن (غفلت ڪئي هئي ۽) بدعمل ڪيا هئا، ۽ (ياد رکو ته) هو ته گهٽيون ئي برائيون معاف ٻه ڪري ٿو ڇڏي. (٣٥) ۽ انهن (بد) ماڻهن کي جيڪي اسان جي نشانين ۽ حڪمن بابت جهڳڙا ٿا ڪن ڄاڻڻ گهرجي ته هنن جي لاءِ پڄي ڇٽڻ جو ڪوبه چارو ڪونهي. (٣٦) سو (ياد رکو ته) جيڪي شيون اوهان کي ڏنيون ويون آهن، سي هن دنيا جي زندگيءَ جو سامان آهن. پر جيڪي الله وٽ آهي سو انهن ماڻهن لاءِ گهڻو بهتر ۽ وڌيڪ جڳهه ڪندڙ آهي، جيڪي ايمان وارا آهن ۽ (حق جي راهه تي هلڻ ۾) پنهنجي پروردگار تي پروسو رکندڙ آهن. (٣٧) ۽ جيڪي وڏن گناهن ۽ بي حيائيءَ جي ڪمن کان پري پڇندڙ آهن ۽ جڏهن هو (ڪنهن جي اڳرائي کان) ڪاوڙ ۾ اچي ٿا وڃن ته (ڪاوڙ کي ماري اڳرائي ڪندڙ کي) معاف ڪري ٿا ڇڏين (۽ اڳرائين کي روڪين ٿا). (٣٨) ۽ جيڪي پنهنجي پروردگار جا حڪم مڃين ٿا ۽ نماز جو نظام قائم رکن ٿا ۽ پنهنجا ڪم ڪارين ۽ معاملا هڪ ٻئي سان مشورا ڪري سرانجام ڪن ٿا ۽ جيڪي اسان کين ڏيون ٿا تنهن کي خدا جي راهه ۾ خرچ ڪن ٿا. (٣٩) ۽ جيڪي جڏهن مٿن ڪو ظلم ڪيو ٿو وڃي تڏهن (ڊڄي گهر جي ڪنڊ ۾ نٿا ويهي رهن، پر مردانگيءَ سان مقابلو ٿا ڪن ۽) پنهنجي مدد ۽ بچاءُ ٿا ڪن. (٤٠) ۽ (ياد رکو ته جڏهن حقي بدلو ونڊو تڏهن) ايذاءُ يا نقصان جو بدلو ٻه اهڙوئي ۽ اوترو ئي ايذاءُ يا نقصان هئڻ گهرجي (نه وڌيڪ). پر جيڪڏهن ڪو معاف ڪري ڇڏي ۽ (ان سان گڏ) سڌارو ۽ ناهه ٻه ڪري ڇڏي ته هن کي الله وٽان اجر ملندو يقيناً الله تعاليٰ ظالمن کي ناپسند ٿو ڪري. (٤١) پر جيڪڏهن کي ماڻهو (پاڻ تي) ظلم ٿيڻ بعد پنهنجي بچاءُ لاءِ مقابلو ڪن ۽ مدد وٺن ته پوءِ مٿن بيشڪ ڪابه ميار ڪانهي. (٤٢) يقيناً ڏوهه انهن تي آهي جيڪي ماڻهن تي ظلم ٿا ڪن ۽ ڪنهن ٻه حق کان سواءِ ملڪ ۾ مانڊاڻ مچائي ٿا ڏين انهن جي لاءِ سخت عذاب تيار رکيو آهي. (٤٣) پر جيڪڏهن کو (مظلوم) صبر اختيار ڪري ۽ معافي ڏيئي ڇڏي ته يقيناً اهو وڏي همت (۽ فراخدليءَ) جو ڪم آهي.

رکوع ٥ آيت ٤٤ ـ تا ـ ٥٣

الله جي راهه ونڊ لاءِ ترغيب ۽ نه ونڊ متعلق ترهيب.

(٤٤) ۽ جنهن کي الله تعاليٰ (سندس ضد سببان) گمراهه ڪري ٿو ڇڏي تنهن جي لاءِ ان کان پوءِ ڪوبه ڪارساز ڪونهي. ۽ (اي پيغمبر!) تون ظالمن کي ڏسندين ته جڏهن عذاب اکين اڳيان اچي

ويندن تڏهن هو (پريشان ٿي) پڇندا تہ پنٽتي موٽڻ لاءِ ڪو چارو آهي يا نہ؟ (٤٥) ۽ (اي پيغمبر!) تون هنن کي ڏسندين تہ جڏهن عذاب ڏانهن آندا ويندا تڏهن (هنن جو تڪبر هليو ويندو) هو انهيءَ ذلت جي ڪري ڏاڍا نماڻا ٿي ويندا (اکيون هيٺ هوندیون رکيو) مخفي طرح هيڏي هوڏي نهاريندا. ۽ جن ايمان آندو آهي سي (ان وقت) چوندا تہ سچ پچ نقصان هيٺ آيل آهي آهن جن قيامت جي ڏينهن پاڻ کي ۽ پنهنجي ماڻهن کي (هن دنيا ۾ بدعمل ڪرڻ ۽ ڪرائڻ سبب) نقصان هيٺ آندو آهي. ڏسو ظالم دائمي عذاب ۾ گرفتار رهندا. (٤٦) ۽ هنن (ظالمن) جي لاءِ الله کان سواءِ کي به اولياءَ (يا ڪارساز) ڪونہ هوندا جي کين کٽي ڪا مدد ڪن. ۽ جنهن کي الله تعاليٰ گمراهہ ڪري ٿو ڇڏي تنهن جي لاءِ (ڪاميابيءَ يا عذاب کان ڇوٽڻ جو) ڪوبہ چارو ڪونهي. (٤٧) (اي انسانو!) پنهنجي پروردگار جي حڪمن جي تعميل ڪيو انهيءَ کان اڳي جو اهو (عذاب جو) ڏينهن الله وٽان اچي وڃي، جو هرگز ٽري نہ سگهندو. انهيءَ ڏينهن اوهان جي لاءِ ڪابہ پناهہ جي جاءِ ڪانہ هوندي، نڪي توهان (پنهنجي گناهن جو) انڪار ڪري سگهندؤ (نڪي ڪي عذر پيش ڪري سگهندؤ). (٤٨) (خبردار ڪرڻ ڪان) پوءِ بہ جيڪڏهن اهي ماڻهو پٺي ڏيئي هليا وڃن (۽ حق جي راهہ تي نہ اچن) تہ پوءِ (ياد رک تہ) اسان تو کي (اي پيغمبر!) هنن جي مٿان نگهبان ڪري ڪونہ موڪليو آهي. تنهنجي ذمي آهي فقط حڪم پهچائڻ، ۽ جڏهن اسان انسان کي پنهنجي رحمت جو مزو چکايون ٿا تڏهن هو (انهن نعمتن کي پنهنجي چالاڪيءَ جو نتيجو سمجهي انهن نعمتن تي خوشيون ٿو ملهائي (۽ فخر ٿو ڪري) ۽ جيڪڏهن هنن تي ڪا مصيبت سندن ئي بدعملن جي ڪري اچي ڪڙڪي تي تہ پوءِ (مايوس ٿي پون ٿا) ڏسو تہ انسان بيشڪ ڏاڍو بي شڪر آهي. (٤٩) آسمانن ۽ زمين جي بادشاهي الله جي آهي، جيڪي چاهي ٿو سو خلقي ٿو. جنهن لاءِ چاهي ٿو تنهن کي ڏيئر ڏيئي ٿو ۽ جنهن لاءِ چاهي ٿو تنهن کي پٽ ڏيئي ٿو. (٥٠) يا تہ هنن کي پٽ ۽ ڏيئر ٻئي ٿو ڏئي. ۽ جنهن (عورت) کي چاهي ٿو تنهن کي سنڊ ڪري ٿو ڇڏي (جو پوءِ سندس پٽ يا پار نٿو ٿئي) الله تعاليٰ سپ ڪجهہ ڄاڻندڙ ۽ هر ڪا قدرت رکندڙ آهي. (٥١) ۽ ڪوبہ ماڻهو انهيءَ جي لائق ناهي تہ الله تعاليٰ ساڻس ڳالهائي سواءِ وحي جي رستي يا پردي جي پٺيان يا ڪو رسول موڪلي، ۽ جيڪي چاهي سو پنهنجي حڪم سان (انهيءَ رسول ڏي) وحي طور چوائي موڪلي. يقيناً هو سيني کان مٿانهون ۽ سيني کان وڏو حڪمت وارو آهي. (٥٢) ۽ اهڙيءَ طرح (اي پيغمبر!) اسان تو ڏي پنهنجا حڪم وحي رستي موڪيا آهن. تو کي تہ اڳي خبر بہ ڪانہ هئي تہ ڪتاب ڇا آهي ۽ ايمان ڇا آهي؟ پر اسان ان (ڪتاب ۽ ايمان) کي نور ۽ روشني ڪيو آهي، جنهن سان پنهنجي ٻانهن مان جنهن کي چاهيون ٿا تنهن کي سڌيءَ واٽ تي لڳايون ٿا، ۽ يقيناً تون (ماڻهن کي) سڌي واٽ ڏيکاري رهيو آهين. (٥٣) انهيءَ الله جي واٽ (ڏيکاري رهيو آهين) جو مالڪ آهي (هر شيءِ ۽ هر ساهہ دار جو) جيڪو بہ آسمانن ۽ زمين ۾ آهي. ياد رکو تہ سپ ڳالهيون ۽ معاملا آخر الله ڏانهن رجوع ٿيندا.

سورت الزخرف

بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي.

رکوع ۱ آیت ۱ ـ تا ـ ۱۵

ڪافر به سندس قدرت ۽ علم جو اعتراف ٿا ڪن، تنهن هوندي به قرآن جو قدر نٿا ڪن.

(۱) حا – ميم (۲) هي چٽائي ڪندڙ ڪتاب خود شاهد آهي (ته منجهس ڏنل حقيقتون سچيون آهن) . (۳) اسان ان کي عربي قرآن انهيءَ لاءِ ڪيو آهي ته توهان سمجهو (۽ حقيقتون معلوم ڪري انهن تي عمل ڪيو). (٤) ۽ يقيناً اهو (قرآن مجيد) انهيءَ ڪتاب جي ماءُ (يعني اصلوڪي خدائي فطرت ۽ قانون) ۾ آهي جو اسان وٽ (لوح محفوظ ۾) موجود آهي ۽ بلڪل بلند مرتبي وارو ۽ حڪمت سان پريل آهي. (۵) توهان جو (نافرمانيءَ ۾) ليڪو لنگهي ٻيهندڙ ماڻهو ٿي پيا آهيو تنهن ڪري اسان پنهنجو پيغام (يعني نصيحتن سان پريل قرآن مجيد) توهان کان روڪي ڇڏيون ڇا ۽ توهان کي مردود ڪري ڇڏيون ڇا؟ (نه نه اسان تڏهن به رحم ڪري توهان کي نصيحتون ڏيندا رهنداسين ته من توهان مان کي ته فيض ونڻ.) (٦) ۽ (ياد رکو ته اسان پنهنجي رحمت سان) ڪيترائي نبي سڳورا اڳوڻن ماڻهن ۾ به موڪليا هئا. (۷) ۽ (هيءَ حقيقت آهي ته) جڏهن جڏهن انهن ڏي ڪو نبي سڳورو آيو تڏهن تڏهن هنن مٿس ٽوڪون ۽ چٽرون ڪيون. (۸) نتيجو هي ٿيو جو اسان هنن (قريشن) کان زور وارن ماڻهن کي تباهه ڪري ڇڏيو. ۽ (اهڙي طرح) اڳوڻن جي مثال گذري چڪو آهي (جنهن مان اسان کي سبق ونڻ گهرجي.) (۹) ۽ (اي پيغمبر!) جيڪڏهن تون هنن کان پڇين ته ڪنهن آسمانن ۽ زمين کي خلقيو آهي ته هو ضرور چوندا ته، انهن کي وڏي قدرت واري ۽ وڏي علم واري (الله) خلقيو آهي. (۱۰) اي ڪافرؤ! ايترو ته قبول ٿا ڪيو پر ته به الله جي رحمت جو قدر نٿا ڪيو) جنهن اوهان جي لاءِ زمين کي (غاليچي وانگر) پکيڙيو آهي، ۽ ان ۾ اوهان جي لاءِ رستا ٺاهيا اٽس انهيءَ لاءِ ته توهان (پنهنجي منزل ڏانهن) واٽ لهو (۽ پلجي نه وڃو). (۱۱) ۽ جو آسمان مان قدر سان مينهن ٽو وسائي. پوءِ اسان ان جي وسيلي مئل (خشڪ) زمين کي اٽاري زندهه ڪري ٿا ڇڏيون. اهڙيءَ طرح توهان به ٻاهر ڪڍيا ويندؤ. (يعني هن ڌي دنيا ۾ قرآن مجيد تي عمل ڪرڻ سان زندهه دل ٿي ويندؤ يا قيامت جي ڏينهن قبرن مان ٻاهر ڪڍي جيئرا ڪري اٽاريا ويندؤ). (۱۲) ۽ جنهن سيني شين کي جوڙين ۾) پيدا ڪيو آهي، ۽ اوهان جي لاءِ جهاز ۽ ڊور ڊڳا پيدا ڪيا اٽس جن تي توهان سواري ٿا ڪيو. (۱۳) انهيءَ لاءِ ته توهان انهن جي پٺيءَ تي محڪم ٿي ويهو، ۽ پوءِ جڏهن انهن تي محڪم ٿي ويهو تڏهن پنهنجي پروردگار جو فضل ياد ڪيو ۽ چؤ ته، وڏو شان آهي انهيءَ جو جنهن اسان جي لاءِ هنن کي تابع ڪري ڏنو، ۽ اسان

پنهنجي طاقت سان هنن کي هرگز تابع ڪري نه سگهون ها. (١٤) ۽ يقيناً اسان (آخر) پنهنجي پرودگار ڏي موٽڻا آهيون. (١٥) ۽ (افسوس جو الله جي ايترين نعمتن هوندي بہ) هي ماڻهو الله سان سندن (خلقيل) پانهن مان ڪن کي جزو يا حصو ٺهرائين ٿا، بيشڪ انسان ظاهرظهور بي شڪر آهي (۽ خدا جي نعمتن جو قدر نٿو ڪري).

رڪوع ٢ آيت ١٦ ـ تا ـ ٢٥

مڪي جي ڪافرن جا خيال ۽ روشون.

(١٦) يا (اي ڪافرؤ! توهان جو هي خيال آهي ڇا تہ) الله تعاليٰ پنهنجي مخلوق مان ڪن کي پنهنجون ڌيئر ڪيو اٿس ۽ اوهان کي (اوهان جي پسنديءَ مطابق) پٽ ڏنا اٿس. (١٧) ۽ (حقيقت تہ هي آهي تہ) جڏهن هنن مان ڪنهن کي (ڏيءُ جي جنمڻ جي) خبر ڏني وڃي ٿي، انهيءَ جي جيڪي هو رحمان خدا سان منسوب ڪري ٿو (تہ هن کي ڏيئرون آهن)، تڏهن سندس منهن ڪارو ٿي وڃي ٿو، ۽ هو دل ئي دل ۾ گهٽجي وڃي ٿو. (١٨) ڇا اها (ڇوڪري) جيڪا زيورن (۽ گڏين) ۾ پلجي ٿي ۽ جا بحث مباحثي ۾ صاف طور ڳالهہ ڪري نٿي سگهي (سا خدا کي خاص طرح پسند آهي؟) (١٩) ۽ هنن (ڪافرن) ملائڪن کي جيڪي رحمان خدا جا ڀانها آهن عورتون ٺهرايو آهي. ڇا هنن (ڪافرن انهن ملائڪن جي) خلقت روبرو ڏٺي هئي؟ (يعني جڏهن ملائڪ خلقيا ويا هئا تڏهن اهي ڪافر بروقت اتي موجود هئا ڇا؟) هنن جي اها شاهدي يا عقيدو (تہ ملائڪ عورتون آهن سندن اعمال نامي ۾) لکيو ويندو ۽ (ان بابت) کانئن پڇاڻو ٿيندو. (٢٠) ۽ اهي (ڪافر) چوندا آهن تہ جيڪڏهن رحمان خدا چاهي ها تہ اسان انهن (پين ديوتائن يا بتن وغيره کي) نہ پوڄيون ها، هن بابت هنن کي ڪوبہ علم ڪونهي. هو فقط ڪوڙا دليل پيش ٿا ڪن. (٢١) يا (هيئن آهي ڇا تہ) اسان هن کان اڳي هنن کي ڪو ڪتاب ڏنو آهي جو هو ان تي محڪم آهن؟ (٢٢) ائين ناهي بلڪ حقيقت هيءَ آهي تہ هو چوندا آهن تہ اسان پنهنجي ابن ڏاڏن کي دين جي هڪڙي طريقي تي ڏٺو ۽ اسان انهن جي ئي نقش قدم تي هلي رهيا آهيون. (٢٣) ۽ اهڙيءَ ئي طرح اسان جڏهن بہ ڪو خبردار ڪندڙ (نبي سڳورو) توڪان اڳي ڪنهن بستيءَ يا شهر ۾ موڪليو تڏهن ان شهر جي آسائشي ماڻهن چئي ڏنو تہ اسان پنهنجي ابن ڏاڏن کي دين جي هڪڙي طريقي تي ڏٺو ۽ اسان بہ انهن جي نقش قدم تي هلي رهيا آهيو. (٢٤) (انهن جي پيغمبر کين) چيو تہ ڇا (توهان وڏن جي غلط خيالن ۽ رسمن تي ڇميا رهندؤ) اگرچہ مان توهان ڏي بهتر هدايت ڪٽي آيو آهيان انهيءَ کان جنهن تي توهان پنهنجي ابن ڏاڏن کي هلندي ڏٺو؟ هنن (ڪافرن) جواب ۾ چيو تہ جيڪا هدايت اوهان پيغمبرن آندي آهي تنهن کي اسان بلڪل ڪونہ ٿا مڃون. (٢٥) سو اسان هنن کي (سندن بدعملن جي) بدلي ۾ سزا ڏني. پوءِ ڏسو تہ (حق کي) ڪوڙو ٺهرائيندڙن جي پڇاڙي ڪهڙي نہ خراب ٿي!

رکوع ٣ آيت ٢٦ ـ تا ـ ٣٥

دنيا ۾ شاهوڪاري ۽ طاقت روحاني خوشين جي پيٽ ۾ ڪجھ به ناهن.

(٢٦) ۽ ياد رکو تہ، حضرت ابراهيم پنهنجي پيءُ کي ۽ پنهنجي قوم جي ماڻهن کي چيو هو تہ جن (بتن ۽ ستارن وغيره) جي توهان پوڄا ٿا ڪيو تن کان مان بيزار آهيان. (٢٧) مان تہ فقط انهيءَ (الله) جي ٻانهپ ڪندس، جنهن مون کي پيدا ڪيو آهي. هو يقيناً مون کي (ڪاميابي ۽ سعادت جي) سڌيءَ واٽ تي لڳائيندو. (٢٨) ۽ هو اهائي نصيحت پنهنجي پٺيان ڇڏي ويو آهي تہ من (سندس پويان يعني عرب ۽ بني اسرائيل) خدا ڏي رجوع ٿين. (٢٩) حقيقت هيءَ آهي تہ مان هنن (قريشن) کي ۽ سندن ابن ڏاڏن کي دنيائي نعمتون ڏيندو رهيو آهيان (اگرچہ حق کان ڦري ويا آهن) تان جو هنن وٽ وري حق اچي ويو آهي ۽ حقيقتن کي چٽو ڪندڙ رسول وٽن اچي چڪو آهي. (٣٠) پر (هو تہ اهڙا بي شڪر آهن جو) جڏهن وٽن حق اچي چڪو آهي تڏهن چوڻ لڳا آهن تہ هيءُ جادو آهي (۽ ڪوڙ آهي) ۽ اسان ان کي ڪونہ ٿا مڃيون. (٣١) ۽ هو چون ٿا تہ هيءُ قرآن ڇو نہ هنن ٻن (مڪي، شهرن جي ڪنهن وڏي (شاهوڪار يا سردار) تي نازل ڪيو ويو. (٣٢) ڇا هي (هنيلا) ماڻهو تنهنجي پروردگار جي رحمت (پنهنجي خيالن موجب) ورهائڻ ٿا چاهين؟ (هو ڏسن نٿا تہ) هن دنيا جي زندگيءَ ۾ سندن روزي، منجهن اسان ئي ورهائي آهي (ٻين کي ڪهڙي طاقت آهي جو روزي يا پيغمبري ورهائي ڏين) ۽ اسان ئي ڪن ماڻهن کي ٻين ماڻهن کان (مختلف قسم جي) درجن ۾ مٿي رکيو آهي. انهيءَ لاءِ تہ ڪي ماڻهو ٻين کان (چگا) ڪم وٺن، ۽ (اي پيغمبر!) تنهنجي پروردگار جي رحمت انهيءَ دنيا ئي دولت کان گهڻو بهتر آهي جا اهي (ڪافر) ماڻهو گڏ ڪندا رهن ٿا. (٣٣) ۽ (دنيا ئي دولت بذات خود ڪجھ به ناهي) جيڪڏهن اڻين نہ هجي ها جو (دولت جي هڻڻ سببان) سڀ ماڻهو هڪ (بدڪار) امت ٿي وڃن ها تہ اسان انهن ماڻهن جي لاءِ جيڪي رحمان خدا کي نٿا مڃن سندن گهرن جون ڇتيون ۽ چانديءَ جون ڪري ڇڏيون ها ۽ اهي ڏاڪڻيون جن تي چڙهن ٿا سي ۽ چانديءَ جون ڪري ڇڏيون ها. (٣٤) ۽ سندن گهرن جا دروازا ۽ اهي تخت (يا ڪوچ) جن تي ٽيڪ ڏئي ويهن ٿا (سي ۽ چانديءَ جا ڪري ڇڏيون ها.) (٣٥) ۽ پڻ ڪين سونا زيور يا سينگار جا سامان ڏئي ڇڏيون ها. پر اهي سڀ، ڪجھ به ناهن، رڳو هن دنيا جي (ٿوري) زندگيءَ جو سامان آهن. ۽ آخرت (جون حقيقي ۽ پائيدار نعمتون) الله تعاليٰ وٽ فقط انهن لاءِ آهن جيڪي پرهيزگار آهن (۽ الله جي راهہ تي هلندڙ آهن).

رکوع ٤ آيت ٣٦ ـ تا ـ ٤٥

جيڪي شيطان جي پيروءَ ۾ انڌا ٿي ويا آهن، تن کي سڌي واٽ تي آڻڻ محال آهي.

(٣٦) ۽ جيڪو به رحمان جي ذڪر کان (يعني قرآن مجيد تي عمل ڪرڻ کان) منهن ٽو موڙي تنهن

جي لاءِ اسان هڪڙو شيطان مقرر ڪري ٿا ڇڏيون، جو هنن جو سنگتي ۽ ساٿي ٿئي ٿو. (۳۷) ۽ بيشڪ اهڙا شيطان (يا برغلائيندڙ ساٿي) هنن کي (الله تعاليٰ جي) واٽ کان روڪي ٿا ڇڏين، پر هو سمجهن ٿا تہ يقيناً هو سڌيءَ راهہ تي هلندڙ آهن. (۳۸) تان جو جڏهن اهو (برغلايل انسان) اسان وٽ پيش ٿيندو تڏهن (برغلائيندڙ ساٿيءَ کي) چوندو تہ (هي عذاب تو مون تي آندو آهي) ڪاش! تنهنجي ۽ منهنجي وچ ۾ ايترو مفاصلو هجي ها جيترو اوپر ۽ اولهہ جي وچ ۾ آهي. ڪهڙو نہ بڇڙو سنگتي آهي. (۳۹) انهيءَ ڏينهن (برغلائيندڙ سنگتيءَ تي ڏوهہ ڏرڻ) اوهان کي ڪجهہ بہ ڪم نہ ايندو جڏهن تہ توهان پاڻ (قرآن مجيد کي ڇڏي) ظلم جي واٽ اختيار ڪئي هئي. يقيناً توهان (برغلايل ۽ برغلائيندڙ پئي ڏريون) عذاب ۾ پائيوار آهيو. (۴۰) پوءِ (اي پيغمبر!) ڇا تون ٻوڙن کي ٻڌائي سگهندين ۽ انڌن کي واٽ ڏيکاري سگهندين ۽ انهن کي (حق جي راهہ تي آڻي سگهندين) جيڪي (ضد تڪبر ۽ خودغرضيءَ سبب) چٽي پٽي گمراهيءَ ۾ آهن؟ (۴۱) پوءِ (اي پيغمبر! اگرچہ اسان تو کي (دنيا مان) کڻي وڃون تہ بہ هنن کي ضرور (سندن بدعملن جي) بدلي ۾ سزا ڏينداسون. (۴۲) يا تہ تو کي (تنهنجي ئي حياتيءَ ۾ ڪافرن جي اها مغلوبي يا تباهي) ڏيکارينداسين جنهن جو اسان هنن کي واعدو ڏنو آهي. يقيناً اسان هنن تي قادر ۽ غالب آهيون. (۴۳) سو (اي پيغمبر! تون ڪوبہ انديشو نہ ڪر، ڪابہ پرواهہ نہ ڪر) جيڪو وحي تو ڏي موڪليو ويو آهي، تنهن تي (عمل ڪرڻ ۾ ۽ خدائي نظام قائم ڪرڻ ۾) محڪم رهہ. يقيناً تون سڌيءَ واٽ تي هلي رهيو آهين. (۴۴) ۽ يقيناً هي (قرآن) تنهنجي ۽ تنهنجي قوم جي ماڻهن لاءِ (صحيح) پيغام ۽ نصيحت آهي. ۽ جلد اوهان کان پڇاڻو ٿيندو. (۴۵) ۽ (اي پيغمبر!) تو کان اڳي جن رسولن کي اسان پيغمبر ڪري موڪليو هو تن کان پڇي ڏس (تہ) رحمان خدا کان سواءِ ٻيا بہ کي معبود اسان بنايا هئا جا جن جي پاڻهہ ڪئي وڃي؟

رکوع ۵ آيت ۴۶ ـ تا ـ ۵۶

حضرت موسيٰ عليہ السلام ۽ فرعون جو عبرتناڪ واقعو.

(۴۶) ۽ هيءَ حقيقت آهي تہ اسان حضرت موسيٰ کي پنهنجي نشانين سان فرعون ۽ سندس سردارن ڏي موڪليو. هن (انهن وٽ وڃي) چيو تہ، يقيناً مان سڄي جهان جي پروردگار جو رسول آهيان. (۴۷) پوءِ جڏهن هنن کي اسان جون نشانيون ڏيکاريائين تڏهن هو کلڻ ۽ مسخريون ڪرڻ لڳا. (۴۸) ۽ اسان جيڪا بہ نشاني هنن کي ڏيکاري سا اڳين نشانيءَ کان وڏي هئي، ۽ اسان کين عذاب ۾ وڌو. انهيءَ لاءِ تہ من خدا ڏي رجوع ٿين (۽ ظلم ڪرڻ کي نيڪ ڪم ڪرڻ لڳن). (۴۹) ۽ هنن چيو تہ، اي جادوگر پنهنجي پروردگار کان اسان جي لاءِ دعا گهر جهڙيءَ طرح هنن توسان عهد ڪيو آهي. (جيڪڏهن عذاب ٽري ويندو تہ) اسان يقيناً هدايت تي اينداسين (۽

تنهنجو سيکاريل دين قبول ڪنداسين.) (۵۰) پوءِ جيڪڏهن اسان هنن تان عذاب لاهي ڇڏيو تڏهن هنن هڪدم پنهنجو عهد ٽوڙي ڇڏيو. (۵۱) ۽ فرعون پنهنجي قوم ۾ اعلان ڪري چيو ته، اي منهنجي قوم جا ماڻهو! مان مصر جو بادشاهه نه آهيان ڇا؟ ۽ هي نهرون منهنجي پيرن هيٺان نه ٿيون وهن ڇا؟ ڇا توهان نٿا ڏسو؟ (۵۲) ڇا مان هن (حضرت موسيٰ عليه السلام) کان بهتر نه آهيان جو ذليل ۽ خسيس آهي ۽ صاف طرح ڳالهائي به نٿو سگهي؟ (۵۳) (جيڪڏهن هو عزت وارو يا پيغمبر آهي ته) پوءِ ڇو نه هن جي هٿن ۾ سونا ڪنگڻ وڏا وبا آهن، يا ڇو نه هن سان گڏ فرشتا جلوس ڪڍي ٿا نڪرن؟ (۵۴) اهڙيءَ طرح هن پنهنجي قوم کي بي وقوف بنايو. سو هنن سندس فرمانبرداري ڪئي. يقيناً هو (خدا سان) بي فرمان فاسق ماڻهو ٿي رهيا. (۵۵) سو جڏهن هنن اسان کي ناراض ڪيو تڏهن اسان هنن کي (سندن ظلمن جو) بدلو ڏنو ۽ هنن سيني کي غرق ڪري ڇڏيو. (۵۶) اهڙيءَ طرح اسان هنن کي گذري ويل قوم ڪري ڇڏيو. ۽ پوين لاءِ (عبرت ونڊ جو) مثال قائم ڪيو.

رکوع ۶ آيت ۵۷ ـ تا ـ ۶۷

حضرت عيسيٰ عليه السلام جي تبليغ ۽ ان جي پوئلڳن ۾ اختلاف ڪيا.

(۵۷) ۽ جڏهن (حضرت عيسيٰ) ابن مريم جو حال بيان ڪيو ٿو وڃي تڏهن (پيغمبر!) تنهنجي قوم جا ماڻهو شور مچائين ٿا. (۵۸) ۽ چون ٿا ته، اسان جا معبود بهتر آهن يا اهو (حضرت عيسيٰ عليه السلام) بهتر آهي؟ (اي پيغمبر!) اهڙيون ڳالهيون هو توسان فقط جهڳڑا پيدا ڪرڻ واسطي ڪن ٿا. هيءَ حقيقت آهي ته هو جهڳڑالو ماڻهو آهن. (۵۹) هو ته فقط بانهو هو (اسان جو) اسان هن تي پنهنجو فضل ڪيو ۽ هن کي بني اسرائيلن لاءِ مثال ۾ نمونو ڪيو (پر افسوس جو هو سندس نقش قدم تي نه هليا). (۶۰) ۽ جيڪڏهن اسان چاهيون ته توهان مان ملائڪ پيدا ڪري ڇڏيون، جيڪي دنيا ۾ اوهان جي جاءِ وٺن. (۶۱) ۽ يقيناً (حضرت عيسيٰ) انهيءَ گهڙيءَ جو علم يا نشاني آهي. سو انهيءَ نشانيءَ ۾ شڪ نه آڻيو ۽ منهنجي پيروي ڪيو اهائي سچي واٽ آهي. (۶۲) ۽ ائين نه ٿئي جو شيطان اوهان کي (انهيءَ سڌيءَ واٽ کان) روڪي ڇڏي. هو يقيناً اوهان جو کليو ڪلايو دشمن آهي. (۶۳) ۽ جڏهن حضرت عيسيٰ روشن دليلن ۽ نشانين سان اچي ويو، تڏهن چيائين ته، مان توهان ڏي حڪمت ۽ دانائيءَ جون ڳالهيون ڪٽي آيو آهيان. ۽ هن لاءِ آيو آهيان ته، جن ڳالهين بابت توهان اختلاف ڪري رهيا آهيو تن مان ڪن ڳالهين کي چٽو ڪري ڇڏيان. سو الله (جي حڪمن جي تعميل ڪيو ۽ سندس نافرمانيءَ جي نتيجن) کان ڊڄو ۽ منهنجي فرمانبرداري ڪيو. (۶۴) يقين ڄاڻو ته، الله ئي منهنجو ۽ (اوهان جو پروردگار آهي. سو فقط سندس بانهپ ڪيو اهوئي سڌو رستو آهي. (۶۵) پر (ڇا ٿيو جو) ٽولين يعني فرقن ۾ اختلاف

ڪيا. سو جن (فرقا ٿاهي پاڻ تي پاڻ) ظلم ڪيو تن تي هڪڙي سخت تڪليف واري ڏينهن عذاب جي مصيبت اچڻي آهي. (٦٦) هي (منڪر) انهيءَ گهڙيءَ واسطي ترسيا وينا آهن ڇا ؟ (ان گهڙيءَ جي اچڻ بعد هو ڇا ڪري سگهندا؟) اها تہ اوچتو اچي ويندي ۽ هنن کي خبر ہ ڪانہ پوندي. (٦٧) انهيءَ ڏينهن دوست ہ هڪ ٻئي جا دشمن ٿي پوندا. پر پرهيزگار (مؤمن) (هڪ ٻئي جا دشمن ڪونہ ٿيندا، اهي هڪ ٻئي سان وڏي محبت ۾ رهندا).

رکوع ۷ آيت ٦٨ ـ تا ـ ٨٩

حضرت جن کي حڪم تہ هاڻي هنن منڪرن کي ڇڏي ڏي.

(٦٨) اي منهنجا (فرمانبردار) بندؤ! انهيءَ ڏينهن توهان کي ڪوبہ خوف ڪونہ رهندو، نڪي توهان غمگين هوندؤ. (٦٩) اهي سچا بندا جيڪي اسان جي آيتن ۽ حڪمن تي ايمان ۽ يقين رکن ٿا ۽ پورا پورا مسلمان (يعني سورهن آنا خدا جا) فرمانبردار آهن (۽ سيني قرآني حڪمن جي تعميل ٿا ڪن). (٧٠) (اي منهنجا اهڙا بندؤ!) توهان ۽ توهان جون مؤمن زالون (۽ توهان سان تعلق رکندڙ مؤمن) خوشين ۽ خوبين سان جنت ۾ داخل ٿيو. (٧١) (جنت ۾) انهن تي سون جي رڪابين ۽ پيالن جو دور هلندو. ۽ اتي دليون جيڪي ہ چاهيندیون ۽ جنهن سان بي اڪين کي لذت ۽ راحت ملندي سو سڀ ميسر هوندو ۽ اوهان ہ هميشہ رهندؤ. (٧٢) اهڙو هوندو اهو بهشت جنهن جا توهان (هميشہ لاءِ) وارث ٿيندؤ، هن ڪري جو توهان نيڪ عمل ڪندا هئو. (٧٣) ان بهشت ۾ اوهان جي لاءِ بي انداز ميوا (۽ نعمتون) هونديون جي توهان ماڻيندو. (٧٤) يقيناً ڏوهاري ۽ گنهگار جهنم جي عذاب ۾ پوندا ۽ هميشہ ان ۾ هوندا. (٧٥) هنن تان عذاب هلڪو ڪونہ ڪيو ويندو ۽ هو ان ۾ نااميدي ۽ نامرادي ۾ ويڑهجي ويندا. (٧٦) اسان هنن سان بي انصافي بلڪل ڪانہ ڪنداسين، پر هو پاڻ وڏا ظالم هئا (۽ هوپاڻ تي پاڻ ظلم ڪيائون ۽ ان جو نتيجو ضرور لوڙهو اٿن). (٧٧) ۽ هو (جهنم ۾) پڪاري چوندا تہ، اي جهنم جا داروغا! تنهنجو پروردگار جيڪڏهن اسان کي ختم ڪري ڇڏي تہ ڏاڍو چگو ٿئي. هو چوندو (تہ نہ!) توهان کي يقيناً (هن عذاب ۾ دائمي طور) رهڻو آهي. (٧٨) (اي انسانو!) هيءَ حقيقت آهي تہ اسان توهان وٽ حق (يعني قرآن مجيد) آندو آهي، پر توهان مان گهڻا حق کي ناپسند ڪندڙ آهن. (٧٩) ڇا هنن کو منصوبو ٿاهي تيار ڪيو آهي؟ پر (ياد رکو) تہ اسان ئي سيني ڳالهين جو فيصلو ڪندڙ آهيون (هو ڪجهہ ہ ڪري نہ سگهندا). (٨٠) يا (مڪي جا ڪافر) هيئن ٿا سمجهن ڇا تہ، اسان سندس ڳجهہ ۽ مخفي ڳالهيون ڪونہ ٿا ٻڌون؟ يقيناً اسان سڀ ڪجهہ ٻڌون ٿا ۽ اسان جا موڪليل فرشتا هنن جي پاسي ۾ رهن ٿا ۽ سڀ ڪجهہ لکي ٿا ڇڏين. (٨١) (اي پيغمبر!) تون چؤ تہ، جيڪڏهن رحمان خدا کي پٽ هجي ها تہ پوءِ مان (سندس) پانهپ ڪندڙن ۾ سيني کان اڳرو هجان ها (پر پٽ جو

هئڻ خدا جي شان وڏان ناهي.) (٨٢) آسمانن ۽ زمين جو پروردگار ۽ عرش جو مالڪ پاڪ آهي، اهڙين ڳالهين کان جي هي ماڻهو (عيسائي ۽ ٻيا) بيان ڪن ٿا. (٨٣) سو (اي پيغمبر!) هنن کي ڇڏي ڏي تہ پلي پيا بيهوديون بڪواسون ڪن ۽ کلي چرچا ڪن، تان جو پنهنجو اهو ڏينهن ڏسن جنهن جو ساڻن واعدو ڪيو ويو آهي، (جنهن ڏينهن هو مغلوب ٿيندا يا آخرت جي عذاب ۾ ڪرندا). (٨٤) ۽ اهوئي الله آسمان ۾ ۽ معبود آهي تہ زمين تي ۽ معبود آهي، ۽ هو وڏيءَ حڪمت وارو ۽ وڏي علم وارو آهي. (٨٥) ۽ وڏين برڪتن وارو آهي، اهو الله جنهن جي هٿ ۾ آسمانن ۽ زمين جي بادشاهي آهي ۽ جيڪي ۽ انهن جي وچ ۾ آهي تنهن جي ۽ بادشاهي آهي. ۽ انهيءَ گهڙي جو علم وٽس ئي آهي، ۽ اوهان آخر هن ئي ڏانهن موٽايا ويندؤ. (٨٦) ۽ جن کي هو خدا کي ڇڏي پڪارين ٿا تن جي هٿ ۾ شفاعت ڪانهي، (هو ڪاب سفارش ڪري نہ سگهندا) شفاعت تہ فقط انهيءَ جي هٿ ۾ آهي جيڪو حق جي شاهدي ٿو ڏئي (يعني حق ٿو ٻڌائي ۽ سچو دين ٿو سيکاري) ۽ (اها ڳالهہ) هو ڄاڻن ۽ ٿا (پر خودغرضي ۽ دنيائي فائدا هنن کي حق کان روڪين ٿا). (٨٧) ۽ (اي پيغمبر!) جيڪڏهن تون هنن (ڪافرن) کان پڇين تہ، ڪنهن کين خلقيو آهي تہ هو ضرور چوندا تہ کين الله ئي خلقيو آهي، پوءِ ڪيئن هو (حق کان) ٽڙڪي گمراهہ ٿي ٿا وڃن؟ (٨٨) ۽ (پيغمبر ﷺ جو) هيءُ چوڻ (اسان کي معلوم آهي) تہ اي منهنجا پروردگار هي اهي ماڻهو آهن جيڪي (هرگز) ايمان ڪونہ آڻيندا. (٨٩) (اي پيغمبر! تنهنجو خيال برابر آهي) سو تون هنن کان منهن موڙي ڇڏ ۽ (کين آخري) سلام چئو. پوءِ هو جلد ئي معلوم ڪندا (تہ ڪير ٿو آخر ڪامياب ٿئي).

سورت الدُخَانِ (دونهون يا ڪوهيڙو)

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي.

رڪوع ١ آيت ١ ـ تا ـ ٢٩

حق جي قبوليت لاءِ ترغيبون

(١) حا – ميم (٢) غور ڪيو هن ڪتاب (قرآن مجيد) تي جو (سيني حقيقتن کي) چٽو ڪندڙ آهي. (٣) اسان يقيناً ان کي برڪت واري رات ۾ نازل ڪيو، ۽ يقيناً اسان (ماڻهن کي مصيبتن کان بچڻ لاءِ) خبردار ڪرڻ ٿا چاهيون. (٤) ان (قرآن مجيد) ۾ هرهڪ دانائي جي ڳالهہ (۽ معاملو جهل جي ڳالهہ کان جدا ڪري) چٽو ڪري ڏيکاريو ويو آهي. (٥) خود اسان وٽان صادر ٿيل حڪم موجب (اڄين ڪيو ويو آهي) يقيناً اسان ئي (وحي ۽ پيغمبرن کي) موڪليندڙ آهيون. (٦) (اهو ئي وحي) تنهنجي پروردگار وٽان (سيني ماڻهن لاءِ) رحمت طور موڪليل آهي. يقيناً

هو سڀ ڪجھ ٻڌندڙ ۽ ڄاڻندڙ آهي. (۷) (اها رحمت انهيءَ رب وٽان آيل آهي) جو آسمانن ۽ زمين جو ۽ جيڪي انهن جي وچ ۾ آهي تنهن جو پروردگار آهي، بشرطيڪ توهان يقين رکڻ وارا هجو. (جيڪڏهن توهان رڳو گمانن تي نہ هلي پر علم ۽ غور جي وسيلي يقين تي پهچو تہ پوءِ توهان ڏسندو تہ، يقيناً قرآن مجيد رب جي رحمت آهي.) (۸) هن کان سواءِ ٻيو ڪوبہ معبود (يا حاڪم) ڪونهي، اهوئي جيئاري ۽ ماري ٿو، اهوئي توهان جو بہ پروردگار آهي تہ اوهان جي اڳوڻن ابن ڏاڏن جو بہ پروردگار آهي. (۹) پر ڳالھ هيئن آهي تہ اهي (جاهل) شڪ (۽ وهمن) ۾ ڪيل تماشا ڪري رهيا آهن. (۱۰) سو (اي پيغمبر! تون) انهيءَ ڏينهن جو انتظار ڪر جنهن ڏينهن آسمان چٽو پٽو دونهون آڻيندو. (۱۱) جو دونهو ماڻهن تي ڇانئجي ويندو، اهو (هنن لاءِ) سخت عذاب هوندو. (۱۲) (تڏهن ماڻهو چوندا تہ) اي اسان جا پروردگار! اسان تان هي عذاب ٽاري ڇڏ، اسان (هاڻي) يقيناً ايمان ٿا آڻيون. (۱۳) (پر) هو ڪٿي ٿا نصيحت وٺن ۽ سمجهن؟ (ڏسو تہ) هنن ڏانهن (حقيقتن کي) چٽو ڪندڙ رسول اچي بہ ويو آهي. (تہ بہ) (۱٤) پوءِ هو هن کان منهن ڦيرائي هليا ٿا وڃن، ۽ چون ٿا تہ هو (ٻين جو) سيکاريل آهي ۽ ديوانو آهي. (۱۵) اسان تہ يقيناً ڪجھ وقت لاءِ اهو (ڏکار جو) عذاب ٽاري ڇڏيندا سين، پر توهان يقيناً (ڪفر ۽ بدڪارين ڏي) موٽندؤ. (۱٦) (ياد رکو تہ) هڪڙي ڏينهن اسان وڏي سخت پڪڙ سان (هنن کي) پڪڙيندا سين، يقيناً اسان بدلو وٺڻ وارا آهيون، (يعني هنن کي هن جي بدڪارين جو بدلو ضرور ملندو. فرعون جو مثال مان عبرت وٺڻ گهرجين.) (۱۷) ۽ هيءَ حقيقت آهي تہ، ڪائنس اڳي اسان فرعون جي ماڻهن کي آزمائيو، ۽ هنن ڏي هڪڙو وڏي شان وارو پيغمبر (حضرت موسيٰ عليہ السلام) آيو. (۱۸) (هن کين چيو تہ،) خدا جي ٻانهن (بني اسرائيلن ۽ مصري مؤمنن) کي منهنجي حوالي ڪيو. يقيناً مان توهان ڏي (خدا جو) پيغمبر ٿي آيو آهيان ۽ يقيناً ڀروسي ۽ اعتبار جي لائق پيغمبر آهيان. (۱۹) ۽ خدا جي مقابلي ۾ هٺ وڌائي نہ ڪيو، يقيناً مون اوهان ڏي چٽي پٽي سند آندي آهي. (۲۰) ۽ مان پنهنجي ۽ اوهان جي پروردگار وٽ پناھ گهري آهي، انهيءَ کان جو توهان مون کي پٿر هڻي ماريو (يا ڪو ايذاءُ پهچايو.) (۲۱) ۽ جيڪڏهن توهان مون تي ايمان نہ آڻيو تہ گهٽ ۾ گهٽ مون کان پري تہ رهو. (۲۲) (پر هنن ڪيس نقصان پهچائڻ جون رٽون ڪيون) سو هن پنهنجي پروردگار کي پڪاري چيو تہ، يقيناً هي ماڻهو گنهگار ۽ بدڪار آهن. (۲۳) (الله تعاليٰ وٽان ارشاد ٿيو تہ) پوءِ منهنجي ٻانهن کي رات جي وقت (مخفي طرح) پاڻ سان وڃي نڪري وڃ. يقيناً (خبر پوڻ بعد) هو توهان جي پٺيان پوندا (۽ توهان تي ڪاھ ڪندا). (۲٤) ۽ (اي موسيٰ تنهنجي لاءِ سمنڊ هڻي ويندو، پوءِ سمنڊ کي (هر جي) اوڙ جي حالت ۾ ڇڏي وڃجانءِ، (فرعون جا ماڻهو اوڙ يا وات ڏي ڪاهي پوندا، پر سمنڊ وري چڙهندو) يقيناً هو اهو لشڪر آهن جو غرق ٿيڻو آهي. (۲۵) ڪيترا نہ باغ ۽ نهرون هيون جن کي هو ڇڏي هليا ويا! (۲٦) ۽ ڪيتريون پوکون ۽ شاندار جايون هيون.

(۲۷) ۽ ڪيتريون نہ نعمتون هين جي هو (خوشين ۽ غفلتن ۾) ماڻيندا هئا. (اهي سپ ڇڏي فنا ٿي ويا ۽ جهنم ۾ داخل ٿيا)! (۲۸) اهڙيءَ طرح (ٻي سندن پڇاڙي ۽) ۽ اسان ٻين ماڻهن کي سندن وارث ڪيو. (۲۹) سو نڪي آسمان مٿن ڳوڙها ڳاڙيا، نہ کي زمين هنن لاءِ رني ۽ نہ کي هنن کي مهلت ڏني ويئي!

رکوع ۲ آيت ۳۰ ـ تا ـ ٤۲

بني اسرائيلين جو فرعون کان ڇوٽڪارو. مڪي جي ڪافرن کي ان مان عبرت ونڊ گهرجي.

(۳۰) ۽ هيءَ حقيقت آهي تہ، اسان بني اسرائيلن کي ذليل ڪندڙ عذاب کان بچايو. (۳۱) يعني فرعون (جي ظلمن ۽ غلاميءَ) کان (بچايو). يقيناً اهو فرعون وڏو سرڪش ۽ ليڪو لنگهي ٻيهڙ وارن مان هو. (۳۲) ۽ هيءَ ٻہ حقيقت آهي تہ اسان انهن (بني اسرائيلن) کي پنهنجي علم مطابق سڄي جهان جي ماڻهن کان بلند ڪيو ۽ چوندي ڪنيو. (۳۳) ۽ اسان هنن کي نشانيون (ڪتاب پيغمبر ۽ بادشاهي وغيره) ڏنيون جن ۾ چٽي چٽي آزمائش رکيل هئي. (هو پورا نہ نڪتا ۽ تباهہ ٿيا). (۳٤) هي (مڪي جا ڪافر) يقيناً چون ٿا تہ. (۳۵) اسان جي هن پهرئين موت کان سواءِ ٻيو ڪجهہ ٻہ ناهي، ۽ اسان وري ڪونہ اٿاريا ويندا سين. (۳٦) (مسلمانو!) جيڪڏهن توهان سچ ٿا چؤ تہ، (قيامت ايندي تہ) پلا اسان جي وڏن کي (جيئرو ڪري اسان جي روبرو) آڻيو (تہ اسان ڏسون). (۳۷) (ڏسو تہ) اهي (مڪي جا ڪافر) بهتر (۽ وڏي طاقت وارا) آهن يا تبع قوم جا ماڻهو ۽ اهي جيڪي انهن کان اڳي ٿي گذريا آهن (اهي گهٽو بهتر ۽ وڏيڪ طاقت وارا هئا) انهن کي ٿي اسان برباد ڪري ڇڏيو، چو تہ، يقيناً هو وڏا گنهگار هئا. (۳۸) ۽ (ياد رکو تہ،) اسان آسمانن ۽ زمين کي ۽ جيڪي ٻہ انهن جي وچ ۾ آهي تنهن کي کيل تماشي طور (ٻنا ڪنهن مقصد جي) ڪونہ خلقيو آهي. (۳۹) اسان انهن کي ڪنهن رحمت (يا مقصد) کان سواءِ نہ خلقيو آهي، پر هنن مان گهڻا ماڻهو نٿا ڄاڻن ۽ سمجهن. (٤۰) يقيناً هنن سيني لاءِ فيصلي وارو ڏينهن مقرر ڪيل وقت آهي، (جنهن ڏينهن نيڪن کي بدڪارن کان جدا ڪري ڪامياب ڪيو ويندو ۽ بدڪارن کي خوار خراب ڪيو ويندو). (٤۱) انهيءَ ڏينهن ڪوبہ دوست دوست کي (يا سنياليندڙ پنهنجي سنيال هيٺ واري کي) ڪجهہ ٻہ ڪم نہ ايندو، ۽ هنن کي ڪابہ مدد ڪانہ ملندي. (٤۲) سواءِ انهن جي جن تي الله تعاليٰ رحم ڪيو آهي، يقيناً هو غالب ۽ رحم وارو آهي.

رکوع ۳ آيت ٤۳ ـ تا ـ ۵۹

قيامت بعد بدڪار ڪافرن جي حالت ۽ صالح بندن جي حالت.

(٤۳) بيشڪ ٿوهر جو (ڪوڙو) وڻ، (٤٤) (قيامت بعد دوزخ ۾) گنهگارن جو ڪاڇ ٿيندو. (٤۵) (اهو ڪاڇ) پگريل پتل (يا تيل جي گيرٽ) وانگر پيٽ ۽ آنڊن ۾ ٽهڪندو. (٤٦) (اهڙيءَ طرح

ٺهڪندو) جهڙيءَ طرح گرم پاڻي ٺهڪندو آهي. (٤٧) (اتي حڪم ٿيندو ته) پڪڑيوس ۽ گهلي گهلي ڇيڙي ڪندڙ باهه جي وچ ۾ وڌي وڃوس. (٤٨) پوءِ سندس مٿي تي عذاب ڏيندڙ ٺهڪندڙ پاڻي پرڻايو. (٤٩) (ان هنيلي ظالم کي چيو ويندو ته) چک (عذاب جو مزو) بيشڪ تون (دنيا ۾) وڏي طاقت وارو ۽ وڏي عزت وارو هئين. (٥٠) بيشڪ اهو اٽڪي اهو (عذاب) جنهن بابت (دنيا ۾) شڪ آڻيندو هئين (۽ چوندو هئين ته نڪا قيامت ايندي نڪو مون کي عذاب ٿيندو). (٥١) يقيناً نيڪ ماڻهو (جيڪي خدائي قانون ۽ اسلامي نظامِ زندگي جي اندر رهيا) امن امان واري جاءِ (يا حالت) ۾ هوندا. (٥٢) باغن ۽ نهرن جي وچ ۾ رهندا. (٥٣) سنها ريشمي ڪپڑا ۽ پلا بخمل جا ڪپڑا پهريندا ۽ (هڪ ٻئي جي من موهيندڙ صحبت ۽ محبت ۾) هڪ ٻئي جي سامهون ٽي ويهندا. (٥٤) يقيناً ائين ٿيندو ۽ اسان کين وڏين اکين وارن حورن سان ملائينداسين. (٥٥) اتي قرار سان انهن باغن ۾ هر قسم جي ميون جو آرڊر ڏيئي سگهندا (۽ سپ ڪجهه کين ملندو). (٥٦) اتي جنت ۾ پهرئين (دنيا واري) موت کان سواءِ ٻيو موت ڪونه چکندا (هميشه زنده رهندا ۽ هميشه موجون ماڻيندا رهندا) ۽ الله تعاليٰ کين ڇيڙي ڪندڙ باهه جي عذاب کان (هميشه لاءِ) بچائي ڇڏيندو. (٥٧) اهو سپ تنهنجي پروردگار جي فضل سان ٿيندو. اهائي وڏي ڪاميابي آهي. (٥٨) اسان هن قرآن کي تنهنجي (عربي) زبان ۾ آسان ڪري ڇڏيو آهي، انهيءَ لاءِ ته هو سمجهن ۽ نصيحت وٺن. (٥٩) سو (اي پيغمبر!) ترس يقيناً هي (ڪافر) به ترسيا وينا آهن. (جلد ئي هو مغلوب ٿيندا.)

سورت الجاثية (گوڏن ڀر ڪرندڙ)

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي.

رڪوع ١ آيت ١ ـ تا ـ ١١

ڪافرن کي خبردار ڪرڻ ۽ ايمان تي آڻڻ لاءِ هدايتون

(١) حا – ميم (٢) هي ڪتاب الله تعاليٰ وٽان نازل ٿيل آهي جو وڏيءَ قدرت ۽ حڪمت وارو آهي. (٣) يقيناً آسمانن ۽ زمين ۾ مؤمنن لاءِ وڏيون نشانيون موجود آهن. (٤) ۽ خود اوهان کي خلق ۾ ۽ حيوانن ۾ جن کي (زمين تي) پکيڑي ڇڏيو اٿس وڏيون نشانيون آهن انهن لاءِ جيڪي يقين ڪندڙ آهن. (٥) ۽ رات ۽ ڏينهن جي هڪ ٻئي پٺيان اچڻ ۾ ۽ ان رزق ۾ جو الله تعاليٰ آسمان مان نازل ڪيو آهي ۽ جنهن سان پوءِ زمين کي ان جي موت (يعني خشڪ ۽ ويران ٿيڻ) بعد زنده (يعني سرسبز) ڪري ٿو ڇڏي ۽ هوائن جي رخ ڦيرائڻ ۾ انهن ماڻهن لاءِ وڏيون نشانيون آهن جيڪي عقل وارا آهن ۽ عقل هلائين ٿا. (٦) اهي الله جون آيتون آهن جي (اي پيغمبر!) اسان سچائيءَ سان توکي پڌائيون ٿا. پوءِ اهي (ڪافر) الله کي ۽ سندس آيتن (۽

حڪمن) کي ڇڏي ڏيڻ بعد ڪهڙي ڳالهه تي ايمان آڻيندا؟ (۷) ويل (۽ خرابيون) آهن هرهڪ ڪوڙي گنهگار لاءِ. (۸) جيڪو الله جون آيتون ٻڌي ٿو جي ڪيس پڙهي ٻڌايون وڃن ٿيون، تہ بہ تڪبر ۽ هٺ کان (انڪار تي) ضد ٻڌي ٿو ٻيهي، جڙ تہ هن ٻڌيون ئي ڪون. سو (اي پيغمبر!) ڪيس دردناڪ عذاب جي خبر ڏيئي ڇڏ. (۹) ۽ جڏهن هو اسان جي آيتن مان ڪجهه معلوم ڪري ٿو تڏهن هو انهن تي ڪل مسخري ٿو ڪري، اهڙن ماڻهن جي لاءِ ذليل ڪندڙ عذاب هوندو (۽ ٻيا مٿن ڪلندا). (۱۰) انهن جي اڳيان جهنم هوندو ۽ جيڪي هنن ڪمايو هوندو سو کين ڪجهه بہ ڪم نہ ايندو ۽ جن کي الله کان سواءِ اولياءَ (يا دوست ۽ مددگار) ڪري ورتو هٿائون سي بہ کين ڪجهه بہ ڪم نہ ايندا ۽ هنن جي لاءِ تمام وڏو عذاب هوندو. (۱۱) اها آهي (سچي) هدايت ۽ جن پنهنجي پروردگار جي آيتن مڃڻ کان انڪار ڪيو آهي تن جي لاءِ سخت تڪليف وارو عذاب هوندو.

رڪوع ۲ آيت ۱۲ـ تا ـ۲۱

قرآن جي سچائيءَ لاءِ هي ڪافي دليل آهي تہ ان تي عمل سان مؤمن ڪامياب ٿيندا.

(۱۲) الله تعاليٰ اهو (مهربان) آهي جنهن اوهان کي (اوهان جي ڪم اچڻ لاءِ) سمنڊ بہ تابع ڪري ڏنو آهي، تہ جهاز سندس حڪم سان ان ۾ هلن، ۽ توهان سندس فضل (يعني رزق، دولت، علم وغيره) جي تلاش ڪيو ۽ توهان سندس نعمتن جو قدر ڪيو. (۱۳) ۽ جيڪي بہ شيون آسمانن ۾ ۽ زمين ۾ وٽانئس (عطا ڪيل آهن) سي سڀ هن اوهان کي (اوهان جي ڪم اچڻ لاءِ) تابع ڪري ڏنيون آهن. يقيناً انهيءَ ۾ وڏيون نشانيون آهن انهن ماڻهن لاءِ جيڪي غور ۽ فڪر ڪندڙ آهن. (۱۴) (اي پيغمبر!) جن ايمان آندو آهي تن کي چئو تہ جيڪي ماڻهو الله جي ايامن (يا ڏينهن) جي اميد نٿا رکن (يعني نٿا ڇاڻن تہ جزا ۽ سزا جا ڏينهن اچڻا آهن) تن کي (ڪيل ڏوهه) معاف ڪري ڇڏين، انهيءَ لاءِ تہ الله تعاليٰ پاڻ ماڻهن کي بدلو ڏئي انهن ڪمن جو جي هو ڪندا رهيا آهن. (۱۵) جيڪو بہ نيڪ ڪم ٿو ڪري (هن ئي دنيا ۾) سو پنهنجو ئي فائدو ٿو ڪري ۽ جيڪو برائيون ٿو ڪري سو بہ (هن ئي دنيا ۾) پاڻ تي ئي وبال ٿو آڻي. پوءِ (مرڻ بعد آخر تہ) پنهنجي پروردگار ڏي موٽايا ويندؤ (۽ اوهان کي اوهان جي عملن موجب بهشت يا دوزخ ملندو). (۱۶) ۽ هيءَ حقيقت آهي تہ اسان بني اسرائيلن کي ڪتاب، حڪومت ۽ نبوت ڏني ۽ اسان کين پاڪ ۽ چگين شين جو رزق ڏنو (۽ گهٽيون ئي نعمتون عطا ڪيون) ۽ اسان کين سڄي جهان جي ماڻهن کان بهتر ۽ برتر ڪيو. (۱۷) ۽ اسان هنن کي (ديني) معاملن بابت چٽا، روشن حڪم ۽ دليل ڏنا، پر جڏهن هنن وٽ علم اچي ويو تڏهن ان بعد ئي هنن پاڻ ۾ حسد ۽ سرڪشي ڪري اختلاف ڪيا ۽ فرقا ٺاهيا، جن ڳالهين ۾ اختلاف ڪندا رهيا آهن تن بابت يقيناً تنهنجو پروردگار قيامت جي ڏينهن فيصلو ڪندو ۽ فتويٰ ڏيندو. (۱۸) (بني اسرائيلن جي نبين کان) پوءِ اسان تو کي (ديني)

معاملن جي (سچي) طريقي جي رهنمائي ڪئي آهي. سو تون ان جي پيروي ڪندو رهہ ۽ انهن ماڻهن جي (ذاتي) خواهشن ۽ حرص جي پيروي نہ ڪر جيڪي جاهل آهن (۽ حق کي نٿا سمجهن). (۱۹) (اي پيغمبر!) يقين ڄاڻ تہ الله جي مقابلي ۾ اهي ماڻهو توکي ڪجهہ بہ ڪم نہ ايندا ۽ يقين ڄاڻ تہ ظالم هڪ ٻئي جا محافظ ۽ مددگار آهن ۽ الله تعاليٰ پرهيزگارن (مؤمنن) جو ڪارساز ۽ مددگار آهي. (۲۰) هي ڳالهيون ماڻهن جي لاءِ اکيون کولينڊڙ ثابتيون آهن ۽ جيڪي ماڻهو (علم حاصل ڪري) يقين رکن ٿا تن جي لاءِ رهنمائي ۽ رحمت آهي. (۲۱) جيڪي ماڻهو برائين جي پڻيان لڳي پيا آهن سي هٿين ٿا سمجهن ڇا تہ اسان کين انهن سان برابر ڪنداسين، جيڪي ايمان ٿا آڻين ۽ صالح عمل ٿا ڪن؟ ۽ سندن زندگي ۽ موت هڪ جهڙو ڪنداسين؟ (هرگز نہ!) جيڪي هنن سمجهيو آهي ۽ جيڪو هنن فيصلو ڪيو آهي سو ڪهڙو نہ غلط ۽ خراب آهي!

رکوع ۳ آيت ۲۲ ـ تا ـ ۲۶

دهريا رڳو گمان تي آهن، هنن کي يقيني علم ڪونهي.

(۲۲) ۽ الله تعاليٰ آسمانن ۽ زمين کي حڪمت جي تحت خلقيو آهي (بنا مقصد نہ پر ڪنهن مقصد سان) انهيءَ لاءِ تہ هرهڪ شخص پنهنجي ڪئي ڪمائيءَ جو بدلو پائي، ۽ ساڻن ڏرو بہ بي انصافي ڪانہ ٿيندي. (۲۳) ڇا تو انهيءَ شخص کي ڏٺو آهي، جنهن پنهنجي خواهشن کي پنهنجو خدا بنايو آهي، ۽ الله تعاليٰ (سندس اها روش ڏسي ۽) ڄاڻي ٻجهي کيس گمراهہ ڪري ڇڏيو آهي، ۽ سندس ڪنن تي ۽ قلب تي مهر لڳائي ڇڏي آهي ۽ سندن اکين تي پردو چاڙهي ڇڏيو آهي. سو الله تعاليٰ جي ائين ڪرڻ بعد ڪير آهي جو هن کي سڌيءَ راهہ تي آڻي سگهندو؟ ڇا توهان نٿا سمجهو ۽ نٿا نصيحت وٺو؟ (۲۴) ۽ هو چون ٿا تہ بس فقط اهائي دنيا جي زندگي آهي (ٻي ڪانہ ٿيندي) اسان (هتي ئي) مرون ٿا ۽ جيئون ٿا، ۽ زمانو ئي اسان کي فنا ڪري ٿو. انهيءَ بابت هنن کي علم آهي ئي ڪونہ، هو فقط اٽڪلون ٿا ڊوڙائين. (۲۵) ۽ جڏهن اسان جون چٽيون آيتون کين پڙهي ٻڌائجن ٿيون تڏهن هنن جو دليل فقط هي هوندو آهي جو چوندا آهن تہ جيڪڏهن توهان (مؤمن پنهنجي خيال ۾) سچا آهيو تہ پلا اسان جي ابن ڏاڏن کي آڻيو (تہ اسان پنهنجي اکين سان کين ڏسون). (۲۶) (اي پيغمبر!) تون چئو تہ، الله ئي اوهان کي جيئاري ٿو، وري ماري ٿو. پوءِ هو قيامت جي ڏينهن اوهان کي گڏ ڪندو. انهيءَ ۾ ذرو بہ شڪ ڪونهي، پر گهڻا ماڻهو اها ڳالهہ نٿا ڄاڻن ۽ سمجهن.

رکوع ٤ آيت ۲۷ ـ تا ـ ۳۷

آخرت جي ڏينهن ضرور انصاف ٿيڻو آهي.

(۲۷) ۽ آسمانن ۽ زمين جي بادشاهي فقط الله جي آهي ۽ جنهن ڏينهن (فيصلي جي) گهڙي قائم

ڪئي ويندي تنهن ڏينهن حق کي ڪوڙو ٺهرائيندڙ ماڻهو نقصان هيٺ ايندا. (۲۸) ۽ تون ڏسندين ته هرهڪ فرقي جا ماڻهو گوڏن ڀر ڪريل هوندا، ۽ هرهڪ فرقي کي سندن اعمال نامي ڏي سڏيو ويندو (۽ اعمال نامون ڏيکاري) کين چيو ويندو ته جيکي جيکي عمل توهان ڪيا هئا تن جو بدلو اوهان کي اڄ پورو پورو ملي ويندو. (۲۹) هي اٽوَ اسان جو لکايل اعمال نامون جو اوهان بابت سچو سچو احوال ٿو ٻڌائي، جيکي جيکي اوهان ڪندا هئو سو يقيناً اسان لکائي دفتر تي آڻيندا هئاسين. (۳۰) سو جن ماڻهن ايمان اندو هو ۽ چڱا عمل ڪيا هئا تن کي سندن پروردگار پنهنجي رحمت ۾ داخل ڪندو. اها ظاهر ظهور وڏي ڪاميابي هوندي. (۳۱) پر جن (حق تي هلڻ کان) انڪار ڪيو هو (تن کي چيو ويندو ته) ڇا اسان جون آيتون اوهان کي پڙهي ڪونہ ٻڌايون ويندیون هيون؟ پر توهان تڪبر ڪيو ۽ توهان گناهن ۾ غلطان ماڻهو هئو. (۳۲) ۽ جڏهن چيو ويندو هو ته، بيشڪ الله جو واعدو حق آهي ۽ (فيصلي جي) گهڙي ضرور اچڻي آهي ۽ ان جي اچڻ بابت ذرو بہ شڪ ڪونهي، تڏهن توهان چوندا هئو ته اسان ٿا ڄاڻون ته گهڙي ڇا آهي، اسان ته پانيون ٿا ته اهو خالي خيال ۽ وهم آهي، ۽ اسان کي ان تي يقين بلڪل ڪونہ ٿو اچي. (۳۳) ۽ هنن لاءِ سندن عملن جون برايون ظاهر ٿي پونديون، ۽ جن (عذاب جي) ڳالهين تي ٽوڪون ڪندا هئا، سي کين گهيري ويندیون. (۳٤) ۽ (کين) چيو ويندو ته، اڄ اسان اوهان کي وساري ٿا ڇڏيون، جيئن اوهان هن پنهنجي ڏينهن جي پيش اچڻ (جي حقيقت) کي وساري ڇڏيو هو، ۽ (هاڻي) توهان جي رهڻ جي جاءِ (دوزخ جي) باهہ آهي، ۽ اوهان جو ڪوبہ مددگار ڪونهي. (۳۵) هي (عذاب) هن ڪري اٽوَ جو توهان الله تعاليٰ جي آيتن ۽ حڪمن تي ٺٽوليون ڪيون، ۽ دنيا جي زندگيءَ (جي حرص هَوس) اوهان کي ڦَڪي ڇڏيو. سو هاڻي ان (عذاب) مان ڪونہ ڪڍيا ويندا نڪي سندن ڪو عذر قبول ڪيو ويندو. (۳٦) سو سڀ ساراهہ انهيءَ الله جي لاءِ آهي جو آسمانن جو پروردگار آهي ۽ زمين جو بہ پروردگار آهي ۽ سڄي ڪائنات جي پرورش ڪندڙ آهي. (۳۷) ۽ آسمانن ۽ زمين ۾ فقط سندس ئي شان ۽ وڏائي آهي ۽ اهوئي وڏي طاقت، غلبي ۽ حڪمت وارو آهي.

حصو چويهون

سورت الاحقاف (ڍ گهيون ورن وڪڙن واريون پٽون)

بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي.

رڪوع ۱ آيت ۱ ـ تا ـ ۱۰

ايمان آڻڻ لاءِ ترغيبون ۽ دليل

(۱) حا – ميم (۲) هي ڪتاب انهيءَ الله وٽان نازل ٿيل آهي جو وڏي قوت ۽ حڪمت وارو آهي. (۳) اسان آسمانن کي ۽ زمين کي ۽ جيڪي جيڪي انهن جي وچ ۾ آهي تن کي فقط (ڪنهن خاص مقصد سان) ڪنهن حڪمت جي تحت خلقيو آهي، (اجايو بي مقصد ڪونہ خلقيا اٿئون) ۽ انهن کي مقرر مدي لاءِ خلقيو اٿئون (پوءِ فنا ٿي ويندا) پر جيڪي ماڻهو (حق کان) انڪار ٿا ڪن سي انهن ڳالهين تي ڌيان ئي نٿا ڏين جن بابت کين خبردار ڪيو ٿو وڃي. (٤) (اي پيغمبر! تون کين) چئو تہ، جن کي توهان الله کان سواءِ پڪاريو ٿا، تن بابت ڪو غور بہ ڪيو اٿو؟ ڀلا مون کي ڏيکاريو تہ انهن زمين ۾ ڪهڙي شيءِ پاڻ خلقي آهي وري آسمانن ۾ هنن جو ڪو حصو آهي ڇا؟ جيڪڏهن توهان حق تي آهيو تہ (ثابتيءَ لاءِ) کو ڪتاب تہ مون ڏي ڪٽي اڇو، جو هن (قرآن مجيد) کان اڳي نازل ٿيل هجي يا علم مان ڪو حصو (جو اڳوڻن توهان لاءِ ڇڏيو هجي سو) پيش ڪيو. (۵) ۽ ڪير انهيءَ ماڻهو کان وڌيڪ گمراهہ ٿي ٿو سگهي جيڪو الله کي ڇڏي اهڙين شين کي يا پين کي پڪاري (۽ پوڄي) ٿو جيڪي قيامت جي ڏينهن تائين هن کي جواب بہ ڪونہ ٿا ڏيئي سگهن (بلڪ) اهي سندن سڏ ۽ پڪار کان بلڪل بي خبر آهن. (٦) ۽ جڏهن ماڻهن کي گڏ ڪيو ويندو تڏهن اهي (پوڄيل) انهن (پوڄا ڪندڙن) جا دشمن ٿي بيهندا، ۽ سندن پوڄا کان انڪاري ٿيندا. (۷) ۽ جڏهن هنن (ڪافرن) کي اسان جون چٽيون ۽ روشن آيتون پڙهي ٻڌايون وڃن ٿيون، تڏهن جن ماڻهن حق کان انڪار ڪيو آهي، جڏهن وٽن حق اچي بہ ويو آهي سي چوڻ لڳن ٿا تہ، هي چٽو چٽو جادو آهي. (۽ ڪوڙ آهي). (۸) يا هو هئين ٿا چون ڇا تہ، (حضرت محمد ﷺ هي قرآن مجيد) پنهنجي دل مان گهڙي ٺاهيو آهي؟ (۽ ڪوڙ هٽي ٻڌائي ٿو تہ خدا جو موڪليل آهي؟) (اي پيغمبر! تون کين) چئو تہ جيڪڏهن مون ان کي پنهنجي دل مان ٺاهيو آهي تہ توهان الله جي مقابلي ۾ مون کي ڪجهہ بہ ڪم نہ ايندؤ (۽ هو مون کي هر طرح ناڪام ۽ محروم ڪري ڇڏيندو) جن ڳالهين ۾ توهان غوطا ڪائي رهيا آهيو سي الله تعاليٰ خوب ڄاڻي ٿو. هو منهنجي ۽ اوهان جي وچ ۾ ڪافي شاهد آهي (۽ حق کي ڪامياب ڪندو) ۽ هو (مؤمنن لاءِ) غفور ۽ رحيم آهي. (۹) (اي پيغمبر! تون کين هي بہ) چئو تہ، (رسول اڳي بہ ٿي گذريا آهن سيني الله جي وحدانيت ۽ حق سيکاريو) مان رسولن ۾ ڪو انوکو رسول ڪونہ آهيان (ڪي

نيون ڳالهيون ڪونہ ٿو ٻڌايان). ۽ مون کي معلوم ناهي تہ مون سان ڇا ڪيو ويندو ۽ اوهان سان ڇا ڪيو ويندو؟ مان تہ فقط انهيءَ (حڪم) جي پيروي ٿو ڪيان جو مون ڏي وحي ڪري موڪليو وڃي ٿو، ۽ مان تہ فقط صاف صاف خبردار ڪندڙ آهيان. (۱۰) (اي پيغمبر! تون کين) چئو تہ، توهان ڪو خيال ٻہ ڪيو آهي تہ جيڪڏهن (هي قرآن سچ پچ) الله وٽان آيل آهي، ۽ اوهان ان کي مڃڻ کان انڪار ڪيو ۽ بني اسرائيلن مان هڪڙي شاهد شاهدي ٻہ ڏني آهي تہ هي قرآن (تورات ۽ انجيل) جي مثل آهي ۽ پوءِ ايمان ٻہ آندو اٿس. پر توهان تڪبر ڪيو آهي (۽ تڪبر جي ڪري نٿا مڃيو تہ پوءِ توهان ڪهڙا نہ جاهل ۽ ظالم چئبؤ). يقيناً الله تعاليٰ ظالم ماڻهن کي ڪڏهن ٻہ سڌيءَ واٽ تي نٿو لڳائي.

رکوع ۲ آيت ۱۱ ـ تا ـ ۲۰

ماڻُ پيءُ سان سهڻو سلوڪ ڪرڻ، متڪبر خوار خراب ٿيندا.

(۱۱) ۽ ڪافر مؤمنن بابت چون ٿا تہ، جيڪڏهن (انهيءَ دين ۾) ڪا چڱائي هجي ها تہ (اهي مسڪين ۽ رڌيل ماڻهو) اسان کان اڳي ڪونہ اُن ڏي پڃن ها. (اسان وڌيڪ عقل ۽ عزت وارا ماڻهو ان دين ۾ ڪابہ چڱائي نٿا ڏسون) حقيقت هيءَ آهي تہ هنن کي خود غرضي ۽ تڪبر انڌو ڪري ڇڏيو آهي) ۽ جڏهن تہ هو ان دين جي وسيلي سڌي واٽ نٿا وٺن، تڏهن (عقل جا انڌا ٿي) چون ٿا تہ هيءُ تہ پراڻو قديم زمانن وارو ڪوڙ آهي. (۱۲) ۽ هن کان اڳي حضرت موسيٰ تي نازل ٿيل ڪتاب (ماڻهن لاءِ) رهبر (يعني پيشوا يا واٽ ڏيڪاريندڙ) هو ۽ سراسر رحمت هو. ۽ هي ڪتاب (قرآن مجيد) جو ان جي تصديق ٿو ڪري، سو عربي زبان ۾ (نازل ٿيو) آهي. انهيءَ لاءِ تہ ظلم ڪندڙن کي (برن نتيجن کان) خبردار ڪري ۽ نيڪ ڪم ڪندڙن کي (ڪاميابيءَ جي) خوشخبري ڏيئي ڇڏي. (۱۳) بيشڪ جيڪي ماڻهو (يقين سان مڃن ٿا ۽) چون ٿا تہ، اسان جو پروردگار (۽ نگهبان) الله آهي ۽ ورِ ان (ايمان) تي عملاً محڪم ۽ قائم رهن ٿا تن کي نڪو خوف هوندو، نڪي هو ڪو غم ڪندا. (۱٤) اهي ماڻهو جنتي آهن ۽ هميشہ ان جنت ۾ رهندا. اهو انهن کي انعام ملندو انهن نيڪ عملن جو جيڪي هنن ڪيا هئا. (۱۵) ۽ اسان انسان کي پنهنجي ماڻُ پيءُ سان سهڻي سلوڪ ڪرڻ جو تاڪيد ڪيو آهي. (ڏسو) سندس ماڻُ هن کي وڏي تڪليف سان (اٽڪل ۹ مهينا) پيٽ ۾ ڪنيو ۽ وڏي تڪليف سان هن کي ڄڻيائين، ۽ هن کي پيٽ ۾ سائيڙ کان وٺي ٽڇ ڇڏائڻ تائين ٽيهہ مهينا لڳي ٿا وڃن. (پوءِ ڇو نہ انسان کي پنهنجي ماڻُ جي خدمت، پيار ۽ عزت سان ڪرڻ گهرجي). آخر اهو (ٻار) طاقت واري جواني ۾ اچي ٿو ۽ (پوءِ) چاليهن ورهن جي ڄمار کي پهچي ٿو. (ان عمر ۾ عقل وارو ٿئي ٿو ۽) چوي ٿو تہ، اي منهنجا پروردگار! مون کي توفيق ڏي تہ مان تنهنجي انهن نعمتن جو شڪريو بجا آڻيان جي تو مون تي ۽ منهنجي ماڻُ پيءُ تي ڪيون آهن، ۽

پڻ توفيق ڏي تہ مان اهڙا نيڪ عمل ڪيان جي تو کي پسند پون ۽ منهنجي اولاد کي منهنجي لاءِ نيڪ ڪجانءِ، مان توڏي رجوع ٿو ٿيان، ۽ يقيناً مان (تنهنجي) فرمانردار ٻانهن مان آهيان. (١٦) اهڙا ماڻهو اُهي آهن جن جي عملن مان بهترين عمل اسان (انعامن لاءِ) قبول ڪنداسين ۽ سندن برائين ۽ غلطين کي درگذر ڪنداسين، اهي جنت جي ساٿين ۾ هوندا. اهو آهي سچو واعدو جو هنن سان ڪيو ويو هو (۽ هاڻي پورو ڪيو ويو). (١٧) پر اهو (وڏو بدبخت آهي) جيڪو پنهنجي ماءُ پيءُ کي چوي ٿو تہ، مان اوهان کان بيزار آهيان، چا توهان مون کي ڊيڄاريو ٿا تہ مان (قبر مان وري) ڪڍيو ويندس، حالانڪ مون کان اڳي ڪيئي پيڑهيون گذري چڪيون آهن (۽ انهن مان ڪوبہ وري جيئرو ڪونہ ڪيو ويو آهي) ۽ اهي (ماءُ پيءُ) خدا کي مدد لاءِ پڪارين ٿا (۽ پٽ کي چون ٿا تہ) اي ڪم بخت (رب تي) ايمان آڻ. يقيناً الله جو واعدو سچو آهي. پوءِ هو چوڻ لڳي ٿو تہ هي تہ گذري ويل ماڻهن جون (خالي) ڪهاڻيون آهن. (١٨) اهڙائي ماڻهو آهن جن تي الله جو قول سچو ثابت ٿيندو، اهو قول جو اڳوڻين جنن ۽ انسانن جي قومن تي بہ سچو ثابت ٿيو هو. (اهو قول يا واعدو ڪهڙو هو؟ اهو تہ) يقيناً اهڙا ماڻهو سراسر خساري هيٺ اچڻا ۽ تباهہ ٿيڻا آهن. (١٩) ۽ سيني لاءِ سندن عملن جي لحاظ کان جدا جدا درجا ٿيندا، انهيءَ لاءِ تہ الله تعاليٰ کين سندن عملن جو پورو پورو بدلو ڏيئي ۽ هنن سان ڪجهہ بہ بي انصافي نہ ٿئي. (٢٠) ۽ جنهن ڏينهن ڪافرن کي باهہ جي اڳيان آندو ويندو (تڏهن کين چيو ويندو تہ) توهان پنهنجي دنيائي زندگيءَ ۾ چگيون چگيون شيون (۽ نعمتون اسان وٽان) حاصل ڪيون ۽ توهان انهن جو خوب مزو ورتو (پر اسان جي حڪمن تي عمل نہ ڪيوَ) سو اڄ توهان کي بدلي ۾ ذلت جو عذاب ملندو هن ڪري جو توهان زمين تي ناحق آڪڙ (۽ ظلم) ڪندا هئو ۽ هن ڪري جو توهان (اسان جي) نافرماني ڪندا هئو.

رڪوع ٣ آيت ٢١ ـ تا ـ ٢٦

عاد قوم جا مثال

(٢١) (اي منهنجا پيغمبر!) عاد قوم جي ياءُ (حضرت هود) جو بيان (هنن عربن کي) ٻڌاءِ. ڏسو هن پنهنجي قوم جي ماڻهن کي، جيڪي احقاف ۾ رهندا هئا، خبردار ڪيو، ۽ هن کان اڳي توڙي پوءِ پيا بہ خريدار ڪندڙ (پيغمبر سڳورا) ٿي گذريا آهن، (انهن بہ پنهنجن پنهنجن ماڻهن کي خبردار ڪيو تہ) الله کان سواءِ ڪنهن جي بہ پوڄا نہ ڪيو (۽ ڪنهن بہ قسم جي نامناسب ڪاڻ نہ ڪيو. نڪي بادشاهن ۽ سردارن جي نڪي پيرن فقيرن ۽ ٻين جي. جيڪي پاڻ کي ڪرامت جا صاحب ٿا سڏائين) (جيڪڏهن ٻين جي غلامي ۽ پوڄا ڪندو تہ) مون کي خوف آهي تہ ڪنهن وڏي (سخت) ڏينهن جو عذاب اچي اوهان جي مٿان ڪڙ ڪندو. (٢٢) هنن چيو تہ، چا تون اسان ڏي انهيءَ لاءِ آيو آهين تہ اسان کي اسان جي ديوتائن کان ڦيرائي ڇڏين؟ (اسان

هرگز ڪونہ ڦرنداسين). سو جيڪڏهن تون سچ ٿو چئين تہ، پلا آڻ اهو عذاب جنهن جو اسان کي ڊڙڪو ٿو ڏئين. (٢٣) حضرت هود جواب ڏنو تہ ان (عذاب جي اچڻ جي وقت) جو علم تہ فقط الله کي آهي (پر ياد رکو تہ عذاب ضرور اچڻو آهي) ۽ مان تہ فقط اهو ئي حڪم ۽ پيغام اوهان کي پهچايان ٿو جن سان خدا مون کي موڪليو آهي. پر مان تہ ڏسان ٿو تہ توهان وڏا جاهل ماڻهو آهيو. (٢٤) پوءِ جڏهن هنن ان (عذاب) کي هڪڙي ڪڪر جي صورت ۾ پنهنجي وادين جي سامهون ايندي ڏٺو، تڏهن (پلجي خوشيءِ مان) چيائون تہ هي هڪڙو ڪڪر آهي جو اسان تي مينهن وسائيندو (۽ اسان جي وادين کي آباد ڪندو). نہ نہ (آبادي ڪرائڻ وارو مينهن نہ اٿوَ.) بلڪ اِهو اُهو (عذاب) اٿوَ، جنهن لاءِ (ٽوڪ وانگر) توهان تڪڙ لائي ڏني هئي. اهو سخت طوفان اٿوَ، جنهن ۾ دردناڪ عذاب رکيل آهي. (٢٥) اهو طوفان هرهڪ شيءِ کي پنهنجي رب جي حڪم سان برباد ڪري ڇڏيندو. پوءِ صبح جي وقت (تائين ڇا ٿيندو جو) سندن گهرن جي ڪنڊرن کان سواءِ ٻيو ڪجهہ ۾ ڏسڻ ۾ نہ ايندو. اهڙيءَ طرح اسان گنهگار قوم جي ماڻهن کي (بدعملن جو) بدلو ڏيندا آهيون. (٢٦) ۽ هيءَ حقيقت آهي تہ اسان انهن (عاد قوم جي ماڻهن کي) اهڙي وڏي طاقت ۽ آسودگيءَ جي حالت ۾ ملڪ ۾ قائم رکيو هو جهڙيءَ حالت ۾ اسان اوهان (قريشن) کي هرگز ڪو نہ رکيو آهي ۽ اسان هنن کي ڪن، اکيون ۽ دليون ڏنيون (يعني اهڙي دل دماغ ۽ هنر ڏنا جهڙا اوهان کي ڪونہ ڏنا اٿئون)، پر جڏهن هنن الله تعاليٰ جي آيتن ۽ حڪمن مڃڻ کان انڪار ڪيو تڏهن تہ سندن ڪن، اکيون ۽ دليون هنن کي ڪجهہ بہ ڪم نہ آيون ۽ جن ڳالهين تي ٽوڪون ڪندا هئا سي ئي هنن کي وکوڙي ويون. (توهان قريش ڇا آهيو. خبردار ٿيو، خدا جي حڪمن کي مڃيو، نہ تہ اوهان بہ تباهہ ٿيندَو.)

رکوع ٤ آيت ٢٧ ـ تا ـ ٣٥

ايمان آڻڻ ۽ صالح عمل ڪرڻ لاءِ ترغيبون

(٢٧) ۽ هيءَ حقيقت آهي تہ اسان اوهان جي آسپاس (خود عربستان ۾) کي بستيون برباد ڪري ڇڏيون، ۽ اسان پنهنجون نشانيون کولي کولي ٻڌايون آهن انهيءَ لاءِ تہ من هو (اسان ڏي) موٽن (۽ صالح عمل ڪن). (٢٨) (گهٽيون ئي قومون اسان تباهہ ڪري ڇڏيون) پوءِ ڇو نہ انهن کي انهن مدد ڪئي، جن کي هڪ الله کان سواءِ معبود ڪري ورتو هئائون، (۽ سندن پوڄا ڪندا هئا) انهيءَ لاءِ تہ (خدا وٽ) قربت يا ويجهڙائي حاصل ڪن. (انهن ديوتائن سندن مدد تہ ڪانہ ڪئي، پر) اٽلندو ڪائنڊ پڇي گم ٿي ويا، ۽ اهو سندن (عقيدو ۽ عمل) بلڪل ڪوڙ هو ۽ سندن هٿرادو ٺاهہ هو. (٢٩) ۽ هيءَ حقيقت آهي تہ اسان توڏي جنن جي هڪ ٽولي لاڙي آندي تہ قرآن ٻڌن. پوءِ جڏهن اتي آيا تڏهن (هڪ ٻئي کي) چوڻ لڳا تہ ماڻ ڪيو (۽ خيال سان ٻڌو). پوءِ

جڏهن قرآن جو پڙهڻ پورو ڪيو ويو، تڏهن هنن (ايمان آندو ۽) پنهنجي ماڻهن ڏي موٽيا انهيءَ لاءِ ته کين خبردار ڪيو وڃي. (۲۹) (انهن پنهنجي ماڻهن ڏي اچي) چيو ته، اي اسان جي قوم جا ماڻهو! اسان هڪ اهڙو ڪتاب ٻڌو آهي جو حضرت موسيٰ کان پوءِ نازل ٿيو آهي ۽ جو انهن ڪتابن جي تصديق ٿو ڪري جيڪي اڳي آيل هئا، اهو ڪتاب حق جي طرف وات ٿو ڏيکاري ۽ سڌي واٽ ٿو ڏيکاري. (۳۰) اي اسان جي قوم جا ماڻهو! الله جي طرف سڏيندڙ (حضرت محمد ﷺ) جو سڏ ورنايو ۽ ان (الله) تي ايمان آڻيو. هو اوهان کي اوهان جون (اڳوڻيون) خطائون معاف ڪري ڇڏيندو ۽ اوهان کي دردناڪ عذاب کان بچائي ونڊندو. (۳۱) ۽ جيڪو الله ڏي سڏيندڙ جو سڏ نه ورنائيندو سو زمين تي الله جي رڻ کي روڪي ڪونه سگهندو ۽ هن جي لاءِ الله کان سواءِ کي به ڪارساز يا مددگار نه هوندا. اهي چٽي چٽي گمراهيءَ ۾ هوندا. (۳۲) هو ڏٺا ڏسن ڇا ته بيشڪ الله اهو آهي جنهن آسمانن ۽ زمين کي خلقيو آهي ۽ جو انهن جي خلق ۾ بلڪل ڪونه ٿو ٽڪجي. بيشڪ هو مئلن کي زندهه ڪرڻ تي قادر آهي. بلڪ يقيناً هو هر شيءِ تي قادر آهي. (۳۳) ۽ جنهن ڏينهن ڪافرن کي باهه جي سامهون آندو ويندو (تنهن ڏينهن کانئن پڇيو ويندو ته) ڇا هي (قيامت) برحق نه آهي؟ هو چوندا ته قسم آهي اسان جي پروردگار جو ته، هائو (بيشڪ برحق آهي). کين چيو ويندو ته، توهان انڪار ڪندا هئو. سو هاڻي (ان جي نتيجي ۾) عذاب جو مزو چکو. (۳۴) سو (اي پيغمبر!) تون صبر ڪر ۽ ثابت قدم رهه، جيئن اڳوڻا عالي همت رسول ثابت قدم رهيا. ۽ هنن (ڪافرن) بابت تڪڙ نه ڪر، چو ته هي ماڻهو جنهن ڏينهن اهو (عذاب) ڏسندا جنهن جو کين واعدو ڏنل آهي (تنهن ڏينهن ائين پيو معلوم ٿيندو ته ڄڻ ته) هو ڏينهن جي به ڪا گهڙي مس ترسيا هئا. (تنهنجو ڪم آهي فقط) پيغام پهچائڻ. (يادرکو ته) فقط اهي ئي تباهه ٿيندا جيڪي (خدا جا) نافرمان باغي هئا.

سورت مُحَمّد

بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي.

رڪوع ١ آيت ١ - تا - ١١

جيڪي حق جي وات تي هلڻ کان روڪين ٿا تن سان لڙائي ڪريو.

(١) جيڪي ماڻهو (قرآني نظام حيات هيٺ اچڻ کان) انڪار ٿا ڪن، ۽ اٽلندو (مؤمنن کي) الله جي راهه کان روڪين ٿا تن جا عمل الله تعاليٰ ضايع ڪري ڇڏيندو (۽ هو پنهنجي ارادن ۾ ڪامياب ڪونہ ٿيندا). (٢) ۽ جيڪي ماڻهو (حق ۾) يقيني ويساهه رکن ٿا ۽ صالح عمل ڪن ٿا، ۽ جيڪي حضرت محمد(ﷺ) تي نازل ڪيو ويو آهي ۽ اهو آهي به سچ پچ سندن پروردگار وٽان آيل حق، تنهن تي پورو ويساهه رکن ٿا تن جون برائيون الله تعاليٰ ڪيي ڇڏيندو ۽ سندن (اندروني توڙي باهرئين) حالت سڌاري ڇڏيندو. (٣) اهو هن ڪري ٿيندو جو جن (حق تي يعني قرآن تي عمل ڪرڻ کان) انڪاري ڪيو آهي سي باطل جي پيروي ڪري رهيا آهن (تنهن ڪري ضرور تباهه ٿيندا) ۽ جن (قرآن تي) ايمان آندو آهي سي پنهنجي پروردگار وٽان آيل حق جي پيروي ڪري رهيا آهن (تنهن ڪري هو ضرور ڪامياب ٿيندا). اهڙيءَ طرح الله تعاليٰ ماڻهن کي مثال ۽ سمجهاڻيون ڏئي ٿو (تہ من سمجهن ۽ سڌي وات وڻن). (٤) سو جڏهن توهان ڪافرن سان (لڙائيءَ ۾) منهن مقابلي ٿيو تڏهن انهن جي ڳچين تي تلوار جو وار ڪيو. تان جو جڏهن هنن کي بلڪل ڪمزور ۽ مغلوب ڪري وجهو تڏهن هنن کي گرفتار ڪيو (يا هنن کي انصاف واري عهدنامي قبول ڪرڻ تي مجبور ڪيو) پوءِ (قيدين کي) يا تہ احسان طور (بنا فديہ وڻڻ جي) ڇڏي ڏيو يا فديو وٺي ڇڏي ڏيو. تان جو لڙائيءَ جو امڪان نہ رهي) اهو (حڪم آهي لڙائي بابت) ۽ جيڪڏهن الله تعاليٰ چاهي ها تہ پاڻ هنن کان بدلو وٺي ها (يعني يا کين عذاب ڪري ها يا کين تباهه ڪري ڇڏي ها) پر (سندس حڪمت لڙائيءَ جي حڪم ڏيڻ ۾ يا ظلم جي مقابلي ڪرڻ ۾ هي رکيل آهي تہ) هو اوهان کي هڪ ٻئي جي ذريعي آزمائي (سچي ايمان جي آزمائش آهي ئي انهيءَ ۾ تہ ايمان وارا حق جي راهه ۾ خود قربانيون ڪن بلڪ جانيون بہ قربان ڪن) ۽ جيڪي الله جي راهه ۾ قتل ٿين ٿا تن جا عمل الله تعاليٰ هرگز ضايع نہ ڪندو. (٥) جلد ئي الله تعاليٰ کين (جنت جي) وات تي لڳائي ڇڏيندو. ۽ سندن (عملن جي ڪمزور) حالت ٺيڪ ڪري ڇڏيندو. (٦) ۽ هنن کي جنت ۾ داخل ڪندو جنهن جي خبر اڳ تي کين ڏيئي ڇڏي اٿس. (٧) اي مؤمنؤ! جيڪڏهن توهان الله جي مدد ڪندؤ (يعني حق جي راهه ۾ جهاد ڪندؤ) تہ الله تعاليٰ اوهان جي مدد ڪندو ۽ توهان جا قدم (لڙائي ۾ توڙي حق تي هلڻ ۾) محڪم رکندو. (٨) ۽ جيڪي ماڻهو (الله جي راهه تي هلڻ کان) انڪار ڪيو ويٺا آهن تن جي لاءِ تباهي آهي ۽ الله تعاليٰ سندن عمل برباد ڪري ڇڏيندو. (٩) اهو هن ڪري ٿيندو جو

جيڪو (حق) الله تعاليٰ نازل ڪيو آهي تنهن کي هو ناپسند ٿا ڪن. سو الله تعاليٰ سندن عملن کي برباد ڪري ڇڏيندو. (١٠) ڇا هو زمين تي سير سفر نٿا ڪن ۽ نٿا ڏسن تہ جي (ڪافر قومون) ڪائنس اڳي ٿي گذريون آهن تن جي پڇاڙي ڪهڙي نہ خراب ٿي؟ الله تعاليٰ هنن کي تباهہ ڪري ڇڏيو ۽ ڪافرن لاءِ اهي (تاريخي) مثال آهن. (يعني جيڪي بہ ڪفر ڪندا سي تباهہ ٿيندا). (١١) اهو هن ڪري آهي جو جيڪي (حق تي) ايمان رکن ٿا تن جو يقيناً الله تعاليٰ نگهبان آهي ۽ جيڪي (الله جا) منڪر آهن تن جي لاءِ ڪوبہ نگهبان يا مددگار ڪونهي.

رڪوع ٢ آيت ١٢ ـ تا ـ ١٩

جنت جون نعمتون، دوزخ جا عذاب.

(١٢) پڪ سان جن ايمان آندو آهي ۽ صالح عمل ڪيا اٿن تن کي الله تعاليٰ اهڙن باغن ۾ داخل ڪندو جن جي هيٺان نهرون وهي رهيون آهن. ۽ جن ڪفر جي واٽ ورتي آهي سي (رڳو اهڙي طرح) گذران ڪن ٿا ۽ کائين پيئن ٿا جهڙيءَ طرح ڍورڍڱا کائن پيئن ٿا. انهن جي لاءِ (آخر) رهڻ جي جاءِ باهہ ئي هوندي. (١٣) ۽ ڪيتريون ئي اهڙيون بستيون هيون جي تنهنجي شهر (مڪي) کان، جنهن مان تو کي (اي پيغمبر) ڪڍي ڇڏيو اٿن، گهٽو وڌيڪ طاقت واريون هيون. اسان انهن کي برباد ڪري ڇڏيو ۽ ڪوبہ سندن مددگار ڪونہ ٿيو. (سو هي مڪي جا ڪافر بہ جلد تباهہ ڪيا ويندا). (١٤) پوءِ ڇا جيڪو (خدا جو ٻانهو) پنهنجي پروردگار وٽان مليل روشن دليل (۽ راهہ) تي هلندڙ آهي سو انهن جي برابر ٿي سگهي ٿو جن کي پنهنجي عملن جون برائيون سهٽيون ڏسڻ ۾ اچن ٿيون ۽ جيڪي پنهنجين خواهشن جي پيروي ڪندڙ آهن؟ (هرگز نہ). (١٥) اها جنت جنهن جو واعدو متقي ماڻهن کي ڏنو ويو آهي، تنهن جو مثال هن طرح آهي. ان ۾ اهڙي پاڻيءَ جون نهرون هونديون جو ڪڏهن بہ خراب ٿيڻو ناهي، ۽ اهڙي کير جون نهرون هونديون جنهن جو ذائقو ڪڏهن بہ نہ ڦرندو ۽ اهڙي شراب (يا شربت) جون نهرون هونديون جو پيئندڙن لاءِ عجيب لذت وارو هوندو ۽ پڻ صاف ماکيءَ جون نهرون هونديون. ۽ ان جنت ۾ جنتي ماڻهن لاءِ هر قسم جا ميوا (۽ نعمتون) هونديون ۽ (سيني کان وڌي ڳالهہ هيءَ تہ) هنن کي پنهنجي پروردگار وٽان بخششون هونديون. (پوءِ اهڙا جنتي ماڻهو) انهن جي برابر هوندا ڇا جو هميشہ لاءِ باهہ ۾ رهندا ۽ جن کي ٽهڪندڙ پاڻي پياريو ويندو جو سندن آندا بہ ويڙي وجهندو؟ (١٦) ۽ انهن (منافقن) مان ڪي اهڙا آهن جي (ظاهريءَ طرح) تنهنجون ڳالهيون ٻڌن ٿا، پر جڏهن تو وٽان اٿي ٻاهر وڃن ٿا تہ تڏهن جن (مؤمن ماڻهن) کي صحيح علم ڏنو ويو آهي تن کان (مسخريءَ طور ۽ گمراهہ ڪرڻ لاءِ) پڇن ٿا تہ هن (يعني حضرت جن) ان وقت ڇا چيو؟ اهي ئي آهن جن جي دلين تي الله تعاليٰ مهر هڻي ڇڏي آهي ۽ جيڪي پنهنجين خواهشن جي پيروي ڪري رهيا آهن. (١٧) ۽ جن (سچي)

هدايت واري وات ورتي آهي تن جي لاءِ الله تعاليٰ هدايت جي روشني وڌائيندو رهي ٿو ۽ انهن کي سندن تقويٰ عطا ڪري ٿو. (۱۸) پوءِ ڇا هي (ڪافر) انهيءَ ساعت جي لاءِ ترسيا وينا آهن جا مٿن اوچتو اچي ڪڙڪ واري آهي؟ ۽ هيءَ حقيقت آهي ته ان (تباهي جي) گهڙيءَ جون نشانيون اچي چڪيون آهن. پوءِ جڏهن اها گهڙي مٿن اچي ويندي تڏهن نصيحت وٺڻ هنن لاءِ ڪيئن ممڪن ٿيندو؟ (۱۹) پوءِ (اي پيغمبر) يقين ڄاڻ ته الله تعاليٰ کان سواءِ ڪوبه معبود ڪونهي. ۽ پنهنجي تدبيري ڪوتاهين جي معافيءَ لاءِ دعا گهرندو رهه ۽ مؤمن ۽ مؤمنياٽين جي لاءِ به (اهڙي دعا گهرندو رهه) ۽ (ياد رکو ته) الله تعاليٰ کي توهان جي گهمڻ ڦرڻ جون جايون ۽ رهڻ ٽکڻ جون جايون چڱيءَ طرح معلوم آهن.

رکوع ۳ آيت ۲۰ ـ تا ـ ۲۸

لڙائيءَ جو حڪم ۽ منافقن جي ذهنيت.

(۲۰) ۽ جن ايمان آندو آهي سو (خدا جي راهه ۾ سر ڏيڻ جي شوق منجهان) چئي رهيا آهن ته (لڙائي جي اجازت جي) سورت ڇو نٿي نازل ٿئي! پوءِ جڏهن صاف صاف سورت نازل ٿي آهي جنهن ۾ جنگ جو ذڪر ڪيل آهي (۽ اجازت يا حڪم ڏنو ويو آهي) تڏهن تون ڏسين ٿو ته جن (منافقن) جي دلين ۾ (ڪوٽ جو) مرض آهي سي توڏي اهڙيءَ نظر سان نهاري رهيا آهن جهڙيءَ (طرح) سڪرات ۾ پيل ماڻهو نهاريندو آهي. هنن جي لاءِ بهتر ۽ مناسب آهي. (۲۱) (الله جي حڪمن جي) تابعداري ڪرڻ ۽ حق ۽ انصاف جا لفظ ڳالهائڻ، جڏهن ڪنهن ڪم جو پڪو ارادو ڪيو وڃي تڏهن هو (ان جي تعميل ۾) خدا سان سچا رهن ته ان ۾ سندن ئي لاءِ وڏي ڇڳائي آهي. (۲۲) پوءِ اوهان بابت هي وڏو امڪان ناهي ڇا ته جيڪڏهن توهان حاڪم ٿيو (۽ مديني جي حڪومت اوهان جي هٿن ۾ هجي) ته توهان ملڪ ۾ فساد ۽ بگاڙو مچائي ڇڏيو ۽ مٽي مائٽيءَ جا سڀ لاڳاپا ٽوڙي ڇڏيو (يعني مائٽن سان به ظلم ڪرڻ ۾ اڳرا رهو). (۲۳) اهي ئي آهن جن تي الله تعاليٰ لعنت ڪري ڇڏي آهي، (يعني پنهنجي رحمت کان محروم ڪري ڇڏيو آهي) سو کين ٻوڑو ڪري ڇڏيو اٿس ۽ سندن اکيون انڌيون ڪري ڇڏيون اٿس. (۲۴) پوءِ هي ماڻهو قرآن مجيد کي سمجهڻ لاءِ عقل نٿا هلائين ڇا؟ يا (هيئن آهي ڇا ته) سندن دلين (۽ دماغن) تي قفل لڳي ويا آهن؟ (۲۵) جيڪي ماڻهو چٽي هدايت ملڻ بعد به پٺيون ڏيئي ڦري ويا آهن تن کان شيطان (سندن گمراهيءَ ۽ بدعملي) سولي ڪري ڏني آهي (يا کين پڙڪايو آهي ۽ سندن عمل سٺو ڪري ڏيکاريو اٿس) ۽ هنن کي (دنيائي نعمتن جون) وڏيون اميدون ڏنيون اٿس. (اهي اميدون غلط ۽ ڪوڙيون ثابت ٿيندیون.) (۲۶) اهو هن ڪري آهي جو اهي (منافق) انهن (ڪافرن) کي چون ٿا جيڪي، جيڪي الله تعاليٰ نازل ڪيو آهي، تنهن کي ناپسند ڪن ٿا، اسان ڪن ڳالهين ۾ توهان جي تابعداري

ڪنداسين، پر (اهي بيوقوف منافق نٿا ڄاڻن تہ) الله تعاليٰ سندن سڀ راز ۽ (مخفي غداريون) ڇگيءَ طرح ڄاڻي ٿو (۽ ڪين خوار خراب ڪندو). (۲۷) پوءِ سندن ڪهڙو حال ٿيندو جڏهن ملائڪ موت وقت سندن روح قبض ڪندا ۽ سندن منهن ۽ پٺين تي ڏڪ هٽندا؟(۲۸) اهو هن ڪري ٿيندو جو هنن اهڙين ڳالهين جي پيروي ڪئي جن الله تعاليٰ کي ناراض پئي ڪيو ۽ الله تعاليٰ جي راضپي کي ناپسند ڪيائون تنهن ڪري الله تعاليٰ سندن عمل ضايع ڪري ڇڏيا (۽ هنن کي هر طرح محروم ڪري ڇڏيو).

رکوع ٤ آيت ۲۹ ـ تا ـ ۳۸

الله جي راهہ ۾ جهاد ڪيو تہ الله توهان جو مددگار آهي.

(۲۹) جن (منافقن) جي دلين ۾ (کوٽ جو) مرض آهي سي هيئن ٿا سمجهن ڇا تہ الله تعاليٰ سندن بغض ۾ ڪينو ظاهر نہ ڪندو؟ (۳۰) جيڪيڏهن اسان چاهيون ها تہ توکي (اي پيغمبر!) اهي منافق اهڙيءَ طرح ڏيکاري ڇڏيون ها جو سندن نشانين مان ڪين سڃاڻي وٺين ها. پر يقيناً تون ڳالهائڻ جي ڍنگ مان ڪين سڃاڻي سگهين ٿو. ۽ الله تعاليٰ کي اوهان جا سڀ عمل معلوم آهن. (۳۱) ۽ اسان اوهان کي ضرور (عملن ۾) آزمائينداسين، تان جو ظاهرظهور خبر پئجي وڃي تہ اوهان مان ڪهڙا مجاهد (يعني بي انتها ڪوشش ڪندڙ) ۽ (مشڪلاتن ۽ تڪليفن ۾ بہ حق جي راهہ تي) ثابت قدم رهندڙ آهن. ۽ اسان توهان جي (همت ۽ مردانگي جي) خبرن جي آزمائش وٺنداسين. (۳۲) جيڪي ماڻهو هدايت جي حقي واٽ ڇڏي ٻيڙ بعد بہ ڪفر جي واٽ وٺن ٿا ۽ (ماڻهن کي) الله جي راهہ کان روڪين ٿا ۽ حضرت رسول ﷺ جي مخالفت ڪندا رهن ٿا، سي الله تعاليٰ (جي مقصد) کي ڪجهہ بہ نقصان پهچائي نہ سگهندا ۽ هو سندن عمل ضايع ڪري ڇڏيندو (يعني ڪافر ڪامياب ڪونہ ٿيندا ۽ حق غالب پوندو). (۳۳) اي مؤمنؤ! الله جي فرمانبرداري ڪيو ۽ حضرت رسول (ﷺ) جي فرمانبرداري ڪيو ۽ پنهنجا عمل ضايع نہ ڪري ڇڏيو. (۳٤) جيڪي ماڻهو ڪفر جي واٽ وٺن ٿا ۽ (ماڻهن کي) الله جي راهہ کان روڪين ٿا ۽ پوءِ ڪفر جي حالت ۾ مري وڃن ٿا تن کي الله تعاليٰ هرگز ڪونہ بخشيندو. (۳۵) سو (اي مسلمانو حق کي غالب ڪرڻ لاءِ جهاد ڪرڻ ۾) همت نہ هاريو ۽ تيستائين صلح ڏي نہ سڏيو جيستائين توهان سر بلند (۽ غالب) ٿي وڃو. ۽ (ياد رکو تہ) الله تعاليٰ اوهان سان (شامل ۽ مددگار) آهي ۽ هو هرگز اوهان جي عملن ۾ اوهان کي نقصان ڪونہ پهچائيندو. (يعني اوهان جي نيڪ عملن جو اوهان کي پورو پورو فائدو ملندو). (۳٦) يقيناً هن دنيا جي زندگي (حق تي هلڻ کان سواءِ) رڳو کيل تماشو آهي (۽ ڏورن ڏيڱن واري زندگي آهي) ۽ (ياد رکو تہ) جيڪڏهن توهان (قرآني نظام تي) يقين رکو ۽ (ان موجب) نيڪي ۽ پرهيزگاريءَ جا ڪم ڪيو تہ الله تعاليٰ اوهان کي وڏا اجورا (۽ فائدا) ڏيندو ۽ توهان کان

توهان جا مال ملكيتون كونہ گهرندو. (۳۷) جيكڏهن الله تعاليٰ توهان تي ان بابت زور ركي (جيئن ظالم سركار زور سان حد كان ٻاهر گهٽو مال ونندي آهي) تہ پوءِ توهان بخل كندؤ (۽ مال لكائيندؤ) ۽ الله تعاليٰ اوهان جو كينو يا رنجيدگي ظاهر كري وجهندو. (۳۸) توهان اهي آهيو جن كي دعوت ڏني وڃي ٿي تہ الله جي راهہ ۾ (يعني حق ۽ انصاف قائم كرڻ لاءِ پنهنجو مال دل و جان سان) خرچ كيو. پر توهان مان كي اهڙا آهن جيكي بخل ٿا كن، پر (ياد ركو تہ) جيكي بخل كن ٿا سي پنهنجي ئي نقصان ۾ بخل كن ٿا (يعني ان ۾ سندن ئي نقصان آهي) ۽ (ياد ركو تہ) الله تعاليٰ تہ غني آهي (كيس كنهن بہ شيءِ جو احتياج كونهي) ۽ توهان ئي آهيو جيكي گهرج وارا آهيو. جيكڏهن توهان (حق جي راهہ ۾ خرچ كرڻ كان) منهن موڙيندؤ تہ (توهان پاڻ برباد ٿيندو) الله تعاليٰ اوهان جي جاءِ تي ٻيا (نيڪ) ماڻهو آڻيندو. پوءِ اهي اوهان وانگر (بخيل) نہ ٿيندا.

سورت الفتح

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي.

ركوع ۱ آيت ۱ ـ تا ـ ۱۰

زمين ۽ آسمان جا لشكر الله جا ئي آهن، پيغمبر جي بيعت الله جي بيعت آهي.

(۱) (اي پيغمبر!) بيشك اسان تو كي فتح ڏني آهي، چٽي ۽ صاف فتح. (۲) انهيءَ لاءِ تہ الله تعاليٰ تنهنجون اڳوٽيون (تدبيري) كوتاهيون ۽ جيكي پوءِ ٿيٽيون آهن، سي سڀ ڊكي ڇڏي (يعني انهن جو اثر پيدا نہ ٿئي) ۽ تو تي پنهنجي نعمت پوري كري (يعني تو كي انهيءَ مقصد حاصل كرڻ لاءِ) سڌي واٽ ڏيكاري ڇڏي. (۳) ۽ الله تعاليٰ تو كي اهڙي مدد كري جا وڏي زبردست مدد هجي. (٤) ۽ اهوئي آهي جنهن مؤمنن جي دلين ۾ تسلي ۽ اطمينان وڌو انهيءَ لاءِ تہ سندن پكي ايمان ۾ اڃا بہ يقين جو واڌارو كري. (۽ ياد ركو تہ) آسمانن ۽ زمين جا لشكر سڀ الله جا آهن ۽ الله تعاليٰ سڀ كجهہ ڄاڻندڙ ۽ وڏي حكمت ركندڙ آهي. (۵) (اهو اطمينان جو نازل كيائين سو) هن لاءِ تہ مؤمن ۽ مؤمنياڻين كي جنت ۾ داخل كري جنهن جي هيٺان نهرون وهي رهيون هجن ۽ جنهن ۾ هو هميشہ لاءِ رهن ۽ سندن اوڻائيون ۽ تكليفون كائنڪ دور كري ڇڏي. الله تعاليٰ جي نظر ۾ اها تمام وڏي كاميابي آهي. (٦) ۽ هن لاءِ (اطمينان نازل كيائين) تہ منافق مردن ۽ منافق عورتن، مشرك مردن ۽ مشرك عورتن كي جيكي الله تعاليٰ بابت بدگمانيون كندا رهيا آهن تن كي جوڳي سزا ڏئي، انهن كي خرابيءَ جو چكر ويڑهي ويو آهي، ۽ الله تعاليٰ جو غضب متن پٽجي چكو آهي، ۽ هن متن لعنت وڌي آهي ۽ هنن جي لاءِ جهنم تيار كري ركيو

آهي. اهو کهڙو نہ خراب ٽکاڻو آهي. (۷) ۽ آسمانن ۽ زمين جا سڀ لشکر الله ئي جا آهن، ۽ الله تعاليٰ وڏي طاقت ۽ حڪمت وارو آهي. (۸) يقيناً اسان تو کي (اي پيغمبر حق جي) شاهدي ڏيندڙ ڪري موڪليو آهي ۽ (نيڪ عمل ڪندڙن لاءِ ڪاميابيءَ جي) خوشخبري ڏيندڙ ۽ (بدعملن جي بدنتيجن بابت) خبردار ڪندڙ ڪري موڪليو آهي. (۹) انهيءَ لاءِ تہ اوهان (انسان) الله ۽ سندس رسول تي ايمان آڻيو (يعني قرآن مجيد جي تعليم قبول ڪيو) ۽ الله جي (دين قائم ڪرڻ ۾ سندس) مدد ڪيو ۽ سندس تعظيم ڪيو ۽ صبح توڙي شام (يعني هر وقت) سندس شان ۽ پاڪائي بيان ڪرڻ ۾ سرگرم رهو (يعني سندس نظام قائم ڪرڻ لاءِ ڊڪ ڊوڙ ۽ ڪوششون ڪندا رهو). (۱۰) يقيناً اهي (مؤمن) جيڪي تنهنجي بيعت ڪري رهيا آهن سي يقيناً الله جي ئي بيعت ڪري رهيا آهن. الله جو هٿ هنن جي هٿن جي مٿان آهي. پوءِ جيڪو پنهنجو (قسم تي ڏنل) عهد ٽوڙيندو سو ان جي ٽوڙڻ سان پنهنجو ئي نقصان ڪندو، ۽ جيڪو اهو عهد پاڙيندو جو هن الله تعاليٰ سان ڪيو آهي تنهن کي الله تعاليٰ تمام وڏو اجر ۽ انعام ڏيندو.

رکوع ۲ آيت ۱۱ ـ تا ـ ۱۷

جهاد ۾ عذر ڪندڙن جي ذهنيت.

(۱۱) ٻهراڙيءَ جي عربن مان جيڪي پٺتي رهجي ويا (۽ حديبيہ واري سفر ۾ شامل نہ ٿيا) سي (تنهن جي مديني موٽڻ بعد کوڙا عذر ٻاهي) چوندا تہ اسان کي مال ۽ اهل اولاد (يعني ريڍ ڪرين ۽ ٻارن ٻچن جي سنيال) مشغول رکيو (تنهن ڪري سفر ۾ شريڪ نہ ٿي سگهياسين) سو اسان جي خطا جي بخشجڻ لاءِ دعا گهر. اُهي (اعرابي) ماڻهو پنهنجي زبان سان اهي ڳالهيون چوندا جي سندن دلين ۾ ناهن. (اي پيغمبر!) کين چئي ڏي تہ جيڪڏهن الله تعاليٰ توهان کي کو نقصان پهچائڻ يا نفعو پهچائڻ جو ارادو ڪري تہ پوءِ کنهن کي طاقت آهي جو اوهان جي لاءِ الله وٽ ڪجهہ ڪري سگهي. (توهان جيڪي سمجهيو آهي سو غلط آهي) حقيقت هيءَ آهي تہ توهان جيڪي ٻہ ڪيو ٿا تنهن جي الله تعاليٰ کي پوري پوري خبر آهي. (۱۲) (ڳالهہ ائين ناهي تہ توهان مشغول هئو) بلڪ حقيقت هيءَ آهي تہ توهان يائٽيو هو تہ، حضرت رسول ﷺ ۽ مؤمن ڪڏهن ٻہ پنهنجن ٻارن ٻچن ڏي ڪونہ موٽندا (چو تہ مڪي جا ڪافر ڪن کي قتل ڪري ڇڏيندا تہ ڪن کي گرفتار ڪري غلام بنائيندا) ۽ اهو خيال ۽ اها ڳالهہ توهان جي دلين کي ڏاڍي وڻي پئي. توهان ڏاڍو خراب خيال ڪيو هو، سو توهان برباد ٿيڻ وارا آهيو. (۱۳) ۽ (ياد رکو تہ) جيڪي ٻہ الله ۽ سندس رسول تي ايمان نٿا رکن (سي ڪافر آهن) سو اسان يقيناً ڪافرن جي لاءِ سخت ڇيي ڪندڙ باهہ تيار ڪري رکي آهي. (۱٤) ۽ (ياد رکو تہ) آسمانن ۽ زمين جي بادشاهي فقط الله جي آهي. هو جنهن کي چاهي تنهن کي بخشي ڇڏي ٿو ۽ جنهن کي چاهي تنهن کي سزا ڏئي ٿو، ۽

الله تعاليٰ غفور ۽ رحيم آهي. (۱۵) جيڪي ماڻهو (حديبيہ جي سفر وقت) پٺتي ويهي رهيا هئا سي، جڏهن توهان مؤمن اهڙي جهاد لاءِ نڪري پوندو جنهن ۾ غنيمت جو مال ملڻ جو امڪان آهي تڏهن چوندا تہ اسان کي بہ پاڻ سان هلڻ ڏيو. اهي ماڻهو الله جي حڪم کي مٽائڻ ٿا گهرن. (اي پيغمبر انهن کي) چئو تہ، اهڙيءَ حالت ۾ (يعني غنيمت جي مال جي حاصل ڪرڻ جي نيت سان) اوهان کي هرگز پاڻ سان هلڻ کونہ ڏيندا سين. الله تعاليٰ اڳئي اهڙو حڪم ڏئي ڇڏيو آهي. پوءِ هو چوندا تہ، (الله جو نالو تہ هونئن ئي ٿا وچ ۾ آڻيو) حقيقت هيءَ آهي تہ توهان اسان سان حسد ٿا رکو (تنهن ڪري اسان کي پاڻ سان شامل نٿا ڪيو)، پر سچي حقيقت هيءَ آهي تہ اهي ماڻهو (خود غرضيءَ جي ڳالهين کان سواءِ) پيو ڪجهہ بہ نٿا سمجهن. (۱۶) پهراڙيءَ جي بدوين مان جيڪي (حديبيہ جي سفر وقت) پٺتي رهجي پيا هئا تن کي (اي پيغمبر) چئو تہ، جلد اوهان کي اهڙن ماڻهن (سان لڙائي ڪرڻ) لاءِ سڏيو ويندو جيڪي سخت جنگ ڪندڙ آهن. توهان انهن سان جنگ ڪندا رهندؤ، جيستائين هو (اسلامي نظام جي) تابعداري ڪن. سو جيڪڏهن توهان فرمانبرداري ڪندو (يعني اسان جو حڪم مڃي انهن جنگين ۾ شريڪ ٿيندو) تہ پوءِ الله تعاليٰ اوهان کي چگو اجر ڏيندو (يعني غنيمت جو مال بہ ملندو ۽ آخرت ۾ بهشت بہ ملندو. بشرطيڪ سچي نيت سان شريڪ ٿيندؤ) پر جيڪڏهن توهان منهن موڙيندؤ جيئن اڳي (حديبيہ جي سفر وقت) منهن موڙيو هيوَ تہ پوءِ الله تعاليٰ اوهان کي دردناڪ عذاب واري سخت سزا ڏيندو. (۱۷) انڌي تي ڪا ميار ڪانهي، نڪي منڊي تي، نڪي بيمار تي (جيڪڏهن هو لڙائي ۾ شريڪ نہ ٿئي) ۽ (ياد رکو تہ) جيڪو بہ الله ۽ سندس رسول جي فرمانبرداري ڪندو تنهن کي الله تعاليٰ اهڙن باغن ۾ داخل ڪندو جن جي هيٺان نهرون وهي رهيون آهن، ۽ جيڪو بہ (اطاعت کان) منهن موڙيندو تنهن کي الله تعاليٰ دردناڪ عذاب جي سخت سزا ڏيندو.

رکوع ۳ آيت ۱۸ ـ تا ـ ۲۶

حديبيہ جو صلح فتح آهي. آئيندہ ٻيون فتحون ٿيٽيون آهن.

(۱۸) (اي پيغمبر!) الله تعاليٰ مؤمنن جي هن جماعت کان ڏاڍو راضي ٿيو آهي. جو هنن هن وڻ جي هيٺان ويهي تنهنجي بيعت ڪئي آهي (تہ اسان مڪي جي ڪافرن سان وڙهڻ لاءِ دل و جان سان تيار آهيون) ۽ الله تعاليٰ کي سندن دلين (جي سچائيءَ) جو حال پوريءَ طرح معلوم هو. تنهن ڪري الله تعاليٰ (ان وقت) انهن جي دلين ۾ تسلي ۽ بي ڊپائي (جي لهر) پيدا ڪري ڇڏي ۽ کين هڪڙي ويجهي فتح بروقت عطا فرمائي. (۱۹) ۽ (ان فتح سان گڏ) گهٽيون ئي غنيمتون بہ ڏنائين جي هي (مسلمان وڏي خوشيءَ سان) وٺي رهيا آهن، ۽ الله تعاليٰ وڏو زبردست طاقت، حڪمت ۽ دانائيءَ وارو آهي. (۲۰) الله تعاليٰ اوهان سان گهٽين ئي (اهڙين) غنيمتن جو واعدو ڪري ڇڏيو

آهي جي توهان (ايندڙ وقتن ۾) حاصل ڪندؤ. في الحال هيءَ غنيمت توهان کي تڪڙي ڏني اٿس، ۽ (ڪافرن دشمن) ماڻهن جا هٿ توهان (کي قتل ڪرڻ) کان روڪيا اٿس، ۽ اهو هن لاءِ (ڪيو اٿس) تہ (اهو واقعو) مؤمنن جي لاءِ هڪ نشاني ٿئي ۽ هن لاءِ تہ الله تعاليٰ اوهان کي (ڪاميابي ۽ سعادت جي) سڌي واٽ ڏاڪهن رهنمائي ڪري. (۲۱) ۽ هڪ ٻي فتح ب (اوهان کي ملڻي آهي) جا هاڻي اوهان جي قبضي کان ٻاهر آهي. پر اها الله تعاليٰ جي قدرت ۾ قبضي ۾ آهي ۽ (ياد رکو تہ) الله تعاليٰ هر شيءِ تي قادر آهي. (۲۲) ۽ جيڪڏهن توهان سان اهي ماڻهو، جن ڪفر جي واٽ اختيار ڪئي آهي، ڪٽي لڙائي ڪن ب ها تہ ب (يقيناً) پٺي ڏئي پڇي وڃن ها، (۽) پوءِ انهن کي ڪو يار ۽ مددگار ڪونہ لهي ها (يعني سر لڪائڻ لاءِ ڪٽي ب پناهہ نہ ملين ها). (۲۳) اهو خدا جو اهو طريقو آهي، ۽ (اي پيغمبر!) تون خدا جي طريقي ۾ ڪابہ قيرقار نہ ڏسندين. (يعني خدا جو قانون فتح يا سزا ڏيڻ جو هميشہ عمل ۾ ايندو رهندو). (۲٤) ۽ اهوئي آهي جنهن مکي جي ويجهڙائيءَ ۾ (يعني حديبيہ وٽ) اوهان جي هٿن کي هنن (جي قتل) کان ۽ هنن جي هٿن کا اوهان جي (قتل) کان پري رکيو، انهيءَ کان پوءِ جو هن اوهان (مسلمانن) کي هنن (ڪافرن) تي غلبو ڏنو، ۽ الله تعاليٰ (ان وقت ب) اوهان جي ڪمن کي ڏسي رهيو آهي. (۲۵) (اي مسلمانو!) هي اُهي ماڻهو اٿوَ جن ڪفر جي واٽ اختيار ڪئي ۽ اوهان کي (عمرو ڪرڻ کان باز رکڻ لاءِ) ڪعبت الله (ڏي وڃڻ) کان روڪيو ۽ پڻ قرباني جي جانورن کي سندن خاص (قرباني جي واري) جاءِ تي پهچڻ نہ ڏنو، ۽ جيڪڏهن (مکي ۾) کي مؤمن ۽ کي مؤمنياڻيون نہ هجن ها، جن جي اوهان کي خبر ب ڪانہ هئي (تہ اهي سچا مؤمن ۽ مؤمنياڻيون آهن) (يعني) جيڪڏهن انهن (مکي جي مسلمانن) جي سببان اوهان کي بي خبريءَ ۾ نقصان پهچي ها (تہ الله تعاليٰ اوهان کي مکي ۾ داخل ڪري ها ۽ توهان ڪافرن سان گڏ ڪن مسلمانن کي ب قتل ڪري وجهو ها. پر الله تعاليٰ ائين نہ ڪيو) انهيءَ لاءِ تہ الله تعاليٰ جنهن کي چاهي تنهن کي پنهنجي رحمت ۾ داخل ڪري. جيڪڏهن اهي (مظلوم مسلمان مکي ۾ ڪٽي) جدا ٿي وڃن ها تہ اسان انهن ماڻهن کي جن ڪفر جي واٽ ورتي هئي دردناڪ عذاب ۾ وجهون ها (يعني اهي ڪافر انهيءَ عذاب کان هن ڪري بچي ويا جو مکي ۾ کي مسلمان ب موجود هئا جن جي ڪري عذاب نازل نہ ڪيو ويو). (۲٦) (اي مسلمانو!) جڏهن هنن ڪافرن پنهنجي دلين ۾ جوش ۽ ضد کي جاءِ ڏني (جوش ۽ ضد ب ڪهڙو؟) جاهليت جي زماني وارو. تڏهن (ان جي مقابلي ۾) الله تعاليٰ پنهنجي رسول ۽ مسلمانن تي تسلي ۽ اطيمنان نازل ڪيو ۽ انهن کي تقويٰ (يعني پاڻ تي ضابطو رکڻ) جي ڳالهہ تي محڪم ڪري رکيو، ۽ اهي (يعني رسول ﷺ ۽ مسلمان في الحقيقت) ان جا وڌيڪ لائق ۽ حقدار ب آهن، ۽ (ياد رکو تہ) الله تعاليٰ هر شيءِ ۽ هر ڳالهہ جو علم رکي ٿو.

ركوع ٤ آيت ٢٧ ـ تا ـ ٢٩

دين اسلام کي غلبو ڏيڻ تي مؤمن خوش آهن، ڪافر ساڙ ۽ حيراني ۾ مبتلا آهن.

(٢٧) بيشڪ الله تعاليٰ پنهنجي رسول کي سچو خواب ڏيکاريو آهي، جو واقعي جي (بلڪل) مطابق آهي تہ توهان (مسلمان) انشاء الله مسجد الحرام (يعني مڪي) ۾ امن امان سان ضرور داخل ٿيندؤ. توهان مان ڪن جا مٿا ڪوڙيل هوندا تہ ڪن جا وار ڪتريل هوندا. توهان کي ڪنهن بہ قسم جو خوف خطرو ڪونہ هوندو. الله تعاليٰ انهن ڳالهين کي چگيءَ طرح ڄاڻي ٿو جن کي توهان ڪونہ ٿا ڄاڻو. وري (هيءَ حقيقت آهي تہ) الله تعاليٰ اوهان کي هڪ ويجهي (تڪڙي) فتح ڏني آهي. (٢٨) اهوئي آهي جنهن پنهنجي رسول کي صحيح دين (يعني زندگيءَ جو صحيح نظام) ۽ سچي هدايت ڏيئي (دنيا ۾) موڪليو آهي، انهيءَ لاءِ تہ ان (دين) کي سيني دينن (يعني ٻين نظامن) تي غالب ڪري ڇڏي، ۽ الله ئي (اسلام جي حق ۽ سچائيءَ بابت) ڪافي شاهد آهي. (٢٩) حضرت محمد (ﷺ) الله جو رسول ۽ جيڪي ساٿس گڏ (سچا ۽ پاڪ مؤمن) آهن (تن جي وڏي خصوصيت هيءَ آهي تہ) هو حق کان انڪار ڪرڻ وارن لاءِ (جبل جهڙا) سخت آهن، پر هڪ ٻئي سان سراسر رحم (۽ شفقت همدردي ۽ محبت) سان ڀرپور آهن. (هو دنيا ۾ ڪنهن بہ طاغوتي طاقت جي اڳيان نٿا جهڪن، هو فقط الله جي اڳيان جهڪن ٿا) (اي پيغمبر!) تون ڪين ڏسين ٿو تہ الله جي فضل ۽ راضپي حاصل ڪرڻ جي نيت سان رڪوع ۽ سجدا ڪندا رهن ٿا ۽ سجدن جي اثر کان سندن پيشانين تي نشان ڏهي ٻيٺا آهن. تورات توڙي انجيل ۾ انهن (مؤمنن) جو بيان اهڙيءَ ئي طرح آيل آهي. (مؤمنن جي ڪوشش ۽ جهاد جو مثال ائين آهي) جيئن ٻنيءَ ۾ ٻج وجهڻ. جو (پهرين) سلو (زمين مان) ٻاهر ڪڍي ٿو. پوءِ اهو ٽلهو ٿو ٿئي ۽ پنهنجي ڪاني تي محڪم ٿي بيهي ٿو. (اهڙيءَ طرح پوک پلي ٿئي ٿي ۽) ڪڙمين کي خوشي ۽ عجب سان ڀرپور ڪري ٿي ڇڏي، ۽ ڪافرن کي ساڙن حسد ۽ ساڙ ۾ ساڙي ٿي ڇڏي. انهن مان جن ايمان آندو آهي ۽ صالح عمل بہ ڪندا رهن ٿا تن کي الله تعاليٰ مغفرت (بخشش) ۽ تمام وڏي اجر جو واعدو ڪري ڇڏيو آهي. (جو ڏسو تہ هاڻي حديبيہ جي صلح بعد پورو ٿيڻ تي آهي ۽ سچي دين اسلام جو نظام سڄي عربستان ۾ قائم ٿيڻ تي آهي).

سورت الحُجُرٰتِ

بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي.

رکوع ۱ آيت ۱ ـ تا ـ ۱۰

اي مؤمنؤ! حضرت محمد ﷺ جن جي روبرو ڏاڍيان نہ ڳالهايو. مؤمن پائر آهن.

(۱) اي مؤمنؤ! الله ۽ سندس رسول کان اڳي نہ وڌو ۽ اڳ نہ وٺو ۽ الله کان ڊڄو جو (سندس) سڀ کجھ ٻڌندڙ ۽ ڄاڻندڙ آهي (تنهن ڪري سندس سيني حڪمن تي عمل ڪري پاڻ کي مصيبتن کان بچايو ۽ هر طرح خوشحال ٿيو. (۲) اي مؤمنؤ! (ڳالهائڻ مهل) پنهنجا آواز رسول ﷺ جي آواز کان مٿي نہ ڪيو ۽ ساڻس (ڳالهائڻ مهل) زور سان (يا جوش سان) نہ ڳالهايو، جيئن توهان هڪ ٻئي سان زور سان ڳالهائيندا آهيو. (ساڻس زور سان نہ ڳالهايو تہ) متان توهان جا (چڱا) عمل برباد ٿي نہ وڃن ۽ توهان کي خبر بہ کانہ پوي. (سو آئينده لاءِ خبردار ٿيو). (۳) بيشڪ اُهي ماڻهو جيڪي رسول (ﷺ) جي اڳيان پنهنجي آواز کي نرم ۽ جهيڙو رکن ٿا سي ئي آهن جن جون دلين الله تعاليٰ پرهيزگاريءَ جي امتحان ۾ پاس ڪري ڇڏيون آهن. انهن جي لاءِ بخشش آهي ۽ وڏي ۾ وڏو اجر آهي. (٤) بيشڪ اهي ماڻهو جيڪي توکي (اي پيغمبر تنهنجي) حجرن جي ٻاهران وڏي واڪي سڏ ڪن ٿا تن مان گهڻا بي سمجھ ۽ بي وقوف آهن. (۵) جيستائين تون پاڻ انهن ڏي نڪري اچين تيستائن هو صبر ڪن ها تہ هنن لاءِ وڏي چڱائي ٿئي ها، ۽ الله تعاليٰ وڏو بخشڻهار ۽ رحم وارو آهي. (٦) اي مؤمنؤ! جيڪڏهن ڪوبہ بدڪار (۽ بي فرمان) ماڻهو توهان وٽ ڪا خبر آڻي تہ پهريائين تحقيقات ڪيو (يعني جانچ جونچ ڪري ڏسو تہ سچي آهي يا ڪوڙي، انهيءَ لاءِ تہ متان ڪوڙي ڳالهہ تي عمل ڪري) توهان اڻ ڄاڻائيءَ جي حالت ۾ ڪن ماڻهن کي تڪليف ۽ نقصان نہ پهچايو ۽ پوءِ پنهنجي ڪئي تي پشيمان ٿيو. (۷) ۽ (اي مسلمانؤ!) ڄاڻو (۽ چڱيءَ طرح ڄاڻو ۽ ياد رکو) تہ اوهان ۾ الله جو رسول موجود آهي (جو الله جي حڪمن موجب اوهان جي لاءِ هر طرح جو نظام رکي ٿو) جيڪڏهن هو گهڻين ئي ڳالهاين ۾ توهان جي چوڻ تي هلي تہ توهان وڏين مشڪلاتن ۽ مصيبتن ۾ پئجي وجو. پر الله تعاليٰ اوهان کي ايمان جو پيارو ڪيو آهي (۽ اوهان کي ان ايمان سان حب آهي) ۽ ان ايمان کي اوهان جي دلين ۾ سهڻو ڪري ڏيکاريو آهي (يعني توهان جون دليون ان ايمان کي پسند ٿيون ڪن) ۽ الله تعاليٰ توهان ۾ ڪفر، بدڪاري ۽ بي فرمانيءَ لاءِ نفرت پيدا ڪري ڇڏي آهي. اهڙائي ماڻهو آهن جيڪي سچ پچ نيڪيءَ جي راهہ تي هلندڙ آهن. (۸) اهو (اوهان تي) الله جو فضل آهي ۽ (اوهان لاءِ) وڏي نعمت آهي (جو توهان سچو ايمان رکو ٿا ۽ رسول ﷺ جي فيصلن کي پسند ڪيو ٿا، اگرچہ اُهي اوهان جي مرضيءَ موافق نہ هجن) ۽ (ياد رکو تہ) الله تعاليٰ سڀ کجھ ڄاڻندڙ ۽ وڏي حڪمت وارو آهي.

(۹) ۽ جيڪڏهن مؤمنن مان ڪي ٻه ڌريون پاڻ ۾ تڪراري هجن تہ انهن جي وچ ۾ صلح ڪرائي ڇڏيو. پر جيڪڏهن انهن مان هڪڙي ڌر ٻئي ڌر تي زيادتي ۽ ظلم ڪري تہ پوءِ انهيءَ ڌر سان وڙو ۽ مقابلو ڪيو، جيستائين خدا جي (يا عادل حاڪم جي) حڪم تي تعميل ڪري. پوءِ جيڪڏهن (عدل واري حڪم جي) تعميل ڪري تہ پوءِ انهن ٻنهي ڌرين جي وچ ۾ عدل سان صلح ۽ ٺاهہ ڪري ڇڏيو ۽ (هميشہ) انصاف ڪيو. يقيناً الله تعاليٰ انصاف ڪندڙن کي حب ٿو ڪري (۽ انصاف نہ ڪندڙن تي لعنت ٿو ڪري). (۱۰) يقيناً مؤمن سڀ پاڻ ۾ ڀائر آهن تنهن ڪري پنهنجي ڀائرن جي وچ ۾ (عدل سان) صلح ڪرائي ڇڏيو ۽ خدا کان ڊڄو (۽ خدا جي حڪمن تي هلو) انهيءَ لاءِ تہ توهان تي رحم ڪيو وڃي.

رڪوع ۲ آيت ۱۱ ـ تا ـ ۱۸

ٻين تي ٺٺوليون نہ ڪيو ۽ خراب نالا نہ رکو. اجايا گمان ۽ تهمتون نہ رکو.

(۱۱) اي مؤمنؤ! (خبردار! اوهان مان) هڪڙا ماڻهو ٻين ماڻهن تي چٽرون ۽ ٺٺوليون نہ ڪن. ممڪن آهي تہ اهي ٻيا مرد انهن (چٽرون ڪندڙن) کان بهتر هجن، نڪي هڪڙيون عورتون ٻين عورتن تي (ڪلون مسخريون ڪن) ممڪن آهي تہ اهي ٻيون عورتون انهن (ڪلون ڪندڙ) عورتن کان بهتر هجن ۽ توهان هڪ ٻئي جي بدناموسي نہ ڪيو (۽ هڪ ٻئي کي طعنا نہ هڻو) ۽ هڪ ٻئي تي خراب نالا نہ رکو. ايمان آڻڻ بعد (ان ماڻهو تي جنهن ايمان آندو آهي) خراب نالو رکڻ وڏي بڇڙائي آهي. ۽ (ياد رکو تہ) جيڪي ماڻهو (آئندہ انهن بڇڙن ڪمن کان) توبہ ڪري باز نہ اينداسي وڏا گنهگار ۽ ظالم آهن. (۱۲) اي مؤمنؤ! اڪثر گمانن کان پري رهو. بيشڪ ڪي گمان گناهہ جي برابر آهن. ۽ جاسوسي نہ ڪيو (يعني لڪي ڇپي ٻين جا احوال معلوم نہ ڪيو. نہ ڪي پراوا خط پڙهو) ۽ اوهان مان هڪڙا ٻين جي پرپٹ گلا نہ ڪن. (پرپٹ گلا ڪرڻ آهي مئل ڀاءُ جو گوشت کائڻ) توهان ۾ کوبہ اهڙو آهي جا جو پسند ٿو ڪري تہ پنهنجي مئل ڀاءُ جو گوشت کائي؟ توهان تہ ان کان سخت نفرت ڪندا آهيو (پوءِ پرپٹ گلا ڪرڻ کان ڇو نٿا نفرت ڪيو). خدا کان ڊڄو (۽ باز اچو) بيشڪ خدا باز اچڻ وارن جي توبہ قبول ڪندڙ ۽ وڏي رحم وارو آهي. (۱۳) اي انسانو! مون اوهان کي هڪ ئي مرد ۽ عورت مان پيدا ڪيو آهي (تنهن ڪري توهان سڀ هڪ ڪٽنب آهيو ۽ پاڻ کي هڪ ڪٽنب جا پاتي سمجهو) ۽ توهان ۾ ذاتيون ۽ قبيلا ٺاهيا اٿس، سو رڳو هن لاءِ تہ توهان هڪ ٻئي کي (انهن ذاتين تي) سڃاڻو (نہ هن لاءِ تہ ڪي ذاتيون ٻين کان عزت ۾ وڌيڪ آهن اوهان ۾ وڌيڪ عزت وارو الله جي نظر ۾ اهو آهي جيڪو اوهان مان تقويٰ ۾ (يعني نيڪي ۽ پرهيزگاريءَ ۾) سيني کان وڌيڪ آهي. بيشڪ الله تعاليٰ سڀ ڪجهہ ڄاڻندڙ ۽ سڀڪا خبر رکندڙ آهي. (۱۴) ٻهراڙيءَ جا ڪي عرب (تو وٽ اچي) چئي رهيا آهن تہ، اسان ايمان آندو آهي. (اي پيغمبر کين) چئو تہ، توهان ۾ (سچو) ايمان (۽ يقين) ڪونهي. پر هيئن چئو تہ، اسان

تابعداري اختيار ڪئي آهي، ڇو تہ اڄا تہ اوهان جي دلين ۾ (سچو) ايمان داخل ڪونہ ٿيو آهي. پر جيڪڏهن توهان الله ۽ سندس رسول جي (يعني اسلامي سرڪار جي) تابعداري اختيار ڪيو تہ پوءِ الله تعاليٰ اوهان جي عملن مان ڪجهہ بہ ضايع نہ ڪندو بيشڪ الله تعاليٰ بار بار بخشيندڙ ۽ وڏي رحم وارو آهي. (۱۵) (اي بني اسد قبيلي جا عربؤ!) مؤمن تہ فقط اهي آهن جن الله ۽ سندس رسول تي (پڪو ۽ سچو) ايمان آندو آهي (۽ هنن کي دل جو يقين آهي تہ قرآن جو نظام ئي صحيح آهي) ۽ جن کي (قرآن جي سچائيءَ ۾) ڪڏهن بہ ذرو بہ شڪ نہ پيو آهي ۽ جن خدا جي راهہ ۾ پنهنجي مال ملڪيتن ۽ پنهنجي جانين سان جهاد (يعني بي انتها ڪوشش) پئي ڪئي آهي، فقط اهي ئي آهن جيڪي سچا (مؤمن) آهن. (پيا منافق آهن). (۱۶) (اي پيغمبر تون انهن بنو اسد اعرابين کي) چئو تہ، ڇا توهان الله تعاليٰ کي پنهنجي دين جي خبر ٿا پڌايو (تہ اسان ايمان آندو آهي. خدا کي اوهان جي دلين جي خبر ڪانهي ڇا؟) الله تعاليٰ تہ سڀ ڪجهہ ڄاڻي ٿو، جيڪي آسمانن ۾ آهي سو بہ ڄاڻي ٿو ۽ جيڪي زمين ۾ آهي سو بہ ڄاڻي ٿو ۽ الله تعاليٰ هر شيءِ جو علم رکندڙ آهي. (۱۷) (اي پيغمبر اهي بنو اسد جا ماڻهو) تو تي ٽورو ٿا ٽڪين (۽ تو تي احسان ٿا رکن) تہ اسان اسلام اختيار ڪيو آهي. هنن کي چئو تہ، مون تي پنهنجي اسلام جو احسان نہ رکو. پر حقيقت هيءَ آهي تہ جيڪڏهن توهان سچ ٿا چئو تہ (اسان مسلمان ٿيا آهيون تہ) پوءِ اوهان تي اهو الله تعاليٰ جو احسان آهي جو اوهان کي ايمان تي آندو اٿس. (۱۸) يقيناً الله تعاليٰ آسمانن ۽ زمين جا راز ۽ غيب بخوبي ڄاڻي ٿو ۽ جيڪي عمل توهان ڪيو ٿا سي چگيءَ طرح ڏسي ٿو.

سورت قٓ

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي.

رڪوع ۱ آيت ۱ ـ تا ـ ۱۵

قدرت جون تخليقون قرآني حقيقتن جي تائيد ڪن ٿيون.

(۱) قاف. قسم آهي انهيءَ قرآن جو جيڪو (ظاهر ظهور) نهايت شاندار آهي. (يعني هي شاندار قرآن خود شاهد آهي ۽ ثابتي آهي تہ اهو الله جو ڪلام آهي ۽ ان ۾ ڏنل ڳالهيون سڀ برحق آهن.) (۲) (ڪافر قران جو شان ڏسن بہ ٿا تہ بہ نٿا مڃين سو ڇو؟) حقيقت هيءَ آهي تہ هنن کي عجب ٿو لڳي تہ هنن ئي مان هڪڙو (پاڻ جهڙو انسان) هنن ڏانهن خبردار ڪندڙ (پيغمبر) ٿي آيو آهي، (حسد بہ ٿو ٿئين) سو اهي ڪافر چون ٿا تہ، هي هڪڙي نهايت عجب جهڙي ڳالهہ آهي (۽ وسهڻ جهڙي ناهي). (۳) (اهي ڪافر چون ٿا تہ) ڇا جڏهن اسان مري ويندا سين ۽ مٽي ٿي ويندا سين

(تڏهن وري جيئرا ڪيا ويندا سين؟) اهو موٽي اچڻ ۾ وري جيئرو ٿيڻ (اسان جي سمجهه ڪان) ٻاهر آهي ۽ محال آهي. (٤) اسان ڇگيءَ طرح ڄاڻون ٿا ته زمين انهن (مئل ماڻهن) مان ڪيترو گهٽائي ٿي ڇڏي، ۽ اسان وٽ هڪڙو ڪتاب آهي جنهن ۾ سڀ ڪجهه محفوظ آهي. (٥) بلڪ ڳالهه هيئن آهي ته جڏهن هنن (ڪافرن) وٽ حق اچي چڪو آهي تڏهن حق کي نٽا مڃين تنهن ڪري هو مونجهاري جي حالت ۾ پٽجي ويا آهن. (٦) ڇا هوانهيءَ آسمان ڏي نظر نٽا ڪن جو سندن مٿان آهي؟ اسان ڪيئن نه ان کي بنايو آهي ۽ (تارن وغيره سان) ان کي سينگاريو آهي، ۽ ان ۾ ڪي به ڦوٽون يا خرابيون ڪونه آهن. (٧) ۽ زمين کي اسان پکيڙي ڇڏيو آهي ۽ ان ۾ جبل لڳائي ڇڏيا آٽڻون ۽ ان ۾ هر قسم جا سهٽا اوپڙ (نباتات) ڄمايا آٽڻون. (٨) (اهو سڀ جو بنايو اٽڻون سو) هن لاءِ ته جيڪو به (خدا جو) پانهو (خدا ڏي) رجوع ٿيندڙ آهي سو اکيون کولي (حقيقتن کي) ڏسي ۽ (خدا کي) ياد ڪري (۽ نصيحت وٺي). (٩) ۽ اسان آسمانن مان برڪتن سان پريل پاڻي وسايون ٿا ۽ پوءِ ان جي وسيلي باغات ۽ اناج جون ڪيتيون لاڀاري لاءِ لڳايون ٿا. (١٠) ۽ پڻ ڊگها شاندار کجين جا وڻ ڄمايون ٿا جن جي ڪارڪن جا خوشا هڪ ٻئي مٿان تهه ڪري بيهندا آهن. (١١) (اهي ڪارڪون الله تعاليٰ جي) پانهن لاءِ رزق آهن. ۽ اسان ان (مينهن) جي وسيلي مئل زمين کي زندهه ڪري ٿا ڇڏيون. (قيامت جي ڏينهن) مئل ماڻهن جو اٽڻ به اهڙيءَ طرح ٿيندو. (١٢) (جيڪڏهن قرآن کي نٽا مڃين ۽ فطرت مان به حقيقتون نٽا سکن ته قومن جي تاريخ مان عبرت وٺي ڏسو) هنن (ڪافرن) کان اڳي حضرت نوح جي قوم جي ماڻهن، رس وارن ۽ ثمود جي قوم جي ماڻهن (حق کي) نه مڃيو. (١٣) ۽ عاد قوم جي ماڻهن، فرعون ۽ حضرت لوط جي برادري وارن به نه مڃيو. (١٤) ۽ گهاٽي ٻيلي جي ماڻهن ۽ تبع جي ماڻهن به نه مڃيو. انهن سڀني ماڻهن رسولن کي مڃڻ کان انڪار ڪيو. سو (انهن جي باري ۾) منهنجو ڏنل ڊڄڪو حق ثابت ٿيو (۽ هو سڀ منهنجي ڏنل قول موجب تباهه ٿيا.) (١٥) سو ڇا اسان پهرين خلق جي خلقڻ ۾ ٽڪجي پيا آهيون ڇا؟ (جو وري ماڻهن کي جيئرو ڪري نه سگهنداسين) بلڪ حقيقت هيءَ آهي ته هي (ڪافر) نئين خلقت جي باري ۾ شڪ ۾ گرفتار آهن ۽ منجهيل آهن.

رڪوع ٢ آيت ١٦ ـ تا ـ ٢٩

قيامت جي ڏينهن جو احوال. مان پنهنجي پانهن سان ڏرو به بي انصافي ڪرڻ وارو ناهيان.

(١٦) ۽ هيءَ حقيقت آهي ته اسان ئي انسان کي خلقيو آهي ۽ اسان ئي ڄاڻون ٿا ته سندس نفس کڻڻا کڻڻا وسوسا منجهس وجهي ٿو. ۽ اسان کيس سندس شهه رڳ کان به ويجها آهيون. (جا ڳڇيءَ جي ٻنهي پاسن تي ڏسڻ ۾ اچي ٿي). (١٧) ياد رکو ته ٻه (فرشتا) انسان جي عملن کي جانچڻ ۽ لکي ڇڏڻ لاءِ مقرر ڪيل آهن، جن مان هڪڙو سندس ساڄي پاسي ويٺل آهي ۽ ٻيو کاٻي پاسي. (١٨) اهو انسان کو لفظ وات مان مس ڪيڙي ٿو ته هڪدم هڪ محافظ فرشتو جو سندس پرسان

ويئل آهي ان کي لکي ڇڏڻ لاءِ تيار ٿي ٿو وڃي. (۱۹) ۽ (آخر) موت واري سڪرات في الحقيقت اچي وڃي ٿي (ان وقت انسان جون اکيون کلن ٿيون ۽ کيس چيو وڃي ٿو ته) هيءَ اٽئي اها ڳالهه جنهن کان تون پڇندو هئين. (۲۰) ۽ (قيامت جي ڏينهن) توتاري وڃائي ويندي. اهو آهي اهو ڏينهن جنهن بابت (دنيا ۾ رسولن جي معرفت) خبر ڏني ويئي هئي ۽ ماڻهن کي خبردار ڪيو ويو هو. (۲۱) (توتاري وڃڻ بعد هڪدم) هرهڪ شخص هليو ايندو. ساڻس هڪڙو کيس هڪلڻ وارو ۽ هڪڙو شاهد هوندو. (۲۲) (کيس چيو ويندو ته) تون في الحقيقت هن (ڏينهن) بابت غافل هئين. هاڻي اسان توتان پردو لاهي ڇڏيو آهي. سو اڄ تنهنجي نظر تمام تيز آهي (۽ تون هاڻي سپ ڪجهه ڏسي ۽ سمجهي سگهين ٿو). (۲۳) ۽ سندس ساٿي چوندو ته هي آهي (هن ماڻهوءَ جو اعمال نامو) جو مون وٽ تيار ٿيو رکيو آهي. (۲٤) (ان وقت پڪاريو ويندو ته) هرهڪ سرڪش ۽ نافرمان ڪافر کي جهنم ۾ اڇلائي وجهو. (۲۵) جيڪو چڱائيءَ کان منع ڪندو هو (گناهن ڪرڻ ۾) ليڪو لنگهي ٻيهندو هو. (۽ هرهڪ حق جي ڳالهه بابت) شڪ ۽ گمان آڻيندو هو. (۲٦) جيڪو الله سان گڏ ٻين کي به معبود ٺهرائيندو هو (يعني الله جي حڪمن کي ڇڏي ٻين ابتڙ حڪن تي عمل ڪندو هو) سو کيس سخت عذاب ۾ اڇلائي وجهو. (۲۷) سندس ساٿي چوندو ته اي اسان جا پروردگار مون هن کي نافرمان باغي ڪونه ڪيو هو، پر هو پاڻ وڏي گمراهيءَ ۾ پئجي ويو هو. (۲۸) الله تعاليٰ فرمائيندو ته (خاموش!) منهنجي اڳيان جهڳڙو نه ڪيو. مون ته توهان کي اڳ ئي (پنهنجي رسولن جي معرفت خبردار ڪيو هو (تنهن هوندي به توهان غافل رهيو). (۲۹) مون وٽ (منهنجو) قول (يا حڪم) ڪڏهن به نٽو ڦري (هر ڪنهن کي انصاف سان جزا ۽ سزا ضرور ملڻي آهي) ۽ مان پنهنجي ٻانهن سان ذرو به بي انصافي ڪرڻ وارو نه آهيا.

رکوع ۳ آيت ۳۰ ـ تا ـ ٤۵

قيامت جي ڏينهن جون حالتون.

(۳۰) هڪڙي ڏينهن اسان جهنم کان پڇنداسين ته، تون (دوزخين سان) ڀرجي ويو آهين يا نه؟ هو چوندو ته آهن ڪي وڌيڪ (يعني مان ڀرجي ڪونه ويو آهيان. ڪيترا به هجن پلي آڻيو). (۳۱) ۽ پرهيزگارن نيڪن لاءِ بهشت بلڪل ويجهو آندو ويندو. پري نه هوندو. (۳۲) (ان وقت چيو ويندو ته) هي آهي اهو بهشت جنهن جو اوهان کي واعدو ڏنو ويو هو. اهو بهشت انهيءَ شخص لاءِ آهي جيڪو (غلط واٽ ڇڏي) الله ڏي (يعني سڌي واٽ ڏي) موٽي اچي ۽ (حق ۽ قانون تي) محڪم رهي. (۳۳) (۽) جو رحمان خدا کي ڏسڻ کان سواءِ ئي ڪائنس ڊڄي (ته متان ٻڇڙا ڪم ڪري رحمان کي ناراض ڪري وجهان) ۽ جو (هر وقت الله ڏي) رجوع ڪندڙ دل رکي. (۳٤) (اي بهشتيو) سلامتيءَ سان ۽ امن امان سان (بهشت ۾) گهڙي پئو، هي

هميشہ رهڻ وارو ڏينهن آهي. (يعني اوهان هميشہ لاءِ بهشت ۾ رهندو). (۳۵) اهي (بهشتي) ان بهشت ۾ جيڪي بہ چاهيندا سو کين ملندو ۽ (ان کان سواءِ هنن لاءِ) اسان وٽ وڌيڪ بہ گهٽوئي هوندو (جو اسان اڻ گهرئي کين ڏيندا سين.) (۳۶) ۽ اسان هنن کان اڳي کيترين ئي پيڑهيون تباهہ ڪري ڇڏيون، جيڪي هنن کان طاقت ۾ گهڻو وڌيڪ هيون. پوءِ هو ملڪن ۾ دربدر رلنديون رهيون. (ڏسو) هنن لاءِ ڇڄي ڇڻڻ جي ڪا جاءِ بہ هئي؟ (۳۷) بيشڪ انهيءَ ۾ وڏي نصيحت آهي انهيءَ ماڻهو لاءِ جيڪو (سالم ۽ سمجهہ واري) دل رکندڙ هجي يا (حق جون ڳالهيون ٻڌڻ لاءِ خيال سان) ڪن ڏئي، ۽ (سمجهڻ بعد حق جي) شاهدي ڏئي. (۳۸) ۽ هيءَ حقيقت آهي تہ اسان آسمانن، زمين کي ۽ جيڪي بہ انهن جي وچ ۾ آهي تنهن کي ڇهن ايامن ۾ خلقيو ۽ اسان کي ذرو بہ ٽڪ کونہ ٽيو. (پوءِ اسان جي لاءِ اهو ڪم بلڪل سولو آهي تہ ماڻهن کي وري جيئرو ڪري اٿاريون). (۳۹) پوءِ (اي پيغمبر اهي ماڻهو ايمان نٿا آڻين تہ خيال نہ ڪر) جيڪي هي ماڻهو ٻڪندا رهن ٿا تنهن کي صبر سان سهندو رهہ ۽ پنهنجي پروردگار جي حمد ۽ ثنا ڪندو رهہ، سج اپرڻ کان اڳي ۽ پڻ سج لهڻ کان اڳ ۾. (۴۰) رات جي ڪجهہ حصي ۾ بہ سندس شان ۽ پاڪائي بيان ڪندو رهہ ۽ پڻ سجدن کان پوءِ (يعني هر وقت الله ۽ سندس حڪمن کي ياد رک ۽ انهن جي تعميل ڪر). (۴۱) ۽ انهيءَ ڏينهن لاءِ ڪن لڳائي رک جنهن ڏينهن سڏ ڪندڙ ڪنهن ويجهي جاءِ کان سڏ ڪندو. (۴۲) جنهن ڏينهن ماڻهو في الحقيقت وڏو ڏڏڪو ٻڌندا، اهو هوندو وري اٿڻ وارو (قيامت جو) ڏينهن. (۴۳) يقيناً اسان ئي حياتي ڏيون ٿا ۽ اسان ئي موت آڻيون ٿا ۽ اسان ڏي ئي سڀني کي موٽي اچڻو آهي. (۴۴) انهيءَ ڏينهن زمين هنن کان تڪڙي تڪڙي ڦاٽي پوندي. اهو ٽيندو حشر (يعني سڀني ماڻهن جو هڪ هنڌ گڏ ٽيڻ) (ماڻهن کي جمع ڪرڻ) اسان جي لاءِ بلڪل سولو آهي. (۴۵) (اي پيغمبر!) جيڪي جيڪي هي ماڻهو چون ٿا سو اسان چگهيءَ طرح ڄاڻون ٿا. تون انهن سان زور زبردستي ڪرڻ وارو نہ آهين. سو تون قرآن مجيد جي وسيلي انهن ماڻهن کي نصيحت ڪندو رهہ جيڪي منهنجي (عذاب جي) واعدي کان ڊڄن ٿا.

سورت الذريت

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي.

رڪوع ۱ آيت ۱ ـ تا ـ ۲۳

ڪامياب اهي ٽيندا جيڪي الله جي حڪمن تي هلن ٿا ۽ گهرج وارن جي مدد ڪن ٿا.

(۱) قسم آهي انهن هوائن جو جي (ڇڻن ۽ ڪڪرن وغيره کي) اڏائي پکيڙيندين رهن ٽيون. (۲) وري انهن هوائن جو قسم آهي جي (مينهن جو) بار کڻي وڃن ٽيون. (۳) وري قسم آهي

انهن هوائن جو جي آسائي ۽ آرام سان گهلن ٿيون (يعني اهي هيرون جيڪي سڙهن وارين پيڙين يا جهازن کي هلائين ٿيون يا خود جهاز، جيڪي پاڻيءَ تي آسانيءَ سان هلندا رهن ٿا) (٤) وري قسم آهي (هوائن يا جهازن) جو جي خدا جي حڪم مطابق مينهن، رزق، علم، عقل، هنر وحي جو پيغام وغيره) ورهائيندا رهن ٿا. (٥) تہ يقيناً جنهن ڳالهہ جو واعدو اوهان سان ڪيل آهي سو بلڪل سچو آهي. (٦) ۽ يقيناً عملن جو بدلو (هن دنيا ۾ توڙي آخرت ۾) ضرور واقع ٿيندو ۽ ظهور ۾ ايندو. (٧) قسم آهي آسمان جو جنهن ۾ (سيارن تارن وغيره جا) مقرر رستا آهن (۽ ساري ڪائنات جو نظام وحدت ڏيڪاري ٿو). (٨) (پر افسوس) اوهان (انسان) مختلف قولن ۽ عقيدن ۾ پئجي ويا آهيو (۽ جهيڙا جهگڙا ٿا ڪيو، جيڪڏهن قرآن تي محڪم رهو تہ اوهان ۾ بہ وحدت قائم ٿي وڃي). (٩) انهيءَ (وحدت واري حق) کان انهن کي هٽايو وڃي ٿو جيڪي (سندن ڏي خود غرضي ۽ ڪوڙن ڏاهن سبب حق کان) محروم ڪيل آهن. (١٠) مصيبت پوندي انهن تي جيڪي ڪوڙا ڏاهہ ڏاهيندڙ آهن. (١١) جيڪي (پنهنجي) غفلت سبب مونجهاري جي بحر ۾ ٽاڪوڙا هڻي رهيا آهن. (١٢) اهي (منجهيل ماڻهو) پڇن ٿا تہ، پلا بدلي جو يعني جزا ۽ سزا جو ڏينهن ڪڏهن اچڻو آهي. (١٣) (انهن کي جواب ڏي تہ) سندن (عذاب جو) ڏينهن اهو ٿيندو جنهن ڏينهن هنن کي (لڙائي، وبا يا ڪنهن آسماني آفت جي) باهہ ۾ آزمائيو ويندو. (١٤) (ان وقت کين چيو ويندو تہ، هاڻي) پنهنجي فتني جو مزو چکو. اهو اڳوَ اهو (عذاب) جنهن جي اچڻ لاءِ توهان تڪڙ لاتي هئي (تہ جلد اچي). (١٥) يقيناً متقي ماڻهو (خدا جا پرهيزگار ٻانها) باغن ۾ ۽ وهندڙ چشمن جي وچ ۾ هوندا (يعني هن ڏي دنيا ۾ باغن ۽ چشمن جا وارث ۽ مالڪ ٿيندا). (١٦) جيڪي سندن پروردگار کين ڏيندو سو خوشيءِ سان وٺندا ۽ ماڻيندا (الله تعاليٰ هنن کي اهي نعمتون باغ وغيره ۽ ڪاميابي ڏيندو) ڇو تہ هو ان کان اڳي (مشڪلاتن ۽ تڪليفن ۾ بہ) نيڪ عمل ڪندڙ هئا (۽ ٻين سان پلائيون ڪندڙ هئا). (١٧) (ان کان سواءِ) رات منجهان تورو حصو ننڊ ڪندا هئا، (باقي وقت خدائي حڪمن کي ياد ڪرڻ ۽ غور ۽ فڪر ڪرڻ، نيڪ ۽ ضروري ڪمن جي رٽن ڏاهڻ ۾ صرف ڪندا هئا.) (١٨) ۽ اسر جي وقت (يعني پريات کان بہ ٿورو اڳي يا پريات وقت) خدا کان مغفرت گهرندا رهندا هئا (يعني تدبيري ڪوتاهين جي نتيجن کان پناهہ گهرندا هئا). (١٩) ۽ سندن مال ملڪيت ۾ گهرندڙن توڙي نہ گهرندڙن (مسڪينن ۽ گهرج وارن) جو حق هو (يعني اهي متقي محتاجن تي ٿورو ڪونہ لاڻيندا هئا، پر سندن حق سمجهي کين ڳولي ڳولي هر طرح جي مدد ڪندا هئا). (٢٠) (هن رڪوع ۾ متي بيان ڪيل ڳالهين ۾ مؤمنن لاءِ وڏيون نشانيون آهن) ۽ زمين ۾ بہ يقين رکندڙ لاءِ (يعني يقيني علم وارن لاءِ) وڏيون نشانيون رکيل آهن. (٢١) ۽ خود اوهان جي جانين ۾ بہ (وڏيون نشانيون موجود آهن) ڇا توهان اهي نٿا ڏسو؟ (٢٢) ۽ آسمان ۾ اوهان جو رزق آهي ۽ پڻ اهو بہ آهي جنهن جو اوهان کي واعدو ڏنل آهي. (٢٣) سو قسم آهي آسمان ۽ زمين جي

پروردگار جو ته يقيناً هي (قرآن يا عملن جي بدلي جو ملڻ) ضرور حق آهي ۽ اهڙوئي حق آهي جهڙي هيءَ حقيقت ته توهان هڪ ٻئي سان (سمجهڻ ۽ سمجهائڻ واريون) ڳالهيون ڳالهائي سگهو ٿا (۽ لفظن جي وسيلي علم ۽ حيقتون سيکاري سگهو ٿا).

رکوع ۲ آيت ۲٤ ـ تا ـ ٤٦

اڳين ڪافر قومن جي بربادي‌ءَ جا مثال.

(۲٤) (اي پيغمبر!) تو وٽ حضرت ابراهيم جي معزز مهمانن جو قصو پهتو آهي؟ (يعني توکي اهو قصو ٻڌايل آهي؟) (۲۵) جڏهن اهي (مهمان) حضرت ابراهيم وٽ لنگهي اندر آيا، تڏهن چيائون ته سلامتي هجي (توتي) حضرت ابراهيم به جواب ۾ ساڳي دعا ڪئي. ۽ (هنن جي غير معمولي شڪل ۽ نمونو ڏسي خيال ڪيائين ته) هي ته ڪي بلڪل غيرمعمولي ماڻهو آهن. (في الحقيقت هو فرشتا هئا ۽ الله تعاليٰ هنن کي انسانن جي صورت ۾ آڻي موڪليو هو). (۲٦) پوءِ حضرت ابراهيم پنهنجي گهر جي ماڻهن ڏي تڪڙو ويو ۽ (هڪدم) گيهه ۾ ٻڪل گابو ڪڍي آيو. (۲۷) ۽ هنن جي اڳيان ويجهو ڪري رکيائين (ته مهمان کائين). ڪين چيائين ته ڇو نٿا کائو. (۲۸) (پر هنن کائڻ لاءِ هٿ ئي نه وڌايو) سو هنن بابت منجهس خوف پيدا ٿيو. هنن (سندس خوف ڏسي) چيو ته (اي حضرت ابراهيم) ڊڄ نه (اسان خدا وٽان توڏي موڪليل فرشتا آهيون) پوءِ هنن کيس خوشخبري ڏني ته توکي هڪڙو پٽ ڄمندو جيڪو علم وارو هوندو. (۲۹) (حضرت ابراهيم جي بيبي سڳوري اها ڳالهه اندران ٻڌي ورتي) سو هوءَ ڏاڍيان ڳالهائيندي اڳتي وڌي آئي ۽ پنهنجي نرڙ ڏي ڏڪ هنيائين ۽ چيائين ته (مان ته بلڪل) ٺيٺ پوڙهي آهيان (مون کي پٽ وري ڪيئن ڄمندو؟) (۳۰) هنن (فرشتن) کيس چيو ته تنهنجي پروردگار ائين ئي فرمايو آهي. (سو ضرور ائين ٿيندو توڙي تون ڏُهور پوڙهي آهين). بيشڪ هو وڏي حڪمت وارو ۽ سڀ ڪجهه ڄاڻندڙ آهي (۽ سڀ ڪجهه ڪري ٿو سگهي).

حصو ستاويهون

(٣١) حضرت ابراهيم چيو تہ، اي خدا جا موڪليل (فرشتو! هاڻي ٻڌايو تہ) توهان ڪهڙي ڪم لاءِ موڪليا ويا آهيو. (٣٢) هنن جواب ۾ چيو تہ، اسان هڪڙي سخت گنهگار قوم جي ماڻهن ڏي موڪليا ويا آهيون. (٣٣) انهيءَ لاءِ تہ مٽن پڪل پٿر وسايون. (٣٤) جي (پٿر) تنهنجي پروردگار وٽان انهن ماڻهن لاءِ نشان ڪيل ۽ مقرر ڪيل آهن جيڪي گناهن ۾ ليڪو لنگهي ٻيٻا آهن. (يعني سدوم ۽ غموره جي ماڻهن تي پٿر وسائينداسين. جيڪي حضرت لوط کي نٿا مڃين. پوءِ هو هليا ويا). (٣٥) سو (آخر اسان ڇا ڪيو جو ان سدوم جي شهر ۾) جيڪي مؤمن هيا تن کي (اڳ ئي شهر مان) ٻاهر اماڻي ڇڏيوسين. (٣٦) پر اسان ان شهر ۾ هڪڙي گهر کان سواءِ ڪٽي ٻ مسلمان ڪونہ ڏٺا. (اسان ٻيا سڀ گهر تباهہ ڪيا ۽ خود حضرت لوط جي زل کي ٻ تباهہ ڪيوسين.) (٣٧) ۽ (اهڙيءَ طرح) اسان ان ۾ انهن ماڻهن لاءِ (هميشہ جي) نشاني ڇڏي جيڪي دردناڪ عذاب کان ڊڄندڙ آهن. (٣٨) ۽ (پي عبرت جي نشاني) حضرت موسيٰ جي قصي ۾ آهي. ڏسو اسان هن کي فرعون ڏي چٽي سند ۽ روشن دليلن سان موڪليو. (٣٩) پر هن پنهنجي سردارن سميت (حق کان) منهن موڙيو ۽ چيائين تہ هي تہ (ڪوڙو) جادوگر يا ديوانو آهي. (٤٠) سو اسان هن کي ۽ سندس لشڪرن کي پڪڑيو ۽ ڪين سمنڊ ۾ اڇلائي ڇڏيو (۽ پوڙي ماريو) ۽ هو بيشڪ ڏوهي هو. (۽ انهيءَ سزا جو لائق هو). (٤١) ۽ عاد قوم جي ماڻهن (جي تباهيءَ) ۾ (ٻ عبرت جي نشاني رکيل آهي) ڏسو اسان هنن جي مٿان ناس ڪندڙ طوفان موڪليو. (٤٢) جنهن ٻ شيءِ جي مٿان لنگهيو، تنهن کي خاڪ ڪرڻ کان سواءِ نہ ڇڏياٿين. (٤٣) ۽ ثمود جي قوم جي ماڻهن (جي قصي) ۾ ٻ (وڏي نشاني آهي) ڏسو! هنن کي چيو ويو تہ ٿوري وقت لاءِ موجون ماڻي وٺو (پوءِ تباهہ ٿيندؤ، جيڪڏهن حق جي راهہ تي نہ ايندؤ). (٤٤) پر هنن هٽ (۽) وڏائي سان پنهنجي پروردگار جي حڪم جي مخالفت ڪئي. سو هنن جي ڏسندي ڏسندي (زلزلي جي) ڏهڪاءَ هنن کي پڪڑي ورتو. (٤٥) پوءِ هو رڳو بيهي ٻ نہ سگهيا، نڪي پنهنجي ڪا مدد ڪري سگهيا. (٤٦) ۽ انهيءَ (واقعي) کان اڳي حضرت نوح جي قوم جي ماڻهن کي ٻ (اسان سندن نافرمانيءَ جي ڪري تباهہ ڪيو هو) ڇو تہ يقيناً اهي ماڻهو نافرماني ۽ بدڪاريءَ ۾ حد ڪان ٻاهر نڪري ويا هئا.

رڪوع ٣ آيت ٤٧ ـ تا ـ ٦٠

آسمان جي وسعت مان الله تعاليٰ جي قدرت جو اندازو لڳايو.

(٤٧) ۽ اسان آسمان کي وڏي قدرت ۽ ڪاريگريءَ سان بنايو آهي. بيشڪ اسان ڪائنات کي بي انت ڪشادگي ڏني آهي. (٤٨) ۽ زمين کي اسان پکيڙي ڇڏيو آهي. سو ڏسو تہ اسان ڪهڙا نہ چڱا پکيڙيندڙ آهيون. (٤٩) ۽ اسان هرهڪ شيءِ کي جوڙن ۾ خلقيو آهي، (يعني نر ۽ مادي يا

واڌو بجلي ۽ ڪاٽو بجلي يا ڏينهن ۽ رات وغيره وغيره) انهيءَ لاءِ تہ توهان (انهن ڳالهين جو علم حاصل ڪري، انهن تي غور ۽ فڪر ڪري) نصيحت وٺو (۽ انسانيت جي معراج تي پهچو.) (۵۰) سو (ايڏي قدرت واري ۽ رحيم) الله ڏي تڪڙا ٿي پوڄو. يقيناً مان (محمد ﷺ) وٽائنس اوهان ڏي چٽو چٽو خبردار ڪندڙ ٿي آيو آهيان. (۵۱) ۽ الله سان گڏ ٻئي ڪنهن کي معبود نہ بنايو. يقيناً مان (محمد ﷺ) وٽائنس اوهان ڏي چٽو چٽو خبردار ڪندڙ ٿي آيو آهيان. (۵۲) (جهڙيءَ طرح توکي اي پيغمبر هي ماڻهو جادوگر يا مجنون ٿا سڏين، تهڙيءَ طرح) جڏهن جڏهن، هنن ماڻهن کان اڳي گذري ويل ماڻهن ڏي ڪوبہ پيغمبر ٿي آيو، تڏهن تڏهن ڪيس جادوگر (يا ڪوڙو) يا مجنون (يعني ديوانو) سڏيندا هئا. (۵۳) ڇا هو هڪ ٻئي کي (پوين لاءِ) اهائي وصيت ڪندا رهيا آهن؟ حقيقت هيءَ آهي تہ اِهي اُهي ماڻهو آهن جيڪي سرڪشيءِ ۾ حدن کان ٻاهر لنگهي چڪا آهن. (۵۴) سو (اي پيغمبر!) تون هنن (ڪافرن) کان منهن موڙي ڇڏ، (ڇو تہ انهيءَ حالت ۾) تون بي ميار آهين. (۵۵) پر (تنهن هوندي بہ) نصيحت ڪندو رهہ (۽ اسلام جي تبليغ ڪندو رهہ) ڇو تہ ايمان وارن کي نصيحت (۽ اسلام جي تعليم) وڏو فائدو ٿي پهچائي. (۵۶) ۽ مون جنن توڙي انسانن کي فقط هن لاءِ خلقيو آهي تہ هو منهنجي ٻانهپ ڪن (۽ پين جي غلاميءَ کان بچي انسانيت جي معراج تي پهچن). (۵۷) (مان جو حڪم ٿو ڏيان تہ منهنجي ٻانهپ ڪن سو ان ۾ منهنجو ڪو ذاتي غرض ڪونهي مان تہ غني آهيان) مان ڪو هنن (جنن ۽ انسانن) کان مال رزق (وٺڻ) ڪونہ ٿو چاهيان، نڪي مان چاهيان ٿو تہ مون کي هو ماني کارائين. (۵۸) يقيناً الله ئي آهي جو (پاڻ ٻين کي) مال رزق ڏيندڙ آهي. وڏي طاقت ۽ قدرت وارو آهي ۽ (دائما) محڪم ۽ مستقل آهي. (۵۹) سو يقين ڄاڻو تہ جن ماڻهن ظلم جي واٽ اختيار ڪئي آهي تن جي نصيب ۾ اهڙو ئي عذاب مقرر ٿيل آهي، جهڙو سندن (اڳوڻن ظالم) ساٿين لاءِ ظهور ۾ آيو هو. سو انهن کي گهرجي تہ مون سان اها تڪڙ نہ لائن (تہ اسان تي جلد عذاب آڻ تہ ڏسون تہ سهي). (۶۰) سو جن ڪفر جي واٽ ورتي آهي تن جي لاءِ وڏي مصيبت ٽيندي، سندن (عذاب واري) ڏينهن جي جنهن جو ساڻن واعدو ڪيل آهي.

سورت الطُّورِ

بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي.

رڪوع ۱ آيت ۱ ـ تا ـ ۲۸

عملن جو بدلو ملڻ جي حقيقت.

(۱) طور شاهد آهي. (۲ ۽ ۳) ۽ (خدائي) ڪتاب شاهد آهي جو لکيل آهي ۽ ڪليل اڻ ويڙهيل ڪاغذ تي آهي (جنهن ڪري هرڪو پڙهي ٿو سگهي). (۴) ۽ آباد گهر (الله جو) پڻ شاهد آهي.

(۵) ۽ (آسمان جي بي انتها) اونچي ۽ بلند چت ۾ شاهد آهي. (٦) ۽ لهرون هٹندڙ سمنڊ ۾ شاهد آهي ته، (۷) (اي پيغمبر!) تنهنجي پروردگار جو عذاب يقيناً ضرور اچڻو آهي. (۸) ان کي کو ۾ ڪاري ڪوڻ سگهندو. (۹) انهيءَ ڏينهن آسمان سخت ڏرڻلي ۾ اچي ويندو (وڏو انقلاب برپا ٿي ويندو). (۱۰) ۽ (ايتري قدر ڏرڻلو ٿيندو جو خود) جبل ۾ هيڏي هوڏي پڇندا رهندا. (۱۱) سو (يقين ڄاڻو ته) انهيءَ ڏينهن (يعني انقلاب واري زماني ۾) حق کي نه مجيندڙن لاءِ مصيبت مچي ويندي (۽ تباهيءَ کي اکين آڏو ڏسندا). (۱۲) جيکي بيهودين (عيش عشرتن) ۾ کيل تماشا ڪري رهيا آهن. (۱۳) انهيءَ ڏينهن کين جهنم جي باهه ڏانهن سختيءَ سان ڌکيو ويندو. (۱٤) (۽ کين چيو ويندو ته) هيءَ اٽو اها باهه جنهن کي توهان کوڙو ڪوڙهرائيندا هئو (يعني توهان چوندا هئو ته، خالي دڙڪا آهن. اسان تي عذاب کوڻ ايندو. اسان زور وارا ماڻهو آهيون.) (۱۵) (کين هي ۾ چيو ويندو ته) پوءِ ڇا هي سڀ کوڙو ڪاهه آهي؟ يا هيئن آهي ڇا ته توهان (انڌا آهيو ۽) ڏسي نٿا سگهو. (۱٦) (هاڻي) سڙو انهيءَ باهه ۾، هاڻي صبر ڪيو يا (روڄ راڙو ڪيو ۽) صبر وڃائي ويهو، اوهان جي لاءِ ساڳي ڳالهه آهي (هاڻي نڪي صبر مان ڪجهه ورندو، نڪي روڄ راڙي مان ڪجهه ورندو) جيکي جيکي عمل توهان ڪندا هئو، تنهن جو ڏي بدلو اوهان کي ملي رهيو آهي (نه گهٽ نه وڌ. اوهان سان ڪجهه ۾ بي انصافي ڪانه ڪئي ويئي آهي.) (۱۷) يقيناً متقي (پرهيزگار) ماڻهو باغن ۾، وڏين نعمتن ۽ خوشين ۾ رهندا. (۱۸) جيکي (نعمتون) سندن پروردگار کين عطا ڪندو سي وڏي خوشيءِ سان ماڻيندا. ۽ سندن پروردگار کين جهنم جي عذاب کان (يا انقلاب جي مصيبتن کان) بچائي وٺندو. (۱۹) (۽ کين چيو ويندو ته) پنهنجن نيڪ عملن جي بدلي ۾ (هاڻي) مزي سان (۽ امن امان ۾) کائو پيئو. (۲۰) هو قطارن ۾ رکيل (شاندار) کوچن تي ٽيڪ ڏيئي ويهندا ۽ اسان کين وڏين ۽ چمڪندڙ اکين وارن سنگتين سان ملائينداسين. (۲۱) ۽ جن ماڻهن ايمان آندو ۽ جيکي سندن اهل اولاد جا ماڻهو ايمان ۾ بابت سندن نقش قدم تي هليا (يعني سندن روش اختيار ڪياڻون) تن سيني کي اسان هڪ ٻئي سان ملائينداسين، ۽ سندن عملن (جي بدلي ۾ مليل نعمتن) مان اسان ڪجهه به نه گهٽائينداسين، هرهڪ شخص پنهنجي ئي عملن جو پورو پورو نتيجو پائيندو. (۲۲) ۽ اسان هنن کي ميوا ۽ گوشت ڏيندا رهنداسين، اهڙا جهڙا هو چاهيندا ۽ پسند ڪندا. (۲۳) هو ان (بهشت) ۾ اهڙو پيالو (شربت جو) هڪ ٻئي ۾ ڏيرائيندا رهندا جنهن ۾ ڪابه بيهودگي (يعني نشو وغيره) کوڻ هوندو، نڪي ان ۾ ڪا گناهه جهڙي ڳالهه هوندي. (۲٤) ۽ هنن جي چوڌاري سندن (خدمت لاءِ سهڻا) چوڪرا ۽ نوجوان ڦرندا رهندا، جيکي لڪايل موتين وانگر (چمڪندڙ، بي داغ معصوم) هوندا. (۲۵) ۽ اهي (جنتي ماڻهو خوشي ۽ محبت ۾) هڪ ٻئي ڏانهن وڏي ايندا ۽ هڪ ٻئي کان (عجيب عجيب) سوال پڇندا (۽) (۲٦) چوندا ته، اسان اڳي پنهنجي ماڻهن (۽ اهل اولاد) بابت ڊڄندا هئاسين (ته مرڻ کان پوءِ خبر ناهي ته وري ملنداسين

يا نہ). (٢٧) پر الله تعاليٰ اسان تي وڏو احسان ڪيو آهي ۽ اسان کي (جهنم جي) سزاءَ بندڙ هوا جي عذاب کان بچائي ورتو آهي. (٢٨) سچ پچ اسان اڳي الله تعاليٰ کي (پنهنجي مغفرت لاءِ) پڪاريندا هئاسين، سچ پچ هو ڏاڍو مهربان ۽ وڏي رحم وارو آهي.

رڪوع ٢ آيت ٢٩ ـ تا ـ ٤٩

اي پيغمبر تون منهنجو پيغام پهچائيندو رَهُ.

(٢٩) سو (اي پيغمبر!) تون نصيحت ڪندو رهه. چو تہ خدا جي فضل سان تون نڪي منتري جوڳي آهين ۽ نڪي ديوانو آهين. (ڪافر تو تي اهي ۽ ٻيا نالا ٿا رکن پر تون پرواهہ نہ ڪر). (٣٠) يا اهي (ڪافر تنهنجي بابت) هيئن ٿا چون، چا تہ هو شاعر آهي، جنهن لاءِ اسان زماني جي ڪنهن آفت جو انتظار ڪري رهيا آهيون. (٣١) (اي پيغمبر تون کين) چئو تہ، پلي ترسو، مان بہ توهان سان گڏ ترسڻ ۾ انتظار ڪرڻ وارو آهيان. پاڻهي ڏسندو تہ حق غالب پوندو). (٣٢) يا هيئن آهي چا تہ، سندن عقل ۾ سمجهہ کين اهائي ڳالهہ ٿي سيکاري؟ (نہ نہ! هو عقل تہ هلائين ئي ڪونہ ٿا) يا هيئن آهي چا تہ هو اهڙا ماڻهو آهن جيڪي (ضد ۽ خود غرضيءَ سببان ظلم جي راهہ ۾) حدن کان ٻاهر نڪري ويا آهن؟ (حقيقت اها ئي آهي). (٣٣) يا هئين ٿا چون چا تہ هن (يعني حضرت محمد ﷺ) پنهنجو ناهہ ناهيو آهي؟ (۽ خدا هن ڏي وحي ڪونہ ٿو موڪلي) پر حقيقت هيءَ آهي تہ هنن کي ايمان يا يقين آهي ئي ڪونہ، (هو رڳو گمانن ۽ وهمن ۾ ٽاڪوڙا پيا ٿا هڻن.) (٣٤) (جيڪڏهن ائين ٿا سمجهن تہ قرآن الله جو ڪلام ناهي ۽) جيڪڏهن پنهنجي دعويٰ ۾ سچا آهن تہ پلا اهڙي قسم جو ڪلام ٺاهي آڻي ڏيکارين تہ سهي. (اهڙو ڪلام اڄ تائين ڪوبہ ناهي نہ سگهيو آهي.) (٣٥) يا هيئن آهي چا تہ، هو عدم مان پنهنجو پاڻ پيدا ٿي پيا آهن يا پاڻ ئي خالق آهن؟ (٣٦) يا هيئن آهي چا تہ هنن پاڻ آسمانن ۽ زمين کي خلقيو آهي؟ نہ نہ! حقيقت هيءَ آهي تہ هنن کي (علم ۽) يقين (ئي) ڪونهي. (٣٧) يا هئين آهي چا تہ، تنهنجي پروردگار جا خزانا هنن وٽ آهن؟ يا (جهان جي ڪاروبار جا) داروغا يا مٿيجر پاڻ آهن؟ (٣٨) يا وٽن ڪا ڏاڪ آهي چا (جنهن تي چڙهي) هو (خدائي راز ۽ حقيقتون) ٻڌي ٿا اچن؟ جيڪڏهن ائين آهي تہ هنن مان ڪوبہ ٻڌندڙ چٽي چٽي ثابتي تہ پيش ڪري. (پر ائين هرگز ناهي.) (٣٩) يا (هيئن ٿا سمجهو چا تہ) الله کي تہ ڌيئر آهن (جن جو جمڙ پاڻ لاءِ پسند ڪونہ ڪندا آهيو) باقي پنهنجي لاءِ پٽ (ٿا چاهيو)؟ (٤٠) يا (اي پيغمبر! هيئن آهي چا تہ) تون کانئن اجورو گهربن ٿو (۽ وڏيون رقمون وٺين ٿو) جنهن جي ڪري هو قرض جي بار هيٺ اچي ويا آهن؟ (٤١) يا (هيئن آهي چا تہ) هنن وٽ غيب (جي حقيقت اچي وئي) آهي جن کي هو لکندا ٿا وڃن؟ (٤٢) يا (هيئن آهي چا تہ) هو (تنهنجي خلاف) ڪو منصوبو ٺاهي رهيا آهن؟ پر حقيقت هيءَ آهي تہ ڪافر پاڻ (خدائي عذاب جي) تجويزن ۾ ڪوڙجي ويا

آهن (۽ پاڻ تباهه ٿيندا). (٤٣) يا (هيئن آهي چا تہ) هنن جي لاءِ الله تعاليٰ کانسواءِ کوبہ ٻيو معبود آهي؟ (نہ نہ!) الله تعاليٰ پاڪ ۽ گهڻو بلند آهي، اهڙين شرڪ جي ڳالهين کان جي هو ڪندا رهن ٿا. (٤٤) ۽ جيڪڏهن هو آسمان مان ڪو ٽڪرو ڪرندو ڏسندا تہ (اڻين ڪونہ سمجهندا تہ اسان تي ڪا آسماني آفت اچي رهي آهي، پر) هو (هيئن پيا) چوندا تہ اهو گهاتو ڪڪر آهي (جو مينهن وسائيندو ۽ اسان جو ملڪ آباد ڪندو، جيئن عاد قوم جي ماڻهن سمجهيو هو.) (٤٥) سو (اي پيغمبر!) تون کين ڇڏي ڏي تان جو هو اهو پنهنجو ڏينهن اکين سان ڏسن، جنهن ۾ بيهوش ٿي ويندا. (جيئن بجليءَ جو شاڪ بيهوش ڪري ڇڏيندو آهي.). (٤٦) انهيءَ ڏينهن سندن حيلا ۽ تجويزون کين ڪجهہ بہ ڪم نہ ايندیون، نڪي هنن کي ڪا مدد ملندي. (٤٧) ۽ يقيناً ظالمن کي هن (دنيائي عذاب) کان سواءِ ٻيو (آخرت وارو) عذاب بہ ڏنو ويندو، پر هنن مان گهڻا انهيءَ حقيقت کان بي خبر آهن. (٤٨) سو (اي پيغمبر!) تون پنهنجي پروردگار جي حڪم لاءِ صبر ۽ ثابت قدميءَ سان ترس. يقيناً تون اسان جي اکين جي سامهون آهين، (اسان جي تو تي شفقت جي نظر آهي، اسان توکي هنن دشمنن کان بچائيندا سين ۽ ڪامياب ڪنداسين) ۽ تون جڏهن جڏهن (نماز لاءِ يا ڪنهن اهم ڪم لاءِ) اٿي ڪڙو ٿئين تڏهن تڏهن پنهنجي پروردگار جي حمد ۽ ثنا ڪندو رهہ. (٤٩) ۽ رات جو ڪجهہ حصو بہ الله تعاليٰ جي پاڪائي ۽ شان بيان ڪر ۽ گذار ۽ تارن جي لهڻ کان پوءِ بہ (يعني فجر جي وقت بہ) پاڪائي ۽ شان بيان ڪندو رهہ.

سورت النّجمِ

بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي.

رڪوع ١ آيت ١ ـ تا ـ ٢٥

حضرت محمد ﷺ جن جي روحاني ترقي جو مشاهدو اسان انسان نٿا ڪري سگهون.

(١) بلنديءَ تي پهچي پوءِ لهڻ وارو تارو (جو هميشہ اوهان کي طرف ۽ وات ڏيکاريندو آهي سو هن حقيقت تي) شاهد آهي تہ، (٢) اوهان جو رفيق (حضور ﷺ) نڪي غلط راهہ تي هلي رهيو آهي، نڪي پلجي ويو آهي. (٣) هو ازخود پنهنجي خواهش موجب (دين جون ڳالهيون) ڪونہ ٻڌائي رهيو آهي.) (٤) اهو تہ فقط خدا وٽان موڪليل وحي آهي (جو هو توهان تائين پهچائي ٿو).(٥) جو وحي انهيءَ زبردست طاقت جي مالڪ (جبرائيل) کيس سيکاريو آهي جو، (٦) قوت وارو آهي. سو هو (غار حرا وٽ) سڌو سامهون آيو. (٧) جڏهن اهو آسمان جي مٿئين ڪناري تي هو. (٨) پوءِ هو ويجهو ٿيو ۽ لهي آيو. (٩) تان جو ٻن ڪمانن جو مفاصلو وڃي

رهيو، بلڪ اڃا بہ ويڇهو ٽيو. (١٠) (انهيءَ حد کي پهچڻ کان) پوءِ (هُن) الله تعاليٰ جي ٻانهي کي اُهو وحي پهچايو جو ڪيس پهچائڻو هو. (١١) (حضور ڪريم ﷺ) جيڪي ڏٺو تنهن جي سمجهڻ ۾ سندس دل ڪوتاهي ڪانہ ڪئي. (١٢) پوءِ ڇا توهان ساڻس ان ڳالهہ بابت جهڳڙو ٿا ڪيو جا ڳالهہ هن پنهنجي اکين سان ڏٺي آهي؟ (١٣) ۽ يقيناً هن ان کي هڪڙي ٻئي وقت بہ ڏٺو (ڪٿي؟) (١٤) سدرة المنتهيٰ وٽ (جنهن کان اڳتي ڪوبہ وڌي نٿو سگهي). (١٥) ان جي ويجهو اها جنت آهي جو رهڻ جو هنڌ آهي (انهن لاءِ جي وحي تي عمل ڪندا). (١٦) جڏهن سدرة تي اها شيءِ ڇانئجي ويئي جا ڇانئجڻي هئي. (١٧) تڏهن (حضرت جن جي حقيقت ڏسندڙ) نگاهہ نڪي ٻئي طرف ڦري، نڪي حد کان ٻاهر نڪري ويئي (يعني حضور ڪريم ﷺ جن حقيقت کي پوريءَ طرح سمجهيو، نہ گهٽ نہ وڌ). (١٨) يقيناً هن پنهنجي پروردگار جون وڏيون وڏيون نشانيون ڏٺيون. (١٩) (ڪٿي حضرت جن جو عروج ۽ ڪمال ۽ ڪٿي ڪافرن جو تنزل جو پٿر جي بتن اڳيان ڪريا پيا آهن!) سو ڇا توهان لات ۽ عزيٰ ڏٺا آهن؟ (٢٠) ۽ ٽئين منات کي بہ ڏٺو اٿو؟ (اهي ٽيئي بت عورتن جي شڪلين ۾ آهن.) (٢١) ڇا اوهان (ڪافرن) لاءِ تہ نر آهن، باقي الله جي لاءِ مادیون؟ (يعني اوهان تہ پٽ پسند ڪندا آهيو، پوءِ بتن کي مادیون ڪيئن ٿا بنايو ۽ ڪيئن ٿا سمجهو تہ ڪي ديوتائون مادیون آهن). (٢٢) اهو تہ وڏو بي انصافيءَ جو ورهاڱو آهي. (٢٣) اهي آهن تہ ڪجهہ بہ ڪين، رڳو نالا آهن، جي اوهان ۽ اوهان جي وڏن ڪٽي هنن تي ڏريا آهن جن بابت الله تعاليٰ ڪابہ سند نازل نہ ڪئي آهي. اهي (ڪافر) فقط گمان تي هلي رهيا آهن ۽ جيڪي سندن نفس چاهين ٿا تنهن جي پوئتون لڳي رهيا آهن، اگرچہ هنن وٽ سندن پروردگار وٽان سچي هدايت اچي چڪي آهي. (٢٤) ڇا انسان جنهن بہ شيءِ جي خواهش رکي ٿو سا ڪيس ملي ويندي؟ (نہ نہ سڀ ڪجهہ الله جي هٿ ۾ آهي). (٢٥) سو (ياد رکو تہ) آخرت (جي پلاڻي) توڙي مهڙ واري (دنيا جي پلاڻي) الله جي هٿ ۾ آهي (۽ جنهن کي مناسب سمجهي ٿو تنهن کي ڏئي ٿو).

رکوع ٢ آيت ٢٦ ـ تا ـ ٣٢

ڪبيرا گناهہ ۽ فاحش ڪاريون خدا نٿو بخشي.

(٢٦) ۽ آسمانن ۾ گهٽائي فرشتا آهن، انهن جي شفاعت يا سفارش ڪجهہ بہ فائدو ڪونہ ڏيندي. سواءِ هن حالت جي جو الله تعاليٰ (پاڻ ڪنهن کي) اجازت ڏئي انهيءَ ماڻهوءَ جي (سفارش ڪرڻ) لاءِ جنهن لاءِ چاهي ۽ راضپو ڏيکاري. (اهڙي اجازت کان پوءِ سفارش قبول پئجي سگهي ٿي). (٢٧) جيڪي ماڻهو آخرت ۾ ايمان ئي ڪونہ ٿا رکن سي ملائڪن تي زنانا نالا ٿا رکن. (٢٨) انهيءَ بابت هنن کي ڪجهہ بہ علم ڪونهي. هو فقط گمان جي پوئتان لڳي پيا آهن، ۽ حق جي مقابلي ۾ گمان (ڪنهن بہ ڪم جو) ناهي ۽ ڪجهہ بہ فائدو نہ ڏيندو. (٢٩) سو (اي پيغمبر!) جن ماڻهن اسان جي

نصيحت کان منهن موڙي ڇڏيو آهي ۽ دنيائي زندگيءَ کان سواءِ ٻيو ڪجهہ ٻہ نٿا چاهين تن کان ٽون ٻہ منهن موڙي ڇڏ. (۳۰) هنن جو علم فقط ايستائين (يعني وقتي فائدي يا لذت تائين) پهچي ٿو (هو دور ڏسي نٿا سگهن تہ پوءِ آخر ڪهڙو نتيجو نڪرندو) يقيناً تنهنجو پروردگار ئي چگيءَ طرح ڄاڻي ٿو تہ ڪير سندس راهہ کان گمراهہ ٿي ٻيو آهي، ۽ اهوئي چگيءَ طرح ڄاڻي ٿو تہ ڪنهن سڌي واٽ ورتي آهي. (۳۱) ۽ جيڪي ٻہ آسمانن ۾ آهي ۽ جيڪي ٻہ زمين ۾ آهي سو الله ئي جي قبضي ۾ آهي، انهيءَ لاءِ تہ جن برائيون ڪيون آهن تن کي سندن (بد) عملن جو بدلو ڏئي ۽ جن چگايون ڪيون آهن تن کي سندن چگائين جي بدلي ۾ بهتر چگائيون (۽ نعمتون) ڏئي. (۳۲) جيڪي ماڻهو ڪبيرن گناهن کان ۽ فحش ڪارين کان پري رهن ٿا، پر (ڀل ڇڪ کان) تنهنجو پروردگار بخشڻ ۾ نهايت ئي ڪشادائي ڪرڻ وارو آهي. هو اوهان کي خوب ڄاڻي ٿو، جڏهن کان اوهان کي زمين مان پيدا ڪيائين ۽ جڏهن توهان پنهنجي مائرن جي پيٽن ۾ لڪل هئو، سو توهان پنهنجو پاڻ کي پاڪ نہ سڏايو (۽ ماڻهن تي مڪرن سان اهو اثر نہ ويهاريو تہ اسان وڌا نيڪ آهيون) اهو الله ئي بهتر ڄاڻي ٿو تہ ڪير سچ پچ نيڪ ۽ پرهيزگار آهي.

رڪوع ۳ آيت ۳۳ ـ تا ـ ٦٢

ڪوبہ بار ڪٽندڙ ٻئي جو بار نٿو ڪٽي. هر ڪنهن کي پنهنجي محنت ڪم ايندي.

(۳۳) (اي پيغمبر!) تو انهيءَ ماڻهو کي نہ ڏٺو آهي جنهن (حق کان) منهن موڙي ڇڏيو آهي؟ (۳٤) ۽ جنهن ٿورڙو ڏنو آهي، ۽ (پوءِ دل) سخت ڪئي اٿس، (۽ هٿ) روڪي ڇڏيو اٿس. (۳۵) ڇا، هن وٽ غيب جو علم آهي ڇا جو هو ڏسي ٿو سگهي؟ (تہ آخر ڇا ٿيڻو آهي؟ هرگز نہ! هن کي ڪابہ خبر ڪانهي). (۳٦) هن کي خبر ناهي ڇا تہ حضرت موسيٰ وارن (خدائي) صحيفن ۾ ڇا (فرمايل) آهي؟ (۳۷) ۽ حضرت ابراهيم وارن (خدائي) صحيفن ۾ ڇا (فرمايل) آهي، جنهن (پيغمبر خدائي حڪمن جي) پوري پوري تعميل ڪئي. (۳۸) (انهن صحيفن ۾ فرمايل آهي) تہ ڪوبہ بار ڪٽندڙ ڪنهن ٻئي جو بار ڪٽي نٿو سگهي. (۳۹) ۽ هرهڪ انسان کي فقط اهو ڪم ايندو جيڪو پاڻ پنهنجي ڪوشش ۽ محنت سان ڪيو هوندائين. (٤۰) ۽ يقيناً ڪوشش ۽ محنت (جو نتيجو) ضرور جلد ئي ڏسڻ ۾ ايندو. (٤۱) پوءِ هن کي پورو پورو بدلو ملي ويندو. (٤۲) ۽ يقيناً آخر تنهنجي پروردگار وٽ (سيني کي) پهچڻو آهي. (٤۳) ۽ يقيناً اهوئي آهي جي کلائي ٿو ۽ روئاري ٿو. (٤٤) ۽ يقيناً ماري ٿو ۽ جيئاري ٿو. (٤۵) ۽ يقيناً انهيءَ ئي نر ۽ماديءَ جا جوڙا پيدا ڪيا (ڇا مان؟) (٤٦) هڪڙي منيءَ جي ڦڙي مان جڏهن اهو (مقرر جاءِ تي) پهچايو وڃي ٿو. (٤۷) ۽ يقيناً وري جيئرو ڪري اٽاريڻ سندس ذمي آهي (سو هو ضرور وري اٽاريندو). (٤۸) يقيناً اهوئي آهي جو غني ٿو ڪري ۽ خوش ٿو رکي (٤۹) ۽ يقيناً اهوئي شعري تاري جو پروردگار آهي (جنهن کي جاهل

عرب پوچيندا آهن). (٥٠) ۽ يقيناً انهيءَ ئي پهربن عاد قوم کي تباهه ڪري ڇڏيو. (٥١) ۽ ثمود قوم کي به تباهه ڪري ڇڏيو (ايتري قدر) جو کنهن کي به نه ڇڏيائين. (٥٢) ۽ اڳي حضرت نوح جي قوم کي به (ساڳيءَ طرح تباهه ڪيو هئائين) يقيناً اهي وڏا ظالم ۽ سرڪش هئا. (٥٣) ۽ هن (حضرت لوط وارن سدوم ۽ غموره جي) اونڌي ڪيل شهرن کي به تباهه ڪيو. (٥٤) پوءِ انهن شهرن کي انهن (پٿرن وغيره) ڍڪي پوري ڇڏيو جن (سچ پچ) انهن کي پوري ڇڏيو. (٥٥) پوءِ (اي سرڪش انسان) پنهنجي پروردگار جي ڪهڑين ڪهڑين نعمتن بابت جهڳڑا ڪندو رهندين؟ (٥٦) (رحمان رب جي وڏي نعمت آهي سندس رسول ۽ ڪتاب. سو ياد رکو تہ) هي خبردار ڪندڙ (پيغمبر ﷺ) به اڳوٽن خبردار ڪندڙن (پيغمبرن) مان هڪڙو آهي. (٥٧) (۽ يا رکو تہ) اچڻ وارو (ڏينهن) اجهو آيو کي آيو. (٥٨) ان کي الله کان سواءِ ڪوبه ظاهر ڪري نٿو سگهي (تہ ڪڏهن ايندو ۽ ڇا ٿيندو). (٥٩) پوءِ ڇا توهان هن ڳالهه بابت عجب ۾ پئجي ٿا وڃو؟ (۽ اعتبار نٿا ڪيو؟) (٦٠) ۽ کلو ٿا پيا ۽ روئو نٿا؟ (٦١) ۽ توهان بيهودين ڳالهين ۾ پنهنجو وقت ضايع ڪري رهيا آهيو. (غفلت ڇڏيو خبردار ٿيو). (٦٢) الله تعاليٰ اڳيان جهڪي پئو ۽ سندس ٻانهپ ڪيو (سندس سيني حڪمن جي تعميل ڪيو).

سورت القَمَرِ (معنيٰ: چَنڊُ)

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي.

رڪوع ١ آيت ١ ـ تا ـ ٢٢

منڪرن کي اڳين قومن جي تباهيءَ مان سبق سکڻ گهرجي.

(١) (تباهيءَ جي) گهڙي ويجهي اچي ويئي آهي ۽ چنڊ ڦاٽي پيو آهي. (٢) ۽ هي (ڪافر) جيڪڏهن ڪا نشاني ڏسن ٿا تہ منهن موڙي هليا ٿا وڃن ۽ چون ٿا تہ هي وقتي (يا معمولي) جادو آهي. (٣) هو (حق کي) ڪوڙو ڄهرائين ٿا ۽ پنهنجي نفساني خواهشن جي پٺيان لڳن ٿا. پر (هنن کي يقين رکڻ گهرجي تہ) هر ڪنهن ڳالهه لاءِ وقت مقرر آهي، (سو سندن تباهي به مقرر وقت تي اچي ويندي). (٤) ۽ هيءَ حقيقت آهي تہ هنن (ڪافرن) وٽ گهٽيون ئي خبرون (۽ پيغمبرن جا چتاوَ ۽ اڳوٽين قومن جي تباهيءَ جا احوال) اچي چڪا آهن جن ۾ ڪافي تنبيهه آهي. (٥) (۽ جن ۾ دلين تي اثر ڪندڙ) اعليٰ حڪمت رکيل آهي، پر (افسوس جو هنن ڪافرن کي) خبردار ڪندڙن (پيغمبرن) جون نصيحتون ڪجهه به فائدو ڪونہ ٿيون ڏين. (٦) سو (اي پيغمبر!) هنن (ڪافرن) کي ڇڏي ڏي. جنهن ڏينهن سڏ ڪندڙ (ڪين) سخت اڻ وٽندڙ (عذاب جي) واقعي ڏي سڏيندو.

(۷) تنهن ڏينهن سندن اکيون جهڪيل هونديون ۽ قبرن مان ائين نڪري پوندا جو ڄڻ تہ ٽڏيل پکڙيل ماکڙ آهي. (۸) هو هڪ هنڌ ڪتل اکين سان سڏيندڙ ڏي ڇڪندا ويندا. (ع) ڪافر چوندا تہ هي ڏينهن تہ ڏاڍو سخت آهي! (۹) ڪائنس اڳي نوح جي قوم ٻہ (حضرت نوح جي نصيحت کي) ڪوڙو ٺهرايو. سو هنن اسان جي ٻانهي (حضرت نوح) کي نہ مڃيو ۽ چيائون تہ، هو مجنون (چريو) آهي ۽ هن کي تڙي ڪيڙ جي ڏمکي ڏنائون. (۱۰) سو هن پنهنجي پروردگار کي پڪاريو تہ مان عاجز آهيان، سون منهنجي مدد ڪر. (۱۱) سو اسان آسمان جا دروازا زبردست برسات سان کولي ڇڏيا (ع مينهن پرڻجي پيو). (۱۲) ۽ (ان سان گڏ) زمين مان چشمان ٻہ وهائي ڇڏياسين. سو (آسمان ۽ زمين جو) پاڻي گڏجي پيو ۽ (الله جي) حڪم موجب ٺهرايل حد تائين چڙهيو. (۱۳) ۽ اسان هن کي (يعني حضرت نوح کي سندس ماڻهن سميت) تختن ۽ ڪِلين واري ٻيڙيءَ تي کڻي ورياسين. (۱٤) جا اسان جي اکين اڳيان (اسان جي خاص نظر ۽ سنيال هيٺ) هلڻ لڳي (ع ڪيس سلامت کڻي ويئي) اهو (خاص) بدلو مليو انهيءَ کي جنهن کي ڪافرن نہ مڃيو. (۱۵) ۽ يقيناً اسان ان کي نشانيءَ طور ڇڏيو. پوءِ آهي ڪو جو نصيحت وٺي. (۱٦) پوءِ (ڏسو تہ) منهنجو عذاب ۽ تنبيهہ ڪهڙي نہ سخت هئي. (۱۷) ۽ يقيناً اسان قرآن کي سمجهڻ لاءِ ۽ (ان مان) نصيحت وٺڻ لاءِ آسان ۽ سولو ڪري ڇڏيو آهي. پوءِ آهي ڪو جو نصيحت وٺي! (۱۸) عاد جي قوم ٻہ (پيغمبرن جي تعليم کي) نہ مڃيو ۽ ان کي رد ڪيو، سو (ڏسو تہ) منهنجو عذاب ۽ منهنجي تنبيهہ ڪهڙي نہ سخت هئي. (۱۹) اسان انهن (عاد جي ماڻهن) جي مٿان هڪڙو سخت طوفان اهڙي ڏينهن موڪليو جو سخت نياڻائي ۽ زبردست مصيبت وارو ڏينهن هو. (۲۰) جنهن انهن ماڻهن کي اهڙيءَ طرح پٽي (اڇلائي) ماريو جو ڄڻ تہ هو پاڙون پٽيل کجين جا ٽڻ هئا. (۲۱) سو (ڏسو تہ) منهنجو عذاب ۽ منهنجي تنبيهہ ڪهڙي نہ سخت هئي. (۲۲) ۽ يقيناً اسان قرآن کي سمجهڻ لاءِ (۽ ان مان) نصيحت وٺڻ لاءِ آسان ۽ سولو ڪري ڇڏيو آهي. پوءِ آهي ڪو جو نصيحت وٺي!

رکوع ۲ آيت ۲۳ ـ تا ـ ٤۰

ثمود جي قوم ۽ حضرت لوط عليہ السلام جي قوم جي تباهي.

(۲۳) ثمود جي ماڻهن ٻہ خبردار ڪندڙ (پيغمبرن) کي نہ مڃيو. (۲٤) هنن چيو تہ، ڇا اسان مان هڪڙو انسان، اڪيلوئي اڪيلو! اسان هن جي پيروي ڪيون ۽ سندس تابعدار ٿيون! جيڪڏهن ائين ڪيون تہ گمراهي ۽ چريائيءَ ۾ پئجي ويناسين. (۲۵) ڇا اسان سيني جي وچئون اڇي هن (مڙس) تي (خدائي) پيغام نازل ٿيو آهي؟ (بلڪل نہ) بلڪ هو ڪوڙو ٻڙاڪي آهي. (۲٦) (اي حضرت صالح) هي (نادان) سياڻي ئي ڏسي وٺندا تہ، ڪير ڪوڙو ۽ ٻڙاڪي آهي. (۲۷) اسان ڏاڇي موڪلڻ وارا آهيون جا هنن لاءِ آزمائش آهي. سو تون ترس ۽ ڏس ۽ صبر اختيار ڪر. (۲۸) ۽ هنن کي ٻڌائي ڇڏ تہ پاڻي سندن وچ ۾ ورهايل آهي ۽ هرڪو پنهنجي واري تي

حاضر ٿئي (۽ پنهنجي ڏورن کي پاڻي پياري). (۲۹) پر هنن چا ڪيو جو پنهنجي (هڪ شرير) سنگتيءَ کي سڏيائون، سو هن هڪ تلوار هٿ ۾ کنئي ۽ ان ڏاڇيءَ جا پير ڪپي وڌائين. (۳۰) سو (ڏسو ته) اسان جو عذاب ۽ تنبيهه ڪهڙي نه سخت هئي. (۳۱) اسان هنن جي مٿان هڪڙو اڪيلو سخت ڏڪاءُ نازل ڪيو، ۽ (ان زلزلي ۾) هو واڙ ٺاهيندڙ جي سڪين کائين جهڙا ٿي پيا. (۳۲) ۽ يقيناً اسان قرآن کي سمجهڻ ۽ (ان مان) نصيحت وٺڻ لاءِ آسان ۽ سولو ڪري ڇڏيو آهي. پوءِ آهي ڪو جو نصيحت وٺي؟ (۳۳) حضرت لوط جي قوم به خبردار ڪندڙ (پيغمبرن) کي نه مڃيو. (۳٤) اسان هنن جي مٿان پٿرن جو مينهن وسايو، سواءِ حضرت لوط جي ماڻهن جي. انهن کي اسان اَسُر جي وقت (شهر مان ڪڍي ٻاهر ڪيو ۽ تباهه ٿيڻ کان) بچائي ورتو. (۳۵) اهو (مٿن) اسان جو فضل ٿيو. اسان اهڙيءَ طرح انهن ماڻهن کي چگو بدلو ڏيندا آهيون، جيڪي خدا جي نعمت جو قدر ڪندا آهن (۽ سندس حڪمن تي هلندا آهن). (۳٦) ۽ هيءَ حقيقت آهي ته حضرت لوط هنن کي اسان جي سخت پڪڙ بابت خبردار ڪيو هو، پر هو ان تنبيهه بابت جهڳڑا ڪندا رهيا. (۳۷) ۽ هيءَ به حقيقت آهي ته هو سندس مهمانن کي (بد ارادي سان) ڪائنس ڪسي ڪٽي وڃڻ لڳا. پر اسان سندن اکيون انڌيون ڪري ڇڏيون (۽ اهي مهمان سلامت نڪري ويا ۽ ڪافرن کي چيو ويو ته) هاڻي منهنجي عذاب ۽ تنبيهه جو مزو چکو. (۳۸) ۽ ٻئي ڏينهن صبح جو ئي دائمي (تباهيءَ جو) عذاب مٿن اچي ڪڙڪيو. (۳۹) سو هاڻي چکو منهنجي عذاب ۽ تنبيهه جو مزو. (٤۰) ۽ يقيناً اسان قرآن کي سمجهڻ لاءِ (۽ ان مان) نصيحت وٺڻ لاءِ آسان ۽ سولو ڪري ڇڏيو آهي. پوءِ آهي ڪو جو نصيحت وٺي.

رڪوع ۳ آيت ٤۱ ـ تا ـ ۵۵

فرعون ۽ سندس ماڻهن جي تباهي ۽ قريش کي تنبيهه

(٤۱) ۽ هيءَ حقيقت آهي ته، فرعون جي ماڻهن ڏي به خبردار ڪندڙ (پيغمبر) آيا. (٤۲) پر هنن اسان جي سيني نشانين ۽ حڪمن کي ٺڪرائي ڇڏيو ۽ نه مڃيو. سو اسان به هنن کي اهڙي سخت پڪڙ ڪئي جهڙي زبردست قدرت وارو (الله) ڪندو آهي. (٤۳) (اي قريشيو) توهان جا ڪافر انهن اڳين (ڪافرن) کان (طاقت، علم، هنرن وغيره ۾) بهتر آهن چا؟ (جو پاڻ کي تباهيءَ کان بچائي سگهندا) يا (هيئن آهي چا ته) توهان جي لاءِ خدائي ڪتابن ۾ چوٽڪارو لکجي ويو آهي. (٤٤) يا اهي (مڪي جا ڪافر) هيئن ٿا چون چا ته، اسان وڏي جماعت آهيون ۽ پاڻ کي بچائي سگهنداسين. (نه نه!) (٤۵) جلد ئي هنن جي (وڏي) جماعت شڪست ڏيئي پڇائي ويندي، ۽ هو پٺي ڏيئي پڇي ويندا (جيئن جلد بدر جي جنگ ۾ ٿيو). (٤٦) بلڪ (سندس تباهيءَ جي) گهڙي جنهن جو ڪين واعدو ڪيل آهي سا به مقرر ٿي ويئي آهي، ۽ اها گهڙي تمام سخت عذاب واري ۽ سخت ڪوڙي هوندي. (٤۷) يقيناً (ظالم) گنهگار ماڻهو ئي ڀليل ۽ ديوانا آهن. (٤۸) انهيءَ

ڏينهن هنن کي باهه ۾ منهن ۾ گهليو ويندو (۽ کين چيو ويندو ته هاڻي) باهه جي پڪڙ جو مزو چکو. (٤٩) يقيناً اسان هرهڪ شيءِ کي اندازي ۽ مناسبت تي خلقيو آهي. (٥٠) ۽ اسان جو حڪم (۽ جهان جي هلائڻ جو هرهڪ ڪم) فقط هڪ هوندو آهي، جيئن اک جو ڇنيڻ (هڪ ڏسڻ ۾ ايندو آهي). (٥١) ۽ هيءَ حقيقت آهي ته، اسان اوهان جهڙا (ڪافر) ٽولا تباهه ڪري ڇڏيا، پوءِ آهي ڪو جو نصيحت (۽ عبرت) وٺي (۽ پاڻ سڌاري تباهيءَ کان بچي). (٥٢) ۽ جيڪي جيڪي هو ڪن ٿا سو سڀ (اسان جي) ڪتابن ۾ (لکجي ويو) آهي. (٥٣) ۽ هرهڪ ننڍي توڙي وڏي ڳالهه لکيل آهي. (٥٤) يقيناً پرهيزگار نيڪ ماڻهو باغن ۾ نهرن جي وچ ۾ هوندا. (٥٥) هو سچائيءَ واري مجلس ۾ ويهندا، انهيءَ الله وٽ ويندا جو وڏو شهنشاه ۽ قادر مطلق آهي.

سورت الرّحمٰن

بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي.

رڪوع ١ آيت ١ ـ تا ـ ٢٥

توهان پنهنجي رب جي ڪهڙين ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪري سگهندؤ

(١) رحمان خدا (نهايت ئي ڪريم آهي). (٢) (جنهن اسان کي) قرآن سيکاريو آهي. (٣) (جنهن) انسان کي پيدا ڪيو آهي. (٤) (۽) کيس ڳالهائڻ سيکاريو آهي (۽ سمجهڻ سمجهائڻ جي طاقت ۽ عقل عطا ڪيو آهي). (٥) (سندس پيدا ڪيل) سج ۽ چند مقرر حساب (۽ قانون) سان گردش ڪري رهيا آهن. (٦) ۽ ٻوٽا (گاهه، پاڇيون، وليون وغيره) ۽ وڻ ٽڻ سندس اڳيان سجدو ڪري رهيا آهن (يعني سندس قانونن تي هلي رهيا آهن). (٧) ۽ آسمان کي هن ئي بلند ڪيو آهي، ۽ (قانون عدل ۽ اعتدال جي) تارازي بيهاري اٿس. (٨) انهيءَ لاءِ ته توهان (انسان به سيني دنيائي معاملن ۾ قانون، عدل ۽ احسان جي) تارازيءَ کان ٻاهر نڪري نه وڃو. (٩) ۽ (اي انسانو! هڪ ٻئي سان هلت ڪرڻ ۾) عدل ۽ انصاف جو وزن قائم رکو، ۽ (عدل ۽ احسان جي) تارازيءَ ۾ گهٽتائي نه ڪيو. (١٠) ۽ زمين کي انهيءَ ئي (الله تعاليٰ) مخلوق (ماڻهن، مرن، پکين وغيره) لاءِ وڇائي ڇڏيو آهي. (١١) ان (زمين) ۾ (قسمين قسمين) ميوا آهن ۽ کجين جا وڻ آهن، جن جي خوشن (يعني ڪارڪن جي ڇڳن) تي غلاف چڙهيل آهن. (١٢) ۽ (ڦٽ) اناج جون پوکون پنن ۽ ڪانڊ سميت آهن ۽ (ڦٽ) خوشبودار ٻوٽا آهن. (١٣) پوءِ توهان پنهنجي پروردگار جي ڪهڙين ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪري سگهندؤ؟ (١٤) هن انسان کي آواز ڪندڙ مٽيءَ مان ڪنير وانگر ٺاهيو. (١٥) ۽ جنن کي بنا دونهي واري باهه مان پيدا

ڪيو. (١٦) پوءِ توهان پنهنجي پروردگار جي ڪهڙين ڪهڙين نعمتن کان انڪار ڪري سگهندؤ؟ (١٧) هو ٻن مشرقن ۽ ٻن مغربن جو پرودگار آهي. (١٨) پوءِ توهان پنهنجي پروردگار جي ڪهڙين ڪهڙين نعمتن کان انڪار ڪري سگهندؤ؟ (١٩) هن ٻن (ڪاري ۽ مٺي) پاڻين کي اهڙيءَ طرح رکيو آهي جو پاڻ ۾ ملن ٻه ٽا (۽) (٢٠) سندن وچ ۾ ديوار (يا حد ٻه) رکيل آهي، جنهن کان ٻاهر لنگهي نٿا سگهن. (٢١) پوءِ توهان پنهنجي پروردگار جي ڪهڙين ڪهڙين نعمتن کان انڪار ڪري سگهندؤ؟ (٢٢) انهن (پاڻين) مان موتي ۽ مرجان نڪرن ٿا. (٢٣) پوءِ توهان پنهنجي پروردگار جي ڪهڙين ڪهڙين نعمتن کان انڪار ڪري سگهندؤ؟ (٢٤) ۽ سمنڊ ۾ سولائيءَ سان هلندڙ جهاز، جيڪي جبلن وانگر ڪڙا ٽيل آهن سي ٻه سندس ئي آهن. (٢٥) پوءِ توهان پنهنجي پروردگار جي ڪهڙين ڪهڙين نعمتن کان انڪار ڪري سگهندؤ؟

رڪوع ٢ آيت ٢٦ ـ تا ـ ٤٥

هر روز هر گهڙيءَ هو پنهنجو نئون شان ڏيکاري رهيو آهي.

(٢٦) جيڪي ٻه زمين تي آهن سي سڀ فنا ٿي ويندا. (٢٧) ۽ فقط تنهنجي پروردگار جي هستي قائم رهندي جو وڏي شوڪت ۽ جلال وارو ۽ وڏي سخا ۽ شان وارو آهي. (٢٨) پوءِ توهان پنهنجي پروردگار جي ڪهڙين ڪهڙين نعمتن کان انڪار ڪري سگهندؤ؟ (٢٩) جيڪي ٻه آسمانن ۽ زمين ۾ آهن سي سڀ پنهنجن گهرجن لاءِ سندس محتاج آهن. هر روز (هر گهڙيءَ) هو (پنهنجو نئون نئون) شان ڏيکاري رهيو آهي (يعني نيون نيون حالتون پيدا ڪري رهيو آهي.) (٣٠) پوءِ توهان پنهنجي پروردگار جي ڪهڙين ڪهڙين نعمتن کان انڪار ڪري سگهندؤ؟ (٣١) اي جنو ۽ انسانو، اسان جلد ئي توهان جو فيصلو ڪنداسين. (٣٢) پوءِ توهان پنهنجي پروردگار جي ڪهڙين ڪهڙين نعمتن کان انڪار ڪري سگهندؤ؟ (٣٣) اي جنن ۽ انسانن جا ٽولا! جيڪڏهن توهان کي آسمانن ۽ زمين جي ڪنارن کان ڀڄي نڪرڻ جي سگهه آهي ته ڀڄي ته ڏيکاريو، توهان (الله جي پرمٽ يا پاسن) حڪم ۽ اجازت کان سواءِ هرگز ڪونه ٻاهر نڪري سگهندؤ. (٣٤) پوءِ توهان پنهنجي پروردگار جي ڪهڙين ڪهڙين نعمتن کان انڪار ڪري سگهندؤ؟ (٣٥) توهان جي مٿان ٻاهه جا شعلا ۽ دونهون موڪليو ويندو، پوءِ توهان (ان کان) ڪوبه بچاءُ ڪونه ڪري سگهندؤ. (٣٦) پوءِ توهان پنهنجي پروردگار جي ڪهڙين ڪهڙين نعمتن کان انڪار ڪري سگهندؤ؟ (٣٧) پوءِ جڏهن آسمان ڦاٽي پوندو تڏهن چمڙ وانگر (يا مَلهَ وانگر) ڳاڙهو ٿي ويندو. (٣٨) پوءِ توهان پنهنجي پروردگار جي ڪهڙين ڪهڙين نعمتن کان انڪار ڪري سگهندؤ؟ (٣٨) پوءِ انهيءَ ڏينهن ڪنهن ٻه انسان ۽ جن کان سندس گناهن بابت پڇيو ئي ڪونه ويندو، (ڇو ته سندن گناهه ظاهر هوندا). (٤٠) پوءِ توهان پنهنجي پروردگار جي ڪهڙين ڪهڙين

نعمتن کان انکار ڪري سگھندؤ؟ (٤١) گنھگار ماڻھو سندن ظاھر نشانن مان سڃاتا ويندا ۽ پوءِ هنن کي پيشانيءَ جي وارن ۽ پيرن کان پکڙيو ويندو. (٤٢) پوءِ توهان پنھنجي پروردگار جي ڪھڑين ڪھڑين نعمتن کان انکار ڪري سگھندؤ؟ (٤٣) اھو اٿو، اھو جھنم جنھن کي گنھگار ڪوڙ مڃيندا ھئا (۽ چوندا ھئا تہ، اسان تي عذاب ايندو ئي ڪونہ، نڪو اچڻو آھي). (٤٤) اُھي (گنھگار) جھنم جي (باھ جي) ۽ ٽھڪندڙ پاڻيءَ جي وچ ۾ چڪر ڏيندا رھندا. (٤٥) پوءِ توهان پنھنجي پروردگار جي ڪھڑين ڪھڑين نعمتن کان انکار ڪري سگھندوَ؟

رکوع ٣ آيت ٤٦ ـ تا ـ ٧٨

جنت جي نعمتن جو ڪجھ ذڪر.

(٤٦) جيڪي ماڻھو انھيءَ گھڙيءَ بابت ڊجندا رھن ٿا جنھن گھڙيءَ پنھنجي پروردگار جي اڳيان کڑا ڪيا ويندا (۽ انھيءَ ڊڄڻ جي ڪري گناھن کان پرھيز ڪن ٿا ۽ نيڪ عمل ڪندا رھن ٿا) تن جي لاءِ ٻہ باغ ھوندا. (٤٧) پوءِ توهان پنھنجي پروردگار جي ڪھڑين ڪھڑين نعمتن کان انکار ڪري سگھندؤ؟ (٤٨) انھن ٻنھي باغن ۾ گھڻن ئي قسمن جون نعمتون ھونديون. (٤٩) پوءِ توهان پنھنجي پروردگار جي ڪھڑين ڪھڑين نعمتن کان انکار ڪري سگھندؤ؟ (٥٠) انھن ٻن باغن ۾ ٻہ چشما وھندڙ ھوندا. (٥١) پوءِ توهان پنھنجي پروردگار جي ڪھڑين ڪھڑين نعمتن کان انکار ڪري سگھندؤ؟ (٥٢) انھن باغن ۾ ھر قسم جا ميوا جوڙين جوڙين ۾ ھوندا. (٥٣) پوءِ توهان پنھنجي پروردگار جي ڪھڑين ڪھڑين نعمتن کان انکار ڪري سگھندؤ؟ (٥٤) اُھي (جنتي) اھڙن غاليچن تي ٽيڪ ڏيئي ويھندا جن جا استر قيمتي مخمل جا ھوندا، ۽ انھن باغن جا ميوا جھڪيل ۽ ويجھا ھوندا (انھيءَ لاءِ تہ انھن جي حاصل ڪرڻ ۾ ڪابہ تڪليف نہ ٿئي). (٥٥) پوءِ توهان پنھنجي پروردگار جي ڪھڑين ڪھڑين نعمتن کان انکار ڪري سگھندؤ؟ (٥٦) انھن (باغن) ۾ ڪنواريون پاڪ چوڪريون ھونديون جن جون (شرميليون) اکيون ھيٺ جھڪيل ھونديون، جن کي ڪائن اڳي ڪنھن ٻہ انسان يا جن ڇھيو ئي نہ ھوندو. (٥٧) پوءِ توهان پنھنجي پروردگار جي ڪھڑين ڪھڑين نعمتن کان انکار ڪري سگھندؤ؟ (٥٨) اھي (ڪنواريون) اھڙيون ھونديون جھڙا (چمڪندڙ) ياقوت ۽ مرجان (جا مٽيا). (٥٩) پوءِ توهان پنھنجي پروردگار جي ڪھڑين ڪھڑين نعمتن کان انکار ڪري سگھندؤ؟ (٦٠) نيڪيءَ جي بدلي ۾ چڱائيءَ کان سواءِ ٻيو ڪجھ ملندو ڇا؟ (ھرگز نہ، چڱائيءَ جو نتيجو نيٺ چڱوئي ملندو). (٦١) پوءِ توهان پنھنجي پروردگار جي ڪھڑين ڪھڑين نعمتن کان انکار ڪري سگھندوَ؟ (٦٢) ۽ انھن ٻن باغن کان سواءِ ٻيا ٻہ ٻہ باغ ھوندا. (٦٣) پوءِ توهان پنھنجي پروردگار جي ڪھڑين ڪھڑين نعمتن کان انکار ڪري سگھندوَ؟ (٦٤) اھي (ٻئي باغ) روز ساوا ھوندا. (٦٥) پوءِ توهان پنھنجي پروردگار جي ڪھڑين ڪھڑين نعمتن کان انکار ڪري سگھندوَ؟

(٦٦) انهن ۾ بہ چشما گھٹي پاڻيءَ وارا اڇلون ڏيئي وهندڙ هوندا. (٦٧) پوءِ توهان پنهنجي پروردگار جي کهڙين کهڙين نعمتن کان انڪار ڪري سگهندؤ؟ (٦٨) انهن ۾ بن (باغن) ۾ قسمين قسمين ميوا هوندا ۽ کجين (جا ڏوکا) ۽ ڏاڙهون بہ هوندا. (٦٩) پوءِ توهان پنهنجي پروردگار جي کهڙين کهڙين نعمتن کان انڪار ڪري سگهندؤ؟ (٧٠) انهن ۾ نيڪ، پاڪ ۽ سهڻا ساڻي ملندا). (٧١) پوءِ توهان پنهنجي پروردگار جي کهڙين کهڙين نعمتن کان انڪار ڪري سگهندؤ؟ (٧٢) اهي اهڙيون حورون عاليشان تنبن ۾ هونديون جن جون نظرون (شرم ۽ حياء جي ڪري) هيٺ ڪتل هونديون. (٧٣) پوءِ توهان پنهنجي پروردگار جي کهڙين کهڙين نعمتن کان انڪار ڪري سگهندؤ؟ (٧٤) انهن کي ڪانئن اڳي ڪنهن بہ انسان يا جن ڇهيو ئي ڪونہ هوندو. (٧٥) پوءِ توهان پنهنجي پروردگار جي کهڙين کهڙين نعمتن کان انڪار ڪري سگهندؤ؟ (٧٦) اهي (جنتي) سبز ڪوچن تي ۽ سهڻن غاليچن تي ٽيڪ ڏيئي ويٺل هوندا. (٧٧) پوءِ توهان پنهنجي پروردگار جي کهڙين کهڙين نعمتن کان انڪار ڪري سگهندؤ؟ (٧٨) (اي پيغمبر!) تنهنجي پروردگار جو نالو وڏين برڪتن وارو آهي. هو اعليٰ شوڪت وارو، وڏي شان ۽ سخا جو صاحب آهي.

سورت الواقعة

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي.

رڪوع ١ آيت ١ ـ تا ـ ٣٨

قيامت جو اچڻ ۽ نيڪن جون بهشت ۾ نعمتون.

(١) جڏهن اهو واقعو ٽيندو ۽ ظهور ۾ ايندو. (٢) تڏهن ان جي ٽيڙ کي ڪوبہ ڪوڙو ڏهراڪي نہ سگهندو، (يعني ان وقت ڪنهن کي بہ شڪ نہ رهندو ۽ هرڪو چوندو تہ، برابر هي اهو واقعو آهي جنهن بابت رسول ﷺ اڳ ئي خبردار ڪري ڇڏيو هو). (٣) اهو واقعو ڪن کي (يعني بدڪارن کي) ذليل ڪري ڇڏيندو ۽ ڪن کي (يعني صالحين کي) بلند (۽ غالب) ڪري ڇڏيندو. (٤) جڏهن زمين کي وڏي زور وارو زلزلو ايندو. (٥) ۽ جبل ذرا ذرا ٿي ويندا. (٦) ۽ پکيڙيل اڏامندڙ رڻ ٿي پوندا. (٧) تڏهن توهان ٽن ٽولن ۾ ورهائجي ويندؤ. (٨) (هڪڙو ٽولو هوندو) ساڄي هٿ وارا سنگتي. (خبر اٿوَ تہ) ساڄي هٿ وارا سنگتي ڪهڙا هوندا؟ (وڏين نعمتن سان مالا مال هوندا). (٩) (ٻيو ٽولو هوندو) کاٻي هٿ وارا سنگتي (خبر اٿوَ تہ) کاٻي هٿ وارا سنگتي ڪهڙا هوندا؟ (سندن حالت ڏاڍي بري هوندي). (١٠) (ٽيون ٽولو ايمان ۽ نيڪ عملن ۾) سيني کان اڳي ۽ سيني کان گوءِ ڪٽڻ وارا (آخرت جي نعمتن ۽ مرتبي ۾ بہ) سيني کان اول درجي ۾ هوندا. (١١) اهي ئي

(خدا کي) بلڪل ويجهو هوندا. (۱۲) (ع) اهي نعمتن سان ڀريل باغن ۾ هوندا. (۱۳) پهرين مان گهٽائي (انهيءَ ٽولي ۾ هوندا). (۱٤) ع پويان مان به ٽورا (انهيءَ ٽولي ۾ هوندا). (۱۵) (انهيءَ ٽئين ٽولي وارا مقربون) جڙاودار تختن تي ويهندا. (۱٦) انهن تي هڪ ٻئي جي سامهون ٽيڪ ڏيئي ويهندا. (۱۷) سندن چوڪاري دائمي جوانيءَ وارا چوڪرا (خدمت ڪندي) ڦرندا رهندا. (۱۸) جڳن، ڪوپن ع صاف شربتن جي پيالن سان (سندن چوڪاري ڦرندا و تندا). (۱۹) (اهي شربت اهڙا هوندا جو انهن جي پيئڻ سان) نڪي (پوءِ) هنن کي ڪو مٿي ۾ سور پوندو، نڪي کين ڪو نشو ٽيندو. (۲۰) ع (اهي چوڪرا) اهڙن ميون سان (ڦرندا رهندا) جن کي اهي (مقربون) پسند ڪندا. (۲۱) ع اهڙن پکين جي گوشت سان جي هو چاهيندا. (۲۲) ع (بهشت ۾ هنن لاءِ) وڏين چلڪندڙ اکين واريون حورون هونديون. (۲۳) جيڪي محفوظ رکيل موتين جي مثال هونديون. (۲٤) (اهي سڀ نعمتون) انهن نيڪ عملن جي بدلي ۾ کين ملنديون جي هنن اڳي ڪيا هئا. (۲۵) ان (بهشت) ۾ نڪي هو ڪي واهيات ڳالهيون ٻڌندا، نڪي ڪي گناهه جون ڳالهيون سندن ڪنن تي پوندیون. (۲٦) فقط (هن قسم جا الفاظ) چوندي ٻڌندا ته، سلام، سلام. (۲۷) ع (هاڻي بيان ڪيون ٿا) ساڄي هٿ وارن سنگتين (جي نعمتن) جو (خبر اٿوَ ته) ساڄي هٿ وارا سنگتي ڪهڙا هوندا؟ (۲۸) اهي اهڙن (هڪ قسم جي) ميويدار وڻن ۾ هوندا جن کي ڪنڊو ئي ڪونه هوندو. (۲۹) ع طلح جي وڻن ۾ هوندا جن جا گل يا ميوا هڪ ٻئي مٿان تهن ۾ هوندا. (۳۰) ع (اهي ساڄي هٿ وارا سنگتي) ڊگهي ڊگهي ڇانوَ ۾ ويهندا. (۳۱) ع اهڙي پاڻيءَ جي پرسان جو دائما وهندڙ هوندو. (۳۲) ع هو بي انداز ميون جي وچ ۾ رهندا. (۳۳) جن جي نڪي موسم ڪٽندي، نڪي انهن جي ڪائڻ کان ڪا منع هوندي. (۳٤) ع هو (شاندار) مٿي رکيل تختن (يا ڪوچن) تي ويهندا. (۳۵) اسان (هنن جي سنگتين حورن کي) هڪ خاص طريقي سان بنايو آهي. (۳٦) ع هنن کي پاڪ ڪنواريون بنايو اٽئون. (۳۷) ع (ع هنن کي) پيار پربون هڪ جيڏيون بنايو اٽئون. (ڪنهن جي لاءِ؟) (۳۸) ساڄي هٿ جي سنگتين لاءِ.

رڪوع ۲ آيت ۳۹ ـ تا ـ ۷٤

ڪاپي هٿ وارن بدڪارن جي بري حالت ٽيندي.

(۳۹) پهرين مان گهٽائي (انهيءَ ٽولي ۾ هوندا). (٤۰) ع پوئين مان به گهٽائي (انهيءَ ٽولي ۾ هوندا). (٤۱) ع (هاڻي) ڪاپي هٿ جي سنگتين جو (بيان ٿا ڪيون، خبر اٿوَ ته) ڪاپي هٿ جا سنگتي ڪهڙي بريءَ حالت ۾ هوندا. (٤۲) هو ساڙيندڙ (زهري) هوا ع ٽهڪندڙ پاڻيءَ ۾ هوندا. (٤۳) ع ڪاري دونهي جي پاڇي ۾ هوندا. (٤٤) جو نڪي ٺڏو هوندو، نڪي فرحت ڏيندڙ هوندو. (٤۵) (چو ته اهي ظالم سرمائيدار) هن کان اڳي دولت ع عيش عشرت ۾ غلطان رهندا هئا.

(٤٦) ۽ وڏي ظلم ۽ گنهگاريءَ ۾ ضد ڪري بيهندا هئا. (٤٧) ۽ چوندا هئا ته ڇا جڏهن اسان مري وينداسين ۽ مٽي ۾ هڏيون ٿي وينداسين تڏهن وري جيئرا ڪري اٿاريا وينداسين؟ (٤٨) ۽ ڇا اسان جي اڳوڻن ابن ڏاڏن کي ب (جيئرو ڪري اٿاريو ويندو؟) (٤٩) (اي پيغمبر تون کين) چئو ته، هائو يقيناً اڳوڻن توڙي پوئين (سيني) کي جيئرو ڪري اٿاريو ويندو. (٥٠) سڀ ماڻهو مقرر ڏينهن جي مقرر وقت تي گڏ ڪيا ويندا. (٥١) پوءِ اي گمراھ انسانو! حق کي ڪوڙو ڄاڻندڙ انسانو! (٥٢) توهان يقيناً ضرور زقوم جي وڻ مان (پن پاڙون وغيره) کائيندو. (٥٣) ۽ پوءِ انهن سان پنهنجا پيٽ ڀرندو. (٥٤) ۽ پوءِ ان جي مٿان ٽهڪندڙ پاڻي پيئندو. (٥٥) ۽ اهڙيءَ طرح (گهٽو مقدار) پيئندو جهڙيءَ طرح سخت اجايل اُٺ پيئندو آهي. (٥٦) بدلي ملڻ واري ڏينهن اها ٿيندي سندن مهماني. (٥٧) (اي انسانو! ڇو نٿا سمجهو) اسان ئي ته اوهان کي خلقيو اهي. پوءِ توهان ڇو نٿا حق کي سمجهو؟ (٥٨) توهان کو انهيءَ تي غور ڪيو ٿا جيڪي توهان منيءَ جي صورت ۾ باهر ڪيو ٿا؟ (۽ جنهن مان اولاد پيدا ٿئي ٿو؟) (٥٩) ڇا توهان ٿا انهيءَ منيءَ کي خلقيو يا اسان ان کي خلقيندڙ آهيون؟ (٦٠) اسان توهان سيني جي لاءِ موت ڄاڻايل آهي، ۽ اسان کي کوبه روڪي نٿو سگهي (هن ڳالهه کان ته)، (٦١) اسان توهان جون شڪليون (يا حالتون) بدلائي ڇڏيون ۽ اوهان کي اهڙيءَ حالت ۾ آڻيون جنهن جي توهان کي خبر ئي ڪانهي. (٦٢) يقيناً توهان کي پهرئين حالت جي خبر آهي (ته اسان توهان کي ڇا مان ڇا بنايو)، پوءِ ڇو نه ٿا سوچيو ۽ سمجهو؟ (٦٣) وري توهان انهيءَ بج تي غور ڪيو آهي جو توهان پوکيندا آهيو؟ (٦٤) ڇا اهو توهان ٿا ڄمايو ۽ وڌايو يا اسان ئي ان کي ڄمائيندڙ ۽ وڌائيندڙ آهيون؟ (٦٥) جيڪڏهن اسان چاهيون ته ان (کيتيءَ کي چورو ڪري ڇڏيون ۽ پوءِ توهان حيران ۽ پريشان ٿي وجو (۽ چوڻ لڳو ته، هاءِ هاءِ!) (٦٦) هاڻي ته اسان قرض ۾ پئجي وينداسين. (٦٧) بلڪ بلڪل محروم (نادار ۽ سڃا) رهجي ويندا سين. (٦٨) وري توهان انهيءَ پاڻيءَ تي غور ڪيو آهيو جو توهان پيئندا آهيو؟ (٦٩) ڇا توهان ٿا ان کي ڪڪرن مان هيٺ آڻيو يا اسان ئي ان کي هيٺ آڻيندڙ آهيون؟ (٧٠) جيڪڏهن اسان چاهيون ته ان کي کارو ڪري ڇڏيون (۽ توهان مصيبت ۾ پئجي وجو. اسان ته توهان کي مٺو پاڻي ڏيون) پوءِ ڇو نٿا خدائي نعمتن جو قدر ڪيو؟ (۽ سندس قانونن ۽ حڪمن تي عمل ڪري پنهنجو پلو ڪيو؟) (٧١) وري توهان انهيءَ باهه تي غور ڪيو آهي جا توهان ٻاريندا آهيو؟ (٧٢) ڇا توهان ان (باهه) جي (ٻارڻ وارن) وڻن کي ڄمائيندا آهيو يا اسان ئي ڄمائيندڙ آهيون؟ (٧٣) اسان ان کي عبرت ونڊ جي نشاني بنايو آهي ۽ پڻ بيابانن ۾ رهندڙن لاءِ وڏي سهوليت واري شيءِ بنايو آهي. (٧٤) سو (اي پيغمبر!) پنهنجي اعليٰ ۽ عظيم پروردگار جي نالي جي پاڪائي ۽ شان بيان ڪندو رهه (۽ سندس راهه ۾ ۽ دين قائم ڪرڻ ۾ بي انتها ڪوشش ڪندو رهه).

رکوع ۳ آيت ۷۵ ـ تا ـ ۹۶

قرآن مجيد جو شان. ان تي عمل ڪندڙ ڪامياب رهندا ۽ ان جي ابتڙ عمل ڪندڙ برباد ٿيندا.

(۷۵) ان کان سواءِ مان تارن جي لهڻ جي شاهدي پيش ٿو ڪيان، (يا تارن جي منزلن جي شاهدي پيش ٿو ڪيان). (۷۶) ۽ جيڪڏهن توهان ڄاڻو ۽ سمجهو ته هيءَ يقيناً وڏي زبردست ثابتي ۽ شاهدي آهي. (۷۷) هن ڳالهه جي ته يقيناً قرآن مجيد بيشڪ وڏي شان وارو آهي. (۷۸) جو هڪ محفوظ رکيل ڪتاب ۾ آهي. (۷۹) جنهن کي پاڪ (فرشتن) کان سواءِ ڪوبه ڪونه ٿو ڇهي (يعني ڪوبه ان جي آيتن ۽ حڪمن ۾ ڦيرڦار ڪري نٿو سگهي.) (۸۰) اهو قرآن سڄي جهان جي پروردگار وٽان نازل ٿيل آهي. (۸۱) پوءِ ڇا توهان هن (عاليشان) پيغام کي تڇ ڪري ٿا سمجهو؟ (۽ ان جو قدر نٿا ڪيو؟ يعني فائدن حاصل ڪرڻ ۾ سستي ڪريو ٿا؟) (۸۲) ۽ توهان ان کي ڪوڙو ٺهرائي رد ڪرڻ کي پنهنجي گذران جو وسيلو بنايو آهي ڇا(؟) (۸۳) (جيڪڏهن توهان ڪافرن کي خدا جي مخالفت ڪرڻ جي ڪا طاقت آهي ته) پوءِ ڇو نٿا (توهان پنهنجي طاقت ڏيکاريو) جڏهن (ڪنهن ماڻهوءَ جو روح مرڻ وقت) نڙيءَ تائين پهچي ٿو وڃي. (۸۴) ۽ توهان انهيءَ وقت رڳو ويٺا ڏسندا آهيو. (۸۵) ۽ اسان ته ان کي اوهان کان وڌيڪ ويجها آهيون، پر توهان کونه ٿا ڏسو. (۸۶) پوءِ جيڪڏهن توهان (خدا جي) اختيار هيٺ نه آهيو (۽ ايندڙ حساب ڪتاب کان آزاد آهيو) ته پوءِ ڇو نٿا، (۸۷) انهيءَ (روح) کي (جسم ڏانهن) موٽايو (۽ مرڻ کان بچايو) جيڪڏهن توهان (پنهنجي هن دعويٰ ۾) سچا آهيو (ته توهان تي ڪنهن جو به اختيار ڪونهي). (۸۸) پوءِ جيڪڏهن اهو (مرندڙ ماڻهو) (خدا کي) ويجهو ٿيلن (وڏن بزرگن) مان آهي، (۸۹) ته پوءِ (هن لاءِ) آرام، خوشيون ۽ نعمتن سان ڀريل باغ هوندو. (۹۰) ۽ جيڪڏهن ساڄي هٿ وارن سنگتين منجهان هوندو. (۹۱) ته پوءِ ساڄي هٿ وارا سنگتي هن کي سلام ڪندا ۽ چوندا ته، توتي سلامتي هجي. (۹۲) ۽ جيڪڏهن هو (حق کي) ڪوڙو ٺهرائيندڙ گمراهه ماڻهن منجهان آهي (۹۳) ته پوءِ (هن کي) ٺهڪندڙ پاڻيءَ جي مهماني ملندي. (۹۴) ۽ دوزخ جي باهه ۾ سڙندو. (۹۵) بيشڪ هيءَ ڳالهه يقيناً حق آهي. (۹۶) سو (اي منهنجا پيغمبر!) پنهنجي اعليٰ ۽ عظيم پروردگار جي نالي جو شان ۽ پاڪائي بيان ڪندو رهه (۽ سندس راهه ۾ ۽ سندس دين قائم ڪرڻ ۾ هر طرح ڪوشش ڪندو رهه).

سورت الحَدِيدِ

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي.

رڪوع ١ آيت ١ ـ تا ـ ١٠

خدا جي ڏنل رزق مان خدا جي راهه ۾ ڇوٽ خرچ ڪرڻ گهرجي.

(١) آسمانن ۽ زمين ۾ جيڪي به مخلوق آهن، سي سڀ الله تعاليٰ جو شان ۽ پاڪائي ظاهر ڪري رهيا آهن ۽ هو هر شيءِ تي غالب ۽ وڏي حڪمت وارو آهي. (٢) آسمانن ۽ زمين جي بادشاهي سندس ئي آهي، هوئي جيئاري ٿو ۽ هوئي ماري ٿو ۽ هر شيءِ تي قادر آهي (۽ سڀ ڪجهه ڪري سگهي ٿو). (٣) هوئي اول ۽ آخر آهي (يعني اصل کان آهي ۽ هميشه هوندو) ۽ هوئي ظاهر به آهي ۽ باطن به. ۽ هو هرهڪ شيءِ جو علم رکي ٿو. (٤) اهوئي آهي جنهن ڇهن ايامن ۾ آسمانن ۽ زمين کي خلقيو، پوءِ به پنهجي بادشاهيءَ جي تخت تي محڪم رهيو (يعني هوئي دنيا کي هلائيندو رهي ٿو) جيڪي به زمين ۾ داخل ٿو ٿئي ۽ جيڪي به ان مان ٻاهر ٿو نڪري سو سڀ هو ڄاڻي ٿو ۽ جيڪي به آسمان مان هيٺ اچي ٿو ۽ جيڪي به ان ۾ چڙهي وڃي ٿو سو به سڀ ڄاڻي ٿو، ۽ توهان (انسان) جتي به هجو تتي توهان سان گڏ آهي، ۽ توهان جيڪي به عمل ڪيو تا سي سڀ هو ڏسي ٿو. (٥) آسمانن ۽ زمين جي بادشاهي سندس ئي آهي ۽ سڀ ڪم الله ڏي موٽن ٿا (يعني سڀ فيصلا آخر الله تعاليٰ ڪري ٿو). (٦) هوئي رات کي ڏينهن ۾ ۽ ڏينهن کي رات ۾ داخل ٿو ڪري ۽ هو دلين جا سڀ راز ۽ ڳجهه ڄاڻندڙ آهي. (٧) (سو) الله ۽ سندس رسول ۾ ايمان آڻيو، ۽ جن شين جو اوهان کي وارث ڪيو اٿس تن مان (خدا جي راهه ۾) خرچ ڪيو. پوءِ اوهان مان جيڪي ايمان تا آڻين ۽ (خدا جي راهه ۾) خرچ تا ڪن تن لاءِ وڏو اجر آهي (۽ ڪين دنيا ۽ آخرت ۾ وڏيون نعمتون ملنديون. (٨) ۽ اوهان کي ڪهڙو سبب ٿي سگهي ٿو جو توهان الله ۾ ايمان نه آڻيو؟ ۽ هي رسول (حضرت محمد ﷺ) اوهان کي هن ڳالهه ڏي سڏي رهيو آهي ته، توهان پنهنجي پروردگار تي ايمان آڻيو (جو توهان جي پرورش ٿو ڪري ۽ توهان کي رزق ٿو ڏئي، متس ايمان رکي خدا جي راهه ۾ خرچ ڪندؤ ته هو اوهان کي ڏهوڻيون نعمتون ڏيندو) ۽ (يا رکو ته) هن اوهان کان (اهڙو) عهد اقرار وٺي چڪيو آهي، جيڪڏهن توهان (سچ پچ) ايمان وارا آهيو. (٩) اهوئي آهي جو پنهنجي ٻانهي (حضرت محمد ﷺ) ڏي چٽيون آيتون ۽ حڪم موڪلي ٿو انهيءَ لاءِ ته اوهان کي گهپ اونداهين مان ڪيڙي روشنيءَ ڏي آڻي ۽ يقيناً الله تعاليٰ توهان جي لاءِ ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي (جو توهان کي روشنيءَ ڏي آڻڻ ٿو چاهي). (١٠) ۽ توهان کي ڪهڙو سبب ٿي سگهي ٿو جو توهان الله تعاليٰ جي راهه ۾ خرچ نه ڪيو! ۽ (نٿا ڄاڻو چا ته) آسمانن ۽ زمين جي ميراث سڀ فقط الله جي آهي (نه توهان جي، پوءِ ڇو نٿا الله جو ڏنل رزق الله جي راهه ۾ خرچ ڪيو) اوهان مان جن (حديبيه جي) فتح کان اڳي (خدا جي راهه ۾) خرچ

ڪيو ۽ لڙايون ڪيون تن سان برابر اُهي ناهن (جن پوءِ مال خرچ ڪيو ۽ لڙايون ڪيون) انهن جو وڏو درجو ۽ مرتبو آهي، انهن کان جن پوءِ خدا جي راهہ ۾ خرچ ڪيو ۽ لڙايون ڪيون. پر الله تعاليٰ سيني کي (يعني جن اڳي اهي ڪم ڪيا ۽ جن پوءِ ڪيا) چگي انعام جو واعدو ڏنو آهي. ۽ (ياد رکو تہ) توهان جيڪي بہ ڪيو ٿا تنهن جي الله کي پوري پوري خبر آهي.

رکوع ۲ آيت ۱۱ ـ تا ـ ۱۹

فتح ۽ آسودگيءَ بعد بہ نماڻائي رکو. الله کي قرض ڏيندڙ کي ڏهوڻا عيوضا ملندا.

(۱۱) ڪير آهي (اهڙو سچو مؤمن) جو الله (تعاليٰ) کي سهڻو قرض ڏئي جو الله تعاليٰ وري ان کي ٻيڻو (بلڪ ڏهوڻو) ڪري موٽائي ڏئي، (ان کان علاوه) کيس وڏو شاندار اجر بہ ملي. (۱۲) (اي پيغمبر!) انهيءَ ڏينهن تون ڏسندين تہ (اهڙن سچن) مؤمنن ۽ مؤمنياڻين جي اڳيان ۽ ساڄي پاسي کان نور ڊوڙندو هلندو (۽ کين چيو ويندو تہ) اڄ اوهان جي لاءِ وڏي خوشخبري آهي (جو توهان جي لاءِ) اهڙا باغ (تيار رکيل آهن) جن جي هيٺان نهرون وهي رهيون آهن، توهان انهن ۾ هميشہ لاءِ رهندو. اها ئي آهي جا وڏي ڪاميابي آهي. (۱۳) انهيءَ ڏينهن منافق ۽ منافقياڻيون مؤمنن کي چوندا تہ، ڪجهہ ترسو تہ سهي تہ اسان توهان جي نور مان ڪجهہ نور وٺون. کين چيو ويندو تہ، پٺتي هٽي وڃو ۽ اتي وڃي کنهن نور جي تلاش ڪيو (پر ملندو ڪونہ) پوءِ انهن (بنهي جماعتن) جي وچ ۾ هڪ ديوار کڙي ڪئي ويندي، جنهن کي هڪڙو دروازو هوندو. (جنهن مان مؤمن لنگهي اندر ويندا) ان جي اندرئين پاسي ان ۾ رحمت هوندي ۽ ان جي ظاهر (ٻاهرئين) پاسي عذاب هوندو. (۱٤) ٻاهريان (منافق) اندرين (مؤمنن) کي سڏ ڪري چوندا تہ، (اسان کي ڇو هتي ڇڏي ويا آهيو؟) اسان توهان سان گڏ (توهان سان شامل) کين هوندا هئاسين؟ اهي (مؤمن) کين جواب ڏيندا تہ، هائو (ظاهر طور تہ برابر گڏ هئو) پر توهان پاڻ کي پاڻ فتني ۾ وڌو ۽ (اسان جي حق ۾ مصيبت ۽ ناڪاميابيءَ جو) انتظار ڪيوَ ۽ توهان (خدا جي فتح واري واعدي بابت) شڪ آندو ۽ توهان کي (ڪوڙين) اميدن ۽ خواهشن ڀلائي ڇڏيو. تان جو حڪم ۽ فيصلو اچي ويو. (هاڻي ڇا ٿيندو؟) توهان کي (آخر تائين) اهو دغاباز (شيطان) الله تعاليٰ بابت ڏوکو ڏيندو رهيو. (۱۵) سو اڄ توهان کان فديو ڪونہ ورتو ويندو (جو فديو ڏيئي عذاب کان ڇٽي وڃو) نڪي انهن کان فديو ورتو ويندو جن (ڪليو ڪلايو) ڪفر اختيار ڪيو، توهان جي جاءِ دوزخ جي باهہ آهي. اهائي توهان جي رفيقياڻي ۽ سنگتياڻي آهي. اها ڪهڙي نہ بري رهڻ جي جاءِ آهي! (۱٦) ڇا مؤمنن لاءِ اهو وقت (ڪاميابي ۽ آسودگيءَ جو) اچي نہ ويو آهي، جڏهن سندن دلين الله تعاليٰ جي يادگيري (۽ حڪمن جي پيروي) لاءِ ۽ جيڪو حق نازل ٿيو آهي تنهن لاءِ نماٽيون ٿي جهڪي وڃن ۽ مؤمن انهن (يهودين) وانگر نہ ٿين جن تي اڳي ڪتاب نازل ٿيو هو (۽ هنن تي خدا جون وڏيون نعمتون بہ نازل ٿيون هيون) پر پوءِ جيئن ايام گذرندا ويا تيئن سندن دلين سخت ٿيندين ويون. سو هاڻي هنن مان گهڻا باغي بي فرمان فاسق آهن.

(۱۷) يقين ڄاڻو تہ الله تعاليٰ زمين کي سندس موت بعد وري زندهہ ڪري ٿو ڇڏي (ڏسو) اسان اڳي ئي اوهان کي نشانيون ظاهر ڪري ڏيکاريون آهن، انهيءَ لاءِ تہ من توهان عقل هلايو ۽ سمجهو. (۱۸) يقيناً جيڪي مرد ۽ عورتون صدقا ڏيندڙ آهن ۽ الله تعاليٰ کي سهٽو قرض ٿا ڏين تن کي ٻيٽو (ٿيٽو بلڪ ڏهوٽو) ملندو ۽ انهن کي ان کان سواءِ ٻيو بہ وڏو شاندار اجر ملندو. (۱۹) ۽ (ياد رکو تہ) جيڪي ماڻهو الله ۽ سندس رسول ۾ ايمان رکن ٿا سي الله جي نظر ۾ (سچا ۽ خالص) صديق ۽ شهيد آهن. انهن کي سندن اجر ۽ سندن نور ملڻو آهي، پر جن ڪفر جي واٽ ورتي آهي ۽ اسان جي نشانين ۽ حڪمن کي ڪوڙو ٺهرايو اٿن سي ئي جهنم جي باهہ جا ساٿي آهن.

رڪوع ۳ آيت ۲۰ ـ تا ـ ۲۵

خود غرضي ۽ جسماني لذتون آخر عذاب ۾ وجهن ٿيون.

(۲۰) ڄاڻي ڇڏيو (۽ ياد رکو) تہ هن دنيا جي (خودغرضي ۽ عياشيءِ واري) زندگي فقط (ٻاراڻو) کيل تماشو آهي ۽ ظاهري تجمل ۽ سونهن آهي ۽ پاڻ ۾ هڪ ٻئي وٽ فخر ڪرڻو آهي، (پنهنجي طاقت ملڪيت وغيره بابت ٻڙاڪون هڙٽيون آهن) ۽ مال ملڪيت ۽ اولاد وڌائڻ ۾ هڪ ٻئي کان گوءِ کڻڻي آهي. انهيءَ (زندگيءَ) جو مثال ائين آهي جيئن مينهن جي ڪري پيدا ٿيل پوک ڪڙمين کي وڏي خوشي ڏئي ٿي. پوءِ اها پوک زور وٺي ٿي، پوءِ توهان ڏسو ٿا تہ زرد ٿي وڃي ٿي ۽ پوءِ سڪي ذرا ذرا ٿي وڃي ٿي. (اهڙن ماڻهن لاءِ) آخر سخت عذاب اڇٽو آهي. پر (نيڪ ماڻهن لاءِ) الله جي مغفرت ۽ راضپو آهي. ۽ (ياد رکو تہ) دنيا (۾ خودغرضي ۽ عياشيءَ) واري زندگي ڪجهہ بہ ناهي سواءِ هن جي تہ فقط ڏوکي جو سامان آهي. (۲۱) (سو اي مسلمانؤ!) پنهنجي پروردگار جي مغفرت ڏانهن ڊوڙڻ ۾ هڪ ٻئي کان اڳي نڪري وڃڻ جي ڪوشش ڪيو ۽ پڻ جنت ڏانهن ڊوڙڻ ۾ هڪ ٻئي کان گوءِ کڻي وڃو، جنهن جنت جي ويڪر ايڏي آهي جيڏو آسمان ۽ زمين. اها جنت انهن لاءِ تيار ڪيل آهي جيڪي الله ۾ ۽ سندس رسولن تي ايمان رکن ٿا (۽ سندن حڪمن تي عمل ڪن ٿا) اها (جنت) الله جو فضل آهي جو جنهن کي چاهي تنهن کي ڏيئي ٿو، ۽ (ياد رکو تہ) الله تعاليٰ وڏي فضل وارو آهي. (۲۲) ڪابہ مصيبت زمين تي نٿي اچين، نڪي توهانجي جانين تي ٿي اچي، پر اها وجود ۾ آڻيون ٿا، تنهن کان اڳ ئي ڪتاب ۾ لکيل آهي. يعني اسان جي مقرر ڪيل قانونن موجب اها مصيبت ظهور ۾ اچي ٿي) يقيناً هيءَ ڪالهہ الله تعاليٰ جي لاءِ بلڪل سولي آهي. (۲۳) (اهي مصيبتون هِن لاءِ بہ اچن ٿيون) تہ جيڪي اڳ ئي گذري ڇڪو (يعني توهان اڳ ئي بدعمل ڪري چڪا آهيو) تن تي مايوس نہ ٿيو (آئيندہ نيڪ عمل ڪيو تہ خدا جي رحمت ويجهي آهي) ۽ هن لاءِ بہ (اچن ٿيون) تہ جيڪي (نعمتون) توهان کي ڏنيون ويون آهن تن تي ڦوندڙجي نہ وڃو. بيشڪ الله تعاليٰ هرهڪ ڦوندڙ ٻڙاڪيءَ کي ناپسند ٿو ڪري. (۲۴) جيڪي (ڦوندڙ ٻڙاڪي) بخل ۽ ڪنجوسائي ڪندا آهن ۽ ماڻهن کي بہ ڪنجوسائي ڪرڻ جو حڪم ڏيندا آهن، (پر ياد رکو تہ) جيڪڏهن ڪوبہ (خدا جي حڪمن کان) ڦري ٿو وڃي تہ

(کابہ پرواھ ناھي ھو رڳو پنھنجو نقصان ٿو ڪري) الله تعاليٰ تہ يقيناً بي پرواھ آھي ۽ سڀ ساراھ جو لائق آھي. (۲۵) ھيءَ حقيقت آھي تہ اسان پنھنجي رسولن کي چٽين نشانين (۽ چٽن حڪمن) سان موڪليو ۽ انھن سان گڏ ڪتاب ۽ تارازي نازل ڪئي سين انھيءَ تہ ماڻھو عدل ۽ انصاف تي قائم رھن ۽ پڻ الله تعاليٰ لوھ نازل ڪيو آھي (يعني عطا ڪيو آھي) جنھن سان سخت لڙائي ڪري ٿي سگھجي ۽ جنھن ۾ ماڻھن لاءِ گھڻائي فائدا رکيل آھن ۽ (اھي ٽيئي شيون) ھن لاءِ (عطا ڪيل آھن) تہ الله تعاليٰ ڏسي وٺي تہ ڪھڙا ماڻھو (انھن ٽن شين سان) کيس ۽ سندس رسولن کي اڻ ڏٺي مدد ڪن ٿا (۽ اھو خيال نٿا ڪن تہ اسان جي حق جي راھ ۾ مدد ٻيا ماڻھو ڏسن ٿا يا نہ) يقيناً الله تعاليٰ وڏي طاقت وارو ۽ زبردست غالب آھي (۽ سڀ ڪجھ ڪري سگھي ٿو.)

رڪوع ٤ آيت ٢٦ ـ تا ـ ٢٩

عيسائين جون خصلتون. رھبانيت جي منع.

(۲۶) ۽ ھيءَ حقيقت آھي تہ، اسان حضرت نوح ۽ حضرت ابراھيم کي پيغمبر ڪري موڪليو ۽ ھنن جي اولاد ۾ نبوت ۽ وحي قائم رکندا رھياسين. سو ھنن ۾ کي تہ حق جي راھ تي قائم رھيا پر ھنن مان گھڻا بي فرمان بدڪار ٿي ويا. (۲۷) پوءِ انھن جي پٺيان انھن جي نقش قدم تي اسان ٻيا ٻہ پيغمبر موڪليا ۽ انھن جي پٺيان وري حضرت عيسيٰ ابن مريم کي موڪليوسين ۽ کيس انجيل موڪليوسين ۽ جن ماڻھن سندس پيروي ڪئي تن جي دلين ۾ نرمي ۽ رحمدلي پيدا ڪئي سين، پر جيڪا رھبانيت ھنن ايجاد ڪئي، (يعني بدعت طور يعني نئين سر اختيار ڪيائون) سا اسان ھنن کي ڪتاب ۾ ڪانہ سيکاري ھئي. اسان تہ ھنن کي فقط ھي سيکاريو ھو تہ خدا جي راضپي جي تلاش ڪندا رھن، پر ھنن اھا فرض ادائي نہ نياڻي جھڙو انھن جو حق ھو. (يعني جيئن الله تعاليٰ جي راضپي جي تلاش ڪجي تيئن ڪري نہ سگھيا.) تنھن ھوندي بہ انھن مان جن کي (حضرت عيسيٰ جي تعليم تي) ايمان (۽ عمل) ھو تن کي اسان (چڱو) اجر ڏنو. پر ھنن مان گھڻا بي فرمان ۽ بدڪار ٿي رھيا.
(۲۸) اي (عيسائيو) اوھان مان جن کي (حضرت عيسيٰ تي) ايمان آھي، سي خدا کان ڊڄو (۽ خدائي دين جي نظام ھيٺ اچو) ۽ سندس رسول (حضرت محمد ﷺ) تي ايمان آڻيو (جو تہ توھان حضرت عيسيٰ واري تعليم وساري ڇڏي آھي ۽ ھي رسول حضرت محمد ﷺ ساڻئي تعليم ٿو ڏئي) الله تعاليٰ اوھان کي پنھنجي رحمت مان ٻہ حصا ڏيندو. ۽ اوھان جي لاءِ نور پيدا ڪندو جنھن ۾ توھان گامزن ٿيندو (يعني انھيءَ روشنيءَ ۾ عملي طرح اڳتي وڌندا رھندؤ) ۽ اوھان جون (اڳيون) خاميون معاف ڪري ڇڏيندو ۽ (ياد رکو تہ) الله تعاليٰ بار بار معاف ڪندڙ ۽ وڏي رحم وارو آھي (بشرطيڪ توھان غلطيون ڇڏي ڪري سڌيءَ واٽ تي ھلو). (۲۹) انھيءَ لاءِ (اسان توھان تي نعمتون ڪنداسين) تہ اھل ڪتاب (جن رسول ﷺ تي ايمان نہ آندو آھي سي) سمجھي وڃن تہ الله جي فضل مان ڪجھ ٻہ سندن ھٿ ۾ ناھي، ۽ يقيناً فضل (۽ نعمتون) الله تعاليٰ جي ھٿ ۾ آھن جي جنھن کي وڻيس ٿو تنھن کي ڏئي ٿو. بيشڪ الله تعاليٰ تمام وڏي فضل وارو آھي.

حصو اٺاويهون

سورت المجادلہ (هڪ ٻئي سان بحث مباحثو ڪرڻ)

بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي.

رڪوع ١ آيت ١ ـ تا ـ ٦

ظهار جو حڪم ۽ منڪرن جو انجام

(١) (اي رسول) الله ان زال جي ڳالهہ ٻڌي ورتي جيڪا پنهنجا مڙس جي معاملي ۾ توڪي هر هر چوي ٻئي ۽ الله جي اڳيان (پاڻ سان ٽيل ناانصافيءَ وارو) پنهنجو ڏک بيان ڪري ٻئي ۽ الله اوهان ٻنهي جو پاڻ ۾ ڳالهائڻ ٻولهائڻ ٻڌي ٻيو. بيشڪ الله ٻڌندڙ ڏسندڙ آهي. (٢) جيڪي اوهان مان (ناداڻيءَ جي ڪري غصي ۾) پنهنجين زالن کي پاڻ تي ماڻرن جهڙو ڪن ٿا، سو اهي (زالون) انهن جون ماڻرون نہ ٿيون ٿين. سندن ماڻرون رڳيون اهي ئي آهن جن کين جڻيو آهي. ۽ اهي بيهودي ڳالهہ ۽ ڪوڙ چون ٿا (کين گهرجي تہ ڪوڙ کان توبہ ڪن) ۽ بيشڪ الله گهٽو معاف ڪندڙ وڏو بخشڻهار آهي. (٣) ۽ جيڪي پنهنجين پنهنجين زالن کي پاڻ تي ماڻرن جهڙو ڪن ٿا، وري جيڪا (بيهودي ڳالهہ) ڇئي اٽن ان کان (پشيمان ٿي پوئتي) موٽن ٿا (انهن تي) هڪ ٻئي کي هٿ لائڻ کان اڳي هڪ غلام آزاد ڪرڻو آهي. هن (حڪم) سان اوهان کي نصيحت ڪئي وڃي ٿي (تہ پنهنجو پاڻ تي قابو رکڻ سکو) ۽ الله اوهان جي عملن جي پوري خبر رکندڙ آهي. (٤) پوءِ جو شخص (ٻانهون غلاميءَ ۾ڇاڏل) نہ لهي تہ (ان تي) هڪ ٻئي کي هٿ لائڻ کان اڳي لڳولڳ ٻن مهينن جا روزا آهن. پوءِ جو (هي ب) نہ ڪري سگهي تہ (ان تي) سٺ مسڪينن کي کاڏو کارائڻ آهي. هي (حڪم) هن لاءِ آهي تہ اوهين الله ۽ سندس رسول جا تابعدار ٿي رهو. ۽ اهي الله جون (مقرر ڪيل) حدون آهن (جيڪو الله جي حدن جو ئي مورٿون انڪار ڪندو تہ اهو ڪافر آهي) ۽ ڪافرن لاءِ دردناڪ عذاب آهي. (٥) بيشڪ جيڪي الله ۽ سندس رسول جي (حڪمن جي) مخالفت ڪن ٿا اهي (دنيا ۾ ب ائين) خوار ٿيندا جيئن اهي خوار ٿيا، جيڪي ڪائنس اڳ هئا ۽ بيشڪ اسان تہ پڌرا حڪم نازل ڪيا آهن ۽ (انهن حڪمن جي مخالفت ڪرڻ وارن) ڪافرن لاءِ خوار ڪندڙ عذاب آهي. (٦) (ان ڏينهن خوار ڪندڙ عذاب ٿيندن) جنهن ڏينهن الله انهن سڀني کي جيئرو ڪري اٿارينڊو. پوءِ انهن کي سندن عملن جي خبر ڏينڊو. الله ان (سندن ڪئي) کي ڳڻي رکيو آهي ۽ انهن ان کي وساري ڇڏيو آهي. ۽ الله سڀني شين جي خبر رکندڙ آهي.

رکوع ۲ آيت ۷ ـ تا ـ ۱۳
منافقن جي روين تي گرفت. مجلس جا آداب

(۷) ڇا تو نہ ڏٺو تہ جيڪي آسمان ۾ آهي ۽ جيڪي زمين ۾ آهي، ان کي الله ڄاڻي ٿو. ڪا ٽن جڻن جي ڳجهي ڳالهہ ٻولهہ ٿيندي آهي تہ اهو انهن ۾ چوٿون هوندو آهي ۽ پنجن جڻن جي تہ اهو انهن ۾ ڇهون هوندو آهي ۽ توڙي ان کان گهٽ ۽ توڙي (ان کان) وڌيڪ (ماڻهو هجن) جتي بہ هجن (۽ جيترا بہ هجن) پر اهو انهن سان گڏ هوندو آهي، پوءِ الله کين قيامت جي ڏينهن سندن ڪمن جي خبر ڏيندو. بيشڪ الله سڀ ڪنهن شيءِ کي ڄاڻندڙ آهي. (۸) ڇا تو انهن ڏي نہ ڏٺو جن کي ڳجهين ڳالهين ٻولهين (ذريعي سازشن) ڪرڻ کان روڪيو ويو، پوءِ اهي جنهن ڳالهہ کان جهليا ويا وري بہ اهوئي ڪن ٽا ۽ پاڻ ۾ گناهہ ۽ ظلم ۽ رسول جي نافرماني ڪرڻ جون ڳجهيون ڳالهيون ڪن ٽا، ۽ جڏهن تو وٽ اچن ٽا تہ (سلام ڪرڻ مهل) تو کي ان (لفظ) سان سلام ڪن ٽا جيڪو سلام الله (مقرر) نہ ڪيو آهي ۽ پنهنجين دلين ۾ چون ٽا تہ جيڪي اسين چئون ٽا ان جي ڪري الله اسان کي عذاب ڇو نٿو ڪري (ٿورڙو ترسن) انهن لاءِ دوزخ ڪافي آهي. ان ۾ داخل ٿيندا، پوءِ اها موٽ جي جاءِ بيڙي آهي. (۹) اي ايمان وارؤ! جڏهن اوهين پاڻ ۾ ڳجهي ڳالهہ ٻولهہ ڪريو تہ (منافقن وانگر) گناهہ ۽ الله جي حدن ڪان لنگهڻ ۽ رسول جي نافرمانيءَ جون ڳجهيون ڳالهيون نہ ڪريو ۽ اوهين (خدائي قانونن جي نگهباني ۽ انساني فلاح جو سوچي) پلائي ۽ پرهيزگاريءَ جون ڳجهيون ڳالهيون ٻولهيون (۽ رٿابنديون) ڪريو، ۽ ان الله کان ڊڄو جنهن ڏانهن اوهان کي (حساب ڪتاب ڏيڻ واسطي) گڏ ڪيو ويندو. (۱۰) اها (منافقن) ڳجهي ڳالهہ ٻولهہ تہ شيطان جي طرفان ٿي آهي. هن لاءِ تہ ايمان وارن کي غمگين ڪري ۽ اها انهن کي ڪجهہ بہ نقصان پهچائڻ واري نہ آهي، الله جي حڪمن کان سواءِ. ۽ الله تي ايمان وارا هر ڳالهہ ۾ پروسو ڪن. (۱۱) اي ايمان وارؤ! جڏهن بہ اوهان کي چيو وڃي تہ مجلس ۾ جاءِ ڪشادي ڪريو، تڏهن (ضرورت جيتري) جاءِ ڪشادي ڪريو تہ الله اوهان لاءِ ڪشادگي ڪندو. ۽ جڏهن بہ چيو وڃي تہ (هتان وارا حڪم ٻڌي عمل ڪرڻ لاءِ) اٿي ڪڙا ٿيو تہ اٿي وڃو. اوهان مان جن ايمان آندو آهي ۽ جن کي علم ڏنو ويو آهي (اهڙين جماعتي پابندين سان) الله تن جا درجا بلند ڪندو ۽ جيڪي اوهين ڪريو ٿا تنهن جي الله خبر رکندڙ آهي. (۱۲) اي ايمان وارؤ! جڏهن رسول سان ڳجهي ڳالهہ ڪرڻ گهرو تہ اوهين پنهنجيءَ ڳجهي ڳالهہ ڪرڻ کان اڳي (عام مفاد لاءِ) خيرات يا عطيو ڏيو. هي (ڪم) اوهان لاءِ تمام چڱو ۽ تمام سٿو آهي. (انهيءَ سان منافق جيڪو گهڙيءَ گهڙيءَ ڳجهي ڳالهہ جو بهانو ڪري رسول ڪريم جو وقت وڃائين ٿا سو بند ٿي ويندو) پوءِ جيڪڏهن اوهان وٽ (عطيو ڏيڻ لاءِ) نہ هجي تہ الله گهٽو بخشيندڙ نهايت رحم وارو آهي. (۱۳) ڇا اوهين پنهنجيءَ ڳجهي ڳالهہ ڪرڻ کان اڳي عطيو يا خيرات ڏيڻ کان ڊڄي ويا. پوءِ جڏهن اوهان (خيرات) نہ ڪئي (جا تنظيم ڪاري جي ابتدائي معاملن ۾ ضروري هئي) تہ الله اوهان کي معاف ڪيو، تڏهن (فرمانبرداري جي

وات تي هلي) نماز قائم ڪريو ۽ زڪوات ڏيو ۽ الله ۽ سندس رسول جي تابعداري ڪريو ۽ جيڪي اوهين ڪريو ٿا تنهن جي الله خبر رکندڙ آهي.

رکوع ٣ آيت ١٤ ـ تا ـ ٢٢

الله ۽ سندس رسول جي مخالفن سان دوستي نہ رکو.

(١٤) (اي رسول!) ڇا تو انهن (منافقن) ڏي نہ ڏٺو جن اهڙيءَ قوم سان دوستي رکي جن تي (خدائي نظام جي مخالفت ۽ سرڪشيءِ جي ڪري) الله ڪاوڙيو آهي. اهي نہ (حقيقت ۾) اوهان مان آهن ۽ نہ (ڪليو ڪلايو) انهن مان آهن ۽ اهي ڄاڻي ٻجهي (اوهان سان سچي هٿ جو) ڪوڙ تي قسم کٽن ٿا. (١٥) الله انهن لاءِ سخت عذاب تيار ڪري رکيو آهي، ڇو تہ انهن جا ڪم ٻيڙا آهن. (١٦) انهن (فريب ڪاريءَ سان) پنهنجن قسمن کي ڍال بنايو آهي، پوءِ (ان ڍال جي آڙ ۾) ماڻهن کي الله جي رستي کان روڪين ٿا. سو انهن لاءِ ذلت ڀريو عذاب آهي. (١٧) سندن مال ۽ سندن اولاد (جنهن جي گهمنڊ تي آهن) الله جي (مڪافات واري قانون جي) مقابلي ۾ ڪين ڪجهہ بہ ڪم نہ ايندا. اهي باهہ وارا آهن، ان ۾ پيا رهندا. (١٨) جنهن ڏينهن الله انهن سڀني کي (جيئرو ڪري) اٿارينڈو، پوءِ اهي سندس اڳيان قسم کڻندا جيئن اوهان جي اڳيان کڻن ٿا ۽ خيال ڪن ٿا تہ (سندن انهن قسمن سان ڀرم رهجي ويندو، تنهن ڪري) ڪنهن ڇگيءَ حالت ۾ آهن. خبردار ٿيو! اهي ئي (ماڻهو ڦهربن درجي جا) ڪوڙا آهن. (١٩) مٿن (مفاد پرستين ۽ سرڪشين جو محرڪ) شيطان غالب ٿي ويو آهي، پوءِ انهن کان الله جي يادگيري ڇڏائي ڇڏي اٿس. اهي شيطان جي جماعت آهن. خبردار ٿيو شيطان جي جماعت ئي نقصان پائڻ واري آهي. (٢٠) جيڪي الله ۽ سندس رسول جي مخالفت ڪن ٿا سي (نيٺ) تمام خوار ماڻهن مان ٿيندا. (٢١) الله جو لکيل فيصلو (قانون) آهي تہ مان ۽ منهنجا رسول (حق ۽ باطل جي ڪشمڪش ۾) ضرور (ڪافرن تي) غالب ٿيندا. بيشڪ الله هر قسم جي قوتن جو مالڪ ۽ زبردست آهي. (٢٢) (اي رسول!) اهڙي قوم جيڪا الله ۽ قيامت جي ڏينهن کي مڃيندي هجي انهن کي تون نہ ڏسندين تہ جن الله ۽ سندس رسول جي مخالفت ڪئي تن سان دوستي رکندا هجن. توڙي جو اهي انهن جا ابا ڏاڏا يا سندن پٽ، سندن ڀائر يا مائٽ هجن. اهي ئي (پلارا ماڻهو آهن) جن جي دلين ۾ الله ايمان لکي ڇڏيو آهي، ۽ انهن کي پنهنجي وحي واري فيض سان طاقت ڏني اٿس ۽ انهن کي اهڙن باغن ۾ داخل ڪندو جن جي هيٺان واهہ پيا وهن. اهي انهن ۾ پيا رهندا. الله انهن کان راضي ٿيو ۽ اهي ان کان راضي ٿيا. اهي الله جي جماعت آهن. پڪ ڄاڻو تہ الله جي جماعت ئي ڪامياب ٿيڻ واري آهي.

سورت الحشر (گڏ ڪرڻ)

بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي.

رڪوع ۱ آيت ۱ ـ تا ـ ۱۰

جيڪو الله جي مخالفت ڪندو تہ بيشڪ الله جو عذاب سخت آهي.

(۱) جو ڪجهہ آسمانن ۾ ۽ جو ڪجهہ زمين ۾ آهي سو الله جي (مقرر قانونن تي هلي ان جي عظمت ۽) پاڪائي بيان ڪري ٿو ۽ اهوئي وڏين قوتن ۽ غلبي جو مالڪ (۽) حڪمت وارو آهي. (۲) هو اهو (قوت ۽ غلبي جو مالڪ) آهي جنهن پهرئين ئي لشڪر گڏ ڪرڻ وقت جيڪي ڪتاب وارن مان (خدائي نظام جي خلاف سرڪشي ڪري) ڪافر ٿيا هئا تن کي پنهنجن گهر مان ڪڍي ٻاهر ڪيو. (اي مسلمانو!) اوهان اهو خيال ئي نہ ڪيو هو تہ اهي ڪي نڪرندا. ۽ انهن (ڪافرن) هي خيال ڪيو هو تہ سندن ڪوٽ انهن کي الله (جي عذاب) کان بچائڻ وارا آهن، پوءِ الله (جو عذاب) مٿن اتان پهتو جتان کين گمان ئي نہ هو. ۽ سندن دلين ۾ (مسلمانن جي اهڙي) دهشت وڏائين جو پنهنجن هٿن سان پنهنجا گهر ويران ڪرڻ لڳا ۽ (جن سرڪشي ڪئي تہ) ايمان وارن جي هٿن سان (سندن گهر ويران ٿيڻ لڳا) تنهن ڪري اي اکين وارؤ! اوهين عبرت وٺو (تہ حق جي مخالفت جو نتيجو چا ٿيندو آهي.) (۳) ۽ جيڪڏهن الله انهن جي لاءِ ديس نيڪالي نہ لکي ها تہ انهن کي (پي طرح) دنيا ۾ سزا ڏئي ها، ۽ انهن لاءِ آخرت ۾ باهہ جو عذاب آهي ئي! (٤) اهو (عذاب) هن ڪري آهي جو انهن الله (جي نظام جي) ۽ سندس رسول جي (جيڪو اهو نظام قائم ڪري رهيو هو) مخالفت ڪئي ۽ جيڪو الله جي (حق ۽ انصاف واري نظام جي) مخالفت ڪندو تہ بيشڪ الله جو عذاب سخت آهي. (۵) اوهان (محاصري وقت) جو بہ ڪجيءَ جو وڻ ويڍيو يا انکي پنهنجين پاڙن تي بيٺل ڇڏيو، سو الله جي قانون مطابق آهي ۽ هن ڪري تہ (الله) بدڪارن کي خوار ڪري ٿو. (٦) ۽ انهن مان جو ڪجهہ الله پنهنجي رسول کي (جنگ ڪرڻ کان سواءِ ئي غنيمت ۾) ڏياريو سو (اي مسلمانو!) ان تي نہ اوهان گهوڙا ڊوڙايا هئا ۽ نہ اُٺ) پر الله (پنهنجي مشيت واري قانون مطابق) پنهنجن رسولن کي جنهن تي وٽيس تنهن تي غالب ڪري ٿو. ۽ الله سڀ ڪجهہ ڪري سگهي ٿو.

(۷) جيڪو ڪجهہ الله پنهنجي رسول کي بستين مان (جنگ کان سواءِ) ڏياريو سو الله لاءِ ۽ رسول لاءِ ۽ (جنگ ۾ شريڪ ٿيندڙن ۽ ان ۾ ڪپجندڙن جي) قرابت وارن ۽ يتيمن، مسڪينن (تہ جيئن انهن جي پرگهور ٿئي) ۽ مسافرن لاءِ آهي (جيڪي مدد جا محتاج هجن)، تہ اهو اوهان جي مالدارن جي وچ ۾ ڏيڻ وٺڻ ۾ نہ اچي. ۽ (اي مسلمانو!) جو ڪجهہ اوهان کي رسول ڏئي تہ ان کي وٺو ۽ جنهن کان اوهان کي روڪي تہ ان کان رڪجي وڃو ۽ الله کان ڊڄو. بيشڪ الله جو عذاب سخت آهي. (۸) (ان مال مان) انهن لڏي ايندڙ مسڪينن لاءِ آهي جيڪي پنهنجن گهرن ۽ پنهنجن

مالن مان (زبردستي) ٻاهر ڪيا ويا آهن، (ع) هو الله (جي قانون تي هلي ان) جو فضل ۽ رضامندي گهرن ٿا ۽ الله ۽ سندس رسول جي مدد ڪن ٿا. اهي ئي سچا آهن (جن پنهنجي ايمان واري دعويٰ کي پنهنجي قربانين سان سچو ڪري ڏيکاريو آهي.) (۹) ۽ (انهن لاءِ آهي) جيڪي اسلام جي بادشاهيءَ (ع) ۽ ايمان (جي مرڪز) ۾ انهن (مهاجرن) کان اڳ رهيا پيا آهن، جي هنن ڏي لڏي آيا آهن، انهن سان (هو) محبت رکن ٿا ۽ جو ڪجهه انهن (پرديسين) کي ڏنو ويو ان جي ڪري پنهنجن دلين ۾ ڪا تنگي نٿا ڏسن ۽ (سڀ ڪنهن شيءِ ۾) پنهنجي جان کان به انهن کي اڳي رکن ٿا. توڙي کين تنگدستي چو نه هجي ۽ جيڪي پنهنجي نفس جي بخل کان بچايا ويندا (ع) ايثار کي پنهنجو مرڪ بنائيندا) سي ئي ڪامياب آهن. (۱۰) ۽ (انهن لاءِ به آهي) جيڪي انهن (مٿين بن قسمن جي حقدارن) کان پوءِ ايندا. چوندا ته، اي اسان جا پالينڊڙ! اسان کي ۽ اسان جي انهن ڀائرن کي بخش جيڪي ايمان آڻڻ ۾ اسان کان اڳي ٿيا آهن ۽ اسان جي دلين ۾ ايمان وارن جي باري ۾ ڪو کوٽ نه وجهه. اي اسان جا پالينڊڙ تون ته بيحد شفقت ڪندڙ نهايت رحم وارو آهين.

رکوع ۲ آيت ۱۱ ـ تا ـ ۱۷

منافق بزدل آهن، ڇاڪاڻ ته ماڻهن کان ڊڄن ٿا، الله کان نه ٿا ڊڄن، تنهن ڪري توهان انهن کان هرگز نه گهبرايو.

(۱۱) ڇا تو انهن (منافقن) ڏي نه ڏٺو آهي جيڪي دغاباز ٿيا پنهنجن انهن (هم فڪر) ڀائرن کي چون ٿا جيڪي ڪتاب وارن مان ڪافر ٿيا ته قسم آهي ته جيڪڏهن اوهان کي ملڪ ڇڏي ڏني وڃي ته ضرور اسين به اوهان سان گڏ نڪرنداسون ۽ اوهان جي حق ۾ ڪڏهن به ڪنهن جو چيو نه مڃينداسون ۽ جيڪڏهن اوهان سان جنگ ٿي ته ضرور اسين اوهان جي مدد ڪنداسون ۽ (اي مسلمانو!) الله شاهدي ڏئي ٿو ته اهي (اوهان سان ته ڪهيو پر انهن سان به اهڙي دوستيءَ جي دعويٰ ۾) ڪوڙا آهن. (۱۲) تحقيق جيڪڏهن کين ملڪ ڇڏي ڏني ويئي ته اهي انهن سان کين نڪرندا ۽ جيڪڏهن انهن سان جنگ ٿي ته اهي انهن جي مدد به نه ڪندا ۽ جيڪڏهن اهي (ڪنهن عار کان) انهن جي مدد ڪندا ته ضرور پٺ ڦيري ڀڄندا، وري سندن (به ڪٿي) مدد نه ٿيندي. (۱۳) (اي مسلمانو!) بيشڪ اوهين انهن جي دلين ۾ الله کان به وڌيڪ دهشت وارا آهيو. اهو هن ڪري ته اهي اهڙا ماڻهو آهن جيڪي (سڳهه جي ايمان وارن محرڪن جي) سمجهه نٿا رکن. (۱٤) سڀ گڏجي اوهان سان ڪليل ميدان ۾ ڪڏهن به جنگ نه ڪري سگهندا، پر ڪوٽ وارن ڳوٺن ۾ يا پٽين جي پٺيان ٽي، پاڻ ۾ انهن جي اندروني ويڑهه سخت آهي (اي ڳالهه ٻڌندڙ) تون کين ڀائيندين ته گڏ آهن (منجهن وڏو اتحاد آهي) پر حال هي آهي ته سندن دليون ڌار ڌار آهن. اهو هن ڪري ته اهي اهڙا ماڻهو آهن جي بي عقل آهن. (ع) نٿا چاڻن ته اصل ۽ دلي اتحاد ايمان ۽ هڪ ئي عمدي نصب العين تي هجڻ سان پيدا ٿئي ٿو.) (۱۵) (هنن جو قصو) انهن (منڪرن) جي قصي

جھڙو آهي، جيڪي انهن کان اڳ هئا. انهن ويجهو ئي پنهنجي ڪم جو بڇڙو نتيجو چکيو ۽ انهن لاءِ دردناڪ عذاب آهي. (١٦) (هنن منافقن جو قصو) شيطان جي قصي جھڙو آهي، جنهن وقت انسان کي چوي ٿو ته، تون ڪفر ڪر! پوءِ جڏهن ڪفر ڪيائين ته چوندو آهي ته، (منهنجو انهيءَ ۾ ڇا وڃي) آڪون تو کان بيزار آهيان، آڪون جهان جي پالينڊڙ الله کان ڊڄان ٿو. (١٧) پوءِ انهن بنهي جي پڇاڙي هي آهي ته اهي باهه ۾ پيا رهندا ۽ جيڪي به ماڻهو ظلم ۽ زيادتي ڪن ٿا، انهن جو اهوئي حشر آهي.

رڪوع ٣ آيت ١٨ ـ تا ـ ٢٤

رڳو الله کان ڊڄو ۽ سيڪو شخص ڏسي ته سياڻي لاءِ ڇا تياري ڪئي اٿائين.

(١٨) اي ايمان وارؤ! (توهان به) الله کان ڊڄو ۽ سيڪو شخص ڏسي ته سياڻ (مستقبل سنوارڻ) لاءِ ڇا اڳي ڪيو اٿس ۽ (وري وري) الله کان ڊڄندا رهو. بيشڪ الله اوهان جي عملن جي پوري خبر رکندڙ آهي. (١٩) ۽ انهن جهڙا نه ٿيو جن (رڳو طبعي زندگيءَ جي پرورش کي مقصد بڻايو ۽) الله کي وساريو پوءِ (ائين ڪرڻ جي ڪري) الله انهن کان سندن جانيون به وساراڻي ڇڏيون. (يعني پاڻ کان به غافل ٿي ويا) اهي ئي (صحيح رستي کان هٽي غلط رستي تي هلندڙ) بدڪار آهن. (٢٠) (پنهنجي تخليقي مقصدن کي وساريندڙ) باهه وارا ۽ (پنهنجي تخليقي مقصدن تي جمي بينل) جنت وارا (پنهنجي عملن جي نتيجي ۾) برابر نٿا ٿين. جنت وارا ئي ڪامياب آهن. (٢١) (اي پيغمبر!) جيڪڏهن اسين هن قرآن کي ڪنهن جبل تي نازل ڪريون ها ته، تون ان کي الله جي ڊپ کان عاجزي ڪندڙ ۽ ڦاٽي پوندڙ ڏسين ها. هي مثال اسين ماڻهن لاءِ بيان ڪريون ٿا ته من اهي (عقل ۽ فڪر کان ڪم وٺن ۽) ڏيان ڪن (ته اهڙي عظمت واري قرآن جي خلاف ورزيءَ جا نتيجا ڇا ٿي سگهن ٿا). (٢٢) الله (هن ڪتاب جو موڪليندڙ) اهو آهي جنهن کان سواءِ ڪوبه عبادت جي لائق نه آهي. (سڄي ڪائنات تي سندس ڪارفرمائي آهي) ڳجهه ۽ ظاهر کي ڄاڻڻ وارو آهي. اهوئي وڏو مهربان (پنهنجي ٻانهن تي) نهايت ٻاجهارو آهي. (٢٣) الله اهو آهي جنهن کان سواءِ ڪوبه عبادت جي لائق ناهي. (سموري ڪائنات تي) سندس حڪمراني هلندڙ آهي، (ان جي ڪامل ۽) پاڪ ذات، سيني عيبن کان سلامت، (ڪائنات جي ايذائيندڙ قوتن کان) امن ڏيڻ وارو، (ويڇارن جي) نگهباني ڪرڻ وارو، (ظالمن کان بچائڻ وارو) زبردست، خودمختيار ۽ وڏائي جو سائين آهي. الله هن ڳالهه کان پاڪ آهي جو ماڻهو ساڻس ڪنهن ٻئي (جي قوت ۽ اقتدار) کي شريڪ سمجهن. (٢٤) اهو الله ئي پيدا ڪرڻ وارو، (نقطا آغاز کان) نئون بنائڻ وارو ۽ صورت ڏيڻ وارو آهي. ان جا سڀ چڱا نالا (۽ صفتون) آهن. (هي ته رڳو چند صفتون بيان ڪيل آهن) جو ڪجهه آسمانن ۽ زمين ۾ آهي سو (سندس حڪم جي مطابق هلي ٿو ۽) سندس عظمت جي شهادت ڏئي ٿو ۽ اهوئي زبردست (۽) حڪمت وارو آهي.

سورت الممتحنہ (ظاهر ڪرڻ واري)

بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي.

رڪوع ١ آيت ١ ـ تا ـ ٦

جنگي راز ڪوليو ويهڻ زبردست گمراهي آهي. ابراهيم جي طريقي تي هلي ڪافرن کان پاسيرا ٿيو.

(١) ايمان وارؤ! اوهين منهنجن دشمنن ۽ پنهنجن دشمنن (ڪافرن) کي دوست نہ بنايو! اوهين انهن ڏي دوستيءَ جا پيغام موڪليو ٿا. هوڏانهن جيڪو حق اوهان وٽ آيو آهي، ان جو اهي انڪار ڪري چڪا آهن. اُهي رسول ۽ اوهان کي (پنهنجي ديس مان) هن ڪري ڪڍن ٿا جو اوهين پنهنجي پالڻهار الله کي مڃيو ٿا. جيڪڏهن اوهين (منهنجي قانونن جي پيروي ڪندي) منهنجي رستي ۾ جنگ ڪرڻ لاءِ ۽ منهنجي رضامندي گهرڻ لاءِ نڪتا آهيو (۽ ٻئي پاسي) اوهين لڪي انهن (منڪرن) سان دوستي رکو ٿا. هوڏانهن جيڪي اوهين لڪايو ٿا ۽ جيڪي ظاهر ڪريو ٿا ان کي آڪون چگيءَ ڄاڻندڙ آهيان ۽ جيڪو اوهان مان اهو ڪم ڪندو سو بيشڪ سڌي رستي کان گمراهہ ٿي پري وڃي پيو. (٢) جيڪڏهن اوهين انهن جي هٿ اچي ويندؤ تہ (پوءِ ڏسندؤ ڪيئن) هو اوهان جا دشمن ٿي پوندا ۽ اوهان ڏي ٻڌڙائيءَ سان پنهنجو هٿ ۽ زبانون ڏگهيون (ڪري هر قسم جون اذيتون) ڏيندا ۽ هي خواهش اٿن تہ اوهين (دين کان منحرف ٿي وري) ڪافر ٿيو. (٣) (جيتوڻيڪ اوهان جون انهن سان مائٽيون آهن پر) قيامت جي ڏينهن نہ اوهان جون مائٽيون ۽ نہ اوهان جا اولاد اوهان کي فائدو پهچائيندا، الله اوهان جي وچ ۾ سنڊو وجهندو (توهان کي توهان جا عمل ئي ڪم ڏيندا) ۽ جيڪي اوهين ڪريو ٿا تنهن کي الله ڏسي رهيو آهي. (٤) (مٿئين ڳالهہ کي سمجهڻ لاءِ) بيشڪ ابراهيم ۽ جيڪي ان سان گڏ هئا تن (جي طريقي) ۾ اوهان لاءِ چگي پيروي آهي. جڏهن انهن پنهنجي قوم کي چيو تہ، اسين اوهان کان ۽ جن جي اوهين الله کان سواءِ (پيروي) ۽ پرستش ڪريو ٿا، تن کان بيزار آهيون. اسان اوهان (جي عقيدي) جو انڪار ڪيو ۽ اسان ۽ اوهان جو سچ ۾ دشمني ۽ ويڑ هميشہ لاءِ پڌرو ٿي چڪو (سو تيستائين رهندو) جيستائين اڪيلي الله کي (نہ) مڃيو. پر ابراهيم جو پنهنجي پيءُ کي (صرف ايترو) چوڻ (هو) تہ آڪون ضرور تو لاءِ معافي گهرندس، توڙي جو آڪون تو لاءِ الله جي طرفان ڪنهن شيءِ جو بہ اختيار نہ نڏو رکان. (جڏهن پڌس ايمان نہ آندو تڏهن ابراهيم چيو تہ) اي اسان جا پالينڊڙ! تو تي اسان ڀروسو ڪيو، (تنهنجي هدايت قانون جي صداقت جو اسان کي يقين آهي) ۽ توڏي موٽيا آهيون ۽ (سڀ ڪنهن جو) توڏي ئي موٽڻ آهي. (٥) اي اسان جا پالينڊڙ! اسان کي ڪافرن جي زيردست نہ ڪر ۽ اسان کي حفاظت ۾ رک. اي اسان جا پالينڊڙ! بيشڪ تون سيني جي

مٿان غالب (ع) حڪمت وارو آهين. (٦) بيشڪ ان (ابراهيمي) جماعت ۾ اوهان مان جيڪو الله (جي قربت) ۽ قيامت جي ڏينهن (اچڻ) جي اميد رکي ٿو، ان لاءِ چگي پيروي آهي. ۽ جيڪو منهن موڙيندو تہ الله (انسانن جي مڃتا جو محتاج ڪونهي، هو) بي پرواهہ (ع) ساراهيل آهي.

رڪوع ٢ آيت ٧ ـ تا ـ ١٣

مسلمان مردن لاءِ ڪافر زالون ۽ مسلمان عورتن لاءِ ڪافر مڙس حلال ناهن.

(٧) اميد آهي تہ الله اوهان ۽ انهن جي وچ ۾، جن سان اوهان دشمني رکي آهي، دوستي پيدا ڪري ڏي ۽ الله سڀ ڪجهہ ڪري سگهي ٿو ۽ الله معاف ڪندڙ نهايت رحم وارو آهي. (٨) الله اوهان کي انهن کان نٿو جهلي جن نہ اوهان سان دين جي باري ۾ جنگ ڪئي ۽ نہ اوهان کي پنهنجن گهرن مان ٻاهر ڪڍيو تہ (انهيءَ صورت ۾) اوهين انهن سان پلائي ڪريو ۽ انهن سان انصاف جو معاملو ڪريو. بيشڪ الله تہ انصاف وارن کي پيارو رکي ٿو. (٩) الله رڳو اوهان کي انهن کان جهلي ٿو جن اوهان سان دين جي باري ۾ جنگ ڪئي ۽ اوهان کي پنهنجن گهرن مان ٻاهر ڪڍيو ۽ اوهان جي ڪڍڻ ۾ مدد ڪئي تہ (ان صورت ۾) اوهين انهن سان دوستي نہ رکو، ۽ جيڪي ساڻن دوست رکندا سي ئي (مسلمانن سان) زيادتي ڪندڙ آهن. (١٠) اي ايمان وارؤ! جڏهن ٻہ اوهان وٽ ايمان واريون زالون لڏي اچن تہ انهن (جي ايمان) کي جاچيو، الله تہ انهن جي ايمان کي چگيءَ طرح ڄاڻندڙ آهي، (پر اوهان جي لاءِ تحقيق ڪرڻ ضروري آهي). پوءِ جيڪڏهن (تحقيق مان) اوهان کي معلوم ٿئي تہ اهي ايمان واريون آهن تہ انهن کي ڪافرن ڏي نہ موٽايو، نہ اهي (مسلمان زالون) انهن لاءِ حلال آهن ۽ نہ اهي (ڪافر مرد) هنن لاءِ حلال ٿيندا. ۽ جو ڪجهہ انهن (ڪافر مردن شاديءَ جي سلسلي ۾) خرچ ڪيو هجي سو کين موٽائي ڏيو ۽ (بعد ۾) اوهان تي انهن سان نڪاح ڪرڻ ۾ ڪجهہ ٻہ گناهہ نہ آهي، جڏهن جو اوهين کين سندن مهر ڏيو ۽ ڪافر زالن (جن ايمان نہ آندو آهي تن) جي عزت پنهنجي قبضي ۾ نہ رکو ۽ جيڪو اوهان (شاديءَ جي سلسلي ۾) خرچ ڪيو هجي سو گهري وٺو ۽ جو انهن (ڪافرن) خرچ ڪيو هجي (زالن جي مسلمان ٿي لڏي اچڻ تي) سو اهي گهري وٺن. اهو الله جو حڪم آهي، الله اوهان جي وچ ۾ فيصلو ڪري ٿو ۽ (اختلافي معاملا ان جي حڪمن مطابق حل ڪيو، ڇاڪاڻ تہ) الله علم (ع) حڪمت وارو آهي. (١١) ۽ جيڪڏهن اوهان جي زالن مان ڪا اوهان جي هٿ ڪان نڪري ڪافرن ڏي وڃي (ع اهي شاديءَ جا خرچ ادا نہ ڪن تہ) پوءِ اوهان جي سزا ڏيڻ جو وارو اچي (ع مال غنيمت ملي) تہ جن جون زالون ويون هجن انهن کي (ان مان) ايترو ڏيو جيترو انهن خرچ ڪيو هجي، ۽ (ڏسو زياتي نہ ڪجو) ان الله کان ڊجو جنهن کي اوهين مڃيو ٿا. (١٢) اي نبي! جڏهن مؤمن عورتون (هجرت ڪري) تو وٽ اچي هن ڳالهہ تي بيعت ڪن تہ نہ الله سان ڪنهن شيءِ کي شريڪ ڪنديون ۽ نہ چوري ڪنديون، نہ زنا ڪنديون، نہ پنهنجن ٻچن کي ڪهنديون، نہ

پنهنجن هٿن ۾ پيرن سان (ديده دانستہ) تهمت ٺاهي ڪنهن تي هٽنديون ۽ نہ ڪنهن ڇڳي ڳالهہ ۾ تنهنجي نافرماني ڪنديون تہ تون سندن بيعت قبول ڪر. ۽ انهن کي الله جي حفاظت واري نظام ۾ آڻ! بيشڪ الله (ان نظام هيٺ سيني کي) حفاظت ۾ وٺندڙ نهايت رحم وارو آهي. (۱۳) اي ايمان وارو! اوهين اهڙي قوم سان دوستي نہ رکو جن تي الله (خدائي نظام جي مخالفت جي بنياد تي) ڪاوڙيو آهي. اهي آخرت کان اهڙا ناميد ٿيا آهن جيئن ڪافر قبرن وارن (جي ٻيهر جيئري ٿيڻ) کان ناميد ٿيا.

سورت الصف (صف ٻڌڻ (جنگ لاءِ))

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي.

رڪوع ۱ آيت ۱ ـ تا ـ ۹

اهڙي ڳالهہ چو ٿا چئو جيڪا نٿا ڪريو.

(۱) جو ڪجهہ آسمانن ۾ ۽ جو ڪجهہ زمين ۾ آهي، سو الله جي (مقرر ڪيل نظام تي هلندي سندس عظمت ۽) پاڪائي بيان ڪري ٿو، ۽ اهوئي زبردست (۽) حڪمت وارو آهي. (۲) اي ايمان وارو! (اوهان بي پنهنجو عمل ان جي قانونن تي پابنديءَ سان هلندي ڏيکاريو ۽) اهڙي ڳالهہ چو ٿا چئو جا نٿا ڪري سگهو؟ (۳) جيڪي اوهين (عملي طرح) نٿا ڪريو سا ڳالهہ (زباني طرح) چوڻ الله وٽ وڏي ڪاوڙ جي ڳالهہ آهي. (٤) بيشڪ الله انهن کي دوست رکي ٿو جيڪي (عملي طرح) سندس رستي ۾ صفون ٻڌي جنگ ڪن ٿا (۽ پنهنجي ان عمل تي ايڏو مضبوطيءَ سان ٻيٺل آهن) جڙ تہ اهي شيهي پلٽيل پٽ آهن. (۵) ۽ (اهو وقت ياد ڪر) جڏهن موسيٰ پنهنجي قوم کي چيو تہ، اي منهنجي قوم! چو مون کي ڏکويو ٿا. اوهين تہ ڄاڻو ٿا تہ بيشڪ آڻون اوهان جي طرف الله جو موڪليل آهيان. (۽ ان جي تجويز ڪيل رستي تي اوهان کي سڏيان ٿو) پوءِ جڏهن ڏنگا ٽيا تہ الله بي (ڍگهو رسو ڏيئي) سندن دلين کي (پوريءَ طرح) ڏنگو ڪيو، ۽ (جيڪو ڄاڻي واڻي غلط رستن تي هلندو تہ ان سرڪشيءِ جي ڪري الله (اهڙي) بدڪار قوم کي رستو نٿو ڏيکاري. (٦) ۽ (اهو وقت ياد ڪر) جڏهن مريم جي پٽ عيسيٰ چيو تہ، اي بني اسرائيل! بيشڪ آڻون اوهان جي طرف الله جو موڪليل آهيان. (مان ڪا نئين شريعت ڪٽي نہ آيو آهيان بلڪ) جيڪو تورات منهنجي اڳيان آهي ان کي سچو چوندڙ آهيان ۽ هڪ اهڙي رسول جي خوشخبري ٻڌائيندڙ جو مون کان پوءِ ايندو. ان جو نالو احمد (الله جي گهٽي تعريف ڪرڻ وارو) هوندو. پوءِ اهو جڏهن وٽن پڌريون نشانيون ڪٽي آيو تڏهن (حضرت موسيٰ کان وڌي حضرت عيسيٰ تائين نبين کي تنگ ڪندڙ ساڳين بني اسرائيلن) چيو تہ، هي پڌرو جادو آهي. (۷) ۽ ڪير ان کان وڌو ظالم آهي

جيڪو الله تي ڪوڙ گھڙي ٿو، هوڏانھن ان کي اسلام (سلامتيءَ واري طريقي تي) ڏانھن سڏيو وڃي ٿو. ۽ الله زيادتي ڪندڙ قوم کي رستو نٿو ڏيکاري. (٨) اُھي (ڪافر) گھرن ٿا تہ الله جي روشنيءَ کي پنھنجن واتن سان ڦوڪ ڏئي وسائي ڇڏين، هوڏانھن الله پنھنجي نور کي پورو ڪرڻ وارو آھي، توڙي جو (اکين ٻوٽ) ڪافرن کي برو لڳي. (٩) هو اُھو آھي جنھن پنھنجي رسول (محمد ﷺ) کي سڌي رستي جي سمجھ ۽ (زندگيءَ جي ضابطي جو) مڪمل ۽ سچو دين ڏيئي موڪليو تہ ان کي سيني دينن تي غالب ڪري توڙي جو مشرڪن کي برو لڳي.

رڪوع ٢ آيت ١٠ ـ تا ـ ١٤

حضرت عيسيٰ عليہ السلام تورات ۾ حضرت جن جي متعلق پيشنگوئيءَ جي تصديق ڪئي.

(١٠) اي ايمان وارو! (جيڪي دنيوي ڪاروبار ۾ مشغول آھيو) ڇا آءٌ اوھان کي اھڙيءَ سوداگريءَ جي خبر ڏيان جا اوھان کي دردناڪ عذاب کان بچائي؟ (١١) الله ۽ سندس رسول تي ڪامل ايمان آڻيو ۽ الله جي رستي ۾ (خدائيءَ نظام قائم ڪرڻ لاءِ) پنھنجن مالن ۽ جانين سان جنگ ڪريو، اھو (سودو) اوھان لاءِ تمام چڱو آھي جيڪڏھن اوھين ڄاڻو. (١٢) (ائين ڪندو تہ الله) اوھان جي غلطين کي (ھن دنيا ۾ ٻہ) معاف ڪندو ۽ (آخرت ۾ ٻہ) اوھان کي اھڙن باغن ۾ داخل ڪندو جن جي ھيٺان واھ وھن ٿا ۽ سٺين جاين ۾ ٻہ (داخل ڪندو) جيڪي رھڻ وارن باغن ۾ ھوندیون. اھا وڏي ڪاميابي آھي. ان لاءِ جيڪو پاڻ کي لھٽيدار ٻڌائي. (١٣) ۽ ھڪڙي ٻي ٻہ ڳالھ (اوھان کي ڏيندو) جنھن کي اوھين (خاص طور تي) پسند ڪريو ٿا (يعني) الله جي طرفان مدد ۽ جلد فتحيابي ۽ ايمان وارن کي (ان جي) خوشخبري ٻڌاءِ. (١٤) اي ايمان وارو! (ھي سڀ ڪجھ پاڻھي ڪونہ ٿيندو، بلڪ ان لاءِ) الله جي دين جا مددگار ٿيو، جيئن مريم جي پٽ عيسيٰ پنھنجن يارن کي چيو تہ، الله جي رستي ۾ منھنجا مددگار ڪير ٻڌجن ٿا؟ انھن يارن چيو تہ، اسين الله (جي دين) جا مددگار آھيون، (انھن ڪوششن کان پوءِ) بني اسرائيلن مان ڪجھ ماڻھن ايمان آندو ۽ ڪجھ ماڻھو منڪر ٿي ٻيٺا. پوءِ اسان ايمان وارن کي سندن دشمنن تي طاقت ڏني پوءِ اھي غالب ٿيا.

سورت الجمعہ (معنيٰ: گڏ ٿيڻ)

بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي.

رکوع ۱ آيت ۱ ـ تا ـ ۸

حضرت جن سيني قومن لاءِ رسول آهن، پاڻ سڳورن جو منصب.

(۱) جو ڪجهہ آسمانن ۾ ۽ جو ڪجهہ زمين ۾ آهي سو الله جي (مقرر ڪيل نظام تي هلندي سندس عظمت ۽) پاڪائي بيان ڪري ٿو، جو بادشاه، پاڪ ذات ۽ زبردست (۽) حڪمت وارو آهي. (۲) هو اُهو آهي جنهن (ڪائنات جي نظام کي ترتيب ۾ رکڻ واڱر انساني نظام کي ترتيب ۾ رکڻ لاءِ) اڻ پڙهيلن ۾ (جن کي اڳ عرصي کان آسماني ڪتاب نہ مليو هو) انهن مان هڪ رسول موڪليو جيڪو کين سندس آيتون پڙهي ٻڌائي ٿو ۽ کين (تربيت سان) پاڪ ڪري ٿو ۽ کين ڪتاب ۽ عقلمندي (ٻيا علم ۽ فهم) سيکاري ٿو، ۽ بيشڪ اهي تہ هن کان اڳ پڌري گمراهيءَ ۾ هئا. (۳) ۽ انهن مان ٻين لاءِ بہ (جيڪي بعد ۾ ايندا ان کي (ڪي) موڪليو اٿس) جيڪي اڃا تائين مسلمان سان نہ مليا آهن ۽ اهو (هينئر عالمگير نبوت ڏيڻ ۾) زبردست حڪمت وارو آهي. (٤) اهو (وحي جو اڇڻ) الله جو فضل آهي جنهن کي وڻيس (جو پنهنجي مشيت سان وحي جي مخاطبن کي ان لائق سمجهي) تنهن کي ڏئي ۽ الله وڏي فضل وارو آهي. (۵) جن کي تورات (جو ڪتاب) ڪٽايو ويو، پوءِ ان کي نہ ڪنيائون، انهن جو مثال گڏهہ جي مثال جهڙو آهي، جو (گهٽا) ڪتاب ڪٽي وڃي ٿو. جن ماڻهن الله جي آيتن کي (پنهنجي بي عملين جي انڪار سان) ڪوڙو ڪيو تن جي حالت ڪهڙي نہ بڇڙي آهي. ۽ الله (اهڙي) زيادتي ڪندڙ قوم کي رستو نٿو ڏيکاري. (٦) (اي پيغمبر!) چئو تہ، اي يهوديو! جيڪڏهن اوهين هي دعويٰ ڪريو ٿا تہ سيني ماڻهن (منجهئون) رڳو اوهين الله جا دوست آهيو تہ (پوءِ ان جي آزمائش هي آهي تہ سندس رستي ۾) موت جي خواهش ڪريو جيڪڏهن (ان دعويٰ ۾) سچا آهيو. (۷) هوڏانهن اهي ڪڏهن بہ اها خواهش نہ ڪندا، انهن ڪمن جي (پوَ) ڪري جن کي سندن هٿن اڳي (آخرت لاءِ) موڪليو آهي ۽ الله مجرمن کي چڱيءَ طرح ڄاڻندڙ آهي. (۸) (اي پيغمبر! کين) چئو تہ جنهن موت کان اوهين پڇو ٿا سو (ضرور هڪ نہ هڪ ڏينهن) اوهان کي پهچڻ وارو آهي. وري ڳجهہ ۽ ظاهر کي ڄاڻڻ واري ڏي اوهان کي موٽايو ويندو، پوءِ جيڪي اوهين ڪريو پيا تنهن جي (نتيجي جي) اوهان کي خبر ڏيندو.

رکوع ۲ آيت ۹ ـ تا ـ ۱۱

جڏهن جمعي جي نماز لاءِ بانگ ڏني وڃي تہ سودي ۽ واپار کي ڇڏي ڏيو.

اي ايمان وارو! جڏهن جمعي جي ڏينهن نماز لاءِ بانگ ڏني وڃي تہ (اجتماعي طرح) الله جي

ياد ڪرڻ لاءِ جلد ڪريو ۽ سودي واپار (۽ ٻين مشغولين) کي ڇڏي ڏيو. (اڇي الله جا قانون ۽ هدايتون ٻڌو جن جي مطابق توهان کي هلڻو آهي.) اهو (اجتماع) اوهان لاءِ گهڻو چگو آهي، جيڪڏهن اوهين (ان جا نتيجا) ڄاڻو!(۱۰) پوءِ جڏهن نماز ڏي وڃي ته (پلي) زمين تي پکڙجي وڃو ۽ (حلال رزق ڏريعي) الله جو فضل گهرو ۽ (دنيا جي سيني ڪمن ۾) الله (جي قانونن تي عمل ڪندي ان) کي گهڻو ياد ڪريو تان ته اوهين ڪامياب ٿيو. (۱۱) (اي پيغمبر!) اهي جڏهن ڪو واپار يا ڪو تماشو ڏسن ٿا ته ان ڏي ڌڙي پکڙي وڃن ٿا ۽ تو کي (خطبي ۾) بيٺل ڇڏي ٿا ڏين. (اي پيغمبر!) تون چئو ته، جو الله وٽ آهي سو تماشي ۽ واپار کان گهڻو چگو آهي ۽ الله سيني کان چگو روزي ڏيندڙ آهي.

سورت المنافقون

بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي.

رڪوع ۱ آيت ۱ ـ تا ـ ۸

منافقن جي نفسيات ۽ ڪرتوت

(۱) (اي پيغمبر!) جڏهن تو وٽ منافق اچي چون ٿا ته، اسين شاهدي ڏيون ٿا ته، بيشڪ تون الله جو موڪليل آهين ۽ الله ڄاڻي ٿو ته (هي ماڻهو رڳو زبان سان اها ڳالهه چون ٿا ۽ دل سان تو کي رسول نٿا مڃن) بيشڪ تون ته ان جو ئي موڪليل آهين ۽ الله شاهدي ڏئي ٿو ته بيشڪ منافق (زباني اظهار ۾) ڪوڙا آهن. (۲) انهن پنهنجن قسمن کي (پنهنجي جان ۽ مال بچائڻ لاءِ) ڍال ڪري ورتو آهي، پوءِ اهي (ٻين کي ٻ) الله جي رستي کان پيا روڪين. بيشڪ اهي جو ڪجهه پيا ڪن سو (سندن لاءِ ئي) ڪهڙو نه بڇڙو آهي. (۳) اهو هن ڪري ته انهن ايمان آندو، وري انڪار ڪيائون، پوءِ (ٻيائيءَ جي ريت تي هلڻ ڪري) انهن جي دلين تي مهر لڳي وئي، سو هاڻي انهن ۾ سوچڻ ۽ سمجهڻ جي صلاحيت ئي نه رهي. (٤) ۽ (اي پيغمبر!) جڏهن تون کين ڏسندين ته (ظاهري طرح) تو کي سندن جثا معتبر لڳندا. ۽ جيڪڏهن ڳالهه ڪندا ته (اهڙا ميسٽا ٿي جو) تون سندن ڳالهه (همدرديءَ سان) ٻڌندين. (حقيقت ۾ اهي اندران اڌوهي کاڏل آهن) جڏ ته اهي ٽيڪ تي بيهاريل بنڊ آهن. (بزدل وري اهڙا آهن جو) هرهڪ هڪل کي پنهنجي لاءِ (مصيبت) سمجهن ٿا. (اي پيغمبر!) اهي ئي تنهنجا دشمن آهن، سو انهن کان بچندو رهه. الله جي مٽن مار پوي جو کيئن ابتي روش ورتي اٽن. (۵) ۽ جڏهن کين چيو وڃي ٿو ته، اچي (پنهنجي ڪمزورين ۽ ڪوتاهين جو اقرار ڪريو) ته الله جو رسول اوهان لاءِ معافي گهري ته پنهنجا مٿا موڙين ٿا ۽ (اي پيغمبر!) تون (ان وقت) کين ڏسندين ته وڏائي ڪري منهن موڙين ٿا. (٦) انهن جي لاءِ ٻئي ڳالهيون برابر آهن ته تون انهن لاءِ (تباهيءَ کان بچڻ جي دردمندي ڪندي) معافي گهرين ٿا نه گهرين. الله کين ڪڏهن

بہ معاف نہ ڪندو. بيشڪ الله (سرڪشيءِ تي سندرو ٻڌل) بدڪار قوم ڪي رستو نٿو ڏيڪاري. (۷) هي اهي آهن جو چون ٿا تہ، جيڪي (ماڻهو) الله جي رسول وٽ آهن، تن تي خرچ نہ ڪريو تہ اهي (بک وچڻون) ڇڏي پکڙي وڃن (ڇو رسول جي مشن ناڪام ٿئي) ڇو (حقيت هيءَ آهي تہ) آسمانن ۽ زمين جا سڀ خزانا الله جا آهن پر منافق (انهيءَ راز کي) نٿا سمجهن. (۸) چون ٿا تہ، ضرور جيڪڏهن اسين مدينيءَ ڏي موٽياسون تہ (پوءِ ڏسجو) وڏيڪ عزت وارو (منافق ٽولو) وڏي بي عزت (مسلمان جماعت) کي اتان ڪڍي ڇڏيندو. هوڏانهن عزت ۽ غالبو الله، سندس رسول ۽ مؤمنن کي آهي پر منافق نٿا ڄاڻن.

رڪوع ۲ آيت ۹ ـ تا ـ ۱۱

اوهان کي پنهنجا مال ۽ اولاد الله جي ياد کان غافل نہ ڪن

(۹) اي ايمان وارو! نہ کي اوهان کي پنهنجي مال (وڏائڻ جي هٻچ) ۽ کي اولاد (جي مستقبل حَسين بنائڻ جي اجائي بيقراري) الله جي ياد کان ۽ فرمانبرداريءَ کان غافل ڪن ۽ جيڪي ائين ڪندا سي ئي نقصان پائڻ وارا آهن. (۱۰) ۽ جو اوهان کي اسان رزق ڏنو آهي سو هن کان اڳي خرچ ڪريو جو اوهان مان ڪنهن وٽ موت اچي وڃي پوءِ (حسرت ڪري) چوي تہ، اي منهنجا پالينڌڙ! جيڪر مون کي ٿوري مدت تائين مهلت ڏئين ها تہ خيرات ڪريان ها ۽ (انهن ڇڪن ماڻهن مان ٿيان ها! (جيڪي تنهنجي نظام ۽ مخلوق لاءِ خرچ ڪري، انسانيت کي سنوارين ۽ پنهنجي ذات کي سرخرو ڪن ٿا.) (۱۱) هوڏانهن الله (پنهنجي مقرر قانون هيٺ) ڪڏهن بہ ڪنهن کي مهلت ڏيڻ وارو نہ آهي، جڏهن سندس مقرر وقت اچي ويندو. (سو جيڪي ڪرٽو آهي ان ۾ دير نہ ڪيو) ۽ جيڪي اوهين ڪريو ٿا تنهنجي (نيت ۽ جذبن جي) الله خبر رکندڙ آهي.

سورت التغابن (معنيٰ: ڪنڊ هارائڻ)

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي.

رڪوع ۱ آيت ۱ ـ تا ـ ۱۰

جنهن ڏينهن الله اوهان کي گڏ ڪندو اهو ئي ڪنڊ ۽ هارائڻ جو ڏينهن آهي.

(۱) جو ڪجهہ آسمان ۾ ۽ جو ڪجهہ زمين ۾ آهي سو الله جي (مقرر قانون تي هلندي ان جي عظمت ۽) پاڪائي بيان ڪري ٿو. ان جي ئي بادشاهي آهي ۽ ان جي ئي تعريف آهي ۽ هر (شيءِ کي پنهنجي مقرر قانونن تي هلائڻ جي) انهيءَ کي سڀ کا قدرت حاصل آهي. (۲) هو اهو آهي جنهن اوهان کي (انسان ڪري) پيدا ڪيو (اوهان کي ارادي ۽ اختيار جي سگهہ مليل آهي، ان سگهہ جو نتيجو آهي جي) ڪو اوهان مان ڪافر ۽ ڪو اوهان مان ايمان وارو آهي. ۽ جيڪي اوهين ڪريو

ٿا (ان جا نتيجا ان مڪافات واري قانون هيٺ جڙن ٿا) تنهن کي الله ڏسندڙ آهي. (٣) آسمانن ۽ زمين کي تدبير سان (خوبين وارو) بنايو اٿس ۽ اوهان جون صورتون (خوبين واريون) بنايون اٿس، پوءِ اوهان جي صورتن کي (ڪارگر ڪري) چگو ڪيو اٿس (تہ جيئن ان معيار کي سامهون رکي خدا جي صفتن کي پاڻ ۾ اوتيو. زندگي جي اصل ريت اها ئي آهي ۽ پوءِ) ان ڏي ئي موٽڻ آهي. (٤) جو ڪجھ آسمانن ۽ زمين ۾ آهي، انکي ڄاڻي ٿو. ۽ جو لڪايو ٿا ۽ جو ظاھرظھور ڪريو ٿا، ان کي بہ ڄاڻي ٿو ۽ الله دلين جي (اندر پچندڙ پھن، خيالن ۽) ڳالھين کي ڄاڻندڙ آهي. (انھيءَ ڪري ممڪن ئي ڪونھي تہ انسان جو عمل نتيجي بنا رھجي وڃي.) (٥) ڇا اوھان کي انھن جي خبر نہ پھتي جيڪي ھن کان اڳي ڪافر ٿيا، پوءِ انھن (دنيا ۾) پنھنجي ڪم جي سزا (جو مزو) چکيو ۽ (آخرت ۾ بہ) انھن لاءِ دردناڪ عذاب آهي. (٦) اھو ھن ڪري تہ انھن وٽ سندن رسول ظاھر نشانيون، دليل ۽ قانون ڪٽي ايندا ھئا، پوءِ تن چيو تہ، اسان کي (اسان جھڙا) ماڻھو رستو ڏيکارينداچا؟ (حالانڪ انھن کي تہ الله جي ڳالھ ڏسٽي ھئي) پوءِ (غور ڪرڻ بنا تڪبر وچئون) انڪار ڪيائون ۽ منھن کوڙي ڇڏيائون ۽ الله بہ (سندن) پرواھ نہ ڪئي ۽ الله بي پرواھ ساراھيل آهي. (٧) ڪافر دعويٰ ڪن ٿا تہ ڪين ڪڏھن بہ جيئرو ڪري نہ اٿاريو ويندو. (اي پيغمبر! ڪين) چئون تہ، چو نہ! آڻون پنھنجي پالينڊڙ جو قسم کٽان ٿو تہ، اوھان کي ضرور جيئرو ڪري اٿاريو ويندو. پوءِ جيڪي اوھين ڪريو ٿا تنھن جي اوھان کي خبر ڏني ويندي ۽ اھو (ڪم) الله لاءِ (بيحد) آسان آهي. (٨) تنھن ڪري الله ۽ سندس رسول تي ۽ ان نور (قرآن) تي جو اسان (عقل جي رھنمائي لاءِ روشني ڪري) نازل ڪيو آهي، ايمان آڻيو ۽ جيڪي اوھين ڪريو ٿا تنھن جي الله خبر رکندڙ آهي. (جو سڀ ڪم ان جي مڪافات واري قانون جي نگاھ ۾ ھوندا آھن). (٩) (جيڪڏھن توھان ائين نہ ڪيو تہ پوءِ) جنھن ڏينھن الله اوھان کي (آخري فيصلي طور) گڏ ٿيڻ جي ڏينھن لاءِ گڏ ڪندو، اھوئي ڪٽ ھاراڻ جو ڏينھن آهي ۽ جيڪي الله تي ايمان رکندڙ ھوندا ۽ چگو عمل ڪندا رھيا تہ انھن کان سندن مدايون مينڊي ڇڏيندو ۽ انھن کي اھڙن باغن ۾ داخل ڪندو جن جي ھيٺان نھرون وھن ٿيون. انھن ۾ ھميشہ رھندا. اھائي وڏي ڪاميابي آهي. (١٠) ۽ جن (دنيا جي زندگيءَ ۾) انڪار ڪيو ۽ اسان جي آيتن کي ڪوڙو ڪيو سي ئي باھ وارا آھن، ان ۾ پيا رھندا ۽ اھا موٽڻ جي جاءِ ڏاڍي بچڑي آهي.

رڪوع ٢ آيت ١١ ـ تا ـ ١٨

اوھان جا مال ۽ اوھان جي اولاد رڳو آزمائش آھن.

(١١) ڪابہ اٽوٽندڙ ڳالھ الله جي (مقرر قانونن) کان سواءِ نٽي ٽئي. ۽ جيڪو الله تي ايمان آڻيندو (تہ پنھنجي عقل ۽ فھم سان الله جي مقرر قانونن جي اھا ھدايت واري روشني ماڻيندو. نتيجي ۾) اھو سندس دل کي (مصيبتن کان بچڻ جو) رستو ڏيکارينداو ۽ الله سڀ ڪنھن شيءِ کي

چاڻندڙ آهي. (١٢) ۽ الله جو حڪم مڃيو ۽ رسول جو حڪم مڃيو، پوءِ جيڪڏهن منهن موڙيندؤ تہ (ان ۾ اوهان جو پنهنجو ئي نقصان آهي) اسان جي رسول تي تہ رڳو پڌرو پيغام پهچائڻ جو ڪم آهي. (١٣) الله کان سواءِ ڪوبہ عبادت ۽ فرمانبرداريءَ جي لائق نہ آهي ۽ الله (جي قانونن جي محڪميت ۽ ٺوس هٿ) تي ئي ايمان وارن کي ڀروسو ڪرڻ گهرجي. (١٤) اي ايمان وارؤ! ڪي اوهان جون زالون ۽ اولاد (خدا جي فرمانبرداري واري نظام ۾ عملي شرڪت تي) اوهان جا دشمن آهن. پوءِ (انهن کي ساڻي انسانيت عام جي فڪر تي ونڊي اڇو پر) انهن کان هوشيار رهو ۽ جيڪڏهن (ڪا اڻڄاڻي ڪري وجهن تہ کين) معاف ڪريو، مڙي وجو ۽ بخش ڪريو تہ الله گهٽو معاف ڪندڙ نهايت رحم وارو آهي. (١٥) اوهان جا مال ۽ اولاد رڳو آزمائش آهن ۽ (اوهان خدائي قانونن تي هلي ان آزمائش ۾ پار پئو تہ پوءِ) الله وٽ (پار پوڻ وارن لاءِ) وڏو اجر آهي. (١٦) سو جيترو ٿي سگهيو اوترو الله کان ڊڄو ۽ (الله جا احڪام) ٻڌو ۽ چيو مڃيو ۽ (پنهنجي ڪمائي خدا جي پالٹهاريءَ وانگر ڪليل رکي) خرچ ڪريو تہ اوهانجي نفسن جو پلو ٽٽي ۽ جيڪي (ٻين جي ضرورت کي پنهنجي وس آهر نظرانداز نہ ڪندا ۽) پنهنجي نفسن جي حرص کان بچايا ويندا، سي ئي ڪامياب آهن. (١٧) (الله جي چوڻ تي هلي ٻين جون ضرورتون پوريون ڪري) جيڪڏهن اوهين الله کي چگو قرض ڏيندو تہ هو اوهان کي اهو (قرض) گهٽو وڌائي ڏيندو ۽ اوهان کي (نقصانن کان) بخشيندو. ۽ الله وڏو قدردان (ماڻهن جي ڪوتاهي ڪرڻ تي) بردبار آهي. (١٨) ڳجهہ ۽ ظاهر (۾ اوهانجي نيتن ۽ جَذبن) کي ڄاڻڻ وارو زبردست (۽) حڪمت وارو آهي.

سورت الطلاق (معنيٰ: طلاق ڏيڻ)

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي.

رڪوع ١ آيت ١ ـ تا ـ ٧

زالن کي طلاق ڏيو تہ انهن کي سندن عدت (جي مناسبت) تي طلاق ڏيو.

(١) اي نبي (مسلمانن کي چئو تہ) جڏهن اوهين زالن کي طلاق ڏيو تہ انهن کي سندن عدت (جي مناسبت) تي طلاق ڏيو ۽ عدت کي ڳڻيندا رهو ۽ پنهنجي پالينڊڙ الله کان ڊڄو. انهن کي سندن گهرن مان (عدت جي مدت ۾) پڌري بيحيائي جي ڪم سرزد ٿيڻ کان سواءِ، ٻاهر نہ ڪيو ۽ نہ اهي پاڻ ٻاهر نڪرن ۽ اهي الله جون حدون (۽ قانون) آهن، ۽ جيڪو الله جي حدن کان لگهندو تہ ان (سان اڳلي کي بہ نقصان پهچندو ۽ ان) پنهنجي نفس تي (بہ) ظلم ڪيو، (ڇو تہ) اهو نٽو ڄاڻي تہ متان الله ان (طلاق ڏيڻ) کان پوءِ ڪا (ميلاپ جي) نئين ڳالهہ پيدا ڪري. (٢) پوءِ جڏهن اهي (زالون) پنهنجي (عدت واري) مدي کي پهچن تہ رواج (۽ قانون) موجب انهن کي (رجوع ڪرڻ سان يا نئين نڪاح سان) جهليو (۽ زال مڙس جي زندگي گهاريو) يا رواج

موجب انهن کان جدا ٿيو ۽ (آخري فيصلي تي) پاڻ مان اعتبار وارن ۾ ڇڻن کي شاهد ڪريو ۽ الله جي واسطي (ڪنهن جي روءِ رعايت ڪرڻ کان سواءِ) پوري شاهدي ڏيو. هن (حڪم) سان ان کي نصيحت ڪئي وڃي ٿي جيڪو الله ۽ قيامت جي ڏينهن کي مڃي ٿو. ۽ جيڪو الله (جي قانون جو لحاظ رکي ان) کان ڊڄندو ته الله ان لاءِ مشڪل مان نڪرڻ جو رستو پيدا ڪري ڏيندو. (٣) (ان مسئلي ۾ مالي مشڪلاتون آيس ته) ان کي اتان روزي ڏيندو جتان گمان ۾ نه هوندس ۽ جيڪو الله تي ڀروسو ڪندو ته الله ان (جي سات ڏيڻ) لاءِ ڪافي آهي. بيشڪ الله پنهنجي ڪم کي (پنهنجي قانون سان) پورو ڪرڻ وارو آهي. الله سڀ ڪنهن شيءِ جو اندازو ڪري ڇڏيو آهي. (٤) ۽ جيڪي اوهان جي زالن مان حيض اچڻ کان نااميد ٿيون هجن (تن جي عدت بابت) جيڪڏهن شڪ ۾ پيا آهيو ته سندن عدت ٽي مهينا آهي ۽ ((اهڙيءَ طرح) اهي زالون جن کي حيض نه آيو هجي (تن جي عدت ۾ ٽي مهينا شمار ڪريو) ۽ پيٽ وارين زالن جي عدت پنهنجي ٻار ڄڻڻ تائين آهي. ۽ جيڪو الله (جي قانونن تي هلي ان) جو لحاظ رکندو ته الله سندس ڪم کي آسان ڪري ڇڏيندو. (٥) اهو الله جو حڪم آهي ان کي اوهان جي طرف نازل ڪيو اٿس. ۽ جيڪو الله کان ڊڄندو ته الله ان (ڪم ۾ پيش ايندڙ ڏکيائيون ۽ مدايون ان کان پري ڪندو ۽ ان کي وڏو اجر ڏيندو. (٦) اوهين انهن (زالن) کي اتي رهايو جتي پنهنجي طاقت آهر پاڻ رهيا پيا آهيو. ۽ انهن کي تنگ ڪرڻ لاءِ نه ايذايو. ۽ جيڪڏهن پيٽ سان هجن ته انهن کي خرچ ڏيو. جيستائين پنهنجو ٻار ڄڻين. پوءِ جيڪڏهن اوهان جي لاءِ (ٻار کي) کير پيارين ته کين سندن اجرت ڏيو! ۽ رواج موجب (انهن معاملن تي) پاڻ ۾ صلاح مشورو ڪريو. ۽ جيڪڏهن (ان ڳالهه تي) اتفاق نه ٿئي ته پوءِ (ٻار کي) کا ٻي (عورت) کير پيارينديِ. (٧) (مطلق جو خرچ يا کير پيارڻ جي لاءِ) ڪشادگيءَ وارو پنهنجي ڪشادگي آهر خرچ ڪري. ۽ جنهن جي آمدني ٽوري هجي ته اهو ان مان خرچ ڪري جيڪو الله ان کي ڏنو آهي. الله ڪنهن شخص کي تڪليف نٿو ڏئي. پر ان مطابق جيڪي ان کي ڏنو اٿس. (جيڪڏهن ان عمل سان وقتي تنگي ٿي ته) الله تنگيءَ کان پوءِ جلد آساني ڪري ڏيندو.

رڪوع ٢ آيت ٨ ـ تا ـ ١٢

قرآن جي ڏسيل وات جا منڪر هميشه عذاب ۾ رهيا.

(٨) ۽ گهڻن ڳوڻن پنهنجي پاليندڙ ۽ سندس رسول جي (ٻڌايل اهڙن عائلي يا معاشرتي قانونن ۽) حڪم جي نافرماني ڪئي پوءِ اسان سندن سخت حساب ورتو ۽ کين سخت عذاب ڏنوسون. (٩) پوءِ انهن پنهنجي (خدائي قانونن سان ٽڪراءُ ۾ هٽ ٿوکين قانونن جي نتيجن ۽) ڪم جي سزا (جو مزو) چکيو ۽ سندن ڪم جي پڇاڙي نقصان ٿي نقصان هو. (١٠) الله انهن لاءِ (آخرت ۾) سخت عذاب تيار ڪري رکيو آهي. پوءِ اي عقل وارا مؤمنو! الله کان ڊڄو! (۽ ان جي قانونن جي پاسخاطري رکو) الله اوهان ڏي هڪ ڪتاب (قرآن ڇڻا حڪم ڏئي) نازل ڪيو آهي. (١١) ۽ هڪڙو

اهڙو رسول (موڪليو اٿس) جو اوهان کي الله جون پڌريون آيتون پڙهي ٻڌائي ٿو تہ جن ايمان آندو ۽ چگا ڪم ڪيا تن کي اونداهين مان سوجهري ڏي ڪڍي ۽ جيڪو الله تي ايمان آڻيندو ۽ چگا ڪم ڪندو تہ الله ان کي اهڙن باغن ۾ داخل ڪندو جن جي هيٺان واهہ پيا وهن انهن ۾ هميشہ رهندا. بيشڪ الله ان جي روزي چگي ڪئي آهي. (۱۲) الله اهو آهي جنهن ست آسمان ٻنايا آهن ۽ انهن جهڙي زمين بہ. انهن جي وچ ۾ حڪم نازل ٿيندا رهن ٿا (۽ اهي حڪم الله جي انهن مقرر ڪيل قانونن تي ئي ٻڌل رهن آهن. اهو اوهان کي ان لاءِ ٻڌايو ويو) تہ تہ اوهين ڄاڻو تہ الله سڀ ڪجهہ ڪري سگهي ٿو ۽ الله جي علم سڀ ڪنهن شيءِ کي پنهنجي گهيري ۾ وٺي رکيو آهي.

سورت التحريم (حرام ڪرڻ)

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي.

رکوع ۱ آيت ۱ ـ تا ـ ۷

الله جون حلال ڪيل شيون پنهنجي مٿان حرام نہ ٻڌايو. هرهڪ کان پنهنجي رعيت ۽ نگراني ۾ آيل جي پڇا ٿيندي.

(۱) اي نبي! جنهن شيءِ کي الله تو لاءِ حلال ڪيو آهي، سا تون ڇو (قسم ذريعي پاڻ تي) حرام ڪرين ٿو؟ (۽ اهو بہ ان لاءِ تہ) تون پنهنجي زالن جي رضامندي گهرين ٿو. ۽ الله گهٽو معاف ڪندڙ نهايت رحم وارو آهي. (جو تو کي تنبيهہ ڪري ان جي خرابيءَ کان توکي بچائڻ گهري ٿو). (۲) بيشڪ الله اوهان جي قسمن جو کولڻ درست ڪيو آهي ۽ الله اوهان جو مالڪ آهي (جنهن پنهنجي قانون ۾ هن ڳالهہ جي گنجائش رکي آهي تہ سهو ۽ خطا جو تدارڪ ٿئي) ۽ اهوئي علم وارو حڪمت وارو آهي. (جو انسان جي طبعي ڪمزورين کي ڄاڻي ٿو.) (۳) ۽ (ياد ڪر تہ) جڏهن نبي پنهنجي زالن مان ڪنهن زال کي ڳجهي ڳالهہ چئي، پوءِ جڏهن ان (بيبيءَ) اها (ڳجهي ڳالهہ ٻي بيبيءَ کي) ٻڌائي ۽ الله نبيءَ کي ان جي خبر ڏني تہ پاڻ ڪجهہ ڳالهہ بيان ڪيائون ۽ ڪجهہ ڳالهہ بيان ڪرڻ کان منهن موڙيائون. پوءِ جڏهن (بيبيءَ) کي ڳجهي ڳالهہ جي (پڌري ڪرڻ) جي خبر ڏنائون تہ ان چيو تہ، تو کي هيءَ ڳالهہ ڪنهن ٻڌائي آهي؟ پاڻ چيائون تہ مون کي پوري ڄاڻ واري ۽ پوري خبر رکڻ واري (الله) ٻڌائي آهي. (٤) (اي پيغمبر جون ٻئي بيبيون! جيڪي هن راز ۾ شريڪ هيو) جيڪڏهن اوهين ٻئي الله وٽ توبہ ڪندیون (تہ سڀ ڳالهہ آهي) ڇو تہ اوهان جون دليون ڏنگيون ٿي ويون آهن ۽ جيڪڏهن اوهين ٻئي پيغمبر جي برخلاف هڪ ٻئي جي مدد ڪندیون (تہ ياد رکو توهان ان جو ڪجهہ بگاڙي نہ سگهندیون، ڇاڪاڻ) تہ بيشڪ الله سندس ڪم ڌاهيندڙ آهي ۽ جبريل ۽ چگا مسلمان ۽ ملائڪ هن کان پوءِ (سندس) مددگار آهن. (۵) اميد آهي تہ پيغمبر

جيڪڏهن (مودت ۾ سکون نہ پائڻي) اوهان کي طلاق ڏيندو تہ سندس پالينڊڙ ان کي بدلي ۾ اهڙيون زالون ڏيندو جيڪي اوهان کان گهٽيون چگيون، اسلام واريون، ايمان واريون، تابعدار، توبہ ڪرڻ واريون، عبادت ڪرڻ واريون، روزا رکڻ واريون، (کي) رنڍون ۽ (کي) ڪنواريون هوندينون. (٦) اي ايمان وارؤ! پاڻ کي ۽ پنهنجن گهر جي ڀاتين کي اهڙيءَ باهہ کان بچايو جنهن جو ٻارڻ ماڻهو ۽ پٿر آهن. ان تي سخت طبيعت (۽) طاقت وارا ملائڪ (مقرر) آهن جنهن جو کين الله حڪم ڪيو آهي، تنهن ۾ سندس نافرماني نٿا ڪن ۽ جنهن جو کين حڪم ڪيو وڃي ٿو سو ڪن ٿا. (٧) (ان ڏينهن ڪافرن کي چونداسون تہ) اي ڪافرو! اڄ (عذاب کان بچڻ (لاءِ) بهانا پيش نہ ڪريو! جيڪي اوهين ڪندا هئا رڳو تن (عملن) جو اوهان کي بدلو ڏنو ويندو.

رکوع ٢ آيت ٨ ـ تا ـ ١٢

الله وٽ سچي توبہ ڪريو، اميد آهي تہ اوهان جو پالڻهار اوهان جون مدايون ميٺي ڇڏيندو.

(٨) اي ايمان وارؤ! (زندگيءَ جي ڪنهن مرحلي تي توهان جو قدم سهو سان غلط ڪڇي وڃي تہ ان روش کان پاسو ڪيو ۽) اوهين الله وٽ سچي توبہ ڪريو! اميد آهي تہ اوهان جو پالڻهار اوهان کان اوهان جون مدايون ميٺي ڇڏيندو ۽ اوهان کي ان (ڏينهن) اهڙن باغن ۾ داخل ڪندو جن جي هيٺيان واهہ پيا وهن. (ان ڏينهن) جنهن ڏينهن الله نبي(ﷺ) کي ۽ جن ساڻس ايمان آندو تن کي خوار نہ ڪندو. سندن (ايمان جو) نور سندن اڳيان ۽ سندن ساڄي پاسن کان پيو ڊوڙندو. هو پيا چوندا تہ، اي اسان جا پالينڊڙ! اسان کي پنهنجو نور پورو ڪري ڏي ۽ اسان کي معاف ڪر. بيشڪ تون سڀ ڪجهہ ڪري سگهين ٿو. (٩) اي نبي! ڪافرن ۽ منافقن (جي خلاف جدوجهد جاري رک ۽ انهن) سان جنگ ڪر ۽ انهن تي (سندن لڇاين جي ڪري) سختي ڪر ۽ سندن جاءِ دوزخ آهي، ۽ اها موٽي وڃڻ جي ٻڇڙي جاءِ آهي. (١٠) الله تعاليٰ (مڪافات جو قانون اٽل هئڻ جي سلسلي ۾) ڪافرن لاءِ نوح جي زال ۽ لوط جي زال جو مثال بيان ڪيو آهي. اهي ٻئي اسان جي ٻانهن مان چگن ٻانهن جي گهر ۾ هيون پوءِ انهن ٻنهي زالن سندن خيانت ڪئي. (يعني ايمان ۾ انهن جو ساٿ نہ ڏنو) پوءِ اهي ٻئي (پيغمبر) الله جي (مڪافات واري قانون جي) مقابلي ۾ انهن ٻنهي زالن کي ڪجهہ بہ ڪم نہ آيا ۽ چيو ويو تہ اوهين ٻئي زالون باهہ ۾ داخل ٿيڻ وارن سان گڏ داخل ٿيو. (١١) ۽ الله ايمان وارن لاءِ فرعون جي زال جو مثال بيان ڪيو آهي. جڏهن ان چيو تہ اي منهنجا پالينڊڙ! مون لاءِ پاڻ وٽ جنت ۾ هڪ گهر بناءِ! ۽ مون کي فرعون ۽ سندس غلط ڪمن کان بچاءِ! ۽ ظالم قوم کان بہ مون کي بچاءِ! (جنهن هر قسم جي ظلم ۽ ڏاڍ) تي سندرو ٻڌو آهي.) (١٢) ۽ عمران جي ڌيءَ مريم جو بہ (مثال بيان ڪيو آهي). جنهن پنهنجي عصمت کي (سيني مردن کان) بچايو، پوءِ اسان ان ۾ پنهنجو (پيدا ڪيل خاص) روح ڦوڪيو، ۽ ان پنهنجي پالينڊڙ جي ڳالهين (جيڪي ڪيس ملائڪن جي ذريعي معلوم ٿيندينون هيون) ۽ سندس ڪتابن کي سچو مڃيو ۽ پاڻ (خدا جي نهايت) تابعدارن مان هئي.

حصو اوٽيهون

سورت الملک (حڪومت ـ بادشاهي)

بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي.

رڪوع ۱ آيت ۱ ـ تا ـ ۱۴

موت ۽ حياتيءَ کي پيدا ڪيائين، هن لاءِ تہ اوهان کي آزمائي.

(۱) اهو (الله) وڏي عظمت وارو آهي، جنهن جي هٿ ۾ (ساري ڪائنات جي) بادشاهي آهي (جو ڪائنات جون سڀ شيون سندس قدرتي قانونن ۽ حڪمن مطابق هلن پيون) ۽ اهو سڀ ڪنهن شيءِ تي وس وارو آهي. (۲) جنهن موت ۽ حياتيءَ کي پيدا ڪيو، هن لاءِ تہ (پنهنجي قانونن مٿان عمل ذريعي) اوهان کي آزمائي تہ اوهان مان ڪنهن جا عمل چڱا آهن. ۽ اهو (فرد توڙي قومن کي چڱن عملن جو صلو ڏيڻ ۾) زبردست (۽ انهن جي ننڍين لغزشن کي) بخشڻ وارو آهي. (۳) جنهن ستن آسمانن کي طبقا طبقا بڻايو. (اي ڏسندڙ! تون ان جي قدرت ۽ رحمت جي اهڙين خوبين تي غور ڪر) تون وڏي مهربان (الله) جي بنائٽ ۾ ڪجهہ بہ فرق نہ ڏسندين. (ڏس تہ سڀ سيارا پنهنجي پنهنجي مدار تي هلن ٿا ۽ پاڻ ۾ ٽڪرائجن نٿا) پوءِ تون ورائي (آسمان ڏي) نظر ڪر تہ، ڇا تون (ڪٿي) ڪو چير يا ڏار ڏسين ٿو؟ (٤) وري تون (خدا جي تخليق ڪيل انهيءَ ڪائنات ۾) نظر ڪي بار بار موٽاءِ تہ (مٿي بہ تو ڪي بي ترتيبي نظر نہ ايندي ۽) تو ڏي (تنهنجي) نظر ساڻي ٿي موٽندي ۽ اها ٽڪل هوندي. (۵) ۽ بيشڪ اسان دنيا جي (ويجهي) آسمان کي ڏيئن (تارن) سان سينگاريو آهي ۽ اسان انهن کي شيطانن جي ڇُڻٽ لاءِ هٿيار بڻايو آهي ۽ اسان انهن لاءِ ٻرڪندڙ باهہ جو عذاب تيار ڪيو آهي. (جيڪي انهن ستارن مان غيب جا حالات معلوم ڪرڻ جي ڪوشش يا دعويٰ ڪن ٿا). (٦) ۽ جن (خدائي قانونن جي خلاف ورزي ڪندي) پنهنجي پالينڊڙ جو انڪار ڪيو، تن لاءِ (دنيا ۾ بہ تباهي ۽ بربادي آهي ۽ آخرت ۾) دوزخ جي سزا آهي ۽ اها موٽڻ جي جاءِ بڇڙي آهي. (۷) جڏهن ان ۾ ڪين اڇلايو ويندو تہ انهن جون (ڪربناڪ رڙيون ۽) ۽ هينگون ٻڌڻ ۾ ايندیون ۽ اهو (جهنم) پيو ٽهڪندو. (۸) (ائين پيو لڳندو) ڄڻ تہ ڪاوڙ ڪان اڃهو ٿو ڦاٽي. جڏهن بہ ان ۾ ڪنهن ٽوليءَ کي اڇلايو ويندو تہ ان جا داروغا ڪائنئن پڇندا تہ، اوهان وٽ (بدعملين جي تباهہ ڪندڙ نتيجن ڪان) ڪو ڊيڄارڻ وارو نہ آيو هو ڇا؟ (۹) اهي چوندا تہ، ڇو نہ! بيشڪ اسان وٽ ڊيڄارڻ وارو (الله جو پيغام ڏيندڙ) آيو هو، پوءِ اسان (ان کي) ڪوڙو ڪيو ۽ چيو سون تہ، الله ڪابہ شئ نازل نہ ڪئي آهي. (۽ جيڪي ماڻهو ان کي مڃن پيا تن کي الٽو ٽوڪيون پيا تہ) اوهين تہ وڏيءَ گمراهيءَ ۾ پيا آهيو. (۱۰) ۽ چوندا، (تہ اسان عقل ۽ فڪر ڪان ڪم ڪي نہ ورتو رڳو ضد ۽ اندڌي تقليد ۾ انهن جي مخالفت ڪئي) اسين (هيڪر انهن کي) ٻڌون ها يا

سمجهون ها تہ دوزخين (جي جماعت) ۾ (ڪڏهن بہ داخل) نہ ٿيون ها. (۱۱) پوءِ (عذاب کي پنهنجي اکين سان ڏسي) انهن پنهنجو ڏوهہ مڃيو. پوءِ دوزخي (وقت وڃائي آيا ۽ هاٽي رحمت کان) پري هجن. (۱۲) بيشڪ جيڪي پنهنجي پالينڊر کان پرپٺ ڊڄن ٿا (۽ غلط عملين جي نتيجن کان خبردار رهن ٿا) تن لاءِ (ننڍين لغزشن کان) معافي ۽ وڏو اجر آهي. (۱۳) ۽ (اي ماڻهو!) اوهين (خدا جي قانونن تي هلڻ متعلق) پنهنجي ڳالهہ لڪائي ڪريو يا کليءَ طرح علي الاعلان ڪريو، اهو تہ سيئن جون ڳالهيون (۽ اتي اچڻ وارا خيال بہ) ڄاڻيندڙ آهي. (۱٤) پلا جنهن پيدا ڪيو آهي، سو (اهي ڳالهيون) نہ ڄاڻندو ڇا؟ اهو تہ اونهيءَ نظر وارو پوري خبر رکندڙ آهي.

رکوع ۲ آيت ۱۵ ـ تا ـ ۳۰

پوري ڪائنات ۾ ڪٿي بہ بدنظمي ۽ بي ربطي نظر نہ ايندي.

(۱۵) هو اهو آهي جنهن اوهان لاءِ (رزق جي سرچشمي) زمين کي تابع ڪيو آهي، پوءِ ان جي رستن تي هلو ۽ الله جي رزق مان کائو ۽ (هي نہ سمجهو تہ ان رزق جي سرچشمن جا اوهان اڪيلا ۽ بي پڇا مالڪ آهيو، بلڪ اها اوهان وٽ امانت آهي، جنهن جي حساب لاءِ اوهان جو) ان ڏي ئي جيئرو ٿي اٿڻ آهي. (۱٦) (اوهان جو رزق جي معاملي ۾ پاڻ کي آزاد ۽ بي پڇا ٿا سمجهو) ڇا جيڪو (الله) آسمانن ۾ آهي تنهن کان اوهان کي ڌپ ڪونهي تہ متان اوهان کي رزق جي ساڻئي سرچشمي) زمين ۾ ڳهائي ڇڏي پوءِ اها ڏڌڙ لڳي؟ (۱۷) يا وري، جيڪو (الله) آسمان ۾ آهي تنهن کان اوهان کي اهو ڌپ ڪونهي تہ متان اوهان تي پهڻ وسائڻ وارو واءُ موڪلي؟ (هن وقت اوهان هنن ڳالهين کي مذاق سمجهو ٿا) پر سگهوئي ڄاڻندو تہ منهنجو ڊيڄارڻ ڪيئن آهي. (۱۸) ۽ بيشڪ جيڪي انهن کان اڳ هئا تن (بہ اهڙي طرح) ڪوڙو ڪيو. پوءِ (انهن جي تاريخ ۾ جاچيو تہ) منهنجو روڪڻ ڪيئن هو؟ (۽ سندن نتيجو ڪهڙي تباهي ۽ بربادي جي شڪل ۾ سامهون آيو). (۱۹) ڇا پنهنجي مٿان پرن کي پکيڙندڙ ۽ بند ڪندڙ پکين ڏي انهن نہ ڏٺو آهي؟ انهن کي وڏي مهربان (الله جي جوڙيل قانونن) کان سواءِ ٻيو ڪوبہ (ڪِرڻ کان) نٿو جهلي. بيشڪ اهو تہ (زندگيءَ جي لوازمات لاءِ) سڀ ڪنهن شئ کي ڏسندڙ آهي. (۲۰) پلا اهو لشڪر اوهان جو ڪهڙو آهي جو اوهان کي (آفتن کان بچڻ لاءِ) وڏي مهربان (الله) کان سواءِ مدد ڏئي ٿو؟ ڪافر تہ رڳو (سرڪشي ۽ خودفريبيءَ جي) ڏوکي ۾ پيل آهن. (۲۱) پلا اهو ٻيو ڪير آهي، جيڪو اوهان کي رزق ڏيندو، جيڪڏهن الله (زمين جي صلاحيت ختم ڪري) پنهنجو رزق جهلي ڇڏي؟ پر (هي ڳالهيون ڪين سمجهہ ۾ نٿيون اچن جو) اهي سرڪشي ۽ نفرت ۾ ورتا پيا آهن. (۲۲) ڇا پوءِ جيڪو شخص پنهنجي منهن پر ڪرندو هلي ٿو سو وڌيڪ سڌي رستي وارو آهي يا اهو جو سڌي رستي تي سئون سڌو ٿي هلي ٿو؟ (۲۳)(اي پيغمبر!) چئو تہ، هو اهو آهي جنهن اوهان کي (انسان ڪري) پيدا ڪيو ۽ اوهان لاءِ

ڪن، اکيون ۽ دليون بنايون. (جن سان اوهان ان جي آيتن کي پڌي ان جي تخليق کي ڏسي ۽ ان جي مثالن کي سمجهي سگهو پر) اوهين تمام ٿورو احسان مڃيو ٿا. (٢٤) (اي پيغمبر!) چئو ته، هو اهو آهي، جنهن اوهان کي زمين ۾ پکيڙيو (پر اوهان جو اهو پکڙجڻ ضابطي کان ٻاهر نه هجي) ۽ اوهان ان ڏانهن ئي (پنهنجي ڪئي ڪيتي جو حساب ڏيڻ لاءِ) گڏ ڪيا ويندو. (٢٥) ۽ (پنهنجي ڪئي جو حساب ڏيڻ جي ڳالهه تي اهي منڪر مسلمانن کي) چون ٿا، ٻڌايو ته هيءَ (تباهي ۽ سزا وارو) انجام ڪڏهن پورو ٿيندو، جيڪڏهن اوهين سچا آهيو؟ (٢٦) (اي پيغمبر!) چئو ته، (اها) خبر رڳو الله وٽ ئي آهي، ۽ آئون ته رڳو (غلط ڪارين جي تباهه ڪندڙ نتيجن کان) پڌرو ڊيڄاريندڙ آهيان. (٢٧) پوءِ جڏهن ان (انجام) کي ويجهو (ايندو) ڏسندا تڏهن ڪافرن جا منهن (ڪارا) بيڻڻا ٿي ويندا ۽ (ان وقت کين) چيو ويندو ته، هي اهو (عذاب) آهي جيڪو اوهين (سڏي سڏي) گهرندا هيئو. (٢٨) (اي پيغمبر!) چئو ته، جيڪڏهن الله مون کي ۽ جيڪي مون سان گڏ آهن تن کي پڪڙ ۾ آڻي يا اسان تي رحم ڪري (اهو فڪر نه ڪريو، بلڪ اوهان فڪر رڳو هن ڳالهه جو ڪريو ته اوهان جي انڪار ۽ آکڙ تي) ڪير آهي جو (اوهان) ڪافرن کي دردناڪ عذاب کان بچائيندو؟ (٢٩) (اي پيغمبر!) چئو ته، اهو (الله) وڏو مهربان آهي، جنهن تي اسان ايمان آندو ۽ ان (جي رحمت وارن اصولن) تي اسان پروسو ڪيو. پوءِ سگهوئي اوهين ڄاڻندو ته (اسان ۽ اوهان مان) ڪير پڌري گمراهيءَ ۾ آهي. (٣٠) ڪير صحيح رستي تي هلي رهيو آهي؟) (اي پيغمبر! کين) چئو ته، ٻڌايو ته جيڪڏهن اوهان (ان جي پالڻهاريءَ جي مقرر ڪيل طريقن کي نه مڃيندو ۽ اوهان) جو پاڻي سڪي وڃي (جنهن تي اوهان جي زندگيءَ جو دارومدا آهي) ته ڪير اوهان وٽ وهندڙ پاڻي آڻيندو؟

سورت القلم

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي.

رڪوع ١ آيت ١ ـ تا ـ ٣٣

ڪافر خواهش ڪن ٿا ته، تون نرم ٿيئن ته پوءِ هو به نرم ٿين.

(١) قسم آهي، قلم جو ۽ ان جو جيڪي (علم) لکندا آهن (سي شاهد آهن ته تون عاليشان تعليم ڏيندڙ آهين.) (٢) ته (اي پيغمبر!) تون پنهنجي پالينڊڙ جي فضل (نبوت) سان (همڪنار آهين) ڪو چريو نه آهين. (٣) ۽ بيڪشڪ تو لاءِ ته (تنهنجي ڪوششن جو) اڻ کٽ اجر آهي. (٤) ۽ بيشڪ تون (سيرت ۾ به) وڏي خلق وارو آهين. (کين اها ڳالهه به نٽي سمجهائي ته تونسيرت ۾

بہ مثالي آهين.). (۵) پوءِ تون بہ ڏسندين ۽ اهي (ڪافر) بہ ڏسندا. (جو سگهو عملي طرح اها ڳالهہ واضح ٿيندي.) (٦) تہ اوهان مان ڪير چريو آهي. (۷) بيشڪ تنهنجو پالينڊر ان کي چگيءَ طرح ڄاڻيندڙ آهي، جيڪو سندس (فرمانبرداريءَ واري سڌي) رستي کان پليو ۽ اهو سڌي رستي تي هلندڙن کي بہ چگيءَ طرح ڄاڻندڙ آهي. (۸) پوءِ (اي پيغمبر!) تون کوڙ ٻڪيندڙن جي (سندن کوڙ تي) تابعداري نہ ڪر. (۹) اهي خواهش ڪن ٿا تہ (اهڙن طعنن کان تنگ اچي) تون ڍرو؟ ٿئين، پوءِ هو بہ (مفاهمت لاءِ) ڍرا ٿين. (۱۰) ۽ تون ڪنهن بہ اهڙي شخص جي تابعداري نہ ڪر، جو (اهو پست ذهنيت جي ڪري) گهٽا قسم ڪائڻ وارو، خوار هجي. (۱۱) طعنا هڻندڙ، (جو ڪيس تنهنجي جماعت ۾ ڪٽي بہ چگائي نظر نٿي اچي) چغليون ڪٽي هلندڙ. (تہ جيئن فتنو ۽ فساد پيدا ٿئي). (۱۲) (پاڻ بہ چگو ڪم نہ ڪري ۽ ٻين کي بہ) چگي ڪم کان روڪيندڙ، (سرڪشيءِ ۾) حد کان لگهندڙ، ڏوهاري، (انسانيت لاءِ تعميري ڪم ۾ سپ کان پنٽي). (۱۳) بيڙي طبيعت وارو (۽) ان کانپوءِ بداصل هجي. (هميشہ نيت اها تہ ماڻهن جو سپ ڪجهہ هڙپ ڪري وڃي). (۱٤) (پوءِ بہ هو معتبر ٻڌيل آهي) هن ڪري تہ اهو سرمائيوارو ۽ اولاد (۽ ڦهليل خاندان) وارو آهي. (۱۵) (دولت ۽ قوت جي نشي ۾ سندس ڪيفيت هيءَ آهي جو) جڏهن ڪيس اسان جون آيتون پڙهي ٻڌايون وڃن ٿيون تہ (نفرت ۽ آکڙ وچان) چوي ٿو تہ، هي اڳين جون آکاڻيون آهن. (۱٦) سگهوئي ڪيس (انهيءَ آکڙيل ڪي) نڪ تي ڏنڀ ڏيندا سون. (۱۷) (اي پيغمبر!) اسان انهن (سرمائي پرستن) کي اهڙيءَ طرح آزمايو جهڙيءَ طرح باغ وارن کي آزمايوسون. جڏهن انهن قسم (ڪائي پڪ ڪري ڇڏي هئي) تہ صبح ٿيندي ئي ان (جي ميوي) کي پٽيندا. (۱۸) ۽ (ان مان مسڪينن جو حصو) جدا نہ ڪندا. (۱۹) پوءِ ان (باغ) تي تنهنجي پالينڊر جي طرفان ڪا ڦيرو (پائي ڇٽ) ڪرڻ واري (آفت) گهمي وئي ۽ اهي ستا ئي رهيا. (جو سندن سمورو فصل ڇٽ ٿي ويو. (۲۰) پوءِ اهو پيليل (زمين) جهڙو ٿي پيو. (۲۱) پوءِ صبح ٿيندي ئي (فصل پٽڻ لاءِ) هڪ ٻئي کي سڏيائون. (۲۲) تہ پنهنجي پوک تي جلدي هلو، جيڪڏهن اوهان کي ميوو پٽڻو آهي. (۲۳) پوءِ (ٺينگ ٽپا ڏيندا) پاڻ ۾ هڪ ٻئي کي هوريان چوندا هليا. (۲٤) تہ اڄ ان (باغ) ۾ اوهان وٽ ڪوبہ محتاج ۽ مسڪين اندر نہ اچي. (۲۵) ۽ اهي سوير پهتا ۽ (اهڙو انتظام ڪيائون جو مسڪينن کي) روڪڻ جي ڪين سگهہ هئي. (۲٦) پوءِ جڏهن ان (باغ) کي ڏٺائون تہ، چيائون تہ، اسين رستو پليل آهيون. (ڪٽي هي ٻين جو باغ تہ ناهي؟!) (۲۷) (جڏهن اکيون مهٽي پڪ ڪيائون تہ، پوءِ رڙ نڪري وين تہ نہ نہ!) پر اسين بي نصيب آهيون. (۽ اسان جو سپ ڪجهہ لٽجي ويو). (۲۸) سندن چگي مڙس چيو تہ، مون اوهان کي نہ چيو ها چا تہ الله جي (قانونن تي هلي ان جي) پاڪائي ڇو نٿا بيان ڪريو. (۽ سندس فرمانبرداريءَ ۾ ڇو نٿا اچو.). (۲۹) انهن چيو تہ، اسان جو پالينڊر پاڪ آهي (اهو ڪنهن جي محنت ائين ضايع نہ ڪندو آهي) بيشڪ اسان (مسڪينن

۽غريبن جي حقن کان اکيون پوٽي ڇڏيون سو) پاڻ تي (پاڻ) ظلم ڪيو. (۳۰) پوءِ هڪ ٻئي کي سامهون ٿي هڪ ٻئي کي ملامت ڪرڻ لڳا. (۳۱) چوڻ لڳا تہ، هاءِ! اسان جي خرابي! بيشڪ اسين (فصل جو ڏيڻ وارن خدائي قانونن جي) حد کان لنگهندڙ هئاسون. (۳۲) (هينئر اسان خدائي قانونن تي عمل طرف موٽون ٿا) اميد آهي تہ اسان جو پالينڊر هن کان بہ پلو (باغ) اسان کي بدلي ۾ ڏئي. بيشڪ اسين پنهنجي پالينڊر ۾ ئي اميد رکندڙ آهيون.(۳۳) (اي پيغمبر! تون خدائي قانونن سان سرڪشي ڪندڙن کي ٻڌاءِ تہ) اهڙيءَ طرح ئي (نافرماني ۽ ناشڪريءَ جو) عذاب آهي ۽ آخرت جو عذاب تہ تمام وڏو آهي، جيڪڏهن (اها ڳالهہ) سمجهہ وٺن ها.

رکوع ۲ آيت ۳٤ ـ تا ـ ۵۲

سگهوئي اسان منڪرن کي آهستي آهستي ڪري پڪڙيندا سون، جتان کين خبر بہ نہ پوندي.

(۳٤) (ٻئي طرف واري خدا جي قانونن تي عمل ڪندڙ ۽ مسڪينن محتاجن جو خيال رکندڙ) پرهيزگارن لاءِ سندن پالينڈر وٽ نعمت جا باغ آهن. (۳۵) پوءِ اسين (مهربانين جي عطا ۾ خدائي قانونن جي) تابعدارن کي (سرڪشي ڪندڙ) ڏوهارين جهڙو ڪنداسون ڇا؟ (۳٦) اوهان کي ڇا ٿيو آهي (جو جيئن دل ۾ اچيو ٿو تيئن ڪيو ٿا؟ خدا جي قانونن کي اورانگهڻ جو آخر) کيئن فيصلو ڪريو ٿا؟ (۳۷) يا تہ اوهان وٽ ڪو (اهڙو خدائي) ڪتاب آهي جنهن ۾ (پنهنجي مرضي اختيار ڪرڻ جي اجازت) پڙهو ٿا؟ (۳۸) (يا الله کان اوهان لکي ورتو آهي تہ هتي جيئن وڻيو تيئن ڪندا وتو ۽) آخرت ۾ اوهان لاءِ اها شئ (تيار ٿئي) آهي جا پسند ڪريو ٿا. (۳۹) يا اوهان (مان ڪو ٻڌائي تہ ان) جا اسان جي ذمي ڪي پڪا انجام ۽ قسم آهن ڇا؟ جيڪي قيامت جي ڏينهن تائين هلندا تہ (اتي) جنهن شئ جو اوهين حڪم ڪريو سا اوهان لاءِ (حاضر) آهي. (٤۰) (اي پيغمبر!) انهن کان پڇ تہ، انهن مان ڪير ان (ڳالهہ) جو ذميوار آهي؟ (جيڪو سيني تي هٿ هڻي چوي تہ، مان خدا سان انهيءَ قسم جو عهد ڪيو آهي.) (٤۱) يا تہ انهن جا ڪي (الله سان ٺهرايل) شريڪ آهن ڇا؟ (جن کين اهڙي خاطري ڪرائي آهي) پوءِ جيڪڏهن سچا آهن تہ پنهنجي (ٺهرايل) شريڪن کي وڻي اچن. (۽ پنهنجي گهڙيل ڪوڙين دعوائن جي صداقت جو ثبوت ڏين). (٤۲) (اهو سڀ من گهڙت آهي ۽ خدا جو مڪافات وارو قانون اٽل آهي، سو ان وقت کي ياد ڪر) جنهن ڏينهن (پريشان حاليءَ ۾ تيز پڇندي سندن) پني ڪولي ويندي ۽ کين سجدي ڏي سڏيو ويندو، پوءِ (دنيا ۾ سجدي نہ ڪرڻ ڪري اتي بہ) سجدو نہ ڪري سگهندا. (٤۳) سندن اکيون (ندامت کان) جهڪيل هونديون، انهن کي خوراي ويڑهي ويئي هوندي، هوڏانهن (ان ڏينهن کان اڳ جڏهن) کين سجدي ڏي سڏيو ويندو هو (تہ بيپرواهي ڪندا هئا) ۽ اهي (توڻي جو ان وقت) چگا پلا هئا. (٤٤) پوءِ (اي پيغمبر!) تون پنهنجي ڪم سان لڳو رهہ) پوءِ ڇڏ مون کي ۽ انهن کي بہ جيڪي هن مڪافات واري) ڳالهہ کي ڪوڙو چون ٿا (تن کي منهنجي حوالي ڇڏ).

سگھوئي اسين کين آهستي آهستي ڪري پڪڙ ۾ آڻيندا سون، جتان کين خبر به نہ پوندي. (٤٥) ۽ انهن کي آڻون (هن وقت) ڊر ڏيان ٿو. بيشڪ منهنجي رٽ تمام پڪي آهي. (انهيءَ ڪري هي ان جي گرفت مان ٻاهر نڪا وڃي سگهن.) (٤٦) (هي جو تو کان پڇڻ گهرن ٿا) پلا تون انهن کان ڪا اجرت گهرين ٿو جا، جو چٽيءَ جي ڪري مٿن ڳرو بار پئجي ويو آهي. (٤٧) يا انهن وٽ غيب جو علم آهي جا (جو سمجهن ٿا تہ، جيڪو تون چوين ٿو اهو واقعي ۾ ٿيندو ئي ڪونہ) پوءِ هو لکندا ٿا وڃن. (٤٨) پوءِ (اي پيغمبر!) تون پنهنجي پالينڊڙ جي حڪم تي ثابت قدم رهہ ۽ مڇيءَ واري (پيغمبر يونس جهڙو) نہ ٿيءُ، جنهن وقت ان پڪاريو ۽ (جيڪو قوم جي مخالفت کان گهبرائجي وقت کان پهريائين هجرت ڪري هليو ويو جو) اهو رنج ۽ الم سان پريل هو. (٤٩) جيڪڏهن ان کي سندس پالينڊڙ جي طرفان رحمت نہ پهچي ها تہ ڪيس رڻ پٽ ۾ اڇلايو وڃي ها ۽ هو بري حال ۾ هجي ها. (جو اتان نڪري نہ سگهي ها.) (٥٠) پوءِ سندس پالينڊڙ ان کي (عارضي مصيبت مان ڪڍي ڪيس) نوازيو پوءِ نيڪن مان ڪيائينس. (٥١) ۽ (اي پيغمبر!) بيشڪ ڪافر تہ هن ڳالهہ تي اچي ٻينا آهن جو جڏهن تو کان قرآن ٻڌن ٿا تڏهن تو کي پنهنجين (گهوريندڙ) اکين سان ٽيڙي ڇڏين. (۽ هلڙ بازيءَ جي طريقن سان تو کي پريشان ڪن) ۽ چون ٿا تہ هي چريو آهي. (٥٢) (پر تون انهن کان گهبراءِ نہ. ان ڪري جو هي قرآن صرف هن قوم لاءِ ناهي.) هوڏانهن اهو جهان (جي سيني قومن لاءِ) نصيحت ٿي آهي. (پوءِ جيڪو به ان مان نصيحت حاصل ڪري).

سورت الحاقہ

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي.

رڪوع ١ آيت ١ ـ تا ـ ٣٧

نافرمان هن دنيا ۾ به گرفت ۾ اچن ٿا ۽ آخرت ۾ به انهن کي پورو بدلو ملندو.

(١) ثابت ٿيڻ واري (سزا ۽ تباهي اجهو ثابت ٿي). (٢) اها ثابت ٿيڻ واري (سزا) چا آهي؟ (٣) ۽ تو کي ڪهڙي خبر تہ اها ثابت ٿيڻ واري (سزا) چا آهي؟ (اسان کان وڌيڪ تو کي بهتر سمجهائڻ وارو ڪير ٿي سگهي ٿو). (٤) (ساڳي تباهي تو کان اڳين قومن تي به آڻي ۽) ثمود ۽ عاد (جي قومن بدعملين جي نتيجي ۾) وڏي مصيبت (جي اچڻ) کي ڪوڙو ڪيو. (٥) پوءِ ثمود (جي قوم) کي حد کان لگهندڙ (سخت آواز) سان هلاڪ ڪيو ويو. (٦) ۽ عاد (جي قوم) کي حد کان لگهندڙ تيز (ٺڏي) هوا سان هلاڪ ڪيو ويو. (٧) جنهن کي (الله)مٿن ست راتيون ۽ اٺ ڏينهن لڳاتار هلايو (پوءِ اي ڳالهہ ٻڌندڙ! جيڪڏهن تون انهي ڏسين ها تہ) تون ان قوم کي ان زمين تي ائين منهن ڀر

اونڏو) ڪريل ڏسين ها جڏ تہ اهي پورين ڪجين جا ٽڙ (پيل) آهن. (٨) پوءِ ڇا تون انهن مان ڪو بچيل ڏسين ٿو؟ (اهي ڏرتيءَ تان نيست ۽ نابود ٿي ويا. (٩) ۽ فرعون ۽ جيڪي ان کان اڳ هئا (تن جو ۽ بچڙو حشر ٿيو) ۽ (حضرت لوط جي قوم جو ۽) جن جون وستيون اونڌيون ڪري سٽيون ويون جو ڏوهہ ڪيائون. (١٠) پوءِ انهن پنهنجي پالٽهار جي موڪليل (رسول) جي نافرماني ڪئي، پوءِ الله (جي مڪافات واري قانون) کين تمام سخت پڪڙ ڪئي. (١١) (اي ماڻهوءَ! نبين جي ساڻ ڏيڍ تي اسان توهان جو ساڻ ڏنو ۽ نوح نبيءَ جي وقت ۾) جڏهن پاڻي حد کان لنگهي ويو تڏهن اوهان کي ٻيڙيءَ ۾ سوار ڪيوسون. (١٢) هن لاءِ ان (واقعي) کي اوهان لاءِ يادگار (۽ عبرت) بڻايون ۽ ان (قسم جي مڪافات وارن واقعن) کي ڪو ياد رکڻ وارو ڪن (نصيحت وٺڻ جي لاءِ) ياد رکي. (١٣) پوءِ جڏهن (وري آخرت جي مڪافات وارو مرحلو ايندو تہ ان وقت) صورت ۾ هڪ ڦوڪ ڦوڪي ويندي. (١٤) ۽ (ان وقت) زمين ۽ جبل (پنهنجي جاءِ تان) مٿي کنيا ويندا پوءِ ٻنهي کي هڪ ئي ٻيري ڪٽي ذريون ذريون ڪيو ويندو. (١٥) تڏهن ان ڏينهن ٽيڙ واري (قيامت) ٽي پوندي. (١٦) ۽ آسمان ڦاٽندو، پوءِ اهو ان ڏينهن لاچار ٽيل هوندو. (١٧) ۽ ملائڪ (جيڪي ان تي ڦهليل آهن سي) ان جي ڪنارن تي هوندا، ۽ تنهنجي پالينڊڙ (جي انوار ۽ تجلين) جو (مرڪز ۽) تخت ان ڏينهن (ميدان ۾ محشرت ۾ آڻي) اٺ ملائڪ پاڻ تي کڻندا. (١٨) ان ڏينهن اوهان کي (الله جي) سامهون ڪيو ويندو، اوهان جي ڪابہ ڳالهہ (الله کان) لڪل نہ هوندي. (١٩) پوءِ جنهن کي سندس اعمال نامون سندس سڄي هٿ ۾ ڏنو ويندو سو (خوشيءِ کان) چوندو تہ، وٺو منهنجو عمل نامون پڙهو. (٢٠) مون کي يقين هو تہ، ضرور (دنيا ۾ ڪيل نيڪ عملين وارو) حساب مونکي ملندو. (سو مليو). (٢١) پوءِ اهو (پنهنجي لاءِ) وڻندڙ مزن ۾ هوندو. (٢٢) (انهن مزن جي) اعليٰ بهشت ۾ هوندو. (٢٣) جنهن جا ميوا (ايترو تہ) جهڪيل هوندا. (جو آسانيءَ سان پڪڙي سگهبا). (٢٤) (اتي کين چيو ويندو تہ) انهن (نيڪو ڪارين) جي صلي ۾ جيڪي اوهان گذريل ڏينهن ۾ اڳي موڪليون هيون، سلامتيءَ سان کائو ۽ پيئو. (٢٥) ۽ جنهن کي سندس اعمالنامو سندس کاپي هٿ ۾ ڏنو ويندو سو (نهايت حسرت ۽ ندامت وچان) چوندو تہ جيڪر مونکي پنهنجو اعمالنامو نہ ڏنو وڃي ها! (٢٦) ۽ نڪي مونکي خبر پوي ها تہ منهنجو (هيڏانهن موڪليل عملن جو) حساب ڇا آهي؟ (٢٧) ڪنهن طرح اهو (موت) منهنجو (دائمي) خاتمو ڪندڙ هجي ها. (٢٨) (افسوس جو) مونکي منهنجو مال ڪجهہ ڪم نہ آيو. (جنهن تي زندگيءَ ۾ آءٌ پڏندو هوس. (٢٩) منهنجي معتبرائپ ۾ مون کان هلي وئي. (٣٠) (پوءِ ان ماڻهوءَ لاءِ ملائڪن کي چيو ويندو تہ) ان کي جهليو ۽ ڳٽ وجهوس. (٣١) پوءِ دوزخ ۾ هڻوس. (٣٢) (اتي دوزخ ۾) وري اهڙي زنجير ۾ قابو ڪريوس جنهن جي ڊيگهہ ستر هٿ هجي. (٣٣) چو تہ اهو عظمت واري الله تي (ان جي ربوبيت ۽ رزاقيءَ تي) ايمان نہ آڻيندو هو. (٣٤) (ان ڪري حالت اها هيس جو) مسڪين ماڻهن جي کاڌي جو (ماڻهن کي) شوق نہ ڏيارينڊو هو. (نہ اهڙي ماحول جوڙڻ جو فڪر

ڪندو هو). (۳۵) (دنيا ۾ هنن الله جي مسڪين ٻانهن کي دوست نہ رکيو) اڄ ان جو هتي ڪوبہ دوست نہ آهي. (۳٦) ۽ نہ (هن ٽڇڪندڙ عذاب ۾ ان لاءِ) ڦٽن جي پوءِ کان سواءِ ٻيو ڪو کاڏو آهي. (۳۷) جنهن کي ڏوهارين کان سواءِ ٻيو ڪوبہ نہ کائيندو. (خطا ڪارن جي اهائي غذا آهي).

رکوع ۲ آيت ۳۸ ـ تا ـ ۵۲

جيڪڏهن پيغمبر کي ڳالهيون پاڻ ڏاهي اسان تي هڻي تہ پوءِ سندس دل جي رڳ ويڙي ڇڏيون.

(۳۸) پوءِ (اي ماڻهو!) جن (شين) کي اوهين ڏسو ٿا، اهي بہ شاهد آهن. (۳۹) ۽ (ايندڙ دور جي) جن (منڪشف ٿيندڙ حقيقتن) کي نٿا ڏسو، اهي بہ شاهدي ڏيندیون. (۴۰) تہ بيشڪ اهو (قرآن) خوبين واري پيغام پهچائيندڙ رسول جو ڪئي ڪلام آهي. (۴۱) ۽ اهو ڪنهن شاعر جو ڪلام نہ آهي. (بلڪ خدا جو وحي آهي) اوهين (عقل ۽ سمجهہ کان ڪم وٺي انهن حقيقتن کي زندگيءَ جو ضابطو نٿا ٻڌايو) بلڪل ٿورو اعتبار ڪريو ٿا. (۴۲) ۽ ائين بہ ناهي تہ هي ڪنهن اڻڪٿي ڪرڙ واري (ماڻهوءَ) جو ڪلام آهي اوهين ((عقل ۽ سمجهہ کان ڪم وٺي انهن حقيقتن کي زندگيءَ جو ضابطو نٿا ٻڌايو) بلڪل ٿورو اعتبار ڪريو ٿا. (۴۳) (حقيقت هيءَ آهي تہ) اهو جهانن جي پالڻهار پاران (فردن ۽ قومن لاءِ رهنما ڪري) نازل ڪيل آهي. (۴۴) ۽ جيڪڏهن (پيغمبر) کي ڳالهيون پاڻ ڏاهي اسان تي هڻي. (۴۵) تہ اسين (سگهہ وارو) سڄو هٿ ان جو جهليون. (۴٦) پوءِ سندس شهہ رڳ ويڙي ڇڏيون، (جو قصو اڻٽي ٿي نہ وڃي). (۴۷) پوءِ اوهان مان ڪوبہ (اسان کي) ائين ڪرڙ کان روڪڻ وارو نہ هجي ها. (۴۸) ۽ بيشڪ اهو (قرآن زندگيءَ جي خسارن کان بچڻ واسطي) پرهيزگارن لاءِ نصيحت آهي. (۴۹) ۽ بيشڪ اسين ڄاڻون ٿا تہ اوهان مان کي (زندگيءَ جي خسارن کان بي فلڪا ماڻهو) ان کي ڪوڙو ڪندڙ آهن. (۵۰) (ڪو فرق نٿو پوي انهن جي انڪار جو) بيشڪ اهو (قرآن انهن نہ مڃيندڙ) ڪافرن لاءِ (اڻٽي هلي) پشيماني (جو ڪارڻ) آهي. (۵۱) ۽ بيشڪ اهو (قرآن ۽ ان جو ضابطن وارو سرشتو) ٺوس حقيقت آهي. (۵۲) پوءِ (اي پيغمبر! نہ مڃيندڙن کي ڏکوئيندڙ رسو آهي ۽ تون) عظمت واري پنهنجي پالينڊڙ (جي پيغام ۽ پروگرام جي سرگرميءَ ذريعي ان) جي ڏالي جي پاڪائي بيان ڪندو رهہ.

سورت المعارج (وڏا مرتبا)

بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي.

رکوع ۱ آیت ۱ ـ تا ـ ۳۵

قيامت ڏينهن ڏوهاري خواهش ڪندو تہ جيڪر پنهنجا پٽ، زال، پائر ۽ جيڪي ڪجهہ زمين ۾ آهي، سو بدلي ۾ ڏيئي پنهنجي جان ڇڏايان.

(۱) (نہ مڃيندڙن مان ٿوڪ ڪندي) هڪ سوال ڪندڙ ڪافرن تي پوندڙ عذاب بابت سوال ڪيو. (تہ ڪڏهن اهو عذاب ڪڙڪندو؟) (۲) (ڪين ڇئو تہ) ان کي ڪوبہ هٽائڻ وارو نہ آهي. (۳) جو (ڏيرج جي) وڏن مرتبن واري الله جي طرفان (انهن تي مڪافات واري قانون هيٺ نيٺ تہ ايندو.) (٤) ملائڪ ۽ (ايمان وارن جا) روح ان ڏي اهڙي ڏينهن ۾ چڙهندا جنهن جي ڊگهائي (دنيا جي) پنجاهہ هزار ورهين (جي برابر) ٿيندي. (۵) پوءِ (اي پيغمبر! تون انهن جي مخالفت جي پرواهہ نہ ڪر ۽) تون سهڻي نموني سان (ثابت قدم رهي) صبر ڪر. (٦) بيشڪ اهي ان (ڏينهن) کي پري ڏسن ٿا. (۷) ۽ اسين ان کي ويجهو ڏسون ٿا. (۸) (۽ جنهن وقت اهو اچي ڪڙڪيو تہ) ان ڏينهن آسمان رجايل ٽامي جهڙو ٿيندو. (۹) ۽ (مضبوط بينل) جبل رنگارنگي پيجيل ان جهڙا (ڦلڙا) ٿي ويندا. (۱۰) (نفسا نفسيءَ جي حالت هوندي) ۽ ڪوبہ ويجهي ۾ ويجهو مائٽ ڪنهن بہ ويجهي ۾ ويجهي مائٽ کان پڇندو بہ نہ. (۱۱) (توڙي جو) اهي هڪ ٻئي کي ڏسڻ ۾ بہ ايندا. ڏوهاري خواهش ڪندو تہ جيڪر ان ڏينهن جي عذاب (کان بچڻ خاطر) بدلي ۾ پنهنجا پٽ. (۱۲) ۽ پنهنجي زال ۽ پنهنجو ياڻ. (۱۳) ۽ پنهنجو گهراڻو، جن سان هو رهندو هو. (فديي طور ڏئي پنهنجي جان ڇڏائي). (۱٤) ۽ جيڪي زمين ۾ سڀ آهي سو بہ بدلي ۾ ڏئي وري اهو (بدلو ڏيڻ) ان کي (ان عذاب مان) ڇڏائي. (۱۵) (پر) ائين ڪڏهن بہ نہ ٿيندو، بيشڪ اها پڙڪندڙ باهہ آهي. (۱٦) جيڪا کل کي زور سان ڇڪي لاهيندڙ آهي. (۱۷) (اها باهہ آواز ڏئي) ان کي (پاڻ ڏي) سڏيندي جنهن (دنيا ۾ خدا جي ربوبيت ۽ ورهاست واري نظام کان) پٺ ڦيري ۽ (ان جي فرمانبرداريءَ کان) منهن موڙيو. (۱۸) ۽ (مال) گڏ ڪيو، پوءِ (تجوڙيون پري يا کاڻي جمع ڪري) سنڀالي رکيو. (۱۹) بيشڪ انسان (وحي جي تعليمات کان سواءِ پنهنجي جوهر ۾) ڪمزور دل پيدا ڪيو ويو آهي. (۲۰) (نتيجي ۾) جڏهن انکي تڪليف پهچي ٿي تہ بي صبر ۽ بزدل ٿيو پوي. (۲۱) ۽ جڏهن خوشحالي پهچيس ٿي تہ (خير جي ڪمن کان) ڪنجوس ٿيو پوي. (۲۲) پر نمازي (يعني فرمانبردار) ائين نہ ڪندا آهن. (۲۳) جيڪي پنهنجي نماز (۽ پنهنجي فرمانبرداريءَ) تي هميشہ پورا آهن، (۲٤ ۽ ۲۵) (انهن جي فرمانبرداريءَ جي علامت اها آهي جو مال کي صرف پنهنجي انفرادي مفاد لاءِ نہ سمجهندا آهن، بلڪ) انهن جي مالن ۾ سوالي ۽ بي سوالي (محتاج ۽ زندگيءَ

جي ضرورتن کان محروم ماڻهن) لاءِ مقرر حق آهي. (جيڪو الله جي سونپيل امانت سمجهي انهن تائين رسائيندا آهن.) (٢٦) (اهي ئي ماڻهو آهن) جيڪي حساب جي ڏينهن کي (پنهنجي عمل سان) سچو مڃين ٿا. (٢٧) ۽ جيڪي پنهنجي پالينڊڙ جي گرفت ۽ عذاب کان ڊڄندڙ آهن. (٢٨) چو ته (الله جي قانون جي خلاف ورزيءَ تي ٻي پناهه آهي ئي کونه، ان کري) سندن پالينڊڙ جو عذاب ٻي ڊپي ٽيڙ جي شيءِ نه آهي. (٢٩) (سندن خاصيت هيءَ ٻه آهي ته) پنهنجين عصمتن جي حفاظت ڪندڙ آهن. (اهي مرد توڙي عورتون). (٣٠) (ٻين کان) بچائيندڙ آهن. سواءِ پنهنجي زالن ۽ ملڪ ٿي ويل عورتن جي. چو ته (انهن کان شرمگاهن نه بچائڻ ۾) اهي ملامت ڪيل نه آهن. (٣١) پوءِ جيڪي ان کان سواءِ (ٻيو ڪجهه ڪرڻ) گهرندا سي ئي حد کان لنگهندڙ آهن. (٣٢) (انهن جي خاصيت هيءَ ٻه آهي ته) اهي پنهنجي امانتن (جي حفاظت) ۽ پنهنجي انجام (کي پوري ڪرڻ) جو خيال رکندڙ آهن. (٣٣) ۽ جيڪي (ڪنهن معاملي تي شاهدي ڏين ٿا ته) پنهنجي شاهدين تي پورا بيهندڙ آهن. (٣٤) ۽ جيڪي پنهنجي نماز جي (هميشه) پابندي ڪن ٿا. (٣٥) اهي (ئي آهن جيڪي هميشه) باغن ۾ عزت وارا ٿي رهندا.

رکوع ٢ آيت ٣٦ ـ تا ـ ٤٤

منڪرن جي نموني بازين جي الله کي پرواهه ڪونهي. ڪيس طاقت آهي ته انهن کان ڇگا آڻي.

(٣٦) پوءِ (اي پيغمبر! انهن) ڪافرن کي ڇا ٿيو آهي جو (مٿي ڇاڻايل ڳالهين کي ڪوڙو ڪرڻ لاءِ) تونڊي ڊوڙندا اچن ٿا. (٣٧) ساڄي پاسي کان ۽ ڪاپي پاسي کان ٽوليون ٿي، (٣٨) (۽ ساڳي وقت) انهن مان سيڪو شخص هيءَ طمع ٻه رکي ٿو ته (ساڳين حالن تي رهندي) چو نه ان کي نعمت جي باغ ۾ داخل ڪيو وڃي؟ (٣٩) ائين ڪيئن ٿيندو! بيشڪ اسان انهن کي جنهن (ڪرياڪتي مادي) مان پيدا ڪيو آهي، تنهن کي هو ڄاڻن ٿا. (٤٠) پوءِ قسم ٿو کڻان ايرندن ۽ الهندن جي پالڻهار جو (ان جو پالڻهاريءَ وارو نظام شاهدي ڏيندو) ته بيشڪ اسان کي هيءَ قدرت آهي ته، (٤١) انهن (پالڻهاريءَ واري نظام جي رستي ۾ رڪاوٽ بنجندڙ ماڻهن) جي بدلي ۾ (دنيا ۾ ئي) انهن کان بهتر (ماڻهو) آڻيون، ۽ اسين (ائين ڪرڻ ۾) کي عاجز نه آهيون. (٤٢) پوءِ (اي پيغمبر!) کين ڇڏي ڏي ته، بڪ ڪندا وتن (ٻي مقصد ڪوشش جون ٻاراٽيون) راندیون ڪن، ايتري تائين جو اهي پنهنجي ان (نتيجي واري) ڏينهن کي ڏسن جنهن جو انهن کي وعدو ڏنو وڃي ٿو. (٤٣) جنهن ڏينهن قبرن مان ڊوڙندا نڪرندا جڏ ته اهي ڪنهن ڪتل نشان ڏي ڊوڙندا وڃن ٿا. (٤٤) (ان وقت شرمساريءَ وچان) سندن اکيون هيٺ هوندیون، انهن کي خواري ويڑهي ويئي هوندي. اهوئي اهو ڏينهن آهي جنهن جو کين (وري وري) واعدو ڏنو ويندو هو.

سورت نوح

بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي.

رکوع ۱ آيت ۱ ـ تا ـ ۲۰

حضرت نوح عليہ السلام جون پنهنجي قوم کي هدايت جو رستو ونائڻ لاءِ حيلا ۽ کوششون.

(۱) بيشڪ اسان نوح کي سندس قوم ڏي (پيغام رسائيندڙ ڪري) موڪليو، ته تون پنهنجيءَ قوم کي (سندن غلط ڪارين جي نتيجي ۾) مٿن دردناڪ عذاب اچڻ کان اڳ وڃي (ان جي تباهه ڪندڙ نتيجن کان) ڊيڄار! (۲) ان (ڪين) چيو ته، اي منهنجي قوم! (توهان جون غلط ڪاريون، توهان کي تباهيءَ جي طرف وڌي وڃي رهيون آهن) بيشڪ آئون اوهان لاءِ پڌرو ڊيڄارندڙ آهيان. (۳) (جيڪڏهن اوهان ان تباهيءَ کان بچڻ گهرو ٿا ته پوءِ) الله جي عبادت ڪريو ۽ ان جي فرمانبرداري ڪيو (۽ سندس فرمانبرداريءَ جا جيڪي قانون ۽ حڪم مان عمل ۾ آڻيان ٿو تنهن ۾) منهنجي اطاعت ڪيو. (٤) (اوهان ائين ڪيو ته الله) اوهان جا (پويان) گناهه اوهان کي معاف ڪري ۽ اوهان کي (صحيح واٽ تي هلڻ جي) مقرر وقت تائين مهلت ڏئي (۽ تباهي کان محفوظ رکي) جيڪڏهن اوهان ائين نه ڪيو ته پوءِ هلاڪت لاءِ) الله جو مقرر ڪيل وقت جڏهن ايندو تڏهن ان کي پڻتي نه ڪيو ويندو. جيڪڏهن (اوهان الله جي مڪافات واري نظام ۽ قانون کي) ڄاڻو ٿا. (۵) (نوح) چيو ته، اي منهنجا پالينڊڙ! بيشڪ مون پنهنجيءَ قوم کي رات ۽ ڏينهن (تنهنجي عظمت کي مڃڻ ۽ تنهنجي حڪمن تي هلڻ لاءِ) سڏيو. (٦) پوءِ منهنجي سڏڻ تي (دين کان) هيڪاري زيادهه پڇڻ لڳا. (۷) ۽ بيشڪ مون جڏهن به کين سڏيو ته جيئن تون انهن کي (سندن ايمان ۽ عاجزيءَ تي) معاف ڪرين ته انهن (ترڙائپ ۽ سرڪشيءِ وچان) پهنجون آڱريون پنهنجن ڪنن ۾ وڌيون (تان ته حق جي ڳالهه ٻڌن ئي نه) ۽ (حقارت وچان منهن لڪائڻ ۽ نه ڏسڻ لاءِ) پنهنجي ڪپڙا پاڻ تي ويڑهيائون ۽ (پنهنجا انڪار تي) قائم رهيا ۽ تمام گهڻو هٺ ڪيائون. (۸) وري (بي) بيشڪ مون کين وڏي واڪي سڏيو. (۹) وري مون کين ڇڻو پڌرو به ڪيو، ۽ تمام ڳجهيءَ طرح (به) کين چيم. (مطلب ته نصيحت جو ڪو طريقو نه ڇڏيم.) (۱۰) پوءِ کين چيم ته، (توهان جون غلط ڪاريون توهان لاءِ تباهي آڻيندڙ سو) پنهنجي پالينڊڙ (جي قانونن تي هلي ان) کان معافي گهرو! بيشڪ اهو گهڻو معاف ڪندڙ آهي. (۱۱) ته اوهان تي (راضي ٿي اهڙو برڪت ڀريو) جهجهو مينهن وسائي، (جو توهان جون بنجر زمينون آباد ٿي وڃن). (۱۲) ۽ اوهان کي مال ۽ پٽ گهٽا ڏئي، اوهان لاءِ باغ بنائي ۽ (انهن جي سيرابيءَ واسطي) اوهان لاءِ نهرون ٻٽائي. (جڏهن معاشرو خدا جي قانونن تي هلندو ته، ان جي سهٽي انتظام سان هر قسم جون سهولتون ٿيندڙ يون.) (۱۳) (مان حيران آهيان جو اوهان الله جي وجود کي به مڃيو ٿا، پر) اوهان

کي چا ٿيو آهي جو الله جي عظمت ۽ بزرگيءَ جو ويساهه نٿا رکو. (۽ ان جي قانونن تي نٿا هلو.) (١٤) هوڏانهن (ڏسو ته ڪيئن تخليق جا مختلف مرحلا طئ ڪندي) اوهان کي طرح طرح سان ٻڌايو اٿس. (١٥) چا اوهين نٿا ڏسو ته، الله ڪيئن (ستن سيارن وانگر) ستن آسمانن کي طبقا طبقا ٻڌايو؟ (۽ اهي سيارا به ان جي مقرر قانونن ۽ نظام تي ڪائنات لاءِ محڪم مثال ٻڌيل آهن). (١٦) ۽ انهن ۾ چنڊ کي (رات جو) روشن ڪيائين ۽ سج کي (ڏينهن جي لاءِ) ڏيئو ڪيائين. (۽ اوهان به جيڪڏهن ان جي مقرر ڪيل نظام تي هلو ته اوهان جا به ڏينهن ۽ راتيون روشن ٿي وڃن). (١٧) ۽ الله اوهان کي هڪ طرح سان (نباتات جي نظام تي) زمين مان پيدا ڪيو آهي. (جو نباتات جون غذا حاصل ڪندڙ پاڙون، وڻ ۽ ان جي پکڙيل هر پن ۽ ٽام لاءِ هڪجيترو مفيد آهن). (١٨) وري اوهان کي زمين ۾ موتائيندو ۽ اوهان کي پوريءَ طرح ٻاهر ڪيندو. (۽ اوهان کان مفيد ٻڪجڻ ۽ نه ٻڪجڻ جو حساب ونڊندو). (١٩) ۽ الله اوهان لاءِ زمين (جهڙي گول سياري) کي وڇاڻو ٻڌايو. (٢٠) ته ان جي ڪشادن رستن ۾ (ان جي مخلوق لاءِ ڪشادگيون ڪٽي) هلو.

رکوع ٢ آيت ٢١ ـ تا ـ ٢٨

سادا نو سئو سال تبليغ کان پوءِ به سندس قوم نه مڃيو ته هن بددعا ڪئي ته، مولا ائين ته هي تنهنجي ٻانهن کي گمراهه ڪندا ۽ رڳو بدڪار ۽ ڪافر اولاد ڄڻيندا.

(٢١) (ايتري سمجهاڻ کان پوءِ) نوح چيو ته، اي منهنجا پالينڊڙ! بيشڪ انهن منهنجو چيو نه مڃيو ۽ انهن (سردارن، وڏيرن ۽ دولتمندن، جي پٺيان لڳا، جن) جي مال ۽ اولاد انهن لاءِ نقصان کان سواءِ ٻيو ڪجهه به نه وڌايو. (٢٢) (اهي جن جي ڪيل لڳاسي فريبي ۽ سازشي هٿا) ۽ انهن (حق جي دعوت خلاف) وڏو مڪر پکيڙيو. (٢٣) ۽ (پنهنجي پوئلڳن کي) چيائون ته، پنهنجن خدائن کي ڪڏهن به نه ڇڏيو، ۽ نه ڪي ود ۽ نڪي سواع ۽ نڪي يغوث ۽ يعوق ۽ نسر (بتن) کي ڪڏهن ڇڏيو. (٢٤) ۽ بيشڪ انهن (رئيسن ۽ سرمائيدارن مڪر فريب سان) گهٽن کي گمراهه ڪيو آهي. ۽ (اي الله هاڻي تون انهن) ظالمن لاءِ گمراهيءَ ۽ تباهي کان سواءِ ٻيو ڪجهه به نه وڌاءِ. (٢٥) (ته مٿن جلد عذاب اچي. نيٺ) انهن کي سندن خطاڪارين جي ڪري ٻوڙيو ويو پوءِ ڪين (جهنم جي) باهه ۾ وڌو ويو، پوءِ انهن ڏنو الله کان سواءِ سندن لاءِ (ٻيا) کي به مددگار ڪونهن. (٢٦) ۽ نوح چيو ته، اي منهجا پالينڊڙ! (هنن منڪرن جي سرڪشي ۽ جرم ناسور ٻڌيل ۽ وڃڻندڙ حد تي پهتل آهن. ان ڪري ٻين انسانن کي انهن جي اثرن کان بچائڻ لاءِ هنن) ڪافرن مان ڪوبه رهندڙ زمين تي نه ڇڏ. (٢٧) ڇو ته، تون جيڪڏهن ڪين ڇڏيندين ته، اهي تنهنجي ٻانهن کي گمراهه ڪندا ۽ رڳو بدڪار (۽ ناسور واري) ڪافر (اولاد) ڄڻيندا. (٢٨) اي منهنجا پالينڊڙ! مونکي، منهنجي ماءُ پيءُ کي ۽ ان کي جيڪو ايمان آڻي منهنجي گهر ۾ (پناهه وڻڻ لاءِ) داخل ٿئي ۽ ايمان وارن مردن ۽ ايمان وارن زالن کي معاف ڪر! ۽ سرڪش ظالمن لاءِ تباهي ۽ بربادي کان سواءِ ٻيو ڪجهه به وڌاءِ.

سورت الجن

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي.

رکوع ۱ آيت ۱ - تا - ۱۹

جنن جو ايمان آڻڻ ۽ انهن جي ايمان آڻڻ جي ڪيفيت

(۱) (اي رسول!) تون چئو تہ، مون ڏي هن ڳالهہ جو وحي ڪيو ويو آهي تہ، جنن مان هڪ جماعت (مون کان قرآن پڙهندي) ٻڌو. پوءِ (پنهنجي قوم کي وڃي) چيائون تہ، بيشڪ اسان عجب طرح جو قرآن ٻڌو آهي. (۲) جو سڌي رستي تي هلڻ جو ڏس ڏئي ٿو، ان ڪري اسان ان تي ايمان آندو ۽ اسين (هاڻي) پنهنجي پالينڊڙ سان (سندس عبادت ۽ فرمانبرداريءَ ۾) ڪنهن کي ب شريڪ نہ ڪنداسون. (۳) ۽ (هي ب بيان ڪيائون تہ) اسان جي پالينڊڙ جو شان مٿي آهي، (۽ مخلوق مان) نہ ڪنهن کي (پنهنجي زال ۽ نہ ڪنهن کي (پنهنجو) اولاد بنايو اٿس. (۽ اسان جو اهڙي قسم جو عقيدو وهم پرستي هئي، جنهن کان اسان توبہ ڪيون ٿا.) (٤) ۽ اسان مان (ڪن) بيوقوف شخص الله تي (اهڙي قسم جي) حد کان لنگهيل ڳالهہ (پنهنجي ذهن مان گهڙي) مڙهي ڇڏي هئي. (۵) ۽ اسان (جي سادگي ڏسو جو پهريائين هي) گمان ڪيو هو تہ انسان ۽ جن الله تي ڪوڙ ڪڏهن ب نہ چوندا. (٦) ۽ ماڻهن مان ڪيترا مرد جنن جي مردن وٽ اچي ڏسندا هئا، پوءِ انهن (ماڻهن) هنن (جنن) جي هيڪاري (وهم پرستي، بد دماغي ۽) سرڪشي وڌائي ڇڏي. (۷) ۽ (انهن ماڻهن ۾ هيءُ) گمان عام ڪيو هو (تہ اسان کي عرب ۾ پيغمبر نہ اچڻ جي ائين ئي پڪ آهي) جيئن اوهان (جنن) گمان ڪيو آهي تہ الله (هتي) ڪنهن کي پيغمبر ڪري نہ موڪليندو. (۸) ۽ اسان (اڳ وانگر مٿان جون خبرون لهڻ واسطي) آسمان کي جاچيو، پوءِ ان کي ڏاڍوسون تہ سخت چوڪيدارن (محافظ فرشتن) ۽ شعلن سان پريو پيو آهي. (۹) ۽ (اڳي اسان جو طريقو هو تہ) اسين آسمان جي (گهٽن) رستن تي (ملائڪن جي ڳالهہ ٻولهہ) ٻڌڻ لاءِ ويندا هئاسون، پوءِ هاڻي جيڪو ٻڌڻ گهري ٿو سو پاڻ لاءِ تيار ٿيل شعلو ڏسي ٿو. (۱۰) ۽ اسين نٿا ڄاڻون تہ (هن نئين پيغمبر ﷺ جي اچڻ سان) زمين وارن کي تڪليف ڏيڻ جو ارادو ڪيو ويو آهي يا سندن پالينڊڙ انهن کي رستي تي آڻڻ جو ارادو ڪيو آهي. (۱۱) ۽ اسان مان (پهريان ب) ڪي نيڪ (ٿيندا آيا) آهن ۽ اسان مان ڪي ٻي طرح جا (ب ٿيندا آيا) آهن، ڇو تہ اسين مختلف طريقن تي آهيون. (ان ڪري ظاهر آهي تہ نيڪن کي وات ملندي ۽ خطاڪارن کي تڪليف ملندي). (۱۲) ۽ اسان هي (چگيءَ طرح) سمجهي ورتو آهي تہ، اسين الله (جي سگهاري ذات) کي زمين (جي ڪنهن ب حصي) ۾ ڪڏهن ب شڪست ڏئي نہ سگهنداسون ۽ نہ ڪي (ڏرتيءَ مان) ڀڄي ڪڏهن ان کي ٽڪائي سگهنداسون. (۱۳) ۽ اسان جڏهن (هدايت جي) رستي تي هلڻ جي ڳالهہ ٻڌي تڏهن ان تي ايمان آندوسون. پوءِ

جيڪو پنهنجي پالينڊڙ تي (اسان وانگر) ايمان آڻيندو سو نہ ڪنهن نقصان (رسڻ) کان ۽ نہ ڪنهن ظلم ۽ زيادتي کان ڊڄندو. (١٤) (تنهن ڪري) اسان مان ڪجھ اهڙا آهن، جيڪي فرمانبردار (ٿي چڪا) آهن ۽ ڪجھ (اهڙا آهن جيڪي بدستور) بي واڪا آهن. پوءِ جيڪي فرمانبردار ٿيا تن سڌو رستو ڳولي ورتو. (١٥) ۽ (سرڪش ۽ ڪنڊ ڪيرائيندڙ) بي انصاف جهنم جو ٻارڻ بڻبا. (١٦) ۽ (اي رسول!) جيڪڏهن (هي مڪي وارا) ماڻهو رستي تي سڌا ٿي هلن ها تہ اسين ڪين گهٽو سيراب ڪيون ها. (١٧) (هن لاءِ) تہ ان ۾ سندن امتحان ڪريون ۽ جيڪو به پنهنجي پالينڊڙ جي (پالڻهاريءَ واري) يادگيريءَ کان منهن موڙيندو تنهن کي الله سخت عذاب ۾ ڦاسائيندو. (١٨) ۽ بيشڪ سجدي ڪرڻ جون سڀ جايون (اطاعت ۽ سجدا) الله جي (عبادت) لاءِ آهن، پوءِ اوهين الله سان گڏ ڪنهن کي به نہ سڏيو. (١٩) ۽ جڏهن الله جو ٻانهو (محمد ﷺ) ڳالهہ لاءِ اٿي) بيٺو تہ، الله کي سڏي (۽ ان جي دعوت ماڻهن کي ڏئي) تہ اهي (ڪافر) مٿس انبوهہ ڪري ڪرڻ تي هئا (جيئن چپجي وڃي).

رڪوع ٢ آيت ٢٠ ـ تا ـ ٢٨

منڪر پنهنجي انجام واري وقت ڏسي ونڊندا تہ ڪنهن جا مددگار زياده ڪمزور آهن.

(٢٠) (اي رسول!) چئو تہ، آئون رڳو پنهنجي پالينڊڙ کي سڏيان ٿو، (ماڻهن کي ان جي دعوت ڏيان ٿو) ۽ ڪنهن کي به ان (جي ذات ۽ قانونن) سان شريڪ نٿو ڪريان. (٢١) (اي رسول!) چئو تہ، آئون نہ اوهان کي ڪنهن نقصان پهچائڻ (جو اختيار رکان ٿو) ۽ نہ رستي تي آڻڻ (يا ٻلائي رسائڻ) جو اختيار رکان ٿو. (٢٢) (اي رسول!) چئو تہ، (ٻين کي ٻلائي رسائڻ تہ پنهنجي ماڳ، پر منهنجي پنهنجي حالت هيءَ آهي جو) بيشڪ مون کي الله (جي عذاب) کان ڪوبہ نہ بچائيندو ۽ نہ ان کان سواءِ ڪا پناهہ جي جاءِ لهندس. (ان ڪري خدا جي قانونن تي هلڻ کان سواءِ ڪوبہ چارو ڪونهي.) (٢٣) پر الله جي طرفان (مون کي خبر) پهچائڻي آهي ۽ سندس پيغام پهچائڻا آهن. (سو ڪيان پيو) ۽ جيڪي الله (جي نظام) ۽ سندس رسول (پاران ان نظام کي ڏنل شڪل) جي نافرماني ڪندا تن لاءِ بيشڪ دوزخ جي باهہ آهي. جنهن ۾ سدائين رهندا. (٢٤) (اي رسول!) اهي غفلت ۾ آهن تہ هنن جو تعداد به ٿورو آهي ۽ حمايت ۾ ڪمزور اٿن) نيٺ جڏهن ان (تباهي ۽ عذاب) کي ڏسندا جنهن جو انهن کي وعدو ڏنو وڃي ٿو، تڏهن سگهوئي ڄاڻندا تہ ڪنهن جا مددگار زياده ڪمزور آهن ۽ ڪنهن جو ڳاڻيٽو بلڪل ٿورو آهي. (٢٥) (اي رسول! هي توکان پڇن ٿا تہ اهو عذاب ايندو ڪڏهن؟) چئو تہ، آئون نٿو ڄاڻان تہ جنهن (تباهي ۽ عذاب) جو اوهان کي وعدو ڏنو وڃي ٿو سو ويجهو آهي يا منهنجو پالينڊڙ ان لاءِ ڪا (پي) مدت مقرر ڪندو. (٢٦) (اهو) ڳجھہ جو ڄاڻندڙ آهي، جو پنهنجي ڳجھہ تي ڪنهن هڪڙي کي به واقف نٿو ڪري. (٢٧) پر جنهن رسول کي چونڊيائين تہ (پوءِ ان کي مستقبل جي متعلق بقدر ضرورت وحي جي ذريعي

پڌائيندو آهي ۽) ان (جي وحي) جي اڳيان ۽ پويان (ب) چوڪيدار (ملائڪ) هلائي ٿو. (۲۸) (رسولن کي ب بقدر ضرورت پڌائي ٿو، هن لاءِ ته هو عملي طرح) ڄاڻن ته بيشڪ انهن (رسولن) پنهنجي پالينڊ جا پيغام پهچايا آهن. هوڏانهن جيڪي ب وٽن آهي تنهن جي (حفاظت ۾ رهڻ جي) ان کي پوري خبر آهي ۽ سڀ ڪنهن شيءِ جو ڳاڻيٽو ڳڻي ڇڏيو اٿس.

سورت المزمل

بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي.

رڪوع ۱ آيت ۱ ـ تا ـ ۱۹

حق جي پرچار ۾ مشڪلاتن اچڻ تي صبر ۽ ثابت قدميءَ جو حڪم.

(۱) اي وڏا بار ڪٽندڙ (پيغمبر!). (۲) رات جو (عبادت، تعليم ۽ تربيت لاءِ) اُٺ پر ٽورو حصو. (۳) رات جي اڌ تائين يا ان کان ڪجهه گهٽ ڪر. (٤) يا ان کان وڌاءِ! ۽ قرآن ٺاهي (ڌاري اکر اکر ڪري) پڙهه (ته جيئن ان کي پڌندڙ سمجهن.) (۵) بيشڪ اسين توتي (قرآن جي ذريعي معاشري ۾ انقلاب آڻڻ جو) وڏو ڪم رکڻ وارا آهيون. (٦) بيشڪ رات جو اٺڻ (نفس جي تن آسانيءَ کي) نرم ڪرڻ ۾ تمام سخت (نيڪ) آهي ۽ ان وقت ڳالهه تمام چٽي ٿي نڪري ٿي. (۷) بيشڪ توکي ڏينهن ۾ گهڻو ڪم ڪار آهي. (ان ڪري تربيت جا سڪون وارا ڪم رات جو ڪر). (۸) ۽ پنهنجي پالينڊ جو نالو (۽ ان جون صفتون) اڳيان رک (توکي انهن صفتن کي معاشري ۾ عملي طرح نافذ ڪرڻو آهي) ۽ سيني کان جدا ٿي ان جو ٿيءُ! (۹) (اهو) ايرندي ۽ الهندي جو مالڪ آهي، ان کان سواءِ ٻيو ڪوبه ڪارساز نه آهي، پوءِ تون (ڪوبه فڪر نه ڪر ۽) ان کي پنهنجن ڪمن بنائڻ وارو ڪري وٺ. (۱۰) ۽ (ڪافر) جيڪي پيا چون تنهن (جو ڪوبه اثر نه وٺ ۽ ان) تي صبر ڪر ۽ ڪين چگي وڙسان ڇڏي ڏي. (۱۱) ۽ مون کي ۽ (منهنجي قانونن کي دولت جي نشي ۾) اجايو ڪندڙن دولتمندن کي (اسان جي مڪافات وارن قانونن) جي حوالي ڪر ۽ ڪين ٽوري مهلت ڏي. (اسان جو قانون انهن سان پاڻهي نبري ونندو). (۱۲) بيشڪ اسان وٽ (ان ڏينهن اسان جي نعمتن جي ناشڪري ڪندڙ انهن سرمائيدارن لاءِ) هٿ ڪڙيون ۽ پڑ ڪندڙ باهه (تيار آهي.) (۱۳) ۽ نڙيءَ ۾ اٽڪڻ وارو کاڌو ۽ دردناڪ عذاب هوندو. (جو انهن دنيا ۾ پين جي نڙيءَ جا گرهه روڪيا هوندا). (۱٤) جنهن ڏينهن زمين ۽ جبل ڏڦندا ۽ جبل هاريل واريءَ جي ڍڙي جهڙا ٿي پوندا. (ان وقت باقي انهن مغرور دولتمندن جي حيثيت چا هوندي؟) (۱۵) (اي ماڻهو!) بيشڪ اسان اوهان ڏي هڪ پيغمبر اوهان تي (چگاين ۽ مداين جي وات جي) شاهدي ڏيندڙ (محمد ﷺ) موڪليو آهي، جيئن فرعون ڏي هڪ رسول (موسيٰ عليه السلام) موڪليوسون. (۱٦) پوءِ (طاقت ۽ معتبريءَ جي اجائي گهمنڊ واري) فرعون ان

رسول جي نافرماني ڪئي، پوءِ اسان (سرڪشي ڪرڻ سبب) ان تي سخت پڪڙ ڪئي. (۱۷) پوءِ جيڪڏهن اوهان (تڇ سرمائيدارن اسان جي حڪمن کي مڃڻ جو) انڪار ڪيو تہ ان ڏينهن ڪان ڪيئن بچي سگهندو، جيڪو (ڏينهن پنهنجي سختيءَ ڏيگهہ سبب) ٻارن کي ٻڍو ڪندو. (۱۸) آسمان ان ڏينهن ڦاٽندو، (اهڙي تباهيءَ لاءِ) سندس وعدو پورو ٿيڻ وارو آهي. (۱۹) بيشڪ هيءَ هڪ نصيحت (ءِ عبرت وٺڻ لاءِ تاريخي حقيقت) آهي. پوءِ جيڪو (پنهنجو خير) گهري، سو پنهنجي پالينڊڙ (جي پالڻهاريءَ وارو) رستو وٺي. (ءِ پنهنجو رزق ضرور تمندن تي کولي ڇڏي.)

رکوع ۲ آيت ۲۰

عبادتن ۾ بہ اهڙو واڌارو نہ ڪيو جو انساني سگهہ ءِ دين جا ٻيا ڪم متاثر ٿين.

(۲۰) (اي پيغمبر!) بيشڪ تنهنجو پالينڊڙ ڄاڻي ٿو تہ، تون رات جي ٻن ٽهاين جي ويجهو (عبادت ءِ تربيت لاءِ) بيهين ٿو ۽ (ڪڏهن) رات جو اڌ ۽ (ڪڏهن) رات جي ٽين پتي ۽ جيڪي تو سان گڏ آهن، تن مان هڪ جماعت (بہ تو سان گڏ بيهي ٿي) ۽ الله رات ۽ ڏينهن جو اندازو ڪري ٿو. ان ڄاتو تہ اوهين ان کي (دائمي طرح) پورو ڪري ڪين سگهندو. (اڳيون حڪم هنگامي تيارين لاءِ هو، خدا اوهان تي آسانيون چاهي ٿو) ان ڪري اوهان تي مهرباني ڪيائين، پوءِ جيترو (حصو) آسان ٿئي، اوترو قرآن پڙهو. ان ڄاتو تہ اوهان مان ڪي بيمار ٿيندا ۽ ٻيا الله جي فضل (روزگار وغيره جي) تلاش ڪرڻ لاءِ زمين ۾ مسافري ڪندا، ۽ ٻيا الله جي رستي ۾ جنگ ڪندا، ان ڪري جيترو آسان ٿئي اوترو قرآن پڙهو. ۽ نماز قائم ڪريو ۽ زڪوات ڏيو ۽ (خير جي صورت ۾) الله کي چگو قرض ڏيو (جيڪو اوهان کي ڪيترا ڀيرا وڌي ملندو) ۽ جا بہ پلائي پنهنجي لاءِ (آخرت جو ذخيرو ڪري) اڳي موڪليندؤ، تنهن کي الله وٽ چگو ۽ اجر ۾ تمام وڏو لهندؤ. ۽ (اهو طريقو آهي جنهن سان) الله ڪان (دنيا ۽ آخرت ۾ درپيش خطرن جي) معافي گهرو. بيشڪ الله (سيني خطرن ڪان بچائي) گهٽو معاف ڪندڙ نهايت رحم وارو آهي.

سورت المدثر

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي.

رکوع ۱ آيت ۱ ـ تا ـ ۳۱

گهٽي ملڻ جي خواهش تي ڪنهن تي احسان نہ ڪيو.

(۱) اي (نبوت جي لباس ۾) ويڙهجڻ وارا. (۲) اٿي! پوءِ (خدا ڪان ڀليل ماڻهن کي زندگيءَ جي غلط طريقي تي تباهہ ڪندڙ نتيجن ڪان) ڊيڄار. (۳) ۽ پنهنجي پالڻهار (جي پالڻهاريءَ واري نظام)

جي عظمت (۽ ضرورت) بيان ڪر. (٤) ۽ (ظاهري ۽ باطني يعني اخلاقن واري) پنهنجي پوشاڪ کي پاڪ رک. (٥) ۽ گند (۽ گندي بيڪار ماڻهن) کان پري رهه. (٦) ۽ (پوءِ الله جي مخلوق تي) هن لاءِ احسان نه ڪر تہ (ان جي موت ۾) گهٽتو (بدلو) ملي. (٧) ۽ پنهنجي پالڻهار (جي پالڻهاريءَ واري نظام جي رستي ۾ پيش ايندڙ رڪاوٽن ۽ ڏکيائين تي ثابت قدم رهڻ) لاءِ صبر ڪر. (٨) پوءِ جڏهن (حساب ڪتاب جي لاءِ ڪنهي ٽيڙ واسطي) ناقور وڄايو ويندو. (٩) تڏهن اهو (بدڪارن لاءِ) ان ڏينهن ڏاڍو ڏکيو وقت ٿيندو. (١٠) (ان ڏينهن) ڪافرن تي (ڏري برابر بہ) آساني نہ هوندي. (١١) (اي رسول! تون پنهنجي ڪم سان لڳو رهہ ۽) مون کي ۽ ان کي ڇڏي ڏي جنهن کي (ماءُ جي پيٽان ئي دولت ڏئي پيدا نہ ڪيو اٿم، پوءِ بہ ان تي سرڪشي ٿو ڪري بلڪ) اڪيلو پيدا ڪيو اٿم. (١٢) ۽ ان کي (بعد ۾ آزمائش خاطر) ڪثرت سان مال ڏنو اٿم. (١٣) ۽ پُٽ (بہ جيڪي انساني ڪم ڪرڻ بجاءِ سندس سرڪشي وڌائڻ لاءِ) وٽس ويٺل آهن. (١٤) ۽ ان لاءِ (دنيا جي سپ شيءِ) سندس چوڌاري پکيڙي چڏي اٿم. (١٥) وري بہ (سندس هوس پوري نٿي ٿئي ۽) هو طمع ڪري ٿو تہ (ان کي) وڌيڪ (طاقت ۽ دولت) ڏيان. (١٦) ائين نہ ٿيندو، ڇو تہ هو اسان جي (قانون ٻڌائي موڪليل) آيتن جو مخالف آهي. (١٧) سگهوئي آڻون ان کي (پنهنجي گرفت ۾ آڻي) سخت تڪليف ۾ ڦاسائيندس. (١٨) ڇو تہ هو (چگهائي ۽ مدائي ڄاڻي پيو ۽ ان تي غور) فڪر ڪيائين ۽ هڪ ڳالهہ (دنيا جي لالچ ۽ فائدي واري پنهنجي لاءِ) تجويز ڪيائين. (١٩) پوءِ مار پويس ڪيئن (فاني حياتيءَ جي ٿورڙي فائدي جو مطلب پنهنجي اولاد لاءِ) تجويز ڪيائين. (٢٠) پوءِ مار پويس (پنهنجي لاءِ اهڙي ڳالهہ) ڪيئن تجويز ڪيائين. (جنهن جو نتيجو آخر ۾ تباهي ۽ بربادي ۽ ڪان سواءِ ڪجهہ بہ ڪونهي.) (٢١) وري ان (ڪنهن موقعي تي غور ڪري) ڏنو. (٢٢) پوءِ (بہ سندس اندر جي لڇائي ايري آئي ۽) منهن ۾ گهنڊ وڌائين ۽ ٻوٽ ٻڇڙو ڪيائين. (٢٣) پوءِ (خدا جي قانون کان) پٺ ڦيرايائين ۽ وڌائي ڪيائين. (٢٤) پوءِ چوڻ لڳو تہ، هي (قرآن) رڳو جادو (۽ پراڻي زماني جون پُرڪشش ڳالهيون) آهن جو (صدين کان ائين ئي) هلندو اچي. (٢٥) هي (قرآن) رڳو ماڻهوءَ جو (پنهنجو جوڙيل) ڪلام آهي. (٢٦) سگهوئي آڻون ان کي (سندس اهڙي سرڪشيءِ ۽ نافرماني تي ڪيس) دوزخ ۾ وجهندس. (٢٧) ۽ (اي رسول!) تو ڪي خبر آهي تہ دوزخ (جي ٽڇڪندڙ ۽ رجائيندڙ باهہ) ڇا آهي؟ (٢٨) اها نہ (ڪجهہ بدن جو هڏو ۽ پوٽي) رهائي ٿي ۽ نہ (ڪنهن شيءِ ڪي) ڇڏي ٿي. (٢٩) ماڻهن کي (ساڙي) ڪارو (ڪاڦو) ڪندڙ آهي. (٣٠) ان تي اٺويهہ (داروغا) مقرر آهن. (٣١) ۽ اسان باهہ وارا (داروغا) رڳو ملائڪ ڪيا آهن، ۽ اسان سندن ڳاڻاٽي کي رڳو ڪافرن لاءِ (انهن جي اڳين ڪتابن ۾ ڄاڻايل تعداد مطابق) امتحان ڪيو آهي (هن لاءِ) تہ ڪتاب وارا يقين ڪن ۽ ايمان وارن جو ايمان وڌي، ۽ ڪتاب وارا ۽ مسلمان شڪ ۾ نہ پون، ۽ (هن لاءِ) تہ جن جي دلين ۾ (منافقيءَ جي) بيماري آهي سي ۽ ڪافر چون تہ هن (اٺويهن واري انگ جيترن ملائڪن) مان الله جو مطلب ڇا آهي؟ (اي پيغمبر!) اهڙيءَ طرح الله جنهن کي

وٽيس تنهن کي (آزمائش ۾ وجهي) گمراهه ڪري ٿو ۽ جنهن کي وٽيس تنهن کي رستو ڏيکاري ٿو. ۽ (هونئن ته ان جو لشڪر اڻ ڪٽ آهي) تنهنجي پالينڊڙ جي لشڪرن (واري تعداد) کي ان کان سواءِ (پيو) ڪو نٿو ڄاڻي، ۽ هيءَ رڳو ماڻهن لاءِ نصيحت آهي.

رڪوع ٢ آيت ٣٢ ـ تا ـ ٥٦

دوزخي چوندا ته، اسين نڪي نمازين مان هئاسون، نڪي مسڪينن کي کارائيندا هئاسون.

(٣٢) ائين نه ٿيندو (ته ان کي حساب ڪتاب کان سواءِ ئي ڇڏيو وڃي جيئن هو گمان ڪري ٿو.) چنڊ جو قسم آهي (چنڊ ان جو شاهد آهي جيڪو مقرر قانون تي هلي ٿو.) (٣٣) ۽ رات جو (منجڻ ۾ شاهد آهي) جڏهن اها پٺ ڦيري ٿي. (٣٤) ۽ صبح جو (ٽيڙ ۾ انهن قانونن تي شاهد آهي) جڏهن اهو روشن ٿئي ٿو. (٣٥) بيشڪ اهي (تبديليون قدرتي قانونن جي) وڏن واقعن مان هڪ (مثال) آهن. (٣٦) انهن ماڻهن کي (هي مثال مڪافات ۽ حساب ڪتاب جي ٽيڙ واسطي) ڊيڄارينڊڙ آهن. (٣٧) جيڪي اوهان مان (اهڙن مثالن مان سبق وٺي) اڳتي وڌڻ يا پوئتي رهڻ گهرن. (حق ۽ باطل جي ڪشمڪش ۾ پنهنجي لاءِ فيصلو اوهان کي ئي ڪرڻو آهي.) (٣٨) خدا جي پاران ڪنهن سان به زيادتي نٿي ٿئي) سيڪو نفس پنهجي مائي جي ڪري سوگهو ٿئي ٿو. (٣٩) ساڄي پاسي وارن (نيڪوڪارن) کان سواءِ. (٤٠) (جو ته اهي) باغن ۾ هوندا، هڪ ٻئي کان (حال احوال) پڇندا. (٤١) ڏوهارين بابت (ته انهن مٿان ڇا ڇا گذريو هوندو). (٤٢) (پوءِ جڏهن انهن ڏوهارين کي ڏسندا تڏهن چوندن ته) اوهان کي ڪهڙيءَ ڳالهه (تباهين جي هن) دوزخ ۾ وڌو آهي؟ (٤٣) اهي چوندا ته (اسان جو ڏوهه هي هو ته) اسين نڪي نمازين (عبادت ۽ اطاعت ڪندڙن) مان هئاسون. (٤٤) ۽ نڪي مسڪينن کي کارائيندا هئاسون. (٤٥) ۽ اسين حق ۽ حق وارن خلاف ڳالهين بنائڻ وارن سان گڏ ڳالهيون بنائيندا هئاسون. (٤٦) ۽ حساب جي ڏينهن کي (۽ ان جي عذاب کي) کوڙو ڪندا هئاسون. (٤٧) تان جو (ان حالت ۾) اسان وٽ موت اچي پهتو. (٤٨) پوءِ (ان وقت) انهن کي سفارش ڪندڙن جي سفارش فائدو نه ڏيندي (۽ هميشه انهيءَ ۾ رهندا). (٤٩) پوءِ (هاڻي جڏهن هي سڀ ڇڻيون حقيقتون انهن جي سامهون پيش ٿيون آهن ته پوءِ ٻ) انهن کي ڇا ٿيو آهي جو (قرآن واري) نصيحت کان منهن موڙيندڙ (ٿيا) آهن. (٥٠) (جيڪي ڪنڌ ڪيائڻ لاءِ ائين ٿاهه ٿا کائن) ڄڻ ته اهي (جهنگلي) ڍنڍڙ گڏهه آهن. (٥١) جيڪي شينهن کان ٻڃا هجن. (٥٢) پر انهن مان هرهڪ مڙس گهري ٿو ته ان کي (ڪنهن اجتماعي نظام بجاءِ انفرادي مفادن واسطي) ڇڻا ڪتاب (قانون) ڏنا وڃن. (٥٣) ائين ته هرگز نه ٿيندو اهو ان ڪري آهي جو هو (عارضي مفاد تي نظر رکيون ويٺا آهن ۽ هميشه رهڻ واري) آخرت کان نٿا ڊڄن. (٥٤) پڪ ڄاڻو ته بيشڪ هي قرآن هڪ ڪليل نصيحت آهي. (٥٥) پوءِ جيڪو (هن زندگي ۽ آخرت ۾ ڇگايون) گهري سو ان مان نصيحت وٺي (ان جي مطابق زندگي گذاري). (٥٦) ۽

اهي تڏهن ٿي نصيحت حاصل ڪري سگهندا جڏهن الله گهري (ع الله گهرندو تڏهن جڏهن هو الله جي رضا ع مشيت گهرندا هجن) اهوئي آهي جنهن کان ڊڄڻ گهرجي ع اهوئي (پاڻ کان ڊڄڻ وارن ع سندس قانون تي هلڻ وارن جون ڪوتاهيون) معاف ڪرڻ وارو آهي.

سورت القيمہ

بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ع رحم وارو آهي.

رڪوع ۱ آيت ۱ ـ تا ـ ۳۰

ڇا انسان هي خيال ڪري ٿو تہ، اسين سندس هڏيون ڪڏهن بہ ڪين گڏ ڪنداسون؟

(۱) (اي پيغمبر! چوين تہ) ائين هرگز نہ ٿيندو (جو اوهان کي حساب ڪتاب کان سواءِ ڇڏيو وڃي ان) قيامت جي ڏينهن جي شاهدي ڏيان ٿو (جڏهن عملن جا نتيجا سامهون ايندا.) (۲) ع (بيڙي ڪم تي) ملامت ڪرڻ واري نفس کي شاهد بڻايان ٿو (تہ عملن جو نتيجو سامهون اچڻو آهي، هتي دنيا ۾ بہ ع آخرت ۾ بہ). (۳) ڇا انسان هي خيال ڪري ٿو تہ اسين سندس هڏيون ڪڏهن بہ ڪين گڏ ڪنداسون؟ (قيامت ۾ ڪيس زندھ نہ ڪنداسون ع ائين هو پنهنجي عملن جو نتيجو پوڳڻ کان بچي ويندو). (٤) پڪ ڄاڻو تہ (اسان لاءِ ائين ڪرڻ ڪجھ بہ ڏکيو ناهي) اسين تہ سندس آڱرين جو ڏوڻن جي برابر ڪرڻ (درست بنائڻ) تي بہ قدرت رکندڙ آهيون. (۵) پر (اصل ۾) انسان (ذميوارين جو بار کٽڻ کان لهرائي ٿو ع) گهري ٿو تہ پنهنجي باقي حياتيءَ ۾ (بہ پهنجي اڳ ۾ گذريل نفس پرستانہ زندگيءَ وانگر) غلط عمل ڪندو رهي. (٦) (اهائي ڳالھ ڪيس آخرت کان اکيون پوٽرائي ٿي ع هو) پڇي ٿو تہ، قيامت جو ڏينهن ڪڏهن ٿيندو. (۷) سو جڏهن (قيامت جي تاب سان) اکيون چنجهي پونديون. (۸) ع چنڊ بي نور ڪيو ويندو. (۹) ع سج ع چنڊ کي گڏ (ڪري انهن جو تاب ع ڪم ختم) ڪيو ويندو. (۱۰) تڏهن انسان ان ڏينهن (سخت پريشانيءَ جي حالت ۾) چوندو تہ، پڇڻ جي جاءِ ڪٿي آهي؟ (۱۱) خبردار! (تنهنجي لاءِ) ڪابہ پناھ جي جاءِ نہ آهي. (۱۲) تنهنجي پالينڊڙ وٽ ئي ان ڏينهن عدالت جو ڪٺهڙو آهي. (۱۳) ان ڏينهن انسان کي انهن سڀني ڪمن جي خبر ڏني ويندي، جيڪي اڳي موڪليا هوندائين ع (جيڪي جاري ڪيل برا سلسلا) پٺتي ڇڏيا هوندائين. (۱٤) (ان ڏينهن انسان کي ڪنهن اندرين ع ٻاهرين شاهديءَ جي ضرورت نہ هوندي) پر انسان پاڻ تي پاڻ هڪ ثابتي هوندو. (۱۵) جيتوڻيڪ (پنهنجي عادت کان مجبور ٿي) پنهنجا بهانا پيش پيو ڪندو. (پر ان وقت سندس ڪوبہ بهانو نہ هلندو). (۱٦) (اي رسول!) پنهنجيءَ زبان کي ان (وحي) سان (گڏ) هن لاءِ (تڪڙو تڪڙو) نہ چور تہ اهو جلد ياد ڪري وٺين. (۱۷) (بيشڪ تو کي ان لاءِ فڪر ڪرڻ جي ضرورت ناهي) ڇو تہ ان جو

(حفاظت سان اوهان جي سيني ۾) گڏ ڪرڻ ۽ (اوهان جي سيني ۾ جمع ڪري) پڙهڻ اسان جي ئي ذمي آهي. (۱۸) پوءِ جڏهن اسين قرآن پڙهون تڏهن تون قرآن جي پڙهڻ جي پيروي ڪر (يعني هاڻي ان کي پنهنجي زبان سان اهڙي طرح پڙهہ جهڙيءَ طرح توهان کي پڙهي ٻڌايو ويو آهي). (۱۹) وري ان جو (وضاحتن سان) مطلب سمجهائڻ (ب) اسان جي ئي ذمي آهي. (جو اسان هڪ ئي مضمون مختلف آيتن ۾ وي وري آڻيون ٿا تہ جيئن ان مضمون جي چٽائي ٿئي.) (۲۰) (اي منڪرو! آخرت جي معاملي کي جيترو اوهان معمولي سمجهيو آهي) هرگز ائين نہ آهي، پر اوهين جلد ملڻ واريءَ شئ (دنيا سان) محبت ٿا ڪريو. (۲۱) ۽ ديرسان اچڻ واريءَ شئ (آخرت) کي ڇڏي ويٺا آهيو. (۲۲) کي منهن ان (آخرت واري) ڏينهن تازا (۽ هشاش بشاش) هوندا. (۲۳) (جيڪي وڏين محبتن ۽ نيازمندين سان) پنهنجي پالينڊڙ ڏي ڏسندڙ هوندا. (۲۴) ۽ کي منهن ان (آخرت واري) ڏينهن بيڻا هوندا. (۲۵) (اهي ماڻهو) پائيندا تہ ساڻن چيلهہ پڄندڙ (تڪليف ڏهہ) معاملو ڪيو ويندو. (۲۶) (تنهن ڪري خبردار ائين) هرگز نہ (ڪجاڻ جو آخرت کي وساري ڇڏين، ڇاڪاڻ جو آخرڪار تو کي خدا سان منهن ڏيڻو آهي.) جڏهن (ساهہ) نڙگهٽ تي پهچندو آهي. (۲۷) ۽ چيو ويندو تہ آهي ڪو ڦيڻو رکڻ وارو (جو هن کي مرڻ کان بچائي). (۲۸) ۽ (ان وقت) هو پاڻ پائيندو آهي تہ هاڻي (دنيا کان) جدائي (جو وقت اچي ويو) آهي. (۲۹) ۽ (ان وقت سڪرات جي شدت کان) هڪ پني ٻي پنيءَ سان وڇڙندي. (۽ پيرن ۾ حرڪت نہ رهندي). (۳۰) تڏهن ان ڏينهن تنهنجي پالينڊڙ ڏي ئي (تو کي) ڪاهي هلڻو آهي.

رڪوع ۲ آيت ۳۱ ـ تا ـ ۴۰

ڇا انسان هي خيال ڪري ٿو تہ ان کي بيڪار ڇڏيو ويو آهي.

(۳۱) پوءِ (اي پيغمبر! ان شخص جي حالت ڏس جو الله جي پيغام کي) نہ سچو سمجهيائين ۽ نڪي (فرمانبرداريءَ جي عملي اظهار ۾) نماز پڙهيائين. (۳۲) پر (مڪافات جي قانون کي) ڪوڙو ڪيائين ۽ (حڪمن تي هلڻ کان) منهن موڙيائين. (۳۳) وري (پنهنجي ان روش تي) آڪڙجي پنهنجي گهر وارن ڏي هليو ويو. (۳۴) تو تي افسوس جي پڻيان افسوس آهي! (جو تون خدائي قانون جي پوئلڳي نہ ڪئي.) (۳۵) وري تو تي افسوس جي پڻيان افسوس آهي. (جو تو کي اها ڳالهہ سمجهہ ۾ نہ آئي). (۳۶) ڇا انسان هي پائڻي ٿو تہ ان کي (ائين حساب ڪتاب وڻڻ کان سواءِ) اجايو ڇڏيو ويندو؟ (۳۷) ڇا اهو (منڊ ۾ رڳو هڪ) منيءَ جو ڦڙو نہ هو جنهن کي (ماءُ جي ڳيبرڻ ۾) وڌو ٿي ويو. (۳۸) وري رت جو دڳ هو پوءِ (ان کي) پيدا ڪيائين، پوءِ (انهيءَ کي عضوا عطا ڪري) صحيح سالم ڪيائين. (۳۹) وري ان مان ٻہ جنسون نر ۽ مادي بنايائين. (۴۰) ڇا اهو (خدا جنهن ابتدا ۾ پنهنجي قدرت سان هي سڀ ڪجهہ ڪيو سو) مئلن کي جيئرو نٿو ڪري سگهي؟

سورت الدهر

بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي.

رڪوع ١ آيت ١ ـ تا ـ ٢٢

انسان کي چوڻڪاري حاصل ڪرڻ جي لاءِ سگهه ۽ هدايت ڏني آهي. ان کان ڪم نه ورتائين تہ پٽڪي ويندو. بيشڪ اسان شاڪر ۽ ناشاڪر ٻنهي کي رستو ڏيکاريو.

(١) بيشڪ انسان تي زماني ۾ اهڙو وقت (بہ) گذريو آهي، جنهن ۾ هو ڪابہ اهڙي شيءِ نہ هو جنهن جي ڳالهہ ڪٿي وڃي. (٢) بيشڪ اسان انسان کي (مرد ۽ عورت جي) گڏيل نطفي مان پيدا ڪيو (۽ ماءُ جي پيٽ ۾ اهڙيءَ طرح صلاحيتن سان ان کي ناهيو) جو (اڳتي هلي) ان کي آزمائش ۾ آڻيون. پوءِ ان کي ٻڌندڙ ڏسندڙ ڪيوسون. (٣) بيشڪ اسان (ان سوچ ۽ سمجهہ جي قابل) انسان کي (وحي وارو) هدايت جو رستو ڏيکاريو، پوءِ هو شڪر ڪندڙ ٻڌجي يا انڪار ڪندڙ. (٤) بيشڪ اسان انڪار ڪندڙن لاءِ زنجير، ڳچيءَ جو ٻڌ ۽ ٻرندڙ باهہ تيار ڪري رکي آهي. (٥) بيشڪ نيڪ بخت اهڙي (مشروب جي) پيالي مان پيئندا جنهن ۾ ملاوٽ ڪافور جي ٿيندي. (٦) (اهو ڪافور) جيڪو هڪ چشمو آهي، جنهن مان الله جا (خاص) ٻانها پيئندا (جتي وٽندن اتي) ان کي وهائي ويندا. (٧) اهي (ماڻهو دنيا ۾ الله جي جي اطاعت بابت ڪنيل ذميواريءَ جي) باس کي پورو ڪن ٿا ۽ اهڙي ڏينهن کان ڊڄن ٿا جنهن جي ٻڇڙائي پکڙيل هوندي. (٨) ۽ سندس محبت وچان مسڪين، يتيم ۽ قيديءَ (جي ضرورتن کي پورو ڪن ٿا ۽ انهن) کي کاڏو کارائين ٿا. (٩) (۽ چون ٿا تہ) اسين اوهان (تي ڪوبہ احسان نٿا ڪريون.) رڳو الله جي رضامندي لاءِ کاڏو کارايون ٿا. (١٠) بيشڪ اسين پنهنجي پالينڊڙ جي طرفان (ڏري ڏري جو حساب ڪتاب ڏيڻ واري) هڪ ڏکئي (۽ تمام سخت ڏينهن کان ڊڄون ٿا. (١١) پوءِ (ان عمل جي نتيجي ۾) الله انهن کي ان (ڏينهن) جي ٻڇڙائيءَ (۽ هلاڪت) کان بچايو، ۽ انهن کي تازگيءَ ۽ خوشي پهچايائين. (١٢) ۽ سندن ثابت قدميءَ جي ڪري انهن کي باغ ۽ ريشم بدلي ۾ ڏنائين. (١٣) ان (باغ) ۾ پلنگن تي ٽيڪ لڳائي ويهندا. نہ ان ۾ (سج جي گرمائيندڙ) اس ۽ نہ سخت (ڏکائيندڙ) سردي ڏسندا. (١٤) ۽ ان باغ جون ڇانئون (شاخون) متن ويجهيون (جهڪيل) هونديون ۽ ان جا ميوا چگيءَ طرح لٽڪايا ويا هوندا. (مطلب تہ راحت جي ڪابہ شئ سندن گرفت کان ٻاهر نہ هوندي). (١٥) ۽ وٽن چاندي‌ءَ جي ٽانئون اهڙن پيالن سان (خادمن جي) اڇ وڇ ٿيندي جيڪي شيشي جا هوندا. (١٦) (پر اهو) شيشو چانديءَ جهڙو (چمڪندڙ) هوندو. جن کي (پورو) اندازو ڪري بنايو ويو هوندو. (١٧) ۽ ان ۾ ڪين اهڙو پيالو پيارو ويندو جنهن ۾ ملاوٽ سنڊ (چشمي) جي هوندي. (١٨) جو ان ۾ هڪ چشمو آهي

جنهن جو نالو سلسبيل رکيو وڃي ٿو. (۱۹) ۽ هميشہ (ننڍا) رهڻ وارا ڇوڪرا (خادم سندن خدمت لاءِ) وٽن پيا ايندا ويندا. (اي ڏسندڙ) جڏهن تون کين ڏسندين تہ انهن کي پکڙيل موتي خيال کندين. (۲۰) ۽ جڏهن اتي ڏسندين (۽ جيڏانهن ٻہ نظر ڦيرائي ڏسندين) تہ نعمت ۽ وڏي بادشاهي ڏسندين. (۲۱) مٿن سنهي ريشم جا ساوا ڪپڙا ۽ ريشم جا ٿلها ڪپڙا هوندا. ۽ انهن کي (اميري شان سان) چاندين جا ڪنگڻ پارايا ويندا، ۽ سندن پالينڊڙ کين تمام پاڪ پيئڻ جون شيون پيارينڊو. (۲۲) (کين چيو ويندو تہ) بيشڪ اهو اوهان (جي پنهنجي نيڪ عملن) جو بدلو آهي ۽ اوهان جي ڪوشش (ڏسو تہ ڪيئن نہ) قبول ڪيل آهي.

رکوع ۲ آيت ۲۳ ـ تا ـ ۳۱

پنهنجي پالينڊڙ جو نالو صبح ۽ سانجهي ياد ڪر.

(۲۳) بيشڪ اسان توتي قرآن ٿورو ٿورو ڪري نازل ڪيو آهي. (تہ جيئن ان تي گڏوگڏ عمل ٻہ ٿيندو رهي). (۲٤) پوءِ تون پنهنجي پالينڊڙ جي حڪم تي ثابت قدم رهہ ۽ انهن مان ڪنهن ٻہ (اهڙي) ڏوهي يا ڪافر جو چيو ٽاري ڇڏ (جنهن جومقصد توکي ان رستي تان ٽڙڪائڻ آهي). (۲۵) ۽ (ان ڪان بچڻ جو طريقو هي آهي تہ تون) پنهنجي پالينڊڙ جو نالو صبح ۽ سانجهي ياد ڪر. (۲٦) ۽ ڪجهہ وقت رات جو ان کي سجدو ڪر ۽ گهڻي رات سندس پاڪائي ۽ عظمت بيان ڪندو رهہ. (۲۷) (جيڪي ماڻهو تنهنجا مخالف آهن) بيشڪ اهي جلد ملڻ واري (مفاد واري) شيءِ کي پسند ڪن ٿا ۽ بيحد ڳوري (حساب ڪتاب واري) ڏينهن کي پنهنجي پٺيان ڇڏي ڪن ٿا. (۲۸) (اهي پنهنجي طاقت تي آڪڙجن ٿا حالانڪ) اسان ئي انهن کي پيدا ڪيو آهي ۽ سندن سنڌ مضبوط ڪيا آهن ۽ (اهي اسان جي قانونن جي مخالفت ۾ حد ٽپي ويا تہ پوءِ) جڏهن اسين گهرنداسون تہ (کين برباد ڪري) انهن جهڙا ٻيا بدلي ۾ آڻيندااسين. (۲۹) بيشڪ هيءَ (هڪ چٽي حقيقت ۽) نصيحت آهي. پوءِ جيڪو گهري تہ (ان مان عبرت حاصل ڪري) پنهنجي پالينڊڙ ڏي ويندڙ رستو وٺي. (۳۰) ۽ اوهين الله جي گهر کان سواءِ (ان ڏي ويندڙ رستي وٺڻ جو) ارادو ڪري نٿا سگهو، ڇو تہ الله (اوهان جي دلين جي سچائي متعلق سڀ ڪجهہ) ڄاڻندڙ حڪمت وارو آهي. (۳۱) جنهن کي وٽيس (تہ سندس دل جو حضور قبول ڪري) ان کي پنهجي رحمت ۾ داخل ڪري ٿو ۽ (جيڪو الله جي قانونن مڃڻ ۾ اٽڪل بازيءَ جي زيادتي ڪري ٿو تہ اهڙن) لاءِ دردناڪ عذاب تيار ڪري رکيو اٿس.

سورت المرسلات

بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي.

رکوع ۱ آيت ۱ ـ تا ـ ۴۰

ان ڏينهن الله جي ڳالهين کي کوڙو ڪندڙن جي لاءِ وڏي خرابي آهي.

(۱) هڪ ٻئي جي پٺيان موڪليل (نرم هوائن ۽ ٻين اهڙين ڪائناتي حقيقتن) جو قسم آهي.(۲) پوءِ زور ڏيڪاريندڙن (اهڙين حقيقتن) جو قسم آهي (جيڪي انهن شين کي ٽڪڻ نہ ٿيون ڏين، جن جو ٽڪڻ مناسب نہ آهي.) (۳) پوءِ (مسرتون ۽ خوشحالي آڻيندڙ شين جي) پکيڙڻ وارين (اهڙين حقيقتن) جو قسم آهي. (۴) پوءِ (چٽيءَ طرح مفيد ۽ غيرمفيد کي ۽ حق ۽ باطل کي) جدا ڪرڻ وارين (حقيقتن) جو قسم آهي. (۵) پوءِ (انهن ڪائناتي حقيقتن کي) رسائيندڙ (ملائڪن) جو قسم آهي. (۶) جيڪي (ماڻهن جو) عذر ۽ بهانو وڃائڻ يا ڊيڄارڻ لاءِ (حقيقتون ۽ نصيحت پهچائيندا آهن.) (۷) (الله جي تدبيرن وارو هي سڄو نظام هن ڳالهہ تي شاهد آهي تہ) جنهن (آخرت واري ڳالهہ) جو اوهان کي انجام ڏنو وڃي ٿو سا ضرور ٿيڻ واري آهي. (۸) پوءِ جڏهن تارا ميٽيا ويندا. (۹) ۽ جڏهن آسمان کوليو ويندو. (۱۰) ۽ جڏهن جبل اڏايا ويندا. (۱۱) ۽ جڏهن رسولن کي مقرر وقت تي گڏ ڪيو ويندو. (۱۲) ڪهڙي ڏينهن لاءِ (منڪرن جي معاملي کي) ترسايو ويو آهي؟ (۱۳) فيصلي جي ڏينهن لاءِ (جو ان ڏينهن هر شيءِ پڌري ٿي سامهون ايندي.) (۱۴) ۽ (وحي جي ٻڌائڻ کان سواءِ) تو کي ڪهڙي خبر تہ فيصلي جو ڏينهن ڇا آهي؟ (۱۵) ان ڏينهن (خدا جي مقرر ڪيل قانونن کي) ڪوڙي ڪندڙن لاءِ وڏي هلاکت آهي. (۱۶) (انهن ڪوڙي ڪندڙن کان پڇو تہ) ڇا اسان پهرين کي هلاڪ نہ ڪيو؟ (۱۷) وري (ان ڪانپوءِ ساڳي روش تي هلڻ ڪري) پوئين کي انهن جي پٺيان (ساڳي هلاڪت سان) هلائيندا سون. (۱۸) (اها ڳالهہ نہ ڪنهن خاص دور ۾ ڪيون ٿا نہ ڪنهن خاص قوم لاءِ بلڪ) ڏوهارين لاءِ اسان اهڙي طرح ئي ڪندا آهيون. (۱۹) پڪ ڄاڻ تہ ان ڏينهن ڪوڙي ڪندڙن لاءِ وڏي هلاکت آهي. (جيڪي قومن جي انهيءَ تاريخي عمل مان بہ نتيجا حاصل نٿا ڪن). (۲۰) (پنهنجي داخلي ڪائنات ۾ غور ڪيو تہ) ڇا اسان اوهان کي خسيس پاڻيءَ مان نہ پيدا ڪيو. (۲۱) پوءِ ان کي (ماديءَ جي بيضي واري) مضبوط جاءِ ۾. (۲۲) هڪ مقرر اندازي تائين رکيوسون. (۲۴) پوءِ (ڏولائتو) اندازو بيهاريوسون، پوءِ (ڪهڙو نہ) بهتر انداز بيهاريندڙ آهيون. (۲۴) پڪ ڄاڻ تہ ان ڏينهن ڪوڙي ڪندڙن لاءِ وڏي هلاکت آهي، (جيڪي پنهنجي انوکي تخليق مان بہ نتيجا حاصل نٿا ڪن). (۲۵) (پنهنجي خارجي ڪائنات ۾ غور ڪيو تہ) ڇا اسان زمين کي، (گول هئڻ جي باوجود ان جي ڪشش ثقل سان شين کي) سميٽڻ وارو نہ ڪيو آهي. (۲۶) جيڪا جيئرن ۽ مئلن (سڀني) کي (سمائي رکي ٿي).

(۲۷) ۽ ان ۾ اسان وڏا جبل (ميخون بنائي) رکيا آهن ۽ اسان اوهان کي اڃ لاهڻ وارو پاڻي پيئاريو آهي. (۲۸) پڪ ڄاڻ تہ ان ڏينهن ڪوڙي ڪندڙن لاءِ وڏي هلاکت آهي. (جيڪي پنهنجي چوڌاري انوکين تخليقن مان بہ فرمانبرداريءَ جو سبق نٿا پرائن). (۲۹) (پوءِ نافرمانن کي ان ڏينهن چيو ويندو تہ) جنهن شيءِ کي اوهين ڪوڙو ڪندا هئا تنهن ڏي هلو! (۳۰) ٽن ڦاڪن واريءَ (دونهين جي) ڇانوَ ڏي هلو، (۳۱) جنهن ۾ نہ تہ ڇانو آهي ۽ نہ باهہ جي ڇر کان بچائيندي. (۳۲) بيشڪ اها ماڙيءَ جهڙا (ايڙا) شعلا اڇلائي ٿي. (۳۳) ڄڻ تہ اهي (شعلا ناهن) هيڍا اُٺ آهن. (۳٤) پڪ ڄاڻ تہ ان ڏينهن ڪوڙي ڪندڙن لاءِ وڏي هلاکت آهي. (۳۵) هي اهو ڏينهن آهي، جنهن ۾ نہ اُهي (ڏوهاري) ڳالهائيندا. (۳٦) ۽ نہ کين اجازت ملندي تہ ڪو عذر پيش ڪن. (۳۷) پڪ ڄاڻ تہ ان ڏينهن ڪوڙي ڪندڙن لاءِ وڏي هلاکت آهي. (۳۸) (کين چيو ويندو تہ) هي فيصلي جو ڏينهن آهي، اسان اوهان کي ۽ پهرين کي هتي گڏ ڪيو آهي. (۳۹) پوءِ (اوهان دنيا ۾ اسان جي موڪليل دين خلاف وڏيون وڏيون رٿون رٿيندا هيئو) جيڪڏهن اوهان وٽ ڪا بچڙي رٽ باقي آهي تہ (اڄ حساب ڪتاب کان بچڻ لاءِ اها) رٽ مون تي هلايو. (٤۰) پڪ ڄاڻ تہ ان ڏينهن ڪوڙي ڪندڙن لاءِ وڏي هلاکت آهي.

رکوع ۲ آيت ٤۱ ـ تا ـ ۵۰

قرآن کان پوءِ ڪهڙي ڳالهہ آهي جنهن تي اوهان ايمان آڻيندو.

(٤۱) (ان جي ابتڙ) جيڪي ماڻهو (خدائي قانونن تي) پاڻ کي سنيالي هلن ٿا سي ڇانون ۽ چشمن وارا هوندا. (٤۲) ۽ جن ميون جي خواهش ڪندا تن ۾ هوندا. (٤۳) (۽ چئبن تہ) جيڪي ڪم اوهين (دنيا ۾) ڪندا هئا انهن جي ڪري مزي سان کائو ۽ پيئو. (٤٤) بيشڪ اسين اهڙيءَ طرح ئي نيڪي ڪندڙن کي بدلو ڏيون ٿا. (٤۵) پڪ ڄاڻ تہ ان ڏينهن ڪوڙي ڪندڙن لاءِ وڏي هلاکت آهي. (٤٦) (اي پيغمبر کين چئو تہ، اوهان هن دنيا ۾ ٿورڙن طبعي مفادن جي ڪري پيا آهيو سو) ٿورو وقت کائي وڃو ۽ مزا ڪري وڃو (پر اوهان خدائي نافرماني ڪري انساني حق پائمال ڪيو ٿا، سو) بيشڪ اوهين ڏوهاري آهيو. (٤۷) پڪ ڄاڻ تہ ان ڏينهن ڪوڙي ڪندڙن لاءِ وڏي هلاکت آهي. (٤۸) ۽ جڏهن انهن کي چئجي ٿو تہ، (الله جي اڳيان) جهڪو تہ نٿا جهڪن. (٤۹) پڪ ڄاڻ تہ ان ڏينهن ڪوڙي ڪندڙن لاءِ وڏي هلاکت آهي. (۵۰) (اسان سڀ ڳالهيون هن آخري هدايت ۾ وضاحت سان بيان ڪري ڇڏيون آهن، سو) ان قرآن کان (هٿي) پوءِ ٻي ڪهڙي ڳالهہ تي ايمان آڻيندا؟

حصو ٽيهون

سورت النبا

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي.

رڪوع ١ آيت ١ ـ تا ـ ٣٠

قيامت ۽ آخرت جو ثبوت ۽ ان تي ايمان ۽ عدم ايمان جا نتيجا.

(١) (هي ماڻهو) ڪهڙي ڳالهه بابت هڪ ٻئي کان پڇن ٿا؟ (٢) اهڙي وڏي واقعي (قيامت) بابت. (٣) جنهن ۾ اهي (پاڻ ۾) اختلاف ڪندڙ آهن. (ان لاءِ ڪو ڪيئن ٿو چوي، ڪو ڪيئن ٿو چوي). (٤) پڪ سان (انهن جو اهو اختلاف گهٽو وقت نه هلندو) اجهو اهي ان (جي حقيقت) کي ڄاڻي وٺندا. (٥) پوءِ اهي خبردار ٿين (جيئن اهي سمجهن ٿا ائين ڪونهي) اجهو اهي ڄاڻي وٺندا. (٦) (اي ماڻهو! اسان لاءِ اهو ڪيئن ناممڪن آهي) ڇا اسان زمين کي (ان جي گولائي ۽ ان جي تيز چرپر جي باوجود) وڇاڻو نه ڪيو آهي. (٧) ۽ جبلن کي زمين جون ميخون؟ (جو زمين تيز چرپر جي باوجود سنوت ۾ آهي.) (٨) ۽ اسان اوهان کي جوڙا (نر ۽ مادي) ڪري پيدا ڪيو آهي. (جنهن سان اوهان جو نسل وڌي ٿو.) (٩) ۽ (رات ڏينهن جي ڦيري سان) اوهان جي ننڊ کي راحت ڪيو آهي. (١٠) ۽ رات کي (اوهان جي آرام لاءِ) ڍڪ ڪيو آهي. (١١) ۽ ڏينهن کي گذران جو وقت ڪيو آهي. (١٢) ۽ اوهان جي مٿان ست مضبوط آسمان بنايا آهن. (١٣) ۽ هڪڙو روشن ڏيئون سج پيدا ڪيو آهي. (جيڪو اوهان لاءِ روشني جو سرچشمو آهي.) (١٤) ۽ اسان ڪڪرن مان گهٽو وهندڙ پاڻي لاٿو آهي. (١٥) تہ ان سان داڻا ۽ گاهه (نباتات). (١٦) ۽ گهاتا باغ پيدا ڪريون. (١٧) بيشڪ (پوءِ جيئن اسان جي هنن تخليقن ۾ نظم ۽ ضبط آهي، تيئن ماڻهن جي زندگيءَ لاءِ به هڪ نظم ۽ ضبط ۽ ان جي پابندي لاءِ) فيصلي جو ڏينهن مقرر وقت آهي. (١٨) (اهو ڏينهن) جنهن ڏينهن صور ۾ ڦوڪيو ويندو، پوءِ اوهين ٽوليون ٽوليون ٿي (قبرن مان نڪري) ايندؤ. (١٩) ۽ آسمان کولبو جو (هنڌا هنڌان) دروازا ٿي پوندو. (٢٠) ۽ جبل (پنهنجي جاءِ تان) سوربا، پوءِ اهي واريءَ جهڙا ٿي پوندا. (٢١) بيشڪ جهنم هڪڙو (خطرناڪ) گهات آهي. (جيڪو مجرمن جي تاڙ ۾ آهي.) (٢٢) سرڪشن (حد ڪان لنگهندڙن) جي رهڻ جي جاءِ ٻٽبو. (٢٣) جيڪي ان ۾ ڳهيون مدتون رهندا. (٢٤) نہ ان ۾ ڪا راحت (۽ آرام ملندن) ۽ نہ ڪا پيئڻ جي ڪا شيءِ چکندا. (٢٥) سواءِ ٽهڪندڙ گرم پاڻيءَ ۽ (سندن جسمن مان وهندڙ) پوءِ جي. (٢٦) اهو (سندن ئي ڪيتي جو) پورو پورو بدلو ڏنو ويندو. (٢٧) بيشڪ اهي (هن دنيا ۾ پنهنجن ڪيل عملن جي) حساب ڏيڻ جي اميد نہ رکندا هئا. (٢٨) ۽ (انهن کي بار بار ٻڌائڻ وارن ٻڌايو پر) انهن اسان جي آيتن کي ڪوڙو ڪري جي (پاڻ کي غافل ڪري) ڇڏيو هو. (٢٩) ۽ اسان (غفلت کونہ ڪئي ۽) سڀ ڪنهن شئ کي (انهن

عملن ۾ لکي ڳڻي ڇڏيو آهي. (۳۰) سو (عذاب جي وقت ڇئبو تہ) چکو جو اسين اوهان تي (عملن جي نتيجي ۾ ملندڙ) عذاب کان سواءِ ڪجھ بہ نہ وڌائينداسون.

رکوع ۲ آيت ۳۱ ـ تا ـ ۴۰

قيامت ڏينهن سڀ کو ماڻهو اهو ڏسندو جنهن کي سندس هٿن اڳي موڪليو آهي.

(۳۱) بيشڪ (خدا جو لحاظ رکندڙ) پرهيزگارن لاءِ ئي ڪاميابي آهي. (۳۲) (سير ڪرڻ ۽ ڪائڻ لاءِ) باغ (جنهن ۾ هر قسم جا ميوا) ۽ ڏاکون آهن. (۳۳) ۽ (وندر لاءِ) هڪ جيڏيون ڪنواريون آهن. (۳۴) ۽ (مشروبن جا) پريل پيالا آهن. (۳۵) ان (بهشت) ۾ نہ ڪا اجائي بڪ ٻڌندا ۽ نہ (ڪنهن شئي جي طلب تي) انڪار. (۳۶) (اي پيغمبر!) اهو بدلو تنهنجي پالڻهار جي پاران هوندو، جيڪو (انهن) سيني کي ڪافي نعمتن سان ڏيندو. (۳۷) اهو آسمانن، زمين ۽ جو ڪجھ انهن ٻنهي جي وچ ۾ آهي تِنهن جو پالينڊڙ آهي، جو وڏو مهربان آهي (ان وقت سڀ سندس حضور ۾ بيهندا ۽ ادب وچان) اهي ان سان ڳالهائي نہ سگهندا. (۳۸) جنهن ڏينهن روح ۽ ملائڪ صفون ٻڌي بيهندا تنهن ڏينهن اهي بہ نہ ڳالهائيندا، سواءِ ان شخص جي جنهن کي وڏو مهربان اجازت ڏئي ۽ اهو چوي بہ (الله جي مقرر ڪيل قاعدي تي) پوري ڳالهہ. (۳۹) اهو ڏينهن ضرور ٽيڙ وارو آهي، پوءِ جنهن کي وڻي سو (هن دنيا ۾ نيڪ عمل ڪري) پنهنجي پالينڊڙ وٽ رهڻ جي جاءِ بنائي. (۴۰) بيشڪ اسان تہ اوهان کي ويجهي عذاب کان ڊيڄاريو آهي، جنهن ڏينهن سيڪو ماڻهو اهو ڏسندو جنهن کي سندس هٿن اڳي موڪليو آهي ۽ (ان وقت ان ڏينهن جي واقع ٽيڙ جو) انڪار ڪندڙ چوندو تہ، جيڪر آڻون مٽي هجان ها (۽ جزا ۽ سزا جي معاملي ۾ نہ پوان ها.)

سورت النازعات

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي.

رکوع ۱ آيت ۱ ـ تا ـ ۲۶

قيامت ۽ ان جي دلائل جو وري ذڪر

(۱) انهن (ملائڪن) جو قسم آهي جيڪي (بد عمل ماڻهن جا روح) سختيءَ سان چڪيو ڪڍن ٿا. (۲) ۽ انهن جو جيڪي (نيڪوڪارن جا روح) آسانيءَ سان ڪڍن ٿا. (۳) ۽ انهن جو جيڪي (هوا) چيريندا اچن ٿا. (۴) پوءِ اڳتي وڌندا رهن ٿا (۽ ڪارڪاوت نٽي پوي). (۵) پوءِ هر ڪم جي تدبير ڪن ٿا، (هنن سيني شين کي شاهد بنائي اسان چئون ٿا) تہ قيامت ضرور ٽيندي. (۶) جنهن ڏينهن

ڏڏ واري (ڏرتي) ڏڏندي. (٧) هن حالت ۾ جو پنيان اڇڻ واري (صور جي گجگوڙ) ان جي پنيان ايندي. (٨) ڪيتريون ئي دليون تنهن ڏينهن (ان صور جي ڏهڪاءَ سان) ڏکڻ واريون هونديون. (٩) (ان وقت بدڪار ماڻهن جون خواريءَ کان) سندن اکيون هيٺ ٿينديون. (١٠) (هن وقت سندن غرور جي حالت آهي جو هو مڪافات وارن قانونن سان مذاق ڪندي) چون ٿا تہ، ڇا اسين (مرڻ کان پوءِ وري) پهرين حالت (حيات) ڏي موٽايا ويندا سون. (١١) ڇا (ان وقت موٽايا ويندا سون) جڏهن اسين ڳريل هڏيون ٿيندا سون. (١٢) چون ٿا تہ، (جيڪڏهن) اهو (مرڻ کان پوءِ جيئرو ٿيڻو آهي) پوءِ نقصان وارو موٽ آهي. (١٣) (نہ مشڪل سمجهو ان کي) چو تہ اهو (واقعو) رڳو هڪڙي سخت هڪل آهي. (١٤) پوءِ اهي ڏسندي ئي (قيامت ڏينهن) ميدان تي اچي ويندا. (١٥) (اي پيغمبر!) ڇا تو کي موسيٰ جي ڳالهہ پهتي آهي؟ (١٦) جڏهن ان کي سندس پالينڊڙ طويٰ جي مقدس ڦٽي ۾ سڏيو. (١٧) تہ تون فرعون ڏي وڃ، چو تہ هو (ڪمزورن کي دٻائي) حد کان لنگهي ويو آهي. (١٨) پوءِ ان کي چؤ تہ، (تون دولت ۽ طاقت کي سپ ڪجهہ ٻڌايو آهي) ڇا تو کي (انهن گندين خصلتن کان) پاڪ ٿيڻ جي ٻہ ڪا گهرج آهي؟ (١٩) ۽ هيءَ ٻہ (گهرج آهي) تہ آڻون تو کي تنهنجي پالڻهار جو (عام پالڻهاريءَ وارو) رستو ڏيکاريان تہ (تنهنجي لاءِ حجت ٻڌجي ۽) ان کان ڊڄين. (٢٠) پوءِ ان کي (خدائي قانونن جي علامت لٺ ۽ روشن هٿ جي معجزي واري) وڏي نشاني ڏيکاريائين. (٢١) پوءِ (ٻہ هو سرڪشي تان نہ لٿو جو) هن (موسيٰ کي) ڪوڙو ڪيو ۽ نافرماني ڪيائينس. (٢٢) ويتر پرپٺ ٿي (موسيٰ جي خلاف) ڪوششون ڪرڻ لڳو. (٢٣) پوءِ هن (فرعون پنهنجي قوم کي) گڏ ڪيو پوءِ وڏي واکي تقرير ڪيائين. (٢٤) پوءِ (انهن کي) چيائين تہ، آئون اوهان جو تمام مٿاهون پالينڊڙ آهيان. (٢٥) پوءِ الله ان کي آخرت ۽ دنيا جي عذاب ۾ پڪڙيو. (٢٦) بيشڪ ان (واقعي) ۾ ان لاءِ نصيحت آهي جيڪو (الله تعاليٰ کان) ڊڄي ٿو.

رڪوع ٢ آيت ٢٧ ـ تا ـ ٤٦

انسان جي تخلق ۽ ڪائنات جو نظام، الله جي قدرت جون وڏيون نشانيون آهن.

(٢٧) ڇا پيدائش جي لحاظ کان اوهان جو بنائڻ زياده مشڪل آهي يا آسمان جو؟ (٢٨) (جنهن کي) اهڙيءَ طرح (بنايو اٿس) جو ان جي ٽلهائي (ڇت) کي مٿي ڪري پوءِ ان کي برابر ڪيو اٿس. (٢٩) ۽ ان جي رات کي اونداهيءَ وارو ڪيو اٿس ۽ (ڏينهن کي) ان جي روشنيءَ سان ڪڍيو اٿس. (٣٠) ۽ ان کان پوءِ زمين کي (اوهان جي سهولت لاءِ) وڇائي ڇڏيو اٿس. (٣١) (هن طرح جو) اُن مان اُن جو پاڻي ۽ ان جا نباتات ڪڍيا اٿس. (٣٢) ۽ جبلن کي (مضبوط) کوڙيو اٿس. (٣٣) (انهيءَ سڄي سلسلي کي ترتيب سان رکيو اٿس) اوهان کي ۽ اوهان جي وهٽن کي فائدي پهچائڻ لاءِ. (٣٤) پوءِ جڏهن تمام وڏي آفت (قيامت) ايندي. (٣٥) جنهن ڏينهن سيڪو انسان انهن ڪمن کي ياد ڪندو جيڪي ڪيا هوندائين. (٣٦) ۽ ڏسڻ واري لاءِ (سندس اکين اڳيان) دوزخ ظاهر

ڪيو ويندو. (٣٧) ته پوءِ جيڪو (زندگيءَ جي عملن ۾) حدن کان لنگهيو هوندو. (٣٨) ۽ دنيا جي حياتيءَ کي (آخرت جي حياتيءَ تي) پسند ڪيو هوندائين. (٣٩) ته بيشڪ دوزخ ئي (ان جي) رهڻ جي جاءِ آهي. (٤٠) ۽ جيڪو شخص پنهنجي پالينڊر جي سامهون (حساب ڪتاب جي سختي واري حالت ۾) بيهڻ کان ڈنو هوندو ۽ پنهنجي (ان خوف جي ڪري) نفس کي خواهشن کان روڪيو هوندائين. (٤١) ته بيشڪ جنت ئي ان جي رهڻ جي جاءِ آهي. (٤٢) (اي پيغمبر! اهي ماڻهو اعتراض طور) توکان قيامت جو پڇن ٿا ته، اها ڪڏهن ٽيڙ واري آهي. (٤٣) (اي پيغمبر!) تنهنجو ان جي (وقت) بيان ڪرڻ سان ڪهڙو واسطو. (٤٤) تنهنجي پالينڊر ڪي ئي ان جي پڇاڙيءَ (واقع ٽيڙ) جي خبر آهي. (٤٥) تون رڳو ان شخص کي (خدا جي حڪمن جي نافرمانيءَ کان) ڊيڄاريندڙ آهين جو ان کان ڊڄي ٿو. (٤٦) جنهن ڏينهن ان (قيامت) کي ڏسندا (تنهن ڏينهن قيامت کي ايترو تڪڙو آيل پائيندا) ته جڻ (دنيا ۾) هڪڙي شام يا ان جي صبح کان وڌيڪ نه رهيا هئا.

سورت عبس

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي.

رڪوع ١ آيت ١ ـ تا ـ ٤٢

هڪ نابينيءَ مؤمن کي ٿورو نظر انداز ڪرڻ تي رسول ﷺ کي تنبيهه.

(١) (محمد ﷺ) بي رخي ڏيکاري ۽ منهن موڙيائين. (٢) ان ڪري جو وٽس هڪ نابينو (صحابي) آيو. (٣) ۽ توکي (اي محمد ﷺ) ڪهڙي خبر ته شايد هو (تنهنجي تعليم سان) چگيءَ طرح نيڪوڪار ٿي وڃي. (٤) يا (تنهنجي نصيحت تي آهستي آهستي) ڏيان ڪري ته ان کي اها نصيحت فائدو ڏئي. (٥) پر (ان جي برعڪس) جيڪو (هدايت جي پاسي کان) بي پرواهي ڪري ٿو. (٦) ته تون ان (جي هدايت) جو خيال ڪرين ٿو. (٧) هوڏانهن ان جي نيڪوڪار نه ٽيڙ جي توتي ڪاميار نه آهي. (٨) ۽ (ميار انهيءَ ڳالهه تي آهي ته هڪ شخص) تو وٽ (دين جي شوق ۾) ڊوڙندو اچي ٿو. (٩) ۽ هو خدا کان ڊڄي ٿو. (١٠) پوءِ تون ان کان بي خيالو ٿئين ٿو. (سو توکي ائين نه ڪرڻ گهرجي). (١١) خبردار! بيشڪ اهو (قرآن) هڪ نصيحت آهي. (١٢) پوءِ جيڪو گهري سو انکي ياد (۽ ڏيان ۾) رکي (۽ جنهن کي اها نصيحت حاصل ڪرڻ جي نيت ناهي ته ڊگهو رستو وڻي.) (١٣) اهو (لکل ناهي بلڪ) اهڙن ورقن ۾ آهي جي عزت ڏنل آهن. (١٤) بلند شان وارا (غلطين کان) پاڪ آهن. (١٥) اهڙن لکڻ وارن جي هٿ ۾ آهن. (١٦) جيڪي خوبين وارا (الله جا) تابعدار آهن. (١٧) (جيڪو اهڙي بلند ۽ پاڪ فڪر

اختيار ڪرڻ کان انڪار ڪري، اهڙي) انسان تي مار پوي جو هو ڪهڙو نہ ٻي شڪر آهي. (۱۸) (اهو ٻي شڪر انسان هي ٻہ نڪو سوچي تہ) ڪهڙي شيءِ مان ان کي پيدا ڪيو اٿس؟ (۱۹) پاڻي جي نطفي مان ان کي پيدا ڪيو اٿس. پوءِ ان جو (هڪ نرالو جسماني) اندازو مقرر ڪيو اٿس. (۲۰) وري (ان کي اکيون، ڪن ۽ عقل وغيره ڏئي ڪاميابي واري) شاهراهہ تي هلڻ ان لاءِ آسان ڪيو اٿس. (۲۱) وري ان کي ماريو اٿس، پوءِ قبر ۾ پورجڻ وارو ڪيو اٿس. (۲۲) وري جڏهن گهرندو ان کي (قيامت ڏينهن) ٻيهر جيئاريندو. (۲۳) خبردار! اڃان تہ، ان (انسان) اهو ڪم پورو نہ ڪيو آهي، جنهن جو ان کي حڪم ڪيو اٿس. (پوءِ ان کان وڌيڪ ناشڪري ڇا چئبي؟) (۲٤) پوءِ سيڪو انسان (رڳو) پنهنجي کاڌي ڏي ڏسي. (تہ ڪيتريون شيون اسان ڪيس ٻنا معاوضي عطا ڪيون آهن.) (۲۵) اسان ئي پاڻيءَ کي (ڪرن مان ڏرتيءَ تي ۽ درياهن ۽ چشمن ۾) وهايو آهي. (۲٦) وري اسان زمين کي (ٻج اپارڻ لاءِ) چيريو آهي. (۲۷) پوءِ ان ۾ اَنُ، (۲۸) ۽ ڊاک ۽ لوسڻ، (۲۹) ۽ زيتون ۽ کارڪون، (۳۰) گهاٽا باغ ميوا، (۳۱) ۽ انب ڇمايا آهن (مطلب تہ طرحين طرحين ميوا ۽ گاهہ حاصل ڪريو ٿا). (۳۲) اوهان جي پنهنجي ۽ اوهان جي وهٽن جي فائدي لاءِ. (پوءِ ٻہ جيڪڏهن ماڻهو ناشڪريءَ جي واٽ وڃي تہ ان لاءِ هلاڪت آهي.) (۳۳) پوءِ جڏهن (حساب واري ڏينهن) ڪنن کي ٻوڙي ڪرڻ واري هيبتناڪ دانهن ٽيندي. (۳٤) جنهن ڏينهن سيڪو ماڻهو پنهنجي پاءُ (۳۵) ۽ پنهنجي ماءُ پنهنجي پيءُ (۳٦) ۽ پنهنجي زال ۽ پنهنجي اولاد کان ڀڄندو. (۳۷) انهن مان سپ ڪنهن ماڻهوءَ جو انهيءَ ڏينهن اهڙو حال هوندو جو پاڻ ۾ پورو هوندو (۽ ٻئي ڏانهن متوجهہ نہ ٿي سگهندو). (۳۸) ڪيترا منهن ان ڏينهن (ايمان جي ڪري) روشن (۳۹) ڪلندڙ خوش هوندا. (٤۰) ۽ ڪي منهن (اهڙا هوندا) جن تي (نافرمانين جي ڪري) ان ڏينهن ڏوڙ هوندي. (٤۱) جن کي (ظلمت جي) ڪارهن ويڙهي ويندي. (٤۲) اهي ئي ڪافر بدڪار آهن (جن زندگيءَ ۾ فرمانبرداريءَ جي واٽ ٻجاءِ سرڪشي جو رستو اختيار ڪيو.)

سورت التكوير

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي.

رڪوع ۱ آيت ۱ ـ تا ـ ۲۹

آخرت جو بيان. قرآن جهان وارن لاءِ نصيحت ڪانسواءِ ٻيو ڪجهہ نہ آهي.

(۱) جڏهن (قيامت اچڻ وقت) سج کي ويڙهيو ويندو، (۲) ۽ جڏهن تارا هيٺ ڪري ڇڪجي پوندا. (۳) ۽ جڏهن جبلن کي (هلڪڙي شيءِ وانگر) هلايو

ويندو. (٤) ۽ جڏهن ڏهن مهينن جون (ڏنارن کي پياريون) ڏکيون ڏاڇيون (ڏنار کان سواءِ چوٽ ڇڏيون ويندیون. (٥) ۽ جڏهن (هڪ ٻئي کان ٽهڻ وارا) جهنگلي جانور (بہ خوف ۽ گهبراهٽ ۾) گڏ ڪيا ويندا. (٦) ۽ جڏهن (کارا ۽ مٺا) درياهہ (باهہ وانگر) تپايا ويندا. (٧) جڏهن پانت پانت جا ماڻهو (هڪ جاءِ تي) آندا ويندا. (٨) ۽ جڏهن جيئري پوريل (۽ ناحق ماريل) نياڻي کان پڇيو ويندو. (٩) تہ ڪهڙي گناهہ ڪري هوءَ ماري ويئي هئي؟ (١٠) ۽ جڏهن (ماڻهن جي ڪيل عملن جا) دفتر کوليا ويندا. (١١) ۽ جڏهن آسمان جي کل لاٿي ويندي. (جو اهو کل لٽل ٻڪريءَ وانگر ڳاڙهو هوندو.) (١٢) ۽ جڏهن دوزخ جي باهہ ڀڙڪائي ويندي. (١٣) ۽ جڏهن جنت کي ويجهو ڪيو ويندو. (مطلب تہ جڏهن هي قيامت جا سڀ منظر سامهون ٻيهندا.) (١٤) تڏهن سيڪو شخص انهن (دنيا ۾ ڪيل عملن) کي ڄاڻندو جن کي پاڻ سان کڻي آيو هوندو. (١٥) پوءِ (قيامت جي منظرن جون اهي ڳالهيون ائين ڇيل ناهن، بلڪ قرآن ۾ ڇيل آهن، جنهن جي سچائي تي) پنڌتي هٿندڙ (تارن جو نظام بہ) شاهد آهي. (١٦) سڏو هلندڙن (۽ پنهنجي منزل طرف) لڪي هلندڙ (تارن جو نظام بہ اوهان کي شاهدي ڏيندو). (١٧) ۽ رات جي (شاهدي) جڏهن اها اچي ٽي، (١٨) صبح جي (شاهدي) جڏهن (اهو زندگيءَ جي پيغام کڻي) ظاهر ٿئي ٿو. (١٩) تہ اهو (قرآن) خوبين واري قاصد (جبرائيل) ذريعي موڪيل ڪلام آهي. (٢٠) جو سگهہ وارو، عرش جي مالڪ (الله) وٽ مرتبي وارو آهي. (٢١) اتي (آسمانن ۾ ملائڪن وٽ) سندس حڪم مڃيل ۽ امانت وارو آهي. (٢٢) ۽ (اي مڪي وارؤ!) اوهان سان گڏ رهڻ وارو (محمد ﷺ) کو چريو نہ آهي. (الله اوهان جي لاءِ بہ ڪائنات وانگر مستحڪم ۽ نُوس قانون انهيءَ رسول جي ذريعي رسائي ٿو.) (٢٣) ۽ (ڪيس خدا جي پاران وحي رسي ٿو) بيشڪ ان (رسول وحي آڻيندڙ) جبرائيل کي آسمان جي پڌري ڪناري تي ڏٺو آهي. (٢٤) ۽ هو غيب جي خبرن (وحي کان مليل پيغام) ٻڌائڻ ۾ بخل ڪرڻ وارو نہ آهي. (جيئن جو تيئن پهچائي ٿو). (٢٥) ۽ نہ اهو (قرآن اندازي تي مبني يا حقيقت کان پري) تڙيل شيطان جو ڪلام آهي. (٢٦) جڏهن حقيقت اها آهي تہ پوءِ اوهان ڪيڏانهن ٽٽکو ٽا؟ (٢٧) اهو (قرآن پڪ ڄاڻو تہ) جهان وارن لاءِ نصيحت کان سواءِ ٻيو ڪجهہ نہ آهي. (٢٨) ان لاءِ نصيحت آهي جيڪو اوهان مان (فضيلتپٽي جي وات تي) سڏو هلڻ گهري ٿو. (٢٩) ۽ اوهين جهان وارن جي پالينڊڙ الله جي (قانونن آڏو سيس نوائي سندس) گهر کان سواءِ (فضيلتپٽي جي وات تي سڏي هلڻ جو) ارادو ڪري نٿا سگهو.

سورت الانفطار

بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي.

رکوع ۱ آيت ۱ ـ تا ـ ۱۹

قيامت جي واقعن جو کجهه وڏيڪ بيان.

(۱) (قيامت جي ٽيڙ ۽ ان جي منظر طرف اسان اوهان جو توجهه وري وري چڪايون ٿا تہ، جيئن اوهان کي ان آخرت واري مسئلي جي اهميت جو اندازو ٿئي، سو ٻڌو تہ) جڏهن آسمان ڦاٽندو، (۲) جڏهن تارا چٽي پوندا، (۳) ۽ جڏهن (کارا ۽ مٽا) درياهه ڦاڙي ملائي وهايا ويندا. (٤) (جڏهن (مئلن کي جيئارڻ لاءِ) قبرون هيٺ مٿي ڪيون ويندیون، (۵) تڏهن سڀ ڪنهن شخص جيڪي اڳي موڪليو هوندو ۽ پٺتي (طريقو) ڇڏيو هوندو، تنهن کي (تنهنجي سامهون) پڌرو ڏسندو. (٦) اي انسان! (تون جو خدا جي قانونن کان منهن موڙيو آهي، سو) تو کي ڪهڙي شيءِ پنهنجي مهربان پالڻهار (جي اطاعت) کان دوکي ۾ وڌو آهي. (۷) جنهن تو کي (پنهنجي ٻاجهه سان ماءُ جي رحم ۾) پيدا ڪيو، پوءِ تو کي صحيح سالم (عقل هوش ۽ حواس وارو) ڪيو، پوءِ تو کي (زندگي گهاڙڻ لاءِ) متوازن ڪيائين. (۸) جنهن ٻہ صورت ۾ گهريائين تنهن ۾ تو کي (مناسب ڊول سان) جوڙيو اٽس. (۹) خبردار (پوءِ ٻہ اوهان پنهنجي پالينڌڙ بابت ڏوکو کائو ٿا) ان ڪري جو اوهين (سڀني عملن جو ذري ذري حساب کان پوءِ ان جي) بدلي ملڻ کي ڪوڙ سمجهو ٿا. (۱۰) هوڏانهن (اوهان جي عملن جو هر پهلو محفوظ ڪرڻ لاءِ) اوهان تي اهڙا نگهبان (مقرر) آهن. (۱۱) جيڪي خوبين وارا آهن (اوهان جي عملن کي مستعد ٿي ايمانداريءَ سان) لکڻ وارا آهن. (۱۲) جيڪي اوهين ڪريو ٿا (لڪ ۾ يا ظاهر ۾) تنهن کي ڄاڻن ٿا. (۱۳) بيشڪ (الله جي قانونن جا) تابعدار تہ نعمت ۾ هوندا. (۱٤) ۽ (انهن قانونن جا) منڪر) بدڪار دوزخ جي باهه ۾ هوندا. (۱۵) اهي حساب جي ڏينهن (اڇا ڪارا پڌرا ٽيڙ کان پوءِ) ان ۾ گهڙندا. (۱٦) ۽ (ان ۾ داخل ٽيڙ کان پوءِ) اهي ان کان ڪري جدا ٽيڙ وارا ٻہ نہ آهن. (۱۷) ۽ (اي پيغمبر!) تو کي ڪهڙي خبر تہ حساب جو ڏينهن ڇا آهي؟ (۽ ڪيئن نتيجا ماڻهن کي پلئہ پوندا). (۱۸) وري (ڇا ڇئون تہ) تو کي ڪهڙي خبر تہ حساب جو ڏينهن ڇا آهي؟ (۱۹) جنهن ڏينهن (هرهڪ رڳو پنهنجي عملن کي سامهون ڏسندو ۽) ڪوبہ شخص ڪنهن ٻہ شخص لاءِ ڪجهه ٻہ ڪري ڪين سگهندو ۽ حڪم ان ڏينهن رڳو الله جو هوندو.

سورت المطففين

بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي.

رڪوع ١ آيت ١ ـ تا ـ ٣٦

ڪاروباري بددياڻتي ۽ اخلاقي برائي جو ڪارڻ آخرت تي يقين نه هڻڻ آهي.

(١) (ماپ ۽ تور ۾) گهٽ ڪندڙن لاءِ وڏي هلاڪت آهي. (٢) اهي (پئسي جا پوڄاري) جڏهن ماڻهن کان توري ماپي (شيون يا محنت) وٺن ٿا تہ پورو ڪري وٺن ٿا. (٣) ۽ جڏهن انهن کي ماپي يا توري (۽ حساب يا مزدوري) ڏين ٿا تہ گهٽ ڪري ڏين ٿا. (٤) ڇا اهي خيال نٿا ڪن تہ انهن کي ضرور جيئرو ڪري اٿاريو ويندو. (٥) انهيءَ (حساب ڪتاب واري) وڏي ڏينهن، (٦) جنهن ڏينهن سڀئي ماڻهو جهانن جي پالينڊڙ جي اڳيان بيهندا. (٧) خبردار (متان بدڪار هن وهم ۾ هجن تہ اهڙو ڏينهن نہ ايندو) بيشڪ بدڪارن جو ڪتاب (عمل نامو) تہ سجين ۾ آهي. (٨) ۽ (اي پيغمبر!) تو کي ڪهڙي خبر تہ سجين ڇا آهي؟ (٩) هڪ لکيل ڪتاب آهي، (جنهن ۾ هرهڪ جي بدعملن جي چٽائي ٽيل آهي.) (١٠) ان ڏينهن ڪوڙي ڪندڙن لاءِ وڏي هلاڪت آهي. (١١) جيڪي (مذاق، ٽوڪ ۽ آڪڙ وچان) حساب جي ڏينهن کي ڪوڙو ڪن ٿا. (١٢) هوڏانهن ان کي سڀ ڪنهن (ڏوهہ ۾) حد کان لنگهندڙ گنهگار (ڏوهاري ذهنيت) کان سواءِ ٻيو ڪو ڪوڙو نٽو ڪري. (١٣) جو جڏهن ان (ڏوهاري) کي اسان جون آيتون (انساني فلاح ۽ سڌاري يا قومن جي عروج ۽ زوال جون تاريخي حقيقتون) پڙهي ٻڌايون وڃن ٽيون تہ چوي ٿو تہ، هي (قدامت پرستيءَ جون) اڳوٽيون لکيل آکاڻيون آهن. (١٤) (کين چئو تہ ڳالهہ اڻين نہ آهي پر (اصلي) ڳالهہ هيءَ آهي تہ، جيڪي (ٻچڙا ڪم ۽ آواره گرديون) اهي ڪندا رهيا تن جي ڪٽ سندن دلين تي جمي ويئي آهي. (۽ هيئنر منجهن سوچڻ سمجهڻ جي صلاحيت ئي نہ رهي آهي.) (١٥) خبردار ٽين، بيشڪ انهن (بدنصيبن) کي ان ڏينهن سندن پالينڊڙ (جي اڳيان اڇڻ) کان روڪيو ويندو. (١٦) پوءِ اهي دوزخ ۾ ضرور داخل ڪيا ويندا. (١٧) وري اتي کين چئبو تہ، هيءَ (دوزخ) اها آهي، جنهن کي اوهين (اسان جي مڪافات وارن قانونن جي نتيجي طور ملڻ کي) ڪوڙو ڪندا هئا. (١٨) خبردار ٽين (۽ پڪ ڪري وٺن تہ) تابعدارن جو ڪتاب (عمل نامو) بيشڪ عليين ۾ آهي. (١٩) ۽ (اي پيغمبر!) تو کي ڪهڙي خبر تہ عليين ڇا آهي؟ (٢٠) هڪ لکيل ڪتاب آهي. (جنهن ۾ هرهڪ جي نيڪ عملن جي چٽائي ٽيل آهي). (٢١) ان (عليين) وٽ (الله جا) ويجها (فرمانبردار پنهنجي اعمال نامي جي ڏسڻ لاءِ) حاضر ٽين ٿا.(٢٢) بيشڪ تابعدار تہ ضرور (بهشت جي) نعمت ۾ ٽيندا. (٢٣) پلنگن تان (بهشت جي عجائبات جا نظارا) پيا ڏسندا. (٢٤) تون انهن جي چهري ۾ (آرام ۽ اطمينان

وارين) نعمتن جي تازگي معلوم ڪندين. (٢٥) ڪين مهر لڳل خالص مشروبن مان پيو پياربو. (٢٦) جنهن تي مهر مشڪ جي هوندي، ۽ ان ۾ اڇا جان (به اهڙيون شيون هوندیون جو) پلي شوق ڪرڻ وارا (مزي سان) شوق پورو ڪن. (٢٧) ۽ ان جي ملاوٽ تسنيم (جي پاڻي) مان هوندي. (٢٨) جو هڪ چشمو آهي، جنهن مان (الله جا) ويجها ٻانها پيئندا. (٢٩) بيشڪ ڏوهاري (ماڻهو) ايمان وارن تي (دنيا ۾) ڪلندا هئا. (٣٠) ۽ اهي (ايمان وارا) جڏهن انهن (ڏوهارين) وٽان لنگهندا هئا تہ، (اهي ڏوهاري پاڻ ۾) هڪ ٻئي کي اکيون هڻندا هئا. (٣١) ۽ جڏهن پنهنجن گهر وارن ڏي موٽندا هئا، (اتي بہ ايمان وارن تي ٽوڪون ڪري) پاڻ کي خوش ڪرڻ واريون (اهي) ڳالهيون ڪندا هئا. (٣٢) ۽ جڏهن انهن (ايمان وارن) کي ڏسندا هئا تہ، چوندا هئا تہ، بيشڪ هي تہ (آخرت جي آسري دنياداريءَ جي) رستي کان ڀٽڪيل آهن. (٣٣) هوڏانهن اُهي انهن (مؤمنن) جي مٿان نگهبان (يا داروغا) ڪري نہ موڪليا ويا هئا. (٣٤) سو اڄ (قيامت جي ڏينهن) ايمان وارا ڪافرن (جي ان پورڙائپ) تي کلن ٿا. (٣٥) (ايمان وارا جنت ۾ پنهنجي) پلنگن تان (ويٺي جهنم ۾) ڏسي رهيا هوندا (تہ انهن منڪرن جو حشر ڇا ٿي رهيو آهي، جيڪي دنيا ۾ سندن مذاق اڏائيندا هئا). (٣٦) (۽ چوندا پيا تہ) منڪر جيڪي ڪم ڪندا هئا، تن جو بدلو انهن کي ڪيڏو نہ (بچڙي نموني) مليو آهي؟

سورت الانشقاق

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي.

رڪوع ١ آيت ١ ـ تا ـ ٢٥

انسان پنهنجي فطرت ۾ خدا تائين ضرور پڄڻو آهي، سرخروئيءَ سان يا ندامت سان.

(١) (توجهہ ڪر تہ، قيامت واري موقعي تي) جڏهن آسمان ڦاٽندو، (٢) ۽ (اهو آسمان ائين ڪرڻ لاءِ) پنهنجي پالينڊڙ جو حڪم ٻڌندو ۽ ان کي حڪم ٻڌڻ لازمي آهي (٣) ۽ جڏهن زمين (قيامت وارو ميدان وسيع ڪرڻ لاءِ) چڪي وڌائي ويندي. (٤) ۽ جيڪي منجهس آهي (يعني مُردا) سو ٻاهر اڇلائيندي ۽ خالي ٿيندي. (٥) ۽ (ڏرتي بہ ائين ڪرڻ لاءِ) پنهنجي پالينڊڙ جو حڪم ٻڌندي ۽ ان کي حڪم ٻڌڻ لازمي آهي. (٦) اي انسان! تون پنهنجي پالينڊڙ کي ملڻ تائين گهٽي ڪوشش ڪرڻ وارو آهين، پوءِ تون ان کي (ان ڏينهن ضرور) ملندين. (٧) پوءِ جنهن کي سندس (عملن جو) ڪتاب سڄي هٿ ۾ ڏنو ويندو، (٨) تنهن کان آسان حساب ورتو ويندو. (٩) ۽ هو (پنهنجي سڳلائتي زندگيءَ جو سڳلو حساب ڏئي جنت ۾) پنهنجي گهر وارن (حورن ۽ زالن) ڏي خوش ٿي موٽندو. (١٠) ۽ جنهن کي سندس (عملن جو)

ڪتاب سندس پڻيءَ پڻتان (ڪپي هٽ ۾) ڏنو ويندو. (۱۱) سو مري ويُس، مري ويس، ڪري دانهون ڪندو. (۱۲) ۽ (ڪيس جهنم جي) باهه ۾ ڏوڪيو ويندو. (۱۳) ڇو ته هو (دنيا ۾) پنهنجي گهر وارن ۾ (بي فڪر ٿي عياشيون ڪرڻ) سان خوش هو. (۱٤) بيشڪ ان خيال ڪيو هو ته، هو ڪڏهن به (الله ڏي) ڪين موٽندو. (۱۵) اهڙيءَ طرح نه آهي، بلڪ ان (جي ته هر چرپر) کي سندس پالينڊڙ ڏسندڙ هو. (۱٦) پوءِ قسم آهي شفق جو. (۱۷) ۽ (ان کان پوءِ جلد ايندڙ) رات جو ۽ انهن (تارن) جو جن کي گڏ ڪيو اٿس. (۱۸) ۽ چنڊ جو جڏهن (آهستي آهستي منزل طئ ڪري) برابر (گول) ٿئي ٿو. (۱۹) (ڪائنات ۾ اهي سڀ هڪ ٻئي پٺيان بدلجندڙ حالتون شاهد آهن) ته اوهين (به) هڪڙي حال کان لنگهي ٻئي حال تي ضرور ايندؤ. (۲۰) پوءِ انهن (منڪرن) کي ڇا ٿيو آهي جو (هيڏن ڇڏن دليلن جي باوجود خدا جي ماڪافات وارن قانونن تي) ايمان نٿا آڻين. (۲۱) ۽ جڏهن وٽن قرآن پڙهجي ٿو ته ان وقت به خدا جي طرف نٿا جهڪن. (۲۲) هٽيون اهي ڪافر (قرآن جي انهن سچاين کي) ڪوڙو ڪن ٿا. (۲۳) هوڏانهن جيڪي (پنهنجي وقتي مفادن کي بچائڻ جي لاءِ دل ۾ پهه پچائن ۽) سانڍيين ٿا تنهن کي الله گهٽو ڇاڻيندڙ آهي. (۲٤) پوءِ انهن (الله جي قانونن مٽان پنهنجي وقتي مفادن کي ترجيح ڏيندڙ ماڻهن) کي دردناڪ عذاب جي خوشخبري ٻڌاءِ. (۲۵) پر جن (الله جي قانونن جي سچائي تي) ايمان آندو ۽ (ان مطابق) چڱا ڪم ڪيا تن لاءِ اڻ کٽ اجر آهي.

سورت البروج

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي.

رڪوع ۱ آيت ۱ ـ تا ـ ۲۲

بيشڪ! جن ايمان وارن ۽ ايمان وارين کي ايذايو، وري توبه نه ڪيائون، تن لاءِ جهنم جو عذاب آهي، بيشڪ تنهنجي پالينڊڙ جي پڪڙ ڏاڍي سخت آهي.

(۱) برجن واري آسمان جو قسم آهي، (۲) ۽ وري وعدي ڪيل (انهيءَ قيامت جي) ڏينهن جو (جنهن جو قرآن ۾ وري وري ذڪر ڪيو ويو آهي). (۳) ۽ شاهدي ڏيندڙ (پيغمبر) ۽ شاهدي ڏنل (مؤمنن جو جن جو قصو هي آهي ته). (٤) ڪاهي، جنهن ۾ گهٽي پارڻ واري باهه ٻاريل هئي. (۵) تنهن جي ڪوٽيندڙن (ڪافرن) تي ان وقت لعنت پيئي. (٦) جنهن وقت اهي ان (ڪاهيءَ جي ڪنارن) تي ويٺل هئا. (۷) ۽ هنن جيڪي ايمان وارن سان ڪيو ٿي، تنهن کي هي (پاڻ مزا وڻي) ڏسي رهيا هئا. (۸) ۽ انهن (ايمان وارن) مان هنن (ڪافرن) هن کان سواءِ ڪو عيب نه ڪڍيو ته انهن ان زبردست ساراهيل الله تي ايمان آندو هو. (۹) (انهيءَ الله تي ايمان آندو هو) جهن جي آسمانن ۽

زمين جي بادشاهي آهي ۽ الله ئي سڀ ڪنهن شيءِ کان باخبر آهي. (١٠) بيشڪ جن ايمان وارن ۽ ايمان وارين کي ايذايو، وري توبہ نہ ڪيائون تن لاءِ جهنم جو عذاب آهي ۽ انهن لاءِ ساڙيندڙ باهہ جي سزا آهي. (١١) (پئي پاسي وري) بيشڪ جن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيا تن لاءِ باغ آهن، جن جي هيٺان واهہ وهن ٿا. اهائي وڏي ڪاميابي ۽ ڪامراني آهي. (١٢) (انهن ڪافرن کي چئو تہ،) بيشڪ تنهنجي پالينڊڙ جي پڪڙ ڏاڍي سخت آهي. (١٣) بيشڪ اهوئي نئين سر پيدا ڪري ٿو ۽ وري ٻيهر (قيامت ۾ ٻہ) پيدا ڪندو. (١٤) (پوءِ جيڪو هنن مسلمانن کي ستايو آهي ۽ جيڪي برا ڪم ڪيا آهن تن جي خدا کان معافي ونڻ) ۽ بيشڪ اهوئي (معافي گهرندڙن کي) گهٽو معاف ڪندڙ (پاڻ ستاريندڙن سان) گهڻي محبت ڪرڻ وارو آهي. (١٥) عرش جو مالڪ وڏي شان وارو. (١٦) جنهن (ڳالهہ) جو ارادو ڪري تنهن کي (پنهنجي مشيت سان) پورو ڪر ڇڏڻ وارو آهي. (١٧) (اي پيغمبر!) ڇا تو کي (خدائي نظام ۽ قانون جي مخالفت ۾ ايندڙ (لشڪر)، (١٨) فرعون ۽ ثمود جي ڳالهہ پهتي آهي. (جن جو انجام تاريخ جي ورقن ۾ لکيو پيو آهي.). (١٩) پر ڪافر (ان مان سبق وٺڻ بجاءِ الله جي قانونن کي) کوڙي ڪرڻ ۾ لڳا پيا آهن. (٢٠) (هو بيوقوف آهن) ۽ الله (جو اهوئي قانون) انهن جي پٺيان (انهن کي) گهيرو ڪندڙ آهي. (٢١) (انهن کي معلوم ناهي تہ، الله جي قانونن جو مجموعو هي قرآن معمولي شئي ناهي) بلڪ اهو وڏي شان وارو قرآن آهي. (٢٢) جو حفاظت ڪيل ڦرهيءَ (لوح محفوظ) ۾ (لکيل) آهي.

سورت الطارق

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي.

رڪوع ١ آيت ١ ـ تا ـ ١٧

قيامت ڏينهن دلين جا ڳجهہ ظاهر ڪيا ويندا.

(١) آسمان جو قسم آهي ۽ رات جي وقت نروار ٽيندڙ جو، (٢) ۽ (اي پيغمبر!) تو کي ڪهڙي خبر تہ رات جي وقت نروار ٽيندڙ ڇا آهي؟ (٣) اهو چمڪندڙ تارو آهي. (اهو شاهڪار نظام شاهد آهي تہ) (٤) ڪوبہ شخص اهڙو نہ آهي، جنهن تي ڪو نگهبان (سندس عمل لکڻ لاءِ مقرر) نہ هجي. (٥) پوءِ سيڪو ماڻهو (عملن جي ان حساب ڪتاب واري ڏينهن جي انڪار کان بچي ۽) ڏسي تہ ڪهڙي شيءِ مان ان کي بنايو ويو آهي؟ (٦) ان کي ٽپي سان ڪرڻ واريءَ پاڻيءَ (جي نطفي) مان بنايو ويو آهي. (٧) جو (پيءُ جي) پٺيءَ جي وچان ۽ (ماءُ جي) ڇاتيءَ جي هڏين وچان نڪري (ماءُ جي رحم واري جاءِ ۾ پهچي) ٿو. (٨) بيشڪ اهو (الله اهڙي جوڙ جوڙيندڙ ان ڏينهن انسان کي) وري اٿارڻ جي قدرت رکي ٿو. (٩) جنهن ڏينهن (ماڻهن کي

اثاريو ويندو تہ انهن جي دلين جا) ڳجهہ ظاهر ڪيا. (١٠) پوءِ نہ ان (ماڻهوءَ) کي ڪا سگهہ هوندي (جو ان عمل کي روڪي سگهي) ۽ نہ ڪو مددگار (هوندو، جيڪو ڪيس ان عمل کان بچائي سگهي.) (١١) (هڪ مقرر نظام سان) مينهن ڪيريندڙ آسمان جو قسم آهي. (١٢) ۽ (سلن اپرڻ وقت) ڦاٽڻ واري زمين جو (نظام ۾ شاهد آهي تہ). (١٣) بيشڪ اهو (قرآن ۾ هڪ مقرر نظام سان عمل جي نتيجن پسائڻ متعلق) ٺوس فيصلا ٻڌائيندڙ آهي. (١٤) ۽ اهو چرچو نہ آهي (بلڪ طئہ ٽيل ڳالهہ آهي.) (١٥) بيشڪ اهي (جيڪي ان نظام جي مٽائڻ يا روڪڻ لاءِ) رٽون رٽين ٿا. (١٦) (آءٌ ۾ انهن کان غافل ڪونہ آهيان) ۽ آءٌ ۾ رت رٽيان ٿو. (١٧) پوءِ (اي پيغمبر!) ڪافرن کي ڍر ڏي، (جيئن ڄج کي فصل تائين ڍر ملندي آهي، تيئن) انهن کي ٿوري ڍر ڏي. (ان کان پوءِ سندن گرفت ٿيندي.)

سورت اعليٰ

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي.

رڪوع ١ آيت ١ ـ تا ـ ١٩

سيني کان مٿاهين پالينڊڙ جي نالي جي پاڪائي ۽ عظمت بيان ڪر جو اها ذات هر نقص کان پاڪ آهي.

(١) (اي محمد ﷺ) تون پنهنجي سيني کان مٿاهين پالڻهار جي نالي جي عظمت بيان ڪر. (۽ ان جي پالڻهاريءَ واري نظام لاءِ سرگرم رهہ.) (٢) (اهو پالڻهار) جنهن سڀ ڪنهن کي پيدا ڪيو ۽ صحيح تناسب سان بنايو. (٣) ۽ جنهن (تقدير واري نظام سان شين جي اؤسر جو) خاص اندازو مقرر ڪيو، پوءِ (انهن شين کي فطرت يا جبلت ذريعي) رستو ڏيکاري ڇڏيو. (٤) ۽ جنهن (اوسر جي مقصد لاءِ ڏرتيءَ مان) تازو گاهہ ڇمايو. (٥) پوءِ ان کي (زندگي، اوسر ۽ موت واري قانون هيٺ) ڪارو سڪل ۽ سڙيل ڪيائين. (٦) (اي پيغمبر! انساني هيئت جي اهڙي تڪميل کان پوءِ ان جي ذات جي تڪميل لاءِ) سگهوئي توکي (وحي ذريعي ضابطو) پڙهائيندا سون، پوءِ تون ڪين وساريندين. (٧) پر جنهن جي وسارڻ جو الله (پنهنجي مشيت سان) ارادو ڪري، هن ڪري تہ اهو ظاهر ۽ ڳجهہ کي ڄاڻي ٿو. (٨) ۽ توکي ان آسان شريعت (جي پهچائڻ ۽ هلڻ) لاءِ آساني پيدا ڪري ڏينداسون. (٩) پوءِ تون (ماڻهن آڏو اها وحي واري) نصيحت (بيان) ڪندو رهہ، جتي نصيحت ڪرڻ فائدو ڏي. (١٠) جيڪو الله (وٽ حاضر ٿيڻ) جو خوف رکي ٿو، سو سگهوئي ڏيان ڪندو. (١١) ۽ وڏو نياڳو (ٿيندو اهو جيڪو) ان کان پاسيرو رهندو (جو پاڻ کي ان جي فائدن کان

محروم رکندو.). (١٢) (نتيجي ۾) اهو ماڻهو (تباهين جي) تمام وڏي باهه ۾ پوندو. (١٣) وري نه ان ۾ مرندو ۽ نه (آرام سان) جيئندو. (١٤) بيشڪ اهو مراد (۽ ڪامرانين) کي پهتو (جنهن رڳو جسم جي پرورش ڪرڻ بجاءِ پنهنجي شخصيت جي اوسر ڪئي) ۽ متقي بڻيو. (١٥) ۽ پنهنجي پالڻهار (جي پالڻهاريءَ) کي (پنهنجي عمل سان) ياد ڪيائين، پوءِ (انهيءَ رستي تي استقامت واسطي) نماز پڙهيائين. (١٦) پر اوهين هن دنيا جي (طبعي) حياتيءَ (جي تڪڙن مفادن) کي ترجيح ڏيو ٿا. (١٧) هوڏانهن آخرت (جي حياتي) گهڻو چگي ۽ گهڻو بقا واري آهي. (١٨) بيشڪ هيءُ بيان (قرآن ۾ پهريون دفعو بيان ڪيل ناهي، بلڪ هي) ته پهرين ڪتابن ۾، (١٩) ابراهيم ۽ موسيٰ جي ڪتابن ۾ بہ (اهوئي چيل) آهي.

سورت الغاشيہ

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي.

رکوع ١ آيت ١ ـ تا ـ ٢٦

جنت ۽ جهنم جو منظر ۽ آخرت جا دليل

(١) (اي پيغمبر!) ڇا تو وٽ ڇانئجي ويندڙ (قيامت جي) ڳالهه پهتي آهي؟ (٢) ڪي منهن ان ڏينهن خوار (۽ ڀيلا هوندا). (٣) (دنياداري يا خيالي ۽ غلط دين ڪارڻ) مشقتن جا ماريل ٿڪل هوندا. (انهن بيجا مشقتن جو ثمر سندن ٿڪاوٽ هوندي.) (٤) تمام گرم باهه ۾ گهڙندا. (٥) حد درجي جي گرم چشمي مان کين (پاڻي) پياريو ويندو. (٦) انهن لاءِ زهري ڪانڊيري کان سواءِ ٻيو ڪو کاڌو نه هوندو. (٧) جو نه سپر ڪندو ۽ نه ڪجهه بک لاهيندو. (٨) ڪي (يعني ٻي گروهه وارا) منهن ان ڏينهن سرها (بکندڙ) هوندا. (٩) (سچي دين ڪارڻ) پنهنجي ڪوشش (مشقتن ۽ جدوجهد) جي ڪري خوش هوندا. (١٠) متاهين عاليشان بهشت ۾ هوندا. (١١) جنهن ۾ ڪابہ اجائي ڳالهه نه ٻڌندا. (١٢) ان ۾ وهندڙ چشما آهن. (١٣) ان ۾ (ويهڻ لاءِ) تخت متي ڪيل هوندا. (١٤) ۽ (پيئڻ لاءِ ترتيب سان) پيالا رکيل. (١٥) ۽ وهاٽا قطار ڪري رکيل. (١٦) ۽ (اعليٰ درجي جا) غاليچا وڇايل آهن. (١٧) ڇا پوءِ (انهيءَ مقام تي پهچڻ لاءِ جنهن مشقت ڪرڻ جي ضرورت آهي، ان لاءِ) اُٺ ڏي نه ٿا ڏسن ته انکي ڪيئن (هر حال ۾ بار کڻندڙ ڪري) پيدا ڪيو ويو آهي؟ (١٨) ۽ آسمان ڏي ته ان کي ڪيئن (رفعتن سان) متي ڪنيو ويو آهي. (انسان ۾ بہ روين، سوچ ۽ خيال جي ايتري رفعت ۽ اوچائي گهرجي.) (١٩) ۽ جبلن ڏي ته انهن کي ڪيئن (مضبوط ۽ استقامت سان) کڙو ڪيو ويو آهي؟ (٢٠) ۽ زمين ڏي ته ڪيئن (انسانن جي لاءِ) وڇاڻو بڻائي ويئي آهي. (٢١) پوءِ (اي پيغمبر پاڻ مجسم انهن خوبين جو ٻڌجي ٻين کي بہ) تون نصيحت ڪر! تون ته نصيحت

ڪندڙ ڏي آهين. (٢٢) (نصيحت نہ وٺن تہ) تون (رڳو انهن کي ياد ڏياريندڙ آهين ۽) مٿن ڪو نگهبان نہ آهين. (٢٣) پر جنهن منهن موڙيو ۽ انڪار جي واٽ ورتي. (٢٤) پوءِ تنهن کي الله (پنهنجي مڪافات وارن قانونن هيٺ) تمام وڏي سزا ڏيندو. (٢٥) (ويندا آخر ڪيڏانهن) بيشڪ اسان جي ئي طرف انهن جو موٽڻ آهي. (٢٦) وري انهن کان (ذري ذري جوچڪائي) حساب وٺڻ اسان تي ئي آهي.

سورت الفجر

بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي.

رڪوع ١ آيت ١ ـ تا ـ ٣٠

انسان فطرت ۾ اڀرو آهي، خوشيءِ ۾ آپي کان ٻاهر نڪري ۽ رنج ۾ مايوس ٿي وڃي ٿو.

(١) پرهہ ڦُٽيءَ (جي وقت) جو قَسم آهي. (٢) ۽ ڏهن راتين جو (جن ۾ حج جي موقعي تي پنهنجي باري ۾ سوچڻ ۽ ٻين انسانن جي حالتن پروڙڻ جو موقعو ملي ٿو.) (٣) ۽ ٻڌيءَ جو ۽ اڪيءَ جو (جن ۾ پوري ڪائنات جڪڑيل آهي.) (٤) ۽ رات جو جڏهن گذري ٿي، (۽ ان صورتحال تي ڪوبہ فڪرمندي نہ ٿو ڪري). (٥) ڇا انهن شين ۾ ڪو عقل واري لاءِ پڌرو پيغام آهي. (٦) (اي پيغمبر! اهي اڳين قومن لاءِ خدا جي پڌري پيغام کي چو نہ ٻڌا هنڌائن) ڇا تو نہ ڏٺو تہ تنهنجي پالينڊڙ عاد (جي قوم)، (٧) ٿنين وانگر قدآور ارم (جي قوم) سان ڪيئن ڪيو. (٨) جنهن (جي فن ۽ ٺٽ ٺانگر) جهڙو (ان دور جي) شهرن ۾ ڪونہ پيدا ڪيو ويو. (٩) ۽ ثمود (جي قوم) سان (بہ) جن وادي (القريٰ) ۾ (پٿر جي) چپن کي (پختا گهر بنائڻ لاءِ) گهڙيو هو. (١٠) ۽ ميخن (ايذائڻ جي وڏي سگهہ) واري فرعون سان (بہ تنهنجي رب ڪيئن ڪيو؟) (١١) جيڪي شهرن ۾ (ڪمزورن تي زيادتيون ڪرڻ ۾) پنهنجي حد کان لنگهي ويا. (١٢) پوءِ انهن ۾ گهٽو فساد پکيڙيائون. (١٣) پوءِ تنهنجي پالينڊڙ مٿن عذاب جو چهبڪ وهايو. (۽ هو تباهہ و برباد ٿيا.) (١٤) بيشڪ تنهنجو پالينڊڙ (جڙ تہ) گهات واري هنڌ تي آهي، (عملن کي ڏسندڙ آهي ۽ ڪوبہ عمل ان کان ڳجهو نٿو رهي). (١٥) (اصل ۾ انسان خدائي قانونن ۽ ان جي عمل ۾ اڇڻ جي طريقي کان اڻ واقفيت رکي ٿو. ان ڪري) انسان کي جڏهن سندس پالينڊڙ آزمائي ٿو، پوءِ ان کي عزت ڏئي ٿو ۽ نعمت ڏئي ٿو تہ، (مغروري ۽ فخر ۾) هو چوي ٿو تہ، منهنجي پالينڊڙ مون کي عزت ڏني. (١٦) ۽ جڏهن ان کي هن طرح آزمائي ٿو جو مٿس سندس روزي تنگ ڪري ٿو تہ، چوي ٿو تہ، منهنجي پالينڊڙ مونکي خوار ڪيو. (حالانڪ اهو سڀ ڪجهہ خدا جي مقرر قانونن جي نتيجي ۾ عمل پذير ٿئي ٿو.) (١٧) ائين نہ آهي (جو خدا ڪنهن کي هروپرو خوار

ڪري) پر اوهين (ڏرتيءَ تي پرگهور جي لائق) يتيم جي عزت نه ٿا ڪريو. (١٨) ۽ نه ڪي هڪ ٻئي کي (ضرورتمند) مسڪين کي کاڌي ڏيڻ جي رغبت ڏيو ٿا. (١٩) ۽ مٽلن جو مال ميڙي سيڙي کائو ٿا. (۽ وارثن تائين پورو حق نٿا پهچايو.) (٢٠) ۽ (اٽڪلون سٽڪلون ڪري ٻين جي مال ۾ ڇڪي اڇو ٿا، ۽ اوهان) مال سان (ميڙ ميڙان جي) بيحد محبت رکو ٿا. (٢١) خبردار (اهوئي سبب آهي جنهن اوهان کي خوار ڪيو، سو قيامت ڏينهن) جڏهن زمين کي ڪٽي ڪٽي سٽئون (ميدان محشر لاءِ ڊگهو ميدان) ڪيو ويندو. (٢٢) ۽ تنهنجو رب (حساب ڪتاب جي لاءِ) ايندو ۽ ملائڪ به قطارن ۾ (ايندا) (٢٣) ۽ دوزخ کي ان ڏينهن آڻبو، تڏهن ان ڏينهن انسان (اسان جي نصيحتن ڏانهن) ڌيان ڪندو (پر وقت نڪري ڇڪو هوندو) ۽ ڪٿان نصيحت جو فائدو ٿيندس؟ (٢٤) (ان وقت حسرت وچان) چوندو ته جيڪر (ڪجهه چگا عمل) پنهنجي حياتيءَ لاءِ اڳي موڪليان ها. (٢٥) پوءِ ان ڏينهن الله (اهڙي سزا ڏيندو جو ان) جي سزا جهڙي سزا ٻيو ڪوبه نه ڏيندو. (٢٦) ۽ ان جي گرفت جهڙو ٻيو ڪوبه گرفت ۾ نه آڻيندو. (٢٧) (۽ خدا جي قانونن جي پاسداري ڪندڙ ماڻهوءَ کي چيو ويندو ته) اي (نيڪيءَ تي) اطمينان ڪرڻ وارا نفس! (٢٨) پنهنجي پالينڌڙ ڏي موٽي هل. جو تون زندگيءَ ۾ ان کي راضي ڪيو ۽ هاڻي هو تو کي راضي ڪندو. (٢٩) پوءِ (زندگيءَ ۾ به) منهنجن (مطمئن) ٻانهن ۾ داخل ٿي وڃ. (٣٠) ۽ (آخرت ۾ به) منهنجي جنت ۾ داخل ٿي وڃ.

سورت البلد

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي.

رڪوع ١ آيت ١ ـ تا ـ ٢٠

انسان عيش ۽ آرام جي لاءِ ناهي آيو، بلڪ هي ته مشڪلاتن جي دنيا آهي.

(١) هن شهر (مڪي) جو قسم آهي. (٢) جو تون هن شهر ۾ (جدوجهد جي عملي زندگيءَ سان) رهندڙ آهين. (٣) ۽ ڄڻيندڙ ۽ ڄڻيل (آدم ۽ سندس اولاد) جو (قسم آهي). (٤) ته بيشڪ اسان انسان کي (وحي جي تابع رهي هڪ متوازن زندگي گذارڻ جي) مشقت ۾ (گذارڻ لاءِ) پيدا ڪيو آهي. (٥) ڇا هو خيال ڪري ٿو ته، مٿس ڪابه قابض ۽ ضابطي واري قوت ناهي (جنهن جي قانونن جي اطاعت ڪيس ڪرڻ گهرجي.) (٦) چوي ٿو ته، مون (دنيا جي حياتيءَ ۾) مال جا ڍير لٽايا آهن. (٧) ڇا هو خيال ڪري ٿو ته، (جن شين ۽ مصارفن تي هن ڍير لٽايا آهن) ان کي ڪنهن به نه ڏٺو آهي. (٨) ڇا (شين کي ڏسڻ جي تميز ۽ مشاهدي لاءِ) اسان سندس به اکيون (نه جوڙيون آهن)! (٩) ۽ (پڇڻ پڌائڻ ڪيس) زبان ۽ به چپ نه بنايا آهن! (١٠) ۽ اسان ان کي (وحي جي تعليم ذريعي چگائيءَ

برائيءَ جا) ۾ شاهي رستا نہ ڏيکاري چڏيا آهن! (۱۱) پوءِ ۾ هو همت ڪري (ذاتي مفاد جي عيش پرستيءَ واري رستي کي چڏي عام انساني مفاد جي) سخت لڪ ۾ نہ گهڙيو. (۱۲) ۽ (اي پيغمبر!) توکي ڪهڙي خبر تہ سخت لڪ ڇا آهي. (جيڪو آهي تہ صبر آزما، پر انسان کي بلندين جي طرف وڻي وڃي ٿو.) (۱۳) (پڌو اهو رستو هي آهي تہ) پاڻهن کي (هر قسم جي غلامين مان) آزاد ڪرائڻو آهي، (جيئن هرهڪ ماڻهوءَ کي جسماني، ذهني ۽ قلبي آزادي هجي ۽ هو خدا کان سواءِ ڪنهن جي ۾ پاڻهپ ۾ نہ هجي). (۱٤) يا بک جي ڏينهن ۾ کاڏو ڪرائڻو آهي. (۱۵) متيءَ مائٽيءَ واري يتيم کي. (۱٦) يا (توڙي) متيءَ هاڻن (سيني) مسڪينن کي. (۱۷) وري انهن ماڻهن مان ٿئي جن (الله جي پالڻهاريءَ وارن ٿوس قانونن تي) ايمان آندو ۽ هڪ ٻئي کي صبر ڪرڻ جي تلقين ڪئي ۽ هڪ ٻئي کي رحم ڪرڻ جي وصيت ڪئي آهي. (۱۸) اهي ئي سياڻا آهن، (جن کي هر قسم جون برڪتون حاصل ٿيندیون). (۱۹) ۽ جن اسان جي (پالڻهاريءَ وارين) آيتن جو انڪار ڪيو سي ئي نياڻا آهن. (۽ بي برڪتي انهن جي مقدر آهي). (۲۰) انهن تي (هن دنيا ۾ ۽ آخرت ۾ ب) باهہ دميل هوندي.

سورت الشمس

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي.

رڪوع ۱ آيت ۱ ـ تا ـ ۱۵

انسان کي چگي ۽ بري جو الهامي علم مليو، ان هوندي ب نبي موڪليا ويا.

(۱) سج جو قسم آهي ۽ سندس (روشني پهچائڻ خاطر) متي چڙهڻ جو. (۲) ۽ چند جو، جڏهن سج (کان روشني اوڌاري وٺڻ لاءِ ان) جي پٺيان اچي ٿو. (۳) ۽ ڏينهن جو جڏهن روشنيءَ کي ظاهر ڪري ٿو. (٤) ۽ رات جو جڏهن (روشنيءَ) کي ڍڪي ٿي. (۵) ۽ آسمان جو ۽ جنهن نموني ان کي (فضا جي بلندين سان) بنايو اٿس، تنهن جو، (٦) ۽ زمين جو ۽ جنهن نموني ان کي (گول هئڻ باوجود) وڇايو اٿس. تنهن جو، (۷) ۽ نفس جو ۽ جنهن نموني ان کي (صلاحيت عطا ڪري) ٺيڪ ٺاڪ جوڙيو اٿس. (۸) پوءِ ان کي بدڪاري ۽ نيڪوڪاري جي سمجهہ ڏني اٿس. تنهن جو (قسم)، (۹) (پوءِ ڪائنات ۽ انساني نفسن جون هي حقيقتون شاهد آهن تہ) تحقيق اهو مراد (۽ ڪامرانيءَ) کي پهچي ويو، جنهن (پنهنجي جسم جي بجاءِ پنهنجي شخصيت جي اوسر ڪري) نفس کي پاڪ ڪيو. (۱۰) ۽ بيشڪ اهو بي مراد ٿيو، جنهن (مفاد پرستين جي بار هيٺان پاڻ کي دٻائي رکيو) ۽ نفس کي متيءَ ۾ لوٽاڙي چڏيو. (۱۱) (انهيءَ حقيقت تي تاريخ جون شهادتون ڏسو) ثمود جي قوم (صالح عليہ السلام کي) ان وقت پنهنجي سرڪشيءِ جي

ڪري ڪوڙو ڪيو. (١٢) جڏهن سندس وڏو بدبخت آڪڙ ۾ اٿي پيو. (١٣) پوءِ الله جي رسول(عليہ السلام) انهن کي چيو تہ، الله جي ڏاچيءَ کي ۽ ان جي پاڻي کي آڏو نہ اچو. (١٤) پوءِ انهن کي ڪوڙو ڪيو، پوءِ ان (ڏاچيءَ) کي ڪهي وڌائون، پوءِ انهن کي سندن پالينڌڙ (الله جي پالڻهاريءَ جي مخالفت واري) گناهہ جي ڪري برباد ڪيو. پوءِ ان (سزا) کي (قوم جي سينهي ماڻهن تي) برابر ڪري ڇڏيائين. (١٥) ۽ الله کو ان (سزا) جي نتيجي کان ڊڄي نہ ٿو.

سورت اليل

بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي.

رڪوع ١ آيت ١ ـ تا ـ ٢١

جيڪي سمجهہ کان ڪم ونڊ بجاءِ انڌي تقليد ڪن تا، آهستي آهستي انهن جي مت مري وڃي ٿي.

(١) (ڪائنات جي ٻن متضاد شين مان) رات جو قسم آهي، جڏهن (ان جي اوندهہ سينهي شين کي) ڍڪي ٿي. (٢) ۽ ڏينهن جو جڏهن (ان جو سوجهرو سينهي شين کي) ظاهر ڪري ٿو. (٣) ۽ نر مادي‌ءَ کي جو (الڳ طبعي رجحانن سان) پيدا ڪيو اٿس (تنهن جو قسم). (٤) تہ اوهان جون ڪوششون (بہ ائين الڳ رخن ۾ ٿيندڙ ۽) مختلف آهن. (٥) (انهيءَ فرق جي باوجود بہ رات ۽ ڏينهن ۽ نر ۽ مادي هڪ ٻئي لاءِ مفيد بڻجن ٿا) پوءِ جنهن شخص (سينهي انسانن کي الله جو ڪتب ڇاڻي انهن ۾) پنهنجي ڪمائي ورهائي ۽ الله کان ڊنو. (٦) ۽ (هن دنيا ۾ الله جي نيابت واري) تمام چگهي ڳالهہ کي سچو سمجهيو. (٧) تہ ان کي (انهيءَ چگهي ڳالهہ لاءِ) تمام آسان رستي (تي هلڻ جر توفيق ڏينداسون. (٨) ۽ جنهن شخص بخيليءَ جي واٽ ورتي ۽ بي پرواهي ڪئي. (٩) ۽ (هن دنيا ۾ الله جي نيابت واري) تمام چگهي ڳالهہ کي ڪوڙو ڪيو. (١٠) تہ ان کي (پنهنجي گرفت واري قانون سان) تمام مشڪل رستي تي لڳائي ڇڏينداسون. (١١) ۽ سندس مال ان کي ڪم نہ ايندو، جڏهن هو (تباهين جي) ڪڏ ۾ ڪرندو. (١٢) (ان ڪري جو هن ذاتي مفاد جو اهو رستو رڳو پنهنجي سوچ تي هلي اختيار ڪيو هو) بيشڪ (وحي جي ذريعي انساني ڪامراني ۽ فلاح جو) رستو ڏيکارڻ اسان تي (اسان جي ذمي) آهي. (١٣) ۽ بيشڪ (ان واٽ تي) آخرت ۽ دنيا (جون ٻلايون) اسان جي اختيار ۾ آهن. (١٤) تنهن ڪري مون اوهان کي (تباهين جي) اهڙي باهہ کان ڊيڄاريو آهي، جا ڀڙڪندڙ آهي. (١٥) جنهن ۾ اهڙي نياڳي کان سواءِ ٻيو ڪو داخل نہ ٿيندو. (١٦) جنهن (حقن پوري ڪرڻ واري اسان جي قانونن کي) ڪوڙو ڪيو ۽ (انهن تي عمل کان) منهن موڙيو. (١٧) ۽ ان (تباهيءَ) کان (اسان جي قانونن جي پاسداري لاءِ) پنهنجي نگهباني ڪندڙ

شخص کي بچايو ويندو. (۱۸) جنهن (ضرورت پوڻ تي رضا خوشيءِ سان) پنهنجو (سڀ کجهه) مال (انسان ذات جي پلائيءَ لاءِ) ڏئي پاڻ سنواريو. (۱۹) ۽ مٿس کنهن جو اهڙو احسان ٻه نه آهي، جنهن جو بدلو ڏئي ٿو. (۲۰) پر پنهنجي مٿاهين پالڻهار جي رضامندي حاصل ڪرڻ لاءِ (ڏئي ٿو). (۲۱) ۽ ان شخص کي اها رضامندي ضرور پلئه پوندي.

سورت الضحيٰ

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي.

رکوع ۱ آيت ۱ ـ تا ـ ۱۱

يتيم تي متان سختي ڪرين ۽ سوالياءَ کي متان جهڙڪين.

(۱) (اي پيغمبر! تنهنجو انقلاب ضرور ڪاميابيون ماڻيندو. ان لاءِ فڪرمند نه ٿيءُ، رات کان پوءِ ڏينهن لازم ايندو پوءِ) سج چڙهڻ جي وقت جو قسم آهي، (۲) ۽ رات جو جنهن وقت (سيني شين کي) ڍڪي ٿي. (۳) تہ تنهنجي پالينڊڙ توکي نہ ڇڏيو آهي ۽ نہ بيزار ٿيو آهي. (پوءِ ڪڏهن وحي جي تاخير ٿيڻ مان ڪافرن جو اهڙو نتيجو ڪيڻ غلط آهي.) (٤) ۽ بيشڪ پوئين (خبر ۽ ڪامرانين واري) حالت تو لاءِ پهرين (تڪليفن واري) حالت کان گهڻي چگي آهي. (۵) ۽ توکي ضرور تنهنجو پالينڊڙ (فتحيابي) ڏيندو، پوءِ تون (ان ڪاميابيءَ تي) مسرور ٿيندين. (٦) (تون پنهنجي زندگيءَ کي ڏس تہ) ڇا توکي (تنهنجي پالڻهار) يتيم نہ پاتو، پوءِ (توکي حفاظت ۽ سنيال لاءِ) جاءِ ڏنائين. (۷) ۽ توکي (حقيقت جي) رستي جو ڳولائو ڏسي پوءِ (وحي جي ذريعي سڏو) رستو ڏيکاريائين. (۸) ۽ توکي ضرورتمند ڏسي پوءِ ايترو ڏنائين جو تون ڪنهن مدد جو محتاج نہ رهين. (۹) (پوءِ جيئن تنهنجي يتيم ذات جي سنيال ٿي تيئن تنهنجو نظام ٻہ يتيم جي سنيال ڪري) پوءِ يتيم تي متان ڏکيائيون ڪرين. (۱۰) ۽ (تنهنجو ساڳيو نظام ضرورتمندن جي ڪفيل هجي) پوءِ سوالي کي متان جهڙڪين. (۱۱) ۽ پنهنجي پالينڊڙ جي نعمتن کي پيو بيان ڪر (انهن نعمتن کي خدائي عطيو سمجهي پين تي ٻہ اهي نعمتون ڪم آڻيندو رهہ).

سورت الانشراح

بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي.

رکوع ۱ آيت ۱ ـ تا ـ ۸

چا اسان تو لاءِ تنهنجو سينو کشادو نه ڪيو، بيشڪ ڏک سان گڏ سک آهي.

(۱) (اي پيغمبر!) چا اسان تو لاءِ (پنهنجي وحي ذريعي زندگيءَ جون سڀ راهون روشن ڪري) تنهنجو سينو کشادو نه ڪيو. (۲) ۽ اسان تو تان (ابتدائي مرحلن ۾ آيل سختيءَ جو) اهو بار لاٿو، (۳) تنهنجي ساٿين جي هڪ جماعت تيار ٿي.) (۳) جنهن (بار) تنهنجي پٺ کي ڳرو ڪيو هو. (٤) ۽ اسان تو لاءِ (پنهنجي موڪليل پروگرام جي عظمت سان) تنهنجي تعريف بلند ڪئي. (٥) پوءِ (انهن عارضي تڪليفن کان پوءِ دل نه ٿيءُ) بيشڪ ڏک سان گڏ سک ٿي آهي. (٦) بيشڪ ڏک سان گڏ سک ٿي آهي. (۷) پوءِ جڏهن (به) تون (هدايت جي پروگرام مان) واندو ٿئين تہ (پالڻهار جي عبادت لاءِ) محنت ڪر. (۸) ۽ پنهنجي پالڻهار (جي ذڪر ۽ فڪر سان) دل لڳاءِ.

سورت التين

بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي.

رکوع ۱ آيت ۱ ـ تا ـ ۸

بيشڪ انسان تمام سهڻي فطرت تي تخليق ڪيل آهي، پوءِ هو پاڻ کي هيٺاهينءَ تي ٻوڙي وڃي ٿو تہ، مٿاهينءَ تي ٻہ.

(۱) انجير ۽ زيتون (جي سر زمين) جو قسم! (۲) ۽ طور سينا. (جبل ۽ واديءَ جو قسم)! (۳) ۽ هن امن واري شهر (مڪي) جو قسم آهي (جن مان حق جا آواز اٿيا آهن) (٤) تہ بيشڪ اسان انسان کي تمام سهڻي اندازي سان (۽ بهترين صلاحيتن سان) پيدا ڪيو آهي. (٥) پوءِ (جيڪو انسان نافرماني ۽ ذاتي مفاد پرستين جي واٽ وٺي ٿو تہ) ان کي اسان سڀ کان هيٺاهون ڳڻي ڪري ڇڏيو آهي. (٦) پر جن (خدائي قانونن جي سچاين تي) ايمان آندو ۽ (ان مطابق) چڱا ڪم ڪيا، تن لاءِ اڻ کٽ موقعا ۽ اجر آهن. (۷) پوءِ اي انسان! هن (ابدي حقيقت ۽ تاريخي شهادت) کان بعد ڪهڙي شيءِ آهي جيڪا تو کان جزا سزا ملڻ جو انڪار ڪرائي ٿي. (۸) چا الله سڀني حاڪمن کان زبردست (اختيار ۽ اقتدار وارو) حاڪم نہ آهي. (جو تون ان جي حڪمن تي هلي ٻنهي جهانن جي ڪامرانيءَ واري زندگي ماڻين ۽ ٻنهي جهانن ۾ پستين کان بچين).

سورت العلق

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي.

رڪوع ١ آيت ١ ـ تا ـ ١٩

اسان انسان کي اهو سڀ ڪجهه سيکاريو جيڪي کيس نه پئي آيو.

(١) (اي پيغمبر!) تون پنهنجي پالڻهار جي نالي سان پڙهه جنهن پيدا ڪيو آهي. (۽ پيدا ڪري اوسر جا سامان ٻه عطا ڪيا اٿس). (٢) انسان کي رت جي دڳ مان ٻنايو اٿس (پوءِ انسان جي جسم ۾ سڌريل سرشتي سان رت کي گردش ڪرايو اٿس.) (٣) پڙهه (جو وحي جي تعليم انسان ذات جو سمورو سرشتو سڌاري هلڻ جي ڪفيل آهي) تنهنجو پالينڌڙ وڏو سخي آهي. (۽ ان انساني اوسر جا سامان فراوانيءَ سان ٻڌايا آهن انسان رڳو ان طرف متوجهه ٿئي). (٤) جنهن قلم سان (مفيد شين جو لکڻ) سيکاريو آهي. (٥) انسان کي (زندگيءَ جون سهولتون پسڻ لاءِ) اهو ڪجهه سيکارياٸين جنهن کي نه ڄاڻندو هو. (٦) خبردار ٿي بيشڪ انسان (انهن سهولتن کي عياشيءِ جي حدن تي آڻي ماڻهپي جي) حد کان لنگهي وڃي ٿو. (٧) هن ڪري جو هو پاڻ کي (وحي جي رهنمائي کان) بي پرواهه سمجهي ٿو (٨) (اي پيغمبر پلي هو کيتري ٻه هيڄ ۽ سرڪشي ڪري) بيشڪ (آخرڪار کيس) تنهنجي رب ڏي ئي موٽي وڃڻو آهي. (٩) پلا ان شخص جو حال ٻڌاءِ ته جو (الله جي) (١٠) بانهي کي سندس (اطاعت ڪرڻ ۽) نماز پڙهڻ جي وقت روکي ٿو. (١١) پلا ٻڌاءِ ته اهو (الله جو بانهو) جيڪڏهن سڌي رستي تي هوندو. (١٢) يا (ٻين کي ٻه ان) نيڪوڪاريءَ جو حڪم ڪندو. (ته ان کي روڪڻ ڏهي ٿو؟) (١٣) پلا ٻڌاءِ ته (الله جي عبادت ۽ نيڪوڪاريءَ کان روڪڻ وارو) جيڪڏهن (حق کي) ڪوڙو (ڪرڻ جي پروپگنڊه) ڪندو ۽ تي ۽ پاڻ ٻه منهن موڙي. (اٸين ڪرڻ ان کي جڳائي ٿو؟) (١٤) ته ڇا هن نه ڄاتو ته الله (جو مڪافات وارو قانون سندس سيني حرڪتن کي) ڏسي ٿو. (١٥) پڪ ڄاڻي وٺ ته جيڪڏهن (پنهنجي فتني باز حرڪتن کان) نه رڪيو ته، ضرور ان کي مٿي جي وارن کان (جهلي) گهليندا سون. (١٦) جيڪو مٿو (الله جي قانونن کي) ڪوڙو ڪندڙ ۽ خطاڪار آهي. (١٧) پوءِ پلي ته پنهنجي ڪچهريءَ وارن (حامين) کي سڏي. (١٨) اسين ٻه پنهنجي سپاهين (يعني سخت عذاب ڪندڙ ملائڪن) کي سڏينداسون. (١٩) خبردار (اي رسول انهن سان ڪابه مفاهمت ٿيٽي ناهي) متان انهن جو چيو مڃين ۽ تون (پالڻهار جو) سجدو ڏي ۽ (الله جي) ويجهڙائي حاصل ڪندو وڃ.

سورت القدر

بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي.

رڪوع ١ آيت ١ ـ تا ـ ٥

بيشڪ اسان قرآن کي ليلتہ القدر ۾ نازل ڪيو آهي.

(١) بيشڪ اسان هن (قرآن) کي قدر جي رات ۾ لاٿو آهي، (جڏهن دنيا وحي جي روشنيءَ کان محروم ٿي هوش وڃائي ويني هئي). (٢) ۽ (اي پيغمبر!) تو کي ڪهڙي خبر تہ قدر جي رات ڇا آهي. (٣) قدر جي اها رات هزار مهينن کان گهٽو ڇگي آهي. (٤) سيئي ملائڪ ۽ روح (حضرت جبرائيل) سندن پالينڊڙ جي حڪم سان ان رات ۾ سپ ڪنهن سپرد ڪيل ڪم (جي پوري ڪرڻ) لاءِ لهن ٿا. (٥) اها (رات) پرهہ ڦٽيءَ تائين (ساڳي صفت ۽ برڪت سان سراسر) سلامتي واري آهي.

سورت البينہ

بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي.

رڪوع ١ آيت ١ ـ تا ـ ٨

دنيا جا ماڻهو ڪفر جي اهڙ حالت ۾ آهن جو رسالت کان سواءِ سڌارو ممڪن ناهي.

(١) اهل ڪتاب ۽ (مڪي جي) مشرڪن مان جن ڪفر ڪيو سي ايستائين (پنهنجي اڳين خود ساختہ مذهبي طريقن کان) خلاصا نہ ٿي پئي سگهيا، جيستائين انهن وٽ (قرآن جي صورت ۾) ظاهر دليل نہ اچي. (٢) (قرآن جنهن تي نازل ٿيو آهي، اهو) الله جي طرفان اهڙو رسول آهي جو (انهن کي هر قسم جي نقصن کان) پاڪ سورتون پڙهي ٻڌائي ٿو. (٣) جن ۾ (نہ تبديل ٿيندڙ ۽ زندگيءَ جا مستقل) سڌا سنوان حڪم (۽ اصول) لکيل آهن. (٤) ۽ جيڪي اهل ڪتاب هئا، تن کي واضح دليل اچڻ کان پوءِ (گهرجي ها تہ قرآن تي ايمان آڻي انساني وحدت جي راهہ هموار ڪن ها، پر انهن الٽو) فرقي بازي ڪري ورتي. (٥) حالانڪ انهن کي (قرآن ۽ اڳين آسماني ڪتابن جي ذريعي) رڳو هن ڳالهہ جو حڪم ڪيو ويو آهي تہ، اهي الله جي عبادت ۽ اطاعت ۾ اچن. ان لاءِ عبادت کي خالص ۽ خاص ڪري (ابراهيم جي دين حنفي واري) رستي تي جمع ٿين، ۽ نماز قائم ڪن ۽ زڪوات ڏين ۽ اهوئي (انسانيت جي ترقي ۽ فلاح جو) سڌو سنوڻ دين آهي. (٦) بيشڪ (اهڙي چٽي حقيقت جي باوجود بہ) جن اهل ڪتاب ۽ مشرڪن مان ڪفر ڪيو (تباهيون انهن جو مقدر آهن) سي دوزخ جي باهہ ۾ پوندا، ان ۾ سدائين پيا رهندا. اهي ئي (انساني وحدت جا

ٽوڙيندڙ عناصر) سڄي خلق کان تمام بچڻا آهن. (۷) بيشڪ جن (الله جي قانونن تي) ايمان آندو ۽ (ان مطابق) چڱا ڪم ڪيا سي ئي سڄي خلق ۾ نسورو چڱا آهن. (۸) انهن جو بدلو سندن پالينڊڙ وٽ رهڻ جا باغ آهن، جن جي هيٺان (مختلف مشروبن جا) واهہ وهن ٿا. انهن ۾ هميشہ رهندا. الله انهن کان (پنهنجي قانون تي هلڻ جي ادا کان) راضي ٿيو ۽ اهي ان کان (واعدو ڪيل پلو صلو ملڻ تي سرها ۽) راضي ٿيا. اهو (واعدو) ان لاءِ آهي جو (جنهن جي دل تي) پنهنجي پالينڊڙ (جي عظمت) جو خوف طاري ٿيو.

سورت الزلزال

بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي.

رڪوع ۱ آيت ۱ ـ تا ـ ۸

قيامت ڏينهن عملن جي محاسبي جو احوال.

(۱) جڏهن زمين زور سان ڏوڏي ويندي، (۲) ۽ زمين پنهنجا ڳرا بار (خزانا يا مردا وغيره) ٻاهر ڪيندي، (۳) ماڻهو چوندو تہ ان کي ڇا ٿيو آهي. (٤) ان ڏينهن اها پنهنجيون سڀ خبرون ٻڌائيندي. (۵) هن ڪري تہ (اي پيغمبر) تنهنجي پالينڊڙ ان کي (ائين ڪرڻ جو) حڪم ڪيو هوندو. (٦) ان ڏينهن ماڻهو (حساب جي جاءِ کان) جدا جدا حالتن ۾ ٿي موٽندا تہ انهن کي سندن عملن جا نتيجا ڏيکارجن. (۷) پوءِ جيڪو شخص (دنيا ۾) ذري جيتري ڀلائي ڪندو تہ ان کي پَسندو. (۸) ۽ جيڪو شخص (دنيا ۾) ذري جيتري بچڻائي ڪندو تہ ان کي پَسندو.

سورت العٰديٰت

بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي.

رڪوع ۱ آيت ۱ ـ تا ـ ۱۱

بيشڪ انسان پنهنجي پالينڊڙ جو وڏو بي شڪر آهي.

(۱) (حملو ڪندڙ جي) هانبارو هڻي ڊوڙندڙ (گهوڙن) جو پريشان حال (ڊوڙڻ شاهد آهي). (۲) پوءِ چٽنگن ڪيندڙ جو (جيڪي پٽرن تي نعلن هڻڻ سان نڪرنديون آهن). (۳) صبح جي وقت (سوير ننڊ جي غلبي وقت) لٽ ڪندڙ جو. (٤) پوءِ ان وقت (ڊوڙڻ سبب) رَڻي اٽاريندڙ جو. (۵) پوءِ ان گهڙيءَ (ستلن جي) ٽولي جي وچ ۾ اچي پوندڙ جو. (٦) (انسان جي

معمولي خدمت جي عيوض گھوڙن جي، ان لاءِ ايڏي قرباني شاهد آهي تہ) بيشڪ انسان پنهنجي پالڻهار جو وڏو بي شڪر آهي. (جو معمولي دولت جي هوس ۾ پنهنجي مالڪ جا ضابطا ٽوڙي ٿو). (۷) ۽ بيشڪ هو انهيءَ (عمل سان پنهنجي ناشڪري واري حالت) تي پاڻ ٻہ شاهد آهي. (۸) ۽ بيشڪ هو مال جي محبت ۾ (انڌو ٿيل) آهي (جو ڪمايل ۽ ڦٻايل مال کي پنهنجو سڀ ڪجھ سمجهي ٿو). (۹) ڇا پوءِ هو ان وقت کي نٿو ڄاڻي، جڏهن (حساب ڪتاب لاءِ) انهن کي اٿاربو، جيڪي قبرن ۾ آهن. (۱۰) ۽ جيڪي سينن ۾ (مال جي محبت ۽ هوس کي مجبورين جا ٻهانا ٻنائڻ واري سندن چال) آهي، تنهن کي پڌرو ڪبو. (۱۱) بيشڪ سندن پالينڌڙ انهن جي سموري حال کان ڏينهن پورو واقف هوندو.

سورت القارعہ

بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي.

رکوع ۱ آيت ۱ ۔ تا ۔ ۱۱

عملن جي جزا ۽ سزا جو هڪ نقشو.

(۱) (اها ڪڙڪيدار دلين کي) ڪڙڪائيندڙ، (۲) (اها) ڪڙڪائيندڙ ڇا آهي؟ (۳) ۽ (اي پيغمبر!) تو کي ڪهڙي خبر تہ (اها) ڪڙڪائيندڙ ڇا آهي؟ (٤) جنهن ڏينهن ماڻهو پکڙيلن پتنگن وانگر ٿيندا، (۵) ۽ جبل رنگارنگي پيڇيل اُن جهڙا ٿيندا (جيڪي هوا ۾ اڏامندا). (٦) (ان وقت حساب ڪتاب ٿيندو) پوءِ جنهن جا (دنيا ۾ ڪيل نيڪوڪارين وارا) عمل ڳرا ٿيندا، (۷) سو (پنهنجي مرضيءَ تي) پسند ڪيل آرام ۾ هوندو. (۸) ۽ جنهن جا عمل هلڪا ٿيندا، (۹) تنهن جي رهڻ جي جاءِ هاويہ ٿيندي. (۱۰) ۽ (اي پيغمبر!) تو کي ڪهڙي خبر تہ هاويہ ڇا آهي؟ (۱۱) (اها پڙڪندڙ) تمام گرم باهہ آهي.

سورت التکاثر

بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي.

رکوع ۱ آيت ۱ ۔ تا ۔ ۸

حرص، غفلت ۽ دنيا پرستيءَ جو انجام.

(۱) اوهان کي (دولت، معتبرائپ ۽ منصب ۾) واڌاري جي حرص (۽ هڪ ٻئي کان اڳ ڪڍڻ جي

هوس) غافل ڪيو. (جو اوهان انسانيت جي صحيح منزل مقصود کان بہ پٽڪي ويؤ). (٢) (اوهان پنهنجي طلب کي پنهنجي بنيادي ضرورتن موجب رکڻ بجاءِ هوس وڌائيندا رهيؤ) تان جو وڃي قبرن کي پهتؤ (يعني مري ويئو). (٣) (زندگي رڳو) ائين نہ آهي، (جيڪڏهن عقل ۽ فهم کان ڪم وٺو تہ ان روش جي بچڑاين ۽ تباهہ ڪارين کي) اوهين ڄاڻي وٺندؤ. (٤) وري (چئون ٿا تہ زندگي) ائين نہ آهي، اوهين (ان روش جي تباهہ ڪارين کي جلد ئي) ڄاڻي وٺندؤ. (٥) پڪ سان ائين نہ آهي، جيڪڏهن (اوهان بہ) يقيني طرح (گهرائيءَ ۾ وڃي غور ڪرڻ) سان ڄاڻو ها (تہ غافل نہ ٿيو ها). (٦) (پوءِ) قسم سان (قيامت ۾) دوزخ کي ضرور ڏسندؤ. (٧) وري ان ڏينهن (دوزخ ۾ داخل ٿي) ان کي يقيني طرح سان ڏسندؤ. (٨) وري ان ڏينهن (خدا جي طرفان اوهان کي عطا ڪيل سينيي) نعمتن بابت اوهان کان پڇبو (تہ انهن کي اوهان پنهنجي خواهشن ۽ هوس جي تسڪين لاءِ ڇو استعمال ڪيو.)

سورت العصر

بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي.

رکوع ١ آيت ١ ـ تا ـ ٣

ڪامياب ماڻهن ۽ ڪامياب سماجن لاءِ چار سونهري اصول

(١) زماني جو (هر) دور شاهد آهي، (٢) تہ بيشڪ انسان (فرد جي حيثيت ۾ توڙي جماعت جي حيثيت ۾ پنهنجي مقصدن ماڻڻ ۾) وڏي نقصان ۾ رهيو آهي. (٣) پر انهن ماڻهن کان سواءِ جن (خدا جي عطا ڪيل حياتيءَ جي طريقي کي مڃي) ايمان آندو ۽ (پوءِ ان طريقي مطابق) چگا ڪم ڪيا ۽ هڪ ٻئي کي حق (جي واٽ اختيار ڪرڻ) جي نصيحت ڪئي ۽ هڪ ٻئي کي (ان واٽ تي) ثابت قدم رهڻ جي نصيحت ڪئي.

سورت الهمزه

بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي.

رکوع ١ آيت ١ ـ تا ـ ٩

گلاخور، ٽوڪ هڻندڙ ۽ مال ميڙي ان کي ڳڻيندڙ لاءِ وڏي خرابي آهي.

(١) هر اهو شخص هلاڪ ۽ برباد ٿيو جو گلاخور ۽ ٽوڪ هڻندڙ آهي. (٢) جنهن (جي زندگيءَ مقصد)

مال کي ميڙي ۽ ان جي ڳڻ ڳڻان رهيو آهي. (٣) خيال ڪري ٿو ته، سندس مال (مصيبتن کان بچائڻ لاءِ) ساٿس سدائين گڏ رهندو. (٤) ائين هرگز نه ٿيندو (ائين سمجهڻ سندس نادانيَ آهي) ضرور ان کي پرزا پرزا ڪري ڇڏڻ واري (هلاڪت) ۾ اڇلايو ويندو. (٥) ۽ تو کي ڪهڙي خبر ته پرزا پرزا ڪري ڇڏڻ واري ڇا آهي؟ (٦) اها الله جي (مڪافات واري) پڙڪايل باهه آهي. (٧) جا (شعلن سان) دلين کي وٺي وڃي ٿي. (٨) بيشڪ اها مٿن دميل هوندي. (٩) ڊگهن ٿنڀن ۾ (سوگهي ٽيل هوندي).

سورت الفيل

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي.

رڪوع ١ آيت ١ ـ تا ـ ٥

هاٿيءَ وارن جي زور آوريءَ جي انجام.

(١) (اي پيغمبر!) ڇا تو نه ڏٺو ته تنهنجي پالينڌڙ (طاقت جي گهمنڊ ۾ مبتلا) هاٿيءَ وارن سان ڪيئن ڪيو. (٢) ڇا (ڪعبته الله کي ڊاهڻ متعلق) سندن شرارت کي ناڪام نه ڪيائين. (٣) ۽ مٿن ولرن جا ولر پکي موڪلياٿين. (٤) جن انهن کي (پنهنجي پيرن ۽ چهنبن ۾ جهليل) ڪڪريءَ جون پٿريون هنيون ٿي. (٥) پوءِ انهن کي اولڙ گاهه جهڙو (پائمال) ڪري ڇڏياٿين. (پوءِ اي مڪي جا مشرڪو! هي سڀ ڪجهه اوهان جي اکين جي سامهون ٿيو، سو اوهان حق سان ٽڪر کائڻ لاءِ طاقت جي ڪهڙي گهمنڊ ۾ آهيو).

سورت القريش

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي.

رڪوع ١ آيت ١ ـ تا ـ ٣

پنهنجي مالڪ جي عبادت ڪريو، جنهن بک کان ڪاڏو ڏنو ۽ ڊپ کان بچايو.

(١) قريشن کي چاهه ڏيڻ جي ڪري، (جو اهي ڪعبي جا متولي آهن.) (٢) (ان عزت ۽ احترام جو نتيجو آهي جو چوڏاري قبيلن ۽ ملڪن انهن کي) سياري ۽ اونهاري جي مسافريءَ سان انهن (جي قافلن) کي چاهت سان (حفاظت ۾) رکيو آهي. (٣) (ليڪن قريشين ان ڪعبي جي امين بنجڻ واري ذميواريءَ کي وساري ڇڏيو آهي،) سو کين جڳائي ته اهي هن گهر جي مالڪ جي

عبادت ڪن. (٤) جنهن انهن کي (ڪعبي جي ڪري تجارت ۾ سهولت ڏيئي) بک کان ڪاڏو ڏنو ۽ (قبيلن جي قرلت جي) ڊپ کان بچايو. (تہ جيئن مطمئن ٿي ڪعبي کي خدائي نظام جو مرڪز بنائن.)

سورت الماعون

بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي.

رکوع ١ آيت ١ ـ تا ـ ٧

جيکي ماڻهو انسانيت جا ڪم نہ ٿا ڪن ۽ ڏيکاءَ لاءِ نماز پڙهن ٿا تن لاءِ ويل آهي

(١) (اي پيغمبر!) ڇا تو ان کي ڏٺو جو (زبان سان تہ اطاعت جو اقرار ڪري ٿو، پر عملن جي) بدلي ملڻ واري ڏينهن کي ڪوڙو ڪري ٿو. (٢) پوءِ هي (اطاعت جو ڪوڙو دعويدار ۽ بدلي جي ڏينهن جو منڪر) اهو آهي، جيڪو يتيم (جون ضرورتون پوريون ڪرڻ بجاءِ ان) کي لوڏي ٿو. (٣) ۽ مسڪين کي (پاڻ بہ ڪاڏو نٿو ڪرائي ۽ ٻين کي بہ) ڪاڏي ڪرائڻ جي رغبت نہ ٿو ڏي. (٤) (انسانيت جي ڪمن ۾ ڪنڊ اهو ماڻهو پاڻ کي ديندار ظاهر ڪرڻ لاءِ ٻنا اخلاص واري نمازن تي زور ٿو ڏئي) پوءِ ويل انهن نمازين لاءِ هجي. (٥) جيکي پنهنجيءَ نماز (جي روح ۽ مقصد) کان غافل آهن. (٦) جيکي ڏيکاءُ ڪن ٿا. (نمازون هن لاءِ پڙهن ٿا تہ، پاڻ کي ٻلهي ديندار جو دلبو ڏين ۽ ماڻهو انهن کي نيڪ نمازي چون). (٧) (ساڳي وقت هوڏانهن سندن حالت هيءَ آهي جو ضرورت جي عام ۽ معمولي) نہ روکڻ جهڙين شين (کي بہ ٻين کان) روکين ٿا.

سورت الکوثر – مکي (٣) آيتون

بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي.

رکوع ١ آيت ١ ـ تا ـ ٣

تون پنهنجي پالينڙ لاءِ نماز پڙهہ ۽ قرباني ڪر.

(١) (اي پيغمبر!) بيشڪ اسان تو کي (قرآن جهڙي نعمت جي) تمام وڏي پلائي ڏني آهي. (٢) پوءِ تون پنهنجي پالڻهار جي (پالڻهاريءَ کي عام ڪرڻ جي فرض ادائگي) لاءِ نماز پڙهہ ۽ قرباني ڪر! (٣) بيشڪ تنهنجو دشمن ئي بي نسل آهي. (جو ان جو نالو نشان منجي ويندو).

سورت الكافرون

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي.

رڪوع ١ آيت ١ ـ تا ـ ٦

اوهان لاءِ اوهان جو دين ۽ منهنجي لاءِ منهنجو دين آهي.

(١) (اي پيغمبر! انهن ڪافرن کي) چئو تہ، اي ڪافرؤ! (منهنجو ۽ توهان جو طريقو هڪ نڏو ٿي سگهي). (٢) (توهان جا ۽ منهنجا رستا، منزل ۽ مقصود الڳ الڳ آهن) آءٌ ان جي عبادت نڏو ڪريان جنهن جي (ذهن جي تراشيل سوين جيئرن ۽ مئلن معبودن جي) اوهين عبادت (۽ پيروڪاري) ڪريو ٿا. (٣) ۽ نڪي اوهين ان جي عبادت ڪريو ٿا، جنهن (اڪيلي خالق ڪائنات) جي آءٌ عبادت (۽ پيروڪاري) ڪريان ٿو. (٤) (معبودن متعلق اسان جو اهو اختلاف عارضي ناهي، بلڪ بنيادي ۽ اصولي آهي سو) نہ آءٌ ان جي عبادت ڪندس، جنهن جي اوهان عبادت ڪئي. (٥) ۽ نہ اوهين ان جي عبادت (۽ پيروڪاري) ڪندؤ جنهن جي آءٌ عبادت (۽ ان جي قانونن جي پيروڪاري) ڪريان ٿو. (٦) اوهان لاءِ اوهان جو دين ۽ مون لاءِ منهنجو دين آهي. (نتيجا پاڻهي پڌاڻيندا تہ ڪاميابي ڪنهن جي حصي ۾ اچي ٿي).

سورت النصر

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي.

رڪوع ١ آيت ١ ـ تا ـ ٣

تون ماڻهن کي جٿن جا جٿا ٿي الله جي دين ۾ گهڙندو ڏسندين.

(١) (اي پيغمبر! تون خالق ڪائنات جي اطاعت واري مشن کي جاري رک) پوءِ جڏهن الله جي مدد اچي ۽ (مڪي جي) فتح ٿئي. (٢) ۽ ماڻهن کي ٽولن پنيان ٽولا ٿي ڪري الله جي دين ۾ گهڙندو ڏسين. (٣) تڏهن تون پنهنجي پالڻهار جي تسبيح ۽ حمد ڪر (پوءِ دين جي غلبي لاءِ سرگرم ٿيءُ) ۽ (ڪنهن غير شعوري ڪمي بابت بہ) ان کان معافي گهر. بيشڪ اهو توبہ قبول ڪندڙ آهي.

سورت اللهب

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي.

رڪوع ١ آيت ١ ـ تا ـ ٥

پيغمبر جي سخت دشمنن جي حالت.

(١) ابولهب (قريشين جي معاشرتي ۽ اقتصادي خرابين جي وڏي ڪارندي) جا هٿ ٻڌا ۽ پاڻ برباد ٿيو. (٢) ان کي سندس مال ۽ سندس ڪمائي (جنهن جي ڏي تي هو حق جي مخالفت ڪندو هو) ڪجھ بہ نہ ڪم نہ آيو. (٣) سگھوئي هو ان ٻڑڪندڙ باھ ۾ گھڙندو. (٤) ۽ سندس زال بہ جا (ساڻس سازشن ۾ شريڪ هئي ۽) هاڻي جھنم جو ٻارڻ) ڪاڌيون پٽيءَ تي ڪنيو ڦري ٿي. (٥) (تون ڏسندين تہ اها آڪڙيل) سندس ڳچي ڪاپر جي رسي ۾ (ڪسيل) هوندي.

سورت الاخلاص

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي.

رڪوع ١ آيت ١ ـ تا ـ ٤

اهو الله اڪيلو آهي ۽ ان جي ذات بي پرواھ آهي.

(١) (اي پيغمبر! تنهنجي مڃيندڙن لاءِ بنيادي نقطو الله تعاليٰ جي عظمت آهي، ڪين) چئون تہ، الله پنهنجي ذات ۾ صفتن ۾ اڪيلو ئي آهي. (٢) الله پاڻ بي پرواھ آهي. (باقي سيڀئي زندگي ۽ اوسر جي لاءِ سندس محتاج آهن. (٣) نہ (ڪنهن کي) ڄڻيو اٿس ۽ نہ ان کي ڪنهن ڄڻيو آهي. (بلڪ سيني کي توليد جي بجاءِ تخليق جي عمل سان پيدا ڪيو اٿس). (٤) ۽ ان جو (همسر يا ان جو مثال يا ان جو) مٽ آهي ئي ڪونہ.

سورت الفلق

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي.

رکوع ١ آيت ١ ـ تا ـ ٥

حسد کندڙن جي بچڑائيءَ کان پناھ.

(١) (اي پيغمبر!) چئو تہ، صبح جي (مالڪ ۽) پالڻهار جي پناھ ۾ اچان ٿو. (جيڪو سڀني مخلوق کي ان وقت پنهنجي پالڻهاريءَ جي پاڪر ۾ ونڊي ٿو. (٢) انهن جي بچڑائيءَ کان (ان جي پناھ ۾ اچان ٿو) جن کي پيدا ڪيو اٿس. (٣) ۽ اندڀري رات جي بچڑائيءَ کان جڏهن چانئجي وڃي ٿي. (جنهن ۾ حق جون مخالف قوتون ويهي سازشون تيار ڪن ٿيون.) (٤) ۽ ڳنڍيين ۾ ڦوڪيندڙ (مخالف قوتن) جي بچڑائيءَ کان (جيڪي عقيدن ۽ ارادن کي غلط بياني ۽ پروپيگنڊا جي نفيس حيلن ذريعي بدلائڻ گهرن ٿيون. (٥) ۽ حسد ڪندڙ جي بچڑائيءَ کان جڏهن حسد ڪري ٿو.

سورت الناس

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي.

رکوع ١ آيت ١ ـ تا ـ ٦

وسوسي وجهندڙ جي بچڑائيءَ کان پناھ.

(١) (اي پيغمبر!) چئو تہ، آءٌ انسانيت جي (اڪيلي) پالڻهار جي پناھ ۾ اچان ٿو. (توحيد في الربوبيت). (٢) ماڻهن جي اڪيلي حاڪم جي پناھ ۾ اچان ٿو (توحيد في الصفات). (٣) ماڻهن جي اڪيلي معبود جي پناھ ۾ اچان ٿو. (توحيد في العبادت). (٤) (۽ دلين ۾) وسوسي وجهندڙ جي بچڑائيءَ کان (جيڪو پردي پويان توحيد جي ٿنهي اطاعتن جي باري عقيدن کي ڪمزور ڪرڻ جي ڪوشش ڪندڙ) آهي. (٥) جيڪو (مختلف جماعتن ۽ نظرين جي آڙ ۾ ٿنهي اطاعتن خلاف) ماڻهن جي دلين ۾ وسوسا وجهي ٿو. (٦) جنن (لکيل قوتن ۽ طريقن) مان هجي يا ماڻهن (جي جوڙيل گمراھ طريقن) مان هجي. (الله! تنهنجي اطاعت واري رستي تي هلڻ لاءِ ماڻهن ۽ گروهن جي سيني چالبازين ۽ رکاوٽن کان پناھ).